روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

ايڈورڈ گبن

(ياگوپيو)

THE DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE

EDWARD GIBBON

سنڌيڪار:
عنايت بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ

روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

ايڊورڊ گبن

(پاڻ پيو)

سنڌيڪار:

عنايت بلوچ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2012ع

[ڪتاب جي سنڌي ترجمي جا سمورا حق واسطا اداري وٽ محفوظ]

چاپو پهريون آڪٽوبر 2012ع تعداد هڪ هزار

هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي سالياني ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 06-2005ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ست سؤ رپيا

[Price Rs.700.00]

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ميسرز نعيم پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ مان الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو.

چپائيندڙ پاران

هيءُ ڪتاب برطانيہ جي جڳ مشهور محقق ايڈورڈ گِبن جي تاريخي ڪتاب THE DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE جو سنڌي ترجمو آهي. هن ڪتاب کي برطانيہ جي وڪٽورين دور ۾ تاريخ نويسيءَ جي هڪ عظيم شاهڪار طور تسليم ڪيو ويو ۽ هن ڪتاب جو شمار دنيا جي عظيم ڪتابن ۾ ٿيڻ لڳو. هن اهم ۽ تاريخي ڪتاب جو سنڌي ترجمو سنڌي ادب جي نامياري ليکڪ ۽ شاعر محترم عنايت بلوچ صاحب وڏي محنت سان سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري هڪ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ شروع کان ئي ادب، تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت تي اعليٰ درجي جا معياري ڪتاب شايع ڪندو رهيو آهي ۽ ان کان علاوه پرڏيهي ادب جي ڪيترن ئي معياري ڪتابن جا سنڌي ۾ ترجما ڪرائي ۽ انهن اهم ۽ معلوماتي ڪتابن کي شايع ڪري بورڊ پاڻ ملهايو آهي. پرڏيهي ادب جي تاريخي ڪتابن مان "روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" هڪ اهم ۽ بين الاقوامي شهرت يافتہ ڪتاب آهي، جنهن جو پهريون پاڳو ڊسمبر 2010ع ۾ بورڊ طرفان ڇپجي منظرِعام تي آيو ۽ هاڻي هن عالمي سطح جي تاريخي ڪتاب جو ٻيو پاڳو آئون پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي مفيد مشورن سان منهنجي رسنمائي ڪري اشاعتي مرحلي کي آسان ڪيو.

اميد آهي تہ، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو پڙهندڙن وٽ مانُ لهندو.

16- ذوالقعد 1433هـ
4- آڪٽوبر 2012ع

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

سنڌيڪار پاران....

"روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو" جو ٻيو جُلد مهربان پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن جي هر باب جي اهميت، هڪ تاريخي حقيقت جي آئيني مثل آهي جنهن ۾ روم جي شهنشاهت جي صدين جي تاريخ کي چگيءَ طرح ڏسي ۽ پسي سگهجي ٿو، پر هن سڄي ڪتاب جو باب پنجاهون، جيڪو طويل ترين ۽ تفصيلي باب آهي، جي نرالي خصوصيت ۽ تمام وڏي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته هن باب ۾ اسلام جي مذهب، قرآن پاڪ جي تعليم ۽ ختم المرسلين مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جي اعليٰ ترين انساني عظمت بابت اُهو ڪجهه لکيل آهي جيڪو شايد گهٽ ڪتابن ۾ اهڙي انداز سان لکيل هجي. ٻنهي جهانن جي وارث ۽ وسيلي، ڪارڻي ۽ رحمت اللعٰلمين لاءِ، هن ڪتاب جو مصنف ايڈورڈ گِبن، جيڪو هڪ ڪٽٽولڪ عيسائي هيو، باب پنجاهين ۾ پنهنجي راءِ جو اظهار هن ريت ٿو ڪري:

"حضرت موسيٰ ؑ توڙي حضرت عيسيٰ ؑ جن جي مذهبي عقيدي ۽ تعليم موجب، مستقبل جي پيغمبر جي آمد تي هر طرف خوشيءَ جي لهر ڇانيل هئي، جيڪو اُنهن کان ٻ وڌيڪ نامياروَ ۽ عظيم هوندو، ۽ اهڙيءَ طرح جيڪو واعدو انجيل پاڪ ۾ ڪيل هو ته هڪ "شفا ڏيارينڊڙ مقدس روح" ايندو يا وري روح القدس کان اڳ پنهنجون نشانيون نروار ڪندو ته **"اُهو واعدو عظيم مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جي روپ ۾ سندن آمد تي پورو ٿيو جيڪو سڀني پيغمبرن کان مٿاهون، عظيم تر ۽ ختم المرسلين يا الله جو آخري پيغمبر آهي."**

ساڳئي باب ۾ ايڈورڈ گِبن اسان جي پياري پيغمبر، جيڪو خوبين جي ڪاڻ هو، جي واکاڻ خوبصورت لفظن ۾ هن طرح بيان ڪئي آهي:

"مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن بيحد حسين شخصيت جا مالڪ هيا، محفل ۾ سندن موجودگي ايتري ته اثرائتي ۽ ڪشش ڪندڙ هوندي هئي جو ماڻهو کين داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهندا هيا. سندن پُروقار طريقو، رعبدار نظرون، منهن مبارڪ تي سدائين منڊي مُرڪ، سندن سونهن واري ريش مبارڪ ۽ سندن من موهيندڙ چهرو جنهن جو اثر هر ماڻهوءَ جي روح تائين پهچندو هو. زندگيءَ سان تعلق رکندڙ هر ڪم ۾ سنجيده ۽ بااخلاق هوندا هيا ۽ هر ماڻهوءَ سان مهرباني سان پيش ايندا هيا، غريبن ۽ مسڪينن ڏانهن پرپور توجهه ڏيندا هيا ۽ اُنهن جا مسئلا وجي معلوم ڪندا هيا ۽ ماڻهن سان گڏالهائڻ بولهائڻ ۾ سِڌا سنوان ۽ ڪُليل هوندا هيا. سندن يادگيريءَ جي صلاحيت تعريف لائق هئي، سندن ذهانت آسان ۽ سماجي پلائي واري هئي. سندن خيالن جي پهچ تمام بلندي واري، سندن راءِ

واضح، کليل ۽ فيصلائتي هوندي هئي ۽ خيالن کي عملي جامو پهرائڻ جي منجهن پوري صلاحيت هوندي هئي.....“

گِبن نہ رڳو دنيا جي آخري ۽ اولوالعزم پيغمبر ﷺ جي تعريف ٿو ڪري پر خود عيسائي هوندي بہ عيسائي مذهب تي خاص طرح ٽِن جي ايڪي (تثليث جي نظريئي) جي حوالي سان ڪڙي تنقيد ٿو ڪري. باب پنجاهين ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

”اسرائيل جو نسل هاڻي انسانن وارو نہ رهيو هو ۽ دنيا جا مذهب، نئين پيغمبر جي نظرن ۾، ان نُقطي تي قصوروار ضرور هيا جن الله تعاليٰ جي پاڪ ذات کي پُٽ، ڏيئرون يا ساڻي ڏئي چڏيا هيا. مذهب ۾ فتنو پيدا ڪندڙن جو هڪ گروهہ عربستان ۾ بہ پيدا ٿي ويو هو جن بيبي مريم پاڪ کي ديوي جو لقب ڏنو هو ۽ ’ٽِن‘ جو مونجهارو پيدا ڪيو هو جيڪو خدائي وحدت جي اٽل حقيقت جي اصول جي نفي ڪري ٿو. انهي عقيدي مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ اهڙو عقيدو رکندڙ، ٽن هڪ جهڙن خدائن کي دنيا اڳيان پيش ڪن ٿا ۽ حضرت عيسيٰ ؑ جيڪو هڪ انسان هو، کي الله جو پٽ ڪري ڄاڻائن ٿا. پر مُحَمَّد ﷺ جن جو مذهب اهڙي ڪنهن بہ شڪ يا مونجهاري کان آجو ۽ پاڪ آهي ۽ قرآن، الله پاڪ جي وحدانيت جي شاندار شاهدي ڏئي ٿو. هڪ اهڙو فيلسوف، جيڪو خدا جي وجود کان بہ انڪاري آهي، اُهو بہ شايد مُحَمَّد ﷺ جن جي عقيدي کي مڃڻ ۾ دير نہ ڪندو - هڪ اهڙو اُتاهون فلسفو جيڪو شايد اسان جي ذهني سطح کان بہ گهڻو مٿيرو آهي.“

” قرآن پاڪ الله تعاليٰ جو نِــج ڪلام آهي.“

هن سلسلي ۾ گِبن اسان کي هينئن ٿو ٻڌائي:

”مُحَمَّد ﷺ جن قرآن جي ايڈيٽر جي حيثيت ۾ ان جي سادگي واري اوچي ڪردار بابت مطمئن هيا تہ ان جو روح اصل شڪل ۾ برقرار رهيو هو ۽ سندن پنهنجي ذات توڙي سندن سيني عقيدتمندن کي يقين هو تہ قرآن تخليق ڪيل نہ پر اصل ۽ دائمي هو جيڪو الله پاڪ جو ڪلام ۽ سندس اصلي جوهر مان نڪري دنيا ۾ نازل ٿيو هو ۽ جيڪو روشنيءَ جي قلم سان لکجي، دائمي فرمانن جي صورت ۾ انسان ذات آڏو آيو هو.“

مطلب تہ هن جُلد جو باب پنجاهون وري وري پڙهڻ وٽان آهي جنهن ۾ عربستان جي تاريخ، جاگرافي، عربن جي رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب تمدن، اسلام جي أتاهن اصولن، ۽ حضور پاڪ ﷺ جن جي رسالت، پنجتن پاڪ، چئن پاڪ خليفن ۽ ٻين اسلامي عظمت جي منارن بابت دليلن سان گڏ مفيد معلومات پڻ ڏني وئي آهي.

هن جلد جي باب ستونجاهين ۾ گِبن، هندستان جي فاتح محمود غزنوي توڙي مجموعي طور مسلمان مجاهدن جو ذڪر ڪهڙن نہ خوبصورت لفظن ۾ ڪيو آهي: ”لي موسمون ڪيڏيون بہ خراب چو نہ هجن، يا جبل پلي ڪيتري بہ اوچائيءَ وارا هجن، نديون پلي وڏيون ۽ ويڪريون هجن، صحرا ۽ رڻ پٽ پلي ويران هجن ۽ دشمنن جا پلي ڪيڏا بہ وڏا لشڪر چو نہ هجن ۽ پلي مخالفن جي فوج ۾

هيبتناڪ هاٿي هجن جيڪي جنگ ۾ وڙهڻ جي ڪيڏي به مهارت چونہ رکندا هجن، پر مسلمان مجاهد ڪنهن به خوف خطري کان ڌڃڻ ۽ هيسجڻ وارا هرگز نہ هيا. غزني جي سلطان، سڪندراعظم جي فتحن کي به مات ڏئي ڇڏي هئي."

ساڳئي باب ۾ ترڪيءَ جي بن عظيم حڪمرانن جن کي سلطان چيو ويندو هو، جو ذڪر ڪيو ويو آهي. پهريون اَلپ ارسلان ۽ ٻيو مالڪ شاهہ آهي. مالڪ شاهہ جو ذڪر ڪندي گِبن لکي ٿو: "اهڙي وقت ۾ جڏهن يورپ سخت جهالت ۽ جهنگلي پڻي جي اونداهين ۾ غرق هو، تڏهن ايشيا جي شهرن ۾ روشنيون ۽ رونقون موجود هيون ۽ اهو ڪارنامو ترڪ فاتحن جي علم ۽ ڄاڻ جو گهڻ پر سندن حلم ۽ فرمانبرداريءَ جو وڏيڪ آهي. سندس حڪومت جي دؤر ۾ امن امان بحال رهيو ۽ رعيت جا ماڻهو بيحد سکيا ستابا هيا. ايشيا جي شهرن کي مسجدن، محلاتن، ڪاليجن ۽ اسپتالن جي تعمير سان سينگاريو ۽ سنواريو ويو. سلجوقن جي دؤر ۾ زبان توڙي فارس جي علم ۽ ادب کي ٻيهر جياريو ويو ۽ فلڪيات جي ماهرن جي مشاورت سان ڪئلينڈر کي صحيح ڪيو ويو."

هن جُلد جي بن بابن يعني انونجاهين ۽ اوڻهنڌين ۾ صليبي جنگين جو تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. مسلمانن جي عظيم سپوت ۽ نورالدين زنگي جي ڪمانڊر صلاح الدين ايوبي جو ذڪر ڪندي گِبن لکي ٿو:

'صلاح الدين سادگيءَ سان زندگي گذاريندو هو، طبيعت ۽ سُڀاءُ ۾ وٺندڙ ۽ پنهنجن ملازمن ۽ نوڪرن سان به صبر ۽ سهڻي ورتاءَ سان پيش ايندو هو. سندس ڪردار ايڏو ته عظيم هو جو عيسائي به ڪيس عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندا هيا. جرمني جو شهنشاهہ پڻ سندس دوستيءَ تي ناز ڪندو هو. يونان جي شهنشاهہ ساڻس ايڪو ڪيو ۽ قريبي رشتا بحال ڪري ڇڏيا. جيروسلم جي فتح سندس شهرت کي، هوا جي صورت ۾ اوپر ۽ اولهہ جي ملڪن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هر طرف ڦهلائي ڇڏيو هو. پرهيزگاريءَ ۾ هو پنهنجي پياري پيغمبرؐ جي پرپور پيروي ڪندو هو، عقيدت ۽ عمل ۾ هو پڪو مسلمان هو. انسانيت جي عظيم ڪارنامن سبب صلاح الدين جو ڪردار، اسان کان سندس تعريف ۽ محبت جي تقاضا ٿو ڪري.'

ساڳي وقت گِبن، نورالدين زنگي جي به بيحد تعريف ڪئي آهي ۽ ٻين ڪيترن ئي مسلمان سپهہ سالارن جي زندگين جا احوال هن جُلد ۾ آيل آهن، جن جي مطالعي سان پڙهندڙ جي دلچسپي ويتر وڌي ويندي.

29- مئي، 1453ع جو ڏينهن، دنيا جي اهم تاريخن ۾ هڪڙو يادگار ڏينهن هو جڏهن ترڪيءَ جو جوشيلو ۽ جذبن سان پرپور سلطان محمّد-II، عيسائين جي وڏن لشڪرن ۽ سندن اتحادين جي گڏيل طاقت کي جنگ جي ميدان ۾ ڪليل شڪست ڏيئي قسطنطنيہ جو حاڪم بڻجي ويو. هن جنگ جو داستان دلچسپ ۽ حيران ڪندڙ آهي جيڪو باب انهنئين ۾ تفصيل سان بيان ڪيل آهي.

ڪتاب جي هن حصي ۾ پيار ۽ محبت جا دل وندرائيندڙ قصا ۽ آهن جن کي مصنف ۽ سؤ ٽيهه-چاليهه سال اڳ جي شايد حياداريءَ واري دؤر ۾ ڪافي نرم لهجي ۽ ڏيمي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي. باب پنجٽيهين ۾ هڪ چوڪري آنريا جي پيار جا داستان پڙهڻ وٽان آهن جيڪا مختلف مردن جي ياڪُرن کان گذرندي آخرڪار هُنن (HUNS) جي ظالم ۽ جابر بادشاهه اٽيلا جي راڻي بڻجي وڃي ٿي. اٽيلا اهڙو ته جابر شخص هو جنهن جي تڪبر جي سلسلي ۾ هڪ چوڻي گهڻي مشهور ٿي هئي ته: "جنهن ۽ زمين جي ٽڪري تي اٽيلا جي گهوڙن جا سُنبَ لڳا هوندا ته اُتي گاهه ٻيهر ڪڏهن ۽ نه ڦُٽو هوندو."

هن جلد جي باب ستٽيهين ۾ راهبن، سنياسين ۽ خانقاهي زندگي گذارڻ وارن جا داستان بيحد دلچسپ ۽ انوکا آهن. هي اُهو گروهه هو جن دنيا دولت کي ترڪ ڪري خوشين ۽ عياشين کي ڇڏي ڏنو هو، شراب نوشي، گوشت کائڻ ۽ شادين ڪرڻ کي ۽ ڇڏي ڏنو هيائون. پنهنجي ٿَن بدن کي تسيا ۽ سزائون ڏيڻ شروع ڪيائون ۽ ظاهري پيار ۽ عشق جي جذبن کان جڙ آجا ٿي چڪا هيا ۽ اندروني ۽ روحاني خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ تڪليفن، ڏکن ۽ اذيتن ۾ گذارڻ لڳا ۽ تارڪ الدنيا ٿي رڻ پٽ وڃي وسايائون، جتي ظاهري دنيا وارن کان ڪوهين دور ٿي اڪيلائيءَ جي زندگي گذارڻ لڳا.

جڏهن مون هي داستان پڙهيو ته مون کي لاکيڻي لطيف جو سُر رامڪلي ذهن تي تري آيو جنهن جي هرهڪ بيت ۾ اهڙن ئي سنياسين ۽ ويراڳين جي تصوير هوبهو چٽيل آهي. نموني طور هتي فقط هڪ بيت لکان ٿو:

بُک وڃائون بگرئين، جوڳي ڪندا جُج،
طلب نه رکن طعام جي، اوتيو پين اُج،
لاهوتين لطيف چئي، من ماري ڪيو مُج،
سامي جهاڳي سُج، وَسنئون کي ويجها ٿيا.

اڄا ۽ تمام گهڻيون ڳالهيون، گهڻا داستان ۽ ڪيئي قصا آهن جنکي ڪتاب ۾ تفصيل سان پڙهڻ ۾ پڙهندڙ کي وڏيڪ لطف ايندو ۽ ڪتاب جي مڪمل مطالعي لاءِ سندس دلچسپي ويتر وڌي ويندي.

گِبن پنهنجي ڪتاب جي ايڪهترئين يا آخري باب ۾ روم جي شهنشاهت جي تباهيءَ جا ڪيترائي ڪارڻ ڄاڻايا آهن جن مان سڀني کان وڏيڪ زوردار سبب رومين جي اندروني خانه جنگين، اختلافن ۽ بربرن ۽ عيسائين جي لُٽ مار کي ڄاڻايو ويو آهي. گِبن لکي ٿو: "هر اُها شئي يا نقش نگار جا لاجواب ۽ نادر نمونا جيڪي ان وقت ڪٿي سگهڻ جهڙا هيا، جيئن ديوتائن ۽ سورمن جا مجسما، مهانگا ڳهه زيوَر جن تي چٽسالي ٽيل هئي ۽ جن کي پتل مان ناهي اُنهن کي سون ۽ چانديءَ جي جڙاوَٽ سان سينگاريو ويو هيو، اُهي نايابَ ۽ اَملهه فنپارا، فاتحن، جنونين، بربرن ۽ عيسائين جي لوڀ ۽ لالچ جي ور چڙهي ويا."

روم جي تباهيءَ تي ان وقت جي تاريخدان ۽ اديب پيٽرارچ کيڏو نہ خوبصورت لکيو آهي:

"**اي روم**! مون کي تنهنجي تباهيءَ جي منظرن کي ڏسي خوشي فقط انکري ٿئي ٿي تہ تنهنجي بربادي‌ءَ ۾ بہ تنهنجي عظمت جا آثار کيڏا نہ نمايان آهن."

اڳتي هلي پيٽرارچ لکي ٿو:

"روم جي تبرکن ۽ سندس عظمت جي نشانين ڏي نهاريو! نہ وقت جو وهکرو ۽ نہ بربرن جا حملا سندس بربادي‌ءَ جي دعويٰ کري سگهيا، پر اهو کارنامو سندس پنهنجن شهرين سرانجام ڏنو ۽ سندس پنهنجي ڌرتيءَ جي پُٽن ان کي تباهہ کيو، افسوس جو اڄ نئپلس، جيکو ماربل جي ٽنين ۽ ديوارن سان سينگاريل هوندو هو ۽ جنهن جي چانئٹ ۾ اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ شاندار مندر نظر ايندا هيا، اڄ اُتي هر طرف ويراني ۽ خاموشي آهي ۽ اهو منظر بيحد ڏکوئيندڙ، مجرماڻو ۽ شرمندگي وارو آهي."

ان ۾ کوبہ شک ناهي تہ چند بين عظيم تهذيبن وانگر روم جي تهذيب جو ڏاکو بہ ملکن ۾ مشهور هو، پر چوندا آهن تہ هر کمال کي زوال ضرور ايندو آهي تہ روم جي تهذيب بہ زوال پذير ٿيندي ٿيندي نيٺ ختم ٿي وئي. هاڻي فقط ان جي قديمي عظمت جون ڳالهيون کرٹيون آهن جيکي فلمن ۾ ڏيکاريون ۽ کتابن ۾ لکيو ويون آهن.

روم جي زوال ۽ خاتمي تي انگريزي توڙي بين ٻولين ۾ کيترائي کتاب لکيا ويا آهن پر سيني کان وڌيڪ مستند گِبن جي هن کتاب کي مڃيو ويو آهي. جيکو ورلڊ کلاسکس ۾ پڻ شامل آهي. مون کي بهرحال خوشي آهي، تہ روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي تي، پهرئين سنڌي ترجمي پيش کرڻ جو اعزاز حاصل کري رهيو آهيان جنهن ۾ مون کي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جي ڀرپور همت افزائي ۽ بورڊ جي موجوده سيکريٽري جناب الهڏتي وگهيي جو پورو تعاون حاصل رهيو آهي.

أميد تہ سنڌ جا ماڻهو توڙي بين ملکن جا رهندڙ سنڌي هن تاريخي کتاب کي چاهہ سان پڙهندا.

وما توفيقي الاباللہ!

پينٹ هائوس، ايس.ايم ريزيڊنسي،
گرين هومز، قاسم آباد، حيدرآباد (سنڌ)

علم جو طالب
عنايت بلوچ

پنهنجي پاران

مون کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي ته سنڌي ادبي بورڊ پاران، گِبن جي مشهور معروف ڪتاب: THE DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE (**روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو**) جي ترجمي جي پهرئين جُلد ڇپجڻ کان پوءِ هاڻي ان جي ٻي پاڳي کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جي سنڌي ترجمي ڪرڻ جو اعزاز سنڌ جي سهڻي ۽ لاجواب شاعر ۽ اديب جناب عنايت بلوچ حاصل ڪيو آهي. هڪ اهڙو ڪتاب جيڪو اڄ کان 230-240 سال اڳ ڇپيو هو، جنهن جي ٻولي ۽ خاصي پيچيده ۽ ڏکي آهي پر عنايت بلوچ صاحب کي جَس هجي جو هن صاحب ان کي اهڙي ته روانيءَ سان پيش ڪيو آهي جو هي ڪتاب، ترجمو گهٽ پر ڇڻ سنڊس ئي تحرير ٻيو لڳي. اهڙي ڪامياب ۽ معياري ترجمي ڪرڻ تي آڻ عنايت صاحب کي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ گڏوگڏ مسٽر الهڏتو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ کي پڻ مبارڪ باد ڏيان ٿو جو ڪتابن جي ڇپائي ۾ وڏ ڪان وڏ دلچسپي ونڊي سڃا ۽ معياري ڪتاب شايع ڪرائي رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن شپ دؤران، هر ميٽنگ ۾ مون ترجمن جي اهميت تي زور ڀئي ڏنو آهي ڇو ته ترجمن ذريعي ئي بين الاقوامي ادب، تاريخ ۽ بين صنفن کي نه رڳو پنهنجي ٻوليءَ ۾ روشناس ڪرائي سگهجي ٿو پر پنهنجي ٻوليءَ جي دامن کي پڻ وسيع ڪري سگهجي ٿو.

مون کي اُميد آهي ته اسان جا ٻيا اديب ۽ پرڏيهي ادب، شاعري، فِڪشن توڙي تاريخي ڪتابن جي سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ پنهنجون ڪوششون جاري رکندا. بورڊ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ آڻ پنهنجي طرفان کين يقين ٿو ڏياريان ته هر معياري ترجمي کي بورڊ طرفان شايع ڪيو ويندو.

تاريخ: 25-09-2012

مخدوم جميل الزمان

چيئرمن

فهرست

	عنوان	صفحو
باب اڻاويهون	ڪفر جي مڪمل تباهي، عيسائين ۾ بزرگن ۽ برڪت پرين شين جي پوڄا جو رواج:	23
	باب اڻاويهون (حاشين بابت وضاحتون)	43
باب اُٽيهون	(خلاصو)	54
	ٿوڊوسيَس جي پُٽن ۾ روم جي شهنشاهت جو قطعي ورهاڱو- آرڪئڊيَس ۽ آنريَس جي حڪومتن جا دؤر- روفينَس ۽ استيليچو جو حڪومتي انتظام- بغاوت ۽ آفريڪا ۾ گِلدو جي شڪست.	
باب ٽيهون	گاٿن جي بغاوت، اُهي يونان کي ڦري تاراج ڪن ٿا، اَلارڪ ۽ رداگئسيَس اٽلي تي ٻه وڌا حملا ڪن ٿا. اُنهن حملن کي استيليچو ناڪام بنائي ٿو ڇڏي. جرمن جوڌا گال کي اُڪري اڇتي وڌن ٿا. استيليچو جي بيعزتي ۽ سندس موت.	55
	باب ٽيهون (حاشين باب وضاحتون)	88
باب ايڪٽيهون	(خلاصو)	103
	اَلارڪ طرفان اٽلي مٿان حملو، روم جي سينيٽ ۽ ماڻهن جا طور طريقا، ٽي دفعا روم جو فوجي گهيرو، آخرڪار گاٿن پاران ان کي ڦري تاراج ڪرڻ، اَلارڪ جو موت، گاٿن اٽلي کي خالي ڪري ڇڏيو، ڪانسٽنٽائن جو زوال، بربرن طرفان گال ۽ اسپين جو قبضو، برطانيہ جي آزادي.	
باب بٽيهون	(خلاصو)	104
	آرڪئڊيَس، اوير جي ملڪن جو شهنشاهہ، يوٽروپيَس جو حڪومتي نظام ۽ سندس بيعزتي، گيناس ۾ سياسي وڪوڙ، سينٽ جان ڪرسوسٽم کي ايذاءَ ۽ تڪليفون، ٿوڊوسيَس-II اوير جو شهنشاهہ، سندس پيٽ پلچيريا، سندس زال يوڊوسيا- فارس جي جنگ ۽ آرمينيا جو ورهاڱو.	

باب ٽيٽيهون (خلاصو) 105
آنريَس جو موت، وئلينٽينيَن-III اولهه جي ملڪن جو شهنشاهه، سندس ماءُ پلاسيديا جو حڪومتي نظام- ايٽيَس ۽ بونيفيس. وئندل آفريڪا کي فتح ڪن ٿا.

باب چوٽيهون هُنن (Huns) جي بادشاهه اَٽيلا جو ڪردار، سويون ۽ سندس محلات- ننديِ ٽوڊوسيَس جو موت- اوپر جي شهنشاهت لاءِ مَرسيَن جو مٿاهين مرتبي تي پهچڻ 106
باب چوٽيهون (حاشين بابت وضاحتون) 130

باب پنجٽيهون اٽيلا طرفان گال تي حملو- ايٽيَس ۽ وزيگاٿ سندس حملي کي ناڪام بڻائن ٿا- اٽيلا اٽلي تي حملو ڪري ان کي ماٺهن کان خالي ڪرائي ٿو- اٽيلا، ايٽيَس ۽ وئلينٽينين ٽئين جا موت 138
باب پنجٽيهون (حاشين بابت وضاحتون) 163

باب ڇٽيهون وئندلن جي بادشاهه جينسيرڪ طرفان روم کي تلراج ڪرڻ- سندس طرفان بحري جهازن جي ڦرمار- مغرب جي آخري شهنشاهن: مئڪسيمَس، ائويٽَس، ميجوريَن، سيورَس، انٽيميَس، اوليبريَس، گليسيريَس، نيپوس ۽ آگسٽولَس جو ترتيبوار گادي نشين ٿيڻ- مغربي شهنشاهت جو مڪمل خاتمو- اٽلي جي پهرئين بربر بادشاهه اوڊئِسر جي حڪومت. 175
باب ڇٽيهون (حاشين بابت وضاحتون) 219

باب ستٽيهون خانقاهي يا اڪيلائي جي زندگي جي شروعات واڌارو ۽ ان جا اثر- بربرن جو عيسائيت ۽ آريَن فرقن ۾ تبديل ٿيڻ- آفريڪا ۾ وئندلن ۽ اذيتون- بربرن مان آرين فرقي جو مڪمل خاتمو. 237
باب ستٽيهون (حاشين بابت وضاحتون) 267

باب اٺٽيهون (خلاصو) 284
ڪلووِس جي حڪومت ۽ سندس مذهبي تبديلي- اليماني، برگنڊيَنس ۽ وزيگاٿن خلاف سندس سويون- گال ۾ فرانس وارن جي موروثي بادشاهت- بربرن جا قاعدا ۽ قانون- رومين جي حالت- اسپين جا وزيگاٿ- سئڪسنس طرفان

برطانيہ جي فتح- اولهه ۾ رومي شهنشاهت جي خاتمي
بابت ماڻهن ۾ چوٻول.

باب اُٺيتاليهون 285
(خلاصو)
مشرق جا شهنشاهه- زينو ۽ اَنسٽئسيَس- هڪ آسٽروگاٿ
ٽوڊورڪ جو جنمُ، تعليم ۽ سندس پهريان فوجي معرڪا-
اٽلي تي حملو ۽ سندس سوپَ- اٽلي جي گاٿ شهنشاهت-
مغرب جي حالت- فوجي ۽ شهري حڪومت- سينيٽر
بيٽيَس- آخري ڪم ۽ ٽوڊورڪ جو موت.

باب چاليهون 286
(خلاصو)
وڏي جسٽن جي ترقي- جسٽينيَن جي حڪومت- (1) راڻي
ٿيوڊرا- (2) سرڪَس جا پاڳا ۽ قسطنطنيہ جي بغاوت (3)
ريشم جو نهڙ ۽ ان جو واپار (4) ناڻو ۽ ٽئڪسون (5)
جسٽينيَن جون عمارتون- سينٽ صوفيا جي چرچ - اوپر
جي شهنشاهت جي مورچہ بندي ۽ ان جون سرحدون
(6) اٿينس جي اسڪولن ۽ مئجسٽريٽن جي عهدن جو ختم
ٿيڻُ.

باب ايڪيتاليهون 287
(خلاصو)
اولهه ۾ جسٽينيَن جون سوپون- بيليسئريَس جو ڪردار ۽
سندس پهريان فوجي معرڪا- هڪ حملي ۾ هو آفريڪا
جي وئنڊل بادشاهت کي پنهنجي تابع ٿو بنائي- فتح حاصل
ڪرڻ تي شادمانا- گاٿن جي جنگ- هو سِسلي، نئپلس ۽
روم کي واپس ٿو وڃي- گاٿن طرفان روم جو گهيرو-
شڪست کان پوءِ سندن پاڃ ۽ نقصان- روينا جو پيش پوڻ-
بيليسئريس جو شان مان ۽ ڏاڪو- سندس اندروني
شرمساري ۽ بدقسمتيون.

باب بائيتاليهون 288
(خلاصو)
بربرن جي حالت- دنيوب جي ڪنارن تي لومبارڊن جي
آبادي- قبيلا ۽ اسڪلئوونيَنس جون حد ڏخليون- ترڪن
جو اصل نسل، شهنشاهت ۽ سندن سفارتخانا- ائوَرس جي
پاڃَ- فارس جو خسرو-I يا نوشيروان بادشاهه- سندس
حڪومت ۾ ماڻهن جي خوشحالي ۽ رومين سان جنگيون-

	ڪولچيَن يا لئزڪ جي جنگ- حبش جا ماڻهو.	
باب ٽيتاليهون	(خلاصو)	289
	آفريڪا ۾ فتنو فساد- ٽوٽيلا طرفان گاٿن جي بادشاهت جي بحالي- نقصان ۽ روم جي بحالي- نارسِس طرفان اٽلي جي مڪمل فتح- آسٽروگاٿن جو خاتمو- ٽرئنڪن ۽ اليماني جي شڪست- بيليسئريَس جي آخري سوپ، بيعزتي ۽ سندس موت- جسٽينين جو ڪردار ۽ سندس موت- پُڇڙ تارا، زلزلا ۽ وبا.	
باب چوئيتاليهون	(خلاصو)	291
	روم جي قانون بابت- بادشاهن جا قانونَ- ڊسيمور جون پارهن جدوَلون- عوام جا قانون- سينيٽ جا فرمانَ- مئجسٽريٽن ۽ بادشاهن جا فرمانَ- شهرين جا اختيارَ- جسٽينيَن جا قانونَ- مڪمل ضابطا، ناول (جسٽينين جا خاص قانون) ۽ سندس ارادا- (1) ماڻهن جا حق (2) شين جا حق (3) شخصي زخم ۽ ڪنيل قدم (4) ڏوهه ۽ سزائون.	
باب پنجيتاليهون	(خلاصو)	292
	ننڍي جسٽن جي حڪومت- ائوَرس جو سفارتخانو- ڊنيوب جي ڪنارن تي سندن آباد ٿيڻ- لومبارڊس طرفان اٽلي ڪي فتح ڪرڻ- ٽائبيريس جي حڪومت جو قائم ٿيڻ- مارِس بابت- لومبارڊس ۽ روينا جي گورنرن هيٺ اٽلي جون حالتون- روم جون تڪليفون ۽ سُورَ- گريگري-I جو ڪردار ۽ سندس مڪيہ پادري هئڻ جي حيثيت.	
باب چاليتاليهون	(خلاصو)	293
	خسرو يا نوشيروان جي مرڻ ڪان پوءِ فارس ۾ انقلابن جي لهر- سندس پٽ هرمز ڪي جيڪو هڪ آمر هو، تخت تان لاٿو ويو- خسرو-II جي پاڃَ ۽ پيهر بحالي- رومين لاءِ سندس احسانمنديءَ جا جذبا- ائوَرس جا خاقان- مارِس جي خلاف فوج ۾ بغاوت- سندس موت- فوڪَس جي آمريت - فارس جي جنگ- خسرو، شام، مصر ۽ ننڍي ايشيا ڪي پنهنجي فرمان هيٺ آڻي ٽو- ائوَرس ۽ فارسين طرفان قسطنطنيہ جو گهيرو- فارس وارن جا فوجي معرڪا- حرقل (هيراڪليَس) جون سوپون ۽ سندس اعزاز.	

باب ستيتاليهون (خلاصو) 294
روحاني شئي جي جسماني روپ ونڻ جي فلسفي جي مذهبي تاريخ- حضرت عيسيٰ جي انساني ۽ خدائي فطرت- سڪندريه ۽ قسطنطنيه جي بزرگن جي وچ ۾ دشمنيون- سينٽ سائرل ۽ نيسٽوريَس- اِفيسَس جي ٽين عام مجلس- يوٽئچيَس جي لاديئيت- ڪالسيڊن جي چوٽين عام مجلس- شهري ۽ ڪليسائي تفرقا- جسٽينين جي اَسهپ يا ڪٽرپڻو- ٽي بابَ- حضرت عيسيٰ بابت اختلاف- اوير جي فرقن جي نوعيت ۽ حالت- (1) نستوري (2) اسرائيلي (3) مئرونائيٽس (4) آرمينيا جا عيسائي (5) مصري عيسائي (6) حَبش جا عيسائي.

باب اڻيتاليهون (خلاصو) 296
آخري بن جلدن لاءِ رٽا يا تجويز- حرقل (هيراڪليس) جي وقت ڪان وني لاطيني فتح تائين قسطنطنيه جي يوناني شهنشاهن جي تخت نشيني ۽ سندن ڪردار.

باب اُڻونجاهون (خلاصو) 297
بُتن جو تعارف، اُنهن جي پُوجا ۽ اُنهن کي اذيتون پهچائڻ- اٽلي ۽ روم ۾ بغاوت- پادرين جي دنياداري واري حڪمراني- فرئنڪن طرفان اٽلي جي فتح- بُتن کي آباد ڪرڻ- چارليمئگني جو ڪردار ۽ سندس تاجپوشي- اولهه ۾ روم جي شهنشاهت جي بحالي ۽ زوال پذيري- اٽلي جي آزادي- جرمن سرشتي جو آئين.

باب پنجاهر عربستان ۽ ان جي رهواسين جو احوال: مُحَمَّد مصطفيٰ (ﷺ) جن جو جنمُ- سندن ڪردار ۽ نظريو- پاڻ مڪي ۾ تبليغ ڪن ٿا- مديني ڏي هجرت ڪن ٿا- پنهنجي مذهب کي قرار ذريعي ڦهلائن ٿا- متضاد جذبن سان عربن جي فرمانبرداري- سندن لاڏاٽو ۽ جانشين- حضرت علي ۽ سندن اولاد جون دعوائون ۽ سندن نصيب. 299
باب پنجاهون (حاشين بابت وضاحتون) 362

باب ايڪونجاهون (خلاصو) 391
عرب يا عرب مسلمانن طرفان فارس، شام، مصر، آفريڪا ۽ اسپين جي فتح، خليفن يا مُحَمَّد ﷺ جي جانشينن جي

شهنشاهت (خلافت) سندن حڪومت ۾ عيسائين جي حالت.

باب پاونجهاهون 393 (خلاصو)

قسطنطنيه تي عربن جا به حملا- فرانس تي حملو ۽ چارلس مارٽل طرفان سندن شڪست- بنواميه ۽ بنو عباس جي خانه جنگي- ڪريٽ، سسلي ۽ روم تي ساموندي چڙهايون- خليفن جي شهنشاهت جو زوال ۽ ان جو ورهاڱو- يونان جي شهنشاهن جون شڪستون ۽ سوڀيون.

باب ٽيونجاهون 394 (خلاصو)

ڏهين صدي عيسوي ۾ اوڀر جي شهنشاهت جي حالت- سندس وُسعت ۽ ورهاست- دولت ۽ آمدني- قسطنطنيه جو مَحل- لقبَ ۽ عُهدا- شهنشاهن جي طاقت ۽ سندن ديدبو- يونانين، عربن ۽ فرئنڪن جي حڪمت عملي- لاطيني زبان جو ڪمزور ٿيڻ- يونانين جو مطالعو ۽ سندن تنهائيءَ جو لطف.

باب چوونجاهون 395 (خلاصو)

پاليشيَنس جو فلسفو ۽ سندن اصليت- يوناني شهنشاهت طرفان ڪين اذيتون- آرمينيا ۾ بغاوت- ٽريس طرف لڏپلاڻ- اولهه ۾ سندن پرچار- پروٽيسٽنٽ تحريڪ جا بِيَج، نوعيت ۽ نتيجا.

باب پنجوجاهون 396 (خلاصو)

بلغاريا جا ماڻهو- هنگري جي ماڻهن جو اصل نسل، سندن لڏپلاڻ ۽ آباد ٿيڻ- اوڀر توڙي اولهه ۾ سندن حملا- روس جي بادشاهت- روس جي جاگرافي ۽ يونان جي شهنشاهت سان سندن وٽج واپار جي جنگ- بربرن جي مذهبي تبديلي.

باب ڇاوَنجاهون 397 (خلاصو)

اٽلي ۾ عرب مسلمان، فرئنڪ ۽ يونان جا ماڻهو- نارمنڊي وارن جا پهريان معرڪا ۽ سندن آبادي- رابرٽ ڳِسڪارڊ جو ڪردار ۽ سندس سوڀيون- اَپُوليا جو حاڪم- پنهنجي پاءُ جي ڪوششن سان سِسلي طرفان سُڪ جو ساهه پَٽڻ- اوڀر ۽ اولهه جي شهنشاهن خلاف رابرٽ جون سوڀيون- سِسلي جو بادشاهه راجر آفريڪا ۽ يونان تي حملو ٿو ڪري- شهنشاهه

	مينوئل ڪمنينَس- يونانين ۽ نارمنس جي وچ ۾ جنگيون- نارمنڊي جي هستي جو مٽجي وڃڻ.	
باب ستوَنجاهون	سلجوق نسل جا تُرڪ- هندستان جي فاتح محمود (غزنوي) خلاف سندن بغاوت- طُغرل، فارس کي پنهنجي تابع ڪو بنائي ۽ خليفن جي حفاظت ڪري- اَلپ ارسلان طُرفان شهنشاهه رومنَس ڊايوجينس جي شڪست ۽ سندس قيدي ٿيڻ- مالڪ شاهه جو رعب، دٻدٻو ۽ شان شوڪت- ايشيا مائنر ۽ شام جون سوپيون- جيروسلم جي حالت ۽ سختيون- مقدس مقبري جون زيارتون.	399
	باب ستوَنجاهون (حاشين بابت وضاحتون)	426
باب اڻوَنجاهون	پهرين صليبي جنگ جي شروعات ۽ ماڻهن جو تعداد- لاطيني بادشاهن جو ڪردار- قسطنطنيه طرف سندن پيش قدمي- يوناني بادشاهه اليگزيَس جي پاليسي- فرئنڪن طرفان نائيسيا، انتاڪيا ۽ جيروسلم جي فتح- مقدس مقبري جو چوٽڪارو- گاڊفري بولَن جيروسلم جو پهريون بادشاهه- فرانسيسي يا لاطيني بادشاهت جا ادارا.	437
	باب اڻوَنجاهون (حاشين بابت وضاحتون)	485
باب اٺهنيون	يوناني شهنشاهت جو قائم رهڻ- بي ۽ ٽين صليبي جنگ ۾ ماڻهن جو تعداد، وڦو ۽ واقعو- سينٽ برنارڊ- صلاح الدين جي مصر ۽ شام ۾ حڪومت- هُن طرفان جيروسلم جي فتح- صليبي طرز جون ساموندي جنگيون- انگلينڊ جو رچرڊ -I معصوم پادري III- چوٿين ۽ پنجين صليبي جنگ- شهنشاهه فريڊرڪ II- فرانس جو لوئس IV- ۽ ٻه آخري صليبي جنگيون- مملوڪن طرفان لاطينين يا فرئنڪن کي پنهنجي حدن مان ٻاهر ڪيڻ.	504
	باب اٺهنيون (حاشين بابت وضاحتون)	538
باب سئيون	(خلاصو)	551
	يونانين ۽ لاطينين ۾ مذهبي اختلاف- قسطنطنيه جي صورتحال- بلغاريا جي ماڻهن جي بغاوت- اسحاق ائنجلس کي سندس پاءُ اليگزيَس تخت تان لاهي ڇڏيو- چوٿين صليبي جنگ جا سبب-فرانسيسي ۽ وينِس جي عوام جو	

اسحاق جي پٽ سان ايڪو- قسطنطنيه تي سندن ساموندي حملو- ۽ پيرا گهيري ڪرڻ کان پوءِ، لاطينين طرفان شهر جي مڪمل فتح .

باب ايڪهٿيون 552 (خلاصو)

فرانس ۽ وينس طرفان شهنشاهت جو ورهاڱو- فلانڊرس ۽ ڪرٽني جا پنج لاطيني شهنشاهه- بلغاريا ۽ يونان خلاف سندن جنگيون- لاطيني شهنشاهت جي ڪمزوري ۽ مفلسي- يونانين طرفان قسطنطنيه کي واپس ونڻ- صليبي جنگين جا اثر ۽ نتيجا- ڪرٽني جي ڪٽنب بابت اختلاف.

باب باهٿيون 553 (خلاصو)

نائيسيا ۽ قسطنطنيه جا يوناني شهنشاهه- مائيڪل پئلولاگس جو اُپرڻ ۽ سندس حڪومت- وڏي پادري ۽ لاطيني ڪليسا سان سندس فريب وارو اتحاد- آنجُو جي چارلس جي بدخواهي ۽ دشمني- سِسلي ۾ بغاوت- ايشيا ۽ يونان ۾ ڪٺلنس جي جنگ- انقلابَ ۽ اٿينس جي موجوده صورتحال.

باب تيهٿيون 554 (خلاصو)

خانہ جنگيون ۽ يونان جي شهنشاهت جي تباهي- وڏي ۽ ننڍي ائندرونيڪَس ۽ پئلولاگس جون حڪومتون- بغاوت، حڪومت ۽ جان ڪئنٽاڪزين جو تخت تان دستبردار ٿيڻ- پيرا يا گٽالا ۾ جينئا جي ڪالوني جو آباد ٿيڻ- قسطنطنيه جي شهر توڙي شهنشاهت خلاف سندن جنگيون.

باب چوهٿيون 555 (خلاصو)

چنگيز خان ۽ مغلن (منگولن) جون چين کان پولئنڊ تائين سوپون- قسطنطنيه ۽ يونانين جو بچي وڃڻ- بٽنيا ۾ عثماني ترڪن جي شروعات- عثمان جي حڪومت ۽ سندس فتحون- آرچن، عموراث-I ۽ بايزيد-I ايشيا ۽ يورپ ۾ ترڪن جي شهنشاهت جو بنياد ۽ ان جو واڌارو- قسطنطنيه ۽ يوناني سلطنت کي خطرو

باب پنجهٿيون 556 (خلاصو)

تيمور يا تيمورلنگ جو سمرقند جي تخت تي ويهڻ- فارس، جارجيا، تارتري، روس، هندستان، شام ۽ اناتوليه ۾

سندس سوپون- ترڪن سان سندس جنگ- بايزيد جي شڪست ۽ سندس قيد ٿيڻ- تيمور جو موت- بايزيد جي پٽن طرفان خانہ جنگي- محمد I جي ترڪي جي بادشاهت کي بحال ٿو ڪري- عموراث-II طرفان قسطنطنيه جو گهيرو.

باب چاهٽيون 557 (خلاصو)
مشرقي شهنشاهن جي وڏي پادري کي درخواست- جان-I، مينوئل ۽ جان-II پئلولاگس مغربي ملڪن جو دؤرو ڪن ٿا. يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جو ايڪو جنهن جي باسل جي مجلس طرفان حمايت. قسطنطنيه ۾ علم ادب جي صورتحال ۽ اٽلي ۾ يوناني پاڃوڪڙن طرفان ان جو واڌارو- لاطينين جي هورا ڪورا ۽ ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڪوششون.

باب ستهٽيون 558 (خلاصو)
يونانين ۽ لاطينين جا مذهبي اختلاف- عموراث-II جي حڪومت ۽ سندس ڪردار- لئبسلاس جي صليبي جنگ، هنگري جو بادشاهہ، هن جي شڪست ۽ سندس موت- جان هنئيبس- سڪندربيگ- ڪانسٽئنٽائن پئلولاگس جيڪو اوپر جو آخري شهنشاهہ هيو.

باب اٺهٽيون 559 محمد- II جي حڪومت ۽ سندس ڪردار- ترڪن طرفان گهيرو، حملو ۽ قسطنطنيه جي مڪمل فتح- ڪانسٽئنٽائن پئلولاگس جو موت- يونانين جي غلامي واري حالت- اوپر ۾ رومي شهنشاهت ختم ٿي وئي- يورپ ۾ خوف ۽ هراس- محمد- II جون سوپون ۽ سندس موت.

باب اٺهٽيون (حاشين بابت وضاحتون) 596

باب اُٺهتريون 610 (خلاصو)
بارهين صدي عيسوي ڪان روم جي حالت- پادرين جي دنياوي حڪومت- شهر ۾ بغاوت- بريسيا جي آرنولڊ جون سياسي چالبازيون- جمهوريہ جي واپسي- روم وارن جو غرور ۽ سندن جنگيون- ڪين اليڪشن ۽ پادرين جي موجودگيءَ ڪان محروم ڪيو ٿووجي جيڪي ائوگنن ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪن ٿا- روم جا معتبر خاندان-

ڪولونا ۽ اُرسيني جا جهيڑا ۽ فساد.

باب سترووون (خلاصو) 611

پيٽرارچ جو ڪردار ۽ سندس تاجپوشي- رينزي طرفان روم جي آزادي ۽ حڪومت جو ٻيهر بحال ٿيڻ- سندس خوبيون ۽ خاميون- سندس نيڪالي ۽ موت- اٽوگنن کان پادرين جي واپسي- لاطيني ڪليسا جو ٻيهر متحد ٿيڻ- روم جي آزاديءَ لاءِ آخري ڪوششون- روم جا قاعدا ۽ قانون- ڪليسائي رياست جي آخري بحالي.

باب ايڪهتريون پندرهين صدي عيسوي ۾ روم جي بربادين جي صورتحال- تباهي ۽ بربادیءَ جا چار اهم سبب- وڏي ميدان يا جلسي گاهه جو مثال- شهر جي ٻيهر بحالي- هن سڃي محنت جو آخري نتيجو. 613

باب ايڪهتريون (حاشين بابت وضاحتون) 629

روم جي شهنشاهت جو زوال ۽ خاتمو

(پاگو پيو)

باب اٺاويهون

ڪفر جي مڪمل تباهي، عيسائين ۾ بزرگن ۽ برڪت پرين شين جي پوڄا جو رواج:

ٿيوڊوسيَس جي دؤر ۾ لامذهبيت يا ڪفر جي تباهي شايد مشهور ۽ قديمي وهمن وسوسن جي مڪمل بربادي۽ جو اڪيلو مثال آهي ۽ ان کي ئي انساني ذهن جي تاريخ جو هڪ انوکو واقعو تسليم ڪجي ته غلط نه ٿيندو. عيسائين ۽ خاص طرح تي مذهب سان لاڳاپيل ماڻهن بيصبري۽ مان ڪانسٽئنٽائن طرفان هر ڳالهه جي حل ڪرڻ ۾ جاڻي واڻي دير ڪرڻ جي حمايت ڪئي هئي ته ساڳي وقت وڏي وئلينٽينين جي ساڳي سطح جي صبر کي داد ڏنو هو: اُنهن جي سوچ کي تيستائين مڪمل يا محفوظ نه پئي سمجهيو ويو جيستائين سندن مخالفن ۽ دشمنن کي زنده رهڻ جي اجازت مليل هئي. ائمبروز ۽ سندس برادري وارن جي اثر ۽ ٿيوڊوسيَس جي نيڪين کي گرئشين جي جوانن ۾ منتقل ڪيو ويو ته جيئن اذيتن جي اصولن کي، شاهي خاندان جي نوَن مذهب اختيار ڪندڙن جي سينن ۾ محفوظ ڪيو وڃي. مذهبي قانون جي سلسلي ۾ به شاندار اصول قائم ڪيا ويا جتان هنن شهنشاهت جي رعيت جي اُنهن ماڻهن خلاف هڪ سڏو سنئون ۽ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو جن اجا تائين پنهنجن ابن ڏاڏن جي رسمن رواجن کي اختيار ڪري رکيو هو: ۽ اهو به ته مئجسٽريٽ کي به ڪنهن حد تائين ڏوهن ۾ شريڪ سمجهجي ڇو ته هو ڏوهن کي ختم ڪرڻ يا ڏوهارين کي سزا ڏيارڻ ۾ غفلت ٿو ڪري ۽ ٻيو ته مصنوعي خدائن يا ديوتائن ۽ بدروحن جي بت پرستي۽ واري عبادت، ازلي ۽ ابدي خالق جي مٿاهين ۽ اعليٰ عظمت جي خلاف هڪ نفرت لائق ڏوهه هو. حضرت موسيٰؑ جا قانون ۽ يهودين جي تاريخ(1) جا مثال مذهبي ماڻهن اُبهرائي۽ يا شايد غلطي۽ مان عيسائيت(2) جي محبت واري ۽ آفاقي مذهب سان وابسته ڪيا هئا. شهنشاهن جي جذبن کي، سندن پنهنجي وقار ۽ عظيم تر معبود جي شان کي بحال ڪرڻ لاءِ جاڳايو ويو هو، ۽ روم جي مندرن کي، ڪانسٽئنٽائن جي مذهبي تبديلي۽ کان ست سال پوءِ برباد ڪيو ويو هو.

نوما جي دؤر کان وٺي گرئشين* جي حڪومت تائين، روم وارن، پادرين جي سرشتي(3) جو هڪ باقاعدگي۽ وارو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو هو.(*) سيني ڳالهين ۽ ماڻهن تي، جنکي ديوتائن جي خدمت لاءِ پاڪ ڪيو ويو هو، پندرهن مکيه پادري پنهنجو اعليٰ انتظام پاڻ هلائيندا هئا، ۽ ڪيترائي سوال، جيڪي لڳاتار ۽جدا جدا طريقن يا روايتي طرح سان پڇيا ويندا هئا ته اُنهن کي مقرر ٿيل ججن جي مشاورتي ڪائونسل ڏانهن فيصلن واسطي موڪليو ويندو هو. پندرهن سنجيدگي پسند ۽ علم وارن پيشن گوئي ڪندڙن، بهشتن جي رُخن تي غور ڪيو ۽ سپوتن جي ڪمن کي، پڪين جي اڏام کي نظر ۾ رکندي، اڳتي وڌائڻ لاءِ چيو تي ويو. پندرهن رکوالا اهڙا مقرر ڪيا ويا هئا جيڪي پيشنگوئي ڪندڙ عورتن بابت ڪتاب* ڏسندا هيا، جن مطابق مستقبل جي تاريخ تي ڪڏهن ڪڏهن غور ڪيو

ويندو هو ته وري ساڳئ طرح حادثاتي ڳالهين ۽ واقعن بابت پڻ مشورا ڪيا ويندا هئا. ڇه ڪنواريون چوڪريون جن پنهنجو ڪنوارپڻو مقدس باهه جي رکوالي ۽ روم جي اڻجاتل مدي جي واعدي سان ارپي ڇڏيو هو، جنهن منظر کي ڪوبه خاڪي بندو سزا کان بچڻ بغير ڏسڻ جي جرئت نه ڪري سگهندو.(4) ستَ دعوتن کارائڻ جا ماهر ديوتائن جي ٽيبل کي سينگارينداَ ۽ سنوارينداَ هيا، جلوس جي اڳواڻي ڪندا هيا ۽ ساليانن ميڙن ۽ موقعن جي نگراني ڪرڻ ۾ مشغول رهندا هيا. جوپيٽر، مارس ۽ ڪئرينس ديوتائن لاءِ ٿي خاص خدمتگار رکيل هيا جن جو رتبو وزيرن جي برابر هو ۽ ته ذڪر ڪيل وڌ ۾ وڌ طاقتور ديوتا هيا جيڪي روم ۽ پوري ڪائنات جي قسمتن ۽ مستقبل تي ڪڙي نظر رکندا هئا. قربانين جو بادشاهه مذهبي معاملن ۾ نُوما توڙي سندس جانشينن جي نمائندگي ڪندو هو ۽ جيڪي به هن سلسلي ۾ ڪم ٿيندا هيا ته اُنهن کي بادشاهي هٿن سان ڪيو ويندو هو. پادرين جي برادريءَ جا ماڻهو ۽ خدمتگار(†) مختلف جشنن جي موقعن تي(‡) اهڙيون عجيب و غريب رسمون ملهائيندا هيا جن کي ڏسي هر ماڻهوءَ کان نفرت ۽ حقارت واري ڪِلَ نڪري ويندي هئي ۽ اُهي وري لافاني ديوتائن اڳيان سندن شفقتن ۽ مهربانين عطا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پيش ڪندا هئا. روم جي پادرين کي جمهوريه ۾ جيڪي اختيار اڳ ۾ مليل هوندا هيا. اُهي موروثي بادشاهت جي قائم ٿيڻ سان آهستي آهستي ختم ٿيندا ويا چوته هاڻي شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ به بدلجي چڪو هو. پر سندن مقدس ڪردار جي مان مرتبي کي، ملڪ جي قانون ترڙي رسمن روايتن ذريعي برقرار رکيو ويو هو ۽ کين اجا تائين به خاص طرح مڪمل پادرين کي ڪليسائي حقن ۽ شهري انتظام جي دائرن ۾ پورا پورا اختيار مليل هيا جن کي هو گاديءَ جي هنڌ ۽ ڪڏهن ڪڏهن صوبن ۾ پڻ استعمال ڪندا هيا. سندن شاهي لباسن وارا جُبا، گاڏيون ۽ سندن لذيذ کاڌا پيتا، ماڻهن جي ڪشش ۽ تعريف جو محور هيا، ۽ کين وقف ڪيل زمينن ۽ عوامي ناڻي منجهان ايتري گهڻي رقم ملندي هئي جو سندن پاديت جي شاهاڻي شان شوڪت ۽ دبدبي کي قائم رکڻ ٿوڙي شهنشاهت جي مذهبي عبادتن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ ڪافي کان به وڌيڪ هوندي هئي. جيئن ته قربانگاهن جون خدمتون فوجين لاءِ غير مطابقت رکندڙ نه هيون ته رومي، سفارتي ۽ ججن جي نوڪرين ڏيڻ کان پوءِ، پادرين يا پيشنگويون ڪندڙن جون خدمتون ڏيڻ لاءِ آتا هوندا هيا، سِسرو(5) ۽ پامپي جون جڳهون. چوٽين صدي عيسويءَ ۾ سينيٽ جي تمام معزز ميمبرن اچي والاريون ۽ سندن اوچائيءَ واري جَمَر، پاديت واري ڪردار سان گڏ سندن شان شوڪت کي اجا اُتاهون ڪري ڇڏيو هو. پندرهن پادرين، جن گڏجي بشپن جي ڪاليج کي ٺاهيو هو، کي هڪ نمايان مرتبو حاصل هيو ۽ ته اُهي حاڪمن جا ساٿي هوندا هيا ۽ عيسائي شهنشاهن وڏي نيازمنديءَ منجهان سندن جُبن ۽ بين امتيازي نشانن، جيڪي وڏي پادري کي ڏنا ويا هيا، جو قدر ڪندي سندن احترام ڪندا هيا. پر جڏهن گرئشين تخت تي وينو جيڪو اصولن جو وڌيڪ پابند ۽ روشن خيال شخص هو، هن فورن اهڙين سڀني لاديني نشانين کي رد ڪيو(6) جن جو تعلق ملڪ يا ڪليسا سان قائم ڪيو ويو هو، پادرين توڙي ڪنوارين چوڪرين کي جيڪا رقم ملندي هئي، بند ڪئي وئي ۽ سندن واڌارا اعزاز ۽ خاص رعايتون به ختم ڪيون ويون ۽ روم جي وهمن وسوسن جي پوري نظام کي درهم برهم ڪيو ويو، جڏهن ته خيالن، راين ۽ اختيار ڪيل عادتن جي ان نظام کي گذريل يارهن سو سالن جي حمايت حاصل هئي. ڪفريا لامذهبيت اجا تائين سينيٽ جو آئيني مذهب هو. هال يا مندر جنهن ۾ هو گڏ ٿيندا هيا، ان کي فتح(7) جي قربان گاهه جي

مجسمي سان سينگاريو ويو هو، هڪ باوقار عورت کي پڙڪيدار لباس ۾ گولي تي ويٺل ڏيکاريو ويو هو، کيس پکيءَ جيان پَرَ پاڻل هيا ۽ سندس ٻاهر ڦهلايل هٿن(8) تي سدا بهار ڪافوري گلن جو تاج رکيل هو. سينيٽرن کي ديويءَ جي قربانگاهه وٽ قسم کڻايو ويو ته جيئن شهنشاهه ۽ شهنشاهت جي قانون جي پوئواري ڪئي وڃي ۽ هن موقعي تي شراب هاري ۽ لوبان ٻاري رسم ادا ڪئي وئي جيڪا عوامي ڪمن جي لهه وچڑ کان اڳ ضروري هوندي آهي.(9) قديم مناري کي هٿائڻ هڪ اهڙو زخم هو جيڪو ڪانسٽئٽيَس، روم وارن جي وهمن وسوسن کي تحفي ۾ آڇيو هو. فتح جي قربان گاهه کي جوليَن ٻيهر ساڳي صورت ۾ واپس آندو هو، جنهن کي وٽليٽينين برداشت ڪيو هو پر هڪ دفعو وري گرٽشين جي جوش(10) ۽ ڪاوڙ جي ڪري سينيٽ ان تي پابندي مڙهي ڇڏي. ان جي باوجود به شهنشاهه، ديوتائن جي مجسمن کي سلامت رهڻ ڏنو جتي ماڻهو پنهنجي عقيدت ۽ احترام جي جذبن جو اظهار وڃي ڪندا هيا، چار سو، چوويهه مندر ۽ گرجائون اڃا به ماڻهن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ موجود هيون ۽ روم جي جڳهه تي عيسائين جي نفاست جي جذبن کي، بت پرستيءَ جي قربانين جي دونهين ۽ بوندن سان مجروح ڪيو ٿي ويو.(11)

پر عيسائي، روم جي سينيٽ ۾(12) اقليت ۾ هيا ۽ لاديڻيت جي اڪثريت جي غير مذهبي ڪمن ۾ اُهي پنهنجن اعتراضن جو قانوني آواز اٺاريندا هيا پر فقط تڏهن جڏهن هو سينيٽ جي اجلاسن مان غير حاضر هوندا هيا. تنهنڪري سندن احتجاج ۽ اعتراض غير موثر ٿي ويندا هيا. ان اسيمبليءَ ۾، آزاديءَ جي اُجهامندڙ چٽنگ، ڪجهه وقت لاءِ جنون جي ڦوڪ ڏيڻ سان ٻيهر ٻري پئي هئي. چار معزز نمائندا لڳاتار شاهي محلات لاءِ چونڊيا ويا هيا(13) ته جيئن پادرين توڙي سينيٽ بابت شڪايتون ۽ ڏڪ سور اُتي پهچايا وڃن ۽ ساڳئي وقت فتح جي قربانگاهه کي پنهنجي حيثيت ۾ واپس آڻڻ لاءِ گذارشون به ڪيون وڃن. هن اهم ڪم جي نمائندگي ڪرڻ جو ڪم فصاحت بلاغت جي ماهر سماڇَس(14) کي سونپيو ويو جيڪو هڪ دولتمند ۽ پروقار سينيٽر هيو جنهن پادري ۽ پيشنگوئي ڪندڙ جي ڪمن کي ملائي انکي آفريڪا جي مئجسٽريٽ ۽ شهر جي مُنهندار جي شهري مرتبن مطابق ڪري ڇڏيو هو. سماڇَس جي دل ۾ ڪفر جي زوال جي مقصد لاءِ گرم ۽ نيڪ جذبا موجود هيا ۽ سندس مذهبي مخالف، سندس اعليٰ ذهني صلاحيتن جي ضايع ٿيڻ ۽ سندس اخلاقي ڪردار جي بي اثر هڻڻ تي افسوس جو اظهار ڪري رهيا هيا.(15) تقرير جو ماهر، جنهن جي اپيل شهنشاهه وٽليٽينين وٽ اڃا تائين سلامت آهي، پنهنجي مشڪل ڪم کان آگاهه هو ۽ ان عهدي جي خطرن کان به باخبر هو جنهن تي هو فائز هيو. هو احتياط ڪندي هر ان موضوع تي ڪجهه چوڻ کان ٽائي ٿو جيڪو سندس حاڪم جي مذهب متعلق هجي، ۽ نماڻائيءَ مان ظاهر ٿو ڪري ته عبادتون ۽ آزيون نيزاربون فقط سندس هٿيار هيا، ۽ وڏي هوشياريءَ سان پنهنجا دليل فلسفي جي بجاءِ تقرير بازيءَ جي سِکيا مان ڪئي ٿو. سماڇَس، فتح جي ديويءَ جي نمايان وصفن کي ظاهر ڪندي، نوجوان شهنشاهه جي تصوير ۽ خيالن کي آهستي آهستي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، هو اشارن ۾ ڪيس ٻڌائي ٿو ته اُنهيءَ رقم کي، جيڪا ديوتائن جي خدمت لاءِ وقف ڪئي وئي هئي، بند يا ضبط ڪرڻ سندس اعليٰ تعريف جوڳي ڪردار جي شايان- شان هرگز نه هيو. ۽ هو دليل ٿو ڏئي ته روم جون هن وقت تائين ڏنل قربانيون رائگان ٿي ويندیون ۽ اُنهن جي سڄي اهميت ختم ٿي ويندي جيڪڏهن اُنهن کي جمهوريه جي خرچ تي ملهايو نه ٿو وڃي ۽ ان جي ناليِ ۾ خرچ نٿو ڪيو

وجي. مذهب ۾ شڪ ۽ گمان جي صورت ۾ وهمن وسوسن جو پڻ دفاع ڪيو ويندو آهي. ڪائنات جو زبردست ۽ نہ سمجهہ ۾ ايندڙ راز به انسان جي اندر ۾ جهاتي پائڻ کان پاسو ٿو ڪري. جتي دليل، گهُربل هدايتون ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪري تہ اُتي رسمن رواجن کي رهبري ڪرڻ جي اجازت ڏجي؛ ۽ ايئن ٿو لڳي تہ هر قوم دوراندیشي ۽ دانائيءَ جي نعمتن کي نظرانداز نہ ڪندي پنهنجن روايتن ۽ نظرين جي روشنيءَ ۾ سرخرو ۽ سرفراز پئي رهي آهي ۽ هن ڪامياب سلسلي کي عُمرين ۽ جُڳن جي سَند حاصل رهي آهي. جيڪڏهن اُنهن دؤرن ۾ قومن جي عظمت ۽ خوشحالي يقيني هئي، ۽ جيڪڏهن مذهبي ماڻهن يا ديندارن کي اڳ به اُهي نعمتون ميسر هيون جيڪي هو ديوتائن جي قربانگاهہ تي هاڻي وجي طلب ڪن ٿا يا اُنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاڌائن ٿا تہ، ان صورتحال ۾ عقلمنديءَ جي تقاضا اها هجڻ گهرجي تہ ساڳين صحتمند لاڙن کي ٻيهر پنهنجو ڪجي ۽ اُنهن فائديمند روايتن کي معاشري ۾ وري واپس آڻجي، بجاءِ ان جي جو اڻڄاتل رستن جي خدشن ۽ خطرن جي واٽ وٺي مصيبتن کي دعوت ڏجي ۽ اها ابهرائيءَ اسان جي لاءِ هاجيڪار ثابت ٿئي. قديمي روايتن جي ڪاميابيءَ کي نوما جي مذهب توڙي روم ۾ پڻ آزمايو ويو، هڪ بهشتي ذهن، جنهن شهر جي مقدر جي نگهباني ٿي ڪئي، کي فصاحت ۽ بلاغت جي ماهر ماڻهن ۾ واقف ڪرايو تہ جيئن پنهنجو معاملو شهنشاهن جي اجلاس اڳيان پيش ڪري سگهي. 'جيئندا قبل! هڪ معزز عورت پڪاريو، 'پنهنجي ملڪ جا پيئرئو! منهنجي عمر تي رحم ۽ ان جي عزت ڪريو جيڪا هن وقت تائين نيڪيءَ جي لڳاتار دؤر مان گذري آهي. جيئن تہ مون کي ڪوبہ پڇتاءُ ڪونهي. تنهنڪري مون کي اجازت ڏيو تہ آءٌ پنهنجن قديمي، رسمن رواجن کي جاري رکيون اچان. جيئن تہ آءٌ آزاد حيثيت ۾ جائي هيس تہ مون کي پنهنجن گهريلو رسمن ۽ ادارن کي قائم رکڻ جي اجازت هجڻ گهرجي. هن مذهب منهنجن ئي قانونن هيٺ دنيا کي ننڍو ڪري ڇڏيو آهي. هنن رسمن هئنيبل کي شهر مان ڌِڪي باهر ڪڍيو آهي ۽ گالن کي ڪئپيٽول منجهان بيدخل ڪيو آهي. ڇا آءٌ پنهنجن سفيد وارن ۾ هن قسم جي ناقابل- برداشت بيعزتي لاءِ زنده آهيان؟ آءٌ ان نئين سرشتي کان صفا اڻ واقف آهيان، جنهن کي اختيار ڪرڻ لاءِ مون کي چيو ويندو، پر مون کي اها پڪ آهي تہ منهنجي پوڙهاپي ۾ مون کي تبديل ڪرڻ وارو ڪم بيحد غير احسانمنديءَ وارو ۽ مذمت جوڳو هوندو.'(16) ماڻهن جي خدشن اُهي ڳالهيون ظاهر ڪري ڇڏيون جيڪي تقرير جي ماهر ماڻهن کان لڪايون هيون، ۽ جن مصيبتن زوال پذير شهنشاهت کي ايا وڌيڪ للڪاريندڙ اذيتون تي پهچايون، ڪافرن طرفان ان جو سڄو الزام عيسائيت جي نئين مذهب ۽ ان جي پوئلڳ ڪانسٽئنٽائن تي مڙهيو ويو.

پر سماڃَس جي اُميدن کي، مِلن جي مڪيہ بشپ جي هوشياريءَ واري سخت مخالفت سبب ڪافي جهٽڪو لڳو جنهن روم جي وڪيل جي گمراهہ ڪندڙ فصاحت بلاغت خلاف شهنشاهن جا ڪَن پريا. هن اختلافي مرحلي تي، ائمبروز وڏي مهرباني ڪندي ۽ هڪ فيلسوف جي زبان ڳالهائيندي، نفرت منجهان سوال پڇي ٿو تہ اهو ضروري ڇو ٿو سمجهيو وڃي تہ هڪ خيالي ۽ گمنام طاقت کي اُنهن سوين جو ڪارڻ سمجهيو وڃي جيڪي فقط فوجن جي نظم ۽ ضبط ۽ سندن ئي بهادريءَ سبب روم کي حاصل ٿيون هيون؟ هو جائز طور تي قدامت پرستيءَ کي عزت، جي نگاهہ سان ڏسڻ تي ننڍوليون ٿو ڪري ڇو تہ ان روَيي سان جيڪي واڌارا ۽ تبديليون فن جي دنيا ۾ آيون هيون، اُنهن کي ترڪ ڪرڻو پوندو ۽ انسانذات وري بربريت ۽ وحشي پڻي جي اصلي روپ ۾ واپس ٿي ويندي. اتان وري پاڻ کي سنڀاليندي

۽ مذهبي ۽ سنجيدگيءَ وارو لهجو اختيار ڪندي هو اعلان ٿو ڪري ته عيسائيت ئي فقط سچ ۽ چوٽڪاري جي ضامن آهي ۽ گهٽ خدائن کي مڃڻ جو هر طريقو، پنهنجن گمراهه عقيدتمندن کي غلطين ۽ گناهن جي رستي ڏانهن وڃي ٿو وڃي جيڪو سڏو سنئون دائمي تباهي ۽ روحاني موت جي غار ۾ ٿو وڃي ڪيرائي.(17) جڏهن هڪ من پسند پادريءَ طرفان اهڙي قسم جا دليل ڏنا ويا ته اُنهن ۾ ڪافي طاقت هئي ته فتح جي قربانگاهه جي بحاليءَ کي روڪرائي سگهن. پر جڏهن ساڳيا ئي دليل هڪ فاتح جي واتان نڪتا ته اُنهن جو ايجا به وڏيڪ زوردار اثر ٿيو ۽ قديمي خدائن کي ٿيوڊوسيَس جي گاڏيءَ ۾ وجهي فتح واري انداز ۾ گهليو ويو.(18) سينيٽ جي هڪ وڏي اجلاس ۾، جمهوريه جي دستور ۽طور طريقن موجب شهنشاهه هڪ اهم سوال پڇيو: 'اوهان ٻڌايو ته جوپيٽر يا حضرت عيسيٰؑ جي عبادت منجهان روم جو مذهب ڪهڙو هجڻ گهرجي؟' انهن ٻنهي مان چونڊ اوهان کي ڪرڻي آهي. هن ماڻهن کي وڌ ڏيڻ جو حق ته ڏنو پر سندس موجودگيءَ سبب ماڻهن ۾ جيڪو اُميدن ۽ خوف جو گڏيل ڏهڪاءُ دلين تي چانيل هيو، ان آزاديءَ جي ماحول کي بريءَ طرح متاثر ڪيو، ٻيو ته جيڪو سماڇس کي، هڪ طرفي فيصلي ذريعي شهر بدر ڪيو ويو هو ته ان پوري پس منظر ۾ شهنشاهه جي خواهشن جي مخالفت ڪرڻ ماڻهن کي هڪ خطرناڪ قدم ٿي نظر آيو، اهڙيءَ طرح سينيٽ اندر هلڪا اختلاف ته اُپريا پر پوءِ وڏي اڪثريت جي راءِ موجب جوپيٽر کي نندیو ۽ ذليل ڪيو ويو، ۽ اها ڳالهه حيرت جوڳي آهي ته سينيٽ جي ڪنهن به ميمبر کي پنهنجي تقرير يا وڌ ڏريعي اها جرئت ڪانه ٿي ته جرئتمنديءَ مان اُٿي ٻيهي چوي ته هو اجا به عقيدي موجب ان ديوتا سان لاڳاپيل هيا جنهن کي هاڻي هاڻي نندیو ويو هو.(19) سينيٽ جي اُبهرائيءَ واري مذهبي تبديلي يا ته مافوق الفطرت عمل جو نتيجو هئي يا وري ان کي هڪ ذلت واري ڪِريل حرڪت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو، جو ته جن پنهنجي مرضيءَ جي خلاف نئون مذهب قبول ڪيو هو اُنهن هر موقعي تي فريب ۽ دوڪيبازي ڪئي هئي، توڙي جو اُنهن مخفي طرح سان چاهيو ٿي ته هو بنادير جي پنهنجي ٻهروپيائيءَ وارو لباس لاهي اڇلائي چڏن. پر پوءِ، حالت پٽاندر، آهي آهستي آهستي نئين مذهب کي اختيار ڪندا رهيا، جو ته قديمي مذهبيت مان هاڻي هو نااُميد ٿي ويا هيا؛ هنن شهنشاهه جي اختيارن کي تسليم ڪيو، وقت جي وهڪري ۽ حالتن مطابق پاڻ کي تبديل ڪيائون، ۽ پنهنجين زالن ۽ ٻارن جي منٿن کي ٻه ڪين مڃڻو پيو(20) جن جي جذبن ۽ خيالن کي روم جي مذهبي ماڻهن ۽ اوپر جي ٻاوَن طرفان متاثر ڪري ۽ سندن ذهنن کي قبضي ۾ آڻي چڏيو هو. انيسيَن جي خاندان جي بهترين مثال کي نين معززن به اختيار ڪيو جيئن باسي، پالييني، گراچي ۽ ٻين دنيا جي اهم ماڻهن عيسائيت جي مذهب کي اختيار ڪيو ۽ ڪائوز جي باوقار اسيمبلي (جيئن پروِينشيس اُنهنکي مٿانهن لفظن ۾ ڪوٺي ٿو) جا ماڻهو بيصبريءَ مان پنهنجا پادريت وارا جُبا لاهي اڇلائڻ لاءِ آتا وينا هيا ته جيئن پراڻي نانگ واري ڪل لاهي عيسائيت جو بظاهر معصوميت وارو لباس پاڻ کي پهرائي چڏجي ۽ مئجسٽريٽن جي لئين ۽ ڏنڊن جي طاقت کي شهيدن جي مقبرن جي اڳيان وڃي بيڪار بٽائجي.(21) اُهي شهري جيڪي پاڻ هُرتو پنهنجن پيرن تي بينل هيا ۽ ٻيو عوام هو جن جو گذر گذران ماڻهن جي مالي مدد ذريعي ٿيندو هو، سيني لئٽران ۽ وٽيڪن جي ڪليسائن کي وڃي وَسايو جن ۾ نئين مذهب ۾ شامل ٿيندڙ مذهبي جوشيلا گهٽي تعداد ۾ هيا. سينيٽ جي حڪمن مطابق بُتن جي پوڄا ڪرڻ کي بند ڪرايو ويو، اهڙن حڪمن کي روم جي عوام(22) جي پڻ پرپور حمايت

حاصل هئي؛ هاڻي ڪئپيٽول جي اڳين رونق مرجهايل نظر ٿي آئي ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪي هيڪڙ ٻيڪڙ مندر نظر آيا به ٿي ته اُهي هاڻي تباهي، نفرت ۽ ويڳاڻائپ جو نمونو ٻُجي چڪا هيا.(23) روم هاڻي انجيل جي نظريي هيٺ اچي چڪو هو ۽ جن صوبن کي شڪست آيل هئي، اُنهن جي دلين ۾ به روم جي نالي ۽ سندس اختيارن لاءِ احترام هو.

شهنشاهن جي پنهنجي اولاد لاءِ نيڪيءَ جي جذبن، کين 'بقادار شهر' جي بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ، احتياط ۽ نرم مزاجيءَ سان ڪجهه ڪرڻ جو سوچيو. آمر نما حاڪمن، ويچارن سادڙن ڳوٺاڻن جي جذبن جو ڪو گهٽو خيال نه رکيو هو. مزدوريءَ جو چگو ڪم، جيڪو ڪانسٽئنٽيس(24) جي موت کان وٺي ويهن سالن تائين بند رهيو هو، ٻيهر شروع ڪيو ويو جنهن کي ٿيوڊوسيس جي خلوص واري جذبي سان جلد مڪمل ڪيو ويو. هڪ طرف جنگجو شهنشاهه، شان شوڪت واسطي نه پر جمهوريه کي بچائڻ لاءِ گاڻن سان محاذ آرائيءَ ۾ مصروف هو ته بي طرف هن پنهنجي رعيت جي ڪيترن ماڻهن کي ڪجهه اهڙن عملن ذريعي ناراض ڪري ڇڏيو جيڪي کين حفاظت جي ضمانت ته ڏئي پئي سگهيا پر انساني دوراندیشيءَ جي نظر ۾ اُهي ڪَمَهلا ۽ اُپڙائيءَ وارا قدم هيا. لاڏينن خلاف سندس پهرين ڪاميابيءَ، نيڪ شهنشاهه کي موت جي فتوائن بابت پنهنجي حڪمن کي جاري ڪرڻ ۽ اُنهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيو، ساڳيا قانون جيڪي اوپر وارن صوبن ۾ شايع ڪيا ويا هيا، مئڪسيمَس* جي شڪست کان پوءِ اولهه جي شهنشاهت تي به لاڳو ڪيا ويا. ۽ مذهبي خيالن واري ٿيوڊوسيس جيڪا به سوچ ماڻي ٿي، ان ۾ عيسائيت ۽ ان جي عقيدي کي وڌيڪ تقويت ٿي بخشي ۽ شيدائين کي وڌيڪ سرخرو ۽ سرفراز ٿي ڪيو.(25) هن وهمن وسوسن جي دل تي ان وقت زبردست وار ڪيو جڏهن هن قربانگاهن تي قربانين ڏيڻ جي رسم تي سخت پابندي لڳائي ڇڏي ۽ ان کي وڏي ڏوهه ۽ بدناميءَ جو ڪم سڏيو ۽ سندس حڪمن جي سخت شرطن موجب جانورن جي آندن گوندن کي(26) باهر ڪڍي غور سان جاچڻ جي لامذهبي تجسس ۽ ڪوششن کي به نديو ويو هو ڇاڪاڻ ته سندن ٻيا به ڪيترائي عمل جيئن پاڻ کي ساڙڻ جو جيڪو عام رواج هو ته اُنهن سيني ڪمن تي پابندي لڳائي وئي جيڪي لامذهب فرقي جي مذهب جو حصو ٻُجي ويا هيا. جيئن ته مندر فقط ان ڪري ناهيا ويا هيا ته اُتي قربانيون ڏجن ته اها هاڻي هڪ مهربان شهنشاهه جي ذميواري هئي ته پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي اُنهن غير فطري ۽خطرناڪ ڪمن کان روڪي جن ذريعي سندس اُنهن قانونن جي پيڇڙي جو امڪان هو جيڪي هن ملڪ جي قانون موجب ناهيا ۽ سختيءَ سان نافذ ڪيا هيا. هڪ خاص ڪميشن جوڙي وئي جنهن ۾ اوپر جي شاهي نُمنهدار سنيجيَس ۽ بن عملدارن جوويَس ۽ گاڊينٽيَس، جيڪي اولهه ۾ وڏن رتبن وارا آفيسر هيا، کي شامل ڪيو ويو ۽ کين حڪم ڏنو ويو ته مندرن کي فورن بند ڪرايو وڃي، بُت پرستيءَ جي سيني طور طريقن کي ضبط يا وري پوريءَ طرح تباهه ڪيو وڃي، پادرين کي ڏنل خاص رعايتن کي ختم ڪيو وڃي ۽ اهڙن سيني ملڪيتن کي ضبط ڪيو وڃي جيڪي شهنشاهه طرفان ڪليسا يا فوج جي فائدن لاءِ کين اڳيئون ويرن هيون.(27) هتي سُڌ ۽ ويراني جي ويڑ کي رکجڻ گهربو هو ۽ اُهي کليل ۽ عاليشان عمارتون جيڪي بت پرستيءَ لاءِ هرگز استعمال نه ٿيندیون هيون، اُنهن کي شايد انڊي جنونيت جي تباهيءَ واري عمل کان بچائي سگهجي ها. هنن منجهان ڪيترائي مندر اهڙا به هيا جيڪي يوناني تعمير جي فن جا نادر نمونا ۽ خوبصورتي ۽ شان شوڪت جا عظيم منارا هيا ۽ شهنشاهه خود چاهيو ٿي

تہ سندس ئي شهنشاهت جي عظمت جي يادگارن کي نہ بگاڙيو وجي ۽ جيڪي ڪجهہ سندس ورثو هيو ان جي حيثيت ۽ قدرداني کي گهٽ نہ ڪيو وجي. هنن شاندار عمارتن کي شايد انڪري نقصان پهچايو ٿي ويو تہ جيئن اُهي تباهين جا منظر حضرت عيسيٰؑ جي فتح جا دائمي يادگار رهجي وڃن. فن جي زوال پذير وقتن ۾، انهن کي قلعن ۽ ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي مڪيہ هنڌن طور بہ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ شايد، جڏهن مندرن جي ديوارن کي مقدس رسمن ذريعي پوريءَ طرح پاڪ ڪيو ويندو تڏهن ان حقيقي معبود جي عبادت ذريعي قديمي بت پرستيءَ جي گناهن جو ڪفارو بہ ادا ٿي سگهندو. پر جيستائين اُنهن جو وجود باقي هيو تہ لامذهبن جي اندر ۾ هڪ لڪل اُميد جو امڪان ضرور موجود هو تہ ممڪن آهي تہ سندن پاڻ ۾ اهڙو انقلاب اچي جنهن ۾ جولين جهڙو ڪو ٻيو مرد مجاهد نڪري نروار ٿئي جيڪو ديوتائن جي قربانگاهن کي وري واپس آڻي؛ ۽ جنهن درد ۽آس منجهان هنن پنهنجون منٿون ۽ گذارشون تخت ۽ تاج(28) جي مالڪن ڏانهن اُماڻيون ٿي، ان جي شدت، ويتر عيسائي اڳواڻن کي بت پرستي ۽ وهمن وسوسن جي بنيادن کي ئي، بغير ڪنهن رحم يا انساني جذبي جي، بنادير مٽائڻ ۽ ميسارڻ لاءِ آماده ٿي ڪيو. شهنشاهن جي ناهيل قانونن ۾ سختيءَ سان گڏ نرميءَ جا عنصر پڻ موجود هوندا آهن.(39) پر سندن ڊرائيءَ واريون اينگهہ ڪندڙ ڪوششون، جنون ۽ ڦرمار جي وهڪري کي روڪڻ ۾ ناڪام ٿين ٿيون، جيڪي هن سلسلي ۾ ڪليسا جي روحاني اڳواڻن طرفان جارحيت واري انداز ۾ ڪيون ٿي ويون. گال ۾ ٽورس جو بشپ،(30) نيڪ مارٽن پنهنجي وفادار ٻاوَن جو وفد وٺي، پنهنجي انتظامي ضلعي جي بتن، مندرن ۽ پاڪ ڪيل وٽن کي تباهہ ڪرڻ جي ارادي سان نڪتو، ۽ هن ڏکئي ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ پڙهندڙ پاڻهي فيصلو ڪندو تہ مارٽن وٽ ڪا روحاني طاقت هئي يا نفساني خواهشون سندس رهبري ڪري رهيون هيون. شام ۾، هڪ روحاني شهرت جو مالڪ مارسيلَس(31)، هڪ اهڙو پادري جيڪو حوارين جهڙن جذبن سان سرشار هو، جيئن ڪيس ٿيوڊوريٽ ڪوئي ٿو، ان عزم ڪيو تہ هُو اپاميا جي ضلعي جي سڀني شاندار مندرن کي ڍاهي زمين سان ملائي ڇڏيندو. پر سندس حملي جو، اوتري ئي دماغي صلاحيت ۽ پرپور طاقت سان مقابلو ڪيو ويو جيترين صلاحيتن سان جوپيٽر جي مندر کي ناهيو ويو هو. عمارت چئني طرفن کان شهرت جي بلندين تي بينل هئي، چت جي بلندي پندرهَن ٽنين جي مدد سان بيهاري وئي هئي جيڪي سورهَن فوٽن جي دائري ۾ ڦهليل هيا ۽ وڏا وڏا پٿر جن مان اُهي ٽنيا ناهيا ويا هيا، پاڻ ۾ سيمنٽ، شيهي ۽ لوهہ سان ڳنڍي مضبوط ڪيا ويا هئا. وڏن مضبوط ۽ ٽِڪن اوزارن کي آزمايو ويو هو پر انهن جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو هو. تنهنڪري اهو ضروري سمجهيو ويو تہ ٽنين جي بنيادن کي ڪمزور ڪيو وڃي جيڪي نيٺ هيٺ ڪري پيا ڇاڪاڻ تہ ٽنين کي ڏنل ڪاٺ جو ٽوٽيون يا ٽيڪون باهہ ۾ سڙي خاڪ ٿي ويون ۽ هن مهم ۾ آيل تڪليفن کي ڪاري شيطان جي شرارت سان تعبير ڪيو ويو جنهن ڪم ۾ رندڪ تہ وڌي هئي، پر عيسائي انجنيرن جي هن ڪارنامي کي شڪست ڏيڻ ۾ ناڪام ويو هو. فتح جي احساس ۾ سندس همت وڌي وئي هئي ۽ هاڻي مرسيلَس پاڻ، انڌاري جي قوتن خلاف هٿيار کنيا ۽ سپاهين ۽ ڪُشتي بازن جي هڪ وڏي فوج عيسائي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي، جن اپاميا جي ضلعي جي گوٺن ۽ پهرازين ۾ لڳاتار حملا ڪرڻ شروع ڪيا. جڏهن بہ ڪا رڪاوٽ يا ڪنهن خطري جو امڪان نظر ايندو هو تہ مذهب جو اڳواڻ جيڪو سندو بہ هيو ۽ هن عيب سبب نہ تہ هو وڙهي سگهندو هو نہ وري ميدان ڇڏي پڇي ٿي سگهيو، پاڻ تيرن جي مار کان پري

ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويهي رهندو هو. پر اهائي دوراندیشي سندس موت جو سبب پڻ بنجي وئي، ۽ مٿس اوچتو حملو ڪري ڪاوڙ ۾ مڇريل ڳوناڻن کيس قتل ڪري ڇڏيو ۽ صوبي جي مشاورتي ڪائونسل بغير ڪنهن هڪ جي اعلان ڪيو ته مرسيلَس الله پاڪ جي نالي ۾ پنهنجي سِر جي قرباني ڏني هئي. هن مقصد جي حمايت ۾ بيابان منجهان تڙتڪڙ ۾ باوا پڄندا ويا ۽ پنهنجن جذبن ۽ اورچائيءَ جي مظاهري سان پنهنجي حيثيت مجرايائون. سندن خلاف لامذهب ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ دشمني ناجائز نه هئي ۽ ڪجهه ماڻهن خلاف ته ان ڪري به کين نفرت هئي جو هو لالچي ۽ شرابي هيا؛ لالچ به اها جنهن ۾ هو قرلٹ کي پارسائيءَ جو نالو ڏئي پاڻ کي خوش ڪندا هيا ۽ شرابي ان ڪري ته هو بين جي ڏوکڙن تي اهو نشو واپرائيندا هيا. ۽ ماڻهو سندن قائل ۽ چَتيون لڳل ڪپڙن جي تعريف ڪندا هيا، زور سان ڳائيندا هيا ۽ پنهنجي چهري کي مصنوعي پيلاڻ تي مائل رکندا هيا.(32) ڪجهه مندرن کي، خوف، رشوت، نفاست ۽ شهري توڙي ڪليسائي گورنرن جي دوراندیشيءَ جي ڪري سلامت رکيو ويو هو. ڪارٿيج ۾ بهشتي وينس (زهره) جو مندر، جنهن جي مقدس حد ٻن ميلن جي دائري تائين ڦهليل هئي، کي دوراندیشيءَ مان عيسائي ڪليسا ۾ تبديل ڪيو ويو(33) ۽ ساڳئي مثال کي روم(34) جي عظيم الشان سيني ديوتائن جي گڏيل مندر پئنٿيَن ۾ ڏهرايو ويو جيڪو هن وقت تائين مقدس ۽ پنهنجي اصلي حيثيت ۾ برقرار رکيو ويو هو. پر رومي دنيا جي هر صوبي ۾، جنونين جي هڪ وڏي فوج، پر اُمن رهواسين تي، بغير ڪنهن اجازت ۽ اختيارن جي، حملن ڪرڻ ۾ مصروف هئي ۽ قديمي تعمير جي عظيم عمارتن جي ڍاهه ڏوهه ۽ تباهي ايا تائين بربرن جي طرفان بربادیءَ جي آثارن طور موجود آهي جن وٽ وقت جي تاريخي نشانن کي ڍاهڻ جي خواهش موجود هئي ته جيئن جلد کان جلد پنهنجن ڪُٽن ڪمن کي عملي جامو پارائي سگهن.

تباهيءَ جي هن منظر نامي ۾، تماشبين، سڪندريه ۾ سيراپس جي مندر(35) جي بربادیءَ کي غور سان ڏسي سگهن ٿا. سيراپس نه ته مقامي ديوتائن منجهان هيو ۽ نه وري هو راکاس هو جيڪو وهمن وسوسن جي ڳڙهه مصر جي ميويدار مٽيءَ منجهان نڪري نروار ٿيو هجي.(36) حقيقت ۾ جيڪي پهريان بطليموس هيا اُنهن کي خواب ۾ حڪم ڪيو ويو هو ته اُهي پونٽس* جي ڪنارن تان هن پُراسرار ڏاريي کي پنهنجي ملڪ ۾ آڻين، جتي هو سنوپ جي رهواسين طرفان پوڄيو ويندو هو پر سندس وصفن توڙي حڪومت کي ايتري ته اٿيوري طريقي سان سمجهيو ويو جو اُهو بنهه فساد جو باعث بڻجي ويو ۽ اهو سمجهڻ ڏکيو ٿي پيو هو ته هو ڏينهن جي روشن دنيا جو نمائندو هو يا وري فريبي علائقن جي بدبخت حاڪمن منجهان هڪ هيو.(37) مصر جي رهواسين، جيڪي پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب سان پوري عقيدت منجهان لاڳاپيل هيا، پنهنجن شهرن جي حدن يا ديوارن جي دائرن اندر هن ڏاڙئي ديوتا کي داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.(38) پر خوشامدڙين ۽ چاپلوس پادرين، جيڪي بطليموسن جي فراخدليءَ مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ رهندا هيا، پونٽس ديوتا جي طاقت آڏو هڪدم ڪٿي آڻ مڃيائون، نه رڳو ايترو پر ان جي اوچي حسب نسب ۽ شجري کي به ڪٽان پيدا ڪري ڇڏيائون ۽ هن ڏاڙئي غاصب کي اوريسِس جي تخت تي ويهاريو (39) ۽ سندس بستري تي سمهاريو ويو جيڪو آئسِس جو مڙس ۽ مصر جو مٿاهين مرتبي وارو بادشاهه هيو. سڪندريه جنهن کيس پناهه ڏني هئي، پنهنجي شهر کي 'سيراپس جو شهر' مشهور ڪرڻ تي فخر محسوس ڪيو. سندس مندر،(40)

جيڪو شان ۽ دٻدٻي ۾ ڪئپيٽول جي مندر کي ٻ پنٽي چڏي ويو هو، هڪ مصنوعي جبل، جي مٿاهين ۽ ڪشادي چوٽيءَ تي تعمير ڪيو ويو هو ۽ ان کي پوري شهر ۾ پر وارن حصن جي سطح کان سو قدم مٿي ڪيو ويو هو ۽ اندرئين خال کي سهڻن محرابن ذريعي سجائي اُنهن کي ڦٻن ۽ ڪمرن ۾ ورهايو ويو هيو. مقدس عمارتون چوڪُنڊن وراندن ۽ چبرائن ۾ وکوڙيل هيون، گڏوگڏ شاندار هال، زبردست مجسما تعمير جي فن جي ڪمال کي ظاهر ڪري رهيا هيا ۽ قديمي علم ۽ ڄاڻ جا بي بها خزانا سڪندريہ جي جڳ مشهور لائبريري ۾ محفوظ ڪيا ويا هيا ۽ هي اهڙيون عمارتون هيون جيڪي خاڪ مان ايري شان شوڪت جي عروج تي پهتيون هيون.(41) توڙي جو ٿوڊوسيَس جي حڪم موجب لامذهبن طرفان قربانين ڪرڻ جي سختيءَ سان منع ٿيل هئي، پوءِ ٻ ڪين شهر توڙي سراپس جي مندر ۾ برداشت ڪيو ٿي ويو، ۽ هيءَ خاص مهرباني خود عيسائين جي وهمن وسوسن جي خوف سبب متن ڪئي وئي هئي ۽ ڪين خطرو هو تہ جيڪڏهن هنن قديمي رسمن رواجن کي ختم ڪيو تہ پوءِ نيل نديءَ ۾ ٻوڏ ٻ نہ ايندي چو تہ ڪين وهر ويهجي ويو هو تہ قديمي رسمن کي جاري رکڻ سان نيل ۾ واڌارو پاڻي ايندو هو جنهن سان مصر ۾ فصل پچندا هيا ۽ قسطنطنيه ۾ پڻ ماڻهن جو سڪيو گذر گذران ٿيندو هو.(42)

ان وقت (43) سڪندريہ جي پاپائي تخت تي هڪ شخص ٿيوفيليَس(44) موجود هو جيڪو امن ۽ اخلاق جو وڏو ويري هو؛ هو بهادر هئڻ سان گڏ هڪ برو انسان هو، سندس هٿ ڪڏهن سون تہ ڪڏهن رت سان ناپاڪ ٿيل هوندا هيا. سندس ڪاوڙ کي، سراپس جي اعزاز ۽ احترام ويتر اُپاري چڏيو هو ۽ هن پئچس جي ننڍي ڪليسا جي جيڪا بيعزتي ڪئي هئي ان لامذهبن کي يقين ڏياريو هو تہ هو هڪ اهم ۽ خطرناڪ ڪم ۾ سندن مدد ڪري سگهي ٿو. مصر جي گوڙ شور واري گاديءَ جي هنڌ ۾، ٿورڙي بدمزگيءَ تي ٻ خانہ جنگي شروع ٿي ويندي هئي، سراپس جا عقيدتمند، جن جي طاقت توڙي تعداد اُنهن ماڻهن کان گهٽو گهٽ هو جيڪي سندن مخالف هوندا هيا، فيلسوف اولمپيَس(45) جي ٽِيڪر تي هٿيار کڻي وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويا، جنهن متن زور پريو تہ هو هر صورت ۾ ديوتائن جي قربانگاهن کي برباد ٿيڻ کان بچائن ۽ ان مقصد لاءِ کين پنهنجي حياتي ٻ قربان ڪرڻي پوي تہ ان کان ٻ نہ ڪيبائن. هنن لامذهب جنونين مندر ۾ بلڪ ايئن چئجي تہ سراپس جي قلعي ۾ پاڻ کي هٿيارن سان مسلح ڪيو، قبضي ڪندڙن کي جرئنمنديءَ وارن حملن ذريعي پوئتي ڏکي پڃايائون ۽ مندر جو پرعزم دفاع ڪيائون ۽ غير انساني ظلمن ذريعي جيڪي هنن عيسائي قيدين تي ڪيا، ۽ هاڻي هن ويڑهہ کي 'ڪٽين جي هارائين هنڌ تنهنجو هيءُ' سمجهي ان ۾ جُنبي ويا. هن سلسلي ۾ هڪ دوراندیش مئجسٽريٽ جي خلوص ۽ مدد سان ٻنهي ڌرين ۾ تيستائين ناهہ ڪرائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون جيستائين ٿوڊوسيَس کان سراپس جي مندر جي قسمت بابت ڪو جواب اچي وڃي. ٻئي ڌريون بنان هٿيارن جي هڪ وڏي چوسول تي ڪٺيون ٿيون ۽ هاڻي شاهي فرمان کي ماڻهن جي اڳيان پڙهيو ويو. پر جڏهن سڪندريہ جي بُتن جي تباهيءَ بابت حڪم کي پڙهيو ويو تہ عيسائين خوشي ۽ سوپ جي احساس مان رڙيون ڪندي پنهنجي سرهائيءَ جو اظهار ڪيو ۽ هوڏانهن بدقسمت لامذهب جن جي ڪاوڙ هاڻي حيراني ۽ اچرج ۾ بدلجي چڪي هئي، هڪدم پوئتي هٽي ويا ۽ هورڙيان قدم کڻندي، خاموشي اختيار ڪندي ۽ مخالفن جي نظرن کان بچندي ۽ لنوائيندي واپس هليا ويا. ٿيوفيليس، سراپس جي مندر کي

ڀاھڻ لاءِ اڳتي وڌيو، جنھن کي ٻي ته ڪابہ مشڪل پيش نہ آئي سواءِ ان جي جو عمارت جي پيڙھ ايتري ته مضبوط، پڪي ۽ ڳري ھئي جو ڪيس ائين لڳو ته ھو ان کي ھرگز اکوڑي ۽ ڍاھي نہ سگھندو تنھنڪري مجبور ٿي مندر جي بنيادن کي ڪيس ڇڏڻو پيو ۽ ھاڻي ھن فيصلو ڪيو ته سڄي عمارت کي ئي ڍاھي ان کي ھو ھڪ مِٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو، پر ان جي ھڪ حصي کي بعد ۾ صاف ڪيو ويو ته جيئن اُتي عيسائي شھيدن جي ياد ۾ ھڪ ڪيلسا ناھي سگھجي. سڪندريہ جي لائباني لائبريري کي تباھ ۽ تاراج ڪيو ويو، ۽ ويھن سالن کان پوءِ، ڪتابن جي خالي ڪٻٽن کي ڏسي اُنھن راھ ويندڙن جي اندر ۾ ڪاوڙ ۽ آھن جو طوفان برپا ٿي ويو جن جا قلب مذھبي ڪٽر پڻي سان ايڏا تائين ڪارا نہ ٿيا ھيا.(46) قديم زماني جي ذھنن جو اسلوب، جن ۾ ڪيترائي ھميشہ لاءِ ختم ٿي ويا، ڪجھ اھڙو ھو جو اُنھن کي يقيني طور تي بت پرستيءَ جي تباھيءَ کان آڏو رکيو ويو ھوندو ته جيئن اُھي ايندڙ نسلن لاءِ وندروروڻھن يا ھدايتن ڏيڻ لاءِ ڪم اچي سگھن؛ ۽ ھن سلسلي ۾ پادرين(47) جي جوش جذبي ۽ لالچ کي بہ، فتح جي انعام طور ايترو ڪجھ مليو ھوندو جو ھو ڏاڍجي ويا ھوندا. بتن، سون ۽ چانديءَ جي گلدانن کي احتياط مان پگھاريو ويو ۽ جيڪو سامان گھٽ قيمت وارو ھو، ان کي ڏِڪار مان پيڇي پورا پورا ڪري گھٽين ۾ اڇلايو ويو. ٽيو فيليس وڏي محنت ڪري، بتن جي وزيرن طرفان ڪيل فريب ڪاري ۽ غبن سان سراغ لڳايا ۽ اُنھن کي عام منظر تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ چقمق جي پٿر جي سلسلي ۾ اُنھن وڏي ھوشياريءَ سان ھيراڦيري ڪئي ھئي؛ ۽ ھڪ خالي مجسمي جي جڳھ تي ھڪ انساني ائڪٽر کان ڪم ونڻ جو ڳجھو طريقو؛ ۽ مذھبي طريقي جي مڙسن ۽ شڪ کان بالاتر عورتن(48) جي اعتماد کي بدنام ڪرڻ جا ڪم جيڪي وزيرن ڪيا ھيا اُنھن سيني فريبڪارين جي پڇا ڳاڇا شروع ڪئي وئي. ھن قسم جا الزام ڪجھ نہ ڪجھ داد ضرور لھڻ ٿا ڇو ته اُھي وھمن وسوسن جي چالاڪيءَ واري روح جي بلڪل خلاف ناھن. پر ساڳيو جذبو، ھڪ ڪريل دشمن کي ويتر ذليل ڪرڻ ۽ ان تي بھتان مڙھڻ جي ذليل حرڪت سان بہ سھمت نظر اچي ٿو ۽ اسان جو عقيدو ان خيال اچڻ سان اڳتي نڪو وڌي ته ڪوڙي ڪھاڻيءَ کي ايجاد ڪرڻ، ھڪ جائز غبن ۽ فريبڪاريءَ جي حمايت ڪرڻ کان، گھٽ ڏکيو ڪم آھي. حقيقت ۾ سراپس جي وڏي سائيز جي مُورتي(49) ئي سندس مندر ۽ مذھب جي تباھيءَ جو ڪارڻ ھئي. مختلف ڏاتن جي تمام گھڻين پليٽن کي جوڙي ناھي، ان منجھان ان ديوتا جو شاندار مجسمو ناھيو ويو ھو جنھن اِن مقدس جڳھ جي ديوارن کي ھر طرف کان ڇُھيو ٿي. سراپس جو سڄو خليو، سندس ويھڻ جو نمونو، ۽ شاھي لٽ جيڪا سندس ڪاپي ھٿ ۾ ھئي، اھي سڀئي عنوان ۽ آثار ڏري گھٽ ساڳيا جوپيٽر جي طريقي وارا ھيا. ھو جوپيٽر کان ھڪ ٽوڪريءَ جي ڪري مختلف ھيو جيڪا سندس مٿي تي رکيل ھئي، ۽ ساڳئي وقت ھڪ علامتي راڪاس ذريعي پڻ ھو مختلف ھو جنھن کي ھن ساڄي ھٿ ۾ جھلي ڇڏيو ھو، سندس سِر ۽ جسم ھڪ نانگ وارو ھو جنھن کي ٽي ڀيڇ ھيا جيڪي اڳتي وري ڪتي، شينھن ۽ بگھڙ جي ٽِن سِرن تي پھچي ختم ٿي ويا ٿي. اھا ڳالھ وڏي اعتماد مان چئي ويندي ھئي ته ڪنھن بہ ناپاڪ ھٿ جيڪڏھن ھن ديوتا جي شان ۾ ڪا گستاخي ڪئي ته آسمان ۽ زمين وري پنھنجي اصلي مونجھاري ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي ويندا. ھڪ بھادر سپاھي، جوش جذبي سان سرشار ھو ۽ وٽس ھڪ وزندار جنگي ڪھاڙي ھئي، ڏاڪڻ تي چڙھي ويو ته ان موقعي تي عيسائين جي ھڪ وڏي ھجوم بہ انتظار ۽ تجسُس مان ھڪ مقابلي جي اُميد ٿي رکي.(50) ھن ھمٽ

ڪندي سراپس جي ڪٿي تي هڪ زوردار ڏڪ هنيو ۽ سندس ڳٽو زمين تي ڪري پيو؛ ان جي باوجود گجگوڙ ۽ ڪاڪ ٿي ۽ بنهي يعني آسمان توڙي زمين پنهنجي دستوري عمل ۽ سرشتي کي خاموشيءَ سان اهڙيءَ طرح جاري رکيو جيئن اڳ هيو. فاتح سپاهيءَ پنهنجن زوردار ڏڪن کي جاري رکيو ۽ وڏو بت پري وڃي ڪريو ۽ پڄي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، ۽ سراپس جي جدا ٿيل عضون کي وڏي نفرت ۽ ڏڪار منجهان سڪندريه جي گهٽين ۾ گهليو ويو. سندس بچڙي ٽيل مردي کي نمائش ۾ ساڙيو ويو جتي هزارين ماڻهن رڙيون ڪندي اهو منظر ڏٺو ۽ ڪيترن ماڻهن پنهنجي مذهب مٽائڻ کي هن واقعي جو اثر پڻ سمجهيو ۽ سندن ديوتا پاڻ کي بچائڻ ۾ بہ ڪيڏو نہ ڪمزور ۽ بيوس هيو. اُهي مذهب جيڪي ماڻهن ۾ گهٽا مقبول آهن ۽ ماڻهن کي ڏسڻ ۾ ايندڙ يا ظاهري شين جي عبادت ڪرڻ جي صلاح ڏين ٿا ۽ ڪين اهو فائدو ضرور پهچي ٿو ۽ اُهي انسانذات جي سمجهه ۽ سوچ مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ ڏهني طرح انهن جي ويجهو اچي وڃن ٿا پر هي طريقو مختلف ۽ اٿئر حادثن جي ڪري جڏهن ابتو اثر ڏيکارڻ شروع ٿو ڪري ۽ ان گهڙيءَ ۾ هڪ بت پرست جو عقيدو صفا وائکو ٿي پوي ٿو. اهو شايد ئي ممڪن هجي ۽ ذهن جي هر قسم جي مرضيءَ مطابق هو بتن يا تبرڪن سان پنهنجي پڪي عقيدي کي لڳاتار قائم رکي سگهي جن کي ظاهري اکيون ۽ لامذهب هٿ، فطرت جي نمونن ۽ انساني فريبڪاريءَ سان ناهيل شين ۾ فرق ظاهر ڪري سگهن؛ ۽، جيڪڏهن خطري جي گهڙيءَ ۾، سندن مخفي ۽ معجزاتي نيڪي، سندن ئي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي ۽ انوقت هو پنهنجي نصيحت ڪندڙ پادريءَ جي ڳالهين کان سخت نفرت ڪري ٿو ۽ جنهن شئي جي بہ هو پوجا ڪري ٿو ۽ ان تي بہ طنز ڪري ان کي ڏڪاري ٿو ۽ پنهنجي وهمن وسوسن واري عقيدت جي حماقت ڪرڻ تي پنهنجي پاڻ کان بہ بچان ٿو ڪري.(51) سراپس جي شڪست کان پوءِ، لامذهبن کي اجا بہ ڪجهہ اُميدون هيون ۽ نيل ندي، مصر جي لامذهب ملحدن کي ساليانو پاڻي نہ پهچائيندي ۽ جيڪا هن دفعي ٻوڏ اچڻ ۾ گهٽي دير ٿي هئي، اها، سندن خيال موجب درياءَ جي ديوتا جي ناراضگيءَ جي واضح نشاني هئي. پر ٻوڏ ۾ دير ٿيڻ جو ڪفارو ان وقت ادا ٿي ويو جڏهن نديءَ ۾ جهجهي انداز ۾ پاڻي اچي ويو. اُهي هاڻي اوچتو مٽاهين سطح تائين پهچي ويا جن ناراض ڌر کي خوشخبري ٻڌائي ۽ ندي هاڻي ٻوڏ آڻيندي. پر نيل امن ۽ سڪون سان پوکن کي دستوري پاڻي ڏيڻ واري سطح تي وڃي بيٺي يعني سورنهن ڪيوبٽس يا انگريزيءَ جي ٽيهن فوٽن تائين اچي وئي.(52)

روم جي شهنشاهت جا مندر ويران ٿي ويا يا تباهہ ڪيا ويا پر لامذهبن جا ڏهني وسوسا اڃا جاري هئا ۽ هنن ٿوڊوسيَس جي قانونن جي پرواهہ ڪانہ ٿي ڪئي جنهن موجب هر قسم جي قرباني ڏيڻ جي سختيءَ سان منع ڪئي وئي هئي. ملڪ جا رهواسي جن جو ڪردار ڪدورت رکندڙ اکين کان بظاهر لڪل هيو، پنهنجي مذهب کي خوشي ۽ زنده دليءَ جي ميلن ۽ ميٿنگن ۾ لڪائيندا رهيا. مقدس ڏٺن ۽ ورسين جي موقعن تي، هو پاڪ ڪيل وٽن جي ڇانوَ ۾ گهٽي تعداد ۾ گڏ ٿيندا هيا، جتي رڍن ۽ ڏاندن کي ذبح ڪيو ويندو هو ۽ اُتي ئي انهن کي پچائي ڪاڏو ويندو هو ۽ هن ڀهراڙي جي روح رهاڻ کي لوبان جي ٻارڻ ۽ ديوتائن جي تعريف ۽ قصيدن ڳائڻ سان مقدس ٻٽائي ملهايو ويندو هو. پر اهو الزام لڳايو ويو تہ جيئن تہ ڪنهن بہ جانور جو ڪوبہ حصو سڙيل- قرباني ذريعي نہ آڇيو ويو هو، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ قربانگاهہ تي جانور جو رت نہ پهتو هو، ۽ جيئن تہ لوڻ جي ڪيڪن جي پهرئين صدقي ۽

تقريب ختم ٿيڻ واري صدقي، ٻنهي کي نظرانداز ڪيو ويو هو، ته هنن دعوتن وارين ميٽنگن ۾ مهمانن جو ڪوبه قصور ڪونه هو تنهنڪري نه انهن تي ڏنڊ وڌو ويندو ۽ نه وري ان کي غير قانوني قرباني چيو ويندو.(53) هنن حقيقتن بابت جيڪو به سچ يا حالتن جي نزاڪت هجي،(54) هي اجايا سجايا بهانا، ٿيوڊوسيَس جي آخري فرمان صادر ٿيڻ کان پوءِ، سڀ ختم ٿي ويا، جنهن لامذهبن جي وهمن وسوسن کي موتمار زخم رسايو.(55) منع نامي جو هي قانون تمام صاف ۽ قطعي واضح لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي: "اها اسان جي خواهش ۽ مرضي آهي، شهنشاهه فرمائي ٿو ته، 'اسان جي رعيت جو ڪوبه ماڻهو، پوءِ اُهو توڙي مئجسٽريٽ هجي يا عام شهري، سندس مرتبو متاهون هجي يا ڪو عام ننڍو ماڻهو هجي، ڪنهن به شهر يا ڪنهن به جڳهه تي ڪنهن بت جي پوڄا نه ڪندو نه وري ڪنهن بيگناهه جي قرباني ڪندو. قربانيون ڏيڻ ۽ جانورن جا آندا گوندا ڪيي اُنهن ذريعي اڳڪٿيون ڪرڻ کي ملڪ خلاف غداري ڪرڻ جو ڏوهه هوندو (هن ۾ پچاڳاڻا جو مقصد هجي يا نه هجي) جنهن جو ڪفارو ان کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هوندو ته مجرم کي هر صورت ۾ موت جي سزا ڏني ويندي. لامذهبن جي وهمن ۽ وسوسن کي، جيڪي شايد بظاهر گهٽ خطرناڪ ۽ ظالماڻا لڳن، مڪمل طور تي ختم ڪيو ٿو وڃي ڇو ته اُهي مذهب جي سچ ۽ احترام لاءِ سخت هاڃيڪار آهن؛ چراغان ڪرڻ، هار پارائڻ، لوبان هارڻ ۽ شراب جو صدقو ڏيڻ کي خاص طرح بيان ڪيو ٿو وڃي ۽ اهڙن ڪمن کي سختيءَ سان نِنديو ٿو وڃي ۽ جيڪي گهريلو شين جون دعوائون آهن جيئن گهريلو ديوتا وغيره ته اُهي به هن منع نامي ۾ شامل آهن. هنن لامذهبيت وارن ڪمن ۽ غير قانوني ورسين جي سخت قانون کي جيڪو به ٽوڙيندو ته ان جي گهر توڙي سندس سڄي ملڪيت کي ان جڳهه تي ضبط ڪيو ويندو جتي به اهڙن غير قانوني ڪمن کي ڪيو ويو هوندو؛ ۽ جيڪڏهن هن فريب ۽ چالاڪيءَ سان ملحداڻي ڪم جي جڳهه پنهنجي بجاءِ ڪنهن ٻي جي ٻڌائي آهي ته ان تي سخت ۽ وڏو ڏنڊ رکيو ويندو جيڪو سون جي پنجويهن پائوندن يا وري هڪ هزار پائونڊ اسٽرلنگ جي برابر هوندو جيڪو ڪيس بنا دير ادا ڪرڻو پوندو. ان کان سواءِ مذهب جي ڳجهن دشمنن جي سازشن تي به وڏو ڏنڊ مڙهيو ويندو جيڪي پنهنجي منصب جي ذميوارين کي سرانجام ڪرڻ ۾ غفلت ڪندا يا بت پرستيءَ جي واقعن کي ظاهر ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندا يا ان ڏوهه جي سزا ڏيڻ ۾ ڪا سُستي ڏيکارينداِ." ٿيوڊوسيَس جي سخت قانونن جو اهو طريقو هو جنهن کي سندس پٽن ۽ پوٽن مختلف وقتن تي لاڳو ٿي ڪيو ۽ هن تي عمل ڪرڻ تي عيسائي دنيا کين وڏي واکي داد ۽ آفرين پيش ٿي ڪيو.(56)

ڊيسيَس ۽ ڊائڪليشين جي ظالماڻي دؤر ۾ عيسائيت جي مذهب تي مڪمل پابندي لڳائي وئي هئي ڇاڪاڻ جو هنن شهنشاهت جي قديم ۽ موروثي مذهب خلاف بغاوت ڪرڻ ٿي چاهي، ۽ جيڪي ناانصافيءَ وارا شڪ، ڪجهه جاهل ۽ خطرناڪ فرقن طرفان مٿن لڳايا ويا هيا، اُنهن جو، ڪجهه حد تائين ڪٿولڪ ڪليسا جي تڪڙين سوين ۽ سندن اٽرٽ اتحاد سبب، مظاهرو به ڪيو ويو هو. پر خوف ۽ جهالت جا ساڳيا دليل عيسائي شهنشاهن تي لاڳو نٿا ڪري سگهجن جن انسانذات جي اصولن ۽ انجيل جي پڄڪڙي ڪئي هئي. زمانن ۽ عمرين جي تجربن لامذهبيت جي حماقتن ۽ ڪمزورين جي حقيقت کي ڪولي ڇڏيو هو، دليلن ۽ عقيدن جي روشني، انسانذات جي ڪيترن ئي حصن ۾ اڳ ۾ ئي بت پرستيءَ جي اجائي ۽ ڪوڪلي عبادت کي رد ڪري ڇڏيو هو، هي هڪ اهڙو فرقو هو جيڪو زوال پذير

ٿي رهيو هو پر جنهن اجا به پنهنجين عبادتن کي جاري رکڻ تي زور ٿي پريو، جن کي شايد پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهبي روايتن کي جاري رکڻ جي اجازت، امن ۽ اٽچٽائيءَ ۾ ڏني وڃي ها. جيڪڏهن بيدين فرقو پنهنجي اٽمِٽ بهاديءَ جي جذبن سان ايئن سرشار هجي ها جيئن اوائلي دؤر جا عقيدتمند هوندا هيا تہ ان صورت ۾ چرچ جي ڪاميابيءَ تي شايد رت جا داغ لڳل هجن ها؛ ۽ جوپيٽر ۽ اپولو جا شهيد پوءِ شايد پنهنجون زندگيون ۽ قسمتون پنهنجن قربانگاهن جي پيرن ۾ ويهي گذارڻ جو سونهري موقعو پنهنجي هٿان وڃڻ نہ ڏين ها. پر اهڙو اٽٽر ۽ اٽمِٽ جذبو مشرڪن جي ڇڙواڪ طبيعتن ۽ فضول خيالن سان مطابقت رکندڙ هرگز ڪونہ هو. بنياد پرست شهنشاهن جي زوردار ڏکن ۽ جهٽڪن کي، نرمي ۽ تابعداري جي جذبي جهڪو ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي لامذهبن يا مشرڪن جي فرمانبرداريءَ کين ٿوڏوسين ڪوڊ(57) جي سورن ۽ سزائن کان محفوظ ڪري ڇڏيو هو. بجاءِ ائين چوَڻ جي تہ ديوتائن جي طاقت، شهنشاهه جي اختيارن کان متاهين هئي، هو غمگين ۽ ڏيمي لهجي ۾، پنهنجين مقدس ريتن رسمن جي ورجائڻ کان پاسيرا رهيا چو تہ سندن حاڪم اُنهن کي سختيءَ مان نِنديو هو. جيڪڏهن ڪڏهن پنهنجن مذهبي جذبن کان مجبور ٿي يا لِڪ چَپ وارين اُميدن جي آسري ٿي ۽ پنهنجي دل جي چوَڻ ٿي پنهنجن وهمن وسوسن کي ورجائيندا هيا تہ ان ڪُجهہ جي ڪلڻ ٿي فورن پڇتائيندا هيا ۽ سندن پڇتاءُ، مئجسٽريٽ جي سختيءَ کي نرميءَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو هو ۽ پوءِ هو پنهنجي اُبهرائيءَ جو ڪفارو بيدلي ۽ ناراضگيءَ سان ئي سهي انجيل جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ سان ڪري ڇڏيندا هيا. ڪليسائون هاڻي اهڙن نالائق ماڻهن ۽ نئين مذهب ۾ داخل ٿيندڙن سان پرجي ويون هيون. جن عارضي ۽ دنياوي مقصدن سان، حاڪمن وارو مذهب اختيار ڪري ڇڏيو هو، ۽ حقيقي صورتحال هيءَ هئي جو هڪ طرف هنن نئين مذهب جون عبادتون ٿي ڪيون ۽ سڀ اُهي طريقا اختيار ڪري رکيا هيا جيڪي عيسائين وارا هيا، پر اُهي پنهنجي دل ۽ ضمير مطابق مطمئن هيا تہ هو خاموشيءَ سان پنهنجي قديمي خدائن جي عبادت ۾ مشغول ۽ مصروف رهندا هيا.(58) جيڪڏهن لامذهبن صبر کي وڃائڻ چاهيو هو تہ اُنهن کي بهاديءَ واري دليريءَ جي ضرورت هئي جيڪا مهاڏو اٽڪائي سگهي؛ ۽ ٽڙيل پکڙيل ماڻهن جو وڏو تعداد، جن کي مندرن جي بربادي ۽ ويراني‌ءَ تي وڏو افسوس هيو، بغير مقابلي يا ڪنهن مخالفت جي، پنهنجن دشمنن جي خوش بختيءَ آڏو آسانيءَ سان آڻ مجي ڇڏيائون. ذاتي جنونيت خلاف شام جي هارين ۽ سڪندريہ جي عوام جي مخالفت(59) کي شهنشاهه پنهنجي شان ۽ اختيارين ذريعي خاموش ڪرائي ڇڏيو. اولهہ جي مشرڪن، يوجينيَس* جي ترقيءَ ۾ ڪو ڪردار ادا ڪرڻ کان سواءِ، غاصب جي مقصد ۽ سخت ڪردار جي بيعزتي ڪئي چو تہ اُنهن جو ساٿس اٽپورو لڳاءُ هو. مذهبي ماڻهن پنهنجي سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ هن مرتد ٿيڻ جي خطا ڪرڻ سبب فساد کي ويتر وڌائي ڇڏيو هو ۽، پنهنجي اجازت سان، فتح جي قربانگاهہ کي ٻيهر بحال ڪيو ويو هو ۽ جوپيٽر ۽ هرڪيولس جي نشانين کي، صليب جي اَجيت جهنڊي جي سامهون لڳايو ويو هو. پر ڪافرن جون اجايون اُميدون يوجينيَس جي شڪست سان گڏ ختم ٿي چڪيون هيون ۽ اُهي فاتح جي ناراضگيءَ اڳيان صاف پترائي ٿي پيا هيا، ۽ سندن فاتح هاڻي فقط پنهنجي رب جي خوشنوديءَ جو طلبگار هيو ڇاڪاڻ تہ هن بت پرستيءَ جي بوٽي کي پاڙئون پٽي ختم ڪري ڇڏيو هو.(60)

غلامن جي قوم هميشه پنهنجي مالڪ جي شفقت ۽ مهرباني‌۽ جي تعريف ڪندي آهي، جيڪو مڪمل طاقت جي غلط ۽ ناجائز استعمال ڪرڻ ۾، ناانصافي ۽ ظلمن جي آخري حدن کي ڇُهڻ جي ڪوشش هروپرو نه ڪندو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته ٿوڊوسيَس پنهنجي لامذهب رعيت جي ماڻهن کي ٻن مان هڪ چونڊ ڪرڻ جو موقعو ڏنو هوندو: عيسائيت يا موت؛ ۽ فصاحت بلاغت جي ماهر لبانيَس شهنشاهه جي اعتدال پسنديءَ جي تعريف ڪئي آهي جنهن ڪڏهن به اهڙو قانون نه ناهيو هو جنهن موجب هو رعيت جي سڀني ماڻهن کي حڪم ڏئي ته هو هڪدم ۽ اڪيون ٻوٽي پنهنجي حاڪم جو مذهب اختيار ڪري ڇڏين.(61) عيسائيت سان لاڳاپي کي، معاشري جي شهري حقن حاصل ڪرڻ لاءِ، ضروري لياقت نه سمجهيو ويندو هو، نه وري ٻين فرقن جي ماڻهن سان ايڏيون سختيون روا رکيون ويندیون هيون جيڪي سادگيءَ ۾ اووِد جي قصن کهاڻين تي ته اعتبار ڪندا هيا پر انجيل جي معجزن کي ضد ۾ اچي رد ڪري ڇڏيندا هيا. محلات، اسڪول، فوج ۽ سينيٽ مطلب ته هر جڳهه جاتل سجاتل ۽ عقيدتمند لامذهبن يا ڪافرن سان پريل هوندي هئي پر ڪين شهنشاهت جا شهري توڙي فوجي حق، بغير ڪنهن فرق جي، حاصل هوندا هيا. ٿوڊوسيَس، نيڪي ۽ ذهني قابليت کي قدر جي نگاهه سان ڏسندو هو ۽ اهڙن ماڻهن کي پنهنجي فراخدليءَ سان نوازيندو هو، اهوئي سبب هو جو هن سماچَس(62) کي هڪ اعليٰ مرتبي جو سفارتي عهدو عطا ڪيو ته ساڳي وقت لبانيَس(63) سان ذاتي دوستيءَ جا ناتا به نيايائين، ۽ ٻن فصاحت ۽ بلاغت رکندڙ ماڻهن، جن مشرڪن جو دفاع ڪيو هو، کي اجازت هئي ته پلي پنهنجي مذهب سان لاڳاپيل هجن ۽ پنهنجن مذهبي نظرين لاءِ ڪين پهروپيائي جي ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ڪانه هئي. لامذهبن يا مشرڪن کي، مهربانين طور، تقرير يا تحرير جي نه رڳو پوري پر چڙواڳ آزادي هئي، يونئپيَس، زوسيمَس(64) ۽ افلاطون جي فلسلفي جي اسڪول جي جنونيَ استادن جي تحريرن مان معلوم ٿيو ته اُنهن پنهنجن فاتح دشمنن لاءِ نه رڳو سخت تعصب جو اظهار ڪيو آهي پر اُنهن جي جذبن ۽ ڪردار لاءِ ڪليل گارگند کي به پنهنجين تحريرن ۾ جڳهه ڏني آهي. جيڪڏهن اهڙين توهين آميز تحريرن جي گستاخي عالم آشڪار هئي ته پوءِ عيسائي شهنشاهن کي يقينن داد ڏيڻو پوندو جن، مشرڪن جي وهمن وسوسن جي آخري جدوجهد(65) ۽ نا اُميدي مان اُميد جي رستي ڪولڻ جي ناڪام ڪوشش تي، پنهنجي مُنهن تي نفرت جي مرڪ سان ئي سهي، پر ڪين برداشت ٿي ڪيو. پر اُنهن شهنشاهي قانون تي، جنهن مطابق ملحدن طرفان قربانيون ڏيڻ ۽ ورسين ملهائڻ جي منع ڪيل هئي، سختيءَ سان عمل ڪيو ويو، ۽ هر لمحي تي ان مذهب جو اثر تيزيءَ سان ختم ٿيندو ٿي رهيو جنهن کي منطق ۽ دليلن جي بجاءِ فقط رسمن ۽ روايتن جي حمايت حاصل هئي. ڪنهن به شاعر يا فيلسوف جي عقيدتمنديءَ کي، عبادت، ڪُوڙهي فڪر ۽ مطالعي جي خوراڪ ذريعي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو، پر جيڪا عبادت خاطر عبادت آهي اُهائي ماڻهن جي مذهبي جذبن کي مضبوط بنيادن تي هلائي سگهي ٿي ۽ اُها فقط لڳاتار جاري رکڻ ۽ ان جي مستقل عادت ناهڻ سان ئي روح کي قرار ۽ سڪون ٿو ملي. ماڻهن جي ان لڳاتار عمل ۾ جيڪو وقفو اچي ٿو، اُهو شايد ٿورڙن ئي سالن اندر هڪ قومي انقلاب جي راهه هموار ڪري ٿو. ديني نظرين جي يادگيرين کي، پادرين، مندرن ۽ ڪتابن جي مصنوعي مدد کان سواءِ، گهٽي عرصي تائين محفوظ نٿو ڪري سگهجي.(66) ڪجهه جاهل ۽ نادانن کي، جن جي دماغن ۾ اجا تائين به وهمن وسوسن جي واڌاري جي انڊي اُميد ڇانيل آهي، پاڻهي سندن وڏڙا

کين قائل ڪري ونندا تہ پنهنجي دؤر جي ديوتائن ڏانهن متوجه ٿين ۽ اُهي آهستي آهستي نئين فلسفي کي جوش ۽ جذبي سان سندن منَ ۾ اوتيندا، نہ رڳو ايترو پر ان جي حمايت ۽ پرچار ۾ ڪندا، جنهن لاءِ سندن روحاني بُک اڳ ۾ ہ انکي قبول ڪرڻ لاءِ کين قائل ڪري ڇڏيو هو. شاهي قانونن جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ، دنيا اندر جيڪو نسل پيدا ٿيو، اُن کي، ڪٹٹولڪ ڪليسا جي ڪشش پاڻ ڏانهن ڇڪيندي رهي، ۽ لامذهبيت جي تباهي ايتري تہ تيزيءَ سان، پر سانت سڪون سان آئي جو ٿوڊوسيَس جي موت کان فقط اناويهہ سال پوءِ، ڪنهن ہ عام ماڻهو توڙي اسيمبليءَ جي ميمبر کي، اُنهن جو نالو نشان يا جهَڪو پاڇو ہ ڪٹي نظر ڪونہ آيو.(67)

فيلسوفن، مشرڪن جي مذهب جي تباهيءَ کي هڪ خوفناڪ، حيرت انگيز ۽ انوکو واقعو ڪوٹيو آهي جنهن سڄي ڏرتيءَ کي اونداهو ڪري ڇڏيو هو ۽ مونجهارن ۽ رات جي انڌاري جي اوائلي حڪومت کي ٻيهر وجود ۾ آندو هو. اُهي ادب ۽ ڏکاري انداز ۾ ٻڌائن ٿا تہ مندر قبرن ۽ تربتن سان پرجي ويا هئا، ۽ اُهي مقدس جايون جيڪي اڳ ديوتائن جي مجسمن سان سينگاريل هوندیون هيون، هاڻي اُنهن کي عيسائي شهيدن جي تبرڪن سان گندو ڪيو ويو آهي. 'ٻاوا، (گندن جانورن جي قوم جن لاءِ يونئپَس کين انسان جو نالو ڏيڻ ہ پسند نٹو ڪري)، نئين عبادت جا اڳواڻ آهن. جن کي، انهن جي ڪجهہ ديوتائن جي جڳهہ تي، گڏيل صلاح مشوري سان تخليق ڪيو ٿو وڃي: کين ذليل ترين ۽ نفرت لائق غلامن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي. اهڙن بدنام ۽ بد ڪردارن جا مٹا جن کي لوڻ ۽ آچار لڳائي بچڙو ٻڌايو ويو آهي ۽ جن کي سندن ڪيترن ئي ڏوهن جي سلسلي ۾ ذلت واري موت جي سزا ڏني وئي آهي، سندن جسمن تي اڃا ہ ڦٹکن جا نشان صاف نظر پيا اچن. ۽ انهن اذيتن جا نشان جيڪي مئسجٹريٹ جي فيصلي کان پوءِ سندن جسمن تي لڳايا ويا هيا، اهڙا (يونئپيَس پنهنجي بيان کي جاري رکندي چوي ٿو) اڇڪلهہ جا ديوتا آهن جن کي اسان جي ڏينهن ۾ ڏرتي جنم ڏئي ٿي، اسان جي دؤر جا شهيد ہ اهڙائي آهن جيڪي حقيقي معبود لاءِ اسان جي عبادتن جا عظيم منصف ۽ امين آهن، جن جي مقبرن کي ماڻهن جي عقيدت ۽ احترام لاءِ مقدس ٻڌايو ويو آهي.'(68) ڪدورت جي ڳالهہ کان هٹي ڪري فيلسوف، جيڪو هن انقلاب جو مشاهدو ڪندڙ ہ هو، جي حيرت فطري ٿي لڳي ۽ کيئن نہ روم جي اڇاتل ۽ اڇٹن مظلومن کي آسماني درجو ڏنو ويو هو ۽ کين روم جي شهنشاهت جي نامعلوم يا غيبي بچائيندڙن ۾ شامل ڪيو ويو. عقيدي جي شهيدن لاءِ عيسائين جي عزت ۽ احترام وقت ۽ سوپ جي لحاظ سان مذهبي عبادت ۾ بدلجي ويو ۽ ڪيترائي بزرگ، درويش ۽ پيغمبر جائز طرح سان، شهيدن جي اعزازن ۽ رتبن سان شامل ڪيا ويا هيا. سينٹ پيٹر ۽ سينٹ پال جي عظمت واري موت کان ڏيڍ سو سال پوءِ، وٹيڪن ۽ اوسٹين جا رستا مقبرن بلڪ روحاني سپوتن جي ٹرافين ذريعي ڄاتا سڃاتا ويندا هيا.(69) جنهن دؤر ۾ ڪانسٹنٹائن مذهب بدلايو هو، شهنشاهہ، سفارتخانو، مئجسٹريٹ ۽ فوج جا جنرل عقيدت منجهان هڪ تنبو- ناهيندڙ ۽ هڪ مهاڻي(70) جي مقبري جو ديدار وجي ڪندا هئا ۽ سندن احترام لائق هڏا حضرت عيسيٰ جي قربانگاهہ هيٹان پُوريا ويا هيا. جنهن تي شاهي شهر جا پادري وقفي وقفي سان اهڙيون قربانيون اڇي ڪندا هيا جنهن ۾ رت وهائڻ جي منع ٿيل هوندي هئي.(71) اوپر جي دنيا جو نئون گاديءَ جو هنڌ، جيڪو ان قابل نہ هيو تہ قديمي يا مقامي ٹرافيون ناهي سگهي، مٹس پاڙيندڙ صوبن جي غنيمت جي مال مان شاهوڪار ٿي ويو. سينٹ ائنڊريوز، سينٹ

ليوڪ ۽ سينٽ ٽِمٿي جي جسمن اڻجاتل ۽ نامعلوم قبرن ۾، ٽن سو سالن تائين آرام ڪيو هو، جتان ڪين ڪڍي وڏي ڏوم ڌام سان حوارين جي ڪليسا ڏانهن موڪليو ويو جنهن کي ڪانسٽئنٽائن جي عظمت ۽ سخا جي جذبن سان ٽريس جي باسفورس(72) جي ڪنارن تي تعمير ڪيو ويو هو. پنجاهه سالن کان پوءِ، سئموئيل، جيڪو جج ۽ اسرائيل جي ماڻهن جو پيغمبر هيو، ساڳين ئي ڪنارن کي پنهنجي آمد سان عزت بخشي هئي. سندس خاڪ جنهن کي هڪ سوني گلدان ۾ وجهي ريشم جي ڪپڙي سان ڍڪيو ويو هو، پادرين طرفان ان جي، هڪ ٻئي جي هٿن ۾ احترام مان مَٽ سٽ ڪئي وئي هئي. سئموئيل جا تبرڪ ماڻهن ساڳي خوشي ۽ احترام مان وصول ڪيا جنهن جو اظهار هونئن ڪنهن زنده پيغمبر جي مان ۾ ڪيو وجي ها؛ فلسطين کان قسطنطنيه جي گيٽن تائين شاهي رستا ماڻهن جي جلوسن سان پريل هيا، ۽ شهنشاهه آرڪئڊيَس خود، مذهبي ماڻهن ۽ سينيٽ جي ميمبرن جي هڪ وڏي تعداد جي اڳواڻي ڪندي اڳتي هليو ويو ته جيئن پنهنجي خاص الخاص مهمان جو استقبال ڪري سگهي، جنهن کي بادشاهن(73) طرفان عزت احترام پيش ڪيو ويندو هو جنهن جو هو بجا طور تي لائق پڻ هيو. روم ۽ قسطنطنيه جي روشن مثال، ڪئٿولڪ دنيا جي مذهبي عقيدي ۽ نظم ۽ ضبط جي تصديق ڪري ڇڏي هئي. بزرگن ۽ شهيدن جا اعزاز، ملحدن ۽ مشرڪن جي ڪمزور ۽ بي اثر ٻُڌ ٻڌ ڪان پوءِ آفاقي سطح تي تسليم ڪيا ويا،(74) ۽ ائمبروز ۽ جيروم جي دؤر ۾، عيسائي چرچ ۾ اڃا ڪجهه ڳالهين جي گهٽتائي نظر ٽي آئي، پر پوءِ ان کي پاڪ تبرڪن سان مقدس بنايو ويو هو جنهن سبب عقيدتمندن جا جوش ۽ جذبا نئين سر پڙڪي اٿيا هئا.

ٻارهن سؤ سالن جي تمام ڊگهي عرصي ۾ جيڪو ڪانسٽئنٽائن جي دؤر کان شروع ٿي لوٿر جي مذهبي تحريڪ تي ختم ٿئي ٿو، بزرگن ۽ تبرڪن جي عبادت، عيسائين جي اصلي روپ ۽ سادگي وارين وصفن کي گهٽي حد تائين بگاڙي ڇڏيو هو ۽ پهرين نسل ۾ ئي بگاڙ جا آثار صاف نظر اچي ويا هيا جن عيسائيت جي سنن اصولن کي ڇڏڻ ۽ بگڙڻ جي زهريلي انداز کي اختيار ڪري ڇڏيو هو.

ا بزرگن جي تبرڪن جي سون ۽ قيمتي پٿرن کان وڌيڪ قيمتي هجڻ جي اطمينان بخش تجربي،(75) مذهبي پنڌتن کي سرهو ڪيو جن ڪليسا جي مال خزانن کي ٻيٽو ٽيٽو ڪري ڇڏيو. سچ کي پاسيرو ڪندي ۽ هئڻ يا ٿيڻ جي حقيقت جي پرواهه نه ڪندي هنن هڏاوَن پجرن لاءِ نالا ايجاد ڪيا ۽ وري نالن کي ڪم يا عمل سونپيا ويا. حوارين ۽ معتبر ماڻهن جي شهرت، جن سندن نيڪين کي اختيار ڪيو هو، کي مذهب جي افسانوي انداز اونداهو بنائي ڇڏيو هو. اصلي، اڻوٽ ۽ اوائلي شهيدن جي فهرست ۾ هنن بيشمار نقلي ۽ خيالي سپوت به شامل ڪري ڇڏيا هيا، جن جو ڪوبه وجود نه هو پر جي هيو ته چالاڪ يا سادڙن روايتي ماڻهن جي فقط تصور يا خيالن ۾ هيو، هڪ ڳالهه ۾ شڪ ڪرڻ جي گهٽي گنجائش آهي ته ٽورس فقط هڪڙو ضلعو نه هو جنهن جي اصلي بزرگن ۽ درويشن جي بجاءِ، بدمعاشن ۽ بدنام ماڻهن جي هڏن کي پوڄيو ويندو هو.(76) هيءَ هڪ اهڙو وهمن وسوسن وارو غلط عمل هيو جنهن فريب، دوکيبازي ۽ پورڙائيءَ کي عام ڪري ڇڏيو جنهن اڻ محسوس ٽيندڙ طريقي سان عيسائي دنيا جي تاريخ توڙي منطق جي روشنيءَ جي لات کي جهڪو ڪندي نيٽ وِسائي ڇڏيو.

II پر وهمن وسوسن جي واڌاري ۾ ايتري تيزي هرگز نه اچي ها جيڪڏهن ماڻهن جي عقيدن جي، خوابن ۽ معجزن ذريعي مدد نه ڪئي وڃي ها ته جيئن بيحد مشڪوڪ تبرڪن جي نيڪي ۽ صداقت جي باري ۾ حقيقت صاف طرح سان معلوم ٿي سگهي ها. ننڍي ٿوڊوسيس* جي حڪومت ۾، ليوسيَن،(77) جيروسلم جي نائب پادري ۽ ڪفارڪمالا جي ڳوٺ جي هڪ وزير، جيڪي شهر کان ويهن ميلن جي پنڌ تي رهندا هئا، هڪ عجيب ۽ انوکي خواب جو قصو بيان ڪيو، جنهن کي فقط شڪ گمانن کي دور ڪرڻ لاءِ، ساندھ ٽن ڇنڇرن تي ڏهرايو ويو. رات جي خاموشيءَ ۾ هڪ بزرگ ماڻهو سندن سامهون اچي بيٺو، سندس ڏڳهي ڏاڙهي هئي ۽ ڪيس اڇو جُبو پاتل هو ۽ سندس هٿ ۾ هڪ سوني لٺ هئي، پنهنجو تعارف ڪرايائين ته سندس نالو گماليل هو، ۽ اڇرج ۾ ورتل نائب پادريءَ کي پنهنجي ميت يا هڏائين پڇري، سندس پٽ ابيباس ۽ سندس دوست نڪوڊيمَس ۽ مشهور اسٽيفن- جيڪو عيسائي مذهب جو پهريون شهيد هو- بابت ڪجهه حقيقتن جو انڪشاف ڪيائين جيڪي پر واري زمين ۾ ڳجهيءَ طرح دفنايا ويا هئا. هن اُبهرائيءَ مان چيو ته هاڻي وقت هو جو هو پاڻ توڙي پنهنجن ساٿين کي هڪ اڻڄاتل جيل مان آزاد ڪرائي، ۽ سندن ظاهر ٿيڻ، تڪليف ۾ مبتلا ماڻهن لاءِ صحتمند ۽ سٺو سنوڻ هو، ۽ هنن ليوسين کي چوندیو هو ته سندن صورتحال ۽ خواهشن بابت هو جيروسلم جي پادريءَ کي سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏي. هن اهم خواب ۽ انڪشاف بابت جيڪي به شڪ، تڪليفون ۽ رڪاوٽون هيون، اُنهن کي وقت سان گڏ نوَن خوابن ذريعي دور ڪيو ويو، ۽ زمين کي، بشپ طرفان ماڻهن جي وڏي تعداد جي موجودگيءَ ۾ کوليو ويو. گماليَل، سندس پُٽ ۽ سندس دوست جا تابوت بلڪل صحيح سلامت هيا، پر جڏهن چوٿون تابوت، جنهن ۾ اسٽيفن جو مڙهه رکيل هو، کوليو ويو ۽ جيئن ان تي روشني پئي ته سڄي زمين جن ڏڏي وئي ۽ هڪ بهشت واري معطر خوشبوءِ هر طرف ڦهلجي وئي جنهن فورن ٽيهتر مددگارن کي مختلف بيمارين کان ڪين چوتڪارو ڏياري ڇڏيو. اسٽيفن جي ساٿين کي ڪفار گمالا جي رهائش گاهه جي پُرسڪون ماحول ۾ ڇڏيو ويو، پر پهرئين شهيد جي تبرڪن کي هڪ جلوس جي شڪل ۾ هڪ ڪليسا ۾ نيو ويو جيڪا جبل سينا تي سندن اعزاز ۾ تعمير ڪئي وئي هئي، ۽ انهن تبرڪن جا ننڍڙا ذرڙا، رت جو هڪ ڦڙو،(78) يا هڏي جون ڇيتيون وغيره سڄي رومي دنيا ۾ تسليم ڪيون ويون هيون ته اُنهن ۾ قدرتي ۽ معجزاتي نيڪين ۽ ڇگائيءَ جا عنصر هيا. آگسٽائين(79) جيڪو سنجيدو ۽ هڪ وڏو عالم هو ۽ جنهن جي ڄاڻ ڪنهن به سادگيءَ کي مجڻ لاءِ تيار نه هوندي هئي، ان به سينٽ اسٽيفن جي تبرڪن بابت ڪيترائي اهم ۽ انوکا واقعا جيڪي آفريڪا ۾ ٿيا هيا جو ذڪر ڪيو آهي، هي لاجواب ۽ ڪمال جو بيان جيڪو ڪتاب 'خدا جي شهر' ۾ درج آهي، ۽ هِپو جي پادري، انهن واقعن کي، عيسائيت جي سچ بابت بيحد مضبوط ۽ لازوال دليلن طور پيش ڪيو آهي. آگسٽائين پوري سچائيءَ سان چوي ٿو ته هن فقط اُهي معجزا چونديا آهن جن جي ماڻهن جي ميڙ جي آڏو تصديق ٿي وئي هئي جيڪي يا ته خود هيا يا تماشبين هيا جن شهيدن جي طاقت جي شاهدي ڏني هئي. ڪيترائي ٻيا غير معمولي ماڻهو آڏو نه آيا هيا يا اُنهن کي وساريو ويو هو ۽ هپو کي، صوبي جي شهرن جي مقابلي ۾ گهٽ اهميت ڏني وئي هئي. ان جي باوجود به پادري ستر واقعن کان به گهٽا ٿو ٻڌائي جن مان ٿي ته اهڙا هيا جيڪي مئلن مان جيئرا ٿيا هيا ۽ اهي واقعا سندس ئي انتظامي ضلعي اندر فقط ٻن سالن جي عرصي ۾ ٿيا هيا.(80) جيڪڏهن اسان پنهنجن مشاهدن کي

وڏيڪ وسيع ڪندا وجون ۽ عيسائي دنيا جا سيئي درويش ۽ بزرگ ڪٿايون ٿ پوءِ اهو ممڪن نہ ٿيندو ۽ اهڙن قصن ڪهاڻين توڙي ڪجهہ غلطين جو حساب ڪتاب بہ ڏيو ٿي پوندو ڇو ٿ جن ذريعن وٽان اهي واقعا بيان ڪيا ويا آهن اُهي وڏا ۽ اٽڪُل آهن. پر اسان کي ايتري اجازت ضرور ملڻ گهرجي ٿ اسان غور ڪريون ٿ وهمن ۽ وسوسن جي پورڙائي ۽ سادگيءَ جي دؤر ۾، معجزن جو نالو توڙي اُنهن جي اهميت ختم ٿي وئي هئي ڇو ٿ اهڙيون ڪَالهيون فطرت جي قانون جي اُبتڙ ۽ ٽڪراءَ ۾ آهن.

III بيشمار معجزا جن ۾ شهيدن جا مقبرا دائمي نمائش جو هنڌ هوندا هيا ۽ هڪ نيڪ عقيدتمند تي پراسرار دنيا جا راز ۽ اصل حقيقتن جو انڪشاف ٿيو هو ۽ لڳي ٿو ٿ سندس مذهبي انداز حقيقت ۽ تجربي جي مضبوط بنيادن تي ٻڌل هوندا هيا. بيهودن روحن جي جيڪا بہ حالت، سندن پڃاڻيءَ ۽ سندن مئل جسمن جي بيهر زنده ٿيڻ جي طويل وقفي دوران ٿي هجي، اهو صاف ظاهر هو ٿ بزرگن ۽ شهيدن جي عظيم روحن پنهنجي زندگيءَ جو قيمتي حصو خاموشي ۽ بدناميءَ واري نند ۾ هرگز نہ گذاريو هوندو.(81) اهو بہ ظاهر هو (سواءِ سندن رهڻ جي جڳهہ ۽ اُنهن جي سرهائيءَ جي طريقي کي ڄاڻڻ جي اندازي لڳائڻ جي) ٿ اهي پنهنجي خوشي، شادماني، نيڪي ۽ سندن اختيارن جي احساس کي چستي ۽ سرهائيءَ سان ملهائيندا هيا؛ ۽ هنن اڳي ئي پنهنجو دائمي انعام حاصل ڪري ڇڏيو هو. سندن ذهني لياقتن ۽ قابليتن جي بلندي ايتري ٿ وڌي هئي جو ان کي انساني تصور جي ماپي ۾ نٿو سمائي سگهجي. جيئن ٿ تجربي اهو ثابت ڪيو هو ٿ هو پنهنجن بيشمار عقيدتمندن جون دانهون ۽ فريادون ٻڌندا ۽ سمجهندا هيا، جيڪي، ساڳي ئي وقت، پر دنيا جي دور دراز علائقن ۾، استيفن يا مارٽن(82) جا نالا کڻي اُنهن کي مدد لاءِ پڪاريندا هيا. سندن عرضدارن جو اعتماد ان دليل تي ٻڌل هو ٿ اُهي بزرگ جيڪي حضرت عيسيٰ سان گڏ حڪومت ڪندا هيا، زمين تي پنهنجي رحم جي نظر ڪندڙ هيا ۽ اُهي ڪئٿولڪ ڪليسا جي ترقي ۽ واڌاري جا هر وقت خواهشمند ۽ دلچسپي رکندڙ هيا ۽ اُهي فرد جيڪي، سندن نيڪي ۽ عقيدي جي مثالن جي تقليد ڪندا هيا، اُهي ئي سندن پسنديده ماڻهو هيا ۽ سندن دِلي احترام ۽ عزت جو محور ۽ مرڪز بہ اُهي ئي هيا. ڪڏهن ڪڏهن ٿ وري اُنهن جي دوستي اهڙين ڪَالهين جي ڪري بہ متاثر ٿيندي هئي جيڪي نندڙيون ۽ خسيس هوندیون هيون، هر اُن جڳهہ کي هڪ طرفي يا جانبداريءَ جي نظر سان ڏسندا هيا جنهن کي سندن جم، سندن رهائشگاهہ، سندن موت، سندن ذهن يا سندن تبرڪن جي وٽن هئڻ ذريعي مقدس بنايو ويو هو. تڪبر، لوپ، لالچ ۽ انتقام جي ذليل جذبن کي هو ڏڪارينديا هيا ۽ چوندا هيا ته اهڙا جذبا بهشتي سينن ۾ هرگز سمائجي نٿا سگهن، ان جي باوجود بزرگَ پنهنجين مهربانين سان، پنهنجي عقيدتمند جي فراخدليءَ جي تعريف ڪندا هيا ۽ احسانمنديءَ مان سندن اهڙن سڻن گڻن جي منظوري ڏئي ڇڏيندا هيا پر اُنهن بدنصيب لامذهبن ۽ ملحدن جي خلاف هو سخت ڪاوڙ ۽ جوش منجهان ڪَالهائيندا هيا جيڪي سندن عظيم الشان مقبرن جي تقدس جي مخالفت ڪندا هيا ۽ سندن روحاني ۽ مٿاهين طاقت ۾ اعتبار نہ ڪندا هيا،(83) پوءِ اهڙن هنيلن ۽ منڪرن کي سخت سزائون پڻ ڏنيون ويندیون هيون. پر اُنهن جو قصور ۽ خطا ايتري ٿ وحشياڻي ۽ سندن شڪ ۽ گمان ايترا ٿ انوکا هيا جو اُنهن خدا پاڪ جي معرفت جي ثبوتن کي هڻ ۽ هوڏ ذريعي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن ٿ اُنهن عنصرن، يا جاندارن جي سڃي تخليق توڙي انساني ذهن جي نفيس، نازڪ ۽ لڪل جذبن بہ مجبور ٿي سندس وجود جو اقرار ڪيو هو.(84) عبادت يا ڪنهن ڏوهہ جي ٿرت ۽

تڪڙي اثر عيسائين کي اطمينان ٿي ڏياريو ته سندن بزرگن ۽ درويشن کي کيترا نہ وڏا اختيار مليل هيا ۽ اُهي الله تعاليٰ جي عظيم ترين هستيءَ جا کيڏا نہ لاڏلا هيا جو، اهو معلوم ڪرڻ اجايو ٿيندو ته اُهي حقيقي معبود آڏو ماڻهن جي شفاعت ڪرڻ جي سفارش ڪرڻ جا حقدار هيا، يا سندن مهرباني ۽ انصاف جي تقاضائن موجب، واسطيدار وزارت طرفان کين اهڙي اجازت نہ ڏني وئي هئي. اهڙو آفاقي تصور، جيڪو وڏي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ اُتاهون ٻُجي عالمي ڪارڻ، جو ادراڪ رکي ۽ ان جي عبادت ڪري، پوڄا ڪرڻ جي نندين نندين شين ۽ اٿپورين صلاحيتن جي پرپور سوچ کي به پنهنجي پاڻ ۾ سمائي ٿو ڇڏي. اوائلي عيسائين جي مٿاهين ۽ نج سادگي واري مذهبي رواداري وقت سان گڏ ڪافي حد تائين بگڙي چڪي هئي، ۽ جنت جي بادشاهي، جنهن تي مابعدالطبيعات جا ڪارا ڪڪر اڳ ۾ ئي ڇانئجي چڪا هيا، هڪ اهڙي ديني رجحان سان هيناهين سطح تي اچي چڪي هئي جنهن ذريعي گهٽن خدائن جي عبادت ڪرڻ وارن جي حڪومت کي قائم ڪيو ويو هو.(85)

IV جيئن ته مذهب جي مقصد کي هاڻي فقط تصوراتي دنيا تائين محدود ڪيو ويو هو، ته اهڙين رسمن ۽ رواجن کي عام ڪيو ويو هو جيڪي ايتريون ته طاقتور هيون جو اُنهن ذريعي بيهودگيءَ جي احساسن کي جاڳايو ويو هو. جيڪڏهن پنجين صدي عيسوي ۾، ٽرٽوليَن(86) يا لئڪٽئنٽيَس(87) اوچتو پنهنجين قبرن مان اُٿي جيئرا ٿي پوَن ها ۽ ڪنهن بزرگ يا شهيد(88) جي ورسيءَ جي انتظامن ۾ هٿ وندائين ها ته لامذهبيت يا ڪفر جي ماحول ۽ منظر تي حيرت، ڪاوڙ ۽ اچرج مان سندن اکيون ڦاٽل رهجي وڃن ها ته ڪيئن نہ عيسائين جي ميڙن ۽ هجومن جي روحاني عبادتن ۾ ڪفر ڪاهي پيو هو. جيئن ئي ڪليسا جي دروازن کي کوليو وڃي ها ته اُتي لوبان جي ٻرڻ جو دونهون، گلن جي خوشبوءِ ۽ بتين ۽ مشعلن جي روشني جا منظر کين ڏک پهچائن ها جيڪي منجهند جهڙي وقت ۾ به، سندن خيال ۾، چمڪندڙ ۽ پڙڪيدار روشنيءَ سان ناپاڪي ۽ بيحرمتيءَ جو نظارو پيش ڪندا هيا. جيڪڏهن اُهي قربانگاهن جي احاطي يا ڏاڪڻ جي ويجها وڃن ها ته بيشمار سُتل ۽ سنوان نوان ٿي ليٽيل ماڻهن جا هجوم کين رستي تي ملن ها جيڪي گهٽو ڪري سيئي ڏاريا هيا يا زيارتن لاءِ اُتي ترسيل هيا جيڪي شهر ۾ ته ڪنهن موقعي کي ملهائڻ خاطر آيا هيا پر کين اڳ ۾ ئي مذهبي جنونيت توڙي شراب جي نشي جو خمار ۽ مدهوشيءَ جو ماحول محسوس ٿيو هو. سندن عقيدت جون چُميون، مقدس عمارتن جي ديوارن تي نقش ٿي ويون هيون ۽ سندن عبادتون، ان ڪليسا جي خاص ٻوليءَ ۾، اُنهن درويشن ۽ بزرگن جي هڏن، رت ۽ سندن خاڪ کي اربيون ويون هيون. جن کي جاهلن ۽ جَٽن جي نظرن کان بچائڻ خاطر، پَٽ ريشم ۽ اطلس جي پردن ۾ لِڪايو ويو هو. عيسائي، شهيدن جي مقبرن جي زيارت لاءِ اڪثر ايندا ويندا رهندا هيا ۽ سندن نيت اها هوندي هئي ته اتان اُنهن جي معرفت ۽ سفارش سان کين روحاني دولت ملي وڃي پر سندن دعائون گهٽو ڪري مالي ۽ دنياوي فائدن لاءِ وڌيڪ هوندیون هيون. اُهي پنهنجي صحت کي قائم رکڻ ۽ جسماني ڪمزورين کي دور ڪرڻ لاءِ گهٽو ٻاڏائيندا هيا ته ساڻئي وقت پنهنجين زالن، جيڪي سنڌيون ٿي چڪيون هيون، جي جهولي ٻرڻ توڙي پنهنجي اولاد جي خوشين لاءِ پڻ ليلائي دعائون گهرندا هيا. هو جڏهن به ڪنهن ڏورانهين يا خطري جهڙي سفر تي اُسهندا هيا ته اُهي پنهنجن بزرگن ۽ شهيدن کي منٿون ڪندا هيا ته اڻ ڏٺل ۽ ڏکئي رستي ۾ اُهي سندن رهبري ۽ حفاظت ڪندا، ۽ جڏهن هو پنهنجي سفر تان سلامتيءَ سان واپس ورندا هيا ۽ رستي تي ڪنهن به تڪليف پيش

نہ اچڻ تي ٻيهر پنهنجن شهيدن ۽ بزرگن جي مقبرن تي وڃي حاضر ٿيندا هيا، ته وڏي خلوص ۽ عقيدت منجهان شڪرانا بجا آڻيندا هيا ۽ پنهنجن بهشتي درويشن جي تبرڪن تي نذرانا ڏيندا هيا ۽ اُنهن جي يادن ۽ احسانن کي ڳائيندا ۽ هيج منجهان ملهائيندا هيا، جيڪي ۽ جهڙي قسم جا احسان متن ڪيا ويندا هيا ته انهن سان مطابقت رکندڙ نشان ناهي ديوارن تي لڙڪايا ويندا هيا؛ سون ۽ چانديءَ سان ناهيل اکيون، هٿ ۽ پير ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تصويرون يا نقش، جيڪي پڻ بت پرستيءَ جي وهمن وسوسن ۽ اوگٽن کان بچي نہ سگهيا هيا، اُنهن بزرگن ۽ شهيدن جي وصفن، معجزن ۽ شڪل صورت سان منسوب ڪيا ويندا هيا. ساڳين ۽ هڪجهڙن وهمن وسوسن جون روايتون، جيڪي قديم زماني کان وٺي ڪيترن ئي ملڪن ۾ رائج رهيون آهن، سادڙن ۽ پورڙن ماڻهن کي دوکي ۽ فريب ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ جاري رکيون ويون آهن ته جيئن انسانذات جي احساسن ۽ سمجهه تي اثرانداز ٿي سگهجي،(89) پر اها ڳالهه ضرور مڃڻي پوندي جيڪا ڪيڏي نہ تضاد واري آهي ته ڪٿولڪ ڪليسا جي رکوالن ۽ نمائندن، لامذهبيت ۽ ڪفر جي اُنهن نمونن جي خود ڪاپي ڪئي هئي جن کي تباهه ڪرڻ لاءِ بيچينيءَ ۽ بيصبريءَ مان پاڻ ڪوششون ڪري رهيا هيا. بيحد محترم ۽ معزز پادرين پاڻ کي ان ڳالهه تي خوش ڪيو هو ته جاهل، ڳوناڻا ۽ اٽپڙهيل لادينن جي وهمن وسوسن کي پاڻهي چڏي ڏيندا جيڪڏهن ڪين عيسائيت جي چانوَ ڏيندڙ پاڻ ۾ ڪجهه هڪجهڙائيءَ وارو معاوضو ملي وڃي. هڪ صديءَ کان به گهٽ وقت ۾، ڪانسٽئنٽائن جي مذهب روم جي شهنشاهت کي پوريءَ طرح فتح ڪري چڏيو هو؛ پر حيرت واري ڳالهه اها هئي ته فاتح خود، پنهنجن ئي شڪست کاڌل مخالفن جي چالاڪين کان اڻ محسوس ٿيندڙ طريقي سان، مات کائيندي نظر اچي رهيا هيا.(90)

باب اٺاويهون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) سينٽ ائمبروز (ٽام- ii، ڊي اوبٽ ٿوڊوسيَس- ص- 1208) بت پرستيءَ جي تباهي جي سلسلي ۾ جوشئا جي جذبن کي ساراهي ٿو ۽ ان جي سفارش ٿو ڪري. ساڳئي موضوع تي جوليَس فرميڪَس مئٽرنس جي زبان ۾ يورپيائي واري ۽ غير انساني آهي (مذهبي لامذهبيت ص- 467 جنهن کي گرونوف ايڊٽ ڪيو) 'حضرت موسيٰ جو قانون اسان کي پنهنجي پُٽ يا پاڻ جي حياتيءَ کي بچائڻ جو حڪم نٿو ڪري پر ان مطابق ته پنهنجي محبوبہ توڙي پنهنجي گهر واريءَ جي خلاف پڻ انتقام جي ترار وهائڻي آهي.'

(2) بيل (فلسفي تي تبصرو- 406، ii) يهودين تي جيهووا جي عارضي ۽ ناقابل- برداشت حڪومت کي هو جائز ٿو سمجهي پر ان کي ڪنهن حد تائين هجڻ جي سفارش ٿو ڪري. بهرحال سندس ڪوشش تعريف لائق آهي.

(*) (ستين صدي ق-م کان ونيِ 383-367 تائين)

(3) ڏسو سِسرو جي تحرير: 'روم جي مذهبي درجہ بندي.' (ڊي- ليگيبَس 8-7، ii) لِوي (20،i) ڊائنوسيَس هئليڪارنيسيس _129-119،ii جنهن کي هڊسن ايڊٽ ڪيو، بيوفورٽ (روم جي جمهوريہ 90-1، i) ۽ مئائل (55-10، i) پويون هڪ انگريز سڌارڪ هئڻ سان گڏ روم جو قديم آثار شناس بہ آهي.

(†) (وڏو لامذهب پادري)

(‡) (پيشنگوين جا ڪتاب)

(4) اهڙين صوفيائڻين ۽ خيالي نشانين، مختلف افسانوي ڪهاڻين ۽ اندازن کي جنم ڏنو آهي. اهو عين ممڪن آهي ته پئليديم، منروا جو هڪ ننڍو مجسمو هيو (ساڌا ٿي ڪيوبٽس اوچو) جنهن جي هٿ ۾ نيزو ۽ پشم ويڙهيل رهندو هو؛ ان کان سواءِ پاسن کان ٻي نالي پڻ لڳل هوندي هئي ته جيئن ڪنهن بہ تجسُس يا بيحرمتيءَ جي امڪان کي دور ڪري سگهجي. ڏسو ميزيرئڪ کي (تبصرا 66-60، i) ۽ لپسيَس (610، iii، ڊي ويسٽا وغيره باب 10)

(*) (عبادت لائق بنائڻ کان پوءِ روميولسس جو نالو)

(†) (رومي جنگي ديوتا جا پادري)

(5) سِسرو کليل نموني يا وري غير سِڌيءَ طرح تسليم ٿو ڪري ته 'آگيوريٽ' سندس خواهش جو عظيم تر مقصد آهي. (ائڊ ائٽيڪم ii، تحرير 5) (ائڊفئميليَر XV، تحرير 4) پاڻهي ان ڳالهہ تي فخر محسوس ٿو ڪري ته هن سِسرو جي قدمن پنيان هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (iV، تحرير 8) ۽ روايتن جو سلسلو تاريخ ۽ پٽر کان شروع ڪجي ته مناسب ٿيندو.

(6) زوزيمَس (iV،249-250) مون بيوقوفيءَ واري تجنيس حرفيءَ کي، پوتيفيڪس ۽ مئڪيسمَس جي سلسلي ۾ ڏٻائي ڇڏيو آهي.

(7) هي مجسمو ٽارينٽم کان روم آندو ويو هو جنهن کي سيزر 'ڪيوريا جوليا' ۾ محفوظ ڪرايو هو ۽ مصر جي مال- غنيمت جي زور تي آگسٽس ان کي سينگاريو هو.

(8) پروڊينشيَس (ڪتاب II) فتح جو نهايت ئي ڪِلڻ جهڙو مجسمو ناهيو آهي پر سنجيدگيءَ واري پڙهندڙ کي ماتنفاکن جون قديمي تحريرون وڌيڪ اطمينان ڏيندیون. (341، i).

(9) سوٽونيَس کي ڏسو (آگسٽس ۾ باب- 35) ان کان سواءِ مهاڳ ۾ پلني جي مدح سرائي جو به مطالعو ڪجي.

(10) به وڪيل يعني سماچَس ۽ ائمبروز ٽن حقيقتن جي گڏيل اجازت ڏين ٿا.

(11) نوٽيٽيا اُربس ۾، جيڪو ڪانسٽئنٽائن جي مقابلي ۾ وڏيڪ جديد ۽ هاٿوڪو ڪتاب آهي، شهر جي عمارتن ۾ ڪنهن به نالي واري ڪليسا جو ذڪر ڪيل ڪونهي. ائمبروز (ii، تحرير 825، XVii) روم جي بدناميءَ وارن واقعن تي پنهنجي طرفان افسوس جو اظهار ڪري ٿو، جن ڪنهن به عقيدتمند جي اکين، ڪنن ۽ نڪ ناسُن کي تڪليف ٽي پهچائي ۽ گنهگار ٽي بنايو.

(12) ائمبروز، عام فهم تاثر جي تضاد ۾ (مئائل جون تحريرون 147،ii) ان ڳالهه کي ڪيئي دفعا دهرايو آهي ته سينيٽ اندر عيسائين جي اڪثريت هئي

(13) پهريون اشارو گرٽشين طرف آهي جنهن ساٹس ملڻ کان انڪار ڪيو، (382ع) ٻيو وٽلينٽينين ڏانهن آهي، (384ع) جڏهن سماچَس ۽ ائمبروز ماحول خراب ڪري ڇڏيو هو، ٽيون، ٽوڊوسيَس سان تعلق رکي ٿو، (388ع) ۽ چوٽون، وٽلينٽينين سان لاڳاپيل آهي (392ع) لاڙنر هن سڄي معاملي کي مناسب نموني سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. (شيطاني، يا ڪافراٹيون شاهديون iV، 372-399)

(14) سماچَس، جنهن کي شهري توڙي ڪليسائي اعزاز حاصل هيا، ٻن ڪردارن جي روپ ۾ شهنشاهه جي نمائندگي ٽي ڪئي: هڪ پوتيفيڪس مئڪسيمَس ۽ ٻيو پرنسيپس سينيٹس (سينيٽ جي اڳواڻ) جي صورت ۾. ڏسو سندس تحرير جا فخر وارا نقش.

(15) پروڊينشسَ چوي ٿو: 'جڏ ته ڪنهن ماٹهوءَ زمين کي سون ۽ عاج سان ويهي ڪوٹيو آهي.' درويش توڙي مذهبي مباحثو ڪندڙ بزرگ به هن مخالفت کي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسن ٿا.

(16) سماچَس جي ڏهين ڪتاب جي چوونجاهين تحرير کي ڏسو. سندس تحريرن کي ڏهن ڪتابن جي اسلوب ۽ طريقي ۾ هن نندي پلني جي تحرير جي انداز کي اختيار ڪيو آهي؛ جنهن استائيل جي سينگار ۽ پرڪشش طريقي ۾، سندس دوستن جي چوَڻ مطابق، هو يا ته ساٹس پيچي وجي ٽيو آهي يا وري ايا به اڪتي وڏي ويو آهي. (مئڪراب سئٹرنئليا -I، V) پر سماچس جو ڪمال اهو آهي ته ان ۾ ميوَن بنان سُڪل پن آهن جن ۾ ڪُل به غائب آهن پر پوءِ به سندس تحرير سينگاريل نظر اچي ٿي. سندس لفاظيءَ وارين تحريرن منجهان ڪجهه حقيقتن ۽ جذبن کي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

(17) ائمبروز کي پڙهو. (ii، تحريرون 833-825، XVii, XViii) هنن منجهان جيڪي شروعاتي تحريرون آهن اُهي جڏ محتاط ڪرڻ لاءِ بي کي خبردار ڪرڻ جي برابر آهن ۽ ٻيون، سماجس جي توهين آميز تحرير جي جواب ۾ لکيل آهن. ساڳيا خيال وڌيڪ ڪليل نموني شاعريءَ ۾ بيان ڪيا ويا آهن، جيڪڏهن اُنهن کي پروڊينشسَ طرفان حق ادا ڪرڻ لائق سمجهي ويو هجي جنهن سماجس جي خلاف ۾ ڪتاب لکيا هيا، (404ع) جڏهن ته اهو سينيٽر ايجا زنده هيو. اها ڳالهه، بهرحال، عجيب ٿي لڳي ته ماتنيسڪيو، (خيالَ يا غور طلب فڪر وغيره 487، XiX, iii) سماجَس جي بن مخالفن جي راءِ کي اهميت نه ڏني ۽ فقط اوروسيَس، سينٽ آگسٽائن ۽ سئلوَين جي غير لاڳاپيل سُرن سان پنهنجي سُرَ ملائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(18) پروڊينشس کي پڙهو (سماجس ۾ 545، i وغيره) عيسائي، لامذهب زوسيمس سان، بي خانه جنگي کان پوءِ ٿوڊوسيَس جي دوري بابت، همراهِ ۽ متفق آهي: 'بن آمرن جي موت سان جڏ هن ۾ دفعا سوپ ماٽي هئي'، هي حوالو هڪ غاصب يوجينيَس ۽ سندس فوجي جنرل آربوگيٽس جي شڪست جو آهي جيڪا کين 394ع ۾ ملي هئي. پر وقت ۽ حالتون سندس پهرين فتح کي اهميت ڏين ٿيون.

(19) سينيٽ جي تسليم ٿيل اڪثريت ثابت ڪرڻ کان پوءِ پروڊينشس چوي ٿو: 'هاڻي ڏسجو ته اسان جي طرف ڪاميابي ماڻيندڙ سموري سينيٽ پنهنجن ووٽن جي اڪثريت سان جوپيٽر جي بدنام ۽ بدعت واري عبادت کي پاٿهئي ختم ڪندي.' (مانواري شهزادي جي هن تجويز کي سڄي سينيٽ جي اسيمبليءَ طرفان پرپور موٽ ملي ۽ جذبن جي اظهار سان ان جي تائيد ڪئي وئي.' زوسيمس نامياري سينيٽرن جي ان قدم کي لادييني يا ڪافراڻي جرئت ٿو ڪوٺي جنهن جو مظاهرو ڪجهه سينيٽرن طرفان ڪيو ويو هو.

(20) جيروم مکيه پادري البيٽس جو تعارف ٿو ڪرائي جنهن جا پُٽ، پوٽا توڙي سندس سڄو خاندان ايترو ته مذهبي ۽ عقيدتمند هو جو جوپيٽر جهڙي يهودي کي به پنهنجي مذهب ڏانهن تبديل ڪري ٿي سگهيا. (ٽامر- ائبليٽم ص- 54)

(21) فتح جي احساس سان پروڊينشس پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ خوشيءَ ۾ پرجي ٿو وڃي.

(22) سينيٽ توڙي بين ماٿهن سان پنهنجي گفتگو کي بيان ڪرڻ کان پوءِ پروڊينشس سچائي ۽ اعتماد واري لهجي ۾ سوال ٿو ڪري:

"اي يسوح مسيح! ڇا اسان ايجا به شڪ ۾ رهون ته روم، جنهن کي تنهنجي تقدس ۽ پاڪ نان وَ سان سجاتو وڃي ٿو،ته ڇا ان ۾ تنهنجا قانون ۽ اصول به نافذ ٿي سگهندا يا نه؟"

(23) ڪئيپيٽول توڙي روم جي بين مندرن جي ويراني ۽ بربادي‌ءَ تي جيروم سَرهائيءَ جو اظهار ڪري ٿو. (95،ii، 54، i)

(24) لبانيَس، (ڏسو مندرن بابت تحرير جيڪا 1634ع) ۾ جيمس گوڊ فراءِ طرفان جينيوا ۾ ڇپرائي وئي هئي، پر هاڻي اڻ لڀ آهي) وئلينٽينيَن ۽ وئلنس تي قربانين کي ختم ڪرڻ جو الزام ٿو ڏئي. شايد اوپر جي شهنشاهه هن سلسلي ۾ ڪو جُزوي حڪم نامو جاري ڪيو هجي پر هن

قسم جي حڪم نامي، جنهن کي عام ماڻهن لاءِ جاري ڪيو ويو هجي، جو ثبوت ڪٿي به نٿو ملي ۽ نه وري عيسائيت جي تاريخ ۾ اهڙي ڪا شاهدي ملي ٿي.

(*) (388ع).

(25) ٿوڊوسين ڪوڊ ۾ سندس قانون ڏسو. (11-7، XVi, X)

(26) هومر جي قربانين سان جانورن جي آندن گوندن جو ذڪر آيل ڪونهي جن ذريعي پيشنگويون ڪري سگهبيون هيون. (ڏسو ڪتاب فيٽيَس جيڪو هومر جي قديمي تحريرن سان وابسته آهي. (16، 10، 1) ٽسڪَنس جنهن جانورن جي آندن گوندن ذريعي قدرت جي ڪُجهن بابت سڀ کان پهريون پيشنگوين جي روايت کي قائم ڪيو هو، يونانين ۽ رومين کي هن بنهه مات ڏني هئي. (سِسرو- قدرتي حڪمتون 23، ii)

(27) زوسيمس، (249، 245، iV) ٿوڊوريٽ، (21، V) تاريخوار واقعن ۾ ابڊيٽس، پراسپراڪئٽن (38، iii) بئرونيمَ (تاريخوار واقعن ۾) ۽ عيسائي تاريخ- 52 نمبر جيڪا 389ع ۾ ڇپي ۽ لبانيَس (مندرن جي تاريخ ص- 10) سڀيئي گڏجي ان ڳالهه کي ثابت ڪن ٿا ته ٿوڊوسيَس جا حڪم نه ته سِڏا ۽ نه وري مانائتا هوندا هيا)

(28) ٿوڊوسين ڪوڊ (18، 8، XVi, X)، اها ڳالهه هرگز اعتبار جوڳي ناهي ته ايڊيسا جو مندر، جنهن کي ٿوڊوسيَس شهري سهولتن لاءِ استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو. جلد ئي تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويوهو. (لبانيَس- مندرن جي تاريخ صفحا- 27-26 ۽ گوڊ فراءِ جون تحريرون (ص- 59).

(29) لبانيَس جي اُها اهم تحرير ڏسو جيڪا مندرن جي تاريخ ۾ 390ع ۾ ڇپي هئي. مون ڊاڪٽر لارڊنر جي موقف جو پڻ مطالعو ڪيو آهي. (ڏسو ڪافراٽيون شاهديون 163-135، iV)

(30) سلپيشس سيورَس طرفان چپرايل 'مارٽن جي زندگي' کي ڏسو. (باب- 14-9) هن بزرگ غلط فهميءَ مان، جنازي جي هڪ ميڙ کي بت پرستيءَ جو جلوس سمجهيو هو (شايد فقط ڊان ڪئڪزوٽ ئي اهڙ عمل ڪري پئي سگهيو) ۽ غير ارادي طور هڪ معجزو ڪري ڏيکاريو هئائين.

(31) سوزومين (15، Vii) جي پيٽ ٿوڊوريٽ (21، V) سان ڪريو. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ جهاد ۽ مارسيلَس جي موت جو تعلق لاڳاپيل آهي.

(32) لبانيَس کي ڏسو (مندرن جي تاريخ ۾ صفحا 13-10) هو ڪارا ويس پاتل ماڻهن خلاف بُرو ۽ بدشد لهجي ۾ ڳالهائي ٿو ته ساڳي وقت عيسائي ٻاوَن کي به بُرو ڀلو چوي ٿو جيڪي هاڻين کان به گهٽو ۽ هيڇَ سان ڪائن ٿا. ويچارا هاڻي! اُهي ته سندن پيٽ ۾ وڌيڪ مناسب جانور آهن.

(33) پراسپراڪئٽن، (38، iii) بئرونيَم (عيسائي واقعا- 389ع، نمبر 58 وغيره) ڪجهه وقت لاءِ مندر بند هو ۽ ان ۾ اندر داخل ٿيڻ لاءِ ڊين ۽ ڪانديرن منجهان گذرٽو پوندو هو.

(34) ڊونٽس (قديم روم- 468، 4، iV) هيءَ پاڪائيءَ مڪيه پادري بونيفيس-iV ذريعي حاصل ٿي هئي. آءٌ اُنهن سازگار حالتن کان بيخبر آهيان جن وسيلي، ٿوڊوسيَس جي حڪومت جي دؤر کان پوءِ، گهٽن ديوتائن جي مندر کي به سؤ سالن کان به وڌيڪ عرصي لاءِ محفوظ رکيو ويو هو.

(35) سوفرونيَس هڪ جديد ۽ نرالي قسم جي تاريخ لکي هئي (جيروم اهڙو انڪشاف هڪ عيسائي مسودي ۾ ڪيو آهي. 303، i) جنهن ذريعي سقراط کي پڻ مدد ملي هئي (16، V) ٿوڊوريٽ (22، V) ۽ روفينس (22، ii) پڻ اهڙي شاهدي ڏين ٿا. پر آخري بيان ڪيل جيڪو ان واقعي کان اڳ توڙي پوءِ سڪندريہ ۾ هيو تہ ان کي اصلي شاهد هئڻ جو اعزاز حاصل آهي.

(36) گيرارڊ ووسيَس (غنائيو- 80، V ۽بُت پرستي 29، i) ڪوشش ڪندي پادرين جي سلسلي ۾ هڪ عجيب خيال پيش ڪيو آهي تہ حضرت يوسفؑ کي مصر ۾، ائپس سانَ (سانهہ) يا سراپس ديوتا جيان پوڄيو ويندو هو.

(*) ڪارو سمنڊ

(37) ديوتا جي اصل نسل جي اجا روم وارن کي ڪا خبر ڪانہ هئي پر مصر جا پادري، بهرحال سندس ياد کي تازو رکيو ايندا هيا. (ٿئسِڪن تاريخ- 83، iV) يوناني جيڪو سفر ڪري مصر پهتا هيا، اُهي بہ هن نئين ديوتا بابت بيخبر هيا.

(38) مارڪوبيَس (سئٽرنل- 7،i) اهڙي نمايان حقيقت سندس ڏارئي نسل هئڻ بابت وڏي ۾ وڏي ثابتي آهي.

(39) آئسِس ۽ سراپِس ديوتا روم ۾ ساڳئي مندر ۾ هڪ ٻئي سان ايڪي ۾ هئا ۽ راڻيءَ کي ٻين جي ٻيٽ ۾ فوقيت حاصل هئي. پر ڏارئي پوٽنس سان سندس غير برابريءَ وارن لاڳاپن ئي ڪيس دوکو رسايو. ساڳي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ مصر ۾ عورت ذات کي مردن جي مقابلي ۾ شهري توڙي مذهبي برتري حاصل هئي، (ڊايو ڊورَس- 31، 1، أ، جنهن کي ويسلنگ ايڊٽ ڪيو ۽ ساڳيو ئي سرشتو پلوٽارچ جي مقالي ۾ بيان ٿيل آهي جنهن جو عنوان آهي: "آئسِس ۽ اوسيرِس"، جنهن کي هو سراپِس سان ٿو وجي ملائي.

(40) لميئيَس (16، XXii) هڏسن جي جاگرافي ۽ صفحي 8 تي (ٽام- iii) ۽ روفينس (22، ii) ٻئي گڏجي سراپس جي مندر جي يادن کي ملهائن ٿا جنهن کي دنيا جي عجائبات ۾ شمار ڪيو ويو آهي.

(41) ڏسو نقش و نگار جي اڪيڊمي، (416-397، iX) جون يادون جن مطابق بطليموسن جي سڃي لائبريري سيزر جي ان جنگ ۾ ختم ٿي وئي هئي جيڪا سڪندريہ ۾ لڳي هئي. مارڪ انٽني، پرگئمَس جا سمورا ڪتاب (اندازي موجب 2 لک جُلد) قلو پطره (CLEOPATRA) جي حوالي ڪري ڇڏيا هيا تہ جيئن اليگزينڊريا (سڪندريہ) ۾ قائم ڪيل نئين لائبريري کي مضبوط بنيادن تي بيهاري سگهجي.

(42) لبانيَس (مندرن جي تاريخ ص- 21) پنهنجن عيسائي آقائن کي نهايت ئي ناشائسته لفظن ذريعي چيڙائي ٿو ڇڏي.

(43) اسان کي مرسيلينس (389ع) يا پراسپر (391ع) جي وچ ۾ ڪا تاريخ مقرر ڪرڻي پوندي. ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ 756، 310، V) پهرين سَنَ کي ۽ پاڳي پوئين سنَ کي ترجيح ڏين ٿا.

(44) ٽليمانٽ (عيسائي يادگيريون- 500-441، Xi) ٿيوفيلس، جيڪو هڪ بزرگ، جيروم جو دوست، هڪ شيطان ۽ ڪرسوسٽم جي دشمن طور سندس شهرت مجيل آهي، پر تاثر غير جانبداري جو ٿو ڏئي، پر مجموعي طور ماڻهن ۾ جيڪو اثر وينل آهي تہ اُهو سندس مخالفت ۾ آهي.

(45) لاردنر (ڪافراٿيون شاهديون- (411، iV) هڪ خوبصورت ادبي ٽڪري جو حوالو ڏنو آهي جيڪو سُئيداس يا وري دمئيَس منجهان ورتل آهي جنهن منجهان ائين ٿو معلوم ٿئي ته نيڪ اولمپيَس هڪ جنگجو نه پر پيغمبر صفت رکندڙ هو.

(46) اوروسيَس منجهان هڪ حوالو (421، 15، Vi) جنهن کي هيوَر ڪئمپ ايڊٽ ڪيو. توڙي جو هڪ ڪٿر ۽ اختلافي شخصيت هو، پوءِ به اوروسيَس حيادار ۽ لجارو هو.

(47) يونئپيَس، ائٽونيَس ۽ ايڊيسيَس جو ذڪر ڪندي ٿيوفيلس جي ذلت واري لالچ کي سخت لفظن ۾ نندي ٿو. ٽليمانٽ (عيسائي يادگيريون- 453، xiii) پيلوسيم جي ايسيڊور جي مضمون منجهان حوالو پيش ٿو ڪري جنهن ۾ وڏي پادري تي سونَ سان پيار ڪرڻ بلڪ ان کي پوڄڻ لاءِ مٽس ملامت ٿو ڪري. (ورجل- اينيڊ- 57، iii)

(*) چقمق ذريعي چالاڪيون ڪرڻ.

(48) روفينُس سئٽرن جي پادري کي ڪو نالو ٿو ڏئي جيڪو هڪ ديوتا جي روپ ۾ ڪيترين ئي پاڪدامن عورتن سان آزاديءَ سان وجي ڪچهريون ٿو ڪري، نيٺ اهڙيءَ ريت هلندي هن سان ان وقت خودبخود فريبڪاري ٿي وئي جڏهن هو پنهنجي آواز جي انداز کي نه ته بدلائي سگهيو ۽ نه لڪائي سگهيو. ڏسو ايسچنس جو غير جانبداريءَ وارو، ۽ مستند بيان (بائل کي اسڪئمئنڊر جي تنقيد جي لغت ۾) ته ساڳئي وقت مُنڊِس جي ڪوشش کي به پروڙجي (يوسف جي قديمي تذڪري ۾ 877، 3، xViii، جنهن کي هيوَر ڪئمپ ايڊٽ ڪيو، جن منجهان ثابت ٿو ٿئي ته عاشق مزاجيءَ جا بيهودا دوڪا به ڪاميابيءَ سان ڪري سگهيا هيا.

(49) مانتفاڪن ۾ سراپس ديوتا جون مورتيون ڏسو (297، ii) پر مئڪروبيَس جو بيان (سئٽرنل (20، i) وڌيڪ دلچسپ ۽ اطمينان بخش آهي.

(50) "سندن مضبوط هٿ ڏڪيا ٿي، جو ته ان جڳهه جو تقدس اهڙو هو جو هو صفا ششدر ٿي ويا، اُنهن خيال ڪيو ته جيڪڏهن هنن شاهه بلوط جي پاڪ وٽن کي ڏڪ هنيو ته ڏڪ هٽندڙ ڪهاڙيون واپس ٿي سندن جسمن مٿان اچي لڳنديون." (ليوسن 429، iii) "اهو برابر سچ آهي"، آگسٽس اٽلي جي هڪ بزرگ کي چيو جنهن جي گهر ۾ هن رات جي ماني کاڌي هئي ته "جنهن ماٿهوءَ انئِس ديوتا جي مجسمي کي پهريون ڏڪ هنيو هو ته هڪدم سندس اکيون غائب ٿي ويون هيون ۽ پوءِ سندس زندگي به ختم ٿي وئي." "اُهو آءٌ هيس"، ساڳئي بزرگ جواب ڏنو جيڪو نهاريندڙ اکين سان سندس سامهون ٻيٺو هو، '۽ هاڻي تون پلي ديويءَ جي ڪنهن جنگهه تي پلٽي ماري مزي سان رات جي ماني ويهي کائ.' (پلني، فطري تاريخ، 24، xxxiii)

(51) مذهبي تاريخ منجهان ايئن ٿو معلوم ٿئي ته اهڙا ڪيترائي مثال موجود آهن جڏهن به ڪا اوچتي تبديلي آئي ته پوءِ وهم وسوسا نفرت ۾ تبديل ٿي ويا.

(52) سوزومين (20، Vii) مون ماپو ڏئي ڇڏيو آهي. هيروڊوٽس کان وٺي ماپڻ ۽ ڪَڇ ورڇ جو ساڳيو معيار رهندو آيو آهي. هن سلسلي ۾ ڏسو فريريٽ کي نقش و نگار جي اڪئڈمي ۾. 353-344، xVi) ان کان سواءِ گريوز جا مختلف ڪم پڻ ڏسو (233، i) مصر جو ماپو جنهن کي ڪيوبٽ چئجي ٿو انگريزي ماپ جي هاويهَن انچن جي برابر آهي.

(53) لبانيَس (مندرن جي تاريخ صفحا 15-17) هنن جي موقف جي تائيد نرمي سان ۽ پڻ پنهنجي مرضيءَ واري جذبي سان ٿو ڪري. اوائلي دؤر ڪان وٺي اهڙن خوشيءَ ۽ شادمانن جي جشنن سڄي ملڪ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيو هو ۽ خاص طرح بئڪس سان جيڪي لاڳاپيل هيا، (جارجيڪس 380، ii) ۽ جن جي شهرت سبب اٿينس جو ٿيٽر ڏهيو هو. ڏسو گوڊ فراءِ، لبانيس ۽ ٿوڊوسيَن ضابطو. (284، Vi)

(54) هانريس، (399ع) ڳوناڻن جي اهڙن جشنن کي برداشت ڪندو رهندو هو جيڪي: 'ڪنهن قرباني يا وهمن وسوسن جهڙي نفرت آميز ڪم کان آجا هوندا هيا.' پر ٿوَن سالن کان پوءِ ڪيس وري ساڳيا قاعدا قانونَ سختيءَ سان نافذ ڪرڻا پيا. (ٿوڊوسيَن ضابطو. 17،19،X،XVi)

(55) ٿوڊوسيَن ڪوڊ (12،X،XVi) جارڻن (عيسائي تاريخ تي تبصرو 134، iV) برداشت کان ٻاهر هن قانون کي سختيءَ سان نندي ٿو ۽ هر زاويي کان ان کان بچان ٿو ڪري.

(56) جيڪڏهن الزام سخت آهي ته ان کي نرميءَ سان نہ لڳائجي پر ان کي سينٽ آگسٽائين جي اختيارن سان ثابت پڻ ڪجي. بهرحال هو ڊونئٽسٽن کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو: "اسان يا اوهان مان اُهو ڪير آهي جيڪو لامذهبن جي قربانين خلاف شهنشاهي قانونن جي حمايت نٿو ڪري. اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته خلاف ورزي ڪندڙن خلاف وڏيون سزائون آهن ۽ اهڙي گمراهيءَ لاءِ ته موت جي سزا مقرر ٿيل آهي." (تحريرون xciii نمبر 10 جن کي لي ڪلرڪ جاڙايو آهي. (277، viii) جيڪو فاتح عيسائين جي اَڻ سَهپ وارن روَين لاءِ پنهنجا مانائتا خيال پيش ٿو ڪري.

(57) اوروسيَس (537، 28، vii) آگسٽائين (لاردِنر- ڪافراٽيون شاهديون 458، iV) هنن جي بزدلي تي سندن مذمت ٿو ڪري. 'هنن مان هن وقت تائين ڪير آهي جنهن کي قرباني ڪندي پڪڑيو ويو هجي (جو ته قربانيون ڏيڻ قانون موجب سخت منع آهي) ۽ جيڪڏهن ڪو پڪڑيو ويو به آهي ته هن وقت تائين ڪنهن تي ڏوهه ثابت ٿيو آهي؟'

(58) لبانيَس (مندرن جي تاريخ- صفحا 17-18) سواءِ مذمت ڪرڻ جي ڪجهه ماڻهن جي غلط حرڪتن سان ماڻهن جي يڪراءِ ٿيڻ تي، ان کي منافقيءَ جو عمل ٿو ڪوٺي.

(59) لبانيَس پنهنجي دفاع کي (ص- 32) هنن لفظن سان پڄاڻيءَ تي ٿو پهچائي ته: "جيستائين شهنشاهه مندرن کي تباه ڪرڻ جو ڪليو اعلان نٿو ڪري، تيستائين ڪجهه نہ ٿيندو نہ ته ڀي صورت ۾ ماڻهو پنهنجو توڙي قانونن جو دفاع پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪندا.

(*) هن کي 394-392 جي خانہ جنگيءَ دوران شهنشاهه تسليم ڪيو ويو.

(60) وِٽ ائمبروز ۾ پالينَس (باب- 26) آگسٽائين (ڊي سوِٽيٽ 26، V) ٿوڊوريٽ (24، V).

(61) لبانيَس، 'قانونن ۽ اصولن' کي اذيتن ڏيڻ جي رِٽ سان ٿو وڃي ملائي ته ٿوڊوسيَس اهڙا قانون ناهيا. (مندرن جي تاريخ ص- 32) هي هڪ اهڙو چرچو هو جيڪو بيحد خطرناڪ ثابت ٿئي ها ۽ شايد شهنشاهه ته ان مذاق کي سچو سمجهي، ڪانئس صلاح مشورا به وٺن ها.

(62) هي نندڙو فقرو لاطيني يا يوناني زبان ۾ لکيل آهي جنهن جو ترجمو نٿو ڪري سگهجي. (سنڊيڪار)

(63) لبانيَس (مندرن جي تاريخ ص- 32) کي فخر آهي ته ٿوڊوسيَس ان ماڻهوءَ کي سجاڻي ويو جيڪو سندس موجودگيءَ ۾ بہ جوپيٽر جو قسم کڻي پئي سگهيو. پر هن قسم جي حاضري رڳو لفظي حاضريءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هئي.

(64) زوسيمَس جيڪو پاڻ کي نواب سڏائيندو هو ۽ حڪومت جو وڪيل بہ هو، عيسائي شهنشاهن کي تعصب ۽ نفرت منجهان گاريون ٿو ڏئي؛ هو ان حد تائين وڃي ٿو جو پنهنجي حاڪم جي پيءُ کي بہ نٿو بخشي ۽ ان خلاف بہ گارگند جو وسڪارو لائي ٿو ڏئي. سندس تحريرون شايد ٿوري تعداد ۾ ۽ خانگي طرح سان ماڻهن تائين پهتيون چو تہ اوئگريَس (42-40، iii) کان اڳ اُهي عيسائي مورخن جي جوابي حملي ۽ گارگند کان بچي ويون جيڪي ڇهين صدي عيسوي جي آخر تائين اُتي رهندا هيا.

(65) آفريڪا جي لامذهب ماڻهن ايا تائين شڪايتون ٿي ڪيون تہ وقت جي نزاڪت ڪين اجازت نٿي ڏني تہ 'خدا جي شهر' خلاف هو آزاديءَ سان جواب ڏئي سگهن (جنهن ۾ رهي ڪري سينٽ آگسٽائين عيسائيت جو دفاع ڪندو هو) ۽ نہ وري سينٽ آگسٽائين ان الزام جو جواب ڏئي سگهيو هو. (26، V).

(66) اسپين جا مسلمان جيڪي هڪ صدي کان بہ وڌيڪ عرصو مخفي طرح سان پنهنجي مذهب سان لاڳاپيل رهيا، ونن قرآن جهڙو ڪتاب هو ۽ عربي زبان ڳالهائيندا هيا. پر سندن اتان نيڪاليءَ جو قصو نهايت ئي دلچسپ آهي. (متفرقات، 198، 1، i)

نوٽ: فاضل مصنف اسپين ۾ مسلمانن جو عرصو بجاءِ اٺ صديون يا اٺ سو سال لکڻ جي خبر ناهي ائين ڇو لکيو آهي تہ 'هڪ صدي کان بہ وڌيڪ عرصو'. اهو سندس فقرو نہ رڳو نامناسب پر غلط آهي. (سنڌيڪار).

(67) جيڪي لامذهب آهن.... (پر اسان کي يقين نٿو اچي تہ اُنهن جو وجود آهي وغيره) ٿوڊوسيَن ضابطو (22، XVi,X ۽ 423ع) نندي ٿوڊوسيس بهرحال اها ڳالهہ مڃي ورتي هئي تہ سندس فيصلو وقتائتو نہ هيو.

(68) فيلسوف ايڊيسيَس جي زندگيءَ ۾ يونئپيَس کي ڏسو؛ وري اڳتي هلي يوسٽئٽيَس ۾ هو لامذهبيت جي مڪمل بربادي جي پيشنگوئي ٿو ڪري ۽ چوي ٿو: "هڪ خاص نقشو يا ائين کڻي ڇڏجي تہ زمين جي خوبصورت شين تي ڪاراڻ ڇانئجي ويندي ۽ اُنهن جو ڪوبہ روپ نہ هوندو."

(69) ڪئيئس (يوسيبيَس- عيسائي تاريخ 25، ii) روم جو هڪ نائب پادري هو جيڪو زيفريئس جي دؤر ۾ رهندو هو. (219-202ع) ۽ اُهوئي وهمن وسوسن بابت هڪ مستند شاهد آهي.

(70) ڪرسوسٽم (نام-أ جنهن کي نوو ايڊٽ ڪيو) بنيڊڪٽ (XiV) چوڏهين جو ذاتي طور شڪرگذار آهيان جوهن سال 1750ع جي جشن تي هڪ اهڙو خط لکيو هو جيڪو مڪيہ پادريءَ جي شان وٽان هيو. هن سلسلي ۾ ايم. ڇئس جا دلچسپ خط بہ مطالعي هيٺ آڻيو. (نام- iii)

(71) حاشيي جو هي نندڙو ٽڪرو بہ يوناني يا لاطيني هولي ۾ آهي جنهن جو سنڌي ترجمو نٿو ڪري سگهجي (سنڌيڪار)

(72) جيروم (122، ii) هنن ترجمن جو شاهد آهي جنكي عيسائي تاريخدانن اهميت نہ ڏني هئي پاتري ۾ سينٽ ائنبريو جي جنبن كي آكائيا جي هك تحرير ۾ بيان كيو ويو آهي جن كي بئرونيَس (عيسائي تاريخوار واقعا 60ع، نمبر 35) تي سچو ٿو سمجهي پر ٽليمانٽ اُنهن كي رد كري ٿو ڇڏي. سينٽ ائنبريو كي قسطنطنيه جي هك روحاني پايو وجهندڙ طور تسليم كيو ويو هو. (عيسائي يادگيريون 594-588، 323-317، i).

(73) جيروم (122، ii) سئموئل جي ترجمي كي وڏي مان شان سان بيان ٿو كري جنهنكي ان وقت جي تاريخوار واقعن ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

(74) نائب پادري وجيلئنٽيَس جيكو هك پروٽيسٽنٽ عيسائي هو، مضبوط ارادي پر ناكام كوشش سان، ٻاوَن جي وهمن وسوسن، سندن بزرگن، اُنهن جي تبركن، روزن ۽ عبادتن وغيره جو مقابلو كري رهيو هو، ان كري جيروم سندس پيٽ هائبرا، سربيرس ۽ سينٽئورس وغيره سان ٿو كري ۽ كيس شيطان جو هك ايجنٽ ٿو كوئي. (126-120، ii) جيكوبہ ماڻهو سينٽ جيروم ۽ وجيلئنٽيَس جي هك ٻئي سان مخالفت جو مطالعو كندو، ۽ سينٽ آگسٽائين طرفان ٻڌايل سينٽ استيفنز جي معجزن جو جائزو وٺندو تہ كيس مكيہ پادرين (فادرس) جي جذبن جو پاڻهئي پتو پئجي ويندو.

(75) ايم. ڊي بيوسوبر (هك تاريخ 648، ii) سمرنا جي هك مذهبي ماڻهوءَ جي نيك نيتي جي مشاهدي كي بہ دنياداري طرف وڃي ويو آهي جنهن وڏي احتياط مان سينٽ پالي كارپ شهيد جي تبركن كي محفوظ كيو هو.

(76) ٽورس جي مارٽن (ڏسو سلپيشيَس سيورَس طرفان سندس زندگي بابت تحرير، باب- 8) هك مئل ماڻهوءَ جي واتان هك اعتراف كرايو ويو هو. غلطي هك فطري معلوم ٿئي ٿي ۽ ان بابت انكشاف معجزاتي آهي. ٻنهي مان ڏسجي تہ كهڙو اڳ ۾ ۽ كيترا پيرا ٿو ٿئي؟

(*) ٿوڊوسيَس-II جيكو 450-408ع تائين شهنشاهہ هو.

(77) ليوسيَن پنهنجو اصلي مضمون يوناني زبان ۾ لكيو جنهن جو ترجمو ائويئس كيو ۽ بئرونيَس ان كي ڇاپيو. (عيسائي تاريخوار واقعا- 415ع نمبر 16-7) سينٽ آگسٽائن ۽ سينٽ بينيڊكٽ جي ايڊيٽرن اهڙن تحريرن جون كيترين ئي كاپيون ڇپرايون پر اُنهن جون پڙهڙيون الگ الگ هيون. كوڙ جي خاصيت هوندي ئي اهڙي آهي تہ ان كي پير نہ هوندا آهن ۽ ڦرٽو گهرٽو هوندو آهي. ان روايت جي ناقابل اعتبار ڳالهين كي ٽليمانٽ گهڙي، پالش كري ۽ نرم كيو تہ جيئن ماڻهو ويساهہ كري سگهن. (عيسائي يادگيريون- 9، ii)

(78) سينٽ استيفن جي رت جي پيالي كي هر سال نئپلس ۾ پاٽياڻ ۾ تبديل كيو ويندو هو ۽ اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيستائين سينٽ جئنوريَس سندس جڳهہ ورتي. (رئناٽ- اذيتن جي تاريخ- وئندل ص- 529).

(79) آگسٽائين 'شهري زندگي ۽ ان جا اصول' بابت هاويهہ كتاب فقط تيرهن سالن جي عرصي ۾ لكي ورتا (426-413ع) (ٽليمانٽ- عيسائي يادگيريون- 608، XiV وغيره)سندس علم گهٽو كري

ڏاريو آهي ۽ سندس دليل هنجا پنهنجا آهن، پر سندس سڄو ڪم شاندار طريقي سان ٽيل آهي جنهن کي هن وڏي محنت ۽ نفاست سان مڪمل ڪيو آهي.

(80) آگسٽائين کي ڏسو 'شهري زندگي ۽ ان جا اصول' ۾ (22، xxii) ۽ ٻيو سندس واڌارو ڪم پڻ ڪيل آهي جنهن ۾ سينٽ اسٽيفن جا معجزن بابت ٻہ ڪتاب پڻ شامل آهن جن کي اُزالِس جي پادري اِووديَس ترتيب ڏنو هو. هن سلسلي ۾ فريڪلفس هڪ مشهور محاورو، جيڪو گال يا اسپيني زبان جو آهي، ڪتاب ۾ درج ڪيو آهي. (بسنيج- جوئفس جي تاريخ 249، viii) اُهو محاورو هن ريت آهي: "جيڪو ماڻهو ٻہ اِها دعويٰ ٿو ڪري تہ هن سينٽ اسٽيفنز جا سيئي معجزا پڙهيا آهن تہ هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي."

(81) برنيٽ ڪوشش ڪندي وڏن پادرين (فادرس) جا ويچار پاڻ وٽ قلمبند ڪيا آهن جيڪي انسانن جي نِندا، خوابن يا آرام سان سُمهي رهڻ ۽ سندن روحاني ڪيفيتن جي باري ۾ آهن جيڪي سندن زندگيءَ کان قيامت جي ڏينهن تائين ڦهليل آهن. پرپوءِ هو هن سلسلي ۾ ايندڙ مشڪلن ۽ مسئلن (صفحا 91 وغيره) جوذڪر ٿو ڪري تہ جيڪڏهن اُنهن ماڻهن مانائتي ۽ ڪم واري زندگي گذاري هوندي تہ پوءِ سندن خيالن جي اهميت شايد اوتري نہ رهندي.

(82) وجيلئنٽيَس پيغمبرن ۽ شهيدن جي روحن کي يا تہ حضرت ابراهيمؑ جي دل ۾ جڳهہ ڏني (تہ سدائين سُکون ۾ رهن) يا وري رب العزت طرفان ترتيب ڏنل قربانگاهہ جي پناهن ۾ سندن جڳهہ جو تعين ڪيو ويو. (اُهي پنهجن مقبرن ۾ هن وقت تائين هوندائي ڪين ڇو تہ اُنهن جتي پاڻ چاهيو هو اُهي اُتي ئي هوندا.) پر جيروم (122، ii) هن بدعت واري غلط ڳالهہ جي سختيءَ سان ترديد ٿو ڪري: "ڇا اوهان الله پاڪ تي پنهنجا قانونَ مڙهيندوءَ؟ ڇا اوهان حوارين کي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيندوءَ تہ اُهي قيامت تائين قيد جي بوسٽ ۾ بند رهن ۽ اوهان سمجهو تہ اُهي پنهنجي وڏي آقا کان پري هوندا ۽ ان جي صحبت ۽ شفقت جي ڇانوَ ۾ نہ هوندا؟ هنن عام ماڻهن لاءِ (جيڪي سمجهہ سوچ کان خالي آهن) مشهور آهي تہ اُهي رڍ جي پنيان هلندا آهن تہ رڍ جيڏانهن ٻہ وڃي، اُهي ان جي پنيان پيا هلندا. جيڪڏهن رڍ هر جڳهہ تي موجود آهي تہ پوءِ جيڪي رڍ سان گڏ ۽ ان جي پويان هلن ٿا تہ اُهي پنهنجي لاءِ ٻہ ايئن ٿا سمجهن تہ اُهي ٻہ هر جڳهہ تي موجود آهن. ياد رکجو بدروح ۽ شيطان سڄي دنيا ۾ پنهنجو گشت ڪندا رهن ٿا.

(83) فلَري (عيسائي تاريخ تي مذاڪرو- 80، iii).

(84) منورڪا وٽ، سينٽ اسٽيفن جي تبرڪن فقط انن ڏينهن ۾ 540 يهودين کي مذهب مٽائڻ تي مجبور ڪيو پر ان ۾ ڪجهہ سختيون ٻہ شامل هيون جيئن يهودين جون ڪجهہ عبادتگاهون ساڙيون ويون ۽ ڪجهہ لامذهب ماڻهن کي گهرن مان تڙي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ کين جبلن جي چوٽين تي موڪليو ويو تہ پلي وڃي ٻُکون کائين؛ وڌيڪ تفصيلن لاءِ منورڪا جي پادريءَ جو اصلي خط ڏسو (سينٽ آگسٽائين ۾) ۽ ان سان گڏ بسنيج جو تبصرو پڻ پڙهڻ وٽان آهي. (251-245، viii)

(85) مسٽر هيوم (مضمون- 434، ii) هڪ فيلسوف جيان، گهٽن خدائن جي عبادت توڙي هڪ خدا ۽ عقيدي ۾ تبديلين کي غور سان جاچي ۽ پروڙي ٿو.

(86) ڊي آبين (ڏسو سندس پنهنجيون يادگيريون صفحا 160-150) هُن پاڻ، هگنات وزيرن جي مشوري سان 400 سالن تائين عقيدي جي حڪمراني آڇي هئي. ڪارڊينل پئرن هرويرو چاليهن سالن تائين معاملي کي اينگهايو، پر پوءِ سندس ڳالهه کي مڃيو ويو. بهرحال ڪنهن به ڏر کي ان بيوقوفيءَ جي ڳالهه مان ڪو فائدو ڪونہ ٿيو.

(87) جيڪا عبادت ٽرٽوليَن، لئڪٽئنٽيَس ۽ آرنوبيَس وغيره ڪئي، اُها ايتري تہ صاف، سچي ۽ روحاني هئي جو لامذهبن خلاف سندن تقريرون ڪڏهن ائين لڳندو هو تہ جڻ يهودين جي ڏِڻن ۽ تقريبن جي خلاف هيون.

(88) فاسٽس، جيڪو مئنيڪيَن مذهبي سرشتي سان تعلق رکندو هو، ڪٿولڪ عيسائين کي سندن بت پرستيءَ تي ٽوڪي ٿو. "توهان بتن کي شهيدن وارو رتبو ڏيو ٿا تنهنڪري اوهان اُنهن جي پوڄا ٿا ڪريو." (ايم- ڊي- بيوسوبر- مئنيڪيَنس جي تنقيدي تاريخ (700-629، ii)

(89) وهمن وسوسن جي هڪ جهڙائيءَ، جنهن جي ڪاپي نٿي ڪري سگهجي، کي يا تہ جهان يا وري ميڪسيڪو ۾ ڳولي سگهجي ٿو. واربرٽن کي ان قسم جو خيال سڀ کان پهريون آيو پر پوءِ پنهنجن خيالن کي پاڻ ئي بگاڙي ٿو ڇڏي ۽ اُنهن کي عام ماڻهن سان لاڳو ڪري ٿو ڇڏي (خدائي قانون 126، iV وغيره)

(90) لامذهبيت جو نقل درحقيقت ڊاڪٽر مدلٽن جي خط جو موضوع آهي جيڪو هن روم ۾ لکيو هو. واربرٽن جي لعنت ملامت کيس مجبور ڪيو تہ ہن مذهبن جي تاريخ کي هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏي تہ ساڳي وقت کيس عيسائي نقل جي قدامت کي بہ ثابت ڪرڻو هو.

باب اُٺتيهون

(خلاصو)

ٿوڊوسيَس جي پُٽن ۾ روم جي شهنشاهت جو قطعي ورهاڱو- آرڪئڊيَس ۽ آنريَس جي حڪومتن جا دؤر- روفينَس ۽ استيليچو جو حڪومتي انتظام- بغاوت ۽ آفريڪا ۾ گِلدو جي شڪست.

اُٺتيهين باب ۾ گبن سياسي منظر نامي جي تصوير پيش ڪندي اوپر ۽ اولهه جي حڪومتن جو ذڪر ٿو ڪري جن جي واڳ ٿوڊوسيَس جي بيڪار پُٽن آرڪئڊيَس ۽آنريَس جي حوالي هئي جيڪي شهنشاهه پڻ هيا. اوپر ۾، آنريَس جي لالچي ۽ ذليل وزير روفينَس کي، اولهه مان موڪليل استيليچو جي فوجين 395ع ۾ گرفتار ڪري ۽ قتل ڪري ڇڏيو. روفينَس، آنريَس جو محافظ ۽ جنرل پڻ هيو. استيليچو، آفريڪا ۾ هڪ آمر گِلدو پاران برپا ڪيل بغاوت کي پڻ 398ع ۾ ڪچليو. هن ابتريءَ جي دؤر ۾ گبن، روم جي شهنشاهت کي ٽُنندڙ ۽ وِکرندڙ نموني سان ڏٺو ڇو ته اوپر ۽ اولهه جي شهنشاهن جا هڪٻئي سان جهيڙا ۽ تڪرار شروع ٿي ڇڪا هيا جن جي سرحدن تي بربَر پڻ سازشن ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا هيا. ٿوڊوسيَس، جيڪو روم جي ناليوارن شهنشاهن ۾ شامل هيو، آخري شهنشاهه هو جنهن پنهنجي فوج جي اڳواڻي ڪندي دشمنن سان جنگيون جوٽيون، پرگبن تبصرو ڪندي چوي ٿو ته 'سندس موت سان گڏ روم جو جذبو ۽ دبدبو به ڇڻ مري ۽ دفن ٿي ويو.'

باب ٽيهون

گاٽن جي بغاوت، اُهي يونان کي قُري تاراج کن ٿا، اَلارڪ ۽ رداگئسيَس اٽلي تي ٻه وڌا حملا کن ٿا. اُنهن حملن کي استيليچو ناڪام بنائي ٿو ڇڏي. جرمن جوڌا گال کي اُکري اڇڻي وڌن ٿا. استيليچو جي بيعزتي ۽ سندس موت.

اها ٻي ڳالهه آهي ته روم جا ماڻهو ٿوڊوسيَس جي ڪارنامن ۽ احسانن کان ڪافي وقت تائين اڻ واقف رهيا، پرپوءِ جلد ئي کين خبر پئجي وئي ته سندن شهنشاهه تڪليفون برداشت ڪري پنهنجي جمهوريه جي ڪمزور ۽ ڪرندڙ عمارت کي ڪيڏو نه سهارو ڏنو هو. هن جو موت جنوري جي مهيني ۾ ٽيو پر ساڳي سال سياري جي ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي گاٽن جي قوم جنگ لاءِ تيار ٿي چڪي هئي.(1) بربرن جي فوجي جٿن پنهنجو جهنڊو جدا ڦڙڪائي ڇڏيو ۽ ڪُلهر ڪلا پنهنجي طاقت ۽ جنگجو ارادن جو برملا اظهار ڪرڻ لڳا. جيڪي هنن ڪيتري وقت کان وٺي پنهنجن خطرناڪ ذهنن ۾ سمائي ڇڏيا هيا. سندن ملڪ جا ماڻهو، جن کي، آخري عهدنامي جي شرطن ۽ حالتن سبب، سخت نِندیو ويو هو ڇو ته هاڻي کين خاموشيءَ سان مزدرون واري زندگي گذارڻي هئي، جنگ جي پهرين توتارن جي آواز تي، پنهنجا ٻنيون ٻارا ڇڏي، هٿيار کڻي جنگ ۾ جُنبي ويا، يعني اُهي هٿيار جيڪي هنن اڳ مجبور ٿي ڦٽا ڪيا هيا. دنيوب جي رکاوٽن کي ختم ڪري ڇڏيائون، سيٽيا جا وحشي ويڙهاڪ پڻ پنهنجن جهنگلن مان نڪري نروار ٽيا، ۽سياري جي سخت تڏ تي هڪ شاعر پنهنجو خيال هن طرح پيش ڪيو: 'هنن پنهنجيون وڏيون ۽ ڳريون گاڏيون تيزيءَ سان وهندڙ برف جي ٿَهَن ۾ تبديل ٿيل نديءَ(2) مٿان اڇلائي ڇڏيون.' دنيوب جي ڏکڻ جي صوبن ۾ رهندڙ مقامي ماڻهن عارضي طور تي ته تڪليفن آڏو آڻ مجي ورتي پر انڪل ويهن سالن جي عرصي گذرڻ کانپوءِ اُهي اُنهن تڪليفن يا موسم جي سختين سان مانوس ٿي ويا ۽ بربرن جا فوجي جَٿا، جيڪي پاڻ کي گاٽ سڏرائي وڌيڪ فخر محسوس ڪندا هيا، بيقاعدگيءَ سان هيڏي هوڏي پکڙجي ويا ۽ خاص طرح تي دالمئٽيا جي جهنگلن کان وٺي قسطنطنيه جي ديوارن تائين هر طرف ڦهلجي ويا.(3) ٿوڊوسيَس جي سخاوت مان جيڪا گاٽن کي ڪشادي امداد ملندي هئي سا يا ته بند ٿي وئي يا گهٽي پاڳي گهٽجي وئي ۽ اهوئي شاندار سبب هو ته هُو بغاوت ڪرڻ تي آماده ٿي ويا، ويتر ٿوڊوسيَس جي نِڪمن پُٽن، جيڪي جنگ جي خلاف هيا، سندن نفرتن کي اُپاريو ۽ سندن ڪاوڙ تڏهن ويتر چوٽ چڙهي وئي جڏهن آرڪيديَس جي وزير جي ڪمزوري جيڪا غداريءَ ۾ تبديل ٿي چڪي هئي، کين بغاوت ڪرڻ جو پرپور موقعو ڏنو. بربرن جي ڪئمپن ۾ روفينَس* جو گهٽو اچڻ وڃڻ ۽ سندس طرفان بربرن جهڙو لباس پائڻ، سندس شخصيت کي بين جي نظر ۾ پوريءَ طرح مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو هو ۽ رعيت جو دشمن،

احساسنديءَ جي احساس يا وري ڪنهن سازش جي خيال کان، هر طرف تباهيءَ جي منظر جي باوجود، هڪ بدنام مُنهندار جي ذاتي ملڪيت بچائڻ جي ڪوششن ۾ مصروف هو. گاٽ، پنهنجن سردارن يا مُنهندارن جي انڌي تقليد ڪرڻ بجاءِ، هاٿي چالاڪ ۽ ذهين آلارڪ جي اڳواڻيءَ ۾ وڏي جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪري رهيا هيا. اهو مشهور ۽ ناميارو اڳواڻ، بلتي(4) جي وڏي خاندان سان تعلق رکندو هو جيڪي فقط آمالي جي شاهي خاندان جي شهرت ۽ دبدبي اڳيان جهُڪندا هيا ڇو ته اُنهيءَ خاندان وري روم جي فوجين سان ويجها لڳ لاڳاپا قائم ڪري رکيا هيا ۽ اُنهن جو حڪم بہ مڃيندا هيا. شاهي گهراڻي ڪيس اُڪسايو ته هو پنهنجي انڪار جي حماقت توڙي پنهنجي نقصان جي اهميت جو پلي اقرار ۽ اظهار ڪري. قسطنطنيه جي فتح ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ اُميدون ۽ امڪان هيا، اُنهن کي دوراندیش جنرل هڪدم رد ڪري ڇڏيو ڇو ته سندس حڪمت عمليءَ موجب اها مهم جوکائتي ۽ خطرن کان خالي نہ هجي ها. گهَرُو اختلافن ۽ رعيت جي ناراضگيءَ سبب، شهنشاهہ آرڪئڊيَس، گاٽن جي جنگي اسلحي جو نماڻ ڏسي بنهہ خوفزده ٿي ويو پر سندس بيوقوفي ۽ بزدليءَ جو ازالو ڪنهن حد تائين شهر جي مضبوطي ۽ قلعن جي هجڻ ڪري ٿي ويو ڇو ته قلعا هر طرف يعني زميني توڙي ساموندي طرفن کان شهر جو بچاءُ ڪيون بينا هيا جيڪي بربرن جي ناڪام تيرن توڙي نيزن کان ڇگيءَ طرح محفوظ هيا. آلارڪ کي ان ڳالهہ کان بنهہ بيچان لڳندي هئي ته هو ٽريس ۽ ڊئسيا جهڙن برباد ٽيل ۽ ڪمزور شهرن تي زور آزمائي ڪري. تنهنڪري هن عزم ڪيو ته هو هاٿي اهڙي صوبي ۾ ڪاهہ ڪري پنهنجي شهرت، دولت ۽ بهادريءَ جو فصل لُٽندو جيڪو هن وقت تائين جنگ جي تباهہ ڪارين کان محفوظ رهيو هو.(5)

جن فوجي توڙي شهري آفيسرن کي روفينُس يونان جي حڪومت جي واڳ سونپي هئي، اُنهن جي ڪِريل ڪردار عوام جي شڪن کي تقويت پهچائي هئي ته هن عظيم ۽ قديم تهذيب جي ملڪ سان غداري ڪئي هئي ۽ هو گاٽن جي حملي آور سان اندروني طرح ملي چڪو هو. مئجسٽريٽ ائنٽيوڪَس، هڪ عزت واري پيءُ جو نالائق پُٽ هو ۽گروٽنيَس، جنهن صوبائي فوجن جي ڪمان ٿي سنڀالي، هڪ آمر جي ظالماڻن حڪمن جي ته پوريءَ طرح بجا آوري ٿي ڪئي پر جنهن ملڪ ۾ قلعن جو فطري جار وڇايل هو ان جي حفاظت ڪرڻ ۽ بچائڻ ۾ بزدلي ۽ نااهليءَ جو مظاهرو ڪيائين. آلارڪ سواءِ ڪنهن رڪاوٽ جي مئسيڊونيا ۽ ٿسلي جا ميدان اُڪري اِيٽا جبل تائين پهچي ويو هو جيڪو هڪ اونهو ۽ وٽن سان ڍڪيل پهاڙي گس هيو ۽ جتي گهوڙيسوار فوج سان اڳتي وڌڻ ڏري گهٽ ناممڪن هيو. اُهي اوير کان اولهہ تائين پکڙجي سمنڊ جي ڪنارن تائين پهچي ويا ۽ کابي طرف ٽن سؤ فوٽن جو هڪ ڏکيو پيچرو هو جنهن تي زميني رستي کان فقط هڪڙي گاڏي وڃڻ جي گنجائش هئي،(6) جيڪو جبل جي چوٽي ۽ مالين جوڙ جي وچ تي هو، اُهو بہ اُڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ٽرمو پائلي جي هن سوڙهي لنگهہ ۾ جتي لونيداس ۽ اسپارٽا جي ٽن سؤ ماڻهن پنهنجون حياتيون* شاندار طريقي سان گذاريون هيون، اُتي گاٽ بہ شايد نہ وڃي سگهن ها يا وري جيڪڏهن هُو وڃڻ جي حماقت ڪن ها ته هوشيار جنرل هٽان ماريا وڃن ها؛ ۽ شايد هن مقدس جڳهہ جو نظارو ئي ناڪام ۽ نِڪمن يونانين جي دلين ۾ بهادريءَ جي باهہ پڙڪائي ڇڏي ها. جن فوجن جي ڏيوٽي لڳائي وئي هئي ته ٽرموپائلي جي لنگهہ جي حفاظت ڪن، اُنهن کي رٽائر ڪري اُتان هٽايو ويو پر آلارڪ(7) جي اڳتي وڌڻ جو رستو بلڪل صاف ۽ سلامت هو جنهن ۾ ڪابہ رڪاوٽ ڪانہ هئي ۽ فوسز ۽ بوٽيا جون

زرخيز ۽ آباد ٻنيون هر طرف کان بربرن جي لشکرن سان ٽڪرار نظر ٿي آيون جن اُنهن مردن جو قتلام شروع ڪري ڏنو جيڪي هٿيار ڪٽي ۽ استعمال ڪري ٿي سگهيا پر اُتان جون خوبصورت دوشيزائون پاڻ سان گڏ وٺي ويا جن ۾ چوپايو مال ۽ ڦرلٽ جو پڻ جهجهو سامان موجود هو، جڏهن ته ڳوٺن جا ڳوٺ باهه جي شعلن جي نذر ٿي ويا. ڪيترن سالن کان پوءِ جڏهن سياحن يونان جو چڪر لڳايو ته گاٿن جي خوني ڪارنامن جون اڪين ڏٺيون شاهديون ڏنائون پر ٽيبس سلامت رهيو، اهو ان ڪري نه ته سندس ستن ڳيٽن جي حفاظت سبب بچيل رهيو پر فقط ان ڪري ته الارڪ کي اُتان جلدي نڪرڻ جي تڪڙ هئي ڇو ته ڪيس اٽينس تي جلد قبضو ڪرڻو هو ته ساڳي وقت پائريَس جي اهم بندرگاهه کي به هٿ ڪرڻو هو. ساڳي بيصبريءَ ڪيس شهر جي گهيري ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ ڪنهن به خطري جي امڪان جي ڪري هو ان مهم ۾ ٿورڙي دير به برداشت نٿي ڪري سگهيو پر پوءِ جلد ئي شهرين طرفان آڻ مڃڻ جي آڇ اچي وئي. جيئن ئي يونانين گاٿن جي بهادر فوج جون گڇگوڙون ٻُڌيون ته هنن هڪدم فاتح کي پنهنجي گهٽي ۾ گهٽي دولت ڏيڻ جي آڇ ڪئي ته جيئن مِنروا شهر ۽ ان جا رهواسي امن امان ۾ رهن. صلح نامي کي مقدس قسمن ۽ پڪن اقرارن ذريعي نافذ ڪيو ويو ۽ پوري وفاداريءَ سان ان تي عمل ڪيو ويو. گاٿن جي شهزادي کي سندس خاص ساٿين ۽ حمايتين سان شهر جي اندروني ديوارن ۾ آندو ويو جتي هن آرام ڪيو ۽ شاهي غسل پڻ ڪيائين ۽ شهر جي مئجسٽريٽ طرفان هڪ شاندار دعوت کائڻ ۾ قبول ڪيائين ۽ شهر وارن کي اهو تاثر ڏنائين ته گاٿ شهزادو، تهذيب يافته قومن جي اخلاق عادتن توڙي ريتن رسمن کان چڱيءَ طرح واقف هو.(8) پر اٽيڪا جو سڄو علائقو سُنيَم جي چوٽين کان وٺي ميگرا جي شهر تائين شهزادي جي منحوس موجودگيءَ سبب برباد نظر ٿي آيو ۽ هڪ فيسلوف جي پيٽ ڪرڻ جي لفظن ۾ اهو منظر هيئن هو: ”اٽينس خود هڪ ڪُنل ۽ رَت سان وهنتل جانور جيان لڳي رهيو هو جنهن مٿان فقط سُڪل چمڙي باقي وجي بچي هئي.“ ميگرا ۽ ڪورنٿ جي وچ ۾ مفاصلو ٽيهن ميلن کان مٿي نه هيو پر ان ٿورڙي مفاصلي تي به رستي جي ايڏي ته بُري حالت هئي جو ان کي شايد دشمن جي ڪاهه ڪرڻ کان آجو ڪيو ويو هو ته جيئن ڪوبه ان تي گهمي ڦري نه سگهي. ’برو رستو‘ اها چوٽي يونانين ۾ اجا به عام آهي. سِٽارن جبل جا مغموم وڻ ملڪ جي اندروني حصي ۾ هيا ۽ اسڪرونيا جا جبل وري پاٽيءَ جي چوڙن کي وڇي ڇُهندا هيا ۽ هڪ سوڙهي ۽ ورَ وڪڙ رستي مٿان ڇڻ لڙڪندڙ هيا ۽ انهن جبلن جو سلسلو سمنڊ جي ڪناري سان ڇهن ميلن تائين لاڳو هيو.(9) انهن جبلن جو لنگهه، جيڪو هر دؤر ۾ بدنام رهيو هو، ڪورنٿ جي سوڙهي پٽيءَ ذريعي جدا ٿي ٿيو ۽ اهڙي ڏکئي لنگهه کي فقط ڪجهه مضبوط ۽ هوشيار فوجي ئي ڪاميابيءَ سان محفوظ بنائي ٿي سگهيا ڇو ته ان سوڙهي پٽيءَ جو ڳانڍاپو آيونين کان ايجيَن سمنڊ تائين پنجن کان ڇهن ميلن تائين لاڳاپيل هيو. پيلوپونيسِس جي شهرن جي فطري بيهڪ بذات خود هڪ دفاعي مورچي واري هئي تنهنڪري ان اعتماد شهرين کي پنهنجي قديم ديوارن ۽ عمارتن جي حفاظت کان غافل بنائي ڇڏيو هو ۽ روم جي گورنرن جي حرص ۽ لالچي فطرت هن بدقسمت صوبي سان بيوفائي ۽ دغا ڪئي هئي.(10) ڪورنٿ، آرگوس ۽ اسپارٽا جلد ئي گاٿن اڳيان آڻ مڃي پنهنجا هٿيار ڦِٽا ڪيا ۽ رهواسين مان شايد اُهي خوش قسمت رهيا جن کي موت جو مزو چکرايو ويو ته جيئن اُهي پنهنجن ڪٽنبن ۽ خاندانن کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل نه ڏسن ۽ نه ئي وري پنهنجن شهرن کي پنهنجين اکين سان باهه جي شعلن جو بَکُ ٽيندي

ڏسن.(11) گلدستن ۽ قيمتي مجسمن کي بربرن ۾ ورهايو ويو، جن کي اُنهن تحفن تي ٽيل نازڪ ڪم جي شان شوڪت جي سڃاڻپ ئي ڪانه هئي، بس هو اُنهن شين جي ظاهري ڏيک ۾ محو ٿي ويا هيا؛ قيدي عورتن جنگ جي قانونن کي مڃيو ڇو ته حسن جو مزو ماڻڻ ئي گاڏن جي فتح جو انعام هيو ۽ يوناني هن ڪُڌي رسم جي خلاف احتجاج ۾ نه ٿي ڪري سگهيا ڇو ته اهڙن اهم موقعن تي هر شئي ۽ هر ڳالهه جائز سمجهي ويندي هئي.(12) هن غيرمعمولي قوم جو اولاد جيڪو جرئت، نظم ۽ ضبط کي اسپارٽا جي مضبوط ديوارن جيان سمجهندو هو، ڪان شايد سندن بهادر ابن ڏاڏن جو اُهو جملو وسري ويو هو جيڪو هنن هڪ حملي ڪندڙ کي وڏي جرئت مان چيو هو ۽ اهو جملو آلارڪ ڪان ۾ وڌيڪ بهادري وارو هو: "جيڪڏهن تون ديوتا آهين ته پوءِ تون اُنهن بيقصور ماڻهن کي هٽ ۾ نه لائيندين جن توکي ۾ ڪو نقصان نه پهچايو آهي؛ پر جي تون مرد آهين ته پوءِ پلي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪر ۽ تون ڏسندين ته اسان وٽ ۾ اهڙا مرد موجود آهن جيڪي تنهنجا هيسي جيسي آهن ۽ توسان پرپور بهادريءَ سان مقابلو ڪندا."(13) ٽرموپائلي ڪان اسپارٽا تائين گاڏن جي اڳواڻ کي اڳتي وڌڻ ۾ ڪابه روڪ ۽ رندڪ پيش نه آئي ۽ نه وري ڪنهن سندس مخالفت يا مقابلو ڪيو پر لادينيت جي هڪ علمبردار اعتماد سان ٻڌايو آهي ته اٽينس جي ديوارن جي حفاظت ديوي مِنروا جي ذمي هئي جنهن وٽ هڪ طاقتور ۽ مضبوط ڍال* هوندي هئي ۽ ائچليز(14) جي غضبناڪ صورت سامهون اڇي ٿي، جيڪو ۾ فاتح هوندو هو ته اُهو يونان جي اهڙين غيبي ۽ مخالف طاقتن کان خوفزده ٿي ويندو هو. معجزن ۾ يقين رکڻ جي دؤر ۾، اهو شايد مناسب نه ٿيندو ته تاريخدان زوسيمَس جي ان دعويٰ کي رد ڪري ڇڏجي جيڪا عام ماڻهن جي اعتقاد لاءِ هوندي هئي ته وري ساڳئي وقت ايئن چوڻ ۾ نامناسب ٿيندو ته آلارڪ، نند ۾ توڙي جاڳڻ واري ڪيفيت ۾ يونانين جي وهمن وسوسن ۾ يقين نه رکندو هو. هومر جي شاعريءَ جا آلاپ يا ائچليز جي شهرت شايد اجا تائين جاهل بربرن جي ڪنن تائين نه پهتي هئي ۽ الارڪ جيڪو عيسائي مذهب ۾ پوريءَ طرح يقين رکندو هو ته ان جي اثر، روم يا يونان جي مصنوعي خدائن ۾ اعتماد رکڻ کان ڪيس نفرت ڏياري ڇڏي هئي. گاڏن جي حملي يونانين جي روايتي اعتقاد ۽ نظرين کي مضبوط ڪرڻ جي بجاءِ، حادثاتي طور ئي سهي، لامذهبيت جي آخري آثارن ۽ نشانين کي ۾ تباهه ڪري ڇڏيو ۽ سيرِس جا ڪُجها رازَ، جيڪي لڳاتار ارڙهن سو سالن تائين ماڻهن ۾ رائج هيا، اِليوسِس جي تباهيءَ ۽ يونان مٿان آيل آفتن ۽ مصيبتن کانپوءِ، مڪمل طور تي ختم ٿي ويا.(15)

ماڻهن جي آخري اُميد يا سهارو، جيڪي نه پنهنجن هٿيارن، ديوتائن يا پنهنجي حاڪم تي پروسو ڪري ٿي سگهيا، هاڻي ڪين آسرو فقط اهو وڃي رهيو هو ته هو اولهه جي جنرل جي طاقتور مدد تي ويساهه ڪن، ۽ استيليچو، جنهنکي حملي کي ناڪام بنائڻ جي اجازت نه ڏني وئي هئي، اڳتي پيشقدمي جاري رکي ته جيئن هو يونان تي حملو ڪندڙن کي نه رڳو مُنهن ٽوڙ جواب ڏئي پر اڳرائي ڪرڻ تي ڪين سبق پڻ سيکاري.(16) پر هڪ هيبتناڪ بحري جنگي ٻيڙي کي اٽلي جي ساموندي بندر تي ڪامياب بحري اڳيرائيءَ ڪان پوءِ، ڪورنٿ جي ويجهو هڪ نندي ٻيٽ تي سلامتيءَ سان لاٿو ويو. آرڪيديا جو پهاڙي ۽ ٻيلن وارو ملڪ، جيڪو پان ۽ دريَڊس جي عياشيءَ وارو آرامگاهه رهيو هو، ٻن طاقتور جنرلن جي ڊگهي ۽ مشڪوڪ زور آزمائيءَ جو منظر بڻجي ويو. پر روم وارن جي طاقت توڙي جنگي تجربي کي نيٺ سوپ حاصل ٿي ۽ گاڏن کي بيمارين ۽ سندن ساٿين جي ڇڏي وڃڻ

سبب نہ رڳو ناڪامي ٿي پر کين وڏو نقصان پڻ برداشت ڪرڻو پيو ۽ اُهي پوئتي هٽندا فولي جي جبلن تائين پهچي ويا جيڪي پينيَس ۽ ايلس جي سرحدن جي نزديڪ هيا. هي هڪ اهڙو ته پاڳ پريو ملڪ هو جنهن کي اڳ جنگين جي آفتن ۽ مصيبتن کان آجو ڪيو ويو هو.(17) بربرن جي فوج کي مڪمل گهيري ۾ آندو ويو ۽ ندي‌ءَ جي پاڻي‌ءَ جو رُخ تبديل ڪيو ويو،(18) هاڻي هڪ طرف هو اُڃ ۽ بُک کان پاڻ ٿي رهيا هيا ته بي طرف قلعن جي ديوار ناهي* ڪنهن به طرف کان سندن پڇي وڃڻ جو رستو پوري طاقت سان روڪيو ويو هو. اهڙين احتياطي تدبيرن کان پوءِ اسٽيليچو، جنهن کي پنهنجي فتح جو پورو يقين هو، هاڻي آرام ۽ عياشي‌ءَ جي مستين ۾ محو ۽ راندين روندين ۽ يونانين جي نفس پرستي‌ءَ جي شغلن ۽ ناچ گانن ۾ مست ٿي ويو، سندس فوجي به اهڙي صورتحال ڏسي، پنهنجي جهنڊي کي اڇلائي پنهنجي اتحادي ملڪن ڏانهن هليا ويا ۽ جيڪو ڪجهه به دشمنن جي هٿان کين مليو هو اُهو سڀ ڪجهه پاڻ سان کڻي رمندا رهيا. الارِک اهڙي موقعي کي غنيمت سمجهي پرپور وار ڪرڻ چاهيو، چو ته اهڙن ئي موقعن تي تجربيڪار جنرلن جي فوجي اهليت ۽ قابليت جو اصل امتحان هوندو آهي جيڪو جنگ جي ميدان کان به وڌيڪ اهم ۽ ڪارائتو ثابت ٿيندو آهي. هن پيلوپونيسِس جي جيل مان پاڻ کي آزاد ڪيو، هاڻي هن لاءِ ضروري هو ته اُنهن مورچن* تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي جن ۾ سندس فوجي وکوڙيل ۽ جڪڙيل هيا ۽ سندس ارادو اهو هو ته هاڻي هو ڪورنٿ جي چوڙ تائين ٽيهن ميلن تائين وڃڻ جي بيحد جوکائتي مهم ۾ ڪامياب ٿئي. يعني هو پنهنجا فوجي، قيدي ۽ جنگ ۾ ڦرليٽ جو سامان پاڻ سان گڏ ان سامونڊي پٽي‌ءَ تان کڻي وڃي جيڪا گهٽ ۾ گهٽ اڌ ميل ويڪري هئي.(19) الارِک جي فوجي مهم نهايت مخفي، دوراندیشي‌ءَ واري ۽ تيز تر هوندي هئي چو ته روم جو جنرل پنهنجي دشمن بابت معلومات رکڻ ۾ ڪجهه منجهيل هو ۽ ڪيس خبر هئي ته گاٿن سندس ڪوشش کي پوري‌ءَ طرح ڪامياب ٽيڻ نہ ڏنو هو ۽ ڪيس اها به خبر هئي ته ايپيرس صوبي تي گاٿن جو مڪمل قبضو هو. بدقسمتي‌ءَ سان وچ ۾ جيڪا دير ٿي هئي ان الارِک کي موقعو ڏنو ته هو هڪ صلح نامي کي عمل ۾ آڻي جيڪو هن ڪجهي‌ءَ طرح سان قسطنطنيه جي وزيرن سان طئي ڪري چڏيو هو. خانه جنگي‌ءَ شروع ٽيڻ جي خطري سبب اسٽيليچو پنتي هٽڻ تي مجبور ٽيو چو ته هن محسوس ڪيو ته سندس مخالف هن جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور هو ان ڪري هن آرڪيڊيَس جي صوبي تان به پنهنجي دعويداري ختم ڪئي ۽ هن روم جي دشمن کي مانُ ڏيندي اوپر جي شهنشاهه جي حمايتي ۽ نوڪر ٽيڻ ۾ به ڪوبه عار نہ سمجهيو بلڪ اهو ڪردار پنهنجي لاءِ معتبري‌ءَ وارو سمجهيائين.

هڪ گريشيَن فيلسوف، (20) جنهن ٿوڊوسيَس جي مرڻ کان پوءِ جلد ئي قسطنطنيه جو دؤرو ڪيو، روم جي جمهوريه جي حالت ۽ ان جي بادشاهن جي ڪارڪردگي‌ءَ بابت پنهنجا فراخدلي‌ءَ وارا تاثرات هڪ ڪتاب ۾ شايع ڪيا. سُنيسيَس افسوس جو اظهار ڪندي اسان کي ٻڌائي ٿو ته اڳئين شهنشاهه سخا ۽ سوڪڙين پاڪڙين ڏيڻ جو انتهائي ناجائز استعمال ڪيو هو ۽ ان بيجا روايت کي پنهنجي فوج ۾ پڻ رائج ڪيو هو. نيٺ نوبت اها وجي ٿي هئي جو شهرين ۽ رعيت جي ماڻهن پنهنجي ملڪ جي بچاءَ کي داوَ تي لڳائيندي ملڪي حفاظت جي ڊيوٽي خريد ڪري ورتي هئي، يعني هنن پنهنجي جڳهه تي ڪرايي تي آندل بربرن کي ملڪي حفاظت جي ذميواري سونپي چڏي هئي. سيٽيا جي ياجوڪڙن کي کليل اجازت هئي ته هو پلي کن ڳالهين تي شهنشاهن سان به اختلاف ڪن

۽ اُنهن جي مان شان کي به هو ڪڏهن ٿيءَ ۾ ملائي ڇڏيندا هيا؛ سندن آواره گرد نوجوان، جيڪي لازمي قانون جي بندشن کان نفرت ڪندا هيا، انساني خصلتن پرائڻ جي بجاءِ، راتو رات دولتمند ٿيڻ جا خواب ڏسڻ ۽ هر چگي ڳالهه کان ٻُجهان ڪرڻ لڳا ۽ گاڏن جي طاقت وري ٽئنٽلَس جو پٿر* هو جنهن کي ملڪ جي سلامتي ۽ حفاظت خاطر دائمي طور غير موثر بنايو ويو هو. سنيسيَس پنهنجي طرفان ماڻهن کي جرئتمندي ڏانهن مائل ڪري ٿو ته ساڳي وقت رعيت جي ماڻهن کي حب الوطني ڏانهن پڻ آماده ڪري ٿو. هو شهنشاهه تي زور ٿو پري ته پنهنجي رعيت جي ماڻهن ۾ همت ۽ جرئت جو جذبو پيدا ڪري ۽ هن سلسلي ۾ مردانگيءَ وارين وصفن کي پنهنجي شهنشاهت ۾ رائج ڪرائي، گهرن توڙي فوجي ڪئمپن منجهان عياشيءَ کي مڪمل طور ختم ڪرائي، ۽ ڪرايي تي پرتي ڪيل بربرن جي جڳهه تي پنهنجي رعيت جي اُنهن مخلص ماڻهن کان ملڪي حفاظت جي ڊيوٽي ڪرائي جيڪي وطن جي بچاءَ ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندا هجن، قانون جو احترام ڪن ۽ پنهنجين ملڪيتن جو دفاع ڪري سگهن؛ جڏهن ملڪ خطري جي صورتحال ۾ مبتلا ٿي وڃي ته مستري يا ڪي ٻيا ڪم ڪار ڪندڙ پنهنجن دڪانن کي ڇڏي ڏين، فيلسوف پنهنجن اسڪولن مان نڪري اچن، جيڪي ڪاهل شهرين کي عياشيءَ جي ننڊن مان جهنجهوڙي جاڳائن ۽ زراعت جي پيشي جي بچاءَ لاءِ ڪڙمين ۽ ڪاسبين جي ٻرپور مدد ڪن. فوجين جي اڳواڻي به اُهو ڪري جيڪو اهڙي رتبي جو لائق هجي ۽ جيڪو روم جي عظيم شهنشاهت سان مطابقت رکندڙ جذبي جو مالڪ هجي؛ اهڙيءَ طرح سنيسيَس، ٿوڊوسيَس جي پُٺ کي بيدار ڪندي ڪيس چوي ٿو ته هو بربرن جي قوم سان مردانگيءَ وارو مقابلو ڪري ڇو ته منجهن ڪابه همت ڪانه هئي ۽ هو اُنهن جي مقابلي ۾ هار هرگز نه ميجي ۽ تيستائين سندن پيڇو ڪندو رهي جيستائين هو سيٽيا جي تنهائين تائين ڌڪجي هليا وڃن ۽ وري ڪين اهڙي حيثيت ۾ بدلائي ڇڏي جو هُو ذلت واري زندگي گذارڻ تي ايئن مجبور ٿي وڃن جيئن اڳ لئسيڊيمونيَنس، قيدي هيلاٽ سان ڪاروائي ڪئي هئي.(21) آرڪئڊيَس جي ماڻهن جوش جذبي ۾ حصو ورتو، اثرائتي تقرير کي پسند ڪيائون پر سنيسيَس جي مشوري تي غور ئي نه ڪيائون. فيلسوف، جنهن اوپر جي شهنشاهه سان دليلن ۽ اخلاقيات واري مهذب زبان ۾ بلڪل اهڙيءَ طرح خطاب ڪيو هو جيئن هو اسپارٽا جي بادشاهن سان ڳالهائيندو هو، پنهنجي رتبي ۽ معيار کان هيٺ نه لٿو هو ۽ نه وري ڪاڪس اها اُميد ڪري پئي سگهجي ته اخلاقي طور بگڙيل ماڻهن جي سطح تائين هو هيٺ لهي ايندو. شايد ايئن به هو ته شهنشاهه جا وزير جيڪي هر فهم ۽ عقل کان وانجهيل هيا ۽جن جي ڪوڪلن طور طريقن ۾ ڪنهن به هن وقتن تائين مداخلت نه ڪئي هئي، ته اُنهن لاءِ هر نئون موضوع يا مهذب گفتگو سندن سمجهه ۽ سوچ جي وِٿ ۽ حدن کان متاهين هئي تنهن ڪري هو هر نئين ڳالهه کي جلد ئي رد ڪري ڇڏيندا هيا. بهرحال سنيسيَس جي ڪمال جي تقرير توڙي بربرن جي تباهيءَ جو چرچو ۽ چوبول هر گهر ۽ گهٽيءَ ۾ ماڻهن جي گفتگو جو موضوع بڻجي چڪو هو. انهيءَ دؤران قسطنطنيه ۾ هڪ شاهي فرمان چيڇي ويو جنهن مطابق آلارڪ کي مشرقي اِليريڪَم جي 'ماسٽر- جنرل' جي عهدي تي ترقي ڏني وئي. روم جي صوبن جا عهديدار توڙي سندن حمايتي، جيڪي هن وقت تائين طئي ٿيل صلحنامن جو احترام ڪندا پئي آيا، ناراض ٿيڻ ۾ حق تي هيا ته يونان ۽ ايپيرَس کي تباهه ڪندڙ ڪي ويتر ايڏي فياضيءَ سان نوازيو ويو هو. بهرحال گاٿ فاتح جي، هر جڳهه تي ۽ اُنهن شهرن ۾ پڻ مئجسٽريٽ طور آجيان ڪئي وئي جن جو تازو هن گهيرو ڪيو هو.

اُهي بزرگ والدين جن جي پٽن کي هن قتل ڪرايو هو يا اُهي مڙس جن جي زالن سان هن زيادتيون ڪيون هيون، هاڻي سندس ئي حڪم هيٺ هيا ۽ سندس بغاوت جي ڪاميابي، هر ڪرايي تي وڪاميل ڏارئي شخص کي هٿي ڏني هئي تہ اُهي بہ ڪُڏن ڪمن ۾ شامل ٿي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن. هاڻي هن پنهنجي طرفان جيڪي حڪم جاري ٿي ڪيا، اُنهن ۾ سندس حڪومتي حڪمت عمليءَ جي مضبوط پاليسي ۽ مستقل مزاجي شامل هئي. هن چئن ڪمپنين کي اڳرائيءَ توڙي بچاءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هٿيارن ناهڻ جا حڪم ناما جاري ڪيا: اُهي هي آهن، مارگس، رتياريا، نئسَس ۽ ٿِسالونيڪا. جن جنگي هٿيارن ناهڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا هيا اُهي هي هيا: بچاءَ بندَ يا شيلڊون، حفاظتي ٽوپلا، ترارون، نيزا ۽ پالا وغيره، ۽ بدقسمت صوبن جا ماڻهو جڏ پنهنجي تباهيءَ جي سامان جي پاڻ همت افزائي ڪري رهيا هيا ۽ بربرن جڏ پنهنجي راهہ جي فقط هڪڙي رڪاوٽ بہ دور ڪري ڇڏي هئي جنهن سبب اڳ سندن جرئت وارين ڪوششن کي ڪاميابي نصيب نہ ٿيندي هئي.(22) اَلارِڪ جو ڄم، ماضيءَ ۾ سندس شاندار ڪاميابيون ۽ ايندڙ وقت جي رٿيل پروگرامن ۾ سندس اعتماد جي خاصيتن سندس قوم کي هن جي سوين جي جهندي هيٺ ايڪي ۽ اتحاد ۾ هڪ ڪري ڇڏيو ۽ بربرن جي سردارن جي هڪڙي ۽ گڏيل راءِ سان اِليريڪَم جي 'ماسٽر- جنرل' کي، اوائلي رسم و رواج مطابق شيلڊ تي ويهاري ڪيس مٿي ڪنيو ويو ۽ وڏي مان شانَ سان 'وِزيگاٿن' جو ڪيس بادشاهہ بنايو ويو.(23) هاڻي هو ٻن شهنشاهتن جي وچ تي وڏي طاقت سان وينل هو، پر هن پنهنجي ڏوکي وارن واعدن کي آرڪيڊيَس ۽ آنريس(24) جي درٻارن ۾ وڪڻي ڇڏيو؛ تيستائين هن اولهہ جي حڪومتن تي حملي ڪرڻ جو نہ رڳو اعلان ڪيو پر اُنهيءَ تي عمل بہ ڪري ڇڏيو. يورپ جا صوبا، جن تي اوپر جي شهنشاهہ جي مالڪي هئي، اڳ ۾ ذري گهٽ ختم ٿي چڪا هيا ۽ ايشيا جي علائقن تائين پهچڻ ناممڪن هيو ۽ قسطنطنيه سندس حملي کي ناڪام بنايو هو. پر اٽلي جي سُونهن شهرت ۽ دولت ڪيس هرڪائي ڇڏيو هو جو تہ هو بہ پيرا پاڻ اُتي وڃي بہ چڪو هو ۽ سندس خواهش هئي تہ اٽلي جي ديوارن تي مخفي طرح سان گاٿن جي جهندي کي ڦڙڪايو وڃي تہ ساڳي وقت هن پنهنجي فوجن کي بہ ڦرلٽ جي ان دولت سان شاهوڪار ڪرڻ ٿي چاهيو جيڪا هن پنهنجن ٽن سَوَن ڪامياب ڪارنامن مان هٿ ڪئي هئي.(25)

اٽلي تي اَلارِڪ جي فوجن جي پهرئين حملي بابت، حقيقتن جي گهٽتائي(26) ۽ تاريخن جي غير يقينيءَ(27) اسان جي ڪوششن ۾ رڪاوٽ بنجن ٿيون ۽ اسان پوري تصديق سان ان حملي بابت ڪجهہ نٿا چئي سگهون. ٿِسالونيڪا کان سندس پيش قدمي جيڪا شايد هڪ جنگجو ۽ سندس دشمن ملڪ پنونيا مان ٿي هوندي ۽ جتان هو جولين جبلن منجهان پڻ گذريو هوندو، اهڙيءَ طرح جابلو رستن منجهان گذرڻ جن کي فوجين جي پهري ذريعي محفوظ بنايو ويو هو، ان کانسواءِ عقيليا جو گهيرو ۽ اسٽيريا ۽ وئنيشيا جي صوبن جي فتح منجهان لڳي ٿو تہ انهن سيني جهنجهٽن کي طئي ڪرڻ ۾ تمام گهٽو وقت لڳي ويو هوندو. جيئن تہ سندس مهم ۽ پيش قدمي وڌيڪ محتاط ۽ سُست رفتاري واري هئي تہ جيڪو وچ تي ڊگهو عرصو گذريو ان مان هڪ شڪ واري صورتحال نظر اچي ٿي تہ مبادا گاٿن جو بادشاهہ اڳتي وڌڻ بدران پنتي موٽيو هجي ۽ دنيوب جي ڪنارن ڏانهن وڃي پنهنجي فوج ۽ بربرن جي لشڪرن کي اٽلي تي حملي ڪرڻ لاءِ نئين سر تيار ڪيو هجي. جيئن تہ ڪيتريون ئي عوامي ڳالهيون ۽ اهم واقعا ڪڏهن ڪڏهن محنتي تاريخدانن جي ذهنن مان بہ نڪري ويندا آهن تہ

ممڪن آهي ته هنن ننڍين ننڍين ڳالهين ۾ هُن پاڻ کي ويهي وِندرايو هجي، ۽ اهو به ممڪن آهي ته الارڪ جو جيڪو بن غير اهم ماڻهن، يعني عقيليا جي نائب پادري ۽ ويرونا جي هاريءَ تي اثر هو، ان باري ۾ اُنهن کجهه لکيو هجي. عقلمند روفينس، جنهن کي سندس دشمنن سڌيو هو ته هُو روم جي ڪائونسل آڏو وڃي حاضر ٿئي،(28) وڏي دانائيءَ مان گهيري ۾ آيل شهر جي خطرن کي سمجهي ويو هو، چو ته بربرن جي خوف ۽ دهشت کان عقيليا شهر جون ديوارون به لُڏي ۽ لرزي ويون هيون، جتي اڳ ۾ ئي هڪ مرتد کي پادرين نه رڳو ڦٽڪا هڻايا هيا، پرڪيس ملڪ نيڪالي ڏئي هڪ برپٽ بيابان ۾ ڪيس اڪيلو ڇڏيو ويو هيو.(29) ويچارو پوڙهو ماڻهو، (30) جنهن پنهنجي سموري زندگي سادگي ۽ معصوميت سان ويرونا جي اوسي پاسي ۾ گذاري هئي، ڪنهن به اهم معلومات کان بيخبر هو. ڪيس نه بادشاهن جي باري ۾ ڪا ڄاڻ هئي ۽ نه وري پادرين کان آشنا هو؛ بس سندس خوشين، خواهشن ۽ معلومات جو محدود دائرو سندس ٻنيون ٻارا هيا جيڪي پيءُ کان ڪيس ورثي ۾ مليا هيا ۽ ٻيو سڀارو سندس لٽ هئي جيڪا پيريءَ ۾ رڙهڻ ۽ قدمن کٽڻ ۾ سندس سات ڏيندي هئي ۽ هو به ساڳي زمين تي ئي هلندو هو جيڪا بالڪپڻ کان وٺي سندس پيرن هيٺان رهي هئي. ان جي باوجود، سندس ننڍڙيون ۽ معصوميت واريون خوشيون (جن کي ڪلاڊين پوري سچائيءَ ۽ اندر جي احساسن سان بيان ٿو ڪري) به جنگ جي شدت ۽ تباهيءَ جي وَر چڙهي ويون. سندس وَڻ- اُهي وَڻ جيڪي سندس ئي عمر جيترا ۽ ساٿي رهيا هيا، (31) سڄي ملڪ ۾ لڳايل پڙڪندڙ باهه جو بَکُ بڻجي ويا، ڳاٽن جي گهوڙيسوار فوجي جتي سندس نماڻي جهوپڙيءَ کي ڍاهي ۽ سندس ڪٽنب کي دربدر ڪري ڇڏيو ۽ الارڪ جي طاقت جي نشي سندس ننڍڙين خوشين کي برباد ڪري ڇڏيو جن جي ذائقي چکڻ جي به منجهس صلاحيت نه رهي هئي. هڪ شاعر تبصرو ڪندي چوي ٿو: "شهرت، دهشتگردي جي روپ ۾ پنهنجا ٻَر پکيڙي، بربرن جي پيش قدميءَ جو ڏوکو وڃايو ۽ سڄي اتليءَ ۾ هراس ڦهلجي ويو؛ هر ماڻهو پنهنجي پريشانيءَ ۾ مبتلا تي ويو؛ شڪ ۽ بدگمانيءَ جا آثار هر طرف وڏي ويا ۽ جيڪي ويچارا ڪمزور طبيعت جا هيا، اُنهن لڏڻ جا سانباها ڪري ڇڏيا هيا ۽ ڪيترن ماڻهن سِسلي جي ٻيٽ يا آفريڪا جي ڪنارن طرف وڃڻ جو پروگرام ناهي ڇڏيو هو. ماڻهو جيڪي اڳيئي عذابن ۾ مبتلا ٿي چڪا هيا، ويتر وهمن وسوسن جي خوف ۽ ندامتن جي تڪليفن کي ويتر وڌائي ڇڏيو هو.(32) هر لمحي کان پوءِ نياڳ ۽ موت جي ڪاڻ کا خبر ٿي آئي جنهن ماڻهن کي نراسائيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو؛ لامذهبن ان تي اهو چيو ته ڪير ته وهمن يا بدشگونين کي فراموش ڪيو ويو هو يا وري قربانين کي ختم ڪيو ويو هو، پر عيسائين ٿي وري اهو اطمينان هو ته چگو ٿيو جو درويشن ۽ شهيدن جي شور کان کين کجهه عرصي لاءِ نجات ملي هئي ۽ هو ان ۾ ڪافي مطمئن هيا.(33)

شهنشاهه آنريَس خوف ۽ خطرن توڙي رتبي جي لحاظ کان پنهنجي رعيت ۾ مٿاهون ۽ نمايان هو. جنهن آرام آسائش ۽ فخر منجهان هن تعليم حاصل ڪئي هئي ان موجب ڪيس شڪ ڪرڻ جي ڪابه گنجائش ڪانه هئي ته هن ڏرتيءَ تي آگسٽس جي جانشين سان همسري ڪرڻ جي ڪنهن ۾ به طاقت ڪانه هئي. خوشامدڙين جي ڳالهين جي ڏوکي، ايندڙ خطرن کي راز ۾ رکيو هو تانجو نوبت اتي اچي پهتي جو الارڪ مِلن جي محلات تائين پهچي ويو. پر، جڏهن جنگ جي طبل نوجوان شهنشاهه کي نند مان جاڳائي ڇڏيو ته، بجاءِ ڪنهن جوش جذبي ڏيکارڻ ۽ هٿيارن کٽڻ جي، هو پنهنجي خوشامدي ڪائونسلرن جي مشورن ڏي ڪنائڻ لڳو جن کيس مشورو ڏنو ته هو پنهنجي پاڻ کي توڙي

پنهنجن وفادار ساٿين کي ساڻ وٺي گال جي صوبن ۾ ڪنهن سلامتيءَ واري هنڌ وڃي پناهه وٺي. فقط استيليچو(34) ئي اهڙو بهادر هو جيڪو هن بيعزتي واري صورتحال کي هرگز برداشت نه ڪري ها ۽ مڙس ٿي منهن ڏئي ها. هو روم ۽ اٽلي کي بربرن جي حوالي ڪري وڃي ها، پر، جيئن ته محلات تي مقرر فوجين کي رهيشيا جي سرحدن تي موڪليو ويو هو ۽ جيئن ته نين پرتين جو طور طريقو پڻ نهايت سُستيءَ وارو ۽ خطرن کان خالي نه هو، ته ان صورتحال ۾ اولهه جو جنرل فقط هڪ واعدو ٿي ڪري سگهيو ته جيڪڏهن سندس غيرموجودگيءَ ۾ مِلن جي محلات کي بربر بچائي ٿي سگهيا ته پوءِ هو جلد اهڙي طاقتور فوج کي پاڻ سان گڏ آڻيندو جيڪا گاٿن جي بادشاهه سان ڀرپور مقابلو ڪندي. ڪنهن به وقت وڃائڻ کانسواءِ (جو ته ماڻهن جي حفاظت کي نظر ۾ رکندي، هر گهڙي نهايت ئي اهم هئي) استيليچو تڙتڪڙ ۾ لئرين ڏنڊ * جو رستو ورتو، برف سان ڄميل ۽ ان سان ڍڪيل پهاڙن تي چڙهي ويو ڇو ته سياري ۾ ٿڌ جو سخت زور هو، پر هو اوچتو ظاهر ٿيو ته سندس دشمن خوف وچان ڪنبي ويا ڇو ته اُنهن رهيشيا جي امن امان کي تباهه ڪري ڇڏيو هو.(35) بربرن منجهان ڪجهه ذاتيون اليماني قبيلي جون هيون جن پنهنجي جنرل جي بهادريءَ کي ساراهيو هو جيڪو اڃا به ڪين حڪم ڏئي رهيو هو ۽ سندس ان قدم کي ساراهيو ويو ته هن انهن ذاتين ۽ قبيلن منجهان نهايت ئي بهادر نوجوان چونڊيا هيا ان ڪري هو سندس احسانمند هيا. مددگار فوجي جٿا جيڪي پاڙيوارن شهرن منجهان پرتي ڪيا ويا هيا، محنت ڪري جلد ئي شاهي جهنڊي سان مطابقت ۾ اچي ويا ۽ هاڻي استيليچو اولهه جي دور دراز علائقن ۾ مقرر فوجين کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو ته هو پنهنجا قدم تيزيءَ سان اڳتي وڌائن ۽ شهنشاهه آنريَس ۽ اٽلي جي حفاظت لاءِ اُتي پهچن. رائين ندين جي سرحدن کي ڇڏيو ويو ۽ گال جي حفاظت فقط جرمنيءَ جي جيالن ٿي ڪئي* ته ساڳي وقت روم جي قديمي نالي جي ڏهڪاءَ جو به ان ۾ وڌو دخل هو. اُهي فوجون جن کي برطانيه جي ديوارن جي حفاظت لاءِ موڪليو ويو هو ته جيئن اُهي اُتر جي ڪئليڊونيا جي حملن کان محفوظ رهي سگهن، اُنهن کي به واپس گهرايو ويو(36) ۽ گهوڙيسوار الاني فوج جي هڪ وڏي دستي کي خاص طور تي شهنشاهه جي حفاظت ۽ سار سنيال لاءِ موڪليو ويو، جيڪي جنرل جي واپسيءَ جو سختيءَ سان انتظار ڪري رهيا هيا. استيليچو جي دوراندیشي ۽ همت هن موقعي تي ڏسڻ وٽان هئي پر ساڳي وقت شهنشاهت جي ڪمزوري ۽ ان جي زوال جا آثار به نظر اچي رهيا هيا. روم جا فوجي جن ۾ ڪيتري وقت کان وٺي همت، نظم ۽ ضبط جو جذبو مُرجهائبو رهيو هو، گاٿن جي حملن ۽ خانه جنگين سبب تباهه ۽ برباد ٿي چڪا هيا ۽ هاڻي ظاهري صورتحال اها نظر ٿي آئي ته صوبن جي طاقت کي آزمائڻ يا ڀرپور قوت سان مقابلو ڪرڻ جي باوجود به ايتري فوج جمع ڪري اٽلي کي بچائڻ جو رستو نٿي آيو.

جڏهن استيليچو کي محسوس ٿيو ته هو پنهنجي حاڪر کي اٽلي جي محلات ۾ بغير ڪنهن حفاظت جي ڇڏڻ تي مجبور ٿيو هو ته هن شايد پنهنجي غير حاضري کي به ذهن ۾ رکيو هو ته دشمن جي مفاصلي جوبه احاطو ڪيو هو ۽ رستي تي جيڪي رڪاوٽون سندس پيش قدميءَ ۾ اچڻيون هيون، اُنهن جو به ڪيس اونو هو. هن گهٽو ڪري اٽلي جي ندين تي پاڙيوٽي يعني ايڊج، مِنسيَس، اوگليو ۽ اُدوئا جيڪي سياري يا بهار جي موسمن ۾ مينهن وسڻ ڪري يا وري برف جي رڇڻ سبب ڀرجي تاروتار ٿي ۽ تمام تيز وهڪرن ۾ تبديل ٿي ويندیون آهن.(37) پر موسم انتهائي سازگار ۽ خشڪ هئي تنهڪري گاٿ ندين جي پٽريلن پيٽن کي به آساني‌ءَ سان اُڪري ويا ۽ندين جي

وچ ۾ وري ننڍا تانگها ٻيا وهڪرا پڻ موجود هيا. اُدوئا ندي‌ءَ متان پل توڙي لنگهه کي گاٽن جي فوج جي پهري سان محفوظ بنايو ويو هو ۽ جيئن ئي الارڪ ديوارن جي ويجهو يا وري مِلن جي باهرين علائقن تائين پهچي ويو، ته هن جو ڪُنڊ فخر وچان اوچو ٿي ويو جو هن پنهنجين اکين سان پاڻ روم جي شهنشاهه کي پاڇ ڪندي ڏٺو. آنريَس، جيڪو پنهنجن چند ڪمزور ساٿين ۽ ڪدڙن سان گڏ هو، تڪڙ ۾ ائلپس جبل ڏانهن وڌيو ته جيئن آرلس جي شهر ۾ پهچي پاڻ کي دشمن کان بچائي سگهي. چو ته اهوئي شهر سندس ابن ڏاڏن جي وقت ۾ شاهي رهائش گاهه طور استعمال ڪيو ويندو هو. پر آنريَس(38) اڃا پو (Po) کان لنگهيو مَس هو ته گاٽن جي گهوڙيسوار فوج اُتي پهچي وئي،(39) ۽ تڪڙي خطري جي خوف کان هن آسڻا جي قلعي ۾ پناهه وڃي ورتي جيڪو لِگوريا يا پيمانٽ جو شهر هو ۽ تنارس نديءَ جي ڪناري تي ٽهيل هو.(40) هن غير اهم جڳهه جو گهيرو، جنهن تي وڏو انعام پڻ رکيل هو پر ائين ٿي لڳو ته اهو شهر زياده دير مقابلو نه ڪري سگهندو، مڪمل ڪيو ويو ۽ گاٽن جي بادشاهه وڏي جرئتمنديءَ سان پنهنجو دٻاءُ جاري رکيو ۽ شهنشاهه هڪ همت وارو اعلان ڪيو ته سندس دل ڪڍهن به ڪنهن خوف کان ڊني يا لرزي نه هئي، پر ان اعلان تي ڪنهن به اعتبار نه ڪيو، ان حد تائين جو سندس پنهنجن ساٿين به جرئتمندي جي ان کوکلي اعلان تي يقين نه ڪيو.(41) آخري ۽ نااُميديءَ جي لمحن ۾، جڏهن بربرن طرفان شهنشاهه کي ذلت سان پيش پوڻ جي آڇ ڪئي وئي ته عين انهيءَ وقت ڪيس اُميد جو هڪ ترورو نظر آيو جڏهن اوچتو هڪ بهادر سپوت نمودار ٿيو جنهن جو شهنشاهه کي شدت سان انتظار هو. چوندبل ۽ بهادر فوجين جي اڳواڻي ڪندي استيليچو اُدوئا نديءَ کي اُڪاريو، ۽ جيڪو پُل کي پار ڪرڻ ۾ ڪيس وقت لڳو هو ان جو ازالو ڪندي هن پو (Po) کي جلدي پار ڪيو ڇو ته اُهو لنگهه تمام آسان هو، اهڙي طرح ترت پيش قدمي ڪندي هو آسڻا جي ديوارن جي هيٺان گاٽن جي ڪئمپ ۾ داخل ٿيو ته بربرن جي ڪئمپ ۾ اُميدن جا ڏيئا ٻري پيا ۽ روم جي آبرو ۽ عزت سلامت رهي. پنهنجي فتح جي ميوَن کي چکڻ جي بجاءِ، بربرن جو اڳواڻ هر طرف کان پنهنجين اولهه جي فوجين جي حفاظت ۾ هو جيڪي ائلپس جي سيني گذر گاهن کان نڪري نروار ٿيا، هن پنهنجا سيئي سلسلا درست ڪيا توڙي جو سندس فوجي دستن کي ڪٽي ڪٽي رڪاوٽون به پيش آيون هيون؛ روم وارن گهٽي احتياط ۽ خبرداريءَ کان ڪم ونڊي هر طرف قلعن جا ڪوٽ ناهي ڇڏيا ته جيئن دشمن جي حملن کان هر لحاظ سان محفوظ رهن ۽ گهيري ڪندڙن جي رستن ۽ گسن جو گهيرو ڪري ڇڏيائون. پر گاٽن جي قوم جي بزرگن جي هڪ گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ ڊگهن وارن وارا اڳواڻ به موجود هيا جن ۾ وڏي عمر وارا ويڑهاڪ پڻ شريڪ ٿيا جن جا جسم پشم پاتل لباسن ۾ ڍڪيل هيا ۽ جن جا چهرا ڪاوڙيل ۽ پوائتا هيا ۽ سندن عزت ۽ وقار جي نشاني اِها هئي ته کين زخم رسيل هيا. هنن جنگ جي هر پهلو تي غور ڪيو، نيٺ ان نتيجي تي پهتا ته دوراندیشي جي تقاضا اها هئي ته اڳتي وڌڻ بجاءِ سندن فوج پوئتي هٽي وڃي. هن بحث مباحثي جي گرما گرميءَ ۾ الارڪ پنهنجي جرئتمنديءَ جا جوهر ڏيکاريا ۽ روم جو فاتح هُو ئي هيو ۽ پنهنجي ملڪ جي ماٽهن ۾ همت ۽ مردانگيءَ جو روح ڦوڪيائين، کين سندن پويان ڪارناما ياد ڏياريائين ۽ پنهنجي پروگرام کان به آگاهه ڪيائين ۽ آخر ۾ پنهنجي جذباتي تقرير ختم ڪندي پختو عزم ڪيائين ۽ پنهنجن جوڌن جوانن کي يقين ڏياريائين ته هو اٽلي ۾ يا ته بادشاهت قائم ڪندو يا وري اُتي ئي سندس قبر ٿهندي. (42)

بربرن ۾ نظم ۽ ضبط جي ڪمي سبب ڪين گهٽو ڪري خطري جي گهڙين مان گذرڻو پوندو هو، پر اسٽيليچو، ڪنهن به بدڪاري ۽ شراب نوشيءَ جي عياشيءَ ۾ لطف اندوز ٿيڻ بدران، عيسائي گاٿن تي حملو ڪري ڏنو جڏهن اُهي ايستر(43) جو ڏينهن ملهائڻ جي خوشين ۽ شادمانن ۾ مشغول هيا. هن مهم جي اڳواڻي، جنهن کي مذهبي ماڻهن بي حرمتي ۽ بي ادبي جو نالو ڏنو، هڪ بربر جي حوالي ڪئي وئي جيڪو ساڳئي وقت لامذهب پڻ هيو. هن جي شهرت اها هئي جو هن ٿيوڊوسيَس جي جنرلن سان گڏجي بهاديرءَ جا ڪارناما ڏيکاريا هيا. گاٿن جي فوجي ڪئمپ، جنهن کي الارڪ پولينشيا(44) جي اوسي پاسي ۾ قائم ڪيو هو، افراتفري جو شڪار ٿي وئي ڇو ته ان تي شاهي گهوڙيسوار فوج حملو ڪري چڙيو هو، پر ٿوري دير کان پوءِ سندن بهادر اڳواڻ کين سکون ۾ آندو ۽ جيئن هو جنگ جي ميدان جي ڪارروائين منجهان سامت ۾ آيا ته هڪ مقدس اعتماد وارو آواز سندن ڪنن تي پيو ته عيسائين جو خدا ضرور سندن مدد ڪندو، اهو ٻڌندي ئي اعتماد ۽ مقامي جرتمندي منجهن ٻيهر موٽي آئي. هن جنگي محاذ ۾ ڪافي وقت لڳو ۽ ٻنهي طرفن کان هڪ جيترو ئي ڇٽا پيٽي ۽ جرئت جو مظاهرو ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڌرين کي ڏري گهٽ هڪ جيتريون ڪاميابيون نصيب ٿيون. ان دوران الاني قبيلي جي سردار جنهن جي ننڍڙي قد ۽ وحشي جسم ۾ هڪ ڪمال جو انسان موجود هو ۽ توڙي جو سندس وفاداري مشڪوڪ هئي پر هو وڏي بهاديرءَ سان وڙهيو. پر پوءِ وڙهندي وڙهندي مارجي ويو، اهڙي طرح هن روم جي جمهوريه لاءِ پنهنجو سر قربان ڪيو؛ سندس بهاديرءَ جي ڪارنامن کي شاعر ڪلاڊيَن پوريءَ طرف بيان نه ڪري ساٿس انصاف نه ڪيو آهي، جو ته شاعر سندس گُڻ ته بيان ڪيا آهن پر بدقسمتيءَ سان سندس نالي کي بيان ڪرڻ کانئس رهجي ويو آهي. سندس موت کان پوءِ هن جي سپاهين ۾ مايوسي ۽ نراسائي پکڙجي وئي ۽ گهوڙيسوار فوج جي ڪجهه حصي جي شڪست شايد الارڪ جي فتح ۾ تبديل ٿي وڃي ها جيڪڏهن اسٽيليچو عين ان وقت رومين ۽ بربرن جي وڏي فوج وٽي اوچتو حملو نه ڪري ها. جنرل جي فوجي مهارت ۽ سپاهين جي بهاديرءَ جي طاقت سان هنن هر رڪاوٽ کي پنهنجي رستي تان هٽايو. خوني ڏينهن جي شام جو گاٿن جي صفن ۾ ياڇ پئجي وئي ۽ سندن ڪئمپن کي به اُکوڙيو ويو ۽ بعد ۾ جيڪو ڦرلُٽ ۽ ماڻهن جي ڪوس ۽ قتل جو منظر ٿيو ان درحقيقت ماڻهن جي تڪليفن ۽ مصيبتن جو ڪجهه قدر ازالو ڪيو جن ۾ روم جي جمهوريه جي رعيت مبتلا رهي هئي.(45) ڪورنٽ ۽ آرگوس جي شهرن مان اولهه وارن کي ايترو ته جهجهو مال غنيمت هٿ آيو هو جو اُهي مالدار ۽ شاهوڪار ٿي ويا هيا؛ الارڪ جي زال، جنهن کي قيد ڪيو ويو هو، روم جي هيرن ۽ خانداني نوڪرياڻين(46) تي پنهنجي دعويٰ رکي، پر پوءِ جلد ئي سندس دماغ مان هوا نڪري وئي جڏهن هن هڪ بادشاهه جي زال مان پاڻ کي قيدياڻي جي روپ ۾ ڏٺو، نيٺ هن پنهنجي دشمن کي رحم جي درخواست ڪئي؛ اهڙيءَ طرح هزارن جي تعداد ۾ قيدي جيڪي گاٿن جي قيد ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل هيا اُنهن کي آزاد ڪيو ويو، جيڪي کين آزاد ڪندڙ محسن جا گُڻ ڳائيندا اٽلي جي مختلف صوبن ۾ هليا ويا. اسٽيليچو جي فتح (47) کي هڪ شاعر توڙي عوام جي ڪيترن ماڻهن مارِيَس سان پيٽ ڪئي آهي جنهن اٽلي جي ساڳئي علائقي ۾ اُتر جي بربرن جي فوج سان مهاڏو اٽڪايو هو ۽ کين تباهه ڪري چڙيو هو.* ايندڙ نسلن کي جڏهن وڏا هڏاوان بوتا ۽خالي ٽوپلا ملندا جيڪي يقينن سِمبري ۽گاٿن جا هوندا ته اُهي حيران پريشان ٿي ويندا ۽ ساڳئي وقت اهو به ممڪن آهي ته ايندڙ نسلن جا ڪي قدردان ماڻهو بيحد ئي ناليوارن ٻن

جنرلن جي ياد ۾ ڪو يادگار تعمير ڪرائن جن ساڳي يادگار جنگ جي ميدان تي روم جي ٻن مضبوط ۽ انتهائي خطرناڪ دشمنن کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو هو.(48)

شاعر ڪلاڊيَن(49) پنهنجي شاعريءَ ۾ پولينشيا جي فتح کي زبردست تعريفي لفظن سان ياد ڪيو آهي ۽ اُهي ئي سندس محسن جي زندگي جا شاندار ڏينهن هيا، پر هو گاٽن جي بادشاهه جي تعريف ۾ ڪجهه هڪ طرفو ۽ ناراض نظر ٿو اچي. سندس نالي کي هن نفرت ۽ بچان ڏيارينڊ لفظن ۾ ياد ڪيو آهي. هو ڪيس لُٽيرو ۽ رهزن ٿو سڏي؛ پر هي ڪا نئين ڳالهه ڪانه آهي جو ته هر دؤر جي فاتحن کي مخالفن طرفان اهڙا ئي خطاب ملندا آهن؛ پر اسٽيليچو جو شاعر اها ڳالهه مڃي ٿو ته الارڪ تمام مضبوط ۽ اٽل ارادن ۽ عزم جو مالڪ هو جيڪو ڏکين ۽ تڪليفن جي ڏينهن ۾ پي مٿاهون رهندو هو ۽ مصيبتن جي آجيان ڪندي اُنهن کي سُکون سان مُنهن ڏيندو هو ۽ پريشان هرگز نه ٿيندو هو. جڏهن هن جي زميني فوجن کي مڪمل شڪست ملي ته هو پوئتي هٽيو ۽ جنگ جي ميدان مان پڄي ويو پر پنهنجي پوري گهوڙيسوار فوج کي با سلامت بچائي ويو. پنهنجن بهادر ساٿين جي مارجي وڃڻ جي ناقابل- تلافي نقصان تي به هو پُر عزم رهيو؛ بجاءِ اُنهن جي وڇوڙي تي ماتم ڪرڻ ۽ ڪوڙها ڳاڙڻ جي، هن پنهنجي فاتح دشمن کي ڇڏيو ته پلي هو گاٽن جي بادشاهه (50) جون تصويرون مڙهائي پاڻ وٽ رکن، ۽ هو بهادريءَ سان ائپينائن جي لنگهن مان اُڪري اڳتي وڌيو ۽ ٽسڪني جي چمڪندڙ چهري تي مايوسيءَ جا آثار ڇڏيائين ۽ عزم ڪيائين ته يا ته هو فاتح ٿيندو يا وري روم جي گيٽن اڳيان مرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو. بهرحال گاديءَ جي هنڌ کي ته اسٽيليچو جي اُورچائي ۽ لڳاتار جدوجهد بچائي ورتو، پر هُن به پنهنجي مخالف جي اهڙين محنتن کي مان ڏنو ۽ جمهوريه جي مقدر جي فيصلي ڪرڻ لاءِ پنهنجي دشمن سان ٻي جنگ جوٽڻ بجاءِ، هن بربرن جي ڪمي محسوس ڪندي ان کي خريد ڪرڻ چاهيو. الارڪ جو جيڪو فطري مزاج هو، اُهو اهڙن شرطن کي فورنُ رد ڪري ڇڏي ها. يعني پنتي هٽڻ جي اجازت يا پينشن جي آڇ وغيره کي نفرت ۽ ناراضگيءَ منجهان ٺڏي ڇڏي ها، پر سندس سردارن ۽ مڪيه ماڻهن تي سندس اختيار محدود ۽ جوکائتا هيا چو ته اُنهن ئي پنهنجي خدمت ۽ مطلب لاءِ ڪيس ايترو مٿاهون بٹايو هو جو هو پنهنجن هڪ جهڙن کان به رتبي ۾ وڏو ٿي ويو هو؛ تنهنڪري هاڻي اُهي هڪ ناڪام جنرل جي هر ڳالهه يا حڪم مڃڻ لاءِ گهٽ آماده هيا؛ اُنهن منجهان گهڻن ماڻهن ته اڳواڻ ئي آنريَس جي وزير سان رابطا ڪري پنهنجا ذاتي مطلب تارڻ ۽ پنهنجي خانگي حيثيت ناهڻ جون ڪوششون پڻ شروع ڪري ڏنيون هيون. بادشاهه ماڻهن جي راءِ جو احترام ڪندي اولهه جي شهنشاهت سان صلحنامي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي ۽ جنهن فوج کي هو اڳ اٽلي وٺي ويو هو، ان سان گڏ ٻيهر پو (Po) جي لنگهه کان گذريو. روم جي فوجن جو هڪ ڇڳو خاصو انگ سندس خدمتن لاءِ وقف هو؛ ۽ اسٽيليچو، بربرن جي ڇُرپر ۽ هر ان قدم کان چڱيءَ طرح باخبر هو جيڪو ڪجهه به الارڪ جي ڪئمپ ۾ ٿي رهيو هو يا سوچيو ٿي ويو. گاٽن جي بادشاهه پنهنجي پاڇ يا شڪست جي ازالو ڪجهه نمايان ڪارنامن ذريعي ڪرڻ ٿي چاهيو، تنهنڪري هن فيصلو ڪيو ته هو ويرونا جي اهم شهر تي پنهنجو قبضو جمائيندو جو ته اُتان ئي رهيشيا جي ائلپس جبلن جو رستو ڪيس آساني‌ءَ سان ملي ويندو. سندس پروگرام ۾ اهو به شامل هو ته هو پنهنجي پيش قدمي جرمن قبيلن جي سرحدن ذريعي جاري رکندو ڇاڪاڻ ته اُنهن قبيلن جو اتحاد سندس وڃايل قوت کي تازگي ۽ مضبوطي بخشيندو ۽ اهڙيءَ طرح هو رائين جي طرف کان گال جي مالدار صوبن تي

هڪ ڪامياب حملو ڪندو ۽ سندس ان مهم تي ڪو شڪ به نه ڪندو. پر هن سان غداري جي شروعات ٿي چڪي هئي جنهن کان هو بلڪل بيخبر هو؛ هن جبلن جي اُنهن رستن ۽ گسن ڏانهن پيش قدمي جاري رکي جن تي شاهي فوجن جو اڳ ۾ ئي قبضو ٿي چڪو هو جتي هر طرف کان يعني اڳيان، پويان توڙي کاٻي ساڄي کان مٿس زوردار حملو ڪيو ويو. رتوڇاڻ جي هن خوني راند ۾ جيڪا ويرونا جي ديوارن جي ويجهو کيڏي وئي، گاٽن جو جاني توڙي مالي نقصان سندن ان شڪست کان هرگز گهٽ نه هو جيڪا اڳ هنن پولينشيا جي جنگ ۾ کاڌي هئي، ۽ سندن بهادر بادشاهه، جيڪو پنهنجي گهوڙي جي تيز قدمن سبب پڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، يقيني طور تي قتل ڪيو وڃي ها يا کيس قيدي بنايو وڃي ها پر الاني قبيلي جي ڪجهه ماڻهن جي اُبهرائيءَ سبب روم جي جنرل جون رٽون ڪامياب ٿي نه سگهيون. الارڪ، بهرحال پنهنجي بچيل فوج وٽي پر وارن جبلن تي هليو ويو ۽ ٻيهر پڪو عزم ڪيائين ته توڙي جو سندس دشمن ڪائنس وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم هو پر تڏهن به هو مٿس حملو ضرور ڪندو. پر ان عزم جي باوجود، هو ٻُک ۽ بيمارين جو مقابلو نه ڪري سگهيو جيڪي سندس فوج ۾ ڪاهي پيون هيون ۽ نه وري هو اُنهن بيوفا ۽ ڦرندڙ گهرندڙ بربرن کي روڪي ٿي سگهيو جيڪي بيصبر ۽ آتاولا ٿيندي کيس ڇڏيندا ۽ رمندا رهيا. اهڙي بيوسيءَ جي حالت ۾ به هن همت نه هاري ۽ فقط پاڻ تي پاڙيائين يا وري مخالف سان، حالتن پٽاندر، ڊرائي اختيار ڪيائين ۽ پنٽي هٽڻ جو سوچيائين؛ اهڙيءَ طرح گاٽن جي بادشاهه جي شڪست کي 'اٽلي جي چوٽڪاري' سان تعبير ڪيو ويو.(51) ان جي باوجود عوام توڙي مذهبي ماڻهن، جن کي جنگ يا امن بابت ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جي گهٽي صلاحيت نه هوندي آهي، اسٽيليچو جي پاليسين جي مذمت ڪرڻ چاهي هئي ڇو ته هو رڳو فتحن، هنگامن ۽ خطرناڪ دشمنن کي دَسڻ ۽ شڪستون ڏيڻ جي ڏنڊن ۾ مشغول رهندو هو. ماڻهن جي حفاظت جي پهرين گهڙين ۾ خوشي ۽ احسانمنديءَ جا احساس هوندا آهن جڏهن ته ٻين لمحن ۾ حسد، ساڙ ۽ بهتان بازين جو راڄ هوندو آهي.(52)

روم جا شهري الارڪ جي اوچتي ظاهر ٿيڻ تي حيران ٿي ويا هيا ۽ جنهن محنت ۽ مشقت سان ماڻهن گاديءَ جي هنڌ جي بنيادن کي ٻيهر سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ان منجهان سندن خوف خطرا اجا وڏي ويا هيا ته ساڳي وقت شهنشاهت جي زوال جا آثار به کين نمايان طور نظر اچي رهيا هيا. بربرن جي پنٽي هٽڻ کان پوءِ، آنريَس کي هدايت ڪئي وئي ته هو سينيٽ جي ذميداري واري دعوت قبول ڪري ۽ شاهي شهر ۾ گاٽن جي فتح جي خوشگوار دؤر توڙي پنهنجي مئجسٽريٽ هجڻ جي ڇهين سال جون خوشيون ملهائي.(53) پاڙي وارن ڳوٺن توڙي شهر جون گهٽيون مِلوين پل کان پالاٽين جبل تائين روم جي ماڻهن سان پريون پيون هيون جن کي هڪ سو سالن جي عرصي ۾ فقط ٿي دفعا اهڙا موقعا نصيب ٿيا هيا جو سندن پنهنجا حاڪم ساٽن گڏ هيا. هوڏانهن سيني جون اکيون ان گاڏيءَ تي ڪُپيل هيون جتي اسٽيليچو پنهنجي شاهي شاگرد سان گڏ فخر ۽ شان وچان وينل هيو ۽ سيني ماڻهن فتح جي جشن جي جلوَن ۽ خوبصورتيءَ کي ملهايو ٿي، جنهن تي ڪانسٽئنٽائن يا ٿوڊوسيَس جي دؤرن وانگر ڪو داغ يا ڇُٽو لڳل نه هو ڇاڪاڻ ته هن پيري شهري رت وهڻ بنان هي جشن ملهايو ويو هو. جشن جو جلوس هڪ وڏي محرابي گيٽ کان گذريو جنهن کي هن موقعي لاءِ خاص طرح تعمير ڪيو ويو هو، پر ستن سالن کان به گهٽ عرصي ۾ روم جا گاٽ فاتح شايد پڙهي سگهن جيڪڏهن اُهي پڙهڻ جا اهل هيا ته يادگار جي هڪ ڪتبي تي شايد کين واضح لکيل نظر آيو

هوندو ته سندن قوم جي واضح شڪست ۽ مڪمل تباهي هاڻي جڙ تاريخ ۾ لکجي چڪي هئي.(54) شهنشاهه ڪيترائي مهينا گاديءَ جي هنڌ ۾ ترسيل هيو ۽ سندس هلت چلت ۽ اٿڻي ويهڻي کي به ڪنهن مانائتي طريقه ڪار جو پابند بنايو ويو هو ته جيئن مذهبي ماڻهو، سينيٽ توڙي روم جي رعيت جا ماڻهو شهنشاهه کان خوش ۽ مطمئن هجن. مذهبي ماڻهو، شهنشاهه جي، پاڻ ڏي گهٽي اڇڻ وڃڻ، ۽ سندن مقبرن ۽ حوارين کي تحفن ۽ انعامن جي بارش وسائڻ تي ڏاڍا خوش هيا. فتح جي هن جشن ۾ سينيٽ کي به روايتي بيعزتي کان بچايو ويو هو جو شاهي گاڏيءَ کان اڳ ۾ کين پيرين پيادو هلڻو پوندو هو، پر هن دفعي استيليچو کين پورو مان ۽ احترام ڏنو هو جيڪو هن اسيمبلي جو جائز حق هو. عوام جي اڪثريت ان تي به خوش هئي ته آنريَس وڏي چاهه مان سندن راندين روندين ۾ به گهٽي دلچسپي ورتي هئي جيڪي شاندار طريقي سان رچايون ويون هيون ۽ جيڪي تماشبينن جي ڏسڻ وٽان هيون. جيئن گاڏين جي گوءِ يا ڊوڙ پنهنجي پڃاڻيءَ تي پهتي ته سرڪس جي ڏيک وٺڪ کي تبديل ڪيو ويو ۽ هاڻي جهنگلي جانورن جي شڪار ڪرڻ جو وارو هو جن ماڻهن کي وڏي وِندر ورونهن مهيا ڪئي. ان کان پوءِ فوجي ناچ ماڻهن کي وندارين جنهن جو ذڪر ڪلاڊين پڻ ڪيو آهي جنهن سڃي ٽورنامينٽ جو دلچسپ احوال قلمبند ڪيو آهي.

آنريَس جي هنن راندين ۾ سڀ کان خراب ۽ غير انساني تماشو ڪُشتي بازن(55) جو هو جن روم جي نمائش گاهه جي سڃي ماحول کي گندو ۽ غليظ ڪري ڇڏيو هو. پهرين عيسائي شهنشاهه کي اهو داد ڏيڻو پوندو ته هن هڪ اهڙو فرمان جاري ڪيو جنهن ذريعي اهڙين راندين کي سختيءَ سان بِنديو ويو جن ذريعي انساني رت وهايو وڃي(56) ۽ هن رحمدليءَ جي قانون ۾ شهنشاهه جي خواهش شامل هئي پر ان ڏلت واري رسم ۾ ڪنهن سڌاري جي ڪا تجويز ڪانه هئي جنهن هڪ مهذب قوم کي جهنگلي آدمخورن جي درجي کان به هيٺ ڪيرائي ڇڏيو هو. شهنشاهت جي وڏن شهرن ۾ سَوين نه پر هزارين ماڻهو هر سال هن گندي شغل ۾ ڪُنا ويندا هيا ۽ خاص طرح ڊسمبر جو مهينو ڪشتي بازن جي مقابلن لاءِ وقف ٿيل هوندو هو ۽ روم جا ماڻهو رت جي هن ظالماڻي راند ۾ خوش ۽ احسانمنديءَ جي احساس* هيٺ رهندا هيا. پولينشيا جي سوپ جي موقعي تي هڪ عيسائي شاعر، شهنشاهه تي زور پريو ته هو پنهنجا اختيار استعمال ڪندي ڏلت واري هن شغل کي، جيڪو لازمي رسم جو روپ وٺي چڪو هو، هميشه واسطي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري جنهن ڪيتري عرصي کان وٺي انسانيت توڙي مذهب جي آواز ٻڌڻ کان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيا هيا.(57) پروڊينشيَس جي درد پري دانهن ٽيلمئچَس جي جرئتمنديءَ کان گهٽ اثرائتي نه هئي. هي ايشيا جو هڪ ٻائو هو جنهن جو موت انسان ذات لاءِ سندس زندگيءَ کان وڌيڪ ڪارائتو ثابت ٿيو.(58) جڏهن رومين جي خوشين ملهائڻ ۾ رڪاوٽ آئي ته اُهي ڪاوڙجي پيا ۽ جذباتي ٻائو هيٺ لهي ان ڪٺهڙي ۾ اچي ويو ته جيئن ڪشتي بازن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏي، پر ويچاري تي ماڻهن طرفان پٿرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. پر پوءِ جلد ئي ماڻهن جو جنون مانار ۾ اچي ويو، هنن ٽيليمئچَس جي ياد کي عزت ۽ مان ڏنو جنهن کي شهيد ڪنيو ويو ۽ عوام گڏجي آنريَس جي قانون جو احترام ڪيو جنهن نمائش گاهن ۾ ڪشتي بازي ۽ انساني رت هارڻ تي سختيءَ سان پابندي وجهي ڇڏي هئي. جن شهرين پنهنجن وڏڙن جي مهذب روَين کي وري زنده ڪندي غير انساني رسمن کي ڇڏي ڏنو هو، اُنهن اُن ڳالهه کي به ضروري سمجهيو ته ان عظيم انسان کي 'صبر ۽ بردباريءَ جي اسڪول' جي احاطي ۾ دفنائن ته

جيئن سندس يادگار رت جي راند واري موت کان کين نفرت ڏيارينڊو رهي ته سندن فضول ۽ اجاين رسمن تي کين وڌيڪ ٻُجهان پڻ لڳندي رهي يعني اُها ڪُڏي رسم جنهن کي قديم يونان جي بهادري توڙي جديد يورپ جي رواداري مڪمل طور تي رد ڪيو ڇڏيو آهي.(59)

مِلن جي غير محفوظ محلات ۾ شهنشاهه کي خطرو نظر آيو، تنهنڪري هو اُتان نڪري اٽلي جي قلعي واري محل ۾ وڃي رهيو جتي دشمن جو پهچڻ ذري گهٽ ناممڪن هيو ۽ جتي رهندي شهنشاهه کي سُکون ۽ آٽت اچي ويو هو جڏهن ته هي سڄي ملڪ ۾ ڇڻ برپن جي ٻوڏ آيل هئي. پو (Po) جي ڏاڪڻين ستن ڇوڙن کان ڏهن- ٻارهَن ميلن جي پنڌ تي ۽ ائدرئٽڪ جي ڪنارن تي ٽِسالِيا جي ماٺهن روينا(60) جي ڪالوني کي قديم زماني کان قائم ڪيو هو، جيڪا پوءِ امبريا جي ماٺهن کي تحفو ڪري ڏني وئي هئي. آگسٽس، جنهن ان هنڌ جي اهميت کي سمجهي ورتو هو، پراڻي شهر کان فقط ٽن ميلن جي مفاصلي تي هڪ وڏو بندرگاهه قائم ڪيو جتي ايائي سو جي لڳ ڀڳ جهاز لنگر انداز ٿي سگهندا هيا. نيوي جي هن هيڊڪوارٽر تي، جتي وڏو بارود خانو ۽ جنگي سامان موجود هو ۽ فوجين جي لاءِ وڏيون بيرڪون پڻ قائم ڪيون ويون هيون ته ساڳئي وقت هنرمندن ۽ ڪاريگرن لاءِ گهر پڻ تعمير ڪيا ويا هيا، روم جي هڪ وڏي جنگي آرماڙ جو نالو پئجي ويو هو. هيڊڪوارٽر جي آس پاس بچيل زميني ٽڪرن تي ماڙيون ۽ جايون جڳهون جوڙايون ويون جتي تمام گهٽا ماٺهو وڃي آباد ٿيا، اهڙيءَ طرح روينا جي ٽِنهين طرفن کان آبادين جي رونق ايتري ته وڌي وئي جو هن جڳهه جو شمار اٽلي جي اهم شهرن ۾ ٿيڻ لڳو. آگسٽس جي قائم ڪيل پاڻي پهچائڻ جي سرشتي ذريعي پو (Po) نديءَ جو جهجهو پاڻي، شهر جي وچ مان گذاري بندر تائين پيو پهچندو هو؛ ان ساڳئي پاڻيءَ کي اونهن تلائن ۾ وهايو ويو جن کي ديوارن سان مضبوط بنايو ويو هو ۽ اتان وري ان پاڻيءَ کي هڪ هزار ننڍين نهرن ذريعي شهر جي هر حصي ۾ پهچايو ويو ۽ اهڙيءَ طرح ان پاڻيءَ ننڍا ننڍا ٻيٽ ٺاهي ڇڏيا ۽ آمدرفت جو سلسلو ٻيڙين ۽ پُلن ذريعي جاري رهندو هو ۽ روينا جا گهر، جن جي مشابهت وينِس جي گهرن سان ڪري پئي سگهجي، اُنهن کي ڪاڻيءَ جي مضبوط ٽنين تي بيهاريو ويو. پاڙيوارو ملڪ، جيڪو ڪيترائي ميل پري هو، اونهو ۽ ڏٻڻ جيان هو ۽ جيڪو رستو ڪجهه مٽانهينءَ تي ٺاهيو ويو هو جنهن روينا کي باقي ملڪ سان ڳنڍيو ٿي، ان جي حفاظت به آسان هئي ته وري ان کي دشمن فوج تباهه به ڪري ٿي سگهي. هنن ڏٻڻن منجهان وري انگورن جا باغ اُپري پيا هيا توڙي جو نرم زمين ۾ ڪيترائي فصل پيدا ٿي پيا هيا، ان هوندي به شهر ۾ تازي پاڻيءَ جي مقابلي ۾ شراب زياده مقدار ۾ ۽ آسانيءَ سان ٿي مليو.(61) هوا به تازي ۽ خوشگوار هئي ۽ اهڙي نه هئي جيڪا بيماريون پکيڙي يا جنهن مان وبائي صورتحال پيدا ٿيڻ جو خدشو هجي. اها صحت بخش هوا پاڙيسري ملڪ سڪندريه جهڙي هئي جيڪا پڻ غير معمولي طور تي صاف ۽ صحت بخش هئي ۽ ان جو سبب هئبرئٽڪ جي طرف کان گهُلندڙ هوائون هوندڙيون هيون جيڪي واهن جو واسُ ونڍيون اڇتي وڌنديون ويندڙيون هيون ۽ بينل ۽ سينوريل پاڻيءَ جي غلاظت کي به دور ڪري ڇڏيندڙيون هيون ۽ پاڙيواري ملڪ جي هلندڙ ٻيڙن کي به پنهنجي خوشبوءِ پهچائيندڙيون هيون، جيڪي ٻيڙا روينا جي ڪنارن تي اچي لنگر انداز ٿيندا هيا. سمنڊ آهستي آهستي پٽتي هٽندو ويو جنهن سان هي جديد شهر ائدرئٽڪ کان چئن ميلن جي پنڌ تي هليو ويو آهي ۽ پنجين يا ڇهين صدي عيسوي ۾ آگسٽس جو بندر هڪ باغيچي ۾ بدلجي ويو ۽ ولين جي هڪ جهڳٽي ان زمين جي ٽڪري کي ڍڪي ڇڏيو هو

جتي ڪڏهن روم جو بحري ٻيڙو لنگر انداز ٿيندو هو.(62) هن جڳهه جي فطري بيهڪ ۽ انجي پسگردائيءَ جي مٽ سٽ پڻ هن هنڌ کي زور وٺرايو ۽ تراڪڙو پاڻيءَ پڻ دشمنن جي جهازن جي داخل ٿيڻ لاءِ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ هو. هن جڳهه کي جيڪو فطري فائدو هو ان کي ويتر ماڻهن جي فن ۽ محنت سبب وڌيڪ بهتر بڻايو ويو هو. اولهه جي شهنشاهه فقط ويهن ورهن جي عمر ۾ روينا جي ديوارن ۽ ڊپ ۾ دائمي رهائش اختيار ڪئي ته جيئن پاڻ محفوظ رهي. آنريَس جي مثال جي سندس ڪمزور جانشينن تقليد ڪئي جيڪي گاڏن جا بادشاهه هيا ۽ ان کان پوءِ ايگزارڪس* هيا جن شهنشاهن جي تخت ۽ محلات کي وجي والاريو ۽ اهو سلسلو انين صدي عيسوي تائين جاري رهيو جيستائين روينا کي حڪومت ڪرڻ جو هنڌ ۽ اٽلي کي شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ تسليم ڪيو ويو.(63)

آنريَس جا خوف خطرا بي بنياد نه هيا ۽ نه وري سندس احتياط بي اثر هيا. هيڏانهن اٽلي، گاڏن کان جان ڇڏائڻ تي بيحد خوش هيو، هوڏانهن جرمني جي قومن ۾ هڪ خطرناڪ طوفان جون تياريون ٿي رهيو هيون پر اُنهن اٽل طاقت اڳيان آڻ مجي جيڪو لڳي ٿو ته ايشيا جي پڇڙي وارن ملڪن طرفان مٿن وڌو ويو هو. چين جا تاريخوار واقعا، جن کي جيئن موجوده زماني جي سُڌ سماءُ جي ذريعن سمجهيو آهي، ڪيترين ئي ڳالهين جو ذڪر ڪن ٿا جن ۾ روم جي شهنشاهت جي زوال جي باري ۾ ٻه ڪجهه اشارا ملن ٿا ته ان بابت کي سبب پڻ بيان ڪيل آهن. عظيم چين جي ديوار جي اُتر واريون حدون، هُنن (Huns) جي پاڇ کان پوءِ، سين- پِي جي قبضي ۾ اچي ويون هيون، انهن حدن جا ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ اختلاف ڪري جدا جدا قبيلن ۾ ورهائجي ويندا هيا، ۽ پاڻ ۾ بيهر تڏهن ايڪو ڪندا هيا جڏهن سندن ڪو سردار وچ ۾ ايندو هو؛ نيٺ، پاڻ کي 'ٽوپا' يا 'ڏرتيءَ جا ڌڻي' سڏائيندي فخر محسوس ڪيائون ۽ وٽن زميني طاقت به ڪافي اچي وئي. ٽوپا جي ٽولي، اوپر جي برپٽ ۾ رهندڙ ريڇون، ٻڪريون چاريندڙ سادين قومن کي مجبور ڪيو ته هو کين معتبر ۽ مٽاهون ڪري مڃين؛ اُنهن چين تي ان وقت حملو ڪيو جڏهن ملڪ ڪمزور ۽ اندروني اختلافن جو شڪار هو، ۽ هنن خوش قسمت تاتارين، سندن فتح ڪيل قومن جا قانون ۽ رسم و رواج اختيار ڪندي، پنهنجو شاهي گهراٽو قائم ڪيو جن بادشاهت جي اُترين صوبن تي هڪ سو سٽ سال حڪومت ڪئي. سندن چين جي تخت تي ويهڻ کان اڳ ۾ ٽوپا نسل جي هڪ بادشاهه پنهنجي گهوڙيسوار فوج ۾ موڪو نالي هڪ غلام کي شامل ڪيو، جيڪو پنهنجي بهادريءَ جي ڪري مشهور هو پر ڪيس سزا جو خوف هو ته متان هو پنهنجي جهنڊي کي چڙي ڏئي ۽ پنهنجن هڪ سو ساٺين سميت بيهر پنهنجي برپٽ واري هنڌ پهچي وڃي. چورن، ڦورن ۽ رهزنن جي هن ٽولي هڪ ڪئمپ ۾ قبيلو ناهي ورتو جيڪو بيشمار ماڻهن تي مشتمل هو ۽ جيڪي 'جُوگن' جي خطاب سان سڃاتا ويندا هيا ۽ سندن موروثي سردار جيڪو موڪو جي نسل منجهان هو ۽ خود به غلام هو، اُنهي ۽ سندس ساٺين سيٺيا جي حاڪمن جو واڳون وجي سنپاليون. ٽولون جو نوجوان جيڪو سندن پوئلڳن ۾ وڏي ۾ وڏو هيو اُن کي ڪافي ڏک ڏسڻا پيا. بهرحال هن مصيبتن سان مقابلو ڪيو ۽ ٽوپا جي ظالماڻي غلاميءَ مان آزادي حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي قوم جو اسيمبليءَ جو رکن بنجي ۽ ٽارٽري جو فاتح بنجي ويو. هن پنهنجن فوجن کي هڪ سو ۽ هڪ هزار جي جٿن جي حساب سان ورهائي چڏيو، ماڻهن جي لشڪرن مٿان پٽر وسايا ويا، بهادري ڏيکارڻ تي وڏا انعام اڪرام آڇيا ويا ۽ ٽولون جيڪو ڪافي هوشيار

ماڻهو هو تنهنڪري هن چين ۾ سکيا ونڊ کان نفرت ڪئي ۽ فقط اهڙا علم سکيو ۽ ادارن ۾ ويو جيڪي سندس حڪومت جي فوجي روح سان مطابقت رکندڙ هيا. سياري ۾ هن پنهنجا خيما اکيڙي ڇڏيا جن کي ڏاکڻين علائقن ۾ نيو ويو ۽ اُنهن کي اونهاري ۾ سيلنگا نديءَ جي بهترين ڪنارن تي لڳايو ويو. سندس سوين ڪورا کان وٺي اِرتش نديءَ جي ڪنارن تائين ڦهليل هيون. هن ڪئسپين سمنڊ جي اُترئين پاسي هُنن (Huns) کي شڪست ڏني ۽ هن پنهنجي يادگار فتح کان پوءِ پنهنجي لاءِ 'خان' يا ڪاگن جو خطاب چونڊيو ۽ اُنهيءَ سان ئي مشهور ٿيو.(64)

واقعن جو تسلسل بگڙي ويو يا وري اُنهن کي لڪايو ويو يا وري اُنهن کي وولگا کان وِسٽولا تائين نيو ويو جنهن ۾ هڪ انڌاري وارو وقفو ۽ شامل هو جيڪو چين جي آخري حدن کي روم جي جاگرافي کان ڌار ڪري ٿو. ان هوندي ۽ بربرن جي جيڪا طبيعت هئي ۽ ٻين ملڪن ڏانهن هجرت ڪرڻ جو جيڪو لڳاتار سندن تجربو رهيو ان مان ظاهر ٿيو ته هُنن (Huns) جن کي جُوگن جي هٿيارن تمام گهٽو پريشان ڪيو هو، اُهي ان فاتح کان هڪدم پري هليا ويا جيڪو سندن بيعزتي ڪندو رهندو هو. ايگزين طرف جيڪي ملڪ هيا اُهي اڳيئي سندن برادريءَ وارن ماڻهن والاري ڇڏيا هيا، تنهنڪري اوڏانهن وڃڻ ۾ اُنهن تڪڙ اهڙي ڪئي جهڙوڪر اُتي حملو ڪيائون ۽ پنهنجي رهڻ لاءِ اهڙا زرخيز ۽ هموار ٽيل پَٽ گُولي لڏائون جن منجهان وِسٽولا ندي وهندي وڃي بالٽڪ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. اُتر جا ملڪ يقيني طرح سان هُنن (Huns) جي حملي سان ڇرڪي ويا هوندا ته ساڳي وقت پريشان پڻ ٿيا هوندا ۽ جن قومن هنن اڳيان پنهنجي آڻ مجي هئي ته اُنهن جا ماڻهو اتان لڏي جرمني جي سرحدن جي ويجهو وڃي آباد ٿيا.(65) اهڙن علائقن جا رهواسي جن کي قديمي ماڻهن سُووِي، وئنڊل ۽ برگنڊي جي نالن سان سڏيندا هيا، اُنهن وري پنهنجا ٻيلا ۽ ڏٻڻيون سرماڻيا جي رُولو ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيون ۽ پاڻ گهٽي تعداد ۾ روم جي شهنشاهت جي مختلف صوبن ۾ پنهنجي رهائش اختيار ڪيائون.(66) جڏهن فاتح ٽولون پنهنجي لاءِ 'خان' جو لقب اختيار ڪيو هو ته ان کان پورا چار سال پوءِ هڪ ٻيو بربر جيڪو ضِدي روڊوگاسٽ يا رداگئسَس(67) جي نالي سان مشهور ٿيو، جرمني جي اُترين سرحد کان پيش قدمي ڪندي ذري گهٽ روم جي گيٽن تائين پهچي ويو ۽ پنهنجي فوج کي اُتي ڇڏيائين ته جيئن اولهه وارن ملڪن جي مڪمل تباهي ٿي وڃي. وئنڊل، سُووي ۽ برگنڊي جي قبيلن هن طاقتور بربر جو ساٿ ڏئي سندس طاقت وڌائي، پر الاني قبيلي جن پنهنجي نئين آبادي ۾ سڪون جو ساهه ڪنيو هو، اُنهن پنهنجي گهوڙيسوار فوج، جرمني جي طاقتور زميني فوج جي مدد لاءِ موڪلي ڏني، ۽ گاٿن جا مُهم جُو ماڻهو رداگئسَس جي جهنڊي هينان جمع ٿي ويا ۽ هڪ تاريخدان بعد ۾ تبصرو ڪندي لکي ٿو ته رداگئسَس کي جڻ گاٿن جو بادشاهه ڪري مڃيو ويو. ٻارهن هزار ويڙهاڪ جيڪي عام يا هلڪڙا ماڻهو نه هيا پر پنهنجي متاهين جهه ۽ عظيم ڪارنامن سبب، رهبر جي حيثيت ۾(68) سڃي ست ۾ چمڪيا ٿي ۽ سندن تعداد لڳ ڀڳ ٻن لکن جيترو هو جيڪو وري عورتن، ٻارن ۽ غلامن جي شامل ٿيڻ ڪري ڇٽن لکن تائين پهچي ويو بالٽڪ جي ڪنارن تان بيشمار ماڻهن جو قافلو روانو ٿيو جنهن ۾ سمبري ۽ ٽيٽونس قبيلن جا لشڪر پڻ شامل هيا ۽ سيئي گڏجي جمهوريه جي طاقت* جي ڏينهن ۾ روم ۽ اٽلي تي حملي ڪرڻ لاءِ پيش قدمي ڪندا رهيا. بربرن جي رواني ٿيڻ کان پوءِ، سندن اباڻو ملڪ جيڪو ڪڏهن قلعن ۽ بندرگاهن سبب عظمت جو اُهجاڻ هو،(69) ڪجهه زماني تائين اڪيلائيءَ جي مغموم ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويو هو، جيستائين وري انسانذات ۾

نوَن نسلن جي آمد ٿي ۽ اُهو اڪيلائي وارو خال نوَن رهواسين سبب پرجي ويو. اُهي قومون جيڪي ٻين ماڻهن جي زمينن يا ملڪيت تي قبضو ڪن ٿيون تہ ڪين هڪدم خبر پوندي تہ مفلسي کان تنگ آيل سندن پاڙيسري جلد ئي سندن خبر لهندا ۽ اهو سلسلو تيستائين جاري رهندو جيستائين يورپ جي حڪومت جائز دعويدارن جي حقن ۽ سندن ملڪيت جي پوريءَ طرح حفاظت نٿي ڪري.

ان زماني ۾ قومن جو هڪ ٻئي سان رابطو ايترو تہ اٿپورو ۽ مشڪوڪ هيو جو اُتر جي انقلاب جي شايد روينا جي ڪئمپ ۾ تيستائين خبر ئي نہ پئي هجي، جيستائين بالٽڪ جي ڪنارن تي گڏ ٿيل ڪارونيار ڪڪر گجگوڙون ڪري مٿانهين دنيوب تي وسي نہ پيا هجن. اولهہ جي شهنشاهہ جي وندر ورونهن جي گهڙين ۾ جهنگ جي خطري جي خبر تي شايد ڪجهہ خلل پيو هجي، پر ان موقعي تي هُو مطمئن هو چو تہ هاڻي هو خود ڇڻ تماشبين ٿي ويو هو.(70) روم جي حفاظت هاڻي ڪائونسلن ۽ اسٽيليچو جي ترار جي حوالي هئي. پر، شهنشاهت جي حالت، بدقسمتيءَ سان ايتري تہ ڪمزور، ٽاڪُئين ۽ ٽڪل ٽڪل هئي جو اُنهن لاءِ اِهو بہ ممڪن ڪونہ هو تہ دنيوب جي حفاظت جو بندوبست ڪن يا وري مڙسي ۽ مردانگي وارين ڪوششن سان جرمني جي حملي کي ٽاري سگهن يا بهاديرءَ سان وڙهن.(71) هاڻي آنريَس جي بيدار دماغ وزير جون اُميدون فقط اٽلي جي بچاءَ ڪرڻ تي لڳل هيون. هن هڪ دفعو ٻيهر صوبن کي چڏيو، فوجن کي گڏ ڪيائين، نوَن جٿن کي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ اُنهن سان سختيءَ سان پيش آيو پر اُنهن اوتري ئي بزدليءَ مان پنهنجي جان چڏائي، ۽ هر ممڪن ڪوشش ڪيائين تہ جيڪي پاڇوڪڙ هيا، اُنهن کي فوج ۾ آڻڻ لاءِ لالچ ڏجي، کين گرفتار ڪيو وڃي، يا کين آزاديءَ جا تحفا آڇجن ۽ آخر ۾ غلامن کي بہ پنهنجي فوج ۾ شامل ڪرڻ تي هرهڪ کي سون جا ٻہ ٽڪرا آڇيا ويا.(72) هيترن سارين ڪوششن لالچن ۽ منتن جي باوجود هيڏي ساري وڏي شهنشاهت مان فقط ٽيهن کان چاليهہ هزار ماڻهو پرتي ٿي سگهيا، جيڪي اسڪيپيو ياڪئميلس جي زمانن ۾ روم جي شهرين منجهان ئي ايترو يا ان کان وڌو تعداد خود پنهنجي مرضيءَ سان فوج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ها.(73) اسٽيليچو جي ٽيهہ هزار فوجين ۾ بيشمار بربر ۽ ٻيا مددگار جتا بہ شامل ٿي ويا، باقي الاني قبيلي جا ماڻهو تہ اڳيئي سندس وفادار ۽ سندس خدمت ۾ حاضر هيا؛ ۽ هُنن (Huns) ۽ گاٿن جون فوجون جيڪي سندن پيش قدمي ڪري رهيون هيون، اُهي دلچسپي توڙي ناراضگيءَ مان رداگئسَس جي ارادن جي مخالفت ڪري رهيون هيون. جرمني جي گڏيل فوجن جو بادشاهہ بغير ڪنهن روڪ يا رندڪ جي اُتان گذري ويو ۽ ائلپس، پو (Po) ۽ ائپينائن بہ پار ڪري ويو. هڪ طرف آنريَس جو محلات هو جتي پهچڻ ناممڪن هو چو تہ اُهو روينا جي ڏهڻ ۾ ڊڪيل يا پوريل هيو ۽ ٻي طرف اسٽيليچو جي ڪئمپ هئي جنهن پنهنجو هيڊڪوارٽر ٽِسينم يا پاويا ۾ قائم ڪيو هو، پر هن تيستائين فيصلائتي جنگ نہ پئي ڪرڻ چاهي جيستائين هو پنهنجا اُهي فوجي هڪ هنڌ گڏ ڪري وٺي جيڪي پري سرحدن تي مقرر ٿيل هيا. اٽلي جي ڪيترن شهرن کي تاراج ۽ تباهہ ڪيو ويو ۽ رداگئسَس طرفان فلورينس(74) جو گهيرو، روم جي جمهوريہ جي تاريخ جي شروعاتي دؤر جو آهي ۽ سندس عزم ۽ همت، بربرن جي بدنظميءَ سبب کين پوئتي ڪري ڇڏيو. رداگئسَس جي فوج جڏهن روم کان فقط هڪ سو اسي ميل پري هئي تہ جمهوريہ جي سينيٽ توڙي عوام ۾ خوف ۽ هراس جي لهر دوڙي وئي ۽ هن بن خطرن جي پيٽ ٿي ڪئي، هڪ بلڪل تازو هو جنهن مان اتفاق سان هو بچي ويا هئا ۽ ٻيو خطرو جيڪو سندن سِرن مٿان اچي ڪڙڪيو هو

جنهن کان سڄي ملڪ جا ماڻهو هراسيل هيا. آلارڪ عيسائي هئڻ سان گڏ هڪ جنرل به هيو جيڪو هڪ اهڙي فوج جي اڳواڻي ڪري رهيو هو جيڪا نظم ۽ ضبط جي پابند هئي، هو جنگ جي قانونن کي چڱيءَ طرح سمجهندو هو ۽ صلحنامن جي تقدس جو احترام ڪندو هو ۽ جنهن ساڻين ڪئمپن ۽ گرجائن ۾ شهشاهت جي رعيت سان گالهايو هو. سندس مقابلي ۾ رداگئسَس هڪ جهنگلي ڇڙ هو جنهن کي جنگي نظم ۽ ضبط يا اخلاق ۽ تهذيب جي ڪابه ڄاڻ ڪانه هئي، نه وري ڪيس هِتان جي ماڻهن جي مذهب يا زبان بابت ڪو علم هو ۽ نه وري ڏکڻ جي مهذب قومن جي اٺڻي ويهڻي يا تهذيب جي ڪا ڪيس خبر هئي. سندس سخت مزاجي ويتر وهمن وسوسن جي ظالماڻن روَين سبب اڃا بگڙي چڪي هئي ۽ ماڻهن ۾ اها ڳالهه عام ٿي وئي هئي ته هُن قسم ڪنيو هو ته سڄي شهر کي برباد ڪري ان کي پٽرن ۽ خاڪ جي ڍير ۾ بدلائي ڇڏيندو ۽ روم جا جيڪي مشهور سينيٽر هيا اُنهن جي قرباني اهڙن ديوتائن اڳيان وجي ڏيندو جيڪي فقط انساني رت وهائڻ سان خوش رهندا هيا. عوام جي لاءِ خطري واري هيءَ صورتحال، مقامي ماڻهن جي هڪ ٻئي سان ملڻ جلڻ ڪري خودبخود ٿري وڃي ها، پر نئين مذهبي جنون سبب ماڻهو سخت حيران پريشان ٿي ويا هيا. جوپيٽر ۽ عطارد ديوتا جا مظلوم پوئلڳ، جن روم جي هن بدترين دشمن کي هڪ عقيدتمند لامذهب ٿي ڪوٺيو ۽ سندس عزت به ڪيائون ٿي، پر پوءِ به هو ايترا ته خوفزده هيا جو هنن وڏي آواز مان اعلان ڪيو ته رداگئسَس جي فوجن جي مقابلي ۾ هو رت جي قربانين کان وڌيڪ ڏنل هيا پر ساڻئي وقت هو پنهنجي ملڪ کي مصيبتن ۾ وکوڙيل ڏسي پنهنجي اندر ۾ خوش به ٿي رهيا هيا چاڪاڻ ته سندن ملڪ عيسائين جي مذهب کي ٻنديو هو.(75)

فلورينس کي ڪافي نقصان پهتو هو ۽ شهرين جي مايوسيءَ جي باوجود هنن حوصلو نه هاريو هو؛ ويتر سينٽ ائمروز جي خواب کين همت ڏياري هئي جنهن ۾ هن ڏنو هو ته فلورينس جا شهري جلد تڪليفن کان آجا ٿي خوش ۽ سَرها ٿيندا.(76) اوچتو ئي اوچتو هنن پنهنجي ديوارن منجهان استيليچو جا جهنڊا ڏٺا جيڪو ڏوڪيندو اڳتي وڌي رهيو هو ته جيئن مصيبت ۾ آيل شهر وارن جي مدد ڪري سگهي، نه رڳو ايترو پر هن هڪدم هڪ جڳهه تي نشان لڳايو ۽ اعلان ڪيائين ته ان هنڌ تي بربرن جي ميزبان جي قبر نهندي. اڳتي هلي مختلف ليڪڪن رداگئسَس جي شڪست تي پنهنجا جدا جدا رايا ڏنا آهن جيڪي ڪٿي ڪٿي هڪ ٻئي جي ٽڪراءَ ۾ پڻ آهن ۽ ان لڙائيءَ بابت مليل شاهدين ۾ به تضاد آهن. بهرحال اوروسيَس ۽ آگسٽائين جيڪي مذهب ۽ پنهنجي ذاتي دوستيءَ سبب هڪ ٻئي جي ويجها هيا، هن فتح کي جنرل جي بهادري جي بجاءِ ربي ڪرشمو ڪوٺين ٿا.(77) اُهي ڪنهن اتفاق يا رت جي وهڻ جي امڪان کي به رد ڪن ٿا ۽ يقين سان چون ٿا ته رومين جي ڪئمپ خود پي سُستي ۽ نراسائيءَ جو شڪار هئي پر تڏهن به هو بربرن جي تڪليفن ۽ سندن غمناڪ ڪيفيت ڏسي خوش پئي ٿيا جو ته اُهي آهستي آهستي فلورينس جي ٽڪرين ۾ مرندا رهيا، اهي ٽڪريون فلورينس شهر جي مٿان ليڪا پائي رهيون هيون. پر اُنهن جو اهو چوڻ ته عيسائي فوج جو هڪڙو سپاهي به نه مئو هو ۽ نه زخمي ٿيو هو، سراسر غلط آهي، البت آگسٽائين ۽ اوروسيَس جو باقي بيان جنگ جي حالتن ۽ استيليچو جي ڪردار سان مطابقت رکي ٿو. ڪيس خبر هئي ته هو روم جي جمهوريه جي شايد آخري فوج جي ڪمان ڪري رهيوهو، پر دوراندیشيءَ جي ڪهرج اها هئي ته ان راز کي ٻين ماڻهن اڳيان نه کولي چاڪاڻ ته جرمن فوج جا دشمن سندس سرحدن تي موجود هيا.

سندس ڪامياب فوجي حڪمت عملي اها هوندي هئي ته هو دشمن فوج جي چوڌاري قلعا ٺاهي اُنهن کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيندو هو، جو ته ساڻي حڪمت عملي هن ۾ پيرا گاڻن جي بادشاهه تي آزمائي هئي ۽ هاڻي ۾ هن وڌيڪ هوشياريءَ سان ان کي ڀيهر آزمايو. سيزر جا مثال روم جي هر ماڻهوءَ کي ياد هيا ۽ جاهل ويڙهاڪن کان پڻ اُهي نه وسريا هيا ۽ دراچيم جا قلعا* جن ذريعي چوويهن ميلن جي ڪاهيُن ۽ دفاعي مورچن جي سلسلي کي ڳنڍيو ويو هو ۽ ٻي جڳهه تي وري پندرهن ميلن جو ساڳيو سلسلو ڳنڍيل هيو ۽ فوجين جي مورچابندي اهڙي تدبير سان ڪئي وئي جن ذريعي بربرن کي قيد ڪري رکجي ته جيئن هو گهٽي ۾ گهٽي تعداد ۾ بُکن وگهي مري کپي ۽ ختم ٿي وڃن.(78) رومي فوجي پنهنجي پيشي جي لحاظ کان ته ايترا نه بگڙيا هيا پر پنهنجن وڏڙن واري بهادري جا جوهر منجهن نه رهيا هيا. انجو شايد سبب اهو ۽ هيو ته محنت مزدوري وارن ڪمن ڪرڻ کان هو ڪيڻائيندا هيا ڇو ته ان پيشي کي هو عزت ۽ فخر جي خلاف سمجهندا هيا؛ اهڙي صورتحال ۾ تسڪني اهڙو صوبو هو جيڪو هزارين ڪرمي ڪاسبي ۽ مزدور مهيا ڪري پئي سگهيو، پر اُهي محنت مشقت ته ڪري ٿي سگهيا پر پنهنجي ملڪ جي بچاءَ خاطر وڙهي نٿي سگهيا. بيشمار ماڻهو ۽ گهوڙا،(79) جن کي قيد ۾ رکيو ويو هو، ڏڪار پوڻ سبب ترار جي ڏڪ کان سواءِ ئي پنهنجي موت مري ويا، پر رومي سندن اُبهري دشمن آڏو جلد وائڪا ٿي پيا ڇو ته هن سندن ڪم ڪار ۽ هر ڇُرپر تي نظر ٿي رکي. بکايل بربرن جي نااُميدي شايد اسٽيليچو جي دفاعي مورچن خلاف کين 'ڪٽين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ' واري قدم کڻڻ تي مجبور ڪري، ۽ جنرل به شايد اوچتو پنهنجن بهادر مددگار جٽن کي جوش ڏياري ۽ اُهي پڻ جرمن فوجين تي حملي ڪرڻ لاءِ رڳو حڪم ملڻ جا منتظر هيا، ۽ ان ڳالهه جو به امڪان هو ته جوش جذبن جي گرمي ۾ اهڙا حادثا پيش اچي وڃن جيڪي سخت خون خرابي جو باعث بڻجن ۽ اهڙن ئي واقعن زوسيمَس جي بيان ۽ پراسپر ۽ مارسلينَس جي لکڻين کي گهٽي زينت بخشي آهي.(80) فلورينس جي شهر ۾ ٻاهر کان بيشمار ماڻهو آندا ويا هيا ۽ ڪافي حد تائين ڪائڻ پيئڻ جي سيڊي سامان کي به ڪنو ڪيو ويو هو، هوڏانهن وري بُک ۾ پاهه ٽيل رداگئسَس جو گهيرو ڪيو ويو. ڪيترين قومن جي نمائندگي ڪندڙ مغرور حاڪم، پنهنجن بهادر سپاهين جي مارجڻ کان پوءِ هاڻي ايترو ڪمزور ۽ بيوس ٿي ويو هو جو هاڻي پيش پوڻ يا اسٽيليچو کي رحم جي درخواست يا نرمي جي ورتاءُ جي التجا ڪرڻ کان سواءِ وٽس ٻيو ڪو به چارو ڪونه هو.(81) پر سندس سِرُ ڏڙ کان ڌار ڪيو ويو ۽ هن شاهي قيديءَ جي ذلت واري موت روم جي آبرو عزت کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو ۽ عيسائيت کي به داغدار ڪري ڇڏيو ۽ رداگئسَس جي موت ۾ جيڪا دير ڪئي وئي هئي، ان فاتح کي متس جاڻي واڻي ظلم ڪرڻ جي الزام جو اٽمٽ داغ هٽي ڇڏيو هو.(82) بُک ۾ پاهه ٽيل جرمني جا ماڻهو، جيڪي مددگار جٽن جي ظلمن کان بچي ويا هيا، اُنهن کي پُڳڻن جي مٺ جيتري قيمت تي وڪيو ويو يعني ڪيترن ئي ماڻهن کي سون جي فقط هڪ ٽڪري جي عيوض وڪرو ڪيو ويو، پر ڪاڏي ۽ آبهوا جي فرق اُنهن بدقسمت ڌارين ماڻهن کي بيمارين ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو ۽ بعد ۾ هڪ تجربو ڪيو ويو ته جيڪي غير انساني وصفن وارا انسانن جا خريدار هيا اُنهن کي اهو سودو مهانگو پئجي ويو ڇاڪاڻ ته اُنهن کي بند ڪرڻ ۽ سندن سيوا ڪرڻ جو پورو خرچ کين برداشت ڪرڻو پئجي ويو. اسٽيليچو پنهنجي شاندار ڪاميابين جي باري ۾ سينيٽ ۽ شهنشاهه کي اطلاع ڏنو ۽ اهڙي شاندار سوپ ماڻڻ تي ٻيهر به ڪيس 'اٽلي کي نجات ڏيارينڊڙ' جو خطاب ڏنو ويو.(83)

هن سوپ يا ايئن کٹي چئجي تہ هک معجزي جي شهرت، هک اجائي بحث يا موضوع کي جنم ڏنو تہ سڄي فوج يا جرمني جي قوم جيکا بالڪل سمنڊ جي ڪنارن کان وڏا خواب پاڻ سان کٹي هلي هئي، فلورينس جي ديوارن اندر بريءَ طرح برباد ۽ تباهہ ٿي وئي. اهوئي بدقسمتيءَ وارو مقدر رداگئسَس جو بہ هيو تہ سندس بهادر ۽ وفادار ساٹين جو پڻ ساڳيو برو حال ٿيو جو سووي، وئندل، الاني ۽ برگنڈي قبيلن جا بيشمار ماڻهو هن جنگ ۾ مارجي ويا جيکي آخر تائين پنهنجي جنرل جي جهنڈي سان وفادار رهيا هيا.(84) اهڙين فوجين جو ايڪو شايد اسان کي حيرت ۾ وجهي چڏي پر سندن ٹُٹڻ يا هک ٻئي کان جدا ٿي وڃڻ جا ڪيترائي زوردار سبب هيا؛ مثال طور؛ جم جي برتري ۽ ان تي فخر، بهادريءَ جي وڏائي ۽ بي ادبي، حڪمن ملڻ تي حسد ڪرڻ، حڪمن مڃڻ ۾ اُبهرائپ، ۽ نظرين، دلچسپين ۽ جذبن ۾ هڻ وارو تضاد جيکو ڪيترن ئي بادشاهن توڙي سندن ويڑهاڪن ۾ موجود هو جن کي اها سکيا ئي نہ ڏني وئي هئي تہ وقت پوڻ تي پيش پوڻ ۽ حڪم مڃڻ زياده مانائتو هوندو آهي ڇو تہ سنڌي زبان جي مشهور چوٹي آهي تہ: 'جت پڃڻ ڪم پاهہ، اُت پڃڻ ڪم وريام جو.' رداگئسَس جي شڪست کان پوءِ، جرمن فوج جا بہ حصا جيکي لڳ ڀڳ هک لک کن ٹين ها، اُهي ايا بہ فوج ۾ شامل هيا جيکي ائپينائن ۽ ائلپس يا وري ائلپس ۽ دنيوب جي علائقن ۾ هيا. اها ڳالهہ ايا شڪ ڪاڏڙ آهي تہ هنن پنهنجي ليڈر جي موت جي بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي يا نہ، پر سندن ڪاوڙ ۽ سخت ناراضگيءَ کي اسٹيليچو جي عزم ۽ سندس دوراندیشيءَ ٹڈو ڪري چڏيو، هن سندن پيش قدميءَ جي مخالفت ڪئي، ۽ پوئتي هٹڻ ۽ آسانيءَ سان نڪري وڃڻ ۾ سندن مدد ڪئي ڇو تہ هن جي خلوص واري خواهش اها هئي تہ روم ۽ اٹلي جي هر صورت ۾ حفاظت ڪجي تہ ساڳي وقت پري وارن صوبن جي بہ پوري سار سنيار لهجي.(85) پنونيا جي بيابانن منجهان بربرن هن خطي ۽ ملڪ بابت ڪجهہ ضروري ڄاڻ حاصل ڪري ورتي هئي، تہ ساڳي وقت رستن ۽ پيچرن توڙي گال تي حملي ڪرڻ جي ڳڻ کي بہ معلوم ڪري ورتو هو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو الارڪ، رداگئسَس جي بچيل بهادر فوج جي مدد سان گال تي ڪامياب حملو ڪيو.(86)

ان جي باوجود جيڪڏهن کين اهو آسرو هو تہ جرمن قبيلا سندن مدد ڪندا جيکي رائين جي ڪنارن سان لڳو لڳ رهندا هيا تہ اها سندن آس اجائي نڪتي. اليماني قبيلي پنهنجي الڳ حيثيت قائم رکي ۽ اُن کنهن بہ ڏر سان نہ مدد جي حامي پري ۽نہ وري کنهن سان سندس دشمني هئي، باقي فرئنکن جو اونو فقط اهو هو تہ هو پنهنجو جوش ۽ جذبو فقط روم جي جمهوريہ جي بچاءَ خاطر استعمال ڪندا. رائين کان ٹورو هيٺ ڪجهہ انتظامي اڳيرائي ٿي جيکو ڪم اسٹيليچو جي اوليت ۾ شامل هو تہ جيئن هو جنگجو فرئنڪ قبيلن کي پاڻ سان ملائڻ تي راضي ڪري وٹي ۽ اُنهن عنصرن کان هميشه لاءِ پاڻ کي آجو ڪري جيکي ضِدي ۽ هنيلا هيا ۽ جن جمهوريہ جي امن امان کي خراب پئي ڪيو. سندن هک بادشاهہ مارڪومير کي روم جي مئجسٹريٹ سزا ڏني جنهن تي ماڻهن جي هجوم اڳيان تعميل ڪئي وئي ڇو تہ هن صلحنامن کي ٹوڙيو هو. هن سان نرميءَ جو ورتاءَ ڪندي ڪيس ٹسڪني جي صوبي ۾ ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ هک معتبر ماڻهوءَ جي ذلت هروپرو اهڙي نہ هئي جو سندس رعيت جا ماڻهو هن جي انتقام وٺڻ لاءِ اُٹي پون ۽ هُل هنگامو ڪن، پر تڏهن بہ سُنو نالي سان هک شخص بغاوت ڪئي ۽ هن پنهنجي پاءُ جو پاند ڪرڻ چاهيو جنهن وري اُنهن بادشاهن سان لڳ لاڳاپا رکيا جن کي اسٹيليچو جي مرضي ۽ منظوريءَ سان تخت تي ويهاريو ويو هو،(87) پر

پوءِ سُنو کي بغاوت ڪرڻ تي موت جي سزا ڏني وئي. جڏهن گال ۽ جرمني جون حدون اُتر جي بيشمار ماڻهن جي لڏپلاڻ سبب صفا لُڏي ويون تہ ان وقت فرئنڪن بهادريءَ سان وٺندل قبيلن جي فوجي چرپر کي مردانگيءَ سان مُنهن ڏنو ۽ تہ هنن تاريخ مان ايجا سبق نہ سکيو هو ۽ ٻيهر پنهنجي فوج کي پنهنجي بربر اتحادين کان جدا ڪري ڇڏيو ۽ سندن جهنڊي کي ٻہ ڇڏي ڏنو. اڀهرائي ۽ بيوفائي جي کين جلد سزا ملي وئي ۽ ويهہ هزار وٺندل پنهنجي بادشاهہ گاڊگِسڪلس سميت جنگ ۾ ماريا ويا. اُنهن جا سمورا ماڻهو يقيني طور تي تباهہ ٿي وڃن ها پر الاني قبيلي جي هڪ فوجي جٿي جيڪو سندن مدد لاءِ آيو هو، فرئنڪن جي پيادل فوج کي سخت نقصان پهچايو. توڙي جو هنن همت سان مقابلو ڪيو پر جڏهن محسوس ڪيائون تہ مقابلو غير برابري وارو هو تہ ميدان ڇڏي ڀڄي ويا. فاتح اتحادين پنهنجي پيش قدميءَ کي جاري رکيو، ۽ سال جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن رائين جو پاڻي جمي برف ٿي چڪو هو، اُهي بغير کنهن روڪ ۽ رڪاوٽ جي گال جي صوبن ۾ داخل ٿي ويا. هي هڪ يادگار موقعو هو جو سُووي، وٺندل، الاني ۽برگنڊي جا قبيلا هڪ خطرناڪ مهم منجهان آسانيءَ سان اُڪري ويا ۽ ان کان بعد ڪڏهن بہ پنهنجي سات کي ڇڏي نہ ويا؛ شايد ائلپس کان اڳتي وارن ملڪن ۾ رومي شهنشاهت جي زوال جو اهو سبب هجي تہ ٻن قومن ۽ نظرين جي وچ ۾ وڙيون رڪاوٽون هيون جن گهٽي عرصي کان وڃي زمين تي رهندڙ وحشي ۽ مهذب قومن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو هو ۽ ان موتمار لمحي کان سيئي قبيلا جڙ مٽيءَ ۾ ملي ويا.(88)

هڪ طرف جرمني جي امن امان جو مسئلو، فرئنڪن جي گڏجڻ ۽ اليماني قبيلي جي لاتعلقيءَ سبب حل ٿي ويو، ٻي طرف روم جي رعيت جا ماڻهو جيڪي ايندڙ خطرن کان بلڪل بيخبر هيا، ماڻ جي ماحول ۽ خوشحاليءَ مان لطف اندوز ٿي رهيا هيا. پر امن ۽ سڪون جون اهڙيون نعمتون گال جي سرحدن تي اڻ لڀ هيون. اُنهن جي مال جي ڏاڻن کي بربرن جي ٻنين ٻارن ۾ چَرڻ جي عام اجازت هئي ۽ سندن شڪارين کي، بغير کنهن خوف خطري جي هرسينيا جي اوناهن ٻيلن ۾ شڪار ڪرڻ جي بہ اجازت هئي.(89) رائين جا ڪنارا، تائيبر جي ڪنارن وانگر، شاندار عمارتن سان سجايل هئا تہ وري پوکن ۽ ساوڪن جا وڏا فارم پڻ موجود هيا، ۽ جيڪڏهن ڪو شاعر ندييءَ ۾ هيٺ لهي وڃي ها تہ سندس حيرانيءَ جي حد ئي نہ رهي جو ڪيس اها خبر نہ پئجي سگهي ها تہ روم جون سرحدون ڪهڙي طرف هيون.(90) امن، سڪون ۽ آسودگيءَ جو هي نظارو هڪدم برپٽ ۾ تبديل ٿي ويو ۽ انسان جي مايوسي ۽ اڪيلائيءَ جو ويڳاڻو منظر دونهاڻيل تباهين مان نظر اچي رهيو هو. مينز* جي آباد شهر تي اوچتو حملو ٿيو ۽ هزارين بيقصور عيسائين کي بيدرديءَ سان چرچ ۾ قتل ڪيو ويو. اسٽراسبرگ، اسپائرس، رهيمس، ٽورني، اَراس ۽ امينس جي شهرن جرمني جي غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتو ۽ ظلمن جي چڪيءَ ۾ پيسبا رهيا، جنگ جا خطرناڪ شعلا ٻيهر رائين جي ڪنارن کان پڙڪو ڏئي گال جي سترهن صوبن ۾ هر طرف پکڙجي ويا، هيڏو سارو شاهوڪار ۽ تمام وڏو ملڪ، جيڪو سمنڊ کان شروع ٿي، ائلپس کي پاڻ ۾ سمائسندو پائرينيز تائين هليو ويو هو، بربرن جي حوالي ڪيو ويو ۽ اُهي هڪ ڪڏيل هجوم ۾ هڪ پادري، سينيٽر ۽ هڪ ڪنواريءَ سان گڏ ڪين وٺي ٿي ويا ۽ ساٺن ڦرلٽ جو مال بہ ڪافي انداز ۾ هو جيڪو بربرن، هنن جي گهرن ۽ قربانگاهن کي تاراج ڪري هٿ ڪيو هو.(91) ڪليسائي ماڻهن جا اسين ٽورائتا آهيون جو اُنهن تڪليفن ۽ مصيبتن بابت وڏو وڏاءُ ڪري 'نوڙيءَ مان نانگ' ڪٽي ناهيو هو، هاڻي پنهنجن ئي عيسائين تي زور پريو ويو تہ پنهنجي

گناهن تي پشيمان ٿين ۽ ته سندن ڪرتوتن ربي انصاف کي ناراض ڪري ڇڏيو هو ۽ غريبن مسڪينن جي نندڙي ملڪيت تان هٿ کڻن ته ساڻئي وقت هن ڏوڪيباز ۽ دورنگي دنيا کي به ڇڏي ڏين. پر پيليجين* تضاد،(92) جيڪو مقدر جي اٽاهه رازن بابت ڪي پردا کڻي ٿو لاطيني پادريءَ جي ور چڙهي ويو. رب العزت جيڪو ڪجهه مقدر ۾ لکيو هو، اڳواٽ فيصلو ڪري ڇڏيو هو يا فطري نيڪي ۽ بديءَ جي جيڪا گنجائش رکيل هئي ان جو پادريءَ طرفان اٽڪورو ۽ فضول تجزيو ڪيو ويو. جيڪي ماڻهو ڪُڏن ڪمن جي سزا پوڳين ٿا، اُنهن ڏوهن ۽ بدنصيبين کي اُنهن جي ابن ڏاڏن سان پيٽايو ويو ۽ اهڙي طرح جڙ خدائي انصاف تي تهمت مڙهي وئي جيڪو جڏهن تباهي آڻي ٿو ته ان ۾ ڪمزور، بيقصور توڙي انساني نسل جا صغير ٻار به آجا ٿي نٿا سگهن. هي فضول فساد مچائڻ وارا قدرت جي قانون کي پاسيرو رکي چڏن ٿا جيڪي امن کي معصوميت سان ملائن ٿا، شاهوڪاريءَ کي صنعتن سان ۽ اَمن ۽ سلامتيءَ کي بهادريءَ جي وصفن سان ٿا وڄي ملائن. روينا جي بزدلي ۽ مطلب پرستيءَ جي پاليسي شايد وري پيلاٽائين جي فوجين کي دعوت ڏئي ته اٽلي جو بچاءُ ڪن؛ هن سلسلي ۾ ڪٽي بينل يا بچيل فوجي ممڪن هو ته هن ڏکي ذمينداريءَ کي مُنهن نه ڏئي سگهن ۽ بربرن جا مددگار جتا ممڪن هو ته پنهنجي دستوري پگهار ۽ مقرر ٽيل فائدن کي حاصل ڪرڻ بجاءِ ٻيهر ڦرلٽ جي پراٽي ڪاروبار ۾ لڳي وڃن. پر گال جا صوبا بيشمار محنت ڪش ۽ جوڌن جوانن سان پريل هيا جيڪي پنهنجي گهرن، پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجين قربانگاهن جي حفاظت جي سلسلي ۾ جيڪڏهن ڪين مرڻ جي همت هئي ته پوءِ پَڪ سان اهو چئي سگهجي ٿو ته اهڙا جرئت وارا جوان پنهنجن دشمنن تي ضرور سوپ حاصل ڪندا. پنهنجي اباڻي ملڪ بابت سندن جاڻ کين ان قابل ضرور ڪيو هوندو ته جيئن هو ڪنهن به ٻاهرئين حملي ڪندڙ جو رستو روڪن ۽ بربرن ۾ جيڪا فوجي پيشي ۽ نظم ۽ ضبط جي ڪمي هئي، اُن فقط هڪ ٻهاني کي به دور ڪري چڏيو هو ته هڪ وڏي ملڪ جا بيشمار ماڻهو ٽورڙن ماڻهن جي بهترين فوج اڳيان پيش پوڻ تي مجبور ٿي ويندا هيا. جڏهن فرانس تي چارلس پنجين* حملو ڪيو هو ته هن هڪ قيدي کان پڇيو هو ته 'پئرس، سرحدن کان ڪيترا ڏينهن پري رهندو؟' 'شايد ٻارنهن ڏينهن، پر اُهي جنگ جا ڏينهن هوندا.' اهو هيو قيديءَ جو بهادريءَ وارو جواب جنهن هڪ مغرور بادشاهه جي وڏائيءَ کي ختم ڪيو هو، آنريَس ۽ فرئنسِس- I جي رعيت جا ماڻهو مختلف جذبن سان پرپور هيا ۽ ٻن سالن کان به گهٽ عرصي ۾، بالٽڪ جي جهنگلي ماڻهن جا پاڻ ۾ ورهايل فوجي جن جو تعداد به تمام گهٽ هو پر ان جي باوجود هو بغير ڪنهن روڪ رندڪ جي پائرينيا جي جبلن تائين پهچي ويا هيا.

آنريَس جي حڪومت جي شروعاتي زماني ۾ اسٽيليچو، برطانيه جي ڏورانهين ٻيٽ جي پنهنجي همت ۽ خبرداريءَ سان حفاظت ڪئي هئي جو ته ان جا دشمن سمندن، جبلن ۽ آئرلئنڈ جي ڪنارن تي رهندا هيا.(94) پر سدائين بيچين رهندڙ بربر، گاٿن جي جنگ جي بهتر موقعي کان هرگز غافل نه رهيا هيا جڏهن ديوارون توڙي مختلف هنڌ رومي فوجين کان بلڪل خالي ٿي ويا هيا. جيڪڏهن فوجين کي اٽلي جي فوجي مهم کان واپس ٽيڻ جي اجازت ڏني وئي هئي ته اُنهن لاءِ ڪئمپ جي بهتر رپورٽ ۽ آنريس جي ڪردار اها ڪوشش يقينن ڪئي هوندي ته وفاداريءَ جي شرطن کي ختم ڪيو وڃي ۽ برطانيه جي فوج جي شرارت ۽ شرانگيزي کي اجا وڌيڪ ڪاوڙائجي. بغاوت جي شوق، جنهن اڳ ۾ گئلئينس* جي دؤر کي ڪافي پريشان ڪيو هو، کي سپاهين جي تشدد ٻيهر جياري ڇڏيو هو. ۽

بدقسمت يا قسمت آزمائيندڙ اُميدوار جنكي هنن چونديو هو، اُهي ئي سندن جوش كي جاڳائيندڙ هيا ته وري اُهي ئي سندن سازشن جو شكار ٻه ٿي ويا.(95) مارڪس پهريون بادشاهه هو جنهن كي هنن تخت تي ويهاريو ۽ كيس نه رڳو برطانيه پر سڄي اولهه جي ملكن جو شهنشاهه تسليم كيو ويو. مارڪس جي مشكوك سُس پُس سبب هنن وفاداريءَ جي قسمَ كي ٽوڙيو جيكو هنن پنهنجي لاءِ لازم كيو هو ۽ سندس اخلاق عادتن كي به هنن ناپسند كيو هو تنهنكري هنن فيصلو كري ڇڏيو هو ته سندس مرڻ كان پوءِ سندس كتبي تي به اهو كجهه لكرائيندا جهڙو هو زندگي ۾ هيو. ٻيو گرئشيَن هو جنهن كي به هنن تخت تي ويهاريو ۽ شاهي لباس پارايو ۽ فقط چئن مهينن كان پوءِ هن جو به ساڻيو حشر ٿيو جيكو سندس اڳئين جانشين جو ٿيو هو. عظيم كانسٽئنٽائن، جنهن كي برطانيه جا فوجي شهنشاهت جي سني دؤر ۽ كليسا جي حوالي سان گهٽو ياد كندا هيا، هاڻي ٽئين دفعي چوند ڪرڻ ۾ كجهه محتاط ٿي ويا. هنن پنهنجين خانگي فوجين ۾ هكڙو سپاهي چونديو جنهن جو به نالو اتفاق سان كانسٽئنٽائن هو پر هن جي اُبهرائي ۽ تربيت پري كان ئي پڌري هئي جو هن پنهنجي پاڻ كي تخت تي ويهاي ڇڏيو هو ۽ فوجين اڳ ۾ ئي سمجهي ورتو هو ته هو نااهل هيو ۽ شاهي رتبي جي وڏي وزن كي كاميابيءَ سان كٽڻ ۾ هو ناكام ٿيندو.(96) پر پوءِ سندس اختيار جون واڳون گهٽ خطرناك ثابت ٿيون ۽ سندس حكومت مارڪس ۽ گرئشيَن جي مقابلي ۾ وڌيڪ كامياب رهي. سندس كاهل فوجين كي پنهنجين كئمپن ۾ ڇڏي ڏيڻ جي خطري، جن اڳ ۾ پڻ رت وهائڻ ۽ بغاوت برپا ٿيڻ سبب ماحول كي گندو كري ڇڏيو هو، كيس مجبور كيو ته هو اولهه جي صوبن ۾ اُنهن جي كمي آڻي ڇڏي. ان مقصد كي ذهن ۾ ركندي هو بولون ۾ آيو. ساٺس ٿورا فوجي پڻ گڏ هيا ۽ كجهه ڏينهن جي آرام كان پوءِ، هن گال جي شهرن جي نمائندن كي پاڻ وٽ سڏيو ته هو كيس جائز حاكم طور تسليم كن. خوش قسمتيءَ سان گال بربرن جي يلغار كان هن وقت تائين محفوظ رهيو هو. گال جي نمائندن ۽ معتبرن سندس حكم كي مجيندي كيس پنهنجو جائز حاكم مڃيو. جيئن ته روينا طرفان گال وارن كي نظر انداز كرڻ تي كين شكايتون هيون ته هنن پنهنجي پاڻ كي كنهن به فرمانبرداريءَ كرڻ كان آجو كري ڇڏيو هو؛ هاڻي محروميءَ جي احساس كان تنگ اچي هنن سوچيو ته سندن حالتن ۾ جيكو به تبدلي آڻيندو ان كي هو قبول كري ونندا، تنهن كري بغير كنهن ۾ شك كرڻ جي ۽ اُميد آسرن كي پنهنجو ساٿي كري، هنن اطمينان سان پنهنجي پاڻ كي تسلي ڏني ته فوجون توڙي سندن اختيار يا وري روم جي شهنشاهه جو نالو ئي هنن كي آڏت ڏيڻ لاءِ كافي هوندو ته جيكڏهن هو پنهنجو هيڊكوارٽر گال ۾ قائم كندا ته پوءِ مقامي ماڻهن جي پلائي فقط ان ڳالهه ۾ هوندي ته هو بربرن جي كاوڙ ۽ ظلمن كان ايندڙ وقت ۾ بچي ويندا. جرمني جي جدا جدا ڏڻن خلاف، كانسٽئنٽائن جي پهرين كاميابي اها هئي ته مخالفن سندس اجائي سجائي تعريف جا بند پڙي ڇڏيا جنهن سبب كيس نمايان سوپون حاصل ٿيون پر دشمنن طرفان بيهر ايكي كرڻ ۽ گستاخي واري لهجي ۾ ڳالهائڻ نين فتحن جي خوشين كي كجهه مانو كري ڇڏيو. دشمن سان ڳالهين جا دؤر هليا پر اُنهن جي نتيجي ۾ هك عارضي ۽ غير يقيني معاهدو عمل ۾ آيو، ۽ جيكڏهن تحفن جي بارش وَسائڻ ۽ واعدن جا سبز باز ڏيكارڻ كان پوءِ بربرن جي فوج رائين جي بچاءَ لاءِ پنهنجي پيش قدمي جاري ركي به هئي ته اهو قدم، گالن جي سرحد جي اصل جرئت واري روپ موٽائڻ بجاءِ، شهنشاهه جي شان شوكت جي به خلاف هوندو ۽ جيكو كجهه به روم جي جمهوريه جي خزاني ۾ بچيل هو، ته اُهو

ٻہ خالي ٿي ويندو. تصوراتي ۽ اجاين خوشين جي ڦوندڙ ۾ اچي، گالن جو فضول حمايتي ڏکڻ جي صوبن ۾ اڳتي وڌي ويو، تہ جيئن اُتي هڪ اهڙي اوچتي خطري کي وجي منهن ڏئي جيڪو ڪجهہ قدر سندس ذات سان تعلق رکندو هو. هڪ گاٽ، جنهن جو نالو سارَس هو، کي حڪم ڏنو ويو تہ هڪ باغيءَ جو سِر وڍي شهنشاهہ آنريَس جي قدمن ۾ آڻي رکي، ۽ برطانيہ ۽ اٽلي جي فوجن کي هن گهريلو جهڳڙي ۾ اجايو اُلجهائي بيعزتو ڪرايو ويو. هن فضول گهريلو لڙائيءَ ۾ سندس ٻہ بهادر جنرل- هڪڙو جسٽينيَن ۽ ٻيو نيويگيسٽس مارجي ويا. پهريون جنگ جي ميدان تي ماريو ويو ۽ ٻي کي ماڻ ميڙ ۾ غداريءَ سان ختم ڪيو ويو. هاڻي ڪانسٽئنٽائن وئينا جي قلعن ۾ پنهنجي حفاظت جو بندوبست ڪرڻ لڳو. لڳاتار ستن ڏينهن تائين هن جڳهہ تي ناڪام حملا ٿيندا رهيا ۽ شاهي فوج شڪست تسليم ڪندي پنهنجي ذلت جو سودو ڪيو يعني ائلپس جي ڦورن ۽ لُٽيرن کان سلامتيءَ سان ٻاهر نڪرڻ جو رستو خريد ڪيائون.(97) هاڻي انهن جبلن ٻن بادشاهن جي ملڪن کي ورهائڻ جو ڪم ٿي ڪيو ۽ شهنشاهت جي هن ٻِٽي سرحد جي دفاعي مورچن جي جمهوريہ جي فوجن حفاظت ٿي ڪئي پر افسوس تہ سندن هٿيارن کي جرمني ۽ سيٿيا جي بربرن خلاف پرپور طريقي ۽ فوجي پيشي جي مطابق استعمال ڪري سگهجي ها تہ ساڳي وقت رومي سرحدن جو ٻہ نئين سر تعُين ڪيو وجي ها.

پائرينيز طرف، ڪانسٽئنٽائن جا خدشا وڌي ويا تہ خطري جي گهنٽي وجي چڪي هئي، پر پوءِ وري ٻہ هو سوپارو ٿيو ۽ تخت تي وجي ويٺو. خاص طرح تي اسپين جي پيش پوڻ سان ٻين طرفن کان ٻہ شهنشاهت جي فرمانبرداري ٽيڙ لڳي ۽ هاڻي قانون توڙي مڃجسٽريٽ ٻہ اُهي رکيا ويا جيکي گال جا هيا. ڪانسٽئنٽائن جي اختيارن توڙي حڪومت جي جيڪڏهن ڪا مخالفت هئي تہ اُها نہ تہ سندس حڪومت کان نہ وري ماڻهن جي جوش جذبي کان هئي پر اُها ٿوڊوسيَس جي ڪٽنب کان هئي چو تہ اُنهن جا ڪجهہ ذاتي مفاد وڇڙيل هيا. چئن پائرن(98) پنهنجن مٽن مائٽن جي مدد سان مرحوم شهنشاهہ کان ڪجهہ رتبا ۽ ملڪيت حاصل ڪئي هئي جيڪا سندن اباڻي ملڪ ۾ هئي ۽ نوجوانن احسانمندي جي خيال يا ڪنهن ٻي سوچ کان پنهنجو ذاتي فائدو شهنشاهہ جي پٺ جي حق ۾ منتقل ڪري ڇڏيو. هنن هڪ ناڪام ڪوشش ڪئي تہ لوسيٽئنيا ۾مقرر ٿيل فوجي پنهنجي شموليت ڪن يا اُنهن تي اثرانداز ٿي سگهن، هتان ناڪامي ملڻ کان پوءِ هو پنهنجن گهرن ۽ ملڪيت ڏانهن واپس ٿيا ۽ پنهنجي خرچ تي هن فوج ناهي ۽ ان ۾ پرتي ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ تمام گهٽا غلام ۽ ٻيا ڪيترائي پنهنجا مددگار ٻہ پاڻ وٽ رکيائون ۽ هاڻي بهادريءَ سان پيش قدمي ڪندا اڳتي وڌندا ويا تہ جيئن پائرينيز جبلن جي اهر جڳهن تي پنهنجو قبضو جمائي سگهن. مقامي طرز جي هن بغاوت، گال ۽ برطانيہ جي حڪومتن کي محتاط ۽ پريشان ڪري ڇڏيو ۽ هن مجبور ٿي بربرن جي مددگار فوجين سان اسپين جي جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ساڻن ڳالهيون ڪيون. کين آنريَس،(99) جو خطاب ڏئي ٻہ هرڪايو ويو ڇو تہ اهو نالو کين ياد ڏيارينڊو تہ ان حاڪم سان هو وفادار رهيا هيا ۽ هو مٽن مهربان هوندو هو، ۽ جيڪڏهن اهو مڃجي ٻہ سهي تہ اسڪاٽلئنڊ جا ماڻهو برطانيہ جي حاڪم ڏانهن ڪجهہ قدر مائل ٻہ هيا پر اُتر- اولهہ آفريڪا جا مسلمان توڙي مرڪماني قبيلا، غاصب طرفان گهٽي دولت لٽائڻ سان ئي هنن جو ساٿ ڏئي ٿي سگهيا جن اڳيئي اسپين جا فوجي توڙي شهري اعزاز بربرن ۾ ورهايا هيا. اهڙيءَ طرح گڏيل سڏيل فوجن جا نوَ ٽولا جن تائين اولهہ جي شهنشاهت جي حدن ۾

آسانيءَ سان رسائي ممڪن هئي، اُنهن جو تعداد پنجن هزارن کان مٿي نہ هو پر اِهي ٽورڙا به هنن ننڍي جنگ جي خطري کي ٽاري ٽي سگهيا جنهن ڪانسٽئنٽائن جي اختيارن توڙي سندس سلامتيءَ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو. ٽوڊوسيَس جي ڪٽنب جي غير پيشہ ور فوج جو هر طرف کان گهيراءُ ڪري ان کي پائرينيز ۾ تباهہ ڪيو ويو، ڇئن منجهان ٻہ پائر خوش قسمتيءَ سان ساموندي رستي ذريعي اٽلي ڏانهن پڄي ويڙ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ ٻہ ٻيا ڪجهہ وقت کان پوءِ آرلس ۾ ماريا ويا ۽ جيڪڏهن آنريَس ماٿهن جي وچ ۾ پنهنجي بيعزتي کان اڪيون ٻوٽي ڇڏي ها تہ وسَ وارو هو پر حقيقت ۾ هو پنهنجن ويجهن عزيزن ۽ مٽن مائٽن جي ذاتي تڪليفن کان گهٽو متاثر ٿيو هو. معلوم ٿيو تہ نهايت ئي ڪمزور فوج ۽ ٽورڙن هٿيارن يورپ جي اُلهندي طرف وارن صوبن، يعني ائٽونيئس جي ديوار کان هرڪيولَس جي ٽنين تائين جو قبضو حاصل ڪري ڇڏيو. امن توڙي جنگ جي واقعن کي وقت جي مورخن يقينن ڪجهہ تنگ نظري ۽ اٽپوري طريقي سان پئي ڏٺو آهي جنهنڪري اُنهن جي اهميت گهٽي گهٽجي وئي آهي. اهو شايد ان ڪري ٿيو تہ تاريخدان اهم انقلابن ۽ واقعن يا وري اُنهن جي سببن ۽ اثرن کان، ٻين ماٿهن وانگر خود پي اوترائي بيخبر هيا. پر قومي طاقت ۽ جوش جذبا جيڪي بلڪل مرده ٽي چڪا هيا، اُنهن آمراٽي حڪومت جي آمدني جي ذريعن کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪي صوبا مالي لحاظ کان صفا سُجا ٽي ويا هيا تہ اُنهن کان هاٽي فوجي خدمتون ونڊ جي تقاضا ڪرڻ ٻہ ناداني هئي ڇو تہ جيڪي ماٿهو ناراض، سجا ۽ بزدل هجن تہ اُهي ڪابہ ڏيوٽي ڏيڻ جا اهل نہ رهندا آهن.

هڪ شاعر جنهن خوشامد ڪندي پولينشيا ۽ ويرونا جي سوين کي روم جي عقاب سان منسوب ڪيو آهي تہ ساڳي وقت اٽلي جي حدن کان الارڪ جي اُبهرائيءَ واري پاڄَ جنهن سان جنن پوتن جا بيشمار ۽ خطرناڪ پاڇا ٻہ گڏ هيا ۽ جن بربرن جي فوج مٽان پڻ لامارا ڏنا هيا تہ سيني ڏٺو هو تہ اُنهن جا فوجي جنگ، ڏُکر ۽ بيمارين جي گڏيل حملي سبب مڪمل تباهہ ٿي ويا هيا.(100) هن نياڳي مهم ۾، گاٽن جي بادشاهہ کي پڻ تمام گهٽو نقصان ٿيو هوندو ۽ سندس پريشان ٽيل فوجن کي جنگ جي منحوس پاڇن کان ٽوري وقفي ڪرڻ جي ضرورت هئي تہ جيئن ان ساهي پٽڻ جي ٽورڙي وقت ۾ هو نوان فوجي پرتي ڪري سگهن تہ ساڳي وقت سندن اعتماد ٻہ وڌي. بدنصيبي پنهنجو جلوو پسائي چڪي هئي پر الارڪ جيڪو مضبوط ارادن جو مالڪ هو ۽ سندس بهاديريءَ جي شهرت ايتري تہ عام هئي جو بربرن جا تمام بهادر ماٿهو سندن جهنڊي هيٺ جمع ٿي ويا جيڪي ايگزين سمنڊ کان وٺي رائين ندي تائين، ڦرلٽ ۽ فتحن جي دائمي خواهش کان تنگ ۽ بيحد پريشان ٿي ويا هيا. جيئن تہ هن عزت ۽ مرحبا لهٽي هئي تنهنڪري هن بنادير استيليچو جي دوستيءَ جي دعوت قبول ڪري ڇڏي. اوپر جي شهنشاهہ سان پنهنجا ناتا رشتا ٽوڙيندي، الارڪ روينا جي حڪمران سان امن ۽ ايڪي جو معاهدو طئي ڪري ڇڏيو. ان صلحنامي سان الارڪ کي اليريڪم صوبي جي قديمي حدن ۽ رومي فوجن جو ماسٽر- جنرل مقرر ڪيو ويو ۽ هي اعلان آنريَس جي وزير طرفان ڪيو ويو.(101) خواهشن سان ڀرپور هي پروگرام، جنهن جا تفصيل صلحنامي ۾ درج هيا، رداگئسَس جي اوچتي زوردار حملي سبب ختم ڪيو ويو ۽ گاٽن جي بادشاهہ جي غير جانبداريءَ کي سيزر جي لاٽعلقي جي روَيي سان پيٽ ڪري سگهجي ٿي جنهن ڪئٽيلين* جي سازش ۾ جمهوريہ جي دشمن جي نہ تہ مخالفت نہ وري ان جي حمايت ڪئي هئي. وئندل جي شڪست کان پوءِ استيليچو پنهنجو توجہ اوپر جي صوبن ڏانهن

ڪيو، ناڻي کي سنياڻ ۽ رعيت سان انصاف ڪرڻ جي سلسلي ۾ هن شهري مئجسٽريٽ مقرر ڪيا ۽ روم توڙي گاٿن جي گڏيل فوج وٽي قسطنطنيه جي گيٽن تائين پهچڻ لاءِ پنهنجي بي صبريءَ جي خواهش جو اظهار ڪيائين. اسٽيليچو جي دوراندیشي، خانه جنگي کان سندس نفرت ۽ ملڪ جي ڪمزورين بابت سندس پوري پوري ڄاڻ وغيره مان پتو پوي ٿو بلڪ صاف ظاهر ٿئي ٿو ته باهرين ملڪن کي فتح ڪرڻ کان وڌيڪ ڪيس مقامي سطح تي امن ۽ سلامتيءَ کي قائم ڪرڻ جو وڌيڪ اونو هو، تنهنڪري هن هڪ ڳالهه جو خاص خيال رکيو ته الارڪ جي فوجن کي اٽلي کان گهٽو پري رکي. پر ان جي باوجود گاٿن جي بادشاهه تي ڪو اثر نه پيو ۽ هن مخالفن سان ڳجهه ڳجهاندر ۾ ڏوڪيبازي وارا لاڳاپا جاري رکيا جن ڪرايي جي ناراض فوجين جيان پنهنجي فوجي مهم کي ٽيسلي ۽ ايپيرس ۾ وڌي اينگهه ڪرائي. اسٽيليچو جلد واپس وريو ته جيئن پنهنجين ناڪام ڪوششن لاءِ اٽلو انعام اڪرام به وٽي. اٽلي جي سرحدن تي ايمونا(102) جي ويجهو هن اولهه جي شهنشاهه کي هڪ پيغام موڪليو جنهن ۾ واعدن جو ڏگهو تفصيل ڏنل هو ته ساڳئي وقت ڪجهه خرچن ۽ سندس مطالبن جو به ذڪر ڪيل هو؛ ڪيس اهو به ڏڪو ڏنائينس ته هو ڪيس مطمئن ڪري، ۽ اجا وڌيڪ تنبيهه ڪندي للڪاريائينس ته جيڪڏهن هن انڪار ڪيو ته پوءِ ان جا نتيجا به پاڻ پوگهيندو. ان جي باوجود جيڪڏهن سندس روَيو تيزي ۽ تُرشيءَ وارو هو پر سندس زبان نهايت مهذب ۽ ادب واري هئي. هن ڏاڍي نيازمنديءَ سان پاڻ کي اسٽيليچو جو دوست ۽ آنريس جو سپاهي ڪوٺيو؛ ڪيس گال جي غاصب جي خلاف بنادير پيش قدمي ڪرڻ جي آڇ ڪيائين ۽ وڌيڪ چيائينس ته هاڻي وقت اچي ويو هو جو گاٿن جي قوم جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏجي ۽ ان سان گڏ اهو مشورو به ڏنائينس ته اولهه جي شهنشاهت جا ڪجهه صوبا نڏڪا هيا، اُنهن تي به هڪدم قبضو جمائجي.

ٻن مدبرن جي وچ ۾ جيڪي سياسي ۽ ڳجهيون ڳالهيون ٿيون، جن ۾ ٻنهي جي پوري پوري ڪوشش اها هئي ته نه رڳو هڪ ٻئي کي پر سڄي دنيا کي به ڏوکي ۾ رکن، اُهي هميشه لاءِ سندن ڪابينا جي انڊارن ۾ مخفي ئي رهجي وڃن ها، جيڪڏهن اسيمبليءَ ۾ انهن رازن متعلق ڌگها بحث مباحثا نه ڪيا وڃن ها ۽ اُنهن منجهان ئي ماڻهن کي ڪجهه خبر پئي ته الارڪ ۽ اسٽيليچو جي وچ ۾ ڳجهين ڳالهين ۾ ڇا وهيو واپريو هو. هاڻي ان ڳالهه جي ضرورت هئي ته هڪ اهڙي حڪومت لاءِ فرضي حمايت ئي ڪجي جنهن ڪمزوريءَ کي پنهجو اصول بنايو هو، تنهنڪري ڪيس پنهنجي ئي رعيت جي ماڻهن سان ڳالهين جي شروعات ڪرڻي پئي، ۽ نيٺ آهستي آهستي هنن روم جي سينيٽ جي اختيارن کي ٻيهر جياري ڇڏيو ۽ آنريس جي وزير جلد ئي پنهنجي جمهوريه جي قانون ساز اسيمبلي سان ايندڙ وقت لاءِ مشورا ڪيا. سيزر جي محلات ۾ اسٽيليچو سينيٽ جو اجلاس سڏرايو ۽ هڪ لکيل تقرير ڪيائين جنهن ۾ جيڪو ڪجهه ملڪ ۾ ٿي رهيو هو ان بابت سينيٽ کي آگاهه ڪيائين، گاٿن جي بادشاهه جي مطالبن بابت ڪجهه مشورا ڏنائين ۽ پوءِ فيصلو سينيٽ تي ڇڏيائين ته ان صورتحال ۾ جنگ ۽ امن مان ڪنهن جي چونڊ ڪرٽي هئي. ائين لڳو ته سينيٽر صاحبان هڪ چار سؤ سالن جي لڳاتار خواب مان ڇرڪ ٻري جاڳي پيا هيا، ۽ هن اهم موقعي تي محسوس ٿي ٿيو ته هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڏاهپ جي بجاءِ سندن جرئت منجهان زياده متاثر ٿيا هيا؛ اُنهن وڏي واڪي جوشيليون تقريرون ڪندي اعلان ڪيو ته اِها ڳالهه روم جي شان شوڪت جي خلاف هئي ته بربرن جي بادشاهه سان ذلت وار معاهدو ڪري ان کان امن قائم ڪرڻ جي خيرات گهرجي، ۽ جيڪي قومون

پنهنجي عزت ۽ وقار کي مٿيرو رکندیون آهن ته اُهي عزت واري مرڻ کي، بيعزتي واري جيئڻ تي ترجيح ڏيندیون آهن. وزير، جنهن جي پئسفڪ وارن منصوبن جي تائيد فقط اُنهن ماڻهن ڪئي جيڪي نيچ قسم جا يا وري ڪرايي تي خريد ڪيل هيا، پوريءَ طرح ڪوشش ڪري رهيو هو ته ڪيل غلطيءَ جو ڪنهن طرح ازالو ڪجي. بهرحال پوءِ به هن جيڪا ڪِريل حرڪت ڪئي هئي ان جي هن معافي ورتي ته ساڳي وقت گاڏن جي بادشاهه جيڪي غلط مطالبا پيش ڪيا هيا، ان جي لاءِ به معذرت ڪيائين. 'جيڪا مدد ٻاهران ملي هئي ۽ جنهن تي روم جا ماڻهو سخت ڪاوڙيا هيا، ان کي (اسٽيليچو رعبدار لهجي ۾ چيو) نه ته حقارت سان تعبير ڪيو وڃي ۽ نه وري اُهو ڏنڊ يا چوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ پُنگ هو جيڪو بربر دشمن جي دهمانن يا ڊڄ کان ادا ڪيو ويو هو. الارڪ پوري وفاداريءَ سان رومي جمهوريه جي اُنهن صوبن تي دعويٰ بابت توجه ڏياريو جيڪي قسطنطنيه جي يونانين پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هيا، هن ڏاڍي مانيٽي ۽ مهذب طريقي سان پنهنجين خدمتن جو جائز صلو طلب ڪيو: پر جيڪڏهن هو ڪن منصوبن کي تڪميل ڪرڻ جي سلسلي ۾ پوريءَ طرح ڪامياب نه رهيو هو ته هن پنهنجي پنتي هٽڻ جي صورت ۾ ڇڻ شهنشاهه جي ذاتي خطن ۾ لکيل حڪمن جي پوريءَ طرح تعميل ۽ تابعداري ڪئي هئي. هي متضاد حڪم (هو پنهنجي ڪٽنب طرفان ڪيل غلطين کي به لڪائڻ جي ڪوشش نٿو ڪري) سيرينا* جي سفارشن سان ملیا آهن. سندس زال جي نيڪيءَ جي فطرت کي شاهي ڀائرن ۾ سندس اختيار ڪيل ويڳي پيءُ جي پُٽن تمام گهٽو متاثر ڪيو هو ۽ وري فطري تقاضائون اهڙيون هيون جيڪي ماڻهن جي پلائيءَ جي سخت روَين تي به حاوي ٿي ويون هيون. اهڙا ظاهري سبب، روينا جي محلات ۾ ٽيندڙ ڪُجهين سازشن کي لڪائي نٿي سگهيا، پر اُنهن کي اسٽيليچو جي پوري حمايت حاصل هئي، ۽ جن جي منظوري، ڪافي بحث مباحثي کان پوءِ، مجبوريءَ ۾ سينيٽ کي به ڏيڻي پئجي وئي. آزادي توڙي ڇڳائيءَ جو شور جڏهن گهٽ ٽيو ته مدد جي نالي ۾ ڇئن هزار پائوندن جي رقم منظور ڪئي وئي ته جيئن اٽلي ۾ امن امان قائم ٿئي ۽ گاٽن جي بادشاهه جي دوستي به جيئن قائم رهي. فقط هڪڙي لئمپيڊيَس، جيڪو اسيمبلي جو نهايت ئي معتبر ميمبر هيو، ان سمجهوتي سان واضح اختلاف ڪندي وڏي واڪي ۽ جوشيلي انداز ۾ پڪاريو: 'هي سمجهوتو امن امان جو نه پر ذلت ۽ غلاميءَ جو آهي،'(103) ۽ سخت خطري سبب پنهنجي جڳهه تان اُٿي هڪدم غائب ٿي ويو ڇاڪاڻ ته هو سڄي ستّ ۾ اڪيلو شخص هو جنهن جرئت سان ان صلحنامي جي مخالفت ڪئي هئي ۽ هن هڪ عيسائي ڪليسا ۾ وڃي پناهه ورتي.

پر هاڻي نظر ائين ٿي آيو اسٽيليچو جو دؤر ختم ٿيڻ وارو هو ۽ مغرور وزير خود پي شايد پنهنجي ذلت واري پڇاڻيءَ جا ڇٽا آثار ڏسي رهيو هو. لئمپيڊيَس جي زبردست جرئتمنديءَ ٿي تاڙيون وڄايون ويون هيون ۽ سينيٽ جيڪا ڊگهي عرصي تائين غلاميءَ جي ماحول ۾ رهي هئي، وڏي حقارت وچان هن فضول ۽ نه هئڻ جهڙي آزاديءَ جي سمجهوتي کي رد ڪري ڇڏيو. سپاهي جن کي اجا تائين رومي فوجين جا فائدا ۽ اعزاز حاصل هيا، اسٽيليچو تي سخت ناراض هيا ته هن بربرن سان پنهنجون وفاداريون نڀايون هيون ۽ روم وارن کي بيعزتو ڪري ڇڏيو هو، ۽ ماڻهن پڻ وزير جي شرارت وارين پاليسين جو مٽس الزام هنيو جنهن باعث رعيت جي تڪليفن ۾ اضافو ٿيو هو ۽ سندن خودداري داغدار ٿي هئي، پر وري ڏٺو وجي ته ان صورتحال ۾ عوامي عادتن جي بگڙڻ جي به اوتري ئي ذميواري هئي. ان هوندي به اسٽيليچو شايد عوام جي شور ۽ غوغاءَ توڙي سپاهين جي ڪا

پرواھ نہ ڪري ھا جيڪڏھن ھو پنھنجي حڪومت جو رعب ۽ دٻدٻو پنھنجي شاگرد جي ڪمزور دماغ تي قائم رکڻ ۾ ڪامياب وجي ھا. پر آنريس جو ساٿس عزت وارو اڳيون تعلق، ھاڻي خوف، شڪ شبھن ۽ نفرت ۾ بدلجي ويو. چالاڪ ۽ حرفتي اولمپيَس،(104) جنھن پنھنجا ڏوھ، عيسائيت جي نيڪي ۽ سعادتمنديءَ جي پردي ۾ لڪايا ھيا، پنھنجي ان محسن کي مات ميڙ ۾ پوئتي ڌِڪي ڇڏيو ھو، جنھن جي مھربانين ۽ شفقن سان ئي ڪيس ترقي ملي ھئي ۽ جنھن جي ڪوششن سان ھو ترقيون ڪندي ۽ اڳتي وڌندي نيٺ وجي شاھي محلات تائين پھتو ھو. اولمپيَس شھنشاھ کي ٻڌايو، جنھن جي ھن وقت عمر پنجويھ سال ھئي، تہ ھن وٽ نہ تہ اختيار ھيا ۽ نہ وري حڪومت ۾ ڪوبہ سندس چيو مجيندو ھو ۽ پنھنجي بزدلي ۽ ڪاھلي واري طبيعت کي وڏي ھوشياريءَ سان اسٽيليچو جي زنده دليءَ جي خوبصورت پردن ۾ لڪائي ويو، جنھن وري شھنشاھ جي موت جي اڳڪٿي اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏي ھئي ڇو تہ سندس دلي خواھش ھئي تہ شھنشاھت جو تاج سندس پٽ يوچيريس جي سِرَ جو سينگار ٿئي. شھنشاھ کي سندس نئين ماٿھو جنھن ڏانھن ھو گھٽو مائل ھو گھٽو اُڪسايو ۽ ھن پنھنجو لھجو ۽ ڳالھائڻ جوانداز ھڪ وڏي معتبر ۽ وڏي ماٿھوءَ وارو رکيو ۽ وزير کي ان وقت تعجب لڳو جڏھن ڪئمپن ۾ توڙي ڪائونسلن ۾ ڳجھا معاھدا ۽ اھڙا فيصلا ٿيندا ھيا جيڪي سندس دلچسپي توڙي ارادن جي بلڪل مخالف ھوندا ھيا. شھنساھ آنريس پنھنجي روم واري محلات ۾ رھائش اختيار ڪرڻ جي بجاءِ اعلان ڪيو تہ ھو ان ۾ وڌيڪ خوشي محسوس ڪندو تہ روينا جي محفوظ قلعي ۾ وڃي آرام ڪري. ھن جي پاڻ آرڪئڊيَس جي موت جي خبر ٻڌڻ شرط ھن ھڪدم قسطنطنيه وڃڻ جو فيصلو ڪيو تہ جيئن محافظ جي اجازت سان ھو ٿيوڊوسيَس(105) جي صوبن کي قانون ۽ حڪومتي سرشتي جو پابند ڪري. ان وقت ٿيوڊوسيَس ايجا معصوم بار ھو. پري پنڌ جي ھن مھم ۾ جيڪي تڪليفون ۽ خرچ اخراجات ھيا، ان في الحال ھن اوچتي ۽ عجيب ڪاھ ڪرڻ جي پروگرام کي ملتوي ڪري ڇڏيو، پر شھنشاھ کي پاڻڻا جي ڪئمپ تائين وڃڻ جي پروگرام جو خطرو، جتي رومي فوجي، اسٽيليچو جا دشمن ۽ بربرن جا مددگار جڙا موجود ھيا رڦيل تجويزن مطابق رھيو جنھن ۾ ڪابہ ڦير ڦار نہ ڪئي وئي ھئي. وزير تي سندس صلاحڪار ۽ اعتماد واري ماٿھو جسٽينين، جيڪو روم جو نامياروڪيل ۽ تمام ھوشيار ماٿھو ھو، زور ڀريو تہ اھڙو سفر ھرگز اختيار نہ ڪري جيڪو سندس شھرت ۽ سلامتيءَ جي سراسر خلاف ھو. سندس زوردار پر ناڪام ڪوششن اولمپيَس کي سندس سوڀ جو يقين ڏياريو ۽ دوراندیش قانوندان پنھنجي راءِ ڪان پٺتي ھٽي ويو ۽ پنھنجي سرپرست جي ايندڙ تباھيءَ کان پاڻ ان منظرنامي منجھان ئي ٻاھر نڪري ويو.

شھنشاھ جڏھن بولوگنا کان گذري رھيو ھو، تہ ان وقت محافظن طرفان ھڪ ھنگامو برپا ٿي ويو، جنھن کي اسٽيليچو جي رازداري واري پاليسيءَ ذريعي خاموش ڪرايو ويو جنھن اعلان ڪيو تہ ھو ڏوھي ماٿھن کي سخت سزا ڏيندو ۽ پوءِ پاٿھي ان معاملي کي نبيريائين ۽ ڏوھين کي معافي ڏئي ڇڏيائين. ھن گوڙ گھمسان کان پوءِ آنريَس پنھنجي وزير کي آخري پيرو پاکر پاتو جنھن کي ھاڻي ھن ھڪ آمر جي روپ ۾ ٿي ڏٺو، بعد ۾ ھو پاويا جي ڪئمپ ڏانھن روانو ٿي ويو جتي وفادار فوجين سندس پُرجوش استقبال ڪيو جيڪي اُن ھنڌ تي گال جي جنگ واسطي جمع ٿيون ھيون. چوٽين ڏينھن جي صبح جو جيئن ڪيس سيڪاريو ويو ھو شھنشاھ پنھنجين فوجين اڳيان تقرير ڪئي جنھن کي دراصل اولمپيَس جي ذھانت سان تيار ڪيو ويو ھو تہ جيئن رات جي انڌاري ۾ ھڪ خوني ڊرامي

کي کاميابيءَ سان رچايو وڃي. پهرئين اشاري ملڻ تي هنن اسٽيليچو جي دوستن کي کُهي ڇڏيو، شهنشاهت جي نامياري آفيسرن گال ۽ اٽلي جي بن مئجسٽريٽ جي رتبي وارن مُنهندارن، گهوڙيسوار توڙي پيادل فوج جي بن ماسٽر جنرلن ۽ آفيسن جي وڏي آفيسر، هڪ مئجسٽريٽ، هڪ خزانچي ۽ ٻهراڙين جي سنيال لاءِ مقرر ٿيل منهندار کي پهرين کيپ ۾ ئي قتل کيو ويو. کيترن ئي ماڻهن کان حياتيون کسيون ويون، بيشمار گهرن کي لُٽي قُري تاراج کيو ويو، ۽ هن خوني بغاوت جو سلسلو جيڪو رات جي انڌاري ۾ شروع ٿيو هو پي ڏينهن رات تائين جاري رهيو ۽ شهنشاهه جيڪو خود به ڏکي ۽ ڪنبي رهيو هو ۽ جنهن کي شاهي تاج ۽ لباس کان سواءِ پاويا جي گهٽين ۾ ڏٺو ويو هو، پنهنجي پياري ماڻهوءَ جي مِنتن ڪرڻ تي پٺتي هٽيو؛ جن کي قتل کيو ويو هو اُنهن کي ياد ڪري سندن قتل جي مذمت ڪيائين ته ساڻئي وقت اُنهن جي قاتلن جي بيقصور هئڻ ۽ اُنهن جي وفاداريءَ جي به تعريف ڪيائين. پاويا ۾ ٿيل قتلام جي خبر جڏهن اسٽيليچو کي پئي ته هو ڏاڍو اُداس ٿي ويو ۽ ساڻئي وقت کيس طرح طرح جا شڪ ۽ گمان وکوڙي ويا؛ هن هڪدم بولوگنا جي پنهنجي دفاعي مورچي تي پنهنجن اعتماد وارن ماڻهن جي ڪائونسل جي ميٽنگ ڪئي جيڪي کيس گهٽي ۾ گهٽا ويجها هيا ۽ جن تي کيس هاڻي شڪ به هيو ته شايد اُهي ئي کيس تباهه ۽ ختم ڪندا. ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ وڏو شور ٿيو ۽ ماڻهن جذباتي انداز ۾ مخالفن تي ڪاهه ڪرڻ ۽ انتقام وٺڻ جو مشورو ڏنو ۽ چيائون ته پيش قدمي ڪرڻ ۾ هڪ لمحي جي به دير نه ڪجي چو ته سندن ليڊر منجهن موجود هو جنهن جي پٺيان هلي هنن سوين ماڻيون هيون، ماڻهن کي اوچتو عجب ۾ وڏو هو، دشمنن کي پريشان کيو هو ۽ ساڻئيءَ طرح هو نالائق اولمپيَس جي وجود کي به ختم ڪري ڇڏيندا ۽ بگڙيل رومين کي به ٺيڪ ڪندا ۽ اهو به عين ممڪن هو ته هاڻي هو تاج پنهنجي جنرل جي مٿي تي رکندا جيڪو سخت زخمي ٿي پيو هو. پنهنجين خاص ساٿين جي مختلف مشورن تي عمل ڪرڻ بدران، جن ۾ شايد کامياببين ٿيڻ جي اُميد به هئي، اسٽيليچو سوچن ۾ گم ٿي صفا خاموش ٿي ويو. شهنشاهه جي مقدر ۽ قسمت بابت پڻ هو اڃا تائين بيخبر هو، ۽ پنهنجن ماڻهن جي سچائي ۽ وفاداريءَ تي به هاڻي کيس پروسو نه رهيو هو، ۽ هاڻي هو ان ڳالهه جي به حق ۾ نه هو ته اٽلي جي سپاهين ۽ عوام جي خلاف هُو وحشي ۽ شهواني طبيعت رکندڙ بربرن کي آماده ڪري ته هو مٽن حملو ڪن. جيڪي سندس بيصبرا ساٿي ۽ اتحادي هيا، اُهي سندس طرفان دشمنن تي ڪاهَ ڪرڻ ۾ دير ڪرڻ تي مٽس ڪاوڙجي ڇڙوڇڙ ٿي ويا. پوري اڌ رات هئي جڏهن سارَس، جيڪو گاٽن جو ويڙهاڪ هيو پر بربرن ۾ پڻ سندس طاقت ۽ بهادريءَ سبب مشهور هيو، پنهنجي ئي محسن مٽان حملو ڪري ڏنو، ۽ سڄي ڪئمپ کي لُٽي قُري تاراج ڪيائين ۽ وفادار هُنن (Huns) کي قتل ڪري ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائين جن هن جي حفاظت ٿي ڪئي ۽ پوءِ ان خيمي ۾ گهڙي ويو جتي غم ۽ بي آراميءَ جو ستايل وزير موجوده ابتريءَ واري صورتحال بابت ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل هو. وڏي مشڪل سان پر معجزاتي طور اسٽيليچو، گاٽ جي ترار کان بچي ۽ پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، ۽ اٽلي توڙي پروارن شهرن کي آخري چتاءُ ڏنائين ته پنهنجا گيٽ بربرن لاءِ بند ڪري ڇڏين ۽ هاڻي هن فيصلو ڪيو ته پاڻ کي روينا جي حوالي ڪري ڇڏي جنهن تي سندس دشمنن جو اڳيئي مڪمل قبضو هو. اولمپيَس، جنهن آنريَس جا اختيار سنيالي ورتا هيا، کي جلد ڪنهن وجي ٻڌايو ته سندس دشمن هڪ ٻاڏائيندڙ جي حيثيت ۾ بدلجي ويو هو ۽ عيسائي ڪليسا کي مجيندڙ ٿي ويو هو. منافق جي ظالماڻي ۽ ذليل

طبيعت ۾ رحم يا پڇتاءَ جو رتيءَ ماتر ذرو به موجود ڪونہ هو پر هو عقيدت سان ڪنهن مقدس جڳهہ جي احترام ڪرڻ کان پاڻ کي بچائي ويندو هو. اميرزادو هيرا ڪليَن صبح ٽيڻ سان سوير ئي پنهنجن سپاهين ۽ فوجين سميت روينا جي ڪليسا جي گيٽن تائين پهچي ويو. پادري مطمئن هو تہ هنکي شاهي محل طرفان فقط اهو قسم کڻايو ويو هو تہ هو ڪنهن به صورت ۾ استيليچو کي هٿ ڪندو، پر جيئن ئي بدقسمت وزير ڪنهن بهاني سان مقدس جڳهہ جي چانڻٽ کان ٻاهر آيو تہ ڪيس سندس ئي موت جو پروانو ڏيکاريو ويو. استيليچو خاموشيءَ سان ڪيس موت جي مُنهن ۾ ڏيندڙ غدار ۽ والدين جي قاتل جي حمايت ڪئي ۽ پنهنجن حمايتن جي اجائي جوش کي خاموش ڪيو جيڪي هن جار مان پڇڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هيا ۽ هاڻي هن پوري عزم ۽ بهاديريءَ سان، جيڪا روم جي آخري جنرلن جي عظمت جي نشاني هوندي هئي، پنهنجو سِرُ هيرا ڪليَن جي ترار اڳيان وجي رکيو.(106)

محلات جا ڪِريل ذهنيت جا ماڻهو، جن گهٽي عرصي کان وٽي استيليچو جي تعريفن جا ڳُڻ ٿي ڳايا، هاڻي ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ سندس بيعزتي ڪرڻ لڳا ۽ جن ماڻهن جي اولهہ جي ماسٽر جنرل (يعني استيليچو) سان ويجها يا پري جا تعلقات هيا، ۽ جنهن جو نالو پاڪ ۽ وقار جي علامت هوندو هو، سيني هاڻي زوردار طريقي سان اُنهن لاڳاپن کان انڪار ڪيو ۽ ڪيس سزا ڏيڻ کي جائز قرار ڏنو. سندس ڪٽنب، جيڪو ٽن طرفن کان شهنشاهہ ٿيوڊوسيَس جي خاندان سان لاڳاپيل هو، اهو خاندان به هاڻي ڪيس هڪ گهٽ درجي وارو ڪڙمي ڪوٽي ڪيس نندي رهيو هو. هن جي پٽ يوچيريَس پڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پڪڑي پيو ۽ هِن نوجوان جو موت ٽرمئنٽيا جي طلاق کان پوءِ ٿيو، جنهن پنهنجي پيٽ ماريہ* جي جڳهہ وجي ورتي هئي ۽ جيڪا ماريہ وانگر ئي شاهي محلات جي بستري تي ڪنواري رهي هئي. (107) استيليچو جا دوست، جيڪي پاويا جي قتلام کان بچي ويا هيا، اُنهن کي اولمپيَس ظالماڻي انتقام جو نشانو بنايو ۽ متن ظلم ۽ زبردستيءَ جو هر طريقو استعمال ڪيو ويو تہ جيئن کانئن غداري يا پاڪ جڳهن جي بيحرمتي ڪرڻ جا ڏوهہ باسرايا وجن. اهي چپ چاپ مري ويا، اُنهن جي عزم سندن چوند ڪرڻ کي سچو ثابت ڪيو،(108) ۽ شايد سندن سرپرست جي معصوميت کي واضح ڪري ڇڏيو هو: هوڏانهن وري هڪ آمر جا بي لغام اختيار هيا جن جي زور تي هڪ ماڻهوءَ جي حياتيءَ کي بنا ڪنهن ڪيس هلائڻ جي ختم ڪيو ويو ۽ سندس يادن کي سواءِ ڪنهن ثابتيءَ جي داغدار ڪيو ويو، ۽ اها ڳالهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ ايندڙ نسل جڏهن غير جانبداريءَ سان هن سانحي تي غور ڪندو تہ ڪين زبردست جهٽڪو ضرور لڳندو.(109) استيليچو جون خدمتون نهايت ئي نمايان ۽ شاندار آهن، پر سندس ڏوهہ، جيڪي خوشامد ۽ نفرت جي زبان جي ور چڙهي ويا آهن، اڻ ڇڻا ۽ اڻ ٽيڻ جهڙا آهن. سندس موت کان اندازي موجب چار مهينا کن پوءِ، آنريَس جي نالي ۾ هڪ فرمان کي جاري ڪيو ويو تہ بن شهنشاهن جي وچ ۾ اچڻ وڃڻ جي سهولتن کي هڪ ٻئي لاءِ کوليو وجي جن کي عوام جي دشمن هيتري عرصي تائين بند رکيو هو.(110) جنهن وزير جي شهرت توڙي بخت جو دارومدار ملڪ جي خوشحاليءَ تي مدار رکندڙ هو، ان تي الزام مڙهيو ويو تہ هن بربرن کي متاهون ڪندي اٽلي سان غداري ڪئي هئي، جنهن کي هن ڪيئي پيرا پولينشيا، ويرونا ۽ فلورينس جي ديوارن وٽ فتح ڪيو هو. هن فقط هڪ منصوبي جو کوڙو ٻهانو ڪيو هو تہ هو پنهنجي پٽ يوچيريَس جي سِرَ تي تاج رکڻ جو خواهشمند هو، پر اهو منصوبو مڪمل تيارين ۽ بين ماڻهن جي مدد کان سواءِ هرگز

مڪمل نہ ٿئي ها ۽ هڪ آرزومند پيءُ ايندڙ وقت جي شهنشاهہ کي تيستائين نماڻن تصديق ڪندڙن جي وچ ۾ نہ چڏي ها جيستائين سندس پٽ گهٽ ۾ گهٽ ويهن سالن جي عمر کي نہ پهچي ها. دشمن جي ڪدورت ۽ نفرت ان حد تائين پهچي وئي هئي جو اسٽيليچو جي مذهب تي بہ بهتان ۽ الزام مڙهيا ويا. پادرين طرفان هن موقعي کي زبردست طريقي ۽ مذهبي جوش سان ملهايو ويو جن وڏي واکي ظاهر ڪيو تہ جيڪڏهن يوچيريس تخت تي ويهي ها تہ هڪدم بتن جي پوڄا ٻيهر شروع ٿي وڃي ها ۽ عيسائين جي ڪليسا عذابن ۾ مبتلا ٿي وڃي ها. هونئن حقيقت هن طرح هئي تہ اسٽيليچو جي پٽ عيسائيت جي مرڪز ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ڇو تہ سندس پيءُ خود عيسائي مذهب سان جذباتي حد تائين لاڳاپيل هو ۽ عيسائيت جي ڪليل حمايت ڪندو هو.(111) سيرينا پنهنجو شاندار هار ويستا(112) جي مورتيءَ کان اڌارو ونڊي آئي هئي ۽ لامذهب اسٽيليچو جي يادن تي ان ڪري بہ لعنت ملامت پيا مڙهيندا هيا تہ سندن خيال موجب، سبلائين جا مقدس ڪتاب توڙي روم جي غيبي علمن ۽ اڳڪٿين جي مواد کي سندس ئي حڪم تي باهہ جي شعلن جي حوالي ڪيو ويو هو.(113) اسٽيليچو جي طاقت ۽ ان تي سندس فخر ئي سندس قصور هيو. سندس نالائق دشمن جي ڪاميابيءَ جو راز شايد اهو هو تہ هن پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي رت وهائڻ کان ڪيڀايو هو ۽ آنريَس جي اها آخري ذلت هئي تہ هو روم جي نوجوانن جي حفاظت ۽ شهنشاهت جي حمايت ڪرڻ جي ذميواري کان هٿي ويو هو ۽ نئين نسل کيس ان قابل نہ سمجهيو هو تہ هو هن جي ان ذهنيت جي مذمت ڪن.

اهڙا ڪيترائي ماڻهو يا پوئلڳ جن جي دولت ۽ وقار کان ٻيا بہ بيحد متاثر ٿيا آهن، اُنهن مجهان شاعر ڪلاڊيَن هڪ اهڙو نامياروشخص هو جنهن اسان جو توجهہ پاڻ ڏي ڳهڪو ڇڪرايو آهي ۽ هو اسٽيليچو جو بيحد ڳهڪگهرو هو ۽ جڏهن هو قتل ٿيو تہ ڪلاڊين کي تمام گهڻو رنج پهتو تہ سندس سرپرست هاڻي هن دنيا ۾ نہ رهيو هو. جج ۽ رڪارڊ رکڻ جي رکوالي سندس مرتبي کي شاهي دربار ۾ مقرر ڪرايو هو. ساڳي وقت هو سيرينا سان پنهنجي لڳ لاڳاپن جو بيحد احسانمند هو جنهن سندس شادي آفريڪا جي هڪ شاهوڪار چوڪريءَ سان ڪرائي هئي.(114) ڪلاڊيَن جي يادگار کي ٽراجن جي گئلري اندر تعمير ڪرايو ويو جيڪو روم جي سينيٽ طرفان بيهاريل يادگارن جو هڪ نادر نمونو هو.(115) جڏهن اسٽيليچو جي تعريف ڪرڻ ڏوهہ ۽ جارحيت جي زمري ۾ اچڻ لڳي تہ هاڻي وري ڪلاڊين جو وارو هو جنهن تي وري هڪ انتقام پسند ۽ ڪنهن کي معاف نہ ڪرڻ واري درباري طرفان چوهڑ چنديا ويا ڇو تہ ڪلاڊين کيس ذهانت سان پرپور پوڳن چَرچن ذريعي ناراض ڪري چڏيو هو. هن اڳلي جي بن شاهي مُنهندارن جي هڪ ٻئي سان دلچسپ انداز ۾ پيٽ ڪئي هئي جن جو ڪردار ۽ سندن اڳتي ويهڻي هڪ ٻئي کان مختلف هئي. هو هڪ فيلسوف جي مانيٽي ۽ پروقار طبيعت جو ذڪر ٿو ڪري جيڪو ڪم جي وقت ۾ ڪڏهن آرام ڪندو هو تہ ڪڏهن وري مطالعي ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويندو هو، سندس پيٽ وري هڪ محنتي ۽ لالچي وزير سان ڪئي وئي آهي جيڪو ڪم ڪندي هرگز نہ ٽڪبو هو ۽ سڀائين ناانصافين ۽ مقدس جاين جون بيحرمتيون ڪري ان ۾ بہ پنهنجي لوپ لالچ جو پيو سوچيندو هو. 'اهو اڳلي جي ماڻهن لاءِ ڪيڏو نہ چگو ٿئي، ڪلاڊيَس چوي ٿو، 'جيڪڏهن ماليَس سڀائين سجاڳ رهي ۽ هڏبرئن سڀائين آرامي هجي.'(116) ماليَس جو آرام دوستيءَ جي هن مانيٽي تنبيهہ سان هرگز خراب نٿي ٿيو پر ظالم هڏبرئن شايد پاڻ کي طنز جو نشانو سمجهندي انتقام ونڊ جي تاڙ ۾ هو ۽ آساني‌ءَ سان هن اسٽيليچو جي دشمنن کان هڪ ناپسنديده شاعر بابت معمولي قرباني‌ءَ بابت معلومات

حاصل ڪري ورتي هئي. شاعرن هن شور غل واري هنگامي ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪايو ۽ پنهنجي وقار جي مقابلي ۾ دوراندیشي واري واٽ ونندي هن هڪ خط لکيو جنهن ۾ نهايت ئي نماڻائي ۽ عجز واري زبان اختيار ڪندي مُنهندار کي عرض ڪيو ته جيڪڏهن هُن کي، سندس رويي سبب کو ڏک يا تڪليف پهتي هئي ته هو ان جي معافي به وٺي ٿو ته توبهه به ڪري ٿو. هو اڃاهه درد جي تصوير بڻجي پنهنجي ناداني کي پاڻ نندي ٿو ته ممڪن هو ته بنا سوچيئي سمجهيئي شايد هن ڪجهه حماقت جون ڳالهيون ڪيون هجن ۽ پنهنجي مخالف آڏو ڪجهه رحمدلي ۽ معاف ڪرڻ جي مثالن کي ورجائي ٿو جن ۾ ديوتائن، بهادر سپوتن ۽ شينهن پٽ خطا ڪارن کي معاف ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري هو اُميد ٿو ڪري ته هئبرئن هڪ قابل- نفرت ۽ بي سهاري دشمن تي رحم جي نظرڪندو ڇو ته سُجائي ۽ در در ڏڪا کائڻ جي ڪيفيت توڙي جلاوطني جي گهرَن زخمن اڳيئي سندس هيٺو حال ڪري ڇڏيو هو، ان کان سواءِ ڪيس بيشمار اذيتن مان گذرڻو پيو هو جن ۾ سندس پيارن دوستن جا موت به شامل هيا.(117) هن جي دانهُن ۽ فريادن جو اثر ته ڪونه ٿيو باقي ٿورڙن ئي سالن ۾ وزير توڙي شاعرڪي قبرن ۾ پوريو ويو؛ پر هئبرئن جونالو ايئن ميسارجي ويو جڻ سندس وجود ئي ڪونه هو، جڏهن ته ڪلاڊيَن کي اجا تائين هر اُن ملڪ ۾ وڏي ڇاهه سان پڙهيو وڃي ٿو جيڪي لاطيني زبان سمجهن ۽ پڙهن ٿا. جيڪڏهن اسان سندس خاصيتن ۽ اوڻاين جي پيٽ ڪريون ته اسان کي خبر پوندي ته ڪلاڊين اسان جي ذهن کي نه مطمئن ڪري ٿو ۽ نه وري ان کي خاموش ٿو ڪري سندس شاعريءَ مان اهڙو ٽڪرو ڪيڏ مشڪل هوندو جيڪو مٿاهين درجي جو هجي يا وري ڏکوئيندڙ هجي، يا وري ڪو اهڙو شعر ملندو هجي جيڪو دل کي لوڏي ڇڏي يا تصوراتي دنيا کي بلندين تي وٺي وڃي. اسان ڪلاڊين جي شاعريءَ ۾ وڏ ۾ وڏ ڪا سُنن لفظن جي ايجاد لهي سگهنداسين يا وري ڪو مصنوعي روَيو* هوندو جنهن ۾ ڪا کهاڙي لڪل هوندي يا وري اهڙن ڪردان جي عڪاسي ٿيل هجي يا وري اهڙيون حالتون بيان ٿيل هجن جن جو تعلق عملي زندگي سان هجي. پنهنجي سرپرست لاءِ هن موقعي جي مناسبت سان هُن مدح سرائي يا وري گارگند لکي ڇپرايا ۽ اهڙي غلاميءَ واري شاعري جي ترتيب ڪيس مائل ڪيو ته هو سچَ ۽ فطرت جي تقاضائن کي به اورانگهي وڃي. هن قسم جي ڪوتاهين جو، بهرحال ڪلاڊيَن جي شاعريءَ جي ٻين خوبين ذريعي گهٽي حد تائين ازالو ٿي ويو آهي. قدرت طرفان ڪيس خداداد ذات اها مليل هئي ته جيڪڏهن هو نندي ۾ نندي شئي کي جيترو وڏو ڪري پيش ڪرڻ چاهي ته ڪري پئي سگهيو، يا هڪ برباد شئي کي آباد ڏيکارڻ چاهي ته سندس شاعريءَ ۾ ايتري طاقت ضرور هئي ۽ جيڪڏهن هو چاهيندو هو ته هڪڙي نندڙي موضوع کي وڏو ۽ وسيع ڪرڻ کان سواءِ ان ۾ خوبصورتيءَ جا رنگ پڻ پريندو هو. مطلب ته سندس شاعري شاندار ۽ ڪمال جي هوندي هئي. هڪ مهذب صلاحيت، هڪ تصور جي ڪشادگي، يا وري سؤلو يا زوردار محاورو به پنهنجي شاعريءَ ۾ وڏي فنڪاري ۽ شاعراڻي مهارت سان چئي ويندو هو. اهڙن تعريفي جملن سان، جن ۾ وقت ۽ هنڌ جو ڪوبه قيد ناهي، اسان سندس هڪ خاص خوبيءَ جو به اضافو ڪري ڇڏيون جنهن جو تعلق ڪلاڊيَن جي جَم جي ناسازگار حالتن سان آهي. فنَ توڙي شهنشاهت جي زوال ۾، مصر(118) جو هڪ رهواسي، جنهن يوناني زبان ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ جنهن وڏي عمر ۾ لاطيني زبان نه رڳو سکي ورتي هئي پر ان جي استعمال ۾ پڻ ڪمال حاصل ڪيو هئائين،(119) پنهنجن همعصرن کان به سندس زبان ۽ ذهن جو قد مٿاهون ٿي ويو، ۽ وچ ۾ آيل ٽن سو سالن جي وقفي ۾، هن پنهنجي پاڻ کي قديم روم جي شاعرن ۾ شمار ڪري ڇڏيو هو.(120)

باب ٽيهون

(حاشين باب وضاحتون)

(1) ڪلاڊيَن، گاٽن جي بغاوت ۽ قسطنطنيه جي گهيري جو احوال تفصيل سان بيان ڪيو آهي. (روفينس 100-7، ii) زوسيمَس (292، v) ۽ جارنئنڊيس (لي ريبس گيٽسز باب 29)

(*) ٽريس ۾ گاٽن جي آباد ٿيڻ کي ڳبن 26 باب جي آخر ۾ بيان ڪيو آهي.

(2) ڪلاڊين ۽ اووِڊ گهٽو ڪري پنهنجي پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ نرالا تجربا ڪيا آهن ۽ پاڻي ۽ سخت برف جي محاورن ۽ اُنهن جي خاصيتن کي هڪ ٻئي سان بدلايو آهي. هن تجربي ۾ مصنوعي خيالن کي پڻ آزمايو ويو آهي.

(3) جيروم (26، i) هو ڪوشش ڪري ٿيمنر جي پادري ۽ پنهنجي دوست هيلوڊورَس کي آٽت ٿو ڏئي ڇو جو سندس پائٽيو نيپوٽين زماني جي گردش ۽ اوچتين آفتن سبب مري ويو هو. (ڏسو ٽيلمانٽ کي ڪليسائي يادگيرين ۾ 200، xii).

(*) آرڪئڊيَس جو وزير اعليٰ جنهن کي 395 عيسوي ۾ قتل ڪيو ويو هو.

(4) 'بهادري جي پئداوار' جارنئنڊيس چوي ٿو (باب 29) هن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته هڪ ذات جا ماڻهو گهٽي وقت کان وٺي فرانس ۾ رهندا هيا، جيڪو ان زماني ۾ سيپٽيمئنيا يا لئنگئيڊاڪ جي صوبي ۾ شامل هو، ۽ ان ذات کي 'باڪس' جي لقب سان سڏيندا هيا ۽ ان ڪٽنب جا ڪجهه ماڻهو پوءِ وري نئپلس جي بادشاهت ۾ وڃي رهيا (گروٽيَس گاٽن جي تاريخ ۾ صفحو 53) آرلس جي ويجهو باڪس جا سردار پراوينس جي اميرن تي پاڙيندڙ نه پر پنهنجي مرضي توڙي اختيارن جا پاڻ مالڪ هيا. (لانگرو- فرانس جي تاريخ 357، i)

(5) زوسيمس (295-293، v) يونان جي فتح جي سلسلي ۾ اسان جو بهترين رهبر آهي پر ڪلاڊين بابت اشارا ۽ حوالا جڏ تاريخي روشنيءَ جا بيشمار ڪرٽا آهن.

(6) هيروڊوٽس (176، vii) جي لِوي (15، xxxvi) سان پيٽ ڪريو. يونان جي سوڙهي لنگهه کي هر حملي ڪندڙ وڏو ڪندو رهيو هو.

(*) (480 قبل مسيح ۾ ايران طرفان يونان تي حملي بابت).

(7) يونئپيَس چوي ٿو: 'هو نهري چوڙ ذريعي گذري ويو. (وٽ- فلسلفي ۾ صفحو 93 جنهن کي ائميلن ايڊٽ ڪيو.'

(8) جيروم ۽ ڪلاڊيَن جي فرمانبرداري ڪندي (روفينس ۾ (191، ii) مون ڪجهه اونداها مضمون زوسيمَس جي لکٽين سان شامل ڪري ڇڏيا آهن. جنهن جي خواهش هئي ته اٽينس جي مصيبتن کي ڪجهه نرم ڪري لکيو وڃي: 'هو اٽينس جي مائرن کي زنجيرن ۾ هرگز نه جکڙي ها.' (سنيسيَس تحريرون ڪلوي، 272 جن کي پيٽاف ايڊٽ ڪيو) هو اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته اٽينس جون مصيبتون مئجسٽريٽ جي حرص ۽ هوَس ڪري وڌيون هيون جيڪو ان

زماني ۾ فلسفي جي اسڪولن سبب گهٽ ۽ ماکيءَ جي ڪري زياده مشهور هو جتي ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو ماکيءَ جو واپار اچي ڪندا هيا.

(9) ڪلاڊيَن (ڊي بيل گيٽيڪو) اسڪرونيا جا جبل جن جو پاسينياس ذڪر ڪري ٿو (107، 44، i جنهن کي ڪلون ايڊٽ ڪيو آهي) ته ساڳي وقت اسانجن جديد سياحن ۽ اُنهن جو ذڪر ڪيو آهي. ويلر (صفحو 436) ۽ چانڊلر (صفحو 298) هئڊرئن رستي جي مرمت ڪرائي اهڙو ضرور ڪيو هو جتان ۽ گاڏيون آسانيءَ سان گذري سگهن.

(10) (روفينس ۾ 186، ii، ڊيل بيل گيٽيڪو 611 وغيره) ڪلاڊيَن ڦُرلُٽ ۽ تباهيءَ جو زوردار نقشو چٽي ٿو.

(11) (يوناني ماڻهو ٽِيٽ تي به نه پر شايد چوڻ تي رحمتي ۽ بهارين ۾ آهن) هومر جو اهو جملو (اوڊيسي 306، v). ڪورنٽ جي هڪ قيدي نوجوان ترجمو ڪيو هو) ۽ مَميَس جا ڳوڙها (هڪ رومي جنرل جنهن ڪورنٽ کي 146 ق.م ۾ تباهه ڪيو هو) شايد اهو ثابت ڪن ته هڪ مغرور فاتح، توڙي جو هو اصلي صورتحال کان اڻ واقف هو، نفيس جذبن جو مالڪ ۽ رحمدل انسان هو. (پلو ٽارچ جا مختلف مضمون- 717، ii، ix جنهن کي ويچيل ايڊٽ ڪيو)

(12) هومر اُنهن قيدي عورتن جي مثالي صبر کي لڳاتار پئي بيان ڪيو آهي جن پنهنجو پيار ۽ پنهنجون دليون پنهنجن پيئرن ۽ پائرن جي قاتلن جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون. اهڙي جذبي (جيڪو ايريفل، ائچليز لاءِ ظاهر ڪيو هو) کي رئسين ڏاڍي خوبصورت طريقي سان بيان ڪيو آهي. (ڏکوئيندڙ داستان- آلس ۾ افيجينيا- 1676)

(*) (ايپيرس جو بادشاهه- پرهَس جيڪو ٽين صدي ق.م ۾ هو.)

(13) پلوٽارچ (پرهس ۾ 471، ii جنهن کي برائن ايڊٽ ڪيو) صحيح ۽ مڪمل جواب ڏئي ٿو. پرهَس اسپرٽا تي حملو ڪيو هو جنهن ۾ 25000 پيادا 2000 گهوڙا ۽ 24 هاٿي هيا، ۽ ان ڪليل شهر جي دفاع تي بهترين تبصرو ٽيل آهي جيڪو لِڪرگس جي قانونن تي ڪيل آهي، توڙي جو اُهو شهر تباهيءَ جي آخري مرحلن ۾ هو.

(*) (بچاءُ بند)

(14) شايد هومر ان جي خوبصورت تصوير چٽي آهي.

(15) (وِٽ فلسفي ۾- صفحا 93-90) يونئپيَس اسان کي ٻڌائي ٿو ته ٻاوَن جي فوج يونان سان ڏوڪو ڪيو هو ۽ اُنهن گاٽن جو ساٿ ڏنوهو.

(16) استيليچو جي يونان واري جنگ جي سلسلي ۾ زوسيمَس جي سچائيءَ واري بيان جي پيٽ ڪلاڊيَن جي خوشامدي تحرير سان پيٽايو (استيليچو بابت تحريرون 186-172 ۽ 487- 459) جيئن ته موقعو ايترو شاندار نه هو، تنهنڪري ان کي فنڪاريءَ سان پنتي ڪيو ويو آهي.

(17) جن سپاهين ايلَس منجهان پيش قدمي جاري رکي اُنهن پنهنجا هٿيار صحيح سلامت پهچايا. بچاءَ جي اهڙين تدبيرن ايليَنس کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو، جيڪو بهراڙيءَ جي زندگي ۽ رهٽي ڪهڙيءَ سان پيار ڪندا هيا. دولت جي ڪري غرور اچي ٿو، تنهنڪري اُنهن پنهنجن حقن کي ڇڏي ڏنو ۽ کين نقصان پهتو. پاليبيَس کين مشورو ٿو ڏئي ته هو بيهر پنهنجي جادوگريءَ

جي احاطي ۾ اچي وڃن. هن سلسلي ۾ هڪ علمي ۽ انصاف تي مبني تبصرو اولمپڪ راندين ۾ ڏسو جنهن کي مسٽر ويسٽ، پنهنجي ڪتاب پندار ۾ پڌرو ڪيو آهي.

(18) ڪلاڊيَن (تحريرن ۾ 480) هڪ حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو پر ندي‌ءَ جو نالو نٿو وٺي، شايد اُها اَلفيَس هئي. (استيليچو 185، i) 'الفيَس جيڪا گاٽن جي لشڪرن هٿ سبب ننڍي ٿي وئي آهي، اُها سِسلي جي منزل تائين پهچندي آهستي وهندي ٿي وڃي.'

ان جي باوجود آءُ پينيَس کي وڏيڪ پسند ڪندس جيڪا تانگهي پاڻي‌ءَ جي ندي ڪشادي ۽ اونهي آهي، جيڪا ايلِس کان وهندي سائلين جي هينان سمندِ ۾ وڃي ڇوڙ ڪري ٿي. اها هڪ جڳهه تي اَلفيَس سان ملي ٿي ۽ آجيَن جي ڪچري کي صاف ڪري ٿي. (سيلئريَس 760، i، چانڊلرجا سفرناما ص- 286)

(19) اسٽرابو (517، viii) پلني (فطري تاريخ 3، iv) ويلر (صفحو 308) چانڊلر (صفحو 275) هنن زمين جي بن ٽڪرن جي ماپ ۽ اُنهن جي وچ ۾ مفاصلو مختلف هنڌن تان ماپيو.

(20) سنيسيَس (400-397) ٿي سال قسطنطنيه ۾ گذاريا ۽ هو سائرين ۾ ڊپٽي هو ۽ پوءِ اُهو شهنشاهه آرڪئڊيَس وٽ آيو ۽ ساڻئي عهدي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. هن ڪيس سون جو تاج پيش ڪيو، ۽ هن جي آڏو هڪ تحرير پڙهيائين جنهن ۾ ڪيس 'ڊي ريگنو' جو لقب ڏنائين. (صفحا 32، i پيٽاف، پئرس 1612) فيلسوف کي بطليموسن جو پادري بڻايو ويو (410 عيسوي ۾ جيڪو 430 عيسوي ۾ مري ويو) ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون 85-683، 554، 499، xii).

(*) گهٽين روايتن منجهان هڪڙي ۾ ايئن آيو آهي ته جبل ٽئنٽلس مٿان ايندي ايندي رڪجي ويو هو، نه ته هو بنهه سندس مٿان ٽي ڪِريو.

(21) سنيسيَس ڊي ريگنو (صفحا 26-21) ڪلاڊيَن (يوٽراپ ۾ 212، ii) اَلارڪ پنهنجين پاليسين جي پاڻ تعريف ٿو ڪري (ڊي بيل گيٽڪ 543، 533) ۽ بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن هن اليريَن نظام هيڻ ڪيو هو.

(22) جارنئنڊيس (651، 29) گاٽن جو تاريخدان هڪ مثالي جوش مان هيئن ٿو چوي:

(23) "پنهنجن ساٿين سان مشوري ڪرڻ بعد، هن کين قائل ڪيو ته بزدل ٿي ڏارين جي غلامي ڪرڻ کان بهتر هو ته پنهنجون اٽڪل ڪوششون ۽ جدوجهد ڪري بادشاهت کي حاصل ڪجي."

(24) ڪلاڊيَن (ڊي- بيل گيٽڪ)

(25) 'توهان اٽلي جي ائلپس منجهان آساني‌ءَ سان اُڪري ويندا ۽ سلامتي‌ءَ سان روم پهچي ويندا.' مٿي بيان ڪيل اعتماد واري پيشنگوئي اَلارڪ يا وري شايد ڪلاڊين طرفان، واقعي ٽيڻ کان ستَ سال اڳي ڪئي وئي هئي. پر جيئن ته اُهو عمل پوريءَ طرح ڏنل وقت اندر مڪمل نه ٿيو هو ته ان پيشنگوئي جي ترجمانن پوءِ ان کي مشڪوڪ معنائون ڏنيون يا ان جون تشريحون ڪيون.

(26) ڪلاڊيَن جي شاعريءَ جا 970 شعر جيڪي هن گيٽڪ جنگ تي لکيا هيا اهوئي اسانجو بهترين ادبي سرمايو آهي ۽ انجي شروعات آنريَس جي ڪونسل بنجڻ جي ڇهين سال جي جشن ملهائڻ سان ٿئي ٿي. هن موقعي تي زوسيمَس بلڪل خاموش آهي ۽ اسان پڻ بيوس

بڌجي ويا آهيون تہ وڌيڪ مواد جي چونڊ ڪرڻ لاءِ اسانکي هاڻي شايد اوروسيَس يا وري تاريخوار واقعا ڏسڻا پوندا.

(27) جارنينديس جي سخت غلطين جي باوجود جيڪي هن الارڪ جي اڳلي جي جنگين بابت ڪيون آهن، (باب 29) اسيليچو ۽ آريليَن جي ڪونسل بنجڻ جون تاريخون جيڪي هن ڏنيون آهن اُهي بلڪل پڪيون ۽مستند آهن. انهن ڳالهہ جي ڪلاڊيَن ہ تصديق ڪري ٿو (ٽليمانٽ شهنشاهن جي تاريخ 804، v) تہ پولينشيا جي جنگ 403 عيسوي ۾ لڳي هئي پر وچ ۾ جيڪو وقفو آيو هو، ان جو پرچڻ ڏکيو آهي.

(28) 'توهان کي روم جي ڪورٽ اڳيان وڃڻ ۾ ايترو تہ پئو ٿو ٿئي جو توهان بربرن طرفان گهيري ۾ اڇڻ کي شايد وڌيڪ ترجيح ڏيو، بجاءِ ان جي جو هڪ امن واري شهر ۾ وڃي انصاف جي دروازي اڳيان پنهنجو پاڻ کي پيش ڪيو.' روفينَس کي خطرو محسوس ٿي رهيو هو تہ امن واري شهر ۾ مرسيلا ۽ جيروم جي ماڻهن فسادن جي باهہ ٻاري ڇڏي هئي. (مرسيلا روم جي وڏي عمر واري عورت هئي جنهن کي گبن 31 باب جي حاشيي ۾ هيئن ٿو بيان ڪري: 'هوءَ هر لحاظ سان بيحد عزت واري عورت هئي يعني مرتبي، عمر ۽ پنهنجي نيڪ فطرت سبب کيس هر ڪو مان ڏيندوهو.' روفينَس، جنهن يوناني ڪتابن جو لاطيني زبان ۾ ترجمو ڪيو هو، جيروم کي سخت ناراض ڪري ڇڏيو هو ڇاڪاڻ تہ هن سندس اختيار پنهنجي نالي ۾ استعمال ڪيا هيا.

(29) جووينين 'روزن رکڻ ۽ ڪنوارو رهڻ' جو سخت مخالف هو جنهن کي سخت مزاج جيروم بيعزتو ڪيو هو ۽ڪيس تڪليف ہ پهچائي هئي. (ڏسو جارٽن جو تبصرو 104، iv وغيره) ان کان سواءِ ملڪ نيڪاليءَ بابت اصلي فرمان کي ہ ٿوڊوسيَن ڪوڊ ۾ ڏسو. 43، v، xvi)

(30) 'ويرونا جو پَريو مُڙس پنهنجي شهر کي ڇڏي ڪڏهن ہ باهر نہ ويو' هي جملو ڪلاڊين جو چيل آهي جيڪو سندس پراٽين ۽ خوشگوار لکٽين ۾ شامل آهي. ڪائولي جي نقل ڪرڻ (1667- 1618) هَرڊ جي ڪتاب (241، ii) ۾ ڪجهہ مزيدار ۽ دلچسپ جملا ضرور آهن پر اُهي اصلي نقش نگاري کان گهٽيا گهٽ درجي وارا آهن ڇو تہ انهن جو تعلق عملي زندگي سان آهي.

(31) 'پاڙي ۾ هڪ وڻ ڄائو تہ هو پاڻ سان گڏ پنهنجن ساڳي عمر جي وڻن کي ڏسي خوش ٿئي ٿو ۽ اُنهن سان پيار ٿو ڪري.' مٿئين خوبصورت اظهار ۾ ڪائولي شايد پنهنجي اصل نظم توڙي انگريزي شاعر جي فڪر کان ہ متاهون نظر ٿو اڇي جيڪو وڻن ۽ ٻوٽن جي علم جو ماهر هو پر هڪ عام اظهار ۾ هو شاهہ بلوط جي ٻوٽي کي لڪائي ويو آهي.

(32) ڪلاڊيَن (ڊي بيل گيٽڪ 266- 192) شايد هتي ڊيگهہ ڪندڙ يا لٻاڙي لڳي، پر خوف ۽ وهمن وسوسن شايد اڳلي جي ماڻهن جي دماغن جي گهٽي حصي تي قبضو جمائي ڇڏيو هو.

(33) پالينَس جي تحريرن (فولا جو سينٽ پالينَس 431- 353 عيسوي جنهن سينٽ ائمبروز جي حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪيو هو) جن کي بئرونيَس پڌرو ڪيو آهي (ڪليسائي تاريخوار واقعا 403 عيسوي نمبر 51) ۽ جن مان صاف ظاهر آهي تہ سڄي اڳلي ۾ خوف خطرن جو

غوغاءُ متل هو، ان حد تائين جو ڪمپانيا جي نولا تائين بہ خوف جي پچار پهچي وئي هئي، جنهن پنهنجو گهر اتي ئي اڏي ڇڏيو هو.

(34) 'اسٽيليچو فقط اڪيلو ئي اهڙو آهي.' اهي تعريفي جملا ڪلاڊيَن جا آهن (ڊي- بيل گيٽڪ 267) جنهن ۾ هو شهنشاهه کي بہ واڪاڻ جي اهڙي جملي ۾ شامل نٿو ڪري آنريَس پنهنجي ئي محلات ۾ ڪيڏو نہ ننڍو ۽ غير اهم نظر آيو هوندو!

(*) (ڪومو ڊنڊ).

(35) هتي روم جو حالتون ۽ اسٽيليچو جي سخت رويَي بابت تفصيل سان ذڪر ٿيل آهي. (ڊي- بيل- گيٽڪ 340-363)

(*) (وفاداري)

(36) (ڊي- بيل گيٽڪ) ان جي باوجود ايڊنبرا يا نيوڪاسل ڪان ملن تائين جي مسافريءَ ۾ اجا وڌيڪ وقت لڳڻ ڪپندو هو، پر ڪلاڊيَن گاٽن جي هن جنگ لاءِ گهٽي وقت جي اجازت نٿو ڏئي.

(37) هر سياح ڪي لومباردي جو نقشو چگيءَ طرح ياد هوندو (ڏسو فانيٽينل 279، v) جنهن ڪي گهٽو ڪري اوچتي ۽ ڪُمهلي گهٽي پاٽيءَ اچڻ سبب تڪليف پئي آئي آهي. آسٽريا جا ماڻهو، جينئا ڪِان پهريون، پاليسويرا جي خشڪ زمين تي رهيل هيا، ويچارن جرمني جي چگن ۽ سادن ماڻهن ڪي اهو خيال هرگز نہ آيو هوندو تہ ننڍڙي نهر يا ندي اک ڇنيڻ جي دير ۾ بہ خطرناڪ روپ ونڊي ٻوڏ ۾ بدلجي سگهي ٿي. (اٽلي جا تاريخوار واقعا 443، xvi، مِلن- 1753).

(38) ڪلاڊين اسان جي سوال جو جواب نٿو ڏئي. آنريَس پاڻ ڪٽي هو؟ تڏهن بہ ان جي پاڇ ۽ سندس تلاش جو هڪ ٻئي سان ڪافي تعلق آهي، ۽ گاٽن جي جنگ بابت منهنجو خيال، اٽلي جي ابتري وارين حالتن سان نهڪندڙ ۽ صحيح آهي. سگونيَس (369، ii، i، آڪسيڊينٽ- بي- ڪي- x) ۽ مراتوري (اٽلي جا تاريخوار واقعا 45، iv)

(39) گهٽن رستن جي لسٽ منجهان شايد ڪو هڪڙو رستو هٽ اچي وڃي. (صفحا 294، 288، 98 ۽ ويسلنگ جا حاشيا) آسٽا ساڃي هٽ تي ڪجهہ ئي ميلن جي مفاصلي تي هو.

(40) آسٽا يا آسٽي جيڪا روم جي هڪ ڪالوني آهي. سا هاڻي هڪ خوبصورت ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ آهي ۽ جنهن ڪي سورهين صدي عيسوي ۾ سئواءِ جي حاڪمن لاءِ ناهيو ۽ سينگاريو ويو هو. (لينڊرو البرٽي، اٽلي صفحو- 382)

(41) 'آءُ خوفن خطرن کان ڪڏهن بہ ڊڄڻ وارو ناهيان.' هن شايد اها غرور واري زبان روم ۾ پي سال اختيار ڪئي هئي ۽ اُها بہ اُن وقت جڏهن هو خطري جي جاءِ واردات کان پنج سو ميل پري هو. (تحريرون- 449)

(42) گاٽن جي نيسٽر ۽ ائچليز جون تقريرون زوردار، ڪارائتيون ۽ اثرائتيون آهن ۽ حالتن سان مطابقت رکن ٿيون ۽ اُهي لِوي جي تقريرن کان اصليت ۽ اثر ۾ ڪنهن بہ طرح گهٽ ناهن.

(43) اوروسيَس (37، vii) کي رومين جي لادينيت تي دلي صدمو ٿو پهچي جن ديندار عيسائين تي ايسٽر واري آچر تي حملو ڪيو هو. ان جي باوجود، ايڊيسا جي سينٽ ٿامَس جي مقبري تي

وڏي عوامي اجتماع جي عبادت ڪئي وئي ته جيئن لُٽيري آريَن جي تباهي اچي سگهي. (ڏسو ٽليمانٽ شهنشاهت جي تاريخ ۾ 529، v) جيڪو هڪ خطبي جو حوالو ٿو ڏئي ۽ غلطيءَ مان سينٽ ڪرسوسٽم ڏانهن ڳالهه کي منسوب ٿو ڪري.

(44) پولينشيا جا باقي نشان ٿُورن کان پنجويهه ميل ڏکڻ اوپر طرف آهن. اُربس، ساڳي ئي پاڙي ۾، لومبارڊي جي بادشاهن جو شاهاڻو هنڌ هو، ۽ هڪ ننڍڙي ندي جنهن پيشنگوئيءَ کي پورو ڪرڻ نہ ڏنو يعني: 'ٽون روم پهچي ويندين' ڪلوور، قديم اٽلي- i، صفحا 85-83 (اُربس سان مراد روم جو شهر آهي پر ان جو مطلب اُربس ندي به ٿي سگهي ٿو، جنهن جو حوالو هتي ڏنو ويو آهي. اهوئي سبب آهي جو اُربس کي حاشين ۾ مُبهم معنيٰ ڏني وئي آهي.

(*) (ثابت ٿي ويو)

(45) اوروسيَس، غير واضح لفظن ۾ روم وارن جي شڪست ڏانهن اشارو ٿو ڏئي. 'اسان ويڑهه ۾ سوپارا ٽيا آهيون، پر فاتح هئڻ جي باوجود به اسان جڻ شڪست کاڌي.' پراسپر (واقعن ۾) ان کي هڪ جهڙي خطرناڪ جنگ ٿو ڪوٺي، پر گاٽن جي ليکڪن ڪئسيوڊورَس (واقعن ۾) ۽ جارنئنديس (ڊي- ريب گيٽڪ باب- 29) هڪ واضح سوپ جي دعويٰ ڪئي آهي.

(46) ڊي- بيل گيٽڪ (627).

(47) ڪلاڊيَن (ڊي- بيل گيٽڪ 647- 580) ۽ پروڊينشيَس 719- 694، ii) روم جي پولينشيا جي فتح جي ڪُليل جشن کي ملهائن ٽا. اُهي خوشيءَ ۾ شاعري به ڪن ٽا ۽ ڪجهه لکن به ٽا، ان جي باوجود ڪجهه داد مشڪوڪ شاهدن کي به ڏيڻو پوندو جن خراب حقيقتن ۽ بدناميءَ سبب هڪ سوپ واري ڳالهه کي پنٽي ڪري ڇڏيو.

(*) (سمبري 101 ق.م ۾)

(48) ڪلاڊيَن جا آخر ۾ چيل لفظ وزندار ۽ شانائتا آهن پر سمبري ۽گاٽن جي موضوعن جي سڃاڻپ يا رُخن کي ضرور سمجهڻ گهرجي (ورجل جي فلپي يا جارجڪس وانگر 490، i) ته ساڳي وقت شاعر جي ظاهري شبيهه ۽ لا اُبالي طبيعت کي به سمجهڻ گهرجي. ورسيلي ۽ پولينشيا هڪ ٻئي کان ست ميلن جي مفاصلي تي آهن ۽ ويڪرائي ڦاڪ ته اڃا به وسيع آهي، اهوعين ممڪن هو ته سمبري ويرونا جي ويران ۽ ڪشادي برپٽ ۾ شڪست کائي وڃن ها. (مافي- ويرونا جون ڳالهيون 62- 54، i)

(49) ڪلاڊيَن ۽ پروڊينشيَس کي چگيءَ طرح جاچڻ گهرجي ته جيئن تعداد کي گهٽ ڪجي ۽،هنن شاعرن بابت تاريخي حقيقتون اسان کي معلوم ٿي سگهن.

(50) سوين حاصل ڪرڻ وقت روم وارا هر صورت ۾ بادشاهن ۽ صوبن جون تصويرون ڪٽي ماٺهن کي ڏيکاريندا هيا. مثريڊيٽس جو پنهنجو ڏاڙ ٻارنهن فوٽن جو هو جنهڪو سراسر سونو هو. (يعني سندس يادگار) فرينشيم، لِوِيَن 47، cliii)

(51) گيٽڪ جي جنگ ۽ آنريَس جو ڇهون ٻيرو ڪونسل بنجڻ جا واقعا اتفاق سان ٻارڪ جي جنگ مان ٻاڄ ۽ ڪيس ٽيل نقصانن کي ساڳئي سال ۽ وقت سان ملائن ٽا.

(52) اوروسيَس (567، 37. vii) ڪلاڊيَن (320، vi) پردي کي هيٺ ڪيرائي ٿو ڇڏي ۽ ذهن تي هڪ سٺو نقش ٺهي ٿو وڃي.

(53) آئريَس جي ڇهون پيرو ڪونسل ٿيڻ جي جشن تي ڪلاڊيَن جي باقي شاعري سندس مسافري، سندس سوپ ۽ ان موقعي تي ٽيل راندين بابت آهي.

(54) قديم جرمني جي ماڻهن ۾ تهذيب بابت لکيل مئسڪئو جي تاريخ ۾ نقش ڏسو. (12، viii) لفظ سني معنيٰ وارا پر سادگي ۽ لاشعوري طور لکيل آهن ۽ اڳتي اهو به لکيل آهي ت: 'گاڻن دائمي سوپ حاصل ڪري ڇڏي.'

(55) ڪُشتي بازي جي خطرناڪ موضوع تي، بن ڪتابن جو مطالعو ضرور ڪجي جن جو عنوان آهي 'لپسيَس جا جشن' جن ۾ قديم آثار شناسيءَ بابت اهم نڪتا آندل آهن.

(56) (ٿوڊوسين ڪوڊ- 1، xii، xv) گوڊ فراءِ جي تبصري ۾ ڪُشتي بازي جي تاريخ بابت ڪافي مواد موجود آهي.

(57) پروڊينشيَس جا آخري الفاظ ڏسو (سماچ ۾ 1131، 1121، ii) جنهن پَڪ سان لئڪٽينٽيَس جي گارگند کي پڙهيو هوندو (خدائي ادارو 20، vi) عيسائي دفاع ڪندڙن رَت جي راندين جي سخت مخالفت ڪئي آهي جيڪي لادينيت جي مذهبي جشن جي موقعي تي شروع ڪيون ويون هيون.

(58) ٿوڊوريٽ (26، v) منهنجي خواهش آهي ت مان سينٽ ٽيليمئچَس جي ڳالهه تي پروسو ڪريان. پر ان جي باوجود، ان ٻائي جي ياد ۾ جنهن انسانذات جي پلائيءَ جي سلسلي ۾ شهادت ماڻي، نه ت ڪا قربانگاهه تعمير ڪرائي وئي ۽ نه ڪا ڪليسا جوڙائي وئي.

(*) (پلي ڪري آيا).

(59) (سُڪيولن 17، iv) 'ڪجهه ماڻهو ڪُشتي بازيءَ کي ظالماڻو ۽ غير انساني عمل چون ٿا. پر مان سمجهان ٿو ت اڄ جي صورتحال اها ڪانهي.' هو ڏيمي لهجي ۾ ان جي غلط استعمال کي نندي ٿو ۽ صحيح طريقي کي ساراهي ٿو. 'ٻيو ڪوبه نظارو يا راند اسان کي تڪليف ۽ موت بابت ڪشتي بازي جيترو نٽي سيکاري.' سينيڪا (تحريرون، vii) ماڻهن جي احساسن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو.

(60) روينا جي باري ۾ مواد استرابو ڪان هٿ ڪيو ويو آهي. (327، v) پلني (20، iii) بائزينٽيم جو استيفن (صفحو 651 جنهن کي برڪيل ايڊٽ ڪيو) ڪلاڊين (تحريرون 494 وغيره) سڊونيَس ايولنئيرِس (i، تحريرون 8، v) جارنئنڊيس (ڊي ريب گيٽڪ باب- 29) پروڪوپيَس (ڊي- بيل گيٽڪ 309، 1، i) جنهن کي لوور ايڊٽ ڪيو ۽ ڪلوويريَس (قديم اٽلي 307-301، i) ان جي باوجود منهنجي خواهش آهي ت ڪو مقامي آثار شناس هجي ها ت بهتر ٿئي ها جنهن ڪان مستند نقشا پڻ ملي سگهن ها.

(61) مارشل (ٿوئڪا 57-56، iii) هڪ ڏوڪيبازي واري اٽڪل ٿو ڪري جنهن پاڻيءَ جي بجاءِ ڪيس شراب وڪرو ڪيو هو پر هو سنجيدگيءَ سان ظاهر ٿو ڪري ت روينا ۾ پاڻيءَ جو حوض يا ٽانڪي انگورن جي باغ کان وڌيڪ قيمتي آهي. سڊونيَس شڪايت ٿو ڪري ت شهر ۾ نه ت ڪي ڦوهارا يا چشما آهن ۽ نه وري پاڻيءَ جو ڪو نظام آهي. ۽ ٻيو ت تازي پاڻيءَ جي به اٽاڪ آهي جنهن ڪري ٻيون خرابيون پيدا ٿين ٿيون. جيئن ڏيڏر ٽاڪندا رهن ٿا ۽ ڪيترا جيت جڳيا چڪ پائن ٿا يا ڏنگين ٿا، وغيره.

(62) ٿيوڊور ۽ آنريا جي کهاڻي جنهن کي ڊرائڊن، بوکئشيو مان ورتي آهي ۽ ان کي خوبصورتيءَ سان پنهنجن لفظن ۾ آندو آهي (گيار ناتا iii، ناول viii) ان ناول تي کياسي جي جهنگلن ۾ (کياسي، کلاسکس جو بگڙيل لفظ آهي) اداکاري ڪئي وئي هئي جيکو روينا جي ٿِ رُخي شهر جي به نمائندگي ڪري ٿو.

(*) (صوبي جا گورنر).

(63) سال 404 عيسوي کان ٿوڊوسيَن ڪوڊ جون تاريخون جڏ قسطنطنيه ۽ روينا ۾ بيهجي ويون هيون. ڏسو گوڊ فراءِ جا قانون بابت ويچار (i، cxiviii وغيره)

(64) ڏسو ايم- ڊي گائگنز (هُنن جي تاريخ ۾ 338-334، 295، i ، 189- 179، i).

(65) پروڪوپيَس (ڊي- بيل وئنڊل 182، iii، i) پالُوس مئڪوٽِس (آزوف جو سمنڊ) کان اتر جرمني ڏانهن بيشمار ماڻهن جي لڏپلاڻ ڏني جنهن لاءِ هو چوي ٿو ته اُها ڏڪار پوڻ سبب ٿي هئي. پر قديم تاريخ ۾ ڏنل سندس هي خيال جهالت ۽ ڪجهه غلطين سبب اونداها نظر اچن ٿا.

(66) زوسيمَس (331، v) دنيوب ۽ رائين ندين کان پري وارين قومن کي هڪ خاص زمري ۾ آڻي ٿو. اُنهن جا نالا توڙي سندن حالتون مختلف وصفن سان بيان ڪيون ويون آهن، جن کي وري هر قديمي ليکڪ پنهنجا پنهنجا خطاب ڏئي ڇڏيا آهن.

(67) رهئبڳاسٽ جو نالو هڪ مقامي ديوتا جو هو جيکو اوبوٽرائيٽس قبيلي سان تعلق رکندو هو. هڪ ناليوارو سپوت شايد ديوتا جو نالو اختيار ڪري سگهي ٿو پر اهو ممڪن ڪونهي ته بربر اهڙي سپوت جي پوڄا ڪرڻ شروع ڪن جيکو ناڪام رهيو هجي. ڏسو مئسڪئو جرمني ماڻهن جي تاريخ ۾ (14، viii).

(68) اولمپيو ڊورَس (فوٽيَم ص- 180) لاطيني لفظن لاءِ يوناني لفظ استعمال ٿو ڪري يعني اميرن ۽ نوابن لاءِ بهترين ماڻهو جو لفظ ٿو آڻي، جنهن مان صحيح مطلب هرگز نڪري، مون کي گمان آهي ته اُهي شهزادا ۽ شاهي گهراڻي جا ماڻهو آهن ۽ اُنهن جا وفادار ساڻي به آهن ۽ اُنهن مان کي وري سردار آهن ته اُنهن سان گڏ سندن چيلا جاگيردار به آهن جڏ اُهي ڪجهه صديون پوءِ به اهڙي طور طريقي سان رهڻ وارا هيا.

(*) (هي صدي ق.م جي آخر ۾).

(69) ٽئيٽس (باب 37)

(70) ڪلاڊيَن (vi ، تحريرون- 439) آنريَس نرم لهجي ۾ گفتگو ٿو ڪري جڏهن هو گاٽن جي جنگ جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن لاءِ هن سمجهيو پئي ته اُها شايد ويجهي هئي.

(71) زوسيمَس (331، v) اسٽيليچو جي جنگ ۽ فتح کي دنيوب کان به اڳتي ڪٽي ٿو وڃي. ڪانئس لفظن جي پڙهڻ ۾ به غلطي ٿي جنهن کي بعد ۾ ٺيڪ ڪيو ويو. (ٽليمانٽ- شهنشاهت جي تاريخ- 807، v) يعني دنيوب لاءِ آرنو استعمال ڪيو ويو. تنهنڪري اها بهتر پاليسي ٿيندي ته اسان زوسيمَس جي تصديق تي وڌيڪ اعتماد ڪريون، پوءِ اها اوهان جي مرضي ته مٿس اعتبار ڪريو يا نه، اِهو اوهان تي ڇڏيل آهي.

(72) (ٿوڊوسين، ڪوڊ 16، xiii، vii) هن قانون جي تاريخ (18 مئي، 406 عيسوي) مان آڻ مطمئن آهيان جيئن گوڊ فراءِ پڻ ٿيو هو (387، ii) جنهن جو تعلق رداگئسَس جي حملي سان هيو. ٽليمانٽ،

پاڳي، ۽ مراتوري اڳئين سال جي حق ۾ آهن، پر پوءِ اُهي اخلاقيات توڙي احترام جي حوالي سان نولا جي سينٽ پالينُس جي راءِ سان ٻڌل آهن.

(73) جڏهن روم تي گالن جو قبضو ٿيو، ان کان پوءِ جلد ئي (390 ق.م.) سينيٽ هڪ اوچتي کوٽايل ميٽنگ ۾ فيصلو ڪيو ته 10 فوجي دستا، 3000 گهوڙا، 42000 پيادا تيار ڪيا وڃن ۽ هي ايترا گهٽا فوجي هيا جيڪي هن شهر مان آگسٽس جي ڏينهن ۾ نه نڪرن ها (لِوي- 25، vii) هي بيان شايد آثار قديمه وارن کي عجيب لڳي پر ان کي مانيٽسقيو چگّيءَ طرح سمجهايو آهي.

(74) مئڪياويل هڪ فيلسوف جي حيثيت ۾ فلورينس جي اصليت بابت اسان کي سمجهايو آهي. هي سلسلو آهستي آهستي فئسڪيولي جي جبل سان رشتو جوڙيندو آرنو جي ڪنارن تائين هليو ويو آهي. (فايورينٽينا 36، ii، i، لونڊرا 1747) ٽرائمورس هڪ ڪالوني فلورينس ڏي موڪلي هئي جيڪا ٽائبيريُس (ٽئسيٽُس- تاريخوار واقعا 79، i) جي ڏينهن ۾ هڪ بهترين ۽ وسندڙ شهر جي شهرت رکندڙ هئي. وڌيڪ مطالعي لاءِ ڏسو- ڪلووَر (قديم اٽلي 507، i وغيره)

(75) رداگئسَس جوپيٽر، جيڪو ٿور ۽ ووڊن جي عبادت ڪندو هو، اولمپڪ يا ڪئپيٽولائن جَو ڪان بلڪل مختلف هو. گهٽن خدائن جي پوڄا جي سنجيدگي واري عقيدي مختلف ۽ گهٽن ديوتائن جي عبادت کي هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو هو؛ پر جيڪي روم جا اصلوڪا ماڻهو هيا، اُنهن کي گال ۽ جرمني جي قربانين ڏيڻ جي رسمن کان تمام گهٽي نفرت هئي.

(76) پالينُس (وِٽ ائمبروز ۾ باب- 50) هي ڳالهه بيان ٿو ڪري جيڪا هن وري پئنسوفيا جي واتان ٻُڌي هئي جيڪا فلورينس جي مذهبي ۽ احترام لائق عورت هئي. ان جي باوجود وڏي پادري جلد ئي دنياداري جي معاملن ۽ ڏنڊن ۽ ڪمن ۾ پنهنجي عملي شرڪت بلڪل ختم ڪري ڇڏي، ۽ هو پوءِ ڪڏهن به مشهور بزرگ نه ٿي سگهيو.

(77) آگسٽائين، ڊي سويٽئٽ (23، v)، اوروسيُس (571- 567، 37، vii) سوپ حاصل ٿيڻ کان ڏهه، ٻارهن سال پوءِ ٻن دوستن آفريڪا ۾ ويهي لکيو ۽ سندن تحرير تي بسيوائل جي اِسيدور به ويساهه ڪيو. (واقعا ص- 713، جنهن کي گراٽ ايڊٽ ڪيو) اوروسيُس الائي ڪيتريون دلچسپ ڳالهيون ان خال ۾ بيان ڪيون هونديون جنهن جو تعلق پاڪائيءَ واري بيوقوفيءَ سان آهي.

(*) (البانيا جي ڪنارن تي).

(78) 'سيزر جي حڪم تي جبلن کي ڊاهيو يا اکوڙيو ٿو وڃي ۽ رستي جون جيڪي به رڪاوٽون آهن ته اُنهن کي هٽائي صاف ڪيو ٿو وڃي. هو وڏيون ڪاهيون ٿو کوٽائي، ٽڪرين جي چوٽين سان گڏوگڏ بچاءَ جا قلعا ٿو ٺهرائي، ۽ چوطرف قلعن جو هڪ جار ٿو وڇرائي ڇڏي. اهڙيءَ طرح هر طرف دفاعي مورچن سان هو جهنگل، وٽراهون ۽ ٻيلن کي به محفوظ بٽائي ٿو ڇڏي.' ان جي باوجود سچ جي سادگي (ڊي. بيل سول- 44، iii) ليوڪن جي مبالغي کان گهٽي مٽاهين آهي. (فرسال 63-29، vi)

(79) اوروسيُس جي هڪ دلچسپ اظهار کي ڏسو: 'هڪ خشڪ ۽ ڏکي ٽڪريءَ تي' 'هڪ ننڍڙي ٽڪريءَ ڏانهن' هڪ وڏي فوج لاءِ هيءَ مناسب جڳهه ناهي. پر فاسٽولي، فلورينس کان فقط

ٽن ميلن جي مفاصلي تي هو جيڪو شايد رداگئسَس جي هيڊڪوارٽرس لاءِ موزون هنڌ هو ۽ وڏي ڳالهه ته اهو روم جي حدن جي اندر هو.

(80) ڏسو زوسيمَس کي (331، v) ۽ ان کان سواءِ پراسپر ۽ مرسلينس جا تاريخوار واقعا.

(81) اولمپيو دورَس (فوٽيم ص- 180) هڪ اهڙو اظهار ٿو ڪري جنهن مان ايڪي ۽ دوستيءَ جي رشتي جو مطلب ٿو نڪري ۽ جنهن سان اسٽيليچو ايجا وڌيڪ ڏوهي نظر ٿو اچي. اوروسيَس جي اظهار جو انداز: 'ٿوري وقت لاءِ ڪيس روڪيو ويو، پوءِ ڪيس ماريو ويو.' اوروسيَس صفا نفرت جوڳو ٿو لڳي.

(82) اوروسيَس جيڪو نيڪيءَ جي لباس ۾ غير انساني صفتن جو مالڪ آهي. بادشاهه، ماڻهن، اڳاڻ ۽ اَملڪائينس کي قربان ڪري ٿو ڇڏي جنهن ۾ ڪيس رتيءَ ماتر به انساني جذبو نٿو اُپري. هيءُ خوني اداڪار پوءِ پي هڪ بي احساس تاريخدان جي مقابلي ۾ گهٽ نفرت لائق آهي.

(83) ڪلاڊيَن جا پُورَ: 'ڇا هوءَ ننڍ ۾ هوندي؟ ڇا هن کي اجورو گهٽ مليو هو؟ منهنجو خيال آهي ته آنريَس جو ستون پيرو ڪونسل ٽيٽ (407 عيسوي) هڪ بهترين شاعري لکڻ لاءِ سٺو موضوع هيو. جڏهن اها ڳالهه پڪ سان معلوم ٿي وئي ته ملڪ کي هاڻي بچائي نٿو سگهجي، ان کان اڳ اسٽيليچو (روموليَس، ڪئميلَس، ۽ ماريَس کان پوءِ) کي جائز طرح سان روم جو چوٽون باني چئي پيو سگهجي.

(84) پراسپر جي تحريرن مان هڪ روشن ٽڪرو: 'فوج ٽن حصن ۾ ورهائجي وئي هئي ۽ هر حصي جو سپهه سالار جدا جدا هو.' تحرير جو هي حصو فلورينس جي حيثيت کي ڪافي حد تائين گهٽائي ٿو ڇڏي ۽ انٽلي، گال ۽ جرمني جي تاريخ کي هڪ ٻئي سان ملائي ٿو ڇڏي.

(85) اوروسيَس ۽ جيروم مٿس الزام مڙهين ٿا ته حملي جو ذميوار فقط هو هيو. 'عوام کي اسٽيليچو پڙڪائي ڇڏيو هو.' هن جي وار ڪرڻ جو طريقو اڄ سڌيءَ طرح هوندو هو. هن گال جي قيمت تي انٽلي کي بچايو هو.

(86) مُنهندار ڊي باٽ مطمئن آهي ته جرمن وارا، جن گال تي حملو ڪيو هو، ايجا ٽي حصا بچيل هيا جيڪي رداگئسَس جي فوج مان باقي بچي ويا هيا. ڏسو يورپ جي قديمي تاريخ (1772- 121، 87، vii، پئرس) جيڪو هڪ واضح ڪم ٿيل آهي جنهن جي تڪميل لاءِ مون کي سال 1777 تائين وقت ئي نه مليو. البت سال 1771 ۾ مون کي موجوده تاريخ لکڻ جو هڪ خاڪو ذهن ۾ آيو هو. مون کي ساڳيو خيال مئسڪئو جو به لڳو (15، viii). اهڙي ذهني هڪ جهڙائي توڙي جو اسانجي وچ ۾ خيالن جي ڏي وٺ جو موقعو نه آيو آهي. شايد اسان کان ڪو اهم ڪارنامو سرانجام ڪرائي ڇڏي.

(87) 'هڪ روم جو صوبو اُنهن آفيسرن کي جلد پنهنجين حدن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندو، پر فرانس اُنهن بادشاهن مان جان نه ڇڏائي سگهندو جن کي اوهان اُتي وجهڻ جا حڪم ڏنا آهن.' ڪلاڊيَن (تحريرون 235، i وغيره) صاف مطمئن آهي. فرانس جا هي بادشاهه ٽورس جي گريگري کان اڄ واقف آهن پر گيسٽا فرئنڪورم جو مصنف ٻڌائي ٿو ته سُنو ۽ مارڪومير فاراماند جو پيءُ

آهي (543، ii). هو اهڙي سني مواد مان لکڻ جي کوشش ڪو ڪري جنهن کي پاڻ به سمجهي نه سگهيو هو.

(88) ڏسو زوسيمَس (373، vi) اوروسيَس (576، 40، vii) ۽ واقعا. ٽورس جو گريگري (165، 9، ii) فرانس جي تاريخ جي ٻي جُلد ۾، رِنئٽس پروفيوچَرس فرگيريدَس جي تاريخ جي ٻي جُلد، ۾، رِنئٽس پروفيوچَرس فرگيريدَس بابت هڪ دلچسپ تحرير کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي، جنهن جي ٽن نالن مان معلوم ٿئي ٿو ته هُو:

- عيسائي هو.
- روم جي رعيت جو ماڻهو هو، ۽
- اڏ- برٻر هو.

(89) ڪلاڊيَن، اسٽيليچو (186، ii، 221، i) گال جي سرحدن تي امن ۽ خوشحاليءَ جو ذڪر ڪري ٿو. ابي ڊوبوز (تنقيدي تاريخ 174، i) ۾ البيز جي بجاءِ پڙهيو ويندو (هڪ بي نانءُ آرڊينز جو وهڪرو) جتي گالن جي مال جي ڏٽن جي چَرڻ جو خطرو رهي ٿو. پر هي بيوقوفيءَ وارو تجزيو آهي. شاعريءَ جي جاگرافي ۽ايلبي ۽ هرسينيَن جو مطلب ڪنهن ندي جو هوندو آهي يا وري جرمني جو ڪو جهنگ. ڪلاڊيَن شايد اسانجي قدامت جو غور سان مطالعو نه ڪيو آهي.

(90) نوٽ: هي لاطيني زبان جون ٻه سٽون آهن، جن جو انگريزي ترجمو نه ڏنو ويو آهي، تنهنڪري سنڌي ترجمو به نٿو ڏئي سگهجي. (سنڌيڪار)

(*) (مينز)

(91) جيروم (93، i) ڏسو فرانس جي تاريخ جي پهرئين جُلد ۾ (صفحا 782-777) جنهن ۾ ڪافي تفصيل موجود آهن. نامعلوم شاعر خود به هڪ قيدي هو ۽ ان سان گڏ پادري توڙي سندس پاڙي جا شهري پڻ هيا.

(*) (پلئجيَس، شروعاتي گناهه جي فلسفي جي مخالفت ٿو ڪري)

(92) پلئجين فلسفو يا اصول، جنهن تي 405 عيسوي ۾ تمام گهٽو بحث مباحثو ٿيو هو، ان کي روم ۾ ڪارٿيج ۾ ايندڙ ڏهن سالن جي عرصي ۾ نِندِيو ۽ رد ڪيو ويو هو. سينٽ آگسٽائين هن بحث ۾ سيني کان اڳتي هو ۽ هن فتح به حاصل ڪئي پر يونان جي ڪليسا وري سندس مخالفن سان سات پئي ڏنو (جيڪو حيرت انگيز ٿي لڳو). عام ماڻهن هن بحث ۾ هرگز حصو نه پئي ورتو، ڇو ته هنن سوچيو ته جيڪا ڳالهه سندن سمجهه ۾ ئي نٿي آئي، ان جي لاءِ هو پنهنجو مغز ڇو کپائين.

(*) (جرمن شهنشاهه 1556-1519 عيسوي)

(93) ڏسو يادگيريون- ڊي- بيلي ڪتاب- v. فرانسيسي زبان ۾ اصلي ڇاپو، لفظي ۽ معنوي لحاظ سان، نمايان گهٽ پر موضوع جي لحاظ کان وڌيڪ ڇٽو آهي جنهن مان ڏينهن جي مسافري يا جنگ جي باري ۾ به معلومات ملي ٿي.

(94) ڪلاڊيَن (i، اسٽيليچو، 50، ii) اندازو اهو ٿو لڳايو وجي ته آئرلئنڊ جي اسڪاٽن برطانيه جي سڃي اولهائين ٻيٽ تي حملو ڪيو هو ۽ ان ۾ نينيَس توڙي آئرلئنڊ جي ريتن رسمن جو به وڏو هٿ هو. (ڏسو ڪارٽ جي انگلنڊ جي تاريخ 169، i ۽ وٽاکر جي برطانيه جي ماڻهن جي نج

۽ اصلي تاريخ ص- 199) سينٽ پئٽرڪ جون چاهٺ حياتيون، جيڪي نائين صدي ۾ به قائم هيون، ان ۾ خبر ناهي ته ڪيترائي يا وري هزارين ڪُوڙ شامل هوندا؛ پر پوءِ به اسان شايد اعتبار ڪريون ته آئرلئنڊ وارن جي حملي ۾ ايندڙ وقت جي ٽيندڙ حواريءَ کي قيد ڪيو ويو هو. (اُشر، برطانيه جي ڪليسائي قدامت ص- 431 ۽ ٽليمانٽ ڪليسائي يادگيريون 782، 456، xvi وغيره.

(*) (شهنشاهه 268-253 عيسوي).

(95) برطانيه جي غاصبن جو احوال زوسيمَس کان ورتو ويو آهي. 375-371، vi) اوروسيَس (577-576، 40، vii) اولمپيوڊورَس (فوٽيم صفحا- 181- 180) ان کان سواءِ ڪليسائي تاريخدان ۽ تاريخوار واقعا پڻ ساڳي تاريخ جوحصو آهن. لاطيني، بهرحال مارڪَس کان بيخبر آهن.

(96) 'هنن ڪانسٽئنٽائن جي غير مستقل مزاجيءَ کان نفرت ڪئي.' (سڊونيَس اپولينئرس 139، 9،v جنهن کي سيڪُنڊ سرماندِ ايڊٽ ڪيو. ان جي باوجود سڊونيَس کي شايد ڪنهن شاعري جي قافيي يا رديف ذريعي هرڪايو ويو ته هو ان بادشاهه جي ڪردار کي داغدار ڪري جنهن سندس ڏاڏي کي بيعزتو ڪيو هو.

(97) زوسيمَس هڪ نالي باڪُوڊي جو استعمال ڪيو آهي جيڪو اُنهن تي لاڳو ٿو ٿئي. شايد اُنهن کي ڪجهه گهٽ نفرت جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ها. (ڏسو ڊيوڊوس، تنقيدي تاريخ ۾ 203، i ۽ هيءَ تاريخ 383، i) ان کان سواءِ باب- 13 جو حاشيو نمبر 16 ۾ ڏسو. اسان انهن بات ٻيهر ٻڌنداسين.

(98) ويرينئيئس، ڊائڊيمَس، ٿوڊوسيَس ۽ لئگوڊيَس، جيڪي جديد دربارن ۾ هيا، کين رَت جا بادشاهه چئجي ته غلط نه ٿيندو ۽ اُنهن جو ڪو رتبو، حيثيت يا حق ڪونه هيا، بس اُهي به جڻ عام رعيت جي ماڻهن وانگر هيا.

(99) هي آنرياني يا آنرياسي جيڪي بن شاخن يعني اسڪاٽ ۽ اٽاڪوٽي مان هيا ۽ ٻه شاخون اُتر- اولهه آفريڪا جي مسلمانن جون ته ٻه مرڪماني جون هيون، وڪٽورس، عسڪري ۽ گئليساني پڻ هيا (امپيري قبيلو xxxviii جنهن کي لئب ايڊٽ ڪيو) اُهي محلات جا مددگار ۽ پنجهٽ جٽن منجهان هيا جن کي زوسيمَس هڪ مخصوص نشاني ڏني هئي ته جيئن سڃاپي سگهن.

(*) (هڪ جرمن قبيلو).

(100) ڪلاڊيَن (تحريرن ۾ 321 وغيره)

(101) هن قسم جي مشڪوڪ ڪاروبارن جي مُنهندار ڊي باٽ طرفان تحقيق ڪئي وئي هئي (يورپ جي ماڻهن جي تاريخ 206- 69، viii، iii، vii) جنهن جي باريڪ بيني واري محنت شايد هڪ رواجي پڙهندڙ کي ٽڪائي وجهندي.

(102) ڏسو زوسيمَس (335- 334، v) هو پنهنجي دلچسپ ڳالهه کي پاڻ ئي وچ ۾ ڪَٽي ٿو ته جيئن اُمونا جي ڪهاڻي کي بيان ڪري سگهي ته ساڳي وقت آرگو جهاز جي قصي کي به ڏُهرائي جنهن کي ان جڳهه تان گهلي هئبرنٽڪ سمنڊ ۾ لاٿو ويو هو. سوزومين (4، ix، 25، viii) ۽

سقراط (10، vii) ان باري ۾ کا خاص روشني نٿا وجهن ۽ اوروسيَس (571، 38، vii) وري نفرت جي حد تائين هڪ طرفو آهي.

(*) (ٿوڊوسيس- ا جي پائٽي ۽ اسٽيليچو جي زال)

(103) زوسيمَس (339- 338، v) هو لئمبديَس جي لفظن کي ڌهرائي ٿو جيڪي لاطيني زبان ۾ چيا ويا هيا پر پوءِ اُنهن کي يُوناني ۾ ترجمو ڪيو ويو ته جيئن سيئي ماڻهو سمجهي سگهن.

(104) هو ايگزين سمنڊ جي ڪنارن کان آيو هو ۽ وڏي شان مان سان اچي وينو. 'سندس شاندار فوجي پيشي هن کي محلات ۾ وڏو مرتبو ڏياريو.' سندس عملن سندس اعليٰ ڪردار جي شاهدي ٿي ڏني جنهن کي زوسيمَس وڌيڪ نمايان ڪري ٿو چڏي (340، v) آگسٽائين، اولمپيَس جي مذهبي عقيدن جو احترام ٿو ڪري جنهن کي هو ڪليسا جو سچو پٽ ٿو ڪوٺي. (بئرونيَس، ڪليسائي واقعا- 408 عيسوي نمبر 19 وغيره) ٽليمانٽ- ڪليسائي يادگيرون (468- 467، xiii) پر آفريڪي بزرگ جيڪي سندس اجايون تعريفون ڪيون، اُهي يا ته جهالت يا وري خوشامد جو نتيجو هيون.

(105) زوسيمَس 339- 338، v) سوزومين (4، ix) اسٽيليچو آڇ ڪئي ته هو قسطنطنيه جي سفر تي اُسهڻ چاهي ٿو ته جيئن هو آنريَس کي آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ته هو اجاين ڪوششن کي چڏي ڏئي. مشرقي شهنشاهت نہ سندس حڪم مجي ها ۽ نہ وري اُها فتح ڪري سگهجي ها.

(106) زوسيمَس 345- 336، v) گهٽي وضاحت ۽ ڪشادي ذهن سان اسٽيليچو جي بيعزتي ۽ سندس موت جو ذڪر ڪيو آهي. اولمپيوڊورَس (فوٽيَم ص- 177) اوروسيَس (572- 571، 38، vii)، سوزومين (4، ix) ۽فلوسٽور جيَس (2، xii، 3، xi) ان باري ۾ وڌيڪ مواد فراهم ڪن ٿا.

(*) ماريا ۽ ٽرمئنٽيا اسٽيليچو جون ڏيئرون هيون ساڳي وقت واري واري سان يا هڪ ٻئي پويان شهنشاهه آنريَس جون زالون هيون.

(107) زوسيمَس (333، v) هڪ عيسائيءَ جي ٻن پيٽين سان شاديءَ کان ٽليمانٽ ٻُڌان ڪئي. (شهنشاهن جي تاريخ 557، v) هن اجائي اميد ٿي ڪئي ته وڏو بشپ جيڪو معصوم هو، هن سلسلي ۾ ڪجهه ڪري ها؛ يا ته هوڪيس نِندي ها يا وري ان خرابيءَ جو ڪو حل ڳولي ونئي ها. (قانون موجب هڪ مري ويل زال جي ٻيڻ سان شادي ڪرڻ، ناجائز عمل هو).

(108) هن جي ٻن دوستن کي وڏي احترام سان ياد رکيو ويو آهي. زوسيمَس (346، v) پيٽر اسڪول جي اسٽاف جو وڏو هو ۽ ٻيو وڏو ڪمدار ڊٽيريَس هو جيڪو سندس مدد ڪندو هو. اسٽيليچو هڪ ڪمري ۾ محفوظ ٿي ويو هو، پر ان ڳالهه تي تعجب ٿو ٿئي ته هڪ ڪمزور بادشاهه هيڻ سندس ڪمرو ڪيس محفوظ نہ رکي سگهيو.

(109) اوروسيَس (72- 571، 38، vii) شايد نمائشي ماڻهن جي ڪوڙي پر فضول ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري جن کي نئين انتظام رکندڙن سيني صوبن ۾ پکيڙي چڏيو هو.

(110) ڏسو ٿوڊوسيَن ڪوڊ (22، xiii، ix، 1، xvi، vii) اسٽيليچو کي هڪ عجيب نالي سان پڪاريو ويندو هو، جنهن پنهنجي دولت جو استعمال ڪرڻ ڇاڻي ورتو هو: 'پهريون پاڻ کي شاهوڪار ڪرڻ پوءِ ان دولت ذريعي دنيا کي پاڻ ڏي متوجه ڪرڻ' سندس مقصد هو.

(111) آگسٽائين پاڻ بہ اُنهن اثرائتن قانونن کان مطمئن آهي جن کي اسٽيليچو بُت پرستن ۽ دين جي منڪرن خلاف نافذ ڪيو هو ۽ جيڪي ٿوڊوسين ڪوڊ ۾ اڃا تائين موجود آهن. هو فقط اُنهن قانونن جي تصديق لاءِ اُنهن کي اولمپيَس ڏانهن موڪلي ٿو ڏئي. (بئرونيَس، عيسائي واقعا، 408 عيسوي، نمبر 19).

(112) زوسيمَس (351، v) اسان هڪ زماني جي بيقدري ۽ نفيس جذبن کان نا آشنائي جو ذڪر ڪريون ٿا جڏهن اُهي پنهنجن يادگارن يا مجسمن کي بہ بُري ۽ ادڻگي طريقي سان ڏيکيندا هيا.

(113) ڏسو روٽيليَس نُو مئٽئيئس (تفصيل 60- 41، ii) جنهن کي مذهبي جوش جذبي کي شاندار ۽ زوردار ڳالهيون ٻڌايون آهن. اسٽيليچو ڪئپيٽول جي دروازن تان جيئن سون جون پليٽون لاهي ڇڏيون تہ هڪ پيغمبري صفتن وارو جملو ڪيس نظرآيو جيڪو اُنهن جي هيٺان اُڪريل هو. (زوسيمَس 352، v) 'هي حماقت واريون ڳالهيون ۽ قصا آهن تنهن هوندي ۾ بيدينيت يا ناپاڪائي جي الزام ان تعريف کي اهميت ڏني آهي، جيڪا زوسيمَس، سندس سڃاڻين جي، مجبوريءَ مان ڪئي آهي.'

(114) آرفيَس جي شاديءَ جي وقت (هي هڪ وچٿري ييٽ آهي) زندگي سان ڀرپور فطرت جي سڀني طرفن کان مختلف تحفا نظر ٿي آيا ۽ ائين ٿي لڳو تہ جڻ ديوتا پاڻ بہ ان خوشيءَ ۾ شريڪ هيا. ڪلاڊين وٽ نہ تہ ڪي پڪين جا ولر يا مال جا ڏڻ هيا، نہ وٽس شراب جون وليون يا زيتونن جا وڻ هيا. بس هنجي سموري مُوڙي ۽ ملڪيت سندس شاهوڪار زال هئي جيڪا هر شئي جي پاڻ مالڪياڻي هئي. پر هن سيرينا کان هڪ سفارشي خط ورتو جيڪو هو آفريڪا ڪٽي ويو ۽ ان خط ڪيس ڳهڻو خوش ڪري ڇڏيو. (تحريرون- ii)

(115) ڪلاڊيَن پاڻ کي ان ماڻهوءَ وانگر عزت وارو ٿو سمجهي جيڪو واقعي ان لائق هوندو آهي. (پريفئٽ، بيل گيٽڪ) ماربل تي اُڪريل اصلي تحرير روم مان هٿ ڪئي وئي هئي جيڪا پاميونيَس ليٽس جي گهر مان پندرهين صدي عيسوي ۾ ملي هئي. شاعر جو يادگار، جيڪو ڪلاڊيَن ڪان بہ تمام وڏو ۽ اوچو تخليق ڪار هو، پڙهيل لکيل علم وارن، سندس ملڪ جي ماڻهن ۽ سندس همعصرن طرفان سندس زندگيءَ ۾ ئي ناهيو وڃي ها تہ ڪيڏو نہ سٺو ٿئي ها. بهرحال اهو هڪ تعريف لائق منصوبو هو. (هتي گبن والٽيئر جو حوالو ٿو ڏئي).

(116) ڏسو هڪ ٽوٽڪو (xxx). هئدرئن فاريا (سڪندريہ) جو هو. سندس عوامي زندگيءَ جي هڪ جهلڪ گوڊ فراءِ ۾ ڏسو (ٿوڊوسيس ڪوڊ 364، v) ماليَس هروپرو سڃو وقت سُٽو نہ پيو هوندو هو. هن يونان جي فطري فلسفي بابت شاندار جملا تخليق ڪيا هيا. (ڪلاڊيَن مال ۾، ٿوڊوسين ڪوڊ 112- 61)

(117) ڪلاڊيَن جي پهرين تحرير. پر ڪن هنڌن يا موقعن تي سندس غرور ۽ ڪاوڙ جي لهجي سندس ڳجهي ناراضگيءَ کي کولي پڌرو ڪري ڇڏيو آهي.

(*) (مهارت سان مُنهن ڏيڻ يا علاج ڪرڻ).

(118) قومي ڪوڪلائپ جي خيال ڪيس فلورينس يا اسپين جو شهري بڻائي ڇڏيو آهي. پر ڪلاڊيَن جي پهرين تحرير ڪيس سڪندريہ جو رهندڙ ثابت ڪيو آهي. (فئبريشيَس، لاطيني ۾ زندگيءَ جو احوال 201- 191، iii جنهن کي ازنيست ايڊٽ ڪيو.

(119) لاطيني زبان ۾ پهريون سندس شاعري پروبيئس جي وقت ۾ چپي هئي (يعني 395 عيسوي ۾). يوناني زبان جي ڪجهہ ٽوٽڪن، جيڪي ايجا تائين موجود آهن ڪانسواءِ، لاطيني زبان جي شاعر يوناني زبان ۾ پڻ شاعري ڪئي هئي ۽ ٽارسَسَ جي قدامت، انازاربَس، بيريٿَس، ۽نائيس وغيره تي بہ ڪافي لکيو هو. اهو وري بہ آسان آهي تہ سڀني شاعريءَ جي نقصان جو ازالو تہ ڪنهن حد تائين ڪري سگهجي ٿو پر هڪ مستند تاريخ جي وجائجڻ جو ازالو هرگز نٿو ڪري سگهجي.

(120) اسٽرائڊا (مقالو- vi، v) ڪيس اها اجازت ڏئي ٿو تہ پنهنجو مقابلو هِنن پنجن مشهور شاعرن سان ڪري: لوڪريٽيَس،ورجل، اووِڊ، ليوڪن ۽ اسٽيٽيَس. سندن سرپرست بلٽزار ڪئسٽگلون آهي. سندس مداح تمام گهٽا ۽ جذباتي آهن. ان جي باوجود سخت قسم جا تنقيد نگار أنهن ڏارين گلن ٻوٽن يا وَلين کان نفرت ڪن ٿا جيڪي لاطيني زمين جي فرحت بخش فضا ۾ لڳل آهن.

باب ايڪٽيهون

(خلاصو)

آلارڪ طرفان اٽلي متان حملو، روم جي سينيٽ ۾ ماٺهن جا طور طريقا، ٽي دفعا روم جو فوجي گهيرو، آخرڪار گاٿن پاران ان کي ڦُري تاراج ڪرڻ، آلارڪ جو موت، گاٿن اٽلي کي خالي ڪري ڇڏيو، ڪانسٽئنٽائن جو زوال، بربرن طرفان گال ۾ اسپين جو قبضو، برطانيہ جي آزادي.

سن 408 عيسوي ۾ اسٽيليچو جي موت کان پوءِ، اولهہ جي شهنشاهت ۾، آنريَس جي وزيرن جو گاٿن تي رعب ۽ حڪومت جو زور ختم ٿي ويو. هن باب ۾ گِبن آلارڪ کان اڳ روم جي رهڻي ڪهڻي جو ذڪر ٿو ڪري، بعد ۾ گاٿن جو فوجي اڳواڻ شهر جو گهيرو ٿو ڪري ۽ ان جي آدمشماري 1200000 ٿو ٻڌائي. ڏُکر ۽ وبا ۽ شهرين کي پريشان ڪيو ۽ الارڪ پنهنجو گهيرو پُنگ وٺي ختم ڪيو. روينا ۾ آنريَس، آلارڪ کي دنيوب جي صوبن جي واڳ ڏيڻ کان انڪار ڪيو، ۽ الارڪ جي فوج طرفان 410 عيسوي ۾ روم جي گهيري کي آنريس طرفان سختيءَ سان نِندیو ويو. الارڪ ڇَهن ڏينهن جي ڦرلٽ ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي فوج کي هٽايو ۽ سِسلي تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ميسينا جي جڳهہ جي ويجهو مري ويو. سندس جانشين اوڊولفس شهنشاهہ آنريَس سان امن قائم رکڻ جو معاهدو ڪيو ۽ سندس پيڻ پلاسيديا سان شادي ڪيائين. ڪجهہ وقت کان پوءِ روم ٻيهر پنهنجي اڳئين عروج تي پهچڻ وارو هو تہ وري آفريڪا، اسپين ۽ گال ۾ بغاوت ۽ جنگ شروع ٿي وئي. 411 ۾ برطانيہ جي شاهي غاصب ڪانسٽئنٽائن گال ۾ شڪست کاڌي ۽ اوڊولفس 415 عيسوي ۾ اسپين ۾ ماريو ويو. گاٿ، فرئنڪ ۽ برگنڊي جا ماڻهو گال ۾ آباد ٿيا جيڪي روينا ۾ آنريَس سان وفادار رهيا پر برطانيہ ۽ آرموريڪا، جيڪي اتر- اولهہ گال ۾ هيا، هميشه لاءِ روم جي شهنشاهت جي حڪمن هيٺ هليا ويا.

باب پٽيهون

(خلاصو)

آرڪئڊيَس، اوپر جي ملڪن جو شهنشاهه، يوٽروپيَس جو حڪومتي نظام ۽ سندس بيعزتي، گيناس ۾ سياسي وڪوڙ، سينٽ جان ڪرسوسٽم کي ايذاءَ ۽ تڪليفون، ٿوڊوسيَس-II اوپر جو شهنشاهه، سندس پيٽ پلچيريا، سندس زال يوڊوسيا-فارس جي جنگ ۽ آرمينيا جو ورهاڱو.

باب- پٽيهين ۾، گبن آرڪئڊيَس جي حڪمراني ۽ اوپر جي شهشاهت جو ذڪر ٿو ڪري. سن 395 عيسوي ۾ روفينس جي شڪست کان پوءِ جيڪو وڏو وزير ٿيو اُهو ڪڏو يوٽروپيَس هو جنهن جي لالچ ۽ سختي واري پاليسي هڪ بغاوت کي جنم ڏنو جنهن ڪري 399 عيسوي ۾ سندس زوال اچي ويو. سندس زوال کان اڳ انتاکيا جي جان ڪرسوسٽم کي قسطنطنيه جو مکيه پادري مقرر ڪيو ويو. گبن ڪيس چيڙاڪ طبيعت جو مالڪ ٿو سڏي جنهن جي خواهش هئي ته ڪليسا جي طور طريقن ۾ سڌارا آڻجن، ان تي وڏا اختلاف ٿيا جيڪي دشمني جو روپ وني ويا. ڪيس آرمينيا ۾ جلا وطن ڪيو ويو ۽ 407 عيسوي ۾ سندس موت کان پوءِ ڪيس احترام ۽ عزت سان ياد ڪيو ويو. هي سال آرڪئڊيَس به مري ويو جنهن کان پوءِ سندس پٽ ٿوڊوسيَس کي سندس جانشين مقرر ڪيو ويو جنهن جي عمر ان وقت فقط ستَ سال هئي. سندس حڪومت جي شروعات ۾ امن امان رهيو پو ته سندس وزير ائنٽيمَيس ڪافي هوشيار ۽ عقلمند هو. هن هڪ فيلسوف جي ڏيءُ سان شادي ڪئي جيڪا راڻي يوڊوسيا جي نالي سان مشهور ٿي. هن پلچيريا جي جڳهه ونڊ جي تمنا رکي جيڪا ٿوڊوسيَس جي وڏي پيٽ هئي ته جيئن تخت ۽ تاج جي ويجهو رهي پر پوءِ ڪيس جيروسلم ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو.

باب ٽيٽيهون

(خلاصو)

آنريَس جو موت، وئلينٽينيَن- III اولهه جي ملڪن جو شهنشاهه، سندس ماءُ پلاسيڊيا جو حڪومتي نظام- ايٽيَس ۽ بونيفيس، وئنڊل آفريڪا کي فتح ڪن ٿا.

گبن پنهنجو رخ اولهه طرف ڪري ٿو ۽ آنريَس جي ڏگهي ۽ بيعزتي واري حڪمراني جي آخري سالن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو. 423 عيسوي ۾ سندس مرڻ تي، اوير جي هڪ فوج غاصب جان کي ڏبائي هيسايو ۽ عظيم ٿيوڊوسيَس جي ڏيءُ پلاسيڊيا جي اثر رسوخ سان سندس ڇهن سالن جي پٽ کي اولهه جو شهنشاهه بڻايو ويو، سندس نالو هو وئلينٽينين- III. فوجن جي واڳ ايٽيَس ۽ بونيفيس جي وچ ۾ ورهائي وئي. ايٽيَس جيئن ته هن جي خلاف سازشن ۾ لڳي ويو ته بونيفيس وئنڊلن کي دعوت ڏني ۽ کين اسپين ۾ آباد ڪيو ويو ته جيئن اُهي آفريڪا ۾ سندس مدد ڪن. سندن ليڊر جينسيرڪ هڪدم پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪري چڏيو ۽ صوبي جي گهٽي حصي ۾ ڪاهي ويو ۽ ان کي ويران ڪري چڏيائين جيڪو اڳ روم جو آباد علائقو هوندو هو. بونيفيس جو گهيرو ڪيو ويو جنهن کي 431 ۾ هِپو وٽ شڪست ڏني وئي. گبن، هِپو جي پادري سينٽ آگسٽائين جي ڪردار کي هيئن ٿو بيان ڪري: 'هڪ مضبوط ارادن جو مالڪ، ڪشادي ذهن وارو ۽ دليل ۽ منطق جو ماهر جنهن کي رب جي رضا، مقدر جي معاملن، اظهار جي آزادي ۽ اصلوڪي گناهه بابت پوري ڄاڻ هئي.' وئنڊل، جن جي مدد، ڪليسا ۾ مذهبي قوت پوڻ سبب خود بخود ٿي وئي هئي، ڪارٿيج تي سن 439 عيسوي ۾ قبضو ڪري ورتو. تيستائين، بربرن يورپ ۽ آفريڪا جي سرسبز صوبن تي پنهنجو قبضو ڄمائي ورتو هو.

باب چوٽيهون

هُنن (Huns) جي بادشاهہ آٽيلا جو ڪردار، سوپون ۽ سندس محلات۔ ننڍي ٽوڊوسيَس جو موت۔ اوپر جي شهنشاهت لاءِ مَرسيَن جو متاهين مرتبي تي پهچڻ

مغربي ملڪن جي ماڻهن کي ڳاڻن ۽ وٺندلن پريشان ڪري ڇڏيو هو جيڪي اتان پڄي هُنن (Huns) وٽ آيا پر هُنن جا ڪارناما ايترا تہ ناڪافي هيا جو اُهي سندن طاقت ۽ خوشحاليءَ سان مطابقت رکندڙ نہ هيا. سندن فاتح لشڪر وولگا کان دنيوب تائين ڦهلجي چڪا هيا، پر اُنهنجي عوامي طاقت سندن ئي مڪيہ ماڻهن ۽ سردارن جي اندروني اختلافن سبب ختم ٿي چڪي هئي. سندن بهادري فضول ڳالهين ۽ ڦرلٽ جي مال تي گذارو ڪرڻ ۾ ضايع ٿي وئي هئي ۽ آئيندي لاءِ بہ ٻين جي مال ملڪيت تاراج ڪرڻ جي آسري تي هنن پنهنجي قومي عزت ۽ غيرت کي بہ ذليل ڪري ڇڏيو هو ۽ سدائين ان تاڙ ۾ رهندا هيا تہ پنهنجن پاڇوڪڙ دشمنن جي جهنڊن هيٺان وڃي جمع ٿين ۽ پنهنجو نالو داخل ڪرائن. اٽيلا(1) جي حڪومت ۾، هُنن (Huns) وري دنيا ۾ خوف ۽ هراس ڦهلائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي آڳ ڏهڪائيندڙ بربرن جي ڪردار ۽ اُنهن جي ڪمن بابت اوهان کي ٻڌائيندس جن واري واري سان اوپر توڙي اولهہ جي ملڪن تي نہ رڳو حملا ڪيا پر اُنهن جي بيعزتي بہ ڪئي ۽ روم جي شهنشاهت جي تڪڙي زوال جا خواهشمند رهيا.*

لُڊ پلاڻ جي جيڪا بيصبريءَ واري لهر هلي، اُها چين جي سرحدن کان وٺي جرمني جي ديوارن تائين پکڙيل هئي، ۽ جيڪي تمام طاقتور ۽ وڏي آدمشماري وارا قبيلا ۽ قومون هيون، اُنهن کي ئي روم جي صوبن ۾ گهٽي ۾ گهٽي تعداد ۾ ڏٺو ويو. ايترن بيشمار ماڻهن جي وزن کي مصنوعي طريقن سان کڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ شهنشاهن جي پنهنجي رتبي کان هيٺ لهي اچڻ ۽ ماڻهن سان آسانيءَ سان ملڻ، گستاخ بربرن کي مطمئن بہ نہ ڪيو ۽ اُنهن جي مطالبن کي ويتر وڌائي ڇڏيو جن کي هاڻي شهري زندگي گذارڻ جي عياشيءَ جو چسڪو لڳي چڪو هو. هنگري جا ماڻهو، جيڪي چاهہ مان اٽيلا جي نالي کي پنهنجن مقامي بادشاهن سان وڃي ملائن ٿا، شايد سچائيءَ سان ان ڳالهہ جي تصديق ڪري سگهندا تہ اُهي بيشمار ماڻهو جيڪي سندس چاچي رئوس يا رگيلاز جي رعيت ۾ شامل هيا، اُنهن پنهنجا جدا ٽولا ناهي جديد هنگري جي حدن اندر(2) پنهنجا خيما کوڙي ڇڏيا هيا چاڪاڻ تہ هي ملڪ سرسبز ۽ آباد هو جنهن ۾ شڪارين توڙي مال جي ڏٺن يا پوري قوم لاءِ هر شئي گهٽي مقدار ۾ موجود هئي. هن خوشحاليءَ جا فائدو وٺندي رگيلاز ۽ سندس بهادر پائر، جيڪي طاقت توڙي شُهرت ۾ گهٽو اڇتي وڌي ويا هيا، هاڻي اهو مٽن ڇڏيل هو تہ بن شهنشاهتن سان امن يا جنگ مان

جيڪو هو چاهين ها تہ ڪري پئي سگهيا ڇو تہ هو ايترائي طاقتور هيا. اولهہ جي رومين سان سندس اتحاد هڪ زبردست اڳواڻ اِيٽيَس سان سندس ذاتي دوستيءَ سبب ممڪن ٿي سگهيو جنهن ڪي بربرن جي ڪئمپ ۾ مهمان نوازي ۽ حفاظت جي سڪ ۽ سڪون ملڻ سان گڏ پنهنجي لاءِ پوري حمايت بہ ملندي هئي. غاصب جان جي نالي ۾ سندس ئي چوڻ يا ڪيس قائل ڪرڻ تي، هُنن (Huns) جا ست هزار ماڻهو پيش قدمي ڪندا اٽلي جي سرحدن تائين پهچي ويا، پر سندن مهم جوئي توڙي سندن پاڃَ ملڪ جي لاءِ ڏاڍي مهانگي پئجي وئي ۽ ايٽيس جي احسانمنديءَ واري پاليسي موجب پنونيا ۾ جيڪو ڪجهہ هيو، اُهو هن پنهنجن اتحادين جي حوالي ڪري ڇڏيو. اوپر جا رومي پڻ رگيلاز جي هٿيارن جي ڇُرپُر ۽ ڏهڪاوَ ڪان غافل نہ هيا جنهن سبب صوبن توڙي گاديءَ جي هنڌ ۾ خطري جا گهِنڌَ وڄڻ شروع ٿي ويا هيا. ڪجهہ ڪليسائي تاريخدانن پنهنجي پَرِ ۾، بربرن کي وِڄَ ڪرڻ ۽ وبائي بيمارين سبب تباهہ ڪري ڇڏيو آهي،(3) پر ٿوڊوسيَس خود پنهنجي حيثيت ڪان ايترو تہ هيٺ لهي آيو هو جو هن سون جا ٽي هزار پنجاهہ پائوند هر سال پنهنجي حفاظت لاءِ ڏيڻا ڪيا ۽ ان لاءِ بہ تہ جيئن هو ان ڏَنَ ڏيڻ عيوض پنهنجي 'جنرل' هئڻ جي لقب توڙي پنهنجي وقار کي، بين ماڻهن جي نظرن ڪان لڪائي ۽ بچائي سگهي جيڪو ڪيس هُنن جي بادشاهہ عطا ڪيو هو. بربرن جي خطرناڪ اُبهرائي ۽ بازنطيني درٻار جي اوچتين سازشن، پاڙيندڙ قومن، جن مان اسان هڪَ يعني بوَئريَنس کي بين ڪان نمايان ڪنداسين جن هُنن جي حڪومت کي مجڻ ڪان انڪار ڪيو ۽ سندن بغاوت کي روم وارن جي پنيرائي ۽ پرپور تعاون تيستائين حاصل رهيو جيستائين رگيلاز طرفان جائز دعوائن ۽ سندس طاقت جو پرپور ٽُماءُ سندس سفير ايسلا جي آواز ۾ نہ ڪيو ويو هو. سينيٽ جي ايوان جي گڏيل خواهش هئي تہ امن قائم ٿئي. شهنشاهہ طرفان سندن فرمان جي تصديق ڪئي وئي، ان ڪان پوءِ بن سفيرن جا نالا گردش ۾ آيا. هڪڙو پلنٽاس جيڪو سيٽيا جو جنرل هيو ۽ اڳ ئي سفارتي رتبي وارو هو، ۽ ٻيو هڪ مئجسٽريٽ جنهن جو نالو ايپيجينس هو ۽ هُو هڪ داناءُ ۽ تجربيڪار سياستدان هو جنهن کي ان رتبي تي مقرر ٿيڻ لاءِ سندس هڪ ساٿي سفارش ڪئي هئي.

رگيلاز جي موت امن جي معاهدي کي اڳتي وڌڻ ڪان في الحال روڪي ڇڏيو. سندس بہ پائٽيا اَٽيلا ۽ بليدا جيڪي ٻئي پنهنجي چاچي جا جانشين مقرر ٿيا، قسطنطنيہ جي سفير سان ملاقات ڪرڻ لاءِ راضي ٿيا، پر جيئن تہ اُنهن غرور مان پنهنجن گهوڙن تان هيٺ لهڻ مناسب نہ سمجهيو تہ سڀ معاملا هنن پنهنجي گهوڙن جي هَڻن تي ويهي طئي ڪيا ۽ هيءَ جڳهہ مٽين ميسيا جي هڪ وڏي ميدان تي مارگس شهر ۾ هئي. هُنن (Huns) جي بادشاهن ڳالهين ٻولهين ۾ زبردست فائدا حاصل ڪيا تہ ساڳي وقت اجايا سجايا اعزاز پڻ ورتا. هنن امن امان قائم رکڻ جا شرط حڪم ڏيئي طئي ڪيا ۽ هر شرط شهنشاهت جي وقار تي ذلت ٽُما داغ جيان ٿي لڳو. دنيوب جي ڪنارن تي هر شئي جي جهجهي مقدار ۾ موجودگي کي يقيني بنائڻ ڪان سواءِ هنن سالياني ڏَنَ ڏيڻ کي بہ وڌائڻ جو مطالبو ڪيو جيڪو ٿي سئو پنجاهہ ڪان ست سئو سون جي پائوندن تائين پِيٽو ڪيو ويو؛ اهو شرط بہ قبول ڪرايو ويو تہ جيڪڏهن ڪوبہ رومي قيدي پنهنجي بربر مالڪ جي قيد ڪان پڄي ويو هو تہ هر پڳل قيدي جي ڏوهہ ۾ سون جا اٺ ٽڪرا ڏَنڊَ طور پريا ويندا، ٻيو تہ شهنشاهہ هُنن (Huns) جي دشمنن سان هر معاهدو يا هر تعلق کي ختم ڪندو، ان کان علاوه اُهي ماڻهو، جن خوف کان پڄي ٿوڊوسيس جي صوبن يا ان جي محل ۾ پناهہ وجي ورتي هئي، سيني کي واپس موڪلائي ان حاڪم جي انصاف جي

حوالي ڪيا وڃن جتان اُهي پڳا هيا. هن انصاف کي زوريءَ ڪجهه جوانن جي پُڪي ۾ وڌو ويو جيڪي شاهي خاندان سان تعلق رکندا هيا. اُنهن سڀني کي اٽيلا جي حڪم تي شهنشاهت جي حدن اندر قاهيءَ تي چاڙهيو ويو، ۽ جيئن ئي هُنن جي بادشاهه رومين کي پنهنجي ڏاڍَ ۽ ڏهڪاوَ سان خوفزده ڪري مطمئن ڪيو ته هاڻي هن کين مختصر ۽ عارضي مهلت ڏني ته جيئن ساهه کڻڻ جهڙا ٿين، ۽ ان وقفي ۾ هنن سيٽيا ۽ جرمني جي آزاد قومن جي بغاوت کي خاموش ڪرايو.(4)

منڊزڪ جو پٽ اٽيلا پنهنجي عزت واري خاندان کي قديمي هُنن (Huns) سان ٿو وڃي ملائي(5)، جن اڳ چين جي حاڪمن سان ڇٽا پيٽيءَ جي دعويٰ ڪئي هئي. گائٽن جي هڪ تاريخدان جي تجزيي موجب، هو پنهنجن مُهاندن مان ئي پنهنجي نِج قومي اصليت جو ثبوت پيش ڪري رهيو هو، ۽ اٽيلا جو نقش يا مورت ائين لڳندي آهي جيئن ڪنهن تاتاري جي بگڙيل تصوير هجي؛ وڏو متو، ڪارانجهڙو يا مشڪي رنگ، ننڍيون ۽ اونهيون اندر ٽيل اکيون، ويڪرو نڪ، ٻُچي ڏاڙهي، ڪشادا ڪُلها، ننڍو قد ۽ ٻندرو جسم، طبيعت جو اُتاولو ۽ بيهڪ جو سراسر اٽپورو(6). هُنن جي بادشاهه جي جيڪا ضدي ۽ هٺيلي طبيعت هئي، ان مطابق هو پاڻ کي دنيا جي سڀني انسانن کان وڌيڪ اوچو ۽ متاهون سمجهندو هو ۽ سندس فطري عادت هوندي هئي ته هو پنهنجين اکين کي خطرناڪ حد تائين هر طرف ڦيرائيندو هو جنهن مان لڳندو هو ته جنهن هيبت کان هو متاثر ٿيندو هو ان جو عملي اظهار هو پنهنجين اکين کي هيڏي هوڏي ڦيرائڻ سان ڪندو هو. ان جي باوجود هي وحشي انسان هروپرو رحمدليءَ کان پَرپرو يا پاسيرو نه هيو، اُهي دشمن جيڪي هن جا محتاج ۽ نماڻا عرضدار هوندا هيا ته اُنهن سان به صلح ڪري ڇڏيندو هو يا کين معاف ڪري ڇڏيندو هو ۽ سندس رعيت جا ماڻهو اٽيلا کي انصاف پسند ۽ سندن معاملن ۾ دلچسپي رکندڙ سمجهندا هيا. هن کي جنگين ۾ خوشي محسوس ٿيندي هئي پر جڏهن هو پنهنجي سنجيدگيءَ واري عمر ۾ تخت تي وينو ته سندس دماغ جي بجاءِ سندس هٿن اتر ۾ سوپون حاصل ڪيون ۽ بادشاهه جي روپ ۾ هن سپاهيءَ جي شهرت هڪ دوراندیش ۽ ڪامياب جنرل واري هئي. ذاتي بهادري جا اثر، شاعري ۽ عشق کان سواءِ، ايترا ته اَٽ ڇٽا ٿين ٿا جو بربرن ۾ به فتح جو دارومدار فقط ذهن ۽ دماغ جي تيزي ۽ هوشياري تي هوندو هو ته ڪيئن نه بيشمار ماڻهن جي نفسيات کي سمجهي پوءِ ان مطابق عمل ڪرڻو پوي ٿو جيڪو وري فقط هڪ ماڻهوءَ جي خدمت ڪرڻ يا ان کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿئي ٿو. سيٽيا جا فاتح اٽيلا ۽ چنگيز خان* پنهنجن مغرور هم وطن ماڻهن کان همت ۽ بهادريءَ ۾ نه پر فنڪاري ۽ ذهانت ۾ اڳتي وڌي ويا هيا ۽ اهو ڇئي سگهجي ٿو ته جيڪي بادشاهيون هُنن توڙي مغلن قائم ڪيون ته اُنهن جا بنياد به گهٽو ڪري وهمن وسوسن جي پراڻي سرشتي تي ٻڌل هيا. چنگيز خان جي ڪنواري ماءُ کي جيڪو حمل ٿيو هو ته ان ڏوکي وار ڳالهه جنهن کي وري اپوجهن ۽ پورڙن ماڻهن هڪ معجزي سان وجي ملايو هو، ڪيس انساني فطرت کان متاهون ڪري پيش ڪيو ۽هڪ پيغمبر، جيڪو خدا جي روپ ۾ هن ڌرتي هو، ڪيس سڄي زمين جي شهنشاهت سونپي ويو هو ۽ ان ساڳئي وقت وڏي جوش مان مغلن جي بهادريءَ ڏانهن به اشارو ڪيو هو. (7) اٽيلا جا مذهبي جذبا به ان دؤر ۽ ملڪ جي ضرورتن ۽ گهُرجن مطابق هيا. اهو بلڪل فطري هو ته سيٽيا جا ماڻهو، پنهنجي جنگي جنون سبب، جنگ جي ديوتا جي پوجا ڪن، پر جيئن ته اُهي ڪنهن خيالي يا جسماني ديوتا کي ناهڻ يا ان کي ڪنهن شڪل ڏيڻ جا اهل نه هيا. تنهنڪري اُنهن روايتي طور پنهنجي سرپرست ديوتا جي پوجا ٿي ڪئي جنهن جو نشان لوهه

جي هڪ ترار هئي. (8) هُنن (Huns) جي هڪ ڏنار يا ڏراڙ محسوس ڪيو يا خواب ۾ ڏٺو ته هڪ وهڙي يا گُابي چَرندي پنهنجي پير کي زخمي ڪري ڇڏيو هو، ۽ هن ان وهڙيءَ جي رَت وهڻ جي نشانن ذريعي پيرو ڪٽڻ شروع ڪيو، ۽ هو وڏي گاهه جي هڪ ٻنيءَ ۾ وڃي پهتو جتي ڏُنائين ته هڪ قديمي ترار اُتي ڪُتل هئي جنهن کي هن کوٽي ٻاهر ڪڍيو ۽ اٽيلا جي خدمت ۾ نذراني طور وڃي پيش ڪيائين. هن شانائتي ۽ چالاڪ بادشاهه وڏي احسانمنديءَ مان تحفو قبول ڪيو جنهن کي هن آسماني مهرباني سمجهي ۽ هاڻي هن کي هڪ فخر جو احساس ٿيو ته هن وٽ 'جنگ جي ديوتا جي ترار' هئي، تنهنڪري خدا جي سڃي زمين تي سندس دعويٰ جائز ۽ حق تي هئي. (9) هن پاڻ پريئي موقعي تي سيٿيا جي رسم موجب جشن ملهايو ويو، ڪائين جي هڪ وڏي ڍير تي هڪ قربانگاهه سجايو ويو جنهن جي ڏيگهه ۽ ويڪر هر طرف کان ٽي سو وال هئي، ان کي هڪ وڏي ۽ ويڪري ميدان تي پکيڙيو ويو ۽ 'جنگ جي ديوتا جي ترار' کي قربانگاهه جي مٿان اُڀو بيهاريو ويو، جنهن کي رڍن ۽ گهوڙن جي رت ۽ جيڪو قيدي سئو نمبر تي اڇي، (10) ان جي پٽ رت سان هر سال پاڪ ڪيو ويندو هو. اهو ڇئي نٿو سگهجي ته اٽيلا جي عبادت ۾ ماڻهن جي قرباني شامل هئي يا نه، يا وري هن جنگ جي ديوتا کي اهڙي قرباني ڏئي خوش ڪرڻ ٽي چاهيو جنهن کي هو لڳاتار جنگ جي ميدان ۾ قربانيءَلاءِ آڇيندو رهندو هو، بهرحال جنگ جي ديوتا جي سڪيلڊي بادشاهه پنهنجي لاءِ هڪ مقدس ڪردار اختيار ڪري ڇڏيو، جنهن ڪري سندس سوپون به اڳ جي مقابلي ۾ وڌيڪ آسان ۽ دائمي ٽي ويون ۽ بربرن جي بادشاهن، خبر ناهي ته عقيدت کان يا وري خوشامد جي خيال کان، اها ڳالهه تسليم ڪئي ته هو، هُنن جي بادشاهه جي اکين ۾ گهُوريندي هُو ساڻس اکيون نٽا ملائي سگهن ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ شايد ڪو خدائي رعب ۽ جلال اڇي ويو هو.(11) سندس پاءُ بليدا، جنهن قوم جي گهٽي حصي تي حڪومت ٽي ڪئي، کي مجبور ڪيو ويو ته اقتدار توڙي پنهنجي حياتيءَ تان هٽ ڪٽي. اهڙي ظالماڻي قدم کي به ڪنهن غيبي جذبي يا زور جو نالو ڏنو ويو ۽ جنهن طاقت ۽ توانائيءَ سان اٽيلا جنگ جي ديوتا جي ترار کي جهليو ته دنيا وارن تي هاڻي واضح ٽي ويو ته اها آسماني ترار فقط ان شخصيت لاءِ وقف ٿيل هئي جيڪو ناقابل- شڪست بنجي چڪو هو.(12) پر سندس شهنشاهت جي ڏيگهه توڙي ويڪر کي ڏسي اهو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو ته هن ڪيترين نه گهٽيون ۽ اهم سوپون حاصل ڪيون هيون ۽ سيٿيا جو حاڪم، خبرناهي ته هو خود سائنس ۽ فلسفي جي ڄاڻ رکندو هو يا نه، پر ڪيس شايد پڇتائڻو پوندو ته سندس رعيت جا ماڻهو جيڪي بلڪل جاهل هيا ۽ کنهن به هنر يا سائنسي علم کان اڻڄاڻ هيا ته اُهي شايد سندس ڪارنامن کي جاري نه رکي سگهن.

جيڪڏهن هن دنيا جي مهذب ۽ وحشي ماڻهن جي وچ ۾ حد بندي ڪئي وڃي، يا جيڪي شهرن جا رهواسي ۽ جيڪي هاري آهن ۽ پنهنجون زمينون کيڙين ٿا، ۽ جيڪي شڪاري ۽ ڏنار آهن ۽ تنبُن ۾ رهن ٿا ته اٽيلا ان حدبنديءَ ۾ شايد بربرن جي اڪيلي ۽ مٿاهين درجي واري حاڪم ٽيڻ جو خواهشمند نڪري پوي.(13) قديم توڙي جديد زمانن جي فاتحن ۾ اهو ۽ فقط اهو اڪيلو هو جنهن جرمني ۽ سيٿيا جي بن وڏين بادشاهتن جو هڪ ٻئي سان ايڪو ۽ اتحاد ڪرايو ۽ اُهي لقب جيڪي سندس حڪومت سان وابسته ڪيا وڃن ٿا، فقط تڏهن سمجهي سگهبا جڏهن خطابن کي ايڏا وڌيڪ وسيع ڪيو ويندو. ٽرنگيا، جنهن جو حدون ايتريون ته وڌيون هيون جو اُنهن دنيوب کي به اورانگهي ڇڏيو هو، سندس ئي صوبن ۾ هو؛ هن پاڙي واري ملڪ جي مدد سان فرئنڪن جي پرڏيهي معاملن ۾



روم ۽ هُن شهنشاهتون- 450ع

دخل اندازي ڪئي ۽ هنن جي هڪ ليفٽيننٽ کي سزا ڏني وئي، ۽ رائين جي برگنڊي قبيلن جي ماڻهن کي صفا برباد ڪري نابوديءَ جي حد تائين پهچايو ويو. هن سمنڊ جي ٻيٽن ۾ رهندڙ ماڻهن کي پنهنجي تابع ڪيو ۽ ساڳئي وقت اسڪئنڊينيويا جي بادشاهتن، جن کي هر طرف کان بالٽڪ جو پاڻي وکوڙي ويو هو، کي به پنهنجن حڪمن هيٺ آندائين ۽ هُنن (Huns) هاڻي اُترين علائقن جي مشهور پشم تي به ڏن وٺڻ شروع ڪيو. هي خِطو هتان جي سخت موسم ۽ مقامي ماڻهن جي همت ۽ مردانگيءَ سبب هن وقت تائين ٻين سيني فاتحن کان محفوظ رهيو هو. اوپر طرف، اٽيلا جي حڪومت جي حَد جو ليکو ڪرڻ ڏکيو آهي ۽ خاص طرح سيٿيا جي بيابانن ۾، پوءِ به اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته هن جو اقتدار وولگا جي ڪنارن تائين پکو پختو هو، پر هُنن جي بادشاهه کي هڪ جنگجو هئڻ جي ناتي سان نه پر هڪ جادوگر(14) جي حيثيت ۾ خطرو هو ڇاڪاڻ ته هن گوجن جهڙي خطرناڪ 'خانَ' کي نه رڳو شڪست ڏني هئي پر کيس بيعزتو به ڪيو هو، ته ساڳئي وقت هن سفيرن کي موڪليو ته چين جي شهنشاهت سان هڪ جهڙائيءَ وارن شرطن تي دوستي ۽ اَمن جي معاهدي کي طئي ڪري اچن. قومن جي فخر لائق ڪارنامن جو جيڪڏهن جائزو وٺجي ۽ خاص طرح اُنهن جو جن اٽيلا جي سوين جي برتريءَ جو اعتراف ڪيو هو، ۽ جن سندس حياتيءَ ۾ هنجي خلاف ڪنهن بغاوت جو ڪڏهن سوچيو به نه هو، پر گيپيڊي* ۽ آسٽرو گاٿ تعداد ۾ تمام گهٽا هيا ته سندن بهادري به مشهور هئي ۽ سندن سردارن جو ذاتي ڪردار به تعريف لائق هو. نالي وارو آردئرڪ جيڪو گيپيڊي قبيلي جو بادشاهه هو، اُهو حاڪم جو عقلمند ۽ وفادار ڪائونسلر هو جنهن سندس بهادري جي جوهرن کي سجاڻي ورتو هو، جڏهن ته هو باوقار والامير، جيڪو آسٽروگاٿن جو بادشاهه هو، جي نرم ۽ مهذب روَيي سان پيار ڪندو هو. ٻين عام بادشاهن سان لاڳاپيل ماڻهن جو هجوم توڙي ٻين ويڙهاڪ قبيلن جا اڳواڻ جيڪي اٽيلا جي مرڪزي جهنڊي هيٺان چوڪيدارن ۽ نوڪرن جون خدمتون ڏيندا هيا، سي سڀيئي پنهنجي مالڪ جي حڪم هيٺ ڪم ڪندا هيا. هو فقط سندس اشاري ملڻ جا منتظر رهندا هيا، سندس مُنهن ۾ گهُنڊ پوڻ تي هو بنهه ڏڪي ويندا هيا، ۽ سندس خواهش يا مرضيءَ جي معلوم ٿيڻ شرط ڪنهن به پُڻ پُڻ ڪرڻ کان سواءِ سندس نادري حڪمن تي عمل ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا هيا. امن امان جي زماني ۾، ننڍا ۽ سندس ماتحت بادشاهه پنهنجين فوجين سميت، شاهي ڪئمپ ۾ باقاعدگيءَ سان پنهنجي حاضري لڳائيندا هيا، پر جڏهن اٽيلا جي فوجي طاقت وڌيڪ زوردار ۽ مضبوط ٿي وئي ته هو جنگ جي ميدان ۾ بربرن جي پنجن کان ستن لکن جي فوج سميت موجود هو.(15)

هُنن (Huns) جي سفيرن شايد ٿوڊوسيَس جو ڏيان ڇڪرائي ڪيس ياد ڏياريو هجي ته اُهي به ايشيا توڙي يورپ ۾ سندس پاڙيسري هيا چو ته سندن حڪومت جون حدون به هڪ طرف دنيوب تائين ٿي ويون ته ٻي طرف ٽنائس* جي چيڙن کي وڃي ٿي ڇُهيائون. سندس پيءُ آرڪئڊيَس جي حڪومت ۾، هُنن جي هڪ مهم جُو ٽولي، اوپر جي ڪجهه صوبن کي ڦري تاراج ڪري ڇڏيو هو، جتان اُنهن ڦرلٽ جي تمام گهڻي سامان سان گڏ بيشمار قيدي به پاڻ سان گڏ آندا هيا.(16) ڪئسپيَن سمنڊ جي ڪنارن جي ڪُجهن رستن سان سفر ڪندي، هنن آرمينيا جي برفاني جبلن کي اُڪاريو؛ دجلہ، فرات ۽ هئلس* ندين کي پار ڪيو؛ پنهنجي ٽڪل گهوڙيسوار فوج کي ڪپاڈوشيا جي بهترين نسل جي گهوڙن جي پرتي ڪرڻ سان طاقتور بنايو*، سليشيا جي پهاڙي ملڪ تي قبضو جمايائون ۽ ائنٽئڪ (انتاڪيا) جي شهرين جي مُسرتن ۽ شادمانن ۾ وڃي دخل انداز ٿيا جڏهن هُو هيج مان پنهنجا ڪي نغما ڳائي

خوشيءَ مان نچي ٽپي رهيا هيا. سندن آمد جي خبر پوڻ شرط مصر جا ماڻهو خوف مان ڏڪي رهيا هيا ۽ مقدس ملڪ جا ٻاوا ۽ زيارتي پانڌيئڙا پنهنجو ملڪ ڇڏڻ جي ترت تيارين جا سانباها ڪرڻ لڳا. هن حملي جون يادگيريون مشرق جي ماڻهن جي ذهنن ۾ اڃا تازيون هيون. اٽيلا جي رعيت جا ماڻهو، هنن مهم جُو ماڻهن جي بهادريءَ وارين ۽رتن ۽ تجويزن جي مقابلي ڪرڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳا ۽ ماڻهو ساڻئي وقت اهي اندازا ٻه ڪرڻ لڳا ته هن دفعي مخالفتن جي شديد طوفان جو رخ روم يا فارس منجهان ڪهڙي طرف ٽيندو. هُنن جي بادشاهه جي غلامن کي، جن جو مرتبو ٻه ذري گهٽ بادشاهن جيترو هو، شهنشاهه يا مغرب جي جنرل جي خدمت ۾ موڪليو ويو ته وجي امن جي معاهدي جا شرط طئي ڪري اچن. هنن روم ۾ پنهنجي رهائش دوران، اوپر ۾ هن مهم شروع ڪرڻ جي حالتن ۽ ضرورتن بابت پنهنجي وضاحت پيش ڪئي. هڪ بيابان ۽ ڏُهٽن واري زمين، جنهن کي روم جا ماڻهو ميونس* جي ڏنڊ سڏيندا هئا، کي اُڪرڻ کان پوءِ هو جبلن جي هڪ لڳاتار سلسلي جو گس وٺي ميديا جي حدن اندر داخل ٿي ويا جيڪو اتان پندرهن ڏينهن جي پنڌ تي هو، ۽ هاڻي سندن حيرت جي حد ئي نه رهي جڏهن فضا ۾ هر طرف کان تِيرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو. پر پوءِ دشمن جي وڏي تعداد کي ڏسي هُنن (Huns) کي پوئتي هٽڻو پيو. هو مختلف رستي کان پُنتي موٽيا، پر کين مال ۽ دولت جو وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پيو، نيٺ هو شاهي ڪئمپ طرف موٽي ويا جتي کين ملڪ جي باري ۾ ڪجهه معلومات ملي جو ته هاڻي هو پنهنجي شڪست جي بدلي وٺڻ لاءِ بنهه بيتاب هيا. اٽيلا جي محلات جي آزاد ماحول ۾ ڳالهيون ڪندي، جتي ڪجهه شاهي سفير پڻ ويٺل هيا، سندن زوردار ۽ طاقتور دشمن جي ڪردار ۽ سندس ارادن بابت بحث ٿيو، اُتي قسطنطنيه جي وزيرن تجويز پيش ڪئي ۽ اُميد ڏيکاري ته دشمن جي طاقت کي ساسان جي بادشاهن طرف موڙي ۽ کين ڏِڪهن ۽ اينگهه ڪندڙ مقابلن ۾ اُلجهائي سگهجي ٿو. پر اٽلي جي ڪجهه درواندیش ۽ ڏاهَن ماڻهن کين تنبيهه ڪئي ته اوپر جي پائرن طرفان ان مُهم کي شروع ڪرڻ وڏي غلطي هوندي جنهن ۾ بيشمار خطرا پيش اچي سگهن ٿا ۽ کين تسلي ڏياريائون ته ميديا توڙي فارس جا ماڻهو هُنن (Huns) جي فوج ۽ هٿيارن جو مقابلو هرگز نه ڪري سگهندا ۽ اهم شهرن توڙي مال دولت جي آسانيءَ سان هٿ اچڻ ڪري فاتح جي وڏائي توڙي طاقت ۾ اضافو اچي ويندو. هڪ معمولي حاصلات ۽ فوجي لقب، جنهن کيس ٿيوڊوسيَس جي جنرلن جي قطار ۾ وجي ٻيهاريو هو، ملڻ تي خوش ٿيڻ بدران، اٽيلا هاڻي فيصلو ڪري ورتو ته هو روم جي نِڊال قيدين جي ڪُچين ۾ غلاميءَ جو طوق وجهندو ۽ روم وارن کي هر طرف کان گهيري ۾ آڻي هنن (Huns) جي هڪ عظيم شهنشاهت کي قائم ڪندو.(17)

هڪ طرف يورپ ۽ ايشيا جون طاقتون خطرن کي ٽارڻ جي ڪوششن ۾ رُڌل هيون ته ٻي طرف اٽيلا وٺنڊلن سان اتحاد ڪري ورتو ته جيئن آفريڪا جي خطن تي ٻه قبضو جمائي سگهجي.(15) روينا ۽ قسطنطنيه جي حڪومتن جي وچ ۾ ان اهم صوبي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ڳڙيل ۽رٽ تي سمجهوتو ٿي ويو. باقي سِسلي جا بندرَ ته اڳيئي ٿيوڊوسيَس جي زميني توڙي سامونڊي فوجين سان ڀريا پيا هيا. پر جنسيرڪ جنهن پنهنجي عقلمندي ذريعي سڄي دنيا ۾ پنهنجين ڳالهين ٻولهين جو ڄار وڇائي ڇڏيو هو، سندن منصوبن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏنو ۽ هُنن (Huns) جي بادشاهه کي اوپر جي شهنشاهت تي حملي ڪرڻ لاءِ جوش ڏياريائين؛ ۽ ٿيووري چا جو هڪ معمولي واقعو، هڪ تباهه ڪندڙ جنگ جو

سبب ۽ بهانو بڻجي ويو.(18) مارگس جي معاهدي جي رُوح مطابق، دنيوب جي اترئين پاسي کان شين جي ڏيتي ليتي جي مندي آزاديءَ سان پئي هلندي هئي، جنهن جي حفاظت هڪ قلعي جي ذريعي ڪئي ويندي هئي جيڪا کانسٽئنٽيا جي نالي سان مشهور هئي. بربرن جي هڪ فوجي جٿي هن منديءَ جي حفاظت جي پيڇڙي ڪندي غير مشڪوڪ واپارين کي يا ته ماري ڇڏيو يا زبردستيءَ سان کين پڇائي ڇڏيو ۽ سڄي قلعي کي ڀاهي پَٽ ڪري ڇڏيائون. هُنن (Huns) هن زيادتيءَ جي پنيرائي ڪندي ان کي 'جهڙي ڪرٽي، تهڙي پرٽي' ڪونيو، ويتر اهو الزام لڳايائون ته مارگس جي پادري سندن حد دخلي ڪئي هئي ته جيئن سندن بادشاهن جي مخفي خزاني کي ڳولي لهي ۽ چورائي وڃي ۽ ندامت سان پريل سردار کان هن بيحرمتيءَ واري قدم ڪٽڻ جي سخت لفظن ۾ پڇا ڳاڇا ڪيائين ته ساڳي وقت رعيت جي اُنهن ماڻهن جو به پُڇاڻو ڪيائين جيڪي اٽيلا جي جنبي کان ڪنهن طرح پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا هيا. بازنطين جي محلات کان انڪار ٿيڻ تي جڻ جنگ جو طبل وڄي چڪو هو ۽ شروع ۾ ميسيا وارن پنهنجي حاڪم جي ارادي جي مضبوطيءَ تي ڪيس تمام گهٽو داد ڏنو هو. پر تڏهن هو خوف ۾ ڪنبي ويا هيا جڏهن وميننسيَم توڙي پرپاسي وارا شهر تباهه ٿي چڪا هيا، ۽ ماڻهن هاڻي ان چوٽيءَ ۾ اعتبار ڪري ڇڏيو هو ته هڪ خانگي شهري پلي ڪيترو به معصوم ۽ عزت وارو ڇو نه هجي، پر هُو جڙ جائو ئي انڪري هو ته پنهنجي ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ پلي ڪيس قربان ڪري ڇڏجي. ماگس جي بشپ، جنهن کي شهيد ٿيڻ جو ڪو شوق ڪونه هو، سيني مشڪوڪ سازشن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو. هُنن (Huns) جي بادشاهه سان هو جرئتمنديءَ سان پيش آيو، پاڪ قسم کڻي پنهنجي لاءِ معافي وٺندي انعام حاصل ڪيائين، بربرن جي بيشمار ماڻهن جي پاڻ ڏيوٽي لڳايائين ۽ دنيوب جي ڪنارن تي مقرر ٿيل وقت تي خاموشيءَ ۾ لڪي حملو ڪيائين ۽ پنهنجي هٿن سان پادرين جي شهر جا گيٽ وڄي کوليائين. منافقت ۽ ڏوڪي سان پادريءَ کي جيڪو فائدو رسيو هو، ان هنن لاءِ ڪيترين ئي وڌين ۽ فيصلائتين سوين لاءِ رستو ناهي ڇڏيو هو. اليريَن سرحد تي رڳو قلعا ۽ ڪوٽ ٺهيل هيا ۽ اُنهن منجهان ڪيترا اڌڙا هيا جن جو فقط هڪڙو منارو ۽ ان سان گڏ ننڍي فوجي چوڪي هئي، پر ان جي باوجود اُهي قلعا پوءِ به دشمن جي حملي کي ناڪام بنائڻ لاءِ ڪافي هيا ڇو ته اُهي جَڏ هيا ۽ جنگ جي ڪرتبن کان ايترا واقف نه هيا ۽ باقاعدگيءَ واري گهيري ڪرڻ ۾ به اُبهرائيءَ کان ڪم ونندا هيا. پر هي ننڍڙيون رڪاوٽون هُنن (Huns) جي طوفاني ٻوڏ جي تيز وهڪري ۾ بنا دير لڙهي ويون.(19) باهيون لڳائي ۽ ترارن جي طاقت سان هنن وڌين آدمشمارين وارا شهر تباهه ڪري ڇڏيا جن ۾ سِرميَم، سنگيدونم، رتياريا، مارسينوپولس، نئيسَس ۽ ساردِيڪا شامل هيا، جتي ماڻهن عمارتن اڏڻ جي سلسلي ۾ فقط هڪ نظر ۽ ضبط جوخيال رکيو هو ته پنهنجي حفاظت ۽ بچاءَ جي تدبيرن کي مضبوط ڪيو وڃي. يورپ جي ويڪرائيءَ وارا ملڪ، جيڪي ايگزين کان هئدرئٽڪ سمند جي حدن تائين پنج سو ميلن جي مفاصلي تائين بربرن جي حملي جو شڪار ٿي ويا؛ ملڪن تي قبضو ڪري اُنهن کي ويران ڪيو ويو جن کي اٽيلا جي ڪمان ۾ حاصل ڪيو ويو هو. عوام جي هيترين سارين تڪليفن توڙي خطرن به ٿوڊوسيَس جي جيءَ کي نه جهنجهوڙيو ۽ نه ئي هن پنهنجي وِندر ورونهن کان مُنهن موڙيو ۽ ڪڏهن به اها زحمت نه ڪيائين ته رومي فوجين کي پنهنجو منهن وڃي ڏيکاري. پر جن فوجين کي جينسيرڪ جي مقابلي لاءِ موڪليو ويو هو اُنهن کي به تڙ تڪڙ ۾ سِسلي کان واپس گهرايو ويو؛ جيڪي فوجي جٿا فارس طرف هيا اُنهن جي همت جواب ڏئي چڪي هئي؛

البت هڪ فوجي طاقت کي يورپ ۾ جمع ڪيو ويو جيڪي پنهنجن هٿيارن توڙي تعداد ۾ مضبوط ۽ طاقتور هيا، شرط اهو هو ته سندن جنرل حڪم هلائڻ جي جنگي سائنس کان واقف هجن ها ۽ سپاهي اُنهن جي ڏيوٽي جي پابندي ۽ تابعداري صحيح معنيٰ ۾ ڪري سگهن ها. اوير جي شهنشاهت جي فوجن کي تن لڳاتار حملن ۾ شڪست ڏئي وئي ۽ اٽيلا جي سوين جو اندازو جنگي ميدانن تي سندس ڪاميابين ۾ لڳائي سگهجي ٿو. ٻ جنگيون اُٽس نديءَ جي ڪنارن تي ۽ مئرسنو پوليس جي ديوارن هينان ۽ دنيوب ۽ هيمَس جبل جي وچ ۾ وڏي ميدان تي وڙهيون ويون. جيئن ته رومي فوج، فاتحن جي آڏو سخت دٻاءَ ۾ هئي ته اها ٿريس طرف پنتي هٽندي وئي ۽ هي اُهو ٻيٽ هو جيڪو زمين جي آخري چيڑي تي هيو جتي ٽين ۽ ناقابلِ تلافي شڪست جو مُنهن ڪين ڏسڻو پيو. هن فوج جي تباهيءَ ۾ اٽيلا کي جڙ جنگ جي سيني ميدانن جو قبضو ملي چڪو هو. هاڻي هن بغير ڪنهن روڪ ۽ رنڊڪ ۽ بنان ڪنهن رحم جي رتيءَ جي هيليسپانٽ کان ٿرمو پائلي تائين ۽ قسطنطنيه جي ٻهراڙين سميت ٿريس ۽ مئسيڊونيا جي شهرن ۽ علائقن کي تاراج ۽ نابود ڪري ڇڏيو. شايد هراڪليا ۽ هئبرئانوپل هُنن جي هن تباهڪاريءَ جي اثرن کان بچي ويا، پر جيڪي شهر جا علائقا پاڙئون پٽجي ۽ زمين تان بلڪل ميسارجي ويا اُنهن جي لاءِ تڪليف جهڙو غير اهر لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اهڙو بُرو حشر اوير جي شهنشاهت جي ستر شهرن سان ٽيو هو.(20) ٿوڊوسيَس، سندس محلات ۽ ان جي رعيت جا آرام پسند ماڻهو، قسطنطنيه جي مضبوط ديوارن ذريعي محفوظ هيا پر تازو اُتي هڪ زلزلي اچڻ جي ڪري اُهي ديوارون لُڏي ۽لرزي ويون هيون ۽ انونجاهه وڏا مُنارا ڍهي ۽ ڪري پيا هيا جنهنڪري ديوارن جي وچ ۾ هڪ وڏو خال پيدا ٿي پيو هو. بهرحال ان خال جي مرمت ته ڪئي وئي هئي پر وهمن وسوسن جو هڪ خوف هر طرف پکڙجي ويو هو ۽ قدرت ۽ آسماني طاقت ان شاهي شهر کي سيٽيا جي ڏنارن کي بخشي ڇڏيو هو جيڪي روم وارن جي قانون، زبان ۽ مذهب کان بلڪل ناواقف هيا.(21)

ڏکڻ جي مهذب شهنشاهتن خلاف سيني حملن ۾ سيٽيا جي ڏنارن ۽ ريڊارن جو روَيو جهنگلي جانورن جهڙو هو جنهن ۾ هو هر شئي کي تباهه ڪرڻ طرف مائل رهيا. جنگ جا قانون، جيڪي قومي دولت جي قُرمار ۽ ماڻهن جي قتلام تي بندش وجهن ٿا اُهي بن اصولن تي ٻڌل آهن: دائمي قاعدن جي ڄاڻ جيڪا سوين حاصل ڪرڻ بعد ملي ٿي ۽ ٻيو ته شڪ يا گمان جو انديشو ته جيڪا بربادي يا تباهي اسان دشمن جي ڪريون ٿا متان اُها سياڻي اسان کي پاڻ ٻ ٻوڪٽي پوي تنهنڪري جنگ جي قانونن جي پوئواري ڪرڻ ۾ ٻ اعتدال پسندي کي لاڳو ڪجي. پر اُميد ۽ خوف جا هي نازڪ احساس ريڊارن جي قومن جي سوچ ۽ پهچ کان تمام پري آهن. اٽيلا جي هُنن (Huns) جي منصف مزاجيءَ واري ٻيٽ مغلن ۽ تاتارين سان ڪري سگهجي ٿي؛ اها ٻي گالهه آهي ته بعد ۾ مذهب توڙي جديد رهٽي ڪهٽي سندن زندگين جي طور طريقن کي بدلائي ڇڏيو هو ۽ مشرقي ملڪن جي تاريخ جي شاهديءَ مان روم جي تاريخ ۾ پڻ نامڪمل اهجاڻ ۽ ڪيٽريون ئي ڪوتاهيون ملن ٿيون. مغلن طرفان چين جي اُترين صوبن کي پنهنجي حڪومت هيٺ آڻڻ کان پوءِ، اهو سنجيدگيءَ سان سوچيو پئي ويو، جنهن ۾ فتح جا جذبا نه پر غور ۽ فڪر جي مشورن وارا ويچار شامل هيا ته، ان وڏي ۾ وڏي آبادي واري ملڪ جي سيني رهواسين کي نيست ۽ نابود ڪري سندن نالو نشان ٻ ختم ڪري ڇڏجي ۽ جيڪا زمين انسانن کان سواءِ باقي بچي وڃي ته اُها جانورن ۽ چوپائي مال جي چَرڻ لاءِ وقف ڪري

چڏجي. پر هڪ معزز چيني عهديدار،(22) جنهن قومي پاليسيءَ جا ڪجهه واضح اصول چنگيز خان کي سمجهايا ۽ سندس ئي مداخلت تي هڪ پوائتي ۽ غير انساني ڪم ڪرڻ کان ڪيس روڪيو ويو. پر ايشيا جي ڪجهه شهرن ۾ جن اڳي ئي مغلن آڏو آڻ مجي چڏي هئي، هن غير انساني سلوڪ کي اهڙيءَ طرح روا رکيو ويو جيئن ڪو باقاعدگيءَ وارو نظر ۽ ضبط جو اصول هجي ۽ ان ظالماڻي ڪم جو سڄو الزام فاتح هُنن تي هو. اتان جي رهواسين کي جن سندن مرضيءَ آڏو پنهنجو ڪنڌ جهُڪايو هو، حڪم ڏنو ويو ته هو هڪدم پنهنجا گهر خالي ڪري شهر جي پر واري ميدان تي گڏ ٿين، جتي اُنهن کي ٽن جدا جدا حصن ۾ ورهايو ويو. پهرئين طبقي ۾ فوجي چوڪين جا سپاهي ۽ اُهي نوجوان هيا جيڪي هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جي اهليت رکندا هيا ۽ اُنهن جي مقدر جو فيصلو بنا دير ڪيو ويو: اُنهن کي يا ته مغلن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو يا وري فوجين جي هٿان هڪدم قتل ڪيو ويو.جن کين نوڪدار نيزن ۽ مُڙيل ڪمانن سان بيشمار ماڻهن کي هڪ گول دائري ۾ بيهاري ختم ڪري چڏيو. ٻيو طبقو الهڙ ۽ خوبصورت عورتن جو هو جيڪي هنري ڪمن سان تعلق رکندڙ هيون ته ساڳي وقت اُنهن جو تعلق معزز ۽ شاهوڪار خاندانن سان هيو ۽ جن کان ڏَن يا پُنگ وصول ٿي ٿي سگهيو، اُنهن کي پڻ هڪ جيترن حصن ۾ ورهايو ويو. باقي جيڪي بچي ويا هيا ۽ جن جي زندگي يا موت، هڻڻ يا نه هڻڻ، فاتحن جي نظر ۾ هڪ جهڙو هو ۽ اُنهن کي بيڪار ۽ فضول ماڻهن جي لسٽ ۾ شامل ڪري کين شهر وڃڻ جي اجازت ڏني وئي چو ته اُنهن شهرن مان فرنيچر ۽ ٻيون ڪارائتيون شيون اڳي ئي غائب ڪيون ويون هيون؛ ويتر اُنهن بدنصيب ماڻهن متان ٽئڪس فقط ان ڪري مڙهيو ويو ته هو اتان جي شهرن جي تازي هوا پنهنجي زنده رهڻ ۽ ساهه کڻڻ لاءِ ته ضرور استعمال ڪندا هوندا. ماڻهن سان مغلن جو روَيو اهو ۽ اهڙو هو ۽ اهو به تڏهن جڏهن کين ناقابل- برداشت اذيتن ۽ تڪليفن ڏيڻ جي سائنس جي خبر ئي ڪانه هئي.(23) پر معمولي ڳالهين يا ماڻهن طرفان پروگرام يا ارادي جي تبديلي يا اُبهرائي وغيره جهڙا غير اهم عمل به کين ڪاوڙ ۾ تپي باهه ٿي وڃڻ جو سبب بڻبا هيا ۽ پوءِ اهڙن سيني ماڻهن کي گڏي قتل ڪري چڏيندا هيا ۽ اهڙن ئي معمولي سببن جي ڪري هو آباد ۽ سهڻن شهرن کي تباهه ڪري چڏيندا هيا ۽ اهڙن موقعن تي رحم يا احساس جي رتي به منجهن ڪانه هوندي هئي ۽ هنن کي اڪثر ايئن چوندي ٻڌو ويو هو ته: 'گهوڙن کي ان زمين تي بغير ٽاپڙجڻ جي سدائين هلندو ۽ پڃندو رهڻ گهرجي جتي هو اڳي بيهندا يا ڊوڙندا هيا.' خراسان، مارُو، نيشاپور ۽ هرات منجهان ٽن گادي جي هنڌن کي چنگيز خان جي فوجن تباهه ڪري چڏيو هو ۽ جن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو هو اُنهن جو صحيح تعداد ستيتاليهه لک ستيتاليهه هزار ٻڌايو ويو آهي.(24) تيمور يا تيمور لنگ کي اهڙي وقت ۾ تعليم ڏياري وئي جيڪو ڏور بربريت وارو گهٽ هيو ۽ هو مسلمان مذهب سان تعلق رکندو هو، تنهن هوندي به اٽيلا جي ظالماڻين ڪارواين کي فقط تيمور لنگ(25) سان ئي پيٽي سگهجي ٿو؛ شايد ڪو تاتاري يا هُن (Hun) ئي 'خدا جي لٺ' جي خطاب جو حقدار ٿي سگهي ٿو.(26)

اها ڳالهه وڏي جرئت سان چئي سگهجي ٿي ته هُنن، (Huns)، شهنشاهت جي صوبن کي، ماڻهن کان خالي ڪرڻ شروع ڪيو هو جنهن ۾ گهٽتو ڪري روم جا ماڻهو متاثر ٿيا چو ته اُنهن کي پڪڑي قيد ڪيو ويندو هو. جيڪڏهن اُهي ماڻهو ڪنهن علقمند قانوندان يا اسيمبلي جي ميمبر جي چانوَ هيٺ هجن ها ته اهڙا محنتي ماڻهو سيٽيا جي بيابانن ۾ يقينن پاڻ کي هنرن يا ڪاريگرين ۾ ڪارآمد

ثابت ڪن ها، پر هي قيدي جن کي جنگين جي ڪاڄ ٽيڻ لاءِ نِيو ويو هو، کين مختلف جڳن ۾ ورهايو ويو ۽ اُنهن لاءِ ان کان سواءِ ٻي ڪا واهه ئي ڪانه هئي ته هو اٽيلا جي هر حڪم جي پوئواري ۽ تابعداري ڪن. اُنهن جي اهميت جو اندازو خود بربرن به ڪيو هو جيڪي ويڇارا پاڻ به اٻوجهه هيا پر، بهرحال ايماندار ۽ غير متعصب هيا. اُهي شايد ان مذهبي پيشوا جي اهميت يا قابليت کي ته نه سمجهي سگهندا هيا جيڪو ٽِن خدائن (تثليث) يا ٻيهر انساني روپ ونڻ جي بحث مباحثن جو ماهر هوندو هو. ان جي باوجود هو هر ان ماڻهوءَ جي عزت ڪندا هيا جنهن جو ڪنهن به مذهب سان تعلق هوندو هيو يا وري عيسائي مذهب جي پرچارڪن جي جذبن جو به قدر ڪندا هيا، ۽ بغير ڪنهن حاڪم جي محل ۾ وڃڻ يا ڪنهن ماڻهوءَ جي ويجهي وڃڻ جي، پنهنجي مقدس ڪتاب جي شهرت ڪرڻ ۾ پنهنجي وَسان ڪوڙ ڳهڻائيندا هيا.(27) جيڪي ٻهراڙيءَ جا ڏنار يا مال چارينڌڙ ماڻهو هيا، ۽ ٻني ٻاري جي ملڪيت جي اهميت کان بيخبر هيا، ته اُنهن کي ساڳي وقت شهري قانونن جي فائدن يا نقصانن جي به ڪا پرواهه ڪانه هئي؛ ۽ جيڪڏهن ڪو قانوندان ڪا زبردست تقرير ڪندو هو ته اُنکان کين بنهه بچان لڳندي هئي يا وري کين پري پڇائي ڇڏيندي هئي.(28) هُنن (Huns) ۽ گاٿن جي پاڻ ۾ دائمي تعلق جي ڪري بن قومي ٻولين ۾ سندن هڪ ٻئي سان رابطو آسان ٿي ويو هو، ۽ خاص طرح بربرن کي لاطيني زبان سکڻ ۽ ڳالهائڻ جو وڌيڪ شوق هوندو هو جنهن ۾ اوپر جي شهنشاهت جا عام استعمال ۾ ايندڙ فوجي محاورا پڻ شامل هيا.(29) پر کين يوناني ٻولي توڙي سائنسي علمن کان نفرت هئي ۽ هڪ ڏاهو ۽ وڏو فيلسوف جنهن کي فلسفي جي اسڪولن ۾ ته وڏو داد ملندو هو پر ان وقت کيس شرمندگي جو مُنهن ڏسڻو پيو جڏهن سندس ئي هڪ نوڪر جي اهميت ۽ قدرداني ڪائنس به وڌيڪ نظر آئي. مشيني ڪمن جي ماهرن جي وڌيڪ اهميت ۽ عزت هوندي هئي ڇاڪاڻ ته اُهي هُنن جون گهرجون پوريون ڪندا هيا. اونيجيسيَس جي خدمت ۾ هڪ عمارت ساز ڪاريگر کي موڪليو ويو، جيڪو اٽيلا کي ڏاڍو پسند ايندو هو، ته وڃي هڪ غسلخانو تعمير ڪري ۽ هي ڪم ذاتي عياشيءَ جو هڪ انوکو نمونو هو، پر ان جي مقابلي ۾ لوهر، رازا، ڊڪڻ ۽ فوجي هٿيارن ناهڻ جا ماهر ان وقت جي حالتن مطابق وڌيڪ ڪارائتا ليکيا ويندا هيا ڇو ته اُهي ئي جنگ توڙي امن جي وقتن ۾ روڪُو ماڻهن جي گهُرجن جو پورائو ڪندا هيا. پر جيڪي حڪيم يا طبيب هيا اُنهن جي عزت ۽ احترام اڃا به گهٽو هوندو هيو، بربر جيڪي موت کان ڏاڍا ڊڄندا هيا، بيمارين کان به خوفزده رهندا هيا، ۽ هڪ مغرور فاتح ان وقت صفا ڏُکِي ۽ ڪنبي رهيو هو جڏهن سندس ئي هڪ قيدي ساٿس گڏو ملائيندي کيس چيو ته وٽس ايتري روحاني طاقت هئي جو هو فاتح جي زندگيءَ جا ڏينهن وڌائي به سگهي ٿو ته اُنهن جي حفاظت به ڪري سگهي ٿو.(30) هُنَ پنهنجن مجبور غلامن جي بيعزتي ڪرڻ ۾ دير نه ڪندا هيا ڇو ته اُنهن مٿان آمراڻن حڪمن هلائڻ جو کين پورو اختيار هوندو هو(31) پر سختين ڪرڻ ۾ به سندن طور طريقو ڪنهن سرشتي يا اصول جو پابند نه هوندو هو ۽ غلامن جي محنت، مشقت يا جرئت جو معاوضو گهٽو ڪري کين آزاد ڪرڻ جي تحفي جي صورت ۾ ملندو هو. تاريخدان پرسڪَس، جنهن جي سفارتڪاري اسان کان وڌيڪ توجهه ڳهري ٿي، سان هڪ ڏاڙهي شخص اٽيلا جي ڪئمپ ۾ اڇتي وڌي ٻيڏڙڪ ٿي ڳالهايو، جنهن کيس يوناني زبان ۾ سلام ڪيو پر سندس ڪپڙا توڙي سندس شڪل شبيهه جا مُهانڊا هڪ دولتمند سيٿيا جي رهواسيءَ جهڙا هيا. وِمينئسيَر جي قيد ۾، سندس پنهنجي چوڻ مطابق، سندس دولت توڙي آزادي ختر ٿي چڪي هئي، هو اونيجيسيَس جو غلام بڻجي

ويو پر رومين ۽ اڪٽزئرس جي خلاف سندس خدمتن جي بجا آوريءَ تي سندس مرتبو مقامي هُنن (Huns) جي برابر ڪيو ويو ۽ جن سان هو بعد وارو عرصو بہ لاڳاپيل رهيو ڇو تہ اُنهن لاڳاپن ۾ سندس زوال توڙي ٻارن جا وَڇن بہ شامل هيا. جنگ جي قُرمار ۾ سندس حالتون بهتر ٿيون ۽ سندس مالي پوزيشن بہ ڪافي ٺيڪ ٿي وئي. اڳئين مالڪ جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ جي ڪيس اجازت ملي وئي ۽ هڪ يوناني مرتد، سندس قيد ۾ ڪيس خوشحال رکيو، ۽ ڪيس خوشگوار ڏينهن ۽ آزاد فضا ۾ رهڻ جي خوشخبري ڏنائين ۽ اهوئي پُروقار رتبو پنهنجي پوري فوجي نوڪريءَ دؤران حاصل ڪري ورتائين. ايڈي حيثيت ماڻڻ تي ڪجهہ اعتراض اُٿيا، جيڪي روم جي حڪومت طرفان اٽاريا ويا پر پرسڪس هڪ ڊگهي پر ڪمزور بحث ذريعي اُنهن جو دفاع ڪيو. اونيجيسيَس طرفان آزاد ڪيل ماڻهوءَ، روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خرابين بابت صحيح ۽ پيرائتي تصوير پيش ڪئي، جنهن جو هو ڪيترن سالن کان پاڻ شڪار رهيو هو. روم جي شهنشاهن جا ظالماڻا روَيا، جن ۾ اها صلاحيت ئي ڪانہ هئي تہ دشمنن جي حملن يا سازشن کان پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي بچائي سگهن، ۽ شڪي مزاج وري ايترا هيا جو پنهنجن ماڻهن کي بہ هٿيار نہ ڏيندا هيا تہ ملڪي حفاظت ۾ شريڪ ٿي سگهن. ان کان سواءِ عوام تي ٽئڪسن جي بار بہ سندن چيلهہ ڇِپي ڪري ڇڏي هئي ۽ وري ٽئڪسن کي وصول ڪرڻ جو سندن نظام هو جيڪو نهايت ڏکيو ۽ ظالماڻو هيو جنهن ڪري عوام، جيڪو اڳيئي مشڪلن جو شڪار هيو، اُهو هاڻي سخت مصيبتن جي ور چڙهي ويو هيو؛ بيشمار ۽ هڪ ٻئي جي تضاد ۾ قانون ناهيل هيا جن تي عمل ڪرڻ ناممڪن هوندو هو. عدالتي نظام ۾ بہ پيچيدگيون هيون ۽ ڪيس وڙهڻ غريبن لاءِ مشڪل ڪم هوندو هيو، معاشرو ۽ ماحول بگڙيل هيو ۽ اميرن ۽ دولتمندن ماڻهن جو غريبن تي راڄ هوندو هو بلڪ غريبن ۽ مسڪينن جا ڏڪ ۽ درد بيان ڪرڻ کان ٻاهر هيا. اهڙي ماحول ۾ نيٺ هڪڙي جلاوطن جي دل ۾ حُب الوطني جو ڏِيئو روشن ٿي ويو جنهن ڳوڙها وهائيندي اُنهن مئجسٽريٽن جي ڪمزورين ۽ مئل ضميرن تي ماتم ڪيو جن عقل ۽ ڏاهپ جي عظيم ادارن کي بگاڙي ۽ بدنام ڪري ڇڏيو هو.(32)

اولهہ جي شهنشاهت جي رومين پنهنجي بزدلي ۽ خودمطلبيءَ سبب اوير جي شهنشاهت کي جڙ هُنن آڏو اچلائي ڇڏيو هو.(33) فوجن جي ڪوٽ، نظم ۽ ضبط يا ڪردار جي اٿهوند جو پورائو ڪرڻ بادشاهہ جي وَس ۾ ئي ڪونہ هو. ٿيوڊوسيَس وري بہ اهڙو ضرور هو جو پنهنجن وڏن جي مان شان جو ڪجهہ پرم رکي ها ۽ اُجيت آگسٽس واري ڊِڪَ بہ ڏئي ها، پر هن تہ اٽيلا جي رحم ۽ مهربانين لاءِ ٻاڏايو ٿي جنهن وڏي هَٿ ۽ آکڙ مان ذلت وارا شرط مڃيا هيا. ا. اوير جي شهنشاهہ پنهنجي مرضيءَ سان يا وري ڪنهن سمجهوتي هيٺ استعيفا ڏئي ڇڏي تہ ڪيس وسيع ۽ وڏي سرحد تان بہ هٿ ڪٽڻو پيو جيڪا دنيوب جي ڏاڪڻي سرحد کان شروع پئي ٿي يعني سنگيديونم يا بلغراد کان نووِي تائين جيڪو ٽريس جو ضلعو هو. شهنشاهت جي ويڪرائيءَ جو تعين بس هڪ عام اندازي موجب لڳايو ويو هو تہ اُها پندرهن ڏينهن جي مسافريءَ جيتري ٿيندي، پر اٽيلا طرفان هڪ تجويز آئي تہ قومي ماريڪٽ جي جڳهہ کي اتان هٽائجي تہ پوءِ نئيسَس جو تباهہ ٿيل شهر بہ سندس حڪومت جو حصو بنجي ويندو. II. هُنن (Huns) جي بادشاهہ پنهنجي ضرورت مطابق شرط رکيو تہ ڪيس ساليانو ڏَن سونَ جي ست سو پائونڊن مان وڌائي بہ هزار پائونڊ ڪيو وڃي ۽ ٻيو تہ هن اندازو لڳايو هو تہ جنگ ۾ جيڪو نقصان ٿيو هو، اُهو لڳ ڀڳ سونَ جي ڇهن هزار پائونڊن جي برابر هو، اُهو معاوضو بہ

کيس ڏنو وڃي. جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته اهڙا وڏا مطالبا جن جي پيٺ ذاتي يا خانگي دولت سان ته ڪري سگهجي ٿي، يا وري جيڪڏهن اوپر جي شهنشاهت جي حالت ۾ شاهوڪاري واري هجي ها ته پوءِ ته هيترن سارن شرطن جو پورائو ۾ آسانيءَ سان ڪري سگهجي ها پر ماڻهن توڙي ملڪ جي مالي حالت سُجائيءَ واري هئي ۽ ملڪي ڪاروبار پڻ ڊانوان ڊول ٿيا پيا هيا. ماڻهن کان جيڪي ٽئڪسون وڌي پئماني تي وصول ڪري ڪنيون ڪيون ويون هيون، اُنهن کي هيراڦيريءَ ذريعي رستي تي روڪي، اُنهن جو رُخ موڙي قسطنطنيه جي خزاني ۾ جمع ڪرايون ويون. جمع ٿيل دولت کي ٿيوڊوسيَس ۽ سندس خاص ايلچين طرفان عياشين ۾ اُڏائي ضايع ڪيو ويو جنهن کي وري شاهي شان شوڪت يا عيسائي سخاوت يا خيرات جهڙن پردن ۾ لڪائي عوام آڏو پيش ڪيو ويو. پهتل دولت کي پهريون ته فوجين جي فوري ضرورتن تي خرچ ڪيو ويو. هاڻي جيڪي سينيٽر هيا اُنهن مٿان پنهنجي هڙان پئسا جمع ڪرڻ جو حڪم مٿن مڙهيو ويو ڇو ته اهوئي هڪڙو طريقو هو جنهن سان اٽيلا جي دولت جمع ڪرڻ واري حرص کي ڪجهه ماڻو ۽ هلڪو ڪري پيو سگهجي؛ پر پنهنجي عزت کي هر صورت ۾ قائم رکندڙ خانداني ماڻهن وٽ، جيڪي خود ڪنگال ٿي چڪا هيا، وٽن پيو ڪوبه چارو ڪونه هو سواءِ ان جي ته پنهنجين زالن جا زيورَ عام نيلام ذريعي وڪڻي پنهنجي ناموس کي بچائن ۽ جيڪا دولت يا ڳهَ زيور سندن شاهي محلن ۾ ورثي طور کين مليا هيا اُنهن تان به هٿ کڻن.(34) III. هُنن جي بادشاهه، هڪ قومي قانون جيان، پنهنجو اصول ناهي ڇڏيو هو ته هو ان دولت تان هرگز هٿ نه کڻندو جيڪا اُنهن ماڻهن، قبيلن يا قومن کان کيس هٿ آئي هئي جيڪي پنهنجي مرضيءَ سان يا بغير مرضيءَ جي به سندس حڪومت جي اختيارن هيٺ اچي ويا هيا. هِن اصول مان هُن اهونتيجو ڪڍيو، ۽ اٽيلا جيڪو به نتيجو ڪڍندو هو ان کي اَٽل قانون ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو هو، ته جن هُنن (Huns) کي جتي به جنگ جو قيدي بڻايو ويو هو، اُنهن کي بغير ڪنهن معاوضي ڏيڻ جي آزاد ڪيو وڃي، ۽ روم جو هر قيدي جيڪو قيد مان پڃي ويو هو، اُهو پنهنجي آزاديءَ کي سونَ جي ٻارهَن ٽڪرن عيوض خريد ڪري؛ ۽ اُنهن بربرن کي جيڪي اٽيلا جي جهنڊي کي ڇڏي پڃي ويا هيا، هڪدم واپس ڪيو وڃي جن لاءِ اٽيلا طرفان کين معاف ڪرڻ جو ڪوبه واعدو يا ضمانت نه هوندي. هن ذلت ۽ ظلم واري ناهه تي عمل ڪرائيندي، شاهي آفيسرن کي مجبور ڪيو ويو ته اُهي بيشمار اهڙن وفادار ماڻهن کي به ماري ڇڏين جيڪي اٽيلا جي غير انساني ظلمن کان تنگ ٿي پڃي ويا هيا؛ هن معاهدي هيٺ رومين کي مجبور ڪيو ويو ته هو سيٿيا جي ماڻهن سان پنهنجا لڳ لاڳاپا نه رکندا ۽ پراڻيون دوستيون به ختم ڪري ڇڏيندا؛ جنهن ۾ اهو شرط به هو ته هُو عوام جي ميڙ آڏو اعلان کندا ته جن به ماڻهن عرضدار بڻجي ٿيوڊوسيَس جي تخت هيٺ پناهه ورتي هئي ته اُهو عقيدي جي کمي يا طاقت جي ڪمزوريءَ سبب سندن حفاظت ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح ناڪام رهيو هو.(35)

مضبوط ارادن جي هڪڙي شهر جيڪو ايترو ته اٽڄاتل هو جو سواءِ هن موقعي جي، اڳ ڪنهن به تاريخدان يا جاگرافي جي ماهر انجو نالو به ڪٿي نه لکيو آهي، شهنشاهه توڙي سڄي شهنشاهت جي گنوايل وقار کي جڙ واپس ورائي ڇڏيو هو. عظيمَس يا عظيمنٽيَم جيڪو اليريا جي سرحدن تي ٽريس جو هڪ ننڍو شهر هو،(36) پنهنجي جوانن جي جذبن، اڳواڻن جي ڏاهپ ۽ سندن شُهرت جنکي هنن پاڻ چونڊيو هو ۽ بربرن جي لشڪرن خلاف سندن جرئت ۽ بهادريءَ جي ڪري مشهور هو. عظيمنٽيم جي بهادر ماڻهن، بجاءِ سندن انتظار ڪرڻ جي، هُنن (Huns) جي فوج تي حملن پنيان ڪامياب حملا شروع

ڪري ڇڏيا، جن پنهنجي خطرناڪ پاڙيسرين جي عرضن مجڻ کان انڪار ڪيو هو، هاڻي هنن سندن هٿن مان پنهنجن قيدين کي آزاد ڪرايو ۽ پنهنجي لٽيل دولت بہ واپس ورائي، ۽ پاڇوڪڙن ۽ بين مقامي ماڻهن کي پرتي ڪري جوشيلن جوانن جي هڪ فوج ناهيائون. نيٺ هڪ سمجهوتو ٺهي ٿيو، پر اٽيلا اڃا بہ جنگ جا دڙڪا ڏهمان ڏئي رهيو هو، پر پوءِ عظيمنٽيم جي عوام ۽ جوانن کي منتون ڪري مجرايو ويو تہ هو بہ اُنهن شرطن جي پاسداري ڪن جن جي سندن حاڪم اڳ ۾ ئي منظوري ڏئي ڇڏي هئي. ٿوڊوسيَس جي وزيرن شرمندو ٿيندي سچ ڳالهايو تہ ڪين اُنهن بهادر ماڻهن تي ڪوبہ اختيار ڪونہ هو جن وڏي جرئت ۽ مردانگيءَ سان پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪيو هو، ۽ هُنن (Huns) جي بادشاهہ هاڻي هيناهين واري روَش اختيار ڪندي، عظيمَس جي شهرين سان هڪجهڙائيءَ وارن شرطن تي ناهہ ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. اُنهن ڪجهہ ڏنارن جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو جن کي ڏٽڻ سميت غائب ڪيو ويو هو. هڪ سخت پر اجائي پچا ڳاڇا جو سلسلو شروع ڪيو ويو پر هُنن کي قسم ساکَ تي يقين ڏيارڻو پئجي ويو تہ وٽن شهر جو ڪوبہ قيدي موجود ڪونہ هو؛ ان دوران هُنن (Huns) جا بہ ساڻي ظاهر ٿيا جن کي عظيمَس جي شهرين پنهنجين ڪجهہ ساڻين جي غائب ٿيڻ سبب، يرغمال بنايو هو. پنهنجي طرفان اٽيلا ڏوکي واري ان يقين ڪرائڻ تي مطمئن هو تہ باقي قيدين کي قتل ڪيو ويو هو ۽ اهو سندن معمول هوندو هو تہ هُو رومين ۽ انهن پاڇوڪڙن کي ختم ڪري ڇڏيندا هيا جن اڳ ۾ وفادارين جو يقين ڏياريو هو. هن دوراندیشي واري عجيب و غريب بهروپيائيءَ کي شايد دليل بازن طرفان نِندِيو ويندو يا وري معاف ڪيو ويندو ڇو تہ اهو طريقو سينٽ آگسٽائين جي سخت فيصلن، سينٽ جيروم ۽ سينٽ ڪرسوسٽم جي نرم مزاجيءَ سان مطابق رکندڙ هو، پر هر سپاهي، هر دانشور ۽هر شعور رکندڙ ماڻهو ان ڳالهہ جو اعتراف ضرور ڪندو تہ جيڪڏهن عظيمنٽيمَ جي قوم کي همٿايو وڃي ها ۽ اهي وڏي گهٽا ٽين ها تہ بربرن کي پوءِ هرگز اها جرئت نہ ٿئي ها تہ اُهي شهنشاهت جي عظمت کي پنهنجن پيرن هيٺان لتاڙن ها.(37)

اهو واقعي عجيب لڳي ها جيڪڏهن ٿوڊوسيَس پنهنجي عزت گنوائي، پنهنجي لاءِ سُکون سان رهڻ جي هنڌ کي خريد ڪري ها، پر شرط اهو هو تہ سندس بزدلي ساڻين پراڻن زخمن کي دعوت نہ ڏئي ها. پنجن يا ڇهن سفارتخانن طرفان بازنطيني دربار جي بيعزتي ڪئي وئي هئي(38) ۽ اٽيلا جي وزيرن کي هڪ جهڙيون هدايتون مليون تہ گذريل ناهہ تي جهڙو تهڙو عمل ضرور ڪرايو وڃي ۽ جيڪي ڀڃي ويا هيا يا ڪين ڇڏي ويا هيا اُنهن جا نالا بہ ڪين ٻڌايا وڃن جن کي شهنشاهت اڃا بہ پناهہ ٿي ڏني ۽ ساڻي وقت نرم لهجي ۾ اها ڳالهہ بہ واضح ڪئي وڃي تہ جيستائين سندن حاڪم هن سلسلي ۾ پوريءَ طرح مطمئن نہ ٿيندو تہ ان صورت ۾ سندس خواهش جي باوجود بہ پنهنجن جوشيلن ۽ جذباتي ماڻهن جي ڪاوڙ کي روڪي نہ سگهندو. غرور ۽ دلچسپيءَ کان سواءِ پي جنهن هُنن (Huns) جي بادشاهہ کي ڳالهين ٻولهين ڪرڻ جي سلسلي کي جاري رکڻ تي آماده ڪيو هو، ۽ هو ان ڳالهہ تي بہ سوچي رهيو هو تہ پنهنجن خاص ماڻهن کي دشمنن جي خرچ يا دولت ذريعي شاهوڪار بنائي ڇڏي توڙي جو هي طريقو هن جي لاءِ پسنديده ۽ پُروقار نہ هيو. سفارتڪارن توڙي سندن سيڪريٽرين جي عهدن تي مقرري ڪرڻ لاءِ ناڻي جي گهرج هئي پر شاهي خزانو پوريءَ طرح خالي ٿي چڪو هو پر اهو قدم امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ضروري بہ هيو. بربرن جي بادشاهہ جي وڏي خوشامد برآمد ۽ هن جي وزيرن طرفان سندس مانَ ۾ وڏو آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ڪيس تحفا ۽ بيشمار

سوکڙيون پڻ پيش ڪيون ويون، جنهن تي هن خوشيءَ جو اظهار ڪيو. اڳ ۾ ڪيل هر واعدي تي عمل ڪرايائين جيڪو سندس ماڻهن جي پگهارن يا ٻين مالي فائدن ۾ اضافي جو سبب ٿيندو ۽ پنهنجي سيڪريٽري ڪانسٽنٽيس جي شادي(39) اهڙيءَ طرح ڪرايائين جڏ ڪو وڏي اهميت وارو مُلڪي ڪم هجي. گالن جو هڪ سپهه سالار جيڪو قسطنطنيه جي وزيرن وٽ پنهنجون خدمتون آڇيندو هو، جي لاءِ ايٽيَس، هُنن (Huns) جي بادشاهه کي سفارش ڪئي ته ڪيس هڪ سني خاندان جي دولتمند زال تحفي ۾ ڏني وڃي، جنهن لاءِ هڪ رئيس سئٽرنيئس جي خوبصورت ڏيءُ کي چونڊيو ويو ته اُها ملڪ جي هن پلائيءَ واري ڪم ۾ حصيدار ٻڌجي وڃي. پر هي شِڪار مهانگو پئجي ويو چاڪاڻ جو چوڪري هن شادي ڪرڻ تي راضي ڪانه ٿي، چو ته هن جون ڪي مقامي مجبوريون ٻه هيون ۽ ٻيو ته سندس دولت کي به ضبط ڪيو ويو هو، تنهنڪري سندس عاشق مجبور ٿي پيو*، پر هو اٽيلا جي حمايت ڪرڻ تي اڃا به ضد ڪيون ٻيئو هو ته جيڪڏهن اُها نه ته ٻي چوڪري هجي جيڪا پهرينءَ جهڙي خوبصورت ۽ خانداني هجي؛ نيٺ گهٽڻ ڏينهن جي دير ۽ بحثن کان پوءِ، بازنطين جي دربار کي هن اجنبي شخص لاءِ قرباني ڏيڻي پئي ۽ هڪ شخص آرمئٽيَس جي ٻيوه تي وڃي ڪُٽو پيو. هوءَ خوبصورت، خانداني ۽ وڏي دولتمند عورت هئي جنهن جو رتبو روم جي عورتن ۾ تمام مٿاهون هو. اهڙن ٻاڏائيندڙ ۽ ڏکوئيندڙ سفارتخانن لاءِ، اٽيلا هڪ مناسب معاوضي جي گهُرَ ڪئي هن ڪجهه مشڪوڪ نظرن سان شاهي سفيرن جي ڪردار ۽ مقرري جي هنڌ جي صورتحال کي تکيو ۽ توريو، پر هن نيٺ هڻ کي چڏي واعدو ڪيائين ته هُو ساردِيڪا تائين ويندو ۽ انهن وزيرن سان وڃي ملندو جيڪي مئجسٽريٽن ۽ سفارتي مرتبي جيترا مٿاهان هيا. ٿوڊوسيَس جي ايلچي اهڙي رٽ جي مخالفت ڪندي ساردِيڪا جي سُڃائي ۽ بربادِيءَ جي تصوير پيش ڪئي ۽ جرئت ڪندي پنهنجي طرفان اها تجويز ڏنائين ته فوج يا هر گهر جي هر آفيسر کي ايترا اختيار سونپيل هيا جو هو سيٽيا جي طاقتور شهنشاهن سان پڻ پنهنجن معاملن بابت ڳالهائي ۽ انهن کي نبيري ٿي سگهيا. مئڪسيمن،(40) جيڪو هڪ معزز درباري هيو ۽ جنهن جي قابليت جون ڳالهيون شهرين توڙي فوجين منجهه گهٽيون ئي مشهور هيون، ان ڏکي تجويز کي مجبور ٿي قبول ڪيو جيڪا ساڻئي وقت خطرناڪ ٻ ٿي سگهي ٿي چاڪاڻ ته ان تجويز کي قبول ڪرائڻ لاءِ هُنن جي بادشاهه اٽيلا جي غضبناڪ طبيعت کي ٽڏو ڪرڻو ۽ ڪيس مجرائڻو هو. سندس دوست پرسڪَس(41) هن موقعي جو فائدو وٺندي بربرن جي اڳواڻ کي سانت ۽ سڪونت ۾ جاچڻ ۽ پرکڻ شروع ڪيو پر سفارتخاني جو راز، جيڪو نهايت ئي خطرناڪ ۽ شرمساريءَ وارو هو*، وجيليَس جي حوالي ڪيو ويو جيڪو سندن ترجمان هيو. هُنن جا ٻه آخري سفارتڪار جن مان هڪ پنونيا جي صوبي جو هڪ معتبر ماڻهو اوريسٽس هيو ۽ ٻيو ايديڪان جيڪو اسڪائري قبيلي جو هڪ سردار هو، ساڻئي وقت تي قسطنطنيه مان موٽي آيا ۽ شاهي ڪئمپ ۾ هليا ويا. سندن اڻڄاتل نالن کي گهٽو پوءِ شهرت ملي ۽ ان ڪري ٻ وڌيڪ نمايان ٿيا جو سندن پٽ اُنهن جي طبيعتن جي تضاد ۾ هيا، اٽيلا جا ٻه نوڪر، اولهه ۽ اتلي جي شهنشاهتن* جي آخري حاڪمن جا پيءُ ٻڌجي ويا.*

سفير صاحبان، جن سان ماڻهن ۽ گهوڙن جي پوري ريل گڏ هئي، پنهنجي پهرين منزل ساردِيڪا ۾ وڃي ڪئي جيڪو قسطنطنيه کان ٽي سو پنجاهه ميل يا تيرهن ڏينهن جي مسافريءَ جيتري پنڌ تي هو. جيئن ته ساردِيڪا جا ڪجهه ٻچيل آثار اڃا شهنشاهت جو حصو هيا ته هاڻي روم جي ماڻهن لاءِ لازمي ٿي

ويو ته هو مهمان نوازيءَ جو حق سهڻي نموني سان ادا ڪن. ڪين صوبائي ماڻهن جي مدد حاصل هئي ۽ انهن بيشمار ريڍون ۽ ڏاند ڪٽي ڪُنا، ۽ هُنن (Huns) کي رات جي شاندار ماني کائڻ جي دعوت ڏني. پر هن خوشگوار موقعي جي خوشي، گڏيل تعصبن ۽ ناشائسته روَين جي ڪري ختم ٿي وئي. شهنشاهه توڙي شهنشاهت جي شان ۽ وڏائيءَ کي وزيرن ۽ هُنن (Huns) طرفان برقرار رکيو ويو پر اهڙيءَ طرح سان جو هر هڪ ڏر پنهنجي پنهنجي حاڪم کي مٿيرو ڪيو، جهڳڙي ۽ فساد جي باهه ٻڙڪو تڏهن ڪاڏو جڏهن وگيليَس ناشائسته ۽ بيجا خوشامد ڪرڻ ۾ لڳي ويو جنهن جذباتي ٽيندي چيو ته ان عارضي رهڻ واري ماڻهوءَ جو هڪ خدائي صفتن واري شهنشاهه ٿوڊوسيَس سان ڪهڙو مقابلو هو، بهرحال وڏي مشڪل کان پوءِ مئڪين ۽ پرسڪَس جي ڪوششن سان بحث جي موضوع کي بدلايو ويو ۽ بربرن جي هَڻ ۽ ڪاوڙ کي ٺڏو ڪيو ويو. جڏهن اُهي ڪاڏي جي ٽيبل تان اٿيا ته شاهي سفارتڪار ايديڪان ۽ اوريسٽس کي ريشمي ۽ پَٽ جا جُبا ۽ هندستاني هيرا تحفي ۾ ڏنا ويا، جن کي هنن مهربانيون مجيندي قبول ڪيو. ان جي باوجود اوريسٽس هن ڳالهه چوڻ کان رهي نه سگهيو ته ڪيس سدائين اهڙي عزت ۽ سخاوت سان هرگز نه نوازيو ويو هو، ۽ جيڪو فرق سندس شهري رتبي ۽ سندس ساٿي جي موروثي مرتبي جي وچ ۾ رکيو ويو هو، ان ايديڪان کي هڪ مشڪوڪ دوست ۽ اوريسٽس کي اهڙو دشمن ٻڌائي ڇڏيو هو جيڪو ڪڏهن به وري پرچاءُ نه ڪري سگهي. هن دعوت کان پوءِ هنن ساردِيڪا کان نئسَس تائين هڪ سو ميلن جو سفر گڏجي ڪيو. اهڙي آباد شهر کي، جنهن عظيم ڪانسٽنٽائن کي جنم ڏنو هو، ڏاهي پَٽ ڪيو ويو، رهواسين کي تباهه ڪيو ويو، جيڪي بچي ويا هيا اُهي پنهنجو سِرُ بچائي شهر ڇڏي ويا، ۽ ڪجهه بيمار ماڻهو هيڏي هوڏي نظر آيا پئي ۽ جن ڪليسائن جي ڪنڊرن جي اردگرد بدحاليءَ ۾ پنهنجي موت اچڻ تائين پنهنجا ڏينهن پورا پئي ڪيا، اُنهن جي هجڻ سان ڇڻ خوف ۽ پئو جو ماحول اڃا وڌيڪ ٽي ويو هو. ملڪ جي زمين تي قتل ٽيل ماڻهن جا فقط هڏا نظر اچي رهيا هيا، ۽ سفارتڪار، جن پنهنجي سفر جو رخ اُتر- اولهه طرف رکيو، مجبور ٿي سرِويا جي جبلن جي لنگهه کان گذريا، ان کان پوءِ اُهي بيابانن ۽ ڏٻڻن جي زمين جي علائقي منجهان لانگهائو ٽيا جنهن کي دنيوب ندي جدا ڪري ڇڏي ٽي. هن ندي‌ءَ تي هُنن (Huns) جي وڏي مهارت هئي، هو ندي‌ءَ ۾ ننڍن ٻيڙين ۽ ٻيڑين ۾ سير ڪندا هيا جن جا سڙهه يا ٽُڙ وڻ جي هڪڙي ڪاٺ جا ٺهيل هوندا هيا؛ ٿوڊوسيَس جا وزير ندي‌ءَ جي هُن پار سلامتيءَ سان وجي لٽا ۽ سندن بربر ساٿي اُبهرائيءَ مان اٽيلا جي ڪئمپ ۾ هليا ويا جيڪا خاص طرح تي شڪار توڙي وِنڊُر ورونهن لاءِ جوڙائي وئي هئي. اڄا مئڪسيمن دنيوب کان ٻن ميلن جيترو پنڌ مَس ڪيو هو ته هن، فاتح طرفان گستاخيءَ واري روَش کي محسوس ڪيو. هن کي سختيءَ سان منع ڪئي وئي ته سرسبز وادي‌ءَ ۾ پنهنجا خيما هرگز نه کوڙي ته متان هڪ اوچتو خطرو ڪيس وکوڙي وڃي جيڪو شاهي محل تي اچڻو هو. اٽيلا جي وزيرن مٿس زور پريو ته هو جيڪا ڳالهه ڪٽي آيو هو ڪين ٻڌائي ڇڏي پر هو اهو راز فقط حاڪم جي ڪنن کي ٻڌرائڻ لاءِ آيو هو. جڏهن مئڪسيمن اطمينان سان قومن جي متضاد روَين جي ڳالهه ڪئي ته ان وقت اهو ڏسي ڪيس اچرج لڳو ته مقدس اجلاس جا مطالبا يا شرط يعني 'اُهي راز' (پرڪس چويٽو) 'جيڪي ديوتائن اڳيان به سَلڻ نه گهرجن، سي ملڪ جي دشمن اڳيان وڏي ذلت ۽ غداريءَ سان ظاهر ڪيا ويا هيا.' بيعزتي وارن اهڙن شرطن جي تعميل کان انڪار ڪرڻ تي، شاهي سفارتڪار کي حڪم ڏنو ويو ته هو هڪدم هليو وڃي، حڪم کي ٻيهر ورجايو

ويو ۽ هُنن (Huns) مئڪسيمن جي صبر واري عزم کي ڪمزور ڪرڻ جون ناڪام ڪوششون شروع ڪري چڏيون. آخرڪار اونيجيسيس جي پاڻ اسڪاٿا جي ٽياڪڙي ڪرڻ تي، جنهن جي دوستيءَ کي بيحد مهانگن تحفن عيوض خريد ڪيو ويو هو، ڪيس اجازت ڏني وئي ته هو شهنشاهه آڏو پيش ٿئي، پر ڪنهن به خاطر خواهه جواب نه ملڻ تي هن کي اتر طرف ڏگهو سفر ڪرڻو پيو ته جيئن اٽيلا پنهنجي غرور کي وڌيڪ آڪڙبازيءَ سان خوش ڪري سگهي ته هن ساڳئي محلات ۾ اوپر توڙي اولهه جي شهنشاهتن جي سفيرن جو آڏرپاڻ ڪيو هو. هن جي سفر ڪرڻ دؤران رستي جي واقفڪارن هن جي رهنمائي ٿي ڪئي، جن ڪيس ٻڌايو ته ڪٽي ترسٽو هو يا گهڙيءَ پل لاءِ ساهي پٽٽي هئي، پر گهٽو ڪري هنن ڪيس تيز هلڻ تي زور ٿي ڀريو، جنهن لاءِ ڪيس سِڌي جي بجاءِ ٽيڙو يا ور وڪڙ رستو اختيار ڪرڻو پوي ته پلي اُهو به ڪري چو ته بادشاهه جي حڪمن ۽ مرضيءَ مطابق ڪين ڪم ڪرڻو هو. روم جا اُهي ماڻهو جن هنگري جو ميدانن تي سفر ڪيا هيا، اُنهن جو اندازو هو ته هنن ڪيتريون ئي ندين نندين ٻيڙين يا ٻتيلن ذريعي پار ڪيون هونديون، جيئن ڊِيس يا تِبسڪَس جا وهڪرا جيڪي مختلف جڳهن تي مختلف نالن ذريعي سڃاتا ويندا هيا. پرپاسي وارن ڳوٺن مان ڪين ڪاڏي پيتي جو سامان ملندو رهيو جيئن شراب جي بجاءِ شربت يا ماکي، ٻاجهري جي ماني، ۽ ڪٽي ڪٽي ديسي شراب جنهن کي ڪئمَس چوندا هيا ۽ پرسڪَس جي اندازي موجب ان کي جَوَن مان ناهيو ويندو هو.(42) اهڙيون مانيون ۽ مهمانيون شايد اُنهن ماڻهن کي ڏکيون ۽ اُڳريون لڳن جن قسطنطنيه جي عياشين ۾ گذاريو هوندو، پر اهڙين اتفاقي تڪليفن ۽ ڏوجرن ۾ اهڙين مانين ۽ شربتن تي به ڪين سُڪون پهتو هو ته اُنهن بربرن طرفان سندن مهمان نوازيءَ جي مهرباني ڪئي وئي هئي جيڪي جنگ جي ميدان تي ڪيڏا نه وحشي ۽ خطرناڪ ٿي ويندا هيا. سفيرن هڪ وڏي ڏٻڙ جي علائقي ۾ وڃي پنهنجا خيما کوڙيا. اوچتو هوا ۽ مينهن جو تيز طوفان شروع ٿي ويو. ان سان گڏ ڪِنوٽيون ۽ گجگوڙون پڻ زور شور سان ٽيڙ لڳيون جنهن ڪري سندن تنبو اُکڙي ويا، سندن سڄو سامان ۽ فرنيچر پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويو ۽ سندن خدمتگار به رات جي انڌاري ۾ چڑوچڑ ٿي ويا ۽ ڪائنس رستو به پلجي ويو ۽ سڄي رات هيڏي هوڏي پٽڪندا رهيا ۽ اونداهيءَ ۾ خوف خطرن کان به ڊجندا رهيا، نيٺ پر واري ڳوٺ جي ماڻهن سندن دانهون ڪُوڪون ٻڌي ورتيون ۽ اُهي جاڳي پيا، ۽ هي ڳوٺ بليدا جي بيوهه جو هو.* چند لمحن ۾ هر طرف روشني نظر اچڻ لڳي ۽ پوءِ ڪانيون ڳڏ ڪري باهه ٻاري وئي ته جيئن ڪين هر طرح جي آسائش ميسر ٿي سگهي، رومين جي گهُرجن ۽ ضرورتن جو چگيءَ طرح پُورائو ڪيو ويو ۽ بليدا جي بيوهه متن ايتريون مهربانيون ڪيون جو هو بنهه احسانن جي بار کان شرمندا ٽيڙ لڳا، آخر ۾ بيوهه طرفان خوبصورت ۽ آزاد قسم جون بيشمار چوڪريون تحفي طور ڪين پيش ڪيون ويون. بيو ڏينهن آرام ڪرڻ جي حوالي ڪيو ويو ته جيئن سامان جيڪو طوفاني برسات ۾ ڀِجي ويو هو ان کي سُڪايو وڃي ۽ ماڻهن ۽ گهوڙن کي ڪارائڙ پيارڙ جو بندوبست ڪيو ويو. پر، شام جو پنهنجي نئين مسافري شروع ڪرڻ کان اڳ ۾، سفارتڪارن، ڳوٺ جي ان عورت جون مهربانيون مڃيون جنهن دل کولي سندن مهمان نوازي ڪئي هئي ۽ ويندي ويندي چانديءَ جا پيالا، ڳاڙهي پشم، خشڪ ميوو ۽ هندستان جا ڪارا مرچ ڪين تحفي ۾ ڏنا. هن جوڪائتي مهم کان پوءِ جلدي هو اٽيلا سان گڏ سفر ۾ شريڪ ٿي ويا جنهن کان هو چهن ڏينهن تائين الڳ رهيا هيا، ۽ آهستي آهستي ان شهنشاهت ڏانهن سفر ڪندا رهيا جنهن ۾ هزارن ميلن تائين به وچ ۾ ڪو هڪڙو شهر به نه آيو هو.

جيڪڏهن اسان پرسڪس جي فضول قسر جي ۽ غير واضح جاگرافي کي ڏسي ۽ ان موجب اندازو لڳايون ٿا تہ هي گاديءَ جو هنڌ دنيوب، ڊيس ۽ ڪارپٿين ٽڪرين جي وچ تي، متين هنگري ۽ گهٽو ڪري جازبيرن، ائگريا يا ٽوڪي جي ميدانن ۾ آهي.(43) شروع ۾ اهو هنڌ هڪ اتفاقي ننڍي وسنديءَ کان وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ هيو، جيڪو اٽيلا جي گهٽي اچڻ وڃڻ ۽ ڏگهي عرصي تائين رهڻ ڪري وقت سان گڏ هڪ وڏي ڳوٺ ۾ بدلجي ويو جيڪو سندس شاهي ڪٽنب جي استقبال ۽ رهائش ۽ سندس فوجين جي ڪئمپ جي استعمال ۾ ايندو رهيو، تحفن کان سواءِ بادشاهہ جي ٻين غلامن، نوڪرن چاڪرن ۽ ٻين ڪم ڪار ڪندڙن جي استعمال لاءِ بہ مناسب هنڌ هو.(44) غسلخانا جيڪي اونيجيسيس نهرايا هيا، اُهي ئي فقط پٿر جا نهيل هيا جنهن جو مال مسالو پنونيا مان گهرايو ويو هو، ۽ جيئن تہ پاڙيسري ملڪ ۾ گهٽا وڻ بہ ڪونہ هيا، تنهنڪري اندازو اهو ٿو لڳائجي تہ هن شاهي ڳوٺ جا گهٽا گهر ڪکن کانن يا مٽي ۽سٽيءَ جا نهيل هيا. هنن (Huns) جا جيڪي نامياريا ماڻهو هيا اُنهن جا گهر ڪاڻ جا نهيل هيا جن کي شايان شان طريقي سان سينگاريو ويو هو ۽ اُهي گهر، هر هڪ جي رتبي، دولت يا وري مالڪن جي پسند مطابق تعمير ڪيا ويا هيا. اُنهن گهرن کي ترتيب ۽ طريقي سان اهڙيءَ طرح ماڻهن ۾ ورهايو ويو هو جو هر گهر جيئن پُروقار بہ نظر اچي ۽ وري جيئن کو رهواسي گهر کان ٻاهر نڪري تہ پنهنجي حاڪم جي محل کي جيئن هو پنهنجي سامهون ڏسي. اٽيلا جو محلات جيڪو سڄو ڪاڻ جو تعمير ٿيل هو، سندس حڪومت جي سڀني گهرن کان وڌيڪ شانائتو هو جنهن زمين جي وڏي حصي کي بہ والاري ڇڏيو هو. گهر جي ٻاهرئين حصي ۾ هڪ ڏگهي ديوار نهيل هئي يا وري ان کي هڪ جهنگلو بہ ڇئي سگهجي ٿو جيڪو پڻ چؤڪور ڪاٺين جو نهيل هو، جن تي وري اُوچا منارا نهيل هيا پر اُهي حفاظت جي بجاءِ فقط محل جي سُونهن وڌائڻ لاءِ تعمير ڪيا ويا هيا. هيءَ ديوار، جيڪا هڪ ٽڪريءَ جي لاهيءَ کي وکوڙيون بيٺي هئي. ان جي اردگرد ڪاڻ جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي عمارتون نهيل هيون جيڪي شاهي خاندان جي ضرورتن مطابق تعمير ڪيون ويون هيون. اٽيلا جي ڪيترين ئي زالن کي جدا جدا گهرن ۾ رهايو ويو هو، پر بجاءِ سختيءَ ۽ پوسٽ واري قيد جي جيڪو ايشيا جي ملڪن ۾ رائج رکيو ويندو آهي، سندس زالن مهذب طريقي سان رومي سفيرن کي پنهنجي گهرن ۾ گهُرايو، پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ کين معصوميت وارا پاڪر بہ پاتا. جڏهن مئڪسيمن سيني کان وڌيڪ معتبر راڻي سرسا جي لاءِ سوکڙيون ڪٽي کيس ڏيڻ ويو تہ هن سندس محلات جي تعمير جي فن جي تعريف ڪئي، جيڪي گول ٽنبي هيا اُنهن جي اوچائي، ڪاڻ جي ڪم جي خوبصورتي، جيڪا وڏي ڪاريگريءَ جو مظهر هئي ۽ جنهن تي چٽسالي، گهڙاوَت يا پالش بہ زبردست طريقي جي ٿيل هئي، ۽سندس نظرون ڪجهہ زيورن تي ڪپي ويون جيڪي پڻ ڏاڍا نازڪ طريقي سان جڙيا ويا هيا. چوڪيدارن کان گذرندي،جن گيٽ تي ڊيوٽي تي ڏني، سفارتڪارن کي سرسا جي ذاتي گهر جي اندر نيو ويو. اٽيلا جي زال مهمان جو آڏرياءُ وينبي يا ليٽيئي ڪيو جيڪا پنهنجي صوفا سيٽ تي سمهيل هئي، فرش قالين سان ڍڪيل هو، گهريلو ماڻهن راڻيءَ جي چوگرد هڪ گول دائرو قائم ڪري رکيو هو، ۽ سندس چوڪريون جيڪي شايد سندس نوڪرياڻيون هيون، زمين تي ويٺيون هيون ۽سُئيءَ تي اُڻت ڪرڻ ۾ مشغول هيون ۽ بَرٽ جي اُڻت جي ڪم بربر ويڙهاڪن جي ڪپڑن کي خوبصورت بڻائي ڇڏيو هو. هُنن (Huns) کي پنهنجي دولت جي نمائش ڪرڻ جو وڏو شوق هو جيڪو سندن سوين جو نتيجو هو: سندن گهوڙن جا سَنجَ، سندن ترارون، توڙي سندن بوٽ پڻ سون ۽ قيمتي هيرن سان سينگاريل هيا

۽ سندن ڪاڌي جي ٽيبل تي قيمتي پليٽون رکيل هيون، ان کان سواءِ پيالا ۽ گلاس ۽ گلدان به سون ۽ چاندي جا ٺهيل هيا، جن کي يونان جي فن جي ماهرن ٺاهيو هيو. حاڪم، پنهنجي سيٽيا جي ابن ڏاڏن جي سادگي واري هلت چلت کي فخر جو باعث سمجهندو هو(45) ۽ اڳتي به اهوئي سندن طريقو رهيو. اٽيلا جي ڊريس، سندس هٿيار ۽ سندس گهوڙي جا سنج تمام سادا هيا، جن تي ڪي به زيور لڳل نه هيا ۽ اُهي فقط هڪ رنگ جا هيا. شاهي ٽيبل تي کاڻ جا پيالا ۽ پليٽون رکيل هيون، سندس کاڌي ۾ ڪيس فقط گوشت ڏنو ويندو هو ۽ اُتر جي فاتح مانيءَ کي ڪڏهن چکيو به نه هيو.

جڏهن دنيوب جي ڪنارن تي اٽيلا پهريون پيرو سفيرن سان مليو ته سندن تنبوءَ جي چوڌاري سندس محافظ بينا هيا. بادشاهه پاڻ هڪ ڪاٺ جي ٺهيل ڪرسيءَ تي وينو هو. سندس پوائتي شڪل شبيهه، ڪاوڙ ۽ غصي وارا اشارا ۽ اُبهرائيءَ واري لهجي مئڪسيمن جي پختن ارادن کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو، پر وگيليَس جي ڊڄڻ جا گهٽائي سبب هيا، چاڪاڻ ته هن خطري کي چگيءَ طرح سمجهي ورتو هو ته جيڪڏهن اٽيلا قومن جي مجيل قانونن جي پڄڪڙي ڪئي ته هر ڏوڪي واري ترجمان کي زنجيرن ۾ جڪڙائي صليب تي چاڙهي ڇڏيندو ۽ سندس جسم کي ڪُڄهن جو ڪاڇ بٽائي ڇڏيندو. بربر نيازمنديءَ مان صحيح لسٽ پيش ڪئي جنهن وگليَس جي جرئتمنديءَ سان ڳالهايل ڪوڙ کي صاف ظاهر ڪري ڇڏيو جنهن پنهنجي طرفان يقين ڏياريو ته سترهَن پاڇوڪڙن کان وڌيڪ تعداد هٿ نه اچي سگهيو هو. پر هن غرور مان ڳالهائيندي چيو ته پنهنجن پڄي ويندڙ غلامن سان بحث ڪندي ڪيس بعيزتيءَ جو احساس ٿو ٿئي ڇو ته هن کي سندن نااهليءَ وارين ڪوششن کان نفرت هئي جن سان هنن صوبن جي نالائقيءَ واري حفاظت ڪئي هئي جن کي ٿوڊوسيَس سندن فوجن جي حوالي ڪيو هو. 'قلعا ۽ شهر' اٽيلا ڳالهايو، 'رومي شهنشاهت جي حدن ۾ پنهنجي وجود کي قائم رکڻ جي اُميد ڇو رکن يا اُهي اڄيت اجا ڇو رهن، جيڪڏهن اسان ان ۾ خوش رهڻ ٿا چاهيون ته اُنهن جي وجود کي زمين تان مٽائي ۽ ميساري ڇڏجي؟' هن، بهرحال ترجمان کي فارغ ڪيو جيڪو قسطنطنيه واپس هليو ويو جنهن کي آخري يا قطعي فيصلو ٻڌايو ويو ته مڪمل ماٺهن جي واپسيءَ کي يقيني بنايو وڃي ۽ سفارتخاني کي به وڌيڪ شانائتو ڪيو وڃي. سندس ڪاوڙ ڪجهه هلڪي ۽ ٽڏي ٿي ۽ ڪيس وڌيڪ آڏت ۽ اطمينان هن کي هڪ شادي ڪرڻ مان آيو جيڪا هن ايسلام جي ڏيءُ سان رستي تي رچائي ڇڏي جنهن گهٽي ياڳي سندس غصي کي گهٽ ڪري اعتدال ۾ آندو. اٽيلا جي شاهي ڳوٺ ۾ سندس آمد کي ڏوم ڏام سان ملهايو ويو. عورتن جو وڏو تعداد ٻاهر نڪري آيو ته پنهنجي سورهيه سپوت ۽ بادشاهه جو ديدار ڪري سگهن. اُهي هن جي آڏو قطارون ڪري ترتيب سان هلنديون رهيون، قطارن جي وچ ۾ سنها ململ جا پردا لڳل هيا جن کي عورتن پنهنجن هٿن سان کڻي نازن ۽ نخرن سان مٽي ڪري ٿي ڇڏيو ۽ ان نظاري ننڍين ڪنوارين جو هڪ دلچسپ جُهڱٽو قائم ڪري ڇڏيو هو جيڪي سيٽيا جي زبان ۾ عقيدت جا نغما ۽ گيت ڳائيندیون ٿي رهيون. اونيجيسَيس جي زال، جنهن سان ڪيتريون ئي ٻيون عورتون به گڏ هيون، پنهنجي گهر جي دروازي وٽ بيهي اٽيلا کي عزت ۽ عقيدت وارو سلام ان وقت پيش ڪيو جڏهن هو پنهنجي محلات ڏانهن وڃي رهيو هو ۽ هن ملڪ جي ريتن رسمن موجب اٽيلا جو احترام بجا آندو ۽ڪيس عرض ڪيائين ته هن جي گهر کي پنهنجي آمد سان شرف بخشي ۽ جيڪو گوشت هن جي استقبال ڪرڻ لاءِ هن پچايو هو، اُهو ساڻن ويهي کائي ۽ انهن سان گڏجي شراب نوشي به ڪري. جيئن ئي حاڪم وڏيون مهربانيون ڪندي سندس دعوت

قبول ڪئي ته سندس نوڪرن چاڪرن ۽ خدمتگارن هن جي چانديءَ جي ٿهيل ٽيبل ڪي پنهنجن هٿن سان مٽي ڪيو ۽ هو گهوڙي جي پُٺي تي سوار ٿيو، ۽ اٽيلا جڏهن شراب جي پيالي ڪي پنهنجن چپن تي آڻي چڪيو ته هن اونيجيسيس جي زال جو ٻيهر سلام ڪيو ۽ پنهنجي هلڻ ڪي جاري رکيو. شهنشاهت جي گاديءَ جي هنڌ ۾ سندس رهائش دوران هن پنهنجو وقت سُستي ۽ ڪاهليءَ ۾ ضايع نه ڪيو هو ۽ هُنن (Huns) جو بادشاهه سدائين مٽاهين مرتبي ۽ شان مانَ سان رهندو هو جنهن ۾ هو پنهنجي شخصيت ڪي ماڻهن کان مخفي نه رکندو هو. هو اڪثر ڪري پنهنجي ڪائونسل جو اجلاس سڏرائيندو رهندو هو ۽ مختلف قومن جي سفيرن کي ملاقات جو شرف بخشيندو هو ۽ ظلم زيادتي ٽيڪ جي صورت ۾ ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو حق هوندو هو ۽ هن سلسلي ۾ مقرر ڪيل ڏينهن ۽ وقت تي ٽربيونل جي ڪڏجاڻي مشرقي روايتن مطابق سندس ڪاڪ جي محلات جي وڏي گيٽ وٽ ٽيندي هئي. اوپر توڙي اولهه جي شهنشاهت جي رومين کي هن پنهنجي دعوت ۾ سڏيو جتي اٽيلا ٻين بادشاهن ۽ سيٽيا جي معزز ماڻهن سان گڏ دعوت کاڌي. مئڪسيمن ۽ سندس ساٿين کي ٻاهر روڪيو ويو پر پوءِ انهن شراب کي اوتي پنهنجي بادشاهه جي صحت ۽ سرفرازي جو نذرانو پيش ڪيو، ۽ هن دعوت کان پوءِ کين وڏي هال ۾ وڃي ويهاريو ويو جتي هو پنهنجن مقرر ٽيبل جڳهن تي وڃي وينا. شاهي ٽيبل ۽ صوفا جيڪي قالين ۽ سنهڙن ڪپڙن سان ڍڪيل هيا اُنهن کي هال جي وچ ۾ ڪٽي مٽين سطح تي رکيو ويو ۽ سندس پُٺ، چاچي ۽ سندس هڪ دوست بادشاهه، اٽيلا سان ويهي سندس من پسند طعام گڏجي کاڌا. ننڍين ٽيبلن جون ٻه قطارون جن مان هر هڪ تي ٽي يا چار مهمان وينل هيا ۽ اُنهن جي ترتيب اهڙيءَ طرح سان هئي جو ساڃي هٿ وارين ٽيبلن تي وينل ڇڻ وڏيڪ معزز ۽ مٽاهان مهمان هيا، پر رومي ماڻهن پنهنجي پوري سچائيءَ سان اها ڳالهه مڃي ته کين ڪابي پاسي کان ويهاريو ويو هيو ۽ ٻيو ته بيرڪ، جنهن کي گهٽا ماڻهو نه سڃاڻندا هيا ۽ جنهن جو تعلق گاٿن جي قوم سان هيو، ٿوڊوسيَس ۽ وٽلينٽينيَن جي نمائندن کان ٻه اڳ پهچي ويو. بربرن جي بادشاهه پنهنجي پيالي- پائيءَ کان شراب جو پيالو ورتو جنهن کي هن پيار مان مهمان جي صحت لاءِ اڀيندي پيتو، جيڪو پنهنجي ڪرسيءَ تان اُٿي ٻيٽو ۽ بادشاهه جي صحت ۽ پاڻ بخت لاءِ پنهنجو ساغر اڀيائين. هي دعوت يا جشن سيني جي صحت ۽ سلامتيءَ لاءِ ملهايو ويو جنهن ۾ اسيمبلي جا ميمبر پڻ شامل هيا. هن جشن جي ملهائڻ ۾ تمام گهٽو وقت لڳو چاڪاڻ ته ان کي ٽي پيرا ڏهرايو ويو هو، هر پيري ٽيبل تي شراب ۽ پيالا رکيا ويا جيڪي هڪدم پيتا ٽي ويا ۽ اهو سلسلو دير تائين هلندو رهيو. پر شراب اڃا تائين موجود هو جڏهن ته گوشت کائجي يا کڃي چڪو هو ۽ هُنن (Huns) شراب نوشيءَ کي گهٽي وقت تائين جاري رکيو جڏهن ته سندن اعتدال پسند ۽ سنجيده طبيعت رکڻ وارا سفارتڪار رات جي هن دعوت مان لطف اندوز ٿي هليا ويا هيا. تنهن هوندي به وڇڻ کان اڳ ۾ هُنن هِن قوم جي خوشي ملهائڻ جي جشن ۽ سندن زنده دليءَ کي بيحد پسند ڪيو. جشن دوران سيٽيا جا به ماڻهو اٽيلا جي ڪوچ آڏو اُٿي بينا ۽ سندس تعريف ۾ شعر پڙهڻ شروع ڪيائون جيڪي هنن سندس بهادري ۽ سوين بابت لکيا هيا. هال ۾ مڪمل سانت چانئجي وئي ۽سيني مهمانن جا ڪَن هنن جي شاعريءَ ٻڌڻ لاءِ آتا نظر آيا ۽ شعرن ۾ موضوع اهڙا هيا جن سيني ٻڌندڙن جون جنگين ۽ فتحن جون يادون ورجائي ڇڏيون ۽ هڪ فوجي جو روح ڇڻ ٻيهر ماڻهن جي اندر پرجي ويو جيڪي جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا؛ ان موقعي تي هڪ پيرسن ماڻهوءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا جنهن کين ٻڌايو ته هي

وقت جنگ جو خطرو ۽ جنگ جي عظمت کي گڏ ڪٽي هلڻ وارو نہ هيو.(46) هن جشن، جنهن کي فوجي ڪردار جو هڪ اسڪول چئي سگهجي ٿو، کان پوءِ ڏوڪي ۽ فريب جي هڪ اهڙي ڳالهه ٽي پئي جنهن انساني فطرت جي آبرو کي داغ لڳائي ڇڏيو. هڪ اُتر- اولهه آفريڪا جي مسلمان ۽ سيٽيا جي هڪ مسخري، خوشيءَ ۾ مست تماشبينن جي جذبن کي، ويچارا ڪيي، اعتراض جوڳا ڪپڙا پائي،ڪِل ٽوڪ وارن اشارن، واهيات گُفتن ۽ لاطيني ٻولي جي نہ سمجهه ۾ ايندڙ لفظن يا وري گاڏن يا هُنن جي ٻوليءَ جا عجيب فقرا دهرائيندي، گهڙي گهڙيءَ پڙڪايو ۽ کين چيڙايو ٿي، جنهن ڪري سڄو هال ڪِل ۽ ٽهڪن جي وڏن آوازن سان گونجي اٿيو. هن شور ۽ هنگامي دوران، اٽيلا فقط اڪيلو هو جنهن نہ مُنهن گُهنجايو ۽ نہ کنهن کي دڙڪو ڏنو، پر پوري سنجيدگيءَ سان هال ۾ موجود رهيو ۽ پنهنجي بردباريءَ ۾ هن کابہ ڏَر يا تبديلي نہ آندي سواءِ ان جي جو جڏهن سندس ننڍي ۾ ننڍو پُٽ اِرنئڪ اندر داخل ٿيو تہ هن پنهنجي پٽ کي پيءُ واري پوري شفقت ۽ پيار منجهان پاکر پاتو، ڳُٽن تي کيس چُميون ڏنائين ۽ پنهنجي محبت جو پرپور اظهار ڪيائين، جنهن کي سندن هڪ پيغمبر جي لفظن وڌيڪ تقويت پهچائي هئي جنهن اِرنئڪ لاءِ پيشنگوئي ڪندي چيو هو تہ اهو پنهنجي ڪٽنب توڙي شهنشاهت لاءِ وڏو سهارو هوندو. فقط بن ڏينهن کان پوءِ سفارتڪارن کي ٻيهر دعوت ملي ۽ هنن وٽ اٽيلا جي نفيس طبيعت ۽ سندس زندهه دليءَ واري مهمان نوازي جي تعريف ڪرڻ جا گهڻائي سبب هيا. هُنن جي بادشاهه مئڪسيمن سان هڪ ڏِگهي ۽ مانائتي گفتگو جاري رکي، پر سندس خوش خُلقي، اوچتو سندس سختيءَ جي لهجي ۾ تبديل ٿي وئي جنهن۾ سندس غرور مان چيل طنز ۽ ملامت وارا جملا بہ شامل هيا، ۽ هو شايد پنهنجي خود مطلبيءَ خاطر، سيڪريٽري ڪانسٽئنٽيَس جي خانگي دعويٰ جي حمايت ۾ نامناسب جوش ۽ ناشائستگيءَ جي حدن تائين وڌي ويو. 'شهنشاهہ' (اٽيلا چيو، 'ڪيس گهٽو وقت اڳ هڪ دولتمند زال سان پرٽائڻ جو ساڻس واعدو ڪيو هو، تنهنڪري ڪانسٽئنٽيس کي نا اُميد هرگز نہ ٿيڻ گهرجي، ۽ هڪ ڳالهه ياد رک تہ روم جي شهنشاهہ کي ڪوڙ ڳالهائڻ جو لقب ڏيڻ نہ نهي ٿو ۽ نہ سُونهين ٿو.' ٽئين ڏينهن تي، سفيرن کي وڃڻ جي اجازت ڏني وئي، ڪيترن ئي قيدين کي ٽورڙي رقم ڏيڻ تي آزاد ڪيو ويو، جن پنهنجي آزاديءَ لاءِ اڳ منٽون ٽي ڪيون، کين شاهي تحفن ڏيڻ کان سواءِ کين اها بہ اجازت ڏني وئي تہ سيٽيا جي هر معزز ماڻهوءَ کان هڪ هڪ گهوڙي جو تحفو ضرور ونڻ. مئڪسيمن ساڳئي رستي سان قسطنطنيه واپس ويو ۽ توڙي جو بيرڪ سان هن جا اتفاقي اختلاف ٽي پيا هيا جيڪو اٽيلا جو نئون سفير هو، پنهنجي اندر ۾ خوش ۽ مطمئن هيو تہ هن هڪ ڏکيو سفر طئي ڪري ٻن قومن جي وچ ۾ امن قائم ڪرڻ جو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو.(47)

پر روم جو سفير غداريءَ واري ان سازش کان اڻ واقف هو جنهن کي ماڻهن جي اعتماد جي پردن ۾ لڪايو ويو هو. ايديڪان جي حيرت ۽ اطمينان، جڏهن هن کي قسطنطنيه جي شان شوڪت جو تصور ٿي آيو، ترجمان وگيليَسس کي کڏڻي ڪرسئفيَس (48) جي ڪُجهي انترويو ونڻ لاءِ همٿايو هو جنهن جو شهنشاهہ توڙي شهنشاهت ٻنهي تي قبضو هو. اڳ واري گفتگو ۽ راز کي مخفي رکڻ جي قسم کڻڻ کان پوءِ، کڏڻي جيڪو پنهنجي احساس ۽ تجربي جي باوجود، وزيرن جي اخلاق ۽ ڪردار کي پاڻ ۾ سمائي نہ سگهيو هو، اٽيلا جي موت جي تجويز پيش ڪرڻ جي جرئت ڪري ويٺو ۽ اهو بہ چيائين تہ اها هڪ وڏي خدمت ٿيندي. جنهن سان ايديڪان کي دولت جو ججهو حصو ملندو ۽ ان کان سواءِ هو عياشي

ب ڪندو جنهن جي ڪيس طلب رهندي هئي. هُنن (Huns) جي سفير هن لالچ واري آڇ ڪي غور سان ٻڌو ۽ وڏي جوش مان اقرار ڪيائين ته منجهس لياقت ب هئي ۽ هو ان خوني ڪم ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار ب هيو، ان سازش جي خبر وڏي منهندار ڪي پئجي وئي ۽ ٿيوڊوسيَس پنهنجي جاني دشمن ڪي قتل ڪرڻ جي سازش تي خوش ٿيندي پنهنجي رضامندي ڏيکاري. پر هي دغابازي ۽ نمڪ حرامي واري سازش ايديڪان جي پڇتائڻ تي ناڪام ٿي وئي، ۽ هُن غداريءَ جي هن ڪم لاءِ پنهنجي دلي نفرت ۾ شايد ڪجهه وڌاءُ ب ڪيو هوندو. هن جرئتمندي ڪندي اهو عزم ڪيو ته جيترو جلد ٿي سگهيو ته هر ان سازش جو اعتراف پاڻ ڪندو. جيڪڏهن اسان مئڪسيمن جي سفارتخاني ۽ اٽيلا جي رويي جو جائزو وٺون ته اسان بربر جي وڌ ۾ وڌ تعريف ڪنداسين جنهن مهمان نوازي جي قانون جو احترام ڪندي، شهنشاهه جي وزير ڪي فراخ دليءَ سان ويجهڙ ڏنو جنهن سندس زندگي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي هئي. پر وگيليس جي اُبهرائي اجا ب ڪمال واري لڳندي ڇاڪاڻ ته پنهنجي خطا توڙي خطرن ڪي پوريءَ طرح ڄاڻندي ب هو پنهنجي پُٺ سميت شاهي ڪئمپ ۾ هليو ويو ۽ پاڻ سان گڏ سون سان ڀريل هڪ ٿيلهو ب ڪنيو هيائين جيڪو خاص ڪدڙي طرفان ايديڪان جي شرطن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ ته ساڳي وقت گيٽ جي چوڪيدار جي وفاداري خريد ڪرڻ لاءِ آڇيو ويو هو. ترجمان ڪي هڪدم سوگهو ڪيو ويو، جنهن ڪي اٽيلا جي انصاف جي ٽربيونل ۾ پيش ڪيو ويو جتي هن ارادي جي مضبوطيءَ سان پنهنجي معصوميت جو اقرار ڪيو، پر جڏهن ڪيس دڙڪو ڏنو ويو ته هن جي پُٺ ڪي هن جي سامهون ماريو ويندو ته هن هڪدم پوءِ پنهنجي ڏوهه جو اقرار ڪري ڇڏيو. ڏن يا ضبطي جي شڪل ۾ هُنن (Huns) جي لالچي بادشاهه، غدار جي زندگي بچائڻ عيوض سون جا ب سو پائونڊ ونڊ قبول ڪيا ڇاڪاڻ ته هن ڪي ان ڳالهه کان ب نفرت هئي ته هن کي سزا ڏني وڃي. هن هڪ ٻي معزز ماڻهوءَ طرف پنهنجي ناراضگيءَ جو اشارو ڪيو. سندس سفارتڪارن ايسلا ۽ اوريسٽس کي هڪدم قسطنطنيه موڪليو ويو ۽ اُنهن کي سخت حڪم ڏنو ويو ته ايئن عمل ڪن جيئن ڪين حڪم ڏنو ويو هو ڇو ته انهيءَ ۾ ئي سندن سلامتي هئي. اُهي محلات ۾ داخل ٿيا ۽ سونَ سان ڀريل اُهو ٿيلهو اوريسٽس جي ڳچيءَ ۾ لڙڪندو ٿي رهيو، جنهن کدڙي ڪرسئفيس کان پڇاڳاڇا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ سڌو سوال ڪيائينس ته هو پنهنجي خطا ۽ پنهنجو ڏوهه قبول ڪري ٿو يا نہ. پر ڏوهه يا الزام جو ٻي انداز سان نبيرو ڪرڻ فقط ايسلا جي بردباريءَ جو ڪم هو جيڪو اوپر جي شهنشاهه سان هينئن مخاطب ٿيو: 'ٿيوڊوسيَس هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو پٽ آهي جيڪو نامياروءَ عزت وارو پيءُ آهي، اهڙيءَ طرح اٽيلا جو تعلق پڻ هڪ وڏي عزت واري قوم سان آهي ۽ هن اُنهن ڪمن يا عملن جي هميشه حمايت پئي ڪئي آهي جيڪي ڪيس پنهنجي عظيم والد مُنڊزڪ کان ورثي ۾ مليا آهن. پرٿيوڊوسيَس کي جيڪو ڪجهه ورثي ۾ مليو هو ان جي هن ويجهڙي ڪئي آهي ۽ ڏن ڏيڻ جي شرط کي قبول ڪري هن پنهنجي مرتبي کي هيٺ ڪيرائي ان کي غلامن جي سطح تي ڪٽي آيو آهي. تنهنڪري اها حق ۽ سچ جي ڳالهه ٿيندي ته هُو ان ماڻهوءَ جو احترام ڪري جنهن کي سندس لياقتن توڙي سندس خوشنصيبيءَ هن کان گهٽو مٽاهون رکيو آهي ۽ ٻي طرف هڪ ذليل غلام جيان ڪردار هو جنهن پنهنجي مالڪ جي خلاف هڪ ڪريل حرڪت ۽ سازش ڪئي هئي.' آرڪئڊيَس جي پٽ، جيڪو فقط خوشامد ۽ چاپلوسيءَ جي آواز کي ٻڌندو هو، اچرج وچان سڃ جي تيز ۽ ڪڙي ٻوليءَ کي ٻڌي رهيو هو، هن جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ خوف مان ڏڪي رهيو هو، ۽ کيس اها ب جرئت نہ پئي ٿي ته هو ڪرسئفيَس جي سِر قربان ڪرڻ کان انڪار ڪري، جنهن جو ايسلا ۽

اوريسٽس مطالبو ڪري رهيا هيا. سڀ ساري سفارتخاني کي، جنهن کي پورا اختيار ۽ عاليشان تحفا مليا هيا، کي روانو ڪيو ويو ته اٽيلا جي اڳيان ۽ سخت ناراضگيءَ کي ڪجهه مانارو ڪيو وڃي، نوميس ۽ ائينٽرليس جي انتخاب ذريعي سندس غرور کي مطمئن ڪرڻ جو ڪجهه ازالو ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي وزير هيا جن جو رتبو سفارتڪارن جهڙو هو، اُنهن منجهان هڪ وڏو خزانچي ۽ هو ٻيو اوپر جي فوجن جو ماسٽر- جنرل پڻ هيو. اٽيلا مهرباني ڪندي، هنن سفارتڪارن سان ڀرينڪو ندي جي ڪنارن تي ملڻ جو واعدو ڪيو، توڙي جو پهرئين ته پنهنجي هَٺ ۽ غرور جو ذِڪُ ڏنو، پر پوءِ سندس ڪاوڙ، سفارتڪارن جي مِٺي زبان ۽ سندن وٽندڙ اخلاق جي ڪري آهستي آهستي ڊري ٽيندي وئي. اٽيلا پنهنجي عظمت جو مظاهرو ڪندي، شهنشاهہ، ڪڙي ۽ ترجمان- سيني کي معاف ڪري ڇڏيو، ۽ پاڻ کي صلح قائم رکڻ جي شرطن جو پابند بنايائين. بيشمار قيدين کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنائين ۽ پاڇوڪڙن توڙي سات ڇڏيندڙن کي به معاف ڪيائين ته پلي اُهي به آزاد هجن ۽ پنهنجي سرحد جي ڪجهه حدن تان، جيڪي دنيوب نديءَ جي ڏکڻ طرف هيون، هٽ ڪنيائين ڇو ته اُنهن علائقن جي دولت هو اڳيئي خرچ ڪري چڪو هيو ۽ اُتان جا رهواسي به پنهنجو علائقو ڇڏي پر پاسي وارن ملڪن ۾ هليا ويا. پر هي معاهدو ڪجهه اهڙي قيمت تي خريد ڪيو ويو هو جو اُهو هڪ تيز طوفاني ۽ ڪامياب جنگ وڙهڻ جو سبب بڻجي ها ۽ ٿوڊوسيس جي رعيت جا ماڻهو مجبور ٿي ان نالائق پر سندن پياري ماڻهو جي بچاءَ ڪرڻ لاءِ ظالماڻين ٽئڪسن جو مطالبو ڪن ها جيڪو هو سندس تباهيءَ لاءِ خوشيءَ سان ڏين ها.(49)

شهنشاهہ ٿوڊوسيس، پنهنجي بدنصيب زندگيءَ جي ذلت وارن واقعن کان پوءِ گهڻو وقت زنده نہ رهي سگهيو. جيئن هو قسطنطنيه جي ويجهن علائقن ۾ پنهنجي گهوڙي تي چڙهي شڪار ڪري رهيو هو ته هو پنهنجي ڀَجندڙ گهوڙي تان لائڪَس نديءَ ۾ ڪري پيو، ڪِرڻ سبب سندس ڪرنگي جون هڏيون پڄي پيون ۽ هو ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ پنجاهہ سالن جي عمر ۾ مري ويو ۽ هو پنهنجي حڪومت جو ٽيتاليهون شهنشاهہ هيو.(50) سندس پيٽ پلچيريا کي، جنهن جي شهري توڙي ڪليسائي اختيارن تي ڪڙن جو ضابطو هوندو هو، اوپر جي شهنشاهت جي راڻي بنايو ويو، ۽ اهو پهريون پيرو هو جو رومي شهنشاهت جا ماڻهو هڪ عورت جي حڪمرانيءَ هيٺ اچي ويا. جيئن ئي پُلچيريا تخت تي ويٺي ته هن پنهنجي توڙي عوام جي ناراضگيءَ کي انصاف جي دائري ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. بغير ڪنهن به قانوني مقدمي هلائڻ جي، ڪڙي ڪرسئفيس کي شهر جي گيٽن وٽ آڻي قتل ڪيو ويو، ۽ جيڪو بي انداز مال ۽ دولت هن پاڻ جمع ڪئي هئي، ان ويتر سندس موت کي وڌيڪ ويجهو ۽ جائز ڪري ڇڏيو هو.(51) مذهبي ماڻهن توڙي عوام ۾ هڪ عجيب شور پيدا ٿي ويو ته هڪ عورت سندن حڪمران ٿي وئي هئي ۽ خود پُلچيريا کي به عوام جي نفسيات جو اندازو هو ته هڪ عورت جي حڪمرانيءَ کي هو آسانيءَ سان قبول نہ ڪندا تنهنڪري هن عقلمنديءَ سان فيصلو ڪيو ته ماڻهن جي پُڻ پُڻ کي بند ڪرڻ لاءِ ضروري هو ته هُو پنهنجي ساڻيءَ جي چوند ڪري جيڪو سندس مٽاهين حيثيت جو احترام ڪندو ۽ سندس ڪنوارپڻي جو پڻ خيال رکندو. تنهنڪري هن مرسين کي چونڊيو جيڪوهڪ سينيٽر ۽ ست سالن جي عمر جو هو ۽ اهڙي طرح پُلچيريا جي نالي ماتر مڙس کي به شاهي لباس پارايو ويو. جيئن ته هن مذهبي ماڻهن جو تمام گهڻو خيال رکيو جنهن جو عملي اظهار ڪئليڊونيا جي ڪائونسل ۾ ڪيو ويو، ان ڪٿولڪ عيسائين کي تمام گهڻو متاثر ڪيو. مرسين جي هلت چلت ۽ سندس مانائتو طور

طريقو ڏاڍو وٽندڙ هو، سندس ذاتي زندگي توڙي تخت تي هن هڪ اهڙي شهنشاهت ۾ ٻيهر روح اڇي ڦوڪيو هو، جيڪا نہ رڳو ڪمزور پر صفا ختر ٿي چڪي هئي جنهن ۾ لڳاتار هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ ٻن موروثي شهنشاهن جو وڏو هٿ هو. هو ٽريسس ۾ پيدا ٿيو هو، ۽ هن اسڪولي ۾ فوجي تعليم پڻ ورتي هئي، پر سندس جواني گهٽو ڪري فلسفي ۽ بدقسمتيءَ ۾ گذري هئي، چاڪاڻ تہ جڏهن هو قسطنطنيه ۾ ويو هو تہ ان وقت سندس سڃي آمدني فقط سونَ جا ٻہ سوء ٽڪرا هئي، جيڪي پڻ هن پنهنجي هڪ دوست کان اوڌر تي ورتا هيا. هن پنهنجي عمر جا اٺويهہ سال اسپارٽا جي مقامي ۽ فوجي نوڪريءَ ۾ گذاريا ۽ سندس پٽ ارداٻوويَس وڏن جنرلن سان فارس توڙي آفريڪا جي جنگين ۾ گڏ رهيو ۽سندن اثر رسوخ جي ڪري مئجسٽريٽ جي عزت واري رتبي تائين پهچي، پوءِ ايڏا ٻہ سينيٽر جي وڏي منصب تي فائز ٿي ويو. سندس نرم طبيعت ۽ ڪارآمد ذهانت سبب مرسين پڻ پنهنجي پٽ جي محسن ۽ سرپرستن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جيئن تہ هن رشوت خوري، بدعنواني ۽ ظلم تي مبني نظام پنهنجي اکين سان پاڻ ڏٺو هو، ۽ جيئن تہ سندس پنهنجي مثالَ قانون تي عمل ڪرڻ جي ڪيس ترغيب ڏني هئي ۽ هن اُهي قانون ۽ اخلاقي ضابطا نافذ ڪري ڇڏيا تہ جيئن ماڻهن جي اخلاق، عادتن ۽ هلت چلت ۾ هڪ صحتمند تبديلي نظر اچي.(52)

باب چوٽيهون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) اٽيلا جي تاريخ بابت مستند مواد جارنينديس ۾ ملي سگهي ٿو (ڊي ريبَس گيٽيس- 50-34، 688-660، جنهن کي گروٽيَس ايڊٽ ڪيو) ان کان سواءِ پرسڪَس (سفارتي تحريرون مان ٽڪرا- صفحا- 76-33، پئرس، 1648) 'اٽيلا جون ڇمارون' جووينڪس سيليَس ڪئلئس ڊالمئٽيئس ٻارهين صدي عيسوي ۾ ترتيب ڏنو هو، مون نہ ڏٺو آهي ۽ نہ وري اهو ڪتاب جيڪو نڪولَس اولهَس جيڪو گرانڊا جو پادري هو ان سورهين صدي ۾ ڇپرايو هو، اُهو بہ منهنجين نظرن منجهان نہ گذريو آهي. ڏسو مئڪائو جي جرمني جي تاريخ (33، ix ۽ مافي- اوسر وازيني جو ادب- 89-88، i) جيڪو ڪجهہ بہ ان مواد ۾ هنگري جي جديد ماڻهن اضافو ڪيو آهي، اُهو قدر لائق آهي ۽ ان مان اها خبر بہ پوي ٿي تہ اُهي افسانن ۽ ڪهاڻين جي ادب ۾ ايترا اڳيرا نہ هيا. اُهي اندازو لڳائن ٿا تہ جڏهن اٽيلا گال ۽ اٽلي تي حملو ڪيو هو ۽ ڪوڙ سارين عورتن کي پنهنجون زالون بنايو هئائين، تہ ان وقت سندس عمر هڪ سو ويهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي. (ٿيوروز جا واقعا- 22، i، هنگر جي تحرير ۾، 76، i)

(*) (هن جلدي ڪئي)

(2) هنگري تي، سيٽيا جي ٽن ڪالونين طرفان ڪاميابيءَ سان قبضو ڪيو ويو آهي: (1) اٽيلا جي هنن (Huns) طرفان، (2) ڇهين صدي جي ابيئرس طرفان ۽ (3) ترڪن يا مئگيرس طرفان- 889 صدي عيسوي ۾. ترڪن لاءِ ڇيو ٿو وڃي تہ اُهي سيٽيا جي ماڻهن جي پيڙهين جا ابا ڏاڏا آهن پر پهرين ٻن سان سندن رشتن جون ڪڙيون نٽيون ملن. پروڊرومَس ۽ مئٽيو بيليَس جي حاشيائي تفصيلن ۾ جديد هنگري بابت ڪافي معلوماتي مواد موجود آهي. مون جديد توڙي قديم واقعاتي تحريرون ڏٺيون آهن (51، 1، xxii) ۽ ٻيو مواد پڻ مطالعو ڪيو آهي. (175، 127، xvi).

(3) سقراط (43، vii) ٿوڊوريٽ (36 v) ٽليمانٽ جيڪو هميشه ڪليسائي مصنفن تي پاڻيندو آهي، زوردار نموني سان دليل ٿو ڏئي تہ جنگيون ۽ خاص ماڻهو ساڳي ڳالهہ نہ آهي.

(4) ڏسو پرسڪَس (صفحا- 48-47) ۽ يورپ جي ماڻهن جي تاريخ (vii، باب- xii-xv).

(5) پرسڪَس ص-39. جديد هنگري وارن سندس حسب نسب ڪيو آهي جيڪو پنجٽيهہ ڊگريون حضرت نوحؑ جي پُٽ هام کان مٿي هليو ٿو وڃي، تنهن هوندي بہ هو هن جي پيءُ جي اصل نالي کان واقف نہ آهي. (ڊي- گائنس، هُنن جي تاريخ 297، ii)

(*) (تاتارين جي باري ۾).

(*) (مُشڪن وارو، طاقتور)

(6) جارنيندبيس (661، 35) جي پيٽ بفن سان ڪيو (فطري تاريخ- 380، iii) اڳئين جو پنهنجو خيال هو (چاڪاڻ ته هن پنهنجن ئي ابن ڏاڏن جي خاصيتن کي ڳٽائڻ شروع ڪيو هو) انيلا جو ڪردار ۽ ان جي شخصيت بابت مواد ڏسر ڪئسيڊورَس جي ترجمي ۾.

(*) (چنگيز خان).

(7) ابوالفراج شاهي گهراٽو پوڪوڪ جي مقابلي ۾ ص* 281 (تاتارين جي حسب نسب جي تاريخ- ابوالغازي، بهادرخان 3، 15، iii، چنگيز خان، 6، 1، i) تبليغي پرچارڪ جيڪي تيرهين صدي عيسوي ۾ تاتاري ٿي ويا هيا. (ڏسو ساموندبي سفر جي تاريخ جو ستون جلد(ان ۾ مقامي مشهور بولي استعمال ٿيل آهي ۽ واضح خيالن جو اظهار پڻ ڪيل آهي. چنگيز خان کي خدا جو پٽ سڏيو ويو آهي وغيره وغيره.

(8) ('اُنهن وٽ نه مندر هيا نه مفبرا ۽ نه وري وٽن کا ڪَکائين جهوپڙي موجود هئي، پر بربرن جي پنهنجي رسم ۽ رواج موجب هڪ اڳهاڙي ترار کي زمين ۾ کوڙيو ويندو آهي، جنهن جي هو وڏي عقيدت مان عبادت ڪندا آهن ته اُها ترار، هنن جي لاءِ اُنهن علائقن ۾ جتي هو گهٽو اچن وجن ٿا، جنگ جو ديوتا آهي.') ايميئينس مارسيلينس (2، xxxi) ۽ لنڊ منبرو جيَس ۽ وئليسيَس جا عالماٿا حاشيا هن سلسلي ۾ ڳٽائي سگهجن ٿا.

(9) پرسڪَس هيءَ شاهڪار آکاڻي پنهنجي زباني اسان کي ٻڌائي ٿو (ص- 65) ته ساڳي وقت جارنيندبيس جي چَوٽيءَ جي حوالي سان به پيش ٿو ڪري. (662، 35) هن شايد عام روايت يا افساني کي پنهنجو بنياد بنايو هجي جيئن مشهور ترار جي قصي کي بيان ڪيو ويو آهي، ۽ نالي مان ايئن لڳي ٿو ته ان جو تعلق سيٿيا جي ديوتا سان آهي جنهن کي هن ترجمو ڪري يونانين يا رومين جو جنگي ديوتا 'مارس' ڪوٺيو آهي.

(10) هيروڊوٽَس (62، iv) مون بيان کي مختصر ڪرڻ لاءِ ان کي گهٽ ۾ گهٽ رقم (اسٽئڊيَم) ۾ آندو آهي. انساني قرباني ڏيڻ وقت هو انسان جي ٻانهن ڪُلهي کان ڪاٽي ڇڏين ٿا ۽ پوءِ ان کي متي هوا ۾ اُڇلائن ٿا ۽ ان جي ڪنهن ٽنپ يا بُندَ متان ڪِرڻ تي ان منجهان ڪيترا انديشا ۽ انومان ڪڍن ٿا.

(11) پرسڪَس (ص- 55) هڪ آگسٽَس جهڙو مهذب سپوت خود به ان ڳالهه ۾ خوش ٿيندو هو جيڪڏهن ڪو ماڻهو جنهن تي هو پنهنجون نظرون ڪُپائي ڇڏيندو هو ۽ اُهو اُنهن نظرن جي شعاع يا چَمڪ کي بيان ڪرڻ کان بيوَس ٿي ويندو هو. (سئيٽن، آگسٽَس ۾- باب -79)

(12) هڪ معتبر ڊي بئاٽ (يورپ جي ماڻهن جي تاريخ- 429- 428، vii) انيلا کي، پنهنجي پاءُ کي قتل ڪرائڻ جي الزام مان آزاد ڪري ٿو ڇڏي ۽ هن سلسلي ۾ هُو جارنيندبيس جي شاهدي توڙي ان وقت جي دستاويزن کي رد ڪرڻ تي وڌيڪ زور ٿو ڏئي.

(13) جارنيندبيس (684، 49) پرسڪَس، (ص- 65-64) ايمر- ڊي گائنس پنهنجي زبان جي ڄاڻ ذريعي انيلا جي شهنشاهت جي گهٽي معلومات حاصل ڪري ڇڏي آهي.

(14) ڏسو هُنن جي تاريخ (296، ii) گوجن جو اهو عقيدو هوندو هو ته هُنن (Huns) کي ڪنهن به وقت سخت طوفان آڻڻ يا مينهن وسائڻ جي طاقت هوندي هئي. هن قسم جو معرڪو يا ڪرشمو هڪ پٿر گيزي سان منسوب ٿيل آهي جنهن جي جادو يا ڪرشماتي طاقت سان هڪ جنگ ۾

شڪست اچڻ جي واقعي کي چوڏهين صدي عيسوي جي مسلمان تاتارين بيان ڪيو آهي. (ڏسو شرف الدين علي تيمور لنگ جي تاريخ- 83-82، i)

(*) (گاڏڻ جو هڪ قبيلو).

(15) جارنينڊيس (667، 37، 661، 15) ڏسو ٽليمانٽ جي شهنشاهن جي تاريخ- 138، 129، vi) ڪارنيل اٽيلا جي تڪبر کي اُنهن بادشاهن سان پيٽايو آهي جن کي هو پنهنجي رعيت سمجهندو هو. گيپڊي ۽ آسٽروگاٿن جا به بادشاهه وڏا سياستدان ۽ جذباتي آهن ۽ سڄي ٽڪريَ ۾ ڪافي نقص آهن جنهن ۾ شاعر جي ذهانت اٽلي آهي.

(16) روفينس ۽ ڪلاڊيَن (35-28، ii) ساڳي وقت يوٽراپ کي به ڏسو (251-243، i) ۽ جيروم جو زبردست بيان جنهن پنهنجن جذبن جي ترجماني ڪئي آهي. (26، i، يا هيليو درو ص- 220) فلوسٽور جيَس (8، ix) هن اوچتي حملي کي بيان ڪري ٿو. (نوٽ: هن حاشيي جي مُنڊ ۾ سَت سٽون لاطيني يا يوناني زبان ۾ ڏنل آهن. جن جو انگريزي ترجمو گبن طرفان نه ڏنو ويو آهي. تنهنڪري ان جو سنڌي ترجمو به هتي ڇاڻايل نه آهي، بهرحال پوءِ به ڪافي وضاحت بيان ڪئي وئي آهي. سنڌيڪار)

(*) (ننڊي ايشيا جي هڪ ندي).

(*) (اصلي يا بٽيائتو)

(*) (ازوف جو سمند)

(17) پرسڪَس ۾ ڏسو اصلي ڳالهه ٻولهه. (صفحا- 65-64)

(18) پرسڪَس (ص -331) سندس تاريخ ۾ جنگ بابت ڪافي شانائتو بيان ڪيو آهي. (اِوئگريَس- 17، 1) پر تاريخ جا اُهي حصا جيڪي سفارتخانن بابت واقعا بيان ڪن ٿا، ته اُهي ئي ٽڪرا اسان جي وقت ۾ اسان کي ڪم آيا آهن. اصلي ڪم فقط اُنهن ليکڪن جي هٿ چڙهي ويو جن کان وري اسان ڇاڻ ورتي جيڪا اٽپوري آهي. جارنينڊيس، ٿيوفينس، منهندار مرسيليئس پراسپر- ٽيرو يا وري اليگزينڊرين يا پاسچل جو مصنف ۽ واقعن ۾ ايم ڊي بئاٽ (يورپ جي ماڻهن جي تاريخ- xii, xv) اُنهن سببن، حالتن ۽ جنگ جي دوران جو چگيءَ طرح جائزو ورتو آهي، جنهن مطابق اُها جنگ 444 صدي عيسوي کان اڳتي نٿي وڃي.

(19) پروڪوپيَس (5، iv) هنن قلعن کي پنهنجي اصلي حالت ۾ بنايو ويو، اُنهن کي شهنشاهه جسٽينيَن طرفان وڌيڪ مضبوط بنائي ۽ وڌايو ويو، پر پوءِ اُنهن کي جلد ئي ابيئرس طرفان تباهه ڪيو ويو جيڪي هُنن (Huns) کان پوءِ طاقت ۾ آيا ۽ جائدادن جا مالڪ بٽيا.

(20) هتي منهندار مارسيليئس جي زبان وڌيڪ زوردار آهي.

(21) ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ 107-106، vi) ۾ هن زلزلي بابت ڪافي مواد موجود آهي، جنهن جو اثر قسطنطنيه، اليگزينڊريا ۽ انتاڪيا تائين محسوس ڪيو ويو هو ۽ جنهن جو فڪر سپني ڪليسائي ليکڪن ڪيو آهي. هڪ تبليغ واري چيو هو ته زلزلو هڪ تعريف جوڳي مشين آهي جنهن جو زوردار اثر هوندو آهي.

(22) هن مغلن جي شهنشاهه آڏو بيان ڪيو ته چار صوبا (پيچلي، چنٽانگ، چانسي ۽ ليوٽانگ) جن تي سندس اڳ ۾ ئي قبضو هو، هڪ نرم انتظام ۾ هيٺ، چانديءَ جا 500000 آئونس، چانورن

جا 400000 ماپا ۽ريشم جا 800000 ٽڪرا پيدا ڪن ٿا (مغلن جي شاهي حسب نسب جي تاريخ صفحا- 58-59) ييلُوچوسي (چيني اعليٰ آفيسر جو اهڙو نالو هو) هڪ دانا ۽ سني ڪردار وارو وزير هو جنهن ملڪ کي بچايو ۽ فاتحن کي مهذب بڻايو (ڏسو صفحا 102-103).

(23) خاص مثال ڳڻائبا ته اُهي بيشمار تي ويندا پر هڪ سنجيدو پڙهندڙ چنگيز خان جي زندگي بابت ڄاڻ ضرور رکي (مغلن جي تاريخ ۽ هُنن (Huns) جي تاريخ جو پندرهون ڪتاب به ضرور مطالعي هيٺ آڻجي).

(24) مارُو وٽ، 1300000 هرات وٽ، 1600000، نيشاپوري وٽ 1747000. ڊي هربيلوٽ جا لکيل اوير جي ملڪن جا واقعا (صفحا- 380-381) مون ڊي- ائنول جي هِجي ڪرڻ جي نقشن کي استعمال ڪيو آهي. ان ڳالهه جي، بهرحال، گهٽي گنجائش موجود آهي ته فارس وارا پنهنجن نقصانن کي مبالغي سان پيش ڪندا آهن ۽ مغل وري پنهنجن سوين جي باري ۾ وڌيون دعوائون ڪندا آهن.

(25) شرف الدين علي ۽ سندس تعريف ڪندڙ غلام، اسان جي آڏو پوائتا مثال پيش ڪيا آهن. دهلي ۾ پنهنجي ڪئمپ قائم ڪرڻ کان اڳ، تيمور 100000 هندستاني قيدين کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو جن جو ڏوهه اهو هو ته هنن فقط ان وقت کِلي ڏنو هو جڏهن سندن ملڪي ماڻهن جي فوج کين نظر آئي هئي، (تيمور لنگ جي تاريخ 90، iii) اصفحان جي عوام 70000 ماڻهن جون کوپڙيون جمع ڪري ورتون هيون جن سان ڪيترا اوچا مُنارا ناهيا ويا هيا. (434، i) ساڳي وقت بغداد ۾ ٽيندڙ بغاوت (370، iii) جي سلسلي ۾ به هڪ ڏنڊ مڙهيو ويو هو جنهن جو پورو اندازو شرف الدين علي نه لڳائي سگهيو هو، پر هڪ بي تاريخدان احمد عرب سيد موجب (175، ii) 90000 سِرَن جو کين ڏنڊ پرٽو پيو هو.

(26) قديمي تاريخ جا ماهر جارنينديس ۽ پرسڪس وغيره هن خطاب کان ناواقف آهن. البت هنگري جا جديد ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته اهو لقب گال جي هڪ بزرگ اٽيلا کي ڏنو هو جيڪو ان جي ملڻ تي خوش ٿيو هو ۽ ان کي پنهنجي شاهي مرتبي جي بين خطابن سان ملائي سَرهو ٽيندو هو. (مئسڪائو 23، ix ۽ ٽليمانٽ- شهنشاهن جي تاريخ ۾ 143، vi)

(27) سينٽ ڪرسوسٽم جي مذهبي پرچارڪن سيٿيا جي بيشمار ماڻهن کي پنهنجي مذهب ڏي مائل ڪيو هو جيڪي دنيوب کان به پرتي پنهنجن تنبُن ۽ گاڏين ۾ رهندا هيا. (ٿوڊوسيٽ 31، v، فوٽيَس ص- 1517) مسلمان، نستوري فرقي سان تعلق رکندڙ توڙي لاطيني عيسائي ان ڳالهه ۾ مطمئن هيا ته هنن چنگيز خان جي پٽن ۽ پوٽن کي پاڻ ڏي مائل ڪيو هو جيڪي مخالف تبليغين سان مهرباني ۽ انصاف سان پيش ايندا هيا.

(28) جرمني جي ماڻهن، وارَس ۽ سندس فوجن کي تباهه ڪري هن جو وجود ئي ختم ڪري ڇڏيو هو (9 صدي عيسوي) اُنهن روم جي قانون ۽ قانوندانن کان سدائين ڇڙ ۽ بُڇان جو اظهار پئي ڪيو هو. هڪڙي بربر گهٽي احتياط کان ڪم وٺندي هڪ قانوندان جي زبان وڌي ڇڏي ۽ ان کان پوءِ سندس واتَ کي سِبندي ۽ اطمينان جو اظهار ڪندي چيائين ته: 'هاڻي ڪُير نانگ جو ساٿ هميشه لاءِ ختم ٿي ويو. (فلورَس 12، iv)

(29) پرسڪَس (ص- 59) لڳي ائين ٿو ته هُنن (Huns) کي گاٽن جي توڙي لاطيني زبان، پنهنجي زبان کان به وڌيڪ وٽندي هئي، ڇاڪاڻ ته سندن زبان شايد ڪجهه اُگري ۽ ڏکي لهجي واري هئي.

(30) فلپ ڊي ڪومنس، ليوِس-xi جي پوين پساهن جي زبردست تصوير ڇڻي آهي. (يادگيريون- 12، iv) ۽ هن جي حڪيم جي گستاخي ۽ واهياتپڻي کي به ظاهر ٿو ڪري فقط پنجن مهينن ۾ ڪانئس 54000 ڪرائون ڦري ڇڏيا هيا ته ساڳئي وقت هڪ لالچي ۽ آمر شخص کان رتبو پڻ گسي ڇڏيو هو.

(31) پرسڪَس (ص- 61) روم جي قانونن جي گهڻي تعريف ٿو ڪري جنهن ڪري هڪ غلام جي زندگي کي بچاويو ويو هيو. جرمن ماڻهن لاءِ ٽئسيٽَس چوي ٿو: 'اُهي هڪ غلام کي اصول تي يا سختيءَ مان هرگز نه ماريندا پر فقط تڏهن جڏهن کين سخت ڪاوڙ ايندي بلڪل ايئن جيئن ڪنهن دشمن سان ورتاءُ ڪندا هيا، اها هي ڳالهه آهي ته ڪَم يا ڪرتوتَ بغير سزا جي رهجي وڃن تا.' ڪجهه ماڻهو هيرُولي قبيلي جا هيا، جيڪي اٽيلا جي رعيت ۾ شامل هيا، ۽ دعويٰ ڪندا هيا ته سندن غلامن تي موت ۽ زندگي جا اختيار کين حاصل هيا. ڏسو هڪ زبردست مثال جيڪو اگاٿياز جي هي ڪتاب ۾ آهي، ان جو مطالعو ضرور ڪجي.

(32) سڃي گفتگو جو احوال پرسڪَس ۾ ڏسو.

(33) پراسپر- ٽيرو پنهنجا احوال اولهه ۾ وڃي قلمبند ڪيا آهن ۽ سندس تجويز منمت جي برابر آهي.

(34) ڪرسوسٽم جي بيان يا گارگند موجب، بازنطينيُن جي عياشيءَ جي سامان جو نيلام يقينن فائديمند ثابت ٽيو هوندو. هر دولتمند ماڻهوءَ وٽ چانديءَ جي هڪ گول ٽيبل هوندي هئي، پر اُها اهڙي هوندي جو اُن تان به ماڻهو گڏجي به هڪ گلدان يا گلدستو نه کڻي سگهندا هيا ڇو ته اُهو سمورو سون جو نهيل هوندو هو جنهن جو وزن چاليهه پائونڊ کن ٽيندو. ساڳي وقت ٽيبل تي سون ۽ چانديءَ جا پيالا ۽ ٻيا قسمين قسمين طعامن جا ٽانوَ پڻ پيل هوندا هيا.

(35) معاهدي جا جيڪي شرط مبهم يا غير واضح هيا اُهي پرسڪَس ۾ ڏسي سگهجن تا. (صفحا- 59، 37-34) منهندار مارسيليئس ڪجهه اطمينان ڏياري ٿو جڏهن سپ کان پهريون هو ٻڌائي ٿو ته: اٽيلا خود اطمينان ڏياري ٿو جڏهن سپ کان پهريون هو ٻڌائي ٿو ته: اٽيلا خود صلح لاءِ آماده ٽيو هو ۽ تحفن ونڊ کان هن انڪار ڪيو هو. ٻيو ته ساڳئي وقت نه هندستان جي سفيرن هڪ سهڻو، پاليل ۽ وڏو ڇيتو شهنشاهه ٿيوڊوسيَس کي تحفي ۾ ڏنو هو.

(36) پرسڪَس (ص، 36-35) ٽريس جي هڪ سو ٻياسي قلعن مان جيئن اُنهن کي پروڪوپيس ڳڻيو آهي (قلعا، 92، iv, xi, ii) جن کي ايڊٿ پئرس ۾ ڪيو ويو) اُنهن هڪڙو ايسيمونٿو جي نالي سان مشهور آهي ۽ هن قلعي جي صورتحال جي ٻيٽي اهميت ان ڪري آهي جو اهو ائنچئيلَس ۽ ايگزين سمنڊ جي پرپاسن ۾ آهي. عظيمنٽيَم جو نالو ديوارون شايد جسٽينيَن جي حڪومت جي دور تائين رهيون هونديون پر هنن بهادر محافظن جي قوم کي روم جي شهنشاهن تباهه ڪري سندن وجود ئي مٽائي ڇڏيو هو.

(37) سينٽ جيروم ۽ سينٽ آگسٽائين جو هڪ ٻئي سان سخت جهيڙو هو جن جو مختلف گالهين تي هڪ ٻئي سان ٽڪراءُ ٿيندو رهندو هو، ۽ خاص طرح جيڪي ٻن حوارين سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال بابت سندن اختلاف هيا، ان جو دارومدار هڪ اهم سوال تي مبني هو، (مدلٽن جا ڪم 10-5) ۽ جنهن تي ڪئٿولڪ ۽ پروٽيسٽنٽ بزرگن طرفان هر دور ۾ اختلاف رهيا آهن ۽ اُنهن اختلافن جو دائرو هر دور جي قانوندانن ۽ فيلسوفن تائين ٻه وڌي ويو آهي.

(38) مانٽسڪيو (وڏا خيال وغيره، باب- xix) وڏي جرئتمندي ۽ هڪ آسان پينسل سان، سخت ڏيکن ۽ حالتن ۾ اٽيلا جي غرور جو نقشو ويهي لِيکيو آهي جنهن ۾ رومين جي بيعزتي پڻ شامل آهي. ڪيس اها ٻه جَس هجي ته هن پرسڪَس جا علمي ٽڪرا ٻه پڙهي ڇڏيا آهن، جن کي اڳ ڪا اهميت نه ڏني وئي هئي.

(39) ڏسو پرسڪَس (صفحا72-69،71 وغيره) آڻ پنهنجي رضا خوشيءَ سان يقين ٿو ڪريان ته جوکي جي ڪم سان کيڏندڙ کي اٽيلا جي حڪم تي قاهيءَ تي چاڙهيو ويو هو. ڇو ته مٿس غداريءَ جو الزام هو، پر پرسڪَس (ص- 57) ساڳئي نالي جي ٻن ماڻهن کي وڌيڪ نمايان ڪيو آهي، يعني ڪانسٽئنٽيَس، جيڪي پنهنجي زندگي جي ساڳين واقعن سان يقيني طور تي منجهي پيا هوندا يا پريشان ٿيا هوندا.

(*) (ڪرايي تي ڪم ڪندڙ)

(40) فارس جي امن جو معاهدو جيڪو 422 عيسوي ۾ طئي ٿيو هو، عقلمند مئڪسيمن، اردابوريَس جو تخمينو لڳايو هو (جنهن اوپر جي شهنشاهه پاران غاصب جان جي مخالفت ڪئي هئي. 25-423 عيسوي) (سقراط 20، vii) جڏهن مرسيَن تخت تي وينو ته عظيم چيمبرلين جو وڏو عهدو مئڪسيمن کي ڏنو ويو. جنهن کي هڪ فرمان ذريعي ملڪ جي چئن اهم وزيرن منجهان هڪ ليکيو ويو آهي. (نوويل، ٿوڊوسين ڪوڊ ص 31) هن هڪ شهري ۽ فوجي ڪميشن اوپر جي صوبن ۾ عمل ۾ آندي هئي ۽ سندس موت تي حبش (اٿوپيا) جي ماڻهن بيحد ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو هو ۽ جن جي حملن کي هن روڪيو هو. (ڏسو پرسڪَس، ص 41-40)

(41) پرسڪَس، پئنير جو رهواسي هو جيڪو ٿريس ۾ هو ۽ هو هر لحاظ سان پنهنجي دور جي فيلسوفن ۾ وڏو عزت وارو نالو هو. سندس بازنطين جي تاريخ، جنهن جو تعلق سندس دور سان هيو، ستن ڪتابن ۾ لکي وئي آهي. (ڏسو فئبريشيَس کي يونان جي واقعن ۾ 236-235، vi) تنقيد نگارن جي فياضيءَ واري فيصلي جي باوجود، مون کي پوءِ ٻه شڪ ٿو پوي ته هو هڪ لامذهب ماڻهو هو.

(*) (هن کي اڳتي ايندڙ صفحن ۾ چگّيءَ طرح سمجهايو ويو آهي)

(*) (رومُولَس آگسٽولَس، 476-475 عيسوي)

(*) (اوڊوسر، 493-476 عيسوي)

(42) هنن (Huns) اجا تائين زراعت جي پيشي کان نفرت ٿي ڪئي، اُنهن هڪ فاتح قوم جي حقن کي غلط استعمال ٿي ڪيو ۽ گاٽ، جيڪي سندن محنتي رعيت جا ماڻهو هيا ۽ جيڪي

پنهنجون ٻنيون کيڙيندا هيا، سندن پاڙيسري هجڻ کان بکايل بگھڙن جيان خوفزده رهندا هيا. (پرسڪس ص 45) ساڳيءَ طرح سارت ۽ تاجڪ به پنهنجو گذران پاڻ ڪندا هيا، باقي اُزبڪ جا تاتاري پنهنجن حاڪمن وانگر سُست ۽ لالچي هيا. (ڏسو تاتارين جي حسب نسب جي تاريخ. (صفحا 455-423).

(*) (اٽيلا جو پاءُ جنهن هن کي ماريو هو).

(43) اهو صاف ظاهر آهي ته پرسڪس دنيوب ۽ ٽِيس ندين کي اُڪاري ويو هو. پر هو ڪارپئٽين جي ٽڪرين تائين اڳا نه پهتو هو. ائگريا، ٽوڪي ۽ جابير ڪليل ميدانن تي هر طرف کان وکوڙيل آهن جيئن هن وضاحت ۾ آيل آهي. ايمر- ڊي بئات (عوام جي تاريخ 461، vii) ٽوڪي ۽ آسٽرو ڪوسي کي چونديو آهي (ص- 180 مئسڪائو، 23، ix) هنگري جي هڪ پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جازبيرن کي پسند ڪيو آهي. هڪ اهڙو هنڌ جيڪو بودا ۽ دنيوب کان ڇٽيهه ميل اولهه طرف آهي.

(44) اٽيلا جي شاهي ڳوٺ جي پيٽ، ڪراڪورم جي شهر سان ڪري سگھجي ٿي جيڪو چنگيز خان جي جانشينن جي رهائشگاھ رهيو هو، جيڪو، توڙي جو هڪ مستقل رهڻ جوهنڌ هو، پر پوءِ به اُهو تيرهين صدي ۾ سينٽ ڊينيز جي شهر جي شان شوڪت جي مقابلي ۾ گھٽو گھٽ هو. (ڏسو ربروقيز کي سامونڊي سفر جي تاريخ ۾- 286، vii). اورنگزيب جي دربار، جيئن ان کي برنيئر بيان ڪيو آهي، سيٽيا جي طور طريقن ۽ هندستان جي شاندار عياشين جي گڏيل سڏيل تصوير پيش ڪري ٿي.

(45) جڏهن مغلن ٽونڪٽ وٽ، ايشيا جي ڦرلٽ جي سامان جي نمائش ڪئي، ته چنگيز خان جو تخت اڳا تائين ان ڪاري قالين سان ڍڪيل هو جنهن تي هو ان وقت تخت نشين ٿيو هو جڏهن سندس تخت کي هن جي ملڪ جي ماڻهن مٿي کنيو هو. (ڏسو چنگيز خان 9، xv)

(46) جيڪڏهن اسان پلو ٽارچ تي ويساھ ڪريون (24، v) ته پوءِ ٻڌو: سيٽيا جي ماڻهن جي اها رسم هئي ته جڏهن هو ڪاڏي جي ٽيبل تي ويهي مستيون ڪندا هيا ته اُهي ڇڻ سُستي ۽ ڪاهليءَ مان پاڻ کي جاڳائيندا هيا ۽ پنهنجي تير- ڪمانن سان شڪار پڻ ڪندا هيا.

(47) هن سفارتخاني جي سنجيدگي جي بيان ۾ ڪجھ نقطا اهڙا آهن جن بابت ڪابه مناسب شاهدي نٿي ملي. پر اُنهن جي باري ۾ ڪجھ وضاحت پرسڪس ۾ ملي ٿي. (صفحا 70-49) پر مون پنهنجي ٻي راھ ڳولي ڪڍي آهي ۽ مون ڪجھ تاريخي ڳالهيون ۽ حالتون اهڙيون ڳولي ڪڍيون آهن جن جو سفر سان ڪو گھٽو تعلق ڪونه هو ۽ نه وري اُنهن جو واسطو رومي سفارتڪارن جي ڪنهن پيشي سان هيو.

(48) ايمر. ڊي ٽيلمانٽ، چئمبرلينس جي جانشيني بابت پوريءَ طرح بيان ڪيو آهي جنهن ٽوڊوسيَس جي نالي ۾ پنهنجي استعيفا پيش ڪئي هئي. ڪرسئفيَس آخري تاريخ جي تصديق ٽيل شاهديءَ موجب شايد هُو شهنشاھ جي ويجهن ماڻهن ۾ هڪ ذليل ترين شخص هو. (ڏسو شهنشاهن جي تاريخ 119-117، vi ۽ ڪليسائي يادگيريون 438، xv) پنهنجي محسن لاءِ سندس

هڪ طرفو ٽيڻ ۽ يوٽيچس کيس مصروف رکيو ته جيئن مذهبي ڏر کي پريشان ڪري سگهي).

(49) هيءَ لڪل سازش ۽ انجا اهم نتيجا پرسڪس جي تحريرن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. (صفحا 72-70، 54، 39-37) ان تاريخدان جا واقعا ڪنهن به تاريخ سان لاڳاپيل ناهن، پر جيڪي معاملا اٽيلا ۽ اوپر جي شهنشاهت جي وچ ۾ نبيريا ويا، اُنهن کي ٽن يا چئن سالن اندر محدود ڪري سگهجي ٿو جيڪي ٿوڊوسيَس جي موت سبب وچ ۾ ڪٽجي ويا. (450 عيسوي)

(50) ٿوڊوسيَس هڪ پڙهندڙ (ڏسو ويلس ڪليسائي تاريخ 563، iii) ۽ پاسچل واقعا فقط ڪِرڻ جو ٻڌائن ٿا پر اها خبر نٿي پوي ته ان ۾ ڏڪ به لڳو يا ڪو زخم رسيو، پر جيڪو نتيجو نڪتو ان مان لڳي ٿو ته ايئن ضرور ٿيو هوندو جيئن بيان ڪيو ويو آهي، پر اهو ممڪن نٿو لڳي ته هيڏي ساري واقعي کي گهڙيو يا ايجاد ڪيو ويو هجي، پر آسان، بهرحال نائيسفورَس ڪئلڪس کي داد ضرور ڏيون ٿا جيڪو چوڏهين صديءَ جو هڪ يوناني هو.

(51) (پُلچيريا جي اشاري تي، هو ۽ سندس لالچ- ٻئي راضي ٿي ويا.) هن کڏڙي کي چڏي ڏنو ته جيئن پٽ پنهنجو مقدس بدلو وٺي سگهي جنهن جي پيءُ سندس ئي اُڪسائڻ تي تڪليفن کي پوڳيو هو.

(52) پروڪوپيَس (ڊي- بيل وئنڊل (4،i اِوئگريَس، 1، ii) ٿيوفينس (صفحا 91-90 نوويل، ٿوڊوسيَن ڪوڊ، 30، vi) جيڪي مرسيَن جون تعريفون، سينٽ لِيو ۽ ڪئٿولڪن ڪيون آهن، اُنهن جو وڏي محنت سان بئرونيَس ترجمو ڪيو آهي ته جيئن ايندڙ وقت جي شهنشاهن جي همت افزائي ڪئي وڃي.

باب پنجٽيهون

اٽيلا طرفان گال تي حملو- ايٽيَس ۽ وزيگاٽَ سندس حملي کان ناڪام بٽائن ٽا- اٽيلا اٽلي تي حملو ڪري ان کي ماٺهن کي خالي ڪرائي ٽو- اٽيلا، ايٽيَس ۽ وٽلينٽينين ٽئين جا موت

مرسيَن ان خيال جو هوندو هو ٽ هڪ عزت ۽ وقار واري امن جي ماحول کي برقرار رکڻ لاءِ، جيترو ممڪن ٽي سگهي ٽ جنگ کان پاسو ڪيو وڃي، پر ساڳي وقت اهو ب سندس عقيدو يا ڪيس يقين هوندو هو ٽ اُهو امن هرگز پائدار يا عزت پريو نہ ٽو ٽي سگهي جنهن کي، جنگ جي خطري کان ڊڄي ۽ بزدليءَ ۾ قائم ڪيو ويو هجي. اهڙيءَ بهاديءَ سان هن اٽيلا جي مطالبن جو جواب ڏنو هو جنهن کانئس سالياني ڏن ڏيڻ جو مطالبو ڪيو هو. شهنشاهہ، بربرن تي واضح ڪري ڇڏيو هو ٽ کين ڪوب حق نٽو پهچي ٽ هو روم جي شان ۾ ڪا گستاخي ڪن ڏن جو مطالبو ڪري ان جي بيعزتي ڪن، ۽ هو ايا ب ان ڳالهہ جو خواهشمند آهي ٽ اتحادين ۽ دوستن سان سندس خوشگوار تعلقات رهن. پر سندس اهڙن نيڪ ارادن جي باوجود ب اُهي ماٺهن جي امن امان ۽ سکون ۾ جيڪڏهن ڪو خلل وجهن ٿا ٽ پوءِ کين سوچڻ گهرجي ٽ وٽس فوجون ب آهن، هٿيار ۽ پختو عزم ب آهي، جيڪڏهن متن حملو ڪيو ويو ٽ هو ان کي يادگار سيکٽ ڏيندا. سفير اپولونيَس طرفان هُنن (Huns) جي دربار ۾ پڻ ساڳي ٻولي ۽ ساڳئي لهجي ۾ اها ڳالهہ دهرائي وئي ۽ سندس جرئتمندي، ٽ هو تيستائين سوڪڙيون نہ ڏيندو جيستائين سندس ملاقات بادشاهہ سان ڪرائي وڃي، ڪيس وقار بخشيو پر ساڳي وقت ٻي ڏر طرفان نفرت سان گڏ خطري جون گهنٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون چاڪاڻ ٽ اٽيلا کي ڪاهل ۽ بگڙيل رومين کان اهڙي گستاخي واري جواب جي هرگز توقع نہ هئي.(1) هن ٿيوڊوسيَس جي جانشين کي سزا جي سبق سيکارڻ جي ڏمڪي ڏني، پر ٿورو هيڪندي سوچيائين ٽ ڪيس پنهنجين فوجين کي اوپر يا اولهہ جي شهنشاهتن خلاف چڙهائي ڪرڻ جو حڪم ڏيڻ گهرجي يا نہ. هڪ طرف انسانذات سندس فيصلي جو پئو گاڏوون انتظار پئي ڪيو، ٽ هن وري روينا ۽ قسطنطنيه جي دربارُن ۾ پڻ ساڳيا دڙڪا ۽ دهمڻ ڏياري موڪليا ۽ سندس وزيرن ٻن شهنشاهن جو سلام غرور جي هينئين لفظن سان وڃي ڪيو: "اٽيلا، منهنجو آقا ۽ توهان جو آقا، توهان کي حڪم ٿو ڏئي ٽ هن جي لاءِ ڪنهن محلات جو بندوبست ڪيو وڃي جتي هن کي وڏي آجياڻي ڏيڻ جو بندوبست ٽي سگهي."(2) پر جيئن ٽ هِن بربر کي اوپر جي رومين کان سخت نفرت هئي جن تي هن ڪيئي پيرا سويون ماٺيون هيون، ٽ هاڻي هن عزم ڪيو ٽ هو آسان فتح جي پويان نہ ويندو، جيستائين هو وڏيڪ شاندار ۽ وڏيڪ اهم ڪارنامو سرانجام نہ ڪري. گال ۽ اٽلي جي يادگار حملن ۾، هُنن (Huns) جي لاءِ انهن صوبن جي دولت ۽ سرسبز خطي ۾ وڏي ڪشش هئي پر اٽيلا

جا ارادا ۽ سندس طبيعت جي نيزيءَ کي اولهه جي شهنشاهت جي ذريعي سمجهي سگهجي ٿو جتي وئلينٽينين جي حاڪميت هئي يا ٻين لفظن ۾ جيڪا ايٽيَس جي انتظام هيٺ هئي.(3)

سندس مخالف بونيفيس جي مرڻ کان پوءِ، ايٽيَس دوراندیشي ڪندي هُنن جي تنبُن ۾ هليو ويو ۽ هُو سندن احسانمند هو ته هن جي حفاظت ڪرڻ جي معاهدي جي هنن پابندي ڪئي هئي ته ساڳي وقت سندس سارَ سنڀال ۾ پڻ هُنن جو هٿ هو. ٻڌائيندڙ زبان جيڪو هڪ جلاوطن شخص ڳالهائيندو آهي، ان جي بجاءِ هن سڀ هزار بربرن جي موجودگيءَ ۾ معافي ورتي ۽ راٽي پلاسيديا ڪمزوريءَ واري مخالفت ڪندي اها ڳالهه مڃي ته ايٽيَس جو ايترو هيٺ ڪِرڻ شايد سندس طرفان رحم لاءِ ٻڌائڻ جي برابر هو جيڪو شايد سندس ڪمزوري يا خوف جو نتيجو هو. هن (راٽي پلاسيديا) پاٽڪي، پنهنجي پٽ وئلينٽينين ۽ اولهه جي شهنشاهت کي، رعيت جي هڪ گستاخ ۽ بي ادب ماڻهوءَ جي حوالي ڪيو، نه وري پلاسيديا بونيفيس جي نائي سيباستين، جيڪو هڪ باڪردار ۽ وفادار شخص هو، کي عذابن کان بچائي سگهي،(4) جيڪو ويچارو هڪ کان بي بادشاهت تائين ڏڪا کائيندو رهيو ۽ آخرڪار هو وٺندڙن جون چاڪريون ڪندي ۽ سندن غلاميون ڏيندي اُتي ئي ختم ٿي ويو. پر ايٽيس خوش قسمت هو جنهن کي هڪدم امير جي عهدي تي ترقي ڏني وئي ۽ ٽي پيرا ڪيس چيف مئجسٽريٽ جي عهدي تي رهڻ جو اعزاز مليو، ان کان سواءِ گهوڙيسوار توڙي پيادل فوج جي ماسٽر هئڻ جو عهدو به ماڻيائين جنهن کي ملڪي فوج جو مالڪ چئجي ته به غلط نه ٿيندو؛ ڪيس ان وقت جي ادين هڪ حاڪم يا اولهه جي رومين جو جنرل ڪونيو آهي. سندس دوراندیشيءَ سندس رهنمائي ڪئي ته ٿوڊوسيَس جي پوٽي کي هن شهنشاهت جي واڳَ سونپي ڇڏي ۽ وئلينٽينيَن اٽلي ۾ بيحد خوش هيو جتي هن آرام ۽ آسائش جو وقت پئي گذاريو، جڏهن ته اميرزادو وڏي مان شانَ سان هڪ سورهيه جيان هو جنهن اولهه جي شهنشاهت کي بربادیءَ کان بچائڻ لاءِ ويهن سالن تائين ڪيس سهارو پئي ڏنو. گاٽن جي هڪ تاريخدان وڏي فراخدليءَ سان هيءَ ڳالهه مڃي آهي ته ايٽيَس جڏ جائو ئي فقط هنڪري هو ته هُو روم جي جمهوريه کي بچائڻ جو ڪردار ادا ڪري(5) ۽ جيڪو سندس زندگيءَ جو خاڪو پوري ايمانداريءَ سان ناهيو ويو آهي ان ۾ خوشامد جي مقابلي ۾ سچائيءَ جي ڇٽنگ وڌيڪ روشن نظر ايندي. سندس ماءُ جو تعلق اٽلي جي متاهين خاندان سان هو ۽ هوءَ وڏي دولتمند هئي ۽ سندس پيءُ گاڊينٽيَس، جيڪو سيٽيا ۾ هڪ وڏي عهدي تي لڳل هو، فوج جي هڪ ننڍي رتبي تان ترقي ڪندي نيٺ گهوڙيسوار فوج جو ماسٽر ٿي ويو. سندس پٽ جيڪو ننڍپڻ ۾ ئي پيادل فوج جي چوڪيدارن ۾ پرتي ٿي ويو هو، ان کي پهريون ته الارڪ ۽ بعد ۾ هُنن (Huns) جي حوالي ڪيو ويو هو جتي هن محلات جا شهري توڙي فوجي اعزاز حاصل ڪري ورتا جنهن ۾ سندس لياقتن ۽ ذهانت واري اهليت جو وڏو عمل دخل هو. ايٽيَس شڪل صورت ۾ هڪ پُروقار پر پوري پُني قد جو هو پر سندس عضوا مردانگي ۽ طاقت وارا هيا جن ۾ حسن به هو ته چُرپر به هئي ۽ هو بهادري ۽ جانبازيءَ جي ڪرتبن ۾ به پنهنجو مَٽ پاڻ هو، مثال طور گهوڙن کي ضابطي سان هلائڻ، تيرڪمان جو ڪاميابيءَ سان استعمال ڪرڻ ۽ نيزي بازي وغيره جي هنرن ۾ هن پوري مهارت حاصل ڪري ورتي هئي. هو بُک توڙي بي آراميءَ جي تڪليفن کي صبر سان سهي ويندو هو ۽ سندس ذهن توڙي جسم هر طرح جي محنت ۽ مشقت لاءِ هروقت تيار رهندا هئا. وٽس بهادريءَ جا اصلي جوهر هوندا هيا جن سان هو خطرن يا ڏکن ڏٽن جي ڪا پرواهه نه ڪندو هو ۽ اهو بلڪل ناممڪن هوندو هو ته سندس عزم ارادن ۽ روح جي سچائي ۽ سڻائيءَ کي ڪو بگاڙي سگهي،

سائس ڏوکو ڪري سگهي يا وري ڪو ڪيس ڊيڄارڻ جي همت ڪري سگهي.'(6) بربرن کي جن اولهه جي صوبن ۾ پائڪي مستحڪم بنائي ڇڏيو هو، سيڪاريو ويو هو ته هو اميرزادي ايٽيَس جي بهادري ۽ سندس عقيدن جو پوريءَ طرح احترام ڪن. هو سندن جوش جذبن کي تڏو ڪندو هو، سندن مذهبي يا سياسي لاڙن ۾ پاڳي پائيوار ٿي، اُنهن کي صحيح وات تي لڳائيندو هو، سندن دلچسپين کي هموار ڪندو هو ۽ سندن ارادن يا پروگرامن کي جاچي جوچي پوءِ کين درست مشورا ڏيندو هو. هن جينسيرڪ سان هڪ وقتائتو معاهدو طئي ڪري ورتو جنهن سان اٽلي کي، وئندلن جي ڦُرمار کان بچايو ويو، برطانيه جي غير جانبدار ماڻهن سندس صلاحيتن کي ساراهيو ۽ سندن مدد ڪرڻ تي هن جا ٿورا مڃيا، گال ۽ اسپين ۾ شاهي اختيارن کي بحال ڪيو ويو ۽ هن فرئنڪن (جرمن نسل جي ماڻهن) ۽ سُووي قبيلي جي ماڻهن کي مجبور ڪيو، جن کي هن جنگ جي ميدان تي شڪستون ڏنيون هيون، ته روم جي جمهوريه جا اتحادي بڻجي وڃن.

دلچسپي توڙي احسانمنديءَ جي خيال کان، ايٽيَس وڏي اُورچائيءَ سان هُنن (Huns) سان به ايڪو اتحاد ڪري ورتو. هڪ يرغمالي يا جلاوطن جي حيثيت ۾ هو هُنن جي تنبُن ۾ رهندو هو، پر هو اٽيلا سان آزادي ۽ بي تڪلفيءَ سان ڳالهائيندو هو، جيڪو سندس محسن جو پائٽيو هو،* ۽ هڪ ٻئي جا به جاتل سجاتل مخالف اڳتي هلي ذاتي ناتن ۽ فوجي دوستيءَ جي ڪري هڪ ٻئي جا دوست بڻجي ويا؛ هن دوستيءَ جي رشتي کي سوڪڙين ۽ تحفن جي ڏي-وٺ، سفارتي رشتن ۽ اٽيلا جي دربار ۾ ايٽيَس جي پُٽ ڪارپيليو جي تعليم حاصل ڪرڻ ذريعي وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو. شاندار احسانمندي ۽ ويجهن لڳ لاڳاپن جي ڪري اميرزادي، سيٽيا جي فاتح بابت پنهنجن شڪن شبهن کي شايد لڪايو هو جنهن ۾ شهنشاهن تي پنهنجي بيشمار فوجن ذريعي زبردست دباءُ وڌو هو. سندس مطالبا يا ته تسليم ڪيا ويا يا وري اُنهن کي مڃڻ کان لَنوايو ويو. جڏهن هن فتح ٽيل شهر جي لُٽيل دولت جو مطالبو ڪيو، جن ۾ سون جا ڪجهه گلدستا به شامل هيا جن ۾ ڏوڪيبازيءَ سان وڏي بي ايماني ڪئي وئي هئي، نوريڪم جي شهري ۽ فوجي گورنرن کي هڪدم موڪليو ويو ته هن جي شڪايتن جو هڪدم ازالو ڪن،(7) ۽ شاهي ڪاليج ۾ مئڪسيمن ۽ پرسڪَس سان ٽيل گفتگو مان اهو صاف ظاهر پيو لڳي ته ايٽيَس جي بهادري توڙي سندس دوراندیشي به اولهه جي رومين کي ڏَن ڏيڻ جي ذلت کان نه بچائي سگهي. ان هوندي به سندس هوشياريءَ واري پاليسيءَ هڪ صحتمند امن امان جي فائدن کي گهٽي وقت تائين ڪاميابيءَ سان هلايو ۽ هُنن (Huns) توڙي الاني قبيلي جي گهٽي فوج جيڪا هن پنهنجي ذات جي حفاظت لاءِ رکي هئي، ان کي هاڻي گال جي حفاظت لاءِ مقرر ڪيو ويو. بربرن جون پوريون به ڪالونيون وئلينس ۽ آرليَنس(8) ۾ مقرر ڪيون ويون هيون، ۽سندن قوّت گهوڙيسوار فوج رهون ۽ لئائر جي اهم لنگهَن جي حفاظت کي پڻ يقيني بنائي ڇڏيو هو. هي جهنگلي اتحادي به رعيت جي ماڻهن لاءِ روم جي دشمن کان گهٽ خطرناڪ نه هيا. شروع ۾ ته هو سوين جي زور ۽ زبردستيءَ سان هِنن علائقن ۾ آباد ٿيا ۽ جنهن صوبي کان گذري هو هتي آباد ٿيا، اُتي دشمن جي حملي ۽ان سان لاڳو هر خطري ۽ مصيبت جا امڪان موجود هيا.(9) گال جا الاني، جيڪي شهنشاهه توڙي روم جي جمهوريه لاءِ جڏ ڏاريا هيا، ايٽيَس جا وفادار بڻجي ويا ۽ توڙي جو هن کي شڪ هيا ته جيڪڏهن ڪنهن وقت خود اٽيلا سان سندس ٽڪر ٿي پيو، ته ان صورت ۾ هو سندس ساٿ ڇڏي پنهنجي قومي بادشاهه سان وڃي

ملندا ۽ ان جي حمايت ڪندا، تنهنڪري اميرزادي گاٽن، برگنڊي جي عوام توڙي فرئنڪن خلاف ڪين پڙڪائڻ جي بجاءِ، سندن جوش جذبن کي ٺڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

گال جي ڏاڪڻين صوبن ۾ وزيگاٽن جيڪا بادشاهت قائم ڪئي هئي، آهستي آهستي اُها طاقتور ٿيندي وئي ۽ اتان جا جيڪي بربر هيا، امن توڙي جنگ ۾ سندن روَين ۽ هلت چلت تي ايٽيَس جي لڳاتار نظر هئي. واليا جي موت کان پوءِ، طاقت جو ڏنبو ٿوڊورڪ جي هٿ ۾ اچي ويو جيڪو نامياري الارڪ جو پٽ هيو،(10) ۽ سندس حڪومت جيڪا ٽيهن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي تائين قائم هئي، ان ۾ ماڻهو خوشحال هيا ۽ سڪ سانت سان رهندا هيا توڙي جو اتان جا ماڻهو فسادي ۽ جنگجُو هيا، ان مان اهو ثبوت ملي ٿو ته حاڪم ڪيڏو نہ دوراندیش ۽ ناميارو هوندو جنهن جون ڏهني توڙي جسماني صلاحيتون ڪمال جي درجي واريون هيون. جيئن ته سندس حڪومت جون حدون ننڍيون هيون، تنهنڪري ٿوڊورڪ جي خواهش هئي ته آرلس جي علائقي تي بہ قبضو ڪري ڇڏي، جيڪو وٽن، واپار ۽دولت جي لحاظ کان آسودو شهر هو، پر ايٽيَس جي وقت تي پهچڻ سبب شهر کي بچايو ويو، ۽ گاٽن جي بادشاهہ جنهن ڪجهہ نقصان پوڻ ۽ ڪجهہ بيعزتي ٽيڻ سبب شهر جو گهيرو کڻي ڇڏيو هو، ڪيس قائل ڪيو ويو ته پنهنجي رعيت جي طاقت ۽ بهادريءَ جو رُخ اسپين جي جنگ طرف بدلائي ڇڏي. ان جي باوجود ٿوڊورڪ ايڏا حالتن جو جائزو وٺي رهيو هو ۽ ڪنهن مناسب موقعي جي تاڙ ۾ هو ته جيئن پنهنجن جنگي ۽ اڳرائيءَ ڪرڻ جي ڪوششن کي شروع ڪري سگهي. گاٽن ناربون جو گهيرو ڪيو جڏهن ته بيلجي جي صوبن تي برگنڊي وارن حملو ڪري ڇڏيو ۽ روم جي دشمنن جي ايڪي ۽ بڏيءَ سبب امن امان جو ماحول هرطرف کان خطرن ۾ وکوڙجي ويو. هر طرف ايٽيَس پڻ محاذن کي کولي ڇڏيو هو ۽ سيٽيا جي گهوڙيسوار فوج پوري بهادريءَ سان مقابلي ۾ مصروف ٿي وئي. برگنڊي وارن جا ويهہ هزار فوجي هن جنگ ۾ قتل ڪيا ويا، باقي جيڪا قوم بچي وئي هئي، اُنهن سَواءِ جي جبلن ۾ ٻين تي پاڙيندڙ هڪ هنڌ پنهنجي لاءِ حاصل ڪري ورتو.(11) زوردار انجٽين جي ڏماڪن سان ناربون جون ديوارون لرزي ويون هيون ۽ وري ڏُڪار بہ ماڻهن کي بيحد پريشان ڪري ڇڏيو هو، انهيءَ ابتريءَ جي صورتحال ۾ هڪ رئيس لِٽوريَس اوچتو پر چُپ چاپ طريقي سان ظاهر ٿيو ۽ پنهنجن گهوڙيسوارن کي هدايتون ڏنائين ته هر ماڻهو بہ ٽيلها اٽي جا کڻي هن جي پٺيان هلندو وڃي ۽ هو بهادريءَ سان حملي ڪندڙن جي ڪئمپ مان پنهنجن ماڻهن سميت ڏوکيندو اڳتي هليو ويو. گهيرو هڪدم کنيو ويو ۽ هڪ واضح سوچ حاصل ٿي وئي جنهن ۾ ايٽيَس جي حڪمت عملي ۽ سندس ڪردار ساراهڻ جوڳو آهي، هن جنگ ۾ اٺ هزار گاٽن کي ماريو ويو. پر اميرزادي جي غيرحاضريءَ ۾، جنهن کي ڪنهن ضروري ڳالهہ سبب جيڪا ذاتي يا وري عوام سان لاڳاپيل هئي، اٽلي ۾ طلب ڪيو ويو؛ رئيس لِٽوريَس کي ڪمان ڪرڻ جا اختيار ملي ويا، ۽ سندس اندازي مان ڪيس معلوم ٿيو ته هڪ گهوڙيسوار فوج جي اڳواڻي ڪرڻ ۽ هڪ اهم جنگ جي حڪمت عمليءَ جي واڳ سنياڻڻ لاءِ وڏي ذهانت، ۽ جنگين جي ويڙهہ جي تجربي جي ضرورت هئي. هُنن (Huns) جي هڪ وڏي فوج جي خلاف، هو بيصبريءَ سان ٽُولُور جي گيٽن طرف وڌيو ۽ اهڙي دشمن خلاف هو ڪجهہ لاپرواهہ رهيو جنهن کي سندس ئي بدقسمتيءَ وڌيڪ محتاط ۽ دوراندیش بنائي ڇڏيو هو ۽ سندس صورتحال نراسائيءَ واري ٿي وئي. اڳڪٿي ڪندڙن جي پيشنگوين لِٽوريَس کي مذهبي بي حرمتيءَ وارو اعتماد ڏياريو هو ته هو پلي گاٽن جي گاديءَ جي هنڌ ۾ سوچ واري اميد ۽ اعتماد سان داخل ٿي وجي ۽ جيڪو اعتماد هن لامذهب اتحادين

تي ڪيو هو، ان ڪيس آماده ڪيو ته هو صلح ۽ امن امان جي هر آڇ کي ٺڪرائي ڇڏي جيڪي آڇون پادرين طرفان ٿيوڊورڪ جي نالي ۾ ڪيس پهچايون ويون هيون. گاٿن جي بادشاهه پنهنجي غم ۾ عيسائين جي نيڪي ۽ ڇگائي وارن ڪمن جي تضاد جو نماڻ پئي ڪيو ۽ نه وري هن تيستائين پنهنجي ٽاٽ وارا ڪپڑا لاٿا هيا يا بدن تان مٽي صاف ڪئي هئي جيستائين هو پنهنجا هٿيار ڪٽي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو. سندس سپاهين، جيڪي بهادر ۽ مذهبي جذبن سان پريل هيا، لٽوريَس جي ڪئمپ تي حملو ڪري ڇڏيو. مقابلو سخت هو جنهن ۾ ٻنهي طرفن جا بيشمار ماڻهو قتل ٿيا. روم جي جنرل ڪي سندس بچڻي شڪست کان پوءِ، جنهن جي ذميواري يقينن سندس ناتجربيڪاري ۽ اُبهرائيءَ تي هئي، ٽولُوز جي گهٽين مان مٽس ننڊوليون ڪندا وٺي ويا ۽ هڪ ڊگهي ذلت واري قيد جي جن عذابن مان هو گذريو ته ان تي سندس دشمن بربرن ڪي به رحم اچي ويو.(12) هڪ اهڙي ملڪ ۾ جنهن جا جذبا توڙي خزانا ختم ٿي چڪا هيا، ايتري نقصان جو ازالو ڪرڻ ناممڪن هو، ۽ گاٿ، پنهنجي طرفان اُميد ۽ انتقام ونڊڻ جي گڏيل جذبن هيٺ هڪدم رهون ندي‌ءَ جي ڪنارن سان پنهنجي فتح جا جهنڊا اُڀا ڪري ڇڏن ها جيڪڏهن ايٽيَس اوچتو ظاهر نه ٿئي ها ۽ روٽمين ۾ نظم ۽ ضبط سان گڏ همت ۽ بهادري‌ءَ جو روح نه ڦوڪي ها.(13) ٻنهي طرفن جي فوجن هن پيري فيصلي واري جنگ لڙڻ ٿي چاهي پر جنرل جيڪي هڪ ٻئي جي طاقت کان پوري‌ءَ طرح آگاهه ۽ لڙائي‌ءَ جي صورت ۾ پنهنجي پنهنجي مٽيرائي‌ءَ تي شڪ ۽ ٻڌ-ڌر جي حالت ۾ هيا، جنگ جي ميدان تي پنهنجون تراورن ميانڻ ۾ وجهي ڇڏيائون ۽ سندن پرچاڻ دائمي خلوص تي مبني هو. وزيگاٿن جي بادشاهه ٿيوڊورڪ سان سندس رعيت جا ماڻهو پيار ڪندا هيا ۽ اتحادين جو به مٽس پورو اعتماد هو ۽ وري سڄي انسانذات پڻ ڪيس قدر ۽ عزت جي نظرن سان ڏسندي هئي. سندس تخت هنجي ڇهن بهادر پٽن جي دائري سبب محفوظ هو جن کي بربرن جي ڪئمپ ۽ گال جي بهترين اسڪولن ۾ تعليم ڏياري وئي هئي هنن اُتي روم جو قانون پڙهيو هو جنهن ۾ خاص طرح قانون ۽ انصاف جي پاسداري‌ءَ تي زور ڏنو ويو هو، ٻيو ته ورجل جي مطالعي به سندن مقامي لهجن جي ڪُهراڻ ۾ نرمي ۽ ميناج پري ڇڏيو هو.(14) گاٿن جي بادشاهه جي ٻن ڏيئرن جون شاديون سووِي ۽ وئنڊلن جي بادشاهن جي پٽن سان ڪرايون ويون هيون جن جي حڪمراني اسپين ۽ آفريڪا ۾ هئي پر هنن رشتن ۾ ملامت ۽ مخالفت جا عنصر پريل هيا. سُووي جي راڻي پنهنجي مڙس جو ماتم ٿي ڪيو جنهن کي سندس پاءُ تشدد ڪري قتل ڪيو هو. وئنڊل راڻي‌ءَ کي وري هڪ حاسد آمر پريشان ڪيو هو جنهن کي هوءَ پنهنجو پيءُ ڪوٽيندي هئي. ظالم جينسيرڪ کي شڪ پيو ته سندس پُٽ جي زال ڪيس زهر ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي، هي ڏوهه جيڪو اجا ٿيو به نه هو، ان جي سزا نڪ ۽ ڪن کي وَڍڻ ذريعي ڏني وئي ۽ ٿيوڊورڪ جي بدنصيب ڏيءُ کي ٽولُوز جي دربار ۾ بگڙيل شڪل شبيهه جي ذلت سان واپس ڪيو ويو. هن گندي ۽ نفرت جهڙي ڪم، جنهن جو هن مهذب دنيا ۾ شايد ڪو اعتبار به نه ڪندو، تي ماڻهن جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا، پر ٿيوڊورڪ تي، بادشاهه توڙي هڪ پيءُ جي حيثيت ۾، زور پريو ويو ته اهڙي غير انساني ڏوهه جو هڪدم بدلو ورتو وڃي. شاهي وزير جيڪي بربرن جي اختلافن ۾ خوش ٿيندا هيا، گاٿن کي، آفريڪا جي جنگ لاءِ هٿيار، پاڻي‌ءَ جا جهاز ۽ خزانا پيش ڪرڻ جي آڇ ڪئي ۽ جينسيرڪ جو وحشي پٽو يقيني طور تي خود هنجي لاءِ موتمار ثابت ٿئي ها جيڪڏهن سياڻو وئنڊل هُنن (Huns) جي زبردست طاقت کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال نه ڪري ها. ڪيس جيڪا ذهانت جي ذات

مليل هئي، ان کانسواءِ هن جيڪي منتون ڪيون هيون، اُنهن اٽيلا جي جوش ۽ ڪاوڙ کي پڙڪائي ڇڏيو هو، ۽ ايٽيَس ۽ ٿيوڊورڪ جا خطرناڪ ارادا، گال جي حملي سبب پورا نہ ٿي سگهيا.(15)

فرئنڪ، جن جي حڪومت جون حدون، هينئين رائين جي اوسي پاسي تائين محدود هيون، وڏي عقلمنديءَ سان پنهنجي ميروونجيَنس(16) جي خاندان ۾ جانشينيءَ جي موروثي حق کي قائم ڪري ڇڏيو هو. هنن شهزادن کي شيلڊ تي ويهاري مٿي کنيو ويندو هو جيڪا هڪ فوجي ڪمان جي نشاني هوندي هئي،(17) ۽ ڊگهن وارن رکڻ جو شاهي فئشن وري سندن مٿاهين جَمَ ۽ شان جي سجاڻپ هوندو هو. هو پنهنجن وارن کي ڦٽي ڏيئي ۽ ڳُنڊي ڇڏيندا هيا جيڪي اُنهن جي ڪُلهن ۽ پٺيءَ تان لڙکي پوندا هيا. جڏهن ته رعيت جي عام ماڻهن ۾ وري قانون يا رواج هي هيو ته اُهي مٿي جي وارن کي پُٺيءَ کان ڪُوڙائيندا هيا ۽ نراڙ جي پرپاسي جي وارن کي ڦٽي ڏئي سنواري ڇڏيندا هيا، انکان سواءِ هو پنهنجون مُڇون وَڌي ڇڏڻ تي به خوش ٿيندا هيا ته اِها به سندن سجاڻپ جي نروار نشاني هوندي هئي.(18) سندن ڊگهو قد ۽ نيريون اکيون هنن جي جرمني نسل هڻڻ جي سجاڻپ هوندي هئي ۽ هو بدن تي سوڙها ڪپڑا پائيندا هيا جن مان سندن عضون جي خبر پوندي هئي، هو هڪ وزندار ترار پاڻ سان گڏ کڻندا هيا جنهن سان گڏ هڪ ويڪرو پٽو به هوندو هيو، ۽ سندن سڄو جسم شيلڊن ذريعي محفوظ رهندو هو ۽ بربرن جا هي جنگي جوڌا پنهنجي ننڍپڻ کان ئي پڇڻ، ترڻ، وڙهڻ ٽپ ڏيڻ، نيزي بازي ڪرڻ يا ڪُهاڙي وهائڻ جهڙا ڪرتب اهڙي ذهانت سان سکندا هيا ته جنهن شئي کي به هو نشانو بنائيندا هيا ته اُهو خطا يا غلط نہ ٿيندو هو. ساڳئي وقت ضرورت پوَڻ تي طاقتور دشمن طرف اڇتي ڪيڻ وڌجي ته جيئن مٽس آسانيءَ سان قبضو ڪري ونجي، ته ساڳي وقت اها به سندن خواهش هوندي هئي ته زندگي هجي توڙي موت، پر کين هر صورت ۾ پنهنجن بهادر ابن ڏاڏن جي عظمت جي ساکَ کي برقرار رکڻو هو.19 ڪلوڊيَن، جيڪو بادشاهن ۾ پهريون هيو جنهن جا وار وڌا هيا ۽ جنهن جو نالو توڙي ڪم مستند تاريخن ۾ بيان ٿيل آهن، سندس رهائش گاهه ڊسپارگم(20) ۾ هئي، جيڪو هڪ ڳوٺ يا قلعو هو جيڪو لُووين ۽ برَسلس جي وچ ۾ ڪنهن هنڌ تي هو. فرئنڪن جي بادشاهه کي سندس ڳجهن مخبرن ٻڌايو ته هڪ صوبو* بلڪل غير محفوظ هيو، جنهن تي جيڪڏهن حملو ڪيو وڃي ته ان تي آسانيءَ سان قبضو ڪري پيو سگهجي. هن بهادريءَ سان ڪاربونئريَن جي ٻيلن(21) جي اونداهن جهنگلن ۽ ڊُهڻين مان پنهنجي پيشقدمي جاري رکي، ٽورني ۽ ڪئمبري تي قبضو ڪيو. فقط به شهر جن جو پنجين صدي عيسوي ۾ وجود قائم هو، ان کان پوءِ هو اڇتي ويو ۽ پنهنجين سوين کي سوم ندیءَ تائين مستحڪم ڪري ڇڏيائين. هي هڪ اهڙو علائقو هو جيڪو ويران هو جتي پوک يا ٻني ٻاري جو رواج ڪونہ هو يا اُتان جي آبادي صفا هاٿوڪي آهي.(22) هڪ طرف ڪلوڊَين، آرٽئائس(23) جي ميدان تي فوجين سان وڪوڙجي چڪو هو ۽ پنهنجي پُٺ جي شاديءَ کي اجائي آڪڙ ۽ سکڻي شان سان ملهائي رهيو هو، پر هن اهم خوشيءَ جي موقعي تي ايٽيَس جي اوچتي ظاهر ٿيڻ سبب، جيڪو گهوڙيسوار فوج سان سوم ندي اُڪري هتي پهتو هو، شادمانن جو مزو اڌورو رهجي ويو. جيڪي ميزون ۽ ٽيبلون هڪ پهاڙ جي پاڇي ۾ ۽ ندیءَ جي ڪنارن سان سجايون ويون هيون، سي اونڌيون ٿي ويون، فرئنڪن تي تشدد ڪيو ويو ۽ کين پنهنجن هٿيارن کي ڪٽڻ جي به فرصت نہ ملي ۽ سندن بهادري هاٿي خود هنن لاءِ موتمار ثابت ٿي. سامان سان جيڪي پريل گاڏيون هيون. اُنهن منجهان گهٽي مقدار جو مال خزانو حملي ڪندڙن جي هٿ چڙهي ويو ۽ ڪنواري ڪنوار پنهنجين خدمتگار سهيلين سان گڏ، نوَن عاشقن جي هٿ اچي

وئي ۽ ڪنوار توڙي سندس سهيلين وٽ پنهنجي آڻ مڃڻ ۽ نوَن ماڻهن آڏو جهُڪڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو ڇو تہ ڪين بہ جنگ جي قانون کي هر حال ۾ مڃڻو هو. هي فائدو جيڪو ڪين ايٽيَس جي دماغ ۽ ڪمال جي ذهانت سبب مليو هو، اُهو، بهرحال، ڪلوديَن لاءِ وڏي ذلت ۽ رُسوائيءَ جو باعث بڻيو، پر پوءِ فرئنڪن جي بادشاهہ ٽورڙي ئي وقت ۾ طاقت، توانائي ۽ وجايل شهرت ٻيهر حاصل ڪر ورتي، ۽ ان ڪانسواءِ ڪين اڳي ئي گال جي بادشاهت، جيڪا رائين کان سومر ندیءَ تائين پکڙيل هئي، جو مڪمل قبضو حاصل هيو.(24) سندس حڪومت ۾ شايد وڌيڪ چوَڻ هينئن مناسب ٿيندو تہ هن جي رعيت جي جوان جذبن سبب، ٽي گاديءَ جا هنڌ: مينز، ٽريوز ۽ ڪولون دشمني ۽ لالچ جي تڪليفن ۾ رهيا. خاص طرح ڪولون، ساڳين بربرن جي حڪومت سبب وڌيڪ عذاب ڏنا جن اڳ ٽريوز کي تباهہ ڪري ماڻهن کان خالي ڪري ڇڏيو هو ۽ جنهن تي فقط چاليهن سالن جي عرصي ۾ چار ڀيرا حملو ٿيو هو ۽ چارئي دفعا ان کي قري تاراج ڪيو ويو هو، پر هاڻي اُن شهر، سرڪس جي شغل شروع ٿيڻ سان، پنهنجا پويان ڏک درد پلائي ڇڏيا هيا.(25) ويهن سالن جي حڪومت ڪرڻ کان پوءِ ڪلوديَن مري ويو، پر سندس موت کان پوءِ هنجي بادشاهت سندس ٻن پٽن جي وچ ۾ نفاق، حسد ۽ ڪدورتن جي نذر ٿي وئي. ننڍي پٽ ميروويَس(26) کي منتون ڪيون ويون تہ هو روم کي بچائي، شاهي محل ۾ سندس استقبال ڪيو ويو ڇو تہ هو وئلينٽينين جو ساڻي ۽ امير زادي ايٽيَس جو اختيار ڪيل پٽ هو، هو پنهنجي اباڻي شهر ۾ واپس موٽي ويو ۽ ڪيس بيشمار تحفا ڏنا ويا ۽ دوستي ۽ حمايت جو ڪيس پورو يقين ڏياريو ويو. سندس غيرموجودگيءَ ۾، سندس وڏي پاءُ پنهنجين پورين ڪوششن سان اٽيلا جي خطرناڪ حمايت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ هنن جو بادشاهہ هڪ اهڙي اتحاد ۾ شامل ٿي ويو جنهن نہ رڳو سندس رائين تائين پهچڻ جي رستي کي آسان بنائي ڇڏيو هو پر گال تي حملي ڪرڻ جي جواز کي بہ جائز ڪري ڇڏيو هو.(27)

جڏهن اٽيلا پنهنجن ساٿين- وئندلن ۽ فرئنڪن جي حمايت جي عزم جو اظهار ڪيو تہ ساڳئي وقت هڪ محبت واري بهادريءَ جي انداز ۾، وحشي بادشاهہ پاڻکي راڻي آنريا جو سوَيارو عاشق پڻ ظاهر ڪري ڇڏيو. وئلينٽينيَن جي پيٽ روينا جي محلات ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ جيئن تہ سندس شادي شايد ملڪ جي لاءِ هاجيڪار ثابت ٿئي ها، تنهنڪري ڪيس آگسٽا(28) جو خطاب ڏنو ويو جيڪو رعيت جي ماڻهن جي خيال خواب ۾ بہ نہ هيو. پر جيئن ئي سڀني مزاج واري آنريا پنهنجي جوانيءَ جي سورهين سال ۾ قدم رکيو تہ هن پنهنجي ان وڏائيءَ کان نفرت ڪرڻ شروع ڪئي جيڪا ٻاڏئيندڙ يا ٻين تي پاڙيندڙ هجي ۽ جيڪا شايد ڪيس ڪوڙي شان شوڪت سبب سچي پيار کان گهٽو پري ڪري ڇڏي، آنريا ٿڏو ساهہ پريو، فطرت جي سچن جذبن آڏو جهُڪي ۽ پاڻ کي شاهي رکوالي يوجينيَس جي پيار وارين ٻانهن ۾ اُڇلائي ڇڏيائين. سندس ملامت ۽ شرمساري (ظالم ماڻهن جي اهائي ٻولي هئي) تڏهن وڌيڪ وائکي ٿي وئي جڏهن اهو ظاهر ٿيو تہ ڪيس حمل ٿي ويو هو ۽ راڻي پلاسيديا جي حماقت سبب شاهي خاندان جي بيعزتيءَ جو ڏينهورو سڄي دنيا جي ڪنڌ ڪڙڇ تائين ڦهلجي ويو، جنهن پنهنجي ڏيءُ کان بيزاري ظاهر ڪندي ڪيس قسطنطنيه موڪلي قيد ڪرائي ڇڏيو ۽ مٽس سختيون پڻ ڪيون ويون. بدقسمت شهزادي ٽوڊوسيَس جي پيٽين ۽ سندس چوندبل ڪنوارين جي اٽوٽندڙ سنگت ۾ ٻارهن کان چوڏهن سالن تائين جو عرصو گذاريو، جن جي تخت ۽ تاج کان آنريا هاڻي بنهہ بيزار هئي، ۽ جن جي خانقاهي رنگ جي عبادت، روزن ۽ اوجاڳن جي هن مجبور ٿي پيروي ٿي ڪئي. ڏکڻي عرصي کان

جنسي لاڳاپن کان پري رهڻ، سندس اندر ۾ بيچيني ۽ بيصبريءَ جي حالت پيدا ڪري ڇڏي تنهنڪري هاڻي هن هڪ انوکو ۽ نراسائيءَ وارو فيصلو ڪري ڇڏيو. اٽيلا جو نالو قسطنطنيه ۾ پوريءَ طرح ڄاتل سڃاتل ۽ ڏهڪائيندڙ پڻ هيو ۽ سندس سفيرن طرفان اٽيلا جي دربار ۽ شاهي محلات جي وچ ۾ لڳ لاڳاپا ۽ اچڻ وڃڻ جو مسلسل رابطو رهندو هو. پيار جي تلاش ۾ يا وري شايد بدلي ونڊ جي خيال کان پلاسيديا جي ڏيءُ هر ذميواري يا هر ڳالهه جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي جسم کي هڪ بربر جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن جي ٻوليءَ کي به هوءَ نه سمجهندي هئي ۽ جنهن جي شڪل شبيهه به شايد انسانن واري نه هئي ۽ جنهن جي مذهب ۽ اخلاق عادتن کان به ڪيس بيخبر لڳندي هئي. هڪ ڪڙي جي معرفت هُن هڪ مُنڊي اٽيلا ڏانءِ تحفي طور موڪلي ڏني جيڪا سندس پيار جي نشاني هئي، ۽ ڪيس ممڪن مان چورائي موڪلياءِ . نه هن کي پنهنجي قانوني جائز زال ڪري قبول ڪري جنهن سان اٽيلا اڳ ۾ ئي چپ چاپ ۾ مگڻو ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح سندس اڳتي وڌڻ ۽ پاڻ کي وڌائڻ جي ڪوشش کي يا ته نظرانداز ڪيو ويو يا نفرت سان ڏٺو ويو پر، هوڏانهن هُنن (Huns) جو بادشاهه پنهنجين زالن جي تعداد کي وڌائيندو رهيو جيستائين سندس پيار کي ڪنهن طرف جي خواهش ۽ لالچن ڏونڊاڙي جاڳائي ڇڏيو. گال جي حملي کان اڳ آنريا طرفان هڪ ضابطي وارو مطالبو ڪيو ويو ته ڪيس شاهي ورثي جو پورو ۽ هڪ جيترو حصو ڏنو وڃي. اٽيلا جا ابا ڏاڏا جنکي تانجوز چوندا هيا، چين جي ڏيئرن سان ساڳي ڏمڪي يا دڙڪن واري زبان ڳالهائيندا هيا ۽ روم جي شان شوڪت بابت اٽيلا جون دعوائون گهڻ سختي ۽ دٻدٻي واريون نه هيون. تنهنڪري سفير ذريعي صاف انڪار جو پيغام موڪليو ويو. هڪ عورت کي سندس جانشين ٿيڻ جي حق کان، توڙي پلاسيديا ۽ پُلچيريا جي تازن مثالن منجهان اهو حق واضح ٿي ويو هو، سختيءَ سان انڪار ڪيو ويو ۽ جيڪو سندس آئوٽ مگڻو ٿيو هو ان جي به سندس سيٽيا جي عاشق طرفان پرپور مخالفت ڪئي وئي.(29) هُنن (Huns) جي بادشاهه سان سندس رشتي ظاهر ٿيڻ تي، ملزم شهزاديءَ کي قسطنطنيه کان اٽلي موڪليو ويو پر اهڙيءَ طرح جڻ هن کان ڪو ملڪ کي خطرو هو. بهرحال سندس زندگيءَ کي بچايو ويو ۽ سندس شادي ڪنهن اٺڄاتل ماڻهوءَ سان ڪرائي وئي، پر پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ ڪيس قيد ڪيو ويو ته پلي اُنهن ڏوهن، بدنامين ۽ بدقسمتين تي ويهي ماتم ڪري جن کان هوءَ هن وقت تائين بچيل رهي هئي، پر افسوس ته هُوءَ هڪ شهنشاهه جي گهر ۾ هڪ ڏيءُ جي حيثيت ۾ نه جمي ها.(30)

گال جي هڪ رهاڪو سڊونيَس، جيڪو هڪ پڙهيل لکيل شخص ۽ تقرير جو پڻ ماهر هو ۽ جنهن کي بعد ۾ ڪلرمانٽ جو پادري پڻ بنايو ويو هو، پنهنجي هڪ دوست سان واعدو ڪيو هو ته هو اٽيلا جي جنگين بابت هڪ مستند تاريخ لکندو. جيڪڏهن سڊونيَس جي حيادار طبيعت ڪيس هن اهم ڪم(31) جي تڪميل کان پنتي هٽائي نه ڇڏي ها، ته هي وڏو تاريخدان سچائي ۽ سادگيءَ سان اُهي نڊيون نڊيون يادگار ڳالهيون به تاريخ ۾ ضرور لکي ها، جن جا ان شاعر اشارن ۽ استعارن ۽ اٽ سٽيءَ طرح حوالا ڏنا آهن.(32) جرمني ۽ سيٽيا جي بادشاهن توڙي قومن وولگا کان دنيوب تائين اٽيلا جي حڪمن کي جنگ جي سَڊْ جيان پئي مڃيو آهي ۽ ان جي تابعداري پئي ڪئي آهي. هنگري جي ميدانن ۾ شاهي ڳوٺ کان سندس جهنڊو اولهه طرف هليو ۽ اندازي موجب ستن کان اٺ سؤ ميلن جي منزل طئي ڪرڻ کان پوءِ هو رائين ۽ نيکر ندين جي ميلاپ وٽ پهتو جتي فرٽنکن جو لشڪر به ساٿس اچي مليو جنهن پنهنجا لاڳاپا اٽيلا جي اتحادي ۽ ڪلوڊيَن جي وڏي پٽ سان قائم ڪري ڇڏيا هيا. بربرن

جا رولُو جڙيا، جيڪي لُٽ ڦر جي تلاش ۾ هيڏي هوڏي پئي ڦريا، سياري جي انتظار ۾ هيا تہ جيئن ئي ندي جمي وڃي تہ هو برف مٿان ندي‌ءَ کي اُڪري وڃن، پر هُنن (Huns) جي بيشمار گهوڙيسوار فوج کي داڻي ۽ گاهہ وغيره جي سخت ضرورت هئي جيڪو فقط وِڇڙي موسم ۾ ملي سگهي ها، هرسينيا جي ٻيلي مان کين ايترو کاڻ ملي ويو جو هو ٻيڙين جي پُل ٻہ آساني سان ناهي پئي سگهيا ۽ بيلجي جي صوبن ۾ مخالفن جا لشکر ٻہ اچي مڙيا پر اُنهن طرفان اڳرائي‌ءَ وارو کو ٻہ قدم نہ کنيو ويو.(33) گال ۾ هر طرف پريشاني جي کيفيت پکڙجي وئي، ۽ سندس مختلف شهرن جي قسمت کي شهادتن ۽ معجزن جي روايتن سان سينگاريو ويو آهي.(34) سينٽ لُوپُس جي کوششن سان ٽرائز کي بچايو ويو، سينٽ سروئٽيَس کي هن دنيا مان ئي هٽايو ويو، تہ جيئن هو ٽانگريس جي تباهي‌ءَ کي پنهنجن اکين سان نہ ڏسي سگهي ۽ سينٽ جينوائيو جي دعائن، پئرس ۽ ان جي پسگردائي‌ءَ کان اڻيلا جي حملي جو رُخ موڙي ڇڏيو هو. پر جيئن تہ گال جا کيترائي شهر درويشن ۽ سپاهين کان خالي هيا تہ اُنهن تي هُنن (Huns) طرفان کيئي ڀيرا گهيرا ۽ حملا کيا ويا جن مينز(35) جي مثال ۾ جنگ بابت دستوري چوٽين ۽ محاورن جي وِرد کي ويهي ڌهرايو هو. هن گڏيل قتلام ۾ پادري ٻہ شامل هيا جن جون ڏيوٽيون قربانگاهن تي لڳل هيون، تہ ساڳئي وقت نندڙا ٻار ٻہ هيا جن کي خطري جي گهڙي‌ءَ ۾ پادرين پاڪ غسل ڏئي ڇڏيو هو، اهڙي‌ءَ طرح هڪ آباد شهر باهہ جي شعلن جي نذر تي ويو ۽ فقط سينٽ استيفن جي کليسا وجي بچي هئي جيڪا اتي ئي قائم هئي جتي اُها ناهي وئي هئي. رائين ۽ موسيل کان، اڻيلا گال جي وچ ۾ وجي خيما کوڙيا، آگزير وٽ هن سين درياهہ کي اُڪاريو، ۽ پوءِ هڪ ڏگهي ۽ ڏکئي سفر کان پوءِ، پنهنجي ڪئمپ کي هن آرليَنس جي ديوارن هيٺان قائم ڪري ڇڏيو. هن جي خواهش هئي تہ اهڙن هنڌن* تي پنهنجو قبضو جمائي جيڪي وڏا مشهور ۽ فائدي وارا هيا ۽ جن ذريعي لئائر تائين کيس پهچڻ ۾ کابہ دشواري نہ ايندي؛ هن سلسلي ۾ هن الاني جي بادشاهہ سنگيبان تي پروسو ٽي ڪيو جنهن ساٿس واعدو ڪيو هو تہ هو شهر سان ڏوکو ڪندو ۽ شهنشاهت جي وڏيڪ خدمت ڪرڻ کان نہ رڳو پاڻ کي آجو ڪندو پر ان خلاف بغاوت ڪندو. پر غداري واري هيءَ سازش وائکي ٽي پئي ۽ سازش ڪندڙ کي ناڪامي نصيب ٽي ڇاڪاڻ تہ آرليَنس جي بچاءَ کي قلعن ذريعي محفوظ بنايو ويو هو ۽ هُنن جي حملي کي سپاهين ۽ شهرين جي وفادار ۽ بهادري‌ءَ ذريعي پنٽي ڌِڪي ناڪام بنايو ويو هو جن هن هنڌ جي ڀرپور حفاظت ٽي ڪئي انيئيئس پنهنجي ڳوڻاٽي محنت سان جيڪو وڏي جُڳ جو ماڻهو ۽ دوراندیشي‌ءَ جو مجسمو هو، مذهبي دعائن ۽ وظيفن سان حفاظت ڪندڙن جي پوري همت افزائي ٽي ڪئي جيستائين ڏک لاهڻ وارا ٻہ پهچي ويا جن جي آمد جو سيني کي انتظار هو. هڪ ضِد واري حملي ۽ انجٽن جي گولن وَسائڻ کان پوءِ ديوارن تي قبضو ڪيو ويو، هنن اڳيئي ڪجهہ ڳولڻ تي قبضو جمائي ڇڏيو هو ۽ اُهي ماڻهو جيڪي هٽيار ڪٽڻ جا اهل نہ هيا اُهي دعائن لاءِ سجدن ۾ ڪريا پيا هيا. انيئيئس، جنهن ڪلاڪ ۽ ڏينهن تي ڳٽيا، هڪ اعتماد وري ماڻهوءَ کي موڪليو تہ قلعي تي چڙهي، پري واري ملڪ جو ڪجهہ جائزو لهي اچي کيس ٻڌائي. هو ٻہ دفعا وجي واپس موٽيو پر کابہ اُميد يا اطمينان واري خبر نہ آندائين، پر ٽئين دفعي هن اچي ٻڌايو تہ هڪ نندو ڪَڪر هن ڏُنو هو جيڪو افق جي آخري ڇيڙي تي اٽڇٽو نظر ٽي آيو. "پڪ سان هيءَ خدا تعاليٰ جي مدد آهي!" پادري هڪ مقدس لهجي، اعتماد ۽ حيرت مان چيو ۽ سيني ماڻهن گڏجي هُن سان سُر ملايو تہ "پڪ سان هيءَ خدا تعاليٰ جي مدد آهي." پري کان نظر ايندڙ کو نقطو جنهن تي سيني ماڻهن جون نظرون کُپي ويون هيون، هر

لمحي وڏو ۽ وڌيڪ ڇٽو ٿيندو ويو، روم ۽ گاٿن جي بئنرن کي هاٿي آسانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي پيو سگهجي ۽ هڪ موافق ۽ سازگار هوا جيڪا مِٽيءَ سان گڏ ٽي هِلي، ان مان محسوس ٽي ٿيو ته ايٽيَس ۽ ٽوڊورڪ جا فوجي جٿا آرلينس جي مدد لاءِ پهچي چڪا هيا.

جنهن آسانيءَ سان اٽيلا گال جي وچ تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو، ان مان سندس فريبڪاريءَ جو پتو پوي ٿو ته سندس هٿيارن جي دهشت جو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سندس عام اعلانن کي، هنجي ذاتي يقين ڏيارڻ تي، نرم بنايو ويو هو، هو ورمين ۽ گاٿن کي ڪڏهن دلداريون ڏيندو هو ته ڪڏهن وري کين ڌمڪيون ڏيندو هو، روينا ۽ٽولُوز جون درٻارون جيڪي هڪ ٻئي کي مشڪوڪ نظرن سان ڏسنديون هيون ۽ جڏهن به سندن گڏيل دشمن هنن جي سامهون ايندوهو ته ان کي به ٻئي ڏريون اختلافن ۽ تضادن جي نظرن سان ڏسنديون هيون. ايٽيَس فقط هڪڙو ئي اهڙو هو جنهن کي ماڻهن جي سلامتيءَ جو اونو هوندو هو، پر هڪ طبقي طرفان سندس عقلمنديءَ جي کيترن ئي ڪمن جي مخالفت ڪئي ويندي هئي، هي اُهو طبقو هو جن پلاسيديا جي موت کان پوءِ، شاهي محلات تي قبضو ڪري ان کي خراب ڪري ڇڏيو هو، اٽلي جا نوجوان توتاري جي آواز ٻڌڻ سان ئي ڏڪي ويندا هيا ۽ بربر، جيڪي يوَ يا محبت سان اٽيلا جا اتحادي هيا، جنگ جي انتظار ۾ رهڻ لڳا جيڪي ڪڏهن پاڙيٽُو ٽي ته ڪڏهن وري سچائيءَ سان به وڙهندا هيا. اميرزادي ايٽيَس ائلپس جبلن کي اُڪاريو ۽ هن سان گڏ جيڪي سپاهي هيا اُنهن جي مدد ۽ تعداد کي ڏسي ڪوبه ان کي، فوج جو نالو هرگز نه ڏئي ها.(36) پر آرلس يا ليونس ۾ پهچڻ تي هو گهبرائجي ويو چو ته کيس خبر پئي ته وزيگاٿن، جن گال جي حفاظت ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، پنهنجين ئي حدن ۾ هڪ خطرناڪ حملي ڪندڙ جو انتظار پئي ڪيو جن کان کين سخت نفرت هئي. سينيٽر اوئنس کي جنهن محلات جي اهم عملدار جي حيثيت ۾ ڏيوٽي ڏئي ڪافي تجربو حاصل ڪيو هو ۽ اتان رٽائر ٿي آوَرن ۾ پنهنجي ملڪيت اچي سنيالي هيائين، مجرايو ويو ته اهم سفارتڪاريءَ جو عهدو قبول ڪري، جنهن کي هن وڏي ڪاميابي ۽ اهليت سان هلايو. هن ٽوڊورڪ کي ٻڌايو ته خواهشمند فاتح، جنهن سڄي زمين تي حڪومت ڪرڻ جا خواب ٿي ڏٺا، جو ڪاميابيءَ سان مقابلو فقط تڏهن ڪري سگهجي ٿو جڏهن هنن جو هڪٻئي سان پرپور تعاون ۽ ايڪو هجي، پوءِ ڪيس يقين هو ته ان کي شڪست ٻه ڏئي سگهجي ٿي ۽ ڪيس حيران پريشان ٻه ڪري سگهجي ٿو. اوئنس جي اثرائتي تقرير گاٽ ويڙهاڪن جي اندر ۾ باهه ٻرڪائي ڇڏي ڇاڪاڻ ته هن اُنهن زخمن ۽ گهاوَن جو دردناڪ ذڪر ڇيڙي ڇڏيو هو جيڪي سندن ابن ڏاڏن کي هُنن (Huns) رسايا هيا ۽ جن جي خوف ۽ ڏهڪاءَ جو پڙاڏو اڃا تائين به دنيوب کان پائرينيز جي وادين تائين گونجي رهيو هو. هن سختيءَ سان ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هر عيسائيءَ جو اهو مقدس فرض هو ته خدا جي ڪليسائن ۽ بزرگن جي تبرڪن کي بت پرستيءَ جي بدعت ۽ بيحرمتيءَ کان هرصورت ۾ بچايو وڃي ۽ هر بربر، جنهن گال ۾ پاڻ ۽ پنهنجي ڪٽنب کي وڃي آباد ڪيو هو، جو فائدو ۽ مفاد ان ڳالهه ۾ هو ته اُنهن زمينن ۽ انگورن جي باغن جي پرپور حفاظت ڪري جن ۾ هو هَر هلائيندا هيا ۽ محنت ڪندا هيا ته جيئن سيٽيا جا ڏنار، جيڪي سندن دشمن هيا، مٽن قبضو نه ڪري وڃن. ٽوڊورڪ کي هن بيان ۾ سچ نظر آيو، تنهنڪري هڪدم اهڙا أپاءَ ورتائين جيڪي دوراندیشي ۽ وقار وارا هيا ۽ اعلان ڪيائين ته ايٽيَس ۽ رومين جي هڪ وفادار ۽ سچي ساٿي هٿ جي ناتي سان هو گال جي سلامتي ۽ بچاءَ خاطر پنهنجي حياتي توڙي بادشاهت به قربان ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار هو.(37) وزيگاٿ، جيڪي ان وقت طاقت ۽ شهرت جي

عروج تي هيا، جنگ، جيڪا متن سِرَ تي اچي بيني هئي، وڙهڻ لاءِ پوري جوش جذبي سان تيار هيا؛ هنن پنهنجي هٿيارن ۽ گهوڙن کي تيار ڪرڻ شروع ڪيو، پنهنجي بزرگ بادشاهه جي جهنڊي هيٺان جمع ٿيا جنهن پنهنجن ٻن پُٽن ٽورسمانڊ ۽ ٽوڊورڪ سميت عزم ڪيو ته هو پنهنجن بيشمار بهادر ماڻهن جي ڪمانَ خود سنڀاليندو ۽ جنگ وڙهڻ جا حڪم ڏيندو. گاٿن جي هن مثال کيترن ئي قبيلن ۽ قومن کي به عزم ڪرڻ جو موقعو ڏنو جيڪي اڳ هُنن يا رومين جي ساٿ ڏيڻ جي چُوند ڪرڻ ۾ مونجهه ۽ شڪَ جو شڪار هيا. اميرزادي ايٽيَس جي اٽڪل محنت سان گال ۽ جرمني جون فوجون هڪ جڳهه تي ڪنيون ٿيون جن اڳ پاڻ کي روم جي جمهوريه جي رعيت يا سپاهي پئي سمجهيو هو، پر هاڻي جڻ روم جي خدمت ڪرڻ يا قربان ٿيڻ لاءِ پاڻ کي ارپي چڏيو هيائون ۽ سندن وفادار اتحادي بٽجي ويا، لئيٽي، آرموريڪا، بريونس، سئڪسنس، برگنڊي، ساماٽيا يا الاني، رپُوريا وارا توڙي فرئنڪ سيني گڏجي اعلان ڪيو ته هو ميروويَس کي پنهنجو حقيقي ۽ جائز شهنشاهه تسليم ڪن ٿا. مختلف قبيلن جي فوجن* جو اهو جذبو هو جيڪي ايٽيَس ۽ ٽوڊورڪ جي ڪمان هيٺ همت ۽ بهادريءَ سان اڳتي وڌندا رهيا ته جيئن آرليَنس جي چوٽڪاري ۾ مدد ڪن ۽ اٽيلا جهڙي طاقتور جنرل کي شڪست ڏين.(38)

سندن ويجهي پهچڻ تي هُنن جي بادشاهه گهيري کي ختم ڪيو ۽ پنهنجن اهم فوجي آفيسرن کي سڏرائي جنگ مان پاڇ يا پنتي هٽڻ جو اعلان ڪيو ۽ اُنهن فوجين کي به واپس گهرايو جيڪي ڦرلٽ ۾ لڳي ويا هيا چو ته هو شهر ۾ اڳ ۾ ئي داخل ٿي چڪا هيا.(39) اٽيلا جي بهادريءَ ۾ وڏو هَٿ سندس دوراندیشي جو هوندو هو؛ جيئن ئي هن محسوس ڪيو ته گال جي وچ ۾ ۽ بيشمار ماڻهن جي آڏو سندس شڪست يقيني هئي جنهن جا نتيجا هنن جي لاءِ سخت هاڃيڪار ٿيندا ته هن هڪدم گهيري کي ختم ڪري سين درياهه کي ٻيهر اُڪاريو ۽ هاڻي هن دشمن جو مقابلو چالَنس جي ڪليلَ ميدان تي ڪرڻ ٿي چاهيو چاڪاڻ ته ان ميدان ۾ سنوَت ۽ سِڌائي سندس سِيٽيا جي گهوڙيسوار فوج جي ويڙهه لاءِ مناسب ۽ موزون هئي. پرهن گوڙ گهمسان ۽ تڙتڪڙ واري پاڇ ۾، رومين جي فوج جي مُهڙ واري جڳهه توڙي سندن اتحادين پنهنجي زوردار پيش قدميءَ کي جاري رکيو ۽ اٽيلا جي فوجين سان مُهاڏو اٽڪايو جن کي هن پوئين محاذ تي مقرر ڪيو هو ۽ ايئن ٿي لڳو ته هڪ ٻئي جا دشمن شايد رات جي اونداهيءَ ۾ اوچتو ئي اوچتو هڪ ٻئي تي حملو ڪري ڏيندا چو ته اڳ ۾ ئي فرئنڪن ۽ گيپيڊي جي فوجي جهڙپُن ۾ پندرهن هزار بربرن کي قتل ڪيو ويو هو،(40) ته هاڻي انديشو اهو هو ته وڏي جنگ ٿيندي جيڪا شايد ڪنهن يقيني فيصلي ٿيڻ تائين جاري رهندي. ڪئٽلونيا جا ميدان،(41) چالنس جي اردگرد هيا ۽ جارنينڊيس جي تحريرن موجب، اُنهن جي ڏيکڻ جو سرسري اندازو ڏيڍ سوميلن ۽ ويڪر سؤ ميلن تائين پکڙيل هئي جنهن ۾ سڄو صوبو سمائجي ٿي ويو جنهن کي هڪ سرواڻ* ملڪ جو خطاب ملي چڪو هو.(42) هن وڏي ميدان ۾ سطح ۽ سنوَت جون ڪجهه هيٺ مٿاهيون هيون ته وري اوچائي جي اهميت وڏي هئي جتي اٽيلا جون فوجون قابض هيون؛ تنهنڪري هن ميدان جي غير برابريءَ واري ناهمواري ٻنهي جنرلن جي وچ ۾ اختلافن جو سبب بٽجي وئي. نوجوان ۽ بهادر ٽورسمانڊ سيني کان پهريون اوچائيءَ واري هنڌ تي قبضو ڪري ورتو. گاٿ پوري طاقت سان هُنن تي ڪڙڪي پيا جيڪي ايا تائين ٻي طرف کان مٿي چڙهڻ جي ڪوششن ۾ لڳا پيا هيا، ۽ هن اهم جڳهه جي قبضي ڪرڻ تي ٻنهي ڌرين ۾ سرهائيءَ جي لهر ڊوڙي وئي ۽ هر ڌر جي اڳواڻ کي پنهنجي پنهنجي فتح يقيني نظر اچي رهي

هئي. اٽيلا البت پريشان هو جنهن پنهنجن پادرين ۽ پيشنگويون ڪندڙن سان صلاح مشورا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. دستور موجب جانور جي آندن گُوندن جي معائني ڪرڻ ۽ اُنهن جي هڏن ڪي چگيءَ طرح جاچڻ کان پوءِ، پيشنگويون ڪندڙ طرفان اٽڪڻ لفظن ۾ ڪيس ٻڌايو ويو ته شڪست سندس ئي ٿيندي جنهن ۾ سندس خاص دشمن جو موت پڻ ٿيندو ۽ بربر جنهن برابريءَ جي دعويٰ ڪئي هئي، ايٽيَس جي مٺاهين لياقت ۽ قابليت ڪي، دل سان نہ سهي پر ظاهري طرح ضرور تسليم ڪيو. پر هُنن (Huns) جي صفن ۾ جيڪا دستوري ڊرائي ۽ نِڪمائي هوندي هئي، اٽيلا کي تنهن مجبور ڪيو ته قديمي جنرلن واري طريقي کي استعمال ۾ آڻي ۽ نيٺ هن ايئن ڪيو ۽ هڪ زوردار ۽ جوشيلي تقرير ذريعي پنهنجن فوجي ماڻهن کي هن ڇڻ ننڊ مان جِهنجهوڙي جاڳايو ۽ سندس تقرير ان بادشاهه واري هئي جيڪو اڳ ۾ ڪيترائي جنگي محاذ ۽ معرڪا فتح ڪري چڪو هو.(43) هن ڪين سندن ماضيءَ جو شان شوڪت ياد ڏياريو، خطرن کان آگاهه ڪيو ۽ سندن آئيندي جي اُميدن بابت ڪين گهٽو ڪجهه ٻڌايو ويو. مقدر جي جنهن چڪر هنن جي اڳيان سيٽيا جي بيابانن ۽ ڏٻڻن کي سندن پيرن هيٺان ڪري ڇڏيو هو، ۽ جنهن ڪيترين ئي جنگجو قومن کي سندن پيرن تي ڪِرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، ساڳئي مقدر هن جنگ جي خوشين ۽ سندن سوين کي مڪمل ڪري اڳتي لاءِ سندن رستو روڪي ڇڏيو هو. سندن دشمنن جي محتاط قدمن سندن سخت ٻَڌي ۽ ايڪي ۽ سندن فائدي وارين هنڌن سببان هو ٻنهه ڊڄي ويو هو. مخالف فوج جي طاقت ۽ آسرو فقط وزيگاٿ هيا، ۽ هُن (Huns) شايد بگڙيل رومين تي غالب اچي ٻه وڃن ها ڇو ته سندن هڪ ٻئي سان ويجهي ۽ ڳُتيل سرشتي سندن شڪن شبهن کي وڌيڪ وائکو ٿي ڪيو، ٻيو ته اُهي جنگ جي ڏينهن وارن خطرن کي مُنهن ڏيڻ لائق ٻه نہ رهيا هيا. 'مقدر جي بکيئي' جو اَٽل قانون هن جنگجو قوم لاءِ سازگار هو ۽ ان فلسفي کي هُنن (Huns) جي بادشاهه هِنئين سان هَنڌائي رکيو هو ۽ هن پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي يقين ڏياريو هو ته سندن جنگي جوڌن کي خدا تعاليٰ جي حفاظت حاصل آهي جيڪو سيني تي قادر آهي تنهنڪري اُهي دشمنن جي تيرن ۽ نيزن کان بچيل رهندا، پر ساڳئي وقت مقدر، جيڪو ڪنڌهن ٻه غلطي نٿو ڪري، ذلت واري امن يا صلح قائم ڪرڻ تي مٽن ضرور اچي ڪڙڪندو. اٽيلا کين زور سان پُڪايندي چيو: "آءٌ پهريون نيزو پاڻ اُڇلائيندس ۽ پوءِ ڏسندس ته اُهو ڪهڙو ڪمينو هوندو جيڪو پنهنجي حاڪم جي عمل جي پيروي نہ ڪندو ۽ جيڪو ٻه پيروي نہ ڪندو ته موت جو مقدر ٻه ڇڻ ان جي لاءِ لکجي چڪو هوندو."* هڪ بهادر اڳواڻ جي موجودگي، سندس جوشيلي تقرير ۽ سندس بهاديريءَ جي مثال سبب بربرن ۾ پڻ همت ۽ بهاديريءَ جو نئون روح ڦوڪجي ويو ۽ اٽيلا، سندن بيصبريءَ کي محسوس ڪندي جنگ وڙهڻ جي حڪمت عملي ويهي تيار ڪئي ۽ پنهنجن بهادر ۽ وفادار هُنن جي وچ ۾ هُن پنهنجي پاڻ کي مقرر ڪيو. جيڪي قومون سندس شهنشاهت جي رعيت ۾ شامل هيون جيئن رُگيَنس، هِرولي، سُرنجيَنس، فرئنڪ، برگنڊيَنس وغيره جي جٿن کي ڪئٽلونيا جي ميدان تي ترتيب سان بيهاريو ويو، گيپيڊي جي بادشاهه آردارڪ کي ساڄي پاسي جو ڪماندر مقرر ڪيو ويو ۽ ٽن بهادر پائرن کي، جن آسٽروگاٿن تي حڪومت ڪئي هئي، کابي محاذ تي مقرر ڪيو ويو ته جيئن اُهي وزيگاٿن جي وڪريل ٽولن جو مقابلو ڪري سگهن. اتحادين جي جنگ ۾ مقرري مختلف اصولن هيٺ ڪئي وئي. سنگيبان جيڪو الاني قبيلي جو لامذهب بادشاهه هو، ان جي ڊيوٽي وچ ۾ مقرر ٿي ته جيئن سندس چُرپر تي نظر رکي سگهجي ۽ جيڪڏهن، خدانخواسته هو غداري ڪري ته هڪدم ڪيس سزا ٻه ڏئي سگهجي. ايٽيَس کي کابي پاسي جو ڪماندر مقرر ڪيو ويو ته ساڳئي

وقت ٽوڊورڪ کي ساڃي پاسي جي واڳ سونپي وئي جڏهن ته ٽورسماند اڃا تائين هِن ميدان جي چوٽين تي پنهنجو محاذ سنياليون وينو هو جنهن سيٽيا جي فوج جي هر پاسي جي نگراني ٿي ڪئي. وولگا کان ائٽلانٽڪ تائين قومن کي چالنس جي ميدان تي گڏ ڪيو ويو، پر هنن منجهان ڪيتريون ئي قومون مذهبي تضاد، سوين يا وري لڏپلاڻ سبب پاڻ ۾ اختلافن جو شڪار ٿي ويون هيون ۽ ساڳين هٿيارن ۽ ساڳين نشانين جي نماءَ ڪرڻ سان هيءَ جنگ جڙ هڪ خانہ جنگيءَ جو منظر پيش ڪري رهي هئي.

يوناني ۽ رومين جو نظر ۽ ضبط توڙي حڪمت عملي سندن قومي ڪردار جي عڪاسي ڪري رهي هئي. زينوفن، سيزر يا فريڊرڪ* جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اوتري ئي وڏي ذهن اُنهن جو تذڪرو ڪيو هو ته ان مان اهو ظاهر ٿي رهيو هو ته اُهي انسانذات کي مِٽائڻ ۽ اُنهن جي وجود کي ميسارڻ جي ترڪيبن ۾ اڃا واڌارو آڻيندا ته جيئن انسان جو وجود ڏرتيءَ تان بلڪل غائب ٿي وڃي. پر چالَنس جي جنگ اسان جي جوش ۽ تجسُس جي ڪيفيت ۾ واڌارو ڪري ٿي چڏي چاڪاڻ ته بربرن جي انڊي اُبهرائيءَ هڪ اهڙو فيصلو ڪيو جنهن کي وري هِڪ طرفن ليڪڪن طرفان اُنهن ماڻهن سان منسوب ڪيو ويو آهي جن جي شهري يا ڪليسائي رغبت ڪين فوجي معاملن جي ڄاڻ ڪان بلڪل پري ڪري چڏيو آهي. ڪئسيوڊورَس ڪيترن ئي گاٽ ويڑهاڪن سان گَالهيون ڪيون هيون جن هنن يادگار لمحن ۾ خدمتون ٿي ڏنيون جن کان ڪيس خبر پئي ته: "هيءَ لڙائي يا جنگي محاذ ايترو ته خطرناڪ، گهَڻ طرفو، هوڏ ۽ هَٽ وارو ۽ خوني هوندو جنهن جهڙو مثال نہ ته هاڻوڪي دؤر ۽ نہ وري ماضيءَ جي زمانن ۾ ملندو." جن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو اُنهن جو انگ هڪ لک ٻاهٺ هزار هو، ۽ هڪ ٻي اندازي موجب ان جنگ ۾ ٽي لک ماڻهو قتل ڪيا ويا(44) ۽ توڙي جو ان تعداد ۾ گهٽو وڌاءُ ٻہ ڪيو ويو هجي تڏهن ٻہ حقيقت پنهنجي جڳهہ تي اَٽل آهي ته تمام گهٽو نقصان ٽيو هوندو جنهن بابت هڪ تاريخدان تبصرو ڪندي ٻڌايو ته بادشاهن جي جنوني جنگ ۾ شايد نسلن جا نسل ئي ميسارجي ۽ مٽجي ويندا ۽ اِهو ڪيل فقط چند ڪلاڪن جو هوندو. هڪ ٻئي تي ميزائيلن جهڙا هٿيار آزمايا ويا جنهن ۾ سيٽيا جي نشاني بازن وڏي ڦڙتي ۽ هوشياريءَ مان هٿيارن جو استعمال ڪيو، ۽ ٻنهي ڌرين جون زميني توڙي گهوڙيسوار فوجون سخت مقابلي ڪرڻ لاءِ هڪ ٻئي جي سامهون ٽيون. هُنَ (Huns) جيڪي پنهنجي بادشاهہ جي اڪين اڳيان وڙهي رهيا هيا، پنهنجن ڪمزور ۽ مشڪوڪ اتحادين جي صفن کي چيريندا اڳتي وڌندا ويا ۽ پنهنجن مختلف جٿن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪيائون، ۽ کاٻي طرف وڌيڪ توجه ڏيندي، هُنن پنهنجي پوري طاقت جو رُخ وزيگاٿن طرف ڪري چڏيو. جيئن ٽوڊورڪ گهوڙيسوار ٿي فوجن جي صفن مان آسٽروگاٿن جي گذرندي پنهنجن سپاهين کي همت ڏياري رهيو هو، ته مٿس ائنديجز طرفان زوردار نيزي سان حملو ڪيو ويو جيڪو هن لاءِ موتمار ثابت ٽيو ۽ هو پنهنجي گهوڙي تان هيٺ ڪري پيو. زخمي بادشاهہ ويتر عذابن ۾ اچي ويو* جڏهن هو پنهنجي ئي فوج جي گهوڙن جي سُنبن هيٺان لتاڙجي مري ويو ۽ هن اهم موت، پيشنگويون ڪندڙ جي اڳواڻ ڪيل مشڪوڪ اڳڪٿي کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو. اٽيلا پنهنجي فتح کي يقيني سمجهندي خوشيءَ وچان پنهنجن ڪپڙن ۾ نٽي ماپيو، هوڏانهن ٽورسماند پهاڙين جي چوٽين تان هيٺ لهي آيو ته جيئن اڳڪٿي جي رهيل حصي کي پورو ڪري سگهجي. وزيگاٿ جيڪي هاڻي مونجهاري ۽ پريشانيءَ جي ور چڙهي ويا هيا چو ته کين الاني پڻ چڏي چڪا هيا، پر پوءِ ٻہ هنن حوصلو نہ هاريو ۽ پنهنجين صفن ۾ آهستي آهستي نظم ۽ ضبط پيدا ڪندي جنگ کي تيز ڪري چڏيائون، ۽ هُنن (Huns) کي ڪليل شڪست

ڏنائون چاکاڻ ته اٽيلا اڳيئي جنگ جي ميدان مان پاڄ کائي چڪو هو. هو هڪ خانگي سپاهيءَ جي هڪ ڏڪ جو شڪار ٿي وڃي ها پر جنگ جي وچ تي مقرر ڪيل دستي جي بهادريءَ سبب هو بچي ويو ۽ اُهو دستو ڪافي پيش قدمي ڪري چڪو هو، سندن حملي جو بچاءُ ڪمزوريءَ سان ڪيو ٿي ويو چاکاڻ ته سندن فوج جا ڪاڀا توڙي ساڃا پاسا غير محفوظ هيا ۽ سيٽيا توڙي جرمني جا فاتح رات ٽيڻ سان مڪمل شڪست اچڻ کان ڏري تي بچي ويا. اُهي پنهنجين ئي گاڏين جي گول دائري ۾ وڃي وينا جن اُنهن لاءِ قلعن جو ڪم ٿي ڪيو ۽ سندن اُهي جٽا جيڪي چوٽين تان هيٺ لهي آيا هيا، اُنهن پنهنجي حفاظت جا اُپاءُ ونڻ شروع ڪري ڇڏيا پر سندن فوجي توڙي سندن مزاج اهڙين ڪامياب تدبيرن کان بنهه اڻ واقف هو. هي هڪ مشڪوڪ معرڪو هو پر اٽيلا هاٿي پنهنجي آخري ۽ عزت پريئي داءَ ڪيڏڻ جي تلاش ۾ هو. هن حڪم ڏنو ته گهوڙن جا هَنا، سَنجَ ۽ ٻيو سامان هڪ جڳهه تي ڪنو ڪري ان کي هڪ باهه جي ارٿي يا چِتا وانگر تيار ڪيو وڃي؛ ۽ پنهنجي وقار کي قائم رکندڙ هن بربر فيصلو ڪيو ته جيڪڏهن سندس فوجين کي بيوس ٻڌائي ناڪارو ڪيو ويو ته هو پنهنجي سيني ساٿين سميت پاڻ کي باهه جي شعلن ۾ اڇلائي ڇڏيندا ۽ اهڙيءَ طرح هو پنهنجي دشمن کي خوشي ۽ فخر جو اهو موقعو هرگز نه ڏيندا ته جيئن هو اٽيلا کي ڪنهن وارَ ڪرڻ سان ماري ڇڏين يا وري کيس گرفتار ڪري قيد جي ذلتن ۾ ختم ڪري ڇڏين.(45)

پر سندس دشمنن ٻه اها رات بيحد پريشاني ۽ اذيت ۾ گذاري هئي. ٿورسمانڊ جي بيصبري واري بهادري* کيس اڳتي وڌندو رهڻ لاءِ اُتساهيو، نيٺ نوبت اتي وڃي بيٺي جو هو پنهنجن چند ساٿين سان سيٽيا جي گاڏين جي وچ ۾ وڃي پهتو. رات جي انڌاري واري مقابلي ۾ هو گهوڙي تان ڪري پيو ۽ گاڻ شهزادو پنهنجي پيءُ وانگر ختم ٿي وڃي ها پر سندس جوان مَردي ۽ پنهنجن ساٿين جي مدد سان هوُ موت جي مُنهن مان خيريت سان بچي نڪتو. ساڳئي وقت ڪابي پاسي کان ايٽيَس جيڪو پنهنجن اتحادين کان ڌار ٿي ويو هو ۽ جنهن کي سندن سوپ حاصل ڪرڻ جي خبرنه هئي، ۽ جيڪو سندن مقدر جي فيصلي جو منتظر هو، مخالف فوجين جي سامهون اچي ويو پر پوءِ پاڳ پلا هُيس جو مخالف فوجين جي يلغار کان بچي ويو جيڪي چالنس جي ميدان تي ٽڙيل پکڙيل هيون ۽ نيٺ هو گاڻن جي ڪئمپ تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جنهن کي هن به ننڍڙا قلعا ناهي صبح ٽيڻ تائين مضبوط ويهي ڪيو. شاهي جنرل پنهنجي دل جي اندر اٽيلا جي شڪست تي ڏاڍو خوش هيو، جيڪو اڃا تائين پنهنجن مورچن ۾ ڪاهلن جيان موجود هو ۽ جڏهن هن خوني جنگ بابت تصور ڪيو ته پنهنجي دل ئي دل ۾ مطمئن ٿيو ته بربرن کي وڏيڪ نقصان رسيو هو. زخمن سان چُور ٽيل ٽوڊورڪ جي لاش کي قتل ٽيل ماڻهن جي ڍير مان ڳولي هٿ ڪيو ويو، لاش کي ڏسندي ئي سندس رعيت جي ماڻهن پنهنجي بادشاهه تي، جنهن کي هو پنهنجو پيءُ ڪوٺيندا هيا، ماتم ڪرڻ شروع ڪيو پر پوءِ سندن ڳوڙها، بادشاهه جي ساراهَ جي گيتن ۽ تعريفن ۾ گونجي اُٿيا ۽ دشمن جي آڏو سندس ڪفن دفن جو اهتمام شانائتي نموني سان ڪيو ويو. گاٿن، پنهنجن هٿيارن جو نماءُ ڪندي ۽ هڪ ٻئي سان هٿيار ٽڪرائيندي ۽ ڪڙڪائيندي سندس وڏي پٽ ٿورسمانڊ کي هڪ وڏي ڍال تي ويهاري مٿي کنيو ۽ وڏي احترام سان کيس پنهنجو نئون بادشاهه تسليم ڪيائون ۽ نئين بادشاهه پنهنجي پيءُ جي ورثي طور دشمن سان وڙهڻ ۽ بدلي ونڻ جو وچن ڪيو. پر ان عزم ۽ وچن جي باوجود گاٿ، پنهنجي طاقتور دشمن جي زور ۽ ڏهڪاءَ کان اڃا تائين ڌنل هيا ۽ سندن ئي هڪ تاريخدان اٽيلا جي پيٽ هڪ شينهن سان ڪئي آهي جنهن کي هر طرف

کان وکوڙيو ويو هجي پر پوءِ به هو پنهنجي شڪارين کي پنهنجي طاقت سان ڏيڃاريندو ۽ ڏمڪائيندو هجي. جن بادشاهن ۽ قومن اٽيلا کي سندس مصيبت جي وقت ۾ ڇڏي ڏنو هو ۽ ساٿس بيوفائي ڪئي هئي، اُهي پنهنجي مُنهن خوف ۾ ڪنبي رهيا هيا ته سندن بادشاهه جي ڪاوڙ خبر ناهي ساڻن ڪهڙو حشر برپا ڪندي. سندس جنگ جي سيني سازن منجهان هوڏ ۽ للڪار جا آواز اچڻ لڳا ۽ جيڪي سپاهي مٿس حملي ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا هيا اُنهن کي رستي تي روڪي مٿن تيرن جو وسڪارو ڪيو ويو. تنهنڪري جنگ بابت هڪ ميٽنگ ۾ هڪ پُرعزم فيصلو ڪيو ويو ته هُنن جي بادشاهه تي سندس ئي ڪئمپ ۾ گهيرو ڪيو ويندو ۽ سندس ڪاڏي خوراڪ جي شين کي روڪيو ويندو ۽ سندس حالت اهڙي ڪئي ويندي ته هو يا ته هڪ ذلت واري معاهدي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي يا وري ايترو ڪمزور ٿي وڃي جو مقابلي ڪرڻ جي همت ئي نه ساري سگهي. پر بربرن جي بيصبريءَ اهڙن قدمن کي نفرت جي نظر سان ڏنو ۽ ايٽيَس جي بردباريءَ واري پاليسي اهڙي هئي جو هُن دوراندیشي واري نظر سان سوچيو ته هُنن (Huns) جي بربادیءَ کان پوءِ وري گاٿن جي قوم جي طاقت، سندن آکڙ ۽ وڌائي وڏي سندس آڏو ايندي. تنهنڪري اميرزادي وڏي عقل ۽ ڏاهپ جي راهه اختيار ڪندي ماڻهن جي جوش جذبي کي ڏڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٿوڊورڪ جي پٽ کي پيار، محبت ۽ سچائيءَ سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ ٿورسمانڊ تي زور رکيائين ته فورن واپس اچي پنهنجن پائرن تي زور پري ته جيئن اُهي بيصبريءَ مان ٿولُوز جي تخت تي قبضو نه ڪن ۽ نه وري اُتي خزانن جي ڦرلٽ شروع ڪري ڏين.(46) گاٿن جي رواني ٽيڙ ۽ اتحادي فوج جي جدا ٽيڙ کان پوءِ اٽيلا جي حيرت جي حد ئي نه رهي جڏهن هن محسوس ڪيو ته چالنس جي ميدان تي مڪمل خاموشي ڇانيل هئي، جنهنڪري ڪيس دشمن طرفان ڪنهن سازش جو ڪيس شڪ پيو تنهنڪري هو ڪجهه وڌيڪ ڏينهن پنهنجن گاڏين جي وچ ۾ رهيو پيو هو ۽ رائين کان نه اڳتي سندس پاڇَ آخري فتح کي تسليم ڪيو جنهن کي اولهه جي شهنشاهت جي نالي ۾ حاصل ڪيو ويو هو. ميروويَس ۽ سندس فرئنڪ، دوراندیشيءَ واري مفاصلي کي قائم رکندي ۽ ڪوڙ سارين جڳهن تي هر رات باهيون ٻارينديو پنهنجي تعداد جي باري ۾ گهٽي وڌاءُ کان ڪم وٺندي هُنن جو پوئين طرف کان پيڇو ڪندا رهيا، جيستائين اُهي سُرنجيا جي سرحدن تائين پهچي ويا. سرنجيا وارن اٽيلا جي فوج ۾ خدمتون ڏنيون هيون، ۽ هن سان گڏ سفر به ڪيو هيائون ته منزلون به ماڻيون هيائون، پر اهو فقط هن جنگ ۾ ٽيو جو ڏرين هڪ ٻئي تي ظلم ڪيا ۽ ڪلووِس جي پُٽ انهن ظلمن جو بدلو چاليهن سالن گذرڻ کان پوءِ ورتو. جن کي هنن پناهه ڏني هئي اُنهن کي به قتل ڪيو ويو، ۽ قيدين جا سِرَ ڏاڙ کان ڌار ڪيا ويا، بن سوَن نوجوان چوڪرين کي اهڙيون اڏيتون ڏنيون ويون جن کي بيان ڪرڻ به مشڪل آهي، اُنهن جي جسمن کي جهنگلي گهوڙن جي سُنبن هيٺان چيريو ۽ ڇيٽاڙيو ويو ۽ سندن هڏن کي گاڏين هيٺان ڏئي پورا پورا ڪيو ويو ۽ جيڪي سندن عضوا پورجڻ کان ٻاهر رهجي ويا هيا اُنهن کي رستن تي اُجلائي ڪُتن ۽ ڳڇهن جو ڪاڇ ڪيو ويو. اڳي جا جهنگلي ۽ وحشي ماڻهو اهڙا ئي هيا جيئن ڪين بيان ڪيو ويو آهي ۽ جن جا ظاهري ڳُڻ ماڻهن کي ڪشش ڪندا هيا ۽ اهي سندن تعريفون ڪندا هيا بلڪ اُنهن جي هلت چلت تي ريس پڻ ڪندا هيا.(47)

گال جي معرڪي جي ناڪاميءَ تي اٽيلا جو نه جذبو جهڪو ٽيو، نه سندس طاقت گهٽي ۽ نه وري سندس شهرت متاثر ٿي. ايندڙ بهار جي موسم ۾ هن بيهر شهزادي آنريا کي پاڻ وٽ گهرائڻ ۽ ان سان گڏ جيڪو ڪجهه ڪيس پيءُ طرفان ورثي ۾ مليو هو ان کي واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. پر سندس

مطالبن کي ٻيهر يا ته رد ڪيو ويو يا وري ٻڏو اڻ ٻڏو ڪيو ويو. نتيجو اهو نڪتو جو ڪاوڙيل عاشق هڪدم ميدان تي نڪري آيو، ائلپس کي اڪاريائين، اٽلي تي حملو ڪيائين ۽ بربرن جي هڪ وڏي لشڪر سان عقيليا جو گهيرو ڪيائين. پر اُهي بربر باقاعدگي واري گهيري ڪرڻ جي هنر کان بلڪل بيخبر هيا. جنهن جي لاءِ قديم زمانن ۾ پي هڪ مڪمل جاڻ ۽ تجربي جي ضرورت پوندي هئي. پر ڪيترن ئي مقامي ماڻهن ۽ قيدين جي محنت ۽ مدد جن جي حياتين کي بنا رحم جي ختم ڪيو ويو هو، شايد هنن لاءِ وڏي مددگار ۽ مخالفن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿئي ها. رومي ماڻهن جي جاڻ* شايد ايتري بگڙي چڪي هئي جيڪا سندن ملڪ جي تباهيءَ جو باعث بڻي. عقيليا جي ديوارن تي گولا وسائيندڙ مشينن ۽ تيرن، نيزن ۽ پٿرن سان حملو ڪيو ويو ۽ باهه جا شعلا پڻ پڙڪي اٿيا؛(48) ۽ هُنن (Huns) جي حاڪم اُميد، خوف تابعداري ۽ دلچسپيءَ جو اهڙو عجيب ماحول پيدا ڪري ڇڏيو ته جيئن آخري رڪاوٽ کي به پنهنجي رستي تان هٽائي ڇڏي جنهنڪري اٽلي کي فتح ڪرڻ ۾ دير ٿي رهي هئي. ان زماني ۾ عقيليا، رئٽڪ بندر جي شهرن ۾ سيني کان وڌيڪ شاهوڪار، وڏي آبادي وارو ۽ مضبوط شهر ليکيو ويندو هو. گاٿن جي مددگار فوجين، جن مقامي بادشاهن الارڪ، ۽ اتالا جي حڪمن هيٺ پنهنجون خدمتون ۽ نوڪريون ڏنيون هيون، پنهنجي بهادريءَ جي جذبن کي آزمائڻ جي آڇ ڪئي ۽ هتان جي شهرين ان شاندار ۽ ڪامياب مقابلي کي ڪڍهن به نه وساريو هو جيڪو سندن ابن ڏاڏن به اهڙي خطرناڪ بربر* سان اڳ نه ڪيو هو جنهن روم جي شان ۽ ان جي تخت ۽ تاج کي بيعزتو ڪيو هو. عقيليا جي گهيري کي ٽي مهينا گذري ويا هيا ۽ ايا تائين ان جو ڪوبه نتيجو نه نڪتو هو؛ هاڻي نوبت اها اچي وئي جو کاڌي خوراڪ جي سخت اٽاٽ سبب فوجين جون دانهون ۽ شڪايتون شروع ٿي ويون جنهن اٽيلا کي گهيري ختم ڪرڻ تي مجبور ڪيو، نيٺ هن ناراضگيءَ ۾ حڪم ڏنو ته فوجي پٺي پنهنجا خيما اُکوڙين ۽ ٻي ڏينهن تي پنتي ورڻ يا پاڇ ڪائڻ جون تياريون ڪن. پر جيئن هو ڏڪ، درد ۽ ڪاوڙ ۾ عقيليا جي ديوارن جي چوڌاري پنهنجي گهوڙي تي چڙهي چڪر لڳائي رهيو هو ته هن ڏٺو ته هڪ ٻگهه پڪي پنهنجي آڪيري کي ڇڏيو ۽ پنهنجن ٻچن سوڌو اتان ڪنهن ملڪ ڏانهن اڏامي هليو ويو. هن نندڙي واقعي متس وڏو اثر ڇڏيو ۽ هن پنهنجن ڏاهن سان هن وهم وسوسي بابت صلاح ڪئي، نيٺ وڏي آواز سان ۽ خوشيءَ جي لهجي ۾ ماڻهن کي چيائين ته هڪ اهڙو پکي، جيڪو هيترو سارو عرصو انساني سوسائٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو هو، پنهنجي آڪيري کي ڇڏي ۽ هرگز پري اڏامي نه وڃي ها جيڪڏهن هي منارا (جن ۾ پکيءَ جو آکيرو نهيل هو) بربادي ۽ اڪيلائيءَ جي علامت نه هجن ها.(49) هن وهم وسوسي کي جيڪو سندن خواهش مطابق هو، هنن پنهنجي لاءِ سوپ جو پيغام سمجهيو، ان ڪري گهيري کي ٻيهر جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ سِر ٽوڙ ڪوششون ورتيون ويون؛ اُنهيءَ ديوار کي ان هنڌ تي هڪ وڏو سوراخ ڪيو ويو جتان ٻگهه پکي اُڏاڻو هو؛ هاڻي هُنن وڏي ڪاوڙ ۽ جوش مان حملن کي ان حد تائين تيز ڪري ڇڏيو جو عقيليا جي نالي نشان کي ئي مِٽايو ويو ان جي بربادي جا آثار به ڏسڻ ۾ نٿي آيا.(50) هن پوائتي ڪارروائيءَ کانپوءِ اٽيلا پنهنجي پيش قدميءَ کي جاري رکيو ۽ اَلٽينم، ڪانڪورڊيا ۽ پادئا جي شهرن مان گذريو ته اُنهن کي به تباهه ڪري پٽرن ۽ خاڪ جي ڍير ۾ تبديل ڪري ڇڏيائين. ٻيا اندريان شهر وائسينزا، ويرونا ۽ برگوما، هنن جي طرفان بيدردي واري بربادي جي نذر ٿي ويا. مِلن ۽ پاويا جا ماڻهو خوف ۽ ڏهڪاوَ کان ڍڄي ويا ۽ هنن هڪدم آڻ مڃي پيش پوَڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هُنن (Huns) طرفان رحم ڪرڻ تي ڪين ساراهيو ويو

چاڪاڻ ته سندن عمارتون ۽ شهر شُعلن جو ٻَڪُ ٿيڻ کان بچي ويا هيا ۽ بيشمار قيدين ۽ بين ماڻهن جون زندگيون پڻ بچي ويون هيون. ڪومَم، ٽيورن يا مادرنا جي روايتن جي ڏُهرائجڻ جو امڪان هو پر ان جي باوجود اٽيلا جي ظلمن ۽ زيادتين جي تصديق ٿي چڪي آهي ته هن جديد لومبارڊي جي ميدانن تائين تباهي ۽ بربادي ڦهلائي ڇڏي هئي، جن کي پو (Po) هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڇڏيو هو ۽ اٽليس ۽ اَپينن کي پڻ هر طرف کان وکوڙي ڇڏيو هو.(51) جڏهن هن مِلن جي شاهي محل تي قبضو ڪيو ته ڪيس حيرت ۾ تي ته ساڳئي وقت سندس ڪاوڙ ۾ چوٽ چڙهي وئي جڏهن هن سيزرس جون تصويرون ڏٺيون جن ۾ کين تخت تي ويهاريل ڏيکاريو ويو هو ۽ سيٽيا جي شهزادن توڙي شهنشاهن کي سندن پيرن تي ڪِريل ڏيکاريو ويو هو. رومين جي مناري جي سکٽي آڪڙ تي اٽيلا جيڪو بدلو ورتو اُهو نقصانڪار ته نه هيو پر نرالي انداز وارو هو. هن هڪ نقش نگار جي ماهر کي حڪم ڏنو ته اُنهن تصويرن ۽ اُنهن جي ڏيک کي اُبتو ڪري پيش ڪيو وڃي ۽ شهنشاهن جي تصويرن کي ساڳئي ڪئنوَس تي ٻيهر چٽيو ويو جنهن ۾ کين نمائي ۽ ٻاڏائيندڙ انداز ۾ اهڙيءَ طرح ڏيکاريو ويو هو ته جڏ هو سيٽيا جي حاڪمن اڳيان سونَ جون ٽوڪريون بطور ڏَنَ جي کين پيش ڪري رهيا هيا.(52) جيڪي ماڻهو هن تبديليءَ جو تماشو ڏسڻ ويا هيا، اُهي يقيني طور تي سچ جي اصل حقيقت تي پهچي ويا هوندا، ۽ تصويرن ۾ ڪيل تبديلين کان ٻه آگاهه ٿيا هوندا ۽ هن عجيب ۽ اهم موقعي تي هنن هڪ شينهن ۽ انسان جي جهيڙي جي ڪهاڻيءَ کي ٻه هن واقعي سان ضرور ملايو هوندو.(53)

اٽيلا جي خطرناڪ تڪبر جي سلسلي ۾ تڏهن هڪ چوٽي تمام گهٽي مشهور تي ته: 'جنهن ٻه زمين جي ٽُڪري تي اٽيلا جي گهوڙن جا سُنبَ لڳا هوندا ته اُتي ٻيهر گاهه ڪڏهن ٻه نه ڦُٽو هوندو.' تنهن هوندي ٻه هن تباهي آڻيندڙ فاتح جي شهنشاهت، بغير ڪنهن اڳواڻ سوچ سمجهه ڪرڻ جي، يورپ جي آمراڻي دؤر واپار ۽ تجارت جي لحاظ سان سلامت رهي. وينِس يا وينيشيا(54) جو وڏو نالو، اڳ اٽلي جي وڏي ۽ خوشحال صوبي ۾ هڪ طرف پنونيا جي سرحدن کان اَڌُوئا ندي ته ٻي طرف پو (Po) کان رهيشيا ۽ ائلپس تائين هرطرف پهچي چڪو هو. بربرن جي حملن کان اڳ وينيشيا جا پنجاهه شهر امن سلامتي ۽ خوشحاليءَ ۾ رهندا رهيا ۽ عقيليا ته وڌيڪ ناميارو ۽ خوبصورت شهر هو، پر پاڻيا جو قديمي شان ۽ سُونهن سندس زراعت جي پيداوار ۽ اتان تيار ٿيندڙ شين تي مدار رکندڙ هئي، ۽ پنج سو ماڻهن جي ملڪيت، جن جو تعلق گهوڙيسوار طبقي جي خاص شعبي سان هو، هڪ سخت ۽ ڪنجوسيءَ جي اندازي موجب ٻه سترهن لک پائونڊن جي برابر هئي. عقيليا، پاڻيا ۽ بين ڪيترن ئي قديمي شهرن جا بيشمار ڪٽنبَ، جيڪي هُنن (Huns) جي ظلمن ۽ زيادتين جي آزار کان پنهنجن ابن ڏاڏن جي آستانن کي ڇڏي چڪا هيا، پاڻيوارن ٻيٽن ۾ وڃي رهيا جتي هنن پاڻ کي سلامت ۽ محفوظ سمجهيو هو.55 ٻيٽ جي هن نارَ جو آخري ڇيڙو جتي ائدرئٽڪ جيئن تيئن ڪري هڪ وڏي سمنڊ سان همسري ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، اُتي لڳ ڀڳ هڪ سو ننڍا ننڍا ٻيٽ، تراڪڙي پاڻيءَ سبب پنهنجي گندَ کان جدا ٿين ٿا جن کي وري زمين جا هيڏي هوڏي ٽڙيل پکڙيل ڍڳها ٽڪرا سمنڊ جي چولين ۾ وَهي وڃڻ کان بچائن ٿا ۽ چولين جي ڪُجهن لنگهن مان وري کي ننڍا جهاز گذرن ٿا.(56) پنجين صدي جي وچ تائين هن قسم جا ڏورانهان ۽ جدا ٿيل هنڌ ڪنهن ٻه پوڪ ۽ آبادي‌ءَ کان يتيم رهيا، جتي ڪي هيڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو گمنامي‌ءَ جي صورت ۾ رهندا هيا. پر وينِس مان لڏي ويندڙن جي اخلاق، عادتن، سندن هنرن ۽ اُنهن جي حڪومت جي طور طريقن کي نئين صورتحال ۾ اختيار ڪيو ويو؛ هن سلسلي ۾ ڪئسيوڊورس(57)

جي هڪ تحرير موجب، جيڪا هِن نئين آبادڪاريءَ کان ستر سال پوءِ جي لکيل آهي، هيءَ آبادي جمهوريہ جي هڪ مناري جيان نمايان ٿي وئي. ٽوڊورڪ جو هڪ وزير پنهنجي مخصوص انداز ۾ هن نئين آبادي جي پيٽ هڪ آڙي يا مُرغابيءَ سان ڪري ٿو جيڪا پنهنجو آکيرو پاڻيءَ جي وچ ۾ وجي ناهيندي آهي، ساڳيءَ طرح هي ماڻهو جن جو تعلق اڳ سُنن ۽ سَرنديءَ وارن خاندانن سان هو، ۽ هاڻي سندن حالت متي بيان ڪيل پکي جي اڪيلي آکيري وانگر هئي، ۽ هو تنگدستيءَ ۾ پنهنجو گذران ڪري رهيا هيا. تڏهن هر ماڻهوءَ جو ڪاڏو ۽ گذارو ميڇيءَ تي هوندو هو، سندن گذاري ڪرڻ جي بي دولت لوڻ هوندو هو جنهن جو ججهو مقدار کين سمنڊ مان هٿ ايندو هو، پر هن جنس مان جيڪا انسانن لاءِ بيحد ضروري هوندي هئي، هتان جا رهواسي پاڙيوارن ملڪن مان، متا ستا ذريعي سون ۽ چاندي جي دولت هٿ ڪري ايندا هيا. اهي ماڻهو، جن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو دارومدار ڏرتي ۽ پاڻيءَ جي دولت سان لاڳاپيل هجي، بن اهم ڏاڻن کان پوريءَ طرح واقف ٿي ويا ۽ هاڻي هُنن جي ضرورتن جي مقابلي ۾ سندن لالچ ۽ حرص وڌيڪ اڳيرو ٿي ويو هو. بيٺ جا رهواسي جيڪي گرادو کان چوزا تائين هڪ ٻئي سان گهاٽن رشتن ۾ لاڳاپيل هيا، ندين، واهن ۽ ڏکين سامونڊي سفرن ذريعي اٽلي جي وچ وارن علائقن تائين پهچي ويا. سندن جهاز، جن جو تعداد وقت سان گڏ وڌندو رهيو هو، علائقي جي سيني بندرن تائين پهچي چڪا هيا ۽ ڪنهن ليکڪ جو جملو هو ته: 'وينس جي ائدرٽڪ سمنڊ سان شادي سندس بالڪپڻ ۾ ٿي ٿي هئي.' ڪئسيوڊورس جي هڪ تحرير جيڪو شاهي مُنهندار هو، سامونڊي مئجسٽريٽن ڏانهن لکيل آهي جنهن ۾ هو نماڻائيءَ مان متن زور ٿو پري ته پنهنجن ملڪي ماڻهن ۾ جذبو جاڳائن ته جيئن اُهي عوام جي خدمت ڪن ۽ هن سلسلي ۾ سندن گهُربل سهڪار جي ضرورت هئي ته هو شراب ۽ تيل جا ذخيرا اِسٽريا کان روينا جي شاهي شهر تائين رسائڻ ۾ سندن پرپور مدد ڪن. سامونڊي سفر سان لاڳاپيل مئجسٽريٽن جي عهدي کي هڪ روايت سان ملائي سگهجي ٿو ته بارهَن مکيہ بيٺن ۾ بارهن مئجسٽريٽ هيا جن کي هر سال ووٽن ذريعي چونڊرايو ويندو هو. وينيشيا جي جمهوري ملڪ جي وجود کي جنهن تي اٽلي جي گاٽن جي حڪومت رهي، ساڳي مستند تاريخي دستاويز سان جوڙي سگهجي ٿو جيڪو ساڳئي وقت سندن اصليت ۽ دائمي آزاديءَ ۾ رهڻ جي دعويٰ کي بلڪل رد ڪري ڇڏي ٿو.(58)

اٽلي جي ماڻهن جن ڪيتري عرصي کان هٿيار ڪٽڻ ڇڏي ڏنا هيا ۽ پورا چاليهہ سال صلح سانت ۾ گذاريا هيا، هڪ بربر جي اوچتي آمد تي بنهہ چرڪي ۽ ڊڄي ويا چو ته اُهي هُن کان سخت نفرت ڪندا هيا ۽ ڪيس مذهب توڙي سندن جمهوريہ جو ڪٽر دشمن سمجهندا هيا. جيڪو عام ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو هو، ايٽيَس اُنهن ۾ فقط اڪيلو ئي اهڙو هو جيڪو دِنل نہ هيو، پر ساڳئي وقت هڪ اڪيلي ماڻهوءَ جي وَسَ ۾ اهو هرگز ڪونہ هو ته ڪنهن جي مدد يا پُنيرائيءَ ڪانسواءِ هو پنهنجي بهادريءَ جي اڳين ساکَ کي قائم رکي سگهي. بربرن، جن اڳ گال جي حفاظت ڪئي هئي، هاڻي اٽلي جي مدد ڪرڻ کان پڙ ڪيي بيهي رهيا، ۽ مدد ڪرڻ جا جيڪي آسرا اوير جي شهنشاهہ ڏياريا هيا، اُهي هڪ ته مشڪوڪ هيا، ٻيو پرانهين پنڌ سبب پورا نہ ٿي سگهيا. جيئن ته ايٽيَس پنهنجي مقامي فوجن جي سهاري تي جنگ جي محاذ تي اجا جميل هيو ۽ اٽيلا جي پيش قدمي کي روڪيون ٻيٽو هو، پرهن ۾ مردانگي يا همت اُها نہ رهي هئي جيڪا هن ان وقت ڏيکاري هئي جڏهن ڪجهہ جاهل ۽ احسان فراموش ماڻهن سندس ڪردار تي الزام مڙهيا هيا.(59) جيڪڏهن وئلينٽينين ۾ سُنن جنبن ۽ اوچي ڪردار جي اثر قبول ڪرڻ جي صلاحيت هجي ها ته هو اهڙي جنرل کي پنهنجو مددگار ۽ رهبر بنائي

چڏي ها. پر ٿوڊوسيس جي بزدل پوٽي، خطرن کي گڏجي مُنهن ڏيڻ بدران، جنگ جي طبل وڄڻ شرط ئي ياڄ ڪئي ۽ روينا کان اڳتي تائين اُڀرائيءَ ۾ ڪيل بزدليءَ واري سندس سفر، جنهن ۾ هو هڪ محفوظ ۽ آجيت قلعي کي چڏي هڪ ڪليل ڳاديءَ جي هنڌ ۾ وڃي پهتو هو، هن جي بزدلي ۽ بدنيتيءَ کي وائکو ڪري چڏيو ته جڏهن به دشمنن طرفان سندس ذات کي خطرو هوندو ته هو اڳتي کي هميشه لاءِ چڏي وڃڻ ۾ هڪ گهڙي به دير نه ڪندو. بهرحال هن شرمناڪ پاڄ کي ڪجهه وقت لاءِ رد ڪيو ويو جنهن کي، بزدليءَ وارن صلاحن سان اڳ اختيار ڪيو ويو هو پر هاڻي ساڻين مشورن سان جنهن جو رُخ صحيح رستي طرف موڙيو ويو، اولهه جي شهنشاهه، سينيٽ ۽ روم جي رعيت جي صلاح سان هڪ بهتر تجويز جي حمايت ڪئي ته نيازمندي واري سفارتڪاري جي زبان جو استعمال ڪندي اڳيلا جي ڪاوڙ لاءِ سخت ناپسنديدگيءَ جو اظهار ڪيو وڃي.* اويئينس کي هي اهم ذميواري سونپي وئي جيڪو ڄائي ڄم کان ئي معتبر ۽ دولتمند هو ۽ سفارتي عهدن تي رهي چڪو هو ۽ ٻيو ته سندس ساڻين ۽ حمايتن جو وڏو انگ ساڻس سدائين گڏ هوندو هو ۽ سينيٽ ۾ سندس مرتبو تمام مٿاهون هو. اويئينس جي شاندار ۽ هوشياريءَ واري ڪردار(60) يقينن ڪيس ان قابل بنايو هو ته هُو ذاتي ۽ عوامي بهتريءَ لاءِ لاڪاپيل ماڻهن يا اختيارين سان ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪري چڏي؛ هن سلسلي ۾ سندس ساڻين، ٽرائجيسٽيَس جيڪو اڳتي جي محل ۾ عمارت سازيءَ ۾ مشغول رهيو هو ۽ ليئو- جيڪو روم جو پادري هو، ڪيس مشورو ڏنو ته هو فقط پنهنجن ماڻهن لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪري چڏي. ليئوجي ذهانت(61) کي ان وقت آزمايو هو جڏهن ماڻهن مٿان مصيبتون آيون هيون ۽ ان وقت سندس بيمثال خدمتن تي ڪيس 'عظيم' هئڻ جو لقب ڏنو ويو هو چو ته هن پنهنجن اختيارن جي صحيح استعمال ڪرڻ کانسواءِ عيسائي مذهب کي اڳتي وڌائڻ ۽ ڪليسائي نظم ۽ ضبط کي برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. روم جي سفيرن کي اڳيلا جي تنبوءَ جي ڇاڻ ڏني وئي جتي هو اهڙي جڳهه تي ترسيل هيو جتي هڪ وائيندنگ مشين بنڪس(62) ڏينڌ جي جَهڄَ واري پاڻيءَ ۾ گم ٿي وئي هئي ۽ جنهن کي اڳ سيٽيا جي گهوڙيسوار فوج لتاڙي چڏيو هو ته ساڳي وقت ڪٺلس ۽ ورجل(63) جي ٻنين ۽ باغن کي به ساڳين گهوڙن ۽ سُنبن هيٺان آندو ويو هو. بربر حاڪم روم جي سفيرن کي عزت واري انداز ۽ غور سان ٻڌو پر اڳتي جي آزاديءَ کي شهزادي آنريا کي سندس حوالي ڪرڻ سان لاڳو ڪيو ويو. سندس فوج ان معاهدي کي عملي جامو پهرائيندي ۽ سندس پوئتي هٽڻ کي به يقيني بڻائيندي، سندن جنگجُو مزاج ۾ دولت ذريعي نرمي اچي وئي ته ساڳئي وقت گرمي جي شدت به سندن طبيعت ۾ ڊرائي ۽ سُستي آندي. اُتر جي ڏنارن يا ڏراڙن، جن جو روزانو جو ڪاڌو خوراڪ فقط ڪير ۽ ڪچو گوشت، هوندو هو، هاڻي اُنهن به اَنَ، شراب ۽ پچايل گوشت جو استعمال باقاعدگيءَ سان ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ منجهن جيڪا بيماري تيزيءَ سان ڦهلجي چڪي هئي، ان ذريعي اڳتي وارن کي رسايل زخمن جو ازالو ڪنهن حد تائين ٿي چڪو هو.(64) جڏهن اڳيلا پنهنجن فاتح فوجن کي روم جي گيٽن تائين پهچڻ جي اَڻ عزم کي ڏهرايو ته کيس دوستن توڙي دشمنن پاران سخت ڇتاءُ ڏنو ويو ته هن عظيم شهر جي فتح ڪرڻ کان پوءِ الارڪ جهڙو جنرل به گهٽو وقت جيئرو نه رهي سگهيو هو. سندس ذهن تي، جيڪو اهڙن خطرن کان مٿاهون رهندو هو، فرضي خوفن ۽ ڏهڪاوَن سان حملا ڪيا ويا چو ته هو وهمن وسوسن جي اثر کان هروپرو ايترو آجو نه هيو توڙي جو اُهي سندس عزم ۽ ارادن کان گهٽو ڪري شڪست ڪائي ويندا هيا.(65) ليئو جي تقرير جي فن، سندس شخصيت جي رعب ۽ شاندار ڪليسائي لباس، عيسائين جي هِن

روحاني پيءُ جي لاءِ اٽيلا جي دل ۾ احترام جو جذبو پيدا ٿي پيو. بن حوارين سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال جي پاڇي کان به هن بربر کي پئو ٿيندو هو ۽ کيس يقين هو ته جيڪڏهن هُن پنهنجي جانشين جي عرض کي نڪرائي ڇڏيو ته پوءِ به حواري کيس بنادير ماري ڇڏيندا، هيءُ ڪليسائي روايتن جو هڪ مانائتو ۽ دلچسپ قصو آهي. بيان ڪيل روايتن موجب، روم جي سلامتي ڪن آسماني يا روحاني هستين سان لاڳاپيل هئي ۽ هن روايت کي رئيفل جي پينسل ۽ الغرادي جي چيٽيءَ سان شاندار قِصي جي صورت ۾ لِيکيو ۽ چٽيو ويو آهي.(66)

هُنن (Huns) جي بادشاهه اٽلي کي خالي ڪرڻ کان اڳ شهر وارن کي چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن سندس محبوبه شهزادي آنريا کي مقرر ٿيل وقت اندر، جيڪو صلح نامي ۾ طئي ڪيو ويو هو، سندس سفيرن جي حوالي نٿو ڪيو وڃي ته هو ٻيهر وڏيڪ خوفناڪ ۽ پيانڪ شڪل ۾ اٽلي موٽندو ۽ پوءِ جيڪو ڪجهه ٿيندو ان جا ذميوار اٽلي جا شهري هوندا. تنهن هوندي به اٽيلا پنهنجي بيصبري ۽ ڪاوڙ جي اوبر کان ان وقت ڪجهه آزاد ۽ آرامي ٿيو جڏهن هڪ خوبصورت چوڪري اِلديڪو ڪنوار بڻجي سندس بيشمار زالن جي لسٽ ۾ شامل ٿي وئي.(67) سندن شادي کي، بربرن جي ثقافتي روايتن موجب دنيوب جي پر ۾ ڪاٺ جي نهيل سندس گهر تي وڏي شان ۽ دٻدٻي سان ملهايو ويو ۽ بادشاهه، جيڪو گهٽي شراب پيئڻ سبب نِڊال ۽ نِندڪڙو ٿي پيو هو، مانيءَ جي دعوت جي هُل هنگامي مان اُٿي پنهنجي شاديءَ جي بستري تي وڃي آرامي ٿيو. سندس خادم ۽ خدمتگار خوشيون ماڻيندا رهيا ۽ هر وقت سندس محلات جي اردگرد چوڪي ڏيندا رهيا تانجو هڪ عجيب ۽ اڻ ٽيندڙ خاموشيءَ کين شڪ ۾ مبتلا ڪري چوڪس ڪري ڇڏيو ۽ هنن وڏيون رڙيون ۽ واڪا ڪندي اٽيلا کي نِندِ مان جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، نيٺ شاهي محل جا دروازا پيڇي هو محلات ۾ گهڙي ويا. هنن ڏٺو ته شاديءَ جي بستري تي ڪنوار صفا ڏڪي رهي هئي ۽ سندس مُنهن رَئي سان ڍڪيل هو؛ هوءَ بادشاهه جي موت تي ماتم ڪري رهي هئي جيڪو ان رات مري چڪو هو ۽ الهڙ ڪنوار پاڻ به هن اوچتي موت سبب بيحد دِنل ۽ پريشان هئي.(68) سندس رَڳَ ڦاٽي پئي هئي ۽ جيئن ته اٽيلا هڪ خاص انداز سان سُتل هو ته رڳ ڦاٽڻ سبب رت زور سان وهڻ لڳو ۽ نڪ ۽ ناسُن مان ٻاهر نڪرڻ جي بجاءِ سندس ڦڦڙن ۽ پيٽ ۾ پرجڻ لڳو. بهرحال سندس ميت کي هڪ وڏي ميدان جي وچ ۾ رکيو ويو جتي هڪ ريشمي چبوترو ناهيو ويو هيو ۽ هُنن (Huns) جا خاص ماڻهو پنهنجي نامياري بادشاهه جي چوگرد هلندا ۽ ماتمي گيت ڳائيندا رهيا ۽ پنهنجي عظيم سپوت جي ياد کي تازو ڪندا رهيا جيڪو زندگيءَ ۾ شانائتو ۽ موت ۾ به اٽل ۽ اَجيت رهيو، جيڪو پنهنجي رعيت جو ابو ۽ دشمنن لاءِ ڏهڪائيندڙ هيو ۽ جنهن جي نالي وٽ سان ئي سڄي دنيا ڪنبي ۽ لرزي ويندي هئي. پنهنجين قومي ريتن رسمن موجب بربرن پنهنجن وارن جي ڪجهه حصن کي ڪٽيو، پنهنجن مُنهن تي هلڪا هلڪا زخم رسايائون ۽ پنهنجي عظيم ليدر جي موت تي سندس شان مطابق ماتم ڪيائون پر ان تي عورتن وانگر ڳوڙها نه ڳاڙيائون پر ويڙهاڪن جيان پنهنجي رت سان رُنا. اٽيلا جي ميت کي ٽن تابوتن ۾ بند ڪيو ويو جيڪي سون، چاندي ۽ لوهه جا نهيل هيا ۽ ڪيس مخفي نموني رات جو دفن ڪيو ويو؛ جيڪو به وٽن لُٽ ڦُر جو مال هيو اُهو سندس قبر ۾ اڇلايو ويو، جن قيدين سندس قبر کوٽي هئي اُنهن کي وحشياڻي طريقي سان قتل ڪيو ويو، ۽ ساڳين هُنن (Huns) جيڪي اڳ ۾ غم ۾ ٻڏل نظر ٿي آيا ۽ ماتم ٿي ڪيائون، اُهي هاڻي خوشيءَ ۾ نٽي ماپيا جن تازو پنهنجي بادشاهه جي ڪفن دفن ۾ حصو ورتو هو. بعد ۾ قسطنطنيه ۾ هڪ خبر ڇپي ته ان پاڳن پري رات ۾ جڏهن اٽيلا

مري چڪو هو ته ساڳي رات مرسيَن خواب ۾ ڏٺو هو ته اٽيلا جي تيرڪمان پڇي ٽڪرا ٽڪرا ٿي وئي هئي جنهن مان اهو ٻ ثابت ٿي ٿيو ته روم جي شهنشاهه شايد ئي ڪڏهن ان خطرناڪ بربر جو تصور اڪين اڳيان هٽايو هوندو.(69)

هِن انقلاب، جنهن هُنن (Huns) جي شهنشاهت کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو هو، اٽيلا جي نالي کي، بهرحال زنده ڪري ڇڏيو هو ڇو ته اها سندس ئي ذهن جي بردباري هئي جنهن هن جي شهنشاهت جي پڳل ٽڪرن کي گڏ ڪري، جوڙي ۽ سنواري هلايو هو. سندس مرڻ کان پوءِ جيڪي بهادر سپهه سالار هيا اُنهن بادشاهه بنجڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيڪي وڌيڪ طاقتور بادشاهه هيا اُنهن هُنن جي برتري کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اٽيلا جا جيڪي بيشمار پٽ هيا، جن کي ڪوڙ سارين مائرن ڇٽيو هو ۽ جيڪي سيئي اٽيلا جون زالون هيون، اُهي پاڻ ۾ ورهائجي ويا ۽ هڪ ٻئي سان ملڪيت توڙي اقتدار جي مسئلن تي جهيڙن جهٽن ۾ جُنبي ويا. اُهو اقتدار جيڪو جرمني ۽ سيٽيا جي قومن جو امتيازي نشان هوندو هو. دلير آردبُرڪ ڪدورتن ۽ هڪ ٻئي خلاف ورهائجي وڃڻ جي فضا کي محسوس ڪيو ۽ سندس رعيت جا ماڻهو گيپيڊي، آسٽروگاٿن سان ٽڪريل هيا ۽ هيءَ مخالفت ٽن بهادر پائرن جي وچ ۾ هئي، هنن پنهنجن اتحادين کي همٿايو ته اُهي سندن ساٿ ڏين ۽ آزادي توڙي خانداني وقار کي واپس ورائڻ لاءِ هڪ ٿي وڃن. پنونيا ۾ نيتاد ندي‌ءَ جي ڪنارن تي هڪ خوني جنگ لڳي جنهن ۾ گيپيڊي جا نيزا، گاٿن جون تراريون، هنن جا تِيرَ، سووِي جي پيادل فوج، هيرولي جا هٿيار ۽ الاني وارن جو ڳرو مارڪندڙ اسلحو استعمال ٿيو، هن جنگ ۾ ٻئي ڏريون يا ته هڪ ٻئي جي سامهون ٿي وڙهيون يا وري هڪ ٻئي جي مدد ڪيائون جنهن ۾ آردبُرڪ کي سوپ حاصل ٿي ۽ سندس دشمنن جا ٽيهه هزار ماڻهو مري ويا. اٽيلا جو وڏو پٽ اِلئڪ ٻ نيتاد جي جنگ ۾ مارجي ويو جنهن جي اڳين بهادري کيس اڪٽزائرس جو تاج ڏياريو هو، جيڪي سيٽيا جا ماڻهو هيا جن کي هن پنهنجي طابع بنايو هو ۽ سندس پيءُ، جيڪو مٿاهين لياقت ۽ قابليت جي هميشه همت افزائي ڪندو هو، شايد اِلئڪ جي موت تي ريس ڪري ها.(70) سندس پاءُ ڊينگش جنهن سان پڻ هُنن جي فوج گڏ هئي، پندرهن سالن تائين دنيوب جي ڪنارن تي پنهنجي ويڑهه ۽ تباهين کي پوري طاقت سان جاري رکيون ٿي آيو. ڊئسيا جي اڳوٽي ملڪ ۾ اٽيلا جو محلات، ڪاريٽين جي جبلن کان ايگزين سمنڊ تائين- اقتدار جي طاقت جو مرڪز بڻجي ويو جنهن جي واڳ هاڻي آردبُرڪ جي حوالي هئي جيڪو گيپيڊي وارن جو بادشاهه هو. پنونيا جون سوپون، جن جو دائرو وئينا کان سرميم تائين هيو، آسٽروگاٿن جي قبضي ۾ هليون ويون هيون، ۽ ٻين قبيلن جي آبادڪاريءَ جو سلسلو جن وڏي بهادريءَ سان پنهنجي ابن ڏاڏن جي آزادي جي جذبي کي زنده رکيو هو، مختلف گروهن ۾ ورهائجي ڇڙوڇڙ ٿي ويو ۽ هر گروهه پنهنجي پنهنجي طاقت ۽ وسعت آهر قائم هو. ڊينگش، جيڪو پنهنجي پيءُ جي بيشمار غلامن سان وڪوڙيل هيو، جنهن جي بادشاهت فقط سندس گاڏين جي هڪ دائري تائين محدود هئي، تنهنڪري هن اُتاولي انداز سان اُبهرائي ڪندي اوپر جي شهنشاهت تي حملو ڪري ڏنو پر هو جنگ ۾ مارجي ويو ۽ سندس سِرَ کي بيعزتي واري انداز سان هڪ نمائش* ۾ رکي مٿس ٺٺوليون ڪيون ويون ۽ هن شڪست تي قسطنطنيه جي ماڻهن خوشيون ۽ شڪرانا بجا آندا. پنهنجي زندگي ۾ اٽيلا، وڏي چاهه يا شايد وهمن وسوسن ذريعي، سمجهيو هو ۽ ڪيس يقين هو ته سندس ننڍي ۾ ننڍو پٽ اِرنئڪ، سندس قوم جي شان شوڪت کي قائم رکندو. هن شهزادي جو ڪردار ڪافي بهتر هو ۽ هن ڪوشش ڪئي ته جيڪا اُبهرائي سندس

پاءُ ڊينگش ڪئي هئي، ان کي اعتدال ۾ آندو وڃي، تنهنڪري هر طبقي اهو سوچيو ته هڪڙو هُو ئي هيو جيڪو شايد هُنن (Huns) جي ڪرندڙ ۽ زوال پذير بادشاهت کي سنڀالي ۽ سهارو ڏئي سگهي ۽ ارنڪ هاڻي پنهنجن بيشمار ساٿين سميت ننڍي سيٽيا ۾ پنهنجا ديرا وڃي جمايا. پر سندن اثر ۽ طاقت کي نوَن بربرن جي هڪ ٽولي ختم ڪري ڇڏيو جيڪي پڻ ساڳين رستن کان سندن حدن ۾ داخل ٿيا جيڪي رستا گهٽو اڳ سندن ئي ابن ڏاڏن اختيار ڪيا هيا. جُوگن يا ايورس، جن جي رهائش گاهن کي يوناني ليڪڪن سمنڊ جا ڪنارا ٻڌايو آهي، پر وارن قبيلن کي ڏِڪي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو*، تيستائين وري اتر جا اِگورس جيڪي سائبيريا جي يَخ ٿڌن ۽ پشم پيدا ڪندڙ علائقن کان اچي بيابان جي هر طرف پکڙجي ويا. ايتري تائين جو هُو برسٽينس* ۽ ڪئسپين سمنڊ جي ڪنارن تائين پهچي ويا ۽ آخرڪار هُو هُنن (Huns) جي شهنشاهت جي ٽمڪندڙ لاٽ کي وِسائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.(71)

هي اهم واقعو شايد اوير جي شهنشاهت جي بچاءَ ۽ استحڪام جو سبب بڻجي ڇو ته حڪومت جي واڳ هڪ اهڙي شهزادي جي هٿ ۾ هئي جيڪو اعتدال پسند ۽ دوستي رکندڙ هيو ته ساڳئي وقت هن بربرن جي حقن کي به ختم ڪرڻ جي ڪوشش هرگز نه ڪئي. پر اولهه جي شهنشاهه، ڪمزور ۽ بدڪار وئلينٽينين، جيڪو عمر جي لحاظ سان ته پنجٽيهن سالن جو ٿيو هو پر عقل ۽ بهادري جي منجهس بوءِ ئي ڪانه هئي، بچاءَ ۽ حفاظت جي ماحول کي برباد ڪيو ۽ اميرزادي ايٽيَس کي قتل ڪرائي پنهنجي ئي تاج ۽ تخت جي بنيادن کي سخت ڪمزور ڪري ڇڏيائين. هڪ ڪِريل ذهن ۽ حاسد طبيعت سبب هو اُن ماڻهوءَ کان نفرت ڪندو هو جنهن جي هر جاءِ ۽ هر جڳهه تي شهرت فقط هن ڪري هئي ته وحشي بربر به ڪانئس ڊڄندا هيا ۽ اُهوئي شخص جمهوريه جي لاءِ وڏو آٽت ۽ آسرو هو، ۽ سندس نئون لاڏلو هڪ ڪڏڻ هيراڪليَس هو جنهن شهنشاهه کي سندس سُستي ۽ نِڌالائپ مان جهنجهوڙي جاڳايو جنهن کي شايد پلاسيديا(72) جي زندگيءَ ۾ مِٽي مائٽي جي رشتي جي پردن ۾ لڪايو ويو هو. شهرت، دولت ۽ شان شوڪت سان گڏ، بيشمار بربر ويڙهاڪن ۽ سندس طاقتور ساٿين جي اڳواڻيءَ سبب ايٽيَس جو رُتبو سندس رعيت جي ٻين سڀني ماڻهن کان گهٽو مٿاهون ۽ مانَ وارو هيو. انهيءَ سان گڏ سندس پُٽ گاڊينٽيَس به سندس اُميدن جو مرڪز هيو جيڪو شهنشاهه جي ڏيءُ يوڊوڪسيا سان لاڳاپيل هيو. سندس مستقبل جي ارادن، جن جو متس ڳجهو الزام به هيو، وئلينٽينين جي دل ۾ خوف ۽ ناراضگي پيدا ڪري ڇڏي. ايٽيَس خود، جنهن کي سندس اهليت سندس خدمتن ۽ شايد سندس معصوميت جي پٽيرائي حاصل هئي، ضدي ۽ اٿوٽندڙ ڪردار ادا ڪرڻ لڳو. هن اميرزادي پنهنجي حاڪم کي هڪ دشمني واري اعلان ڪرڻ سان ناراض ڪري ڇڏيو، هن سندس ناراضگيءَ جي زخمن تي ويتر لوڻ پُرڪيو جڏهن هن ڪيس مجبور ڪيو ته صلح، امن ۽ اتحاد جي معاهدي کي قسم ساکَ تي قبول ڪري؛ هن حاڪم شڪن شبهن کي وڌايو، هن سندس حفاظت ڪرڻ ۾ غفلت ڪئي ۽ ڪيس هڪ اجايو اعتماد هو ته دشمن، جنهن کان هو نفرت ڪندو هو، سندن ڪجهه به بگاڙي نه سگهندو، هن روم جي محلات ۾ وڃڻ جي جرئت ڪري ڇڏي. جيئن ته هو پنهنجي بي لغام ڪاوڙ ۽ بيصبري واري انداز ۾ پنهنجي پٽ جي شادي تي زور پري رهيو هو، وئلينٽينيَن پنهنجي ترار ميان مان ڪڍي، ۽ هي پهريون موقعو هو جو هن پنهنجي سڄي ڄمار ۾ اهڙي ڪاوڙ مان ترار ڪڍي هئي، ۽ اُن جنرل جي سيني ۾ وهائي ڇڏيائين جنهن سندس شهنشاهت کي بچايو هو؛ سندس درٻارين ۽ ڪدڙن به پنهنجي مالڪ جي ڪنيل قدم جي پوئواري ڪندي ايٽيَس مٿان تراريون وهايون ۽ ڪيس هڪ سو جي لڳ ڀڳ زخم رسيا، ۽ هو شهنشاهه جي موجودگيءَ

ڀر يَڻ تي ڪري پيو ۽ ٽڏي تي مري ويو. بوٽيَس جيڪو شاهي محل جو مُنهندار هيو ان کي به هڪدم قتل ڪيو ويو ۽ هن واقعي جي ڪنهن به امڪاني ردعمل کي روڪڻ لاءِ، اميرزادي ايٽيَس جي سيني دوستن کي محلات ۾ گهرائي کين قتل ڪرايو ويو. هن مذمت لائق ۽ دل ڏارينڌڙ واقعي جا تفصيل جنهن کي لکائڻ لاءِ هنن ان کي 'ضرورت ۽ انصاف' جهڙا شاندار نالا ڏنا، هڪدم شهنشاهه جي فوجين رعيت جي ماڻهن ۽ سندن اتحادين تائين خود شهنشاهه طرفان پهچايا ويا. اُهي قومون، جيڪي ايٽيَس کي جاڻنديون سجاڻنديون به نه هيون يا وري سندس دشمن هيون، ايٽيَس جي ڏکوئيندڙ موت تي رت رُنيون ۽ بربر جيڪي هن عظيم سپوت جي خدمت ۾ رهيا هيا، اُنهن به پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ سندس غم ۾ ڳوڙها ڳاڙيا ۽ وٽليٽينيَن لاءِ جيڪا ماڻهن جي دلين ۾ ٻُڃان ۽ بد دلي ڇانيل هئي، اُها سندس لاءِ ڪليل ۽ عالمي نفرت ۽ ڏڪار ۾ تبديل ٿي وئي. اهڙا ڏکوئيندڙ واقعا شايد ئي ڪڏهن محل جي ديوارن کان ٻاهر لِيئو پائيندا آهن، پر شهنشاهه هن موقعي تي ان وقت وائڙو ۽ پريشان ٿي ويو جڏهن روم جي رعيت جي هڪ ماڻهو شهنشاهه جي اوڏو ايندي کيس چيو: 'سائين! مون کي اوهان جي ارادن يا نيت جي ڪابه خبر ڪانهي، پر مان ايترو چوڻ جي جرئت ضرور ڪريان ٿو ته اوهان ان نادان ماڻهوءَ جهڙو ڪم ڪيو آهي جيڪو پنهنجي ساڃي‌هٿ سان پنهنجو ڪاهو هٿ ڪٽي ڇڏي.'(73)

روم جي آسائش ۽ عياشيءَ سبب وٽليٽينين اُتي اڪثر پيو ايندو ويندو هو ۽ هن لاءِ سندس حڪومت جي سيني شهرن کان نفرت به روم ۾ وڌيڪ چوٽ ڇڻهيل هئي. آهستي آهستي سينيٽ ۾ جمهوريت جي روح کي ٻيهر زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ڇاڪاڻ ته سندن اختيار توڙي همت افزائيءَ جي هڪ ڪمزور حڪومت کي سخت ضرورت هئي. موروثي شهنشاهه جي غرور واري ورتاءَ رعيت جي ماڻهن کي دل ئي دل ۾ رنجيدو ڪري ڇڏيو هو ۽ وٽليٽينين جون عياشيون، خانداني ماڻهن جي ڪُٽنبن جي برداشت کان ٻاهر هيون. شهزادي يوڊوڪسيا جو جمڻ به اهڙوئي هو جهڙو خود شهنشاهه جو، سندس ڪشش ڪندڙ شڪل توڙي سندس نازڪپڻي لاءِ سچي پيار جي ضرورت هئي پر اهڙي رشتي کي سندس عجيب مزاج مڙس اجائي ۽ غير قانوني عاشقي ۽ پيار۾ ضايع ڪري ڇڏيو هو. پيٽرونيَس مئڪسيمَس جيڪو ائينسيَن جي خاندان جو هڪ دولتمند شخص هو ۽ جيڪو به دفعا سفارتي عهدن تي پڻ رهيو هو، پنهنجي خوبصورت ۽ نيڪ زال سان بيحد پيار ڪندو هو پر سندس ضدي ۽ اٽل طبيعت وٽليٽينين جي خواهشن کي جڙ چيڙائي ڇڏيو ۽ هن به اٽل ارادو ڪيو ته هو ڪنهن سازش يا حرفت بازي يا وري طاقت جي زور تي پنهنجي خواهش ضرور پوري ڪندو. شاهي محل ۾ جُوا کيڏڻ هڪ دلچسپ مشغلو هوندو هو ۽ شهنشاهه جنهن اتفاقي طور يا وري جاڻي واڻي، مئڪسيمَس کان گهٽا پئسا کٽي ويو هو، هُن سندس مُنڊي قرض طور پاڻ وٽ رکي ڇڏي ۽ ان کي هڪ پيغام ڏينڌڙ هٿان پنهنجي زال ڏي موڪلي ڏنو، ۽ کيس پنهنجي نالي ۾ حڪم ڏياري موڪليو ته هوءَ هڪدم شهزادي يوڊوڪسيا وٽ پهچي وڃي. مئڪسيمَس جي معصوم ۽ ڪنهن تي شڪ نه ڪندڙ زال کي سندس ڪٽ تي ڪٽي شاهي محل ۾ پهچايو ويو، سندس عاشق جي خدمتگارن کيس ان ڪمري ۽ بستري تي وڃي سمهاريو جيڪو محلات جي اڪيلي ۽ خاموش ڪُنڊ ۾ هيو ۽ وٽليٽينين بغير ڪنهن شرمساري يا پڇتاءَ جي مئڪسيمَس جي زال سان زيادتي ڪري ان کي بيعزتو ڪري ڇڏيو. جڏهن هو واپس گهر موٽي وئي ته سندس مُنهن تي ڳوڙهن جون قطارون هيون ۽ هوءَ وڏي اذيت ۾ مبتلا ٿي وئي هئي، ۽ هن پنهنجي مڙس تي وڏي لعنت ملامت ڪئي جنهن کي هن شهنشاهه جو ساٿاري ۽ پنهنجي

شرمساري جو ڏوهاري سمجهيو. مئڪسيمس خود بيحد شرمسار هو ۽ هُن بدلي وٺڻ جو عزم ڪري ورتو، پر هن انتقام جي لباس ۾ سندس هڪ خواهش به لِڪل هئي ۽ اُها هيءَ ته هو روم جي سينيٽ جي عام ووٽن ذريعي هڪ اهڙي شهنشاهه جي تخت تي ويهي سگهيو ٿي جنهن کان ماڻهو بيزار ۽ سخت نفرت ڪندا هيا. وٽليٽينين، جيڪو ايئن سمجهندو هو ته هر ماڻهوءَ جي سيني ۾، هُن وانگر، دل نه ٿي ڏڙڪي يا ان ۾ يا دوستي ۽ احسانمنديءَ جا جذبا نه آهن، ناداني ڪندي پنهنجن چوڪيدارن ۽ محافظن ۾ ڪيترا مقامي ماڻهو به پرتي ڪيا هيا جيڪي ايٽيَس جا نوازيل ۽ سندس وفادار هيا. بربر قوم جي بن محافظن تي هڪ عزت پريو ڪارنامو سرانجام ڪرڻ جو بار رکيو ويو ته هو سندن محسن ۽ اميرزادي ايٽيس جي قاتل کي ماري ان جو بدلو وٺن. بس هوڏانهن اکر اُکلڻ جي دير هئي ۽ محافظ ته جڙ اڳي ئي تيار وينا هيا. جڏهن ته وٽليٽينين جنگي ديوتا جي اردگرد وِندر وِرونهن ۾ مشغول هو، اُهي ٻئي بربر هٿيارن سان وجي مٽس ڪڙڪيا، ڪدڙي هيراڪليَس کي ڌِڪي ٻاهر ڪيو ويو، ۽ شهنشاهه کي دل جي مٽان زخمن تي زخم رسائيندا ويا ۽ شهنشاهه جي چوڪيدارن يا ٻين خدمتگارن جي وڏي هجوم منجهان ڪوبه ڪيس بچائڻ لاءِ اڳتي نه وڌيو، بلڪ ايئن محسوس ٿي رهيو هو ته هن ظالم ۽ آمر شهنشاهه جي اهڙي موت تي جڙ سيڀيئي خوش ٿي رهيا هيا. وٽليٽينين- ٽئين(74) جو انت اهڙيءَ طرح آيو جيڪو ٽوڊوسيَس جي خاندان جو آخري رومي شهنشاهه هيو. هن پنهنجي سوٽ* ۽ ٻن چاچن* جي موروثي ڪمزورين جي ته پوريءَ طرح پوئوراي ڪئي، پر اُنهن جي چگاين، نيڪين، سچاين ۽ معصوميت جي ويجهو به نه ويو جن ذريعي انسان جي ڪردار ۽ روح کي تازگي ملي ٿي. وٽليٽينين معاف ڪرڻ جهڙو هرگز نه هيو چو ته منجهس امنگون ته هيون پر سندس اخلاق عادتون بگڙيل هيون، سندس مذهب تي به ماڻهن کي شڪ شبهه هيا توڙي جو هو مرتد ڪڏهن به نه ٿيو هيو پر هن نيڪ عيسائين کي مذهب جي نالي ۾ بدنام ڪيو هو ۽ جادوگري ۽ اڳڪٿين جهڙن ڪُڌن ۽ غير مذهبي ڪمن ۾ پڻ گهٽو اڳتي وڌي ويو هو.

گهٽو وقت اڳي سِسرو ۽ وئرو جي زماني ۾ روم جي اڳڪٿي جي علمي ماهرن جو اهو خيال هو ته رومُولَس جيڪي ٻارهن ڳجهون ڏنيون هيون اُهي دراصل ٻارهن صديون هيون جيڪي هن جي شهر جي موتمار دؤر سان لاڳاپيل هيون.(75) ماڻهو جڏهن سڪيا ستابا ۽ صاحتمند هيا ته اُنهن هن پيشنگوئيءَ کي اهميت ڪانه ڏني پر جڏهن ٻارهين صدي جيڪا ماڻهن جي بدبختين ۽ ڏکن ڏولاوَن ۾ گذري هئي(76) انهيءَ عام ماڻهن ۾ غَم ۽ بيچيني جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي ۽ ايندڙ نسل جا ماڻهو به پلي اها ڳالهه حيرت ۽ تعجب مان ياد ڪري ڇڏين ته هڪ اتفاقي يا افسانوي واقعي کي به ڪيئن نه اولهه جي شهنشاهت جي زوال سان ملايو ويو هو. پر ان جي زوال جو اعلان گِبَهُن جي اُڏام جي بجاءِ هڪ صاف ۽ سڌي وهم وسوسي ذريعي ڪيو ويو هو، ۽ روم جي حڪومت ماڻي دشمن خلاف گهڻ خطرناڪ پر پنهنجي رعيت جي ماڻهن لاءِ وڌيڪ نفرت جوڳي ۽ آزاريندڙ ٿيندي وئي.(77) ماڻهو اڳي ئي تڪليفن ۾ هُيا ويتر ٽئڪسن جو بار مٽن رکيو ويو، اقتصادي حالتون ابتريءَ طرف وڌنديون رهيون جن تي ڪوبه توجهه نه ڏنو ويو، ۽ شاهوڪار ۽ دولتمند ماڻهن ناانصافيءَ جي روين سان غريبن ۽ مسڪينن کي ويتر مجبور ۽ لاچار بنائي ڇڏيو هو جن سان هو ڏوڪو ڪري کين ڪُوڙا آسرا ڏئي پنهنجي طلب لاءِ استعمال ڪندا هيا ته اڳتي هلي سندن ڏُک درد دور ٿي ويندا. رعيت کان مختلف معاملن تي سخت پڇاڳاڇا ٿيندي

هئي جنهن جي نتيجي ۾ کين اڌيتون ڏنيون ويندیون هيون ۽ سندن مال ملکيت کي ضبط ڪيو ويندو هو؛ نيٺ عام ماڻهو مجبور ٿي پنهنجا ٽاڪ ٽاٽا ڇڏيندا رهيا ۽ پنهنجن جي اهڙي ظلم جي حڪومت جي مقابلي ۾ هنن بربرن جي ڏاڍ ڏمر کي وڌيڪ اهميت ڏني تنهنڪري اُهي جهنگلن ۽ جبلن ۾ هليا ويا جتي اُنهن بربرن جي گهٽ درجي وارن خسيس نوڪرن جي حيثيت ۾ پنهنجا ڏکيا ڏينهن گذارڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني. هاڻي پاڻ کي 'روم جي شهري' سڏرائڻ ٿي کين نه رڳو شرم بلڪ ٻُڃان ۽ نفرت ايندي هئي، جڏهن ته اڳ سڄي انسانذات روم جي نالي کي فخر ۽ وڏائيءَ جو اهڃاڻ سمجهندي هئي. گال جا ڪيترائي صوبا ۽ اسپين جا گهٽا حصا، بگائبي جي اتحاد ذريعي ننڍا ننڍا آزاد ملڪ ٻڌجي وڪري ۽ بيگانگيءَ جي ور چڙهي ويا ۽ شاهي وزيرن فوج ۾ زوريءَ پرتي ڪرڻ ۽ هٿيار کڻڻ جا ناڪام ۽ اجايا قانون ناهيا جن جي خلاف رعيت جا ماڻهو بغاوت برپا ڪرڻ ٿي مجبور ٿي پيا.(78) ماڻهن جي بغاوت ۽ انتظامي خرابيءَ جي صورتحال هاڻي اها هئي ته جيڪڏهن بربرن جي سيني فاتحن ۽ حاڪمن کي ساڳئي وقت ۾ ختم ڪري ۽ سندن 'هئڻ ۽ هستي' کي به مٽايو وڃي ها تڏهن به اولهه جي شهنشاهت کي مڪمل تباهيءَ کان ڪوبه بچائي نه سگهي ها؛ ۽ جيڪڏهن روم اڄا تائين زنده هيو ته سندس زندگي اهڙي هئي جنهن ۾ آزادي، اخلاق، ڪردار ۽ وقار جو نالو نشان ئي ڪونه هو.

باب پنجٽيهون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) ڏسو پرسڪس. صفحا 72، 39.

(2) سڪندريہ يا پاسچل جا تاريخوار واقعا جن ۾ ٿوڊوسيَس جي زندگي ۽ ڏنل هڪ غرور وارو پيغام شامل آهي، ان ۾ شايد تاريخ جي اڳڪٿي ڪئي وئي هجي پر موجُو تاريخدان ان قابل هيوئي ڪونہ تہ انڪيلا جي اصلي ۽ هوبهو روپ کي بيان ڪري سگهي.

(3) فرانس جي حاڪمن جي تنقيدي تاريخ جو ٻيو ڪتاب (424-189، i) گال جي ان وقت جي حالت بابت ڪافي ڪجهہ ٻڌائي ٿو جڏهن انڪيلا ان تي حملو ڪيو هو، پر ذهين مصنف توڙي ابي ڊُوبوز پڻ حڪومتي سرشتي بابت فقط اندازا لڳائن تا.

(4) وڪٽروٽينسِس (پرسيڪيوٽ وئنڊل، 8،6،1 جنهن کي رئنارٽ ايڊٽ ڪيو) هن جي لاءِ هيئن ٿو چوي: "صلاح ڏيڻ ۾ چالاڪ هوشيار ۽ جنگ ۾ سَگهارو" پر جڏهن بدقسمتي کيس وکوڙي ويئي تہ هن جي بهادريءَ کي اُبهرائي ڪوني ان جي منمت ڪئي وئي ۽ سيباستيَن کي وري 'بيپرواهہ يا لا ابالي' جو لقب مليو. (سِدان. اپولينئِرس کارمين ix،181) سندس مُهم جويون جيڪي هن قسطنطنيہ سِسلي، اٽلي، گال، اسپين ۽ آفريڪا ۾ ڪيون، اُهي مرسيلينُس ۽ اِدئنَيَس جي تاريخوار واقعن ۾ اَٺ چٽي نموني بيان ڪيل آهن. هو تڪليف جي حالت ۾ پنهنجن ڪيترن ئي ساٿين سان گڏ هوندو هو چو تہ منجهس ايجا بہ سگهہ هئي تہ هو هيليپانٽ، پروپونٽِس ۽ بارسيلونا جي علائقن کي هٽ ڪري ٽي سگهيو.

(5) (هُو جڏ جائوئي رومي جمهوريہ جي پلائيءَ لاءِ هو جنهن مغرور سُوِي قبيلي ۽ فرئنڪ بربرن کي مجبور ڪيو هو تہ پنهنجي رَت جي قرباني ڏئي بہ جمهوريہ جي لاءِ وڏي پئماني تي خدمتون ڪن.) جارنيندييس- ڊي- روبُس گيٽيسِز. 660، 34.

(6) هيءَ تصوير رنئُس پروفيوچرَس فرجيريڊس جي ڇٽيل آهي جيڪو انهن جو همعصر تاريخدان هو پر ڪيس فقط چند اقتباسن ذريعي سجاتو وجي ٿو جن کي ٿورس جي گريگري پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. (163، ii، 8، ii) رنئُس تي اهو لازم هو تہ اينَيَس جي ڪردار کي ڪجهہ وڌائي ۽ وڏو ڪري پيش ڪري ها، پر جيڪڏهن هو پنهنجي بيمار تي زور نہ ڀري ها جنهن کي هن بخشي ڇڏيو هو تہ پوءِ پنهنجي بيان ۾ هو وڌيڪ هوشياري ڏيکاري ها.

(*) (رگيلاز- ڏسو باب 34)

(7) سفارتخاني ۾ مُنهندار رومُولس، پروموئس، ناريڪر جو صدر ۽ فوج جو حاڪر رومئس موجود هيا. اُنهن سان گڏ ٽئٽلس بہ گڏ هو جيڪو ساڳئي صوبي جي شهر پيٽوويو جو شهري هو ۽ اوريسٽِس جو پيءُ هو، جنهن منهندار رومولس جي ڏيءُ سان شادي ڪئي هئي. (ڏسو پرسڪس- صفحا- 65، 57) ۽ ڪئسيوڊورس، (4، i) وري ٻي سفارتخاني جو ڏس ٿو ڏئي جيڪو

هن جي پيءُ جي لاڳاپن سان قائم ٿيو هيو جنهن ۾ ايٽيَس جو پٽ ڪارپيليو به شامل هو، ۽ جيئن ته هاڻي اٽيلا موجود ڪونه هو ته هُو هن جي غير موجودگيءَ ۾ پنهنجي بهادريءَ بابت ٻاڙون هڻي ٿي سگهيو.

(8) 'وئلينس جي برباد ٻهراڙي جي علاقي کي الاني جي حصي ۾ ڏنو وي هو.' پراسپر ٽرانسِس، واقعا جيڪي فرانس جي تاريخ ۾ لکيل آهن (639، i) پراسپر وڌيڪ ٻڌائي ٿو ته اُتر- اولهه گال جي الاني قبيلي جي ماڻهن کي زمينون پٽ ڏنيون ويون هيون. ڊُوبوز جيڪي درستيون ڪيون آهن (300، i) اُنهن کي بيان ڪرڻ کان سواءِ، بن ڪالونين يا الاني جي فوجي چوڪي جي موجودگي سندس دليلن جي تصديق ۽ سندس اعتراضن کي دؤر ڪندي.

(9) ڏسو پراسپر ٽيرونس- ص- 639، سڊونيَس (مدح سرائي ائدِٽ- 246) آورن جي نالي ۾ شڪايت ٿو ڪري جيڪو سندس اباڻو ملڪ هو. 'برٽني منجهان تيزيءَ مان گذرندي مغرور لٽوريَس سيٽيا جي گهوڙيسوارن کي گاٽن خلاف هدايتون ڏنيون. آورن جي سڃي علاقي ۾ هنن کي جيڪا شئي نظر آئي ان کي برباد ڪيو ويو، هو هر طرف وحشين وانگر پڇندا ڦُڪندا رهيا، حملا ڪندا، باهيون لڳائيندا ماڻهن کي قتل ڪندا ۽ ڦرلٽ ڪندا رهيا ۽ هي سيڪجهه امن جي نالي ۾ ڪيو پئي ويو.' هڪ ٻي شاعر پيريگورِ جي پالينَس، متين شڪايت جي تصديق ڪئي آهي: 'ان اتحادي يا دوست کي برداشت ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي جيڪو دشمن کان به وڌيڪ سخت هجي.' ڏسو ڊوبوز (i،330).

(10) ٽوڊورڪ- II، ٽوڊورڪ ا جو پٽ. اوينَس کي پنهنجي عزم جي باري ۾ ٻڌائي ٿو ته هو پنهنجي ڏاڏي جي ڪيل غلطين جو ڪفارو ادا ڪندو (سڊان، مدح سرائي، اوينَس 505)

'اسان جي ڏاڏي جو هڪڙوئي گناهه آهي اُهوئي متس ڪارو داغ آهي- روم جي فتح.'

هن نموني جو ڪردار، جيڪو فقط عظيم آلارِڪ کي سونهين ٿو، ساڳئي وقت گاٽن جي بادشاهن جي نسل بابت به ڪافي ڪجهه ٻڌائي ٿو جنهن لاءِ هن وقت تائين ماڻهن کي ايتري ڇاڙ نه رهي آهي.

(11) سَپائڊِي جو نالو، جيڪو سئواءِ جو اصل آهي، سپ ڪان پهريون اميئيَس مارسيليَس ورتو هو ۽ به فوجي هنڌ نوٽيٽيا ۾ بيان ڪيا آهن جيڪي ان صوبي جي حدن اندر آهن. ڊافين ۾ گرينوبل وٽ سپاهين جي هڪ جٿي کي مقرر ڪيو ويو اهي ۽ ايبريڊونر يا آئرورڊن جهازن جي هڪ آرماڙ جي حفاظت ڪئي هئي، جنهن وري نوف چٽَل جي ڊنڊ تي پٽ پهرو ٽي ڏنو. (ڏسو وئليسيَس، نوٽيٽيا، گئلئريَم- ص- 503)، (ڊي- ائنڊِل- قديم گال- صفحا- 579، 284).

(12) سئلويَن، ڏٺي تعاليٰ يا حقيقي معبود جي اخلاقي حڪمت کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، هڪ اهڙو ڪم جنهن کي اندازن ذريعي آساني‌ءَ سان سمجهائي سگهجي ٿو يعني جيڪي مصيبتون گندن ۽ ذليل ماڻهن تي اچن ٽيون ته اُهي جڏ هُن جا فيصلا آهن ۽ جيڪي مصيبتون چڱن ۽ نيڪ ماڻهن تي اچن ٽيون، اُهي جڏ هُن طرفان آزمائشون آهن.

(13) مدح سرائي- آئويَس- 300 وغيره. سڊونيَس پوءِ مدح سرائي ڪندڙ جي طريقي جيان اڳتي وڌي ٿو ۽ جيڪي به چڱايون ايٽيَس جون هيون اُنهن کي پنهنجي وزير ائويَس ڏانهن منتقل ڪري ٿو ڇڏي.

(14) ٽوڊورڪ- II، ائوينس جي نالي ۾ پنهنجي استاد جي ڪردار کي ساراهي ٿو. (سڊان- مدح سرائي- ائوينس 495 وغيره)

(15) ٽوڊورڪ- I، جي حڪومت بابت اسان کي جن معلومات ڏني آهي اُنهن مان جارنينڊيس (ڊي رُوبُس گيٽسِس باب- 36-34) ۽ ايٽيَس جا تاريخوار واقعا شامل آهن ۽ انهن سان گڏوگڏ ۾ پراسپر ۾ آهن جن جو ذڪر 'فرانس جا تاريخدان' ۾ آيل آهي (640-612، I) هنن ۾ اسان سئلويَن جو اضافو ڪري سگهون ٿا (36، vii) ۽ ائوينس جي مدح سرائي، جيڪا سڊونيَس لکي آهي، ۾ شامل ڪري سگهجي ٿي.

(16) 'اُنهن وڏا وار رکندڙ بادشاهن کي متن مقرر ڪيو، جيڪي پهريون کان ئي نازل ٿيل هيا ڇڙ تہ اُهي پنهنجن ڪٽنبن ۾ وڌيڪ معتبر هيا.' (گريگري، ٽورن- فرانس جي تاريخ جو ٻيو جُلد- 166، 9، ii) گريگري خود تہ ميروونجيَن جو نالو نٿو ٻڌائي جنهن کي شايد ستين صدي جي شروعات ۾ ڪٽي ڪُولي سگهجي ٿو جيڪو شاهي خاندان لاءِ نمايان لقب هو تہ فرانس جي حاڪمن لاءِ پڻ موزون هو. هڪ جاکوڙي نقاد ميرو وِنجيَنس جي نالي کي ماروبوديوس (مرڪماني قبيلي جو سردار، جيڪو وري سُووِي قبيلي سان آگسٽس جي دؤر ۾ لاڳاپيل هو) مان وجي ڪڍيو آهي ۽ هن صاف طرح سان ثابت ڪيو آهي تہ جنهن شهنشاهہ پنهنجو نالو ڪنهن پهرين قوم کي ڏنو هو اُها چائلڊبيرڪ جي پيءُ (ڪلووس جو پيءُ ۽ فرئنڪن جو بادشاهہ- 511-481) کان تمام گهٽي قديم هئي. (ڏسو نقش و نگار جي اڪئڊمي 587-557، xxx، 90-52، xx)

(17) جرمني وارن جي هن رواج کي، جنهن جي سلسلي کي ٽئينس کان ٽورس جي گريگري تائين ڳنڍي سگهجي ٿو، آخرڪار قسطنطنيه جي شهنشاهن پڻ اختيار ڪيو. ڏهين صدي جي هڪ عورت کان مانتفاڪن ساڳي تقريب جو هڪ نقشو ڇڻيو آهي جنهن کي ان دؤر جي جهالت دائود (ڊئوِڊ) بادشاهہ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. (ڏسو فرانس جي حاڪمن جا يادگار ٽام-I ۽ شروعاتي ڳالهيون)

(18) فرانس جي تاريخ جي ٽئين جلد جو مقدمو ڏسو ۽ ابي لابوف کي پڻ ڏسجي (مضمون- 79-47، iii) ميرو وِنجيَنس جي هن خاص اسلوب کي مقامي توڙي ٻاهرين ماڻهن ۾ بيان ڪيو آهي. ساڳي وقت پرسڪس (i،608) اگاٿياز (49، ii) ۽ ٽورس جي گريگري 316، 278، 196، 10، viii، 24، vii، 18، ii) پڻ ان کي بيان ڪيو آهي.

(19) قديمي فرئنڪن جي اصل تصوير، شبيهہ، سندن لباس هٿيار ۽ طبيعت کي ڏسو ۽ جاچيو (سڊونيس اپولينئرس- مدح سرائي، ميجورين، 254-238) ۽ هر تصوير توڙي جو نفاست سان نہ ناهي وئي آهي پوءِ ۾ ان جي اصل ۽ نج قدرداني ڪئي وئي آهي. بزرگ ڊئنيئل (فرانس جي ماڻهن جي تاريخ، 7-2، i) هن بيان جي وضاحت ڪئي آهي.

(20) تنقيدي تاريخ ۾ ڊُوبوز 272-271، i) ڪجهہ جاگرافي جي ماهرن ڊسپرگر کي جرمني جي رائين نديءَ طرف ڏيکاريو آهي. هن سلسلي ۾ بينيڊ ڪٽائين ايڊيٽرن جي فرانس جي تاريخدانن ڏانهن ٽيل خط و ڪتابت کي ڏسو.

(*) صوبو.

(21) ڪاربونئريَن جو جهنگ آردينيز جو اُهو وڏو ٻيلو آهي جيڪو ايسڪاٽ ۽ شيلڊ جي وچ تي آهي. ويليسيَس نوٽيٽيا، ص- 126.

(22) ٽورن جوگريگري (167-166، ii، 9، ii) فريجر، ايپيٽوم (395، 9) گيسٽافر (فرئنڪر 5، 544، ii ۾) ۽سينٽ ريمگ، (همڪمار 373، iii ۾)

(23) صحيح هنڌ هڪ شهر يا ڳوٺ هو جنهنکي وائڪس هيلينا چوندا هيا ۽ ٻنهي يعني نالي ۽ هنڌ کي جديد جاگرافي جي ماهرن لينس وٽ ڳولي هٽ ڪيو هو. ويليسيَس نوٽيٽيا، گئليريَم (ص- 246) لانگرو (فرانس جي بيان ۾ 88، ii).

(24) هن عمل جي هڪ فضول تذڪري کي ڏسو سڊونيَس ۾ (وڏي مدح سرائي 230-212) فرانس جي نقادن، جيڪي گال ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪرڻ لاءِ آتا هيا، سڊونيَس جي خاموشيءَ سبب، پنهنجي لاءِ مضبوط دليل جمع ڪيا آهن يعني ڪير ۽ ان ڳالهه ڏانهن اشارو نٿو ڪري ته شڪست کاڌل فرئنڪ مجبور ٿي ٻيهر رائين ندي کي اُڪاريو هو. (دُوبوز- 322، i)

(25) سئلوَين (دي- گبرنيٽ دي، بوڪ- vi) هڪ اجائي ۽ بحث واري انداز ۾ هنن ٽن شهرن جي بدقسمتيءَ بابت لکيو آهي جن جي پَڪ هڪ عالم مئسڪائو اسان کي ڏياري آهي. (قديم جرمني جي ماڻهن جي تاريخ 21، ix)

(26) پرسڪس، مقابلي جي بيان ڪرڻ ۾ ٻن پائرن جو نالو نه ڪنيو آهي، جن مان ٻي نمبر پاءُ کي هن روم ۾ ڏنو هو، هو نوجوان هو ۽ڪيس ڏاڙهي ڪانه هئي ۽ وڏا وار هُئس (فرانس جا تاريخدان 608- 607، i) بينيبڪٽائين ايديٽر ان خيال جا آهن ته اُهي ڪنهن اٽجاتل فرئنڪ بادشاهه جا پٽ آهن جن جي حڪومت نيڪر نديءَ جي ڪنارن تي هئي پر ايم- دي فانسيمين جي دليلن (يادگيريون 464، viii) مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ڪلوڊيَن جي تخت جي جانشينيءَ تي سندس ٻن پٽن سخت اعتراض ڪيو هو، ننڍو پٽ ميروويَس هو جيڪو چائلڊيرڪ جو پيءُ هو.

(27) ميرو وِنجيَنس جي قوم ۾ تخت موروثي آهي پر مئل بادشاهه جا سيئي پٽ پنهنجي پيءُ جي مال، خزانن، ملڪيت ۽ سرحدن ۾ هڪ جيترا حصيدار هوندا آهن. ڏسو ايم- دي- فونسمين جو هڪ مشهور مقالو اڪئڊمي جي يادگيرين جي ڇهين ۽ انين جُلد ۾.

(28) هڪ تمغو اجا تائين موجود آهي جنهن مان آنريا جو وٽندڙ ۽ خوبصورت چهرو نمايان آهي ۽ جنهن تي آگسٽا جو لقب اُڪريل آهي ۽ تمغي جي پٺئين پاسي تي هڪ يادگار لفظ 'ملڪ بچائيندڙ' اُڪريل آهي ۽ ان سان گڏ حضرت عيسيٰ ؑ جي نشاني پڻ آهي. (ڏسو ڊوڪينج، بازنطين صفحا 73، 67).

(29) ڏسو پرسڪس صفحا- 40-39. اهو چوَڻ مناسب ٿو معلوم ٿئي ته جيڪڏهن عورتن کي تخت جو جانشين بڻايو وجي ته وئلينٽينين خود، جنهن ننڍي ٽوڊوسيَس جي ڏي ۽ وارث سان شادي ڪئي هئي، ته اُها پڻ اوپر جي شهنشاهت تي پنهنجو حق جمائي ها.

(30) آنريا جي مهم جوئيءَ کي جارنيندبيس طرفان پوريءَ طرح بيان نه ڪيو ويو آهي. (دي سڪسيوف- باب- 97 ۽ دي ديب گيٽيسز، 674، 42 ۽ پراسپر جي واقعن ۽ مارسيلينس جي بيان ۾ تذڪرو موجود آهي) پر اُهي هڪ ٻئي سان تيستائين مطابقت نه رکندا، جيستائين اسان وقت

۽ هنڌ کي آنريا جي يوجينيَس سان سندس سازش ۽ اٽيلا کي سندس طرفان دعوت ڏيڻ جي وقت ۽ هنڌ جي وقفي کي جدا نہ ڪريون.

(31) سدان، اپولينئرس viii، تحريريون، 246، 15.

(32) مدح سرائي، ائويٽس، 319 وغيره.

(33) هن جنگ بابت انتهائي مستند ۽ صحيح حقيقتن بابت پورو احوال جارنينديس ڏنو آهي (ڊي ريب گيٽيسز 672-662، 41-36) پر هن ڪڏهن ان کي گهڻ ڪري پيش ڪيو اهي ۽ ڪٿي وري هن ڪئسيوڊورس جي وڏي تاريخ کي ويهي نقل ڪيو آهي. جارنينديس بابت هڪ پهاڪي کي ڌهرائڻ ممڪن آهي تہ مناسب نہ لڳي پر ان کي ٿُورس جي گريگري (5-7، 2) وڌيڪ بهتر بنايو آهي ۽ ان جي وضاحت پڻ ڪئي اهي؛ تہ ساڳي وقت ادٻٽيَس ۽ اِسيڊور جي واقعن توڙي بن پراسپرس ۾ پڻ وضاحت ڪئي وئي آهي. سيني قديمي شاهدين کي هڪ جڳهہ تي جمع ڪري ڪتاب 'فرانس جا تاريخدان' ۾ شايع ڪيو ويو آهي، پر پڙهندڙ کي خبردار ڪيو ٿو وڃي تہ ادٻٽيَس جي لکيل واقعن کي خيال سان پڙهي (هي اقتباس فريڊيجئريَس جي ٽڪرن سان ملهل آهن. 462، ii) جن مان اهو امڪان پيدا ٿيو ٿئي تہ پادري گئليسَين جي اصل متن جي ممڪن آهي تہ ترديد ٿئي.

(34) قديمي مثالي ماڻهو يقيني طور تي عزت ۽ احترام جا مستحق آهن ڇو تہ اُهي مجبور ٿي پنهنجن قصن ڪهاڻين کي سندن پنهنجن وقتن جي اصلي تاريخ سان ملائن ٿا. (ڏسو سينٽ لُوپُس ۽ سينٽ انيئيَس، ميٽز جي پادري ۽ سينٽ جينيويو وغيره جون زندگيون 'فرانس جا تاريخدان' ڪتاب ۾ 369، iii، 649، 45-644، i) ڏسي سگهجن ٿيون.

(35) اميرڊي بئات جي شڪ واري بي اعتمادي کي (انسانن جي تاريخ 40-539، vii) دليلن يا تنقيد جي اصولن سان سهمت نٿو ڪري سگهجي. ڇا ٿورس جو گريگري، ميٽز جي تباهيءَ بابت احوال ٻڌائڻ ۾ پورو نہ ٿو لهي؟ فقط وچ ۾ 100 سالن جي وقفي پوَڻ سان ڇاهو غافل ٿي ويو يا ماڻهو شهر جي قسمت کان بيخبر ٻڌجي ويا جيڪو وڏن حاڪمن توڙي آسٽريليا ۽ ايشيا جي شهنشاهن جي اصلي رهائشگاهہ رهيو هو؟ عالم اميرزادو، جنهن اٽيلا ۽ بربرن کان معافي ونرائي هئي، کوڙي ادٻٽيَس کي منت ٿو ڪري تہ: 'مهرباني ڪري جرمني ۽ گال جي شهرن جو بچاءُ ڪجو'، ۽ هو اها ڳالهہ وساري ٿو ڇڏي تہ سڄار ادٻٽيَس اڳ صاف ڇئي ڏنو هو تہ 'ڪيترن ئي شهرن تي اڳ ئي قبضو ٿي چڪو هو جنهن ۾ ميٽز بہ شامل هو.'

(36) مدح سرائي- ائويٽس، 328 وغيره.

(37) اٽيلا، ايٽيَس ۽ وزيگاٿن جي پاليسين جي باري ۾ ائويٽس جي مدح سرائي ۾ تفصيل اٽپورا آهن تہ ساڳي وقت جارنينديس جي ڇٽيهين باب ۾ پڻ صحيح ڄاڻ نہ ڏني وئي آهي. شاعر توڙي تاريخدان ٻئي هڪ طرفا نظر اچن ٿا جن جي اندر ۾ ذاتي يا قومي تعصب سمايل ٿو لڳي. شاعر ائويٽس جي اهليت ۽ قدر کي وڏائي ٿو ڇڏي جيئن تہ هو چوي ٿو: 'ائويٽس، سڄي دنيا جو محافظ'. تاريخدان بيصبريءَ مان گاٿن کي وڏيڪ موزون ۽ شاندار ڪري پيش ٿو ڪري. تنهن هوندي بہ سندن سمجهوتو، جڏهن ان جي ترجماني ڪجي ٿي تہ، اُهو سندن سچائيءَ جو ڇٽو ثبوت آهي.

(*) مختلف، جدا جدا.

(38) جارنينديس، ايٽيَس جي فوج جو جائزو ٿو وٺي (644، 36) جنهن کي گروٿونيَس ايڊٿ ڪيو. (23، ii، فرانس جا تاريخدان جن سان گڏ بينيڊ ڪتائن ايڊيٽر جا حاشيا به شامل آهن. لئيٽي بربرن جي گڏيل سڏيل قوم هئي، جيڪا گال ۾ پيدا ٿي ۽ اُتي ئي وڏي ٿي، ۽ رپاري (جنهن کي سنڊيءَ ۾ ريپاڙي چئجي ته مناسب ٿيندو- سنڊيڪار) پنهنجو نالو ٿن ندين کان ورتو هو: رائين، ميوز ۽ موسيل. آرموريڪا جي ماڻهن وٽ آزاد شهر هيا جيڪي سين ۽ لئائر جي وچ ۾ هيا. سئڪسَنس جي هڪ ڪالوني بيوڪس جي ضلعي ۾ آباد هئي، برگنڊي جا ماڻهو سئواءِ ۾ آباد ٿيل هيا ۽ بريونس وڏا جهيڙيڪار ماڻهو هيا جيڪي رهيشيا جي قبيلي سان تعلق رکندا هيا ۽ ڪانسٽنس ڊنڊ جي اوپر ۾ رهندا هيا.

(39) 'ارليَنس جو شهر آباد ڪيو ويو، پوءِ ان جو گهيرو ڪيو ويو ۽ ان جي اڳئين اوج کي ختم ڪيو ويو پر ايڏا ان کي لُٽيو ڦريو نہ ويو هو.' (ڪتاب v، سڊان، اپولينئريَس viii، تحريريون، 246، 15(آرليَنس شهر جو بچي وڃڻ معجزي کان گهٽ نہ آهي ۽ ان جي محفوظ رهڻ جي خبر هڪ نيڪ پادري اڳواٽ ٻڌائي چڏي هئي.

(*) تڪڙو، اُبهرو.

(40) عام چاپا X@M (90000) ڳڻجڻ ۾ اچن ٿا پر هٿ سان لکيل نسخن جي تصديق ٿيل آهي (۽ ڪاب تصديق مستند ئي سمجهڻ گهرجي) جنهن ۾ XVM (15000) جو تعداد به جوڙي سگهجي ٿو.

(41) چالنس يا ڊيورو- ڪئٽلانئر جنهن کي پوءِ ڪئٽلاني چيو ويو اُهو اڳ رهِيمس جو حصو هو جتان اُهو فقط ستاويهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. ڏسو وئليسيَس، نوٽئٽيا ۽ گئليريَئر- ص 136، ڊي ائنول (قديم گال- صفحا 279، 212)

(*) هڪ ڪليل ۽ وسيع ميدان جيڪو فوجي ڪاروائن ۽ مهم جُوين جو هڪ مرڪز رهيو هو.

(42) ڪمپانيا جو نالو وري شئمپين کي گهٽو ڪري ٽورس جي گريگري بيان پئي ڪيو آهي ۽ اُهو وڏو صوبو جنهن جو گادي‌ءَ جو هنڌ رهيمس هيو، پنهنجي حاڪم جي حڪمن کي مجيندو هو. (وئليسيَس، نوٽئٽيا- صفحا 123-120)

(43) آءُ داناءُ آهيان جو فوجي تقريرون تاريخدانن کان وينو لکرايان، تنهن هوندي به جهونا آسٽرو گاٿ جن اٽيلا جي حڪم هيٺ ڪم ڪيو هو، اُهي شايد سندس گفتگو جو احوال ڪئسيوڊورس کي ٻڌائن، جنهن مان ائين لڳندو ته سندس خيال، ۽ بيان ڪرڻ جي انداز جو تعلق به هوبهو سيٽيا جي نسل وارو آهي ۽ مون کي شڪ آهي ته چا ڪو ڇهين صديءَ جو اٽلي جو ماڻهو 'جنگ جي خوشين' بابت ڪڏهن سوچي به سگهي ها!

(*) (ڪيل ختم ٿيو.)

(*) (پروشيا جو عظيم فريدرڪ).

(44) جارنينديس يا ڪئسيوڊورَس جا تاثرات تمام تيز ۽ مضبوط آهن. ڊُوبوز (تنقيد جي تاريخ، 393، 392 i) جارنينديس جي تعداد کي 162000 ۽ اِدئٽيَس ۽ آئيسڊور جي تعداد کي 300000 تائين کڻي ٿو وڃي ۽ اندازو ٿو لڳائي ته تعداد يقينن گهٽو هوندو جنهن ۾ جنگ ۾ تباهه ٿيل، بيمارين ۾ مُئل يا هٿيارن کان خالي ماڻهن جي قتل جو انگ به شامل ڪرڻو پوندو.

(*) (وَٽيل يا سِبيل).

(*) (ڪيس اُڪارڻ لاءِ آندو ويو).

(45) اميرزادو ڊي بئاٽ. (ماٿهن جي تاريخ 573-554، vii) ايا تائين ڪُوڙين ڳالهين تي يقين ڪري رهيو هو ۽ سَچين کي رد ڪري رهيو هو. اِيٽيَس، اٽيلا جي شڪست کي ٻن وڏين جنگين ۾ ورهايو آهي: پهرين جيڪا آرليَنس جي ويجهو وڙهي وئي ۽ پوئين شئمپين ۾. پهرين جنگ ۾ ٽوڊورڪ کي قتل ڪيو ويو ۽ ٻي ۾ ان جو بدلو ورتو ويو.

(*) (فضول، لاپرواهه)

(46) جارنئنڊيس (ڊي. روبُس گيٽيسز- 671، 41). ايٽيَس جي پاليسي توڙي ٽورسماڊ جو روَيو، ٻئي عين فطري آهن ۽ اميرزادي، ٽورس جي گريگري موجب، (163، 7، ii) فرئنڪن جي شهزادي کي رد ڪري ڇڏيو ڇو ته ڪيس ۾ ساڳيا خدشا ٻڌايائين. اِيٽيَس جيڪو سدائين ڪوڙ ڳالهائيندو هو، فريبڪاري ڪندي غلط بياني ڪيائين ته ايٽيَس رات جي انڌاري ۾ هُنن (Huns) ۽ وزيگاٿن جي بادشاهن وٽ ويو هو ۽ هر بادشاهه کان هُن سونَ جا ڏهه هزار ٽڪرا فقط ان ڪري ورتا هيا ته جيئن انهن جي پڄڻ ۾ هو آسانيون پيدا ڪري ڇڏي.

(47) هي ظلم جن تي ٽوڊورڪ (ڪلوِس جو پٽ) بيحد افسوس ٿو ڪري (گريگري ٽورس- 10،190، iii) اٽيلا جي حملي جي حالتن ۾ وقت جي لاءِ سازگار هيا. سُرنجيا ۾ سندس گهر جو هجڻ هرڪو تسليم ڪندو هو ۽ اندازو اهو آهي ته هو سيني سان اُتي مليو هو ۽ ترسيو ۾ اُتي ئي هيو ڏسو مئسڪائو کي (30، ix) جيڪو قديم سُرنجيا بابت پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ صحيح ٿو معلوم ٿئي ۽ ان جو نالو ۾ گاٿن جي هڪ قبيلي سُروِنجي سان وجي ٿو ملائي.

(*) (اُنجنيَر)

(48) جارنئنڊيس (673، 42) تيرهين صدي عيسوي ۾ مغلن، چين جي شهرن تي وڏين انجڻن سان حملا ڪيا جن کي مسلمانن يا وري عيسائين ناهيو هيو جيڪي سندن خدمتون ڏيندا هيا. هنن انجڻين ۾ 150 کان 300 پائونڊن جا پٿر وجهي مارُ ڪيوويندو هو. پنهنجي ملڪ جو بچاءُ ڪندي، چين وارن ڏماڪيدار پائوڈر استعمال ڪيو، ۽ بَم پڻ ناهيا ۽ استعمال ڪيا جيڪي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سو سال اڳ اُتي نهيا جڏهن يورپ ۾ ان جو خيال خواب ئي ڪونه هو، تنهن هوندي ۾ اهي باهه لڳائڻ وارا هٿيار ۾ ان بزدل قوم کي بچائڻ لاءِ ڪافي نه هيا. (ڏسو گابل کي، مغلن جي تاريخ ۾ - صفحا 157، 155، 71-70 وغيره)

(*) (مئڪسيمن 238 صدي عيسوي ۾ باب 7)

(49) جارنئنڊيس ۽ پروڪوپيَس ساڳي ڪهاڻي ٻڌائي آهي. (ڊي- بيل، وئنڊل، 188-187، 4، i) ۽ اهو ۾ آسان نه آهي ته هڪڙي ڳالهه مستند ۽ اصلي آهي. پر يوناني مورخ يقينن غلطي تي آهي ۽ جنهن جي غلطي معاف ڪرڻ جوڳي ۾ نه آهي ته هن عقيليا جي ڪهيري کي ايٽيَس جي موت کان پوءِ ڏيڪاريو آهي.

(50) هڪ سؤ سالن جي وقفي کان پوءِ جارنئنڊيس ٻڌائي ٿو ته عقيليا مڪمل طور تي تباهه تي چڪو هو. (ڏسو- جارنئنڊيس- ڊي- رُوبُس- گيٽيسز- 673، 42) (پال، ڊائڪن 785، 14، ii لُوٽ پرئنڊ،

تاريخ 2، iii) عقيليا جو نالو ڪڏهن ڪڏهن فورم جُولي لاءِ به استعمال ٿيندو هو جيڪو وينس صوبي جو هاٿوڪو گاديءَ جو هنڌ آهي.
(نوٽ: گبن جو هي ڪتاب اٽڪل 240 سال اڳ ڇپيو هو. تنهنڪري حاشيي نمبر 50 ۾ 'هاٿوڪي' گاديءَ جي هنڌ کي ان وقت جو گاديءَ جو هنڌ سمجهيو وڃي، يعني لڳ ڀڳ 1780ع جي زماني جو- سنڌيڪار)

(51) اٽيلا جي هڪ مشهور جنگ جو ذڪر ڪندي (جنهن جي گهٽ ماڻهن کي خبر آهي) مون پنهنجي رهبري لاءِ اٽلي جي بن ماڻهن کان مدد ورتي آهي جن هن موضوع کي پنهنجي لاءِ فائدي وارو سمجهيو هو. (سگونيَس- ڪتاب، xiii، 495-502، i) مراتوري (اٽلي جا تاريخوار واقعا 229-236، iv، 8vo ايڊيشن.

(52) هي ٽوٽڪو يا لطيفو بن مختلف شين منجهه آيل آهي. ۽ سئيداس جي جدا جدا ترتيبن ۾ بيان ٿيل آهي. (هيءَ هڪ لُغت آهي جيڪا ڏهين صدي عيسوي ۾ ڇپي هئي).

(53) (هِن تصوير تي، جيڪا هڪ مصور ناهي هئي، شينهن وراڻيو: 'جيڪڏهن شينهن تصويرون ناهي سگهن ها ۽ پينٽنگ ڪري وجن ها ته پوءِ انسان جو درجو ته نهايت ئي هيٺ هليو وڃي ها.')

(54) نندو راهب پال ارڙهين صدي جي آخر ۾ اٽلي جي صوبن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو. (ڊي- گيٽيسز، لئنگا باردِ- 784، 14، ii) چارليمئگني جي دؤر تائين، صوبي جي تاريخ، ويرونا اِلسٽرئٽا (صفحا 388-1) جي حصي جو پهريون ۽ بيحد دلچسپ باب ناهي ٽي جنهن ۾ مارڪس سيپيو مافي به هڪ وڏو ذهين انسان نظر آيو آهي جيڪو اهم بحث مباحثن ۾ پڻ حصو ونندو رهيو آهي.

(55) لڏ پلاڻ کي ڪنهن به همعصر جي شاهديءَ ذريعي ثابت نه ڪيو ويو آهي پر اها حقيقت، ٽيل واقعي ذريعي ثابت ٿي آهي ۽ اُهي حالتون ممڪن آهي ته ماڻهن جي روايتن ۾ سلامت هجن. عقيليا جا شهري گرئبس جي بيٽ تي وڃي رهيا، ان کان سواءِ پادُئا، رائوَس، آلنَس يا ريالٽو ۾ به ڪجهه لڏ پلاڻ ٿي جتي پوءِ وينِس جي شهر کي اڏيو ويو هو.

(56) وينيشيا جي بيٽن جي جاگرافيائي نقش نگاري ۽ قدامت جنهن ۾ گرئبَس کان ڪلوڊيا جا بيٽ اچي وجن ٿا، اُنهن جو مڪمل بيان اٽلي جي تاريخوار واقعن ۾ بيان ٿيل آهي. (ائويٽس صفحا 151-155)

(57) ڪئسيوڊورس، مختلف تحريرون- (24، xii)، مافي (ويرونا السٽرئٽا 254-240، i) هن اهم خط جو ترجمو به ڪيو آهي ته هڪ قدامت جي ماهر طور ان کي چگيءَ طرح سمجهايو به آهي ته ساڳئي وقت هن رعيت جي هڪ وفادار شخص جو ناتو پڻ نيايو آهي ڇاڪاڻ ته هن وينِس کي روم جي جمهوريه جو اڪيلو ۽ جائز اولاد سمجهيو هو. هن تحرير جي تاريخ به مقرر ڪري ڇڏي هئي ته ساڳئي وقت ڪئسيوڊورس جي آفيس جو تعين 523 عيسوي صدي ڪري ڇڏيو هو ۽ مارڪئي جي تحرير وڌيڪ مستند آهي ڇاڪاڻ ته هن پنهنجين تحريرن جا مُسودا پاڻ لکيا ۽ ترتيب ڏنا هيا ۽ پنهنجا مقالا ۽ مضمون پنهنجي ئي ذاتي نالي ۾ ڇپرايا هيا. (ڏسو- او سروازوني جا خط 290-339، ii)

(58) ڏسو، وينس جي حڪومت جي تاريخ جو پيو جُلد جيڪو خود هڪ ڪتاب 'اسقيئتينو' جو ترجمو آهي. هن ڪتاب کي ان جي خوبين کان بہ گهٽو متاهون ڪري پيش ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ان جي هر سِٽ حرفت بازي کوٽ ۽ ڪُپتيائيءَ سان پريل آهي پر مڪيہ شاهدي جيڪا 'اصلي ۽ نقلي' گڏوگڏ آهي ۽ بنهي رُخن کي هڪ جڳهہ تي رکيو ويو آهي تہ جيئن پڙهندڙ سچي ۽ کوڙي شاهديءَ ۾ فرق يا تضاد پاڻ محسوس ڪري سگهي.

(59) سرماند (نوٽئتيا، سڀان، اپولينئريس ص- 19) پراسپر جي واقعن منجهان هڪ دلچسپ تحرير جو ٽڪرو شايع ڪيو آهي. 'اٽيلا پنهنجي فوج ۾ سڌارا آڻڻ ۽ گال ۾ ڪين مارائڻ کان پوءِ ڪوشش ڪئي تہ پنونيا جي رستي کان هو اٽلي ۾ داخل ٿئي، پر اسان جي اڳواڻ ايٽيَس پوئين جنگ جي تجربي مان بہ ڪو سبق نہ سکيو هو ۽ پنهنجي فوج لاءِ کاڌي خوراڪ جو ڪو بندوبست نہ ڪيو هو. هو ايٽيَس کي ملامت ٿو ڪري تہ هن اٽلپس جي حفاظت جو ڪو انتظام نہ ڪيو هو ۽ شايد اٽلي کي بہ ڇڏي وڃڻ جو سندس ارادو هو'. پر هن ابهرائپ واري لعنت ملامت کي اِدئتيَس ۽ اِسيدور جي مضبوط شاهدين ذيعي رد ڪيو ويو آهي يا ان جو ازالو ڪيو ويو آهي.

(60) ائويئنس ۽ سندس مخالف بئيليَس جا خاڪا ڏسو جن کي سدونيَس جي تحريرن ۾ لِيڪيو ويو آهي ۽ اُنهن بنهي ۾ جيڪو تضاد هو ان جي ترجماني بہ ڪئي وئي آهي. (22، 9، i) هن، سينيٽ جي هنن ٻن معتبرن جي ڪردار کي چگيءَ طرح پڙهيو ۽ پروڙيو هو، پر هو بئسيليَس سان وڌيڪ متفق ٿيو جيڪو سندس مضبوط ۽ غير لچڪدار دوست هيو.

(61) ليئو جي ڪردار ۽ سندس اصولن کي هڪ سو ايڪيتاليهن اصلي تحريرن ۾ ڏسي سگهجي ٿو جنهن مان سندس ڏِگهي ڪليسائي تاريخ ۽ عقيدي جي خبر پوي ٿي تہ ساڳئي وقت سندس پادري هئڻ جي حيثيت جو بہ اندازو ٿئي ٿو جيڪو عهدو هن 440 کان 461 صدي عيسوي تائين پاڻ وٽ رکيو هو. (ڏسو ڊيوپن- ڪليسائي واقعا 165-120، ii، iii).

(*) (گارڊا ڊنڊ)

(62) هي سٽون جنکي گِبن جملن جي شڪل ڏني آهي اُهي ورجل جي ڪتاب جارجڪس - III مان آهن. (59-58، 11، 15-14). (افسوس تہ اِهي سٽون لاطيني يا يوناني زبان ۾ آهن، جن جو انگريزي ترجمو ڏنل نہ آهي، تنهنڪري سنڌي ترجمي کان بہ معذرت قبول ڪندا- سنڌيڪار)

(63) مارڪئسَس مافي (ويرونا (الستريٽا- 6، ii، ii، 221، 129، 95، i) هِن دلچسپ جاگرافيائي نقش نگاري کي وڏي شوق ۽ علم جي ذريعي نمايان ڪيو آهي. هو اٽيلا ۽ سينٽ ليئو جي انترويو کي آريوليڪا يا آرڊيليڪا ۽هاڻي پيچيرا جي ويجهو ڊنڊ ۽ ندي ۽ جي ميلاپ وٽ ٿو رکي، ڪئٽلَس جي آستان جي تصديق ٿو ڪري ۽ خوش ٿو ٿئي تہ اُهو سرمئو جي سرهائي ڏيندڙ علائقي ۾ موجود هو، ۽ورجل جي ائنيز کي بينڊس جي ڪوٽ ۾ ڪولي ٿو لهي، جيڪو اهڙي جڳهہ تي موجود هو جتي ويرونيس جون ٽڪريون- چوٽيءَ کان لهنديون ۽ نديون ٽيندين ۽ لاهيءَ جيان ترڇائيءَ ۾ نظر ايندين منٽئا جي ميدان سان وڃي ٽين ملن ۽ هڪ خوبصورت نظارو جنم ونني ٿو.

(64) 'جيڪڏهن اُهي طاقت سان ۽ اوچتو روم تي حملو ڪن ها تہ هنن لاءِ خطرو وڌي وڃي ها، پر وينس ۾، جيڪو اٽلي جو سڀڻو ۽ آسان علائقو هو، سندن طاقت کي، مقامي آبهوا ۽ سڻي هنڌ هئڻ سبب، بي اثر ڪيو ويو. ان کي ماني کائڻ، پڪل گوشت واپرائڻ ۽ ذائقيدار شراب جي استعمال سان وڌيڪ ڪمزور ڪيو ويو.' فلورس جي تحرير جو هي ٽڪرو (3، iii) سِمبري جي مقابلي ۾ هُنن (Huns) جي لاءِ وڌيڪ موزون آهي ۽ اهي لفظ شايد ان آسماني وَبا لاءِ هڪ تبصري جي حيثيت رکن جنهن سان اِدِئٽيَس ۽ آسيڊور، اٽيلا جي فوجن کي تڪليف پهچائي هئي.

(65) تاريخدان پرسڪَس يقيني طور تي، اٽيلا جي فوج تي پيل اثر جو ذڪر ڪيو هوندو. (جارنئنديس 673، 42).

(66) رئيفل جي تصوير وٺيڪن ۾ آهي، باسو يا آلٿو سينٽ پيٽر جي قربانگاهہ بابت الغرادي جي تخليق آهي. (ڏسو ڊوبوز- الغرادي جي فن تي هڪ نظر 520- 519، i) بئرونيَس (ڪليسائي واقعا 452 عيسوي نمبر 58-57) بهادريءَ سان غيبي شئي جي سچائيءَ کي بيان ڪري ٿو پر ڪيترن عيسائي حوارين ۽ نيڪ ڪئٿولڪن ان کي رد ڪري ڇڏيو آهي.

(67) جارنينديس ٻڌائي ٿو تہ: 'اٽيلا جي پٽن جو ڳاڻاٽو ڪرڻ مشڪل آهي ڇو تہ بيشمار عورتن سان سندس جنسي لاڳاپن جي ڪري اُنهن جي هڪ پوري فوج هئي.' تاتارين ۾ هر عمر جي ماڻهن ۾ گهڻين شادين جي رواج کي پوريءَ طرح ثابت ڪيو ويو آهي. بين عام عورتن سان هم بستري ڪرڻ جو تعلق فقط اُنهن جي سونهن ۽ ڪشش سان وابستہ هوندو هو، ۽ جيڪي عورتون پنهنجي ڦوهہ جواني ۽ ڪان ڪجهہ ٿورڙو ئي مُڙي ويندیون هيون تہ پوءِ اُهي ئي بغير ڪنهن رنج رَسامي جو ان الهڙ ڇوڪريءَ جي بستري کي وجي ناهيندیون هيون جن سان اٽيلا وجي سمهندو هو. پر شاهي خاندانن ۾، خانن جون ڏيئرون پنهنجن پٽن کي اڳواڻ پنهنجي موروثي حق ونڻ جو ڇِتاءُ ڏئي ڇڏيندیون هيون. (ڏسو نسلن جي تاريخ صفحا 408-406)

(68) هن ڏوهہ جي خبر قسطنطنيه تائين پهچي وئي، جتي ان مختلف روپ وجي ورتو ۽ مارسيليئس جي راءِ آهي تہ يورپ جي آمر کي عورت جي هڻ ۽ چاقوءَ سان رات جي وڪڙي ۾ ماريو ويو هو. ڪارنيل، جنهن هن حادثي جو سچا تفصيل پاڻ وٽ جمع ڪيا آهن، رت جي زور سان وهڻ جو چاليهن وڌين سِٽن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ اٽيلا کِل ڏيارينڊ ڪاوڙ مان هينئن ٿو چوي: 'جيستائين رت جو وهڻ بند نٿو ٿئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن کي ان جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي.'

(69) عجيب ۽ انوکيون حالتون، جن ۾ اٽيلا جو موت ۽ پوءِ ڪفن دفن ٿيو، اُنهن کي جارنينديس پوريءَ طرح بيان ڪيو آهي. (685-683، 49) ۽ شايد هن بہ اهو احوال پرسڪس کان ونڻي ترجمو ڪيو هوندو.

(70) ڏسو جارنينديس (688-685، 50). قومي هٿيارن ۾ جيڪو هن فرق ڪيو آهي سو عجيب ۽ دلچسپ آهي. مون کي نيتاد نديءَ جي باري ۾ وڌيڪ نہ ٻڌايو ويو آهي.

(*) (گهوڙن جي دوڙ جو ميدان)

(*) (اڳتي ڏِکو ڏنائين)

(71) ٻن جديد تاريخدانن، انيلا جي تباهي ۽ سندس شهنشاهت جي ورهائجي وڃڻ تي، گهڻي روشني وڌي آهي. ايمر- ڊي بئات وڌي باريڪ بيني ۽ محنت سان (94-68، 31-3، viii) ۽ ايمر- ڊي، گائنس، چيني زبان جي زبردست مهارت ۽ اُنهن جي ليکڪن جي ڄاڻ ذريعي اسان کي مڪمل معلومات ڏني آهي جنهن جي نئين نسل کي گهڻي ضرورت آهي.

(72) پلاسيديا، 27 نومبر- 450 عيسوي ۾ روم ۾ مري وئي. کيس روينا ۾ دفن ڪيو ويو جتي سندس ميت کي صندل جي ڪاٺ جي ڪرسي تي ويهاري سندس قبر ناهي وئي هئي ته جيئن اُها قبر زمانن تائين محفوظ رهي، شهزاديءَ کي مذهبي ماڻهن توڙي سينٽ پيٽر ڪرسولوگس طرفان داد ڏنو ويو ۽ کيس يقين ڏياريو ويو هو ته تثليث (ٽن جي هڪ جوڙ) ۾ جيڪو سندس جنبو رهيو هو ان جي تلافي ٻارن جي تثليث ذريعي ڪئي وئي هئي. (ڏسو تليمانٽ- شهنشاهن جي تاريخ 240، vi)

(73) 'وئلينٽينين، جيڪو عورتن وانگر ۽ هڪ نالائق انسان هو، ايٽيَس کي قتل ڪري ڇڏيائين.' هي لفظ سدونيَس جا آهن (مدح سرائي، ائويٽس، 359) شاعر کي دنيا جي ڄاڻ هئي تنهنڪري هو ڪنهن به صورت ۾ وزير جي بيجا خوشامد ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هو. جنهن ائويٽس ۽ ميجوريَن کي بيعزت ڪيو هو جيڪي سندس شاعريءَ جا مکيه ڪردار رهيا هيا.

(74) جيتريقدر ايٽيَس ۽ وئلينٽينين جي موت جي سببن جو تعلق آهي ته اسان کي ان بابت ڪا ڄاڻ ڪانهي ۽ جيڪڏهن آهي ته اُها اڻپوري آهي. پروڪوپيَس (ڊي بيل، وئنڊل 188-186، 4، i) هڪ زبردست ليکڪ آهي جيڪو ڪهاڻين ۽ افسانن جو به ماهر آهي ۽ اُنهن يادگيرين تي به لکندو آهي جيڪي هن کان اڳ ٿي گذريون هونديون آهن. تنهنڪري هن جي بيان کي ڏسڻ، پرکڻ ۽ درست ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ سندس تحريرن کي گهٽ ۾ گهٽ پنجن يا ڇهن تاريخوار واقعن سان پيٽائڻو پوندو ۽ جيڪي پڻ نه روم ۽ نه وري اٽلي ۾ چپيا هيا ۽جن مان پڳل ٽنل لفظن ۾ حقيقتن جي ته نه، باقي افواهن بابت معلومات ملي سگهي ٿي، ۽ افواهه به اُهي جيڪي گال، اسپين، آفريڪا، قسطنطنيه ۽ سڪندريه ۾ پکيڙيا ويا هيا.

(75) ويٽيَس جي هن تجزيي کي، جيڪو اڳڪٿي جو ماهر هو، وئرو، انکي قدامت جي سورهين ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. (سينسوريَنس، ڊي، نتالي، 91-90، 17 هئورڪئمپ ايڊٽ ڪيو هو.

(76) وئرو مطابق ٻارهين صدي 447 عيسوي ۾ ئي ختم ٿي ويندي پر روم جي اصل دؤر بابت جيڪا غير يقيني واري صورتحال آهي ان ۾ ڪجهه اڳواٽ اڳڪٿي يا اُميد ڪرڻ ۾ دير به ٿي سگهي ٿي. ان دؤر جي شعارن کي ڪلاڊيَن (ڊي بيل گيٽڪو، 265) ۽ سدونيَس (مدح سرائي، ائويٽس، 357) کي اسان پنهنجن معاملن بابت پنهنجو جائز شاهد سمجهي سگهون ٿا. 'هاڻي هو سالن کي وينا ٿا ڳڻين، ۽ ڳجهُن جي اڏام ڏانهن پيا ڏسن جن ته اُنهن صدين کي نقش ڪري ڇڏيو آهي ته صديون به شايد ڳجهُن جي اڏام وانگر گذرنديون..... هاڻي روم جي مقدر ۾ شايد ائين ئي لکيل آهي ته ڳجهُن جي ٻارهن اڏامن کي ڏسڻو آهي! هاء اي روم تنهنجو مقدر!

تنهنجي قسمت!! تنهنجي قسمت ۾ شايد تڪليفون ۽ عذاب لکيل آهن. (ڏسو ڊوبوز، تنقيدي تاريخ 346-340، i)

(77) سئلويَن جو پنجون ڪتاب رڳو افسوسناڪ روڄ راڙي سان پريل آهي ته ساڳي وقت ان ۾ ڪاوڙ واريون گاريون به آهن. سندس بيهودگي واري آزادي، جنهن سان هن کي جيڪو به سمجهه ۾ آيو ته لکي ڇڏيو اٿس، مان ثابت ٿو ٿئي ته روم جي ان وقت جي حڪومت ڪمزور هئڻ سان گڏ سخت بگڙيل پڻ هئي. سندس ڪتاب آفريڪا جي نقصان (439 عيسوي) کان پوءِ ۽ اٽيلا جي جنگ (451 عيسوي) کان اڳ ڇپيو هو.

(78) اسپين جا بگائُڈي، جن روم جي فوجين سان ڇتي جنگ وڙهي هئي، پنهنجي بهادريءَ ۾ گهٽا مشهور هيا ۽ اُنهن جو تذڪرو اِڊئٽيَس جي تاريخوار واقعن ۾ گهٽا دفعا ڏهرايو ويو آهي. سئلويَن سندن تڪليفن ۽ بغاوت جي جهنڊي بُلند ڪرڻ جو ذڪر ڀرپور نموني سان ڪيو آهي.

باب چٽيهون

وئندلن جي بادشاهه جينسيرِڪ طرفان روم کي تاراج ڪرڻ- سندس طرفان بحري جهازن جي قُرمار- مغرب جي آخري شهنشاهن: مئڪسيمَس، ائوينّس، ميجوريَن، سيورَس، انتيميَس، اوليبريَس، گليسيريَس، نيپوس ۽ آگسٽُولَس جو ترتيبوار گادي نشين ٿيڻ- مغربي شهنشاهت جو مڪمل خاتمو- اٽلي جي پهرئين بربر بادشاهه اوڊئِسر جي حڪومت.

سمنڊ(*) کان ائلپس جبلن تائين صوبن جي نقصان يا سندن بربادي۽ جي ڪري روم جي عظمت ۽ اڳئين شان شوڪت ۾ ڪافي گهٽتائي اچي وئي ۽ آفريڪا جي جدا ٿيڻ تي ملڪ جي اندروني خوشحالي صفا ختم ٿي وئي. لالچي وئندلن، روم جي سينيٽرن جون اُهي ملڪيتون به ضبط ڪري ڇڏيون جيڪي والدين کان ڪين ورثي ۾ مليون هيون، ۽ ماڻهن کي حڪومت طرفان باقاعدگي سان ملڻ واري امداد کي به روڪيو ويو جنهن ذريعي غربت کي گهٽائي سگهبو هو، پر هاڻي عام ماڻهن جي سُستي ۽ ڪاهليءَ کي ويتر وڌايو ويو. هڪ اوچتي حملي سبب روم وارن جون تڪليفون ويتر وڌي ويون، ۽ جيڪو صوبو اڳ محنتي ڪُڙمين ۽ فرمانبردار رعيت جي ماڻهن جي پگهر جي پورهئي سان آباد هوندو هو، اُهو ئي هاڻي پنهنجن رهواسين خلاف، هڪ بربر جي زور تي، هٿيار کڻي بيٺو. وئندل ۽ الاني قبيلي جي ماڻهن، جينسيرڪ جي سوپاري جهندي هيٺان رهڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني هئي، اُنهن کافي زرخيز زمينون ۽ ملڪيتون هٿ ڪري ورتيون هيون جيڪي ٽئنجيئر کان ٽِرپولي تائين سامونڊي ڪناري سان نوي ميلن جي مسافريءَ تائين پکڙيل هيون. پر جيڪي حدون' واريا‌سي بيابان ۽ بحيرهٔ- روم سان گڏ ۽ هر طرف کان سوڙهيون ۽ ڳُتيل هيون. ۽ جتي ڪاري رنگ واريون قومون نڪري نروار ٿيون هيون جيڪي گرم ترين علائقن ۾ رهنديون هيون(†)، اُنهن جي فتح جينسيرڪ کي گهٽو متوجهه ۽ متاثر نه ڪيو هو. بلڪ سندس نظرون سمنڊ طرف ڪُپيل هيون ڇو ته هن هڪ بحري طاقت جو مالڪ ٿيڻ ٿي چاهيو ۽ سندس جرئتمندي واري عزم کي باقاعدگي ۽ ثابت قدميءَ سان عملي جامو پهرايو ويو. اٽلس جبل جي پسگردائيءَ جي ٻيلن مان اڻ ڪٽ ڪاٺ ڪين ملي ويو ۽ سندس رعيت جا نوان ماڻهو جهازراني ۽ جهازن ٺاهڻ جي صنعت جا ماهر هيا، هن پنهنجي بهادر وئندلن کي آماده ڪيو ته هو ماڻهن کي اهڙي جنگ کان متعارف ڪرائن جنهن ۾ سامونڊي ڪنارن جي سيني ملڪن کي هٿيارن جي پهچ جي ويجهو ڪيو وڃي؛ اتر- اولهه آفريڪا جي مسلمانن ۽ ٻين آفريڪي ماڻهن کي ڦُرلٽ مان ڪجهه ملڻ جي اُميد هئي ۽ جهن صدين جي ڏکهي وقفي ڪَنرڻ کان پوءِ، جيڪي جنگي جهاز ڪارٿيج مان روانا ٿيا هيا، اُنهن بحيرهٔ- روم جي شهنشاهت تي ٻيهر پنهنجي دعويٰ جمائي ڇڏي. وئندلن

جي ڪاميابي، سِسلي جي فتح، پالرمو جي بربادي ۽ لوڪٽيا جي ڪنارن تي سندن فوجين جي گهٽي چُرپر وٽليٽينيَن جي ماڻ ۽ ٽوڊوسيَس جي پيٽ ڪي نہ رڳو گهٽو چؤڪس ڪري ڇڏيو پر جڻ ڪين ننڍ مان جهنجهوڙي جاڳائي ڇڏيو. اتحاد جُڙڻ لڳا، ۽ بيڪار توڙي ڪارگر ۽ مهانگا هٿيار جمع ٿيڻ لڳا تہ جيئن نمايان دشمن کي تباهہ ڪيو وڃي جنهن وٽ ايتري جرئت ۽ بهادري تہ هئي تہ سندن سپني رٿن ۽ ارادن کي ناڪام بنائي ڇڏي، پر جنهن وٽ ظاهري طرح اهڙي پاليسي يا دوراندیشي ڪانہ هئي تہ اهڙن خطرن کي روڪي سگهي يا اُنهن کان پڇي يا بچي سگهي. روم جي حڪومت جي سپني تجويزن ۽ ارادن کي سندس حڪمت عمليءَ ذريعي هر پيري ناڪام بنايو ويو، ڪڏهن ڄاڻي واڻي معاملن کي دير سان اُڪلائڻ جي ڪري تہ ڪڏهن وري مشڪوڪ ۽ ڪُوڙن واعدن ڪرڻ سان، ۽ ڪڏهن رعايتن ڏيڻ سان ڪين وندرايو ويو، ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ اِها هئي تہ هن هڪ مضبوط اتحاد ناهي ورتو هو جنهن ذريعي هُنن (HUNS) جي بادشاهہ آفريڪا جي فتح جي موقعي تي پنهنجن سپني شهنشاهن کي واپس گهرائي ورتو هو تہ جيئن ٻاهريَن محاذن کي ختم ڪري پنهنجي گهر ۽ اردگرد جي ماحول کي ٺيڪ ڪن ۽ ان جي حفاظت کي مضبوط بڻائن. محلات جي انقلابن، جن ذريعي اولهہ جي شهنشاهت کي ڪنهن بہ محافظ يا قانوني شهنشاهہ کان سواءِ ڇڏيو ويو هو، شڪن شُبهن کي دور ڪري ڇڏيو هو ۽ جينسيرڪ جي حرص ۽ هوَس ۾ واڌارو آڻي ڇڏيو هوَ. هن هڪدم وٺندلن ۽ اتر- اولهہ آفريڪا جي مسلمانن جي همت ۽ مدد سان مسلح بحري ٻيڙو تيار ڪرايو ۽ ٽائبر نديءَ تي ان کي لنگرانداز ڪيو ويو ۽ هي قدم وٽليٽينيَن جي وفات کان ٿي مهينا پوءِ ۽ مئڪسيمَس جي عهدي کي ترقي ڏئي ڪيس شاهي تخت تي ويهارڻ کان پوءِ ڪنيو ويو.

سينيٽر پيٽرونيَس مئڪسيمَس(1) جي ذاتي زندگي کي اڪثر ڪري انساني خوشي ۽ سرهائيءَ جو بي مثال نمونو ڪوٺيو ويندو هو. سندس جم خانداني ۽ ناميارو هو چو تہ هن جو تعلق ائنيسيَن جهڙي باوقار خاندان سان هيو، سندس مرتبو ان ڪري بہ وڏو ليکيو ويندو هو چاڪاڻ تہ ان رتبي کي وڏي جائداد ۽ پئسي ڏوکڙ جي پٺيرائي حاصل هئي، ۽ هنن ظاهري فائدن سان گڏ سندس اخلاق، اٽڪي ويهڻي، لحاظ ۽ لياقتون ساراهڻ جهڙيون هيون(*) جيڪي هڪ انسان جي سهڻين وصفن ۽ خداداد خوبين ۽ گڻن کي سينگاري ۽ سنواري وڌيڪ سهڻو بڻائن ٿيون. سندس شاهي محلات توڙي ڪاڏي جي ٽيبل مهمان نوازي واري ۽ مانائتي هوندي هئي. جڏهن بہ مئڪسيمس عام ماڻهن جي ميڙن ۾ ويندو هو تہ هر طرف کان سندس احسان مجيندڙن توڙي خوشامدڙين(2) جو هڪ وڏو هجوم جمع ٿي ويندو هو جنهن ۾ اڪثريت سندس سچن دوستن جي هوندي هئي. سندس لياقتن کي سينيٽ ۽ شهنشاهہ طرفان(†) انعامن اڪرامن جي موٽ هن ريت ملي تہ کيس ٽي پيرا اٽلي جو چيف مئجسٽريٽ بڻايو ويو، ہ دفعا کيس سفارتي عهدن تي ترقي ڏني وئي ۽ کيس مکيہ سردار يا مُنهندار جو لقب پڻ مليو. هي شهري اعزاز فرصت جي وقت جي لطف حاصل ڪرڻ ۽ سانت ۽ سڪون جي لمحن جا مزا ماڻڻ جي عين مطابق هيا چو تہ هُو وقت جو قدر ڪرڻ ڄاڻندو هو تنهن ڪري هر گذرندڙ وقت ۽ ڪلاڪن جي ورهاست هڪ پائيءَ جي گهڙيال سان ڪندو هو ۽ وقت جي قدرداني ڪرڻ سان ئي کيس خوشي حاصل ٿيندي هئي جنهن مان هو لطف اندوز ٿيندو هو. جيڪو زخم کيس شهنشاهہ وٽليٽينيَن رسايو هو، اهو اهڙو نٽو لڳي جو ان جو خوني بدلو وٺجي. ان واقعي کي هڪ فيلسوف شايد هينئن ڏسندو تہ جيڪڏهن

سندس زال (مئڪسيمَس جي گهرواري) خلوص ۽ سچائيءَ سان زيادتي ڪندڙ آڏو آڻ نه مڃي هوندي(‡) ته سندس پاڪدامنيءَ تي ڪو به حرف نه آيو هوندو، پر ساڻئي وقت سندس عزت ڪڍڻ به نه بچي يا وٽس واپس آئي هوندي جيڪڏهن زانيءَ جي گناهه ۾ سندس پنهنجي مرضي به شامل رهي هوندي. وطن سان پيار ڪندڙ کي به شخص اهو هرگز نه چاهي ها ته سندس ملڪ ٻيهر مصيبتن ۾ مبتلا ٿي وڃي ۽ ٿوڊوسيَس جو شاهي خاندان وري برباديءَ جي ور چڙهي وڃي. پر نادان ۽ غير دوراندیش مئڪسيمَس اهڙن چگن قومي گٹن ۽ وصفن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي ڪاوڙ ۽ ذاتي مطلب کي اوليت ڏني، هن رت وهندڙ وئلينٽينين جي لاش کي پنهنجن پيرن ۾ ڏنو ۽ هن پنهنجن ڪنن سان پاڻ ٻڌو ته روم جا ماڻهو توڙي سينيٽ ڪيس سلامي پيش ڪري رهيا هيا. مٿاهين مرتبي تي پهچڻ وارو ڏينهن ئي درحقيقت سندس خوشين جو آخري ڏينهن هيو. سڊونيَس جي چوڻ موجب، هن کي محلات اندر قيد ڪيو ويو ۽ سڄي رات بي آراميءَ ۾ گذارڻ کان پوءِ هن ٿڌو ساهه پريو ۽ اظهار ڪيائين ته سندس هر خواهش پوري ٿي هئي ۽ هاڻي سندس فقط هڪڙي خواهش باقي رهيل هئي ته هو جنهن خطرناڪ مٿاهين درجي تي پهتو هو ان تان هيٺ لهي وري ساڻئي هينئين درجي تائين پهچي وڃي. تخت ۽ تاج جي ذميدارين کان تنگ ۽ پريشان ٿي، هن اهڙو اظهار پنهنجي ذاتي دوست ۽ مئجسٽريٽ فُلجينٽيَس سان ڪيو ۽ جڏهن هن پنهنجي ماضيءَ جي پُرسڪون ۽ خوشين جي ڏينهن ۾ جهاتي پاتي ته شهنشاهه ٿڌو ساهه پريندي ڏک واري لهجي ۾ چيو: 'هاءِ اي قسمت(3)! تنهنجي حڪومت جنهن دعوت جي ٽيبل کان شروع ٿي هئي ته ساڻئي ئي دعوت ۾ ان جو خاتمو به اچي ويو'. هي هڪ اشارو يا حوالو هو جيڪو فُلجينٽيَس اڪثر ڪري شهنشاهن ۽ اُنهن جي رعيت جي حوالي سان ڏيندو هو.

مئڪسيمَس جي حڪومت ٿي مهينا مَس هلي. سندس دؤر تي هن جو ڪو به ضابطو نه رهيو هو، هن جو وقت رڳو افسوس ۽ پڇتاءُ ۾ گذرندو هو، ان کان سواءِ سندس تخت کي، خوف خطرن، ۽ سندس ئي فوج جي غدارين، ماڻهن جي چؤبول ۽ بربرن جي سازشن صفا لوڏي ۽ لرزائي ڇڏيو هو. سندس پُٽ پئليديَس جي، گذريل شهنشاهه جي وڏي ڏيءُ سان شاديءَ مان سندس خاندان جانشينيءَ جو موروثي حق ته ڄميو ٿي پر هن جيڪو تشدد جو رشتو راڻي يودوڪسيا کي ٻڌايو هو ته ان جو مقصد فقط سندس جنسي خواهش پوري ٿيڻ ذريعي انڊي انتقام وٺڻ جو هو. هنن ڏکوئيندڙ واقعن جو سبب سندس زال هئي جيڪا مري وئي هئي ۽ وئلينٽينيَن جي بيوهه کي پنهنجي مڙس جي غم ۽ ماتم جي ڏينهن ۾ ئي مجبور ڪيو ويو ته هوءَ هڪ گستاخ غاصب جي پيار جي پاڪرن ۾ پاڻ کي اُڇلائي ڇڏي جنهن تي ڪيس شڪ هو ته اُهو ئي سندس مڙس جو قاتل هيو. هي شڪ ۽ گمان مئڪسيمَس جي پنهنجي غير شعوري يا ناداني واري اقرار سان پَڪ ۾ بدلجي ويا ۽ اهڙيءَ طرح هن پنهنجي ناراض ڪنوار کي پنهنجي خلاف سخت نفرت ڏياري ڇڏي هئي. ڇو ته هن کي، بهرحال اهو فخر حاصل هيو ته هوءَ شهنشاهن جي مٿاهين خاندان سان تعلق رکندي هئي. اوپر جي شهنشاهت مان يودوڪسيا کي ڪنهن به مدد جو ڪو اُميد آسرو ڪونه هو؛ سندس پيءُ ۽ سندس چاچي پلڇيريا مري چڪا هيا ۽ سندس ماءُ جيروسلم ۾ بي عزتي واري جلاوطني ۾ پنهنجا ڏکيا ڏينهن بسر ڪري رهي هئي، ۽ قسطنطنيه ۾ وري حڪومت هڪ ڏاڙئي جي حوالي هئي. هاڻي هن ڪارٽيج ڏانهن نهاريو ۽ مخفي نموني سان وئندلن جي بادشاهه کي مدد ڪرڻ لاءِ ٻاڏايو ۽ جينسيرڪ کي آماده ڪيائين ته هو هن موقعي مان بهترين فائدو وٺي ۽

پنهنجي خراب يا بدنيتي جي ارادن کي به هو وقار، انصاف ۽ رحمدليءَ جهڙن لفظن جو لباس پارائي ٿي سگهيو(4). مئڪسيمَس جڏهن هينئين عهدي تي هو ته هن ان وقت شايد کي تعريف جوگا ڪم ڪيا هوندا باقي هڪ حاڪم جي حيثيت ۾، هو پنهنجي شهنشاهت جي انتظامي معاملن کي هلائڻ ۾ ناڪام رهيو هو؛ توڙي جو آفريڪا جي ڪنارن کان سندس دشمن طرفان بحري حملي جي پرپور تيارين بابت ڪيس بروقت ٻڌايو ويو هو ته هن دشمن جي متوقع حملي کي جڙ ڪا اهميت ئي ڪانه ڏني ۽ نه ڪنهن بچاءَ يا پنهنجي سرحدن جي حفاظت جو بندوبست ڪيائين، نه دشمن سان ڳالهين ٻولهين ذريعي معاملي کي طئي ڪرڻ جو سوچيائين ۽ نه وري وقتائتي پڇڙ جو خيال آيس ته "جتي پُڇڙ ڪم پاهه، اُتي پڇڙ ڪم ورياسن جو". جڏهن وئندل تائبر نديءَ جي مُهڙ وٽ پهچي پنهنجا خيما وڇي ڪوڙيا ته ان وقت شهنشاهه پنهنجي ڪاهليءَ واري بستري تان اوچتو تڏهن اُٿيو جڏهن بيشمار ماڻهن جا ڪاوڙ جا آواز ۽ سندن رڙيون سندس ڪنن تي پيون. مئڪسيمَس کي جيڪو سخت ڏنل ۽ هيسيل هيو، خيال آيو ته هاڻي پڇڙ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو وٽس ڪونه هو ۽ هن پنهنجن سينيٽرن تي به زور پريو ته هو به هن سان گڏ پاڇ ڪرڻ ۾ سندس ساٿ ڏين، پر جيئن ئي مئڪسيمَس گهر کان ٻاهر نڪري گهٽين ۾ ويو ته ماڻهن جي هجوم طرفان مٿس پٿرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو، روم يا برگنڊي جي هڪ ماڻهو فخر مان دعويٰ ڪئي ته هو پهريون شخص هو جنهن مئڪسيمَس تي وار ڪري ڪيس پهريون زخم رسايو هو، زخمن سان چُور سندس جسم کي وڏي بي عزتيءَ مان ٽائيبر ۾ اڇلايو ويو ۽ هن سزا جي منظر تي روم جا ماڻهو خوش ٿي رهيا هيا ۽ چئي رهيا هيا ته 'چگو ٿيو جو ان شخص کي سخت سزا ملي جنهن ماڻهن کي سخت تڪليفون پهچايون هيون' ۽ يوڊوڪسيا جي گهر ۾ ڪم ڪندڙ خادم ۽ نوڪر خوش ٿيندي پنهنجي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري رهيا هيا ۽ هاڻي پنهنجي راڻيءَ کي خوشيءَ ۾ ڏسي هو به خوش ٿي رهيا هيا(5).

هنن هنگامن کان پوءِ ٽئين ڏينهن تي جينسيرڪ، اوسٽيا جي ساموندي بندر کان بهادريءَ سان ان شهر ڏانهن روانو ٿيو جنهن جو ظاهري طرح کو به بچاءُ کو نه هو. روم جي جوانن جي حملي جي بجاءِ، گيٽن کان معزز پادرين جو هڪ وڏو جلوس ظاهر ٿيو جن وٽ وڏا هٿيار وغيره به ڪونه هيا ۽ اُهي سپيئي مذهبي ماڻهو ٿي لڳا(6). ليئو جي بهادري، سندس مستقل مزاجي ۽ تقرير جي مهارت سبب بربر فاتح جي ڪاوڙ ۽ غصو ٽڙو ٿي ويو ۽ وئندلن جي بادشاهه هجوم جي سيني ماڻهن کي نقصان نه پهچائڻ جو واعدو ڪيو، جاين ۽ عمارتن کي باهه جي شعلن ۽ قيدين کي اذيتن کان بچايو ويو ۽ توڙي جو اهڙا حڪم نه ته ڏنا ويا هيا ۽ نه وري اُنهن تي پوريءَ طرح عمل ٿيو هو، پر ليئو جهڙي نموني سان منجهيل ۽ خطرناڪ معاملن کي سُلجهايو، ان جي جيتري به تعريف ڪجي اُها گهٽ آهي ۽ اهو قدم سندس پنهنجي توڙي ملڪ جي لاءِ ڪافي فائديمند رهيو. پر روم ۽ ان جي شهرين کي وئندلن ۽ اتر- اولهه آفريڪا جي مسلمانن جي ظلمن ۽ شهواني شغلن جي حوالي ڪيو ويو جن جي انڊي جوش، ڪارٿيج ۾ رسيل زخمن جي انتقام وٺڻ لاءِ ڪين مجبور ڪيو. هي انتقامي ڪاروائي، جنهن ۾ قُرلُٽ جو راڄ هو، چوڏهن ڏينهن ۽ راتين تائين لڳاتار جاري رهي ۽ جيڪا به حڪومت جي توڙي ذاتي ملڪيت باقي رهجي وئي هئي، توڙي اُها مقدس هئي يا لادينيت سان لاڳاپيل هئي، ان کي جينسيرڪ جي جهازن ۾ پريو ۽ سَٽيو ويو. لُٽيل سامان ۾ بن مندرن يا وري ائين ڪٽي چئجي ته بن مذهبن جي شاندار تبرکن



روم جي شهنشاهت ۽ جنگجو بادشاهتون- 500ع

مان انساني مقدر جي لاهن چاڑهن جي چگيءَ طرح پروڙ پئجي ٿي سگهي. لادينيت جي خاتمي کان پوءِ ڪئپيٽول جو اُهو تقدس باقي نہ رهيو هو ۽ ان کي چڏي ڏنو ويو هو، تنهن هوندي بہ ديوتائن ۽ سورهيہ سپوتن جي مجسمن جو اجا تائين احترام ڪيو ويندو هو ۽ پِتل تي سونو پاڻي چاڑهي جيڪا چِت بنائي وئي هئي، اُها خاص طور تي لالچي جينسيرڪ لاءِ چڏيل هئي(7). يهودين جي عبادت(8) لاءِ جيڪي مقدس شيون جيئن سوني ٽيبل، ۽ ستن شاخن وارو بتين رکڻ جو سونو فريم، جنهن لاءِ مشهور هو تہ ان کي خود الله تعاليٰ جي هدايتن مطابق ناهيو ويو هو، ۽ جنهن کي مندر جي مقدس جڳهہ تي نهايت ئي سينگاري سنواري ۽ نمايان ڪري رکيو ويو هو تہ جيئن روم جا ماڻهو پنهنجي شهنشاهہ ٽائٽس جي ڪارنامن کي ڏسي پسي ۽ ساراهي سگهن. بعد ۾ اهي تبرڪات 'امن جي مندر' ۾ رکيا ويا ۽ چئن سؤ سالن جي گذرڻ کان پوءِ جيروسلم ۾ رکيل تبرڪن کي روم کان ڪارٿيج منتقل ڪيو ويو ۽ اهو ڪم هڪڙي بربر حاڪم ڪيو جنهن جو اصل نالو بالٽڪ سمنڊ جي ڪنارن جو هو. هي قديمي يادگار اسان جي توجهہ، تجسُس ۽ دلچسپيءَ سان گڏوگڏ لالچي نظرن جو بہ مرڪز رهيا آهن. پر عيسائين جون ڪليسائون، جيڪي ان دؤر جي وهمن وسوسن ذريعي آسوديون ۽ سينگاريل هيون، ماڻهن کي لُٽ ڦُر ۽ بي حرمتي ڪرڻ جي جڙ دعوت ڏئي رهيون هيون ۽ پادري ليؤ جي تقدس واري فياضي يا وري ڪشاده دلي اها هئي جو هن چانديءَ جي چَهن گلدستن، جيڪي شهنشاهہ ڪانسٽئنٽائن طرفان ڏنل تحفا هيا ۽ هر گلدستي جو وزن هڪ سؤ پائونڊن جو هو، کي باهہ تي گرم ڪري رِجائي چڏيو هو، ۽ هي هڪ اهڙو نقصان هو جيڪو هن خود ڪيو هو ۽ ان جي تلافي ڪرڻ جي ڪوشش بہ خود ئي ڪيائين. گاٿن جي حملي کان پوءِ پنجيتاليهن سالن جي عرصي ۾ روم جي شان شوڪت ۾ ڪجهہ قدر اضافو ٿيو هو ۽ هڪ فاتح جي حرص ۽ هوَس کان جيترو بچڻ مشڪل هو اوترو ئي مطمئن ڪرڻ بہ ڪيس ڏکيو هو، چو تہ گاديءَ جي هنڌ جي دولت کي جمع ڪري ان کي پنهنجن جهازن ۾ روانو ڪرڻ سندس مشغلو بڻجي ويو هو. محلات جا شاهي زيوَر، شاندار فرنيچر، ڪٻٽ ۽ الماڙيون، ۽ بيون زبردست قيمتي شيون ۽ تحفا ڦُرمار ڪندي کنا ڪيا ويا، فقط سون ۽ چاندي جي زيورن يا سامان جي قيمت جو اندازو هزارين ٽئلينٽس (ان وقت جو رومي سِڪو) جي برابر هو، ان جي باوجود پتل ۽ ٽامي جي ٺهيل شين کي بہ گڏ ڪري لُٽيو ويو. يوڊوڪسيا پاڻ جيڪا پنهنجي دوست ۽ نجات ڏيارينڙ سان ملڻ اڳتي هلي وئي هئي، هڪدم پنهنجي نادانيءَ جي رَويي تي پاڻ پڇتايو. سندس پاتل زيورن کي زوريءَ لاهي ڪيس ڦُريو ويو، ۽ بدقسمت راڻي، جيڪا پنهنجن ٻن ڏيئرن سان گڏ هئي ۽ اُهي ئي بچيل رشتا هيا جيڪي عظيم ٽوڊوسيس سان لاڳاپيل هيا، کي مجبور ڪري ڪيس قيدي بڻائي هڪ ضِدي وٹندل جي حوالي ڪيو ويو جنهن بنا دير پنهنجن جهازن جي سِڙهن کي ڦڙڪايو ۽ وڏي دولت کي پاڻ سان گڏ کڻي ڪارٿيج جي بندر تي وڃي لٿو(9). رومين جون هزارين عورتون توڙي مرد، جن کي سندن مرضيءَ سان يا بغير سندن رضامنديءَ جي، هنن پنهنجي خدمت ۾ رکيو هو، سخت مجبوريءَ ۾ جينسيرڪ جي جهازن جي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا ۽ وحشي بربرن جي غير انساني روَين سندن تڪليفن ۽ اذيتن ۾ واڌارو ڪري چڏيو هو، جن تاراج ٿيل مال دولت جي ورهاست وقت زالن کي پنهنجن مڙسن ۽ ٻارڙن کي پنهنجي والدين کان جدا ڪري چڏيو هو. اهڙي ڏکئي وقت ۾ ڊيوگرانياس، جيڪو ڪارٿيج جو پادري هو(10)، جي سخاوت ئي فقط هنن جي لاءِ سڪون ۽ اطمينان جو باعث هئي؛ هن ڪليسا جي سون ۽ چانديءَ سان جڙيل شين

۽ پليٽن کي وڏي پئماني تي وڪڻي چڏيو جنهن مان مليل رقم مان هن کجهه ماڻهن جي آزاديءَ کي خريد ڪيو، ڪيترن کي غلاميءَ مان نجات ڏياري ۽ بيشمار ڪمزورن، بيمارن ۽ قيدين جي مدد ڪئي جن جي صحت اٽلي کان آفريڪا تائين پهچڻ جي ڏکئي ۽ تڪليفن واري سفر ۾ خراب ٿي چڪي هئي. سندس ئي حڪم هيٺ بن شاندار ڪليسائن کي اسپتالن ۾ تبديل ڪيو ويو، بيمارن کي نرم ۽ آسائشي بسترا ۽ڇائي ڏنا ويا، ۽ کين مناسب کاڌو خوراڪ ۽ دوائون پڻ ڏنيون ويون، ۽ وڏي عمر جو هي پادري ڏينهن توڙي رات هنن ماڻهن ڏي ايندو ويندو رهيو ته جيئن اُنهن جا غم گهٽجن ۽ ڏک ڏور ٿين ۽ هي تڪليفون سندس عمر ۽ سگهه جي حساب کان واڌاريون هيون پر هو خوشيءَ سان برداشت ڪندو هو، ۽ سڀ ڪَن وڏي ڳالهه ته سندس فطرت ۾ شفقت ۽ همدردي جو جذبو موجزن هو جنهن سندس خدمتن کي وقار ۽ ماڻهن طرفان احترام عطا ڪيو هو. هن جذبي جي پيٽ ڪينا(*) جي ڪردار ۽ ان جڳ سان ڪري ڏسو جيڪو هئنيبل ۽ سينٽ سائپرين(11) جي وچ ۾ نروار ڪيو ويو هو.

ايٽيَس ۽ وئلينٽينيَن جي موت اُنهن رشتن ۽ ضابطن کي کجهه ڍرو ڪري چڏيو هو جن گال جي بربرن کي امن ۽ ادب سان رهڻ سيکاريو هو. سامونڊي پٽيءَ تي هاٿي پانت پانت جي نسلن جا ماڻهو اچي آباد ٿيا هيا جن ۾ سئڪسَنس، اليماني ۽ فرئنڪ گهٽي تعداد ۾ هيا جيڪي رائين کان لڏي سين نديءَ جي ڪنارن تي وڃي آباد ٿيا هيا ۽ گاٽن جو مقصد فقط پنهنجي اثر جي دائري کي وڌائڻ ۽ پنهنجين سوين کي دائمي ڪرڻ جو هو. شهنشاهه مئڪسيمَس هڪ مناسب فيصلو ڪري پاڻ کي ذهني دباءَ کان آزاد ڪري چڏيو ته پري جي سرحدن جي سنيال کان پاڻ آجو ٿي ويهي رهيو. هن دوستن جي منتن يا مشورن کي چخي ئي نه ڪيو، فقط شهرت جي آواز کي ٻُڌو ۽ هڪ ڏارئي شخص کي هُن گال جي فوجن جو ڪمانڊر مقرر ڪري چڏيو. ائوينَس(12)، هڪ ڏاريو پر اهليت وارو ۽ قابل شخص هو ۽ سندس صلاحيتن جي قدرداني به چگيءَ طرح ڪئي وئي هئي. هو دولتمند ۽ هڪ خاندائي گهراٽي سان تعلق رکندو هو ۽ آورَن ضلعي ۾ جائو نپنو هو. ان دؤر جي وقت جي حالتن ۽ تقاضائن ڪيس مجبور ڪيو ته هو ساڳئي وقت تي شهري ۽ فوجي شعبن ۾ مهارت حاصل ڪري ۽ هن محنتي، اُورچ ۽ نه ٽڪندڙ نوجوان علم ۽ ادب توڙي قانون کي چگيءَ طرح پڙهيو ۽ پروڙيو، ان سان گڏوگڏ شڪار ۽ هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جا هنر به سکي ورتائين. هن پنهنجي عمر جا ٽيهه سال ماڻهن جي شاندار طريقي سان خدمت ڪندي گذاريا، هو ڪڏهن جنگين ۾ پنهنجا جوهر آزمائيندو هو ته ڪڏهن وري اُلجهيل شهري مسئلن ۽ معاملن کي پنهنجي ذهانت سان سلجهائي چڏيندو هو، ۽ ايٽيَس جي هن زبردست سپاهي سفارت خانن کي به ڪاميابيءَ سان هلايو هو. تنهن ڪري سندس صلاحيتن جي مجتا طور ڪيس گال جو شاهي منهندار ۽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو. شايد ايترن سارن رتبن تي پهچڻ جي ڪري ماڻهن ۾ هن جي خلاف حسد پيدا ٿيو يا وري گهٽي ڪم سبب آرام ڪرڻ جي ارادي سان، ائوينَس سيني عهدن تان رٽائر ٿي پنهنجي ملڪيت وڃي سنيالي جيڪا ڪلرمانٽ جي پرپاسي ۾ هئي. هي اُهو هنڌ هو جتي هڪ ڪشادي پاٽيءَ جو چشمو، جيڪو جبلن مان ٿي ڦُٽو ۽ تيز وهڪري جي صورت ۾ جهڳَ ناهيندو اڳتي وهندو ۽ ڏوڪيندو پنهنجي پاٽيءَ جو چوڙ هڪ ڍنڍَ ۾ ٿي وڃي ڪيائين، جيڪا به ميل ڪن ڊگهي هئي ۽ سندس گهر ڍنڍَ جي آخري ڇيڙي تي پنهنجي پوري خوبصورتيءَ سان ٺهيل هو. غسل خانا، چپرانا، اونهاري توڙي سياري جي موسمن لاءِ ٺهيل جدا جدا گهر، استعمال ۽

عياشيءَ جو سنگر هيا ۽ پاڙيسري ملڪ ۾ وري رڳو ٻيلا، چراگاهه ۽ سبز ساوڪ سان ڍڪيل ميدان هيا جن جو نظارو پڻ بيحد دلڪش هيو(13). هن ماحول ۾ جڏهن ائويٽس پنهنجي فرصت جو وقت ڪتابن جي مطالعي، مقامي راندين روندين، ٻني ٻاري جي هارپ ۽ نظرداري ۽ دوستن جي ساٿ ۽ ڪچهرين ۾ ٽي گذاريو(14)، تہ ڪيس هڪ شاهي ڊگري ملي جنهن ذريعي هن ڪي گال جي گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج جي ماسٽر جنرل جو عهدو عطا ڪيو ويو، هن هڪدم جيئن ئي اهو فوجي عهدو سنياليو تہ بربرن پنهنجي ڪاوڙ کي دفن ڪري ڇڏيو، ۽ هن جيڪي بہ قدم کنيا ۽ جيڪي بہ عوام کي رعايتون ڏنائين، ماڻهن مجموعي طور تي سلامتي ۽ امن امان ۾ رهڻ جي سُک جو ساهہ پٽيو. پر گال جي قسمت جو دارومدار وزيگاٿن تي هو ۽ روم جي جنرل، جنهن کي پنهنجي ذاتي شان ۽ مرتبي جي بجاءِ ماڻهن جي بهبود ۽ بهتريءَ جو اونو هو، ان ڳالهہ کان هرگز ٻُجان نہ ڪئي تہ هو هڪ سفير جي حيثيت ۾ ٽولُوز جو چڪر لڳائي اچي. گاٿن جي بادشاهہ ٿيوڊورڪ هن جو زبردست استقبال ڪيو ۽ سندس شاندار مهمان نوازي ڪئي وئي، پر، هڪ طرف ائويٽس هن طاقتور ۽ بهادر قوم سان هڪ پڪي پختي اتحاد ۽ ايڪي جو بنياد رکيو تہ ٻي طرف کيس خبر پئي تہ شهنشاهہ مئڪسيمَس کي قتل ڪيو ويو هو ۽ روم کي وئندلن ڦري تاراج ڪري ڇڏيو هو. هڪڙو تخت خالي ٿي ڇڪو هو جنهن تي هو بغير ڪنهن خطري جي ويهي ٿي سگهيو، ۽ جنهن تي تخت نشين ٿيڻ جي خواهش بہ هن جي اندر ۾ جاڳي پئي(15)، ۽ وزيگاٿن کي آسانيءَ سان قائل ڪيو ويو تہ هو بغير ڪنهن رڪاوٽ پيدا ڪرڻ جي سندس حمايت ڪن. هونئن بہ هو ائويٽس جي شخصيت سان پيار ڪندا هيا، ۽ سندس ڪردار جو احترام ڪندا هيا ۽ ڪين ان ڳالهہ جو پوريءَ طرح احساس هو تہ اولهہ جو شهنشاهہ ۽ اُهو بہ جيڪڏهن ائويٽس جهڙو باڪردار هجي تہ اها سندن ئي فائدي ۽ وقار جي ڳالهہ هئي. هاڻي اُها مُند ۽ موقعو عنقريب اچڻ وارو هو جڏهن ستن صوبن جو ساليانو ميڙ آرلس ۾ ٿيڻو هو جتي اجلاس جي ڪاروائي تي ٿوڊورڪ جي اثرانداز ٿيڻ جو امڪان هو جتي سندس جنگجو پائر بہ موجود هوندا، پر اها ڳالهہ صاف ظاهر هئي تہ سندن وطن جي ماڻهن ۾ جيڪو سيني کان وڌيڪ لياقت رکندڙ هوندو اُهو ئي سندن اڳواڻي ڪندو. بهرحال معمولي پر مانائتي مخالفت کان پوءِ ائويٽس شاهي تخت جي واڳ ونڊ لاءِ راضي ٿي ويو، گال جي سيني نمائندن، صوبائي عيوضين ۽ بربرن جي وڏي اڪثريت جي جوش جذبي ۽ تاڙين جي گونج ۾ شهنشاهہ جي چوند جو فيصلو ائويٽس جي حق ۾ ٿي ويو. اوپر جي شهنشاهہ مرسيَن بہ خوشيءَ سان منظور ڏئي ڇڏي، پر سينيٽ، روم ۽ اٽلي، توڙي جو تازين مصيبتن سبب ڪمزور ٿي چڪا هئا پر پوءِ بہ اُنهن چپ چاپ جي پُڻ پُڻ ڪندي منظوري ڏني پر ڪيس گال جي غاصب جو لقب ڏنائون.

ٿوڊورڪ، جنهن جي لاءِ ائويٽس پنهنجي تخت حاصل ڪرڻ لاءِ احسان مند هو، پنهنجي وڏي پاءُ تورسماند جي قتل ٿيڻ کان پوءِ گاٿن جو حاڪم ٿيو هو ۽ هُن پنهنجي ڪُڏي ڪم کي جائز سمجهيو هو چاڪاڻ تہ سندس اڳئين جانشين شهنشاهت سان پنهنجي ايڪي ۽ اتحاد جي پيڪڙي ڪئي هئي(16). جيڪڏهن اهڙو ڏوهہ ڪو بربر حاڪم ڪري ها تہ پوءِ اها ڳالهہ تعجب واري يا چرڪائيندڙ نہ هجي ها چو تہ اهڙو ڪم اُنهن جي ڪردار جي عين مطابق هو پر ٿوڊورڪ جون اخلاق عادتون ۽ ڪردار انساني وصفن سان پريل هيا تنهن ڪري ماڻهو سندس عزت ڪندا هيا ۽ ايندڙ نسل بغير ڪنهن هڪ جي گاٿن جي هن بادشاهہ جي تصوير ناهي سگهي ٿو جنهن کي سڊونيَس پڻ پنهنجي ذهن ۾ رکيو هو تہ ڪيئن نہ

هن امن امان ۽ انساني لڳ لاڳاپن کي سهڻي نموني سان هلايو هو. ٽولُوز جي محلات منجهان هڪ تحرير هٿ آئي آهي جنهن ۾ تقرير جي هڪ ماهر پنهنجي دوست جي تجسُس ۽ شڪ واري ڪيفيت کي هيٺين لفظن سان مطمئن ڪيو آهي:

"مونکي سندس ظاهري صورت جو قسم آهي تہ اُهي ماڻهو به ٽوڊورڪ جو احترام ۽ عزت ڪندا جيڪي هن وقت تائين سندس خوبين ۽ چڱاين کان ناواقف آهن ۽ توڙي جو هو پنهنجي جائي جڳہ کان ئي هڪ عظيم شخص آهي پر سندس خوبيون خود بخود ڪيس متاهون ۽ نمايان شخص جي حيثيت ۾ ظاهر ڪنديون. هو پوري پُني قد جو آهي، ۽ سندس جسم ٽلهي هئڻ جي باوجود، مناسب ۽ تراشيل آهي ۽ پنهنجي عضون جي جوڙجڪ ۾ هو متحرڪ، چُرپر ڪندڙ ۽ طاقتور آهي(18). جيڪڏهن سندس مُنهن جي بيهڪ کي ڏسجي ٿو تہ سندس نراڙ ڪشادو، وڏا ۽ ڪُهرا پِرون، عُقابي نڪ، سنها چپ، سهڻا، اڇا ۽ سلامت ڏندَ، ۽ رنگ سهڻو ۽ وٽندڙ ۽ مُنهن تي ڪاوڙ جي بجاءِ سدائين مُرڪ ۽ حيادار، تنهن ڪري ماڻهو ساڻس محبت ڪن ٿا". سندس وقت جي وِرچ يعني اُهو وقت جيڪو هو ماڻهن سان گذاري ٿو، اُهو هن ريت آهي: ڏينهن جي شروع ٽيڻ کان اڳ هو پنهنجن مخصوص ماڻهن سان گڏجي ننڍي ڪليسا ۾ وڃي ٿو جتي پادري سيني سان گڏجي عبادت ڪري ٿو پر اُهي ماڻهو جيڪي ڪيس وڌيڪ ويجها آهن تہ اُهي سندس هن عقيدت ۽ عبادت کي سندس روزاني عادت ۾ شامل ڪن ٿا. صبح جو باقي بچيل وقت بادشاهت جي انتظامي مسئلن جي سار سنيال ۾ گذري ٿو. سندس ڪرسيءَ جي اردگرد بينل محافظ فوجي آفيسر آهن پر اُهي نهايت ئي فضيلت وارا ۽ مهذب آهن ۽ شور ڪندڙ بربرن کي وڏي هال جو محافظ بنايو ويو آهي پر کين اها اجازت هرگز مليل ناهي تہ اُهي پردن يا ٻڌايل حدن کان اڳتي وڌي وڃن چو تہ اُتي خاص ڪائونسل جي هڪ جڳهہ نهيل آهي جنهن کي گستاخ نظرن کان پري رکيو ويندو آهي ۽ اهو احتياط ڪيو ويندو آهي تہ اُها جڳهہ عام ماڻهن جي نظرن يا تڪڻ کان محفوظ رهي. هِتي ئي مختلف قومن جي سفيرن جو تعارف ڪرايو ويندو آهي، ٽوڊورڪ کين غور سان ٻڌي ٿو. سندن سوالن جا جواب کين ڏڻتي ۽ وضاحت سان ڏئي ٿو، ۽ پنهنجي آخري فيصلي ڏيڻ ۾، حالتن جي تقاضا موجب يا تہ دير ٿو ڪري يا هڪدم اعلان ڪري ٿو ڇڏي. (انين ڏاران) يعني بي ڪلاڪ ۾ هو پنهنجي تخت تان اُٿي ٿو ۽ پنهنجي خزاني يا وري گهوڙن جي اصطبل جو چڪر ٿو لڳائي، جيڪڏهن شڪار تي وڃڻ جي خواهش ٿو ڪري يا وري گهوڙي جي پٺيءَ تي سوار ٿي ڪا ورزش ڪري ٿو تہ سندس تير ڪمان هڪ نوجوان کڻي ٿو پر جڏهن شڪار کي پوريءَ طرح تاڙيو وڃي ٿو تہ هو تير ڪمان پنهنجي هٿ ۾ کڻي استعمال ٿو ڪري ۽ اهو شايد ئي کڏهن ٿيو هجي جو سندس نشانو خطا ٿيو هجي يا گُٽو هجي. بادشاهہ جي حيثيت ۾ هٿيارن کڻڻ کان کيس نفرت آهي پر هڪ سپاهيءَ جي حوالي سان هو کنهن به فوجي ڪم ڪرڻ کي پنهنجو اعزاز سمجهندو هو. عام ڏينهن ۾ سندس رات جي ماني اُها ئي هوندي هئي جيڪا ڪو عام شهري کائيندو هو پر هر چنچر تي هو ڪيترن ئي مهمانن کي پنهنجي ٽيبل تي کاڌي کائڻ جي دعوت ڏيندو هو جنهن ۾ يونان جي شان جي جهلڪ، گال جي ڪشادگي ۽ اٽلي جي محنت ۽ مهمان نوازيءَ جا رنگ ڏسڻ ۾ ايندا هيا(19). سون يا چانديءَ جون پليٽون پنهنجي وزن جي ڪري نہ پر پنهنجي چمڪ ۽ نقش نگاريءَ سبب وڌيڪ نمايان ۽ نراليون هونديون آهن ۽ طعام جي لذت ماڻڻ لاءِ ڪنهن به باهرين مدد جي ضرورت نہ هوندي آهي پر اها پنهنجن حواسن تي مدار رکندڙ هوندي آهي؛

جي پيالن جي سائيز ۽ تعداد، پيئڻ ۾ اعتدال رکڻ جي قانون مطابق هوندو هو ۽ ان وقت محفل تي ڄاڻيل احترام واري خاموشيءَ کي فقط سخت ضرورت يا کجهه هدايتن جاري ڪرڻ وقت ٽوڙيو ويندو هو. رات جي مانيءَ کان پوءِ ٽوڊورڪ ڪڏهن ڪڏهن ٿوري دير لاءِ ننڊ ڪندو هو ۽ جيئن ئي هو جاڳندو هو ته ٽيبل گهرائي ڌاري يا چَڪي جي راند کيڏڻ شروع ڪندو هو ۽ پنهنجن دوستن کي چوندو هو ته راند جي وقت هو سندس شاهي دبدبي کي وساري ڇڏين ۽ هو تڏهن ڏاڍو خوش ٿيندو هو جڏهن سندس دوست آزاديءَ سان پنهنجي دل جا حال احوال کيس ٻڌائيندا هيا ته ساڳي وقت راندين روندين بابت به کيس وندرائيندا هيا، هن راند کي هو ڏاڍو پسند ڪندو هو ۽ چوندو هو ته ان جو تصور جنگ جهڙو هوندو هو، اهڙيءَ طرح هو هن راند ذريعي پنهنجي ذهن، پنهنجي صبر ۽ پنهنجي خوش طبعي جو مظاهرو ڪندو رهندو هو. جيڪڏهن هو راند هارائيندو هو ته ڪِلندو هو پر جي کٽيندو هو ته بردبار ۽ خاموش رهندو هو. پر سندس درباري سندس کٽڻ جي خوشيءَ ۾ ڪانئس ڪجهه فائدا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا ۽ مون خود، بادشاهه ڏي لکيل درخواستن ۾، پنهنجن نقصانن منجهان ڪيترائي فائدا حاصل ڪيا آهن(20) اٽڪل نائين ڪلاڪ ۾ (يعني ٽين وڳي) زندگي جو ڪاروبار ٻيهر شروع ٿي ويندو هو ۽ اهو سلسلو لڳاتار سج لهڻ کان پوءِ به تيسين پيو هلندو هو جيسين رات جي شاهي مانيءَ جي لڳڻ جو ماڻهن کي اشارو ملندو هو ۽ پوءِ هڪدم عرضدارن، ۽ منت ميڙ ڪرڻ وارن جو هجوم محلات مان هليو ويندو هو. رات جي مانيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن مشڪرن ۽ پوڳائي ماڻهن کي به وِندر ورونهن لاءِ گهرايو ويندو هو ته جيئن ڪِل پوڳ ۽ ڏهانت طرف ماڻهن جو توجهه ڦيرائي سگهجي، پر ڳائڻين ۽ ڪدڙن وغيره جي شرڪت تي سخت پابندي هئي ۽ اهڙيون جنگي ۽ بهادريءَ واريون ڏُنون، جيڪي ماڻهن ۾ همت ۽ مردانگي جو روح ڦُوڪن، وڄايون ويندیون هيون. جن تي ٽوڊورڪ جا ڪنَ محظوظ ٿيندا هيا ۽ هو بيحد خوش ٿيندو هو. جيئن هو ڪاڏي جي ٽيبل تان اُٺندو هو ته رات جي ڊيوٽي وارا محافظ خزاني جي گيٽن ۽ محلات جي اردگرد چؤڪس ٿي ويندا هيا.

جڏهن وزيگاٿن جي بادشاهه، ائويٽس کي تاج پهرڻ لاءِ همٿايو هو، ته هن پنهنجي پاڻ کي توڙي پنهنجين فوجين کي روم جي جمهوريه جي خدمت لاءِ ارپي ڇڏيو هو(21). ٽوڊورڪ جي مُهمُن سڄي دنيا تي واضح ڪري ڇڏيو هو ته هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي جنگي ڪرتبن کان هرگز پٺتي نه هٽيو هو. اُڪئيٽين ۾ گاٿن جي آبادي ۽ وئندلن لاءِ آفريڪا جي رستي کُلڻ کان پوءِ، سُووِي قبيلي، جنهن گئليشيا ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪري ڇڏي هئي، اسپين کي فتح ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري ۽ روم جي ڪمزور حڪومت جي باقي بچيل ٽُڪرن کي به تباهه ڪرڻ جي ڏمڪي ڏنائون. ڪارٿاجينا ۽ تاراگونا جي مقامي ماڻهن، جن دشمنن جي حملي سبب تڪليفون ڪاٽيون هيون، پنهنجا ڏڪ سڪ ۽ جيڪي به ڪين خدشا ۽ خطرا هيا، اُهي بيان ڪيا. مُنهندار فرونٽو کي شهنشاهه ائويٽس طرفان ايلچي ڪري موڪليو ويو جيڪو امن ۽ ايڪي جو سنو پيغام ڪڍي ويو ۽ ٽوڊرڊڪ پنهنجي طاقتور ثالثي ڪندي اعلان ڪيو ته جيستائين سندس پيٽيوو- سووِي جو بادشاهِ رٽائرڊ نٽو ٿي وڃي ته هو روم کي انصاف ڏيارڻ لاءِ هٿيارن جي ذخيري کي وڌائيندو رهندو. 'ڪيس ٻڌائي ڇڏ'، ضدي رچائريَس غرور مان وراڙيو، 'ته مان سندس دوستي توڙي هٿيارن کان نفرت ڪريان ٿو، پر مان جلدي ڪوشش ڪندس ۽ هن کي اهو به ٻڌائي ڇڏجو ته جلدئي ٽولُوز جي ديوارن اندر منهنجي اوچتي آمد جو انتظار ڪري.' دشمن طرفان اهڙي للڪار

ٿوڊورڪ کي محتاط بنائي ڇڏيو ۽ هو دشمن جي پيش قدمي کي روڪڻ جون تجويزون ناهڻ لڳو. هو وزيگاٿن، فرئنڪن ۽ برگنڊيَنس جي وڏي فوج وٽي پائرينيز اُکريو، ۽ توڙي جو هُو پاڻ کي ائيٽس جو ٻَڏو ٻانهو سمجهندو هو، پر هن پنهنجي ۽ سندس ايندڙ جانشينن لاءِ اسپين جي سوين کي پنهنجو ذاتي ورثو سمجهي ڇڏيو هو. ٻه فوجون يا ٻه قومون اُربيڪس ندي جي ڪنارن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٽيون، هي هنڌ آسٽروگاٿن کان ٻارهن ميلن تي هو ۽ ائين ٿي لڳو ته گاٿن جي فيصلي واري فتح سووِي جي بادشاهت جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيندي. جنگ جي ميدان مان ٿوڊورڪ برئگا ڏانهن پيش قدمي ڪئي جيڪو مخالفن جو وڏو شهر هو ۽ جنهن اڳا تائين پنهنجي قديم وٽج واپار ۽ شهري عظمت جي وقار کي برقرار رکيو هو(22). سندس آمد کي هروپرو رت جي وهڻ سان پليد نه ڪيو ويو، ۽ گاٿن، قيدي عورتن جي عزت ۽ وقار تي حرف نه اچڻ ڏنو، ۽ خاص طرح تي اُهي ڪنواريون جن جي پاڪدامني داغدار نه ٿي هئي، باقي بيشمار مذهبي ماڻهن ۽ ٻين کي گرفتار ڪري قيدي بنايو ويو ۽ ڪليسائن توڙي قربانگاهن کي ٻه لُٽ ڦُر(*) جي راڄ ۾ نه بخشيو ويو. سووِي جو بدقسمت بادشاهه سمنڊ جي هڪ بندرگاهه ڏي پڄي ويو پر هوا جيڪا سامهون ۽ مخالف رخ کان گهُلي رهي هئي، هن کي اهڙي هنڌ تي وڃي پهچايائين جتي سندس جاني دشمن موجود هو ۽ ريچاريَس، جنهن جي نه خواهش هئي ۽ نه وري ڪيس رحم جي ڪا اُميد هئي، موت کي مردانگيءَ سان قبول ڪري ورتو هو- يعني اُهو موت جيڪو سندس هٿان شايد ڪنهن ٻئي جو ٿئي ها. پاليسي يا ناراضگيءَ جي هن خوني قرباني ڏيڻ کان پوءِ ٿوڊورڪ ميريدا تائين پنهنجين فوجين سميت اڳتي وڌي ويو جيڪو لوسيٽئنيا جو مکيه شهر هو ۽ هن پيشقدميءَ ۾ ڪيس ڪابه رڪاوٽ پيش نه آئي سواءِ سينٽ يُولئليا جي معجزاتي طاقت جي، پر هن کي ڪاميابين جي چوٽيءَ تي روڪيو ويو ۽ سندس فتحن جي ضمانت ڏيڻ کان اڳ ئي هن کي اسپين منجهان گهرايو ويو هو. پائرينيز طرف پاڃ ڪندي، هن پنهنجي ناڪاميءَ جو بدلو هر ان ملڪ کان ورتو جنهن مان هو لنگهيو هو ۽ پولينشيا ۽ آسٽورگا کي تاراج ڪرڻ وقت، هن پاڻ کي هڪ اهڙو اتحادي ثابت ڪيو جنهن تي پروسو نه پيو ڪري سگهجي ۽ ان سان گڏوگڏ هن پاڻ کي هڪ ظالم دشمن جي روپ ۾ پيش ڪيو. هڪ طرف وزيگاٿن جو بادشاهه، ائيٽس جي طرفان، وڙهيو ٿي ۽ سوين حاصل ٿي ڪيون، پر خود ائيٽس جي حڪومت پڃاڻيءَ تي پهچي چڪي هئي ۽ ٿوڊورڪ جو وقار توڙي سندس دلچسپي ٻئي زخمي ٿي چڪيون هيون ڇو ته سندس دوست جي بيعزتي ٿي هئي جنهن کي هن اولهه جي شهنشاهت جو تاج پارايو هو(23).

سينيٽ توڙي عوام طرفان شهنشاهه ائيٽس کي مِنتون ڪيون ويون ته هو پنهنجي رهائشگاهه روم ۾ اختيار ڪري ۽ ايندڙ سال لاءِ مئجسٽريٽ جو عهدو قبول ڪري. پهرين جنوري تي سندس نائي سدونيَس اپولينئرس، سندس تعريف تي مشتمل هڪ مدح سرائي تيار ڪئي جنهن ۾ شاعريءَ جا ڇهه سؤ مصرع يا بندَ نظمايا ويا هيا، ۽ سندس شاعري، توڙي جو ان تي پتل جو مجسمو ڪيس انعام طور ڏنو ويو هو(24)، ذهانت يا سچ جي هڪ مناسب مواد سان پريل هئي. شاعر، جيڪڏهن اسان ان مقدس نالي کي بيعزتو ڪريون، هڪ حاڪم ۽ هڪ پيءُ(*) جي خاصيتن کي حد کان وڌائي پيش ڪيو آهي ۽ هن بابت ڏگهي ۽ شاندار حڪومت ڪرڻ جي سندس پيشنگوئي کي ٻه حالتن غلط ثابت ڪري ڇڏيو. ائيٽس، ان وقت جڏهن شاهي شان شوڪت، تڪليفن ۽ خطرن جي ور چڙهي ويو هو، اڳلي جي عياشين

مان لطف اندوز ٿي رهيو هو، هن وڏي عمر ۾ پنهنجي عاشق مزاجي جي عادتن کي ڇڏيو نه هو ۽ هن تي کيترا الزام هيا ته هن نهايت بيهودگي ۽ بيحيائيءَ جي طنزن سان اُنهن مُڙسن کي بيعزتو کيو هو جن جي زالن سان ناجائز تعلقات قائم ڪري هنن سان هُن زيادتي ڪئي هئي(25). پر روم جا ماڻهو هاڻي قطعي طور تي ڪانئس بيزار هيا، هو نه ته سندس غلطيون ۽ ڏوهه معاف ڪرڻ ۽ نه وري سندس خوبين جي اعتراف ڪرڻ لاءِ تيار هيا. نتيجي ۾ شهنشاهت جا کيترائي حصا ڇڻ هڪ ٻئي لاءِ اجنبي بڻجي ويا هيا ۽ گال جو هي ڏاريو شخص ماڻهن طرفان نفرت ۽ حقارت جي علامت بڻجي ويو. سينيٽ، شهنشاهه جي چونڊ ڪرڻ ۾ پنهنجو جائز حق ڇمايو پر سندس اختيارَ، جيڪي پراڻي آئينَ مان حاصل ڪيا ويا هيا، اُهي زوال پذير شهنشاهت جي ڪري رد ڪيا ويا. تنهن هوندي به اهڙي بيوَس شهنشاهت به شايد ڪمزور سينيٽ جي وڌڻ جي مخالفت ڪري سگهي ها جيڪڏهن مُنهندار رسيمَر سندن شڪايتن ۽ ناراضگيءَ جي رڳو پنيرائي نه ڪري ها پر معاملي کي اڳتي وڌائي ۽ وڌيڪ اُلجهائي نه ڇڏي ها، هو بربرن جي فوج جو مڪيہ ڪمانڊر هو جنهن اٽلي جي بچاءَ ڪرڻ جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي هئي، وزيگاٿن جي بادشاهه واليا جي ڏيءُ، رسيمر جي ماءُ هئي، پر هو پيءُ جي طرف کان سووِي قوم سان تعلق رکندڙ هو، سندس فخر يا حب الوطني جي جذبي کي سندس ئي وطن جي ماڻهن جي بدقسمتيءَ سبب سخت صدمو رسيو هو ۽ هن مجبوري ۽ ناراضگيءَ منجهان ان شهنشاهه جا حڪم مڃيا جنهن جي تاجپوشيءَ ۾ نه ته هن جڙ هٽ هو ۽ نه وري ڪانئس صلاح مشورو ڪيو ويو هو. هڪ وفاداري وارين خدمتن سبب هو اڃا به مضبوط ۽ طاقتور(27) بڻجي ويو ۽ ڪارسيڪا جي بندر تي وئندلن جي آرماڙ جنهن ۾ سٺ جهاز هئا، کي تباهه ڪرڻ کان پوءِ رسيمر اٽلي جي فاتح ۽ ڪيس چوٽڪارو ڏيارينڊڙ جي لقب سان واپس موٽيو. هن موقعي مان فائدو وٺڻ کي هن غنيمت سمجهيو ۽ ائويٽس کي پيغام ڏياري موڪليائين ته سندس حڪومت جو خاتمو ٿي ويو هو ۽ ڪمزور شهنشاهه، جيڪو پنهنجن گاٽ اتحادين کان ڪافي مفاصلي تي هو، پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ۾ ناڪام ويو ۽ نيٺ پنهنجي تخت کي خيرباد چيائين. رسيمر(28)، پنهنجي رحمدلي يا وري نفرت مان، ائويٽس کي اها اجازت ضرور ڏني ته تاج لاهڻ کان پوءِ هو پلئسينٽيا جو پادري بڻجي وڃي جيڪو خود هڪ عزت وارو عهدو هو، پر سينيٽ جيڪا مٽس اڃا تائين سخت ناراض هئي، انتهائي سخت قدم کڻندي کيس موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي، هو ائلپس جبلن ڏانهن پڄي ويو، انڪري نه ته وزيگاٿن کي پنهنجي حق ۾ هٿيار کڻڻ لاءِ چوي پر فقط جان ۽ دولت بچائڻ لاءِ ڪانئن مدد گهرياٿين. سندس دولت جوليَن وٽ محفوظ هئي جيڪو آورن جو هڪ درويش هو(29). بيماري يا وري قاتل جي هٿن ڪم ڏيڪاريو ۽ هن کي رستي تي ئي موت جي نند ۾ سمهاريو ويو، پر سندس خاڪ کي بريواس اُماٿيو ويو جيڪو سندس اباڻو صوبو هو ۽ هن کي پنهنجي سرپرست جي قدمن ۾ دفن ڪيو ويو(30). ائويٽس پنيان فقط پنهنجي هڪ ڏيءُ ڇڏي ويو جيڪا سڊونيَس ائپولينئرس جي زال هئي جنهن پنهنجي سهري کان ملڪيت ورثي ۾ ورتي هئي، پر ساڳي وقت جيڪي حڪومتي يا ذاتي سطح تي کيس اُميدون هيون، اُنهن جي پوري نه ٿيڻ تي کيس سخت افسوس ٿيو. سندس ناراضگيءَ کيس آماده ڪيو ته گال ۾ هڪ باغي ڏڙي سان وڃي ملي، ۽ ان ڪفاري ادا ڪرڻ لاءِ شاعر کان اڳ کا غلطي ٿي وئي هئي جنهنڪري اهو مٽس لازم ٿي ويو هو ته ايندڙ شهنشاهه جي تعريف يا خوشامد ۾ به پنهنجي شاعريءَ جو نئون عقيدت جو نذرانو پيش ڪري.(31)

ائويٽس جي جانشين هڪ وڏي ۽ عظيم ڪردار کي ڳولي لهڻ جي خوشخبري ٻڌائي، ڪڏهن ڪڏهن ڪردار بگڙيل دؤر ۾ ملندا آهن ته جيئن انسانذات جي عزت ۽ وقار جي حفاظت ڪري سگهن. شهنشاهه ميجورئن پنهنجن همعصرن طرفان تعريفون جائز طور تي لهٽيون آهن ۽ يقيناً ايندڙ نسل به سندس واکاڻ ڪندو ۽ اهڙيون تعريفون هڪ غيرجانبدار ۽ غيرواسطيدار تاريخدان هن ريت ڪيون آهن: 'هو پنهنجي رعيت جي ماڻهن سان بهتر سلوڪ ڪندو هو، هو دشمنن لاءِ بيحد خطرناڪ هو، ۽ هر خوبي ۽ خصلت ۾ هو هڪ باڪمال ماڻهو هو ۽ اهو جوَڻ بيجا نه ٿيندو ته هو پنهنجن سيني اڳين جانشينن کان به ڪردار ۾ مٿانهون هو جن رومين تي حڪومت ڪئي هئي(32)'. اهڙي شاهدي شايد سڊونيَس جهڙي شاعر جي مدح سرائي لاءِ ته مناسب ٿي سگهي ٿي ۽ اسان شايد ان ڳالهه تي مطمئن ٿي وڃون ته توڙي جو هڪ چاپلوس تقرير جو ماهر هڪ انتهائي نالائق شهنشاهه جي تعريف ۾ شايد اوتري ئي جوش جذبي سان ڪري ها ۽ پنهنجن لفظن جي جادوگري ڏيکاري ها، پر ساڳئي وقت اهو به مڃڻو پوندو ته هن موقعي تي جنهن شخصيت جون خوبيون هن جي آڏو يا سيني کي جيئن نمايان نظر اچي رهيون هيون ته پوءِ حقيقت اها آهي ته هن خوشامد نه پر سراسر سچ ڳالهايو آهي(33). ميجورئن جو نالو ماڻ جي طرف کان پنهنجي نانيٽي تي رکيو ويو هو، جيڪو عظيم ٿيوڊوسيس جي حڪومت ۾، اِليريَن جي سرحد تي فوجي ڪمانڊر هيو. هن پنهنجي ڏيءُ جو سَڳ ميجورئن جي پيءُ کي ڏنو هو جيڪو هڪ معزز آفيسر هيو جنهن وڏي ذهانت ۽ ايمانداريءَ سان گال ۾ نانيٽي جي معاملن کي خوش اسلوبيءَ سان هلايو هو ۽ هن جي دوستي گهٽو ڪري ايٽيَس سان هوندي هئي جنهن جي مقابلي ۾ هن ٻين آڇُن کي رد ڪري ڇڏيو هو. سندس پُٽ، آئيندي جو شهنشاهه اهڙن تعليمي ادارن ۾ پڙهيو هو جتي فوجي سِکيا ڏني ويندي هئي ۽ هن ننڍپڻ کان وٽي ڦڙتي ۽ بهادريءَ جي ڪارنامن ۾ حصو ونڻ شروع ڪيو، هو دوراندیش ۽ ذهين هو ۽ ٿورڙي آسودگيءَ ۾ به وڏي فراخدلي ۽ سخاوت سان هلندو هو. جيڪي معيارَ ايٽيَس قائم ڪيا هيا، هُن اُنهن کي برقرار رکيو، ڪاميابيون ماڻيون ۽ ڪڏهن ته وري پنهنجي محسن کان به خوبين ۽ لياقن ۾ مٿي هليو ويو ۽ آخرڪار بين ماڻهن ۽ خاص طرح سان پنهنجي زال جي حسد جو شڪار ٿيو جنهن مٿس زور پريو ته هو پنهنجي نوڪري تان رٽائر ٿي وڃي(34). ايٽيَس جي موت کان پوءِ ميجورئن کي بيهر ياد ڪيو ويو، عزت سان گڏ ڪيس ترقي ڏني وئي ۽ مُنهندار رِسيمر سان ويجهن ناتن هڻڻ سبب صفا مٿاهين مرتبي تائين پهچائي ڪيس اولهه جي شهنشاهت جو تاج پارايو ويو. وچ ۾ جيڪو خال ائويٽس جي شهنشاهت کي ڇڏڻ سبب پيدا ٿيو، ته هڪ خواهش رکندڙ بربر جنهن جو جم اهڙو نه هو جو ڪيس شاهي رتبو ڏنو وڃي ها، اٽلي جو حاڪم ٿي ويو، ۽ ڪيس رئيس يا نواب جو لقب ڏنو ويو، پنهنجي دوست جي جوَڻ تي هو گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج جو ماسٽر جنرل ٿي ويو ۽ ٿورڙن ئي مهينن جي وقفي کان پوءِ، رومين جي گڏيل خواهش جو احترام ڪيائين چاکاڻ ته ميجورئن سندس اڳتي وڌڻ جي رستي کي، اليماني تي فتح حاصل ڪرڻ سان، هموار ڪري ڇڏيو هو(35). ڪيس روينا ۾ شاهي تاج پارايو ويو ۽ هن موقعي تي هن جيڪا تقرير سينيٽ ۾ ڪئي اُها اُن وقت جي حالتن ۽ سندس جذبن جي عڪاسي ڪري ٿي:

"روم جا قابل قانون دانو ۽ سينيٽرو(*): اوهان جي وڻڻن ذريعي هڪ بهادر فوج جي جاري ٿيل فرمان هيٺ مون کي اوهان جي شهنشاهه ٿيڻ جي ذميواري سؤنپي وئي آهي(36). شال رحم ڪندڙ رب

تعاليٰ اسان جي ڪائونسلن ۾ بين انتظامي معاملن کي اوهان جي ۽ عوام جي فائدي ۽ بهتريءَ لاءِ هلائڻ ۾ اسان جي مدد ڪري! جيتري قدر منهنجو تعلق آهي، مون هرگز اها خواهش نہ ڪئي هئي، پر مون عرض ڪيو ته آءٌ استعيفا ڏيان، پر مان هڪ سڀني شهريءَ جي حيثيت ۾ جيڪڏهن ڪنهن ذاتي ۽ ذلت واري مفاد خاطر پاڻ تي سؤنپيل قومي ذميواريءَ کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪريان ها ته اِها قومي احسان فراموشي ٿئي ها، تنهن ڪري روم جي جمهوريہ جيڪو قومي بار جو ڏمو مون تي رکيو آهي، ان کي کڻڻ لاءِ آءٌ خوشيءَ سان تيار آهيان. تنهن ڪري ان شهنشاهہ جي مدد ڪريو جنهن کي اوهان پاڻ ناهيو آهي، انهن ذميوارين کڻڻ ۾ اوهان منهنجو ساٿ ڏيو جيڪي اوهان مون تي رکيون آهن ۽ شال اسان جون گڏيل ڪوششون اسان جي ان شهنشاهت جي خوشين ۽ بهتريءَ ۾ واڌارو آڻن، جيڪا اوهان پنهنجن هٿن سان پاڻ مون کي ڏني آهي. پڪ ڄاڻجو ته اسان جي وقت ۾ انصاف پنهنجي قديمي طاقت سان ماڻهن کي ملندو ۽ ڪردار رڳو معصوميت جي روپ ۾ نہ پر لياقت ۽ قابليت ذريعي جا چيو ويندو. جيڪو بہ غداري ڪندو(*)(37) ته فقط ان کي ئي ڍڄڻ ۽ خطري ۾ هجڻ جي ضرورت رهندي، باقي ٻيو ڪو بہ نہ ڍڄي ۽ آءٌ اهڙن ناپسنديده ۽ گندن ڪمن جون سخت سزائون ڏيندس. اسان جي خبرداري توڙي اسان جي نواب رسيمَر جي رهبري، اسان جي فوجي معاملن کي صحيح رستي تي هلائيندي ۽ رومي دنيا جي حفاظت کي يقيني بڻائيندي جنهن کي اسان هن وقت تائين مقامي توڙي ڌارين دشمنن کان بچائيندا آيا آهيون(38). توهان هاڻي سمجهي ويا هوندا ته منهنجي حڪومت جا ڪهڙا اصول ۽ ضابطا آهن. توهان منهنجي محبت ۽ خلوص وارن واعدن تي پروسو ڪري سگهو ٿا ۽ خاص طرح ان شهنشاهہ تي جيڪو اوهان جي زندگي جي ڏک سک، خوف ۽ خطرن جو ساٿي رهيو آهي، ۽ جنهن کي ايڏا تائين سينيٽر سڏرائڻ تي ناز هوندو آهي ۽ جنهن کي سدائين اهو اونو رهندو آهي ته اوهان پنهنجي ان فيصلي تي ڪڏهن بہ نہ پڇتايو جيڪو اوهان اڳ ئي سندس حمايت ۾ ڏئي ڇڏيو آهي'. شهنشاهہ، جنهن، رومي دنيا جي تباهين ۽ بربادين منجهان قانون ۽ آزاديءَ جي قديمي زبان کي وري تازو ڪيو هو، جنهن کان ٽراجن بہ لادعويٰ نہ ٿئي ها، اُها يقينن سندس دل جي جذبن جي ترجمان هوندي ڇو ته انهن کي نقل ڪرڻ جي گنجائش وٽس ڪانہ هئي ۽ نہ وري سندس اڳين جانشينن جي اها روايت هئي(39).

ميجورئن جي ذاتي توڙي قومي ڪمن بابت اسان کي ايتري ڄاڻ ناهي، پر سندس قانونَ جن ۾ عقل ۽ دانشمندي جو ڪليل اظهار ڪيل آهي اُهي سندس اعليٰ ڪردار جي ترجماني ڪن ٿا جنهن مان اهو بہ ظاهر ٿئي ٿو ته هو پنهنجي رعيت سان ڪيڏو نہ پيار ڪندو هو، ۽ سندن تڪليفن ۾ ساٿن همدردي ڪندو هو ۽ جنهن شهنشاهت جي زوال جي سببن کي بہ سمجهي ڇڏيو هو ۽ جنهن ۾ اها اهليت هئي ته عوام جي تڪليفن ۽ مصيبتن جو اثرائتو ازالو ڪري سگهي(40) ۽ ان سان گڏوگڏ ڪين انصاف بہ هڪدم پهچائي ۽ اها بہ پَڪ ڪري ته ڪنهن سان ڪڏهن بہ ڪا زيادتي يا ناانصافي نہ ٿئي. سندس ڪجهہ نمايان ڪم هن ريت آهن:

(I) سندس حڪومتي اختيارن ونڊ کان پوءِ هڪدم هن ڪوششون ڪيون (آءٌ سندس پنهنجن لفظن جو ترجمو پيش ڪريان ٿو) ته مقامي ۽ ڳوناڻن ماڻهن کي عذابن جي چڪيءَ مان پيسجڻ کان ٻاهر ڪڍي جيڪي مختلف ۽ اجاين الزامن ۽ تهمتن هيٺ پنهنجي ڏکيا ڏينهن ڪاٽي رهيا هيا(†)(41). هن سلسلي ۾ هن عام معافي يا ڇُوٽ ڏيڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو جنهن هيٺ هن

وقت تائين ماڻهن متان مڙهيل سمورا ڏنڊ، سپيئي قرض، جيڪي کنهن به بهاني سان مالياتي آفيسر، کانئن وصول ڪري پئي سگهيا، ختم ڪيا ويا. مُدي خارج ۽ تڪليف ڏيندڙ روايتي رسمن کان ماڻهن کي چونڪاري ڏيارڻ جي عمل جو نتيجو نهايت ئي خوشگوار نڪتو ۽ هاڻي سرڪاري ناڻي ۾ آهستي آهستي واڌارو اچڻ لڳو ڇاڪاڻ ته ماڻهو نراسائي، نااُميدي ۽ لاوارثي جي ماحول مان نڪري اُميد ۽ آسري طرف وڌيا تنهن ڪري حڪومت جي ڪمن ۾ هٿ وندائڻ ۽ محنت ڪرڻ لڳا.

(II) ٽئڪسن جي جمع ڪرڻ ۾ ميجورئن صوبائي مئجسٽريٽن جي نظام کي لاڳو ڪري ڇڏيو ۽ اُنهن وڏن ادارن کي ان ڪم کان روڪي ڇڏيائين جن کي يا ته شهنشاهه يا وري محلات جي مُنهندارن جي نالي ۾ ڪوليو ويو هو. شهنشاهه جا خاص نوڪر چاڪر، جن کي هروپرو وڏا اختيار سؤنپيا ويا هيا، پنهنجن روَين ۾ بي ادب ۽ گستاخ ٿي ويا هيا ۽ پنهنجن مطالبن ۾ هڪ طرفا ۽ پنهنجي مرضي وارا هيا، ۽ اُهي ننڍن ادارن توڙي مئجسٽريٽن کان بُڇان ڪندا هيا ۽ اُهي ان وقت سخت ناراض ٿي پوندا هيا جيڪڏهن سندن ذاتي مفاد ۽ مالي فائدا گهٽ ۾ گهٽ ان رقم کان ٻيٽا ٽيٽا نه هجن جيڪا رقم هو مجبور ٿي قومي ناڻي ۾ ٽئڪس جي صورت ۾ جمع ڪرائيندا هيا. جيڪڏهن سندن بددياني يا رشوت خوريءَ جو هڪڙو مثال به پيش ڪجي ته اُهو ماڻهن لاءِ حيرانيءَ جو باعث ٿيندو پر رشوت جي اهڙن الزامن کي هو خود قانون دانن کان سندَ ونڊي جائز ڪرائي ڇڏيندا هيا. اُهي پاڻ رقمون ته سون جي صورت ۾ ونڊندا هيا پر جمهوريه جي ساڳئي سِڪي کي پاڻ قبول نه ڪندا هيا ۽ فقط اُهي قديمي سِڪا قبول ڪندا هيا جن تي فاسٽينا يا وري ائنٽوننز جي مُهر لڳل هوندي هئي. رعيت جي جنهن ماڻهو وٽ اهي سِڪا يا سَندون نه هونديون هيون، ته پوءِ کين اها اجازت هوندي هئي ته هو پنهنجن گهُرجن يا لالچ وارن مطالبن کي وڌائي يا ٻيٽو ڪري پيش ڪندا هيا ۽ جيڪڏهن هو پنهنجي کوجنا يا ڪوششن ۾ ڪامياب ٿيندا هيا ته سندن مطالبي جي رقم ٻيٽي ٿي ويندي هئي جيڪا اوائلي زمانن (42) جي تور (Weight) يا پئسن جي ڪٽيل مُلهه مطابق هوندي هئي.

(III) 'ميونسپالٽيون (شهنشاهه فرمائي ٿو) 'هينئين سينيٽ (قديم زماني جي لهجي موجب) شهرن جي دل جو درجو رکن ٿيون ته ساڳئي وقت روم جي جمهوريه لاءِ اُهي وقت ۽ طاقت جو سرچشمو آهن، پر افسوس ته مئجسٽريٽن اُنهن جي درجي کي گهٽائي ڇڏيو آهي ته ساڳئي وقت ڪليڪٽرن جي حرام خوريءَ جي ڪري سندن ڪيترن ئي ميمبرن ۽ نمائندن پنهنجن مرتبن ۽ ملڪ کي ڇڏي ٻين هنڌن جا وَڻ وڃي وسايا آهن جتي هو ملڪ بدري جي زندگي گذارن ٿا'. هو ساڳين شهرن ۾ سندن واپسيءَ تي نه رڳو زور ٿو ڀري پر حڪم ٿو ڏئي ۽ اُنهن سببن ۽ شڪايتن کي به دور ٿو ڪري جن جي ڪري هنن ميونسپالٽي جي ڪمن ۽ ڪارڪردگي کي ڇڏي ڏنو هو. اُنهن کي صوبائي مئجسٽريٽن جي اختيارن هيٺ هدايتون جاري ڪيون ويون ته هڪدم پنهنجي ڊيوٽي تي واپس وڃن ۽ ٽئڪسن کي جمع ڪرڻ جي ڪم کي شروع ڪري ڏين، پر هاڻي کين پنهنجي ضلعي جي سموري رقم جمع ڪرڻ ۽جاءِ سندن ذميواري فقط هيءَ هئي ته جيڪا به رقم هنن وصول ڪئي هئي ان جو صاف ۽ باقاعدگي وارو حساب ڪتاب کين

پاڻ وٽ تيار رکڻو هو ته جيئن کنهن به وقت ان جي چڪاس ٿئي ته ان ۾ رتيءَ ماتر به ڪا قيرقار ٽيل نه هجي، ۽ ساڳي وقت اُنهن باقيدارن کان به ٽئڪس وصول ڪرڻو هو جيڪي ايا تائين جمهوريه جا قرضدار هيا.

(IV) پر ميجورئن ان ڳالهه کان غافل نه هيو ته جن ميونسپالٽين سان زيادتيون ۽ ناانصافيون ڪيون ويون هيون اُهي ضرور اهڙي ناروا ۽ نامناسب روَين جو بدلو وٺندا تنهن ڪري هن هڪ زبردست انتظامي قدم کڻندي 'شهرن جي محافظن' جي عهدي کي بحال ڪري ڇڏيو. هن ماڻهن تي زور پريو ته آزاد ماحول ۾ پنهنجن وڻڪن جو استعمال ڪندي پنهنجن ايماندار ۽ اعتماد وارن نمائندن جي چونڊ ڪن جيڪي جرئت سان سندن حقن جي حفاظت ڪري سگهن، سندن شڪايتن جو ازالو ڪري سگهن، جيڪي شاهوڪار ۽ دولتمند ماڻهن جي ظلمن ۽ زيادتين کان غريبن ۽ مسڪينن جي ڍال بڻجي ڪين بچائي سگهن ۽ شهنشاهه باقاعدگيءَ سان اُنهن انتظامي نقصن ۽ خرابين بابت لڳاتار سلسلي سان اطلاع پهچائيندا رهن جنهن ذريعي سندس نالي ۽ اختيارن جو ناجائز فائدو ورتو ويو هو.

جيڪو به تماشائي يا مشاهدو ڪندڙ قديم روم جي تباهيءَ تي هڪ سرسري نظر وجهندو ته افسوس ۽ ڏک جا ڳوڙها ضرور ڳاڙيندو ۽ اُهو گاڏن ۽ وٹندلن جي دؤرن کي ان جو ڪارڻ سمجهندو پر جيڪا شرارت اُنهن کان سرزد ٿي هئي، ان جي وٽن نه ته فرصت هئي، نه ڪين طاقت هئي ۽ نه وري سندن ارادو يا نيت ئي هئي ته اُها تباهي آندي وجي. جنگ جو طوفان ته وڏن وڏن منارن کي به ڪيرائي زمين تي اُڇلي ڇڏيندو آهي پر جهڙيءَ طرح ڏهن صدين جي عرصي ۾ روم جي هيڏن سارن تهذيبي ۽ تعميراتي منارن کي آهستي ۽ چپ چاپ ۾ ڌاهي تباهه ڪيو ويو اُهو ڏکوئيندڙ آهي پر شهنشاهه ميجورئن وڏي همت، مردانگي ۽ بردباريءَ سان اهڙن بربادين جي وهڪرن کي روڪي ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪارنامن ۽ ڪردار ذريعي اهڙن موقعي پرستن جي منفي روَين کي سخت ڏڪ رسايو. شهر جي زبون حالت عوامي توڙي حڪومتي ڪمن جي رفتار کي سست ڪري ڇڏيو هو. سرڪس ۽ نمائش گاهن ۾ زندگي جا ڪجهه آثار باقي هيا پر اُهي به عوامي امنگن کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هيا؛ مندرن ۾، جيڪي ايا تائين عيسائين جي ڪاوڙ کان محفوظ رهيا هيا، نه ديوتا موجود هيا نه وري اُتي ڪي انسان وسي رهيا هيا، رومي ماڻهن جي ڪِل خوشي وارا هجوم گهٽجي چڪا هيا جيڪي سندن وسيع غسل خانن ۽ ڇهرائن تائين محدود ٿي ويا هيا ۽ وڏيون لائبريرون توڙي انصاف جا هال، ڪاهل ۽ نِڪمي نسل لاءِ بيسود بڻجي ويا هيا جن جي عيش آرام ۾ ڪنهن ڪتاب پڙهڻ جي سلسلي ۾ شايد ئي ڪو خلل پيو هجي. مئجسٽريٽن، سفارتڪارن يا شهنشاهن جي عظمت جي منارن جي اڳوڻي عزت نه رهي هئي ۽ نه وري اُنهن کي قديمي شان شوڪت يا لازواليت حاصل رهي هئي، اُنهن جي اهميت فقط اهڙي ڪاڻ جي وجي رهي هئي جتان پٿر يا عمارتي مواد سستو ۽ سولو ملي سگهي. روم جي بي حِس مئجسٽريٽن وٽ لڳاتار شڪايتون ۽ ماڻهن جون اپيلون پيون موصول ٿيندیون هيون ته ضروري ڪمن لاءِ به پٿرن يا سِرُن جو گهربل ذخيرو موجود ڪونه هو ڇاڪاڻ ته ماڻهن پنهنجي ذاتي فائدن لاءِ وڏيون عمارتون توڙي تعميرات جي اوچن منارن کي ڌاهي پنهنجا گهر ٺاهيا هيا. جڏهن ڪائنس کو پڇا ڳاڇا ڪندو هو ته مرمت ڪرڻ جا يا وري پيا کي ڪوڙا بهانا ٺاهي قومي بربادیءَ ۾ مصروف رهندا هيا، ۽ روم جي بگڙيل نسل

کي نہ ته کو احساس هو ۽ نہ وٽن کو شرم يا پڇتاءُ هو ته کيئن نہ هنن پنهنجن ابن ڏاڏن جي محنت توڙي عظمت کي پنهنجي نالائقيءَ جي کري ختم کري ڇڏيو هو. ميجورئن، جنهن کيترائي پيرا شهر جي بربادي ۽ تي ڏک مان ڏڏا ساهه کنيا هيا، ۽ بربادي ۽ جي وڏيڪ امکانن کي ختم کرڻ جا سخت قدم کڻڻ شروع کري ڇڏيا هيا(43)، اهو معاملو پنهنجي ولي عهد ۽ سينيٽ تي ڇڏي ڏنو ته جيکي انتهائي بربادي آڻيندڙ واقعا هيا اُنهن کي هڪدم روکڻ لاءِ اُپاءُ وٺن ۽ هن سلسلي ۾ سون جي پنجاهه پائونڊن جو ڏنڊ (جيکو ٻن هزارن پائونڊ اسٽرلنگ جي برابر هو) هر ان مئجسٽريٽ تي مڙهڻ جو فيصلو کيو ويو جيکو کنهن به قديمي ۽ شاندار عمارت کي ڍاهڻ جو اجازت نامو جاري کندو ۽ اهڙن مئجسٽريٽن جي ماتحت آفيسرن کي به سخت سزائون ڏيڻ جو حڪم نامو جاري کيو ويو جيکي بربادي ۽ جي اهڙن کُڏن کمن کي عملي جامو پارائيندا، کين کوڙا يا قيدڪا هنيا ويندا ۽ سندن ٻئي هٿ ڪاٽيا ويندا. آخر ۾ بيان کيل سزا ۾ قانون سازي جي اداري ممکن آهي ته ان ڏوهه جي حد صحيح طرح سان مقرر نہ کئي هجي، يا ممکن آهي ان کان هن سلسلي ۾ ڪا کوتاهي ٿي هجي، پر ان فيصلي يا جنبي جو ڪارڻ فقط هڪ اصول هيو ۽ ميجورئن اُنهن زمانن جي منارن يا محلاتن کي بربادي ۽ کان بچائڻ لاءِ پريشان هو جنهن ۾ رهڻ جي سندس خواهش هئي ۽ جن ۾ رهائش اختيار کرڻ جو کيس پورو حق به هيو. شهنشاهه کي هڪ خيال آيو ته هو پنهنجي رعيت جي ماڻهن جو تعداد وڌائي ۽ اهو به سندس عقيدو هو ته هو شادي ۽ جي پلنگ جي ڇڻ پٽي جي پوري ۽ طرح حفاظت کري، پر هن سلسلي ۾ جيکي قدم هُن کنيا اُهي کجهه مشکوڪ ۽ اعتراض جوڳا هيا. پاکدامن چوکرين کي، جن پنهنجو کنوارپڻو حضرت عيسيٰ ؑ کي ارپي ڇڏيو هو، پنهنجو مُنهن لڪائڻ کان تيستائين منع کئي وئي جيستائين هو چاليهن سالن جي عمر کي پهچن، ساڳي جمار جي بيواهُن کي مجبور کيو ويو ته اُهي بيوهه ٿيڻ کان پوءِ پنجن سالن اندر ٻي شادي کن ۽ پنهنجي دولت ۽ ملکيت جو اڌ حصو يا ته پنهنجي ڪٻنهن ويجهي عزيز يا وري ملڪ جي حوالي کري ڇڏين، غير برابري وارين شادين(*) جي مذمت کندي اُنهن کي ختم کيو ويو. مال ملکيت جي ضبطگي يا وري ملڪ بدري کي زنا جي مقابلي ۾ ان حد تائين گهٽ ۽ خسيس سزا سمجهيو ويو جو جيکڏهن ڏوهه کندڙ اٽلي ۾ موٽي وجي ته ميجورئن جي خاص حڪمن هيٺ پلي سندس سر قلم کيو وجي(44).

هڪ طرف ميجورئن رومين جي خوشحالي ۽ نج مانائتن روَين جي بحالي جي کوششن ۾ پوري خلوص سان مصروف هو ته ٻي طرف کيس جينسيرڪ سان جنگ جوٽڻي پئجي وئي جيکو پنهنجي کردار ۽ زميني حالتن موجب سندس طاقتور دشمن هو. وئندلن ۽ اتر آفريکا جي مسلمانن جو بحري ٻيڙو لِيرس يا گئريگليانو ندي جي مُهڙ وٽ وجي لٽو پر شاهي فوجن بربرن جي بدنظمي جو شڪار ٿيل فوجن تي حملو کري کين حيران کري ڇڏيو جن لاءِ کمپانيا جي لُٽ قر جو مال رُکاٽ بڻجي ويو هو، اُنهن منجهان گهڻن کي قتل کيو ويو ۽ ٻين کي پوئتي ڏکي سندن جنگي ٻيڙن تائين پهچايو ويو ۽ سندن اڳواڻ، جيکو بادشاهه جو نائي هو کي قتل ٿيل ماڻهن جي لاشن ۾ سجاتو ويو(45). اهڙي ڏڙتي ۽ سرحدن جي نگهباني مان اِها اُميد ضرور پيدا ٿي هئي ته هاڻي حڪومت مستحڪم ٿيندي پر حقيقت اها هئي ته کيڏي به سخت نظرداري ۽ نگهباني توڙي بيشمار فوجن جي موجودگي به اٽلي جي ڊگهي ۽ وسيع بحري ڪناري کي بحري جنگ جي بربادي ۽ کان بچائڻ لاءِ ناڪافي هئي. هاڻي

ميجورئن روم جي ماڻهن جي اُميدن ۽ آسرن جو مرڪز ۽ اُنهن لاءِ هڪ مضبوط سهارو هو. روم وارن کي يقين هو ته فقط اُهو ئي آفريڪا کي ٻيهر روم جي طابع ڪندو ۽ هن جيڪا وڻندلن جي نئين آبادي تي حملي ڪرڻ جي رٿ تيار ڪئي هئي، اُها سندس بهادري ۽ مستقل مزاجي واري پاليسي جو نتيجو هئي. جيڪڏهن هي بهادر شهنشاهه پنهنجي بهادري وارو بي مثال جذبو اٽلي جي نوجوانن ۾ اوتي ڇڏي ها، جيڪڏهن هو پنهنجي جنگي ديوتا جي ڏرتيءَ تي بهاديءَ جي مشقن کي ٻيهر وجي جياري ها ۽ جن ۾ سندس ٻيو ڪو به مَٽ يا ثاني ڪونه هو ته هو شايد هڪ وڏي فوج جي اڳواڻي ڪندي جينسيرڪ سان مقابلو وجي ڪري ها. قومي تقاضائن جو اهو جذبو شايد ايندڙ نسل ۾ مَن پيدا ٿي پوي پر اها اُنهن شهنشاهن جي وڏي بدقسمتي چئبي ته کين اهڙي بادشاهت ورثي ۾ ملي ٿي جيڪا زوال طرف وجي رهي هوندي آهي پر اُهي بادشاهه ان جي زوال کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوءِ اهڙين ڪوششن ۾ يا ته جلد فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن يا وري ڪنهن اوچتي خطري کي ٽارڻ جي سلسلي ۾ کين وڏن ۽ هاجيڪار نقصانن کي مُنهن ڏيڻو پئجي ويندو آهي. ميجورئن به پنهنجن اڳين ڪمزور جانشينن جيان هڪ موقعي پرستي ۽ ذلت وارو ڪم ڪيو ۽ هُن بربرن جي فوجي جٿن کي هٽائي پنهنجي رعيت جي اهڙن اناڙي ماڻهن کي انهن جي جڳهه تي مقرر ڪيو جيڪي فوجي توڙي جنگي تيارين کان بلڪل بي خبر هيا. پر سندس ڪمال جي ذهانت فقط تڏهن ظاهر ٿيندي هئي جڏهن ڪو جوش جذبي يا هوشياري سان تيز قدم کڻڻ جو مرحلو ايندو هو جنهن ۾ هو اهڙي ڪيڏ ڪيڏندو هو جو ڪيڏڻ وارو خود ئي سندس ذهانت جو شڪار ٿي ويندو هو. سندس اتحادين کان سواءِ، جيڪي اڳي ئي شهنشاهت جي خدمت ۾ مصروف هيا، سندس ذهني ڪشادگي ۽ بهاديءَ جي شهرت دنيوب جي قومن کي هن ڏانهن متوجهه ڪيو، بورسٽيَنس(*) ۽ شايد تنائي(†) پڻ ڏانهَس ڇڪجي آيا. اٽيلا جي رعيت جا هزارين ماڻهو، گيپيڊي، آسٽروگاٿ، رُگيَنس، برگنڊي جا ويڙهاڪ، سُووي ۽ الاني جا جوشيلا جوان لِگوريا جي ميدان تي گڏ ٿيا ۽ سندن طاقتور قوت جا مظاهرو تڏهن نظر آيو جڏهن مخالف ڌرين هڪ ٻئي سان دشمني واري ڇيڙ ڇاڙ شروع ڪئي(46). هنن سخت سياري ۾ ائلپس جي جبلن کي اُکاريو. شهنشاهه ميجورئن پيرين پيادو هلندي لشڪر جي اڳواڻي ڪئي ۽ ڪيس شيلڊون ۽ بچاءُ بند ٻڌل هيا ۽ هو پنهنجي لٽ سان برف جي ٿهن جي ماپ وٺندو اڳتي وڌي رهيو هو ۽ سيٽيا جي پنهنجن ساٿين کي همٿائي رهيو هو جيڪي سخت سردي جي شڪايت ڪري رهيا هيا ۽ کين تسلي ڏئي رهيو هو ته هو جلد آفريڪا پهچي ويندا جتي جي گرميءَ ۾ هو مطمئن ٿي ويندا. ليونس جي شهرين پنهنجي دلين ۾ پڪو پَهُ پڇائي ڇڏيو هو ته هو سندن آمد تي پنهنجا گيٽ يا وڏا دروازا بند ڪري ڇڏيندا پر پوءِ کين شهنشاهه ميجورئن کي منٽون ڪرٽيون پيون ۽ اُهي سندس رحم لاءِ ٻاڏائي رهيا هيا. هن جنگي ميدان تي ٽوبورڪ کي شڪست ڏني، ۽ هڪ بادشاهه سان دوستيءَ جو ناتو رکيائين هڪ اهڙو بادشاهه جيڪو هروپرو اهڙو به نه هو جو پاڻ کي هٿيارن رکڻ جي لائق نه ٻڌائي سگهيو هجي. گال ۽ اسپين جا ڪيترائي وڏا حصا وري روم جي جمهوريه سان ملي ويا ۽ هي ڪاميابي توڙي جو فائدي واري پر ساڳئي وقت جوکائتي به هئي پر اها ميجورئن جي ذاتي اثر رسوخ ۽ سندس طاقت ذريعي حاصل ٿي هئي(47)؛ ۽ بگائوڊي، جيڪو هڪ آزاد خطو هو ۽ جنهن اڳين حڪمرانن سان مقابلو ڪيو هو يا وري اُنهن جا ظلم سَٺا هيا، ميجورئن جي ڪردار کان متاثر ٿي ساٿس ملي ويو هو. سندس ڪئمپ بربر اتحادين سان پريل

هوندي هئي ۽ سندس تخت ۽ تاج سان ماڻهن جي بيحد محبت هئي، پر ان جي باوجود شهنشاهه جي دوراندیش دماغ پروڙي ورتو هو ته مضبوط بحري جنگي طاقت کان سواءِ آفريڪا جي سوپ ذري گهٽ ناممڪن هئي. پيونڪ جي پهرين جنگ ۾ روم جي جمهوريه ايتري ته محنت ڪئي هئي جو پهرئين وار ڪرڻ کان پوءِ ست ڏينهن جي اندر هڪ سؤ ست ننڍن جهازن جي آرماڙ وڏي فخر سان سمنڊ ۾ وڃي لنگر انداز ٿي هئي(48). ڪافي ناسازگار حالتن جي باوجود ميجورئن پنهنجن قديمي ابن ڏاڏن جي جوش جذبي ۽ بهادريءَ سان وڃي ڪُلهو ملايو هو. اپينائن جا ٻيلا وڍي ناس ڪيا ويا، روينا ۽ مسينيَم جي هٿيارن ناهڻ جي ڪارخانن ۽ بارود خانن کي بحال ڪيو ويو، اٽلي ۽ گال هاڻي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪرڻ لڳا ۽ شاهي بحري ٻيڙو، جيڪو ٽن سوَن وڏن جهازن تي مشتمل هو ۽ جنهن ۾ ننڍن جهازن کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه منتقل ڪرڻ جو پورو بندوبست ڪيل هو، آسانيءَ سان ۽ بغير ڪنهن خطري جي اسپين جي ڪارٿاگينا بحري بندر تي ٻيهاريو ويو(49). جيئن ئي بهادري جي انداز سان ميجورئن ظاهر ٿيو ته سندس فوجين ۾ جوش ۽ جرئت جو روح ڦوڪجي ويو ۽ کين پنهنجي سوپ جو يقين ٿي ويو ۽ جيڪڏهن تاريخدان پروڪوپيَس جي لفظن تي اسين اعتبار ڪريون ته واقعي اٽين ڏو محسوس ٿئي ته سندس همٿ ۽ بهادري سندس دوراندیشيءَ جي حدن کي به اورانگهي ويندي هئي. هن وئندلن سان به وڏي بهادري ۽ هوشياري ۽ ارو ڪارنامو سرانجام ڏنو هو ۽ پنهنجن وارن جو رنگ مٽائي مٽائين وڃي ڪڙڪيو هو ته ساڳي وقت ڪارٿيج ۾ به پنهنجي ٻي ملڪ جي هڪ سفير جي روپ ۾ هليو ويو هو ۽ جينسيرڪ کي به هن حيران ڪري ڇڏيو هو جنهن اڳ ائين سمجهيو هو ته هن روم جي شهنشاهه کي شڪست ڏني هئي پر پوءِ ميجورئن جي روپ ۽ ويس مٽائڻ جي همت ۽ هوشياري سبب حقيقت ان جي ابتڙ هئي. هي قصو ممڪن آهي هڪ افسانو لڳي ۽ ماڻهو ان کي شايد رد به ڪري ڇڏين، پر اها به حقيقت آهي ته جيڪڏهن ميجورئن جهڙو سورهيه سپوت نه هجي ها ۽ اهڙا اعتبار ۾ نه ايندڙ ڪارناما نه ڪري ها ته پوءِ اِهي افسانا به گهڙجي نه سگهجن ها(50).

جينسيرڪ توڙي جو پنهنجي مخالف سان مليو به نه هيو پر تڏهن به هن جي نيت ۽ ارادن کان پوريءَ طرح واقف هو. هن ڏوڪيبازي ۽ معاملن کي اينگهائڻ جا حربا استعمال ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا هيا پر اهڙين اٽڪلن ۾ ڪيس ڪاميابي حاصل نه ٿي هئي. صلح قائم ڪرڻ لاءِ سندس درخواستون روز بروز التجا ۽ عاجزيءَ واريون ٿيندیون ٿي ويون جن ۾ شايد خلوص به هيو پر پنهنجي ارادي ۾ اَٽل ميجورئن هڪ قديم چَوٽي تي عمل ڪري رهيو هو ته روم تيستائين سلامت نه هو جيستائين ڪارٿيج جو وجود هڪ دشمن جي روپ ۾ موجود هو. وئندلن جي بادشاهه کي پنهنجي رعيت جي ماڻهن جي بهادريءَ تي پورو پروسو نه هو جن کي ڏکٿين علائقن جي عياشين ڪمزور ڪري ڇڏيو هو(51)، ان کان سواءِ ڪيس اُنهن ماڻهن جي سچائي ۽ وفاداريءَ تي به شڪ هيو جن کي شڪستون ڏئي فتح ڪيو ويو هو ۽ اُهي پڻ ڪانئس نفرت ڪندا هيا ۽ ڪيس آرين آمر سڏيندا هيا ۽ هن جيڪو تنگ يا مجبور ٿي ماريٽنيا کي هڪ بيابان يا رڻ پٽ بنائڻ چاهيو هو(52)، ته روم جي شهنشاهه کي سندس اهڙين سازشن جي ڪابه پرواهه ڪانه هئي ڇو ته هو ايترو طاقتور ضرور هو جو جيڪڏهن چاهي ها ته پنهنجين فوجن کي آفريڪا جي ڪنهن به ڪناري تي آرام سان آڻي اُتي اُنهن جون ڪئمپون قائم ڪري ڇڏي ها. پر جينسيرڪ، پنهنجي رعيت جي طاقتور ماڻهن جي غداري جي ڪري تباهه ٿيڻ کان بچي ويو جيڪي

پنهنجي مالڪ جي ڪاميابين سبب ساٿس حسد ۽ ساڙ ڪرڻ لڳا هيا. اُنهن ماڻهن جي ڳُجهن اطلاعن ڏيڻ تي هن ڪارٽاگينا وٽ جهازن جي هڪ آرماڙ تي حملو ڪري ڏنو جنهن ايا پنهنجي حفاظت جو ڪو بندوبست ئي نه ڪيو هو، نتيجي ۾ ڪيترن جهازن کي ٻوڙيو ۽ ساڙيو ويو، ٻين جهازن تي قبضو ڪيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح ٽن سالن جي تيارين ۽ محنتن کي هڪ ڏينهن ۾ ئي برباد ڪيو ويو(53). هن واقعي کان پوءِ ٻنهي مخالفن جي روَين کين پنهنجي پنهنجي مقدر کان متاهون ڪري بيهاريو. وئندلن جي بادشاهه، هن عارضي سوپ ماڻڻ کان پوءِ، اجائي قوند يا آڪڙ کان پاسو ڪيو ۽ پنهنجي مخالف کي هڪدم وري صلح قائم ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. اولهه جو شهنشاهه، جيڪو هونئن منصوبن ناهڻ ۽ ناڪامين کي آساني‌ءَ سان هضم ڪرڻ جو ماهر هو، صلح کي قائم ڪرڻ يا وري عارضي طور تي جنگ بندي قائم ڪرڻ تي راضي ٿي ويو ۽ پنهنجي طرفان يقين ڏياريائين ته جيستائين هو پنهنجي ساموندي جنگي ٻيڙي کي اصلي حالت ۾ واپس ورائي تيستائين هو ڪنهن سان به جنگ نه ڪندو سواءِ ان جي جو ڇڙ ۽ ڪاوڙ وارا قدم کٽي کيس مجبور ڪيو وڃي ته هو بي جنگ ڇيڙي ڇڏي. ميجورئن واپس اٽلي موٽي ويو ته جيئن ماڻهن جي پلائي ۽ بهبود جي ڪمن کي اڳتي وڌائي سگهي، ۽ جيئن ته هن کي پنهنجي سچائي ۽ خلوص تي يقين هو ته هن ڪڏهن سوچيو به نه هو ته هن جي پرپُٺ هن جي خلاف هڪ گهري سازش رڇي وئي هئي جنهن سندس تخت توڙي حياتيءَ کي به خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو. ڪارٽاگينا ۾ جيڪو واقعو ٿيو هو ان شهنشاهه جي وقار کي داغدار بڻائي ڇڏيو هو. هڪ اهڙو شان ۽ وقار جنهن جي چمڪ ۽ شهرت بيشمار ماڻهن کي حيران ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪيترائي شهري توڙي فوجي آفيسر تعصب ڪندي هن سماج سڌارڪ جي خلاف ٿي ويا هيا، چاڪاڻ ته اُنهن ماڻهن سماجي براين مان ڪونه ڪو فائدو حاصل ٿي ڪيو جن کي ميجورئن ڪُچلڻ ٿي چاهيو ۽ بزرگ رسيمر بربرن جي جذبن ۽ ڪاوڙ کي شهنشاهه خلاف پڙڪائڻ جي پوري ڪوشش ٿي ڪئي جنهن کي هو چاهيندو به هيو ته ساڻئي وقت ڪائنس نفرت به ڪندو هو. ميجورئن جو اعليٰ انساني ڪردار به ڪيس غداري وارين سازشن کان ڪيس بچائي نه سگهيو جيڪي ائلپس جي پاڻن ۾ ٽارٽونا جي هنڌ تي سندس خلاف ٿي رهيون هيون. ان حد تائين ڪيس مجبور ڪيو ويو جو هن کي تخت تان هٽ ڪٽڻو پيو ۽ شهنشاهت ڇڏڻ جي پنجن ڏينهن کان پوءِ خبر پئي ته هن کي دستن جي سخت تڪليف ٿي پئي ۽ انهي بيماري ۾ ئي هو مري ويو(54)؛ جنهن جڳهه تي ڪيس دفنايو ويو اُتي سندس ياد ۾ هڪ معمولي مقبرو ٺاهيو ويو جنهن کي ايندڙ نسل پنهنجو محسن سمجهي ان کي پاڪ جاءِ سڏيو ۽ ان جو احترام ڪرڻ لڳا(55). ميجورئن جو ذاتي ڪردار ايترو ته سٺو هو جو هر انسان ساٿس پيار ۽ هن جي عزت ڪندو هو. هو رڳو ڪوڙن الزامن ۽ بُهتانن تي سخت ناراض ٿيندو هو جيڪي حاسدن طرفان مٿس مڑهيا ويندا هيا، پر ان جي باوجود هو ڪشادي ذهن جو مالڪ هو، چرچن ۽ پوڳن تي هو خوش ٿيندو هو ۽ جڏهن واندڪائيءَ جون گهڙيون ڪيس ميسر ٿيندين هيون ته پنهنجن ذاتي دوستن سان ويهي ڪچهريون پڻ ڪندو هو، جن سان آزاد ماحول ۾ رهاڻ ڪندو هو پر اهڙيءَ طرح جو سندس شان ۽ رتبي کان ڪِريل ڳالهه نه هجي جيڪا شاهي منصب ۽ رواداري جي خلاف هجي(56).

پنهنجي ذاتي خواهش کي پورو ڪرڻ ۽ هڪ دوست کي وجائڻ تي رسيمر کي افسوس ضرور هو پر ٻيهر سوچڻ تي هن فيصلو ڪيو ته اڳتي هو ڪنهن به اعليٰ ڪردار واري ماڻهوءَ کي هروپرو

ايتري اهميت نہ ڏيندو. سندس چوڻ تي روم جي چاپلوس سنيٽ لبيَس سيورَس کي شهنشاهہ بنائي ڇڏيو جيڪو اولهہ جي شهنشاهت جي گاديءَ تي وينو پر سندس حيثيت اها هئي جو ڪو بہ ڪيس ڄاڻندو سجاڻندو ئي ڪونہ هو. تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن ائين ٿيو هجي تہ اهڙو شهنشاهہ جنهن جي هر، ڪردار مٽاهين مرتبي تي پهچڻ جي بہ خبر نہ هجي ۽ سندس موت بہ اڻ ڄاتل يا اڻ سجاتل رهجي وڃي. جيئن ئي سندس محسن کي سندس زندگي بيسود ۽ اڪارتي نظر آئي(57) ۽ هن پنهنجو توجهہ مٽائنس هٽائي ڇڏيو تہ هو هڪدم مري ويو ۽ اها ڪوشش ڇڻ اجائي هوندي تہ سندس ڇَهن سالن جي فضول شهنشاهت جا داستان ويهي لکجن(*) يعني ان عرصي بابت جيڪو ميجورئن جي موت ۽ ائنٽيميَس جي اقتدار حاصل ڪرڻ جي وچ ۾ گذريو هو. ان عرصي ۾ حڪومت جو مالڪ ۽ مختيار فقط رسيمر ئي هيو ۽ توڙي جو وٽندڙ روَيي رکندر بربر بادشاهت جو لقب تہ اختيار نہ ڪيو هو پر تنهن هوندي بہ هن پاڻ وٽ گهٽي دولت جمع ڪئي هئي، پنهنجي جدا فوج ناهيائين، مُلڪن سان مختلف معاهدا ڪيائين، ۽ اٽلي تي اوتري ئي طاقت ۽ آمراڻن اختيارن سان حڪومت ڪيائين جيترن اختيارن سان بعد ۾ اوڀئسر ۽ ٽوڀورڪ حڪومتيون هلايون. پر سندس حڪومت ائلپس جي حدن تائين هئي ۽ بن رومي جنرلن مارسيلينَس ۽ ايجيڊيَس روم جي جمهوريہ جي تہ پوري تابعداري ٿي ڪئي پر رسيمر جي اجائي آڪڙ کي نفرت منجهان رد ڪيائين جنهن پاڻ کي پاڻهئي شهنشاهہ ٻڌائي ڇڏيو هو. مارسيلينَس اجا تائين پنهنجي پراڻي مذهب تي قائم هو ۽ لامذهب، جيڪي پنهنجي عقيدي جا پڪا هيا، ڪليسا ۽ ملڪ جي قانونن تي پروسو ڪرڻ لڳا، جيڪو اڳڪٿي ۽ پيشنگويون ڪرڻ جو ماهر سمجهيو ويندو هو، پر هن جون وڏيڪ اهم لياقتون علم، اخلاق ڪردار ۽ بهادري(58) هوندیون هيون؛ لاطيني ادب جي مطالعي سندس اندر کي اُجاري ڇڏيو هو، ۽ سندس فوجي مهارت ڪيس عظيم اينيَس جي ويجهو آڻي ڇڏيو هو ۽ جنهن جي تباهيءَ ۾ سندس وڏو هٿ هيو. مارسيلينَس وقت تي ڪِسڪي ويو ۽ وئلينٽينيَن جي غضبناڪ حملي کان بچي ويو پر بهادريءَ سان اولهہ جي شهنشاهت ۾ پنهنجي جڳهہ والارڻ جي پرپور ڪوشش ڪيائين. اڳ هن ميجورئن جي حڪمن جي مجبوريءَ مان تعميل ڪئي هئي تنهن ڪري هن کي تسلي جي حڪومت طرفان نوازيو ويو هو ۽ کيس فوج جي ڪمان پڻ ڏني وئي هئي تہ هو وئنڊلن تي يا تہ حملو ڪري يا وري سندن حملي کي روڪي، پر شهنشاهہ جي موت کان پوءِ ڪرايي تي وڙهندڙ بربرن بغاوت ڪئي ڇاڪاڻ تہ اُنهن کي هُشي ڏيڻ وارو حرفتي رسيمر هيو. پنهنجن چند وفادار سائين جي مدد سان بهادر مرسيلينَس ڊالمئٽيا جي صوبي تي قبضو ڪري ورتو ۽ اولهہ جي مُنهندار يا سردار جو لقب ماڻيائين، پنهنجي مانيٽي ۽ انصاف پسند طبيعت جي ڪري سندس رعيت جا ماڻهو کيس پيار ۽ احترام جي نظر سان ڏسڻ لڳا، هڪ ساموندي آرماڙ تيار ڪيائين جنهن ذريعي کيس ائبرئنڊ جي سرحدن تائين سندس حڪومت جو دائرو وڌي ويو ۽ هاڻي اٽلي ۽ آفريڪا جا ڪنارا بہ اِن اُلاڙ هيٺ اچي ويا تہ مٿن بہ مبادا عنقريب قبضو ٿي وڃي(59). ايجيڊيَس، جيڪو گال جو ماسٽر جنرل هو ۽ جنهن جي اُها ڪوشش هئي تہ ڪنهن طرح سان بهادريءَ جي ڪمن ۾ قديم روم جي عظيم سپوتن(60 ۾ سندس نالو ڳٽايو وڃي، اعلان ڪيو تہ هو پنهنجي محبوب مالڪ جي قاتلن خلاف پنهنجي دائمي ڪاوڙ ۽ ناراضگي کي جاري رکندو ۽ ان جو بدلو پڻ ونڊندو. هڪ بهادر ۽ وڏي انگَ جي فوج سندس جهنڊي هيٺ جمع ٿي وئي، ۽ توڙي جو رسيمر ۽ وزيگائن سندن رستي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن اُهي روم جي

گيٽن تائين پهچڻ ۾ ڪامياب نه ٿين، پر پوءِ به هن ائلپس جي سرحدن کان به اڳتي تائين پنهنجي بهادري ۽ هاڪ جو ڏاکو جمايو ۽ هاڻي ايجيڊيَس، امن توڙي جنگ جي ميدانن جي هاڪاري نالي طور هر طرف گونجڻ لڳو. فرئنڪن، جن چائلڊيرڪ جي نوجواني جي حماقتن جي سزا ڪيس ملڪ بدري جي صورت ۾ ڏني هئي، رومي جنرل کي پنهنجو بادشاهه تسليم ڪيائون، جنهن سبب آسَ اُميد جي مقابلي ۾ سندس سڪٽي آڪڙ جي جذبي کي وڌيڪ اطمينان مليو ۽ چئن سالن کان پوءِ قوم ميروونجين جي خاندان کي تڪليفون ڏيڻ تي ڏاڍو پڇتايو، تنهن ڪري هن جائز شهنشاهه کي پنهنجو حق واپس ڏئي ڇڏيو. سندس موت سان ايجيڊيَس جو اقتدار به پڄاڻي تي پهتو ۽ ڪيس زهر ڏئي يا تشدد ذريعي مارڻ جا شڪ، جن کي رسيمر جي مشڪوڪ ڪردار جنم ڏنو هو، گال جي ماڻهن جي جذباتي سادگي جي ڪري وڌيڪ پختا ٿيندا ويا(61).

اٽلي جي بادشاهت، جيڪا اولهه جي شهنشاهت طرف آهستي آهستي ننديِ ٿيندي وئي هئي، رسيمر جي حڪمراني هيٺ وڏن عذابن ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي ڇاڪاڻ ته اُتي وئندلن ڦرمار جو راڄ جمائي ڇڏيو هو ۽ هر هنڌ تاراج ٿي چڪو هو(62). هر سال بهار جي موسم ۾ اُهي ڪارٽيج جي بندر وٽ وڏي ساموندي فوج کي تيار رکندا هيا ۽ جينسيرڪ توڙي جو هاڻي پوڙهو ٿي چڪو هو، پر ايڏا تائين جنگي مهمن جي اڳواڻي پنهنجي سِر پاڻ ڪندي رهيو هو. سندس ازادا لڪل هيا جن کي هن ڪٿهن اڳيان ظاهر نٿي ڪيو ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن جهازران (ناڪئي) ڪائنس پڇيو ته. 'هُو جهاز کي ڪهڙيءَ طرح هلائي' ته بربر وڏي بي پرواهيءَ مان هن طرح جواب ڏنو: 'پنهنجن ارادن کي هاڻي هوائن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏي، اُهي پاڻهي اسان کي مجرمن جي ان ڪناري تائين پهچائي ڇڏيندیون جن جي رهواسين خدائي انصاف کي للڪاريو هو'. پر جيڪڏهن جينسيرڪ ڪجهه واضح حڪم ڏيڻ چاهيا ته هنجي نظر ۾ جيڪي سڀ کان وڏا دولتمند هيا اُهي ئي جڙ وڏا ڏوهاري به هيا. وئندل ڪيترائي پيرا اسپين، لگوريا، ٽسڪني، ڪمپانيا، لوڪئنا، برٽيم، اپوليا، ڪئلابريا، وينيشيا، دالمئٽيا،ايپيرَس، يونان ۽ سسلي جي ڪنارن کي گهمي ڦري آيا هيا، هاڻي سندن خواهش هئي ته هو ساردينيا جي بيٽ تي به پنهنجو قبضو جمائن، هڪ اهڙو علائقو جيڪو بحيرهٔ- روم يا (روسي سمنڊ) جي بلڪل وچ ۾ هو. سندن فوجين هر طرف خوف، هراس ۽ بربادیءَ جو ماحول پکيڙي ڇڏيو ۽ اهو سلسلو هرڪيولس جي ٿنين(*) کان وٺي نيل جي مُهڙ تائين ڦهليل هيو. جيئن ته هو شان شوڪت کي قائم ڪرڻ جي بجاءِ هر طرف بربادي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ آتا هيا تنهن ڪري هنن شهرن تي حملا نٽي ڪيا جيڪي قلعن ذريعي محفوظ هيا ۽ نه وري ڪليل ميدانن تي ويڙهه ٿي ڪيائون. پر هر ڳالهه ۾ سندن تيز رفتاري کين ان لائق ضرور بنايو هو ته هنن هڪ ۽ ساڳئي وقت ڏورانهن علائقن يا ماڻهن تي حملو ٿي ڪيو ته جيئن هر طرف ڏهڪاءُ ڦهلائي سگهجي ۽ جيئن ته وٽن گهٽي تعداد ۾ گهوڙا پڻ موجود هيا ته جيئن ئي هنن ڪنهن علائقي ۾ خيما کوڙيا مَس ٿي ته ان خطي کي پريشاني ۽ ناڪاميءَ کان سواءِ ڪجهه به هٿ حاصل نٿي ٿيو، ڇاڪاڻ ته وٽن فقط پيادل فوج هئي جيڪا پڻ گهٽ تعداد ۾ هئي. تنهن هوندي به پنهنجي بادشاهه جي مثال جي باوجود، مقامي وئندلن توڙي الاني آهستي آهستي هن خطرناڪ جنگ ۾ پنتي هٽندا ويا ۽ نتيجو اهو نڪتو جو اُهو نسل، جنهن کي ڪڏهن پهريَن فاتحن ۾ شمار ڪيو ويو هو، ذري گهٽ تباهه يا ختم ٿي ويو ۽ سندن اولاد جيڪي آفريڪا ۾ جاوا ۽ نپنا هيا اُهي مؤجن ۽ مزن ۾ هيا، وٽن

غسل خانن ۽ کليل باغيچن جهڙيون عياشيون موجود هيون جيڪي اُنهن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي بهادري جي کارنامن جي نتيجي ۾ مليون هيون. بيشمار اتر آفريڪا جا مسلمان ۽ رومي لشکر کين مهيا ڪري ڏنا ويا، ان کان سواءِ ڪيترائي قيدي ۽ رهزن ۽ اُهي چُڙواڳ ماڻهو پڻ وٽن اچي ويا جن ملڪي قانون جون پيڃڪڙيون ڪيون هيون ۽ اُهي ئي رهزني جهڙن غير قانوني ڪمن ڪرڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ جوشيلا ۽ اڳيرا هيا جن جي ڪري جينسيرڪ جون سوڀون جڙ خاڪ ۾ ملي ويون هيون. پنهنجن بدقسمت قيدين جي سلسلي ۾ هو ڪڏهن لالچ جي ور چڙهي ويندو هو ته ڪڏهن وري متن ظلم ڪندو هو ۽ هڪ دفعي زانٽ يا زيسنئس جي پنج سؤ خانداني ماڻهن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين ۽ سندن چچريل ۽ چيپاٽيل جسمن کي آيونيَن سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائين. هن پيانڪ ظلم جي ڪري عام ماڻهن طرفان متس وڌي ڦِٽ لعنت جو وسڪارو مچي ويو جيڪو بعد ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيترن نسلن تائين جاري رهيو.

اهڙن ڏوهن کي کنهن به طرح سان معاف نٿو ڪري سگهجي، پر اُها جنگ، جيڪا وئنڊلن جي بادشاهه روم جي شهنشاهت خلاف جاري رکي، ته ان جي لاءِ ڪافي جائز سبب ۽ مقصد موجود هيا. وئلينٽينين جي بيوهه يوڊوڪسيا، جنهن کي هن روم کان ڪارٿيج تائين قيدي بنائي ڇڏيو هو، فقط هڪڙي ئي هئي جيڪا ٿوڊوسيَس جي خاندان جي اڪيلي وارث هئي، سندس وڏي ڏيءُ يوڊوسيا مجبوريءَ مان هَنرڪ سان شادي ڪئي هئي، سندس وڏو پٽ جيڪو هڪ سخت پيءُ ۽ هيو، ان پنهنجي جائز قانوني حق جو مطالبو ڪيو جنهن کي آسانيءَ سان رد ۽ نہ پيو ڪري سگهجي، ۽ شاهي ملڪيت مان پنهنجي حصي وٽڻ جو مطالبو ڪيو. اوپر جي شهنشاهه نهايت ئي مناسب معاوضي ڏيڻ جي ڪيس آڇ ڪئي ته جيئن امن امان ۽ صلح جي فضا کي خريد ڪري سگهجي. يوڊوڪسيا ۽ سندس ننڍي ڏيءُ پلاسيديا جي مان مرتبي کي بحال ڪيو ويو ۽ وئنڊلن جي ڪاوڙ جو رُخ هاڻي اولهه جي شهنشاهت ڏانهن مُڙي ويو. اٽلي جي حاڪمن، جن وٽ ساموندي فوج فقط نالي ماتر وڃي بچي هئي ۽ اُها ئي اهڙي طاقت هئي جيڪا سندن سرحدي ڪنارن جي حفاظت جي ضمانت ڏئي ٿي سگهي، اوپر جي ٻين خوش نصيب قومن کي مِنتون ڪرڻ شروع ڪيون ته اُهي سندن مدد ڪن، جن اڳ جنگ توڙي امن جي زماني ۾ روم جي برتري کي دل سان تسليم ڪيو هو. پر ٻن شهنشاهتن جو جيڪو دائمي ورهاڱو ٿي چڪو هو ان سندن دلچسپين توڙي فوجي ۽ قومي لاڙن ۽ اهميتن ۾ واضح فرق آڻي ڇڏيو هو ۽ جيڪو تازو معاهدو سندن وچ ۾ ٿيو هو، اُهو به خلوص کان خالي هيو، ۽ اولهه جي رومين کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ويو ته جهاز ۽ جنگي سامان کين نہ ڏنو ويندو، البت اُهي ساٿن وڌيڪ ڳالهه ٻولهه ڪري ٿي سگهيا جنهن ۾ به نيڪ نيتي جي ڪا گرمي کانه هئي پر فقط وقت ٽارڻ لاءِ کين رسمي آڇ ڪئي وئي هئي. ضدي ۽ هوڏِي رسيمر جنهن جرئتمنديءَ سان پنهنجين ڏکين حالتن سان مقابلو ٿي ڪيو، نيٺ آڻ مجيندي، رعيت جي هڪ فرد جي حيثيت ۾ هن قسطنطنيه جي شهنشاهت کي خطاب ڪيو ۽ اٽلي به هاڻي جُهڪي پيو ڇاڪاڻ ته پنهنجي حفاظت ۽ اَمن جي عيوض کين اوپر جي شهنشاهه کي پنهنجو حاڪم ۽ مالڪ تسليم ڪرڻو پيو(63). هِن باب توڙي هن جُلد(*) جو اهو مقصد هرگز ناهي ته بازنطيني تاريخ جي ذڪر کي ورجايو وڃي پر شهنشاهه ليؤ جي حڪومت ۽ سندس ڪردار جي مختصر ذڪر ڪرڻ سان اسان کي

گهٽ ۾ گهٽ اُنهن کوششن جي باري ۾ آگاهي ملندي جيکي اولهه جي شهنشاهت کي زوال کان بچائڻ جي سلسلي ۾ کيون ويون هيون(64).

ننديي ٿوڊوسيَس جي موت کان وٺي، قسطنطنيه جي مقامي امن ۾ کنهن جنگ يا کنهن ٻي تفرقي بازي جو کو به خلل کونه پيو هو. پُلچيريا پاڻ کي توڙي اوپر جي حاکميت کي مرسيَن جي حوالي کري ڇڏيو هو جيکو هڪ نيڪ سيرت انسان هو. هن سندس رتبي کي اوهڙو ئي مان ڏنو جيکو پلچيريا لهڻو هو ۽ سندس پاکدامني کي به حفاظت ۾ رکيو هئائين، ۽ سندس موت کان پوءِ هن پنهنجن ماڻهن کي عبادت جو هڪ تحفو سؤنپيو جيکو هڪ شاهي بزرگ جي ياد کي ارپيو ويو هو(65). پنهنجي حڪومت جي ترقي کي نظر ۾ رکندي، مرسيَن روم جي تکليفن ۽ ڏولاوَن تي گهٽو غور نه کيو ۽ هڪ شهنشاهه طرفان وٺندلن خلاف جنگ کرڻ کان جرئتمندي سان انکار کرڻ جي ڪُجهي واعدي کي پورو کرڻ سان منسوب کيو ويو جيکو ان وقت کانئس ورتو ويو هو جڏهن هو جينسيرڪ جو قيدي بڻجي ويو هو(66). ستن سالن جي حڪومت کرڻ کان پوءِ مرسيَن جو موت، اوپر جي شهنشاهت کي شايد اليکشن کرائڻ جي خطري ۾ وجهي ڇڏي ها. پر هڪ خاندان جي متاهين حيثيت اليکشن ۾ اُن اُميدوار جي سوپ کي يقيني بنائي ڇڏيو هو جن کي سندن حمايت حاصل هئي. بزرگ اَسپر شايد شاهي تاج پنهنجي سِر تي پاڻ رکي ڇڏي ها جيڪڏهن سندس عقيدا نائسين عقيدي سان مطابقت رکندڙ هجن ها(67). ٽن نسلن تائين اوپر جي فوجن جي ڪمان سندس پيءُ، هن پاڻ ۽ سندس پٽ اردابوريَس ٽي سنپالي؛ سندس بربر محافظن هڪ فوجي جٿو ناهي ورتو هو جنهن کان محلات توڙي گاديءَ جو هنڌ، ٻئي خوفزده رهندا هيا، ۽ وڏي سخاوت مان خزانن جا مُنهن کولڻ ٽي اَسپر اوترو ئي مشهور ٽي ويو هو جيترو هو طاقتور هيو. هن ٽريس جي هڪ گمنام ماڻهوءَ، جيکو هڪ فوجي مئجسٽريٽ ۽ بادشاهه جو مکيه منهندار هو، جو نالو شهنشاهت لاءِ تجويز کيو. سندس نالي کي سينيٽ اتفاق راءِ سان منظور کري ورتو ۽ اسپر جي نوکر کي شهر جي بزرگ ۽ پادريءَ هٿان تاج پارايو ويو ۽ کيس اجازت ڏني وئي ته هو هڪ تقريب ۾ پلي پنهنجي راءِ جو اظهار کري جنهن ۾ هن چيو ته سندس تاج کي خدا تعاليٰ جي حمايت حاصل هئي(68). هي پهريون شهنشاهه هو جنهن جو انوکو نالو ليئو هو ۽ سندس پاڻ اهڙا پلا ٽيا جو سندس نالي پٺيان 'عظيم' جو لقب به لڳايو ويو ۽ اهڙا شهنشاهه يونانين جي نظر ۾ تمام ٽورا رهيا آهن جيکي پنهنجي بهادري يا وڏائيءَ جو معيار نهايت ئي نماڻو ۽ عاجزيءَ وارو رکندا آيا آهن. پر تنهن هوندي به جنهن بردباريءَ ۽ مستقل مزاجيءَ سان هن پنهنجي اڳئين محسن جي زيادتين ۽ ڏاڍاين کي سَنو پئي ان مان ائين ٽي محسوس ٽيو ته هوپنهنجي ديوٽي ۽ ذميواريءَ کان چڱيءَ طرح آگاهه هو ۽ پنهنجي حق جي حفاظت کرڻ ۾ جاڻندو هو. اهو ڏسي اَسپر کي حيرت ٽي ته هن جي چوڻ ٽي قسطنطنيه ۾ هڪ مُنهندار ۽ مقرر نٽي ٽي سگهيو، هُن پنهنجي حاڪم کي واعدي خلافي جو مهڻو ڏنو ۽ غرور مان پنهنجي تاج کي لوڏيندي چيائين: "اهو طريقو صحيح ناهي ته جنهن شخص کي شاهي تاج ۽ ڪپڙا پارايا وجن ته اُهو کوڙ ڳالهائي". ليئو وراڻيو: "پر اهو به صحيح ناهي ته رعيت جي کنهن ماڻهوءَ جي چوڻ ٽي شهنشاهه پنهنجي فيصلي کي تبديل کرڻ ٽي مجبور ٽي پوي ۽ عوام جي آرزوئن ۽ اُميدن کي به پُنتي ڏکي ڇڏي(69)". سخت جملن جي ڏي وٺ کان پوءِ هاڻي اهو ناممکن ٽي نظر آيو ته شهنشاهه ۽ اميرزادي جي وچ ۾ کو ناهه ٽئي، يا وري کو

سمجهوتو ٿئي ٻه سهي ته پڪ سان اُهو عارضي هوندو. اِسوريَنس(70) جي هڪ فوج کي خاموشيءَ سان قسطنطنيه ۾ داخل ڪيو ويو ۽ ليئو جي فوجين اسپر جي اختيارن کي ڊپائيندي سندس خاندان جي مان مرتبي کي هيٺ ڪيرائڻ چاهيو، پر پوءِ شهنشاهه جي نرم طبيعت ۽ وٽندڙ ڪردار جي ڪري سندس فوجين کي ڪنهن به اُبهري ۽ سخت قدم کٽڻ کان روڪيو ويو جيڪو ٻنهي ڌرين لاءِ توڙي سندن دشمنن لاءِ هاجيڪار ثابت ٿئي ها. هن اندروني انقلاب جي ڪري، اَمن يا جنگ لاءِ ڪنهل قدم سخت متاثر ٿيا. جيستائين اسپر تخت ۽ تاج کي بي عزت ڪرڻ جي ڪوششن ۾ رُڌل هيو ۽ مذهب ۽ ذاتي مفاد جي ڳُجهن رشتن سبب هو جينسيرڪ سان پنهنجون وفاداريون قائم رکيون ٿي آيو. جڏهن ليئو غلامي واري ماحول ۽ ذهنيت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته هن هاڻي اٽلي وارن جي شڪايتن ٻڌڻ تي توجهه ڏنو ۽ پڪو عزم ڪيائين ته هو ظالم وئندلن جي ظلمن ۽ زيادتين کي ختم ڪندو ۽ پنهنجي پراڻي ساڻي ائنٽيميَس سان اتحاد ڪيائين جنهن کي بنا دير اولهه جي شهنشاهت جو تخت حوالي ڪري ڪيس تاج پارائي چڏيائين.

ائنٽيميَس جي ڪردار ۽ سُڀاين کي بيان ڪرڻ ۾ شايد مبالغي کان ڪم ورتو ويو آهي. شاهي مرتبي ماڻڻ کان وٺي، جيڪو هن غاصب پروڪوپيَس کان حاصل ڪيو هو، ان سلسلي شهنشاهن جي هڪ وڏي تعداد کي جنم ڏئي چڏيو هو(71). پر سندس والدين جي لياقتن، سندن رتبن ۽ سندن مال دولت ائنٽيميَس کي اوپر جي رعيت جي ماڻهن ۾ هڪ مانائتو درجو عطا ڪري چڏيو هو. سندس پيءُ پروڪوپيَس، فارس جي سفارتخاني ۾ خدمتون انجام ڏيڻ کان پوءِ نواب يا اميرزادي جو رتبو ماڻيو ۽ ائنٽيميَس جو نالو سندس ڏاڏي تان ڪنيو ويو هو جيڪو هڪ مان وارو مهندار رهيو هو ۽ جنهن وڏي دانائي ۽ ذهانت سان ٿيوڊوسيَس جي حڪومت کي ان وقت بچايو هو جڏهن هو اڃا ٻارڙو هو. منهندار جي پوٽي کي رعيت جي عام ماڻهن کان متاهون ڪري نپايو ويو هو ۽ سندس شادي يوفريميا سان ڪئي وئي هئي جيڪا شهنشاهه مرسيَن جي ڏيءُ هئي. هن قسم جي شاندار رشتي، جنهن شايد لياقت يا اهليت جي اهميت کي به پنتي ڪري چڏيو هو، ائنٽيميس جي لڳاتار ترقين کي زور ونرائي چڏيو هو. هو منهندار ٿيو، ان کان پوءِ ماسٽر جنرل، پوءِ مئجسٽريٽ ۽ آخرڪار نواب زادي جي وڏي مان واري عهدي تي وڃي پهتو ۽ سندس لياقت يا وري بخت کيس هڪ وڏي سوبَ جو اعزاز بخشيو جيڪا هن دنيوب جي ڪناري تي هُنن (HUNS) خلاف ماڻي. مرسيَن جي نائبَ کي وڏي اُميد هئي ته هو سندس جانشين ٿيندو پر ائنٽيميَس سندس نااُميدي کي همت ۽ صبر سان هٿي ڏني چاکاڻ ته هو پاڻ ان منصب جو اُميدوار ٻڌجي ويو جنهن جي حمايت عوام طرفان پرپور طريقي سان ڪئي وئي، جن جي نظر ۾ فقط ائنٽيميَس ئي اهڙو هو جنهن کي حاڪم ٿيڻ جو پورو پورو حق هو ۽ آخرڪار هو تخت ۽ تاج جو مالڪ ٻڌجي ويو.(72) اولهه جي شهنشاهه قسطنطنيه کان پنهنجو شاهي سفر شروع ڪيو، جنهن ۾ وڏن رتبن جا سردار ۽ مُنهندار گڏ هيا ۽ ان سفر ۾ محافظن جو تعداد هڪ مڪمل فوج جي برابر هو؛ هو وڏي شان ۽ شوڪت سان روم ۾ داخل ٿيو ۽ ليئو جي چُونڊ (جيڪا ائنٽيميَس کي اولهه جي شهنشاهه بنائڻ جي باري ۾ هئي) کي سينيٽ، رعيت جي ماڻهن ۽ اٽلي جي بربر اتحادين طرفان گڏيل حمايت جي پنيرائي حاصل ٿي وئي(73). ائنٽيميَس جي تاج پوشيءَ کان پوءِ سندس ڏيءُ ۽ رسيمر جي شاديءَ جي رسم جون خوشيون ملهايون ويون، ۽ هن کي بيحد پاڳ پريو موقعو ڪوٺيو ويو جنهن ۾ ملڪي سطح تي ٻن

ڏرين جي مِٽي مائٽي ذريعي پکو اتحاد ٿي ويو. بن شهنشاهتن جي دولت جو وڏي ڦوند مان نماءُ ڪيو ويو ۽ ڪيترن سينيٽرن پنهنجي بربادي پاڻ آندي ڇاڪاڻ ته هنن پنهنجي غربت کي لڪائڻ لاءِ هن موقعي تي وڏي فضول خرچي ڪئي. هن موقعي تي ساري ڪاروبار ۽ دنوي وهنوار کي بند ڪيو ويو، انصاف جون ڪورٽون بند رهيون، روم جون گهٽيون، ٿيٽر، عام ۽ خاص ماڻهن جون تفريحي جايون توڙي پبلڪ پارڪ وغيره شاديءَ جي نغمن ۽ گيتن سان گونجي رهيا هيا ۽ شاهي ڪنوار، جنهن کي ريشمي ڪپڙا پاتل هيا ۽ سندس سِر تي شاهي تاج رکيل هو، کي رسيمر جي محلات ۾ وڏي ڌام ڌوم سان نيو ويو، جنهن پنهنجي فوجي ڊريس لاهي سفارتي يا مئجسٽريٽن وارا ڪپڙا پاتا هيا ته جيئن هو سينيٽر جي روپ ۾ نظر اچي. هن يادگار موقعي تي سڊونيَس، جنهن جي آرزو اڃ پوري نه ٿي هئي، آورن جي تقرير جي ماهر طور ٻيهر استيج تي آيو، جتي مختلف صوبن کان وڏن عهدن وارا مهمان اچي گڏ ٿيا هيا ۽ شاهي تاج کي سلام پيش ڪندا ۽ مبارڪون ڏيندا رهيا(74). جنوري جو مهينو هاڻي ويجهو هو ۽ خوشامدي شاعر، (يعني سڊونيَس) جنهن جي ائويئس سان عقيدت ۽ ميجورئن سان محبت هئي، تي دوستن زور پريو ته هن خوشيءَ جي موقعي تي پنهنجي شاهڪار شاعري اهڙي طرح پيش ڪري جو شهنشاهه ائنٽيميَس جون خوبيون، سندس خوشيون، ۽ سندس ٻيهر مئجسٽريٽ ٿيڻ ۽ مستقبل ۾ ملندڙ سندس اعزازن ۽ ڪاميابين جو ذڪر به جيئن ساڳي نظر ۾ سمائجي وڃي. سڊونيَس پنهنجي ڪاميابيءَ جو اڳواٽ اعلان ڪري مدح سرائي شروع ڪئي جيڪا اڄا تائين تاريخ جي صفحن ۾ موجود آهي ۽ توڙي جو ان ۾ ڪجهه ڪوتاهيون به هيون. پر هن خوشامدي شاعر کي وڏن انعامن اڪرامن سان نوازيو ويو جنهن ۾ روم جي ڪمشنري به سندس حوالي ڪئي وئي ۽ هي اهڙو اعزاز هو جنهن سڃي شهنشاهت ۾ سندس نالو اهم ترين شخصيتن ۾ شامل ڪرائي ڇڏيو، پر پوءِ هن پنهنجي لاءِ اڄا ويڪ مانائتو اعزاز چونڊيو ته آئنده لاءِ يا ته ڪيس پادري يا وري درويش ڪونيو وڃي(75).

يونانين، مطلب پرستي جي لحاظ سان شهنشاهه جي خدا پرستي، نيڪي ۽ سندس ڪئٿولڪ عقيدي جي تعريف ڪئي آهي جيڪو اولهه جي حصي ۾ آيو هو، هنن اهو به نه وساريو هو ته جڏهن هن قسطنطنيه کي ڇڏيو هو ته هن پنهنجي محل کي عوام لاءِ هڪ مقدس غسل خاني ۾ تبديل ڪيو هو ۽ ساڳيءَ طرح هڪ ڪليسا ۽ هڪ اسپتال کي وڏي عمر جي ماڻهن جي بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هيائين(76). ان جو باوجود سندس کي مشڪوڪ ڪم اهڙا ضرور آهن جن ائنٽيميَس جي مذهبي شهرت کي داغدار بنايو آهي. فلوٽيَس جي گفتگو مان، جيڪو مئسيڊونيا جو ڪٽر مذهبي هو، ائين ٿي لڳو ته شهنشاهه ۾ مذهبي برداشت ڪافي حد تائين سمايل هئي، ۽ روم جا مرتد بنا خوف جي هڪ جڳهه تي جمع ٿي وجن ها، جيڪڏهن جرئتمندي ۽ سخت غصي واري نفرت، جنهن جو اظهار پادري هلئري سينٽ پيٽر جي ڪليسا ۾ ڪيو هو، کيس ان خوشيءَ کي ختم ڪرڻ تي مجبور نه ڪري ها جيڪا عوام ۾ انتهائي غير مقبول ٿي چڪي هئي(77). لامذهبن جو ٽولو جيڪو هاڻي ڪمزور باقيات ۾ شامل ٿي چڪو هو، ائنٽيميَس جي هڪ طرفي رَويي سندس لاپرواهي مان به ڪجهه اجايون اُميدون وابسته ڪري ڇڏيون هيون، ۽ سندس جيڪا دوستي فيلسوف سيورَس سان هئي ۽ جنهن کي هن سفارتي عهدي تي ترقي ڏني هئي، ان دوستيءَ جو سبب ٻنهي جي وچ ۾ هڪ ڳجهي معاهدي کي ڄاڻايو ويو آهي جنهن موجب اُهي ديوتائن جي قديمي عبادت کي ملڪ ۾ ٻيهر رائج ڪندا(78). بُتن يا عبادت جي

مجسمن تي مٿي ۽ ڏوڙ جا ٿهہ چڙهي ويا هيا ۽ اُهو مذهبي نظريو، جيڪو ڪڏهن قومن جو عظيم ورثو سمجهيو ويندو هو، هاڻي ان تي عالمي سطح تي ڪنهن بہ اعتبار يا اعتماد نٿي ڪيو ۽ ان کي هاڻي عيسائي شاعرن جي چوڻ موجب شڪ ۽ گمان بنا اختيار ڪرڻ يا نہ ڪرڻ ساڳي ڳالهہ هئي(79). پر تڏهن بہ وهمن وسوسن جي پاڇن يا آٿارن کي مڪمل طور تي اڃا ختم نہ ڪيو ويو هو ۽ لوپرڪئليا جو جشن، جنهن جي شروعات روم جي بنيادن پوڻ کان بہ اڳ جي هئي، اڃا تائين ائنٽيميَس جي حڪومت ۾ ملهايو ويندو هو. جنهن طريقي جون سادگي ۽ جهنگلي رسمون ملهايون ويندين هيون اُنهن مان ائين ٿو لڳي تہ اُهي اوائلي وقتن جون هيون جڏهن اڃا فن ۽ زراعت جا ڪاروبار ايجاد نہ ٿيا هيا. سندن جهنگلي ديوتا جن کي ريڍارن ۽ ڏنارن جي ڏک سُک جو ساٿي سمجهيو ويندو هو. جيئن پان، فائس ۽ ساٿير اهڙا ديوتا هيا جن کي ڪو بہ ڏنار تخليق ڪري پئي سگهيو ڇو تہ اُهي ديوتا شرارتي، رُسٽا ۽ شهواني شغلن ۾ مصروف رهندا هيا جن جا اختيار محدود ۽ سندن ڪاوڙ مان ڪنهن کي ڪو بہ نقصان نہ ٿيندو هو. هو قرباني ۾ ٻڪر يا ٻڪري پيش ڪندا هيا جيڪا سندن ئي ڪردار سان مطابقت رکندي هئي؛ ٻاڪري گوشت کي هو بيد جي ڪاڻين ۾ ٺُنبي ڪباب ناهيندا هيا ۽ نوجوان اُڪهاڙا ٿي اهڙي موقعي تي خوشيون ڪندا هيا ۽ نچندا ٽپندا هيا، سندن هٿن ۾ چمڙي جا ٽڪا هوندا هيا ۽ سندن عقيدو هوندو هيو تہ چمڙي جي پٽي سان هو جنهن بہ عورت کي هٿ لائيندا تہ ان کي اولاد ضرور پيدا ٿيندو(80). پان جو قربان گاهہ آرڪئڊين(*) جي اِوئندر تعمير ڪرايو هو، جيڪو پئليٽائن ٽڪريءَ جي طرف هڪ اوندهي هنڌ تي هو جتي هڪ دائمي چشمو هو جيڪو پاڻي مهيا ڪندو رهندو هو ۽ ان مٽان وٽن جو جهڳٽو لڙڪيل رهندو هو. هڪ روايت مشهور هئي تہ هن جڳهہ تي رومولَس ۽ ريمَس کي بگهڙياڻي کير پياري نپايو هو ان ڪري هيءَ جڳهہ رومين جي نظر ۾ هڪ مقدس درجو رکندڙ هئي، ۽ هي جهنگلي هنڌ آهستي آهستي عاليشان عمارتن ۾ تبديل ٿيندو ويو(81). هن شاهي شهر جي تبديليءَ کان پوءِ، عيسائين لوپرڪئليا جي سالياني جشن کي، جيڪو هر سال فيبروري جي مهيني ۾ ٿيندو هو، جاري رکيو، هن جشن سان هڪ ڳجهو ۽ پراسرار اثر مشهور ٿي ويو هو جنهن جو تعلق جانورن توڙي پاڇين جي دنيا سان وابسته هيو. روم جا پادري هن غير مذهبي ۽ غير اخلاقي رسم جي فوري خاتمي جي حق ۾ هيا پر سندن جوش جذبي جي شهري مئجسٽريٽ سخت مخالفت ڪئي، ۽ هيءَ فضول رسم پنجين صدي عيسوي جي آخر تائين جاري رهي نيٺ پادري گلئسيَس جنهن گاديءَ جي هنڌ کي بت پرستيءَ جي داغن کان بلڪل پاڪ ڪري ڇڏيو، جنهن کان سينيٽ توڙي رعيت جي ماڻهن معافيون ورتيون ۽ ڪيس منتون ڪيون(82).

پنهنجن سيني اعلانن ۾ شهنشاهہ ليئو پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪندي، پنهنجي پُٽ ائنٽيميَس لاءِ پنهنجي پيار، محبت ۽ پدري شفقت جو اظهار ڪري ٿو جنهن سان گڏجي هن ڪائنات جي انتظام سنياڻ جي دعويٰ ڪئي هئي(83). جيڪي زميني حالتون هيون ۽ جيڪو ليئو جو طور طريقو رهيو هو، تہ هن دانشمنديءَ کان ڪم وٺندي پاڻ کي آفريڪا جي جنگ جي خطرن ۽ سفر جي تڪليفن ۾ وجهڻ نٿي چاهيو. پر اوپر جي شهنشاهت پنهنجو پورو زور لڳايو تہ جيئن هو اٽلي ۽ بحيرهٔ روم کي وٺندڙن جي زيادتين کان آجو ڪري سگهن ۽ جينسيرڪ، جنهن زمين تي توڙي ساموندي رستن تي هر طرف ماڻهن کي تڪليفن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو هو، هاڻي پاڻ هر طرف کان سخت حملي جي خطرن ۾

وکوڙجي ويو هو. هن مهم جو آغاز مُنهندار هيراڪليَس (حرقل) وڏي بهادري ۽ ڪاميابيءَ سان ڪيو(84). مصر، ٿبائس ۽ لبيا جون فوجون سندس ڪمان ۾ رهيون ۽ عربن، گهوڙن ۽ اُٺن جي هڪ وڏي لشڪر سان رڻ پٽ جي رستن کي کولي آسانيون پيدا ڪري ڇڏيون. حرقل ٽرپولي جي ڪناري تي وڃي خيما کوڙيا، ان صوبي جي شهرن کي پنهنجي اوچتي آمد سان حيران ڪري ڇڏيائين ۽ اُنهن کي هڪدم پنهنجي حڪمن هيٺ آندائين، ۽ هڪ مشڪل سفر جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويو، جيڪو هن ڪان اڳ ڪائو(*) ۾ اختيار ڪيو هو(85)، ته جيئن ڪارٿيج جي ديوارن هيٺ هو شاهي فوج سان وڃي ملي. شهرن جي قبضي جي خبر جينسيرڪ کي پئجي وئي ۽ هن نقصان ٿيڻ تي هو عجيب ۽ ذلت وارن شرطن تي ۽ صلح قائم ڪرڻ تي راضي ٿي ويو، پر ڪيس ان ڳالهه تي وڌيڪ حيرت ٿي ته مارسيلينَس ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح بن شهنشاهتن سان صلح ڪري ساڻن راضي ٿي ويو هو. هي اميرزادو جيڪو خودمختيار هو پر ڪيس ان ڳالهه تي آماده ڪيو ويو هو ته هو ائنٽيميَس جي جائز حيثيت ۽ لقبن کي تسليم ڪري، جنهن سان گڏجي هو روم ۾ ويو هو. دالمٽيا جو بحري جنگي بيڙو اٽلي جي ڪنارن تي لنگرانداز ٿيو ۽ مارسيلينس جي ڦڙتي واري بهادريءَ وئندلن کي ساردينيا جي ٻيٽ کي ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ اولهه جي شهنشاهت جي ڪاهلي وارين ڪوششن جي ڪري اوير جي رومين کي پرپور تيارين ڪرڻ جو موقعو ڏئي ڇڏيو. سامونڊي اسلحي ۽ جنگي جهازن، جن کي ليئو، وئندلن کي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليو هو، انهن تي ايندڙ خرچن جو اندازو لڳايو ويو ۽ هڪ سنجيدي ۽ باقاعدگي جي خرچن جي تخميني ڪرڻ سان ئي هڪ زوال طرف ويندڙ شهنشاهت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. شهنشاهه جي ذاتي ملڪيت جيڪا ڪيس ورثي ۾ ملي هئي ان جو تفصيل هن ريت آهي: ستيتاليهه هزار پائونڊ سون، ۽ ست لک پائونڊ چانديءَ جي دولت ته شاهي مُنهندارن خزاني ۾ جمع ڪرائي ڇڏي هئي. پر شهرن جي حالت مفلسي ۽ تنگ دستي واري هئي ۽ وري اٽلو اهڙن مفلس ماڻهن تي ڏنڊ ۽ مڙهيا ويندا هيا ته ٿوري گهڻي ڳالهه تي سندن ملڪيتون ۽ ضبط ڪيون ويندیون هيون، جنهن مان صاف ظاهر آهي ته انتظاميه ۾ رحم ۽ انصاف جي رتي ۽ ڪاڻ هئي. آفريڪا جي مهم تي ڪيل خرچ جو اندازو، پوءِ ڪٿي اُهو خرچ ۽ ڪيو ويو هجي، هڪ لک ستٽيهه هزار پائونڊ سون جي برابر هو يعني ٻاونجاهه لک پائونڊ اسٽرلنگ جيترو خرچ ٿيو هو ۽ هي اُهو وقت هو جڏهن ناٿي جو ملهه، اَنَ جي مقابلي ۾، هن دور کان ۽ وڌيڪ مهانگو هو(86). جنگي جهازن جي ٻيڙي ۾، جيڪو قسطنطنيه کان ڪارٿيج پهتو، يارهن سؤ تيرهن جهاز شامل هيا ۽ سپاهين ۽ جهازرانن جو تعداد هڪ لک کان وڌيڪ هو. بئسيلِسڪَس، جيڪو راٿي ويرينا(†) جو پاءُ هو، ڪي هن مهم جي اهم ڪمان سؤنپي وئي هئي. سندس پيٽ، جيڪا ليئو جي زال هئي سيٽيا جي اڳين مهم جي باري ۾ مبالغي کان ڪم ورتو هو. پر سندس غلطي جي ظاهر ٿيڻ يا سندس نااهليءَ کي چپ چاپ ۾ آفريڪا جي جنگ لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو ۽ سندس دوستن ساڻس عهد ڪيو ته هُو سندس فوجي نيڪ ناميءَ کي فقط هڪ شرط تي بچائيندا ته اُهي انڪشاف ڪندا ته هن اَسپر سان سازش ۾ شريڪ ٿي جينسيرڪ کي بچايو هو ۽ اولهه جي شهنشاهت جي آخري اُميد جي ڪِرٽن کي ۽ هن سازش ذريعي وِسائي ڇڏيو هو.

تجربي مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته ڪنهن ۽ حملي ڪندڙ جي ڪاميابيءَ جو دارومدار ان جي طاقت ۽ جنگ ۾ تيزي واري حڪمت عمليءَ تي هوندو آهي. پهرئين اثر جي قوت ۽ تيزي ۾ ذرو ۽ دير ٿي وڃي ته پوءِ اثر زائل ٿيڻ لڳي ٿو، ان کان سواءِ فوجين جي صحت ۽ سندن جذبا ۽ پرانهَن پنڌن ۽

ناموافق آبهوا ۾ ڪاهليءَ جو شڪار ٿي وڃن ٿا. سامونڊي ۽ فوجي قوت هونئن ته وڏي طاقت جو سرچشمو هوندي آهي پر افسوس اهو آهي ته هيڏي ساري طاقت به تڏهن ضايع ٿي وڃي ٿي جڏهن جنگ ۾ عملي مظاهري ڪرڻ ۾ دير ڪجي ٿي يا دشمن سان ڳالهين ۾ ويهي وقت وڃائجي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ دشمن محتاط به ٿي وڃي ٿو، پر جي ڪيس موقعو ملي ٿو ته دشمنيَ جو ڏڪ به هٽي ٿو. بئسيلسڪس جي طاقتور سامونڊي فوج جو ٻيڙو ڪاميابيءَ سان ٽريس جي باسفورس کان آفريڪا جي ڪناري ڏانهن روانو ٿيو. هن پنهنجين فوجين کي بونا جي هنڌ تي لاٿو جيڪو ڪارٿيج کان چاليهن ميلن جي مفاصلي تي هو(87). حرقل جي فوج ۽ مارسيليئس جو سامونڊي ٻيڙو يا ته شاهي ايلچيءَ ۽ وئندلن سان ملي ويو يا وري اُنهن جي حمايت ڪري ڇڏيائون، جن سندس خشڪي توڙي بحري سفر جي مخالفت ڪئي هئي، پر نيٺ لڳاتار کين شڪستون ڏنائون(88). جيڪڏهن بئسيلسڪس پيدا ٿيل افراتفري مان فائدو وني ها ۽ بهادريءَ مان گاديءَ جي هنڌ ڏانهن هليو وڃي ها ته ڪارٿيج پاڻهي سندس آڏو پيش پوي ها ۽ وئندلن جي بادشاهت جو ڏيئو اُجهامي وڃي ها. جينسيرڪ ان خطري کي ڏسي رهيو هو پر همت جو دامن نه ڇڏيو هيائين، ۽ پنهنجي همت ۽ هوشياريءَ سان ان خطري کي ٽارڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. هن وڏي ادب واري زبان ۾ احتجاج ڪندي چيو ته هو پاڻ کي پيش ڪرڻ لاءِ توڙي پنهنجي حڪومت جون واڳون شهنشاهه جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار هو پر هن سلسلي ۾ هن فقط پنجن ڏينهن جي مهلت گهرڻ جي درخواست ڪئي ته جيئن هو پيش پوڻ لاءِ ضروري تياري ڪري ونې ۽ اها ڳالهه سڀ کنهن تسليم ٿي ڪئي ته هن جي ذهني ڪشادگي ۽ ڳالهيون بولهيون ڪامياب ٿي ويون. سندس دشمن جيڪي رعايتون حاصل ڪيون هيون اُنهن کي ضِد مان رد ڪرڻ بجاءِ، بي وقوف يا وري پورڙي شخص بئسيلسڪس، عهدنامي جي هاجيڪار شرطن سان پوريءَ طرح متفق ٿيو ۽ هن غير دوراندیش ماڻهوءَ اها دعويٰ ٿي ڪئي ته هو آفريڪا جو اڪيلو فاتح هو. وچ ۾ جيڪو مختصر وقفو آيو اُهو جينسيرڪ لاءِ فائدي مند ثابت ٿيو. هن وڏن جنگي جهازن کي اتر آفريڪا جي مسلمان ويڑهاڪن ۽ وئندلن جي بهادر فوجين سان پريو ۽ اُنهن ننڍا ننڍا جهاز وڏن جهازن سان ٻڌي ڇڏيا جن ۾ باهه لڳائيندڙ بارود پريو ويو هو. رات جي انڌاري ۾، هنن تباهي آڻيندڙ جهازن کي رومين جي جنگي جهازن ڏانهن ڌڪيو ويو جن کي هن اوچتي حملي جي جَن ڪَن ئي ڪانه هئي ۽ اُنهن جي حفاظت جو به ڪو بندوبست ٿيل ڪونه هو ۽ هن خطري جي وقت ۾ جيڪي به سُتل هيا سيئي جاڳي اُٿيا. اُهي فوجي جيڪي دشمن جي جهازن جي ويجها هيا اُنهن هر طرف باهه لڳائي ڇڏي، جيڪا تمام جلد ڦهلجي وئي ۽ ان جو زور ايترو هو جو روڪڻ سان به رڪجي نه سگهي ها، هوا به زوردار هئي جنهن شعلن کي اُڏاري پري تائين ٿي پهچايو، هوڏانهن فوجين ۽ جهازرانن جون رڙيون ۽ واڪا وڏي ويا جيڪي باهه ۾ وکوڙجي چڪا هيا ۽ هاڻي سندن حالت اها هئي جو نه ته حڪم جاري ڪري ٿي سگهيا ۽ نه ڪنهن جو حڪم مڃي ٿي سگهيا ۽ خطرو وڌندو ٿي رهيو ۽ تباهي ايندي ٿي رهي. هاڻي سندن ڪوشش اها هئي ته پاڻ کي باهه جي شعلن کان بچائن ۽ ٿي سگهي ته پنهنجن اُنهن جنگي جهازن کي بچائڻ جي ڪوشش به ڪن جن جي بچي وڃڻ جو ڪجهه امڪان باقي هو، پر جينسيرڪ جي جهازن وڏي نظم ۽ ضبط سان ۽ لڳاتار مٿن حملا ڪيا ۽ ڪيترائي رومي جيڪي باهه جي شعلن جو ٻَڪُ ٿيڻ کان بچي ويا هيا، اُهي ويڑهه ۾ تباهه ٿي ويا يا وري فاتح وئندلن جا قيدي بنجي ويا. تباهه ڪندڙ هِن رات جي واقعن مان بهادريءَ جو هڪ واقعو جان جو آهي

جيڪو بئسيلسڪس جي اهم وڏن آفيسرن منجهان هڪ هيو، ۽ جنهن جو نالو تاريخ جي ورقن ۾ ميسارجڻ کان شايد بچي ويجي. جڏهن هڪ جهاز، جنهن کي هن بهادريءَ مان بچايو هو، ۽ جيڪو ذري گهٽ سڙي چڪو هو، هن پاڻ کي زرهه سوڏو سمنڊ ۾ ڪڍي اُڇلايو، ۽ گينسو جي رحمدليءَ جي جذبي کي نفرت مان نڪرائي ڇڏيائين، جيڪو جينسيرڪ جو پٽ هو، جنهن هن کي منت ٿي ڪئي ته عزت سان پنهنجي جان بچائي پر هن پاڻ کي ساموندي لهرن جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ ٻُڏي مري ويو ۽ آخري وقت تائين وڏي واڪي چَوندو ويو ته هو پاڻ کي زندهه رکي ناپاڪ ڪُتن جي حوالي ڪرڻ کان عزت واري موت کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو. جڏهن ته بئسيلِسڪَس جنهن جو جذبو جان جي برعڪس هو، ۽ جنهن جو جنگي هيڊڪوارٽر به خطري واري هنڌ کان ڪافي پري هو، جنگ جي شروعات ۾ ئي هو پاڻ کي قسطنطنيه پهتو ۽ اڃا جي تعداد کان به وڌيڪ فوجي مارائي ۽ پنهنجا جنگي جهاز تباهه ڪرائي هتي پهتو ۽ شرم کان پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري وڃي سينٽ سوفيا جي مقدس جڳهه ۾ پاڻ کي لڪايائين. نيٺ نوبت ايستائين وڃي پهتي جو سندس پيٽ شهنشاهه اڳيان آزيون ۽ منتون ڪري ڪيس معافي وٺرائي ڏني. هرڪيوليَس هڪ رڻ پٽ ذريعي پنتي موڪليو ۽ مارسيليئس سِسلي موڪلي ويو جتي ڪيس قتل ڪيو ويو ۽ بعد ۾ مشهور اهڙو ٿيو ته شايد ڪيس رسيمر قتل ڪرايو هو ۽ قاتل سندس هڪ فوجي ڪپتان هو ۽ وئندلن جي بادشاهه تعجب ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو ته رومين خود ئي سندس وڏي ۾ وڏي دشمن کي هن دنيا مان هميشه لاءِ رخصت ڪري ڇڏيو هو(89). هن وڏي مهم جي ناڪاميءَ کان پوءِ، جينسيرڪ بيهر ساموندي آمر بڻجي ويو، اٽلي، يونان ۽ ايشيا جا ساموندي ڪنارا وري سندس لالچ ۽ انتقام جي ور چڙهي ويا هيا؛ ٽرپولي ۽ ساردينيا به سندس تابعداريءَ هيٺ هليا ويا، هن سِسلي کي به پنهنجي صوبن اندر ختم ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي موت کان اڳ ۾، جيڪو سندس ڏُوهه جواني ۽ شان شوڪت جي ماحول ۾ ٿيو، هن اولهه جي شهنشاهت جو خاتمو پنهنجي اکين سان پاڻ ڏٺو(90).

پنهنجي ڏِگهي ۽ جاندار حڪومت جي دور ۾ آفريڪا جي حاڪم وڏي محنت ڪري يورپ جي بربرن سان دوستي جو رشتو قائم ڪري ڇڏيو هو چاڪاڻ ته سندس ارادو اهو هو ته ضرورت پوڻ تي سندن فوجن کي مبادا هو ٻن شهنشاهتن خلاف استعمال ڪري. اتيلا جي موت کان پوءِ هن پنهنجو فوجي اتحاد، گال جي وزيگاٿن ۽ وڏي ٽوڊورڪ جي پُٽن سان نئين سر ڪري ڇڏيو، جن لڳاتار هن جنگجو قوم تي حڪومت ٿي ڪئي، پر ڪين قائل ڪيو ويو ته هاڻي هو جينسيرڪ جي اُنهن ظلمن کي فراموش ڪري ڇڏين جيڪي هن سندن پيٽ تي ڪيا هيا(91). شهنشاهه ميجورئن جي موت ٽوڊورڪ ٻئي کي خوفن خطرن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو پر شايد کيس عزت ۽ وقار کان به پري ڪري ڇڏيو؛ هن رومين سان ٽيل تازي معاهدي جي خلاف ورزي ڪئي ۽ ناربون جو هڪ وڏو علاقو، جنهن کي هن پنهنجي حڪومت جي حدن ۾ ملائي ڇڏيو هو، ان کي سندس دوڪيبازيءَ جو انعام ڪونيو ويو. رسيمر جي خود مطلبي واري پاليسي کيس ٻين سان ڪنؤس ۽ ڪيڙاند ڪرڻ جا حربا سيکاريا ۽ هن اُنهن صوبن تي حملا ڪيا جيڪي سندس مخالف ايجيديَس جي حڪومتي حدن اندر هيا، پر سندس جيڪو اميرزادو هوه ان آرلس جي حفاظت ۽ آرليَنس جي فتح ڪري گال کي سندس حملن کان محفوظ ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس زندگي ۾ ئي هن وزيگاٿن کي اڳرائي ڪرڻ جو موقعو نه ڏنو هو. سندن ارمان ۽ جذبا بيهر جاڳي پيا هيا ۽ هاڻي اسپين توڙي گال ۾ هن روم جي شهنشاهت جي خاتمي جو منصوبو مڪمل ڪري ڇڏيو هو ۽

هي ڪم يورڪ جي حڪومت ۾ ٿيو هو جنهن جو ٻيو ڪارنامو اهو هو ته هن پنهنجي پاڻ ٿوڏورڪ کي قتل ڪرائي ڇڏيو هو. سندس عادتون وحشيائيون هونديون هيون پر سندس ذهانت جنگ توڙي امن ۾ هڪ جيتري ڪم ڪندي هئي. هو هڪ وڏي فوج جي اڳواڻي ڪندي پائرينيز کي اُڪري چڪو هو، رستي تي ساراگوسا ۽ پامپيلونا جي شهرن کي پنهنجي تابع ڪيائين ۽ هڪ جنگ ۾ ٽاراگونا صوبي جي اميرزادن کي شڪست ڏنائين، ۽ پنهنجن فاتح فوجن کي لوسيٽنيا جي وچ شهر تائين وڌي ويو ۽ سووِي وارن کي اجازت ڏنائين ته هو پلي گئليشيا جي بادشاهت پنهنجي قبضي ۾ رکن ۽ ان کي اڳتي هلي اسپين ۾ قائم ٽيل گاٿن جي حڪومت جو حصو بنائي ڇڏن(92). يورڪ جون ڪوششون گهٽ جرئت واريون نه هيون ۽ نه وري اُهي گال ۾ ڪامياب نه هيون، ۽ سڄي ملڪ ۾ جيڪو پائرينيز کان رهون لائر، بيري ۽ آورن تائين پکڙيل هو ۽ اهي ئي بيان ڪيل شهر يا ضلعا هيا جن کيس پنهنجو مالڪ يا بادشاهه تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو(93). پنهنجي اهم شهر ڪلرمانٽ جي حفاظت ڪندي، آورن جي شهرين وڏي عزم ۽ حوصلي سان جنگ، وبا، ۽ ڏُڪر جون مصيبتون برداشت ڪيون ۽ وزيگاهن، شهر جو گهيرو ختم ڪندي، هن اهم سوب جون اُميدون ئي ختم ڪري ڇڏيون. صوبي جي نوجوانن ۾ وري حوصلي ۽ همت جو نئون روح ڦوڪجي ويو جڏهن هنن شهنشاهه ائويٽس(94) جي پٽ ايڪديسيس جي بهادري جا اعتبار ۾ نه ايندڙ ڪارنامه ڏٺا جنهن فقط ارڙهن گهوڙي سوار سپاهين جي مدد سان وڏي دليريءَ سان گاٿن جي فوج تي حملو ڪيو ۽ تيزيءَ مان سوب حاصل ڪري آرام سان پنهنجي شهر ڪلرمانٽ ڏي موٽي ويو. هو سخي به اوترو ئي هو جيترو هو بهادر هو: سخت اٽاٽ ۽ مفلسي جي دؤر ۾ هو چئن هزارن غريبن ۽ مسڪينن کي پنهنجي خرچ تي پالينڈو هو ۽ سندس ذاتي اثر رسوخ جي ڪري برگنڈي وارن جي هڪ فوج تيار ٿي جنهن آورن شهر وارن جي پرپور مدد ڪئي. سندس ئي اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار منجهان، گال جي وفادار ماٺهن سُک سلامتيءَ جو ساهه ڪنيو ۽ آزاديءَ سان رهڻ جا خواب ڏٺا؛ پر فقط سندس ڪردار سندن ملڪ کي تباهي ۽ برباديءَ کان بچائي نٿي سگهيو ڇاڪاڻ ته اُهي سندس مثال ۽ اختيارن کي ايڏا وڏيڪ سِڪڻ جا منتظر هيا ته اُهي جلاوطني اختيار ڪن يا دائمي غلاميءَ ۾ رهن(95). عوام جو اعتماد ختم ٿي چڪو هو، ۽ ملڪ جا وسيلا ختم ٿي چڪا هيا، ۽ گال جا ماٺهوجائز طرح سان اهو سوچڻ ۾ حق بجانب هيا ته ائٽيميَس، جنهن اٽلي ۾ حڪومت ڪئي هئي، هڪ نااهل انسان هو جيڪو پنهنجي رعيت جي ماٺهن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ناڪام ويو هو ۽ خاص طرح ائلپس کان اڳتي ته اُهي بلڪل نِڏڻڪا ٿي ويا هيا. ڪمزور شهنشاهه پنهنجي حفاظت لاءِ برطانيه کان ٻارهن هزار مددگار فوجي جَٽا گهرائي ورتا. هڪ ٻيٽ جي خودمختيار بادشاهه، ريوٽئمَس کي قائل ڪيو ويو ته هو پنهنجون فوجون گال جي خطي ۾ پهچائي؛ هن جا ٻيڙا لئائر اُڪريا، ۽ هن پنهنجو هيڊڪوارٽر بيري ۾ قائم ڪيو جتي ماٺهن اهڙن اتحادين جي شڪايت ڪئي جيڪي ٻين کي ڏکوئيندڙ هيا، پر نيٽ اُهي يا ته تباهه ٿي ويا يا وري وزيگاٿن جي فوجن جي خوف کان ٽڙي پکڙي چڙوچڙ ٿي ويا(96).

حاڪميت جي حدن جا آخري ڪم جيڪي گال جي رعيت لاءِ روم جي سينيٽ ڪيا، اُنهن مان هڪڙو آروينڈَس جو ڪيس ۽ سندس مذمت هئي جيڪو شاهي محل جو منهندار هو. سڊونيَس خوش هو ته هُو ان دور ۾ رهيو هو جنهن ۾ هو شايد ملڪ جي ڏوهيءَ تي ڪجهه رحم ڪائي سگهي ۽ ان جي مدد ڪري سگهي، ۽ وڏي نرمي ۽ آزاديءَ سان پنهنجي غير دوراندیش ۽ بدقسمت دوست جو ذڪر ٻه ڪري

ٿو(97). جن خطرن مان هو سلامتيءَ سان حفاظت ۾ رهيو هو، آروينڊس عقل جي بجاءِ اعتماد تي زور ڏنو ۽ سندس گستاخي يا بي ادبي واري روَيي جا ايترا ته مختلف روپ هيا جو سندس زوال کان وڌيڪ ماڻهن کي ان ڳالهه تي حيرت هئي ته اهڙو قِرٽو گهرٽو ماڻهو هن دؤر ۾ هلي چلي ڪيئن ٿو ۽ دنيا سان موافقت يا مطابقت ڪيئن ٿو رکي سگهي. بي پيري جي ڪمشنري جيڪا پنجن سالن ۾ ڪيس ٻيهر ملي هئي، سندس اڳئين انتظام جي چڱاين ۽ شهرت کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو هو، خوشامد جي روَين سندس هلڪڙي طبيعت ۾ بگاڙ پيدا ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس مخالفت ويتر هنجي ڪاوڙ کي چوٽ چاڙهي ڇڏيو هو، هو پنهنجن قرضدارن کي صوبي جي آمدني مان قرض ادا ڪندو هو، سندس وهمي ۽ غير مستقل مزاجي واري هنيلي مزاج گال جي معتبر ۽ معزز ماڻهن کي چيڙائي ڇڏيو هو ۽ اهڙن افعالن سبب سندس خلاف عوام جي نفرت جو پيالو هاڻي پرجي تار ٿي چڪو هو. بي عزتي جو انعام جيڪو ڪيس مليو هو ان موجب ڪيس سينيٽ اڳيان پيش ٿيڻو پيو ته پنهنجي اهڙي ڪريل ڪردار جي وضاحت ڪري. هن موافق هوا جي زور تي تسڪني وارو سمنڊ پار ڪيو جنهن کي هن پنهنجي بهتر مستقبل لاءِ سنئو سنؤڻ ڪوٺيو. ڪمشنري جي عهدي لاءِ، بهرحال اجا ماڻهن ۾ عزت جو جذبو موجود هوندو هو، ۽ روم پهچڻ وقت آروئنڊس کي قيد ڪرڻ بدران فلئويَس ائسيلس طرفان مهمان نوازيءَ جو شرف ملڻو هو، جيڪو مقدس ۽ بخش ٽيل ملڪيتن جو منهندار هو ۽ گاديءَ جي هنڌ ۾ رهندو هو(98). جن ماڻهن جا مٿس الزام هيا، اُنهن سندس پيڇو ڪيو جيڪي گال جا چار ڏيڻي هيا جيڪي خانداني ۽ عزت وارا ماڻهو هيا ته ساڳي وقت تقرير جا به وڏا ماهر هيا. وڏي صوبي جي شان مان جو قسم کڻندي ۽ روم جي قاعدي قانون مطابق، هنن شهري توڙي ڏوهن جي قانون موجب ڪيسَ داخل ڪيا ۽ التجا ڪيائون ته انصاف اهڙي طرح ڪيو وڃي جيئن ذاتي طرح ماڻهن جي ٽيل نقصانن جو ازالو به ٿئي ۽ ڏوهيءَ کي سزا اهڙي ملي جيڪا ملڪي انصاف کي مطمئن ڪري سگهي. بگاڙ ۽ زيادتين جا مٿس کوڙ سارا ۽ ڳرا الزام هيا پر هنن ڳجهيءَ طرح ان خط تي پاڙيو جيڪو هنن پکڙيو هو ۽ جنهن کي هو سيڪريٽري جي شاهدي ذريعي ثابت ڪري ٿي سگهيا ته اهو خط آروئنڊس خود لکرايو هو. هن خط جي لکندڙ گاٽن جي بادشاهه کي يونان جي شهنشاهه سان صلح جي معاهدي ڪرڻ کان منع ڪئي هئي، پر هن برطانيه وارن کي ترغيب ڏني هئي ته اُهي لُٽائر تي حملو ڪن، ان کان سواءِ هن گال کي ورهائڻ جي سازش ڪئي هئي ته ان کي به حصا ڪري برگنڊي ۽ وزيگاٽن ۾ ورهايو وڃي(99). اهڙا زهريلا منصوبا، جيڪي اجائي آکڙ ۽ ناسمجهي ڪري گهڙيا ويا هجن ۽ جن جي شدت کي فقط هڪ سنئو دوست ئي گهٽ ڪري سگهي ٿو، يقيني طور تي نه رڳو شڪ ۽ گمان پيدا ڪن ٿا پر اُنهن مجهان غداريءَ جا گهٽا امڪان پيدا ٿين ٿا، تنهن ڪري ڏيڻين هاڻي پڪو عزم ڪيو هو ته هو پنهنجن خطرناڪ هٿيارن کي تيستائين ظاهر نه ڪندا جيستائين لڙائي جو فيصلي وارو مرحلو اچي وڃي. پر سندن نيتن جي پرک سڊونيَس جي جوش جذبي ذريعي ٿي چڪي هئي. هن هڪدم ان ڏوهيءَ کي سندس خطري کان آگاهه ڪيو جنهن تي شڪ ڪونه هو، ڪاوڙ جي اظهار ڪرڻ بغير آروئنڊس جي ضدي طبيعت تي خلوص مان افسوس ڪرڻ لڳو جنهن پنهنجي دوستن جي نيڪ نيتي واري مشوري کي نه رڳو رد ڪري ڇڏيو هو پر ان تي ناراضگيءَ جو اظهار پڻ ڪيو هو. صحيح ۽ اصل صورتحال کان بي خبر رهندي آروئنڊس سفيد لباس ۾ جوپيٽر ديوتا جي مندر ڪئپيٽول اڳيان ظاهر ٿيو، هر طرف کان سندس مرحبا ٿي ۽

ماڻهن سندس خدمت ڪرڻ جي آڇ ڪئي جيڪا هن قبول ڪئي، واپارين جي دڪانن جو چگّيءَ طرح معائنو ڪيائين، هيرا جواهر پڻ ڏٺائين، پر اهڙيءَ طرح جيئن ڪو تماشبين يا وري خريدار هجي، سينيٽ ۽ شهنشاهه جون شڪايتون ڪيائين ۽ اهو به چيائين ته انصاف ماڻهن کي ڏاڍو دير سان پلئه پوي ٿو. سندس سيئي شڪايتون فورن دور ڪيون ويون. بي ڏينهن تي صبح جو سوير سندس ڪيس جي بڌڻي رکيل هئي ۽ آروئنڊس متس الزام مڙهيندڙن سميت حاضر ٿيو ۽ سندس سامهون سينيٽ جي وڏي اسيمبلي موجود هئي. هنن ڊرامائي انداز اختيار ڪري پنهنجا چهرا مغموم ڪري ڇڏيا هيا جنهن سبب ججن کي في الحال ته متن رحم اچي ويو پر ساڳئي وقت سندن شاندار ڪپڙا ۽ ڦوندڙ ڏسي کين چڙ به اچي رهي هئي ۽ جڏهن مهندار آروئندس، گال جي ڊپٽين سميت سينيٽرن جي بئنچن تي وڃي وينا تڏهن به شرافت ۽ غرور جو تضاد سندن ڪردار ۾ صاف نظر اچي رهيو هو. هڪ يادگار فيصلي ۾، جيڪو جمهوريه جي قديم زمانن جي ياد تازي ڪري رهيو هو، گال جي ماڻهن وڏي زور ۽ آزاديءَ سان صوبي جي عوام جي تڪليفن کي بيان ڪيو ۽ جيئن ئي هال ۾ وينل ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي چوٽ چڙهي وئي، ته هنن ان خط ۾ پڙهيو جيڪو فتني ۽ فساد جي پاڙ هيو. آروئندس جي ضِد جو بنياد فقط هِيءَ ڳالهه هئي ته سندس خيال ۾ هڪ رعيت جي ماڻهوءَ تي غداريءَ جو الزام تيستائين نٿو مڙهي سگهجي، جيستائين هن تي اهو ثابت ٿي وڃي ته هن بادشاهه بنجڻ لاءِ سازش ڪئي هئي. جيئن ئي خط پڙهيو ٿي ويو ته هن وڏي آواز سان بار بار ان ڳالهه جو اعتراف ٿي ڪيو ته خط ۾ جيڪو ڪجهه لکيل هو سو سڀ سچ هيو ۽ ڪيس ان وقت حيرت ۾ اوتري ئي ٿي جيتري مايوسي ڪيس ٿي رهي هئي ته جڏهن سينيٽ جي گڏيل فيصلي موجب ڪيس تمام وڏي ڏوهه جو ڏوهاري ظاهر ڪيو ويو. سندن فيصلي موجب ڪانئس مُنهندار جو عهدو واپس ونڻي ڪيس بي عزتو ڪيو ويو ۽ ڪيس ڪڙمين ڪاسبين جي سطح تي آندو ويو ۽ ڪيس گهليندا جيل جي دروازي تائين ونڻي ويا. اٽڪل پندرهن ڏينهن جي وقفي کان پوءِ سينيٽ جو اجلاس ٻيهر سڏايو ويو ته جيئن آروئنڊس کي موت جي سزا جو فيصلو ٻڌايو وڃي، پر ايسڪيولئپيَس* جي ٻيٽ تي جتي ڪيس رکيو ويو هو ۽ ڪيس جيڪا ٽيهن ڏينهن جي مهلت ڏني وئي هئي جيڪا قديمي قانون موجب انتها درجي جي مجرمن ۽ بدڪارن کي به ڏني ويندي هئي(100)، ان موقعي تي سندس دوستن سندس حمايت ۾ ڪوششون ڪيون، شهنشاهه ائنٽيميَس به ڪجهه ڊرو ٿيو، ۽ گال جو منهندار آروئنڊس جي سخت سزا کي نرم ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ هاڻي ڪيس ملڪ بدري ۽ ملڪيت جي ضبطگي جي سزا ڏني وئي. آروئنڊس جي غلطين جي نوعيت اهڙي هئي جو هو شايد رحمدليءَ جو حقدار به هيو پر سيروئنٿس روم جي جمهوريه جي انصاف تي سخت الزام مڙهيا ۽ نوبت اتي وڃي پهتي جو آورن جي عوام سندس خلاف شڪايتون درج ڪرايون جن تي ڪيس موت جي سزا ڏني وئي. پنهنجي دؤر جي سازشي(*) ۽ گندي انسان(†) وزيگاٿن سان ساز باز ڪئي ته ان صوبي سان ڏوڪو ڪجي جنهن کي هن عذابن ۾ مبتلا ڪيو هو، صوبي جي صنعت کي نيُن ٽئڪسن ۽ ترڪ ڪيل ڏوهن ۾ مبتلا ڪيو ويو ۽ سندس بدڪارين جي ڪري ماڻهو ساڻس سخت نفرت ڪرڻ لڳن ها جيڪڏهن اُهي خود خوف ۽ نفرت جو ڪاروبار پاڻ جاري نه رکن ها(101).

اهڙا ڏوهاري هروپرو انصاف جي محاسبي کان آزاد نه هيا، پر رسيمر جو جيڪو به قصور هيو ان جي باوجود به اهو بربر ايترو ته طاقتور هو جو هن ڇڻ اها مهرباني شهنشاهه تي ڪئي هئي جو هن

سان دوستي ۽ اتحاد ڪيو هئائين. شهنشاهه ائنٽيميَس پنهنجي رعيت ڪي پُرامن ۽ خوشحال حڪومت جو واعدو ڪيو هو پر اولهه جي حڪومت هاڻي هر طرف کان بدبختي ۽ بدامني جو شڪار ٿي وئي هئي. رسيمر جيڪو يا ته شڪن گمانن جو شڪار هو تنهن ڪري سندس بي صبري وڌيل هئي، هن روم ڪي چڏيو ۽ مِلن ۾ پنهنجي رهائش گاهه اختيار ڪيائين چاڪاڻ ته مِلن مرڪزي جڳهه تي هيو جتي ويهي دشمن سان جنگ ڪرڻ بہ سؤلي هئي ته دشمن کي شڪست ڏيڻ ۾ بہ دشواري نہ ٿيندي هئي؛ اهو انڪري جو وڏيون جنگجو قومون ائلپس ۽ دنيوب جي وچ تي رهنديون هيون(102) جن کي جنگ ۾ پاڻ سان ملائڻ يا ڪائنس مدد ونڻ آسان هوندو هو. وقت گذرڻ سان اٽلي بہ بن آزاد ۽ هڪ ٻئي جي دشمن بادشاهتن ۾ ورهائجي ويو ۽ لِگوريا جا امير، جيڪي جنگ جي نالي ٻُڌڻ سان ئي ڏڪي ويندا هيا، بزرگ شخص جي پيرن تي ڪري پيا ۽ ڪيس منتون ڪيائون ته سندن بدقسمت ملڪ کي جنگ جي تباهين کان بچائي. آڻ پنهنجي طرفان، اجا بہ گلاشيَن(103) سان دوستيءَ جو هٿ وڌائڻ لاءِ تيار آهيان پر هن جي ڪاوڙ کي تڏي ڪرڻ جي ذميواري ڪير کڻندو يا ان غرور ۾ نُرمائي ڪير پيدا ڪندو جيڪو اسان جهڙن ماڻهن کي مٿي کان هيٺ آڻڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل هوندو آهي؟' هنن ڪيس بڌايو ته پاويا جي پادري ايپيفنئيَس(104) نانگ جي ڏاهپ کي ڪيري جي معصوميت سان ملائي هِڪ ڪري چڏيو هو ۽ ان ڪارنامي ڪان پوءِ ڪيس اعتماد هو ته اهڙي سفير جي تقرير هر مخالفت ۾ ڪاميابي جي ڪُنجي هوندي پوءِ اُتي توڙي جنبن جي جلوه گري هجي يا ذاتي مفادن جو ٽڪراءُ هجي. سندن سفارش کي مڃيو ويو ۽ ايپيفنئيَس، دوستن جي تياڪڙي کي مڃيندي، بنا دير روم هليو ويو جتي سندس شايانِ شان استقبال ڪيو ويو. امن قائم ڪرڻ لاءِ هڪ پادري جي تقرير کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو پر ڳالهه اها آهي ته حالتون توڙي خراب هجن يا سُنيون پر جنهن تڪليف يا زخم رسايا هجن ان کي معاف ڪرڻ رحم، معتبري يا وري دوراندیشي جي نشاني آهي، ۽ هن شهنشاهه کي سخت لفظن ۾ تنبيهه ڪئي ته هڪ خطرناڪ بربر سان مقابلي ڪرڻ کان پاسو ڪري چو ته اهڙو قدم شهنشاهه لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندو ۽ خود سندس حڪومت جي بہ تباهي جو باعث بڻبو. ائنٽيميَس، پادريءَ جي گفتن کي غور سان ٻڌو، ان جي سچائيءَ کان بہ انڪار نہ ڪيو پر هن رسيمر جي ڪردار تي نهايت ئي ڏک ۽ ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ سندس جذباتي طبيعت سندس ڳالهائڻ ۾ فصاحت ۽ رواني پيدا ڪري چڏي، هن چيو: "هن احسان فراموش ماڻهوءَ لاءِ اسان ڇا ڇا نہ ڪيو آهي؟ هن جي چڑ ڏيارينڊ روَين کي اسان ڪيترو نہ برداشت ڪيو آهي؟ پنهنجي تخت ۽ تاج جي شان جي پرواهه نہ ڪندي مون پنهنجي ڏيءُ هڪ گاٽ کي پرٽائي ڏني؛ مون هن جمهوريہ جي امن ۽ بقا لاءِ پنهنجي رت جي رشتن کي بہ قربان ڪري چڏيو. اسان جي سخا ۽ فياضي رسيمر کي مجبور ڪري ها ته هو اسان جي ويجهو اچي ها پر لڳي ائين ٿو ته هو پنهنجي محسن تي ويتر ناراض آهي. هِن شهنشاهت جي خلاف هُن ماڻهن کي جنگين تي پئي اُڪسايو آهي ۽ الائي ڪيترا نہ پيرا هن دشمن قومن جي اسان جي خلاف مدد پئي ڪئي آهي؟ ڇا آڻ اهڙي ۽ ايتري قدر مخالف رويي جي باوجود بہ سندس ڏوڪيبازي واري دوستيءَ طرف پنهنجو هٿ وڌايان؟ ڇا آڻ اجا بہ اُميد ڪريان ته هو ڪنهن بہ سمجهوتي واري معاهدي جي پاسداري ڪندو'. جنهن اڳ ئي هڪ پٽ جي حيثيت ۾ بہ پنهنجن واعدن ۽ معاهدن کي سدائين پئي ٽوڙيو آهي؟" پر جيئن ئي ائنٽيميَس پنهنجي اندر جي ڪاوڙ واري اوهر کي ٻاڦ جيان ٻاهر ڪيو ته فورن ٺڏو ٿي ويو ۽ ايپيفنئيَس جي مشورن کي هڪدم

ڪٿي مجيائين ۽ پادري پنهنجي ماڳ تي مطمئن ٿي موٽيو ته هن هڪ خوشگوار ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو(105) ۽ هاڻي ڪيس يقين هو ته اٽلي ۾ امن امان قائم ٿيندو پر ٻي طرف کان خلوص ۽ امن لاءِ لڳاتار ڪوششن جي سلسلي ۾ اڃا ڪيس شڪ ضرور هيا. شهنشاهه جي طبيعت جي نرمي سندس ڪمزوريءَ مان ڪين ملي هئي ۽ رسيمر تيستائين پنهنجا منصوبا پنڌتي ڪري ڇڏيا جيستائين هن ڳجهيءَ طرح پنهنجون انجٿيون تيار نه ڪيون هيون جن ذريعي هن ائنٽيميَس جي تخت کي اونڌي ڪرڻ جو منصوبو ناهي ڇڏيو هيو. هن امن ۽ رواداريءَ جو لباس پاڻ تان لاهي ڇڏيو هو. رسيمر جي فوج ۾ بيشمار برگنڊي ۽ سوِوِي جا ماڻهو پرتي ٿي ويا، هن يونان جي شهنشاهه سان سپيئي ناتا رشتا ٽوڙي ڇڏيا، مِلن کان فوجي لشڪر روانو ٿي روم جي گيٽن تائين پهتو، ۽ ائينو ندي جي ڪنارن تي پنهنجي ڪئمپ قائم ڪندي، هن شهنشاهت جي اُميدوار اولبريَس جو انتظار ويهي ڪيو.

سينيٽر اولبريَس جو تعلق ائنيسيَن جي خاندان سان هيو ۽ هو پاڻ کي اولهه جي شهنشاهت جو جائز حقدار سمجهندو هو. هن وئلينٽينين جي ننڍي ۾ ننڍي ڏيءُ پلاسيديا سان تڏهن شادي ڪئي هئي جڏهن جينسيرڪ ڪيس آزاد ڪيو هو جڏهن ته سندس پيٽ يودوڪسيا اڃا تائين سندس پُٽ وٽ يا زال يا وري هڪ قيديءَ جي روپ ۾ بند هئي. وئندلن جي بادشاهه ڪجهه دڙڪن داڻن ۽ ڪجهه دوستاڻي انداز سان پنهنجي رومي اتحادي جي دعوائن جي حمايت ٿي ڪئي ۽ جنگ جو اهم مقصد اهو ٻڌايائين ته سينيٽ توڙي عوام شهنشاهه جي اختيارن کي مڃڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو هنن هڪ ڏاڙئي ماڻهوءَ کي اهڙي اهميت ڏني هئي جيڪا هن هرگز نه لهڻي هئي(106). عوام جي دشمن سان دوستي رکڻ تي اوليبريَس اٽلي جي شهرين ۾ غير مقبول ٿي چڪو هو، پر جڏهن رسيمر، ائنٽيميَس جي تباهيءَ جو سوچي رهيو هو ته هن تخت حاصل ڪرڻ لاءِ ان ماڻهوءَ جو شرط رکيو هو جيڪو پنهنجي شهرت سان هن بغاوت کي جائز قرار ڏئي سگهي ۽ شاهي اتحاد به حاصل ڪري سگهي. پلاسيديا جي مڙس، جنهن کي سندس ٻين ابن ڏاڏن وانگر هڪ سفارتي عهدو سؤنپيو ويو هو، کي اها اجازت ڏني وڃي ها ته هڪ يقيني، محفوظ ۽ شاندار بخت جو مالڪ بنجي ها ۽ سندس رهائش به شايد پُرسڪون شهر قسطنطنيه ۾ هجي ها ۽ هن جي ذهن کي، تڪليفن يا اذيتن ۾ به اڃا نه وڌو ويو هو جو هو ايڈي وڏي رتبي وارو عهدو سنيالي نه سگهي ها پر شرط اهو هو ته شهنشاهت جي انتظاميه ڪيس ان قابل سمجهي ها. بهرحال ٿيو هينئن جو اوليبريس پنهنجن دوستن جي مجبور ڪرڻ تي راضي ٿيو جنهن ۾ سندس زال جو وڏو ڪردار هو ۽ هو خانه جنگي جي خطرن ۾ بنا سوچڻ سمجهڻ جي ڪُڏي ڪاهي پيو ۽ شهنشاهه ليئو جي مخفي مدد يا سازش سان، هُن اٽلي جو تاج پنهنجي سِرَ تي رکيو جنهن کي بربر رسيمر جي جوڪائتي حمايت پڻ حاصل هئي. جيئن ته جينسيرڪ کي ان وقت سمنڊ جو بادشاهه يا مالڪ ڪوئيو ويندو هو ته اوليبريس کي روينا يا اوسٽيا جي سامونڊي بندر تي لهڻ ۽ ديرا ڄمائڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ پيش نه آئي ۽ بنا دير هو رسيمر جي ڪئمپ ۾ پهچي ويو جتي سندس استقبال اولهه جي حاڪم جي حيثيت ۾ ڪيو ويو(107).

برزگ يا اميرزادو، جنهن اُينو ڪان مِلويَن جي پُل تائين جا علائقا پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيا هيا، اڳ ۾ ئي روم جي ٽن حصن جو مالڪ هو جنهن ۾ وٽنيڪن ۽ جئنيڪيولم پڻ شامل هيا جن کي ٽائبر ندي شهر کان جدا ڪري ٿي(108)، ۽ ان ڳالهه جو اندازو شايد لڳايو ويو هو ته قانوني اليڪشن

ڪرائڻ کان ڪافي سينيٽر ڏار ٿي ويا هيا ۽ اُنهن به ائين ٿي چاهيو جيڪا اوليبريَس جي خواهش هئي. پر سينيٽ جي گهٽي ياگي اڪثريت توڙي عوام جي حمايت ائنٽيميَس کي حاصل هئي ۽ وڏي ڳالهه ته گاٿن جي فوج به سندس پرپور مدد ڪري رهي هئي جنهن سبب هو پنهنجي حڪومت کي ايا تائين مستحڪم رکيو ويٺو هو پر رعيت جون تڪليفون وڌي ويون هيون چاڪاڻ ته اها خانه جنگي ٽن مهينن تائين جاري رهي هئي جنهن ڪري ملڪ ۾ ڏڪر پئجي ويو ۽ وبا به پکڙجي وئي هئي. آخرڪار رسيمر هئدرئن جي پل تي وڏو حملو ڪيو پر اُتي سوڙهي لنگهه تي گاٿن جا پهريدار موجود هيا جن پُل جي حفاظت ٿي ڪئي پر آخرڪار سندن اڳواڻ گليمر ويڙهه ۾ مارجي ويو. سوپ ماٽيندڙ فوجون هر رڪاوٽ کي ٽوڙي ۽ سخت گوڙ گهمسان ۽ تشدد جي فضا ۾ شهر جي وچ ۾ ڪاهي پيون ۽ روم، (جيڪڏهن اسان ان وقت جي پادري جا لفظ دهرايون) جو شهر، ائنٽيميس ۽ رسيمر جي خطرناڪ خانه جنگي سبب اُلٽ پُلٽ ۽ تباهه ۽ برباد نظر اچي رهيو هو(109). بدقسمت ائنٽيميَس کي سندس ڀِڪڻ واري جاءِ تان ڳولي گهٽين ۾ گهِلي ۽ سندس نائيءَ جي حڪم تي ڪيس دردناڪ طريقي سان قتل ڪيو ويو ۽ اهڙي طرح ٽئين يا چوٿين شهنشاهه کي قتل جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو. هڪ فساد برپا ٿي ويو جنهن ۾ فوجي به بلوو برپا ڪندڙ عوام سان ملي ويا ۽ هو بربرن جي جهنگلي روَين کان بنهه بيزار ٿي بغاوت ڪرڻ لڳا ۽ ڦرلٽ جا منظر هر طرف نظر اچڻ لڳا جن کي ضابطي ۾ آڻڻ هاڻي ناممڪن نظر اچي رهيو هو چاڪاڻ ته فساد برپا ڪندڙ هجوم ۾ غلام به هيا ته ڪڙمي ڪاسبي پڻ شامل ٿي ويا هيا جن کي شايد اها خبر به ڪانه هئي ته ٽيو ڇا هيو، بس هو رڳو هر طرف ڦرمار جي راند ۾ مصروف ٿي ويا هيا ۽ شهر جو ڀڻ ته مُنهن ڪارو ٿي ويو هيو، هر طرف بربادي ۽ تباهي نظر اچي رهي هئي، هڪ طرف ظلم جي بازار گرم هئي ته ٻي طرف شراب نوشي ۾ مست مگن ٿي ماٺهو رڳو بيحيائي ۽ بيهودگيءَ تي مائل ٿي نظر آيا(110). هن منحوس موقعي کان چالبهه ڏينهن پوءِ، شان ۽ شوڪت جي بجاءِ وڌيڪ بدبختي نازل ٿي ۽ آمر رسيمر طرفان، اٽلي ۾ هڪ عذاب ۾ مبتلا ڪندڙ بيماري کي ڦهلايو ويو ۽ رسيمر اقتدار کي ڇڏي ان جي واڳ پنهنجي ڀائٽيي گنڈوبالد جي حوالي ڪئي جيڪو برگنڊي جو شهزادو هو، ساڳئي سال، هن انقلاب جا سيئي اهم ڪردار استيج تان هٽي ويا ۽ اوليبريس جي حڪومت جو سڄو دؤر، جنهن جو موت ڪنهن به تشدد جي ڪاروائي سان نه ٽيو هو، فقط ستن مهينن تائين مَس هليو. هن پوئتي فقط هڪ ڏيءُ ڇڏي جيڪا سندس زال پلاسيديا جو اولاد هئي جنهن جو تعلق عظيم ٿيوڊوسيَس جي خاندان سان هيو ۽ هي خاندان اسپين مان لڏي قسطنطنيه ۾ رهائش پذير ٿيو هو. اهڙيءَ طرح هڪ عورت جي پيڙهي سندن انين نسل سان لاڳاپيل هئي(111).

هڪ طرف اٽلي جي خالي پيل تخت کي قانون جي پڄڙي ڪندڙ بربرن جي حوالي ڪيو ويو هو(112)، ته ٻي طرف نئين شهنشاهه جي اليڪشن تي شهنشاهه لينو جي ڪائونسل احتجاج ڪيو هو. راڻي ويرينا، جنهن جي ڪوشش اها هئي ته سندس ئي خاندان مان ڪو ماٺهو اڳتي اچي، ان کي نظر ۾ رکندي هن پنهنجي پائٽي جوليَس نيپوس سان پرڻائي هئي جيڪو دالمئٽيا جي حڪمراني ۾ پنهنجي چاچي مارسيليئس جو جانشين ٻڌيو هو ۽ اهو ئي رشتو سيني کان وڌيڪ مضبوط هو توڙي جو ڪيس اولهه جي شهنشاهت جو تاج پڻ ڪيس آڇيو ويو هو. پر بازنطين جي محلات جو انتظام ايترو ته سُستي ۽ ڪاهليءَ وارو هو جو ائنٽئميَس توڙي اوليبريَس جي موت کان ڪيترائي مهينا پوءِ وجي سندن گادي

نشين اٽلي جي ماڻهن کي پنهنجو مُنهن ڏيکاريو. هن ٿورڙي وقفي ۾ به هڪ نامعلوم سپاهي گليسيريَس کي تخت تي ويهاريو ويو جنهن ۾ سندس اڳواڻ گنڊوبالڊ هيو پر برگنڊي جي شهنشاهه خانه جنگي جي خطري کان سندس نامزدگي جي تائيد ڪرڻ کان انڪار ڪيو، تنهن ڪري مقامي ترجيحن کي نظر ۾ رکندي ائلپس(113) کان به اڳ پريري پنڊ تان ڪيس واپس گهرايو ويو ۽ روم جي حڪومت کي سنيالڻ جي بجاءِ ڪيس سالونا جي بشپ هئڻ جو اعزاز سونپيو ويو. مقابلي ڪرڻ واري شخص کي پاسيرو ڪرڻ کان پوءِ شهنشاهه نيپوس کي سندس اعليٰ عهدي تي سينيٽ، اٽلي جي عوام ۽ گال جي صوبن جي نمائندن طرفان مڪمل مجتا ڏني وئي؛ سندس اخلاق ۽ فوجي صلاحيتن کي وڏي واکي ساراهيو ويو ۽ اُهي جيڪي سندس حڪومت مان ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ جا خواهشمند هيا اُنهن پنهنجن ذاتي فائدن کي عوام جي مجموعي بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ قربان ڪري ڇڏيو(114). سندن اُميدون (جيڪڏهن اهڙون اُميدون اُنهن پاڻ وٽ پاليون هيون) هڪ سال ۾ ئي خاڪ ۾ ملي ويون جڏهن هڪ صلح ۽ امن جو معاهدو، جنهن موجب آورن کي وزيگاٿن جي حوالي ڪيو ويو، ۽ هي سندس مختصر ۽ داغدار حڪومت جو گندو واقعو هو. گال جي تمام وفادار ماڻهن کي، اٽلي جي شهنشاهه، مقامي حفاظت کي مضبوط ڪرڻ خاطر قربان ڪري ڇڏيو(115). پر، ان کان اڳ جو هو بين ڪُٽن ڪمن ذريعي اٽلي جي تاج کي وڏيڪ داغدار ڪري، بربر اتحادين پاران هن جي خلاف سخت بغاوت برپا ٿي وئي جن پنهنجي جنرل اوريسٽِس جي ڪمان ۾ روم کان روينا تائين پنهنجي پيش قدمي کي جاري رکيو. نيپوس سندن گوڙ شور واري آمد تي بنهه ڊڄي ويو ۽ روينا جي طاقت تي وڏيڪ پاڙڻ بدران هو پنهنجي جنگي جهازن ڏانهن پڇي ويو ۽ ائدرئٽڪ جي ڪنارن جي سامهون دالمٽيا ۾ وڃي پناهه ورتائين. پنهنجي تخت کي اهڙي شرمناڪ طريقي سان ڇڏڻ ڪري هن پنهنجي حياتيءَ کي پنجن سالن تائين ته ضرور وڌائي ڇڏيو، پر هو ڇڻ نه جيئرن ۾ هو نه مُئن ۾؛ لڳو ائين ٿي ته هن پنهنجي پاڻ کي جلاوطن ڪري ڇڏيو هو، نيٺ سالونا جي هٿ ته هڪ احسان فراموش گليسيريَس کيس قتل ڪري ڇڏيو، جيڪو شايد سندس ان ڏوهه جو بدلو هو جيڪو هن مِلن جي پادري سان ورتاءُ ڪيو هو(116).

اٽيلا جي موت کان پوءِ جن قومن پنهنجي آزادي کي قائم رکيو هيو، اُهي قومون توڙي فاتحن جي حيثيت ۾ يا وري قبضي جي حوالي سان، پر اُنهن گهٽي ياڳي دنيوب جي اُترئين طرف يا وري ندي ۽ ائلپس جي وچ واري حصي يعني روم جي صوبن ۾ پنهنجي رهائش اختيار ڪئي هئي. پر سندن نوجوانن ۾ جيڪي بيحد بهادر هيا، اُنهن پنهنجا نالا 'اتحادي فوج' ۾ لکرائي ڇڏيا هيا جن کي اٽلي جي حفاظت لاءِ چونڊيو ويو هيو(117) جن کي ڏسندي ئي ماڻهن کي ڏڪڻي وڻي ويندي هئي ۽ هن ڪڏيل سڏيل هجوم ۾، هيرولي، سِري، الاني، ترسيلنگي ۽ رُگيَنس جا قبيلا زياده طاقتور هيا. هنن جنگجُو قومن جي مثال جي اوريسٽس(118) تقليد ڪئي هئي جيڪو تاتولس جو پٽ هو ۽ اولهه جي آخري رومي شهنشاهه جو پيءُ هو. اوريسٽس، جنهن جو ذڪر اڳيئي تاريخ جي ورقن ۾ موجود آهي(*)، ڪڏهن به پنهنجو ملڪ نه ڇڏيو هو. سندس هڙ توڙي بخت ياڳ جي ڪري هو پنونيا جي رعيت جو هڪ معزز شخص ليکيو ويو هو ته هن اٽيلا وٽ وڃي نوڪري ڪئي هئي جيڪو سندس قانوني حاڪم هيو، ڪائنس سيڪريٽري جو عهدو حاصل ڪيائين ۽ ڪيترائي ڀيرا اٽيلا جي سفير جي حيثيت ۾ ڪيس قسطنطنيه موڪليو ويو هو ته وڃي پنهنجي حاڪم جي نمائندگي ڪري ۽ سندس شاهي پيغام سندس

هر منصب کي پهچائي. ان فاتح جي موت اوريستس کي آزاد ڪري ڇڏيو، هاٿي وٽس ٻه رستا هيا: يا ته اٽيلا جي پٽن کي هر ڪم کان انڪار ڪري يا وري اُنهن سان گڏجي سيٽيا جي صحرا ۾ وڃي آستروگاٿن جي تابعداري ڪري جن اڳيئي پنونيا جي حڪومت کي ڦري تاراج ڪري ڇڏيو هيو. تنهن ڪري هن اٽلي جي شهنشاهن جي خدمت ۾ وڃڻ چاهيو جيڪي وئلينٽينين جا گادي نشين هيا ۽ جيئن ته وٽس همت، بهادري، صنعت گري جي لياقتن سان گڏ زندگي جو ڪافي تجربو هو ته هن کي فوجي مهارت حاصل ڪرڻ ۾ ڪو گهٽو وقت نه لڳو ۽ هن لاءِ سنو وقت اُهو آيو جو شهنشاهه نيپوس جي مهربانين سان ڪيس اميرزادي جو لقب ڏنو ويو ۽ ان کان پوءِ فوجن جو ماسٽر، جنرل بنجي ويو. هي فوجون عزت جون خواهشمند هيون ۽ اوريستِس کين اُها عزت ۽ وقار بخشيو هيو ڇو ته سندس ڪردار ايترو ته اعليٰ درجي جو هيو جو هو فوجين سان سندن زبان ۾ ڳالهائيندو هو، ۽ سندن قومي سردارن يا وڏڙن سان سندس دوستي هوندي هئي ۽ اُنهن سان آزاد ۽ پنهنجائپ واري لهجي ۾ گفتگو ڪندو هو. سندس ئي چوڻ تي هن جا ماڻهو هڪ فضول يوناني شخص جي خلاف اُٿي بينا جنهن کانئن تابعداري ڪرائڻ ٿي چاهي، ۽ وري جڏهن اوريستس کنهن مجبوري يا ضروري سبب کان تخت تان دستبردار ٿيڻ جو اعلان ڪيو ته سندس وفادار ماڻهن بنا دير سندس پٽ آگسٽولس جي چونڊ ڪري ڪيس اولهه جو شهنشاهه بنائي ڇڏيو. نيپوس طرفان پنهنجي تخت ڇڏڻ تي اوريستس هاٿي پنهنجن اردن جي تڪميل جي چوٽيءَ تي پهچي چڪو هو، پر پهرئين سال گذرڻ کان پهريائين هن محسوس ڪيو ته ڪُوڙي ۽ سڪٽي آڪڙ ۽ احسان فراموشيءَ جا سبق ۽ نتيجا جيڪي هڪ باغيءَ کي ڪڏهن به وسارڻ نه گهرجن، سدائين اوتري ئي زور سان واپس ورندا آهن جيتري زور سان اڳواٽ اُنهن تي عمل ٿي چڪو هوندو آهي(*)، ٻين لفظن ۾ احسان فراموش باغي کي پاڻ به اوترو ئي پوڳٽو پوندو جيترو هن ڪنهن ٻي سان ظلم ڪيو هوندو. اٽلي جي شهنشاهه جي حڪومت هوِنئن ئي ايتري ڪمزور هئي جو ڪيس هاٿي بن مان فقط هڪ طريقو چونڊڻو هو ته هو آئنده لاءِ غلام ٿي گذارڻ پسند ڪندو يا ڪرايي تي ڪم ڪندڙ بربرن جي ظلمن ۽ زيادتين جو ڪاڇ ٿيندو رهندو. ڏارين سان گڏجي حڪومت ڪرڻ جي عمل جو نتيجو نه رڳو سخت خطرناڪ صورت ۾ سامهون آيو هو پر روم جي آزادي جي آخري آثارن ۽ وقار کي به سخت بي عزتو ڪيو ويو هو. هر انقلاب جي موقعي تي، پاڙيٽو فوجين جي پگهارن توڙي ٻين الائونسن ۾ واڌارو ڪيو ويندو هو پر پوءِ به نتيجو اهو نڪرندو هو ته سندن غرور ۽ بدمزاجي اڳي کان به اڳري ٿي ويندي هئي، اُهي گال، اسپين ۽ آفريڪا ۾ پنهنجن هم منصبن سان ساڙ ڪندا هيا توڙي جو اُهي دشمنن خلاف جنگين ۾ سوپارا رهيا هيا ۽ پنهنجي آزادي کي قائم رکي پنهنجي ثقافتي سرمايي کي زندهه رکيو هئائون؛ پر پاڙيتو فوجين هاٿي مطالبو ڪيو هو ته اٽلي جي آباد زمينن جو ٽيون حصو منجهن ورهايو وڃي. هنن اڃ وٽندڙ حالتن ۾ اوريستس جي قومي جذبي، جنهن جي اسان مناسب موقعي تي تعريف ڪنداسون، پنهنجي پاڻ سان عزم ڪيو ته هو اهڙن نمڪ حرام فوجين سان مهاڏو اٽڪائيندو ۽ سندن مقابلو ڪندو پر روم جي معصوم ماڻهن جي تباهي ۽ بربادي۽ ۾ هرگز شريڪ نه ٿيندو. هن سندن مطالبي کي رد ڪيو ۽ سندس انڪار اوڏئسر جي خواهشن جي عين مطابق هو جيڪو پاڻ هڪ بهادر بربر هو جنهن پنهنجن ساٿي سپاهين کي يقين ڏياريو ته جيڪڏهن اُهي سندس حڪم هيٺ ڪم ڪندا ته پوءِ کين ان انصاف جي اُميد ضرور رکڻ گهرجي، جيڪو سندن اپيلن جي باوجود به اڃا تائين

کين پلئه نه پيو هو. اٽلي جي هر ڪنڊ توڙي فوجي چوڪين ۽ اسٽيشنن تان، اُهي فوجي، جن کي ساڳيون شڪايتون ۽ ايندڙ وقت لاءِ ساڳيون اُميدون هيون جن جو کين يقين ڏياريو ويو هو، قطارن جي صورت ۾ پنهنجي نئين اڳواڻ جي جهنڊي هيٺان جمع ٿيندا ويا ۽ اميرزادو، جيڪو نوَن فوجين جي وهڪري کان بيحد متاثر ٿيو هو، هڪدم پاويا جي مضبوط شهر ڏانهن هليو ويو، جيڪو نيڪ انسان ايپيفنيَس جو شهر هو جتي هو مقدس پادري هوندو هو. پاويا جو هڪدم گهيرو ڪيو ويو، قلعن تي حملا ڪيا ويا، شهر کي قري تاراج ڪيو ويو، ۽ توڙي جو پادري پُرخلوص ڪوششون ڪيون ته ڪليسا بچي وڃي ۽ قيدي عورتن جي پاڪدامني ۾ قائم رهي پر باغين جو ضد هو ته هيءَ بغاوت تڏهن وڃي ڪجهه ٺاپر ۾ ايندي جڏهن اوريسٽس جو سِرُ ڏڙ کان ڌار ڪيو ويندو(119). سندس پاڻ پال کي روينا جي ويجهو قتل ڪيو ويو هو ۽ آگسٽولس ۾ بيوس بڊجي چڪو هو ۽ هو پنهنجي عزت اڳيئي گنوائي چڪو هو ۽ هاڻي اوڊئسر اڳيان رحم جي نظر لاءِ ٻاڌائي رهيو هو.

اهو ڪامياب بربر، ايديڪان جو پٽ هو جيڪو ڪنهن اهر ڏنڈي ۾، جنهن کي پوئين باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي(†)، اوريسٽس جو ساٿي هيو. هڪ سفير جو عهدو ڪنهن به شڪ يا گمان کان مٿاهون هئڻ گهرجي، ۽ ايديڪان هڪ سازش جي چؤپولن کي پنهنجي ڪنن سان پاڻ ٻُڌو هو جيڪا سندس حاڪم جي زندگي خلاف سِٽي وئي هئي. پر سندس هن غلطيءَ جو ڪفارو سندس پڇتاءَ ۽ لياقتن ذريعي ٿي ويو هو، سندس رتبو مٿاهون ۽ نمايان هو ۽ کيس اٽيلا جي حمايت حاصل هئي ۽ جيڪي فوجون سندس ڪمان هيٺ هيون، جن واري واري سان شاهي ڳوٺ جي پهريداري ٿي ڪئي، اُنهن جو تعلق سِري قبيلي سان هيو جيڪي سندس موروثي رعيت جا ماڻهو هيا. قومن جي انقلابن ۾، اُهي اجا تائين هنن (HUNS) سان لاڳاپيل هيا، ۽ ٻارهن سالن کان به وڌيڪ عرصي کان پوءِ ايديڪان جي نالي کي وڏي عزت سان ورتو ويندو هو ۽ آسٽروگاٿن سان سندن مقابلو برابري وارو ڪونه هيو ۽ هن مقابلي کي بن خوني جنگين کان پوءِ ختم ڪيو ويو هو جنهن ۾ سِري قبيلي کي شڪست جو مُنهن ڏسڻو پيو هو ۽ پوءِ اُهي چڙوچڙ ٿي ويا.(120) سندن بهادر اڳواڻ، جيڪو ذڪر ڪيل فسادن ۾ سلامت نه رهيو هو، جا به پٽ هيا: هڪڙو اونلف، ٻيو اوڊئسر ۽ اُنهن ٻنهي مشڪل ۽ مفلسي جي حالتن سان مقابلو ٿي ڪيو ۽ پاڻ کي زندهه رکڻ لاءِ ڪڏهن ڦُرمار جو سهارو ونندا هيا ته ڪڏهن ڪا نوڪري ڪري پيٽ پاليندا هيا ۽ اهو حال سندن جلاوطني ۾ ٿيو هو. اونلف قسطنطنيه وڃڻ ۽ اُتي رهائش اختيار کي پسند ڪيو جتي مٿس هڪ سخي ۽ سٽي ڪردار واري ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ جو الزام لڳو، ۽ جيڪو شخص قتل ٿيو هو اهو وڏو مشهور ماڻهو هو جنهن جي شهرت جنگي هٿيارن سبب گهٽي هوندي هئي، سندس پاءُ اوڊئسر هڪ رولاڪ شخص هو جنهن پنهنجو وقت گهٽو ڪري ناريڪر جي بربرن سان گذاريو هو ۽ هن جو ذهن ۽ مقدر اهڙو هو جو ڏکيا ۽ مشڪل مرحلا سندس سامهون ايندا رهندا هيا ۽ هو اُنهن مان ڪاميابيءَ سان پار وڃي پوندو هيو ۽ جيڪڏهن سندس مودِ ٿيندو هو ته هو پرهيزگار بڊجي سيوريئس جي جهُوپڙي ۾ به هليو ويندو هو جيڪو ملڪ جو هڪ درويش ۽ بزرگ هيو، ۽ ڪائنس دعائون ۽ برڪتون هٿ ڪري واپس ٿيندو هو. اوڊئسر قد جو ڊگهو هوندو هو تنهن ڪري ننڍي ۽ هيٺاهين دروازي مان هو ڏکيائيءَ سان گذري سگهندو هو تنهن ڪري هو مجبور ٿي اتان جُهڪي لنگهندو هو، کيس ان جهڪيل طريقي سان ڏسي بزرگ سندس عظمت جي اڳواڻ پيشنگوئي ڪئي

هئي ۽ پيغمبري لهجي ۾ ڪيس چيو هيائين! 'پلي پنهنجن ارادن ۽ مقصد ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪر، اٽلي وڃ جتي تون پنهنجي چمڙي تان هي ڪُهرا ڪپڑا لاهي ڇڏيندين، ۽ تو وٽ، تنهنجي دماغي وسعت جيتري جڏهي دولت هوندي(121)'. هن بربر پيشنگوئي جي روح کي چگيءَ طرح سمجهيو ۽ ان کي پنهنجي عزم ۽ حوصلي سان پورو ڪري ڏيکاريائين، ڪيس اولهه جي شهنشاهت ۾ اهم رتبو مليو ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ محافظن جو نگران مقرر ٿيو جيڪو هڪ مانائتو عهدو هو. آهستي آهستي سندس اٽڪل ويهڻي ۽ زندگي جا طور طريقا مهذب ٿيندا ويا ۽ سندس فوجي مهارت ۽ ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيندي رهي ۽ اٽلي جا اتحادي ڪيس پنهنجو جنرل هرگز مقرر نه ڪن ها جيڪڏهن اوڊئسر ۾ هو جرئت ۽ بهادريءَ جا ڪُٽ نه ڏِسن ها(122). نيٺ فوجن سندس اهليت ۽ لياقتن کي سلام پيش ڪندي ڪيس پنهنجو بادشاهه بنايو، پر هو پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ ڪڏهن به شهنشاهي تخت تي نه ويٺو ۽ نه ئي وري شاهي تاج پنهنجي سِر تي رکيائين(123). فقط ان ڪري ته متان اُنهن شهنشاهن جي دل آزاري ٿئي، جن جي رعيت جي ماٹهن پاڻ ۾ گڏجي هڪ تنظيم ناهي هئي جنهن جو نالو 'فاتح فوج' رکيو هئائون ۽ ممڪن هو ته اُها تنظيم اڳتي هلي هڪ عظيم قوم سڏرائي.

شاهي خاندان بربرن کان چگيءَ طرح واقف هيا ۽ اٽلي جا نماٹا ماٹهو بغير ڪجهه ڪچڻ ۽ پچڻ جي حڪمن کي مڃڻ ۽ تابعداري ڪرڻ جاڻندا هيا، پر شرط اهو هو ته اُهو اولهه جي شهنشاهت جو جائز ۽ مقرر ٿيل نمائندو هجي جن جي حڪمن جي هو تعميل ڪندا. پر اوڊئسر پڪو عزم ڪيو هو ته هو ان بيڪار ۽ مهانگي عهدي کي ختم ڪندو، پر قديمي زماني کان هلندڙ روايتن کي ختم ڪرڻ ۾ بيحد مشڪل ڪم آهي ۽ ان جي لاءِ وڏي جرئتمندي جي قدمن کٹڻ جي ضرورت پوي ٿي. بدقسمت آگسٹولس پنهنجي بي عزتي جو پاڻ ئي سبب بڻجي ويو هو، هن پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيڻ چاهي پر سينيٹ، پنهنجي آخري قانون سازيءَ ۾، جنهن ۾ شهنشاهه جي تابعداري بابت قانون پاس ٿيل هيا، اجا ۾ پنهنجي آئين جي روح کي برقرار رکڻ ۽ آزادي کي پنهنجي اصلي صورت ۾ بحال ڪرڻ ٿي چاهيو. سندن گڏيل صلاح مشوري سان شهنشاهه زينو ڏي هڪ خط لکيو ويو جيڪو ليئو جو جانشين ۽ سندس نائي هو ۽ جنهن جي شهنشاهت بازنطين جي تاج تخت سان ڪجهه جهڳڙي بعد بحال ٿي هئي. خط ۾ لکيو ويو: 'هو پوري ايمانداريءَ سان اٽلي ۾ شاهي سلسلي کي جاري رکڻ جا مخالف آهن ۽ ان کان لادعويٰ ٿيڻ جو اعلان ڪن ٿا چو ته ان جي ضرورت آهي نه سندن خواهش آهي ته شهنشاهت جي تسلسل کي قائم رکجي چو ته سندن خيال موجب فقط هڪ حاڪم جي شان شوڪت کي قائم رکڻ وڌيڪ بهتر ۾ آهي ته ڪافي مناسب پڻ آهي جيڪو ٻنهي يعني اولهه توڙي اوير جي خِطن تي حڪمراني ڪري. هو پنهنجي توڙي پوري عوام جي طرفان هن راءِ سان اتفاق ڪرڻ جو اظهار ڪن ٿا ته 'عالمي شهنشاهت' جي گاديءَ جو هنڌ هاڻي روم کان قسطنطنيه ڏي منتقل ٿي ويندو ۽ هو پنهنجي مالڪ کي چونڊڻ جي حق کي غلط روايت سمجهندي، ان کان به دستبردار ٿين ٿا چو ته هي اسان جي خراب ماضيءَ جي بُري نشاني آهي جيڪا ان حڪمراني جي راهه ۾ رڪاوٹ آهي جنهن سڄي دنيا کي قانون سؤنپيا هيا. اسان جي جمهوريه (هو ان لفظ کي ٻيهر ڏهرائن ٿا پر سندن منهن تي ڪاوڙ جا ڪي به آثار ڪونهن) اسان کي يقين آهي ته اوڊئسر جي شهري توڙي فوجي اهليتن تي پورو پروسو ڪري ٿي ۽ اسين ادب سان عرض ڪريون ٿا ته شهنساهه مهرباني فرمائي اوڊئسر کي اميرزادي جو لقب عطا ڪري ۽ اٽلي جي

سيني ضلعن ۽ صوبن جو انتظام به سندس ئي حوالي ڪيو ويو. سينيٽ جي ڊپٽين جي قسطنطنيه ۾ مرحبا ڪئي وئي پر ان استقبال ۾ خوشيءَ جي بجاءِ ناراضگي ۽ ڪاوڙ شامل هئي، ۽ جڏهن اُهي زينو سان مليا تہ هن کين ٻن شهنشاهن سان سندن روَيي تي خوب ملامت ڪئي، يعني ائنٽيميَس ۽ نيپوس جن کي اوير جي شهنشاهه دائمي طرح اٽلي ۾ مقرر ڪري چڏيو هو. 'پهرين'، هن چيو، 'ڪي تہ اوهان قتل ڪري چڏيو ۽ پي ڪي اوهان ملڪ نيڪالي ڏئي چڏي، پر ٻيو ايجا زندهه آهي ۽ جيستائين هو زندهه آهي تہ هو اوهان جو قانوني حاڪم آهي'. پر دوراندیش زينو شايد سوچ ڪئي تہ هڪ هٽايل شهنشاهه کي واپس ورائڻ ذري گهٽ ناممڪن هو تہ هن اها جستجو ئي چڏي ڏني. بهرحال سندس اندر ان ڳالهه تي ڪجهه مطمئن ٿيو تہ ايجا تائين ماڻهو ڪيس شهنشاهه سڏيندا هيا ۽ ٻيو تہ ماڻهن سندس احترام ۾ روم جي ڪيترين ئي جڳهن ۽ چوڙاهن تي سندس مجسما ناهي بيهاريا هيا، ان کان سواءِ هن جي دوستي واري خط و ڪتابت جو سلسلو به اوڀئسر سان ڳنڊيل هيو ۽ پي ڳالهه تہ هو ڪڏهن ڪڏهن شاهي تحفا ۽ نشان به وصول ڪندو رهندو هو، ڪڏهن شاهي محل ۽ تاج جا زيور ڪيس تحفي طور ڏنا ويندا هيا جن کي بربر، ماڻهن جي نظرن مان هٽائڻ لاءِ آماده هيو(124). وٽلينٽينين جي موت کان ويهن سال جي عرصي ۾، نَوَ شهنشاهه هڪ ٻئي پٺيان هليا ويا هيا ۽ اوريسٽس جو پٽ جيڪو هڪ خوبصورت نوجوان هو ۽ جنهن جي حسن جي ڪري سندس سفارش ڪئي وئي هئي، پر هو نئين نسل کي هرگز قبول نہ هيو ڇالاءِ تہ سندس حڪومت جي دؤر ۾ اولهه جي شهنشاهت جي ڏيئي کي مڪمل طرح وِسايو ويو هو، ۽ هن انسان ذات لاءِ به ڪو اهڙو ڪارنامو نہ ڪيو هو جنهن کي ماڻهو ياد ڪري سگهن(125). اميرزادي اوريسٽس، ناريڪم صوبي جي هنڌ پيٽوويو جي نواب رومولَس جي ڏيءُ سان شادي ڪئي هئي، آگسٽس جو نالو، حسد ۽ بغض جي باوجود، عقيليا ۾ چگيءَ طرح جاتو سجاتو ويندو هو ۽ ٻن وڏن معمارن يا پايو وجهندڙن جا لقب شهر ۽ بادشاهيءَ ۾ ورهايا ويا ۽ اُهي ئي لقب وري سندن آخري جانشينن منجهه متحد ٿي ويا(126). اوريسٽس جي پٽ، رومولَس توڙي آگسٽس جي عظيم نالن کي بي عزتو ڪري چڏيو، ۽ پهرئين نالي کي يونانين مٽائي موميلَس رکي چڏيو ۽ پي لقب کي وري لاطينين مٽائي نفرت جوڳي لقب آگسٽولَس ۾ تبديل ڪري چڏيو. هن بي ضرر نوجوان جي حياتيءَ کي اوڀئسر جي رحمدليءَ جي ڪري بچايو ويو جنهن کيس پوري ڪٽنب سميت پنهنجي شاهي محل مان ڪڍي چڏيو، سندس سالياڻو الائونس سون جا چهه هزار ٽڪرا ڪيو ويو ۽ ڪمپانيا ۾ لڪولَس جي جڳهه تي جلاوطني ۾ ڪيس رهڻ جي اجازت ڏني وئي(127). جيئن ئي رومين پيونڪ جي جنگين مان آزاد ٿي سُک جو ساهه کنيو، تہ اُنهن کي ڪمپانيا جي حسن ۽ خوبصورتي ڪشش ڪرڻ لڳي ۽ وڏي جُڳ واري شخص اسڪيپيو جو لِٽرنم ۾ نهيل گهر، ٻهراڙيءَ جي خوبصورتي ۽ سادگيءَ جو هڪ نادر نمونو هو.(128). نٽپلس جي وڻراهن جا حسين ڪنارا ننڍن ننڍن گهرن سان وکوڙيل هيا، ۽ سُلا پنهنجي مخالف جي تعميري ذهن تي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو(*) جنهن پاڻ کي مسينم جي اوچائيءَ تي هڪ چيڙي تي وڃي ويهاريو هو ۽ اهو منظر به ڪيڏو نہ حسين هو جو هر طرف کان سمنڊ جون لهرون ۽ ڏرتيءَ جي ساوڪ نظر اچي رهي هئي ۽ اهو منظر تيستائين نظرن آڏو رهيو ٿي جيستائين ۽ جتي نظر ڪٽي ٿي وئي(129). لڪولَس، ماريَس جي گهرن کي خريد ڪري چڏيو هو ۽ حد اها هئي تہ انهن گهرن جون قيمتون بنادير ادائي هزارن کان اسي هزار پائونڊ استرلنگ تائين چوٽ چڙهي ويون هيون(130).

انهن گهرن جي نئين مالڪ انهن کي يوناني هنرن ۽ سجاوٽن سان وڌيڪ سينگاري ڇڏيو هو، جن ۾ ايشيا جي سونهن پڻ پري وئي هئي ۽ لکولَس جي گهرن توڙي باغيچن، شاهي محلاتن ۾ پڻ اڃا وڌيڪ رتبو ۽ شهرت حاصل ڪري ڇڏي هئي(131). جڏهن وئندل سامونديءَ ڪنارن تي طاقتور ٿي ويا تہ مسينر جي ڇيڙن تي ٽهيل گهرَ، قلعن نما نظارو پيش ڪري رهيا هيا ۽ وئندلن اُنهن گهرن کي لقب بہ اهوئي ڏنو، ۽ هيءَ ئي آها جڳهہ هئي جتي اولهہ جو آخري شهنشاهہ مات کائڻ کان پوءِ پاڇ کائي اچي هتي لِڪو هو. ان عظيم انقلاب کان ويهہ سال پوءِ، انهن گهرن کي ڪليسا ۽ خانقاهہ ۾ تبديل ڪيو ويو تہ جيئن درويش صفت بزرگ سيوريئس جي مڙهہ کي دفنائي سگهجي. اُنهن بهرحال سِمبرڪ ۽ آرمينيا جي سوين ۾ حاصل ڪيل ٽرافين ۾ ڏهين صدي عيسوي تائين خوشي ۽ سکون جا ڏينهن گذاريا هيا. جڏهن قلعا، جن لاءِ ڪين خطرو اهو هو تہ اُهي شايد خطرناڪ مسلمانن کي محفوظ اجهو مهيا ڪن، تنهنڪري اُنهن کي نئپلس جي ماڻهن ڌاهي مِٽيءَ جي ڊير ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو(132).

اوڀئسر روم جي تاريخ ۾ پهريون بربر هر جنهن روم ۾ اُنهن ماڻهن تي حڪومت ڪئي هئي جن ڪڏهن پنهنجي پاڻ کي سڃي انسانذات کان مٿاهون ۽ معتبر سمجهيو هو. رومين جي بيعزتي اسان جي دلين ۾ انهن لاءِ احساس ۽ عزت وارا جذبا پيدا ڪري ٿي ۽ اسان کي اُنهن جي بگڙيل نسل جي فضول ڏڪ ۽ ڪاوڙ تي افسوس ۽ ساڻن همدردي آهي. پر اٽلي جي عذابن آهستي آهستي سندس آزادي ۽ شان شوڪت تي فخر ڪرڻ جي احساس کي ختم ڪري ڇڏيو هو. روم جي برتري ۽ مثالي ڪردار جي دؤر ۾، صوبا فوجي هٿيارن رکڻ ۽ شهري جمهوريہ جي قانون تي عمل ڪرڻ جا پابند هيا، پر بُرو وقت اهڙو آيو جو شهرين جي پاڻ ۾ دشمني ۽ اختلافن سبب قانونن جي پابندي ڪرڻ ختم ٿي وئي ۽ نتيجو اهو نڪتو جو شهر توڙي صوبا هڪ آمر جي خسيس ۽ ذاتي ملڪيت بڻجي ويا. آئين جا طور طريقا جن سندن مفلسي ۽ غربت کي نہ رڳو ختم ٿي ڪيو پر سندن عزتِ نفس جو پردو بہ رکيو ٿي، ختم ڪيا ويا ۽ انهن جي جڳهہ تشدد ۽ طاقت جي ڏيک وجي ورتي ۽ هاڻي اٽلي جي ماڻهن پنهنجن حاڪمن تي هئڻ توڙي نہ هئڻ کي ساڳيو سمجهي ڏڪ ۽ درد مان رت جا ڳوڙها ٿي ڳاڙيا، ۽ اُنهن کان ڪين سخت نفرت ٿي وئي هئي ۽ اها صورتحال لڳاتار پنجن صدين تائين جاري رهي جنهن دؤران فوجي چڙواڳي، مودِ ۽ مرضي جي آمريت ۽ جاڻي واڻي ٻين کي تڪليفن ۽ عذابن ۾ مبتلا ڪرڻ ڇڻ هڪ رسم ٿي وئي هئي. ساڳئي دؤر ۾ بربرَن، جيڪي ڪجهہ بہ نہ هيا، ۽ جن ڪان ماڻهو ٻُجهان ڪندا هيا، پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريو، ۽ جرمني توڙي سيٽيا جا ويڑهاڪ صوبن ۾ پهريون نوڪرن چاڪرن جي حيثيت ۾ داخل ٿيا، پوءِ اُهي رومين جا اتحادي ۽ آخرڪار اُهي روم جا مالڪ بڻجي ويا جيئن مثل مشهور آهي تہ: 'آئي تاندي ڪاڻ، بنجي وئي بورچياڻي' ۽ رومين جي بيعزتي ڪرڻ لڳا يا وري سندن ٻاڏائڻ تي، ڪين سهارو ڏيڻ يا بچائڻ لڳا. ماڻهن جي نفرت کي خوف ۽ ڏهڪاءَ ذريعي دٻايو ويو، اُهي ويڑهاڪ اڳواڻن جي شان شوڪت جو احترام ڪندا هيا جن کي شهنشاهت طرفان وڏا اعزاز مليل هيا، ۽ روم جي قسمت جو فيصلو گهٽي وقت کان وٺي طاقتور ڌارين جي ترار جي طاقت تي مدار رکندڙ هو. رسيمر جيڪو سخت طبيعت رکندڙ هو ۽ جنهن اٽلي جي تباهيءَ جي پاڻ لتاڙ ڪئي هئي، بادشاهہ جي لقب يا اعزاز ملڻ کان سواءِ ئي حڪومت ڪئي هئي، ۽ صبر ڪندڙ رومين بس لاشعوري طور تي اوڀئسر ۽ سندس بربر جانشين جي شهنشاهت ۽ حاڪميت کي قبول ڪري ڇڏيو هو.

اٽلي جو بادشاهه پنهنجي رتبي سان مطابقت رکندڙ هوندو هو، سندس جرئت توڙي پاڻ بخت کيس مٿاهين درجي تي پهچايو هو، سندس جهنگلي طور طريقن کي، گفتگو جي سليقن سيکارڻ ذريعي سنواريو ويو هو ۽ توڙي جو هو فاتح سان گڏ هڪ بربر ۽ هيو، تڏهن پي هو انسانن، ادارن ۽ پنهنجي رعيت جي ماڻهن جي احساسن جو احترام ڪندو هو. ستن سالن جي وقفي کان پوءِ اوڀئسر اولهه جي شهنشاهت ۾ سفارتي عهدن توڙي مئجسٽريٽن کي بحال ڪري ڇڏيو.

شايد حياداري جي عظمت يا فخر منجهان، هن پنهنجي ذات جي لاءِ اُهي اعزاز ٺڪرائي ڇڏيا جيڪي اوپر جا شهنشاهه اڳ پاڻ اختيار ڪندا هيا، پر اهم ڪرسيءَ کي لڳاتار يارهن ناميارن سينيٽرن واري واري سان پئي پريو هو،(133) ۽ ان لسٽ ۾ هڪ نمايان ۽ عزت‌وارو نالو بئسيليَس جو آهي، جنهن جي اخلاق ۽ اعليٰ ڪردار سڀونيَس کي سندس دوست ۽ مداح بنايو هو.(134) شهنشاهن جي قانونن کي سختيءَ سان لاڳو ڪيو ويندو هو، ۽ اٽلي جو شهري انتظام اجا تائين شاهي محافظن جا منهندار هلائيندا رهندا هيا يا وري سندن ماتحت آفيسر اهو نظام سنياليندا هيا. اوڀئسر ڊَل يا ٽڪسن جي اوڳاڙيءَ جي ٻُجهان ڏيارينڊڙ ۽ ڏکئي ڪم جي ذميواري مئجسٽريٽن کي سؤنپي ڇڏي پر هن اهو حق پنهنجي لاءِ ضرور مخصوص ڪيو هو ته جتي ۽ جڏهن ۽ قومي گهُرجن موجب ضرورت پوندي ته هو ان ناڻي کي استعمال ڪري سگهندو(135). ٻين بربرن جيان، ڪيس ۽ آرين مذهب جي ترغيب ڏني وئي هئي، پر هن جو لاڙو خانقاهيت طرف هو ته ساڳي وقت پادرين طرف پڻ راغب هيو ۽ جيئن ته ڪئٿولڪ عيسائين سندس دؤر ۾ مڪمل خاموشي اختيار ڪري ڇڏي هئي ته ان مان ۽ صاف ظاهر ٿو ٿئي ته هن وٽ هر مذهب لاءِ پورو احترام ۽ برداشت جو جذبو موجود هو. شهر جي امن قائم رکڻ لاءِ منهندار ٻئسيليَس جي مداخلت جي ضرورت پئجي وئي ته هو روم وارن لاءِ مناسب پادري جي چونڊ ڪري. هڪ اهڙو فيصلو جنهن مذهبي جوشيلن تي پابندي مڙهي هئي ته اُهي پنهنجين زمينن کي مرڪز کان جدا نه ڪن(*)، چاڪاڻ ته ان منصوبي ۾ خود عوام جو فائدو هو، جن جي عقيدت تي ته ٽئڪس هرگز نه مڙهيو وڃي ها ۽ نه ڪانئن اهو مطالبو ڪيو وڃي ها ته اُهي اُجڙيل ڪليسائن جي مرمت ۾ مالي مدد ڪن(136). اٽلي کي سندس ئي فاتحن جي هٿيارن ذريعي حفاظت حاصل هئي، ۽ سندس سرحدن جو احترام گال توڙي جرمني جي بربرن طرفان پوريءَ طرح ڪيو ويندو هو، جن اڳ ٿوڊوسيَس جي ڪمزور قوم کي بيعزتو ڪيو هو. اوڀئسر اڊرئنڪ کي پار ڪيو ته جيئن شهنشاهه نيپوس جي قاتلن کي جوڳي سزا ڏئي سگهي ته ساڳئي وقت ڊالمئٽيا جي صوبي جا ساموندي حق ۽ حاصل ڪري. هاڻي هو ائلس اُڪري چڪو هو ته جيئن نوريڪم جي باقيات کي فاوا کان بچائي سگهي جيڪو رُگيَنس جو بادشاهه هو جنهن جي رهائشگاهه دنيوب کان ۽ اڳتي هئي. بادشاهه کي جنگ ۾ شڪست ڏني وئي ۽ ڪيس قيدي بنايو ويو، اهڙيءَ طرح قيدين ۽ رعيت جي بيشمار ماڻهن جون ڪالونيون روم ۽ اٽلي ۾ آباد ٿي ويون، ۽ اهي آبادين بار بار شڪستون کائڻ ۽ پنهنجي عزت گنوائڻ کان پوءِ قائم ٿيون هيون، جنهن ۾ بربرن، جيڪي هر شيءِ جا مالڪ ۽ مختيار هيا، لاءِ وڏي فتح ۽ ڪامراني لکيل هئي(137).

اوڀئسر جي دوراندیشي ۽ ڪاميابيءَ جي باوجود، سندس بادشاهت ۾ پڻ ماڻهن لاءِ ڏک ۽ بربادي‌ءَ جو ماحول هو. ٽائبيريس جي دؤر کان وٺي، اٽلي ۾ زراعت جو پيشو زوال پذير ٿي چڪو هو، ۽ اها شڪايت عام هئي ته روم جي ماڻهن جي گذاري جو دارومدار هوائن ۽ لهرن جي حادثاتي هئڻ يا نه هئڻ تي هو.(138) شهنشاهت جي ورهاڳي ۽ زوال ۾ مصر ۽ آفريڪا جا ڏُن پرڻ وارا فصل هاڻي نه پوکيا

ويندا هيا ۽ ماڻهن جو تعداد لڳاتار گهٽبو رهيو چالاءِ جو جمهوريه ۾ گذاري ڪرڻ جا وسيلا وقت سِر گهٽجي رهيا هيا ۽ مسلسل جنگين، ڏُڪر(139) ۽ بيمارين جي ڪري ملڪ ڏيوالو ٿي ويو هو. سينٽ ائمبروز هڪ مشهور ضلعي جي بربادي۽ تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري جنهن ۾ ڪڏهن بولوگنا، موڊينا، ريگينر ۽ پلاسينٽيا جهڙا خوبصورت شهر هوندا هيا(140). پوپ گئلسيَس، اوڊئسر جي رعيت جو ماڻهو هيو ۽ هو ڇڄ وڏاءُ ڪندي ان ڳالهه جي تصديق ٿو ڪري ته ايميليا، تسڪني ۽ ٻين پر وارن صوبن ۾ ڪو نالي ماتر ماڻهو بہ نہ رهيو هو ۽ سڀئي تباهه ٿي ويا هيا(141). روم جا ڪرمي ڪاسبي، جن کي مالڪ جي طرفان ماني ملندي هئي، يا ته ختم ٿي ويا يا وري ڪيڏانهن هليا ويا چو ته سندن مالڪ جي سخا جو هٿ مٿانئن هٽي ويو هو؛ هنرن جي زوال سبب مستري ۽ ڪاريگر بہ واندا ۽ نڪما نظر اچڻ لڳا ۽ بيروزگار ٻڌجي ويا ۽ سينيٽر جيڪي پنهنجي ملڪ جي تباهي کي صبر سان برداشت ڪري رهيا هيا، پر تڏهن دانهون ونيِ ڪيائون جڏهن سندن ذاتي دولت ۽ عياشي کين ختم ٿيندي نظر آئي؛ وڏين جاگيرن ۽ ملڪيتن جو ٽيون حصو، جنهن سان حقيقت ۾ اٽلي جي تباهي جائز طريقي سان لاڳاپيل آهي،(142) جنگي فاتحن جي حوالي ٿي ويندو هو. ماڻهن جون بيعزتيون ڪري ويتر سندن زخمن تي لوڻ ٻُرڪيو ويندو هو، ڪنهن جي ڏکن سورن ڏانهن ڪو ڏسندو ئي ڪونہ هو، پر پريشان ماڻهن کي اُلٽو خوفزده ڪري اڃا وڌيڪ پريشان ڪيو ويندو هو، ۽ ستم ظريفي وري اها جو نيون زمينون بربرن جي نوَن لشڪرن ۾ ورهايون ويندیون هيون، هر سينيٽر تيستائين مشڪوڪ نظرن سان ڏٺو ويندو هو جيستائين هڪ طرفا سروير سندس پسند واري گهر يا ٻني ٻاري تي پهچن. گهٽ ۾ گهٽ بدقسمت اُهي ماڻهو هيا جيڪي ڪنهن بہ شڪايت يا مطالبي ڪرڻ کان سواءِ هر ڳالهه اکيون ٻوٽي مڃي ويندا هيا چو ته هنن لاءِ 'زور اڳيان زاريءَ' کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ڪونہ هوندو هو. جيئن ته اُهي زندهه رهڻ چاهيندا هيا ۽ آمر جو مٿن احسان اهو هو ته هن کين هن وقت تائين زندهه رهڻ ڏنو هو، ۽ جيئن ته هو سندن مقدر تي مڪمل اختيار رکندڙ هيو ته جيڪو ڪجهه بہ هو کين ڏيندو هو ته ان کي هو حاڪم جو تحفو ڪري قبول ڪندا هيا(143). اٽلي جون تڪليفون اوڊئسر جي دروانديشي ۽ اعليٰ انساني ڪردار جي ڪري ڪافي حد تائين گهٽجي ويون جنهن پاڻ کي پابند ڪري ڇڏيو هو ته هو مطالبن ڪرڻ وارن ڪُهرجائو ماڻهن جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندو ۽ پنهنجي طرفان پوري ۽ پُرخلوص ڪوشش ڪندو ته سندن جائز مطالبن کي سندن اطمينان جي حد تائين پورو ڪيو وڃي. بربر بادشاهن جي اڪثر ڪري مخالفت ٿيندي هئي، کين تخت تان لاٿو يا سندن ئي رعيت جي ماڻهن طرفان کين ماريو ويندو هو ۽ اٽلي جي مختلف پاڙيتو ٽولن، جن پاڻ کي هڪ چونڊيل جنرل جي جهنڊي هيٺ جمع ڪرڻ شروع ڪيو هو، پنهنجي لاءِ آزاد فضا ۾ رهڻ ۽ ڦُرلٽ جي دولت تي پنهنجي دعويٰ رکي ڇڏي. هڪ اهڙي بادشاهت جيڪا قومي ايڪي کان خالي هجي ۽ حقدار کي موروثي حق ڏيڻ کان منع ڪري، تيزيءَ سان پنهنجي خاتمي طرف هلي وئي. چوڏهن سالن جي حڪومت کان پوءِ اوڊئسر کي هڪ بي ذهين شخص ٿوڊورڪ عذابن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو جيڪو آسٽروگاٿن جو بادشاهه ۽ اهڙو سورهيه سپوت هو جيڪو جنگ جي ميدان توڙي حڪومت هلائڻ جي فن جو ماهر هو جنهن امن ۽ خوشحاليءَ جي دؤر کي وري واپس ورايو ۽ جنهن جو نالو اڃا تائين بہ ماڻهن جي دلين ۾ هن لاءِ سُڻا خيال ۽ احترام جا جذبا پيدا ٿو ڪري، ۽ جيڪو اڄ تائين سڄي انسانذات طرفان نيڪ جذبن جو محور ۽ مرڪز آهي.

باب چٽيهون
(حاشين بابت وضاحتون)

(*) (ائٽلانٽڪ)

(†) (خط استوا وارو)

(1) سدونيَس اپولينئريَس پنهنجي ٻي ڪتاب جي تيرهين تحرير لکي ته جيئن پنهنجي دوست سيريئس جي عجيب ۽ اُبتي ڳالهه کي رد ڪري سگهي جنهن مرحوم شهنشاهه جي لاءِ وڏو جوش ڏيکاريو هو. هيءَ تحرير جيڪا تعريفي ۽ خوش ڪندڙ هئي، وڏي تعريف لائق هئي ۽ جنهن ۾ اسان کي مئڪسيمَس جي ڪردار جي بہ خبر پوي ٿي.

(*) (پورو ۽ مناسب)

(2) ڪلاينٽر پريويا هڪ قطار يا سلسلي جو نالو آهي جيڪو سدونيَس خود (i, 9) پنهنجي هڪ ٻي سينيٽر جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي جنهن جو رتبو مئجسٽريٽ جي برابر هو.

(†) (شهنشاهه)

(‡) گِبن هي قصو باب نمبر 35 ۾ بيان ڪيو آهي

(3) 'هو، جنهن جي ڏوهه واري ڳچيءَ مٿان اُڪهاڙي ترار اُلاريل هجي، ان کي سِسلي جون دعوتون يا طعامَ کهڙو مزو ڏيندا. نہ ڪيس پڪين جون لاٽيون وڻندڙون ۽ نہ وري موسيقيءَ جا سُريلا ۽ مٺر آلاپ سندس نِندن کي واپس ورائيندا.' هورئٽ (iii, 1) سدونيَس پنهنجي تحرير کي ڊيموڪلس جي ڪهاڻي تي ختم ٿو ڪري، جيڪا سِسرو (ٽسڪيولم، v, 20-21) وڏي دلچسپي منجهان ٻڌائي هئي. (سِسلي جو ڊيموڪلس پنهنجي ترار سان راند ڪيڏيو هو ۽ هن اُها ترار گهوڙي جي وار سان هڪ ماڻهوءَ مٿان ٻڌي ڇڏي هئي).

(4) پروڪوپيَس اِوئگريَس، اِدئٽيَس ۽ مارسيلينَس جي شاهديءَ جي باوجود وڏو عالم مراتوري (ادئٽيَس جا واقعا، iv, 249) هن دعوت جي حقيقت کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ وڏي سچائيءَ سان پنهنجي راءِ هن طرح پيش ٿو ڪري: "ماڻهن جي فطري لاڙن ۽ رايَن کي وڌائي پيش ڪرڻ ناممڪن ڳالهه آهي ته اُهي ڪُوڙين ڳالهين کي تصوراتي انداز ۾ پيش ڪن." پر سندس دليل، وقت ۽ هنڌ جي وقفي کي ڏسندي، ڪافي ڪمزور ٿو لڳي. اِنجير يا شهتوت، جيڪي ڪارٽيج جي ويجهو پيدا ٿيندا هيا، اُنهن کي روم ۾ ٽئين ڏينهن تي آندو ويو هو.

(5) مدح سرائي ۾ سدونيس (ائويٽس 442) 'برگنڊي جي هڪ سازشي ۽ غدار شخص تو ۾ هڪ اُبهرو ۽ گندو خيال پيدا ڪيو ته تون شهنشاهه کي قتل ڪري ڇڏ.' هڪ ڪمال جي سِٽ ملي آهي جيڪا ان ڳالهه طرف اشارو ٿي ڪري ته روم ۽ مئڪسيمَس سان برگنڊي جي پاڙيٽو ويڑهاڪن ڏوکو ڪيو هو.

(6) پادري ليئو جي ظاهري ڪاميابيءَ کي شايد پراسپر ۽ هسٽوريا مسيلن طرفان جائز سمجهيو ويو هجي، پر بئرونيَس جو عقل ۾ نہ ايندڙ خيال (455 عيسوي، نمبر 13) تہ جينسيرڪ، عيسائين جي ٽن ڪليسائن کي تباهيءَ کان بچايو هو، جي پنيرائيءَ ۾ شڪ واريون شاهديون ب موجود ناهن جن ۾ لائبر پونٽيفيڪئلس پڻ شامل آهي.

(7) ڪئٿولَس، جنهن ڪئپيٽول جي مندر جي ڇت کي سونو ڪيو هو، ان جي گهٽي مقدار جي استعمال جي عالمي سطح تي مخالفت ڪئي وئي هئي (پلني، فطري، تاريخ 18 ,xxxiii) پرڪمال اهو آهي تہ شهنشاهہ سونَ جي مقدار کي اجا وڌائي چڏيو هو ۽ مندر جي باهرئين حصي تي سون لڳرائڻ جو خرچ جيڪو شهنشاهہ ڏوميٽين پريو هو، ان جو مُلهہ 12000 ٽئلينٽس يا 2400،000 پائونڊن جي برابر هو. ڪلاڊيَن ۽ روتيليَس جا رايا: 'سون جو چمڪڻ ۽ جرڪڻ تارن جي چمڪ دَمڪ کان ب وڌيڪ تيز هو'... يا ... 'مندر جي چمڪڻ جو نظارو ڏسندڙ اکين کي ب حيران پريشان ڪري چڏي ٿو...' ان ڳالهہ کي ثابت ڪن ٿا تہ مندر تان سون جي چادر نہ عيسائين ۽ نہ وري گاٿن لاتي هئي. (ڏسو ڊونيٿس، روما انٽڪٽا، ii,125) هتي اها ثابتي ب ملي ٿي تہ ڪيپيٽول جي مندر تي جيڪو سون جو مقدار لڳو هو أهو اهڙين وڏين گاڏين ۾ آندو ويو هو جن کي چار گهوڙا ڇڪيندا هيا.

(8) هڪ سنجيدو ۽ غور سان پڙهندڙ شخص، هئبرئن ريلنڊ جي تحقيقي مضمون کي پڙهي ڏسي جنهن جو عنوان آهي، ٽرئجيڪٽي رهيمر، 1716.

(9) جنهن جهاز ۾ ڪئپيٽول جي تبرکن کي کڻي باهر نيو ويو هو، فقط أهو هڪڙو ئي هيو جيڪو سمنڊ ۾ پڄي تباهہ ٿيو هو. جيڪڏهن ڪو متعصب فيلسوف يا لادييني بغض رکندڙ اهو حادثو بيان ڪري ها تہ اهو ان واقعي کي بيان ڪندي پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪري ها تہ 'چگو ٿيو جو ناپاڪ سامان ۽ ورٿو جهاز ۾ ٻڏي غرق ٿي ويو'.

(10) ڏسو وڪٽر وٽيسِس ('وئنڊلن جا عذاب' ۾، i,8,11-12 جنهن کي رئنارٽ ايڊٽ ڪيو هو) ڊيوگراٽياس' ڪارٿيج جي ڪليسا جو انتظام ٽن سالن تائين سنپاليو هو. جيڪڏهن هو اڳ ۾ ئي دفن ٿيل نہ هجي ها تہ سندس لاش کي، جوشيلن ۽ جنوني ماڻهن هٿان شايد ٽڪرا ٽڪرا ڪيو وڃي ها.

(*) (هي 216 قبل مسيح جو واقعو آهي جڏهن هئنيبل جي فوجن، روم جي سڃي فوج جو قتلام ڪيو هو).

(11) مئڪسيمَس جي موت ۽ وئنڊلن طرفان روم کي تاراج ڪرڻ جي صاف شاهدي سڊونيَس جي آهي (مدح سرائي، ائرٽس 450-441) پروڪوپيَس (ڊي بيل وئنڊل، i,4-5,ii,9,255 ۽ 189-188) اِوئگريَس (ii,7) جارنئنڊس (ڊي، ريب گيٽڪس، 45,677) ۽ ابئٽيَس جا تاريخوار واقعا، پراسپر، مارسيلينَس ۽ ٽيوفينس وغيره.

(12) ائوينَس جي ذاتي زندگي ۽ سندس مٽاهين مرتبي تي پهچڻ جي باري ۾ سڊونيَس اپولينئريَس جي مدح سرائي کي پڙهجي، پر ڪجهہ شڪ جي نظر سان ان کي ڏسجي. ان کان سواءِ ان ۾ سندس رعيت ۽ نائيءَ جي باري ۾ پڻ معلومات ملي ٿي.

(13) ننڍي پلني جي مثال کان پوءِ، سڊونيَس (ii,2) پنهنجي گهر جي باري ۾ هڪ ڏگهو ۽ شوبازي وارو بيان لکيو آهي جنهن جو نالو (ائويٽيڪر هيو) ۽ اهو ائويئس جو پنهنجو هيو. بهرحال، سندس گهر ڪهڙي هنڌ تي هو، ان جي پوري خبر ڪانهي. هن سلسلي ۾ ساوارن ۽ سرماند جي حوالن کي ضرور پڙهجي.

(14) سڊونيَس (ii,9) گال جي اميرن جي ڪوٺاڻي زندگي کي تڏهن بيان ڪيو، جڏهن هو پنهنجن دوستن ڏانهن نِسبِس جي اردگرد ٻنيون گهمڻ ويو هو. سندس صبح جو وقت ٽينيز جي راند کيڏڻ ۾ گذرندو هو يا وري لائبرري ۾ ويهي ڪتاب پڙهندو هو جنهن ۾ گهٽو ڪري لاطيني مصنفن جا ڪتاب هوندا هيا، لامذهبيت تي خواه مذهب جي موضوعن تي ٻه ڪتاب هيا، پهريان مردن لاءِ ۽ ٻيا عورتن جي پڙهڻ لاءِ هوندا هيا. کاڏي جي ٽيبل ٻ پيرا سجائي ويندي هئي، هڪ منجهند جي ۽ ٻيو رات جي مانيءَ جي وقت تي ۽ ٻنهي ويلن تي گرم گرم گوشت کارايو ويندو هو (تريل ۽ اُباريل) ۽ مانيءَ جي وچ ۾ ماڻهن جي آجيان شراب نوشيءَ سان ڪئي ويندي هئي. وچ واري وقفي ۾ ماڻهو آرام ڪندا هيا، گهوڙن جي پنيءَ تي ويهي هوا کائيندا هيا ۽ نيم گرم پاڻيءَ سان غسل ڪري ٿڪ لاهيندا هيا.

(15) مدح سرائي جون ستر سِٽون (505-578) جيڪي ٽوڊورڪ ۽ گال جي منت ۽ آزيءَ کي بيان ڪن ٿيون ۽ جنهن ۾ ائويئس جي اعتدال پسندي واري ناراضگي کي ڏڏي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ان کي هڪ ايماندار تاريخدان فقط ٽن- چئن لفظن ۾ ڏڏي يا رد ڪري ڇڏيو آهي ’هن جو مقصد فقط روم جي شهنشاهت تي حڪمراني ڪرڻ جو هو‘.

(16) سِوائل جو پادري اِيسوڊور، جيڪو خود حسب نسب ۾ شاهي گهراڻي سان تعلق رکندو هو، ان ڏوهه جو نه فقط اعتراف ٿو ڪري پر ان جرم کي هو جائز ٿو سمجهي (ص، 718، گاٽن جي تاريخ) جنهن کي سندن غلام جارنئنديس بهروپيائيءَ سان لکايو هو(43,673).

(17) وضاحتي بيان (i,ii,2-7) ڪنهن سياسي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪانئس لکرايو ويو هو. اهو فقط عوام کي ڏيکارڻ لاءِ هيو ۽ جنهن کي سڊونيَس جي دوستن، سندس تحريرن کي هڪ جڳهه تي جمع ڪرڻ کان اڳ نمايان ڪيو هو. پهريون ڪتاب جدا ڇپيو هو. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون xvi,264).

(18) ٽوڊورڪ جي تفصيلي بيان ڪرڻ ۾ مون ڪيترين ئي ننڍين ڳالهين ۽ واقعن کي لِکايو آهي ته ساڳي وقت ڪجهه جملا ٻ مون منظر عام تي نه آندا آهن، جن کي شايد برداشت ڪري سگهجي ها جو ته اُهي اُنهن لاءِ ڇڻا ۽ صاف آهن جيڪي، سڊونيَس جي همعصرن وانگر، اُهي بازاريون گهمندا هيا جتي اُنهن غلامن جو وڪرو ٿيندو هو جيڪي صفا اگهاڙا هوندا هيا. (ڊوبوس، تنقيدي تاريخ ۾ i,404).

(19) هيءَ وضاحت لاطيني يا يوناني زبان ۾ ڏنل آهي جنهن جو ترجمو نٿو ڏئي سگهجي. (سنڊيڪار)

(20) آورن جو سڊونيَس، ٽوڊورڪ جي رعيت جو ماڻهو نه هيو پر ممڪن آهي ته هو مجبور ٿي ٽولُوز جي عدالت ۾ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ ويو هجي.

(21) ٽوڊورڪ پاڻ ۽ جاڻي واڻي پنهنجي وفاداريءَ جو وچن ڏنو هو جنهن کي ٻنهي هنڌن يعني گال ۽ اسپين ۾ پوريءَ طرح سمجهيو ويو هو: "روم ۾ جڏهن تون حاڪم آهين تہ آءٌ تنهنجو دوست آهيان، هاڻي جڏهن تون شهنشاهه آهين تہ آءٌ تنهنجي مرتبي جيڏو تنهنجو سپاهي آهيان". (سڊونيَس، مدح سرائي، ائويٽس، 811).

(22) آسن، ڊي ڪلئرس (ص 245) 'دولتمند ڌاڙي جيڪو سمنڊ ۾ ٻہ پنهنجي آڪڙ بازي پيو ڏيکاري'. سووِي جي بادشاهه جي ارادن منجهان اها ڳالهه واضح ٿي وئي تہ گئليشيا جي سامونڊي بندرن کان بحيرهٔ- روم تائين جهاز راني ڪرڻ جو رواج هو ۽ سيني ماڻهن کي ان جي جاڻ هئي. برئڪارا يا برئگا جا جهاز ڪنارن طرف ڌاڏو محتاط طريقي سان ويندا هيا تہ متان اُهي ائٽلانٽڪ سمنڊ ۾ ڪٽي وڃائجي نہ وڃن.

(*) (اُڇلايو ويو).

(23) ادئٽيَس جي تحريرن ۾ سووِي جي جنگ مستند طريقي سان بيان ڪئي وئي آهي جنهن ۾ اِريا فلئويا جو پادري تماشبين ٻہ هيو تہ خود ئي تڪليفن ۾ ٻہ اچي ويو هو. جازنيندبيَس (44,675-687) گاڻن جي سوپ بابت خوشي ۽ تفصيل سان لکيو آهي.

(24) ٽراجن جي لائبرري جي هڪ وراندي يا گلئري ۾ ڪيترن ئي ليڪڪن ۽ تقرير جي ماهرن جا مجسما رکيل آهن. (سڊونيَس ائپولينئريَس، ix,16,284) ڪارم (viii,350).

(*) (سَهرُو).

(25) 'سندس خواهش هئي تہ هو وڪوڙ ۽ فسادن ۾ پنهنجي زندگي گذاري، تنهن ڪري سينيٽرن ڪيس پنهنجي عهدي تان هٽائي ڇڏيو هو'. اهو ٽورس جي گريگري جو مختصر تاثر هيو. (ii,ix,iii,ii,168) هڪ پراڻي دستاويز (ii,649) ۾ ائويٽس جي هڪ غير مهذب پوڳَ جو ذڪر آيل آهي پر اهو ٽريوز جي بجاءِ روم تي وڌيڪ ٺهڪي اچي ٿو.

(26) سڊونيَس (مدح سرائي ائنٽيميَس، 362 وغيره) رسيمر جي شاهي جَمر جي تعريف ٿو ڪري ۽ ڪيس قانوني وارث ٿو ڪوٽي ۽ هو ٻنهي بادشاهتن يعني گاٽن ۽ سووِي جو ذڪر ڪرڻ پسند ٿو ڪري.

(27) ڏسو ادئٽيَس جون تحريرون. جارنيندبيس (44,676) ڪجهه سچائيءَ مان هينئن ٿو چوي: "هڪ صفا انوکو انسان ۽ پنهنجي فوجي ڪرتبن ۾ پڻ يڪتا ماهر".

(28) 'معصوم ائويٽس کي بچائڻ' بظاهر تہ رحمدليءَ جو جملو آهي پر حقيقت ۾ اها وڪٽر جي نفرت واري زبان آهي (اسڪئليگر جي تاريخوار واقعن ۾). ٻي جڳهه تي هو ڪيس انتهائي سادگي پسند انسان ٿو ڪوٽي هيءَ تعريف مناسب ۽ جائز آهي، پر ساڳي وقت اهي جملا، سڊونيَس جي تعريف جي بجاءِ لفظن ۽ دل جي خلوص سان ادا ڪيل آهن.

(29) اهو هڪ اندازو آهي تہ ڪيس ڊائڪليشين جي اذيتن ۾ تڪليفون آيون هيون. (ٽليمانٽ، ڪليسائي يادگيريون، v,279,696) ٽورس جي گريگري جي هڪ معتقد سڃو ڪتاب جولين شهيد جي عظمت ڏي منسوب ڪيو آهي. (شهيد جي عظمت، ii، مئڪسيمس جي احوال ۾ ix,861-871)

جنهن ۾ هو اٽڪل پنجاهه حماقت جهڙن معجزن جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي هن جي تبرڪن ذريعي ٿيا هيا.

(30) ٽورس جو گريگري (ii,xi,168) پنهنجي ملڪ جي ماڻهوءَ جي حڪومت جي دؤر کي بيان ڪرڻ ۾ مختصر ضرور آهي پر سندس تحرير سچ تي مبني آهي. لبئنيَس جون تحريرون: 'هن پنهنجي شهنشاهت ۽ زندگي، ٻئي وجايون'، منجهان معلوم ٿو ٿئي ائويئس جو موت تشدد ڪرڻ سان ٿيو هو پر اِهو راز ڳجهو رهيو هوندو ڇاڪاڻ ته اِوئگريَس (ii,7) کي اهو خدشو هو ته سندس موت وبائي بيماريءَ جي ڪري ٿيو هو.

(31) هڪ حياداري واري اپيل جيڪا هن پنهنجن برادري جي ماڻهن ورجل ۽ هورئس جي مثالن کان پوءِ ڪئي هئي، سدونيَس ايمانداريءَ سان قرض جو اقرار ڪري ٿو ۽ ان کي ادا ڪرڻ جو واعدو ٿو ڪري. (سدونيَس iv,308). 'مان هڪ بي ملينري جي اڳواڻ اڳيان هيڪيو آهيان، پر تون، پنهنجي سوچ ۾، مون کان ڪِلندي موڪلايو هو. سو پلي اُهو شاعر، جنهن کي تو بچايو هو، پنهنجي زبان سان تنهنجي خدمت ڪري ۽ منهنجي طرفان تنهنجي تعريف ئي پلي منهنجي پُنگ جي رقم هجي'. ڏسو ڊوبوس، (تنقيد جي تاريخ، i,448 وغيره).

(32) پروڪوپيَس جي لفظن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي (ڊي، بيل وئندل، i,7,194) جنهن ۾ هن شاهي ڪردار جو مختصر پر جامع خاڪو پيش ڪيو آهي.

(33) مشهور مدح سرائي کي 458 عيسوي کان اڳ ئي ظاهر ڪري ان جو اعلان ڪيو ويو هو، جڏهن شهنشاهه اجا مئجسٽريٽ هو. ان ۾ ڏهانت کان وڌيڪ فن لڪل آهي ۽ وري فن کان وڌيڪ ان ۾ محنت نظر اچي ٿي. زيور توڙي ڪوڙا يا فضول آهن ۽ اظهار ڪمزور توڙي ڏڳهو آهي، پر سدونيَس چاهي اهو ٿو ته اهم تصوير جي نمائش ۾ ذهن ۽ فن ڏڃي ڪم ڪن ته پوءِ نتيجو به سنو نڪرندو ۽ اهو ڪم صاف روشني ۾ ٽيڙ ڳهرجي. ميجورئن جي ذاتي زندگي بن سؤ سٽن ۾ لکيل آهي. (305-107).

(34) هن هڪدم سندس موت جو مطالبو ڪيو ۽ هوءَ سندس بي عزتيءَ مان مطمئن ڪانه هئي. معلوم ائين ٿو ٿئي ته ايٽيَس- بيليسئريَس ۽ مارلبارو وانگر (شهنشاهه جسٽينين ۽ راڻي ائن جا ڪماندر) تي به سندس زال جو حڪم هلندو هو جيڪا پنهنجي نيڪي ۽ پرهيزگاري ڪري مشهور هئي. (ٽورن جو گريگري- ii,7,162) ۽ هوءَ ڪنهن به انسانيت کان ڪريل ڪم ۾ ڪڏهن به رُڪل نه رهندي هئي.

(35) اليماني جي فوجن رهيشيا جي ائلپس جبلن کي اُڪريو پر ڪئمپ ڪئيني يا بيلنزون جي وادِيءَ وٽ شڪست ڪاڏائون جتي ٽيسن ندي وهي ٿي ۽ اُها اڏولا جبل کان لهي لوگو مئگيور تائين وجي ٿي. (ڪلوور، قديم ائلي ۾، i,100-1) هن جنگ ۾ فاتحن ٿو سؤ بربرن کي شڪست ڏيڻ جي دعويٰ ڪئي هئي جنهن مان ائلي جي ڪمزور فوجي طاقت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. (مدح سرائي ميجورئن، 373).

(*) (روم جا سينيٽر).

(36) سڀونيَس دعويٰ ٿو ڪري تہ اٽلي جي شهنشاهت ۾ ٻڌي هئي ۽ سندن هڪڙو ئي آواز هو. (ناول ميجورئن، iii,34) 'ملڪ جي آئيني حڪمن توکي مڪمل اختيار ڏئي ڇڏيا هيا، يعني عوام، سينيٽ، فوج ۽ تنهنجي سائي (رسيمر) جي توکي پوري حمايت حاصل هئي'. هتي جيڪا زبان استعمال ڪئي وئي آهي اُها آئيني ۽ قديم آهي، جنهن منجهان اهو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ مذهبي ماڻهن کي اجا ملڪي سطح تي ايتري اهميت ڪانہ هئي.

(*) (غداريءَ لاءِ پرپور مذمت).

(37) تحرير دير سان چپجڻ جي ڪري شايد ان کي غور سان پڙهيو ويندو ڇاڪاڻ تہ خط ۾ گهٽو ڪجهہ دلچسپ مواد موجود آهي جيڪو پڙهڻ وٽان هوندو. تنهن ڪري مون ان کي اهميت ڏني آهي.

(38) ميجورئن کي ائوئنَس جي ظلمن ۽ زيادتين کي ضرور سمجهڻ گهرجي ها، جنهن جي موت کي آخرڪار هن هڪ سئو ۽ ساراهہ جوڳو ڪم ڪونيو. هن موقعي تي سڀونيَس ڊڄي ٿو ۽ ڪوبہ فيصلو نٿو ڪري سگهي، هو فقط ٻارهَن سيزرس ۽ آفريڪا جي قومن جو ذڪر ڪري ٿو تہ جيئن ڪيس ائوئنَس جهڙي خطرناڪ ماڻهوءَ جو ذڪر ڪرڻو ئي نہ پوي. (369-305).

(39) ميجورئن جو سڃو فرمان يا سندس سينيٽ ڏانهن لکيل خط کي ڏسو. (ناول، iv,34) تڏهن بہ اظهار جي طريقي سان (اسان جي حڪومت يا اسان جو حڪم) ۾ ان دؤر جو رنگ رچيل آهي ۽ اهو بہ ڏسو تہ جمهوريہ جي لفظ سان 'مهرباني طور' جو لفظ بہ گڏيل نہ آهي جنهن کي هو بار بار دهرائي ٿو.

(40) ميجورئن جي قانونن کي ڏسو (اُهي فقط نوَ آهن پر ڊگها ۽ مختلف آهن) جيڪي ٿوڊوسيَن ڪوڊ جي آخر ۾ بيان ڪيل آهن. (ناول، iv,32-37) گوڊ فراءِ هنن واڌارن ٽڪرن جي ڳنڍڻ تي پنهنجي طرفان ڪو بہ تبصرو ڪونہ ڪيو آهي.

(†) (ملڪيت تي ٽئڪس يا ٻيون ٽئڪسون يا محصول).

(41) (ناول، ميجورئن، iv,34).

(42) وڏي عالم گريوز وڏي محنت واري پڇا ڳاڇا کان پوءِ پڪ ڪئي تہ اؤري يا اوريَس روم جو رائج سِڪو هيو جيڪو ائٽوننز جي زماني ۾ استعمال ٿيندو هو جنهن جي تور هڪ سؤ ارڙهن ۽ پنجين صدي جي سڪي جو وزن فقط انهن انگريزي اَن جا ڏاڍا هوندو هو. ميجورئن پنهنجن سِڪن کي سون جي ٽڪرن ۾ رائج ڪيو هو سواءِ گال جي جتي سِڪي کي 'ساليڊس' چيو ويندو هو (اصل ۾ اهو بہ اؤريس جي برابر هوندو هو) پر تور ۾ تہ باقي معيار ۾ هڪ جيترو هوندو هو.

(43) سڃو فرمان (ناول، ميجورئن vi,35) دلچسپ آهي. 'قديمي عمارتن جي تعمير سازيءَ کي بگاڙيو ويو ۽ وڌين جاين جڳهن کي فقط ان ڪري ڊاهيو ويو تہ اُنهن جي مرمت ڪري سگهجي. تنهن ڪري جيڪو بہ پنهنجي ذاتي جڳهہ تعمير ڪرائي تہ اُهو پلي ڊڏل جاين مان سامان کڻي پنهنجي جڳهہ ۾ استعمال ڪري پر شرط اهو هو تہ وٽس مئجسٽريٽ جي اجازت هجي'. ساڳئي جذبي پر گهٽ اختيارن سان، پيٽرارچ بہ اهو ڪم چوڏهين صدي ۾ جاري رکيو (پيٽرارچ، i,326-327)

جيڪڏهن آءٌ رڳو هِنن ۽ اهڙن تاريخي قصن (يا حماقتن) کي ويهي ڏُهرايان تہ توهان کي روم جي زوال ۽ خاتمي ۽ خاص طرح روم شهر جو چٽو نقشو نظر ايندو، ۽ هي مقصد ئي هو جيڪو منهنجي تحقيق جو موضوع هيو.

(*) (پوڙهي ۽ نوجوان جي وچ تي).

(44) شهنشاهہ، روگهٽين جي رحمدليءَ تي کيس تنبيهہ ٿو ڪري جيڪو ٽسڪني جو سفارتي عملدار هو پر اُها چَندَ ايتري تہ زوردار هئي جو ائين ٿي لڳو تہ شهنشاهہ جڏ متس پنهنجي ذاتي رنجش ۽ ڪاوڙ جي برسات وَسائي رهيو هو. (ناول، ix,47) ميجورئن جو قانون، جنهن ذريعي ضدي بيواهن کي سزا ڏني ويندي هئي، بعد ۾ جلدئي سندس جانشين سيورَس تبديل ڪري ڇڏيو هو. (ناول، سيورَس، i,37).

(45) سدونيس، مدح سرائي ميجورئن (385-440).

(*) (نائپر ندي).

(†) (ڊان ندي).

(46) فوج جو جائزو ۽ ائلپس جو لنگهُ، اهي بہ مدح سرائيءَ جا ڏاڍا اهم ۽ مناسب موضوع آهن. -470) (552 ايمر- ڊي بئاٽ (عوام جي تاريخ، viii,49-55) ساواران يا سرماند جي مقابلي ۾ وڌيڪ مناسب ۽ هوشيار تبصري نگار آهي.

(47) 'ڪجهہ هٿيارن ذريعي، ڪجهہ لفظن جي جادوگريءَ سان' اهو پرسڪَس جو جائز ۽ زوردار جملو آهي. (ليگاٽ مان حوالو، ص 42) توڙي جو اهو ننڍو ٽڪرو آهي پر ان جي باوجود ان مان ميجورئن جي تاريخ بابت گهٽي خبر پوي ٿي. جارنينڊيس وزيگاٽن جي شڪست ۽ اُنهن سان اتحاد جي حقيقت کي لکائي ويو آهي جن کي گئليشيا ۾ وڏو مان مليو هو ۽ جن جو واضح ذڪر اِدئٽيَس جي تاريخوار واقعن ۾ درج ٿيل آهي.

(48) فلورَس (ii,2) هو شاعريءَ جي تصوراتي خيالن ۾ پاڻ کي گم ٿو ڪري ڇڏي ۽ ائين تصور ٿو ڪري تہ سيئي وڻ خود بخود جهازن ۾ تبديل ٿي ويا آهن، ۽ سڄو ڪاروبار، جيئن پاليبيَس جي پهرئين ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي. جڏ روز مرهہ جي دستور کان هٽيل ٿي لڳو.

(49) سدونيَس، مدح سرائي ميجورئن (441-461) 'جڏهن تہ تون ٽسڪن ۽ آيونيَن جي سمندن جي ڪنارن تي جنگي جهازن جي آرماڙ پيو ٺاهين تہ تڏهن ائين ٿي لڳو جڏ سڄي ساري ٻيلي کي سمند ۾ لاٿو ويو هو، وغيرہ'. پرسڪَس جهازن جو تعداد 300 ٿو ٻڌائي جنهن کي بي ترتيبي جي پيٽ ذريعي اِڳامينن انهن جي تعداد کي ايجا وڌائي آگسٽس جي جهازن سان وڄي ملايو آهي.

(50) پرڪوپيَس، ڊي بيل وئندل (i,8,194) جڏهن جينسيرڪ پنهنجي غير واقف مهمان کي ڪارٿيج جي بارودخاني ڏانهن وٺي ٿي ويو تہ هٿيار پاڻهي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويا. ميجورئن پنهنجن پيلي رنگ جي تالن کي ڪارو رنگ ڏيارِي ڇڏيو هو.

(51) مدح سرائي، ميجورئن (330) 'تمام گهٽي ڦرلٽ جي مال جمع ڪرڻ کان پوءِ سارو مال وري عياشيءَ ۾ هليو ويو ۽ اُن طاقت ۾ تيستائين سندس ساٿ ڏنو جيستائين هو غريب هيو'. هن انکان پوءِ رعيت جي سيني اوٽاين ۽ عيبن کي هُن جينسيرڪ ڏانهن منسوب ڪري ڇڏيو.

(52) هن ڳوٽ ساڙائي ڇڏيا ۽ پاڻي جي تلائن ۾ زهر ملائي ڇڏيو. (پرسڪس، ص 42) ڊوبوس (تنقيدي تاريخ، i,475) ۾ ٻڌائي ٿو ته وڏا استور جن کي اتر آفريڪا جي مسلمانن زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو هو، سندس تباهي واري ڳولا کان ممڪن آ ته بچي وڃن'. ٻن کان ٽن سَون تائين ڪڏون ساڳي جڳهه تي کوٽيون ويون هيون، ۽ هر ڪڏ ۾ ڪٿ 400 بشيل (اَن جو پراڻو ماپو) موجود هيا. (شاهه جو سفر نامو، ص 139).

(53) ايٿنيَس جيڪو رسيمر جي فتني فساد کان ڪٿليشيا ۾ محفوظ هو، جرئتمندي ۽ ايمانداريءَ سان چوي ٿو: 'وئندلن کي غدارن ڏمڪيون ڏنيون آهن'. پر هو غدارن جي نالن ٻڌائڻ کان ڪتائي ٿو وڃي.

(54) پروڪوپيَس، ڊي بيل وئندل (i,8,194) ايٿنيَس جي شاهدي ايمانداريءَ واري آهي. 'جيئن ميجورئن گال کان روم واپس ٿي موٽيو، ۽ روم جي شهنشاهت جي وقار وڌائڻ ۾ مصروف هيو، ته عين ان موقعي تي غنيمت سمجهندي، رسيمر ساڻ ۾ سڙي ويو ۽ پنهنجن ڪدورت رکندڙ ساٿين جي مشوري سان غداري ڪندي ميجورئن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. ڪن ماڻهن پوءِ اظهار ڪيو ته ڪيس سووِي جي چوڻ تي قتل ڪيو ويو هو. آڳ ڪو به لفظ مٿائي نٿو سگهان ڇالاءِ ته اُهي لفظ ان ڏوهه ۾ شامل ڪيترن ئي مجرمن جا نالا ونڻ تا جيڪي ميجورئن کي قتل ڪرائڻ جي سازش ۾ شامل هيا.

(55) ڏسو اينوڊيَس جو نشان. نمبر، cxxxv اوپيرا (i,1903) توڙي جو اها ڳالهه اڻ چٽي آهي، پر ان جي باوجود اينوڊيَس کي ميجورئن جي موت کان پنجاهه سالن کان پوءِ پاويا جو پادري بنايو ويو هو. ۽ سندس تعريف ۾ وزن ضرور آهي.

(56) سڊونيَس آرلس ۾ رات جي مانيءَ جو ڏکهو احوال ٻڌائي ٿو (i,ix,25-31) جيڪا سندس موت کان ڪجهه گهڙيون اڳ سندس مان ۾ ميجورئن کئي هئي. سندس ارادو اهو ڪونه هو ته ان شهنشاهه جي هو تعريف ڪري جيڪو مري چڪو هو، پر بس هن هڪ غير دلچسپيءَ وارو جملو هن لاءِ چئي ڇڏيو هو. 'شهنشاهه مُرڪيو، جو ته سندس ڪردار اهڙو هو جو توڙي جو هن پنهنجن دوستن سان ڪچهري ويلي ڪئي، پر پوءِ به هن پنهنجن اختيارن جو استعمال ڪيو ٿي ۽ هو خوش، تازو ۽ توانا نظر اچي رهيو هو'. هيءَ تعريف اُنهن 600 سِٽن جي مدح سرائي کان ڪيئي پيرا وڌيڪ وزني آهي جيڪا ڏوکڙ پري لکرائي وئي هئي.

(57) سڊونيَس، (مدح سرائي ائنٿيميَس، 317) 'شهنشاهه سيورَس فطري طور تي ديوتائن جي رتبي تي پهچي چڪو هو'. شهنشاهن جي پراڻي لسٽ ۾، جيڪا شهنشاهه جسٽينين جي وقت ۾ تيار ٿي هئي، سندس خدا پرستي ۽ سعادتمنديءَ جي بيحد تعريف ڪئي وئي آهي ۽ ان لسٽ ۾ سندس رهائش روم ۾ ڄاڻايل آهي. (سرماند، سڊونيَس، صفحا 112-111).

(*) (فرق ظاهر ڪري ٿو).

(58) ٽليمانٽ، جنهن جي ڪردار کي لاديني ماڻهن طرفان هميشه ٻي عزتو ڪيو ويندو هو، مارسيلينس جي مثبت ڪردار کي (جيڪو سوئيداس محفوظ ڪري ڇڏيو هو) هڪ لاديني تاريخدان سان منسوب ٿو ڪري. (شهنشاهن جي تاريخ، vi,330).

(59) پروڪوپيَس، (دي ٻيل وئندل، i,6,191) مارسيلينس جي زندگي جا مختلف روپ، يونان جي تاريخدان کي ان وقت جي لاطيني تاريخوار واقعن سان پيٽائڻ جو ڪم ايترو آسان نه آهي.

(60) آڻ اُها تعريف، جيڪا سڊونيس (مدح سرائي ميجورئن 553) ۾ هڪ نامعلوم ماسٽر، جنرل جي ڪئي هئي، ايجيڊيَس لاءِ وقف ڪريان ٿو، جيڪو ميجورئن جي فوج جي پوئين حصي جو ڪمانڊر هو. اِدِئٽيَس، هڪ عوامي رپورٽ ۾، عيسائين جي مذهبي پارسائي جي تعريف ٿو ڪري ۽ پرسڪَس سنڊس فوجي ڪردار جو ذڪر ٿو ڪري (ص 42).

(61) گريگري ٽورَن (ii,168,ii,12 ۾) پيري ڊئنيل جنهن جا خيال متاڇرا ۽ جديد هوندا هيا، چائلڊبيرڪ جي خلاف ڪجهه اعتراض شروع ڪري ڇڏيا هيا، (فرانس جي تاريخ 1، ۽ ان تاريخ جو مقدمو، (صفحا xxviii|) پر اُهي ڊوبوس کان مطمئن آهن (تنقيد جي تاريخ، i,460-510) ته ساڳئي وقت ۾ مصنفن کان به راضي آهن جن سوئسنس جي اڪيڊمي جي انعام سان اختلاف ڪيو هو. (صفحا، 131-177,310-339). جيتري قدر چائلڊبيرڪ جي جلاوطني جي مُدي جو سوال آهي، ته اهو ضروري آهي ته ايجيڊيس جي زندگي کي، اِدِئٽيَس جي تاريخوار واقعن کان به اڳتي وڌايو وڃي يا وري گريگري جي تحرير ۾ ضروري ترميم ڪئي وڃي جنهن موجب 'آڪٽئووَ' لفظ جي بجاءِ 'ڪوارٽو ائنو' پڙهيو وڃي ۽ اُهو به وري ائين سال جي بجاءِ چوٽون سال پڙهيو وڃي.

(62) جينسيرڪ جي سامونڊي جنگ جو احوال اسان کي پر سڪَس ٻڌايو آهي. (ليگيشن مان چوند ٽڪرا، ص 42) پروڪوپيَس (دِي- ٻيل وئندل، i,5,189-190,22,228) (وڪٽروٽينس دِي پرسيڪيوٽ وئندل، i,17) ۽ رُئن، (صفحا 467-481) ۽ ساڳئي وقت سڊونيَسن جي ٽن مدح سراين ۾ جنهن جي ترتيب ساوارن توڙي سرماند ۾ خراب نموني ڪئي وئي آهي. (ائويٽس، vii,441-451) (ميجورئن، v,327-350 ۽ 385-440ف، ائنٽيميَس، ii,348-386) هڪڙي جڳهه تي شاعر خود پنهنجي رعيت جي ماڻهن کان متاثر ٿيو آهي ۽ زنده دلي جي هڪ تاثر سان زبردست خيال پيش ٿو ڪري. (2,348) 'دشمن وئندل (يعني جينسيرڪ) ڪارٽيج کان حملو ٿو ڪري ۽ هر سال اسان جي لاءِ تباهي جو سامان ٿو آڻي جيڪو هو پنهنجن جنگي جهازن ۾ ڏوئي ٿو، ۽ گرم ڪارٽيج مان توڙي ڪاڪَسَس مان اسان جي خلاف جهنگلي ۽ وحشي ماڻهن کي موڪلي ٿو ڇڏي'.

(*) (جبرالٽر جا چوڙ)

(63) شاعر خود رسيمر جي تڪليفن جو اعتراف ڪري ٿو. (ii,352) 'اُجيت رسيمر جنهن تي روم جي مقدر ۽ آئيندي جو دارومدار هو، توڙي جو جنگي ديوتا جو ساٿ به ڪيس حاصل هيو، پر پوءِ پي هڪ رُولو نگَ ۽ لُٽيري کي تڙي ڪيي نه سگهيو'. انلي پنهنجي شڪايت ٽائبر سان ٿو ڪري ۽ روم، درياهه ديوتا جي مهربانين سان، پاڻ کي ڪٽائي قسطنطنيه وڃي ٿو وڃي، قديمي حقن تان دستبردار ٿئي ٿو ۽ آرورا سان دوستي رکڻ لاءِ منٽون ٿو ڪري، جيڪا اوپر جي ديوي هئي. هيءَ هيڏي ساري زبردست مشينري، جنهن کي ڪلاڊين جي ذهانت استعمال ڪيو هو ۽ ان جو

ناجائز فائدو پڻ ورتو هو، سدونيَس جي اجاين خيالن جو سرچشمو به اهو ئي آهي جنهن کي مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

(*) (تاريخ جي پهرئين چاپي جو ٽيون جُلد، باب، 38 تي ختم ٿي ويو).

(64) مرسيَن، ليؤ ۽ زينو جا اصل مصنف هيناهين سطح تي اچي نامڪمل ٽڪرن ۾ ورهائجي ويا هيا جن جي ڪمين ۽ ڪوتاهين جو پُورائو ڪجهه قدر ٽيوفينس، زونارَس ۽ سيدرينَس جي تحريرن اچي ڪيو آهي.

(65) سينٽ پلچيريا 453 عيسوي ۾ مري وئي هئي يعني سندس مصنوعي مڙس کان چار سال اڳ هوءَ هلي وئي. ۽ يونانين طرفان سندس ورسي هر سال 10 سيپٽمبر تي ملهائي ويندي آهي. هن وصيت ڪئي هئي ته سندس ورثي ۾ مليل دولت کي نيڪيءَ جي ڪمن يا وري ڪليسائي ڪمن ۾ خرچ ڪيو وڃي. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون، 184-xv,181).

(66) ڏسو پورڪوپيَس کي (ڊي بيل وئندل، o,4,185).

(67) اَسپر جي تخت تي ويهڻ کان معذوري ظاهر ڪرڻ سان اها گَالهه واضح ٿئي ٿي ته ڏهريت جا داغ ڪجهه ماڻهن تي دائمي لڳي چڪا هيا ۽ اُهي نه مٽجڻ وارا هيا، جڏهن ته بربريت بي نسل ۾ غائب ٿي چڪي هئي.

(68) ٽيوفينس، (ص 95) هي هڪ تقريب جو اصل يا آغاز معلوم ٿئي ٿو جنهن کي سڃي دنيا جي عيسائين اختيار ڪري ڇڏيو آهي ۽ جنهن منجهان مذهبي ماڻهن عجيب و غريب ۽ خطرناڪ نتيجا ڪڍيا آهن.

(69) سيدرينَس، (صفحا 346-345) جيڪو بهتر ڏينهن جي ليکڪن کي چگيءَ طرح ڄاڻندو هو، هُن اسپر جي يادگار تحريرن کي محفوظ ڪري ڇڏيو آهي.

(70) اِساريَنس جي طاقت، اوپر جي شهنشاهت کي، زينو ۽ اَنسٽئيَس جي، حڪومت ۾، چيڙائي ڇڏيو هو پر اهو دؤر اُنهن بربرن جي تباهيءَ جو باعث بڻيو جن به سؤ ٽيهن سالن تائين پنهنجي آزاديءَ کي خطرناڪ نموني سان برقرار رکيو هو.

(71) 'روم جي هڪ شهري جي حيثيت ۾ تون پنهنجو شان شوڪت پنهنجي پيءُ پروڪوپيَس کان حاصل ٿو ڪرين جنهن جو حسب نسب وڃي شاهي خاندان سان ملي ٿو'. شاعر سدونيَس (مدح سرائي ائنٽيميَس، 67-306) پوءِ ٽورو اڳيرو وڌي ٿو ۽ مستقبل جي شهنشاهه جي زندگي ۽ سندس ذاتي پاڻ بخت جي گَالهه ڪري ٿو جنهن جي لاءِ ڪيس اڳ اٽپوري ڄاڻ هئي.

(72) سدونيس، برداشت جي جذبي ۽ ذهانت سان معلوم ٿو ڪري ته هن ناڪامي، ائنٽيميَس جي ڪردار ۽ اخلاق کي اڳي کان به وڌيڪ چمڪائي ڇڏيو هو (210 وغيره) جنهن حاڪميت جي هڪ ڏنڊي کي ڇڏي مجبور ٿي ٻيو ڏنڊو هٿ ۾ ڪنيو هو (22 وغيره).

(73) شاعر ٻيهر ملڪ جي سيني حڪمن کي ملهائي ٿو. (22-15) ۽ ادئٽيَس جا واقعا انهن طاقتن جو ذڪر ڪن ٿا جن سندس فوجي پيش قدميءَ ۾ شرڪت ڪئي هئي.

(74) 'مون اميرزادي رسيمر جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪئي هئي جنهن سان شهنشاهه جي ڏيءُ کي پرٽايو ويو هو ته جيئن ملڪي حفاظت جو سلسلو وڌيڪ مضبوط ٿئي'. (صفحا i,5,10) ليونس

کان سڌونيَس جو سفر ۽ روم جي جشن کي خوبصورت لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. 13-i,5,9، تحرير 21-9).

(75) سڌونيَس (i,9,23-24) پوري ايمانداريءَ سان پنهنجو مقصد، سندس محنت ۽ سندس انعام جو ذڪر ڪري ٿو. 'هن مدح سرائيءَ جو اندازو يا پوري قدرداني ته نه ٿي سگهي پر ان کي ان جي بهتر هئڻ لاءِ انعام ضرور ڏنو ويو'. ڪيس 471 عيسوي ۾ ڪلرمانٽ جو پادري بڻايو ويو. (ٽليمانٽ، ڪليسائي يادگيريون، xvi,750).

(76) ائنٿميَس جو محل پروپونٽِس جي ڪنارن تي اڏيل هو جنهن کي مارمارا جو سمنڊ چوندا آهن. نائين صدي عيسوي ۾، اليڪيَس، جيڪو شهنشاهه ٿيوفيلس جو نائي هو، زمين خريد ڪرڻ جي اجازت ورتي هئي ۽ پنهنجا ڏينهن هڪ خانقاهه ۾ پورا ڪيائين، جنهن کي هن ان خوبصورت هنڌ تي ٺاهيو هو. (ڊوڪينج، عيسائي قسطنطنيه، صفحا 117,152).

(77) بشپ ڪجهه اطمينان سان محسوس ڪري ٿو ته روم جي مقابلي ۾ لامذهبن ۽ دهرين کي قسطنطنيه ۾ موڪلڻ وڌيڪ آسان هو.

(78) دمئسيَس، فيلسوف آئسوڊور جي زندگي ۾، (فوٽيم، ص 1049) دمئسيَس جيڪو شهنشاهه جسٽينيَن جي حڪومت جي دؤر ۾ رهندو هو، هڪ ٻيو تحريري ڪم ڪيو، جنهن ۾ روحن، شيطانن، جنن پُوتن ۽ لامذهبيت بابت ڳالهيون آيل آهن.

(79) سڌونيَس جي شاعري ۾، جنهن جي هن پوءِ مذمت ڪئي (ix,16,285)، وڏا ديوتا ئي دراصل خاص محرڪ آهن. جيڪڏهن جيروم کي فقط ورجل جي پڙهڻ تي فرشتن چهبڪ هنيو هو ته، ڪلرمانٽ جي پادري کي بيهودگي واري ڪاپي ڪرڻ تي شاعري ۽ فنونِ لطيفه جي ديوي طرفان اجا وڌيڪ زوردار چهبُڪ لڳڻ گهرجن ها.

(80) اووِدِ (فاسٽ، ii,267-452) قديمي دؤر جي حماقتن جو مزيدار احوال ڏنو آهي ۽ اُنهن حماقتن ۾ اها ڳالهه به شامل آهي ته اُنهن لاءِ پوءِ به ماڻهن جي دل ۾ عزت ۽ احترام هوندو هو. هڪ دفعي هڪڙو سنجيدو مئجسٽريٽ اگهاڙو ٿي گهٽين مان پڇندو ٿي ويو ۽ ڪمال اهو جو ڪنهن به ماڻهو نه حيرت جو اظهار ڪيو ۽ نه وري اهڙي ناداني‌ءَ تي ڪنهن کي ڪا ڪِل آئي.

(*) (هڪ روايت موجب هو ٽراجن جي جنگ کان ست سال اڳ اڪيديا کان لڏي اٽلي هليو ويو هو.

(81) ڏسو ڊايونس ڪي. (هئليڪارن، i,25,65 جنهن کي هدسن ايڊٽ ڪيو) روم جون قدامتون (ڊونئٽس، ii,18,173-174) ۽ ناردِيني (صفحا، 387-386) وڏي محنت ڪئي آهي ته لوپرڪال جي صحيح ڳالهه ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪجي.

(82) وئٽيڪن جي مسودن مان بئرونيَس، پوپ گلئسيَس جي هن تحرير کي چپرايو هو. (496 عيسوي نمبر 45-28) جنهن جو عنوان آهي: 'سينيٽر ائنڊرومئچَس'. جيڪو بين رومين جي خلاف هيو. اهو فيصلو ڪيو ويو هو ته لوپرڪيولا جو جشن قديم روايتن موجب ملهايو وڃي. گلئسيَس هميشه اهو اندازو لڳائيندو آهي ته سندس مخالف ٿورڙا عيسائي آهن، ۽ ڪيس هنن اڳيان جلد آڻ نه مڃڻ گهرجي ۽ هو ان زماني جي سڀني براين ۽ مصيبتن جو ڪارڻ هن بيضرر جشن کي سمجهي ٿو.

(83) 'اهڙيءَ طرح اسان، جن کي خدا جي مهرباني‌ءَ سان سڃي دنيا جي حڪومت عطا ڪئي وئي آهي... ۽ جن کي اهڙو نيڪ، پرهيزگار ۽ سدائين سوپارو شهنشاهه ۽ پُٽ ائنٽيميَس مليو آهي... شال اُهو ئي رب ۽ سندس قدرت ڪيس خدا پرستي واري شاهي طاقت عطا ڪري... وغيره'. اهو ۽ اهڙو شاندار اظهار ليؤ جو آهي جنهن کي ائنٽيميَس عزت منجهان: سائين، پيءُ ۽ پاڪ شهنشاهه ليؤ' جو نالو ٿو ڏئي. ڏسو (ناول، ائنٽيميَس، ii,iii,38 ۽ ٿيوبوسيَن ڪوڊ).

(84) هيراڪليَس (هرقل) جي مهم ۾ ڪيس ڪافي تڪليفون آيون هيون. (ٿليمانٽ شهنشاهن جي تاريخ ۾، 6,640) اهو ڪافي هوشياريءَ جو ڪم آهي ته ٿيوفينس وارين حالتن مان بغير زخم کائڻ جي ڪو ڪامياب ٿي وڃي، جيئن پروڪوپيَس جهڙي معتبر شخص اسان کي ٻڌايو آهي.

(*) (جوليَس سيزر جو مخالف جنهن يوٽيڪا جي هنڌ وٽ خودڪشي ڪئي هئي جڏهن هو پنهنجي مقصد ماڻڻ ۾ ناڪام ٿيو هو.

(85) بيريئس کان ڪاتو جي پيش قدمي جيڪا سائرين جي صوبي کان شروع ٿي هئي، اُها هرڪيوليَس جي پيش قدميءَ کان ٻه وڌيڪ ڏکڻي هئي جيڪا هن ٽرپولي کان شروع ڪئي هئي. هن ٽيهن ڏينهن ۾ گرم ۽ واريءَ رڻ پٽ کي اُڪاريو ۽ اهو ضروري سمجهيو ويو ته بين روزمره جي استعمال جي شين سان گڏ چمڙي جون ٿهيل پاڻيءَ سان ڀريل مشڪون ٻه سفر جي لاءِ ضروري سمجهيون ويون، ان کان سواءِ ڪيترين ئي جؤرون، جيڪي نانگ ڏنگڻ جي صورت ۾ زخم مان زهر چُوسڻ لاءِ ڪارائتيون هونديون آهن سي ٻه ڪنيون ويون. (ڏسو پلوٽارچ، vi,275، باب، 56) ۽ اسرابن جي جاگرافي، (xvii,1193).

(86) وڏو ۽ گهٽو مواد صاف طور تي پروڪوپيَس پيش ڪري چڏيو آهي (ڏي- بيل وئنڊل، i,6,191 ۽ ننڊيون ڳالهيون ۽ ٻيا تفصيل جيڪي ٽليمانٽ (شهنشاهن جي تاريخ، vi,396) وڏي محنت سان بازنطيني ليکڪن ۽ اديبن کان گڏ ڪري ورتا آهن، پر اُهي يقيني ٻه ناهن ته وري ايترا اهم ٻه ڪونهن. تاريخدان مئلچَس ماڻهن جي دردناڪ حالت تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري. (سُئيدا مان هڪ ٽڪرو (بازنطين جي تاريخ، ص 58) پر هو ان وقت ناانصافي ٿو ڪري جڏهن هو ليؤ تي ماڻهن کان ڦريل دولت ميڙڻ ۽ ان کي جمع ڪرڻ جو الزام ٿو مڙهي.

(87) هي زمين جو چيڙو ڪارٿيج کان چاليهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. (پروڪوپيَس، i,6,192) ۽ سِسلي کان ويهه ليگون پري آهي. (شاهه جا سفر، ص 89) اسڪيپيو (روم جو جنرل (183-236 ق.م) ان کان ٻه اڳتي هليو ويو هو ۽ ڏکڻي چيڙي تي وڃي ديرا ڄمايا هيائين. (ڏسو لوي جو خوش مزاجي وارو بيان، xxix,26-27).

(88) ٿيوفينس (ص 100) تصديق ٿو ڪري ته وئنڊلن جا ڪيترائي جهاز ٻڏي ويا هيا. جارنينڊيس جو چوڻ ته بئسيلسڪَس ڪارٿيج تي حملو ڪيو هو، ان کي صحيح طرح سان پروڙڻ جي ضرورت آهي.

(89) دمئسيَس وِٽ آئسوڊور ۾ (اَپدفوٽيَم، ص 1048) ان وقت جي ٽن مختصر واقعن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته مارسيلينَس ڪارٿيج جي ويجهو وڙهيو هو ۽ ڪيس سِسلي ۾ ماريو ويو هو.

(90) آفريڪا جي جنگ لاءِ پروڪوپيَس جو مطالعو ڪيو. (ڊي- بيل وئندل، 193-i,6,191) ٽيوفينس (صفحا، 101-99) سيڊريئس (صفحا، 350-349) ۽ زونارَس (ii,xiv,50-51) مانٽيسق (عظمت جون ڳالهيون وغيره، xx,iii,497) ساموندي هٿيارن جي ناڪامي بابت پنهنجا جائز ويچار وندڻيا آهن.

(91) جارنينڊيس، ٽوڊورڪ- II ۽ يورپ جي حڪومتن ۾ بهترين رهبر آهي (ريبَس گيٽِسز، 44-47,675-681) اِدئٽيَس ته جلدئي ختم ٿي وڃي ٿو، ۽ آئسوڊور وري اسپين ۾ پنهنجي معلومات کي گهٽي ياڳي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُهي واقعا جن جو تعلق گال سان آهي اُنهن کي ابي ڊوبوس وڏي محنت ۽ وضاحت سان پنهنجي ٽئين ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي. (تنقيد جي تاريخ، 620-i,424).

(92) ماريانا کي ڏسو. (اسپين جي تاريخ، i,v,5,162).

(93) گال جي اٽپوري پر اصلي تصوير ۽ خاص طرح آورن جو نقشو اسان کي سڊونيَس ڏيکاريو آهي، جيڪو پهريون سينيٽر ۽ پوءِ هڪ پادري جي حيثيت ۾ پنهنجي ملڪ جي قسمت لاءِ گهٽو فڪرمند هو. ڏسو- V (ليگيشن- vii) تحريرون، (i,5,9).

(94) سڊونيَس- iii، تحريرون، (3,65-68) گريگري تورن (ii,174,ii,24 ۾) جارنينڊيس (45,675) شايد ايڪڊيسيَس اڪيلو ئي ائويٽس جو نائي هو، جيڪو پي مڙس مان سندس زال جو پٽ هو.

(95) سڊونيَس- (ii، تحريرون- i,33) آخري لفظ: 'يا ته سندن ملڪ کي وجائجي يا وري سندن وارن کي'. سرماند، (ص 25) شايد پنهنجي هينئين سطح جي ذهنيت مطابق ٿي هليو پر شايد سڊونيَس جي به ساڳي خواهش هئي.

(96) برطانيه وارن جي تاريخ کي جارنينڊيس ۾ ڳولي سگهجي ٿو. (44) ۽ (45,678) سڊونيَس (iii, تحريرون، 74-9,73) ۽ ٽورس جو گريگري (ii,170,ii,18 ۾) سڊونيَس (جيڪو پاڙيتو فوجين کي 'تيز' تازا توانا، مصروف، ضدي ۽ بهار' ٿو ڪوٺي، سندن جنرل سان دوستي ۽ پنهنجائپ واري لهجي ۾ مخاطب ٿو ٿئي.

(97) ڏسو سڊونيَس (I، تحريرون، 20-7,15) جن ۾ سرماند جا حاشيا به شامل آهن. خط سندس دل وٽان لکيو ويو هو جيڪو سندس فهم ۽ مزاج مطابق هيو. سڊونيَس جو نثر، توڙي جو ڪوڙين ۽ مصنوعي ڳالهين سان پريل آهي، تڏهن به سندس قِڪي ۽ ٻاڙي شاعريءَ کان ڪيئي دفعا وڌيڪ بهتر آهي.

(98) جڏهن ڪئپيٽول جي مندر واري حيثيت کي ختم ڪيو ويو ته ان کي پوءِ شهري مئجسٽريٽ جي آفيس ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ اهو اجا تائين روم جي سينيٽر جي رهائش گاهه آهي. اُتي، بهرحال سونارن کي پنهنجن قيمتي زيورن جي نمائش ڪرڻ جو موقعو ملندو رهندو آهي.

(99) افسوس ته هي حاشيو لاطيني يا يوناني زبان ۾ لکيل آهي جنهن جو سنڌي ترجمو نٿو ڏئي سگهجي.(سنڌيڪار)

(*) (ٽائبر نديءَ ۾ هڪ ٻيٽ).

(100) سرماند، (ص 17) پر ان قانون موجب فيصلي ۽ موت جي سزا جي وچ ۾ فقط ڏهن ڏينهن جي وٿي هوندي هئي، باقي ويهه ڏينهن بعد ۾ ٽوڊوسيَس جي حڪومت ۾ وڌايا ويا هيا.

(*) (ڪمينو، غير مقبول)

(†) (روم جو هڪ سازشي شخص جنهن کي 63 ق.م ۾ ماريو ويو هو.

(101) (اسان جي دور جي ڪٿلائين. سڊونيَس (ii خط، 1,33,V، تحريرون، vii,13,143، تحريرون، 7,185) هو ڏوهن تي بد دعا ڏئي ٿو ۽ سيرونئٿس جي سزا تي ڏاڍو خوش ٿو ٿئي. شايد ان ڪري ته هو هڪ سنو ۽ ڪردار وارو شهري آهي، يا شايد اهو روَيو هن جي خلاف سندس ذاتي رنجش وارو هجي.

(102) ائنٽيميَس جي حڪومت ۾ رسيمر الاني جي بادشاهه کي شڪست ڏئي ڪيس قتل ڪيو هو،(جارنينديس 45,678) سندس پيٽ کي برگنڊي جي بادشاهه سان پرٽايو ويو هو ۽ هن سووي ڪالوني جي ماٿهن سان تمام ويجها تعلقات قائم ڪري ڇڏيا هيا جيڪي پنونيا ۽ نوريڪم ۾ رهندا هيا.

(103) (بي صبرو ۽ اُپهرو گلاٽيَن) سرماند (پنهنجن تحريرن ۾ انوڊيَس ڏي لکي ٿو) پنهنجي درخواست خود ائنٽيميس جي حوالي ٿو ڪري. شهنشاهه شايد گلاٽيا جي صوبي ۾ جائو هو جنهن جا رهواسي گئلو، گريشين سڏرائيندا هيا ۽ سندن ڪم اهو هو ته هو وحشين ۽ بگڙيل ماٿهن کي به ايڪي ۽ اتفاق سان هلائڻ جي ڪوشش ڪندا هيا.

(104) ايپيفنئيَس ٽيهن سالن تائين پاويا جو پادري رهيو هو (497-367ع) ڏسو ٽيلمانٽ (ڪليسائي يادگيريون، xvi-788) سندس نالو توڙي ڪارناما ايندڙ نسل کان لڪل رهجي وجن ها جيڪڏهن اينوڊيَس، جيڪو سندس جانشينن منجهان هڪ هيو، سندس زندگي جي باري ۾ تفصيل سان نه لکي ها. (سرماند، اوپيرا- I 1692-1647) جنهن ۾ هو ڪيس ان دؤر جي عظيم ڪردار جي صورت ۾ پيش ٿو ڪري.

(105) اينوڊيَس (صفحا، 1664-1659) ايپيفنئيَس جي هِن سفارتخاني ۽ سندس بيان کي فقط باڙن ۽ اجائي لفظن جو ميڙ ۽ سکٽي قوند سان تعبير ٿو ڪري ۽ اولهه جي شهنشاهت جي خاتمي جي سببن جا ڪجهه سنجيده مثال پيش ٿو ڪري.

(106) پرسڪس (ليگيشن مان ٽڪرا، ص 74) پروڪوپيَس (ڊي- بيل وئندل، i,6,191) يوڊوڪسيا ۽ سندس ڏيءُ، ميجورئن جي موت کان پوءِ آزاد ٿيا هيا. اولبريَس جو سفارتي عهدو (464ع) شايد ڪيس شاديءَ جي تحفي طور ڏنو ويو هو.

(107) اوليبريَس جي مخالفت وارو روپ (پاگي جي نقطئِ نظر جي باوجود) اوترو وقت برقرار رهيو جيترو وقت سندس حڪومت رهي. ليئو جي ڪُجهن رابطن ۽ واسطن، ڪي ٽيوفينس ۽ پاسچل جي واقعن ۾ پڻ تسليم ڪيو ويو آهي. اسان ڪي سندس مقصد يا ارادن جي ڪابه ڄاڻ ڪانهي، پر هڪ اڻ ڇڻي دؤر ۾، اسان جي اڻڄاڻائي، ڪجهه عوامي معاملن ۽ ڪجهه حقيقتن تائين، پهچي وڃي ٿي.

(108) چوڏهن علائقن، جن ۾ روم ڪي آگسٽس پاران ورهايو ويو هو، فقط هڪڙو جئنيڪيولم، ٽائبر ندي جي ٽسڪن واري طرف هيو. پر پنجين صدي عيسوي ۾ رئٽيڪن جي پهراڙي واري هڪ هنڌ منجهان هڪ وڏو شهر نهي ويو هيو، ۽ ڪليسائي ورهاڱي جنهن کي سمپليسيَس لاڳو ڪيو هو، حڪومت ڪندڙ پادري ۽ روم جا ستن مان به علائقا، سينٽ پيٽر جي مڪبر ڪليسا تي پاڙيندا هيا. ڏسو ناردِيني (قديم روم ۾، ص 67) حالتن کي پوريءَ طرح بيان ڪيو ته

هڪ ڏگهو داستان ٿهي ويندو ۽ منهنجي لاءِ بهتر اهو آهي ته روم جي وڏي جاگرافي دان جي قصي بيان کرڻ کان پوءِ اوهان کان اجازت ونان.

(109) گلئيَس (تحريرون، ائنڊرومئچ ۽ بئرونيَس، 496ع، نمبر 42) سگونيَس (i,xiv، صفحا 543-542) ۽ مراتوري (اٽلي جا واقعا، iv,308-309) هڪ اٽپوري خاتون هسٽوريا مسيلا جي مدد سان هن خوني ۽ کاري ڏنڈي جي حقيقت کي واضح کيو آهي.

(110) 'شهر ۾ رڳو ظلم ۽ بيڇڙي کاروبار جو منظر هو'، جڏهن وسپاسيان روم تي حملو کري ان کي تاراج کيو هو. (ڏسو ٽئسيٹس، iii,82-83) ۽ هر شرارت ۽ رهزني هر طرف زور ونڊي وئي هئي. مختلف وقتن ۽ دؤرن جا انقلاب اهڙيون بربادیون پکيڙيندا آهن پر پلي کيترا به دؤر گذري وڃن پر اُهي ٽئسيٹس جهڙي تاريخدان کي ورلي پيدا کندا آهن جيکي اهڙن واقعن کي پنهنجي بيان ذريعي لازوال بنائي ڇڏيندا آهن.

(111) ڏسو ڊوکينج، فئملي بازنطين، (صفحا 75-74) ايروبائنڊَس، جنهن شهنشاهه جسٽينيَن جي پائِٽيءَ سان شادي کئي هئي، هُو وڏي ٽوڊوسيَس جي انيَن پيڑهيءَ مان هيو.

(112) اولهه جي شهنشاهت جا آخري انقلاب ٽيوفينس اڻ ڇپي نموني بيان کيا آهن (ص 102) جارنينڊس، 45,.679) مارسيلينَس جا تاريخوار واقعا ۽ هڪ نامعلوم ليکڪ جي تحرير مان ٽکرا جن کي اميئينس (صفحا، 717-716) جي آخري ڏينهن ۾ وئليسيَس ڇپرايو هو. جيکڏهن فوٽيَس ناداني کندي ايترو مختصر نه ٽئي ها ته اسان جيکر مئلچَس ۽ کئنڊيڊَس جي همعصرن جي تاريخن مان کافي ڄاڻ حاصل کري ونون ها. (ڏسو هن منجهان اقتباس، صفحا 179-172).

(113) ڏسو گريگري ٽورن، (ii,175,ii,28 ۾) ڊوبوس، (تنقيد جي تاريخ، ii,613) بن پائرن جي قتل ٽيٹ شرط گنڊوبالڊ هڪدم برگنڊي جو اڪيلو بادشاهه بڌجي ويو، پر سندن نااتفاقين سبب ان بادشاهت جو زوال به جلد اچي ويو.

(114) سڊونيَس (v,16,146) نيپوس، ايڪديسيَس کي اميرزادي جو خطاب ڏنو هو جنهن جو واعدو اننٽيميَس کيو هو. 'هن ائنٽيميَس جي کيل واعدي کي پورو کيو هو' (ڏسو، viii,7,224).

(115) اپيئفئنيَس کي نيپوس وزيگاٽن جو سفير کري موکليو هو ته جيئن مٽن ڏنڊن يا محصولن جو حساب لڳائي سگهي. يعني اُهي علائقا جيکي روم جي شهنشاهت جو حصو هيا. (اينوڊيَس سرمانڊ ۾، i,1665-1669) سندس نااُميدي واري ڳالهه ٻولهه هڪ بي عزتي واري راز تي پردو وجهي ڇڏيو هو جنهن کري کلرمانٽ جو پادري سخت ناراض ٿي ويو هو. (سڊونيَس).

(116) مئلچَس (اُپڊوفوٽيَم، ص 172، اينوڊيَس جو هڪ لطيفو يا ٽوٽکو، BK|xxxii، سرمانڊ، اوپيرا، ii,1879) بهرحال شهنشاهه يا مکيه پادري جي سجاٽپ جي باري ۾ اجا کي شڪ ۽ گمان باقي آهن.

(117) هنن پاڙيتو ويڑهاکن جي باري ۾ جن اولهه جي شهنشاهت کي تباهه کيو هو، اسان کي پروکوپيَس معلومات ڏني هئي. (ڊي- بيل گوٽيڪو، i,i,308) عام تاثر توڙي هاٽوکا تاريخدان اوڊئسر جي نمائندگي کن ٿا توڙي جو اُهو هڪ ڏاريو بادشاهه هو ۽ هن ڏاري فوج وني اٽلي تي پنهنجي رعيت جي ماٹهن تي حملو کيو هو.

(118) 'اوريسٹس، ان وقت جڏهن اٽيلا اٽلي ۾ داخل ٿيو هو، هڪدم ان سان مليو هو جنهن کيس پنهنجو سيڪريٽري بڻايو هو'. نامعلوم (ويلس، ص 716) کانئس تاريخ ۾ ڪو مغالطو ٿيو آهي، پر اسان سندس معلومات تي کيس داد ڏيون ٿا ته اٽيلا جو سيڪريٽري آگسٽولس جو پيءُ هيو.

(*) (باب، چوٽيهين ۾).

(*) (قِريو يا بدليو).

(119) ڏسو اينوڊيَس (وِٽ، ايپيفنيَس سرماند 1670-1669,i) هو پروڪوپيَس جي بيان کي وڌيڪ مانائتو ۽ اثرائتو ٿو بنائي توڙي جو اسان کي اهو شڪ ضرور آهي ته شيطان واقعي پاويا جي گهيري ڪرڻ جي سازش ڪئي هئي ته جيئن هو پادري ۽ سندس پوئلڳن کي تڪليف پهچائي سگهن.

(†) (باب، چوٽيهون).

(120) جارنينڊ بس (695-53-54,692) ايم- ڊي بئاٽ (يورپ جي ماٿهن جي تاريخ، 228-viii,221) اوڊئسر جي اصل نسل ۽ سندس جنگي مُهمن جي باري ۾ چٽيءَ طرح وضاحتون ڪيون آهن. آڳ ته يقيني طور تي اها ڳالهه مجڻ لاءِ تيار آهيان ته اهو ساڳيو ئي شخص هو جنهن ائنگرس کي ڦري تاراج ڪيو هو ۽ جنهن سئڪسن لُٽيرن جي سامونڊي ٻيڙي جي ڪمان پڻ سنڀالي هئي. (گريگري ٽورن، ii,170,ii,18 ۾).

(121) نامعلوم، (ويلس، ص 717). هو سينٽ سيوريئس جي زندگي جي باري ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو جيڪا اجا تائين موجود آهي ۽ جنهن ۾ اجا اهڙا حوالا به آهن جن جي باري ۾ معلومات نه ملي سگهي آهي پر اُها نهايت ئي اهم تاريخ آهي، جيڪا سندس شاگرد يوجيپيَس (511 عيسوي) سندس موت کان ٽيهه سال پوءِ گڏ ڪري چپرائي هئي. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون، xvi,168-181).

(122) ٽيوفينَس، جيڪو ڪيس گاٽ ٿو ڪوٺي ۽ اها ڳالهه مجي ٿو ته هو پڙهيل لکيل هو ۽ جنهن جي پالنا اٽلي ۾ ٿي هئي (ص 102) ۽ جيئن ته هي مضبوط اظهار ڪنهن ادبي معنيٰ ۽ مفهوم سان لاڳاپيل ناهي، ته انکي شاهي محافظن جي طويل خدمت جي حوالي سان سمجهائي سگهجي ٿو.

(123) ڪئسيوڊور (تاريخوار واقعن ۾ 476ع) لکي ٿو ته هن پاڻ کي بادشاهه جو خيالي خطاب ڏنو هو، جنهن ۾ نه ته ڪا قوم ۽ نه وري ڪو ملڪ شامل هو.

(124) مئلچَس، جنهن جي نقصان ٽيڻ تي اسان کي افسوس ٿيو هو، هن خاص الخاص سفارتخاني کي سينيٽ کان وٺي زينو تائين محفوظ ڪري ڇڏيو آهي (ليگيشن منجهان ٽڪرا، 93) هڪ نامعلوم اقتباس (ص 717) ۽ ٻيو ڪئڊيڊَس منجهان ٽڪرو (اَپڊفوٽيَم، ص 176) به ڪجهه نه ڪجهه مناسب ٿو معلوم ٿئي.

(125) جنهن سال اولهه جي شهنشاهت جو ڏيئو صفا اُجهامي ويو هو، ان جو پوريءَ طرح تعيُن نه ٿي سگهيو آهي ته اُهو ڪهڙو سال هيو. هڪ عام خيال ته اهو سال شايد 476ع هجي، ان جي تصديق ڪيترن واقعن منجهان ٿي آهي. پر به تاريخون جيڪي جارنينڊيس اسان کي ٻڌايون آهن (46,680) ان مطابق پوءِ تاريخ کي 479ع تائين پوئتي ڪرڻو پوندو؛ توڙي جو ايم- ڊي بئاٽ هن جي شاهديءَ کي ايتري اهميت نه ڏني آهي، پوءِ به هن ڪجهه اهڙن واقعن جا حوالا ڏنا آهن جن مان هن جي مؤقف جي تائيد ٿئي ٿي.

(126) سندس انعام اڪرام ٻوڪينج ۾ ڏسو (بازنطين مان حوالا، ص 81) پر سڳس (ليگيشن مان ٽڪرا، ص 56) مافي (ii,314). اسان اهڙو يا اهڙي قسم جو ٻيو مثال ٻه پيش ڪري سگهون ٿا، روم جي شهنشاهت جي عام ۽ گهٽ ۾ گهٽ درجي جي رعيت جي ماڻهن ٻه 'اميرزادي' جهڙو عظيم لقب اختيار ڪري ڇڏيو هيو، جيڪو آئرلينڊ جي تبديليءَ کان پوءِ سڄي قوم اختيار ڪري ڇڏيو آهي.

(127) نامعلوم، (ويلس، ص 716) جارنينڊيس اولهه جي ٻن سنن (46,680) جي تصديق ڪري ٿو.

(128) سينيڪا جي تقرير جي فصاحت بلاغت (تحريرون، xxxvi) کي ڏسو. فيلسوف کي شايد ياد آيو هجي ته عياشي، نسب وارو هڪ صيغو آهي ۽ وڏو اسڪيپيو جنهن جا اخلاق عادتون، مطالعي ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي تجربن سان چمڪي پيون هيون، پر خود هن تي ٻه مخالفن ۽ سندس همعصرن جا ڪيتائي الزام لڳي چڪا هيا. (لِوي، xxix,19).

(*) (ماريَس).

(129) سُلا، هڪ فوجي سپاهيءَ جي زبان ۾ سندس ذهانت جي تعريف ڪري ٿو ته ڪيئن نه هن هڪ قلعي جون زبردست نقشو تيار ڪيو هو. (پلني، فطري تاريخ، xviii,7) فيدرَس جيڪو ان جون ديوارون ٿو ناهي، ته ان سڄي منظر نامي منجهان هڪ قِڪو قصو نٿهي پيو آهي (ii,5) جيڪو هن طرح آهي:

"شهنشاهه ٽائبيريَس، نئپلس ڏانهن ويندي پنهنجي گهر مسينيَم پهتو جنهن کي جبل جي چوٽيءَ تي لُڪيولَس نهرايو هو، اُهو سِسلي ۽ ٽسڪن جي سمنڊن مٿان جڙ ڳَرَ ڪنيون ٻينو هو".

(130) ستن بيشمار ڊراچمن جي تعداد منجهان ٻه سؤ پنجاهه جي تعداد جو اڏ، تنهن هوندي ٻه ماريَس جي هٿ ۾ فقط عياشي واري رٽائرمنٽ واري زندگي هئي. روم جا ماڻهو تڪبر مان ڪائنس نفرت ڪندا هيا ۽ اُهي سندس چُرپر تي ٻه سخت ناراض ٿيندا هيا. ڏسو پلو ٽارچ کي (ماريو ۾ ii,524، باب چوٽيهون).

(131) لُوڪيولَس کي ٻيا ٻه ڪيترائي شاندار گهَر هيا جيڪي بائي، نئپلس ۽ ٽسڪيولَم جي هنڌن وٽ ٺهيل هيا. هو فخر منجهان چَوندو هو ته هو پڪين، جيئن ٻَڌهن ۽ ڪُونجن جيان موسم جي مناسبت جي لحاظ سان پنهنجون رهائش گاهون مٽائيندو رهندو هو.

(132) بزرگ سيوريئس سال 482ع ۾ نوريڪم ۾ وفات ڪئي هئي. چَهن سالن کان پوءِ سندس مَيت جيڪا جتان گذري ٿي، ماڻهن کي، ڪرشما ڏيکاريندي پئي وئي، سندس مُريدن ۽ عقيدتمندن پاران انکي اڌلي نِيو ويو. هڪ عورت نيپوليپن جي سائنس عقيدت ايتري هئي جو هن لُوڪيولن جي گهر ۾ ان بزرگ جي ان وقت دعوت ڪئي هئي جڏهن آگسٽولَس هن جهان ۾ نه رهيو هو. (ڏسو بئرونيَس ڪليسائي يادگيريون، 496ع نمبر 51-50) ۽ ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون، xvi,178-181) يوجيپيَس جي اصلي زندگي ۾ ڏسو. بزرگ سيوريئس جي مرڻ کان پوءِ جي نئپلس ۾ منتقليءَ جو بيان سچو ۽ مستند آهي.

(*) (سفارتڪارن لاءِ وقف ٽيل)

(133) ايلچي فاسٽي جي رجسٽرن ۽ لک پڙهه جي سامان جو بيان شايد پاڳي يا مراتوري ۾ ملي سگهي. اوڊئسر يا سينيٽ جن سفارتڪارن کي مقرر ڪيو هو اُنهن جي حيثيت کي اوپر جي شهنشاهت طرفان پڻ تسليم ڪيو ويو هو.

(134) سڊونيَس اپولينئريَس، (i، تحريرون، 9,22، جن کي سرماندِ ايڊٽ ڪيو هو) ان وقت جي بن اهم ۽ نامياري سينيٽرن کي هڪ ٻئي سان پيٽيو آهي. (468ع). اُنهن جا نالا گينئڊيَس ۽ اوينس هيا. پهرئين کي هو شاندار شخصيت جو مالڪ ٿو سمجهي ۽ ٻي کي هڪ باڪردار ماڻهو ٿو سڏي جيڪو پنهنجي ذاتي توڙي عام زندگي ۾ اوچي اخلاق ۽ ڪردار جو مالڪ هو. بئسيليَس جونيئر جيڪو شايد سندس پٽ هو، اُهو سن 480ع ۾ سفارتڪار هو.

(135) ايپيفئنيَس، پاويا جي ماڻهن جي سفارش ۽ روحاني مدد ڪئي هِن بادشاهه پهريون ته کين پنجن سالن تائين هر ڳالهه جي مُهلت ڏني ۽ پوءِ کين محلات جي مُنهندار پلئجيَس جي ظلمن کان کين نجات ڏياري. (اينوڊيَس، وِٽ سينٽ ايپيفئنيَس ۾ (سرماندِ، 1672-1670,i).

(*) (منتقل ڪندي)

(136) ڏسو بئرونيَس (ڪليسائي واقعن ۾ 483ع نمبر 15-10) سورهَن سالن کان پوءِ، بئسيليَس جي غلط ڪمن کي، هڪ عوامي گڏجاڻيءَ ۾ سماچَس پادري طرفان نِندِيو ويو هو.

(137) ڊيڪن پال، اوڊئسر جي جنگين کي چگيءَ طرح بيان ڪيو آهي (ڊي جيسٽ لئنگوبارڊ، i,19,757 جنهن کي گروٽيَس ايڊٽ ڪيو هو ۽ ڪئسيوڊورَس جي بن تاريخوار واقعن توڙي ڪسپينن پڻ ان کي بيان ڪيو هو. بزرگ سيوريئس جي زندگي جنهن کي يوجيپيَس بيان ڪيو آهي ۽ جنهن کي مُنهندار ڊي بئاٽ چگيءَ طرح پڙهيو هو، ان منجهان نوريڪم جي تباهي ۽ بَوئريا جي قديمي جڳهن جي بربادي‌ءَ جي باري ۾ حقيقتون ۽ واقعا بيان ٿيل آهن.

(138) ٽئسيٽَس (واقعا، iii,53) جن منجهان روم جي اندروني زوال جي داستان کي ورجايو ويو آهي. (صفحا، 361-351).

(139) اوڊئسر جي حملي ڪرڻ واري وقت تي اٽلي ۾ سخت ڏڪار آيو هو ۽ هيرولي جي بادشاهه ان کي چگيءَ طرح بيان ڪيو هو جنهن کي وري فرانس جي شاعر ليس موئس نثر توڙي نظم ۾ قلمبند ڪيو آهي. (ii,174,206 جيڪو بعد ۾ ايڊٽ ٿيو) مون کي، بهرحال ان ڳالهه جي خبر ڪانهي ته اها معلومات ڪيس ڪٿان ملي، پر مون کي ان ڳالهه جو يقين آهي ته جيڪو ڪجهه به هُن ٻڌايو آهي، تاريخي لحاظ سان اُهو سراسر غلط آهي.

(140) سينٽ ائمبروز جي تحرير کي ڏسو، (xxxix). جنهن کي مراتوري بيان ڪيو آهي. (i,xxi,354).

(141) (ڪليسائي واقعا، 496ع، نمبر، 36).

(142) پلني، (فطري تاريخ، xviii,7).

(143) اطمينان يا صبر جا اِهي موضوع آهن جن کي سِسرو پنهنجي دوست پئپيريَس پيٽس کي ٻڌايا آهن ته اُنهن تي غور ڪري. (ix,17). هي تڏهن جا واقعا آهن جڏهن سيزر فوجي ڪمانڊر هيو. 'مون فقط اهو ٻڌايو آهي ته زندگي بهترين طريقي سان ڪيئن گذاري سگهجي ٿي'. هي اشارو هڪ مشهور روم جي فيلسوف ڏانهن آهي جيڪو زندگي يا موت جي سلسلي ۾ اهو چاهيندو هيو ته اُنهن جي چُونڊ ڪرڻ ۾ به ماڻهو آزاد هجي.

باب ستٽيهون

خانقاهي يا اڪيلائي جي زندگي جي شروعات، واڌارو ۽ ان جا اثر- بربرن جو عيسائيت ۽ آريَن فرقن ۾ تبديل ٿيڻ- آفريڪا ۾ وٽندلن لاءِ اذيتون- بربرن مان آرين فرقي جو مڪمل خاتمو.

شهري ۽ ڪليسائي معاملن جي اڻوٽ تعلق مون کي مجبور ڪيو ۽ همت پڻ ڏياري ته عيسائيت جي واڌاري، اذيتن، ان جي قائم ٿيڻ ۽ منجهس ڦوٽ پَوڻ ۽ آخرڪار ان جي سوءِ بابت اوهان کي ٻڌايان. مون جاڻي واڻي ٻن مذهبي واقعن کي بيان ڪرڻ ۾ دير ڪئي آهي جيڪي انساني فطرت لاءِ دلچسپي جو باعث ٻڌبا ته ساڳئي وقت اُنهن جو روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي سان پڻ گهرو تعلق آهي. I خانقاهي(1) يا اڪيلائي واري زندگي گذارڻ جو اداروَ ۽ II اُتر جي بربرن جو مذهب مٽائڻ.

I خوشحالي ۽ امن جي ماحول جي ڪري عيسائين ۾ به طبقا پيدا ٿي پيا، هڪڙا جاهل ۽ اڻ گهڙيل(*) ته ٻيا وري پارسا ۽ پرهيزگار(2) بنجي ويا. مذهب جي آزاد ۽ اٽپورن روَين سبب بيشمار ماڻهن جو ذهن ۽ ضمير مطمئن ٿي ويو. شهنشاهه هجي توڙي مئجسٽريٽ، سپاهي هجي يا ڪو ڏنڊي وارو، سيئي پنهنجن مذهبي جوش جذبن ۽ عقيدن سان به لاڳاپيل رهيا ته ساڳي وقت پنهنجي ڪم ڪار، ڏنڊي ڏاڙي ۽ ڪاروبار ۾ به مصروف رهيا؛ پر جيڪي وڌيڪ پارسا بنجي ويا ۽ جن انجيل جي تعليم ۽ اصولن جي سختي سان پابندي به ڪئي ته وري ان جو ناجائز فائدو پڻ ورتو، اُهي وحشياڻي جنون واري واڻ تي هلي پيا ۽ سندن عقيدي موجب انسان ڏوهه ۽ خطا جو گهر آهي ۽ خدا تعاليٰ هڪ آمر ۽ جابر آهي. هُنن دنيا جي ڪاروبار، خوشين ۽ عياشين کي ڇڏي ڏنو، شراب نوشي، گوشت کائڻ ۽ شاديون ڪرڻ کي به ترڪ ڪيائون؛ پنهنجي ٿن بدن کي تسيا ۽ سزائون ڏنائون، ۽ ظاهري پيار يا عشق جي جذبن کي صفا ڇڏي ڏنائون، ۽ اندروني يا روحاني خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ تڪليفن ۽ ڏکن ۾ گذارڻ لڳا. ڪانسٽنٽائن جي حڪومت ۾، پارسا ماڻهو لامذهبيت واري بگڙيل دنيا کان ڪوهين دؤر هليا ويا ۽ هڪ مذهبي گروهه ۾ وڃي پناهه ورتائون جتي ڪين روحاني سڪون مليو. جيروسلم جي پهريَن عيسائين وانگر(3) اُنهن به دنيا دولت جي استعمال ڪرڻ کي ختم ڪري ڇڏيو، پنهنجي جنس يعني مردن جي سنگت ۽ ساڻ کي پسند ڪيائون ته وري دوستي به ساڳئي مزاج ۽ طبيعت جي ماڻهن سان رکيائون ۽ پنهنجي لاءِ راهب، ويراڳي ۽ ٻاوَن جهڙا نالا چونڊيائون(†) جن مان مراد اها هئي ته اُهي فطري طور سنياسي، تارڪ الدُنيا ۽ رڻ پٽ يا بيابانن جا رهواسي هيا. هنن ان دنيا جي عزت ڪئي جنهن کان هو

نفرت کندا هيا ۽ هن 'قدرتي فلسفي' کي(4) وڏي واڪي داد ڏنو ويو جيڪو يونان جي فلسفي جي اسڪولن جي مڃيل اصولن کان بہ گوءِ کٽي ويو هو ۽ جنهن ۾ سائنس يا ڪنهن بہ دليل جي ضرورت ئي ڪانہ هئي. ڏن دولت کان نفرت، توڙي ڏکن ۽ موت جي فلسفي تي ويراڳين پنهنجي پيٽ استائڪن سان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي؛ پنهنجي عجز واري نظم ۽ ضبط ۾ هنن پٽاگورس جي ماڻ ۽ صبر کي پنهنجو ساڻي بنايو ۽ هنن شهري معاشري جي هر طريقي ۽ نفاست ۽ نزاڪت کان سخت نفرت جو اظهار ڪيو. پر هن 'قدرتي فلسفي' جي پوئلڳن ايجا صاف سچي ۽ نج مثال يا مادل ڳولڻ جي جستجو ڪئي جنهن کي هو پنهنجو ڪري ان مطابق اڳتي وڌن. اُنهن اهڙن پيغمبرن جي نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي جن برپٽ بيابان وجي وَسايا هيا(5)؛ ۽ هنن هڪ اعتقاد ۽ ڏاهپ واري زندگي بسر ڪرڻ کي اهميت ڏني جنهن جو بنياد اِسينيَس عقيدي وارن فلسطين ۽ مصر ۾ رکيو هو. پلني جي فلسفياڻي نظر اکيلائي ۾ رهندڙ اُنهن ماڻهن تي حيرت منجهان پئي هئي جيڪي 'بحر- مُردار' جي ويجهو تاڙي جي وٽن جي جهُڳڻن ۾ رهندا هيا، جيڪي ڏن دولت کان سواءِ بہ پنهنجو گذران ڪندا هيا، ۽ جن جي شهرت عورتن کان سواءِ بہ پري پري تائين پهچي وئي هئي ۽ جيڪي انساني پڇتاءَ ۽ سخت ڪاوڙ مان بہ پنهنجا رضاڪار ۽ مددگار ڳولي ڪيندا هيا(6).

وهمن وسوسن جو پهريون مددگار پيءُ مصر هو جتان خانقاهي يا راهباڻي زندگي گذارڻ جي شروعات ٿي. ائنٿني(7)، جيڪو هڪ اڻ پڙهيل شخص(8) ۽ ٽيبائس ۾ رهندڙ نوجوان هو، پنهنجي سڄي ملڪيت، جيڪا ڪيس ورثي ۾ ملي هئي(9)، ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏي ۽ پنهنجي ڪٽنب سان لاڳاپا ختم ڪندي، پنهنجي پيدائش جو اباڻو هنڌ ڇڏيندي ۽ اڳين گناهن کان توبهہ تائب ٿيندي پنهنجي راهباڻي زندگي گذارڻ شروع ڪئي ۽ بنا دير هو مذهبي جنونيت جي حدن تائين پهچي ويو. ڪيترن ئي مقبرن ۽ هڪ مناري هيٺان پنهنجي نئين مذهبي تجربي جي اذيتناڪ مشق ڪندي، هو ٽن ڏينهن تائين نيل ندي جي اوپر طرف هڪ ڏکيو سفر ڪندو رهيو ۽ نيٺ اهڙي اُجڙيل هنڌ تي پهتو جيڪو جڙ انساني آبادي ۽ کان ڪٽيل هو پر اُتي وٽن جو چانورو ۽ پاڻي موجود هو ۽ هن پنهنجي رهائش ڳاڙهي سمنڊ جي پر ۾ ڪولزم جبل تي اختيار ڪئي جتي هڪ قديمي خانقاهہ ان بزرگ جي نالي ۾ ايجا تائين موجود آهي(10). عقيدت مند عيسائي ڪيس ڳولیندا رهيا ۽ نيٺ هڪ رڻ پٽ ۾ پهچي سندس زيارت ڪيائون؛ هنن ڪيس مجبور ڪيو تہ هو سڪندريہ تائين وڃي ۽ ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ديدار ڪرائي، هن پنهنجي شهرت جي پاسداري وڏي مان ۽ شان سان ڪئي. هن جي اَٽنئسيَس سان بہ دوستي هئي جنهن جي عقيدي کي هو مڃيندو هو پر مصر جي هن مسڪين ماڻهو شهنشاهہ ڪانسٽنٽائن جي هڪ عزت واري دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. معزز بزرگ (جاڪاڻ تہ ائنٿني جي عمر هڪ سؤ پنج سال هئي) نئين نسل جي بيشمار ماڻهن کي پنهنجن نظرن سان ڏٺو هو ۽ اُنهن منجهان ڪيترن سندس سبق ۽ سکيا مان فائدو ورتو هو تہ ٻين وري سندس شاندار مثال جي پوئواري ڪندي پنهنجين زندگين کي لاءِائتو بنايو هو. ويراڳين جون بيشمار ڪالونيون تيزيءَ سان لِبيا جي رڻ پٽن، ٽيبائس جي جبلن ۽ نيل جي ڪناري تي آباد شهرن ۾ ٺهي ويون. سڪندريا جي ڏکڻ ۾ جبل هيا ۽ اُتي ئي نِتريا نالي هڪ صحرا بہ هيو جتي 5000 جي لڳ ڀڳ تارک دنيا ماڻهو رهندا هيا، ان جي باوجود جيڪڏهن ڪو سياح اُتي وڃي ها تہ ڪيس پنجاهہ جي لڳ ڀڳ خانقاهون اهڙيون ملن ها جيڪي برباد ٿيون پيون هيون ۽ جن کي اُتي ۽

اهڙن علائقن ۾ ائٽنني جي مريدن ۽ معتقدن ناهيو ۽ آباد ڪيو هو(11). مٿين ٽيبائس ۾، ڏک جڳهه جنهن جو نالو تابين(12) هو اُتي هڪ خالي زمين پيل هئي جنهن تي پيچوميَس قبضو ڪيو هو. جنهن ۾ سندس برادري جا چوڏهن سؤ ماڻهو به شامل هيا. هن مقدس جڳهه تي مردن لاءِ نَوَ خانقاهون ۽ عورت لاءِ هڪ خانقاهه ٺهي ۽ ايسٽر جي سالياني جشن جي موقعي تي انڪل پنجاهه هزار مذهبي ماڻهو هتي جمع ٿيندا هيا جيڪي نهايت ئي مانائتا هيا ۽ سهڻي طريقي سان رهندا هيا(13). آڪسيرِنچَس جي خوبصورت ۽ وڏي آبادي واري شهر، جيڪو عيسائين جو مذهبي گاديءَ جو هنڌ هو، مندرن، عوامي عمارتن ۽ قلعن کي به نيڪي ۽ خيراتي ڪمن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، ۽ اُتي جيڪو پادري هو، اُهو گهٽ ۾ گهٽ ٻارهَن ڪليسائن ۾ مذهبي تقرير ڪندو هو، سندس حساب موجب ڏهه هزار عورتون ۽ ويهه هزار مرد خانقاهي عبادتن سان لاڳاپيل هيا(14). مصر جي ماڻهن، جن هن معجزاتي انقلاب تي فخر ٿي ڪيو، کي يقين هو ته جوڳين جو تعداد سندن ملڪ جي باقي بچيل ماڻهن جي برابر هو(15)، ۽ ايندڙ نسل شايد مشهور چَوٽيءَ کي وري ڏهرائيندو جيڪا اڳ ساڳئي ملڪ جي جانورن لاءِ مشهور ٿي هئي ته: 'مصر ۾ ڪنهن ديوتا کي ڳولڻ آسان ۽ ماڻهوءَ کي ڳولڻ مشڪل ڪم آهي'.

خانقاهي زندگي کي روم ۾ شروع ڪرڻ وارو دراصل اَنٿنيسَس هيو ۽ هن فلسفي کي وري جنهن زور وٺرايو اُهو ائٽنني هو ۽ ان کي هر طرف ڦهلائڻ جو ذمو وري ائٽنني جي مُريدن ۽ معتقدن جو هو جيڪي پنهنجي روحاني مرشد سان گڏجي وٽنيڪن تائين هليا ويا هيا. مصري ماڻهن جي يَوائتن ۽ وحشي ڇهرن پهريون ته هر طرف خوف ۽ هراس پکيڙي ڇڏيو پر پوءِ اصليت معلوم ٿيڻ تي وڏي جوش جذبي سان سندن آڇيان ڪئي وئي. سينيٽرن ۽ خاص طرح بزرگ عورتن پنهنجن محلن ۽ شانائتين عمارتن کي مذهبي گهرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ ڇَهن ڪنوارين جي ننڍي اداري کي خانقاهن ۾ ملايو ويو هيو ۽ اُنهن کي وري برباد ٿيل قديم مندرن ۾ قائم ڪيو ويو ۽ ٻين کي وري روم جي مرڪزي علائقي ۾ منتقل ڪيو ويو(16). ائٽنني جي مثال کان سخت متاثر ٿي شام جي هڪ نوجوان جنهن جو نالو هلئرين(17) هو، پنهنجو گهر، سمنڊ ۽ هڪ واريءَ ڏٻڻ جي وچ تي وڃي ناهيو جيڪو غازا کان فقط ستن ميلن جي مفاصلي تي هو. سادگي اختيار ڪيائين ۽ هر گناهه کان توبهه تائب ٿيو ۽ اهڙي پارسائيءَ جي حالت ۾ هن زندگي جا اٺيتاليهه سال گذاريا جنهن جي نتيجي ۾ سندس جوش جذبو ۽ عقيدت جو هوڪو هر جا ڦهلجي ويو ۽ هاڻي هو بزرگ ۽ درويش ڪوٽجڻ لڳو جنهن جا مريد هزارن جي تعداد ۾ ٿي ويا ۽ دنيا جي سڀني سلسلن ۽ رشتن کي ترڪ ڪري ڇڏيائون ۽ جڏهن به هو فلسطين جي خانقاهن جو چڪر هڻڻ ويندو هو ته هزارين عقيدت مند سندس زيارت ڪندا هيا. ايا هڪ ٻي شخص باسل(18) جي شهرت اوپر جي خانقاهي تاريخ ۾ امر ٿي چڪي آهي. هو اٺينس جي اسڪولن جو پڙهيل ڪڙهيل عالم ۽ تقرير جي فن جو وڏو ماهر هو ۽ سندس خيال ۽ ارادا ايترا ته اوچا ۽ مٿاهان هيا جو سزئريا جي پادرين کان به سندس ڏاهپ مٿاهين هوندي هئي. باسل پڻ پونٽَس جي هڪ اڪيلي ۽ جهنگلي ڪُنڊ ۾ پنهنجا خانقاهي ديرا جمايا ۽ اُنهن ڪالونين ۾ هن پنهنجا قانون ۽ اصول سمجهائڻ شروع ڪيا جيڪي ڪاري سمنڊ جي ارد گرد پکڙيل هيون. اولهه ۾ وري ٿُورس جي مارٽن(19)، جيڪو پنهنجي هڪڙي جان ۽ جسم ۾ سپاهي، پادري، راهب ۽ ان سان گڏ هڪ بزرگ به هيو، گال ۾ خانقاهن جو بنياد رکيو ۽ سندس مرڻ کان پوءِ سندس به هزار مريد به هڪدم قبرن ۾ هليا ويا ۽ سندس هڪ تقرير جي

ماهر تاريخدان ٿبائس جي رڻ پٽن کي للکاريو ته هيڏو سارو بيابان مارڻ جهڙي ڪردار جو هڪڙو به ماڻهو پيدا ڪري ڏيکاري. ٻاوَن ۽ خانقاهي راهبن جو واڌارو عيسائيت جي واڌاري جيترو ئي تيز ۽ تڪڙو هو. شهنشاهت جي هر صوبي ۽ هر شهر ۾ سندن تعداد هزارن جي انگ ۾ هوندو هو. تارڪ دنيا ٽولن، ليرنس کان ليٻاري تائين اونداهاڻ ۽ ويران ٽيل ٻيٽ، جيڪي ٽسڪن سمنڊ جي اردگرد برباد هيا، آباد ڪيا ۽ اُتي ئي پنهنجا آستانا اڏي ويرانن کي وجي وسايائون. ساموندي توڙي زميني رستن روم جي شهنشاهت جي ماڻهن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍيو ڇڏيو هو ۽ هلئريَن جي ڳڏاريل زندگي مان اسان کي خبر پوي ٿي ته فلسطين جي اهڙي ويراڳي ۽ محتاج شخص کي به اها سهولت حاصل هئي ته ڪڏهن هو مصر هليو ويندو هو ته ڪڏهن سِسلي ۽ ايپيرَس جا وَڻ وجي وَسائيندو هو ۽ دنيا جو بنواس ڪندي ۽ ان کي تياڳيندي نيٺ وجي قبرص جا ٻيٽ وسايائين ۽ اُتي جو رهاڪو بنجي ويو(20). لاطيني عيسائين روم جي مذهبي ادارن جو احترام ڪيو ۽ انهن جي اصولن کي دل سان تسليم ڪيو. جيڪي ماڻهو جيروسلم وجي پاڪ جاين جي زيارت ڪندا هيا اُهي زمين جي هيترن سارن ڏورانهن ملڪن ۾ وجي به خانقاهي زندگي کان متاثر ٿيندا هيا ۽ انهيءَ جا طور طريقا پاڻ اختيار ڪندا هيا. ائٽني جا بيشمار مريد ۽ عقيدتمند خط استوا جي ملڪن کان به اڳتي وڌي ويا ۽ وجي حبش جي عيسائي شهنشاهت تائين پهتا(21). ٻئنڪر(22) جي خانقاهه جيڪا فلنٽشاعر ۾ هئي ۽ جنهن ۾ لڳ ڀڳ ٻه هزار ڪن راهب هيا، اُهي هر طرف ٽڙي پکڙي ويا ۽ آئرلئنڊ توڙي آيونيا جي ڪالونين کي وجي آباد ڪيائون(23) ۽ اسڪاٽلئنڊ جي ٻيٽن جي هڪ ڪالوني جيڪا آئرلئنڊ جي ٻاوَن قائم ڪئي هئي، ان آترين علائقن جي ماڻهن ۾ سائنس ۽ وهمن وسوسن بابت ڪجهه شڪ ۽ گمان پيدا ڪري ڇڏيا(24).

شهري يا انساني زندگي کان ڪٽيل هي بدقسمت ۽ جلاوطن ماڻهو، وهمن جي انڌاري ۽ ان جي زور کان پنتي هٽڻ لڳا. سندن گڏيل رٽ کي لکين ماڻهن طرفان مانائتي موٽ ملي جنهن ۾ هر جنس ۽ هر عمر ۽ هر رتبي جو ماڻهو شامل هو ۽ هر اُهو ماڻهو جنهن خانقاهي مذهب اختيار ڪيو هو، ان کي راغب ڪري مجرايو ويو هو ته ڪيس دائمي خوشين ۽ عياشين جي ڪَنڊن واري گورک رستي کي لتاڙي اڳتي هلڻو پوندو(25). پر اهڙن مذهبي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ ۽ هلائڻ جو دارومدار انسان ذات جي فطرتن ۽ ڪين مهيا ٽيل موقعن تي هو. ڪڏهن دليل ته ڪڏهن ڪو جذبو وقتي طور تي ڪين پنتي هٽائي ڇڏيندو هو، پر اُهي ننڍن ٻارن ۽ عورتن کي قائل ڪرڻ ۾ وڌيڪ ڪامياب ٿيندا هيا ۽ ڪين ڪو ڏڪ يا تڪليف ايندي هئي يا ڪو بدقسمتيءَ جو واقعو يا حادثو ٿيندو هو ته سندن عقيدو وڌيڪ مضبوط ٿيندو هو ۽ اُهي ظاهري دنيا جي ڦوندڙ ۽ آڪڙبازيءَ مان پنهنجي لاءِ ڪجهه پرائي وٺندا هيا. هاڻي اهو عين فطري ۽ ماڻهن جو جائز عقيدو هو ته جيڪي پارسا ۽ پرهيزگار سنياسي هيا، جن پنهنجي آخرت جي چوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ هن دنيا کي ڇڏي ڏنو هو، اُهي ئي ڪنهن روحاني عيسائي حڪومت کي هلائڻ جا حقدار هيا. ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکندي هڪ راهب کي زوريءَ ۽ سندس مرضي خلاف پنهنجي جهُوپڙيءَ مان اُٺاري ۽ ڪليسائي تخت تي ويهاريو ويو جنهن تي ماڻهن خوب خوشيون ڪيون ۽ تاڙيون وڄايون ۽ مصر، گال ۽ اوپر جي ٻين ملڪن جي خانقاهن طرفان ويراڳين ۽ پادرين جو هڪ باقاعدگيءَ وارو سلسلو هلي پيو ۽ ڪرسيءَ جي آرزو مندن کي ڳجهو گس به هٿ اچي ويو جنهن جي ڪري ڪين دولت ۽ مرتبو ٻئي ملي ويا(26). جيڪي مُشهور ويراڳي هيا ۽ جن جي ڪاميابين جو چؤپول

عام ٿي ويو هو، اُنهن جي کوشش اها هئي ته پنهنجن هم خيال ويراڳين جي انگ کي وڌائن. اُنهن وڌن خاندانن ۽ خوشحال ماڻهن سان پنهنجا لاڳاپا وڌايا ۽ خوشامد ۽ فريبڪاري جي طريقن سان نوَن مذهب اختيار ڪندڙن کي هِرکايو ويو ته هو دولتمند ۽ وڏن گهراڻن جي ماڻهن کي خانقاهي مذهب اختيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪن. ناراض پيءُ پنهنجي اڪيلي پٽ(27) جي ڪانئس ڇڄي وڃڻ تي ماتم ڪيو ۽ هڪ سادي ۽ پورڙي عورت نئين شوق ۾ گمراهه ٿي قدرت جي قانونن جي پيڃڪڙي ڪري ڇڏي، ۽ هڪ بزرگ عورت گهريلو زندگي جي طور طريقن ۽ رهڻي ڪهڻي کي وساري انساني تڪميل جي حدن کي ڇُهڻ چاهيو. پالا وري جيروم(28) جي تقرير کان متاثر ٿي اثر قبول ڪيو، ۽ بي حرمتي واري لقب 'خدا جي سَس'(29) هڪ بيوهه کي آماده ڪيو ته هو پنهنجي ڏيءُ اَسٽوچيَم جي ڪنوارپ کي هميشه لاءِ پاڪ ڪري ڇڏي. پنهنجي روحاني پيشوا جي صحبت ۾ رهندي ۽ سندس ئي مشوري تي پالا روم ۽ پنهنجي معصوم ٻار کي ڇڏي ڏنو، پاڻ بيٿلم جي مقدس ننڍي شهر ۾ وڃي رهي جتي هن هڪ اسپتال ۽ چار خانقاهون قائم ڪيون ۽ پنهنجي خير خيرات ڏيڻ جي صدقي هڪ ڪٺولڪ ڪليسا ۾ اهم عهدو حاصل ڪيائين. ان دؤر ۾ اهڙن توبهه تائب ٿيندڙ ماڻهن کي وڏي عزت ۽ احترام سان گڏ شان مان سان ڏنو ويندو هو پر هاڻي خانقاهن ۾ عام رواجي ماڻهو ۽ ڪڙمي ڪاسبي(30) بيشمار ٿي ويا هيا جن کي راهباڻي زندگي ۾ سندن ڪيل قربانين جي پيڻ ۾ وڏيڪ فائدو ٿي مليو. هاري، غلام، مزدور ۽ مستري پيشي جا ماڻهو غربت کان تنگ ٿي پڃي ويندا هيا ۽ کنهن ٻي هنڌ تي ڪو عزت وارو پيشو اختيار ڪري پنهنجو گذارن ڪندا هيا ۽ سندن ظاهري تڪليفن جو ازالو، ٻين رسمن ريتن يا سخت نظم ۽ ضبط جي ڪُجهي پيڃڪڙي ذريعي ٿي ويندو هو(31). روم جي رعيت جي ماڻهن، جن جي ذات توڙي دولت تي غير برابري وارا ڪَرا ٽئڪس يا محصول مڙهيا ويندا هيا، شاهي حڪومت سان پنهنجا لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيا ۽ بزدل نوجوانن، حڪومت جي فوجي خطرن جي پيڻ ۾ خانقاهي زندگي جي تڪليفن ۽ سادگيءَ ۾ پنهنجي باقي حياتي گذارڻ کي وڏيڪ اهميت ڏني. جيڪي ڳوٺن ۽ ٻهراڙين جا ڌنل ماڻهو هيا ۽ هر طبقي سان تعلق رکندا هيا ۽ جيڪي بربرن کان ٻه اڳ ۾ پڃي ويا هيا، اُنهن اُتي پنهنجو گذران ڳولي لڏو جن پاڪ جاين تي سندن فوجي ماڻهو دفن ٿيل هيا؛ پر جنهن مقصد ماڻهن کي ذاتي طور تي ته تڪليفن مان ڇوٽڪارو ڏياريو، پر شهنشاهت جي طاقت ۽ شان کي وڏو ڇيهو رسايو(32).

قديمي ماڻهن جو خانقاهي سرشتو(33) درحقيقت سندن عقيدن جو مظهر هيو. مذهبي جنونين کي همیشه تنبيهه ڪئي ويندي هئي ته سندن ڪرتوتن جو انتقام ڪائنُ خدا تعاليٰ ضرور وٺندو پر اهڙن گستاخ ماڻهن لاءِ ٻه خانقاهن جا دروازا سدائين کليل رهندا هيا ته اُهي پلي اُتي وڃي توبهه تائب ٿين ته خدا تعاليٰ بخشڻهار آهي کين معاف ڪري ڇڏيندو. اُهي ٻاوا يا راهب، جن جو ضمير دليلن يا ڪن جذبن سبب سخت يا غير لچڪيدار ٿي ويو هو، هاڻي انسانن يا شهرين واري ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ آزاد هيا ۽ حضرت عيسيٰ جي گهر وارين کي ٻه کنهن دنوي محبت ڪندڙ سان جائز رشتن رکڻ جي اجازت هئي(34). پر غلط افواهن جي گردش ڪرڻ ۽ وهمن وسوسن جي عام ٿيڻ سبب زوردار بندشن کي لاڳو ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو. گهڻي آزمائش ۽ امتحانن کان پوءِ هڪ نئين ماڻهوءَ جي وفاداريءَ کي دائمي قسمن ۽ اقرارن ذريعي يقيني بڻايو ويندو هو ۽ سندس اٿوٽ ازدواجي رشتن کي پڻ ڪليسا توڙي ملڪ جي سخت قانونن ذريعي مضبوط بنايو ويندو هو. ۽ جيڪڏهن ڪو شخص اهڙين پابندين جي اقرار

ڪرڻ کان پوءِ اهڙن ٻنڌڻن ۾ سختين کان ڇڪ جي ڪوشش ڪندو هو ته پوءِ ان جو پيڇو ڪري کيس گرفتار ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ کيس عمر ڀر جيل ۾ڳڻو پوندو هو ۽ مئجسٽريٽ جي مداخلت، خانقاهي نظم ۾ ضبط جي سختين ۾ ڪنهن حد تائين نرمي ڪرڻ جو باعث بڻبي هئي(35). راهبن طرفان سندن لفظن توڙي عملن ۾ سدائين سختي ۽ غير لچڪيدار قانون جو مظاهرو ٿيندو رهندو هو(36) ۽ ننڍڙين غلطين تي به ماڻهن جي يا ته سخت بيعزتي ڪئي ويندي هئي، ڪين جيل جون سختيون سَهڻيون پونديون هيون يا وري ڪين سخت اُج ۽ بُک تي روزا رکڻا پوندا هيا يا سندن جسمن تي ڪوڙا يا ڦٽڪا تيستائين وهايا ويندا هيا جيستائين سندن جسم رَت سان وِهنجي نه وڃن؛ ۽ نافرماني، ڪنهن شڪايت يا تڪليف پهچڻ تي پُڙ پُڙ ڪرڻ يا ڪنهن ڪم ۾ ٿوري به دير ڪرڻ جا ڪَم سخت گناهن جي لسٽ ۾ شامل هوندا هيا(37). ڪليسا جي ڪنهن مرد عهديدار جي ڪنهن به غلط يا اجائي حڪم جي هڪدم تعميل ڪرڻ جڏ هڪ مڃيل اصول هيو جنهن جي انحرافي ڪرڻ تي به سخت سزائون ڏنيون ويندیون هيون، ۽ هي مصر جي ويراڳين جو جڏ پهريون اخلاقي سبق هيو ۽ سندن صبر ۾ به سوين سختين، ڪٺن امتحانن ۽ آزمائشن منجهان ڪين گذڻو پوندو هو. مثال طور ڪين حڪم ڏنو ويندو هو ته هڪ وڏي جبل يا پهاڙ کي پنهنجي جڳهه تان هٽائي ڇڏين ته جيئن اُن سُڪل ڪاڻ کي پاڻي ڏئي سگهجي جنهن کي زمين ۾ ڪوڙيو ويو هيو ۽ تيستائين ان کي پاڻي ڏيندو رهجي جيستائين اُها ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ اهڙي سرسبز سائي ٿي ميويدار وَڻ جي شڪل اختيار ڪري وڃي؛ يا وري ڪين برندڙ ڪُوري ۾ گُهمڻ ۽ هلڻ لاءِ چيو ويندو هو، يا وري ڪين حڪم ڏنو ويندو هو ته پنهنجي معصوم ٻار کي تلاءُ ۾ ڪٽي اُڇلائن ۽ اهڙيءَ طرح ۽ اهڙن ئي حوالن سان سندن ڪيترائي هٿ ٽوڪيا درويش ۽ چريا انسان شهرت جي بلندين تائين پهچي اَمر ٿي ويا هيا ڇاڪاڻ ته اُنهن چرين واري بي سمجهي ۽ بي ڊپائي واري فرمانبرداريءَ جي زندگي بسر ڪئي هئي(38). پورڙائي ۽ هر حڪم کي اکيون ٻوٽي مڃڻ جي عادتن، ذهني آزادي، جيڪا دليل ۽ منطق لاءِ بيحد ضروري هوندي آهي، کي صفا ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ خانقاهي راهبَ غلاميءَ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندي، پنهنجن ڪليسائي آقائن جي جذبن ۽ عقيدن مطابق هلڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۽ تابعداري ڪندا هيا. اوير جي ڪليسا جو امن ۽ سڪون چرين، جنونين ۽ نادانن جي هجومن سبب ختم ٿي ويو هو جن کي نه ته ڪنهن جو خوف هو، نه وري هُو ڪنهن عقل ۽ انسانيت جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار هيا ۽ شاهي فوجن بغير ڪنهن هڪ يا شرمساريءَ جي اها ڳالهه تسليم ڪئي هئي ته هاڻي ڪين خانقاهي جنونين جي مقابلي ۾ خطرناڪ بربرن کان به خطرو گهٽ محسوس ٿي رهيو هو(39).

وهمن وسوسن گهٽو ڪري ويراڳين جي لباس کي مقدس بڻائي ڇڏيو آهي(40) پر سندن انفراديت واري روپ جو گهرو تعلق سندن سادگي واري اوائلي زندگي سان آهي جنهن کي دنيا جي انقلابن ۽ فئشن جي تبديلين انسان ذات جي نظر ۾ ڪِلٺهارڪو ڪري ڇڏيو آهي. خانقاهي سرشتي جي باني يا اُبي پسند واري يا خواهشن کي خوش ڪرڻ واري لباس پائڻ کان منع ڪئي هئي ۽ پنهنجن پوئلڳن کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي ته هو جنهن به ملڪ ۾ پنهنجي رهائش اختيار ڪن ته اتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪندي پنهنجي جسم تي سادا ڪپڙا اوڍين جنهن ۾ ڏيڪ يا نماءُ جو عنصر نه هجي(41). قديمي خانقاهي ماڻهن جون عادتون ملڪي موسمن ۽ ماڻهن جي طور طريقن مطابق

بدلبيون رهنديون هيون ۽ سندن خيال يا جاڻ موجب مصر جي ڪڙمين ۽ هارين جي رڍ جي گل مان ٺهيل لباس ۽ يونان جي فيلسوفن جي چوغن يا عَبائُن ۾ ڪو خاص فرق ڪونہ هو. اُهي مصر ۾ گهٽو ڪري سِٽيءَ مان ٺهيل ڪپڙا پائيندا هيا جيڪي اُتي ئي ٺهندا هيا تنهن ڪري ڪين سَستا ملندا هيا پر مغربي ملڪن ۾ اُهي ئي ڪپڙا مهانگا ملندا هيا جن ڪي غير ملڪي عياشيءَ جو نالو ڏئي رد ڪيو ويندو هو(42). ويراڳي اڪثر ڪري پنهنجو مٿو ڪُوڙائي ڇڏيندا هيا يا وري گهٽي پاڳي پنهنجا وار ڪٽرائي ننڍا ڪرائي ڇڏيندا هيا، اُهي پنهنجن سِرن ڪي راهبن واري ٽوپيءَ سان ان ڪري ڏيکيندا هيا تہ جيئن غير مذهبي يا ملحداڻي شئي جو ناپاڪ پاڇو سندن مَٽن تي نہ پوي، پر سندن جنگهون ۽ پير اُگهاڙا رهندا هيا سواءِ ان جي جو سخت سردي نہ هجي ۽ آهستي يا ڪمزوريءَ جي قدمن سان هلندا هيا ۽ هلڻ وقت سهاري لاءِ سندن هٿ ۾ لَڪڙ يا لٺ هوندي هئي. دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارن جي حالت ڏاڍي خراب ۽ چڙ ڏيارينڙ هوندي هئي؛ هر اُها شئي يا عمل، جيڪو ماڻهن کي بُڇان ڏيارينڙ هوندو هو، ان لاءِ سمجهيو ويندو هو تہ اُهو ڪم خدا تعاليٰ کي پسند هوندو ۽ تابين جي فرقي وارا وري عضون ۽ لِڳن کي پاڻيءَ ۾ وهنجارڻ يا لِڳن کي تيل لڳائڻ جي سخت منمت ڪندا هيا(43). اهي تياڳي يا ويراڳي پَٽ تي يا وري سخت ٿَڏن تي سمهندا هيا ۽ مٿان وجهڻ لاءِ وٽن کهرا ڪنبل هوندا هيا ۽ اُنهن ئي شين کي ويڑهي سيڑهي ڏينهن جي وقت ۾ ب اُهي ئي شيون استعمال ڪندا هيا، يعني اُنهن جي مٿان ويهندا هيا، ننڊ ايندي هُين تہ اُنهن مٿان ئي سمهندا هيا ۽ ڪکن پنن منجهان وِهاڻا ناهي رات جو اُن تي مٿو رکي آرام ڪندا هيا. اُنهن جا ڪکن ڪانن مان ٺهيل سوڙها گهر هوندا هيا جن منجهان سوڙهيون گهٽيون گذرنديون هيون، پر ننڍڙا ننڍڙا گهر گڏجي هڪ وڏو ڳوٺ نهي ويندو هو جيڪو ڪليسا جي احاطي جي اردگرد هوندو هو، جتي هڪ اسپتال، هڪ لائبرري، باغيچو، ڪجهہ آفيسون ۽ پاڻيءَ کي جمع ڪرڻ لاءِ وڏو حوض يا ٽانڪي هوندي هئي. هڪ ڪٽنب ۾ ٽيهہ يا چاليهہ پاتي هوندا هيا، پر ڪٽنب جو هتي مطلب اهو ناهي تہ هڪڙو ئي خاندان هجي پر عزيز ۽ مِٽ مائٽ گڏجي ب هڪ ڪٽنب ناهيندا هيا ۽ مصر جي خانقاهن ۾ اڪثر ڪري ٽيهن يا چاليهن ماڻهن جو ڪٽنب هوندو هو.

خوشيون ۽ خطائون يا گناهہ ويراڳين لاءِ ذري گهٽ هڪ جهڙا هيا ۽ هنن تجربي مان اهو پرايو هو تہ سخت روزا ۽ سادو ڪائڻ پيئڻ، جسماني ناپاڪائي ۽ هوَس کي روڪڻ لاءِ بهترين اُپاءَ هيا(44). سندن ڪاڏي پيتي ۾ پرهيز ڪرڻ جا سندن اصول هڪ جهڙا ۽ دائمي نہ هيا. يهودين طرفان پينٽيڪاسٽ جي خوشيءَ واري ڏينهن کي نفس ڪشيءَ ذريعي برابر ڪيو ويندو هو تہ جيئن خوشيءَ وارو پاسو تور ۽ ماپ ۾ وڌيڪ نہ ٽي وڃي ۽ نين خانقاهن جي خوشيءَ وارن جوش جذبن کي ڪجهہ آزادي ڏني وئي هئي ڇاڪاڻ تہ هَيچ رکندڙ گالن جي ڪاڏي پيتي جي طلب مصر جي خانقاهن جي صبر وارن ۽ پارسا ويراڳين وانگر جلد ماڻار ۾ اڇڻ واري ڪانہ هئي(45). ائٽني ۽ پئچوميَس جا پوئلڳ روزانو هارهَن آئونسَن جي ماني(46) يا وري فقط بسڪوٽن(47) تي گذارو ڪري ونڊندا هيا جن کي ب هو هن ويلن يعني منجهند ۽ رات جي مانيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا هيا. ڪاڏي ڪائڻ جي ڪمري ۾ جيڪي سبزيون ڪين ڏنيون ويندون هيون تہ ڪوشش اها ڪندا هيا تہ پاڇيون اُباري نہ ڪائن ڇو تہ ان کي شايد عياشي سمجهيو ويندو هو ۽ خانقاهہ جو سربراهہ جيڪڏهن ڪين ڪڏهن ڪڏهن برفي، ميوو، سلاد ۽ نيل ندي جي مڇي کارائيندو هو تہ ان کي سندس طرفان وڏي سخاوت ۽ عياشي سمجهيو ويندو هو(48). البت

درياهي يا ساموندي مڇي کائڻ جي کين اجازت هوندي هئي پر گوشت کائڻ جي اجازت فقط يا تہ مسافرن يا وري بيمارن کي هوندي هئي ۽ جڏهن يورپ جي خانقاهن ۾، جتي ٻين خانقاهن جي پيٽ ۾ سختي ڪجهہ گهٽ هئي، گوشت کائڻ جي اجازت کين فقط ان شرط تي ڏني وئي هئي تہ اُهو فقط پکين جو هوندو پوءِ اُهي جهنگلي يا گهر جا پالیل هجن، پر جهنگلي جانورن جي گوشت کائڻ جي کين سختيءَ سان منع ٿيل هئي. ٻاوَن يا ويراڳين جو پسنديده شربت فقط صاف ۽ پاڪ پاڻي هوندو هو ۽ هڪ دفعي بينيدڪٽائين عقيدي جي باني شڪايت ڪئي تہ روزانو شراب جي اڌ پنٽ کانئس کو ٽِڳائي ويندو هو ڇاڪاڻ تہ ان زماني ۾ ڪيترا ماڻهو گهٽو شراب پيئندا هيا(49). اهڙي عياشي کين اڪثر ڪري اٽلي جي انگورن جي باغن مان ملندي هئي يا وري سندن فاتحن کان کين تحفي ۾ نصيب ٿيندي هئي جيڪي ڏکيا لَڪَ لنگهندا هيا جيئن ائلپس جبل، رائين ندي يا بالٽڪ سمند وغيره، پر ڪوشش پوءِ بہ سندن اها هوندي هئي تہ شراب جي بدلي کين بيئر يا پنير مهيا ڪيو وڃي.

جيڪو اُميدوار اهڙين خانقاهن ۾ انجيل جي سخت اصولن مطابق داخلا ونڊ ويندو هو تہ پهريون سختيون بہ نہ سهي سگهندو هو ۽ بد دل ٿي پڇي ويندو هو ۽ بُک ۽ بدحاليءَ جي اهڙي ماحول ۾ رهڻ پسند نہ ڪندو هو(50). پر خانقاهي ماڻهو اهڙي بدحاليءَ جي صورت ۾ محنت ۽ مشقت جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا هيا ۽ اهڙي ڏيوٽي کي هو گناهن جو ڪفارو سمجهندا هيا ۽ هيتريون ساريون سختيون سهڻ کان پوءِ جڏهن رُکي سُکي ماني کين ملندي هئي تہ ان تي بہ اُهي پنهنجي پالڻهار جا شڪرگذار رهندا هيا(51). باغ ۽ ٻنيون ٻارا، جن کي ويراڳين جهنگلن ۽ ڏُٻڻن کان بچائي ڇڏيو هو، هو پنهنجن هٿن سان محنت ڪري آباد ڪندا هيا ۽ اُنهن جي ڦل يا فصل مان پنهنجو گذران ڪندا هيا. اُهي ننڍا وڏا ۽ اُهي ڪَم، پڻ جن کان ٻين کي جيڪر بچان لڳي، ڪرڻ کان هرگز نہ ڪيٻائيندا هيا جن ۾ مزدورن ۽ غلامن وارا خسيس ڪم پڻ شامل هوندا هيا، يعني پنهنجون روزمرهہ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ، رهڻ لاءِ جڳهہ يا جهوپڙي ناهڻ، ٽانوَ ٽِپا مهيا ڪرڻ وغيره ۽ اِهي سڀئي ڪم خانقاهن جي حدن اندر ئي ڪيا ويندا هيا. خانقاهن بابت جيڪا ماڻهن کي عمومي طور جاڻ ڏني وئي آهي، انهيءَ ۾ اُنهن بابت اونداهي دؤر جون غلط فهميون پکيڙيون ويون آهن نہ تہ هئڻ تہ ائين گهرجي ها تہ اُنهن جي باري ۾ وهمن وسوسن جي الزامن کي ختم ڪري ڇڏجي ها. ان جي باوجود ڪجهہ پڙهيل لکيل عالمن جي جوش جذبي ۽ تحقيق ڪليسائي توڙي لاديني علمن کي بہ مهذب ۽ مانائتو بنائي ڇڏيو آهي ۽ ايندڙ نسل يقيني طور تي اهڙن عالمن جي قلم جي ڪارنامن جو اعتراف ڪندو تہ سندن ئي مسلسل محنتن جي نتيجي ۾ يوناني ۽ رومي علم و ادب کي نہ رڳو محفوظ ڪيو ويو پر ان کي ٻين ملڪن تائين پڻ ڦهلايو ويو تہ جيئن مختلف ملڪن جا ماڻهو بہ ان مان لاڀ پرائين(52). باقي ويراڳين جو خاص طرح مصر ۾ محنت مزدوريءَ جو پيشو هوندو هو. هو گهٽو ڪري خاموشيءَ سان ڏِگهيون ويهَڪون ڪري ڪاڪ جون ٻيڙيون ناهيندا هيا يا وري ناريل جي وڻن مان تڏا ۽ ٽوڪريون يا ڇَليون پڻ ناهيندا هيا. سندن هٿن سان ناهيل شيون جڏهن سندن گهُرجن ۽ ضرورتن کان واڌاريون ٿي ويندیون هيون، جيئن تابين جون ٻيڙيون يا ٽبائس جي خانقاهن جو ٻيو سامان تہ پوءِ اهڙيون عمديون ۽ نايات شيون نيل نديءَ جو سينگار بڻجي ويندیون هيون ۽ اُتان هلندي هلندي سڪندريا جي بندرگاهہ تي رهندڙ عيسائين تائين

پهچي ويندیون هيون جتي هٽن سان ناهيل نازڪ ۽ ناياب شين جا قدردان موجود هوندا هيا ۽ اُهي اهڙي سڀي مال جي خريداريءَ تي خاطر خواهه رقم پڻ ادا ڪندا هيا.

پر وقت گذرڻ سان گڏ آهستي آهستي هٽن جي محنت ختم ٿي وئي. جيڪو به نئون ماڻهو خانقاهي سرشتي ۾ داخل ٿيو ٿي ته هن پنهنجو سڄو توجهه ۽ عقيدت پنهنجن بزرگن ۽ درويشن سان ٿي رکي چاکاڻ ته ڪيس يقين هو ته سندس باقي حياتي اُنهن جي قدمن ۾ سندن خدمت ڪندي گذارڻي هئي ۽ هن سرشتي جي قانون ڪيس اجازت ٿي ڏني ته هو ان ملڪيت جو حقدار هيو جيڪو ڪجهه ڪيس ورثي ۾ ملي يا حصي پتيءَ ۾ ڪيس ڏنو وڃي(53). ملانيا پنهنجي هڪ چانديءَ جي ٽالهي، جنهن جو وزن ٿي سؤ پائونڊ هيو، ورثي ۾ ڏني ۽ ساڳئي وقت پالا پنهنجي پسند جي ويراڳين جو هڪ وڏو قرض ادا ڪري ڇڏيو چاکاڻ ته اُنهن هڪ وڏي گنهگار انسان(54) کي عبادت جي فائدن کان آگاهه ڪيو هو ۽ پڇتاءَ ۽ توبهه ڪرڻ جا سبق پڻ ڪيس سيکاريا هيا. وقت پنهنجي تيز رفتاريءَ سان گذرندو رهيو پر حادثا ۽ واقعا به ٽيندا رهيا جيڪي ڪڏهن به گهٽ نه ٿيا، مشهور خانقاهن جون ملڪيتون، جيڪي اوسي پاسي جي ملڪن ۽ وڏن شهرن ۾ موجود هيون، ۽ هن سرشتي جي قائم ٿيڻ کان پوءِ پهرين صديءَ ۾ ئي هڪ لادين زوسيمَس ڪدورت منجهان لکيو آهي ته غربت کي دؤر ڪرڻ لاءِ عيسائي ويراڳين انسان ذات جي وڏي انگ کي پينو فقيرن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو(55). جيستائين هنن پنهنجي اصلي رنگ ۽ درويشيءَ کي قائم رکيو هو تيستائين هنن خيرات ڏيڻ يا ڪنهن جي جائز مدد ڪرڻ جي اصولن جي به پاسداري ڪئي هئي ۽ ماڻهن جو اعتبار ۽ اعتماد(*) مٿن قائم رهيو، پر جڏهن هو سُڪيا ستابا ۽ دولتمند ٿيڻ لڳا ته هن سرشتي ۾ بگاڙ پيدا ٿي ويو ۽ جنهن دولت کي هو اڳ نِندينديا هيا ان تي هاڻي فخر ڪرڻ لڳا، نه رڳو ايترو پر عيش عشرت ۾ پئسن لُٽائڻ جي ڏنڏن ۾ پڻ لڳي ويا. سندن عوامي بهبود واري عياشيءَ کي ته شايد درگذر ڪري سگهجي ٿو چاکاڻ ته اُنهن مذهبي عبادتن لاءِ وڏيون عمارتون جوڙايون هيون جتي پنهنجي معاشري جي گمراهه ماڻهن کي رهائيندا هيا ته جيئن اُنهن ۾ ڪو سڌارو آڻجي. پر، هر دؤر جي ڪليسا، اهڙن باوَن يا ويراڳين جي بگڙجڻ ۽ سندن شهواني شغلن کي سخت لفظن ۾ پئي نِنديو آهي، جن هن باوقار سرشتي جي مقصدن کي صفا وساري ڇڏيو هو(56) ۽ ان دولت جو ناجائز فائدو ورتو هو جيڪا سندن وڏڙن سادگيءَ سان پنهنجون زندگيون گذاري ماڻهن جي پلائي ۽ بهتريءَ لاءِ جمع ڪئي هئي(57). سڀي ڪردار ۽ هڪ باوقار اعزاز کان هيٺ ڪِرڻ ۽ عام ماڻهن جهڙين خرابين کي اختيار ڪرڻ تي شايد هڪ فيلسوف پنهنجي ڏڪ ۽ ڪاوڙ کي ڪڙي ڏُڪ جيان پِي ۽ خاموش ٿي وڃي.

اوائلي ويراڳين جون زندگيون تنهائيءَ ۽ گناهن کان توبهه تائب ٿيندي گذرنديون هيون، کين دنيا جا ڏنڏا ڏاڙي پاڻ ڏي متوجهه نه ڪري سگهندا هيا، نه وري وقت گذرڻ يا سماجي ۽ معاشرتي سرگرمين جو کين ڪو احساس رهندو هو. جڏهن به کين خانقاهن جي حدن مان ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ملندي هئي ته ٻه حاسد ساٿي به ساٿن گڏ هوندا هيا جيڪي سندن شغلن يا ڪمن تي نظر رکندا هيا يا ائين ڪڻي چئجي ته اُهي هڪ ٻئي جي ڪمن تي نظر رکندا هيا ۽ اُنهن جي مخبري به ڪندا هيا ۽ واپس ٿيڻ تي کين سختيءَ سان منع ڪيو ويندو هو ته جيڪو ڪجهه هنن پنهنجين اکين سان ڏٺو هو يا ماڻهن جي واتان ٻڌو هو ته ان جي باري ۾ ڪنهن کي ڪجهه به نه ٻڌائن. ڏارين ماڻهن کي، جيڪي خانقاهي سرشتي

سان پوري خلوص سان لاڳاپيل هيا، جدا ڪمرن ۾ رهايو ويندو هو ۽ فراخدليءَ سان سندن مهمان نوازي ڪئي ويندي هئي پر سندن ڳجهي گفتگو فقط اُنهن ماڻهن سان ٿيندي هئي جيڪي سندن مڪمل اعتماد وارا هيا ۽ جن تي هو پورو پورو پروسو ڪري پئي سگهيا. سندن موجودگيءَ ڪان سواءِ خانقاهه جو نوڪر يا غلام ۽ پنهنجن دوستن يا پنهنجن مٽن مائٽن جو خانقاهي حدن ۾ استقبال نه ڪري سگهندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو نوڪر ضد ڪرڻ تي ڪنهن نازڪ مزاج عورت يا ڪنهن بزرگ سان هن سلسلي ۾ ناروا سلوڪ ڪندو هو يا ڪاوڙ وارين نظرن سان ڪين ڏسندو هو ته ان تي خانقاهه جا رکوالا ويتر خوش ٿيندا هيا ته هو پنهنجي ڊيوٽي ٺيڪ طرح سان ادا ٿو ڪري(58). ويراڳي پاڻ هڪ وڏي هجوم ۾ رهندي ۽ جڙ الڳ ۽ اڪيلا لڳندا هيا چو ته اُهي ۽ حادثاتي طور يا وري زبردستيءَ سان ساڳين جڳهن ۾ رهندا هيا جن ڪي جيل چئجي ته وڏاءُ نه ٿيندو. جيڪي گوشه نشين مذهبي ٿين ٿا، اُنهن ويچارن وٽ گهٽو ڪري وڏي سوچ يا جذبن جي اٿاڻ هوندي آهي، تنهن ڪري خانقاهه جو سرواڻ اُنهن جي اندر ٻاهر وڃڻ جو پروگرام ۽ وقت طئي ڪندو آهي(*) ۽ جڏهن هو چپ چاپ ۾ ماني کائيندا آهن ته پنهنجن عبائن ۽ چوغن ۾ بند رهندا آهن ۽ ايترا ته اڪيلا هوندا آهن جو ڪين هڪ ٻئي جي ٻه خبر نه هوندي آهي ته ڪير ڪٽي آهي(59)، اڪيلائيءَ جي وِندر مطالعو هوندو آهي، پر ويچارن مِسترين ۽ هارين، جن جي اڪثريت خانقاهن ۾ موجود هئي، ڪي تعليم نه هئڻ سبب، ڪتابن سان دل وندرائڻ جي سهولت ٻه ميسر ڪانه هئي. اُهي ڪم ۾ مصروف رهڻ چاهيندا هيا پر روحاني مٿيرائيءَ جي معتبري پنهنجن هٿن سان ڪو ڪم ڪرڻ کان ڪين روڪيندي هئي، پر اُها معتبري ڪهڙي ڪم جي، جنهن ۾ انسان ذاتي دلچسپي وٺي ڪو ڪم هٿ ۾ نه ڪٽي سگهي.

پنهنجي عقيدي ۽ جذبي موجب، هو جيڪو ٻه ڏينهن پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ گذاريندا هيا، اُهو وڏي آواز سان يا فقط خاموش ذهني عبادت ۾ گذرندو هو، اُهي شام جو هڪ جڳهه تي گڏ ٿيندا هيا ۽ رات جو دير سان ڪين جاڳايو ويندو هو ته اجتماعي عبادت ڪن جيڪا فقط خانقاهن ۾ ڪئي ويندي هئي. وقت جي مقرر ڪرڻ جو دارومدار تارن جي گردش جي علم تي هوندو هو جيڪي مصر جي صاف آسمان تي ڪڏهن ٻه ڪڪرن سان ڍڪيل نه هوندا آهن. بلڪ پري کان ئي ڇتا نظر ايندا آهن ۽ اهڙي سڪوت جي ماحول ڪي، ڪنهن ٽُوتاري جو ڪهرُو ۽ اڻ وٽندڙ آواز خراب ڪري ۽ رڻ پٽ جي خاموشي ۽ سُڪون جي لطف ڪي برباد ڪري ڇڏيندو هو(60). نِندِ جيڪا ويراڳين لاءِ سڪون جو اڪيلو ذريعو هئي، ان ڪي ۾ ماپيو ويندو هو ته ڪنهن ڪيتري نند ڪئي، توڙي جو ڪين ڪافي واندڪائي ٻه هوندي هئي ۽ اُهو واندڪائيءَ وارو وقت سندن ڏکيو گذرندو هو چو ته هو ان وقت نه ڪنهن ڪم ۾ مصروف هوندا هيا ۽ نه وري خوش گذارڻ جو وٽن ڪو سامان يا ذريعو هوندو هو تنهن ڪري ڪين ڏينهن جو وقت گذارڻ ڏکيو ٿي پوندو هو ۽ اهڙي صورتحال ۾ هو تنگ ٿي سج تي ڪاوڙ ڪندا هيا ته اهو آخر لهي چو نه ٿو ۽ ڏينهن گذرڻ ۾ ايتري اينگهه چو ڪئي هئي(61). اهڙي وحشت ۽ بي آرامي جي حالت ۾ وري وهم ۽ وسوسا ٻه عقيدتمندن لاءِ وڏيڪ اذيتن جو باعث بڻبا هيا(62). جيڪو خانقاهن ۾ ڪين سُڪون ملندو هو، اُهو وري سندن پڇتاءَ ۾ تباهه ٿي ويندو هو جنهن ۾ لادين شڪ شبها ۽ اُهي خواهشون ٻه شامل هونديون هيون جن ۾ خطا يا گناهه ٿيڻ جو رتيءَ ماتر انديشو ٻه موجود هجي، ۽ هو هر فطري خواهش يا جذبي کي هڪ اهڙو گناهه سمجهندا هيا جنهن جي، سندن خيال ۾، معافي هرگز نه ملڻي هئي،

۽ جڏهن هو ڪنهن بہ خواهش جي آخري چيڑي تي پهچي ڳاڙها يا تپي باهہ ٿي ويندا هيا تہ خوف وچان سندن جسر کي ڏڪڻي وڪوڑي ويندي هئي ۽ سمجهندا هيا تہ هو اهڙي غار ۾ وڃي ڪريا هيا جنهن جو ڪو ترو ئي ڪونہ هيو. اهڙن بدنصيب ماڻهن کي اهڙين اذيتن کان ڇوٽڪارو فقط تڏهن ملندو هو جڏهن هو ذهني مريض بڻجي چريا ٿي پوندا هيا يا وري عذاب ۽ اذيتون پوڳي مري ويندا هيا. ڇهين صدي عيسوي ۾ جيروسلم ۾ هڪ اسپتال قائم ڪئي وئي جتي گناهن کان پڇتائيندڙ اُنهن ماڻهن کي داخل ڪيو ويو جيڪي ذهني مريض بنجي صفا پاڳل ٿي چڪا هيا(63). اهڙي پاڳل پڻي جي ڪيفيت تي پهچڻ کان اڳ سندن خيال اُتانهان ۽ سوچ ۽ فهم بہ ڪمال جو هوندو هو. ان وقت سندن اهو عقيدو هوندو هو تہ جيڪو هو ساهہ ڪٽن ٿا تہ اُن ۾ بہ جڻ دشمن موجود هوندا هيا ۽ هر طرف کان جن پوت موجود رهندا هيا جيڪي متن نظر رکندا هيا ۽ سندن اخلاق عادتن تي پڻ اثرانداز ٿيندا هيا. هنن جي مذهبي شدت جا جذبا سندن تصور توڙي سندن احساسن کي بہ ضايع ڪري ڇڏيندا هيا ۽ اهڙي ويراڳي، جنهن جي اڌ رات جي عبادت ۾ نِندِ خلل وڌو هو، کي يا تہ پيانڪ خوف خطرن جا دؤرا پوندا هيا يا وري هو خوشيءَ ۾ پيو ٻهڪندو هو ۽ اِهو سڄو دارومدار سندس ننداڪڻ يا نيم خوابيءَ جي ڪيفيت تي هوندو هو تہ هن ان وقت ڪهڙي قسم جا خواب ٿي ڏٺا(64).

ويراڳي بن طبقن ۾ ورهايل هيا: هڪڙا اُهي جيڪي ماڻهن ۽ معاشري سان لاڳاپيل هيا ۽ ٻيا وري دنيا کان صفا لاتعلق هيا ۽ اُهي دنيا وارن کان صفا الڳ ۽ ڪٽيل رهندا هيا ۽ پنهنجي مذهبي جنون ۾ مست رهندا هيا(65). جيڪي حد کان وڌيڪ مذهبي هيا، اُنهن جا لاڳاپا انسانن توڙي دنيا وارن کان صفا ختم ٿي چڪا هيا. مصر، فلسطين ۽ شام جون خانقاهون تارڪ الدنيا ويراڳين سان پريل هيون(66). هڪ اهڙو ٽولو جن پنهنجا گهر گهاٽ يا جهوپڙا دنيا وارن کان پري وڃي اڏيا هيا تنهن ڪري اهڙن مذهبي الڳ رهندڙ ماڻهن جي توبهہ تائب ٿيڻ ۽ سندن پڇتائڻ تي کين داد ۽ آفرين چيو ويندو هو ۽ اُنهن جي ڪردار ۽ عملن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي(67). کين زنجيرن ۽ صليبن جا لوها نشان پاتل هوندا هيا ۽ سندن ڳريل ۽ ڪمزور جسم ڳرن ڪڙن، هٿيَن، شيلڊن وغيره پائڻ سبب ويتر هيٺا ۽ نحيف ٿي ويا هيا. اُنهن هر قسم جي ڪپڙن ۽ درِيسُن کي پائڻ ڇڏي ڏنو هو ۽ پنهي جنسُن يعني مردن توڙي عورتن ۾ جيڪي بہ خانقاهي صفتن رکڻ ۾ نمايان هوندا هيا اُنهن جي تعريف فقط ان ڪري ٿيندي هئي تہ اُهي اڳهاڙا ٿي گهمندا ڦرندا هيا ۽ اُنهن جي اوگهڙ ڪي فقط سندن ڏِڳها وار ڏِسندا هيا. سندن خواهش ئي اها هوندي هئي تہ اُهي پنهنجي ظاهري صورت بلڪل اهڙي بڻائين جو انسان ۽ حيوان ۾ جيئن ڪو فرق باقي نہ رهي، ۽ ڪيترائي تارڪ دنيا خانقاهي ان ڳالهہ تي فخر ڪندا هيا تہ هو عراق جي چراڳاهن ۾ جانورن سان گڏ چَرندا هيا(68). هو ڪڏهن ڪڏهن جانورن جي ٽائن تي قبضو ڪري ونندا هيا ڇو تہ سندن ظاهري شڪل بہ اُنهن جانورن جيان ٿي وئي هئي ۽ پاڻ کي جانورن جي ويهڻ جي ڪُنڊن يا ڪُڏن ۽ غارن ۾ لڪائي ڇڏيندا هيا ۽ ٿبائٽ جي ڪيترن ئي پٿر ۽ ماربل جي پهاڙن ۾ خانقاهي ويراڳين جي توبهہ تائب ٿيڻ جي تحريرن جا نقش اجا تائين موجود آهن(69). اُنهن ويراڳين يا سنياسين کي هر لحاظ سان مڪمل ۽ متاهون سمجهيو ويندو هو جن گهٽي ۾ گهٽا ڏينهن ٻُک تي ڪاٽيا هيا، ڪيترين راتيون جاڳي گذاريون هيون ۽ ڪيترائي سال ڳالهايو ئي نہ هيو ۽ اُن ويراڳي کي عظيم سمجهيو ويندو هيو (آڻ ان شخص کي گاريون ٿو ڏيان) جنهن پنهنجو جهوپو يا رهڻ جي جڳهہ جاڻي

واڻي اهڙي ڏهرائي هئي جنهن ۾ سڄ جي ڪرڻن جي تپش يا هر موسم جي ڏکيائي ۽ عذاب آسانيءَ سان پهچي سگهي.

خانقاهي زندگي جي سپوتن ۾ سائمن استائلائيٽس(70) جو نالو امر ٿي چڪو آهي ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي لاءِ هڪ اهڙو هنر ايجاد ڪيو جو هو هوا ۾ توبهه تائب ٿيو هو. تيرهن سالن جي عمر ۾ شام جي هن نوجوان پنهنجي ڏنارپ جي پيشي کي چڏيو ۽ پنهنجي پاڻ کي هڪ سادگي واري خانقاهه جي حوالي ڪري چڏيو. هڪ ڏڳهي ۽ عذاب واري نئين ماحول کان پوءِ جنهن ۾ سائمن کي ڪيئي دفعا مقدس خودڪشي ڪرڻ کان بچايو ويو هيو، هن پنهنجي رهائش گاهه هڪ جبل جي اوچائيءَ تي ٺاهي هئي جيڪا انتاڪيا کان 30-40 ميلن جي مفاصلي تي هئي. هن پٿرن جو هڪ زنجير ٺاهيو هو جنهن تي هو لڙکي بينو ۽ متي چڙهڻ لڳو. ان زنجير کي زمين جي سطح کان نوَن فوٽن کان وڌي سڌ فوٽن جي بلنديءَ تي ڪنيو ويو(71). سڌ فوٽن تي لڙکيل شام جي تارڪ دنيا شخص ٿيهن اونهارن جي گرمي ۽ ڪيترن ئي سيارن جي سرديءَ کي برداشت ڪيو. عادت ۽ ورزش سبب هو ان خطرناڪ صورتحال کي بغير ڪنهن خطري يا متي کي ڦيري اچڻ جي مُنهن ڏيندو رهيو ۽ اعتقاد جي پختي هئڻ ڪري ان حالت ۾ به پنهنجي بيهَڪ جا رُخ بدلائيندو رهيو. هو ڪڏهن پنهنجي هٿن ۽ ٻانهن کي متي ڪٽي، صليبي صورت اختيار ڪري ۽ پنهنجي جسم کي سِڌو رکندي دُعا گهرندو رهيو پر سندس نمايان ورزش اها هئي ته هو پنهنجي ڪمزور هڏائين پڃري کي مُنهن کان وڌي پنهنجن پيرن تائين جهُڪائي ٿي سگهيو ۽ ان منظر ڏسڻ وارن منجهان هڪ تماشبين اهڙي انداز جي ورزش کي ٻارهن سؤ چوئيتاليهه پيرا ڳڻيو، نيٺ جڏهن اهو سلسلو ايا وڏيو ته هو ٽڪجي پيو ۽ ڳٽپ کي چڏي ڏنائين. سائمن جي سڙن ۾ السر پيدا ٿي پيو(72) پر تنهن هوندي به هي روحاني شخص خطرناڪ حالت ۾ رهيو هو، ان زنجير واري لڙکيل حالت ۾ اُتي ئي گذاري ويو پر اُتان هيٺ لهڻ جي ڪوشش ئي نه ڪيائين. جيڪڏهن ڪو شهنشاهه ڪنهن کي اهڙن عذابن ۾ مبتلا ڪري چڏي ته ڪيس آمر ۽ ظالم ڪوٺيو ويندو پر جڏهن مظلوم مڙان ايترو اينگهائيندڙ عذاب نازل ٿئي جو هو چيچلائي چيچلائي مري وڃي ته پوءِ اهڙي شهنشاهه جو لقب آمر ۽ ظالم کان به ايا اڳيرو هوندو. هن قسم جي شهادت جيڪا ڪنهن شخص ڄاڻي واڻي پنهنجي لاءِ گهُري حاصل ڪئي هئي، يقينن ان سندس جسم ۽ روح جي صلاحيتن کي ختم ڪري چڏيو هوندو ۽ اهو به هرگز نڻو چئي سگهجي ته مذهبي واڻ جا جنوني ماڻهو، جيڪي پاڻ کي ايتري حد تائين اذيت ۾ رکن ٿا، اُهي انسان ذات جو پيار، توجهه يا همدرديون حاصل ڪري وٺن ٿا. هر دؤر ۽ هر ملڪ جي ويراڳين جي طبيعت ۾ اهو ظالماڻو ۽ اذيتناڪ رَويو رهندو پئي آيو آهي ته هو عذابن ڏيڻ ۽ سهڻ ۾ سڄي انسان ذات کان مختلف لڳن جنهن ۾ هو دوستين، لاڳاپن ۽ رشتيدارين جي ڪابه پرواهه نٿا ڪن ۽ اها ڪيفيت فقط مذهبي نفرت سبب پيدا ٿئي ٿي ۽ منجهن هڪ اهڙو وحشتناڪ جذبو پيدا ٿي وڃي ٿو جنهن ۾ رحم جي رتي به باقي نٿي رهي ۽ جنهن سبب مقدس پچا ڳاڇا جو ادارو به بُري طرح متاثر ٿيو آهي.

خانقاهي بزرگ، جن لاءِ فيلسوفن جي دل ۾ نفرت هوندي آهي ۽ سندن حالت تي ڪين رحم ايندو هو، شهنشاهه توڙي عام ماڻهو نه رڳو سندن عزت ڪندا هيا پر ڪين پوڄيندا هيا، ۽ هندستان توڙي گال ڪان ڪيترائي زيارتي سائمن جي ديدار لاءِ ڪهي ايندا هيا جنهن کي روحانيت جو ٽنبو ڪوٺيو

ويندو هيو ۽ هو وٽس پهچي پنهنجي عقيدت جا نذرانا پيش ڪندا هيا، عربستان جي مسلمانن بهرحال سندس رحمت ۽ روحاني هئڻ جي اعزاز تي اعتراض ڪيو هو: باقي عربستان توڙي فارس جي راڻين سندس روحاني عظمتن کي تسليم ڪيو هو ۽ ننڍي ٿوڊوسيَس پڻ سائمن سان ضروري صلاح مشورا ڪيا هيا جيڪي ڪليسا ۽ ملڪ جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هيا. سندس مڙهه توڙي ان سان لاڳاپيل ٻيا تبرڪ ٽيلينيسا جي جبل منجهان هڪ وڏي جلوس جي شڪل ۾ ڪنيا ويا جنهن جي اڳواڻي اتان جي بزرگ ۽ سردار ڪئي جيڪو اوير جو ماسٽر جنرل هيو، ڇهه پادري، ايڪويهه مئجسٽريٽ ۽ ڇهه هزار سپاهي جلوس ۾ سائس گڏ ٿي هليا، تان جو اهو اعزاز انتاڪيا (ائنٽئڪ) کي مليو جتي ڪيس دفنايو ويو ۽ بعد ۾ ائين چيو ويو ته ائنٽئڪ کي هڪ بي بها هيرو مليو هو جيڪو ان شهر جي دفاع ۽ حفاظت جو ضامن هو. اهڙن تارڪ دنيا ويراڳين جي ڪري اصل حوارين ۽ شهيدن جي شهرت ۾ گهٽتائي ايندي وئي، عيسائي پنهنجي بزرگن جي مقبرن آڏو عقيدت مان ويندا رهيا ۽ سندن تبرڪن جي باري ۾ معجزن جو تعداد وڌندو رهيو جنهن جو تعلق سڌو سنئون سندن روحاني دنيا سان هيو. پر سندن زندگيءَ جي سونهري يادگار(73) کي سندن پائرن ۽ برادري وارن جي سادگيءَ(*) جي ڪري ماڻهن کي اهو اعتبار ڏياريو ويو ته مصر يا شام جي ڪنهن به ويراڳي جي ٿوري به دلپسندي يا ارادي جي اچانڪ تبديلي به ڪائنات جي قانونن ۾ تبديلي يا ڦير ڦار جو باعث ٿي سگهي ٿي. الله جا پيارا اهڙا هيا جيڪي پراڻين بيمارين کي به فقط هٿ جي ڇُهاءَ، هڪ لفظ جي چوَڻ يا پري کان پيغام موڪلڻ ذريعي ٺيڪ ڪري ٿي سگهيا ۽ انسانن منجهان، جنن ۽ شيطانن، جن مٿن قبضو ڪيو هو، کي ڪڍي ٿي سگهيا. اُهي جهنگلن ۽ بيابانن جي شينهَن ۽ نانگن سان بي ڈڄڪ مُنهن مقابل ٿيندا هيا ۽ کين جيڪو به حڪم ڏيندا هيا ته اُهو کين مڃڻو پوندو هو، کين اها به طاقت هوندي هئي ته سُڪل وڻ جي ٽڙ کي ٻيهر سرسبز ڪري ڇڏيندا هيا، لوهه کي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ کان روڪي ڇڏيندا هيا، نيل نديءَ کي واڳونءَ مٿان وهائي ڇڏيندا هيا ۽ باهه جي ڪُوري ۾ ويهي ڪري به مزا ماڻيندا رهندا هيا. هن قسم جا قصا ۽ ڪهاڻيون، گهڻي قدر فرضي ۽ اجايون ٿيون لڳن ۽ عقل يا فهم کان بلڪل خالي آهن، دليل، منطق ۽ عقيدي جي اصولن جي بلڪل خلاف آهن ۽ جن عيسائين جي اخلاقي قدرن کي ڪافي نقصان پهچايو آهي. سندن سادگي کين اخلاقي طور هيٺ ڪيرائي ۽ سندن ذهني صلاحيتن کي ناڪام بنائي ڇڏيو، اُنهن تاريخ جي شاهديءَ کي بري طرح متاثر ڪيو ۽ وهمن وسوسن، فلسفي ۽ سائنس جي روشن مشعل کي وِسائي ڇڏيو. هر قسم جي مذهبي عبادت جيڪا سندن بزرگ ڪندا هيا ۽ هر پُراسرار فلسفو جنهن ۾ سندن يقين هو، کي خدائي الهام جو سرٽيفڪيٽ حاصل هو ۽ جيڪي به بهادري ۽ انساني عظمت وارا قدر هيا، اُنهن کي ويراڳين جي بزدلي ۽ انساني نِيچائيءَ تباهه ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن اهو ممڪن هجي ۽ ان وقفي جو جائزو ونڊي سگهجي جيڪو سِسرو جي فلسفياڻين تحريرن ۽ ٿوڊوريٽ جي مقدس روايت يا وري ڪائو ۽ سائمن جي ڪردار جي وچ ۾ گذريو هو ته پوءِ اسان کي شايد آسانيءَ سان ان انقلاب جي باري ۾ خبر پئجي ويندي جيڪو پنج سؤ سالن ۾ روم جي شهنشاهت ۾ برپا ٿيو هو.

II عيسائيت جي ترقي جو دارومدار بن شاندار ۽ فيصلائتين سوپن تي آهي: هڪ روم جي شهنشاهت جي عياش ۽ علم رکندڙ شهرين ۽ بيو سيٿيا ۽ جرمني جي ويڑهاڪ بربرن تي، جن شهنشاهت کي اونڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ روم وارن جو مذهب اختيار ڪري ورتو هو. ٿون وحشتي مذهب

اختيار ڪرڻ وارن ۾ گاڻ سيني کان اڳرا هيا ۽ روم وارا اُن ماڻهوءَ جا بيحد احسان مند هيا جنهن جي ڪري ايڏي وڏي تعداد ۾ ماڻهن عيسائي مذهب قبول ڪيو هو ۽ جنهن جي احسانن کي ايندڙ نسل ڪڏهن به وساري نه سگهندو. روم جي ڪيترن ئي بهراڙيءَ جي ماڻهن کي گاڻن جي لُٽيرن قيد ڪري ڇڏيو هو جن گئلئينس(*) جي وقت ۾ ايشيا کي تاراج ڪري ڇڏيو هو ۽ هنن قيدين منهجان وڏو تعداد عيسائين جو هو ۽ جن مان وري ڪيترائي ڪليسا سان تعلق رکندا هيا. اُهي غلامن جو روپ اختيار ڪري پنهنجي مرضيءَ سان تبليغ ڪندا، ڊئسيا جي ڳوٺن ۾ هليا ويا جتي هنن پنهنجن آقائن کي قيد مان آزاد ڪرڻ جون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. هنن جيڪي انجيل جي تعليم جا بِجَ ڇڏيا، اُهي هر طرف پکڙجي ويا ۽ هڪ صدي ختم ٿيڻ کان اڳ سندن تبليغ جو مقدس ڪارنامو عمل ۾ آيو جنهن کي اُلفيلَس تڪميل جي منزل تائين پهچايو، جنهن جا ابا ڏاڏا ڪپاڊوشيا جي ننڍي شهر ۾ رهندا هيا پر ڪيس تبليغ لاءِ دنيوب کان به اڳتي اڀيرو روانو ڪيو ويو هو.

اُلفيلَس گاڻن جو حواري ۽ پادري هيو(74)، هن پنهنجي پاڪ صاف زندگي ۽ اٽڪ محنت ۽ جوش جذبي سان ماڻهن جون دليون موهي ورتيون هيون جيڪي سندس بيحد عزت ڪندا هيا ۽ جيڪو به سچائي ۽ نيڪ عملن وارو سندس ڪردار هوندو هيو تہ ماڻهو مڪمل اعتماد ڪندي سندس ڪمن جي پيروي ڪندا هيا ۽ جيڪا تبليغ هو منجهن ڪندو هو تہ فورن ائين ڪندا هيا جيئن اُلفيلَس ڪين چوندو هو. هن وڏي محنت ڪري مقدس ڪتابن جو مقامي زبان ۾ ترجمو ڪيو جيڪا جرمني يا ٽيوٽونڪ لهجن سان ملندڙ جلندڙ هئي پر هن وڏي دؤر انديشي ڪندي بادشاهن بابت لکيل چئن ڪتابن کي ماڻهن کان لڪايو هو چاڪاڻ تہ ڪيس خدشو هو تہ متان اُنهن ڪتابن جي ظاهر ٽيڻ تي بربرن جي خونخوار طبيعت ۾ جڙ ۽ ڪاوڙ نہ پيدا ٿي پوي. سپاهين ۽ ريڊارن جي رُکي ۽ اڻ گهڙيئي لهجي ۽ طور طريقي کي، هن گهٽي پاڳي نرم ڪيو جيڪي اڳ ڪنهن به روحاني ڳالهہ بڌڻ لاءِ نہ تہ تيار هوندا هيا ۽ نہ وري ان کي سمجهڻ جي منجهن صلاحيت هئي. اُلفيلَس، پنهنجن ترجمن کي شايع ڪرڻ کان اڳ، مقامي زبان جي نئين الف- ب يا لپي ناهي جنهن ۾ چوويهہ اکر هيا جن ۾ چار اکر هن پنهنجي طرفان ايجاد ڪيا هيا جن ذريعي مخصوص اُچار ڪيي سگهبا هيا جيڪي اڳ يوناني ۽ لاطيني اُچارن ۾ شامل نہ هيا(75). پر اوچتو گاڻن جي خوشحال ڪليسا کي ڪا اهڙي نظر لڳي وئي جو ان ۾ اندروني اختلاف وڏي ويا ۽ جنگ جهڙو ماحول برپا ٿي ويو. ڪليسا جا مکيہ ماڻهو ذاتي ۽ مذهبي معاملن تي هڪ ٻئي سان ٽڪرجي پيا. فرٽيجرن، جيڪو روم وارن جو دوست هو، اُلفيلس جي اثر هيٺ نئون مذهب اختيار ڪيو، جڏهن تہ ضِدي اَٽنارِڪ شهنشاهت کان ئي نفرت ڪندو هو ۽ نہ وري مقدس ڪتاب ۾ سندس عقيدو هو(*). مذهب ۾ نوَن داخل ٿيندڙن جي عقيدي جو امتحان ڪين اڏيتون ڏئي ورتو ويندو هو. هڪ گاڏيءَ تي جنگ ۽ طاقت جي ديوتا جو بُت (بغير شڪل جي) نمايان ڪري رکيو ويندو هو يا وري ڪڏهن طاقت جي ديوتا ٿور جي تصوير رکي ويندي هئي ۽ ان گاڏيءَ کي جلوس جي شڪل ۾ گهٽين ۾ گهمايو ويندو هو ۽ جيڪي باغي ماڻهو پنهنجن ابن ڏاڏن جي خدا کي مڃڻ کان انڪار ڪندا هيا تہ اُنهن کي سندن پوري ڪٽنب سميت باهہ ۾ ساڙيو ويندو هيو. اُلفيلَس جي سڻي ڪردار ڪيس مجبور ڪيو تہ هو هن سلسلي ۾ اوپر جي عدالت جو دروازو کڙڪائي جتي هو اڳ ۾ به دفعا امن جي سفير جي حيثيت ۾ پيش ٿي چڪو هو، هن اذيت ۾ آيل گاڻن جو ڪيس ڪورٽ ۾ داخل ڪيو جن

وئلنس جي حفاظت ۾ رهڻ جي درخواست پيش ڪئي ۽ روحاني رهبر تي حضرت موسيٰؑ جو نالو رکيو ويو جنهن پنهنجن ماڻهن کي دنيوب جي اونهي پاڻيءَ مان اُڪاري صلح ۽ سکون واري هنڌ تي وڃي پهچايو هو(76). عقيدتمند ريڊار ۽ ڏنار، جن جو اُلفيلس سان روحاني لاڳاپو ٿي ويو هو، نئين ماحول ۽ هنڌ سان مانوس ٿي ويا جيڪو ميسيا جي جبلن جي پاسن کان هيو، جتي ڪشاده چراگاهه ۽ جهنگل هيا جيڪي سندن ڍورن ڍڳن ۽ ڏٽن جي چَرڻ لاءِ نهايت ئي مناسب هيا ۽ هاڻي پاڻ کي خوشحال محسوس ڪرڻ لڳا ۽ پاڙي وارن صوبن مان اناج ۽ شراب خريد ڪري مزا ماڻڻ لڳا. هي بي ضرر ۽ معتبر بربر چپ چاپ ۽ سکون سان پنهنجي زندگي گذارڻ لڳا ۽ مذهبي طور تي اُهي عيسائيت سان لاڳاپيل رهيا(77).

وزيگاٿ سندن برادريءَ جا خطرناڪ ماڻهو هيا جن جو مذهب ساڳيو رومي ماڻهن وارو هو جن سان هو جنگ، دوستي ۽ سوين حاصل ڪرڻ جا تعلقات قائم رکيو ٿي آيا. پنهنجي ڏکهي ۽ فتحن واري پيش قدمي ۾ جيڪا هنن دنيوب ندي کان شروع ڪري ائٽلانٽڪ سمنڊ تي وڃي ختم ڪئي، هنن پنهنجن اتحادين کي مذهب مٽائڻ تي مجبور ڪيو، نئين نسل کي تعليم ڏياري ۽ جيڪو جوش جذبو الارڪ جي ڪئمپ يا ٽولوز جي محل ۾ هيو، اُنهيءَ روم ۽ قسطنطنيہ جي محلاتن کي يا ته سڌاريو ۽ سنواريو يا وري اُنهن کي ذليل ڪري ڇڏيو(78). ساڳئي عرصي دؤران ذري ڪهڻ سيني بربرن عيسائيت جو مذهب اختيار ڪري ڇڏيو هو جن، اولهه جي شهنشاهت جي تباهه ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجون جدا جدا بادشاهتون قائم ڪري ڇڏيون هيون: برگنڈي وارن گال ۾، سُووي قبيلي جي ماڻهن اسپين ۾، وئنڊلن آفريڪا ۾، آسٽروگاٿن پنونيا ۾، تانجو پاڙيتو فوجين جي مختلف ٽولن پڻ اُبئسر کي بادشاهه بنائي ڪيس اٽلي جي تخت تي ويهاري ڇڏيو. جرمني ۽ برطانيہ جا مختلف قبيلا (جيڪي فرئنڪ ۽ سئڪسن سڏبا هيا) ايا تائين لادينيت طرف مائل هيا، پر فرئنڪن بہ پنهنجي بادشاهت گال ۾ قائم ڪري ڇڏي چاڪاڻ ته اُنهن ڪلووِس جي مثال جي پيروي ڪئي هئي ۽ برطانيہ سئڪسن فاتحن کي روم جي تبليغي جماعتن سندن وحشي عقيدن ۽ وهمن وسوسن مان ٻاهر ڪڍي کين پنهنجي مذهب ڏانهن آساده ڪري ڇڏيو هو. هنن بربرن جن نئين سر پنهنجو مذهب تبديل ڪيو هو پنهنجي نئين دين جي تبليغ لاءِ اهم ۽ جوشيلو ڪردار ادا ڪيو. ميروونجن جا بادشاهه ۽ اُنهن جي پوئلڳن چارليمئگني ۽ اوٽوس عيسائيت جي حڪومت جي حدن کي پنهنجن قانونن توڙي سوين ذريعي وڌائي ڇڏيو. انگلنڊ پنهنجي طرفان جرمني(†) کي حواري ڏنا ۽ انجيل جي روشني رائين جي پرپاسي وارن ملڪن کان ٽيندي ايلب، وسٽولا ۽ بالٽڪ تائين ڦهلجي وئي(79).

جن سببن جي ڪري بربرن جي اڪثريت متاثر ٿي عيسائيت کي اختيار ڪيو هو، اُنهن جو في الحال اندازو نٿو لڳائي سگهجي. اُهي ڪڏهن پنهنجو عزم يا ارادو بدلائڻ ۾ دير نہ ڪندا هيا، ڪڏهن ڪو خواب ڏٺائون، وهم وسوسي جي ڪيفيت مان گذريا، سامهون ڪو معجزو نظر آيُن، يا هڪ اعتقاد رکندڙ زال جي جلوَن کين متاثر ڪيو يا ڪا عبادت ڪندي ڪنهن خوش نصيبي جي ڪيفيت مان گذريا يا ڪنهن خطري جهڙي صورتحال پيدا ٿي پئي ته هر حال ۾ هر معاملي کي عيسائين جي خدا ڏانهن رجوع ڪندا هيا(80). تعليم جي باري ۾ سندن رايا بہ تيزيءَ سان تبديل ٿيندڙ معاشري جي ڪري تبديل ٿيندا رهيا، پر ويراڳين جي سني اخلاق ۽ ڪردار سبب مقدس ڪتاب جا اصول ۽ متا اٿِٽ ۽ محفوظ

رهيا ۽ تبرکن جي طاقت ۽ مذهبي عبادت جي شان شوکت سبب روحانيت واري دين جي پوري پنيرائي ٿيڻ لڳي. پر ذهني طاقت يا دليلن سان کنهن کي قائل ڪرڻ، جنهن جي لاءِ هڪ سئکسن پادري(81) هڪ مشهور بزرگ کي مشورو ڏنو هو، شايد ضروري ٿي وڃي ڇاکاڻ ته تبليغ ڪندڙن لاءِ خاص طرح لامذهبن کي مجرائڻ لاءِ دليل ۽ منطق ڪڏهن بيحد ضروري ٿي پوندو آهي. 'مجو ڪٽي'، هڪ دوراندیش دليل باز چوي ٿو، "هو پنهنجن ديوتائن يا ديويُن جي نفساني خواهش يا اُنهن جي حسب نسب بابت جيڪو ڪجهه به چون ٿا ته تسليم ڪريو ته اُهي هڪ ٻئي مان وڌن ويجهن ٿا. هن اصول مان خود اندازو لڳايو ته هو ڪيڏا نه نامڪمل آهن ۽ اُنهن ۾ ڪيتريون نه انساني ڪمزوريون آهن ڪين اهو يقين ته آهي ته هو جاوا هيا پر ان تي يقين نه اٿن ته هڪ ڏينهن ضرور مرندا. ڪهڙي وقت، ڪنهن ذريعي سان ۽ ڪهڙي سبب ڪري سيني کان وڏي عمر جا ديوتا يا ديويون پيدا ٿيون هيون؟ اُنهن جو سلسلو اڃا جاري آهي يا ختم ٿي ويو ۽ سندن وڌڻ ويجهڻ کي به ٻُڌيو اڇي ويو؟ جيڪڏهن سندن وڌڻ جو سلسلو بند ٿي ويو آهي ته پنهنجن مخالفن کي سڏ ڪر ۽ کانئُن پڇا ڪري پَڪ ڪر ته اها تبديلي ڇو آئي؟ پر جي سندن سلسلو اڃا جاري آهي ته پوءِ ديوتائن جو سلسلو اڻ کُٽ هوندو ۽ ڇا اها ڳالهه اسان جي لاءِ غير فطري ۽ غير منطقي نه هوندي ته نادانيءَ مان هڪ ڪمزور ۽ بي اثر ديوتا جي عبادت ڪجي ۽ جيڪو ان کان وڌيڪ طاقتور ۽ مٿاهون هجي ان جي حسد ۽ دشمنيءَ کي به دعوت ڏجي؟ ظاهري جنت توڙي ڌرتي ۽ ڪائنات جو سڄو نظام جنهن کي اسان جو دماغ سوچي يا تصور ۾ آڻي سگهي ٿو، ڇا ان نظام کي پيدا ڪيو ويو هيو يا اهو اصل کان ۽ دائمي آهي؟ جيڪڏهن ان کي پيدا ڪيو ويو هو، ته پوءِ ديوتا تخليق ٿيڻ کان اڳ ڪيئن ۽ ڪٿي هيا ۽ ڪيئن وجود ۾ آيا؟ جيڪڏهن نظام دائمي ۽ ابدي هيو ته پوءِ اُهي ان خودمختيار ۽ اڳ ئي وجود ۾ آيل دنيا جا شهنشاهه ڪيئن ٻڌيا؟ هي منطقي دليل اُنهن جي آڏو نرمي ۽ سٹي رَويي سان وڃي پيش ڪر ۽ مناسب وقفن سان عيسائيت جي الهامي مذهب هڻڻ جي سڃائيءَ بابت وڃي ڪين سمجهاءِ ۽ اها ڪوشش ڪر ته جيڪي لادين آهن ۽ حقيقت کان انڪار ڪن ٿا، اُهي پنهنجي حماقت تي جيئن شرمندا ٿين پر اهو خيال ضرور رکجانءِ ته جيئن هو ناراض نه ٿين". هن قسم جي فلسفياڻي دليل بازي جيڪا جرمني جي سادڙن بربرن جي سوچ ۽ فهم کان گهڻي مٿاهين هئي، بهرحال پوري تصديق سان تسليم ڪئي وئي جنهن کي ماڻهن دل ۽ دماغ سان مڃي ورتو. دنيا جي عارضي اختيار جي فائدن لادينن جي موقف يا منطق کي ڪافي نقصان رسايو هو ۽ اهو منطق خودبخود عيسائي دنيا ڏانهن منتقل ٿي ويو هو. خود رومين، جيڪي هن ڌرتيءَ جي گولي تي سيني کان وڌيڪ مهذب ۽ طاقتور هيا، پنهنجا قديمي وهم وسوسا ترڪ ڪري ڇڏيا هيا، ۽ جيڪڏهن سندن زوال طرف ويندڙ شهنشاهت کي هنن نئين مذهب جي ڪاميابي جي ڪري خاتمي جو سبب ٿي سمجهيو ته اها بي عزتي ۽ سندن ذلت ته تڏهن ٿي چڪي هئي جڏهن سوين حاصل ڪندڙ گاڻ عيسائيت جو مذهب اڳ ۾ ئي اختيار ڪري چڪا هيا. بهادر ۽ پاڳ پرين بربرن، جن اولهه جي صوبن کي فتحون حاصل ڪري پنهنجي تابع بنائي ڇڏيو هو، پڻ پنهنجن صفن ۾ ساڳين اخلاقي ۽ روحاني سڌارن جو عمل جاري ڪري ڇڏيو هو. چارليمئگني جي دؤر کان اڳ يورپ جون عيسائي قومون سُکن ۽ عياشين ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪنديون هيون ڇاکاڻ ته وٽن قدرت طرفان عطا ڪيل اهڙين زمينن جي ملڪيت هٿ اچي وئي هئي جتي بهترين ۽ خوشگوار آبهوا موجود هئي، وٽن زرخيز زمين هئي جتي اَن، شراب ۽ تيل پيد

اٿيندو هو جڏهن ته جهنگلي بت پرستن ۽ سندن بتن وٽ، زمين جا ويران ۽ اونداها ڇيڙا سندن کل ملکيت هيا ۽ ان کان سواءِ اُتر جا برف ۾ ڇميل حصا سندن مقدر ۾ آيا هيا(82).

عيسائيت، جنهن بربرن لاءِ بهشت جا دروازا کولي ڇڏيا هيا، پنهنجي اخلاقي ۽ سياسي حالتن ۾ هڪ اهم تبديلي آڻي ڇڏي هئي. هنن ساڳئي وقت اکرن جي استعمال تي توجهه ڏنو جيکو کنهن مذهب لاءِ بيحد ضروري هوندو آهي ۽ خاص طرح ان مذهب لاءِ جنهن جا اصول ۽ مَتا هڪ مقدس ڪتاب ۾ درج ٿيل آهن ۽ جڏهن ته هنن خدائي سچائيءَ جو مطالعو ٿي ڪيو ته لازمي طور، تاريخ، جي مطالعي فطرت ۽ قدرت جي فنپارن ۽ سماج تي فقط پري کان غور ڪرڻ ذريعي ئي سندن دماغي وسعت ڪافي وڌي وئي هئي. ٻيو وري مقدس ڪتابن جي مقامي زبان ۾ ترجمي سندن گفتگو ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي ڳالهه سمجهڻ ۽ سمجهائڻ ڪي آسان بنائي ڇڏيو هو ۽ ان ڪري وري مذهبي ماڻهن ۾ اهو تجسُس پڻ پيدا ٿيو ته اصلي متن، جنهن تان ترجمو ڪيو ويو هو، ڪي ضرور جاچن ته جيئن ڪليسا ۾ عبادت ڪرڻ جو صحيح طريقو معلوم ٿي سگهي ۽ ڪليسائي روايتن جي به ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ۽ جيکي درويش ۽ بزرگ هيا اُنهن جي تحريرن جو جائزو پڻ ونڻي سگهجي. اهڙا روحاني تحفا يوناني ۽ لاطيني زبان جي ڪتابن ۾ محفوظ هيا جن ۾ قديم زماني جا اهڙا ته ڪمال جا علم ۽ حڪمتون لکل هيون جن جي مُلهه ۽ معيار جو ڪاٿو هرگز نٿو ڪري سگهجي جيئن ورجل، سِسرو ۽ لِوي جون تحريرون ۽ نايابَ پيشڪشون جيکي اڳ فقط عيسائي بربرن تائين محدود هيون جن ۾ ان دؤر جو خاموش ذڪر هيو جنهن ۾ آگسٽس، ڪلوِس ۽ چارليمئگني هڪ ٻئي سان پنهنجن خيالن ۽ تجربن جي ڏي وٺ ڪندا هيا. انسان ذات اهڙي ڪامياب دؤر ۽ مڪمل رياست جي مجيل اصولن مان اهڙين تحريرن ذريعي لاڀ ٿي حاصل ڪيو ۽ مغربي دنيا جي ان زماني جي حڪومتي حڪمت عملي ۽ دوراندیشي جي نقطن تي عمل ڪندي پنهنجي دؤر جي سائنسي علم جي مشعل کي روشن ٿي رکيو. مثال طور عيسائيت جي ڪيتري به بگڙيل حڪومت ۾، بربرن کي انصاف ڪرڻ وقت قانون جي ڪتابن کي کولڻو پوندو هو ۽ انهن منجهان رهنمائي حاصل ڪندا هيا ته ساڳئي وقت رحم ڪرڻ وقت انجيل مقدس ڏي رجوع ڪندا هيا ۽ ان جي باوجود به جيڪڏهن کنهن ڳالهه کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سندن ڄاڻ اڻپوري هوندي هئي ۽ سندن رهبري نه ٿي سگهندي هئي ته سندن ضمير کنهن اُبهري عمل ڪرڻ کان کين روڪيندو هو، پر جي اُبهرائپ ۾ ڪو اهڙو ڪم ڪري ويندا هيا جيکو ضمير جي رهبري جي خلاف هوندو هو ته کين پڇتاءَ ۽ ندامت جي لاڳيتي سزا ملندي رهندي هئي. پر اهو ياد رکڻ گهرجي ته مذهب جا اختيار ايترا طاقتور نه هوندا هيا جيترا ذاتي رشتن ۽ روايتن جا سندن پنهنجي عيسائي برادريءَ سان هوندا هيا ۽ اُهي اختيار هڪ ٻئي سان سندن روحاني دوستيءَ وارا هوندا هيا. اهڙن روَين جي اثر روم جي رهواسين جي لاءِ هڪ ٻئي سان همدردي ۽ وفاداري جا جذبا پيدا ڪيا ته جيئن جنگ جي وحشتناڪين کي گهٽ ڪري سگهجي ۽ سوين واري تڪبر کي به ڪجهه ماڻار ۾ آڻجي ۽ شهنشاهت جي زوال جي صورت ۾، گهٽ ۾ گهٽ روم جي نامياري ادارن جي لاءِ دائمي عزت ۽ سندن احترام کي يقيني بڻايو ويجي. لادينيت جي ڏينهن ۾ گال ۽ جرمني جا پادري ماڻهن مٿان حڪومت ڪندا هيا ۽ مئجسٽريٽن مٿان پڻ حڪم هلائيندا هيا ۽ نئين مذهب ۾ داخل ٿيندڙ جوشيلا نوجوان پڻ عيسائي پادرين ۽ بشپن جي حڪمن جي مڪمل تابعداري ڪندا هيا. سندن ظاهري يا دنياوي مٿاهين حيثيت، پادرين جي ڪردار جي حفاظت ڪندي هئي

چاڪاڻ ته سپاهين ۽ آزاد ماڻهن جي قانون ساز اسيمبلين ۾ پڻ اُنهن جي جڳهه مخصوص ٿيل هوندي هئي ته جيئن خطرناڪ ۽ ويڑهاڪ بربرن جي جوش کي ٺڏو رکن ۽ کين صلح ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ نيڪ مشورا ڏيندا رهن. لاطيني مذهبي ماڻهن جي ڪوششن، روم ۽ جيروسلم جي زيارت ڪرڻ ۾ پادرين جي اختيارن کي جاري رکيو ۽ عيسائي ملڪن جو پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتحاد رهيو ۽ اهو تعاون ۽ يڪجهتي وارو ماحول جڏ ته هڪ قانون جي شڪل وٺي ويو جنهن روم کي، ٻي سڄي دنيا توڙي جديد يورپ جي قومن يا ٻين آزاد ۽ مخالف ملڪن جي مقابلي ۾ وڏيڪ نروار ۽ مضبوط بنايو آهي.

پر هنن سببن کي اڳتي وڌائڻ جو عمل نه رڳو سُست ٿي ويو پر بنهه رڪجي ويو ڇو ته هڪ اهڙو بدقسمتيءَ جو واقعو ٿي پيو جنهن سڄي نجات ۽ چوٽڪاري جي پيالي ۾ ڪو موتمار زهر ملائي ڇڏيو. اُلفيلَس جا شروعاتي جذبا ڪهڙا به هجن، پر شهنشاهت توڙي ڪليسا سان سندس تعلقات آريَن دؤر ۾ قائم ٿيا. گاٿن جي حواري، رمني مذهب جي پنيرائي ڪئي جيڪو ڪليل آزادي ۽ خلوص سان وڏي واڪ چوندو هو ته پُٽ (يعني حضرت عيسيٰؑ) کنهن به طرح سان پيءُ جو مقابلو نٿو ڪري سگهي ۽ نه وري برابري جو دعويدار ٿي سگهي ٿو(83)، ۽ هو اهي ڳالهيون عام ماڻهن توڙي مذهب جي دعويدارن کي به ٻڌائيندو هو ۽ بربرن کي لاديڻيت طرف(84) آماده ڪندو هو جنهن تي وڏي ٿوڊوسيَس رومين لاءِ ان تي پابندي وجهي ڇڏي. مذهب ۾ نوَن داخل ٿيندڙن جو مزاج توڙي سمجهڻ جون صلاحيتون اهڙيون نه هيون جو هو مابعدالطبيعات يا منطق ۽ دليل جي ڳالهه کي پرجهي ۽ پروڙي سگهن پر اُنهن کي عيسائيت بابت جيڪي نج ۽ اصلي اصول ۽ متا مليا هيا اُنهن جي پوري خلوص سان پابندي ۽ حفاظت ٿي ڪيائون. نئين مذهب اختيار ڪندڙن کي مقدس ڪتابن جي تبليغ ڪرڻ ۽ اُنهن جي پيغام کي هر طرف پکيڙڻ جو وڏو فائدو ان ڪري مليو جو اُنهن جو مقامي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪو هو ۽ هي سڄو ڪارنامو اُلفيلس ۽ سندس پوئلڳن جو هو جنهن ڪري حوارين کي پنهنجي مذهب کي ڦهلائڻ جو موقعو مليو جنهن ۾ پادرين توڙي نائب پادرين کي پنهنجي برادري جي ماڻهن ۾ پيغام پهچائڻ ۽ سندن خدمت ڪرڻ جي ڪين سعادت ملي. آسٽرو گاٿن، برگنڊي جي ماڻهن، سوِي ۽ وئنڊلن، جن به لاطيني تقرير جي ماهرن(85) کي ڳالهائيندي ٻڌو هو، اُنهن جي مقابلي ۾ هنن پنهنجن مقامي استادن کي وڏيڪ اهميت ڏني هئي ڇاڪاڻ ته اُهي سندن پنهنجي زبان ۾ ساٿن مخاطب ٿيندا هيا ته اُهي ڳالهيون وڏيڪ واضح ٿي ڪين آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙون هيون ۽ آريائي مذهب کي قومي عقيدي جي حيثيت ۾ تسليم ڪيو ويو جنهن ۾ وڏيڪ حصو اُنهن جوشيلن نوجوانن ورتو جيڪي جنگجُو هيا ۽ اولهه جي شهنشاهت جي تباهيءَ کان پوءِ بادشاهه جون جايون والاريون وينا هيا. مذهب ۾ جيڪو وڏو تفرقو پئجي ڇڪو هو ان حسد ۽ نفرتن جي باهه کي دائمي طور ٻرڪائي ڇڏيو هو ۽ بربرن طرفان قِبٽ لعنت جي ماحول کي لاڙن وڏيڪ بگاڙي ڇڏيو هو. اتر جي سپوتن، جن بيدليءَ سان مجيو هو ته سندن ابا ڏاڏا سيئي دوزخ جي باهه ۾ پچري رهيا هيا(86)، کي جڏهن معلوم ٿيو ته هنن ته پنهنجي طرفان فقط کين دائمي نِندڻ جو طريقو بدلايو هو ته کين حيرت به ٿي ۽ ان طريقي تي کين سخت ڪاوڙ به آئي. بجاءِ داد ۽ آفرين جي، جنهن جا عيسائي بادشاهه پنهنجن سردارن کان وصول ڪرڻ جا عادي ٿي چڪا هيا، پر هتي جيڪي سخت مذهبي پادري ۽ سندن پوئلڳ هيا اُنهن طرفان آرين مذهب توڙي اُنهن جي ڪورٽن جي سخت مخالفت ڪئي وئي ۽ سندن ناداني واري مخالفت جو دائرو جڏهن

حد کان وڌي ويو ته اُهو خطرناڪ ڏوهن ڪرڻ جي امڪان تائين هليو ويو(87). مِمبر يا تقرير ڪرڻ جي جڳهه، جيڪا بغاوت کي اُپارڻ لاءِ محفوظ ۽ مناسب جڳهه هوندي هئي، فرعون ۽ هولوفرنيس(*)(88) جي نالن ۽ نعرن سان گونجڻ لڳي ۽ ماڻهن جي ڪاوڙ ۽ ناراضگيءَ کي اُميد ۽ چوٽڪاري جي شاندار واعدن سان ويتر تيز ڪيو ويو ۽ بغاوت ڪندڙ بزرگن سندن پنهنجين ئي پيشنگوين جي تڪميل ٿيڻ تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هنن چڙ ڏيارينڊڙ واقعن جي باوجود آرين جي حڪومت ۾، گال، اسپين ۽ اٽلي جي ڪئٿولڪ عيسائين، پنهنجي مذهب جي آزادي ۽ سڪون جي ماحول کي خوب ٿي ملهايو. سندن ضدي مالڪن، ماڻهن جي ان جوش ۽ ولولي جي خلوص سان آجيان ٿي ڪئي ڇو ته عوامي جوشيلن عزم ڪيو ته هو پنهنجي مقصد ماڻڻ لاءِ قربان گاهن تي وڃي پنهنجو سِر قربان ڪرڻ لاءِ به تيار هيا ۽ سندن عزم جي اهڙي اظهار ۽ عقيدت تي بربرن طرفان نه رڳو سندن تعريف ڪئي وئي پر اُنهن به سندن مثال جي پيروي ڪئي. فاتحن ڪوشش ڪئي ته ماڻهن جي لعنت ملامت کان بچن ۽ اُنهن اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو هراس ۽ ڏهڪاءُ کان نڏا ڏجن ۽ پنهنجي ان ڪيفيت جي پرم رکڻ خاطر هنن ان کي برداشت جو نالو ڏنو جيڪو عيسائيت جي امن پسندي واري تعليم کين سيکاريو هيو.

ڪڏهن ڪڏهن ڪليسا جي امن امان ۾ خلل پئجي ويندو هو. ڪئٿولڪ نادان ۽ بربر بي صبرا هيا ۽ ڪجهه ناانصافي وارا فيصلا جيڪي آرين مذهبي ماڻهن ڪيا هيا اُنهن کي بنياد پرست ليکڪن وڏائي پيش ڪيو هو. وزيگاٿن جي بادشاهه يوريڪ تي اذيتون ڏيڻ جو الزام مڙهيو ويو هيو جنهن ڪليسائي توڙي پادرين جي مذهبي چرپر تي پابندي وجهي ڇڏي هئي ۽ اڪئٽين جي مشهور بشپن کي جيل، ملڪ بدري ۽ ملڪيت جي ضبطيءَ جون سزائون ڏنيون هيون(89). پر سڀني عوام جي ذهن کي دٻائڻ جو ظالماڻو ۽ حماقت وارو ڪم فقط وٺندلن شروع ڪري ڇڏيو هو. خود جينسيرڪ پنهنجي جوانيءَ ۾ بنياد پرستيءَ جي جنون کي ختم ڪري ڇڏيو هيو ۽ فيصلو ڏنو هو ته هڪ مرتد نه ته ڪنهن کي معافي ڏئي سگهي ٿو ۽ نه وري ڪنهن کان معافي جو طلبگار ٿي سگهي ٿو. ڪيس آفريڪا جي اُنهن ماڻهن تي سخت غصو آيو جيڪي جنگ جي ميدان مان ته پڄي ويا هيا پر پنهجين پئنچائتن ۽ ڪليسائن ۾ سندس خواهش يا حڪمن جي مخالفت ڪري رهيا هيا ۽ سندس خطرناڪ ذهن ۾ ڪو به خوف يا اهڙن ماڻهن لاءِ ڪو به احساس يا رحم جو امڪان ئي ڪونه هيو. ڪئٿولڪ عيسائي، جيڪي سندس ئي رعيت جا ماڻهو هيا، سندس هڪ طرفن قانونن ۽ ناقابل برداشت سزائن جي عذاب ۾ مبتلا ڪيا ويا هيا. جينسيرڪ جنهن زبان ۾ ڳالهائيندو هو اُها خطرناڪ ۽ دهشت واري هوندي هئي، ۽ جيڪڏهن ڪنهن کي سندس پوائتن ارادن ۽ نيت جي اڳواڻ جاڻ پئجي ويندي هئي ته اُهي سمجهي وٺندا هيا ته هو جيڪو به عمل ڪندو اُهو يقيني طور تي ناسازگار ۽ ظالماڻو هوندو ۽ آرين کان ماڻهو ان ڪري نفرت ڪندا هيا جو اُهي ماڻهن کي مارڻ ۽ قتل ڪرڻ ۾ مشهور هيا جنهن ڪري هن آمر جي حڪومت ۽ محلات ظلمن جي اهڙن ڪمن ذريعي داغدار ٿي ويا. سمنڊ جي هن بادشاهه لاءِ فقط هٿيار ۽ بارود ئي سندس فخر جو باعث هيا. پر هنيرڪ، سندس نالائق پٽ، جنهن پنهنجي پيءُ جي فقط براين کي ئي ورثي ۾ ورتو هو، پڻ عيسائين تي ظلم ۽ ستم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا، پر اُهي زيادتيون سندس ئي پاڻ سندس پائيٽي ۽ سندس پيءُ جي دوستن ۽ ساٿين لاءِ موتمار ثابت ٿيون، نه رڳو اهو پر آرين سردار جي لاءِ به موت جو باعث بڻيون جو ڪيس ڪارٿيج جي وچ شهر ۾ زندهه ساڙيو ويو. مذهبي

جنگ هڪ واهيات سمجهوتي کان اڳ شروع ڪئي وئي هئي، وئندلن وٽ ماڻهن جون اذيتون ئي اهم ۽ مکيہ موضوع هيون ۽ هڪ ذلت واري اهڙي بيماري پيدا ٿي جنهن جلد ئي هنيرڪ کي موت جو مزو چکرائي ڇڏيو ۽ سندس موت ڇڙ بيشمار بيگناهن جي اذيتن جو فطري بدلو هو پر ڪليسا جي حالت اُها ئي رهي جيڪا اڳ ۾ هئي. هنيرڪ جا ٻه پائٽيا هڪ ٻئي پنيان آفريڪا جي تخت تي وينا: هڪڙو گُنڊامنڊ جنهن ٻارهن سالن تائين بادشاهي ماڻي، ٻيو ٽراسيمنڊ جيڪو وڏو عرصو يعني ستاويهن سالن تائين پنهنجي قوم جو بادشاهہ رهيو. ٻنهي جو حڪومتي نظام مذهب پرستن لاءِ دشمني ۽ اذيتن وارو هو. گُنڊامنڊ ته پنهنجي چاچي کان ٻه ظلمن ۾ گهٽو وڌي ويو هيو، پر جيڪڏهن ڪٽي هن کا نرمي ڏيکاري ۽ جڏهن هن پادرين کي گهُرائي اَٿنئسيَس واري عبادت کي ٻيهر رائج ڪرڻ جي آزادي ڏني ته عين ان وقت موت وجي مٿس ڪڙڪيو جنهن سندس ٽوري گهٽي رحم جا آثار ٻه ختم ڪري ڇڏيا. سندس پاءُ ٽراسيمنڊ عظيم ماڻهو هو ۽ وئندل بادشاهن ۾ نهايت ئي ڪامياب هو ۽ وڏي ڳالهہ ته سيني کان وڌيڪ خوبصورت، دوراندیش ۽ سخي فطرت جو مالڪ هيو. پر سندس سخاوت واري ڪردار کي سندس بي صبري ۽ ڪنهن کي برداشت نہ ڪري سگهڻ واري جذبي ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ سندس رحم ۽ شائستگي وارو ڪردار ٻه اهڙو هو جنهن تي ماڻهو پروسو نٽي ڪري سگهيا. هن دڙڪن داٻن ۽ اذيتن جي بجاءِ، ماڻهن کي لالچون ڏئي هرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. دولت، عزت ۽ شهرت ۽ شاهي مهربانيون، سندس طرفان اُهي انعام هيا جيڪي هن مرتدن کي آڇيا هيا ۽ ڪئٿولڪن، جن قانون جي پڇڙي ڪئي هئي، کين معافي ونڻ جي اجازت ڏني وئي هئي پر شرط اهو هو ته هو پنهنجو مذهب ڇڏي ڏيندا، ۽ جڏهن ٻه ٽراسيمنڊ ڪن سخت قدمن تي هنن سان ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو شروع ڪيو ته هو تيستائين صبر سان ويهي انتظار ڪندو هو جيستائين سندس مخالف پنهنجي ناداني ۽ حماقت سان ڪيس شاندار موقعو پاڻ مهيا ڪري ڏين. پنهنجي مرڻ وقت ٻه مذهبي ڪٽرپڻو سندس ساڻي رهيو، ۽ هن پنهنجي جانشين کان قسم تي هڪ وَچن ورتو ته هو اَٿنئسيَس جي پوئلڳن کي ڪڏهن ٻه برداشت نہ ڪندو. پر سندس جانشين هلڊيرڪ، جيڪو وحشي هُنيرڪ جو شريف پٽ هو، انسانيت ۽ انسان ذات جي خدمت ڪرڻ تي وڌيڪ توجهہ ڏنو ۽ پيءُ طرفان مٿس سؤنپيل ناپاڪ ۽ واهيات قسم جي پوئواري ڪرڻ کي هن اهميت ئي نہ ڏني ۽ هو جيئن ئي تخت تي ويٺو ته انصاف ۽ عالمي امن ۽ آزادي جو ماحول قائم ٿي ويو جنهن جي هر طرف کان آڇيان ڪئي وئي. پر هن بااخلاق پر ڪجهہ ڪمزور بادشاهہ جي تخت تي سندس سؤٽ گيليمر قبضو ڪري ورتو جيڪو هڪ جوشيلو آرين هيو پر وئندلن جي بادشاهت، سندس اقتدار جي مزن ماڻڻ کان پهريائين اونڌي ٿي وئي ڇاڪاڻ ته بيليسئريَس پنهنجن هٿيارن ۽ طاقت جي زور تي پاڻ بادشاهہ ٻڌجي ويو، اهڙيءَ طرح بنياد پرستن اُنهن زخمن ۽ ذلتن جو پلاند ورتو جيڪي کين رسايا ويا هيا(90).

ڪئٿولڪن جون دردناڪ دانهون، جيڪي ٽيندڙ اذيتن جا اڪيلا تاريخدان هيا، اهڙيون هيون جن جي لاءِ ڪن ٻه خاص سببن يا موقعن جي ضرورت ڪانہ هئي پر هتي ڪجهہ ڪردارن ۽ ادارن کي جاچڻ لاءِ غير جانبداريءَ جي ضرورت هئي، پر خاص ڳالهيون يا حالتون جيڪي اسان جي توجهہ ڇڪرائڻ يا غور ڪرڻ لائق آهن اُهي هيٺ بيان ڪيل زمرن ۾ اچن ٿيون:

I اصلي قانون ۾، جيڪو اڄا تائين سلامت آهي(91) ۽ هنيرڪ واضح لفظن ۾ اعلان ٿو ڪري ۽ سندس اعلان صحيح ٿو لڳي ته هن قاعدن قانونن ۽ سزائن کي ايمانداريءَ سان شايع ڪيو هو جن ۾ شاهي فرمانن کي واضح ڪيو ويو هو ۽ اُهي فرمان، لادينن جي ميڙن ۽ جلسن، مذهبي اڳواڻن ۽ اُنهن ماڻهن جي خلاف آهن جيڪي مستند مذهب جي مخالفت ڪن ٿا. جيڪڏهن ضمير جي آواز کي ٻُڌو وڃي ها ۽ ان جي حقن کي سمجهيو وڃي ها ته ڪئٿولڪ يقيني طرح سان پنهنجي ماضيءَ جي ڪردار جي مذمت ڪن ها، يا وري پنهنجين اذيتن کي خاموشيءَ سان سهندا اچن ها. پر اُنهن اهڙين خوشين کان انڪار ڪرڻ تي زور ٿي پريو جن جي هنن اڳ دعويٰ ڪئي هئي. هڪ طرف هو اذيتن جو تصور ڪندي ئي ڪنبي ٿي ويا ته ٻي طرف هُنيرڪ طرفان ڪيل سختين جي تعريف ٿي ڪيائون جنهن ڪيترن ئي مئنيڪيَنس طبقي(92) جي ماڻهن کي يا ته ملڪ بدر ڪري ڇڏيو هو يا ڪين ساڙائي ڇڏيو هو ۽ هنن ڊپ وچان ان ذلت آميز صلح نامي کي ٻه رد ڪيو هو جنهن موجب آريَس ۽ اَٿنئسيَس جا پوئلڳ روم ۽ وئندلن جي حدن ۾ ڏکن ۽ اذيتن کي صبر سان سهندا(93).

II گڏجاڻين يا ميٽنگن جو سرشتو جيڪو ڪئٿولڪن ان ڪري شروع ڪيو هو ته جيئن پنهنجن مخالفن کي بي عزتو ڪن ۽ اُنهن کي سزائون ڏين، اُهو سرشتو هاڻي سندن خلاف شروع ٿي چڪو هو(94). هنيرڪ جي حڪم تي چار سؤ ڇاهٺ پادري ڪارٿيج ۾ گڏ ٿيا، پر جڏهن اُهي وڏي هال اندر داخل ٿيا ته اهي حيران ۽ ششدر ٿي ويا جڏهن هنن ڏٺو ته هڪ آرين جنهن جو نالو سريلا هو تخت تي ويٺو هو. ڪجهه گوڙ ٿيو، آواز اٿيا، ڏمڙ متو پر پوءِ هڪدم فسادين کي هال مان ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ هن سلسلي ۾ سانت ۽ سڪون کي واپس ڪرڻ لاءِ فوج کي استعمال ڪيو ويو. ڪئٿولڪ پادرين منجهان هڪ شهيد ۽ هڪ تصديق ڪندڙ کي چونڊيو ويو، انَاويهه ڇٽا لُڙ جو فائدو وٺي پڇي ويا، ۽ انَياسي ڇڻن سندن ئي شرطن تي صلح ڪري ورتو، ڇائيتاليهه ماڻهن کي ڪارسيڪا موڪليو ويو ته اُتي وڃي شاهي ساموندي فوج لاءِ ڪائيون ڪپي گڏ ڪن، ۽ ٽي سؤ بن همراهن کي آفريڪا جي مختلف علائقن ۾ ملڪ بدر ڪيو ويو جتي دشمن متن ننوليون ۽ سندن بي عزتيون ڪندا هيا ۽ ڪين زندگي جي هر دنياوي يا روحاني راحت کان مڪمل طور تي محروم رکيو ويو(95). ڏهن سالن جي ملڪ نيڪالي سندن تعداد کي ضرور گهٽايو هوندو ۽ جيڪڏهن هو ٽراسيمنڊ جي قانون جي پوئواري ڪن ها جنهن موجب ڪنهن به پادري طرفان ڪنهن جڳهه کي مقدس ڪرڻ جي عمل تي پابندي وڌي وئي هئي ته پوءِ آفريڪا جي مقدس ڪليسا به ائين هميشه واسطي ختم ٿي وڃي ها جيئن سندس ميمبرن کي ڳولي ڳولي ختم ڪيو ويو هو. پر اُنهن آڻ نه مڃي، سندن حڪم نه مڃيائون، ۽ سندن نافرماني جي سزا ڪين اها ملي جو ٻي ملڪ نيڪاليءَ ۾ وري به سؤ ويهن پادرين کي ساردينيا موڪليو ويو جتي پندرهن سال هنن تيستائين سخت عذابن ۾ گذاريا جيستائين هلڊيرڪ تخت تي وڃي ويٺو(96). سندن ملڪ بدري لاءِ بن ٻيڻن جي چوند آرين آمرن جي تعصب سبب ڪئي وئي هئي. پنهنجي تجربي مان سينيڪا، ڪارسيڪا ٻيٽ(97) جي بري حالت بيان ڪندي شايد ڪجهه مبالغي کان به ڪم ورتو آهي ۽ ساردينيا جي وري تعريف ڪئي وئي آهي پر اهو به ٻڌايو ويو آهي ته اتان جي آبهوا صاف نه هئي(98).

III ڪئٿولڪن کي مذهب بدلائڻ جي ڪوشش ۾ جينسيرڪ ۽ سندس پوئلڳن جي جوش، ڪين وڌيڪ محتاط ٻڌايو هوندو ته جيئن هو وئندل مذهب جي نجٽي کي برقرار رکي سگهن. ڪليسائن جي

مڪمل بند ٽيڻ کان اڳ، جيڪڏهن ڪو به ماڻهو بربرن جي نموني وارا ڪپڙا پائيندو هو ته اهڙو عمل ڏوهه جي زمري ۾ ايندو هو ۽ جيڪي ماڻهو هن شاهي حڪم جي خلاف ورزي ڪندا هيا ته اُنهن جي ڇُنڊن مان وڻي ڪين پوئتي ڳهيلو ويندو هو(99). وڏا آفيسر(*) جيڪي پنهنجي بادشاهه جي مذهب اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪندا هيا، ته هڪدم اُنهن کي سندن رتبن تان ذلت سان هٽايو ويندو هو ۽ سندن لقب القاب به کسيا ويندا هيا ۽ ڪين ساردينيا يا سِسلي جي ٻيٽن تي ملڪ بدر ڪيو ويندو هو ۽ ڪائنڪ غلامن وارو نيچ ڪم ورتو ويندو هو يا وري ڪين چيو ويندو هو ته اُٽيڪا جون زميون وڃي ڪيڙن ۽ هَرَ هلائن. اُهي ضلعا جيڪي خاص طرح تي وئندلن جي حوالي ڪيا ويا هيا، اُتي ڪئٿولڪن کي عبادت ڪرڻ جي منع هئي. نہ رڳو اهو پر ڪين تبليغ ڪرڻ يا ماڻهن کي مذهب متائڻ جي به هرگز اجازت ڪانہ هئي. اهڙي طريقي سان بربرن پنهنجي مذهب سان نباهه ٿي ڪيو، سندن جوش جذبا عروج تي هيا، هو رازداريءَ وارا ڪم وڏي عقيدت ۽ طبيعت جي گرمي سان سرانجام ڏيندا هيا جيئن جاسوسي ڪرڻ، ڳجها راز ٻين تائين پهچائڻ، ان کان سواءِ ڪنهن کي مارڻ جو ڪم به وڏي چاهه سان ڪندا هيا ۽ جنگ جي زماني ۾ جڏهن به ڪين گهوڙي سوار فوج جي ڏيوٽي سوئنپي ويندي هئي ته انهن کي جڙ وندر ورونهن جو سامان مهيا ٿي ويندو هو جو هو ڪليسائن جي بي حرمتي وڃي ڪندا هيا ۽ مخالفن جي مذهب کي برو پلو چوندا هيا ۽ سندن بي عزتي ڪندا هيا(100).

IV اُهي شهري جن روم جي صوبن ۾ سُک ۽ عياشيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، متن وڏا ظلم ڪندي ڪين اتر آفريڪا جي مسلمانن جي حوالي ڪيو ويو. هنيرڪ جي حڪم تي پادرين، نائب پادرين ۽ ٻين معزز ماڻهن جو وڏو تعداد ۽ اُنهن سان گڏ چار هزار ڇهانوي ماڻهن کي، جن جي قصور يا ڏوهه جي ڪابہ خبر ڪانهي، پنهنجن اباڻن گهرن کان بي دخل ڪري ڪين برپٽن ۾ موڪليو ويو. رات جو ڪين چوٻائي مال وانگر پنهنجي ئي بدبودار گند ڪچري ۾ رهايو ويو ۽ ڏينهن جو ڪين ٽَتل واريءَ تي پنڌ ڪرايو ويو، پنڌ دوران جيڪڏهن ٽڪجي هو بيهوش ٿي ويا ٿي ته متن چهبُڪ وَسايا ٿي ويا يا وري ڪين گهليو ٿي ويو تان جو اهڙي اذيت ۽ عذاب سهندي هو ظالمن جي هٿن ۾ مري ختم ٿي ويا(101). هي بدقسمت جلاوطن جڏهن مسلمانن جي جهوپڙن وٽ پهتا ته انهن کي متن رحم آيو جن جي انسانيت نہ ته بهتر ٿي هئي ۽ نہ وري مذهبي جنون سبب ابتري جو روپ ورتو هو پر اُها اُنهن جي پنهنجي مقامي هئي. جيڪڏهن جلاوطن ماڻهو وڏيڪ خطرن کان بچي ٿي ويا ته پوءِ به اُنهن کي هن جهنگلي زندگي ۾ وڏو عرصو گذارڻو هو.

V اذيتن ڏيڻ وارن لاءِ اڳ اهو لازم هوندو هو ته اهڙو اظهار ڪن ته هو اذيتن جي ڏنڊي ۾ آخري حد تائين ويندا. اُهي شعلي کي پاريندا هيا جنهن کي وري وِسائڻ جي ڪوشش پڻ ڪندا هيا ۽ اهو لازمي هوندو هو ته نافرمانيءَ تي سخت سزا ملندي هئي ۽ جيڪو ڪنهن ڏوهه ۾ اڳرائي ڪندو هو ته ان جي به ساڳي سزا هوندي هئي. ڏنڊ به هنيا ويندا هيا پر جيڪڏهن کو ڏنڊ ڏيڻ جي حيثيت نہ رکندو هويا ادا نہ ڪري سگهندو هو ته قانون جو چنبو ڪيس وڏيڪ مضبوطيءَ سان جڪڑي ڇڏيندو هو ۽ اهو سمجهيو ويندو هو ته ملزم ننڍن ڏوهن کي ڪا اهميت ئي نہ ڏني هئي. تنهن ڪري فقط اهميت نہ ڏيڻ تي ڪيس موت جي سزا ڏني ويندي هئي. تقريرن ۽ ڪهاڻين جي پردن منجهان اسان چڱيءَ طرح ڏسون ٿا ته ڪئٿولڪن کي خاص طرح هنيرڪ جي حڪومت جي دؤر ۾ بيحد سخت ذلت ۽ ظلم جا ڏينهن ڏسڻا

پيا(102). عزت وارا شهري، خانداني بزرگ عورتون ۽ پاڪدامن ڪنوارين کي اگهاڙو ڪري مٿي ٽنگي بيهاريو ويندو هو. تڪليف ۽ اگهاڙي حالت ۾ مٿن چهبُڪن جو وسڪارو ڪيو ويندو هو يا وري لوهه جو سيخون تپائي سندن نازڪ عضون تي ان سان مٿن ڏنيَ ڏنا ويندا هيا. آرين طرفان سندن ڪَن، نڪ، زبان ۽ ساڇو هٿ ڪٽيو ويندو هو، توڙي جو اهڙن مظلوم ماڻهن جو صحيح انگ نٿو ٻڌائي سگهجي پر اهڙن ماڻهن ۾ هڪڙو پادري(103) ۽ هڪ سفارتڪار(104) شامل هيا جن شهادت جو تاج پاتو هو. منهندار سباستين کي به ساڻيو اعزاز مليو هو جنهن کليو ڪلايو اعلان ڪيو هو ته سندس تعلق نائسين مذهب سان هيو ۽ هو آخر تائين پنهنجي ان عزم تي قائم رهيو. جينسيرڪ ڪانئس نفرت ڪندو هو ۽ هن بهادر ياڇوڪڙ ڪان هو ڊڄندو هو ته اُهو ئي ممڪن هو ته سندس بهادر مخالف جي صورت ۾ نروار نه ٿي پوي.

VI مذهب مٽائڻ يا اختيار ڪرڻ جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿي ويو جنهن ڪمزورن کي تابع ۽ بزدلن کي وڌيڪ محتاط بڻائي ڇڏيو. هي سلسلو آرين وزيرن طرفان شروع ڪيو ويو هيو. ڏوڪي يا تشدد سان عيسائيت جي غسل جي رسم شروع ڪئي وئي ۽ جيڪڏهن ڪٿولڪن طرفان اهڙي لادیني ۽ ناپاڪ رسم جي مخالفت ڪئي ويندي هئي ته کين سخت سزائون ڏنيون ويندیون هيون. عيسائي ان سمجهڻ ۾ حق تي هيا ته بدنيتي سان غسل ڏيارڻ جي رسم مذهبي آزادي توڙي مستند عيسائي رسمن جي روح جي خلاف هئي(106). اڳ مخالف مذهبي نظرين طرفان هڪ ٻئي کي غسل ڏيارڻ جي رسم جي اجازت ملیل هئي ۽ هن نئين رسم کي زور سان وٺندلن جاري رکيو هو، دراصل ان کي شروع ڪرڻ جو الزام ڊونٽسٽن تي هو جن پهريون پيرو ان جو مثال قائم ڪيو هو ۽ سندن ئي مشوري تي ان رسم کي رائج ڪيو ويو هو.

VII آرين مذهبي پيشوا ظلم ڪرڻ جي مقابلي ۾ بادشاهه توڙي وٺندلن کان اڳتي وڌي ويا هيا، پر منجهن اها اهليت ڪانه هئي ته روحاني فصل جي پوک پوکي سگهن توڙي جو سندن خواهش ۽ دعويٰ هئي ته وٽن روحانيت موجود هئي. هڪ سردار(107) پاڻ کي ڪارٿيج جي تخت تي ويهاري ٿي سگهيو ۽ ڪجهه پادري جيڪي وڏن شهرن ۾ رهندا هيا، پنهنجن مخالفن جون جڳهون پاڻ والاري ويهندا هيا پر گهڻ تعداد ۽ لاطيني زبان کان اڻ ڄاڻائيءَ سبب(108)، بربرن کي کنهن به وڏي ڪليسا جي وزارت جي عهدي سنيالڻ کان نااهل قرار ڏنو ويو هو.

VIII شهنشاهه فطري طرح هوموسيَن فلسفي جا رکوالا هيا ۽ آفريڪا جي وفادار ماڻهن جي هنهي ڏرين، يعني رومين توڙي ڪٿولڪن، پنهنجي قانوني حيثيت کي،بربر لادينن جي قبضن ڪرڻ جي روايت تي وڌيڪ ترجيح ٿي ڏني. امن ۽ دوستيءَ جي هڪ وقفي ۾، فيلسوف زينو جي چوڻ تي هنيرڪ ڪارٿيج جي ڪليسا کي بحال ڪيو هو. زينو تڏهن اوپر جو حاڪم هيو. ساڳي وقت هن پلاسيديا، جيڪا شهنشاهه جي ڏيءُ ۽ بيوه(*) هئي ۽ وٺندلن جي راڻي جي پيڻ هئي(109). جي حيثيت کي به بحال ڪري ڇڏيو. پر هي صلح عارضي ثابت ٿيو ۽ هٿيلي آمر شهنشاهت جي مذهب لاءِ پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو ۽ ٻين مذهبن جي ماڻهن لاءِ اذيتن جي سلسلي کي جاري رکيو جنهن جا شاهد روم جون گهٽيون ۽ رستا هيا ۽ جتان روم جي سفير کي به پنهنجي محل ڏانهن ويندي اتان گذرڻو هو(110). اُنهن پادرين طرفان هڪ قسم ڪٿڻ جي ضرورت هئي، جيڪي ڪارٿيج ۾ گڏ ٿيا هيا ته اُهي

سندس پٺ هلديرڪ جي پرپور حمايت ڪندا ۽ اُهي ٻاهرين ملڪن سان هر قسم جي لڪ پڙهه جي سلسلي کي ختم ڪري ڇڏيندا. هن ڪم يا ڊيوٽي کي، جيڪا سندن اخلاقي توڙي مذهبي منصب سان مطابقت رکندي هئي، دوراندیش پادرين طرفان سرانجام ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو(111). سندن انڪار جنهن کي ڪجهه سندن مڪر جو به لباس چڙهيل هيو. شڪي آمر جي ذهن ۾ وڌيڪ شڪ شبها پيدا ڪري ڇڏيا.

ڪئٿولڪ، جن کي شاهي مليٽري جي طاقت ذريعي دٻايو ويو هو، پنهنجن مخالفن جي مقابلي ۾ تعداد توڙي علم ۾ گهٽا متاهان هيا. وٽن به ساڳيا هٿيار هيا جيڪي يونانين(112) ۽ لاطيني وڏڙن آرين تضاد لاءِ کين مهيا ڪيا هيا، اُنهن هر دفعي اُلفيلَس جي خطرناڪ ۽ جاهل پوئلڳن کي نه رڳو خاموش ڪيو هو پر متن هر بحث مباحثي ۾ سويون حاصل ڪيون هيون. شايد کين پاڻ کي به اهو احساس هو ته هو پنهنجن مخالفن کان علم ۽ دانائيءَ ۾ متاهان هيا جنهن سبب هو مذهبي چٽاپيٽيءَ جي مقابلن ۾ مخالفن کان سدائين سرس هوندا هيا. ان جي باوجود، وڏي فخر جي دعويٰ ڪرڻ بجاءِ هر ڪٽر مذهبي ماڻهو کي ترغيب ڏني وئي ته هو اهڙا قصا ڪهاڻيون ناهن جن ۾ رڳو دلبو ۽ ڏوڪو هجي. هنن پنهنجي تضاد وارا ڪم قديم عيسائين جي نالن سان منسوب ڪري ڇڏيا. اَٽنئسيَس ۽ آگسٽائين جي ڪردارن کي وجيليَس ۽ سندس پوئلڳن خراب نموني ادا ڪيو(113) ۽ اُهو مذهب جيڪو ٽن (تثليث) يا بيهر روپ ڌارڻ جي رازن کي کولي ٻڌائي ٿو سو آفريڪا جي اسڪول(114) سان لاڳاپيل ٿو ڏسجي. مقدس ڪتابن جي ناپاڪ هٿن سان بي حرمتي ۽ بي ادبي ڪئي وئي. يادگار مواد ۽ متن جنهن ۾ ٽِن جي ايڪي يا هڪ هجڻ جي بهشتي شاهدي موجود آهي(115) کي ڪٽر فادرس (عيسائي بزرگن) جي عالمي خاموشي نديو آهي ۽ ساڳي وقت قديم ڪتابن يا شاهدين ۽ مستند ڪتابن(116) ۾ به ان ڳالهه جي مذمت ڪئي وئي آهي. اهو الزام سڀ کان پهريون هڪ ڪئٿولڪ پادري لڳايو هو جنهن کي هنيرڪ ڪارٿيج جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏيو هو(117). هڪ تمثيلي يا استعاراتي تحرير، جيڪا ڪنهن ڪتاب جي حاشيي تي لکي وئي هئي، جي تشريح ئي حقيقت ۾ لاطيني انجيلن تي حملي جو باعث بڻجي وئي جنهن کي ڏهن صدين جي اونداهي دؤر ۾ صحيح ڪري ڪتابن ۾ نئين سر شامل ڪيو ويو(118). پرٽننگ جي ايجاد ٿيڻ کان پوءِ(119)، يوناني انجيل پنهنجن ئي تضادن، تعصبن ۽ وقت جي وهڪري جي ور چڙهي ويو(120) ۽ هڪ مقدس ڏوڪي يا ڏانڊلي کي، جنهن جي روم توڙي جنيوا ۾ پرجوش آجيان ڪئي وئي، پوءِ جديد يورپ جي هر ملڪ ۽ هر ٻوليءَ ۾ ان کي لڳاتار وڌايو پئي ويو آهي.

ڏوڪي ۽ ڏانڊلي جي مٿي ڏنل مثال سان شڪ کي تقويت ملندي. هن سلسلي ۾ آفريڪا جي ڪئٿولڪن ڪجهه شاندار معجزن جو ذڪرڪري پنهنجي ڪيل ڳالهه کي سچو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر ان جو تعلق به سندن پنهنجن ئي ايجاد ڪيل حرفتن سان آهي پر الله تعاليٰ جي حفاظت يا ان جي وڪالت ڪرڻ سان هرگز نه آهي. ان جي باوجود هڪ تاريخدان، جيڪو هن مذهبي تضاد کي غير جانبداريءَ جي نظر سان ڏسي ٿو، هڪ غير معمولي ۽ غير فطري واقعي کي بيان ڪرڻ جي جرئت ڪري ٿو جيڪو عقيدت مند کي ته وڌيڪ سنواريندو پر منڪر ۽ بي اعتقاد شخص کي به حيرت ۾ ضرور وجهندو. ٽيپاسا(121) ماريٽنيا جي هڪ بحري ڪالوني هئي جيڪا سزئريا جي شهر کان سورهن ميل اوير طرف هئي ۽ اُها هر دؤر ۾ ان ڪري مشهور هئي ته ان جا رهواسي مذهبي معاملن ۾ سخت

ڪٽر ۽ جوشيلا هيا. هنن ڊونئٽسٽن(122) جي دهشت جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪيو هو ته ساڳئي وقت آريَنس جي ظلمن کان ٻه هرويرو ڊنا نه هيا. هڪ لاطيني پادريءَ جي آمد سبب سجو شهر خالي ٿي ويو، شهر جا ڪيترائي رهواسي ساموندي جهازن ذريعي اسپين جي ڪنارن تي وڃي لٿا، باقي جيڪي بدقسمت ماڻهو پٺتي رهجي ويا، اُنهن غاصب سان ڪنهن ٻه تعلق قائم ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پنهنجون پنهنجون مقدس پر غير قانوني گڏجاڻيون جاري رکيون. سندن نافرماني هنيرڪ جي ظلمن جي باهه کي ڀڙڪائي ڇڏيو. هڪ ملينري جي آفيسر کي ڪارٿيج کان ٽپاسا موڪليو ويو، هن ڪئٿولڪن کي هڪ هنڌ جمع ڪيو ۽ سڄي صوبي جي ماڻهن جي سامهون هن سيني ماڻهن جا ساڃا هٿ ۽ سندن زبانون ڪٽرائي ڇڏيون. پر باڪردار پادري بنان زبان جي ٻه لڳاتار ڳالهائيندا رهيا ۽ هن معجزي جي، آفريڪا جي هڪ پادري وڪٽر تصديق ڪئي آهي جنهن اذيتن جي تاريخ کي، هن واقعي کان ٻه سال پوءِ ڇپرايو هو(123). وڪٽر چوي ٿو: "جيڪڏهن ڪنهن کي ٻه هن سچي حقيقت تي ڪو شڪ آهي ته اُهو قسطنطنيه وڃڻ جي زحمت ڪري ۽ اُتي وڃي رسٽيٽيوشن جي صاف ۽ مڪمل آواز کي ٻڌي جيڪو ننڍو پادري هو جيڪو پڻ اذيت پوڳيندڙن منجهان هڪ هيو جنهن کي هاڻي شهنشاهه زينو جي محلات ۾ رکيو ويو آهي ۽ جنهن جي لاءِ راڻيءَ کي پڻ وڏو احترام آهي'. قسطنطنيه ۾ اسان کي هن عظيم اکين ڏٺي شاهد جي موجودگيءَ تي حيرت ٿي ٿئي جيڪو هڪ وڏو عالم ۽ اعليٰ طبيعت جو مالڪ هيو. غازا جي انيس، جيڪو پلوٽو جو پوئلڳ ۽ وڏو فيلسوف هو، آفريڪا ۾ اذيتن پوڳيندڙن بابت پنهنجا تاثرات هن ريت بيان ڪيا آهن. 'مون کين پاڻ ڏٺو. مون کين ڳالهائيندي خود ٻڌو. مون پوءِ پڇا ڳاڇا ڪري اهو معلوم ڪرڻ چاهيو ته اهي ماڻهو زبان کان سواءِ ڪيئن ٿا ڳالهائي سگهن؟ مون غور سان اکيون ڦاڙي ڏانهنَ نهاريو ته پنهنجن ڪنن سان اها يقين ۾ نه ايندڙ ڳالهه ٻُڌان. مون سندن وات کولي پنهنجين اکين سان پاڻ ڏٺو ته سندن زبانون پاڙئون پٽيل ۽ ڪٽيل هيون ۽ هي هڪ اهڙو خطرناڪ آپريشن آهي جنهن لاءِ ڊاڪٽر چوندا آهن ته اهو موتمار ٿي سگهي ٿو(124)'. غازا جي انيس جي شاهدي کي شهنشاهه جسٽينيَن جي واڌاري شاهدي جي حمايت ٻه حاصل آهي' جيڪا هڪ دائمي فرمان ۾ نواب مارسيليئس بيان ڪئي آهي. ان دؤر جي تاريخ وار واقعن ۾ پوپ گريگري- I جيڪو قسطنطنيه ۾ روم جو مکيه پادري هو ٻه ان ڳالهه جي شاهدي ڏني آهي(125). اهي سيئي ان صديءَ جي دؤر ۾ رهندا هيا ۽ اُهي پنهنجي ذاتي ڄاڻ مطابق ان معجزي جي سچائيءَ بابت بيان ڪن ٿا ۽ ٻڌائن ٿا ته اهڙي قسم جا ٻيا معجزا پڻ ڪيئي ٻيرا ٿيا هيا جن کي دنيا وارن ڏٺو هو ۽ اُنهن کي ماڻهن جي ٻڌن احساسن تي ڇڏيو ويو هو ته جيئن اُهي اُنهن تي اعتبار ڪري سگهن. آفريڪا جي پادرين طرفان هي تحفو عظيم معجزي جي صورت ۾ سامهون آيو هو ته ڪيئن نه اُنهن زبان کان بغير ڳالهايو هو ۽ ان ۾ اُهي يقين ڪندا ۽ ها فقط اُهي ئي يقين ڪندا جن کي اکَ ۾ ئي يقين هو ته سندن زبان يا ڳالهائڻ بلڪل صاف ۽ مذهبي هيو. پر جيڪو لادين ۽ منڪر آهي ان جو هَٺ ۽ ضد ڪيس اهڙي ڳجهي شڪ ۾ مبتلا ڪري ٿو ڇڏي جنهن جو ازالو يا علاج وٽس ڪونهي، ۽ جيڪو آريَن آهي ۽ جنهن 'ٽن' جي فلسفي کي اکَ ۾ ئي رد ڪري ڇڏيو آهي ته ان تي ڪو ٻه اثر نه پوندو ۽ نه وري اُهو اَٽنئسيَس جي معجزن جي شاهديءَ تي اعتبار ڪندو.

وئندل ۽ آسٽروگاٿ آرين عقيدي ۾ اعتبار ڪندا هيا ۽ ڪندا رهيا جيستائين شهنشاهت تباهه ٿي وئي جنهن جو بنياد اُنهن آفريڪا ۽ اٽلي ۾ رکيو هو. گال جي بربرن فرئنڪن جي ڪٽر حڪومت آڏو آڻ مجي ۽ اسپين ٻيهر ڪئٿولڪ ڪليسا طرف هليو ويو ڇاڪاڻ ته وزيگاٿ پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڪئٿولڪ عيسائي ٿي ويا هيا.

هي صحتمند انقلاب(126) هڪ شاهي شهيد جي مثال سبب تيز ٿي ويو جنهن لاءِ شايد اسان جا دليل خاموشيءَ سان اسان جي ڪنن ۾ پڻ پڻ ڪن ته اُهو شهيد نه پر هڪ احسان فراموش باغي هيو. اسپين جو هڪ گاٿ بادشاهه لوويگلڊ پنهنجي دشمنن توڙي رعيت طرفان محبت جو حقدار هو: ڪئٿولڪن کي پوري مذهبي آزادي حاصل ٿي چڪي هئي ۽ سندس آرين پئنچائت، اجا ڪاميابي ته نه ماڻي هئي پر پوري ڪوشش ڪري رهيا هيا ته ٻيهر غسل ڏيارڻ جي غير مقبول روايت کي ختم ڪرائي سگهن ۽ پنهنجن سخت اصولن ۾ به ٿوري لچڪ پيدا ڪن. سندس وڏو پٽ هرمينيگلڊ جنهن کي پنهنجي پيءُ شاهي تاج پارائي چڏيو هو ۽ بيٽيڪا جي ملڪ ميروونجن جي شهزادي جيڪا آسٽرئشيا جي بادشاهه سگيبرٽ جي ڌيءُ هئي، سان هڪ مذهبي ۽ عزت پريو معاهدو ٿيو ته اُها سندس پٽ جي مڱيندي هئي. خوبصورت اِنگنڊِس، جيڪا فقط تيرهن سالن جي هئي، جي آڇيان ڪئي وئي شايد فقط ان لاءِ ته ٽوليدو وجي آرين ڪورٽ ۾ ڪيس اڌيتن لاءِ آندو ويو ۽ سندس مذهبي مستقل مزاجيءَ تي ڪڏهن سندس خوشامد ۽ تعريف ڪئي وئي ۽ ڪڏهن وري گاٽن جي راڻي گِسونٽا طرفان مٽس تشدد ڪيو ويو جنهن راڄ جي ماءُ هجڻ جي ناتي جو سخت ناجائز فائدو ورتو(127). جڏهن اِنگنڊِس آڻ نه مجي ته راڻي تپي باهه ٿي وئي، هن ڪئٿولڪ راڻيءَ جي ڊگهن وارن مان ورتو ۽ ڪيس زور سان ڏرتيءَ تي ڪيرايو ۽ لتون هڻڻ شروع ڪيائينس تان جو هوءُ رتو وهنتي ٿي وئي، نيٺ حڪم ڏنائين ته ڪيس اگهاڙو ڪيو وجي ۽ هڪ ڪڏ يا مڇيءَ جي تلاءَ ۾ اڇلايو وجي(128). پيار ۽ شاهي وقار هرمينگلڊ کي مجبور ڪيو ته هو پنهنجي ٽيندڙ ڪنوار جي ذلت تي شڪايت ڪري يا ان جو بدلو وٺي پر هن کي آهستي آهستي قائل ڪيو ويو ته اِنگنڊِس کي مذهبي سچائيءَ ۾ مستقل مزاج رهڻ سبب اذيتون سهڻيون پيون هيون. سندس شڪايتون ۽ لينبر جيڪو سيوائيل جو مڪيه پادري هو، جي وزني ۽ اثرائتن دليلن سندس مذهب کي بدلائي چڏيو ۽ گاٽن جي بادشاهت جي وارث نائسين عقيدي سان منسلڪ ٿي وئي ۽ هن سلسلي ۾ ضروري رسمون ادا ڪري سندس نئين مذهب ۾ داخل ٿيڻ جي تصديق ڪرائي وئي(129). اُبهرو نوجوان جنهن کي جوش ۽ هڪ آرزو سخت غصي ۾ آڻي چڏيو هو، هاڻي هن عزم ڪيو ته هُو نه پُٺ هئڻ جو ناتو نيائيندو ۽ نه وري رعيت جي هڪ فرد جي حيثيت سان ڏيوٽي سرانجام ڏيندو ۽ اسپين جي ڪئٿولڪن، توڙي جو هنن اڌيتن جي ڪابه شڪايت ڪانه ٿي ڪئي، هڪ لامذهب پيءُ جي خلاف پٽ جي مقدس بغاوت جي حمايت ڪئي. خانه جنگي شروع ٿي وئي جيڪا گهٽو وقت هلي ۽ ميريدا، قرطبه ۽ سيوائيل جو گهيرو تنگ ڪيو ويو ۽ انهن شهرن جي ماڻهن هرمينيگلڊ جي حمايت ٿي ڪئي. هن مذهبي بربرن کي دعوت ڏني، ساڻي وقت سروِي ۽ فرئنڪن کي به هن پنهنجي ئي گهر جي تباهي لاءِ سڏيو، هُن رومين جي خطرناڪ مدد لاءِ به پڪاريو جيڪي آفريڪا ۽ سندس نيڪ پادري لينبر بازنيطين جي محلات سان ذاتي طور تي ڪامياب ڳالهين جو دؤر شروع ڪري چڏيو.پر بادشاهه جي حرفت ۽ ڦڙتيءَ سبب ڪئٿولڪن جون سڀ اُميدون خاڪ ۾ ملي ويون ۽

بادشاهه جنهن وٽ اسپين جون فوجون ۽ خزانا موجود هيا سوپارو ٽيو ۽ هرمينيگلڊ، مقابلي ڪرڻ يا حفاظت سان پڄي وڃڻ جي ڪوششن ۾ ناڪام ٽيڻ بعد پنهنجي ئي پيءُ آڏو هٿيار ڦٽا ڪيا جيڪو مٿس سخت ناراض هو. لوويگلڊ ڪي ايا ۽ پنهنجي پٽ جي اڳئين سڀني ڪردار ۽ لحاظ هو، هن بهرحال ڪائنس شاهي زيورن کان محروم ڪيو پر ڪيس عزت سان جلاوطن ٽيڻ جي اجازت ڏنائين ته جيئن هو ڪئٿولڪ مذهب سان لاڳاپيل رهي. پر پُٽ لڳاتار غداريءَ جي ڪاروائين ۾ مصروف رهيو پر هر دفعي ناڪام ٽيو جنهن گاڏن جي بادشاهه جي ڪاوڙ ڪي چوٽ چاڙهي ڇڏيو ۽ نيٺ ڪيس موت جي سزا ڏني وئي جنهن جو بادشاهه مجبوري ۽ بيدليءَ سان اعلان ڪيو ۽ ڪيس سيوائيل جي مناري هيٺ ماريو ويو. هڪ غير لچڪ مستقل مزاجي سبب، جنهن جي زور تي هن آريَنس سان ڪو به سمجهوتو نه ڪيو، نه ته هو پنهنجي سلامتي لاءِ ڪجهه به ڪري ٿي سگهيو. ڪيس وڏن اعزازن سان نوازيو ويو ۽ سينٽ هرمينيگلڊ جي لقب سان سندس ياد ملهائي وئي. سندس زال ۽ پٽ ڪي رومين ذلت سان جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو اهڙيءَ طرح هيءَ گهريلو اٿٻٽ سندن بدقسمتيءَ جو باعث بڻجي وئي ۽ لوويگلڊ جي شاندار دؤر ڪي داغدار ڪري زندگي جي آخري ڏينهن ۾ ڪيس ذاتي طور تي مغموم ۽ مايوس ڪيو ويو.

سندس پٽ ۽ جانشين رڪيئرڊ، جيڪو اسپين جو پهريون ڪئٿولڪ بادشاهه ٿيو، پنهنجي بدقسمت پاڻ وارو عقيدو اختيار ڪيو هو ۽ جنهن کي هن دوراندیشي ۽ ڪاميابيءَ سان نپايو. پنهنجي پيءُ جي خلاف بغاوت جو علم بلند ڪرڻ جي بجاءِ رڪيئرڊ صبر ۽ سڪون سان پنهنجي موت جي گهڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو. پنهنجي ياد جي مذمت ڪرڻ بجاءِ، هن سادگي سان اهو سوچيو هو ته بادشاهه مرڻ وقت آرين مذهب جي غلطين کي قسم تي معاف ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ پنهنجي پٽ کي گاڏن جي مذهبي تبديلي جي سفارش ڪئي هئائين. اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ رڪيئرڊ آرين مذهبي پيشوائن ۽ اميرن جو هڪ اجلاس سڏرايو، پاڻ کي ڪئٿولڪ ظاهر ڪيائين ۽ متن زور رکيائين ته پنهنجي بادشاهه جي مثال جي پيروي ڪن. مشڪوڪ تحريرن ۽ ناقابل اعتبار متن جي معنائن يا وري فيلسوفياڻن دليلن کي جيڪڏهن ڊگهو ڪجي ها ته هڪ اهڙو تضاد ٿي پوي ها جنهن جو ختم ٿيڻ مشڪل ٿي پوي ها تنهن ڪري بادشاهه پنهنجن اڳ پڙهيل ماڻهن آڏو دوراندیشيءَ مان ۽ مستند ۽ ظاهر ۾ نظر ايندڙ دليل پيش ڪيا: هڪ زمين ٻيو بهشت زمين تي نائسين عقيدي جي مجتا هئي، رومي، بربر ۽ اسپين جي رهواسين هڪڙو ئي نظريو يا عقيدو قبول ڪندي نائسين مذهب اختيار ڪري ڇڏيو هو پر وزيگاڏن ان جي مخالفت ٿي ڪئي جيڪي عيسائي دنيا ۾ اڪيلا رهجي ويا هيا. بهشت جي تصديق يا شاهدي لاءِ وهمن وسوسن جي دؤر جو احترام ڪيو پئي ويو يعني فوق الفطرت ڳالهيون يا بيمارين کان هڪدم نجات، اهڙا ڪارناما ڪئٿولڪ عيسائين جي پيشوائن طرفان ماڻهن کي ڏيکاريا ٿي ويا يا وري بيٺيڪا ۾ پاڪ غسل ڏيارڻ(130) جي تقريب ٿيندي هئي جنهن کي ايسٽر(131) جي موقعي تي هر سال وڃايو ويندو هو، ان کان سواءِ ٽورس جي سينٽ مارٽن جا معجزا جن ذريعي سووِي بادشاهه ۽ گئليشيا جا ماڻهو اڳ ۾ ئي پنهنجو مذهب تبديل ڪري چڪا هيا(132). ڪئٿولڪ بادشاهه کي قومي مذهب جي هن اهم تبديلي ۾ بيشمار رڪاوٽن جو مُنهن ڏسڻو پيو. راڻي دواگر طرفان بادشاهه کي مارڻ جي لاءِ مخفي سازش سِٽي وئي ۽ ٻن اميرن گال جي ناربونيز جي علائقي ۾ هڪ خطرناڪ بغاوت برپا

ڪري ڇڏي. پر رڪيئرڊ همت ڪندي سازشين کي ناڪام بڻايو، باغين کي شڪست ڏني ۽ هڪ اهڙو انصاف ڪيو جيڪو تمام سخت هو جنهن کي آريَنس اذيت جو نالو ڏنو. اٺ پادري، جن جي نالن مان لڳو ٿي ته اُهي بربر هيا، پنهنجي غلطي مڃڻ يا سازش جي اعتراف ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته اُنهن جا سمورا ديني ڪتاب ساڙايا ويا ۽ ان گهر کي به ساڙي رَک ڪيو ويو جنهن ۾ اُنهن ڪتابن کي رکيو ويو هيو. وزيگاٿن توڙي سووِي جي سمورن ماڻهن کي لالچ يا 'زور اڳيان زاري' جي چوٽيءَ مطابق ڪٿولڪ بنايو ويو، هڪ اهڙو مذهب جنهن جي لاءِ نئين نسل کي وڏو چاهه پيدا ٿي پيو ۽ اُنهن جو انگ ايترو ته وڌيو جو اسپين جون ڪليسائون توڙي خانقاهون انهن سان پرجي ويون. ستر پادري، ٽوليدو جي هڪ هنڌ تي گڏ ٿيا، پنهنجن فاتحن کان پنهنجي لاءِ ادب ۽ احترام وصول ڪيائون، ۽ اسپين وارن جي مذهبي جوش جذبي سبب نائسين جي عقيدي جي اصولن ۾ وڌيڪ بهتري آندي وئي ۽ اعلان ڪيائون ته روح القدس جو سلسلو پُٽ (حضرت عيسيٰؑ) ۽ ساڻئي وقت پيءُ الله پاڪ جي واحد ذات جيڪو نه ڪنهن جو ڄايل هو ۽ نه ان کنهن کي ڄڻيو هو□) سان جڙيل هو؛ هي هڪ نئين اصول جو اهڙو ته وزندار نقطو هو جنهن گهڻي عرصي کان پوءِ يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جي وچ ۾ هڪ وڏو اختلافي مسئلو پيد اڪري ڇڏيو(133). مذهب متائڻ واري شاهي ماڻهو هڪدم پوپ گريگري، جنهن کي عظيم جو لقب ڏنو ويو هو جو وجي سلام ڪيو ۽ ڪائنس صلاح مشورا ورتا جيڪو هڪ وڏو عالم ۽ سردار هو ۽ جنهن جي دؤر ۾ گهڻي ۾ گهٽا بي دين ۽ لامذهب ماڻهو ڪٿولڪ ٿي ويا هيا. رڪيئرڊ جي سفيرن وٽيڪن جي چانئڻ تي وجي سون ۽ هيرن جا نذرانا پيش ڪيا؛ ۽ سفيرن کي سينٽ جان پاڪائي سان غسل ڏيندڙ جا وار کين تبرڪ طور ڏنا ويا، ان کان سواءِ هڪ صليب جنهن ۾ سچي ڪاٺ جو هٿيو فٽ ٿيل هو ۽ هڪ چابي جنهن ۾ لوهه جا ڪجهه ٽڪرا ڳنديل هيا جن کي سينٽ پيٽر(134) جي هار مان هٽ ڪنيو ويو، کين تحفي ۾ ڏنا ويا.

ساڻيي گريگري، جيڪو برطانيہ جو روحاني فاتح هو(*) لومبارڊس جي راڻي ٽيوڊيلينڊا کي آماده ڪيو ته فاتح جهنگلين ۾ نائسين عقيدي جو پرچار ڪري جن جي تازي عيسائيت کي آرين مُرتدن گندو ڪري ڇڏيو هو. سندس خلوص وارين ڪوششن مذهبي پرچارکن لاءِ رستو هموار ڪيو ۽ اٽلي جا ڪيترائي شهري مخالف پادرين جي سخت رَوش کان بيحد پريشان هيا. پر سچ جڏهن ڪُلي ڪري ماڻهن جي سامهون آيو ته آرين عقيدو ڪافي حد تائين دٻجي ۽ پنتي پئجي ويو. سچ کان سواءِ ماڻهن جي دلچسپي ۽ ڪجهه ٻيا مثال ۽ واقعا به ان عقيدي کي پنتي ڪرڻ جو ڪارڻ هيا ۽ ٻيو وري هڪ جهڳڙو يا تضاد پيدا ٿي پيو جنهن کي مصر وارن افلاطون جي فلسفي جي اسڪول مان اخذ ڪيو هو تان جو اهو تضاد ٽن سؤ سالن جي جنگ کان پوءِ تڏهن وجي ختم ٿيو جڏهن اٽلي جا لومبارڊس آخري فيصلو ڪري پنهنجو مذهب متائي آجا ٿي ويا(135).

اڳيان پرچارڪ، جيڪي بربرن کي انجيل جي تعليم ڏيندا هيا، دليلن جي شاهديءَ تي اعتبار ڪندا هيا تنهن ڪري وٽن صبر ۽ برداشت گهڻي هوندي هئي(136). پر جيئن ئي هنن پنهنجون روحاني حڪومتون ناهيون ته رومي توڙي بربرن جي وهمن وسوسن جي ادارن کي بنان کنهن رحم جي برباد ڪرڻ لاءِ هنن عيسائي بادشاهن تي سخت زور ڀريو. ڪلووِس جي پوئلڳن اُنهن هارين کي سؤ ڦٽڪا هڻايا جن پنهنجن بتن کي ڌاهڻ يا ختم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو، شيطانن اڳيان قرباني ڪرڻ جي ڏوهه

کي ائنگلو- سئڪسَنس جي قانون موجب سزائون ڏنيون ويون جن ۾ قيد ۽ ملڪيت جي ضبطي شامل هئي پر ڏاهو الفرڊ ايجا به اڳتي ويو ۽ حضرت موسيٰ ؑ جي دؤر جي ادارن جي سخت سزائن کي ٻيهر رائج ڪري ڇڏيو(137). پر اهڙين سزائن توڙي ڏوهن جي خاص نوعيت کي عيسائين طرفان ختم ڪيو ويو ۽ افلاطون جي فلسفي جي اسڪولن کي به جهالت سان ختم ڪيو ويو ۽ اسهپ جي جذبي کي نه ته بت پرستي ۽ نه وري مرتد ئي مليا چاڪاڻ ته هاڻي يهودين لاءِ اذيتون شروع ٿي چڪيون هيون. هن قوم، جنهن کي جلاوطن ڪيو ويو هو، پنهنجون عبادت جون جڳهون گال جي ڪجهه شهرن ۾ قائم ڪيون هيون، پر اسپين ۾، هئبرئن جي وقت کان وٺي،سندن بيشمار ڪالونيون هيون(138). جيڪا دولت هنن وٽج واپار ۽ ناڻي کي صحيح طريقي سان استعمال ڪرڻ ذريعي پاڻ وٽ جمع ڪئي هئي، سندن ئي مالڪ ان دولت جا حاسد بڻجي ويا ۽ اُنهن تي اذيتون لاڳو ڪرڻ ۾ هاڻي کو به خطرو ڪونه هو ڇو ته هنن کان هٿيارن جو استعمال توڙي اُنهن جي يادگيري ئي وسري وئي هئي. سِسبٽ، هڪ گاٿ بادشاهه، جنهن سترهين صدي عيسوي جي شروعات ۾ حڪومت ڪئي هئي، اُهو اذيتن جي سلسلي ۾ انتها تائين هليو ويو هيو(139). نوي هزار يهودين کي زوري عيسائي بڻايو ويو ۽ جن ٿوري به مزاحمت ڪئي ته اُنهن جي ملڪيتن کي ضبط ڪيو ويو ۽ سندن جسمن تي تشدد ڪيو ويو ۽ کين پنهنجي ملڪ مان تڙيو ويو يا نه، ان ڳالهه جي تصديق نه ٿي سگهي آهي. ڪئٿولڪ بادشاهه جي جنباتيت کي ڪجهه اعتدال ۾ آندو ويو جنهن ۾ اسپين جي مذهبي پيشوائن جو اهم ڪردار رهيو، جن پنهنجي غير متوازن فيصلي ۾ طئي ڪيو ته ماڻهن کي زوريءَ عيسائي نه بڻايو وڃي پر اُهي يهودي جن کي اڳ ۾ ئي پاڪ غسل ڏياريو ويو هيو اُنهن تي ايترو زور ضرور پرجي ته اُهي ڪليسا جو احترام ڪن ۽ گهٽ ۾ گهٽ ان مذهب جي ظاهري عزت ته ڪن توڙي جو هو ان کي ڏڪاريندا هجن يا جنهن کي هو دل سان نه مڃيندا هجن. پر ڪڏهن ڪڏهن انهن اصولن جون ڀڃڪڙيون ٿيندیون رهنديون هيون تنهن ڪري سِسبٽ جي پوئلڳن سڄي قوم کي ملڪ بدر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته جيئن کو به يهودي سندن ملڪ ۾ نه رهي سگهي ۽ ٽوليدو جي هڪ اجلاس ۾ هڪ فرمان کي ڇپرائي ماڻهن ۾ ورهايو ويو جنهن ۾ هڪ پابندي لڳائي وئي ته هر هڪ گاٿ بادشاهه کان قسم کڻايو وڃي ته اُهي ان فرمان سان سچا رهندا ۽ پوري سختيءَ سان ان تي عمل به ڪرائيندا. پر آمر ۽ ظالم حڪمران پوءِ به ماڻهن مٿان عقوبتيون ڪندا آيا ۽ کين اذيتون ڏيندا آيا ۽ پنهنجي پاڻ کي محنتي غلامن کان محروم ڪري ڇڏيايون ۽ سوچيائون ته مٿن پڻ اذيتون جاري رکيون وڃن. يهودي ايجا به اسپين ۾ موجود هيا ۽ اُنهن کي مجبور ٿي ڪليسائي قانونن هيٺ رهڻو هو ۽ ملحدن يا لامذهبن لاءِ جيڪي سندن اصول ۽ ضابطا نهيل هيا اُنهن منجهان به کين گذرڻو هو. آخرڪار گاٿن جي بادشاهن توڙي پادرين محسوس ڪيو ته جيڪي اذيتون ۽ عذابت هنن يهودين کي ڏنا ٿي، انهن سان نه رڳو اُنهن جي دلين ۾ عيسائيت لاءِ نفرت پيدا ٿيندي پر ڪنهن مناسب موقعي ملڻ تي هو انتقامي ڪاروائي به ڪري ٿي سگهيا. هڪ قوم يا وري ائين ڪٿي ڇڄجي ته عيسائيت جا ڪُجها ۽ ڇٽا دشمن، غلامي، ڏکن ۽ اذيتن جي دؤر ۾ گهٽي تعداد ۾ وڌي ويا ۽ يهودين جي سازشن جي ڪري عربستان کان فاتح نڪري نروار ٽيا جيڪي تيزيءَ سان وڌيا ۽ طاقتور ٿي ويا(140).

جيئن ئي بربرن پنهنجي طاقتور حمايت ڪرڻ ڇڏي ڏني ته آرين جي لادينيت، نفرتن ۽ ويساري جي وهڪري ۾ لُڙهي وئي. پر يونانين پنهنجي مد براٿي ۽ تقرير بازي واري پنهنجي سجاٿپ کي

برقرار رکيو ۽ هڪ اهڙو اصول يا ضابطو جيڪو وقتائتو نہ هيو، ان کي ٻيهر جيارڻ سان نوان سوال اٽيا ۽ نوان فتنا پيدا ٿيا ۽ اهو سدائين اميرن، ويراڳين ۽ پادرين جي وَس ۾ هوندو هو تہ جڏهن وڻندو هين تڏهن ڪليسا توڙي پوري شهنشاهت جي امن امان کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندا هيا. شهنشاهت جو تاريخدان شايد اُنهن جهڳڙن ۽ فسادن جي قصن کي نظر انداز ڪري ڇڏي جن جو تعلق فلسفي جي اسڪولن يا پئنچائتن سان هيو. مئنيڪيَنس، جن جي ڪوشش هئي تہ ڪنهن طرح سان حضرت عيسيٰؑ ۽ زرتشت جي مذهبن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻجي، چپ چاپ ۾ صوبن جي اندروني علائقن ۾ پکڙجي ويا هيا پر هي ٻاهريان ڪٽر مذهبي ماڻهو دليل بازن جي لاءِ آزار ۽ بي عزتي جو باعث ٿيل هيا ۽ شاهي قانون وري اهڙا هيا جن تي عمل ڪرڻ سان ماڻهن ۾ نفرت وڌي ويندي هئي. پليجيَنس جي دليلن واري فلسفي جي، برطانيہ کان وٺي روم، آفريڪا ۽ فلسطين تائين مشهوري ڪئي وئي پر اُهي اثر انداز نہ ٿي سگهيا ۽ وهمن وسوسن جي گمنامي ۾ غرق ٿي ويا. پر مشرق وري نسٽوريَن ۽ يوريچيَن تضادن جي ور چڙهي ويو هيو جن وري ٻيهر انساني روپ ونڻ جي رازن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ۽ سندن ڪوششن عيسائيت کي پنهنجي ئي گهر ۾ تباهہ ٿيڻ جو پورو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. هي تضاد پهريون پيرو ننڍي ٿوڊوسيَس جي دؤر ۾ اُپريا هيا پر اُنهن جا نتيجا اهڙا نڪتا جيڪي شايد ڪتاب جي هن جلد کان وڌي گهٽو اڳتي هليا وڃن. مابعدالطبيعات يا ڳوڙهي فلسفي جا بحث مباحثا، ڪليسائي چٽاپيٽي ۽ تضاد ۽ بازنطيني شهنشاهت جي زوال تي سندن اثر شايد تاريخ کي مرتب ڪرڻ لاءِ دلچسپ مواد مهيا ڪن ۽ اهو سلسلو ايفيَس ۽ ڪالسيڊن جي عمومي ڪائونسلن کان وٺي مُحَمَّد ﷺ جي شيداين طرفان اوپر جي فتحن تائين هليو ٿو وڃي.

باب ستٽيهون
(حاشين بابت وضاحتون)

(1) ويراڳين جي اداري جي شروعات جو ذڪر وڏي محنت سان ٿوماسن (انگريزن جو نظر ۽ ضبط i,1419-1426) ۽ هيلاٽ (ويراڳين جي تاريخ جو سلسلو i,1-66) ۾ ڪيو آهي. هي ٻئي مصنف وڏا عالم ۽ ايماندار آهن. ۽ اُنهن جو پاڻ ۾ نظرياتي اختلاف هن موضوع کي اڃا وڌيڪ واضح ٿو ڪري. تنهن هوندي به ڪو پروٽيسٽنٽ مصنف وڌيڪ احتياط ڪندي پادري مصنفن تي اعتبار نٿو ڪري، تنهن ڪري ٻنگهم جو ستون ڪتاب 'عيسائن جي قديم تاريخ' جو مطالعو ضرور ڪيو وڃي.

(*) (معمولي).

(2) ڈسو يوسيبيَس کي 'انجيل جي وضاحت' ۾ (i,20-21 جنهن کي گريس رابنسن استفاني، پئرس ۾ 1545ع ۾ ايڈٽ ڪيو). پنهنجي ڪليسائي تاريخ ۾ جيڪا يوسيبيَس جي ڪتاب 'انجيل جي وضاحت' کان ٻارهن سال پوءِ ڇپي هئي، ان ۾ ٿيراپيٽي جي عيسائيت جي موقف جي تائيد ڪئي وئي آهي، پر هو ان ڳالهه کان بيخبر رهيو آهي ته اهڙو ئي هڪ ادارو مصر ۾ وري شروع ڪيو ويو هو.

(3) ڪئسين (xviii,5) سينوبائيٽس (ويراڳين جو اُهو ضبقو جيڪو ماڻهن سان ملڻ جلڻ کي عيب نٿو سمجهي) جي اداري جي اصل بابت لکڻ جي دعويٰ ٿو ڪري. هي ادارو هڪ دفعو تباهيءَ طرف وڃي وري جيئرو ٿي پيو ۽ ڪيس جيارڻ جو ڪارنامو ائٿنيي ڪيو ۽ ان جي پوئلڳن اڃا ان کي اڳتي وڌايو.

(†) ائنڪورائيٽس (ويراڳين جو اهو ٽولو جيڪو عام ماڻهن سان نه رڳو ملڻ جلڻ کي پسند نٿو ڪري پر اُنهن کان ڪوهين دؤر ويرانن ۾ وڃي ٿو رهي ته جيئن دنيادار ماڻهن جو پاڇو به مٿن نه پوي).

(4) 'خدائي فلسفو اسان جي وڏي ۾ وڏي ملڪيت آهي جيڪو انسان ذات کي عطا ٿيو آهي'. هي لفظ سوزومين جا آهن جيڪو وڏي تفصيل ۽ خوشدليءَ سان ويراڳين يا سنياسين جي فلسفي تي روشني وجهي ٿو. (i,12-14) (ڈسو سوئسر، ڪليسائي تاريخ- ii,1441) ڪجهه جديد ليکڪن جيئن لِپسيَس (iv,448 استائڪن جو فلسفو ii,13) ۽ لاموٽيلا ويئر (ٽام- ix، ڊي- لاورٽو ڊيس پينس، صفحا 262-228) انهن ليکڪن ويراڳين ۽ تياڳين جي جدا جدا ٽولن جو ذڪر ڪيو آهي.

(5) ڪارميلائيٽس جو حسب نسب حضرت الياسؑ پيغمبر سان ٿو وڃي ملي (ڈسو بيزيئرس جو اهم تحريري ڪم جيڪو 1682ع ۾ ڇپيو) روم ۽ اسپين ۾ ملحدن خلاف پڇا ڳاڇا ۾ فلانڊرس جي جيسُئسٽس خلاف لاديني تنقيد کي خاموش ڪرايو ويو هو (هيلاٽ- ويراڳين جي تاريخ، i,282-300) حضرت الياسؑ جو مسجمو 'ڪئميلائيٽ جي عنوان سان سينٽ پيٽر جي ڪليسا ۾ نمايان ڪري بيهاريو ويو آهي. (ساموندي سفر، لباٽ- iii,87).

(6) پلني، فطري تاريخ (v,15) هو اُنهن کي ڏنڊ جي زهريلي اثر کان اڳتي وڌي وڃي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته اِنگاڊي ۽ مسادا ويجهي ۾ ويجها شهر هيا. سينٽ ساهَس جي جهوپڙي ۽ سندس خانقاهه هن هنڌ کان گهٽو پري نه هيون. (ڈسو ريلنڊ، فلسطين جي تاريخ، 890,880,874,763,ii,295,i).

(7) ڈسو اٽنئسيَس (505-ii,450 ۽ پئٽرم 1628 صفحا 74-26 جن ۾ روسويڊ طرفان کجهه واڌارا کيا ويا آهن) پهرئين جو تعلق يونان ۽ پويون تمام قديمي لاطيني نسخو آهي جنهن کي اِوئگريَس لکيو جيکو سينٽ جيروم جو دوست هيو.

(8) 'هن لکڻ پڙهڻ کي سکڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو'. (اٽنئسيَس ٽام ii، سينٽ انٽونيو ۾ ص 452) ۽ ان ڳالهه جي ڪيترن ئي قديمين توڙي جديدين تصديق ڪئي آهي ته هو پورو پورو جاهل هيو. پر ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون vii,666) کجهه دليلن سان اسان کي ٻڌائي ٿو ته هو ڪاپٽڪ ٻوليءَ ۾ پڙهي لکي سگهندو هو جيکا هن جي مادري زبان هئي، پر اها پڪ آهي ته ڪيس يوناني زبان کانه ايندي هئي. فيلسوف سنيسيَس (ص 51) اها ڳالهه تسليم ٿو ڪري ته ائٽنني ذهني طرح ايترو تيز هو جو ڪيس لکڻ پڙهڻ جي ڪا ضرورت ئي کانه هئي.

(9) 'هن وٽ ٽي سؤ اروري زمين هئي. (وٽ پئٽرم i,36) جيکڏهن اورا هڪ سؤ مصري چؤڪور ڪيوبٽس جي برابر هجي (روسويڊ وٽ پئٽرم صفحا 1015-1014) ۽ مصر جي هر دؤر جو ڪيوبٽ ٻاويهن انگريزي انچن جي برابر هجي (گريوز i,233) ته پوءِ ان حساب سان اورا انگريزي ايڪڙ جي ٽئين حصي جي برابر وجي ٿيندو.

(10) جيروم، خانقاهه جو چگيءَ طرح تذڪرو ڪيو آهي. وٽ هلئرين ۾ 249-i,248 ۽ پي سڪاردِ (پرچارڪن جي تذڪري ۾، 200-122-v). پر سندن احوال هڪ ٻئي سان پيڇي ئي نٿو، پيءُ پنهنجون تصوراتي تصويرون پنهنجي اندر ۾ ناهيون ۽ جيئٽ پنهنجي تجربي سان اڳتي وڌيو.

(11) جيروم 1,146 (22) (لاسيئڪ جي تاريخ باب 3، وٽ پئٽرم ۾ ص 712) پي اسڪاردِ اتي ويو جتي هن بيابان جو تذڪرو ڪيو آهي. جتي چار خانقاهون ۽ ويهه يا ٽيهه ويراڳي موجود هيا. (ڈسو ڊي ائنول (مصر جي تذڪري ۾ ص 74).

(12) تابين، نيل نديءَ جي ٽئٽريا جي ضلعي ۾ هڪ ننڍو ٻيٽ آهي جيکو جديد شهر گِرج ۽ قديم ٿيبس جي ويرانن جي وچ تي آهي. (ڊي، ائنول، ص 194) ايم، ڊي ٽليمانٽ کي شڪ ٿو پوي ته اها جڳهه ٻيٽ هيو يا نه، پر مون سندس ئي بيان ۽ ٻڌايل حقيقت مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته اوائلي نالو بعد ۾ هڪ وڏي خانقاهه تي رکيو ويو هو. (ڪليسائي يادگيريون، 688,678,vii).

(13) ڈسو اصول ۽ ضابطا، (جن کي لوڪاس هولسٽينيَس روم ۾ ڇپرايو هو. (1661) جيکو جيروم جي لاطيني ڪتاب 'پيچوميس جي حڪومت' جي مهاڳ ۾ لکيو ويو هو. (i,61).

(14) روفن، باب 5 (وٽ، پئٽرم ۾، ص 459) هو اُنهن کي ياد ڪري ٻارهن ڪليسائن جو ذڪر ٿو ڪري. اسٽرابو (xvii,1166) ۽ اميئينس (xxii,16) آڪسرنچَس جي ماڻهن جو احترام سان ذڪر ڪيو آهي. جنهن جا رهواسي هڪ شاندار مندر ۾ هڪ ننڍي مڇيءَ کي پوڄيندا هيا.

(15) روفن، باب 7 (وٽ، پئٽرم ۾، ص 461. هو بهتر تبديليءَ تي پنهنجي طرفان ماڻهن کي مبارڪون ٿو ڏئي).

(16) جيروم، روم ۽ اٽلي جي خانقاهي زندگيءَ جو بلڪل مختصر احوال ڏنو آهي. (i,119-20,199).

(17) ڏسو هلئريَن جي زندگي جنهن کي سينٽ جيروم بيان ڪيو آهي. (i,241,252) پال، هلئريَن ۽ مئلچَس جا قصا جيڪي ساڳئي مصنف بيان ڪيا آهن پر اُنهن ۾ جيڪو نقص آهي تہ اهڙن سهڻين ڪهاڻين ۾ سچ ۽ عام فهم وارين ڳالهين جي ڪوٽ آهي.

(18) سندس پاڻ سڙئريا مان نہ پر اِرس ندي جي ڪنارن تي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ٿي هئي. سندس خانقاهي زندگي جا ڏهہ يا ٻارهن سال اجائي خيالن ۾ ضايع ٿي ويا هيا. ڪجهہ نقادن سندس درويشي اصولن جي يقيني هئڻ تي شڪ جو اظهار ڪيو آهي، پر ٻاهريون شاهديون وڌيڪ وزندار آهن ۽ اُنهن کي اهو ثابت ڪرڻو آهي تہ اهو ڪم ڪنهن سچي ماڻهوءَ يا وري ڪنهن نقلي ماڻهوءَ جو آهي. ڏسو ٽليمانٽ (ڪليسائي يادگيريون، ix ص، 633-644) هيلاٽ .(خانقاهي تاريخ جو سرشتو، 181-i,175).

(19) ڏسو سندس زندگيءَ کي ۽ سلپيشيَس سيورَس جي جملن تي بہ غور ڪريو جيڪو چوي ٿو (گفتگو، i,16) تہ روم جا ڪتاب فروش، سندس مشهور ڪتاب وڪرو ڪري ڏاڍا خوش رهندا هيا.

(20) جڏهن هلئريَن پئريٽونيم کان ڪيپ پئچئس طرف ساموندي سفر ڪيو تہ هن پنهنجي مسافريءَ جو ڪرايو پاڪ ڪتابن جي صورت ۾ ڏيڻ چاهيو. گال جو هڪ ويراڳي پوسٽومين جيڪو مصر ويو هو، ان ڏٺو تہ هڪ ساموندي جهاز اليگزئندريا کان مرساءِ روانو ٿيڻ وارو هو ۽ ان ٽيهن ڏينهن ۾ پنهنجو سفر پورو ڪيو. (سلپيشيَس سيورَس گفتگو، i,1) اٽنئسيَس، جنهن سينٽ ائنٽني جي زندگيءَ بابت ٻاهريَن ويراڳين کي ڪجهہ ٻڌايو هو، ان تڪڙ ۾ ڪي خوبصورت جملا لکي ورتا تہ جيئن جهازن جي رواني ٿيڻ وقت هو بہ جلد تيار ٿي سگهن. (ii,451).

(21) ڏسو جيروم (i,126) مشرق جو انجيل (vi,92,857,919) ۽ گيبس (اٽوپيا جي ڪليسائي تاريخ، صفحا 31-29) حبش جا ويراڳي قديم ادارن کي وڌيڪ اهميت ڏين ٿا.

(22) ڪيمبين جو برٽئنيا (i,666-667).

(23) علم يا ڄاڻ ذريعي جيترو ۽ جيڪو ڪجهہ بہ اوناهي دؤر مان حاصل ڪري سگهجي ٿو سو وڏي پادري اُشر ڪيو ورتو. (برطانيہ جون قديم ڪليسائون، 503-xvi,425).

(24) آيونا، جيڪو ننڍو پر ويران هنڌ ناهي جنهن جو ٻيو نالو ڪولمبڪل آهي ڊيگهہ ۾ ٻہ ميل ۽ ويڪر ۾ هڪ ميل آهي، سو هنڪري مشهور آهي: (1) سينٽ ڪولمبيا جي خانقاهہ جنهن جو بنياد 566 عيسوي ۾ وڏو ويو هو ۽ جنهن جي سرواڻ ڪئليڊونيا جي پادرين خلاف سخت قدم کنيا هيا. (2) معياري لائبرري جنهن مان اها اُميد پيدا ٿي هئي تہ شايد لِوي جا سيئي ڪتاب اُتي موجود هجن. (3) سٽ بادشاهن جا مقبرا جن ۾ اسڪاٽلئنڊ، آئرلئنڊ، ۽ ناروي جا بادشاهہ دفن آهن ۽ جن جي پنهنجي خواهش هئي تہ اُهي هن پاڪ زمين ۾ ابدي آرام ڪن. (ڏسو اُشر ڪي،

صفحا 311,360-370) ۾ بڪانن جو به مطالعو ڪجي (جنهن ڪتاب اسڪاٽ ڇپرايو جنهن کي رُڊيمئن ايڊٽ ڪيو).

(25) ڪرسوسٽم (دعا ۾ رحمتن واري ايڊيشن ۾) خانقاهي زندگي جي تعريف ۽ ان جي حمايت ۾ پنهنجا ٽي ڪتاب ارپي ڇڏيا آهن. هو حضرت نوحؑ جي ٻيڙي جو مثال ٿو ڏئي ۽ سندس عقيدو آهي ته طوفان وڪوڙيل ان ٻيڙيءَ ۾ ويراڳين کان سواءِ ٻيو ڪو به نه بچندو. (i,55-56). پنهنجي تحرير ۾ هر جڳهه تي هو رحم دل نظر ٿو اچي. (iii,83-84) ۽ مختلف شاندار نشانين جو ذڪر ٿو ڪري جيئن سج، چند، ۽ تارا. بادشاهه ۽ ويراڳي جي پاڻ ۾ دلچسپ پيٽ ڪندي (iii,116-121) هو اندازو ٿو لڳائي (جيڪو شايد مناسب نٿو لڳي) ته بادشاهه کي ڪو انعام ته مشڪل ملي پر جڏهن ڪيس سزا ملندي ته اُها تمام سخت هوندي.

(26) ٿوماسن (انگريزن جو نظم ۽ ضبط، i,426-469) ۽ مئبيلان (مرڻ کان پوءِ شايع ڪيل تحرير، ii,115-158) تياڳي، ڪليسائي وڏن رتبن وارا ليکيا ويندا هيا.

(27) مدلٽن (i,110) ڪرسوسٽم جي تحريرن توڙي سندس روَيي جي مذمت ٿو ڪري جيڪو هونئن خانقاهي زندگي جو وڏي ۾ وڏو وڪيل ۽ تقرير جو ماهر رهيو آهي.

(28) جيروم جي اهم تحريرن ۾ ڪن خاص عورتن جو به ذڪر ڪيل آهي ۽ خاص طرح هن پالا جي لاءِ هڪ ڪتبي تي وڏو مضمون لکيو هو ((108) 192-169 ,i) ان کي واضح ۽ وڏين مدح سراين ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سندس تعارفي بيان ڪِلٽ جهڙو ۽ وڏاءَ تي مبني آهي. جيڪڏهن منهنجي جسم جا سيئي حصا زبانن ۾ بدلجي وڃن ۽ منهنجن سيني عضون مان انساني آواز اچڻ شروع ٿي وڃن ته پوءِ پي شايد آءٌ ان قابل نه هوندس ته سندس تعريف جو حق ادا ڪري سگهان.'

(29) جيروم (i, 140 ۽ يوسٽوچيم) روفينس (هيرونيَم ۾ iv, 223) جنهن تي بيجا تنقيد نه ڪئي وئي هئي. پنهنجي دشمن کان پڇي ٿو ته: 'ڪهڙي لادييني شاعر کان هن اهڙو ناپاڪ ۽ فضول اظهار جو طريقو چوري ڪيو هو؟'

(30) ٿوماسن (انگريزن جو نظم ۽ ضبط، iii, 1094) جنهن مصر جي ماٿهو آرسينسِس تي الزام مڙهيو هو، ان مجيو هو ته هن ڏنار جي مقابلي ۾ هڪ ويراڳي جي حيثيت ۾ وڏيڪ سُکي ۽ خوشگوار زندگي گذاري هئي. ڈسو ٽيلمانٽ (ڪلسائي يادگيريون xiv, 679).

(31) ڊومينيڪا جي هڪ ويراڳي (لباٽ جو ساموندي سفر، i, 10) جيڪو ڪاڊز ۾ رهندو هو، پنهنجن برادري وارن ۾ ڳالهيون ڪندي ڪيس معلوم ٿيو ته سندس ننڍ آرام ۾ ڪڏهن به خلل نه آيو هو توڙي جو رات جو هن عبادتون ڪيون هيون ته ان ڳالهه جو ڪيس سخت افسوس ٿيو.

(32) لوڪس هولسٽينيَس جو اصولن ۽ متن بابت لکيل هڪ مهاڳ ڈسو. شهنشاهن جي اها ڪوشش هوندي هئي ته ذاتي توڙي حڪومتي ڊيوٽين ڈي پوريءَ طرح توجهه ڈين پر جيڪي ڪمزور ماٿهو هيا اُهي آسانيءَ سان وهمن وسوسن جي لهرن منجهه لڙهي ويندا هيا، هن سلسلي ۾ جسٽينين ويراڳين جي اُميدن کان به اڳتي وڌي ويو. (ٿوماسن، 1799-1782 ,i) ۽ بنگهم vii, 3, 253).

(33) خانقاهي ادارن، خاص طرح اُهي جن جو 400ع ۾ مصر سان تعلق هيو، جو ذڪر چئن مدبر ۽ مذهبي سياحن وڏي چاهه سان ڪيو آهي. روفينس (وٽ- پئٽرم 536 ,424 ,iii ,ii) پوسٽومين

(سلپيشيَس سيورَس، گفتگو-I) پئليديَس (تاريخ، لازيئق، وٽ، پئٽروم ۾، صفحا 709-863 ۽ ڪئسيَن (ڏسو ٽام ۾ vii) ادارن بابت هن جا پهريان چار ڪتاب ۽ اجلاس گهٽو ڪجهه ٻڌائن ٿا.

(34) مئلچَس جو مثال (جيروم، i, 256) ۽ ڪئسين توڙي سندس دوست جي ڏيزائن (xxiv-1) سندن آزاديءَ جون اهڙيون شاهديون آهن جن کي رد نٿو ڪري سگهجي. جنهن کي ايراسمَس پڻ جيروم جي زندگيءَ ۾ بيان ڪيو آهي ڏسو ڪالدرن کي (عيسائي رسمن جي تاريخ ۾، vi, 279-300).

(35) جسٽينين جي قانونن کي ڏسو نوويل- cxxiii نمبر 42 ۽ ساڳي وقت نيڪ لوئس جو مطالعو ۽ ڪيو وڃي، (فرانس جي تاريخ ۾، vi, 427) ته ساڳئي وقت فرانس جي پنهنجي قانون مطابق ۽ ان کي ڏسجي. (ڊينيسارٽ- iv, 855 وغيره)

(36) قديمي متا ۽ اصول جن کي پارسا ائنيئينيمس گڏ ڪيو هو ۽ جنهن کي نائين صدي عيسوي جي شروعات ۾ سناسين يا ويراڳين جو سُڌارڪ چيو ويندو هو، سندس تحريرن کي سترهين صدي عيسوي ۾ ليوڪس هولٽينيَس ڇپرايو هو، ان ۾ مردن ۽ عورتن لاءِ ٽيهارو ڪن مختلف اصول ۽ قاعدا بيان ڪيل آهن. هنن منجهان، ستَ مصر ۾، هڪ مشرق هڪ ڪپاڊوشيا، هڪ ائٿلي، هڪ آفريڪا، چار اسپين، اٺ گال، يا فرانس ۽ هڪ انگلنڊ ۾ شايع ٿيو هو.

(37) ڪولمبئس جي اصول، جيڪو اولهه ۾ ڪافي مشهور هو، مطابق ننڍن ڏوهن تي مجرم کي هڪ سؤ ڦٽڪا هنيا ويندا هيا (متا ۽ اصول، ii, 174) چارليمئگني کان اڳ ويراڳين جا سرواڻ پنهنجن سنياسين کي زخمي ڪري سندن شڪل بگاڙي ڇڏيندا هيا يا وري سندن اکيون ڪڍي ڇڏيندا هيا ۽ هيءَ سزا هڪ اونهي غار جهڙي تهه خاني واري عقوبت کان گهٽ ظالماڻي هوندي هئي. مئبيلن جو هڪ تعريف جوڳو مڪالمو ڏسو (پوسٽوميَس 321-336 ii,) جيڪو هن موقعي تي انسانيت جي جذبن کان گهٽو متاثر ٿئي ٿو. اهڙي ڪوشش ڪرڻ لاءِ، مان ڪيس ويندوم جي پاڪ ڳوڙهن ڳاڙڻ لاءِ، معاف ڪري سگهان ٿو. (صفحا 361-399).

(38) سلپيشيَس سيورَس، گفگتو (i, 12-13, 532 وغيره) ڪئسيَن ادارو (iv, 26-27) 'پهريون ۽ خاص اخلاق فرمانبرداريءَ جو آهي.' بزرگن جي قولن ۾ (وٽ، پئٽرم، v, 617) چوڏهون مڪالمو فرمانبرداريءَ بابت آهي ۽ جيسيئسٽ روسويد جنهن پنهنجي ڪتاب جو هڪ وڏو جلد فقط سنياسين لاءِ ڇپرايو هو، ان ڪوشش ڪري هيڏي هوڏي ٽڙيل پکڙيل مواد جمع ڪري هڪ وڏي فهرست شايع ڪرائي هئي.

(39) ڊاڪٽر جارٽن (ڪليسائي تاريخ تي تبصرو، iv, 161) ڪپاڊوشيا جي ويراڳين جي فضول ۽ بدناميءَ واري طاقت کي محسوس ڪيو جنهن جو مظاهرو ڪرسوسٽم جي ملڪ نيڪالي وقت ڪيو ويندو هو.

(40) ڪئسيَن سادگي پرڪشادگيءَ سان مصر جي خانقاهي عادتن کي بيان ڪيو آهي. (ادارو، ڪتاب-i) جنهن سان سوزومين هڪ تمثيلي يا استعاراتي معنيٰ پنهنجي طرفان منسوب ڪئي آهي.

(41) پارسائيءَ جو قانون نمبر 55 (متا ۽ اصول، ii, 51)

(42) فيرولَس جو اصول ڏسو جيڪو اُفيز جو پادري هو. (متن ۽ اصولن جو نمبر 31، ii, 136) ۽ اِسيبور سيوائل جي پادري جا اصول (متا ۽ اصول، نمبر 13، ii, 214).

(43) هتن ۽ پيرن لاءِ ڪجهه رعايت حاصل ڪئي وئي هئي، 'پر ڪوبه پاڻ کي مرهم تيسين نٿو لڳائي جيستائين سندس جسم بلڪل ڪمزور ٿي وڃي يا وري پنهنجي اڳهاڙي جسم کي تيستائين ڪوبه نٿو ڏوئي جيستائين مٿس جسماني سُستي غالب نه اچي وڃي. (پيچوميَس جا اصول، xcii, i, 78)

(44) سينٽ جيروم سخت پر ڪجهه نادانيءَ جهڙن لفظن ۾ روزي رکڻ يا مانيءَ کان پرهيز ڪرڻ جي اهميت تي روشني وجهي ٿو. سندس لفظ: "الله تعاليٰ جيڪو سڀي ڪائنات جو خالق ۽ جڳ جهان جو مالڪ آهي، ان کي اسان جي سکٽي پيٽ رهڻ يا بُک ڪاٽڻ جي ڪا پرواهه ڪانه آهي، پر روزو اسان جي لاءِ انڪري بيحد ضروري آهي ته اسان ٻي ڪنهن به طريقي سان پنهنجي شرمساريءَ کي لڪائي نٿا سگهون." (ايسٽوچيَم i, 137) ڪئسين جا مسودا وغيره.

(45) 'يونانين ۾ ڏؤ ڪري ڪائڻ کي هيڇ ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته گالن ۾ گهٽو ڪائڻ سندن فطرت ۾ شامل آهي.' (گفتگو، i, 4, 521) ڪئسين تسليم نٿو ڪري ته گال ۾ مانيءَ کان پرهيز ڪرڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي ڇاڪاڻ ته آبهوا به اهڙي آهي ٻيو وري اسان ۾ ڪجهه ڪمزوريون به آهن. (ادارو- iv, 11) مغربي اصولن موجب ۽ خاص طرح ڪولمبئس ته نهايت ئي سادگي پسند آهي ڇو ته سندس تعليم ئي آئرلئنڊ جي مفلسيءَ جي دؤر ۾ ٿي هئي، تنهنڪري هو سخت ۽ ايتروئي غير لچڪ آهي جيترا مصر جا ماڻهو فطري طور ڪائڻ پيئڻ ۾ اعتدال پسند آهن، سيوائل جي اسيبور جو اصول اعتدال وارو آهي تنهنڪري هو گوشت واپرائڻ جي تلقين فقط موڪل وارن ڏينهن تي ڪري ٿو.

(46) 'اُهي جيڪي فقط پاڻي پيئن ٿا، ۽ نشاستي واري ڪاڌي کان محروم رهن ٿا ته اُنهن کي گهُرجي ته اُهي گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ پائونڊ ماني يا بريڊ هر روز کائن.' (جيلن جي حالت، ص 40 جنهن کي هوورڊ لکيو ۽ 1777ع ۾ ڇپيو.

(47) ڏسو ڪئسين جو مسودو (ii, 19-21) فقط ننڍا مانيءَ جا ٽُڪر يا ڇَهن آئونسن جي تور جيترا بسڪوٽ کائڻ جي اجازت هوندي هئي. (روزويد، ص 1045) پيچوميَس بهرحال تياڳين کي ڪاڌي کائڻ جي ڪجهه وڌيڪ رعايت ڏني وئي هئي پر پوءِ سندن ڪم ڪرڻ جو وقت، مانيءَ جو حساب مطابق وڌايو ويو هو. (پلاڊ، لاسيئڪ جي تاريخ ۾، باب 39-38، وٽ پئٽرم، 737-736 viii,).

(48) ان موقعي تي ڏسو سيرينس، جيڪو مصر جي خانقاهن جو سرواڻ هو، جنهن ڪئسيَن کي پنهنجي دعوت ۾ گهرايو هو. (مسودن جي پيٽ- viii, 1).

(49) ڏسو سينٽ بينڊڪٽ جي قانون کي (نمبر 40-39). (متا ۽ اصول، ii, 41-42) 'توڙي جو اسان پڙهيو آهي ته شراب ويراڳين جي ڪاڌي پيتي ۾ شامل هو، پر تنهن هوندي به ڪين ان جي لاءِ مجبور نه ڪري سگهبو هو.' هو ڪين رومي هيمينا جيتري اجازت ڏئي ٿو جنهن جي تصديق آرٽينائٽ جي

ڏنل چارٽ مان ڪري سگهجي ٿي. (جان آرٽينات 1435-1667 جيڪو رياضي دان ۽ وڏو حڪيم به هيو جنهن سِڪن جو چارٽ شايع ڪرايو هو، ماپ ۽ تور، 1727ع).

(50) اهڙو اظهار جيئن منهنجو ڪتاب، منهنجو برقعو، منهنجو جوتو (ڪئسيَن، ادارو، iv 13) وغيره مغربي ويراڳين ۾ گهٽ سختيءَ سان منع ٿيل نه هوندو هو. (متا ۽ اصول، ii, 174, 235, 288) ۽ ڪولمبئنس جي قاعدي موجب ان قانون جي پيڇڙي ڪرڻ تي ڪين ڇَهن ڦٽڪن جي سزا ملندي هئي. قديمي خانقاهن جو مصنف جيڪو هاٿوڪن ويراڳين جي بيوقوفيءَ جي نفاست تي طنز مان ڪلي ٿو، ان حقيقت کان شايد اڻ واقف آهي ته قديمين جا طور طريقا به اوترائي حماقتن وارا هوندا هيا.

(51) ڪليسائي سائنس جا به وڏا معتبر ماڻهو، هڪڙو ٿوماسن (انگريزن جو نظم ۽ ضبط، iii, 1090-1139) ۽ ٻيو مئبيلن (قديم ويراڳي، i, 116-155) سنياسين جي هٿ جي پورهئي جو جائزو ورتو آهي. ٿوماسن ان کي هڪ خاصيت يا اهليت ٿو ڪوٺي ۽ مئبيلن ان کي ڏيوٽي جو نالو ٿو ڏئي.

(52) مئبيلن (قديمي ويراڳي، i, 47-55) وڏيون دلچسپ حقيقتون پاڻ وٽ جمع ڪيون آهن، جن موجب اوپر توڙي اولهه ۾ ادبي ڪمن ۽ اُنهن تي ٿيل محنتن کي بيان ڪيو ويو آهي، ڪتابن کي مصر جي قديم خانقاهن ۾ نقل ڪيو ويندو هو. (ڪئسين، ادارو، iv, 12) ته ساڳي وقت اهو ڪم سينٽ مارٽن جا پوئلڳ پڻ ڪندا هيا. (سلپيشبَس سيورَس، وِٽ مارٽن ۾، 7,473) ڪئسيوڊورَس تياڳين جي مطالعي لاءِ سنو موقعو فراهم ڪيو آهي ۽ اسان بدناميءَ جي ڪابه پرواهه نه ڪنداسين، جيڪڏهن سندن قلم هيڏي هوڏي يعني ڪرسوسٽم ۽ آگسٽائين کان هومر ۽ ورجل تائين پئي رُليو هوندو.

(53) ٿوماسن (انگريزن جو نظم ۽ ضبط (iii, 18, 145-46, 171-79) شهري ۽ عام قانون جي انقلاب جو جائزو ورتو آهي. جديد فرانس ان موت جي تصديق ڪئي آهي جيڪو سنياسين پنهنجي پاڻ تي لاڳو ڪيو هو، تنهنڪري انصاف موجب کين وراثت جي حق کان محروم ڪيو ويو هو.

(54) ڏسو جيروم کي (i, 176, 183) ويراڳي پامبو، ميلانيا کي زبردست جواب ڏنو هو جنهن پنهنجي تحفي جي قيمت جو ڪاٿو ڪرڻ تي چاهيو. 'تون اهو تحفو مون کي ڏيڻ ٿو چاهين يا خدا تعاليٰ کي؟ جيڪڏهن خدا پاڪ کي ته پوءِ ٻُڌ ته جيڪا هستي جبلن ۽ پهاڙن کي لوڏي سگهي ٿي ته ان کي ان ٻڌائڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي ته تحفي جي قيمت ڪيتري آهي. (لاسئنڪ جي تاريخ، وِٽ پئٽرم جو باب، 10، viii, 715)

(55) ذوسيمَس (v, 325) ان هوندي به اوپر جي تياڳين جي دولت بينيڊڪٽائين جي شاهي شان کان به وڌيڪ هئي.

(*) (اُنهن پاڻ کي ظاهر ڪيو).

(56) ٽُرلو ۽ بيورج ۾ منعقد ٿيل ڇهين جنرل ڪائونسل هڪ قانون پاس ڪيو (نمبر xivii, 213, i) جنهن موجب مردن ۽ عورتن کي ڪنهن به خانقاهه ۾ گڏ رهڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي وئي يعني مرد عورتن جي ۽ عورتن مردن جي خانقاهه ۾ رات نٿيون گذاري سگهن. هي جنرل ڪائونسل (هي نائسين قانون موجب، (اصول نمبر xx) جيڪا بيورج ۾ ٿي (i, 325) ۾ اهو طئي

ٿيو ته آئينده لاءِ خانقاهن ناهڻ ۽ خاص طرح گڏيل (يعني مردن ۽ عورتن لاءِ) منع ڪئي وئي، پر بالسمن ٻڌائي ٿو ته اها پابندي ايتري اثرائتي ڪانه ٿي. مذهبي ماڻهن ۽ ويراڳين جي واڌارين خوشين ملهائڻ بابت ٿوماسن ڪي ڏسو. (iii, 1334-1368).

(57) مون ڪٿي هڪ رحمتي سرواڻ بابت يا ٻڌو آهي يا وري ڪٿي سندس ڪليل قبوليت يا اعتراف بابت هينئن پڙهيو آهي: 'مفلسي بابت منهنجي عقيدي مون کي هر سال سوين هزارين تاج پارائي ڇڏيا آهن ۽ فرمانبرداري بابت ڪيل عهد مون کي ڪجهه به نه هئڻ جي ٽٻڪي ڪان بادشاهه جي منزل تي پهچائي ڇڏيو'. باقي سندس پاڪباز يا ستي جتي رهڻ بابت مون ڪان وسري ويو آهي ته سندس اهو پاسو ڪيئن هيو.

(58) پاير هڪ مصري ويراڳي پنهنجي پيٽ کي پاڻ سان ملڻ جي اجازت ڏني، پر جڏهن هوءَ وٽس آئي ته هن اکيون ڪٽي بند ڪيون ۽ تيستائين سندس اکيون بند رهيون جيستائين هوءَ پنهنجي پاءُ وٽ وينل هئي. (وٽ، پئٽرم، iii,504) اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال موجود آهن.

(*) (هڪ ڪٽنب).

(59) پيچوميَس جي قانون جا نقطا: يعني ستون، اٺون، اٺتيهون ٽيهون، چوٽيهون، ستونجاهون، سٺيون، چهاسيئون ۽ پنجانويئون- سپيئي نقطا خاموش رهڻ ۽ پاڻ مارڻ بابت تمام سخت ۽ برداشت ڪان ٻاهر قانونن کي مڙهين ٿا.

(60) سنياسين طرفان ڏينهن توڙي رات جي عبادتن کي ڪئسيَن پنهنجي ٽئين ۽ چوٽين ڪتاب ۾ ڪولي بيان ڪيو آهي ۽ هو ان عبادت کي پسند ٿو ڪري جيڪا هڪ فرشتي تابين جي خانقاهن کي سيکاري هئي.

(61) ڪئسيَن پنهنجي ذاتي تجربي مان، ان دماغ کي بيان ٿو ڪري جيڪو جسماني توڙي ذهني صلاحيتن کان بنهه خالي آهي ۽ ٻڌائي ٿو ته ويچارا ويراڳي اهڙو ئي ذهن رکن ٿا، ان وقت ڪئسيَن ٽڏو ساهه پريو ۽ پاڻ کي صفا اڪيلو محسوس ڪيائين.

(62) استئجيريَس جون لالچون توڙي سندس اذيتون هڪ نوجوان پنهنجي دوست سينٽ ڪرسوسٽم کي ٻڌائي ڇڏيون هيون. ڏسو مدلٽن جون تحريرون (i,107-110) اهڙي قسم جا عذاب ذري گهٽ هر بزرگ کي سهڻا پون ٿا ۽ هن سلسلي ۾ مشهور اِنگيو يا اِگنٽيَس جيڪو جيُئٽس جو باني هو (وٽ، اينگو، i,29-38) جو مثال ڪافي آهي.

(63) فلري (ڪليسائي تاريخ، (vii,46) مون ڪٿي پڙهيو آهي. شايد وٽ پئٽرم ۾ پر مون کي ان هنڌ جي يادگيري نه آهي ته ڪيترائي ويراڳي، جن پنهنجون خواهشون پنهنجي سرواڻ اڳيان ڪن مجبورين سبب بيان نه ڪري سگهيون ته اُهي خودڪشي ڪرڻ لاءِ آماده ٿي ويا.

(64) ڪئسيَن جي ستين ۽ اٺين مسودي کي ڏسو جيڪو وڏي غور سان ان ڳالهه جو جائزو ٿو وٺي ته ائٽني جي وقت ڪان وٺي شيطان ۽ جن پوت جو پنهنجن سؤنپيل ڪمن ۾ پنتي هٿي ويا آهن. روزويد جي فهرست جيڪا هن وٽ پئٽرم ۾ ڏني آهي ته ان مطابق ڪيترائي دوزخي منظر سامهون اچي وجن ٿا. جن ۽ شيطان اڪثر ڪري عورت جي روپ ۾ وڏيڪ خطرناڪ لڳندا آهن.

(65) اُهي ويراڳي جيڪي ماڻهن سان ملڻ يا لهه وچڑ ۾ اچڻ ۾ عار نٿا سمجهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي گوشه نشين ۽ ڪُنڊائتا پيا زندگي گذارن. هي فرق خاص طرح مصر ۾ وڌيڪ نمايان آهي. ڏسو جيروم (i,45) ۽ سلپيشيَس سيورَس جي پهرين گفتگو، روفينس (باب، 22، وٽ پئٽرم ۾ (ii,478) ۽ سيني کان وڌيڪ ڪئسيَن جي مسودي جي سترهين ۽ ارڙهين منظر نگاري کي ڏسو. اهڙا ليکڪ جيڪي عام ۽ اڪيلائپ واري زندگيءَ جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪن ٿا، اُهي پوئين طريقي جي خرابين ۽ خطرن کي وڌيڪ نمايان ڪري پيش ڪن ٿا.

(66) سوئسر (ڪليسائي ڪتاب- ii,205-218) ٿوماسن (انگريزن جو نظر ۽ ضبط، i,1501-1502) هنن ننڍين خانقاهن جا تفصيل پيش ٿو ڪري. جڏهن جيراسيمَس پنهنجي خانقاهه جو بنياد اُردن جي اڪيلاين ۾ رکيو ته ان سان گڏوگڏ ستر ڪن سنياسين جا جهوپا به اُتي ئي جُڙي ويا.

(67) ٿوڊوريٽ هڪ وڏي جلد ۾ (فلوٿيَس، وٽ پئٽرم ۾، ix,793-863) اُنهن ويراڳين جي زندگين ۽ سندن معجزن بابت مواد جمع ڪيو آهي جيڪي دنيا کان ڪٽيل رهن ٿا ۽ ماڻهن سان هرگز نٿا ملن. اِوئگريَس (i,12) فلسطين جي سنياسين ۽ گوشه نشينن کي داد ڏيندي اُنهن کي ساراهيو آهي.

(68) سوزومين، vi,33 عظيم سينٽ ايفريم ڊورن وانگر چوندڙ ويراڳين بابت هڪ مدح سرائي لکي آهي. (ٽليمانٽ، ڪليسائي يادگيريون، viii,292).

(69) پي، اسڪارڊ (پرچارڪن جو احوال (ii,217-233) هينئين ٽبيائٽ جي غارن کي چگيءَ طرح ڏٺو وائڙو، ڪيس حيرت ۾ ٿي ۽ سندس عقيدت ۾ وڌي، نقش شامي طرز جا آهن جيڪي گهٽو ڪري حبش جي عيسائين طرفان استعمال ڪيا ويا هيا.

(70) ٿوڊوريٽ کي ڏسو (وٽ، پئٽرم ۾، ix,848-854) ائنٽني (وٽ، پئٽرم ۾، i,170-177) ڪوسموس (آسيمان ۾، مشرقي انجيل، i,293-253) اِوئگريَس (i,13-14) ۽ ٽليمانٽ، (ڪليسائي يادگيريون xv,347-392).

(71) ۾ ڪيوبٽس (ڊيگهه ماپڻ جو قديم طريقو) جو ٻاهريون حصو يا وري ٽي فوٽ جن کي اِوئگريَس ٽنين جي ماپڻ لاءِ مقرر ڪيو هو، عقل، حقيقتن ۽ تعمير جي فن جي اصولن جي خلاف آهي. جن ماڻهن ان کي هينان ڏٺو، اُهي آساني‌ءَ سان ڏوکو کائي سگهن ٿا.

(72) آڳ هڪ قديمي بدنامي‌ءَ واري ڳالهه کي اوهان کان لڪائي نٿو سگهان جيڪا السر جي بيماري‌ءَ متعلق آهي. معلوم ٿيو ته شيطان، جيڪو هڪ فرشتي جي روپ ۾ ظاهر ٿيو دعوت ڏنائينس ته حضرت الياسؑ وانگر خطرناڪ گاڏي‌ءَ تي سوار ٿئي. بزرگ تڪڙ ۾ پنهنجو پير مٿي ڪيو ۽ شيطان سندس غرور کي سزا ڏيڻ خاطر پنهنجي حرفت بازي کي عمل ۾ آڻي شرارت کري ڇڏي.

(73) مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته آڳ وٽ پئٽرم ۾ بيان ڪيل معجزن جو ذڪر ڪٽان کان شروع کريان، اهو ان کري ته ڳاٽائو ڪبو ته تعداد ممڪن آهي ته هزار صفحن کان به وڌي وڃي. بهرحال پوءِ به هڪ شاندار مثال سلپيشيَس سيورَس جي گفتگو ۾ موجود آهي ۽ ٻيو سينٽ مارٽن جي زندگيءَ جا مثال آهن، هو مصر جي سنياسين جي عزت کري ٿو، ان جي باوجود هو

سندن بي عزتي ۽ ڪري ٿو ته اُنهن ڪنهن ۽ مئل ماڻهوءَ کي جياريو نه هيو جڏهن ته ٽورس جي پادري ٽن مُردن کي ٻيهر جيئاري ڏيکاريو هو.

(*) (هڪ طرفو).

(*) (شهنشاهه، 268-260 عيسوي).

(74) اُلفيلس توڙي گاٿن جي مذهب متائڻ جي موضوع تي ڏسو سوزومين کي (iv,17) سقراط (iv,33)، ٿوڊوريٽ (iv,37) فلوسٽورجيَس (ii,5) فلوسٽورجيَس جي لادينيت ڪيس بهتر اطلاعن ڏيڻ جو موقعو ڏنو.

(75) چئن مقدس ڪتابن تي مشتمل هڪ ڦاٽل ڪاپي کي، جيڪا گاٿن جي زبان ۾ هئي، 1665ع ۾ ڇپرايو ويو، ۽ ان کي ٽيوٽونڪ زبان جي قديم ترين ڪاپي تسليم ڪيو وڃي ٿو. توڙي جو ويٽسٽين ڪوششون ڪري اجايا اندازا لڳايا ته جيئن اُلفيلس جي محنت تي پاڻي ڦيري ڇڏي. چئن مان ۽ واڌارا خط W ۽ TH جا اُڃار ڪڍن ٿا. ڏسو سائمن کي (انجيل جي تنقيدي تاريخ، ii,219-223، مِل پروليجمر، ص 151 جنهن کي ڪرٽو ايڊٽ ڪيو.

(*) فرٽيجرن ۽ اٽنارڪ، شهنشاهه وئلينس جي وقت ۾ گاٿن جا سردار هيا. (378-364 عيسوي).

(76) فلوسٽورجيَس غلطيءَ وچان، تحرير جو هي ٽڪرو شهنشاهه ڪانسٽئنٽائن جي حڪومت جي دؤر هيٺ ٿو آڻي، پر آڻ ذري گهٽ يقين سان چوان ٿو ته اهو دؤر وڏي لڏپلاڻ کان اڳ وارو هو.

(77) اسان جارنئنڊيس جا احسان مند آهيون (ڊي، ريب گيٽيسز، 51,688) جنهن ڪجهه هينئين طبقي جي گاٿن جي مختصر پر زندهه دليءَ واري تصوير ناهي آهي. 'هينئين طبقي جا گاٿ وڏي ذات ۾ شامل هيا جن سان سندن پادري ۽ سينيِ ڪان وڏو پادري اُلفيلا (اُلفيلازخود) گڏ هيا'. آخري لفظ جيڪي لفاظي جي زمري ۾ نٿا اچن، اُنهن جو مطلب دنياوي حڪومت جو آهي.

(78) 'اهو معاملو گاٿن ۽ وئنڊلن سان هرگز ڪونهي، توڙي جو سندن سڪيا ۽ تعليم شايد خراب ۽ نالائق استادن وٽ ٿي هجي، تنهن هوندي ۽ سندن عقيدو رومين جي مقابلي ۾ وڌيڪ سٿو ۽ نِج آهي'. (سئلويَن، ڊِي، vii,243).

(†) وِنيفرٿ، ڪيس سينٽ بونيفيس پٽ سڏيندا هيا ۽ سندس دؤر انڻين صدي عيسوي وارو هو.

(79) موشيم، اُتر ۾ عيسائيت جي واڌاري بابت اسان کي ڪجهه ٻڌايو آهي ۽ اهو دؤر چوٽين ڪان چوڏهين صدي عيسوي وارو آهي. هي موضوع ڪليسائي توڙي فلسفي جي تاريخ لاءِ نهايت ئي اهم آهي.

(80) اهڙي عظيم مقصد لاءِ سقراط (vii,30) برگنڊي وارن جي گفتگو جو حوالو ڏنو هو جن جي عيسائيت واري نيڪيءَ کي اوروسيَس ۽ ساراهيو آهي. (vii,19).

(81) ڊينيئل جو مدبراٿو ۽ اصلي مضمون پڙهو جيڪو ونچيسٽر جو پهريون پادري هيو (بيڊلم، ڪليسائي تاريخ، v,18,203) جنهن کي سمٿ ايڊٽ ڪيو) ٻيو سينٽ بونيفيس هيو جيڪو هيس ۽ سُرنگا جي جهنگلين کي انجيل پڙهائيندو هيو. (بونيفيس جا مضمون، انجيل پئٽرمر، xiii,93).

(82) چارليمئگني جي ترار سندس دليلن جون وزن وڌرايو، پر جڏهن ڊينيل هي مضمون لکيو (723ع) ته مسلمانن، جيڪي هندستان کان اسپين تائين حڪومت ڪندا هيا، عيسائين خلاف ضرور کي مانائتا دليل ڏنا هوندا.

(83) اُلفيلس ۽ گاٿن جو مذهبي لاڙو وڇڙو پر ڪجهه آرين عقيدي ڏانهن جهُڪيل هيو پر ته هو ائين هرگز نه چون ها ته پُٽ (يعني حضرت عيسيٰؑ) خلقيل هو، توڙي جو سندن لاڳاپو اُنهن ماڻهن سان ضرور هيو جيڪي ان لادينيت وارو عقيدو رکندا هيا. سندن حوارين انهن تضادن بابت پنهنجو نظريو ٻڌائيندي ان ڳالهه کي ڪا اهميت ڪانه ڏني هئي ۽ سندس خيال هو ته مذهب جي نيڪيدارن هرويرو ان معاملي کي وڏائي ڇڏيو هو. (ٿوڊوريٽ iv,37).

(84) گاٿن جي آرين عقيدي سان لاڳاپو رکڻ جو الزام شهنشاهه وئلينس تي آهي. 'خدا پاڪ جي سچائيءَ واري فيصلي موجب هن کي اُنهن ماڻهن جيئري هوندي ساڙي ڇڏيو هو، جيڪي سندس لادينيت سان لاڳاپيل رهڻ سبب، پنهنجي مرڻ کان پوءِ پاڻ به باهه جي شعلن ۾ سڙندا ۽ پڇرندا رهندا'. اوروسيَس، (vii,33,554) هن تيز جملي جي ٽيلمانٽ طرفان تصديق ڪئي وئي آهي. (ڪليسائي يادگيريون، vi,604-610) جيڪو سنجيدگي سان چوي ٿو ته: 'هڪڙي ماڻهو، فقط هڪڙي ماڻهو اتر جي بيشمار ماڻهن کي دوزخ ڏانهن اُماڻي ڇڏيو'. سئلويَن، (ڊي، v,150-151) افسوس جو اظهار ڪندي سندن غير ارادي غلطين کي معاف ڪري ٿو ڇڏي.

(85) اوروسيَس يقين سان چوي ٿو (سال، 416ع -7,41,580) ته حضرت عيسيٰؑ جون ڪليسائون (خاص طرح ڪئٿولڪ) هُنن، (HUNS) سُووي، وئندلن ۽ برگنڊيَنس سان پريل هوندیون هيون.

(86) فِرسنس جي بادشاهه رئبلاڊ کي هڪ پرچارڪ جي هن اُبهري اظهار سبب ايترو ته بدنام ڪيو ويو جو هن ويچاري گهبراهٽ ۾ پنهنجو پير ان وقت پنڌتي هٽائي ڇڏيو جڏهن هو پاڪ غسل واري جڳهه وٽ پهچي چڪو هو. (ڏسو فلري ڪليسائي تاريخ ۾، ix,167).

(87) ڪلرمانٽ جي پادري سڊونيَس جا مضمون جيڪو وزيگاٿن جي حڪومت ۾ ۽ وئينا جو پادري ائويسٽس جيڪو برگنڊي جي حڪومت هيٺ ڪم ڪندو هو، مبهم ۽ غير واضح لفظن ۾ ڪئٿولڪن جي عام حالتن جي باري ۾ اسان کي ٻڌائن ٿا، ڪلووِس ۽ ٿوڊورڪ جي تاريخ منجهان شايد اسان کي ڪن خاص حقيقتن جي خبر پئجي سگهندي.

(*) (نيبوچادنزار جي فوجن جو سربراهه جيڪو اسيريا جو بادشاهه هيو).

(88) جينسيرڪ سختيءَ سان هڪ جهڙائيءَ جو اعتراف ڪيو جنهن سان هن نادانيءَ وارن گمانن تي ماڻهن کي سزا ڏني.

(89) سڊونيَس جون ان دؤر واريون اهڙيون ئي شڪايتون آهن جيڪو ڪلرمانٽ جو پادري هيو. (vii,6,182 وغيره جنهن کي سرماند ايدٽ ڪيو. ٽورس جو گريگري، جيڪو هن مضمون جو حوالو ڏئي ٿو (ii, 174,ii,25) ۾ هڪ اهڙي ڳالهه چورائي ٿو جنهن جي ڪا به ضرورت ڪانه هئي، يعني اڪئٽين ۾ نوَ آساميون پيل هيون جيڪي عيسائين جي شهيد ٿيڻ سبب خالي ٿيون هيون.

(90) وئندل اڏيتن جا اصلي يادگار، وڪٽروٽينسِس جي تاريخ جي پنجن ڪتابن ۾ محفوظ آهن (وئندلن طرفان اڏيتو:) هي هڪ پادري هو جنهن کي هنيرڪ ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏي هئي ۽ اهو دؤر سينٽ فلجينٽيَس جو هو جيڪو ٽراسيمنڊ کي اڏيتون ڏيڻ جي ڪري مشهور ٿيو هو. (مئڪس پئٽرم (ix,4-16) ۽ وئندلن جي جنگ جي پهرئين ڪتاب ۾ ان جو تذڪرو آهي جيڪو غير جانبدار ليکڪ پروڪوپيَس لکيو هو. (199-7-8,196)، رئنارٽ، جيڪو وڪٽر جو آخري ايڊيٽر هيو، سڄي موضوع تي وڏي وضاحت سان لکيو آهي. جنهن ۾ سندس لکڻ جو انداز عالماڻو آهي ۽ پنهنجي مضمون کي هن وڏين وضاحتن ۽ مثالن سان کولي بيان ڪيو آهي.

(91) وڪٽر، (iv,2,65) هنيرڪ هوموسين جي اعزاز کان ڪٿولڪن کي محروم ٿو ڪري. (آريَنس، ڏسو باب، 21) هو پنهنجن ماڻهن کي خدا تعاليٰ جا سچا عبادت گذار ٿو ڪوٺي ڇو ته سندس دعويٰ هئي ته سندس ماڻهن جي عقيدي جي سچائيءَ جي شاهدي هڪ هزار کان وڌيڪ پادرين ڏني هئي جيڪا رِمني ۽ سيلوشيا جي پئنچائتن ۾ موجود هئي.

(92) وڪٽر، (ii,1,21-22) 'اُهو هنن لاءِ وڌيڪ تعريف لائق هيو'. اُهي مسودا جن ۾ هي لفظ موجود ڪونهي ته تحرير جو اُهو ٽڪرو پڙهي ۽ سمجهي نه سگهبو. (ڏسو رئنارٽ، ص 164).

(93) وڪٽر، (ii,2,22-23) ڪارٿيج جي مذهبي پيشوائن هنن حالتن کي خطرناڪ ڪوٺيو هيو ۽ سڀ ته اهو آهي ته اُنهن جو نالو ان ڪري ڏنو ويو هو ته جيئن ان جار ۾ ڪٿولڪ پادرين کي ڦاسائي سوگهو ڪري ڇڏن.

(94) هن اهم ڪانفرنس جي ڪاروائيءَ کي ڏسو ۽ وڪٽر ۾ پادرين جي هلت چلت ۽ طور طريقن کي بہ جاچيو. وڪٽر (ii,13,18,35-42) ۽ سڄو چوٽون ڪتاب پڻ مطالعي هيٺ آڻيو، صفحا 171-63، ٽيون ڪتاب صفحا 62-42 سندن معافي نامن سان پريو پيو آهي ته ساڻئي وقت هنن پنهنجي عقيدي جو اعتراف بہ ان ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

(95) وڪٽر ۾ آفريڪا جي پادرين جي لسٽ جو مطالعو ڪيو. صفحا 140-117 ۾ رئنارٽ جا حاشيا پڻ ڏسو صفحا 397-215 اُنهن ۾ ڊونٽسٽس جا نالو مذهب ۾ قوت وجهندڙ جي زمري ۾ هر هر ورتو ويو آهي ۽ حيرت ان ڳالهه تي آهي ته اهڙن ئي ماڻهن کي پارسا ۽ پاڪبازن جا لقب ڏنا ويا آهن جيئن ڊيبئٽس وغيره ۽ اُهي هنن لقبن سان سڃاتا وڃن ٿا: 'خدا طرفان عطا ٿيل، الله جا شڪرانا، جيئن الله جي مرضي' وغيره.

(96) فلجينٽ، (وِٽ، باب 29-16) ٽراسيمنڊ برامو رڃائي پنهنجي لاءِ اعتدال پسند ۽ عالم هئڻ جي دعويٰ ڪئي هئي ۽ فلجينيٽس، ٽي اختلافي ڪتاب آريَن آمر ڏي منسوب ڪيا هيا جنهن کي هن هڪ 'وڏو پارسا بادشاهه' سڏيو آهي (مئڪسم، پئٽرم، ix,41) فلجينٽيَس جي زندگي ۾ فقط ست پادرين کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي هئي جن جي انگ کي وڪٽر ٽئنينسِس ۽ اسيدور طرفان هڪ سؤ ويهن تائين پهچايو ويو آهي پر بہ سؤ ويهن جي تعداد کي هستوريا مسيلا طرفان ڄاڻايو ويو آهي جنهن جي تصديق ان وقت جي هڪ رسالي ۾ پڻ ڪئي وئي هئي. (ڏسو رئنارٽ، صفحا 571-570).

(97) ڏسو هڪ استائڪ بابت هڪ ڦِڪو ۽ ٻاڙو ٽوٽڪو جيڪو اووِد جي مقابلي ۾ ملڪ بدري کي همت ۽ جوان مرديءَ سان برداشت نہ ڪري سگھيو. اهو سچ آهي تہ ڪورسيڪا ۾ اَن، شراب يا تيل پيدا نہ ٿيندو هو پر ساڳئي وقت اُتي گاهہ، پاڻي ۽ باهہ جڏهين انداز ۾ هيا. (سينيڪا کي نيرو ملڪ بدر ڪيو هو) اووِد، آگسٽس طرفان پيش ڪيو ويو.

(98) 'جيڪڏهن اُهي خراب آبهوا جي ڪري مري ويا هيا تہ بہ جڳ نقصان گهٽ ٿيو هو'. ٽئيسٽس، (واقعا، ii,85) هن درخواست ۾ ٽراسيمنڊ ڪجهہ نقادن کي تبصري ڪرڻ جي دعوت ڏئي ها جيستائين نقصان فائدي ۾ تبديل ٿئي ها.

(99) عام اذيتن جي شروعات ڏسو جيڪا وڌيڪ بيان ڪئي آهي. (ii,3-4,7) ۽ هنيرڪ جي بن فرمانن جو بہ جائزو ونو. (ii,35,iv,64).

(*) (محلات جا ماڻهو).

(100) ڏسو پروڪوپيَس (ڊي، بيل وئنڊل، i,3,197-198) آفريڪا جي هڪ مسلمان بادشاهہ وئنڊلن جي بي ادبي ۽ گستاخي جي نشانن کي ختم ڪري اللہ تعاليٰ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

(101) اهو قصو وڌيڪ ۾ ڏسو (ii,8-12,30-34) وڌيڪ هنن اعتراف ڪندڙن جي تڪليف جو ذڪر هڪ اڪين ڏني شاهد جي حيثيت ۾ ڪري ٿو.

(102) وڌيڪ جي پنجين ڪتاب جو مطالعو ڪيو، سندس جوشيلين شڪايتن جي پروڪوپيَس جي مدبراڻي شاهديءَ ذريعي تصديق ٿي وجي ٿي تہ ساڳئي وقت شهنشاهہ جسٽينيَن جي ڪليل اظهار بہ ان تصديق کي وڌيڪ تقويت ڏني آهي. (اصول ۽ متا، i,xxvii).

(103) وڌيڪ، (ii,18,41).

(104) وڌيڪ، (v,4,74-75) سندس اصل نالو وڌيڪورئيَس هيو ۽ هو ايروميٽم جو هڪ دولتمند شهري هيو جنهن تي بادشاهہ پورو اعتماد ڪندو هو ۽ جنهن جي مهربانين سان هن آفريڪا جي مئجسٽريٽ جو لقب حاصل ڪري ورتو هو.

(105) هڪ مضبوط مزاحمت ۽ نواب سيباستيَن جي چالاڪي واري جواب کان پوءِ، هن يعني جينسيرڪ ٻيو دليل پيش ڪيو ۽ هڪ ٻاهر ماڻهوءَ کي موت جي ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيو.

(106) وڌيڪ، (v,12-13) ٽليمانٽ، (ڪليسائي يادگيريون، vi,609).

(107) ڪارٿيج جي پادري کي تڏهن پرائيميٽ سڏيندا هيا پر جيڪي مڪي قبيلا ۽ قومون هيون، اُنهن ڪليسائي مُنهندارن کي سردار يا نواب جو لقب ڏنو هيو. هن سلسلي ۾ وڌيڪ ڏسو ٽوماسن کي، (انگريزي نظم ۽ ضبط ۾ i,155,158).

(108) سريلا جي سردار سيپي ماڻهن جي آڏو ڪولي ٻڌايو هو تہ ڪيس لاطيني زبان جي جاڻ ڪانہ هئي، تنهن ڪري هو ان لائق هرگز ڪونہ هيو تہ ان زبان ۾ مذهب جو پرچار ڪري يا ڪنهن سان اختلاف ڪري. سندس وئنڊل مذهبي پيشوا تہ لاطيني زبان صفا ڪو نہ جاڻندا هيا، جيڪڏهن ان زبان بابت جن ماڻهن تي ٽورو گهڻو اعتماد ڪري پيو سگھجي تہ اُهي فقط آفريڪا جا ماڻهو هيا جن اها زبان سکي ورتي هئي.

(*) (ٻيوهر).

(109) وڪٽر، (ii,1-2,22).

(110) وڪٽر، (v,3,77) هو خود سفير جي خدمت ۾ عرض پيش ٿو ڪري جنهن جو نالو يورئنيَس هيو.

(111) وڪٽر، (iv,4,70) هو صاف ٻڌائي ٿو ته هنن انجيل مان جيڪو حوالو پيش ڪيو هو ته: (توهان قسم نه کڻندؤ) ان جو مقصد فقط هڪ غلط قسم کڻڻ کان لنوائڻو هو. چائيتاليهه پادري جن انڪار ڪيو ته اُنهن کي ڪارسيڪا ملڪ بدر ڪيو ويو، ٽي سؤ ٻن پادرين جن قسم کنيو هو اُنهن کي آفريڪا جي مختلف صوبن ۾ موڪليو ويو هو.

(112) فلجينٽيَس، جيڪو رسپي ۾ بائزيسين صوبي جو پادري هيو ان جو تعلق سينيٽرن جي خاندان سان هيو ۽ سندس تعليم تمام متاهين هئي. لاطيني پڙهڻ کان اڳ ۾ ئي هو هومر ۽ مينڊر منجهان حوالا ڏيندو هو ۽ جو جو لاطيني سندس مقامي زبان هئي. (وٽ، فلجينٽ، باب 1) ڪيترائي آفريڪي پادري يوناني زبان سمجهندا هيا ۽ بيشمار يوناني مذهبي پيشوائن جا ڪتاب لاطيني ۾ ترجمو ڪيا ويا هيا.

(113) وِجيليَس ٽئپَس جي گفتگو جي بن مهاڳن جي پيٽ ڪري ڏسو. هو پنهنجي پڙهندڙ کي معصوم طريقي جي ڪهاڻين سان پيو وندرائيندو هيو، پر سندس موضوع نهايت ئي سنجيدا هوندا هيا پر بدقسمتيءَ سان آفريڪا جا ماڻهو گهٽي قدر اڻ ڄاڻ ۽ جاهل هيا.

(114) پي- ڪئينل هن موضوع کي چيڙيو جنهن کي پسند ڪيو ويو. پر هينيان ٽي سَڄ، جيڪي شايد ڪيترا به حيرت انگيز لڳن، پر اُنهن جي مجتا هاڻي عالمي سطح تي ٽي چڪي آهي (گرادووسيَس، vi,516-522) ٽيلمانٽ (ڪليسائي يادگيريون viii,667-671) 1. سينٽ اٽنئسيَس ان مذهب جو پايو وجهندڙ ۽ مصنف هرگز ڪونهي جنهن کي اسان جي ڪليسائن ۾ پڙهايو ٿو وڃي. 2. اهو مذهب سندس موت کان پوءِ هڪ صدي تائين به وجود ۾ ڪونه آيو هو. 3. اهو ڪتاب شروع ۾ لاطيني زبان ۾ لکيو ويو هو، ان کان پوءِ ان کي اولهه جي صوبن ۾ ڦهلايو ويو هو. قسطنطنيه جي بزرگ ۽ سردار گنئڊيَس هن عجيب تحرير تي ايتري ته حيرت جو اظهار ڪيو جو هن صاف لفظن ۾ وڏي واکي چئي ڏنو ته اهڙي تحرير کو نشي ۾ مست ٽيل ماڻهو ئي لکي سگهي ٿو. پينٽاويَس (مذهبي رجحان، ii,vii,8,687).

(115) جان، (i,7) ڏسو سائمن کي، (انجيل جو تنقيدي ضميمو، i,xviii,208-218 ۽ ii,ix,99-121) ۽ ڊاڪٽر مِل طرفان وڌيڪ وضاحتون ۽ ويٽسٽين پڻ يوناني انجيل جي اشاعتن ۾ وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي. 1689ع ۾ سائمن ڪوشش ڪئي ته هو آزاد هجي، 1707ع ۾ پروٽيسٽنٽ مِل وري غلام ٽيڻ چاهيو هو؛ 1751ع ۾ آرمينيا جي ويٽسٽين پنهنجي وقت جي آزادي ۽ مذهب جو پرپور فائدو ورتو.

(116) سيني Mss منجهان جيڪي اجا تائين موجود آهن ۽ تعداد ۾ اسي کن آهن ۽ ڪجهه ته 1200 سال پراڻا آهن. وٽيڪن توڙي رابرٽ استفينس جا رڪارڊ هاڻي نه پيا ڏسجن ۽ به Mss جن جو تعلق ڊبلن ۽ برلن سان آهي اهي اهڙا نه آهن جيڪي ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ آڻجن. (ڏسو ايملن جون تحريرون، ii,227-255,269-299) ۽ ايم، ڊي مِسي جا چار ڪمال جا خط (viii,ix) به پڙهڻ وٽان آهن.

(117) شايد چئن پادرين، جن مذهب بابت ڪتاب لکيا ۽ چپرايا پنهنجي برادري جي ماڻهن لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هو هن تحرير کي روشنيءَ کان بہ وڌيڪ صاف ۽ چٽو سمجهن ٿا. (وڪٽر وٽينسِس، اڌيتن ۾) وئندل، (iii,11,54) انهن تحريرن منجهان پوءِ حوالا پيش ڪيا ويا جن کي آفريڪي بحث مباحثن جي پس منظر ۾ وجيليَس ۽ فلجينٽيَس طرفان ماڻهن کي ٻڌايو ويو هيو.

(118) يارهين ۽ ٻارهين صدي عيسوي ۾ انجيلن جي درستي ڪئنٽربري جو مکيہ پادري لئنفوئنڪ ڪندو هو، ان کان سواءِ چيف پادري ۽ رومي ڪليسا جي لائبرري جو انچارج نڪولس پڻ دوستي جي ڪم ۾ شامل هوندو هو. (ويٽسٽيَن، صفحا 85-84) اهڙين محنت وارين درستين جي باوجود، لاطيني مسودن ۾ اڃا ڪيترا رهيل بہ آهن تہ تشريح طلب پڻ آهن. تحرير پراڻي بہ هجي ۽ صحيح بہ هجي تہ اهڙو ميلاپ، اصل مسودن کان سواءِ، ڪٽي مشڪل سان نظر ايندو.

(119) هڪڙو طريقو جنهن کي جرمنيءَ وارن ايجاد ڪيو هو ان کي اٽلي ۾ پڻ روم ۽ يونان جي لادين ليکڪن تي آزمايو ويو هيو. انجيل جو اصل يوناني نسخو بہ ان دؤر ۾ شايع ڪيو ويو هيو، (1514,1516,1520ع) جنهن ۾ ايراسمَس ۽ زمينس پادرين جو پڻ وڏو حصو هو. انجيل جو اسپيني زبان جو نسخو 1515-1522 ڏاران ڇپيو هو جنهن تي ان زماني ۾ 50،000 ڊيوڪٽس خرچ آيو هو. ڏسو مئٽيئر (واقعا، 133-8,125-ii,2).

(120) ايراسمَس جي دوراندیشيءَ سان يوناني انجيلن جي سلسلي ۾ ٽي معتبر شاهديون ملي چڪيون آهن، ۽ ڪملوٽينسيَن جي ايڊيٽرن جو ڪٽرپڻو يا وري رابرٽ اسٽيفنس جي غلطين ان سڄي معاملي کي چڙ غلط يا ڪوڙو بنائي ڇڏيو آهي، هن سلسلي ۾ ٽيوڊر بيضا جي غلط فهمي بہ عجيب ٽي لڳي.

(121) پلني، (فطري تاريخ، v,1) (ويسلنگ، ص 15) سلئويَس جي قديم جاگرافي، (ii,ii,127) ٽِپاسا (جنهن کي ان هنڌ سان نہ ملايو وڃي جيڪو نيو ميڊيا ۾ آهي) پر اهو شهر چگو خاصو وسندڙ شهر هو چاڪاڻ تہ شهنشاه وسپاسيان ان شهر کي هڪ وڏو اعزاز عطا ڪيو هو.

(122) آپٽئٽس مِلوينٽئنس، ڊونٽسٽ، (ii,38).

(123) وڪٽر وٽينسِس، (v,6,76) رئنارٽ، صفحا (487-483).

(124) پئٽرم، (viii,664-665) هُو عيسائي هو جنهن اها گفتگو لکي هئي جنهن جو عنوان 'ٽيوفريسٽس' هيو. ان گفتگو جو تعلق روح جي لازوال هئڻ ۽ جسم جي ٻيهر زندهہ ٽي ساڳئي روپ ۾ واپس ورڻ بابت هيو، ان کان سواءِ هن پنجويهہ ٻيا اهم مضمون پڻ لکيا جيڪي اڃا بہ سلامت آهن. ڪيوَ کي ڏسو (ادب جي تاريخ ۾، ص 297) ۽ فئبريشيَس (I,422).

(125) جسٽينيَن (متا ۽ اصول، i,xxvii) مارسيليئس (واقعا، ص 45) گريگري مئگنس (گفتگو، iii,32) هنن شاهدن منجهان ڪنهن بہ اعتراف ڪندڙ جو تعداد نہ ٻڌايو آهي جيڪو پراڻين شاهدين موجب ست جي لڳ ڀڳ هيو. (درويشن جي ڊائري، ۽ رئنارٽ، ص 486) ٻن ماڻهن جو ڳالهائڻ، زنا ڪرڻ سبب بند ٽيو هو، پر معجزي جي اهميت ان ڪري ۽ خاص طرح ان چوڪر جي مثال ۾ وڌي وئي آهي جنهن پنهنجي زبان ڪٽجڻ کان اڳ ڪڏهن بہ ڳالهايو نہ هيو.

(126) بن تاريخدانن کي ڏسو جن جو تعلق اسپين ۽ مئريانا سان هيو. (اسپين جي تاريخ i,v,12-15,182-194) ۽ فريراز (فرانسيسي ترجمو، ii,206-247) مئريانا کي ياد ئي ڪو نہ هو تہ هو جئسُٽس هيو، پر هن پاڻ کي روم جي شهرت يافتہ ماڻهن جي انداز ۾ رکيو هو. فريراز، جنهن وڏي محنت سان تفصيل جمع ڪيا هيا، پنهنجي ڪم جو ٻيهر جائزو ورتو هو.

(127) گوئسونتا هڪ ٻئي پنيان وزيگاٿن جي بن بادشاهن سان شادي رچائي هئي: اٽناگلڊ جنهن مان ڪيس ڏي جائي هئي جيڪا اِنگُنڊِس جي ماءُ هئي ۽ لوويگلڊ جنهن جا ٻہ پُٽ هرمينيگلڊ ۽ رڪيئرڊ، اڳين شاديءَ مان ڪيس ڄاوا هيا.

(128) گريگ ٿورن، v,39,ii,255) تاريخ جي هِن حصي لاءِ گريگري اسان جو اصل تاريخدان آهي.

(129) ڪئٿولڪن، جن لادينين طرفان پاڪ غسل ڏيڻ کي قبول ڪيو هو، ان رسم کي ٻيهر ادا ڪيو تہ جيئن غسل قبول ٿي وڃي. هن واقعي سان صوفياڻي رنگ کي بہ شامل ڪيو ويو. (ڏسو ڪاردن، پاڪ غسل ۽ ڪليسائي رسمن جي تاريخ، 552-i,405).

(130) جوليا ڪانسٽئنٽيا، بيٽس جي اتر ڪان سيوائيل جي مخالف هئي، (پلني، فطري تاريخ، iii,3) جيڪا ٽورس جي گريگري جو مستند حوالو هئي، (فرانس جي تاريخ، vi,43,288) ۽ ان کي لوسيٽئنيا ڪان بہ وڌيڪ داد ڏيڻو ٿو پوي ۽ جنهن پورچوگال جي وهمن وسوسن ۾ اعتبار ڪندڙ شخص جي بہ پنيرائي ڪئي هئي.

(131) هي معجزو وڏي هوشياريءَ سان ادا ڪيو ويو هيو. هڪ آريَن بادشاهہ دروازن کي بند ڪري ڇڏيو هو، ۽ هن ڪليسا جي هر طرف ڪان هڪ وڏي ڪاهي ڪوٽي ڇڏي هئي، پر هو ان قابل نہ رهيو هو تہ ايستر جي موقعي تي پاڪ غسل جي پاڻيءَ کي روڪي سگهي.

(132) فريراز، (ii,168-175 ۽ 550ع) اُنهن تڪليفن جو بيان ڪيو آهي جن موجب سووِي قبيلي جي ماڻهن نئون مذهب اختيار ڪيو هو. هن بيان ۾ ان وقت ۽ حالتن جو بہ تفصيلي ذڪر ڪيل آهي. هنن کي لوويگلڊ پاڻ ۾ متحد ڪيو هو جيڪي اسپين جي گاٿن جي بادشاهت سان وڃي مليا هيا.

(133) نائسين عقيدي جو واڌارو، جيڪو قسطنطنيہ جي مذهب سان ملندڙ جلندڙ هيو، درصل ان وقت ٿيو هو جڏهن ٽوليدو ۾ انين ڪائونسل جو اجلاس 653ع ۾ ٿيو هو، پر اُن ۾ ان وقت جي مشهور ۽ مقبول عقيدي جي جهلڪ نظر ٿي آئي. (گرارڊ وسيَس، xi,527).

(134) ڏسو گريگري ڪي، (vii- مضمون، 126 بئرونيم. (ڪليسائي واقعا، 599 عيسوي، نمبر، 25-6,ix,122).

(*) (گريگري، سينٽ آگسٽائين ڪي 597ع ۾ ڪينٽ موڪليو هو).

(135) پال وارنيفرڊ (لئنگوبارڊ، iv,44,853، جنهن کي گروٽوويَس ايڊٽ ڪيو هو) تسليم ٿو ڪري تہ آرين مذهب اڃا تائين روٽارس جي حڪومت هيٺ هلندو ٿي رهيو. (636-652) پارسا شيطان اُن خاص دؤر جو ذڪر نٿو ڪري جنهن ۾ ستين صدي ڪان اڳ ۾ ئي ماڻهن قومي سطح تي پنهنجو اڳيون عقيدو مٽائي نئون مذهب اختيار ڪيو هو.

(136) 'توڙي جو هن کين سندس مذهب اختيار ڪرڻ تي خوشي ۽ اُنهن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو، ان جي باوجود بادشاهه به ڪيس عيسائيت اختيار لاءِ هرگز مجبور نه ڪيو هو... ڇاڪاڻ ته هن اُنهن عالمن، جيڪي سندس نجات جو ڪارڻ هيا، کان سڪيو هو ته حضرت عيسيٰ[۴] جي خدمت پنهنجي رضا خوشي ۽ مرضيءَ سان ڪري سگهجي ٿي ۽ نه زور يا مجبوريءَ کان'. (ڪليسائي تاريخ، i,26,62، جنهن کي اسمٿ ايڊٿ ڪيو).

(137) فرانس جي مؤرخ کي پڙهو، (iv,114) ٻيو ولڪنس کي به ڏسو (صفحا، 11,31) 'جيڪڏهن ڪو به ماڻهو الله پاڪ جي نالي کان سواءِ ڪا قرباني ٻي جي نالي تي ڪري ٿو، ته ان کي پلي فتل ڪري ڇڏيو'.

(138) يهودي غلط بياني ڪندي ٻڌائن ٿا ته کين حضرت سليمانؑ جي جهازن ۽ نيبوچادنزار جي فوجن اسپين ۾ پهچايو هو ۽ هيبرئن يهود جي چاليهه هزار ۽ بينجمن جي ڏهه هزار ڪٽنبن کي اسپين پهچايو هو. (بسنيج، يهودين جي تاريخ، vii,9,240-256).

(139) جڏهن اسيدور سيوائيل جو چيف پادري هو، ته ان سِسبت جي جوش جذبي کي داد ۽ کيس مبارڪون ڏنيون هيون. (گاٿن جا واقعا، ص 728) بئرونيَس (614ع، نمبر 41) ائموئن جي شاهديءَ تي پاڙي ٿو. (iv,22) پر اها شاهدي ڪمزور آهي ۽ مون اجا تائين ان قول جي تصديق نه ڪئي آهي. (فرانس جي تاريخ، (iii,127).

(140) بسنيج (viii,13,388-400) يهودين جي حالتن جو صحيح جائزو ٿو ونڊي، پر هن ڪجهه مواد شايد اسپين جي ڪائونسلن منجهان ان ۾ جوڙيو هجي ۽ ڪجهه وزيگاٿن جي قانون مان شامل ڪيو هجي ۽ ممڪن آهي ته اهو مواد سندس موضوع سان مطابقت رکندڙ هجي، پر اهي اندازا منهنجي مزاج ۽ تحقيق مطابق هرگز ڪونهن.

باب انٽيهون

(خلاصو)

ڪلووِس جي حڪومت ۽ سندس مذهبي تبديلي- اليماني، برگنڊيَنس ۽ وزيگاٿن خلاف سندس سوڀون- گال ۾ فرانس وارن جي موروثي بادشاهت- بربرن جا قاعدا ۽ قانون- رومين جي حالت- اسپين جا وزيگاٿ- سئڪسَنس طرفان برطانيہ جي فتح- اولهہ ۾ رومي شهنشاهت جي خاتمي بابت ماٺمن ۾ چؤڀول.

گِبن ، پنجين صدي عيسوي جي آخر ۾ ڪلووِس جي سربراهيءَ ۾ فرئنڪن جي بادشاهت جي قائم ٿيڻ جو ذڪر ڪري ٿو. ڪلووِس رومي جنرل ايجيڊيَس جي پُٽ سرئجيَس کي شڪست ڏئي ٿو جنهن کي چٽيهين باب ۾ پڻ بيان ڪيو ويو آهي، ان کان پوءِ هو الماني وارن کي ب شڪست ڏئي پنهنجي تابع ٿو ڪري جن رائين ندي جي ٻنهي ڪنارن تي قبضو ڪري ورتو هو. 496ع ۾ هو عيسائي ٿي ويو ۽ هڪ ڪٽولڪ بادشاهہ طور هن حڪمراني ڪئي. اُترئين گال ۾ آرموريڪا وارن سندس بادشاهت سان اتحاد ڪيو، چاڪاڻ ت روم جي نظم ۽ ضبط جو تجربو ۽ پيادل توڙي گهوڙيسوار فوج جا دستا پڻ وٽن موجود هيا. ڪلووِس 500 عيسوي ۾ رِدِجون جي ويجهو برگنڊي وارن کي شڪست ڏئي پنهنجن اختيارن جي دائري کي وڌائي چڌيو ۽ پُئائٽيئرس جي ويجهو وزيگاٿن کي پڻ مات ڏئي اڪئٽنائين کي ب پنهنجي بادشاهت ۾ ملائي چڌيائين. سندس حڪومت کان اڳ ۾ قانون ۽ اصول مختلف قبيلن سان لاڳو هوندا هيا ۽ گِبن هن سلسلي ۾ قتل ڪرڻ تي ڏنڊ، ڪيسن جي نوعيت ۽ اُنهن زمينن جي ورهاست جي باري ۾ پيٽ ٿو ڪري جيڪي زمينون ملڪن کي فتح ڪرڻ کان پوءِ سندن قبضي ۾ آيون هيون. ڪيترن ماٺهن کي، جن پنهنجون زمينون وڃايون هيون، سخت مفلسيءَ جا ڏينهن ڏسڻا پيا ۽ ڪلووِس جي پُٽن ۾ نااتفاقي سبب شهري بيچينيءَ کافي حد تائين وڌي وئي. اسپين ۾ وزيگاٿن جي حڪومت هيٺ پادرين، ٽوليڊو جي ڪائونسلن ذريعي امن امان جي فضا کي قائم ڪيو. ان عرصي ۾ رومي برطانيہ، سئڪسَنس ائنگلس ۽ جُوٽس جي هٿ چڙهي ويو توڙي جو نامياري آرٿر طرفان سخت مهاڏو پڻ اٽڪايو ويو. گِبن هن ڪتاب جي اصل اشاعت جو ٽيون جلد مڪمل ڪندي، اولهہ ۾ شهنشاهت جي ختم ٿيڻ جي سببن بابت تفصيلي بحث ڪيو آهي. رومي شهنشاهت ورهائجي وئي هئي پر قسطنطنيہ جي وجود ۾ اچڻ جي ڪري ان کي اوپر ۾ ڪنهن حد تائين محفوظ ٻڌايو ويو هو. عيسائيت، روم جي فوجي بهادريءَ جي روح کي ڪمزور ڪرڻ جو باعث ٻڌي هئي پر ساڳئي وقت بربرن جي ڪُهُري مزاج کي نرم ڪرڻ ۾ ب سندس ڪردار اثرائتو رهيو هو. گِبن آخر ۾ اندازو ٿو لڳائي ت سندس وقت ۾ پيهر ڪنهن ب وڏي تهذيب ۽ تمدن جي اهڙيءَ طرح غائب ٿي وڃڻ جو امڪان ڪونہ هو.

باب اُٹيتاليهون

(خلاصو)

مشرق جا شهنشاهه- زينو ۽ اَنستئسيَس- هڪ آستروگاٿ ٽوڊورڪ جو جنم، تعليم ۽ سندس پهريان فوجي معرڪا- اٽلي تي حملو ۽ سندس سوءِ- اٽلي جي گاٿ شهنشاهت- مغرب جي حالت- فوجي ۽ شهري حڪومت- سينيٽر بيٿيَس- آخري ڪم ۽ ٽوڊورڪ جو موت.

'زوال ۽ خاتمو' جا آخري ٽي جُلد 1788ع ۾ ڇپيا هيا. گبن چوٿين جُلد جي شروعات آستروگاٿ ٽوڊورڪ جي احوال سان ڪري ٿو. ٽوڊورڪ قسطنطنيه ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ 493ع ۾ پنهنجي دوست شهنشاهه انسٽئسيَس جي مدد سان اٽلي تي حملو ڪيو. هن اُڀسر کي شڪست ڏني ۽ اٽلي جي بادشاهه جي حيثيت سان ٽيٿيهن سالن تائين سڪون سان حڪومت ڪندو رهيو ۽ مغربي يورپ ۾ پڻ نظم، ضبط ۽ اعتدال سان حڪومت هلائيندو رهيو جنهن ۾ سندس ڪٽنب جي حمايتين جو وسيع ساٿ به ڪيس حاصل رهيو. توڙي جو هو پاڻ قانون جو جاڻُو ڪو نه هو پر تنهن هوندي به هن روم جي قانون ۽ انتظامي اصولن مطابق حڪومت هلائي. هو پاڻ ته روينا ۾ رهندو هو پر هن روم جي يادگارن کي محفوظ رکيو. اٽلي جي اقتصادي حالت به سندس دؤر ۾ بهتر ٿي ۽ سندس ئي دؤر ۾ مذهبي رواداري ۽ سَهپ به قابل تعريف هئي توڙي جو هو پاڻ هڪ آريَن هيو. سندس دؤر ۾ بيٿيَس جي علم ۽ ڏاهپ جي هر هنڌ هاڪ هئي ۽ ٽوڊورڪ جي حڪومت سياسي لحاظ سان ڪافي مقبول ٿي وئي. پر بدقسمتيءَ سان فيلسوف بيٿيَس تي اوپر جي شهنشاهت ۾ گاٿن خلاف سازشن جو اجايو ۽ بيهودو الزام لڳو. سال 524ع ۾ فيلسوف کي موت جي سزا ڏني وئي پر تيستائين هن 'فلسفي ۾ اطمينان' جهڙو شاهڪار ڪتاب تخليق ڪيو. ٽوڊورڪ پاڻ به 526ع ۾ گذاري ويو.

باب چاليهون

(خلاصو)

وڏي جسٽن جي ترقي- جسٽينين جي حڪومت- (1) راڻي ٿيوڊورا- (2) سرڪس جا پاڳا ۽ قسطنطنيه جي بغاوت (3) ريشم جو نهڻ ۽ ان جو واپار (4) ناٽو ۽ ٽئڪسون (5) جسٽينين جون عمارتون- سينٽ صوفيا جي چرچ - اوير جي شهنشاهت جي مورچه بندي ۽ ان جون سرحدون (6) اٽينس جي اسڪولن ۽ مئجسٽريٽن جي عهدن جو ختم ٿيڻ.

گبن، جسٽينين جي مٿاهين رتبي تي پهچڻ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو 527ع ۾ شهنشاهه ٿيو ۽ پنهنجي چاچي جسٽن- I جي تخت تي ويٺو. هن هڪ اداڪاره ٿيوڊورا سان شادي ڪئي جنهن ساڻس تڪليفن ۾ به سهڻو ساٿ نپايو. شهري امن امان کي سرڪس جي نيرين ۽ سائين راندين جي تفرقي سبب خطرو پيدا ٿي پيو جنهن جي انتها 532ع ۾ هڪ وڏي فساد تي وڃي ٿي جيڪو 'نِڪا جي غداري' جي نالي سان مشهور آهي جنهن ۾ سينٽ صوفيا جي ڪليسا به سڙي وئي. گبن پوءِ جسٽينين جي دؤر ۾ شهنشاهت جي اقتصادي حالت تي روشني وجهي ٿو جنهن ۾ ريشم جي واپار ۽ ان جي 552ع ۾ قسطنطنيه ۾ برآمد بابت اسان کي ٻڌائي ٿو. گبن هڪ اُميد ٿو رکي ته ڪيڏو نه سنو ٿئي ها ۽ ملڪ کي ڪيڏو نه فائدو پهچي ها جيڪڏهن چَپائيءَ جي صنعت کي چين مان برآمد ڪيو وڃي ها. جسٽينين جي حڪومت ۾ خرچ، ڪمائيءَ کان وڏي ويو تنهن ڪري ماڻهن تي ٽئڪسون مڙهيون ويون ۽ هڪ هٽيءَ جي ڪري وڻج واپار جي صنعت کي به نقصان پهتو. بدعنوان وزيرَ جيئن ڪپاڊوشيا جو جان ان بدحاليءَ جا ذميوار هيا. قسطنطنيه ۾ نيون ۽ عاليشان عمارتون نهڻ لڳيون جن ۾ سينٽ صوفيا جي عظيم الشان ڪليسا کي نئين سر تعمير ڪيو ويو هو. قسطنطنيه شهر جي قلع بندي کي وڌايو ويو ۽ جسٽينين ايشيا مائنر ۾ قلعن کي مضبوط ڪرايو ته جيئن فارس وارن جي حملن کان محفوظ ٿي وڃن. فلسفي جي قديم اسڪولن کي بند ڪرڻ ۽ اٽينس جي تقرير جي ماهرن جي دل شڪني ڪرڻ تي گبن، جسٽينين کي ملامت ٿو ڪري ته ساڳئي وقت مئجسٽريٽن جي قديمي نظام کي ختم ڪرڻ تي به مٺس طنز ٿو ڪري.

باب ايڪيتاليهون

(خلاصو)

اولهه ۾ جسٽينين جون سوين- بيليسئريس جو ڪردار ۽ سندس پهريان فوجي معرڪا- هڪ حملي ۾ هو آفريڪا جي وئندل بادشاهت کي پنهنجي تابع ٿو بنائي- فتح حاصل ڪرڻ تي شادمانا- گاٿن جي جنگ - هو سِسلي، نئپلس ۽ روم کي واپس ٿو وڃي- گاٿن طرفان روم جو گهيرو- شڪست کان پوءِ سندن ياڃ ۽ نقصان- روينا جو پيش پوڻ- بيليسئريس جو شان مان ۽ ڏاڪو- سندس اندروني شرمساري ۽ بدقسمتيون.

فارس وارن سان صلح ڪرڻ بعد جسٽينين آفريڪا جي وئندلن ڏانهن متوجه ٿيو. گبن ايڪيتاليهين باب ۾، آفريڪا ۽ اٽلي ۾ بيليسئريس جي شاندار سوين جو ذڪر ڪري ٿو. بيليسئريس اڳ ۾ ئي فارس وارن جي خلاف پنهنجي تجربي ۽ بهادريءَ جو ڏاڪو ڄمائي چڪو هيو. سندس فوج کي ساموندي ٻيڙن ذريعي سِسلي جي رستي کان آفريڪا ۾ آندو ويو جتي 533ع ۾ سندس فوجي ڪارٽيج ۾ وڃي لٿا. هن گليمر جي هنڌ تي وئندلن کي شڪست ڏني، اهڙيءَ طرح ڪارٽيج ٻيهر روم جي شهنشاهت سان ملي هڪ ٿي ويو. بيليسئريس کي هاڻي قسطنطنيه ۾ پڻ شاندار ڪاميابي حاصل ٿي، اُتر- آفريڪا جا مسلمان رومين لاءِ خطري جو باعث هيا پر سليمان، جيڪو بيليسئريس جو جانشين ٿيو، مسلمانن کي 539ع ۾ شڪست ڏني ۽ روم جي سرحدن کي اڃا وڌائي ڇڏيو. جسٽينين پڻ اسپين ۾ روم جي اثر ۽ نالي کي اڳتي وڌايو ۽ وزيگاٿن سان اتحاد ڪيو ته جيئن هو پنهنجن منصوبن ۾ ڪامياب ٿئي. ان دؤران 526ع ۾ ٿوڊورڪ جي مرڻ کان پوءِ اٽلي ۾ گاٿن جي وچ ۾ هڪ ڇڪتاڻ جو ماحول پيدا ٿي ڀيو، ۽ جسٽينين کي پنهنجو سڄو توجهه نئين مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ ڏيڻو پيو. وري بيليسئريس جي ڪمان هيٺ سِسلي سندس اڳيان اچي پيش پيو. روم ته 536ع ۾ جنگ ڪرڻ ڪانسواءِ ئي هٿيار ڦٽا ڪيا پر گاٿن وٽيجز جي ڪمان هيٺ فوجين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ بيليسئريس کي روم اندر هڪ سال لاءِ گهيري ۾ بند رکيو ويو. شهنشاهه پنهنجا مددگار جٽا موڪلي ڏنا ۽ بيليسئريس نيٺ وٽيجز کي مجبور ڪيو ته هو روينا طرف واپس موٽي وڃي توڙي جو برگنڊي وارا ۽ فرئنڪ ٻئي ڏريون گاٿن جي مدد ڪري رهيون هيون. جسٽينين، وٽيجز کي صلح قائم ڪرڻ جي آڇ ڪئي پر بيليسئريس موقعي جو فائدو ونندي وٽيجز کي 539ع ۾ پيش پوڻ تي مجبور ڪيو. تنهن هوندي به جسٽينين، قسطنطنيه ۾ وٽيجز جو استقبال ڪيو ۽ ڪيس سينيٽر ٻڌائي ڇڏيو. بيليسئريس کي پڻ فوجين توڙي عام ماڻهن پاران خوب داد ۽ آفرين مليو. هو جسٽينين جو وفادار ساٿي رهيو، ۽ شهرت توڙي لياقتن ۾ ٻيو ڪوبه سندس مَٽ ڪونه هو، پر بدقسمتيءَ سان سندس زال ساٿس بيوفائي ڪئي جنهنڪري سندس طاقت توڙي دولت جي پوزيشن ڪمزور ٿي وئي.

باب پائيتاليهون

(خلاصو)

بربرن جي حالت- دنيوب جي ڪنارن تي لومباردن جي آبادي- قبيلا ۽ اسڪلئوونيَنس جون حد دخليون- ترڪن جو اصل نسل، شهنشاهت ۾ سندن سفارتخانا- ائوَرس جي ياڄَ- فارس جو خسرو-I يا نوشيروان بادشاهه- سندس حڪومت ۾ ماڻهن جي خوشحالي ۽ رومين سان جنگيون- ڪولچيَن يا لئزڪ جي جنگ - حبش جا ماڻهو.

اِٽلي ۾ گاٿن جي شڪست سبب اُتر جا جرمن قبيلا هر طرف ڪاهي پيا، ان ڪري جسٽينيَن کي لومباردن سان اتحاد ڪرڻو پيو ته جيئن دنيوب جي ڪنارن کان امڪاني حملي کندڙن جي پيڙ کي روڪي سگهي. قسطنطنيه کي اسڪلئوونيَنس طرفان حملي جو خطرو پيدا ٿي پيو هو. مشرق بعيد ۾ ترڪن طرفان طاقت سان اُپرڻ ڪري بربرن جي لڏپلاڻ البت رڪجي وئي هئي. ترڪن ۽ رومين پاڻ ۾ اتحاد ڪيو ته جيئن فارس کان خسرو جي طاقتور بادشاهت جو مقابلو ڪري سگهن. شروع ۾ جسٽينيَن فارس سان صلح ڪيو پر خسرو 540ع ۾ شام تي حملو ڪيو ۽ انتاڪيا کي به تباهه ڪيو. بيليسئريس کي هڪدم موڪليو ويو ته خسرو کي فلسطين تي حملي ڪرڻ کان روڪي. فارس جي بادشاهه اٽلوڪاري سمنڊ تي به قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪالچيَنس، ڪاڪسَس جبل وٽ سندس رستو روڪيو. آخرڪار جسٽينيَن ۽ خسرو جي وچ ۾ پنجاهه سالن تائين صلح قائم رکڻ جو معاهدو طئي ٿي ويو.

باب ٽيتاليهون

(خلاصو)

آفريڪا ۾ فتنو فساد- ٽوٽيلا طرفان گاٿن جي بادشاهت جي بحالي- نقصان ۽ روم جي بحالي- نارسِس طرفان اٽلي جي مڪمل فتح- آسٽروگاٿن جو خاتمو- فرئنڪن ۽ اليماني جي شڪست- بيليسئريَس جي آخري سوپ، بيعزتي ۽ سندس موت- جسٽينين جو ڪردار ۽ سندس موت- پُڇڙ تارا، زلزلا ۽ وبا.

گِبن، 43هين باب جي شروعات شهنشاهت طرفان ٽئڪسن مڙهڻ جي پاليسي سان ٿو ڪري، جنهن سبب بيليسئريس جي وڃڻ کان پوءِ آفريڪا ۾ فساد ۽ وڪوڙي حالتون پيدا ٿي ٿيون. ڪارٿيج کي ڦري تاراج ڪيو ويو ۽ تڏهن وڃي ڪجهه ناپر ٿي جڏهن بيليسئريَس ٻيهر اُتي پهتو. ڪارٿيج ۾ هڪ صديءَ تائين شاهي حڪمن جي تابعداري ڪئي وئي پر آفريڪا تڏهن ويران ٿي ويو جڏهن اُتر- اولهه آفريڪا جي مسلمانن طرفان اُتي حملا شروع ٿي ويا. ان وچ ۾ گاٿن، ٽوٽيلا جي ڪمان هيٺ اٽلي ۾ فساد برپا ڪري ڇڏيو. ٽوٽيلا ماڻهن کي حفاظت ۽ معاشي آسودگيءَ جو يقين ڏياريو جيڪو جسٽينيَن جي پٽا خوريءَ جي مقابلي ۾ گهٽو بهتر هو. بيليسئريَس کي ٻيهر حالتن کي سازگار بنائڻ لاءِ موڪليو ويو، پر هن وٽ هڪ ٽه ضروري شين ۽ سامان جي گهٽتائي هئي، ٻيو وري شهنشاهه جي حڪومت لاءِ ماڻهن ۾ ڪوبه چاهه ڪونه هو. ٽوٽيلا 546ع ۾ روم جو گهيرو ڪيو ۽ روم ۾ تڏهن ڏُڪار جي حالت هئي تنهنڪري هنن جلدي آڻ مڃي ڇڏي. هو عمارتن ۽ شهر جي ديوارن کي ڍاهڻ ۾ دير نه ڪري ها پر خوش قسمتيءَ سان بيليسئريَس عين موقعي تي اُتي پهچي ويو. بيليسئريَس کي 548ع ۾ جسٽينين واپس گهرائي ورتو پر هڪ ڪڙي نارسِس جي سربراهيءَ ۾ هڪ ٻي مهم جو آغاز ڪيو ويو. 552ع ۾ لومبارڊن جي مدد سان نارسِس گاٿن کي شڪست ڏيئي روم جو ٻيهر ڪنٽرول سنڀالي ورتو. جنگ ۾ ڪيترائي سينيٽر مارجي ويا هيا ۽ ائين ٿي لڳو ٽه روم جي سينيٽ جا ڏينهن پورا ٿي ويا هيا. فرئنڪن ۽ اليماني جي لشڪرن اٽلي تي حملو ڪري ڏنو پر اُنهن کي نارسِس آخرڪار 554ع ۾ شڪست ڏني. اٽلي ۾ گاٿن جي بادشاهت سڌ سالن تائين هلي ۽ نارسِس روينا جي گورنر ۽ شهنشاهه جي نمائندي جي حيثيت سان 568ع تائين پنهنجي منصب تي فائز رهيو.

بيليسئريَس کي هڪ دفعو وري هڪ جنگي جوڏي جي حيثيت سان آزمائڻو پيو جو کيس 559ع ۾ بلغاريا جي حملي کي ناڪام بنائڻو هو جنهن سبب قسطنطنيه جي حفاظت کي خطرو پيدا ٿي پيو هو. پر پوءِ جلد ئي جسٽينين خلاف سازش ڪرڻ جي الزام ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو. بدقسمتيءَ سان سندس بيڏوهي هئڻ جي ثابتي 565ع ۾ سندس موت کان ٿورڙوئي اڳ تسليم ڪئي وئي. جسٽينين به ساڳئي سال ۾ مري ويو. گِبن، جسٽينيَن جي خاصيتن جو ذڪر ڪري ٿو ته عام ماڻهو به سندس دروازي تائين پهچي ويندا هيا ۽ کانئس انصاف جو فيصلو وجي ونندا هيا، هو کائڻ پيئڻ ۾ اعتدال پسند هو پر شهرت جو سدائين طلبگار رهندو هو توڙي جو هن پاڻ ڪڏهن به ڪنهن جنگ ۾ فوجن جي اڳواڻي نه ڪئي. گِبن اڳتي هلي ٻڌائي ٿو ته بيليسئريَس جي وڌيڪ شهرت سبب سندس نالو جڙ پنتي رهجي ويو هو. گِبن هن باب جي پڄاڻي بدبختيءَ جي واقعن سان ڪري ٿو جنهن ۾ پچڙ تارن جو ظاهر ٿيڻ، زلزلن جو اچڻ ۽ وبائي بيمارين جو پکڙجڻ نمايان هيا جن جي ڪري جسٽينين جي حڪومت جو پويون دؤر تڪليفن ۽ مصيبتن جي مُنهن ۾ اچي ويو هو.

باب چوئيتاليهون

(خلاصو)

روم جي قانون بابت- بادشاهن جا قانونَ- ڊسيمور جون ٻارهن جدوَلون- عوام جا قانون- سينيٽ جا فرمانَ- مئجسٽريٽن ۽ بادشاهن جا فرمانَ- شهرين جا اختيارَ- جسٽينين جا قانونَ- مڪمل ضابطا، ناول (جسٽينين جا خاص قانون) ۽ سندس ارادا- (1) ماڻهن جا حق (2) شين جا حق (3) شخصي زخم ۽ ڪنيل قدم (4) ڏوهه ۽ سزائون.

باب 44هون روم جي قانوني سرشتي جي وضاحت بابت آهي جيڪي قانون روم جي اڳين بادشاهن کان ونيِ جسٽينين جي اصلاحي نظام تائين جاري رهيا. عوامي مئجسٽريٽن روم جي هر شهري لاءِ اهڙا قانون ٺاهيا هيا جن جي پابندي ڪرڻ اُنهن لاءِ لازمي هئي پر آگسٽس عوامي اسيمبلين کي ختم ڪري اُنهن جي جڳهه تي 600 سينيٽرن جي هڪ اهڙي اسيمبلي ٺاهي جنهن کي قانونسازيءَ جا اختيار پڻ سؤنپيا ويا. هئبرئن جي هڪ دائمي فرمانَ، شهري قانون جو هڪ معيار مقرر ڪري ڇڏيو هو ۽ ان کان پوءِ شهنشاهن جي حڪمن توڙي قانونن کي ڪانسٽئٽائن ۽ ٿوبوسيَس طرفان باقاعدگي وارن اصولن جي سرشتي ۾ آندو ويو هو. قانونن جا اسڪول سِسرو جي ڏينهن ۾ وجود ۾ آيا هيا. جسٽينين هڪڙي فيلسوف جنهن جو نالو ٽرائبونيَن هو، کي هڪ ڪم سونپيو ته قانون جون ٻارهن جدوَلون ٺاهي جن کي پوءِ 'جسٽينيَن جا خاص قانون' جو نالو ڏنو ويو، انهن قانونن جي جدوَلن کي سڄي شهنشاهت ۾ ورهايو ويو. ٽرائبونيَن هيٺان سترهن وڪيل مقرر ڪيا ويا هيا جن قانونن جا مڪمل ضابطا ۽ اُنهن جا ادارا ويهي ٺاهيا جن کي روم جا هلندڙ قرندڙ قانون ڪوٺيو ويو جن 533ع ۾ جسٽينيَن جي قانونن سان ملي ڪري اسڪولن توڙي ڪورٽن ۾ شهري قانونن جي شڪل ورتي.

(جسٽينين جا قانون بہ فرمان هيا) قانون بابت اڳين تحريرن کي ان حد تائين نظرانداز ڪيو ويو جو جڏ انهن جو وجود ئي ڪونہ هيو. گِبن، روم جي قانونن کي چئن عنوانن هيٺ ورهائي ٿو: (1) ماڻهو جن ۾ سماجي رتبي وارا توڙي ڪٽنب جن جو سلسلو لڳاتار ڳنڊيل هجي، (2) شيون يا ملڪيت جتي گِبن ان ڳالهه جي تصديق ٿو ڪري ته مويي پُٽ جي حق جو هن قانون ۾ ڪو ڪردار ڪونہ هيو، (3) عمل يا معاهدا ۽ (4) ذاتي ناانصافيون جن جو تعلق سڌوسنئون ڏوهن جي قانون جي بحثن مباحثن سان هيو. اڳين قانونن موجب وڏا ڏوهه فقط نوَ(9) هيا پر پوءِ شهرين کي قاسي يا موت جي سزا کان آجو ڪيو ويو هو. غلامن لاءِ خانگي انصاف جو ادارو موجود هيو. ڪانسٽئٽائن جي حڪومت ۾ جڏهن عيسائيت جو مذهب رائج ٿيو ته سزائن کي خاص طرح زنا جهڙن ڏوهن لاءِ سخت ٻڌايو ويو هيو. گِبن آخر ۾ نتيجو اهو ٿو ڪڍي ته توڙي جو قانونن کي باقاعدگيءَ سان نافذ ڪيو ويو هو پر تنهن هوندي بہ جسٽينين جي رعيت جا ماڻهو گهڻن قانونن جي جَنڊَ ۾ پيسجي رهيا هيا ۽ ان کان سواءِ شهنشاهه جي ذاتي پسند يا ناپسند بہ ماڻهن جي عذابن کي وڌائي ڇڏيو هو.

باب پنجيتاليهون

(خلاصو)

ننڍي جسٽن جي حڪومت- ائوَرس جو سفارتخانو- دنيوب جي ڪنارن تي سندن آباد ٿيڻ- لومبارڊس طرفان اٽلي کي فتح ڪرڻ- ٽائبيريس جي حڪومت جو قائم ٿيڻ- مارس بابت- لومبارڊس ۽ روينا جي گورنرن هيٺ اٽلي جون حالتون- روم جون تڪليفون ۽ سُورَ- گَريگري-I جو ڪردار ۽ سندس مڪيہ پادري هڻڻ جي حيثيت.

گِبن ، جسٽينيَن جي پائٽي جسٽن- II جي 565ع ۾ تخت تي ويهڻ بابت اسان کي ٻڌائي ٿو. جسٽن-II نارسِس جي جڳهہ تي روينا جو گورنر مقرر ٿيو پر هو ايترو ته ڪمزور هو جو اٽلي تي لومبارڊن جي حملي کي روڪڻ ۾ ناڪام ويو جيڪو آلبائن طرفان ڪيو ويو هيو. 574ع ۾ پنهنجي بگڙندڙ صحت سبب جسٽن، پاڻ سان گڏ ٽائبيريس کي محافظن جو ڪپتان مقرر ڪري چڏيو پر چئن سالن کان پوءِ جسٽن گذاري ويو، ٽائبيريَس جي حڪومت شروع ۾ ته ماڻهن تي سنو اثر وڌو پر هن جي صحت بہ خراب رهڻ لڳي. تنهنڪري هن فارس وارن جي خلاف مارس کي پنهنجو جانشين ٻڌايو جيڪو هڪ فاتح جنرل هيو. اٽلي ۾ نئين شهنشاهہ فرئنڪن جي مدد سان لومبارڊن جي سخت مخالفت ڪئي پر اٽلي ۾ لومبارڊن جي بادشاهت کي آٽارس قائم ڪري چڏيو توڙي جو روينا جي گورنري وڌيڪ ہن سؤ سالن تائين قائم ٽي چڪي هئي. روم جي حالت ابتري واري هئي چاڪاڻ ته ہوڏن ۽ ڏڪر جي ڪري ماڻهو روم چڏي ہين ملڪن ڏانهن هليا ويا هيا ۽ جيئن ته روم بربادي‌ءَ جو منظر پيش ڪري رهيو هيو ته اهڙي جڳهہ ويراڳين جي رهڻ لاءِ موزون هئي جتي هو اچي رهيا هيا. جيئن ته روم اجا شهنشاهت جو حصو هيو، تنهنڪري پادري جيڪو عظيم گريگري جي نالي سان مشهور هيو ۽ جنهن 590 کان 604ع تائين حڪومت ڪئي، روم کي ٻيهر جيارڻ جي ڪوشش ڪئي، هن اولهہ ۾ ڪليسا جي نظم ۽ ضبط کي قائم رکيو ۽ اٽِلي جي آرين جي سربراهي‌ءَ ۾ اسپين وارن کي بہ ڪئٿولڪ ڪليسا جي نظام هيٺ آندو ويو ۽ برطانيہ جي اينگلوسئڪسنس کي پڻ پاڪ غسل ڏنو ويو. هن ڪليسائي ملڪن جي آمدني حاصل ڪري غريبن جي مدد ڪئي ۽ روم کي لومبارڊن هٿان تاراج ٿيڻ کان بچائي چڏيو ۽ شهنشاهت کي مجموعي طرح سان وڌيڪ بربادي‌ءَ کان ڪنهن حد تائين بچائي ورتو.

باب چائيتاليهون

(خلاصو)

خسرو يا نوشيروان جي مرڻ کان پوءِ فارس ۾ انقلابن جي لهر- سندس پٽ هرمز کي جيڪو هڪ آمر هو، تخت تان لاٿو ويو- خسرو-II جي ياڄ ۽ ٻيهر بحالي- رومين لاءِ سندس احسانمنديءَ جا جذبا- ائوَرس جا خاقان- مارس جي خلاف فوج ۾ بغاوت- سندس موت- فوڪس جي آمريت - فارس جي جنگ - خسرو، شام، مصر ۽ ننڍي ايشيا کي پنهنجي فرمان هيٺ آڻي ٿو- ائوَرس ۽ فارسين طرفان قسطنطنيہ جو گهيرو- فارس وارن جا فوجي معرڪا- حرقل (هيراڪليَس) جون سوين ۽ سندس اعزاز.

روم جي شهنشاهہ جسٽينيَن ۽ فارس جي بادشاهہ خسرو جي وچ ۾ صلح جا معاهدا ٿيندا رهيا ۽ ٽُٽندا رهيا تانجو سن 579ع ۾ خسرو گذاري ويو. گبن اسان کي ٻڌائي ٿو تہ کيئن سندس پُٽ ۽ سندس جانشين هُرمز کي هڪ فساد ۾ تخت تان لاٿو ويو ۽ کيئن خسرو جي پوٽي جنهن جو پڻ نالو ساڳيو هو، شهنشاهہ مارِس وٽ وڃي پناهہ ورتي، ۽ جنهن جي مدد سان کيس ٻيهر 591ع ۾ فارس جي تخت تي ويهاريو ويو. ان دؤران دنيوب جي ڪنارن کان شهنشاهت کي ائوَرس طرفان خطرو پيدا ٿي پيو. مارس جي فوجن آخرڪار جهڪڙو ڪري فوڪَس کي 602ع ۾ سؤ سپاهين جو هڪ سپهہ سالار مقرر ڪي ڇڏيو. هن واڳون ونڻ شرط ظلم ڪرڻ شروع ڪيا ۽ مارس جي ڪٽنب کي تباهہ ڪرڻ خاطر زيادتيون ڪرڻ شروع ڪيون پر پوءِ حرقل (هيراڪليَس) کيس هٽائي 610ع ۾ پاڻ تخت تي ويهي رهيو. هراڪليَس آفريڪا جي گورنر جو پٽ هيو. مارس جي موت کان پوءِ، فارس جي خسرو- II روم جي شهنشاهت تي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. هن شام تي حملو ڪيو ۽ انتاڪيا تي 611ع ۾ ۽ جيروسلم تي 614ع ۾ قبضو ڪري ورتو. هن مصر تي 616ع ۾ حملو ڪيو ۽ ٽرپولي (ليبيا) ۾ پهچي ويو جڏهن تہ فارس جي ٻي فوج ننڍي ايشيا ۾ ڪُوچ ڪندي ڪالسيڊن تي وڃي قبضو ڪيو جيڪو باسفورس جي ڪناري تي قسطنطنيہ جي بلڪل سامهون هو. هيراڪليَس(حرقل) جي حڪومت جي پهرين ٻارهن سالن ۾ ائين ٿي محسوس ٿيو تہ روم جي شهنشاهت بلڪل ختم ٿي ويندي. خسرو هڪ آهڙو صلح نامو موڪليو جيڪو زوريءَ اوڳاڙي تي مبني هو جڏهن تہ حرقل، فارس وارن لاءِ ناڻي جي وصولي ۾ مصروف هوندي بہ جنگ ڪرڻ جو سوچيو. چرچ بہ مدد ۾ پنهنجي طرفان پئسا ڏنا ۽ 622ع کان ٽن سالن اندر حرقل ننڍي ايشيا ۾ پنهنجي مهم کي جاري رکيو ۽ ان جو دائرو ڪئسپيَن سمنڊ کان وٺي اصفحان تائين هليو ويو. موٽ ۾ خسرو، ائوَرس سان اتحاد ڪيو جن 626ع ۾ قسطنطينہ تي حملو ڪيو پر کين ناڪامي نصيب ٿي. حرقل هاڻي ترڪن سان اتحاد ڪيو ۽ ايندڙ سال ۾ نينوا جي هنڌ وٽ فارس جي فوج کي تباهہ ڪيو ويو. خسرو کي سندس پنهنجن ئي ماڻهن حڪومت تان لاهي ڇڏيو ۽ سندس اقتدار مان ڌار ٿيڻ شرط سندس سڄو ملڪ افراتفريءَ جو شڪار ٿي ويو. حرقل سوپارو ٿي قسطنطنيہ ڏانهن واپس موٽيو؛ ان جي باوجود ايندڙ اٽن سالن ۾ هن جيڪي صوبا، شام ۽ فلسطين کان پنهنجي شهنشاهت ۾ ملايا هيا، اُهي سيئي عربن ڏانهن هليا ويا.

باب ستيتاليهون

(خلاصو)

روحاني شئي جي جسماني روپ وٺڻ جي فلسفي جي مذهبي تاريخ- حضرت عيسيٰؑ جي انساني ۽ خدائي فطرت- سڪندريہ ۽ قسطنطنيہ جي بزرگن جي وچ ۾ دشمنيون- سينٽ سائرل ۽ نيسٽوريَس- اِفيسَس جي ٽين عام مجلس- يوٽئچيَس جي لادينيت- ڪالسيڊن جي چوٽين عام مجلس- شهري ۽ ڪليسائي تفرقا- جسٽينين جي اَسهپ يا ڪٽرپٽو- ٽي بابَ- حضرت عيسيٰؑ بابت اختلاف - اويہ جي فرقن جي نوعيت ۽ حالت- (1) نسٽوري (2) اسرائيلي (3) مئرونائيٽس (4) آرمينيا جا عيسائي (5) مصري عيسائي (6) حَبش جا عيسائي.

باب 47هين جي شروعات حضرت عيسيٰؑ جي ٻيهر انساني روپ وٺي اچڻ بابت مختلف نظرين ۽ سندس فطرت جي جدا جدا رَوين تي ويچار ڪرڻ سان ٿئي ٿي. ان کان پوءِ گبن، پنجين صدي عيسوي جي پهرئين اڌ ۾ سڪندريہ جي سينٽ سائرل ۽ قسطنطنيہ جي سردار نيسٽوريَس جي مخالفت ۽ سندن اذيتن جو ذڪر ڪري ٿو. سن 431ع ۾ ايفيسَس جي ڪائونسل جو اجلاس جيڪو ٿيوڊوسيَس- II سڏرايو هيو، سو حقيقت ۾ ماڻهن کي جسماني اذيتن ڏيڻ لاءِ طاقت جو مظاهرو هو. حضرت عيسيٰؑ جي ٻيهر انساني روپ ۾ ظاهر ٿيڻ بابت سينٽ سائرل جي خيالن جي تائيد ڪئي وئي ۽ نيسٽوريس ٽيٺ 435ع ۾ پنهنجي رتبي واري جڳهہ کي خيرباد چيو پر اهو معاملو پوري طريقي سان ڪالسيڊن جي ڪائونسل ۾ 451ع ۾ وڃي نبريو جڏهن حضرت عيسيٰؑ جو، هڪ ماڻهوءَ ۾ بن طبيعتن يا رَوين سان اظهار ٿيڻ، جي فلسفي کي تسليم ڪيو ويو. اويہ ۾ ان فلسفي جا مخالف تيز ٿي ويا ۽ هڪ مذهبي جنگ شروع ٿي وئي جنهن باعث 514ع ۾ شهنشاهہ انسٽئيَس جي شهنشاهت جي اونڌي ٿيڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو. شهنشاهہ جسٽينيَن هڪ جوشيلو ڪئٿولڪ هيو تنهن ڪري سندس خواهش هئي تہ پلي مذهبي احتلاف وڌن. هن عام عيسائين کي، يعني اُهي جيڪي ڪٽر ڪئٿولڪ نہ هيا، اذيتون پهچائڻ شروع ڪري ڇڏيون پر پوءِ ٿيوڊرا جي اثر هيٺ هن روم جي ڪليسا کي جدا ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي عيسائي اويہ ۾ جوشيلا نہ بہ هيا اُنهن سان بہ ناهہ ڪري ڇڏيو. شهنشاهہ هرڪيوليس جي اُڪسائڻ تي هڪ سمجهوتي جي ڪوشش ڪئي وئي تہ حضرت عيسيٰؑ بلاشڪ بن طبيعتن پر

هڪ خواهش سان ظاهر ٿيندو پر روم جي ڪليسا ان فلسفي جي تائيد نہ ڪئي ۽ پنهنجي حمايت واپس ونڊي ڇڏي. نيٺ ستين صدي عيسوي ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ پہ خواهشون حضرت عيسيٰ ؑ جي عظيم شخصيت سان بلڪل مطابقت رکن ٿيون تنهن ڪري ان فلسفي کي عمومي طور تي قبول ڪيو ويو. اوپر ۾ فقط شام ۽ مصر جي ڪليسائن ۾ اختلاف رهيو جيڪي ٻين کان جدا رهيون ۽ گبن هي باب اُنهن ڪليسائن جي ذڪر تي ختم ٿو ڪري: يعني فارس ۾ نستوري ڪليسا جن پنهنجن پرچارڪن کي هندستان ۽ مشرق بعيد موڪليو هو؛ اسرائيلي جن جو نالو ويراڳي يعقوب جي پٺيان رکيو ويو هيو، مئرونائيٽس جن جو نالو مصر جي هڪ سنياسي پٺيان رکيو ويو هو، آرمينيا وارا جن جو اعتقاد حضرت عيسيٰ ؑ جي فقط هڪڙي طبيعت ۾ آهي جنهن ۾ ڪوبہ بگاڙ پيدا نہ ٿيو آهي ۽ مصر ۽ حبش وارن جون ڪليسائون جيڪي قسطنطنيہ جي مڪيہ ڪليسا کان صفا الڳ ۽ آزاد هيون.

باب اٺيتاليهون

(خلاصو)

آخري ٻن جلدن لاءِ رٿا يا تجويز- حرقل (هيراڪليس) جي وقت کان وٺي لاطيني فتح تائين قسطنطنيہ جي يوناني شهنشاهن جي تخت نشيني ۽ سندن ڪردار.

گبن هن ڪتاب جي باقي رهيل ٻن جلدن جي مواد جي تجويز بابت ويچار ڪري ٿو ۽ پوءِ جلدئي قسطنطنيه ۾ حرقل جي جانشينن جي حڪومتن کي هڪ نظر مان ڏيڻ ٿو. حرقل جي نسل کي 717ع ۾ شام جي شهنشاهن اڳتي وڌايو جن کي 'بُت- شڪن' چيو ويندو هو ڇاڪاڻ ته اُهي ڪليسائن ۾ مورتين يا تصويرن جي پوڄا ڪرڻ کان منع ڪندا هيا. شهنشاهه تخت تي ويهندا ۽ هڪ ٻئي پٺيان لهندا ۽ روانا ٿيندا رهيا تانجو اهو سلسلو تيستائين جاري رهيو جيسين باسل- I، 867ع ۾ تخت تي ويٺو ۽ مئسيڊونيا جي شاهي گهراڻي جو سلسلو هتان کان شروع ٿي ويو. گبن، باسل جي مٿاهين صلاحيت ۽ سندس لياقتن کي مجي ٿو ته هن پنهنجين فوجين جي پاڻ ڪمان ۽ اڳواڻي ڪئي ۽ پنهنجي ملڪ جي اقتصادي حالت کي بہ سڌاريو. سندس ئي حڪومت ۾ جسٽينيَن جي قانونن جو يوناني زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو. مئسيڊونيا جي شهنشاهت 1057ع تائين هلي جنهن ۾ ڪو نمايان ڪارنامو نہ ٿيو سواءِ ان جي ته مسلمانن، روسين ۽ بلغاريا وارن خلاف ڪين ڪجھ ڪاميابيون حاصل ٿيون. آزاديءَ جي روح جا ڪجھ آثار ان وقت نظر آيا جڏهن اليگزيَس 1081ع ۾ تخت تي ويٺو جيڪو ڪامنيني حڪمرانن جو پهريون شهنشاهه هيو. دنيوب جي ڪنارن کان بربرن جي حملي جي خطرن جي باوجود ستٽيهن سالن تائين سندس حڪومت هلندي رهي توڙي جو بربرن کان سواءِ ترڪن، نارمن ۽ لاطيني عيسائين جي مخالفت جو بہ ڪيس سدائين خطرو رهندو هو تڏهن بہ هو پنهنجن اصولن ۽ قانونن مطابق حڪومت ڪندو رهيو. سندس پُٽ جان- II جي حڪومت ۾ موت جي سزا کي ختم ڪيو ويو، عدالتن جي شان کي گهٽايو ويو پر جيڪي صوبا ساموندي ڪنارن تي آباد هيا اُنهن جي حالتن ۾ ڪافي بهتري آئي. سندس ننڍو پاءُ مئنوئل- I پنهنجي حڪومت هڪ فوجي اڳواڻ طور هلائي ۽ گبن سندس سؤٽ ائنڊرونيڪَس جي فوجي ڪارنامن توڙي سندس پيار ۽ عشق جي قصن کي بيان ٿو ڪري. هڪ خانہ جنگي، جيڪا مئنوئل جي مرڻ کان پوءِ شروع ٿي، ائنڊرونيڪَس طاقت جي زور تي شهنشاهه ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي پر 1185ع ۾ ماڻهن جي هڪ هجوم متس حملو ڪيو ۽ آڻ ماري ڇڏيائونس. سندس جانشينن جي اختلافن جو فائدو وٺندي، لاطينين، 1204ع ۾ قسطنطنيه تي قبضو ڪري ورتو.

باب اٺونجاهون

(خلاصو)

بُتن جو تعارف، اُنهن جي پُوڄا ۽ اُنهن کي اذيتون پهچائڻ- اٽلي ۽ روم ۾ بغاوت- پادرين جي دنياداري واري حڪمراني- فرئنڪن طرفان اٽلي جي فتح- بُتن کي آباد ڪرڻ- چارليمئگني جو ڪردار ۽ سندس تاجپوشي- اولهه ۾ روم جي شهنشاهت جي بحالي ۽ زوال پذيري- اٽلي جي آزادي- جرمن سرشتي جو آئين.

گبن ٻڌائي ٿو ته بُتن جي عبادت کيئن اوپر ۽ اولهه جي ڪليسائن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو هو. ڪابه اهڙي تصديق نه ٿي هئي ته حضرت عيسيٰؑ هن دنياوي زندگيءَ ۾ بچي ويو هو ۽ شهنشاهه ليؤ- III ۽ سندس جانشينن انهين صدي عيسوي ۾ هڪ فرمان جاري ڪيو هو جنهن موجب ڪليسائن ۾ بتن جي پوڄا ڪرڻ تي پابندي مڙهي وئي هئي. 754ع ۾ قسطنطنيه جي پئچائت بتن جي پوڄا جي سخت مذمت ڪئي ۽ اُنهن کي تباهه ڪرڻ تي فساد برپا ٿي ويو. روم جي پادرين ان پاليسي جي مخالفت ڪئي ۽ کين وڏي عوامي حمايت پڻ حاصل هئي. حقيقت ۾ روم جا دنياوي يا اصلي حڪمران جڏ پادري هيا ۽ جڏهن روم جي آزاديءَ کي لومبارڊن جي طرف کان خطرو پيدا ٿي پيو ته هنن فرئنڪن جي بادشاهت جي پيپن ۽ سندس پُٽ چارليمئگني کي مدد ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي. روم جي تاجدار شهنشاهه طرفان 800ع ۾ لومبارڊن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ، چارليمئگني هر لحاظ سان گورنرن جو جانشين بڻجي ويو جيڪي اڳ اوپر ۾ اٽلي جي شهنشاهن جا نمائندا هوندا هيا. ڪانسٽئنٽائن طرفان اڳ ۾ پادريت جو هڪ مصنوعي ادارو روم ۾ وجود ۾ اچي ويو هو. ان دؤران بتن جي معاملي کي به، پادريت جي وجود ۾ اچڻ سان گڏ، حل ڪيو ويو، توڙي جو بُت- پيجيندڙن ۽ بتن جي پوڄا ڪندڙن جي هڪ ٻئي سان مخالفت ۽ جدوجهد هلندي رهي جيڪا نائين صدي عيسوي تائين لڳاتار جاري رهي. گبن پوءِ چارليمئگني جي حڪومت جي ڪاميابين جو جائزو ٿو وٺي ۽ سندس شهنشاهت جي حدن کي توري تکي ٿو جيڪي ايبرو کان ايلب تائين پکڙيل هيون. توڙي جو شهنشاهت هاڻي ننڍين بادشاهتن ۾ ورهائجي وئي هئي، جيئن جرمني، فرانس ۽ اٽلي جون بادشاهتون، تنهن هوندي به ڏهين صدي عيسوي جي پوئين اڌ ۾ سندس بخت ۽ پاڳ تڏهن واپس وريو جڏهن

اونو- I شهنشاهه ٽيو ۽ جرمني توڙي اٽلي وارن به کيس شهنشاهه ڪري تسليم ڪيو ۽ وڏي پادري سنڊس تاجپوشيءَ جي رسم ادا ڪئي. اهو ورلي ٽيو هوندو ته جرمني جي شهنشاهه ڪڏهن روم جي آزاديءَ لاءِ پنهنجي تعاون جو هٿ وڌايو هجي ۽ ٻارهين صدي عيسوي ۾ لومبارڊن جي شهري ڪائونسل اقتصادي طور مضبوط ٿي وئي. جيئن ماڻهن ۽ ملڪن کي وڻڻ ۽ چونڊڻ جو حق مليو ته ننڍين بادشاهتن ۾ بادشاهن توڙي پادرين جي حڪومتن جي وجود ۾ اضافي اچڻ سان شهنشاهتن جا اختيار جرمني ۾ بلڪل گهٽجي ويا. گبن، 1356ع ۾، بوهيميا جي چارلس- IV جي سکڻي ڏيکاوَ جي پيٽ آگسٽس پهرئين سان ٿو ڪري ۽ ٻنهي جي وچ ۾ وڏي تضاد جو ذڪر ٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته آگسٽس روم جي شهرين کي هڪ باوقار سڃاڻپ ڏني هئي.

باب پنجاهون

عربستان ۽ ان جي رهواسين جو احوال: مُحَمَّد مصطفيٰ (ﷺ) جن جو جنم- سندن ڪردار ۽ نظريو- پاڻ مڪي ۾ تبليغ ڪن ٿا- مديني ڏي هجرت ڪن ٿا- پنهنجي مذهب کي ڦهلائن ٿا- متضاد جذبن سان عربن جي فرمانبرداري- سندن لاڏاٽو ۽ جانشين- حضرت علي ؓ ۽ سندن اولاد جون دعوائون ۽ سندن نصيب.

ڇهه سؤ سالن تائين قسطنطنيه ۽ جرمني جي قيصرن (سيزرس) جا حال احوال اوريندي آءٌ هاڻي حرقل جي حڪومت تائين پهچي ويو آهيان، جيڪا يوناں جي موروثي بادشاهت جي اوپر وارين سرحدن تي قائم هئي، جڏهن ته ملڪ فارس جي جنگين سبب ڏيوالو ٿي ۽ ختم ٿي چڪو هو ۽ ڪليسا کي به نسٽورين توڙي حضرت عيسيٰ ؑ ۾ عقيدي رکڻ وارن جي ڪري سخت ڏڪ رسيو هو، عربن جي پيغمبر مُحَمَّد ﷺ جي اعليٰ ترين ذهن، سندس قوم جي اخلاق عادتن ۽ رهڻي ڪهڻي ۽ سندس مذهب جي جوش ۽ روح ۾ ئي درحقيقت روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي جا سبب لکل آهن ۽ اسان جون اکيون دنيا جي اهم انقلابن منجهان هن وڏي انقلاب تي ڪُتل آهن جنهن دنيا جي گولي تي ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو ۽ دنيا جي قومن کي نہ رڳو بيحد متاثر ڪيو پر سندن ڪردار تي پڻ دائمي نقش قائم ڪري ڇڏيا(1).

هڪ اهڙو خالي پيل خِطو جيڪو ايران، شام مصر ۽ حَبش جي وچ ۾ هيو ان کي عربي جزيرو(2) چيو ويو جيڪو ٽِڪُنڊو ۽ ناهموار هيو. فرات نديءَ تي بيلس(3) جي هنڌ وٽ پندرهن سؤ ميلن تي مشتمل هڪ ڊگهي پٽي آهي، جنهن کي باب المندب وارو پاڻيءَ جو سوڙهو لنگهه ڌار ٿو ڪري، جنهن کي لوبان جي زمين ۾ چيو ويندو آهي، ان پٽيءَ جي اڌ ڊيگهه ۽ ڪجهه ويڪرائي جيڪا اوپر کان اولهه طرف آهي اُها بصري کان سُئيز ۽ ايراني نار کان گاڙهي سمنڊ تائين پکڙيل آهي(4). هن ٽِڪنڊي خطي جا پاسا ڪافي وڏيل آهن، ۽ ڏاکڻين طرف هڪ هزار ميلن جي ڊگهائي هندي سمنڊ تائين وڃي ٿي، هن جزيري جو متاڇرو سطح ايترو ته وڏو ۽ وسيع آهي جو جرمني ۽ فرانس ٻنهي کي ملائجي ته به اُنهن کان ڇوٽو ٿيندو، پر هن خطي جو وڏو حصو وارياسو ۽ پٿريلو آهي، غارن ۾ رهندڙ جهنگلي ماڻهو به جڏهن ڪنهن فطري بيهَڪ جي سونهن کي ڏسن ٿا ته ڏاڍا خوش ٿين ٿا جتي ڊگها ۽ ڇانوَ ڪندڙ وڻ، وليون ۽ ٻوٽا هجن ۽ جتي مسافر پنڌ ڪندي ٽڪجي پوي ٿو پر جڏهن ساوَڪ ۽ سبزي کي ڏسي ٿو ته سندس ٽڪُ لهي ٿو وڃي ۽ پنهنجي اندر ۾ آرام ۽ اطمينان محسوس ٿو ڪري، پر عربستان جو خشڪ ۽ ويران جزيرو جتي اَڻ ڪُٽ واريءَ جي ريگستان کي غيرآباد ۽ ڪارا جبل وِڇان ورهائين ٿا ۽ ان صحرائي رڻ پَٽ ۾ جتي ڪنهن پاڇي يا ڇانوري جو وجود ئي ڪونهي اُتي سج جڻ 'نيزي پاند'

محسوس ٿو ٿئي ۽ گرميءَ جي شدت برداشت ڪرڻ کان ٻاهر ٿيو ٿي وڃي. ٻهاري ڏينڊ ۽ توانا ڪنڊ هوائن جي بجاءِ ڏکڻ- اولهه کان اهڙيون ته ڏنگيندڙ هوائون گهُلن ٿيون جيڪي پاڻيءَ جي زهريلن ڦڙن کي ٻ ساڻ ڪٽي ٿيون اچن ۽ اُنهن جي لڳڻ سان واريءَ جون ٽڪريون نهي پوَن ٿيون جن کي سمنڊ جي تيز لهرن سان پيٽي سگهجي ٿو. اُتي تيز طوفانن ۽ واچوڙن جا اهڙا ته غضبناڪ طوفان برپا ٿين تا جتي ماڻهن جا سڄا سارا قافلا ۽ فوجين جا سمورا لشڪر انهن گردابن ۾ اهڙا ته گُم ٿي ۽ پُورجي ويا جو انهن جو ڪو نالو نشان ٻ نه مليو. پاڻيءَ جا عام فائدا ته پري جي ڳالهه آهي پر اُتي پاڻيءَ جي خواهش ڪرڻ ئي جڏ عبث آهي، ۽ ڪاڪ جي ايتري ته اٽاڪ آهي جو اُتي باهه ٻارڻ ۽ ان کي پري پري تائين پهچائڻ لاءِ ٻ ڪنهن جادو يا فنڪاريءَ جي ضرورت پوندي. عربستان ۾ ندين ڪونهن. جتي ڪا جهازراني يا زمين آباد ٿئي ۽ نه وري اُتي ڪا پوک ٿئي، پاڻيءَ جا ڪجهه ريلا پهاڙن تان هيٺ ڪِرن تا جن کي اُجايل زمين هڪدم پي وڃي ٿي. ٻوٽا ٻ ڪڏهن ۽ ڪٽي ڪٽي نظر اچن تا، جيئن گدامڙي جو وڻ يا ٻَير جن جون پاڙون پهاڙن جي ڏاڙُن يا قوٽن ۾ ٽين ٿيون يا ائين ڪٽي چڏجي ته اُنهن ٻوٽن جون پاڙون ماڪ سان آليون ٽين ٿيون، برسات ٻ گهٽ پوي ٿي ۽ ان جو پاڻي حوضن ۽ تلائن ۾ گڏ ڪيو وڃي ٿو، البت پاڻيءَ جا چشما يا ڪوهه هن بيابان جو ڪُجهو خزانو ليڪيا وڃن تا ۽ مڪي مڪرم جا حاجي، خشڪي ۽ سخت گرميءَ جي پندڪرڻ کان پوءِ جڏهن اهڙن کوهن جو ڪاروپاڻي پيئن تا ته سندن ڪاوڙ چوٽ چڙهي ٿي وڃي چاڪاڻ ته اُهو پاڻي لوڻ ۽ گندرف جي ڪاٽين مان گذرندو کوهن ۾ اچي ٿو.

عربستان جي آبهوا جي اصلي ۽ عمومي تصوير اها آهي، ڪنهن ٻ شرارت يا سرهائيءَ واري ڪم جو تجربو مقامي ماڻهن جي خوشين ۾ اضافي جو سبب بنجي ٿو. هڪ چانوَ ڏينڊ وڻن جو جهُڳٽو، چوپائي مال جا ساوا چراگاهه، پاڻيءَ جا چشما وغيره ڪاهل عربن لاءِ اهڙا ته پُرڪشش هنڌ آهن جتي هو ڳوٺن جا ڳوٺ اڏي وڃي ويهن تا جتي ڪين خود توڙي سندن چوپائي مال کي ڪائڻ، پيئڻ ۽ چرڻ جون جام سهوليتون ملن ٿيون ۽ جتي ڪين ناريل توڙي ڊاک جي وڻن پوکڻ جو ٻ موقعو ملي ٿو. اُهي مٿانهيون زمينون جيڪي هندي سمنڊ سان وڃي ملن ٿيون، اُتي معياري ڪاڪ توڙي پاڻي ٻئي موجود آهن ۽ هوا ٻ معتدل ۽ وٺندڙ آهي، اُتان جا ميوا ڏاڍا لذيذ آهن، ماڻهن توڙي چوپائي مال جي آبادي تمام گهٽي آهي ۽ زمينون ايتريون ته زرخيز آهن جو هاري ناريءَ کي سندس محنت جو سٺو اُجورو ملي ٿو وڃي ۽ هِتان جي خاص سوکڙي يعني لوبان(6) ۽ ڪافيءَ جي پيداوار زمانن کان وٺي دنيا جي واپارين کي، وٺج واپار لاءِ نه رڳو متوجهه ٻئي ڪيو آهي پر هن سرزمين تي پئي آندو آهي. جيڪڏهن هن خِطي جي پيٽ عربستان جي باقي جزيري سان ڪئي وڃي ته اڪيلو ۽ ٻي ملڪ کان ڏار هي علائقو جنت جو هڪ نمونو نظر ايندو يا وري اهڙو هنڌ جتي حقيقت ۽ تصوراتي دنيا جو ميلاپ موجود آهي، جيڪو عربستان جي ڏکين علائقن کان ڪوهين پنڌ پري هڪ شاندار ۽ جلويدار مقام آهي. زمين جي هن بهشتي ٽڪري تي شايد قدرت جي خاص مهربانين ۽ عنايتن جو وسڪارو ٿيو هو جتي هر شيءِ نازڪ ۽ نفيس هئي ۽ هتان جي مقامي ماڻهن کي سرهائي، عياشي ۽ معصوميت واريون اهڙيون ته نعمتون عطا ٿيون هيون جيڪي اُنهن جي مزاج سان نهڪندڙ هرگز ڪونه هيون، پر تنهن هوندي ٻ سندن زمينن سون(7) ۽ هيرا ٿي اُپايا ۽ زمينن توڙي سمنڊن منجهان اهڙيون ته خوشبودار هوائون هلنديون هيون جو ساهه ڪٽڻ شرط جند جان کي جڏ عطر عنبير جو واس اچي ويندو هو. واريا‌سي، پٽريلي ۽ خوشحالي

وارن خِطن جو فرق يونانين ۽ لاطينين کي ته چگيءَ طرح معلوم هو پر عرب پاڻ مقدر جي ان ورهاست کان بيخبر هيا ۽ اها هڪ عجيب ڳالهه آهي ته هڪ ملڪ جنهن جا ماڻهو توڙي سندن زبان سدائين ساڳي رهي هجي، پر اُنهن جي جاگرافي ۾ قديم آثار شايد ئي ڪٽي نظر ايندا هجن، بحرين ۽ عمان جا ساموندبي علائقا فارس وارن جا مخالف آهن. يمن جي بادشاهت البت هن خِطي جي صورتحال جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ عربستان جي خوشحالي† جي علائقي نجد بابت اسان کي خبر پوي ٿي جتي مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جو جنم ٿيو هو جنهن کي حجاز جو صوبو چيو ويندو آهي، جيڪو ڪاڙهي سمنڊ جي ڪنارن سان لڳو لڳ آهي(8).

هتان جي آدمشماري جي ڪٽپ جو دارومدار ماڻهن جي گذاري جي ذريعن تي آهي ۽ هن وڏي جزيري جا رهواسي اُنهن هنڌن تي گهٽا ملن ٿا جيڪي وڌيڪ سرسبز ۽ آباد آهن ۽ جتي ماڻهو محنت ۾ ڪن ٿا، ايراني نار جي ڪنارن، سمنڊ(‡) توڙي ڪاڙهي سمنڊ جي ڪنارن سان گڏوگڏ مڇي کائڻ جا شوقين(9) هر وقت پنهنجي کاڌي جي تلاش ۾ هيڏي هوڏي جا چڪر کائيندا رهن ٿا. هو اهڙي ته اوائلي ۽ ابتري جي حالت ۾ رهن ٿا جنهن کي ڪنهن سوسائٽي يا معاشري جو نالو هرگز نٿو ڏئي سگهجي، چاڪاڻ ته هتي انسان وحشي آهن جيڪي نه فن کي ڄاڻن ٿا ۽ نه ڪنهن قانون کي سڃاڻن ٿا، نه وٽن ڪو عقل آهي، ۽ نه وري ڪنهن ٻوليءَ کي صحيح طرح ڳالهائي سگهن ٿا، ۽ سندن حالت اهڙي هجي ٿي جو کين جانورن کان جدا ڪرڻ مشڪل مسئلو ٿي وجي ٿو. ڪيترائي نسل ۽ زمانا گذري ويا پر سندن حالت ۾ ڪو به ڦيرو يا تبديلي نه آئي ۽ هي مجبور جهنگلي ماڻهو پنهنجن گهُرجن ۽ ضرورتن مطابق فقط پنهنجي نسل کي وڌائيندا رهيا پر سندن گذاري ۽ رهڻ جو هنڌ اُهيئي محدود ساموندبي ڪنارا رهيا. بهرحال قديم دؤر ۾ عرب گهٽو ڪري غريب ۽ بدحال هوندا هيا پر جيئن ته گهٽو وقت اُگهاڙو ۽ شڪاري ٿي نٿو رهي سگهجي ته هنن پوءِ مالَ جا ڏڻ ڏاريا ۽ ڏنارڪي يا ريڍارڪي زندگي ۾ پاڻ کي محفوظ سمجهي گذران ڪرڻ لڳا. هر بيابان ۾ مال چاريندڙ قبيلا ذري گهٽ ساڳي طرز ۽ ساڳي نموني جي زندگي گذارينداَ آهن ۽ بدويُن جي هاڻوڪي زندگيءَ تي نظر وجهڻ سان اسان کي سندن ابن ڏاڏن جي رهڻي ڪهڻي ۽ زندگيءَ جي طور طريقن جي پروڙ پئجي وجي ٿي(10)، جيڪي حضرت موسيٰ ۽ مُحَمَّد ﷺ جي ڏينهن ۾ تنبن ۾ رهندا هيا ۽ پنهنجن گهوڙن، اُٺن ۽ رڍن کي پاڻيءَ جي ساڳين چشمن ۽ ساڳين چراگاهن تي ڪاهي ويندا هئا.

جانورن تي حڪم هلائڻ سان اسان کي محنت ۽ مشقت گهٽ ڪرڻي پوي ٿي ۽ هيو ته اسان جي دولت ۾ به واڌارو ٿئي ٿو ۽ عربستان جي مالوَندن جي لاءِ ڪمائتا جانور ئي سندن بهترين دوست هوندا هيا جن مٿان ڪين پوري مالڪي يا اختيار هوندا هيا جو ته اُهي ئي جانور سندن غلام ۽ هوندا هيا(11). فطرت جي اِيياس ڪندڙ لاءِ عربستان هڪ اهڙو خطو آهي جيڪو گهوڙن جي نِج نسل جو اصل ملڪ آهي جتي ان جي پالنا ۽ پرورش لاءِ آبهوا ۽ موزون آهي جيڪا ان سخي جانور(*) جي فُڙتي ۽ عادتن لاءِ بيحد سازگار آهي. اُتر افريڪي†، اسپيني ۽ انگريزي گهوڙن جو اصل نسل به عربي نسل سان ٿو وجي ملي(12). چاڪاڻ ته بدوي ماڻهو وڏي فخر وچان اها دعويٰ ڪن ٿا ته وٽن اصلي ۽ نج نسل موجود آهي جنهن لاءِ هنن وڏي محنت ۽ حفاظت سان ان کي قائم رکيو آهي، نر گهوڙن کي وڏي رقم وٺڻ کان پوءِ وڪرو ڪيو ويندو آهي پر مادين کي به شايد ئي اُنهن کان ڏار ڪيو ويو هجي†، ۽ جڏهن



مسلمان شهنشاهت جو قهلاءُ 56-632ع

مانائتو ٻهاڻ کنهن وٽ پيدا ٿئي ٿو ته اُنهن قبيلن ۾ خوشي ۽ شادمانا ٿين ٿا ۽ ان جي پيدا ٿيڻ تي هو هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏين ٿا. اهڙن گهوڙن کي عرب پنهنجي ٻارن سان گڏ سِکيا ڏين ٿا ۽ آهستي آهستي اُنهن کي سُنا گُڻ ۽ عادتون سيکارين ٿا ته جيئن اُهي جانور سدائين سندن وفادار رهن. کين هلڻ يا وڌا قدم کڻڻ يا ٻُل ڏيڻ سيکاريو ويندو آهي پر کين کنهن اجائي اڙي لڳائي يا چهبڪ هنيو ته پوءِ گهوڙا ياڄ شروع ڪري ڇڏيندا ۽ جيئن کين وڌيڪ چيڙيو ويو يا ان انداز سان ڇُهيو ۽ ويو ته پوءِ هو تير جيان تيز ٿي هوا سان ڳالهيون ڪندا ۽ ان تيزي ۾ سندس ساٿي جيڪو مٿس سوار آهي جيڪڏهن هيٺ ڪري پيو ته وفادار جانور هڪدم بيهي رهندو جيستائين سندس دوست ٻيهر مٿس سوار ٿي وڃي. آفريڪا ۽ عربستان جي صحرائن ۾ وري اُٺ هڪ مقدس ۽ قيمتي تحفو هوندو آهي. وڏي بار کڻڻ وارو اهو ڳُڳدار ڪيترن ڏينهن تائين کائڻ پيئڻ کان سواءِ ٻه هلندو رهندو آهي ڇاڪاڻ ته قدرت طرفان سندس پيٽ ۾ هڪ وڏي ڳُجي رکيل آهي جنهن ۾ هو پاڻي جمع ڪري ڇڏيندو آهي، ان واڌاري ڳُجيءَ کي اُٺ جو پنجون پيٽ ٻه چيو ويندو آهي ۽ سندس جسماني بيهڪ مان ائين لڳندو آهي ته هن جانور کي قدرت ناهيو ئي انسان جي خدمت ڪرڻ لاءِ آهي. جيڪي وڏي يا قداوَر نسل جا اُٺ ٽين ٽا اُهي هڪ هزار پائونڊن تائين وزن کڻي سگهن ٿا پر هڪ ٿُوهي وارو يا هلڪي قد بُت وارو اُٺ ڏاڍو قوّت هوندو آهي جيڪو ڊوڙ ۾ تيز رفتار گهوڙي کان ٻه تڪو ٿئي ٿو. جيئرو يا مئل، پر اٺ جي جسم جو هر حصو ماڻهوءَ جي ڪم اچي ٿو، ۽ ڏاڇيءَ جو کير ڄجهو ٻه ٿئي ٿو ته طاقت ڏيندڙ پڻ هوندو آهي؛ ننڍي اُٺ جي گوشت جو ذائقو ٻاڪري گوشت(13) جيان آهي جيڪو صفا ڪچڙو ۽ کائڻ ۾ مزيدار ٿئي ٿو؛ سندس پيشاب مان لوڻ نهي ٿو ۽ سندس لِڏ ٻارڻ جي ڪم اچي ٿي ۽ ان جا ڍڳها وار جيڪي هر سال ڪِرندا ۽ ٻيهر ڄمندا ٿا رهن، اُنهن منجهان بدوئن جا ڪپڙا، تنبو ۽ فرنيچر نهي ٿو. مينهوڳي موسم ۾ عرب بيابانن جي گاهن ۽ ٻوٽين تي گذارو ڪن ٿا جيڪي ڪافي گهٽ ۽ ناڪافي هوندیون آهن، اونهاري جي گرمين ۽ ڪجهه سياري جي موسم ۾، هو پنهنجون جهُڳيون يا تنبو اُڪيڙي ساموندي ڪنارن ڏانهن، يمن جي ٽڪرين طرف يا وري فرات جي اوسي پاسي ۾ وڃي رهن ٿا ۽ اڪثر ڪري هنن پنهنجي سِر تي خطرا ڪٽي نيل ندي جي ڪنارن يا شام ۽ فلسطين جي ڳوٺن جو سفر پڻ ڪيو آهي. لاڏو يا هيڏي هوڏي ٽڪندڙ عربن جي زندگي خطرن کان خالي نه هوندي آهي جنهن ۾ کين هميشه تڪليفون ايندیون رهنديون آهن ۽ توڙي جو ڪڏهن ڪُر لُٽ جو مال ٻه کين ملي ويندو آهي، پر حقيقت اها آهي ته يورپ جي هڪ ماڻهوءَ کي ذاتي طور تي، عرب جي وڏي ۾ وڏي امير کان ٻه ڪيئي دفعا وڌيڪ سُک، سهولتون ۽ عياشيون ميسر آهن، توڙي جو عرب جو اميرزادو ڏهه هزار گهوڙن جي شان شوڪت سان ٻاهر نڪري ٿو ۽ ماڻهن تي پنهنجي رعب تاب جو ڌاڪو ڄمائي ٿو.

تنهن هوندي ٻه سيٽيا جي ماڻهن جي هجومن ۽ عرب قبيلن ۾ بنيادي فرق هي آهي ته پوئين قسم جا ماڻهو واپار ۽ کيتيءَ جي ڪمن سان لاڳاپيل هيا. سندن گهٽو وقت ۽ محنت سندن چوٻائي مال جي سارسنيال جي ٻلي هوندي هئي، هو، بيابان ۾ رهندڙ پنهنجي برادري جي ماڻهن سان امن توڙي جنگ مطلب ته هر حال ۾ ملندا هيا ۽ بدوي ان ملڻ جلڻ ۽ ڳالهين ٻولهين مان پنهنجي ضرورت جي ڳالهين کي چونڊي ونڊندا هيا ته ساڳئي وقت ڪجهه معلومات ٻه حاصل ڪري ونڊندا هيا. عربستان جي ٻائيتاليهن شهرن(14) منجهان، جن جي ڳڻپ ابوالفدا ڪئي آهي، وڏ ۾ وڏ آدمشماري وارا قديم شهر،

خوشحال ملڪ يمن ۾ هيا، هن جا منارا(15) ۽ معراب جو عظيم الشان پاٽيءَ جو حوض(16) وغيره يمن جي بادشاهن (*) ٺهرايا هيا پر اُنهن جي لادينيت واري چمڪ يا آڪڙ کي، ڳاڙهي سمنڊ جي سرحد ويجهو مديني(17) ۽ مڪي(18) جي پيغمبري شان ۽ عظمت ڏهائي ڇڏيو هو، اهي ٻئي شهر هڪ ٻئي کان فقط ٻه سؤ ستر ميلن جي مفاصلي تي هيا. مڪي کي يونان جا ماڻهو مئڪورابا سڏيندا هيا جنهن جو دنيا وارن جي نظرن جو مرڪز ٽيڻ بذاتِ خود هڪ وڏي عظمت جي نشاني آهي، پر ان جي بهترين دؤر ۾ ٻه ماڻهن جي آدمشماري ۽ شهر جي وڏائي مرساءِ کان مٿي نه ٿي آهي. شايد ڪو لکل مقصد هجي جنهن سبب اهڙي ناموزون جڳهه چونڊي وئي. هنن هڪ ميدان ۾، جنهن جي ڏيگهه ٻه ميل ۽ ويڪر هڪ ميل هئي، مٿي ۽ پٿرن جي ميلاپ سان پنهنجا گهر اُتي اڏيا جتي ويران جبل هيا، زمين سڄي پٿريلي آهي ۽ پاڻي، توڙي جو اُهو پاڪ ڪوهه زمزم جو هجي، تڏهن ٻه ڪجهه لوٽيائو آهي، شهر کان چراگاهه تمام پري آهن ۽ انگور ٻه ستر ميلن جي مفاصلي تي طائف کان هتي آندا وڃن ٿا. مڪي جا حڪمران قريش هيا جن جي شهرت توڙي سندن اخلاق عادتن جي هاڪَ عرب قبيلن ۾ مڃيل هئي پر زمين جي سلسلي ۾ سندن بدقسمتي اها هئي جو اُها سخت ۽ پٿريلي هئڻ سبب زراعت لاءِ نهايت ئي ناموزون هئي، ها البت اهو خطو وٽج واپار لاءِ گهڻي قدر مناسب هيو. گيدا جو ساموندي بندر جيڪو فقط چاليهن ميلن جي مفاصلي تي هيو، اتان اُنهن حبش وارن سان رابطي کي قائم ڪيو، ۽ حبش جي عيسائي بادشاهت سيني کان پهريون مسلمانن کي پناهه ڏني هئي. آفريڪا جا خزانا ڪاتف جي جزيري تائين پهچي ويا جيڪو بحرين جو صوبو هو، اُتي هڪ اهڙو شهر هو جنهن کي ڪالديا جي جلاوطن ماڻهن ناهيو هو(19)، ۽ اُتان ايراني نار جي هيرن جواهرن کي ٻيڙين ذريعي فرات جي ڪنارن تائين آندو ويو هو. مڪو شريف يمن ۽ شام کان ذري گهٽ هڪ جيتري پنڌ تي آهي فرق فقط اهو آهي ته يمن ان جي ساڄي طرف ۽ شام کاٻي طرف آهي. پنڌ ويندڙ قافلن لاءِ پهريون هنڌ سياري ۽ ٻيو اونهاري ۾ رهڻ يا اُتي ترسڻ لاءِ موزون آهن ۽ جڏهن ٻه هندستان کان قافلا مناسب وقت ۽ موسم ۾ هتي پهچندا هيا ته اُهي ڳاڙهي سمنڊ جي ڏڳهي ۽ ٽڪائيندڙ مسافريءَ کان پاڻ کي بچائي ڇڏيندا هيا. صنعا ۽ معراب جي بازارن ۾ توڙي عمان ۽ عدن جي ڪنارن تي، مڪي جي قريشن جا اُٺ خوشبودار سامان يعني عطر عنبر ۽ اَن ڪٽي آيا جنهن کي بصرا ۽ دمشق جي ميلن ۾ خريد ڪيو ويو، اهڙيءَ طرح هن وٽج واپار مان مڪي وارن کي تمام گهڻو فائدو ٽيندو هو ۽ شهر جي گهٽين مان ٻه ڇڻ خوشحالي نروار پئي نظر ايندي هئي ۽ هن شهر جي اميرن اسلحي ۽ هٿيارن جي شوق رکڻ سان گڏوگڏ وٽج واپار جي ڏنڈي کي وڏائڻ طرف پڻ ڀرپور توجهه ڏنو(20).

عربن جي دائمي آزاديءَ جو چوٻول ڏارين توڙي اتان جي مقامي ماڻهن ۾ عام جام رهيو آهي جن ان کي ڪافي ساراهيو آهي ۽ جيڪڏهن هن موضوع تي ڪٿي ڪو تضاد پيدا ٿيو ٻه آهي ته اُهو ٻه پيشنگوئي ۽ معجزي جي صورت ۾ حضرت اسماعيلؑ(*) (21) جي نسل ۽ پوئلڳن جي حق ۾ ويو آهي. ڪي غير معمولي ڳالهيون اهڙيون آهن جن کي نه ته لکائي سگهجي ٿو ۽ نه وري اُنهن کي هٿائي پنڌتي ڪري سگهجي ٿو تنهن ڪري هي موضوع جيڪو هينئر ڇيڙجي ٿو ان ۾ بحث ڪرڻ اجايو ۽ بيوقفيءَ وارو هوندو. يمن جي بادشاهت کي حبش وارن، فارسين، مصر جي سلطانن(22) ۽ ترڪن(23) سدائين ڏهايو ۽ پنهنجي حڪم هيٺ پئي رکيو آهي ۽ مڪي ۽ مديني جا مقدس شهر پڻ سيٽيا جي آمرن اڳيان

جهُڪندا رهيا آهن، ۽ عربستان جي رومي صوبن(24) اڪيلائي ۽ ويراني‌ءَ وارو خاص هنڌ اهڙو چونڊيو جتي حضرت اسماعيلؑ ۽ سندس پُٽن پنهنجن بين پائرن ۽ پنهنجي برادري وارن جي سامهون پنهنجا خيما وڌي کوڙيا هوندا. هي غير معمولي واقعا عارضي يا مقامي نوعيت جا هيا، پر مجموعي طور ماڻهن جو اُهو مجموعو، جنهن کي هڪ قوم چئجي ٿو، وڏين ۽ طاقتور بادشاهتن جي غلاميءَ کان آزاد رهيو. مصر جي بادشاهه جي فوج هجي توڙي سائرس، پومپي يا ٽراجن جو ڏڏبو هجي، پر کنهن کي به اها همت ڪانه ٿي ته هو عربستان کي فتح ڪري سگهن؛ ترڪي جو موجوده حڪمران(25) شايد اها دعويٰ ڪري ته هن جي حڪومت جا ڪجهه پاڇا عربستان تائين پهچن ٿا ته اُها ڳالهه به حقيقت کان ڪافي دور هوندي ڇاڪاڻ ته ترڪن جو غرور ان وقت ختم ٿي ويو جڏهن اُنهن اهڙي قوم ڏانهن دوستيءَ جي هٿ وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي جن کي ڇيڙڻ يا ناراض ڪرڻ هنن لاءِ خطرناڪ هو ۽ مٿن حملو ڪرڻ جو هو تصور به نٿي ڪري سگهيا. تنهن ڪري سندن دائمي طرح آزاد رهڻ جا سبب عربن جي قومي ڪردار ۽ هن عظيم ملڪ جي پيشانيءَ تي واضح طور تي نقش ٿيل آهن. محمدﷺ جن جي آمد کان ڪيئي زمانا اڳ، عربستان جي پاڙيسري ملڪن کي، سندن طاقتور بهادريءَ جو اندازو بچاءَ توڙي اڳرائيءَ واري جنگ ۾ ٿي چڪو هو. هتان جي مجاهد جو خاموشيءَ وارو توڙي متحرڪ اخلاق ۽ اعليٰ ڪردار سندس ڏنارڪي زندگي جي سڪيا ۽ نظم ۽ ضبط ۾ لڪل هوندو آهي. ردين ۽ اُنن جي سار سنڀار ۽ پرورش جي ذميداري قبيلي جي عورتن تي ڇڏيل هوندي آهي، پر سندن بهادر ۽ ويڙهاڪ جوڌن کي جيڪي سندن امير جي جهنڊي هيٺ هوندا آهن، سدائين گهوڙن تي سوار ٿيل ڏٺو ويو آهي ۽ اُهي ڪليل ميدانن تي تير اندازي، نيزي بازي ۽ ترار وهائڻ(‡) جي مشق ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن. سندن دائمي آزادي جي يادگيري ۽ تاريخ کي قائم رکڻ جو ڇڻ هنن پختو عزم ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪي سندن نسل ايندا رهن ٿا يا ايندا رهندا اُنهن ۾ هڪ نئون جوش جذبو پيدا ٿئي ٿو ته جيئن اُهي نه رڳو پنهنجن ابن ڏاڏن جي عظيم ورثي جي حفاظت ڪن پر پاڻ کي به هن ملڪ جا سچا سپوت ثابت ڪري ڏيکارن. سندن مقابلو جڏهن مجموعي طور عرب دشمن سان ٿئي ٿو ته هو پنهنجا اندروني ويڇا وساري دشمن جي مقابلي ڪرڻ ۽ ڪيس شڪست ڏيڻ لاءِ متحد ۽ هڪ ٿي وڃن ٿا پر جڏهن آخري پيرو ترڪن سان سندن لڙائي لڳي ته مڪي جي قافلن تي اسي هزار ماڻهن حملو ڪيو ۽ ڪين ڦري تاراج ڪيو: جڏهن جنگ ۾ اُهي اڳتي وڌن ٿا ته هر طرف کان سوين سندن قدم چُمينديِ نظر اچي ٿي. سندن گهوڙا ۽ اُٺ، جيڪي انن کان ڏهن ڏينهن اندر چئن کان پنج سؤ ميلن جو سفر آساني‌ءَ سان طئي ڪري وڃن ٿا، دشمن جي ظاهر ٿيڻ تي غائب ٿي وڃن ٿا. ۽ بيابان جو ڪُجهو پاڻي‌ءَ جو ذخيرو پڻ ڪٿي به نظر نٿو اچي، ته ان صورتحال ۾ ظاهري طرح فاتح فوجون به اُڄ، ٻُڪ ۽ بدحاليءَ جو شڪار ٿي وڃن ٿيون، حملو ڪندڙ دشمن پنهنجي دشمن کي ڳولڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو پر عرب پنهنجي دشمن جي اهڙي ڪوشش تي ڪاڪُس سخت نفرت ڪندي مٽس ڪِلن ٿا ڇاڪاڻ جو کين ته پرواهه ئي ڪانهي جو هو پنهنجن بيابانن جي تپندڙ خلوتن ۾ آرام ڪندا آهن. بدوئن جا هٿيار توڙي سندن صحرا نه رڳو سندن آزاديءَ کي قائم رکڻ جا ضامن آهن پر اُهي عربستان جي خوشحالي به بحال رکيو ٿا اچن ۽ ان جا رهواسي جنگ جي هاڃن ۽ نقصانن کان سدائين محفوظ رهيا آهن پر پنهنجي ڏرتيءَ جي آبهوا ۽ عياشين جي ڪري ڪجهه ڪمزور به ٿي ويا آهن. آگسٽس جا فوجي لشڪر جڏهن هتي آيا ته بڪ، بيمارين(27) ۽ ٽڪاوٽ سبب بيحال ٿي

ناڪام ٿي ويا؛ باقي ساموندي فوج جي طاقت فقط اهڙي آهي جنهن سان يمن کي شڪست ڏئي دشمن جو تابعدار بنايو ويو هيو. جڏهن محمد ﷺ جن پنهنجو عَلم بلند ڪيو(28)، تڏهن يمن، فارس جي شهنشاهت جو هڪ حصو هيو، ان جي باوجود مصر جا ست بادشاهه پوءِ به جبلن ۾ حڪمواني ڪري رهيا هيا ۽ خسرو جي ايلچي کي مجبور ٿي پري واري ملڪ ۽ پنهنجي بدقسمت مالڪ کي وسارٽو پيو. جسٽينين شهنشاهه جي دؤر جا تاريخدان عربستان کي هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ چون ٿا جيڪي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن ذاتي مفادن، يا دلچسپين خاطر، اوپر جي ملڪن سان ڊگهي جهيڙي ۾ پاڻ ۾ ورهائجي ويندا هيا؛ غسان جي قبيلي کي شام جي سرحد تي خيما کوڙڻ جي اجازت ڏني وئي هئي، ۽ حِرا جي بادشاهن کي ڏکڻ طرف بابل جي تباهين تي هڪ شهر ناهڻ جي اجازت ڏني وئي هئي جيڪو فقط چاليهن ميلن جي مفاصلي تي هيو. جنگ جي ميدان تي سندن خدمتون داد ڏيڻ لائق هيون پر سندن دوستي لالچ واري ۽ متن اعتماد ڪرڻ عبث ۽ سندن دشمني به سندن مزاج جي لاهن چاڑهن تي مدار رکندڙ هئي، باقي رولو بربرن کان هٿيار ڦٽا ڪرائڻ ۽ کين صلح تي آماده ڪرڻ جي مقابلي ۾ کين جذبات ۾ آڻڻ وڌيڪ آسان هو ۽ جنگ جي چالبازين ۾، هنن گهٽو ڪجهه سکيو هو ته ساڳئي وقت کين روم ۽ فارس جي زبردست ڪمزورين جي به چگيءَ طرح پروڙ پئجي چڪي هئي جن کان هو نفرت ڪندا هيا. مکي کان فرات تائين عربن جي قبيلن کي(29) يونانين ۽ لاطينين طرفان گهٽو ڪري غلط فهميءَ مان سئراسن جي لقب سان سڃاتو ويندو هو: هڪ اهڙو نالو جنهن جي لاءِ هر عيسائيءَ کي سيکاريو ويندو هو ته اهو نالو سدائين خوف ۽ نفرت مان وڻي.

گهريلو آمريت جا غلام ته پنهنجي قومي آزادي تي هروپرو خوش ٿين ٿا، البت عرب آزاد رهڻ سکيو آهي ۽ هو پنهنجي معاشري جا فائدا به ڪنهن حد تائين ونڊ ڇاڻي ٿو ته ساڳئي وقت فطرت جي جيڪا متس فياضي آهي ان جا به پرپور مزا ٿو ماڻي. هر قبيلي ۾ وسوسن، احسان مندي جي جذبن ۽ پاڻ بخت جي ٻلاين، ڪنهن خاص ڪٽنب کي، ظاهري طرح ٻي هڪ جهڙي ڪٽنب کان مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور شيخن ۽ اميرن جا مرتبا سدائين سندن پنهنجي ئي پيڙهي يا قوم تائين محدود رهن ٿا پر جانشيني جو طريقو جيترو غير معتبري وارو آهي ته اوتروئي خطرناڪ پڻ آهي، ۽ اميرن منجهان جيڪي وڏي عمر جا معزز ماڻهو آهن، اُنهن کي ٻين اهم ماڻهن جي مقابلي ۾ وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي ۽ جهيڙن جهڳڙن کي حل ڪرڻ لاءِ به صلاح مشورا ڪائڻ ئي ورتا وڃن ٿا ۽ سندن بهادري جي مثالن کي ٻين ماڻهن لاءِ رهبري طور قبول ڪيو وڃي ٿو. جيڪي عقلمند ۽ جذبو رکندڙ عورتون آهن(‡) جيئن زينوبيا (زينب)(31) ته اُنهن کي به عوام تي حڪمراني ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. جڏهن به مختلف قبيلا، ڪڏهن ڪڏهن يا عارضي طور ئي سهي، پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃن ٿا ته هڪ فوج وجود ۾ اچي ٿي؛ ۽ جڏهن اهو ايڪو ۽ اتحاد وڌيڪ پائدار ٿئي ٿو ته هڪ قوم وجود ۾ اچي ٿي ۽ جيڪو سڀني کان وڌيڪ معتبر جنهن کي امير الأمراءُ چئجي ٿو ۽ جنهن جو جهنڊو سندس سِر وٽ نمايان ڪيو وڃي ٿو. اُهو ڏارين جي نظر ۾ اهڙو ماڻهو هوندو آهي جيڪو بادشاهه جي لقب جو حقدار هوندو آهي. جيڪڏهن عرب جا بادشاهه پنهنجي طاقت جو غلط يا ناجائز استعمال ڪندا آهن ته سندس رعيت جا ماڻهو کين چڏي ڏيندا آهن ۽ اِها ئي ان بادشاهه جي سزا هوندي آهي جوته سندن عوام کائڻ پدري شفقت ۽ نرم رَوين جو طلبگار رهندو آهي. هو آزاد طبيعت جا مالڪ آهن، سندن قدمن ۾ زنجير پيل نه آهن،

صحرا ۽ بيابان ۾ کليل آهن، پر اهڙي ڏهني آزاديءَ جي باوجود قبيلا ۽ خاندان پاڻ ۾ خانداني رشتن ۾ هڪ ٻئي سان سلهاڙيل هوندا آهن. يمن جي مهذب ماڻهن بادشاهه جي رعب ۽ دٻدٻي کي مڃيو ۽ ان جي حمايت ڪئي هئي، پر جيڪڏهن هو پنهنجي حياتيءَ کي خطري ۾ وجهڻ کان سواءِ(32) پنهنجو محل ڇڏي نه وڃي ها تہ حڪومت جا اختيار خود بخود بادشاهه جي اميرن ۽ مئجسٽريٽن ڏانهن منتقل ٿي وڃن ها. ايشيا جي وچ ۾ مڪي ۽ مديني جا شهر، گڏيل ملڪيت جي روح جو منظر پيش ڪن ٿا. مُحَمَّد ﷺ جن جو ڏاڏو توڙي سندن خانداني پڙ ڏاڏا خارجي معاملن توڙي مقامي ڏنڊي ۽ واپار ۾ پنهنجي ملڪ جا مالڪ ۽ شهزادا ليکيا ويندا هيا، پر اُهي يونان جي پيريڪلس يا فلورينس جي ميڊيسي وانگر حڪومت ڪندا هيا جنهن ۾ ڏاهپ ۽ ماڻهن جو اعتماد هوندو هو، سندن اباڻي ورثي جي ڪري هنن جو اثر رسوخ ورهائجي ويندو هو، اهڙيءَ طرح اهو اثر توڙي حڪومتي طاقت جو لاڙو، پيغمبر جي چاچن ڪان قريش خاندان جي نوجوان نسل ڏانهن منتقل ٿي ويو. ڪن مقدس موقعن تي هو عام ماڻهن جي وڏي ميڙ کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪندا هيا ۽ جيئن تہ ماڻهن کي فرمانبردار بنائڻ لاءِ يا تہ کين زوريءَ مجبور ڪيو ويندو آهي يا وري کين دليلن ۽ نرميءَ مان مجرايو ويندو آهي ۽ هن سلسلي ۾ قديمي عربن ۾ تقرير جي فن جي شهرت هر طرف پکڙيل هئي ۽ اِها ڳالهه ئي ماڻهن جي ذهني آزاديءَ جو ڪليل ثبوت آهي(33). پر هُنن جي سادگي واري آزادي ڪجهه بي جِنس واري هئي جيڪا يوناني ۽ لاطيني جمهوريتن واري مصنوعي سُنائيءَ کان صفا مختلف هئي جنهن ۾ هر فرد کي پنهنجي برادري يا معاشري جي شهري توڙي سياسي حقن جي حصيداري مليل هئي. عربن جي سادگي پسند ملڪ ۾ قوم بلڪل آزاد آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ڌرتيءَ جو هر سپوت پنهنجي مالڪ اڳيان ذلت واري غلامي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. سندس سيني ۾ همت، مردانگي، صبر ۽ بردباريءَ جون تعريف لائق وصفون سمايل آهن، آزاديءَ جو روح کيس خود حڪم هلائڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ۽ بيعزتيءَ جي خوف کيس ڏکن، تڪليفن، خطرن، تانجو موت کان بہ کيس بي نياز بنائي ڇڏيو آهي. سندس عزم ۽ برجستگي سندس طرز طريقي ۽ رويي مان صاف ظاهر هوندي آهي؛ هو نرم لهجي ۾ ڳالهائيندو آهي پر سندس هر ڳالهه مختصر ۽ وزنائتي هوندي آهي؛ وڏا ٽهڪ ڏيندي مشڪل سان ئي کيس ڪنهن ڏٺو هوندو؛ البت ماڻهن کيس ڏاڙهيءَ کي ڏکائيندي شايد ڪٽي ڏٺو هجي جيڪو سندس طرفان هڪ پُروقار مردانگيءَ جو اشارو هوندو آهي. هن کي پنهنجي عزت ۽ اهميت جي پوريءَ طرح ڄاڻ آهي جنهن کيس پنهنجن مخالفن سان بہ بردباريءَ سان مُهاڏو انڪائڻ ۽ پاڻ کان وڏن سان بغير خوف جي پيش اچڻ سيکاريو آهي(34). مسلمانن جي آزادي سندن سوين کي برقرار رکيو هو، پهريَن خليفن پنهنجي رعيت جي مزاج ۽ زبان سان هڪ جهڙائيءَ وارو رشتو قائم ڪيو، اُهي مِمبر تي ويهندا ها تہ ماڻهن جي ميڙ کي اخلاقي طرح سنوارڻ ۽ کين قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هيا ۽ شهنشاهت جي گاديءَ جي هنڌ کي فرات منتقل ٿيڻ کان اڳ ئي عباسين جي حڪومت فارس ۽ بازنطيني طرح جي وڏائي واري شان شوڪت کي پنهنجي بادشاهت ۾ رائج ڪري ڇڏيو هو.

قومن توڙي انسانن جي مطالعي مان اسان کي اُنهن سببن جي پروڙ پوي ٿي تہ اُهي هڪ ٻئي جا دوست يا دشمن ڇو رهندا هيا، يا وري سماجي طرح سان اُهي ڪهڙيون ڳالهيون، ڳڻ يا اوگڻ هيا جن ذريعي سندن ڪردار جو دائرو محدود يا وسيع ٿي ويندو هو، يا وري هو پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ ٿي ويندا هيا يا

وري هڪ ٻئي سان ڪاوڙجي ۽ تپي باهه ٿي ويندا هيا. سڄي دنيا جي ماڻهن کان عربن جي نرالي رنگ ڍنگ، ڏارين ۽ دشمنن بابت، سندن خيالن ۽ سوچن کي ڳڻيير بڻائي ڇڏيو آهي ۽ هن خطي جي مفلسي واري حالت بذاتِ خود ڇڻ هڪ قانوني شڪل ونڻي وئي آهي ۽ سندن اها سوچ، جنهن موجب هو عمل ڪن ٿا، اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. اُهي دعويٰ ڪندا آهن ته جيڪي شاهوڪار خطا۾ آباد زمينون توڙي فضائون، ٻين انسانن جي حصي ۾ آيون هيون، ۽ ويچاري حضرت اسماعيلؑ جو اولاد شايد ٻين طريقن يا طاقت جي زور تي پنهنجي موروثي حقن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها، پر ناانصافيءَ مان ڪيس محروم ڪيو ويو هيو. پلني جي چَوڻ مطابق عرب قبيلن ۾ چوري ۽ واپار ڪرڻ جي پراڻي عادت آهي، جيڪي قافلا سندن برپٽن منجهان گذرن ٿا اُنهن کان ڪجهه ڏوکڙ وصول ڪري کين اڳتي گذرڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي يا مورڳو کين ڦريو وڃي ٿو ۽ سندن پاڙيسري، حضرت ايوبؑ ۽ سيسوسٽرس(35) جي زمانن کان ونڻي سندن لالچ ۽ ڦرمار جو شڪار ٿيندا رهيا آهن. جيڪڏهن ڪو بدوي پري کان ڪنهن اڪيلي مسافر کي ڪٽي ڏسي ٿو ته هڪدم ڪنهن جانور تي سوار ٿي ۽ تيزيءَ مان رڙيون ڪندو سندس پنڀان وڃي ٿو ۽ پري کان وڏي واڪي کيس چوي ٿو: 'جلدي پنهنجا ڪپڑا لاهي ڇڏ، جو ٽُنهنجي چاچي (منهنجي زال) کي پائڻ لاءِ ڪپڑا ڪونهن'. جيڪڏهن مسافر جلدي آڻ مڃي حڪر جي پوئواري ڪئي ته مٿس رحر ڪيو ويندو پر جي ٿوري به مخالفت يا مزاحمت ڪيائين ته حملو ڪندڙ آپي مان ٻاهر نڪري ويندو ۽ مقابلي ۾ شايد سندس ئي رت وهيو هجي جنهن ان رَت جو ڪفارو ادا ڪيو هجي جيڪو پنهنجي حفاظت ڪندي مسافر وهايو هوندو. ڪو اڪيلو لُٽيرو يا سندس ڪجهه ساٿين کي ته ڪو خاص نالو ڏنو وڃي ٿو پر جڏهن اُهي گهٽا ٽين تا ۽ لُٽ ڦُر جو ڪاروبار گڏجي ڪن ٿا ته ان کي ڇڻ هڪ قانوني حيثيت ۽ عزت واري جنگ جا لقب ملي وڃن ٿا. اهڙن ماڻهن جي طبيعت ۽ طور طريقا جيڪي انسان ذات خلاف هٿيار کڻن ٿا، تڏهن وڌيڪ ظالماڻا ٿي وڃن ٿا جڏهن ويتر کين ڦرمار، قتل ڪرڻ ۽ بدلي ونڻ جي پرپور اجازت ملي وڃي ٿي. يورپ جي آئين ۾ امن ۽ جنگ جو حق هاڻي فقط ڪن ٽورڙن معزز ۽ سگهارن ماڻهن کي حاصل آهي پر عرب پنهنجو تير يا نيزو وڏي آڪڙ ۽ بي پرواهيءَ مان پنهنجي ملڪ جي ڪنهن به ماڻهوءَ تي، بغير ڪنهن سزا جي خوف جي هلائي سگهي ٿو. عرب قوم جي ايڪي ۽ بَڌيءَ کي فقط ساڳئي زبان ڳالهائڻ يا ساڳي رهڻي ڪهڻي ذريعي سڃاڻي سگهيو آهي ۽ هر قبيلي ۾ مئجسٽريٽ جو هئڻ نه هئڻ ساڳي ڳالهه آهي ڇو ته اُهي ويچارا گونگا ۽ بي اختيار هوندا آهن. محمد ﷺ جن جي آمد کان اڳ جهالت واري دؤر ۾، هڪ روايت موجب سترهن سؤ جنگيون(36) لڙيون ويون هيون ۽ شهرين جا تعصب وڌندا ئي رهندا هيا ته ظاهر آهي ته ماڻهن ۾ دشمني ۽ عداوتن جي فضا به عروج تي پهچي ويندي هئي ۽ جيڪڏهن ان فضول جهيڙي يا فساد تي ڪو افسانو لکيو ويندو هو يا ان کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو ويندو هو ته پوءِ دشمن قبيلن جي نسلن جا زخم يا گهاوَ وري گهرا ۽ تازا ٿي ويندا هيا ۽ نوان فتنا ۽ فساد برپا ٿي ويندا هيا. ذاتي زندگي ۾ هر فرد ۽ هر ڪُٽنب پنهنجن معاملن کي پاند يا بدلي ونڻ سان پاڻهي طئي ڪري ونڏندو هو. پنهنجي وقار بابت جذباتي هجڻ جنهن ۾ ڏَڪَ لڳڻ کان اڳ ئي بيعزتي جو امڪاني خوف عربن جي اجاين جهيڙن ۽ جنگين ۾ زهر اوتيندو رهندو هو؛ عورتن جي حُرمت ۽ پاڪدامني توڙي سندن مردن جي ڏاڙهين جي عزت تي ٽورڙو به حرف آيو ته قيامت برپا ٿي ويندي هئي، ڪو نازيبا عمل(*) يا ڪو ڪُٽو يا بيعزتي جهڙو لفظ

ڪنهن مخالف پاران نڪتو ته ان جو بدلو سندس خون ڪرڻ کان گهٽ نه هوندو؛ ۽ سندن هَٽ يا ضدي طبيعت ۾ ايتري ته پختگي هوندي هئي جو هو ڪيترائي مهينا يا سالن جا سال بدلي وٺڻ جو انتظار ڪندا هيا ۽ نيٺ انتقام وٺي پوءِ سُک جو ساهه کڻندا هيا. خون جي عيوض ڏنڊ يا ان جو معاوضو ادا ڪرڻ ته هر دور جي بربرن جي پراڻي روايت رهي آهي پر عربستان ۾ اهو قتل ٽيل ماڻهوءَ جي وارثن تي ڇڏيل هوندو هو ته خون جو ڪفارو يا عيوضو قبول ڪن يا وري بدلي ۾ خونيءَ جي ڪنهن مِٽ مائٽ کي موقعي تي قتل ڪري ڇڏين. عربن جي مهذب ڪدورت جي حد اها هئي ته هو خونيءَ کي قتل ڪرڻ کان انڪار ڪندا هيا ۽ اصل قاتل جي بدلي ۾ هڪ معصوم ماڻهوءَ جي سِرَ جي گهُر ڪندا هيا. يعني اُهو ماڻهو جيڪو قاتل جي قبيلي سان نه رڳو تعلق رکندڙ هجي پر ان جو سربراهه به هجي. پوءِ جيڪڏهن قبيلي جو سردار سندن هٿن ۾ مارجي ويندو هو ته مخالفن پاران ان جي بي گناهه قتل جي بدلي وٺڻ جو خوف مٿن طاري ٿي ويندو هو. اهڙيءَ طرح ان ناحق خون جو وياج وڌندو ۽ جمع ٿيندو رهندو هو ۽ ان غير انساني ۽ وحشياڻي سلسلي ۾ شڪ ۽ دشمنيون دائمي رنگ وٺي ويندیون، هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن تسلي بخش بدلي وٺڻ لاءِ ڪين پنجاهه سالن جو عرصو به گذري ويندو هو(37). هي خوني مزاج يا روح، جنهن ۾ رحم جي رتي به ڪانه هئي ۽ نه وري خون معاف ڪرڻ جو جذبو ئي موجود هو، بهرحال عزت ۽ وقار جي چٽاييٽيءَ جي صورتحال سبب اهڙن روَين ۾ ڪجهه اعتدال آيو آهي جنهن ۾ عمر، طاقت ۽ هٿيارن جي تعداد جو وڏو عمل دخل موجود هو. حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي آمد کان اڳ هڪ سالیانو جشن حج ٿيندو هو جيڪو شايد ٻن يا چئن مهينن تي مشتمل هوندو هو جنهن دؤران سندن نراريون مياڻ ۾ بند ٿي ويندیون هيون ۽ ان وقفي ۾ مڪامي توڙي ٻاهرين دشمنين کي ختم ڪيو ويندو هو ۽ هي عارضي اَمن، قانوني ڇُڙواڳي ۽ جنگي جنون جي عادتن جي علامت هوندو هو(38).

قُرمار ۽ انتقام جي جذبي کي وٽج واپار ۽ ادب سان ملائي ڪجهه اعتدال ۾ آندو ويو هو، هي نرالو جزيرو هر طرف کان قديم دؤر جي مهذب ترين قومن سان وڪوڙيل آهي ۽ واپاري عموماً انسان ذات جا دوست ٿين ٿا، تنهن ڪري هر سال جيڪي فافلا هتان گذرندا هيا، اُنهن ڄاڻ، ڏاهپ ۽ انساني طبيعت جي نرمي ۽ ڏيرج جا ٻڄَ نه رڳو عربستان جي شهرن پر صحرا جي برپٽن ۾ پٽ پوکي ڇڏيا. عربن جو جيڪو ب. حسب نسب هجي پر سندن ٻوليءَ جي بُڻ بٽياد جا سرچشما ساڳيا عبراني يا يهودي، شامي ء ڪالدين ئي آهن، جيئن جيئن قبيلا يا ذاتيون آزاد ٿيندیون ويون ته اُنهن جا ٻولين جا لهجا ۽ پنهنجا پنهنجا ٿيندا ويا(39)، پر هر لهجي، پنهنجي مخصوص انداز اختيار ڪرڻ کان پوءِ پي، مڪي جي نج ٻولي واري آسانيءَ سان سمجهه ۾ ايندڙ لهجي کي وڌيڪ اهميت ڏني وئي. عربستان توڙي يونان ۾، ٻوليءَ جو واڌارو اخلاق عادتن جي تڪميل کان گوءِ ڪٽي اڳتي نڪري ويو هو، تانجو ان زبان ۾ ماکيءَ جا ۽ اَسي ڪن نالا هيا، نانگ جا ۽ سئو، شينهن جا پنج سؤ يا ترار کي هزار نالن سان سڏيو ويندو هو ۽ اهو ڪمال فقط اڻ پڙهيل ۽ جاهلن جو هوندو هو جن کي نالن جي هيتري ساري لغت برزبان ياد هوندي هئي. مصر جي بادشاهن جي منارن تي جيڪي نقش اُڪريل هيا اُهي مُدي خارج هيا ۽ پڙهڻ ۾ نه ايندا هيا پر ڪُوفي خطاطي کي جيڪا وقت جي الف- ب سان مطابقت رکندڙ هئي، فرات جي ڪنارن تي ايجاد ڪيو ويو هيو ۽ پوءِ وارين ايجادن کي هڪ داريو شخص مڪي ۾ سيکاريندو هو جيڪو مُحَمَّد ﷺ جن جي ولادت کان پوءِ ان شهر ۾ اچي رهيو هو. عرب توڙي جو فصاحت بلاغت جا ماهر

هيا پر تڏهن به گرامر، وزن بحر ۽ تقرير جي فن کان ايترا واقف نه هيا، پر تنهن هوندي به ذهني طرح هو ڏاڍا تيز هيا ۽ ڳجهي ڳالهه کي به بنا دير سمجهي ويندا هيا، سندن تصوراتي دنيا به وسيع ۽ ڪشادي هئي، ۽ سندن دماغي صلاحيتون پُرمغز ۽ تيز هيون(40)، ۽ جيڪا به شيءَ تخليق ڪندا هيا تہ ان ۾ سندن محنت ۽ خلوص سمايل هوندو هو جنهن ۾ تخليق تہ ذهن جي هوندي هئي پر سندن خلوص ۽ عشق دل وارو هوندو هو. هڪ اُپرندڙ ۽ نئين شاعر کي پنهنجي ذات توڙي قبيلي وارن طرفان پرپور داد ڏئي هن جي همت افزائي ڪئي ويندي هئي. هن موقعي تي هڪ وڏي دعوت جو اهتمام ڪيو ويندو هو جنهن ۾ عورتن جون قطارون ڏڪڙ وڄائيندیون ۽ شاديءَ وارا ناز نخرا ڪندیون، پنهنجن پُٽن ۽ مڙسن اڳيان ڳائيندیون گنرندیون رهندیون هیون ۽ کين فخر هوندو هو تہ پنهنجي ئي هڪ قبيلي منجهان هڪ سپوت منجهن پيدا ٿيو هو جيڪو کين سندن حق ڏيارينڊو ۽ سندن رهبر پنهنجو آواز فضا ۾ بلند ڪندو جيڪو سندن شهرت کي ايا اڳتي وڌائيندو. جيڪي مخالف قبيلا هيا اُنهن طرفان هڪ ساليانو ميلو مچايو ويندو هو. پر ان کي پهريَن جنوني مسلمانن طرفان بند ڪرايو ويو، نہ تہ هي ماڻهن جو هڪ اهڙو وڏو ميڙ گڏ ٿيندو هو جيڪو بربرن جي ڪهُرن لهجن ۾ سڏارو آڻي سگهي ها. بهرحال پوءِ به ٿيهن ڏينهن جو جشن ملهايو ويو جنهن ۾ رڳو اَنَ ۽ شراب کي واپرايو نہ ويو پر ان موقعي تي تقرير بازي ۽ شاعريءَ جو به پرپور مظاهرو ڪيو ويو. هن موقعي تي شاعرن ۽ موسيقارن جي ڪاپي ڪرڻ تي انعامن ورهائڻ تي ڪجهه اعتراض اٿيا، تنهن ڪري انعام ڪندڙن جي رقم بادشاهن ۽ اميرن جي خزانن ۾ جمع ڪرائي وئي ۽ شاعريءَ جون سَت اصل تخليقون، جن کي اسان پنهنجي بوليءَ ۾ به پڙهي سگهون ٿا، سونَ جي اکرن ۾ اُڪرائي ڪعبي ۾ ٽنگرايون ويون هيون(41). عربستان جا شاعر پنهنجي وقت جا وڏا تاريخدان ۽ اخلاق جا علمبردار هيا؛ ۽ جيڪڏهن هنن ڪڏهن ڪن خاص قومي رُخن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو به هو تہ هنن حقيقت ۾ پنهنجي ملڪي ماڻهن جي اخلاق ۽ ڪردار کي متانهون ڪيو هو، سخا ۽ بهادري جو اٽوٽ ايڪو سندن محبوب موضوع هوندو هو جنهن تي هو شاعري به ڪندا هيا تہ ان کي ڳائيندا به هيا؛ ۽ جڏهن وري هو ان قوم تي، جنهن کان هو نفرت ڪندا هيا، هَجُوَ (طنزيہ شاعري) لکندا هيا تہ پنهنجي ٽنولي واري سخت لهجي واري شاعريءَ ۾ هو واضح طور چوندا هيا تہ 'ڪين نہ ڪنهن کي ڏيڻ جو ڏنگ ايندو هو ۽ نہ وري کين عورتن کي انڪار ڪرڻ جو ڏاڻ ايندو هو(42)'. ساڳي ڪشادگي واري مهمان نوازي، جيڪا حضرت ابراهيمؑ شروع ڪئي ۽ جنهن تي هومر شاعري ڪئي هئي، عربن جي گهرن ۾ ايا تائين قائم دائم آهي. پوائتا بدوي، جن کان صحرا به ڏڃندا هيا، جڏهن رڻ پٽ ۾ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان، جيڪو حادثاتي طور سندن رهائش وارن تنبن جي ويجهو پهچي ويندو هو، بغير ڪانڌُس ڪجهه پڇڻ ڳڇڻ ۽ بنا ڪنهن هڪ جي، وڏا پاکر پائي کيس ملندا هيا ۽ سندس آڏرياءُ ڪندا هيا. سندن ورتاءُ سڀاجهائپ وارو ۽ عزت پريو هوندو هو، هو پنهنجي مهمان کان پئسي ڏوکڙ بابت به پُڇندا هيا ۽ جيڪڏهن هو غريب ۽ مسڪين هوندو هو تہ سندس مدد ڪندا هيا ۽ کيس آرام ڪرائڻ ڪانپوءِ کيس رستو وٺرائي ڇڏيندا هيا ۽ ويندي ويندي سندس مهربانيون مڃيندا هئا، کيس دعائون ڏيندا هئا ۽ ڪجهه سوکڙيون پاکڙيون به کيس ڏئي ڇڏيندا هيا. جڏهن به سندن ڪو پاڻ يا دوست مشڪل ۾ اچي مفلسي واري زندگي گذاري ٿو تہ عربن جا هٿ توڙي دليون ڪشادگيءَ جو ثبوت پيش ڪن ٿيون پر سندن بهادري وارا ڪارناما، جن لاءِ عوام طرفان داد ۽ آفرين ڏيڻ جي ضرورت هئي، تجربي ۽ احتياط

جي نڙ ٿي ويا. هڪ اختلاف پيدا ٿي پيو ته مڪي جي شهرين منجهان اُهو ڪير اهڙو لائق هيو جنهن کي سخاوت جو انعام ڏنو وڃي، ۽ هر دفعي ڪُٽو ٽن ماڻهن جي حق ۾ ٿي پيو جيڪي ان مقابلي ۾ شريڪ ٿيڻ جا مستحق هيا. عبدالله بن عباس هڪ وڏي سفر تان موٽيو هو ۽ سندس پير اڃا تائين رڪابَ ۾ ئي هيا ته اوچتو ڪنهن سوالي‌ءَ جو ليلائيندڙ آواز سندس ڪنن تي پيو: 'اي الله جي پيغمبر جا چاچا! آءٌ هڪ مسافر آهيان ۽ سخت تڪليف ۾ آهيان!' هو هڪدم هيٺ لٿو، پنهنجن مهانگن سنجن سوڌو اُٺ ان جي حوالي ڪيائين، ۽ چار هزار سون جا ٽڪرا به ڪيس ڏنائين ۽ پاڻ وٽ فقط ترار رکيائين جنهن جو يا ته تاريخي پس منظر هو يا وري اُها ڪنهن ويجهي عزيز ڪيس تحفي طور ڏني هئي. قيس جي نوڪر هڪ بي سوالي کي ٻڌايو ته سندس مالڪ آرام ڪري رهيو هو پر پوءِ هڪدم ڪيس چيائين: 'وٽ هي سونَ جا ست هزار ٽڪرا (اهو ئي سڀ ڪجهه اسان وٽ هاڻي موجود آهي) ۽ هي فرمان به وَٽ جنهن ذريعي توکي غلام سوڌو هڪ اُٺ به ملندو'. مالڪ جيئن ئي ننڊ مان اُٿيو، پهريون ته پنهنجي وفادار نوڪر کان خوش ٿي سندس تعريف ڪيائين، پر پوءِ هلڪي تنبيهه فقط ان ڪري ڪيائينس ته ڪيس ننڊ مان نه اُٿاري هن سندس سخا کي داغدار ڪيو هو. ٽيون نمبر سخي هڪ انڊو عرباهه هيو جيڪو عبادت ڪرڻ لاءِ پنهنجن ٻن غلامن جي ڪُلهن تي هٿ رکي هوريان هوريان قدم کڻندو وڃي رهيو هو ته غلامن کي مخاطب ٿيندي هن چيو: 'افسوس جو منهنجون صندوقون هينئر خالي آهن، پر اوهان اُنهن کي وڪڻي پنهنجي پُورت ڪري سگهو ٿا، پر جي اوهان انڪار ڪندؤ ته مان اُنهن کي ڦٽو ڪري ڇڏيندس. هي لفظ ڇڻي، هن نوجوانن کي پنڌتي ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي لٽ جي سهاري تي ديوار کي ٽيڪ ڏئي بيهي رهيو. حاتم جو ڪردار پڻ عربن جي اعليٰ ڪٽن ۽ سخا جو بهترين نمونو آهي(43)، هو بهادر ۽ سخي هيو، هو فصاحت بلاغت رکندڙ شاعر به هيو ته هڪ ڪامياب لُٽيرو به هيو: جڏهن به مهمان نوازي ڪندو هو ته ان دعوت ۾ چالیهن اٺن کي ذبح ڪري انهن کي پچايو ويندو هو ۽ جڏهن هڪ سوالي سندس درَ تي آيو ته سندس وينتي ڪرڻ تي هن سندس ٻئي قيدي به آزاد ڪري ڇڏيا ۽ سندس سامان به واپس ڪيو ويو. ملڪ جي ماڻهن جي آزادي‌ءَ سبب انصاف جي قانونن کان نفرت ڪئي ويندي هئي پر عربستان جا ماڻهو رحم ۽ همدردي جي جذبن سان نه رڳو سرشار هيا پر ان تي فخر پڻ ڪندا هيا.

عربن توڙي هندستان وارن جو مذهب(44)، سڄ چند، ۽ مستقل تارن جي عبادت ڪرڻ وارو هو جيڪا وهمن وسوسن جي هڪ اوائلي صورت هئي. آسمان تي جيڪي به روشن شيون هيون، اُهي ازلي خالق جو تصور پيش ڪري رهيون آهن، اُنهن جو تعداد توڙي مفاصلو، هڪ فيلسوف توڙي عام ماڻهو کي هڪ اڻ ڪٽ خلا جو ڏيک ڏئي ٿو، ۽ ابدي صورت جو تصور به دنيا جي اهڙن مستقل گولن کي ڏسي وائسي پوءِ ذهن ۾ اچي ٿو جو ته اهڙن دائمي ڏيکن يا جَلون ۾ نه ته ڪو بگاڙ اچي ٿو ۽ نه وري اُنهن کي ڪو زوال آهي؛ سندن چرپر ۾ باقاعدگي‌ءَ کي دليلن جي قانون سان منسوب ڪري سگهجي ٿو ۽ انهن جو سچو يا خيالي اثر ان اوائلي عقيدي جي همت افزائي ڪري ٿو ته زمين ۽ ان جا رهواسي سندن خاص مهرباني يا حفاظت هيٺ آيل آهن. فلڪيات يا تارن ۽ گرهن جو علم بابل کان شروع ٿيو هيو، پر عربن جي اسڪول ان علم جو هڪ صاف ۽ مضبوط بنياد ڏنو هو. رات جي وقت ٻاهر گهمڻ ڦرڻ ۾، اُهي تارن کان رهبري حاصل ڪندا هيا، سندن نالا، سندن ترتيب، روزانو اڀڻ وڃڻ ۽ بدوين جا ٻيا سلسلا تارن جي علم سان سندن دلچسپي ۽ لڳاءُ جو ڏس ڏين ٿا ۽ تجربي کين سيکاريو هو ته چند

جي حصن کي اناويهن حصن ۾ ورهائڻ ضروري هو، ۽ هو تارن جي جِهرمٽ (ميڙ) کي دعا ڏيندا هيا جيڪي صحتمند بارشن ذريعي ٿوٿ برپٽ کي ٻوڙڻ ٻوڙ ڪري سيراب ڪري ڇڏيندا هيا. آسماني تارن جي حڪمراني کي ظاهر ۾ نظر ايندڙ دائرن کان اڳتي وڌائي نٿو سگهجي ۽ مابعد الطبيعاتي اختيارن ذريعي روحن جي ٻي هنڌ منتقل ٿيڻ توڙي جسمن جي ٻيهر زندهه ٿيڻ جي فلسفي کي وري زندهه ڪري سگهجي ٿو؛ هڪ اُٺ کي قبر ۾ پوريو ويو ته پلي اُتي فنا ٿي وڃي، ته جيئن هو پنهنجي مالڪ جي خدمت پنهنجي ٻي زندگي ۾ بهتر نموني ڪري سگهي، ۽ جيڪي روح اسان کي الوداع ڪري هليا ويا آهن، اُنهن کي ٻيهر پڪارڻ جو مطلب اهو آهي ته اُنهن روحن ۾ اجا تائين سجاڳي ۽ طاقت موجود آهي. آڳ بربرن جي انڌي عقيدي کان بلڪل بي خبر ۽ ڪجهه بي پرواهه آهيان، سندن ديوتائن، تارن، هوا، ڌرتي سندن جنسي تعلق، سندن لقب ۽ سندن فرمانبرداري جي به مونکي ايتري ڄاڻ نه آهي. هر قبيلي، هر ڪٽنب ۽ هر ويڑهاڪ پنهنجا پنهنجا رواج ۽ پنهنجي عبادت لاءِ عجيب ۽ انوکيون شيون تخليق ڪيون پر وري اُنهن کي بدلائي ڇڏڻ ۾ به کين ويرم ئي ڪانه لڳي پر هڪ قوم جي حيثيت سان هو مڪي جي مذهب توڙي ان جي زبان آڏو هر دؤر ۽ هر وقت جهُڪندا رهيا آهن. ڪعبي جي تاريخ عيسائي دؤر کان گهڻي قديم آهي، ڳاڙهي سمنڊ جي ڪنارن جو بيان ڪندي، يونان جي تاريخدان ڊايو ڊوَرس(45) تبصرو ڪيو آهي ته ثمود ۽ صباين جي قومن جي وچ ۾ هڪ مشهور مندر هو جيڪو سيني عربن لاءِ هڪ مقدس جڳهه هئي، اُن تي ململ يا ريشم جو پردو هر سال ترڪي جي شهنشاهه طرفان نئين سر چاڙهيو ويندو هو، ۽ هاڻي اهو پردو پهريون پيرو يمن جي بادشاهه طرفان چاڙهڻ لاءِ آڇيو ويو هو جيڪو مُحَمَّد ﷺ جن کان ست سؤ سال اڳ حڪومت ڪندو هو. جهنگلي ماڻهن جي عبادت لاءِ هڪ تنبو يا غار به ڪافي آهي پر تنهن هوندي به مٽي ۽ پٿرن مان هڪ عمارت تعمير ڪئي وئي هئي ۽ اوپر جي حڪمرانن، عمارت جي اصل سادگي واري فن جي تعمير کي ئي برقرار رکيو(47). ڪعبي جي چوڪندي عمارت اڳيان هڪ وسيع ۽ ڪشادو ورانڊو ٺهيل آهي، ان کان سواءِ هڪ ننڍو عبادت گاهه به تعمير ڪيو ويو آهي جنهن جي ڀيڏهه چوويهه ڪيوبٽ (قديم ماپو) ويڪر ٿيويهه ۽ اوچائي ستاويهه ڪيوبٽ آهي ان کي هڪ دروازو ۽ دري به آهي، ڇت ٻڌي ٺهيل آهي جنهن کي ڪاٺ جي ٽن ٽنيَن جي ٽيڪ ڏنل آهي، هڪ پرنالو يا نيسارو (هاڻي سون جو ٺهيل) به آهي جتان مينهن جو پاڻي نيڪال ٿيندو رهندو آهي ۽ زمزم جي پاڪ کوهَ کي هڪ گُنبذ ذريعي ڍڪيو ويو آهي ته جيئن ان جي پاڪائي برقرار رهي. قريشن جي قبيلي ڪنهن حرفت بازي يا زبردستيءَ سان ڪعبي جي سار سنيال لهڻ جو ذمو پنهنجي سِر تي کنيو هو. پارسائيءَ وارو هي عهدو قريش قبيلي جي چئن موروثي رشتن کان ٿيندو حضرت مُحَمَّد ﷺ جي ڏاڏي تائين پهتو هو ۽ هاشمين جو خاندان، جتان سندن ڏاڏو مٽي اُپريو هو، سڄي عربستان ۾ عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو(48). مڪي پاڪ جون حدون مقدس ليڪيون ويندیون هيون ۽ هر سال جي آخري مهيني ۾ شهر توڙي ڪعبي شريف ۾ لکين حاجي اچي گڏ ٿيندا هيا ۽ الله جي گهر ۾ ويهي بهتر ۽ نيڪيءَ واري زندگي گذارڻ جا نوان عهد اقرار ڪري واپس ويندا هيا. ساڳيون رسمون جيڪي هاڻي عقيدت مند مسلمان ادا ڪن ٿا، اُهي اڳ وهمن وسوسن ذريعي بت پرست ادا ڪندا هيا. هڪ ڇڪي خاصي مفاصلي کان هو پنهنجا ڪپڙا لاهي ٻيا پائن ٿا، ۽ تڪڙن قدمن سان ست دفعا اُهي ڪعبي جو طواف ڪن ٿا ۽ حجرِ اسود کي جميون ڏين ٿا، ست دفعا اُهي پر وارن جبلن ۾ اچن وڃن ٿا ۽

اُتي عبادت ڪن ٿا، ست دفعا اُهي مِنا جي وادي ۾ شيطان کي پٿر هڻن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح حج مڪمل ٿئي ٿو؛ ۽ هينئر رڍ يا اُٺ جي قرباني ڪرڻي پوي ٿي ۽ اُنهن جي وارن ۽ ڪُنهَن کي هڪ پاڪ ميدان ۾ پوريو وڃي ٿو. هر قبيلي، ڪعبي ۾ اڳ پنهنجي پنهنجي گهريلو عبادت شروع ڪري ڇڏي هئي، ڪعبي کي اڳ ئي سؤ بُتن سان يا سجايو ويو هو يا وري ان جي بي حرمتي ڪئي وئي هئي. هنن ۾ انسان، شهباز، شينهَن، هرڻ ۽ ڏاڙهن جا بُت هيا، پر سيني کان نمايان حبل جو مجسمو هو جيڪو ڳاڙهي عقيق جو نهيل هو ۽ سندس هٿ ۾ ستَ تيرَ جهليل هيا جنهن کي نه مٿو هو نه پَر يا ڪنڌ هيا، مطلب ته جيڪو ڪجهه به اُتي رکيل هو سڄو لادينيت جو ڪاروبار هيو. پر هي مجسمو شاهي فن جو هڪ نادر نمونو هو؛ جهالت ۽ بي ادبي وارن دؤرن جي عقيدت لاءِ هڪ ٽنيو يا ڪاٺ يا پٿر جو هڪ ٽڪرو به ڪافي هو ۽ برهٽن جي جبلن کي به ديوتا يا قربان گاهه بڻايو ويو هو(49)- هڪ اهڙو عمل جيڪو مڪي جي حجرِ اسود جي ڪاپي ڪندي اختيار ڪيو ويو هيو، جنهن تي بت پرستي جي شروعات ڪرڻ جا الزام ۽ ملامتون مڙهيل آهن. جهان کان پيرو تائين قرباني ڪرڻ جي رواج کي عالمي سطح تي جاري رکيو ويو آهي ۽ عقيدتمندن احسانمندي جي جذبي يا وري خوف کان پنهنجن ديوتائن جي اعزاز ۾ يا کين خوش ڪرڻ خاطر پنهنجا پياري ۾ پيارا ۽ بيحد قيمتي تحفا به قربان ڪيا آهن. انسان جي زندگي(50)، ماڻهن متان آفتون گهٽائڻ لاءِ هڪ قيمتي نذرانو آهي، فونيشيا، مصر، روم ۽ ڪارٿيج جا قربان گاهه انساني رت سان خراب ڪيا ويا هيا ۽ هن وحشياڻي رسم کي ڪيترن سالن تائين عربستان ۾ پڻ رائج رکيو ويو هو، ٽين صدي عيسوي ۾ ڊوميٽيَنس(51) قبيلي طرفان هڪ نوجوان چوڪر جي قرباني هر سال ادا ڪئي ويندي هئي ۽ مسلمانن جي بادشاهه طرفان، جيڪو شهنشاهه جسٽينين(52) جو سپاهي ۽ ساٿي هو سندن قيدي کي مذهبي رسمن موجب قربان ڪيو ويندو هو. هڪڙو پيءُ جيڪو پنهنجي پٽ کي زوريءَ گهِلي قربان گاهه تائين وٺي ويندو هو. اهو مذهبي جنون جو انتهائي عمل هوندو هو جنهن کي بزرگن ۽ درويشن جي منظوريءَ جي سَند به حاصل هئي، ۽ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي والد پڻ اهڙي قرباني ڏيڻ جو وَچن ڪيو هو، پر پوءِ وڏي مشڪل(*) سان تڏهن وجي واعدو نياڻائين جڏهن انساني قربانيءَ جي عيوضي ۾ ڪيس هڪ سؤ اُٺن کي قربان ڪرڻو پيو. جهالت جي دؤر ۾، يهودين ۽ مِصرين وانگر عرب پڻ سُوئر جو گوشت(53) نه کائيندا هيا، بالغ ٽيڻ تي پنهنجن ٻارن جو طهر(54) ڪرائيندا هيا؛ ساڳيون رسمون، جن جي لاءِ قرآن پاڪ ۾ نه مذمت ڪيل آهي ۽ نه وري کو حڪم جاري ڪيل آهي، عربن جي ايندڙ نسلن توڙي نئون مذهب اختيار ڪندڙن ۾ خاموشيءَ سان منتقل ٿيندیون رهيون آهن. هڪ ڏاهپ وارو اندازو لڳايو ويو آهي ته دوراندیش قانون ساز پنهنجي ملڪ جي ضدي ۽ هٺيلن ماڻهن جي ڪٽر نه پر مثبت روايتن سان پاڻ به ڪنهن حد تائين شامل ٿيو هو ته جيئن هو مطمئن رهن. ان ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ آسان آهي ته هو پنهنجن نوجوانن جي مثبت عادتن ۽ راين سان متفق ٿيو هو پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته جيڪو عمل مڪي جي آبهوا لاءِ موافق هيو. اُهو شايد دنيوب يا وولگا ندين جي ڪنارن تي رهندڙ ماڻهن لاءِ بيڪار ۽ اڻڪو به ٿي سگهيو ٿي.

عربستان آزاد هو پر اوسي پاسي واريون بادشاهتون سوين ۽ ظلم جي طوفان جي آوَهه ۾ آيل هيون ۽ اذيتن جا شڪار ٿيل طبقا اُنهن خطن ڏانهن هليا ويا جتي خوشحالي ۽ امن امان هيو ۽ جتي اُنهن سمجهيو ته هو پنهنجي عقيدي ۽ اعتقاد موجب جيئن چاهيندا تيئن سڀ ڪجهه ڪري سگهندا.

سبائيُن، مجوسين، يهودين ۽ عسيائين جا مذهب ايراني نار کان ڳاڙهي سمند تائين ڦهلجي چڪا هيا. قديم اوائلي دور ۾ سبائيُن جو مذهب، ڪالدينس(35) جي سائنسي ترقي سبب ايشيا ۾ پهچي چڪو هو جنهن ۾ اسيريا وارن جي هٿيارن جو عمل دخل به هيو. بابل(56) جي پادرين ۽ فلڪيات جي ماهرن جي بن هزار سالن جي تجربن فطرت جي اٽل ۽ دائمي قانونن جو پورو تجزيو ڪيو هو. اُهي اُنهن ستن ديوتائن يا فرشتن کي پوڄيندا هيا جن ستن سيارن جي گردش جي رهبري ڪئي هئي ۽ پنهنجو زبردست اثر زمين تي پڻ ڇڏيو هو. ستن سيارن جون وصفون ۽ ہارهَن جي گول چڪر ۽ چوويهَن تارن جو ميڙ جيڪو زمين جي اترئين ۽ ڏاکڻين اڌ گولي تائين ڦهليل آهي، اهي سپيئي ڏيک، تصويرن يا مُندين تي اُڪريل نقشن ذريعي ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا. هفتي جا سَت ڏينهن ۽ انهن مختلف ديوتائن سان منسوب ڪيا ويا هيا: سبائي هفتي ۾ تي ڏينهن عبادت ڪندا هيا ۽ هاران ۾ جيڪو چندَ جو مندر هو اُهو سندن حج ڪرڻ جي پاڪ جڳهه هئي(57). پر سندن عقيدي ۾ ڪافي لچڪ هئي تنهن ڪري اُهي بين کي سيکارينداً ۽ هيا ته بين کان سکندا ۽ پرائيندا ۽ هيا: تخليقي عمل هجي، ہوڏون يا طوفان هجن يا سندن قومي بزرگ هجن، اُهي پنهنجن يهودي قيدين سان هڪ انوکو معاهدو ڪندا هيا: اُهي حضرت آدمؑ سيٿ ۽ اِناڪ جي مخفي ڪتابن ڏانهن رجوع ڪندا هيا ۽ انجيل جي ٽورڙي واڌاري سان، گهٽن خدائن کي ميڙ وارا ۽ سينٽ جان جي عيسائيت طرف لڙي پوندا هيا جيڪو بصري جي حدن ۾ رهندو هو(58). بابل جي قربان گاهه کي مجوسين پاڙئون پٽي ڇڏيو هو پر سبائين کي جيڪي زخم رسايا ويا هيا انهن جو انتقام سڪندر جي ترار ذريعي ورتو ويو هو ۽ فارس وارا پنج سؤ سالن تائين ڏارين جي غلامي هيٺ رهيا هيا ۽ زوروسٽر جا سچا پوئلڳ بت پرستيءَ جي وڇڙندڙ مرض کان بچي ويا ۽ پنهنجن مخالفن سان ۽ بيابان جي آزاديءَ(59) ۾ خوش گذارڻ لڳا. يهودي، حضرت محمد ﷺ جن جي وصال کان ست سؤ سال اڳ ئي عربستان ۾ وجي آباد ٿيا ۽ ٽائٽس ۽ هئدرئن جي جنگين ۾ هزارين يهودي هن پاڪ زمين تان تڙيا ويا هيا. محنتي جلاوطن ماڻهن آزادي ۽ اختيارن حاصل ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو. اُنهن شهرن ۾ پنهنجون عبادت گاهون ۽ اڪيلائي وارن هنڌن تي قلعا جوڙايا ۽ جن غير يهودين سندن مذهب اختيار ڪيو هو اُنهن کي اسرائيل جي ہارن سان گڏجڻ سبب مونجهارو پيدا ٿي پيو هو چاڪاڻ ته يهودين وانگر اُنهن جا طوهر به ٽيل هيا. عيسائي پرچارڪ اجا وڌيڪ چُست ۽ ڪامياب هيا: ڪئٿولڪن پنهنجي عالمي حڪومت کي قائم رکيو هو، جن طبقن کي هنن اذيتون پهچايون هيون، اُهي روم جي شهنشاهت جي حدن کان به پري هليا ويا، مرسيونائيٽس ۽ مئنيڪيَنس پنهنجن اجاين خيالن ۽ مصنوعي اِنجيلن کي ڇڏي ڏنو: يمن جون ڪليسائون ۽ حِرا ۽ غَسان جي بادشاهن کي حضرت يعقوبؑ جي پوئلڳن ۽ نسٽوري پادرين(60) طرفان صاف مذهب اختيار ڪرڻ جي تبليغ ڪئي وئي. مختلف قبيلن کي چيو ويو ته پنهنجي پسند جو مذهب اختيار ڪن، هر عرب کي پوري آزادي هئي ته پلي پنهنجو مذهب پاڻ ناهي ۽ ان کي اختيار ڪري، ۽ سندس پنهنجي گهر جي وهمن وسوسن کي درويشن ۽ فيلسوفن جي متاهين مذهبي تعليم سان ملايو ويو هو. اعتقاد جو بنيادي نقطو ڏارين عالمن جي ذهن ۾ وڏو ويو هو: هڪ ۽ فقط هڪ عظيم خدا تعاليٰ جي هجڻ، جيڪو ڏرتي توڙي بهشت جي بادشاهت کان اجا گهڻو اوچو آهي پر جنهن اڪثر ڪري پنهنجن فرشتن ۽ پيغمبرن ذريعي پنهنجي وجود کي ماڻهن اڳيان ظاهر ڪيو آهي ۽ جنهن جي عظمت يا بلندي ڪڏهن ڪڏهن معجزن ۽ فطرت جي قانونن سبب

متاثر ٿيندي رهي آهي، اُهي عرب جيڪي فقط منطق ۽ دليلن کي مجيندا هيا، اُنهن بہ سندس اختيارن کي مجيو هو، توڙي جو سندس عبادت نہ ڪندا هيا ۽ عقيدي جي بجاءِ اهي فقط سندن پراٿيون عادتون هيون جن ذريعي هو اجا تائين بت پرستيءَ جي تبرڪن ۽ آثارن سان لاڳاپيل هيا. يهودين توڙي عيسائين کي پنهنجا مقدس ڪتاب هيا، انجيل جو اڳ ۾ عربي زبان ۾ ترجمو ٿي چڪو هو(62) ۽ توريت جي جُلد کي خطرناڪ دشمنن طرفان پڻ قبول ڪيو ويو هو. عبراني سردارن جي قصن ۾ عربن کي ان وقت هڪ خوشگوار حيرت لڳي جڏهن اُنهن منجهان کين پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڏس پنڌ جو پتو پيو. هنن حضرت اسماعيلؑ جي جَمر ۽ سندس واعدن تي خوشي ۽ شادمانن جو اظهار ڪيو، حضرت ابراهيمؑ جي مذهب ۽ سندس ڪردار جو احترام ڪيو، سندس حسب نسب ۽ پنهنجي نسل کي پاڻ ۾ ملائي، هِڪ ڪري ان کي دنيا جي پهرئين انسان سان وڄي ملايو ۽ اوتري ئي سادگيءَ سان ڪتاب جي مقدس متن ۾ يهودين جي خوابن ۽ روايتن کي ضابطن ۽ روايتن جي مقدس ڪتاب سان وڄي ملايو.

ائين چوڻ تہ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جو اصل نسل عام ۽ رواجي هو، عيسائين(63) طرفان اهو هڪ بيهودو الزام آهي، ائين ڪرڻ سان حقيقت ۾ هنن سندن شان گهٽائڻ بدران ويتر وڌايو آهي. حضرت اسماعيلؑ کان سندن پيڙهي جو شروع ٿيڻ پلي هڪ قومي اعزاز هجي يا افسانو، پر ان حقيقت ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ مُحَمَّد ﷺ جو تعلق نِج، صاف پاڪ ۽ اصلوڪي نسل سان هيو. هو قريشين جي معزز ۽ معتبر گهراڻي منجهان پيدا ٿيو هو، خاندان هاشم جو هو، جيڪو عربن ۾ بيحد محترم مجيو ويندو هو ۽ جيڪي مڪي جا شهزادا ليکيا ويندا هيا ۽ موروثي طور ڪعبي جا رکوالا ۽ محافظ هيا. عبدالمطلب حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جو ڏاڏو ۽ هاشم جو پٽ هيو جيڪو دولتمند هئڻ سان گڏوگڏ مڪي ۾ پنهنجي سخا جي ڪري مشهور ۽ محترم هيو جنهن هن شهر کي پنهنجي وٽج واپار ذريعي ڏڪار ۾ چوٽڪارو ڏياريو هيو. مڪو شريف، جنهن کي پيءُ جي فياضي ۽ سخا ذريعي وهنوار واپار ذريعي هلايو ويندو هو، ان کي پٽ جي بهادري ذريعي بچايو ويو. يمن جي بادشاهت درحقيقت حبش جي عيسائي بادشاهت جي رعيت ۾ شامل هئي؛ سندن ئي ڏن پريندڙ اَبرها کي ان وقت سخت ڪاوڙ اچي وئي جڏهن ڪنهن ماڻهو صليب جي لاءِ گهٽ وڌ ڳالهايو هو ۽ ان بيعزتي جي بدلي ونڊ لاءِ هو هاٿين جو وڏو لشڪر ۽ آفريڪا وارن جي وڏي فوج وٺي مڪي جي مقدس شهر تي ڪاهي ويو. هڪ صلح نامي جي ڳالهہ بہ ٿي پر اَبرها سان پهرين ملاقات ۾ حضرت مُحَمَّد ﷺ جي ڏاڏي عبدالمطلب پنهنجن اُٺن جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو. اَبرها حيرانگيءَ مان ڪانئس پڇيو: 'پنهنجن اُٺن لاءِ ايترو فڪرمند آهين، پر تون مون کي ڪعبي جي باري ۾ ڪا مِنٽ ميڙ نٽو ڪرين جنهن کي ڍاهڻ لاءِ آءٌ هتي پهتو آهيان.' چاڪاڻ تہ... بهادر سردار وراڻيو، 'اُٺ ۽ بيو مال منهنجو پنهنجو آهي ۽ ڪعبو: 'الله جو گهر آهي، اُهوئي ڪنهن نقصان ۽ بيحرمتي ٿيڻ کان پنهنجي گهر کي يقينن پاڻ بچائيندو.' ڪاڦي خوراڪ جي گهٽتائي يا وري قريشن جي همت ۽ بهادريءَ سبب يمن وارن کي ذلت واري شڪست آئي؛ سندن بدحواسي واري مات جو هڪڙو سبب پکين (ابابيل) جي اوچتي ظاهر ٿيڻ جو معجزو ڄاڻايو ويو آهي جن ڪافرن جي سِرَن متان پٿرن جو وسڪارو شروع ڪري ڏنو ۽ هن فتح کي بعد ۾ 'عامُ الفيل' (هاٿين جو سال) جو نالو ڏنو ويو(65). عبدالمطلب طرفان حاصل ڪيل شان شوڪت پويان ڪيس گهريلو خوشيون بہ مليون، سندس ڄمار هڪ سؤ ڏهن سالن تائين وڌي وئي، ۽ هو ڇهن ڏيئرن ۽ تيرهن

پٽن جو پيءُ بڌجي ويو. سندس محبوب پٽ عبدالله سيني کان وڏيڪ سهڻو ۽ عربن ۾ مانيٽي ۽ مهذب طبعيت جو مالڪ هو؛ ۽ جڏهن سندس شادي هڪ معزز خاندان جي ڏيءَ بيبي آمنہ سان ٿي ته شاديءَ جي پهرين رات ئي ۾ سؤ ڪنواريون چوڪريون حسد ۽ مايوسيءَ وچان مري ويون چاڪاڻ ته عبدالله بيحد حسين هو ۽ هر چوڪريءَ جي سائس شادي ڪرڻ جي خواهش هئي. محمد ﷺ مصطفيٰ حضرت عبدالله ۽ بيبي آمنہ جو اڪيلو پٽ، جستينين جي مرڻ کان چار سال ۽ حبش(66) وارن جي شڪست کان ٻہ سال پوءِ، مڪي ۾ ڄائو هو، ۽ جيڪڏهن حبش وارا فتح حاصل ڪن ها ته عيسائيت جو مذهب ڪعبي ۾ ٻہ داخل ٿي وڃي ها. ايا ننڍڙو ٻار هو ته پنهنجي پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويو، سندن ماءُ ۽ سندن ڏاڏو ۽ سندس چاچا گهٽا ۽ ساڳئي وقت طاقتور هيا ۽ موروثي ملڪيت جي ورهاڱي ۾، يتيم جي حصي کي گهٽائي پنجن اُٽن ۽ حبش جي هڪ نوڪرياڻيءَ تي محدود ڪيو ويو، گهر ۾ توڙي ٻاهر، امن توڙي جنگ ۾ حضرت ابوطالب جيڪو سندن چاچن ۾ سڀني کان وڏيڪ معزز ۽ محترم هو، پنهنجي نوجوان ۽ پياري پائيٽي جو رهبر، خيرخواهه ۽ محافظ هيو، سندن عمر جي پنجويهين سال ۾، هن بيبي خديجہ وٽ نوڪري اختيار ڪئي جيڪا مڪي جي بيوهہ، مالدار ۽ خانداني عورت هئي ۽ جنهن سندن ايمانداري ۽ اعليٰ ڪردار کي ڏسندي ساڻن شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، قديمي طريقي ۽ سادگيءَ سان شادي ٿي. شادي جي نڪاح نامي ۾ محمد ﷺ ۽ خديجہ الڪبريٰ جو پاڻ ۾ پيار ڏيکاريو ويو آهي ۽ ڪين قريش جي عظيم فرزند طور پيش ڪيو ويو آهي، سونَ جا فقط ٻارهَن آئونس ۽ ويهہ اُٽ حق مهر لکرايو ويو جيڪو سندن چاچي ابوطالب ادا ڪيو(67). هن رشتي ڪرڻ سان حضرت عبدالله جو پُٽ پنهنجن ابن ڏاڏن واري مٿانهين حيثيت تي پهچي ويو ۽ سندن عظمت ۽ ديانتداري جو ڏاڪو قائم رهيو، جڏهن پاڻ چاليهن سالن جي عمر کي رسيا(68) ته ڪين پيغمبري عطا ٿي وئي ۽ ان مذهب اختيار ڪرڻ جو اعلان ڪيائون جنهن جو ذڪر قرآنِ پاڪ ۾ ڪيو ويو هو.

سندن ساٿين جي روايتن موجب محمد ﷺ مصطفيٰ جن بيحد حسين شخصيت جا مالڪ هيا، هڪ اهڙو تحفو جهن کان شايد ئي ڪو نفرت ڪندو هوندو سواءِ اُنهن ماڻهن جي جن کي اهو نصيب ئي نہ ٿيو آهي. سندن ڳالهائڻ کان اڳ سامهون ۽ اوسي پاسي وينل ماڻهو ساڻن پيار ۽ محبت جو اظهار ڪندا هيا. محفل ۾ سندن موجودگي ايتري ته اثرائتي ۽ ڪشش ڪندڙ هوندي هئي جو ماڻهو ڪين داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا هيا، سندن پُروقار طريقو، رعبدار نظرون، منهن مبارڪ تي سدائين مِٺڙي مُرڪ، سندن سونهن واري ريش مبارڪ ۽ سندن موهيندڙ چهرو جنهن جو اثر هر ماڻهوءَ جي روح تائين پهچندو هو ۽ سندن اشارا ايترا ته صاف هوندا هيا جيڪي سندن زبان مان نڪتل لفظن کي وڏيڪ واضح ڪندا هيا. زندگي سان تعلق رکندڙ هر ڪم ۾ سنجيده ۽ بااخلاق هوندا هيا ۽ هر ماڻهوءَ سان مهرباني سان پيش ايندا هيا. جيترو توجه دولتمند ۽ طاقتور ماڻهن ڏانهن ڏينداهيا ان کان وڏيڪ هو مڪي جي غريبن ۽ مسڪينن طرف ڏينداهيا ۽ اُنهن جا مسئلا وڃي معلوم ڪندا هيا. ماڻهن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سڌا سنوان ۽ ڪُلبل هوندا هيا، تنهنڪري لفظن جي ڪاريگري يا بناوٽ جو وڃ ۾ ڪوبہ معاملو نہ هوندو هو؛ هونئن ته سندن خوش خلقي سيني لاءِ وقف هوندي هئي پر سندن ذاتي دوستن سان سندن قرب گهڻو هو جيڪو اڳتي هلي عالمي پائيچاري ۽ خيرخواهيءَ جي جذبن ۾ تبديل ٿي ويو. سندن يادگيريءَ جي صلاحيت تعريف لائق هئي، سندن ذهانت آسان ۽ سماجي پلائي واري هئي، سندن

خيالن جي پهچ تمام بلندي واري، سندن راءِ واضح ۽ ڪليل ۽ فيصلائتي هوندي هئي. خيالن کي عملي جامو پهرائڻ جي منجهن پوري صلاحيت هوندي هئي، ۽ توڙي جو ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ سندن ارادا ڪجهه تبديل ٿيا هجن يا وڌيڪ وڌيا هجن، پر ماڻهن ۾ خدائي پيغام پهچائڻ لاءِ جيڪو پهريون خيال کين آيو هو ۽ جنهن جي پرپور تعميل پڻ ڪيائون، سندن اعليٰ ۽ بلند ترين ذهني صلاحيتن جي ڇڻي شاهدي ڏئي ٿو. حضرت عبدالله جي پٽ کي مڪي جي نج روايتي خاندان جي وچ ۾ تقرير جي تعليم ڏياري وئي. هڪ اهڙو خاندان جنهن عربي زبان جي اصلوڪي ۽ صاف لهجي کي قائم رکيو هو، ۽ سندن تقرير جي بلاغت کي دُرست ڪري ان کي اڳتي وڌايو ويندو هو پر ان دؤران هي نوجوان دانائيءَ سان خاموش رهندو هو. فصاحت بلاغت جي طاقت رکندي به مُحَمَّد ﷺ جن اٽڪهيل هيا، جوانيءَ ۾ کين لکڻ پڙهڻ نه سيکاريو ويو هو(70)، تنهن هوندي به کين ماڻهن اڳيان شرمندو ٿيڻ يا ماڻهن طرفان کين طعنا ڏيڻ جي ضرورت ڪڏهن به پيش ڪانه آئي، پر ان جي باوجود سندن جاڻ جو دائرو محدود ٿي ويو ۽ اُنهن آئينن کان کين محروم ڪيو ويو جن ذريعي وڏن ڏاهن ۽ فيلسوفن جي وڏن ذهنن جو اولڙو اسان جي ذهنن تي پوندو آهي، ان جي باوجود فطرت ۽ انسان جو ڪتاب سندن ذهن اڳيان کليو رکيل هيو ۽ سياسي فلسفياڻين تجزين ۾ ڪجهه تصوراتي رنگ پريو ويو جنهن جو تعلق عرب سياحن سان هيو(71). پاڻ دنيا جي قومن ۽ مذهبن جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪن ٿا، فارس ۽ روم جي بادشاهتن جي ڪمزورين جو جائزو وٺن ٿا، ان وقت جي انساني ابتريءَ کي، ڏک ۽ ڪاوڙ سان ڏسن ٿا ۽ دل ئي دل ۾ عزم ڪن ٿا ته هو عربن جي اُجيت جذبن ۽ اعليٰ صلاحيتن کي هڪ ڏينهن هڪ خدا ۽ هڪ بادشاهه هيٺ هڪڙي ايڪي ۾ آڻي هڪ ڪري ڇڏيندا. اسان سندن شروعاتي زندگي تي غور ڪريون ته معلوم ٿيندو ته محلن، فوجي ڪئمپن ۽ اوپر جي مندرن کي ڏسڻ ۽ گهمڻ جي بجاءِ شام جون سندن ٻه مسافريون ٻن تجارتي ميلن جي سلسلي ۾ ٿيون هيون جيڪي دمشق ۽ بوسترا ۾ لڳايا ويا هيا، ان وقت سندن عمر فقط تيرهن سال هئي جڏهن هو پنهنجي چاچي جي قافلي سان گڏجي شام ويا هيا پر پوءِ جيئن ئي بيبي خديجه جو تجارتي سامان نيڪال ڪيائون ته هڪدم پلٽي موٽيا. اهڙن تڪڙن ۽ غير اهم سيرن سفرن ۾ بيحد ذهين انسان جي نظر اُنهن ڳالهين کي ٻه ڏسي، پرکي ۽ پروڙي سگهي ٿي جيڪي هونئن سندن ويجهن ساٿين کان ٻه لکل رهيون هونديون، اُنهن مسافرين مان جاڻ ۽ تجربي جا ٻج هٿ ڪري هن پنهنجي ذهن جي زرخيز زمين ۾ پوکيا هوندا، پر شامي زبان نه ڄاڻڻ سبب سندن پرائڻ جي جستجو ممڪن آهي ته اڌوري رهجي وئي هجي. ۽ هن الڳ دنيا جي هر خطي کان حاجي هر سال مڪي ۾ عقيدت، احترام ۽ واپار وڙي جي حوالي سان گڏ ٿيندا هيا ۽ لکن ماڻهن جي هڪ ٻئي سان لهه- وچڑ ۽ هڪ ٻئي سان رابطن کي پنهنجي مادري زبان ڳالهائڻ تائين محدود هڪ سادگي پسند شهريءَ، مختلف قبيلن جي ڪردار ۽ سياسي صورتحال، توڙي يهودين ۽ عيسائين جي مذهبي اصولن ۽ سندن عملن جو نهايت غور سان جائزو ورتو هوندو. ڪجهه ڏارين ماڻهن ڄاڻي واڻي يا وري مجبور ٿي مهمان نوازيءَ جي حقن لاءِ ٻاڏايو هوندو ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي دشمنن يهودين، فارسين ۽ شام جي ويراڳين جا نالا ورتا هيا جن تي اهو الزام هو ته هنن قرآن پاڪ جي لکڻ ۾ ڪو مخفي ڪر ڪيو هو(72). ڳالهائڻ ٻولهائڻ سان ماڻهو هڪ ٻئي جي ويجهو اچن ٿا ۽ مفاصلا گهٽ ٿين ٿا، پر اڪيلائي پاڻ هڪ وڏو ذهين اسڪول آهي، جتي هڪڙو شخص وڏو تخليقڪار ٻه ٽئي ٿو ته گهٽو ڪجهه حاصل ٻه

ڪري ٿو. نندپڻ کان وٺي محمد ﷺ جن اڪيلائي پسند هيا ۽ اڪيلائيءَ ۾ مذهبي ڳالهين تي غور ۽ فڪر ڪندا هيا، هر سال رمضان جي مهيني ۾ هو سڄي دنيا توڙي ببي خديجہ کان جدا ٿي، حرا جي غار ۾ هليا ويندا هيا، جيڪا مڪي(73) کان فقط ٽن ميلن جي مفاصلي تي هئي، هو مذهب جي جوش جذبن جي روح تي غور ڪندا هيا جن جي جڳهہ جنت ۾ نہ پر پيغمبر جي پنهنجي ذهن ۾ هئي، ۽ پنهنجي دين کي (الله جي هدايتن ۽ وحيءَ جي مطابق) اسلام جو نالو ڏنو جنهن جو پهريون پنهنجي خاندان ۽ پوءِ وري قوم ۾ ان جو پرچار شروع ڪيو ويو. هي مذهب دائمي سچ تي مبني آهي جنهن ۾ دل سان اهو مڃڻو آهي تہ خدا هڪ ۽ فقط هڪ آهي ۽ محمد ﷺ الله جو رسول آهي.

يهودي مذهب وارا وڏائيءَ مان دعويٰ ڪندا آهن تہ توڙي جو قديمي دنيا جي سُڃاڻ قومن کي گهٽن خدائن کي مجيندڙن طرفان گمراهہ ڪيو ويو، ان جي باوجود فلسطين جي سندن سادڙن ابن ڏاڏن اصلي خدا جي ڄاڻ ۽ عبادت کي پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏيو هو، الله تعالیٰ جي اعليٰ وصفن کي انساني گُڻن يا اخلاق سان پيٽي نڏو سگهجي ڇو تہ ربي اوصاف انساني سمجهہ جي دائري ۾ اچڻ کان ايڏا اڳتي آهن، پر انجيل جي پنجن جُلدن جو هر ورق توڙي سيئي پيغمبر سندس وجود ۽ طاقت جا شاهد آهن، سندس نالي جو ايڪو يا وحدانيت تاريخ جي صفحن تي اُڪريل آهي ۽ سندس مقدس جڳهہ کي ڪنهن بہ ڪل طاقت جي ظاهري صورت سان ڪڏهن بہ بيحرمتو نہ ڪيو ويو آهي، مندر جي تباهيءَ کان پوءِ عبراني جلاوطن ماڻهن کي سندن عبادتگاهن جي روحاني جذبن ذريعي پاڪ ڪري منجهن ڄاڻ ۽ ڏاهپ جي روشني پيدا ڪئي وئي هئي ۽ محمد ﷺ جن جا اختيار ان دائمي طعني کي جائز قرار نہ ڏئي سگهندا تہ مڪي يا مديني جا يهودي عذرا جي پوڄا، الله جي پُٽ جي حيثيت سان ڪندا هيا(74). پر اسرائيل جو نسل هاڻي انسانن وارو نہ رهيو هو ۽ دنيا جا مذهب، نئين پيغمبر جي نظرن ۾ ان نقطي تي قصور وار ضرور هيا جن الله تعالیٰ جي پاڪ ذات کي پُٽ، ڏيئرون يا ساڻي ڏئي ڇڏيا هيا. ستين صديءَ جا عيسائي اٽڄاڻائيءَ يا حماقت سان لادينيت طرف هليا ويا هيا، سندن ذاتي توڙي مجموعي عقيدو بُتن ۽ تبرڪن ۾ هوندو هو جنهنڪري اوپر جي مندرن کي ذليل ٽيٽو پيو هو ڇو تہ الله پاڪ جي سيني کان اوچائي واري بي مثل حيثيت کي شهيدن، درويشن، فرشتن ۽ ٻين عزت لائق شين سان ملائي هيٺاهون ڪيو ويو هو ۽ مذهب ۾ فتنو پيدا ڪندڙن جو هڪ ٻيو گروهہ بہ عربستان ۾ پيدا ٿي ويو هو جن ببي مريم پاڪ کي ديوي جو لقب ڏنو هو(75)، ٽِن (تثليت) جو مونجهارو يا ٻيهر جسماني روپ وٺڻ جو عقيدو، خدائي وحدت جي اٽل حقيقت جي اصول جي نفي ڪري ٿو. انهي عقيدي مان صاف ظاهر ٿو ٿئي تہ اهڙو عقيدو رکندڙ ٽن هڪ جهڙن خدائن کي دنيا اڳيان پيش ڪن ٿا ۽ حضرت عيسيٰؑ جيڪو هڪ انسان هو، کي الله جو پُٽ(76) ڪري ڄاڻائن ٿا، هن سلسلي ۾ هڪ وڏو مذهبي تبصرو يا ڏڳهي تقرير ئي فقط ان شخص کي مطمئن ڪري سگهي ٿي جيڪو عقيدو رکندڙ آهي، باقي بي لغام اُڻ تڻ يا فضول جذباتيت ربي حيثيت جي پاڪيزگي کي مجروح ڪرڻ جي اجائي ڪوشش آهي ۽ اوپر جي هر مذهبي فرقي فقط پاڻ کي بت پرستيءَ کان آجو ڪري، ٻين سيني فرقن تي بت پرستي ۽ گهٽن خدائن جي عقيدي جو الزام مڙهيو آهي، پر محمد ﷺ جن جو مذهب اهڙي ڪنهن بہ شڪ يا مونجهاري کان آجو ۽ پاڪ آهي ۽ قرآن الله پاڪ جي وحدانيت جي شاندار شاهدي ڏئي ٿو. مڪي جي پيغمبر بُتن، انسانن، چند، تارن ۽ سيارن جي پوڄا کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ مستند دليل اهو

ڏنو ويو ته جيڪا شيءِ اُپري ٿي ته اُها لهي به ضرور ٿي ۽ جيڪو به ڇايو آهي اُهو ضرور مرندو ۽ جيڪا شيءِ يا وجود بگڙجندڙ آهي اُن تي فنا ضرور اچڻو آهي(77). سندس منطق ۽ دليلن اهو تسليم ڪيو ته جيڪو سڄي ڪائنات جو خالق آهي اُهو پڪي ۽ پختي يقين سان هڪ ازلي، ابدي ۽ دائمي هستي آهي جنهن کي ڪاب شڪل ڪانهي، ڪوبه هنڌ ناهي، نه ڪنهن جو ڄائو آهي نه ڄڻيندڙ آهي، نه وري ڪو ان جو مثل يا مَٽ آهي، جيڪو اسان ۾ ۽ اسان جي هر ارادي ۽ نيتن ۾ موجود آهي ۽ پنهنجي فطري گهُرجن موجب ۽ پنهنجي مرضيءَ سان پاڻ موجود آهي، ۽ جيڪا به اخلاقي ۽ ذهني بلندي ۽ تڪميل آهي اُها منجهانئس ٻين ڏي اچي ٿي ۽ جيڪا منجهس ئي موجود آهي، هي دائمي سَچَ جن جو رسول الله ﷺ جن(78) پنهنجي زبان ۾ پاڻ اعلان ڪيو، انهن کي سندن پوئلڳن پوريءَ طرح هِينئين سان هندايو ۽ جن کي قرآن جي مترجمن ۽ مفسرن وڏي وضاحت ۽ صفائيءَ سان پيش ڪيو. هڪ اهڙو فيلسوف جيڪو خدا جي وجود کان به انڪاري آهي، اُهو به شايد مُحَمَّد ﷺ جن جي مقبول عقيدي کي مڃڻ ۾ دير نه ڪندو، هڪ اهڙو اُتاهون فلسفو جيڪو شايد اسان جي ذهني سطح کان به گهٽو مٽيرو آهي. اسان جي تصور ڪرڻ يا سمجهڻ لاءِ باقي ڪهڙي شيءِ وچي بچي ٿي جڏهن اسين پنهنجن احساسن ۽ ذهني وسعتن جي اٽڄاتل جوهر مان وقت، مفاصلي، ڇُرپُر جي عمل ۽ مادي کي الڳ ڪري ورتو آهي؟ وحي نازل ٿيڻ کان پوءِ، ان جي مقصد ۽ منطق جي تصديق مُحَمَّد ﷺ جن پنهنجي آواز ۾ پاڻ ڪئي، ۽ هندستان کان وٺي مراڪش تائين سندن فرمان مجيندڙ هڪ ۽ فقط هڪ الله جي عبادت ڪن ٿا، ۽ صورتن يا مورتين جي پوجا کي سختيءَ سان روڪڻ کان پوءِ بت پرستيءَ جو خطرو ٽري ويو آهي. مقدر يا قسمت جي دائمي تصور يا فرمانن کي مسلمان به پوريءَ طرح مڃين ٿا ۽ اُنهن کي به عام مسئلن ۽ مشڪلاتن کي مُنهن ڏيڻو ٿو پوي. مثال طور: خدا جي غيب جي علم کي انساني آزادي ۽ ذميواريءَ سان ڪيئن ۽ ڪٿي وجي جوڙجي، ۽ ٻيو ته بدي ۽ برائيءَ کي سندس لامحدود اختيارن ۽ لامحدود ٻلاين سان ڪيئن هم آهنگ ڪجي وغيره.

الله تعاليٰ پنهنجي هر ڪم ۾ پنهنجي وجود جو اقرار ڪري ۽ ڪرائي ٿو ۽ سندس اٽل قانون يا اصول هر ماڻهوءَ جي دل ۾ موجود آهن، هر دؤر جي پيغمبرن جي اها ڪوشش ۽ سندن مقصد رهيو آهي ته هڪڙي ماڻهو يا طبقي کي ڄاڻ يا سمجهه عطا ڪن ته هي کان ان تي عمل ڪرائن پر مُحَمَّد ﷺ جن جي سخا ۽ فراخدليءَ اڳين پيغمبرن کي به ساڳيو مانُ ۽ احترام ڏنو جيڪو هن عظيم پيغمبر پنهنجي لاءِ لهڻو هو، ۽ اهو سلسلو حضرت آدمؑ کان وٺي قرآن جي نازل ٿيڻ تائين هليو هو(80). ان وقت دؤران هڪ لک چوويهه هزار پيغمبرن تي خدائي روشني جا ڪِرڻا پئجي چڪا هيا ۽ هر پيغمبر پنهنجي علحده ڪردار ۽ شان سان ٻين کان نرالو هو، ٽي سؤ تيرهن حواري فقط ان ڪري موڪليا ويا هيا ته پنهنجي ملڪ کي بت پرستي ۽ برائيءَ مان ڇوٽڪارو ڏيارن، هڪ سؤ چار جُلد فقط روح القدس يا الله جي روح جي سلسلي ۾ ڇاپيا ويا آهن ۽ ڇهن وڏن قانونسازن جن وٽ به ربي روشنيءَ جا ڪِرڻا پهتا هيا، انسانذات کي مختلف انساني حقن بابت ڇهه لڳاتار وحي جا پيغام پهچايا هيا، پر ڪمال اهو آهي ته اڄ مڃجندڙ مذهب هڪڙوئي هيو. حضرت آدمؑ، حضرت نوحؑ ۽ حضرت مُحَمَّد ﷺ سڀئي اولولعزم پيغمبر هيا، پر جيڪو به انهن سيني پيغمبرن مان ڪنهن هڪ کان به نفرت ڪري ٿو ته پڪ سمجهيو ته اُهو بي دين ڪافرن جي لسٽ ۾ موجود آهي. انهن مان گهٽن ئي وڏن جون تحريرون موجود ته هيون پر

اُنهن تي غير مستند ۽ نقلي هئڻ جو شڪ هيو جيڪي يوناني ۽ شامي زبانن ۾ لکيل هيون(81). حضرت آدمؑ جو رَويو اهڙو هو جو هن جي پٺيان ڪوبہ احسانمندي وارو جذبو موجود ڪونہ هو ۽ نہ وري سندس ئي ٻارن جي دل ۾ هن لاءِ ڪو خاص احترام هيو، حضرت نوحؑ جي ستن فرمانن جا پوئلڳ ۽ تعبير ڪندڙ پنهنجين عبادتگاهن ۾ وينل نادان ۽ نامڪمل هيا(82)، ۽ سبائيُن طرفان حضرت ابراهيمؑ جي ياد کي، ڪالديا ۾ جيڪو سندس اباڻو وطن هو، اٽپوري نموني ملهايو ويندو هو، باقي بيشمار پيغمبرن مان حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت عيسيٰؑ اهڙا هيا جن ۾رپور زندگي گذاري هئي ۽ ماڻهن جي دلين تي حڪمراني ڪئي هئي ۽ سندن متعلق تحريرون پراڻي توڙي نئين عهدنامي ۾ موجود آهن، حضرت موسيٰؑ جي معجزاتي زندگي کي تفصيل ۽ احترام سان قرآن ۾ بيان ڪيو ويو آهي(83) ۽ گمراھ يهودي، بدلي وٺڻ خاطر پنهنجو مذهب يا عقيدو اُنهن قومن تي مسلط ڪرڻ جي ڪوششن ۾ رُڌل رهن ٿا، جن جي دين کي، جيڪو سندن مقابلي ۾ نئون نڪور آهي، ڌِڪارن ٿا. عيسائيت جي مصنف يعني حضرت عيسيٰؑ لاءِ مسلمانن کي پنهنجي پيغمبر سيکاريو ٿو ته ان کي وڏي تعظيم ۽ احترام سان ڏٺو وڃي. تحقيق، حضرت عيسيٰؑ جيڪو بيبي مريم جو پٽ آهي، الله جو پيغمبر آهي ۽ سندن لفظ جيڪي هن مريم کي ٻڌايا ۽ جيڪو روح اُن منجهان اڇُتي هليو، سو هن دنيا توڙي ٻي دنيا ۾ بيحد وقار وارو آهي ۽ اهو اهڙن روحن منجهان هڪ آهي جيڪو رب العزت جي ويجهو آهي(85). اصلوڪن ۽ نقلي ڪتابن(86) جا ڪارناما سندس ئي دماغ ۾ ڏيل آهن ۽ لاطيني ڪليسا، قرآن پاڪ منجهان ڪنواري ماءُ بيبي مريم جي باري ۾ اصلوڪو مواد حاصل ڪري ورتو آهي(87). ان جي باوجود حضرت عيسيٰؑ تي بہ فنا جو ڏينهن اچڻو هو، ۽ قيامت جي ڏينهن سندس ئي شاهدي ٻنهي ڌرين جي مذمت ڪندي: يهودين جي انڪري تہ هنن ڪيس رد ڪري ڇڏيو هو ۽ ڪيس پيغمبر ڪري نہ مڃيندا هيا، ۽ عيسائين جي انڪري تہ هو ڪيس الله جو پٽ چوندا ۽ سمجهندا هيا، سندس دشمنن جي ڪيني ۽ ڪدورت سندس شهرت تي داغ لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سندس زندگي ختم ڪرڻ جي سازش ڪئي، پر سندن رڌن ناڪام ٿيون ۽ هڪ خيالي شڪل يا وري هڪ مجرم کي صليب تي چڑهندي ڏيکاريو ويو ۽ معصوم پيغمبر کي الله پاڪ ستين آسماني بهشت تي گهرائي ورتو(88). ڇهہ سؤ سالن تائين انجيل سچ ۽ چوڻڪاري جو رستو ڏسيندو رهيو، پر وقت گذرڻ سان گڏ عيسائين ٻنهي يعني انجيل مقدس جي اصولن توڙي ان جي باني کي وساري ڇڏيو، ۽ مُحَمَّد ﷺ جن کي شعوري عقيدي جي ماڻهن ڪليسا ۽ يهودين جي عبادتگاهن خلاف اُڪسايو تہ انهن مقدس ڪتاب جي مقدس متن سان چيڑچاڙ ڪئي هئي(89). حضرت موسيٰؑ توڙي حضرت عيسيٰؑ جي مذهبي عقيدي ۽ تعليم موجب، مستقبل جي پيغمبر جي آمد تي، هر طرف خوشيءَ جي لهر ڇانيل هئي جيڪو اُنهن کان بہ وڌيڪ نامياروَ ۽ عظيم هوندو ۽ اهڙي طرح جيڪو واعدو انجيل مقدس ۾ ڪيل هو تہ هڪ 'شفا ڏيندڙ مقدس روح' ايندو يا وري روح القدس کان اڳ پنهنجون نشانيون ٻڌائيندو تہ اُهو واعدو عظيم مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ(90) جن جي روپ ۾ سندن آمد تي پورو ٿيو جيڪو سڀني پيغمبرن کان مٿانهون ۽ عظيم تر آهي ۽ جيڪو ختم المُرسلين يا الله جو آخري پيغمبر آهي.

خيالن جي ڏي- وٺ ڪرڻ لاءِ ذهن ۾ زبان جي هڪ جهڙائي بيحد ضروري آهي، هڪ فيلسوف جي گفتگو سواءِ ڪنهن اثر ڇڏڻ جي تڏهن هوا ۾ اڏري وجي ٿي جڏهن سندس آواز ڪنهن هاري ناريءَ جي ڪن تي پوي ٿو، جو ته ٻنهي جي سمجهه ۾ جاڻ ۾ ايتروئي مفاصلو آهي جيترو هڪ لامحدود ۾ محدود جي وچ ۾ ٿئي ٿو جڏهن الله جو نالو ڪنهن فنا ٿيندڙ جي زبان يا قلم سان ورتو يا ورجايو وجي ٿو. عبراني يا يهودي پيغمبرن، حوارين يا حضرت عيسيٰ جي انجيل جي مجيندڙن جو اُتساهه يا اثر سندن دليلن يا يادگيريءَ سان شايد ايترو اٽ نهڪندڙ به نه هوندو ۽ سندن ذهن ۽ صلاحيتن جي تضاد جو اندازو پراڻي ۽ نئين عهدنامي جي ڪتابن جي لِکت ۽ اُنهن جي انداز مان واضح ٿي وجي ٿو. پر مُحَمَّد ﷺ جن، قرآن جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾، انجي سادگي واري اوچي ڪردار بابت مطمئن هيا ته ان جو روح اصل شڪل ۾ برقرار رهيو هو(91) ۽ سندن پنهنجي ذات توڙي سندن سيني پوئلڳن کي يقين هو ته قرآن تخليق ڪيل نه پر اصل ۽ دائمي هو جيڪو الله پاڪ جو ڪلام هو ۽ سندس ئي اصل جوهر مان نڪري دنيا ۾ نازل ٿيو هو ۽ جيڪو روشني جي قلم سان لکجي دائمي فرمانن جي صورت ۾ انسانذات آڏو آيو هو، قرآن جي پهرين ريشم ۽ قيمتي پٿرن تي اُڪريل ڪاپي جبرائيل هينئين بهشت ۾ ڪٿي آيو هو، جيڪو يهودين جي فلسفي موجب(*) اهم پيغامن جي صورت ۾ موڪليو ويو هو ۽ جنهن کي جبرائيل بابن، آيتن ۽ صورتن جي ورهاست ذريعي عربي پيغمبر ڏانهن وحي ڪندو رهيو، قدرت جي دائمي ۽ مڪمل سرشتي جي پوئواري ڪندي قرآن پاڪ مُحَمَّد ﷺ جن جي خواهش موجب ننڍين ٽُڪرن يا آيتن جي صورت ۾ نازل ڪيو ويو هو ته جيئن سندن وقتي ضرورتن ۽ حالتن جي نزاڪت موجب صورتون نازل ٿين ۽ جيڪي به تضاد ڪٿي نظر آيا ته اُهي ان صورت ۾ هڪدم دور ٿي ويا ته هڪڙين آيتن کي ترڪ ڪري اُنهن جي جڳهه تي نيون ۽ وڌيڪ وضاحت ڪندڙ آيتون نازل ڪيون ويون. الله جو ڪلام ۽ سندس رسول جي حديثن کي ڪجي يا تاڙي جي پنن يا هڏن تي لکيو ويندو هو پر اُهي شروع ۾ ڪنهن به ترتيب يا سلسلي سان نه رکيا ويندا هيا جن کي پيغمبر جي هڪ شريڪِ حيات طرفان محفوظ ڪيو ويندو هو. مُحَمَّد ﷺ جن جي وصال کان ٻه سال پوءِ ان مقدس مواد کي گڏ ڪري سندس دوست ۽ جانشين حضرت ابوبڪر صديقؓ طرفان ڇپرايو ويو ۽ ان کي وڌيڪ بهتر ۽ ترتيب وار نمونو سان تيرهين صدي هجري ۾ حضرت عثمان غنيؓ جي وقت ۾ ٻيهر ڇپرايو ويو هو ۽ ڪمال اهو آهي ته قرآن جي مختلف نسخن ۾، جيڪي مختلف وقتن تي ڇپيا هيا، معجزاتي طور ساڳيو متن موجود آهي جنهن ۾ رتيءَ ماتر به ڦيرڦار ٿيل نه آهي. جوش جذبي جي حوالي سان يا وري فخر وچان مُحَمَّد ﷺ جن پنهنجي پيغام جي سچائيءَ جو بنياد، ٻين ڳالهين منجهان ان تي به رکيو جنهن ۾ انسانن ۽ فرشتن کي للڪاريو ويو آهي ته اُنهن منجهان ڪوبه هڪڙي سِٽ به اهڙي خوبصورتيءَ سان لکي ڏيکاري ۽ پيغمبر دعويٰ ٿوڪري ته اهڙين خوبصورت ۽ بيمثل سٽن جو تخليق ڪندڙ فقط الله تعاليٰ ئي ٿي سگهيو ٿي(92). هن دليل جو رُخ هڪ انتهائي پرهيزگار عرب ڏانهن آهي جنهن جو ذهن فقط مذهبي بيخودي ڏانهن رجوع ٿيل آهي. (93) ڪنهن به طرز جي ذهني ڪشادگي يا هر آهنگي فقط هڪ نقطئه نظر تي اڪتفا نه ڪندي(*)، يورپ، اٽ لاڳاپيل قصن ڪهاڻين، اخلاقي فرمانن ۽ تقريرن جي ڏڳهن سلسلن جو وڏي بي صبريءَ مان مطالعو ڪري ٿو پر ان مان ڪيس ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿوٿئي ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهه هوندي ئي ڪانهي جيڪا دل کي ڇُهي يا ڪو جذبو پيدا

ڪري، اهڙا فضول سلسلا رڙهندا رڙهندا يا ته مِٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا يا وري هوا ۾ اُڏامي وڃن ٿا. عربستان جي هن عظيم پرچارڪ يعني مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ کي خدائي وصفون عطا ٿيل هيون پر ڪيس ڏهني اذيتون ۽ اوتريون ئي وڏيون نصيب ۾ آيون هيون جيڪي شايد حضرت ايوبؑ جي مٿانهين درجي جي سادگي ۽ صبر سان پيڇي سگهن ٿيون، جنهن جو ذڪر ان دؤر جي ڇپيل ڪتابن ۾ آيل آهي جيڪو ساڳئي ملڪ جي ساڳي زبان ۾ ڇپيو هو(94). جيڪڏهن قرآن جي تحرير انساني صلاحيتن کان ۽ مٿاهين آهي ته پوءِ هومر جي اِليئڈ يا ديموسٿينس جي فلپڪس جي مٿاهين ڏهانت جو سلسلي تي ۽ غور ڪرڻو پوندو. سيني مذهبن ۾، ان جي باني جي زندگي ۾ صبر جو سبق ڪين خود بخود ملي ويندو آهي: مُحَمَّد ﷺ جن جون حديثون فقط سچ جا سبق هيا، ۽ ان جو عمل سندن اعليٰ ڪردار جو آئينو هيا ۽ سندن قول جيڪي خانگي يا عوامي زندگي ۾ چيل هيا، اُنهن کي سندن پاڪ گهر وارين ۽ ساٿين طرفان محفوظ ڪيو ويندو هو. ٻن سؤ سالن جي گذرڻ کان پوءِ، زباني قولن يا حديثن کي البخاري (امام بخاري) گڏ ڪيو جنهن ٽن لکن حديثن کي وڏي محنت سان چنڊي ڇاڻي اُنهن مان فقط ست هزار، ٻه سؤ پنجهتر نج، سچين ۽ تصديق ٿيل حديثن کي چپرايو باقي جن تي شڪ شبها هيا اُنهن کي رد ڪيو ويو. هر ڏينهن هي نيڪ مصنف ڪعبي ۾ وڃي عبادت ڪندو هو، زم زم جي پاڻيءَ سان وضو ڪندو هو ۽ هو حديثن جي صفحن کي ڪڏهن پيغمبر جي مزار تي ٻه وڃي رکندو هو، ۽ سندس محنت واري ڪم کي سُني فرقي جي چئن شاخن طرفان مستند ڪري مڃيو ويو آهي(95).

قديمي پيغمبرن جيئن حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت عيسيٰؑ جي پيغامن جي ٻين وڏن ۽ غير معمولي ماڻهن طرفان پڻ تصدق ڪئي وئي هئي ۽ مُحَمَّد ﷺ جن کي مڪي ۽ مديني جي ماڻهن طرفان زور پريو ويو ته ٻين پيغمبرن جيان هو ٻه ڪي معجزا ڏيکاري: جيئن آسمان مان فرشتن يا مٺس نازل ٿيل وحي کي زمين تي لاهي ماڻهن کي ڏيکاري، يا بيابان ۾ ڪو باغ پيدا ڪري ڏيکاري، يا وري پنهنجي ئي شهر ۾ ڪو باهه جو پنيڙ هاري ڏيکاري، وغيره. جيئن قريشن جو مٺس بار وڌندو رهيو، ته پاڻ پنهنجي اندر جي روشني ۽ غيب جي ڳالهين تي فخر ڪندا رهيا ۽ پنهنجن ڏنل اصولن جي ثابتين جو ذڪر ڪندا رهيا ۽ پاڻ کي رب العزت جي مهربانين جي چپر چانوَ ۾ محفوظ سمجهندا رهيا جيڪو اهڙين نشانين تي ناراض ٿئي ٿو ۽ ان مذهب جي صداقت کي ٻه شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو پر اهڙن ڪرتبن کي لادينيت جي زمري ۾ آڻي ٿو. نرم يا ناراضگي واري لهجي ۾ پنهنجي حفاظت ڪرڻ تي ويتر کين رنجايو ويو ۽ مخالفن جي بدناميءَ جهڙن بيهودن جملن ويتر بغير ڪنهن شڪ شبهه جي قرآن پاڪ جي سچائيءَ کي صاف ثابت ڪري ڇڏيو(96). مُحَمَّد ﷺ جن جا شيدائي سندن معجزن جي طاقت کان ڇڪيءَ طرح واقف آهن ۽ سندن اعتماد ۽ ويساهه تيئن ويتر وڌي ٿو وڃي جيئن هو سندن روحاني قد بت کان پري ٽين ٿا. سندن پڪو عقيدو آهي ته وٽن اڃتي وجي سندن استقبال ڪيو هو، پٽرن سندن سلامي ڏني هئي، ۽ سندن آڳرين مان پاڻي ڦوهارا ڏئي وهي هليو هو، ته هو بکين کي کارائيندو هو، بيمارن کي شفا ڏيارينڊو هو ۽ مئلن کي جيارينڊو هو، کين خبر هئي ته ڪاڪ جي هڪ ٽڙ ساٿن ڳالهايو هو، هڪ اُٺ ساٿن شڪايت ڪئي هئي، ۽ گوشت جي هڪ ٽڪري مخالفن طرفان زهر ڏيڻ بابت اڳواٽ کين ٻڌايو هو ۽ خوشي توڙي مايوسي واريون ٻئي فطري ڪيفيتون الله جي پيغمبر جي مرضي موجب وهنوار ڪنديون هيون(97). سندن معراج واري مسافري کي سندن سچو جسماني سفر ٻڌايو ويو

آهي. هڪ پراسرار جانور براق کين ڪعبي مان کڻي جيروسلم ويو ۽ پنهنجي ساڻي جبرائيلؑ سان گڏ پاڻ ستن آسمانن تائين پرواز ڪندا رهيا ۽ مختلف جڳهن تي بزرگن، پيغمبرن ۽ فرشتن طرفان سندن مرحبا ڪئي وئي. ستين آسمان کان، فقط محمد ﷺ جن کي اڳتي وڃڻ جي اجازت ملي، هو ميلاپ جي حدن کان اڳتي وڌي عرش مقدس جي صفا ويجهو وڃي پهتا ۽ پنهنجي جسم ۾ سخت تڏڪار محسوس ڪيائون جنهن جو اثر سندن دل تائين هليو ويو ۽ ان دوران سندن ڪُلهي تي ربي هڻ جو ڇُهاءُ محسوس ٿيو. رب العزت سان(*) همڪلام ٿيڻ بعد(†)، هو ٻيهر براق تي سوار ٿي جيروسلم واپس آيا جتان وري مڪي پهچي ويا ۽ هي هزار سالن جو سفر هڪ رات جي فقط ڏهين حصي ۾ طئي ڪيائون(98). هڪ ٻي روايت موجب، پيغمبرؐ پنهنجي قوم جي ماڻهن ۾ ويهي قريشن جي للڪار کي قبول ڪندي هڪ ٻيو معجزو ڏيکاريو هو. سندن هڪ لفظ چَوڻ سان چند ٻه اڏ ٿي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويو هو، هي سَيارو آسمان تي پنهنجي جڳهه کان هٽيو، هيٺ لٿو ۽ ڪعبة الله جي چوڪرد ست چڪر ڪاٽيائين ۽ پوءِ اوچتو پنهنجي ماپ کي گهٽائيندي پيغمبر جي قميص(99) جي ڪالر کي ڇُهندي سندن ٻانهن مان نڪري آسمان تي پنهنجي مقرر ٿيل مدار تي هليو ويو. جاهل ماڻهو ته اهڙن قصن تي حيرت جو اظهار ڪندي پاڻ کي وندرائين ٿا پر جيڪي عقيدت مند مسلمان آهن اُهي پنهنجي مالڪ جي چيل هر ڳالهه تي آمنا صدقنا، چون ٿا ۽ پنهنجي عقيدي ۽ ايمان کي وڌيڪ پختو ڪن ٿا(100). اُهي ظاهري طرح اهو دليل ڏين ٿا ته مذهب جي پرچار ڪرڻ ۾ فطرت جي قانون کي اورانگهڻ جي ضرورت نه آهي ڇو ته اسلام کنهن به قسم جي شڪن ۽ گمانن کان مٿاهون مذهب آهي جنهن ۾ معجزا نه ٻه ڏيکارجن ته ان سان ڪو ٻه فرق نٿو پوي ۽ اُهي چون ٿا ته محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ترار حضرت موسيٰؑ جي لڪڻ کان گهٽ طاقتور نه آهي.

گهڻن خدائن کي مجيندڙ، مختلف وهمن وسوسن کي ڏسندي حيران پريشان ٿي وڃي ٿو: مثال طور مصر ۾ هزار قسمن جون رسمون ۽ رواج هيا جن جو تعلق حضرت موسيٰؑ جي مذهب سان هيو، ۽ انجيل جو روح ڪليسا مان ڪڍوهڪو اُڏامي ويو هو. مڪي جي پيغمبر، پاليسي يا وري حب الوطني جي خيال کان عربن جي رسمن رواجن کي مقدس بنائڻ ٿي چاهيو جنهن ۾ ڪعبي ۾ نصب ٿيل پاڪ پٿر (حجر اَسوَد) ڏانهن وڃي ڏسيل رسمون ادا ڪرڻ بيحد ضروري هو. پر محمد ﷺ جن جا فرمان نهايت ئي سادگي وارا ۽ قومي پرهيزگاري وارا هيا: نماز، روزو ۽ زڪوات، هر مسلمان جي مذهبي ذميدارين ۾ شامل هيا ۽ هر مسلمان اُميد ٿو رکي ته فقط نماز ئي ڪيس الله تائين پهچڻ جي اڏ رستي تائين پهچائي ڇڏيندي، روزو ڪيس رب العزت جي گهرَ جي ويجهو پهچائي ڇڏيندو ۽ زڪوات ڪيس ان گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ڏئي ڇڏيندي(101). (I) معراج جي سفر ۾، الله تعاليٰ سان گفتگو دوران، محمد ﷺ جن کي حڪم ڏنو ويو هو ته هو پنهنجي اُمت تي پنجاهه نمازون ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏي. پر پوءِ حضرت موسيٰؑ جي مشوري تي، پاڻ رعايت جي درخواست ڪيائون ته پنجاهه نمازون شايد برداشت ڪان وڌيڪ بار ٿي وڃي، تنهن ڪري ان تعداد کي گهٽائي پنج ڪيو ويو جنهن ۾ ڏنڈي ڏاڙي، خوشين ۽ تقريبن، وقت يا جڳهه جو ڪوبه قيد ڪونه هو، بس عقيدت مندن لاءِ صبح، ٻيپهري، عصر، مغرب ۽ عشا جا وقت نماز ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا، ۽ هاڻوڪي دؤر ۾ جڏهن مذهبي جوش جذبا ختم ٿيندا پيا وڃن، ته اسان جا مسافر ترڪن ۽ فارسين جي عجز ۽ نياز جي جذبن کان متاثر ٿي پاڻ کي

اخلاقي طور سنوارن ٿا. نماز ادا ڪرڻ لاءِ صفائي بيحد ضروري آهي؛ پهرين هٿن ۽ مُنهن کي ڏوئبو آهي، پوءِ جسم کي ۽ هي هونئن ب عربن جو پراڻو دستور هوندو هو جنهن لاءِ قرآن ۾ پڻ صفائي رکڻ جو تاکيد ڪيل آهي؛ ۽ جيڪڏهن پاڻيءَ جي اڻاڻ هجي ته واري يا مٽيءَ سان وضو ڪري سگهجي ٿو. عبادت جو طريقو ڪوئي ب اختيار ڪري سگهجي ٿو، بيهي يا ويهي ۽ سجدي ادا ڪرڻ سان عبادت ڪجي ٿي، پر نماز آواز ڪيڻ سان مختصر نموني ب ادا ٿئي ٿي ۽ جوش جذبي جي هروپرو اها تقاضا نہ هوندي آهي ته عبادت کي ڊگهو ڪيو وجي ۽ هر مسلمان کي عبادت ڪرڻ ۾ اُهو حق ڏنو ويو آهي جيڪو عيسائيت ۾ هڪ پادري کي حاصل هوندو آهي. جيڪي هڪ خدا ۾ يقين رکن ٿا يا وحدانيت جا قائل آهن ۽ جيڪي بت پرستي کي روڪن ٿا، اُنهن لاءِ اهو ضروري هوندو آهي ته پنهنجن خيالن ۽ تصور کي هيڏي هوڏي پٽڪڻ کان روڪن ۽ پنهنجن نظرن توڙي خيالن جي رُخ کي قِبلي طرف موڙي ڇڏين، پوءِ هو توڙي دنيا جي کهڙي ب ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ هجن. اسلام جو پيغمبر شروع ۾ جيروسلم ڏانهن متوجهه هيو پر پوءِ شايد فطري صورتحال کي نظر ۾ رکندي فيصلو بدلايائون ۽ هاڻي آسٽراکن هجي، توڙي فيض يا دهلي هجن، مسلمانن جون نظرون توڙي پيشانيون مکي ۾ قائم ڪعبة الله ڏانهن پنج دفعا جهُڪن ٿيون. ان جي باوجود الله جي راهه ۾ زمين جي هر حصي کي پاڪ سمجهيو ويو آهي ۽ مسلمان پنهنجي پنهنجي طريقي سان پنهنجن گهرن توڙي گهٽين ۾ ب نماز ادا ڪن ٿا. يهودين ۽ عيسائين کان صفا مختلف نموني ۾، هر هفتي ۾ جمعي جي ڏينهن کي باجماعت نماز ادا ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. ماڻهو هن ڏينهن تي وڏي تعداد ۾ مسجدن ۾ گڏ ٿين ٿا، امام ۽ ڪجهه معزز بزرگ ممبر تي مٿي چڙهن ٿا ۽ تقرير ڪن ٿا. ان کان پوءِ امام اڳتي وجي نماز پڙهائي ٿو. پر اسلام ۾ پادريت يا قرباني ڪانهي ۽ جنونيت جو روح وري وهمن وسوسن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسي ٿو. (II) گوشه نشين نفس ماريندڙن جي پاڻمرادي توبهه(102) يا پڇتاءُ ذريعي پنهنجي زندگي ۾ روحاني مٿيرائي حاصل ڪرڻ جو عمل پيغمبر جي نظر ۾ بچان ڏيارينڊ هيو جنهن پنهنجن پوئلڳن کي گوشت، عورتن ۽ آرام کان پري رهڻ کان سختيءَ سان منع ڪئي ۽ سڀني تي واضح ڪيو ته هو پنهنجي مذهب ۾ ويراڳين يا سنياسين کي برداشت نہ ڪندو(103). ان جي باوجود هنن هر سال ٽيهن روزن رکڻ جي اداري کي قائم ڪيو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي سختيءَ سان تلقين ڪئي: سندن فرمان موجب هي نظم ۽ ضبط جو اهڙو منظم طريقو هو جيڪو روح کي پاڪ ۽ جسم جي خواهشن کي ختم ٿو ڪري ۽ هن سرشتي ذريعي الله ۽ ان جي رسول جي حڪمن جي پرپور فرمانبرداري ب ٿئي ٿي. رمضان جي مهيني ۾ سج اُپرڻ کان وٺي ان جي لهڻ تائين مسلمان کائڻ پيئڻ ۽ عورتن جي ويجهو وڃڻ کان پري رهن ٿا، هر ان غذا کان پري رهن ٿا جيڪا سندن جسمن کي قوت پهچائي، ۽ هر خوشي ۽ لذت حاصل ڪرڻ کان دور رهن ٿا جيڪا سندن حواسن کي تازو توانو ڪري. چند جي سال جي ڏيرن ۾ رمضان جو مهينو ڪڏهن سياري ته ڪڏهن اونهاري جي گرمين ۾ اچي ٿو ۽ صبر ڪندڙ، پنهنجي اُڃ کي پاڻيءَ جي هڪ قطري سان اُجهائڻ جي بجاءِ، ڊگهي ۽ سخت گرم ڏينهن جي گذرڻ جو شدت سان انتظار ڪري ٿو. شراب نوشيءَ کي جنهن جي لاءِ ڪن پادرين يا ويراڳين جا حڪم موجود آهن، مُحَمَّد ﷺ جن هڪ مثبت ۽ عام قانون ۾ تبديل ڪري ڇڏيو(104)، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو دنيا جي گولي تي بيشمار ماڻهن، سندن حڪم جي تعميل ڪندي هن خطرناڪ عادت کي ڇڏي ڏنو آهي. اهڙن ڏکين منع نامن ۽ بندشن کي فقط

چڑواڳ ۽ عياش ماڻهن طرفان ٽوڙيو وجي ٿو ۽ منافقن طرفان حڪم جي تعميل ڪرڻ کان ٽنايو وجي ٿو پر جنهن قانون ساز انهن اصولن کي نافذ ڪيو آهي، ان تي ماڻهن طرفان بين چڑواڳين يا جنسي لاڳاپن قائم ڪرڻ جو الزام نٿو مڙهي سگهجي. (III) مسلمانن جي خير خيرات جانورن جي تخليق تائين هلي ٿي وڃي، ۽ قرآن ۾ ڪيئي ٻيرا محتاجن، بيواهن ۽ بدنصيب ماڻهن جي مدد ڪرڻ جو تاڪيد، فرض سمجهي ڪيو ويو آهي. مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ شايد دنيا جو اڪيلو قانون ساز آهي جنهن خيرات ڏيڻ کي باقاعدگيءَ سان لاڳو ڪيو ۽ ان جي لاءِ اصول ۽ ماپا ناهيا، ۽ اهي معيار ملڪيت جي حد کي ڏسندي مختلف ٿي سگهن ٿا چاڪاڻ ته خير پئسن، اَن، مال، ميوَن ۽ وٺج واپار مان اُپت جي حساب سان ڏئي سگهجي ٿو، ۽ ڪو به مسلمان تيستائين شريعت جي پابندي نٿو ڪري جيستائين اُهو پنهنجي بچت جو ڏهون حصو خيرات ۾ نٿو ڏئي، ۽ جيڪڏهن سندس دل مطمئن نه آهي يا هن کان ڪا ڀل ٿي آهي يا ڪنهن سان ڪو ڏوڪو ڪيو اٽائين ته پوءِ ڏهين حصي واري خيرات هاڻي پنجين حصي تي وڃي بيهندي(105). خير خواهي انصاف جو بنياد آهي، چاڪاڻ ته اسان کي سختي سان اُنهن ماڻهن کي تڪليف پهچائڻ جي منع ڪئي وئي آهي، جن جي اسان کي مدد ڪرڻي آهي. هڪڙو پيغمبر ٻُڌي ماڻهن کي بهشت يا ايندڙ وقت جا احوال ٻڌائي پر هو پنهنجن اخلاقي اصولن ۾ فقط اهي سبق ڏهرائيندو جيڪي اسان جي دلين جي ترجماني ڪندا.

اسلام ۾ مذهب جا ٻه بنيادي نقطا ۽ چار لازمي ڪم آهن جن تي انعام ۽ سزائون ٻڌي آهن ۽ هر مسلمان جو پڪو عقيدو آهي ته قيامت ضرور برپا ٿيندي جتي ماڻهن جا فيصلا ڪيا ويندا. مُحَمَّد ﷺ جن ان ڏينهن، جڏهن تڏا ويڙهه ٿيندي، جو پنهنجي طرفان ڪو وقت مقرر نه ڪيو آهي پر بهشت ۽ زمين بابت اهڙا اشارا ۽ نشانيون ضرور ٻڌايون آهن جيڪي قيامت کان اڳ ظاهر ٿيندين جڏهن زندگي جو سمورو ڪاروبار ختم ٿي ويندو ۽ تخليق جو عمل اوائلي ڏنڊ ۽ مونجهاري جي نڌر ٿي ويندو. جڏهن صُور ڦوڪيو ويندو ته نوان جهانَ وجود ۾ ايندا، فرشتا، جِنَ(*) ۽ انسان قبرن مان اُٿندا ۽ انساني روحَ ٻيهر جسمن ۾ هليا ويندا. ٻيهر زندهه ٿيڻ جو فلسفو پهريون پيرو مصر جي ماڻهن شروع ڪيو هو جڏهن اُنهن پنهنجين مَمين کي دوائون ۽ خوشبوئون لڳائي محفوظ ڪيو هو، پيرامِڊ يا اهرام تعمير ڪيا ويا ته جيئن روح جي قديمي محل کي محفوظ ٻڌايو وڃي ۽ سجو ڪم ٽن هزار سالن دوران ٿيو هو. پر هيءَ ڪوشش اڌوري ۽ نامڪمل هئي، پر مُحَمَّد ﷺ انهن ڪوششن ۾ فلسفي جو روح پريو ۽ پنهنجي خالق تي پاڙيو جيڪو سيني تي قادر ۽ سيني کان وڌيڪ طاقتور ۽ قدرت رکڻ وارو هو جنهن جو هڪڙو لفظ بيجان مِٽيءَ کي قوت بخشي جاندار بنائي سگهي ٿو ۽ اُنهن وکريل ۽ ٽڙيل پکڙيل جُزن کي گڏ ڪري اُنهن کي ٻيهر روپ ۽ رنگ ڏئي زندهه ڪري سگهي ٿو(107). روح جي وِچين حالت بابت فيصلو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم آهي ۽ اُهي جيڪي ان جي غير مادي فطرت ۾ پڪو يقين رکن ٿا ته اُهي خود اهو نٿا سمجهي سگهن ته اُهو احساس جي عضون يا ڪنهن ذريعي جي بغير سوچي يا عمل ڪيئن ٿو ڪري سگهي.

جسم ۽ روح جي ٻيهر ملي هڪ ٿي وڃڻ کان پوءِ انسان ذات بابت فيصلو ٿيندو، ۽ پيغمبر پنهنجي عقيدي موجب فيصلي جي ڪاروائي جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ آهستي ۽ لڳاتار عمل جو ڏس ڏنو ويو آهي. قرآن جي لفظن ۾(108) الله پاڪ ۽ مُحَمَّد ﷺ جن تي اعتقاد ۽ عقيدي کي هڪ

ٻئي کان جدا نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته سُنا ۽ رب کي پسنديده عمل اُهي ئي آهن جن جو پيغمبر حڪم ڏنو آهي ۽ ٻه خاصيتون يا لياقتون اسلام جي مذهب جي تشريح ڪن ٿيون، جنهن طرف سيني قومن ۽ سيني مذهبي فرقن کي عام دعوت ڏني وئي آهي. سندن (بين فرقن جي) روحاني نابينائي کي، توڙي جو سندن جهالت سبب معاف ڪيو ويو آهي پر سندن اخلاق سبب ان جو ازالو ٻه ڪيو ويو آهي. جيڪي ماڻهو بُرا ڪم ڪندا ۽ توبه تائب نه ٿيندا ته اُنهن کي تڪليفون ٻه ايندیون ۽ سزائون ٻه ملنديون ۽ مُحَمَّد ﷺ جن، پنهنجي عادت جي خلاف جيڪي پنهنجي والده جي تربت مٽان بيهي ڳوڙها ڳاڙيا هيا، ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته پنهنجي بلند ترين روحاني مرتبي جي باوجود، هو انساني فطرت جي گهُرجن جي برخلاف نه هيا. (109) (*). ڪافرن ۽ لامذهبن جي بدقسمتي عام ڳالهه آهي، سندن ڏوهه ۽ ان تي آيل سزا جو دارومدار شاهدين تي هوندو، جن کي فقط ان ڪري رد ڪيو ويو هو ته سندن غلطين ۽ خطائن جو تعداد گهٽو وڌي ويو هو ۽ جيڪي دائمي محل عيسائين، يهودين، بت پرستن ۽ مجوسين ناهيا هيا، اُهي وڏي ۽ عميق پاتال ۾ هڪ ٻئي جي هيٺان مٽان غرق ٿي ويا آهن ۽ اُنهن لادينن، مڪارن ۽ منافقن لاءِ هيٺئين ۾ هيٺيون دوزخ تيار ڪيو ويو آهي جيڪي مذهب جو ويس پائي بچڻايون ڪندا هيا. جڏهن انسان ذات جي وڏي تعداد کي سندن غلط عقيدن ۽ عملن جي ڪري نديو ۽ رد ڪيو ويو هوندو ته ان وقت سچن عقيدت مندن کي ٻه سندن عملن ذريعي پرکيو ويندو. هر مسلمان جي نيڪي ۽ بدي کي سچي يا وري تمثيلي ترازيءَ ۾ توريو ويندو، ۽ جنهن ماڻهو ڪنهن کي تڪليفون پهچايون هونديون ان جو ازالو هينئن ڪيو ويندو: تڪليف پهچائيندڙ جيڪڏهن کي ڇگا ڪم ڪيا هوندا ته هو پنهنجون اوتريون نيڪيون ان شخص کي موڪلي ڏيندو جيتري هن ساڻس زيادتي ڪئي هوندي، پر جيڪڏهن هن جي ڪاتي ۾ ڪا نيڪي هوندي ئي ڪانه ته پوءِ، سندس گناهن کي، ان شخص جي براين سان توريو ويندو جنهن کي هن تڪليف پهچائي هئي. اهڙيءَ طرح گناهن توڙي ثوابن مان جيڪو ٻه وڌيڪ وزني ٿيو ته فيصلو انهيءَ مطابق ڪيو ويندو، ۽ پوءِ سيئي ماڻهو نيڪ توڙي گناهگار پلصراط تان گذرندا جيڪا ترار کان ٻه تکي ۽ خطرناڪ هوندي ۽ ان جي هيٺان آڳاهه ٻريل هوندو، پر جيڪي نيڪ ۽ معصوم هوندا، اُهي مُحَمَّد ﷺ جن جي قدمن سان پنهنجا قدم ملائيندا، شان ۽ مان سان بهشت جي دروازن تي پهچي ويندا ۽ جيڪي گنهگار هوندا اُهي ستن دوزخن مان پهرئين ۽ ڪجهه مانيٽي دوزخ ۾ وڃي ڪرندا. سزا جي ڪفاري ادا ڪرڻ جو وقت نو سؤ سالن کان ستن هزار سالن تائين هوندو، پر عظيم پيغمبر پنهنجن ماڻهن سان هڪ مانائتو واعدو ڪيو آهي ته جيڪي ٻه سندس اُمتي آهن، پوءِ اُنهن جا ڪيترا ۽ ڪهڙا ٻه گناهه ڪٽي چو نه هجن، اُنهن کي سندن عقيدي ۽ سندن سفارش تي دوزخ جي باهه ۽ دائمي ذلت کان بچايو ويندو. هتي ممڪن آهي ته وهمن وسوسن جا پوئلڳ پنهنجي ڪم ڪرڻ ۾ وڌيڪ تيز ٿي وڃن ڇاڪاڻ ته انساني تصور، ايندڙ زندگي جي تصوير، سُکن ۽ نعمتن جي وسڪاري جي بجاءِ، ڏکن ۽ تڪليفن واري وڌيڪ محنت سان ناهي سگهندو. فقط ٻن عنصرن يعني انڌاري ۽ باهه سان انسان فقط درد جي احساس کي تخليق ڪري سگهون ٿا جيڪو خبر ناهي اڳتي هلي ايترو شدت ۽ سختي اختيار ڪندو. ڇاڪاڻ ته ان تڪليف جي مدت الائي ڪيتري ڊگهي ۽ اينگهائيندڙ هجي، ڪا خبر ڪانهي. ۽ ساڳيو تصور هتي مخالف رُخ ڏانهن ٿو وڃي يعني دائمي خوشيءَ ڏانهن، ۽ انسان جي خوشيءَ جي ان وقت ڪا حد ئي نٿي رهي جڏهن انسان کي پنهنجي چوٽڪاري جي

خوشخبري ملي تي يا وري براين جي پيٽ ڪرڻ سان شايد سڪون ملي ٿو. اها ڳالهه فطري آهي ته عرب جي رسول محبت جي خمار ۾ وٽن جي جهڳڻن، پاٽيءَ جي چشمن ۽ جنت جي ندين ۽ باغن جو ذڪر ڪيو هجي، پر رحمت جي پاڇن ۾ رهندڙ رهواسين کي هم آهنگي ۽ سائنس جي خوبين، هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ دوستي وڌائڻ جي طريقن بابت کين اتساهڻ جي بجاءِ مُحَمَّد ﷺ جن، فقط هيرن، جواهرن، ريشمي پوشاڪن، شرابن، خوشين ۽ مسرتن، بيشمار نوڪرن ۽ خادمن، ۽ دنياوي خوشين ۽ عياشين جو ذڪر ڪري کين خوش ٿا ڪري ڇڏين، ۽ اُهي خوشيون، هن فاني زندگي جي ٿورڙي عرصي ۾ خود مالڪ کي به جڏ ڦِڪيون ۽ ٻاڙيون ٿيون لڳن. ٻاهتر حورون يا ڪارين ڪجلين اکين واريون دوشيزائون جن جو حسن تجلي ڏيندڙ هوندو، قُوهه جواني هوندي، ڪنواريون هوندیون ۽ منجهن شاندار نزاڪت نفاست هوندي، گهٽ ۾ گهٽ درجي واري مسلمان جي استعمال لاءِ به کين مهيا ڪيو ويندو، ۽ اهڙين خوشين ۽ مسرتن جو دؤر هزار سالن تائين هوندو ۽ سندس صلاحيتن کي سؤ حصا وڌيڪ وڌايو ويندو ته جيئن هو خوشين ۽ شادمانن جو ڀرپور حظ حاصل ڪري سگهي. انساني تعصب جي جنبن جي باوجود بهشت جا دروازا ٻنهي جِنسن يعني مردن ۽ عورتن لاءِ کوليا ويندا پر مُحَمَّد ﷺ جن اها وضاحت نه ڪئي آهي ته چوندبيل عورت جو ساٿي مرد ڪير هوندو ته متان ان عورت جو اڳيون مڙس حسد ۽ ساڙ ۾ مبتلا نه ٿي وڃي يا وري سندن خوشي ۽ شادمانن ۾، دائمي شاديءَ جي شڪ ذريعي، خلل نه پيدا ٿي پوي. هن نفساني جنت جي تصور سبب ويراڳين سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو آهي. پر جيڪي سنجيدا ۽ قابل ماڻهو آهن اُهي بغير ڪنهن شرمساريءَ جي قرآن جي لغوي ۽ لفظي معنيٰ جي تشريح ڪندي ٻڌائين ٿا ته جسم جو ٻيهر جيئرو ٿيڻ تيستائين فضول ۽ اجايو هوندو جيستائين ان سان لاڳاپيل سيئي صلاحيتون پوريءَ طرح واپس نٿيون ٿين تنهن ڪري نفساني ۽ ذهني قوتن ۽ صلاحيتن جو ميلاپ ئي حقيقت ۾ هن ٻيٽي جانور، جنهن کي انسان چَون ٿا، جي خوشين لاءِ بيحد ضروري آهي. ان جي باوجود مُحَمَّد ﷺ جن سان منسوب بهشت عياشي ڪرڻ ۽ ٻُک لڳڻ تي غذا کائڻ وارو نه هوندو، چاڪاڻ ته اسلام جي پيغمبر صاف ۽ واضح لفظن ۾ چيو آهي ته جنت ۾ سڀ خراب خواهشون ترڪ ڪيون ويندیون ۽ الله جا ٻانها ۽ شهيد ڪنهن به ڪِريل خوشيءَ جي خواهش نه ڪندا ۽ اهڙا ئي پاڪيزگي رکندڙ عقيدتمند الله جي خوبصورت جلون ۽ جنسار وارن هنڌن ۾ داخل ڪيا ويندا(110).

مُحَمَّد ﷺ جن جي پهرين ۽ ڏڪين ڏينهَن (111) ۾ سندن احترام لائق گهر واري، سندن نوڪر، سندن شاگرد ۽ سندن دوست(112) شامل هيا جن اڳيان هنن پنهنجي پاڻ کي پيغمبر ڪري پيش ڪيو ۽ اُهي سيئي چاڪاڻ ته کين وڌيڪ ويجها هيا ته کين پيغمبر جي طبيعت ۽ روزمرهه جي معمول جي سڃي خبر هئي. بيبي خديجه متن پورو ويساهه ڪندي هئي تنهن ڪري سندن پيغمبر ٿيڻ تي به هڪدم ايمان آندائين، زيد کين پيارو هو جن کي پاڻ آزاد ڪرايو هئائون، حضرت علي رضي الله عنه جيڪو حضرت ابوطالب جو پٽ هو، هڪدم اسلام قبولي ورتو، هو پيغمبر جو سئوٽ ۽ کين بيحد پيارو هو، ۽ حضرت ابوبڪر رضي الله عنه پڻ بنا دير مُحَمَّد ﷺ جن جو پيغام قبول ڪري مذهب ۾ داخل ٿي ويو، هو دولت، اعتدال پسندي ۽ پنهنجي سچائي ۽ ايمانداريءَ سبب مشهور هو ۽ ڪيس مُحَمَّد ﷺ جن جو جانشين بنجڻو هو. سندس ئي ڪوششن ۽ قائل ڪرڻ تي مڪي جا ڏهه نهايت ئي معزز ماڻهو مذهب قبول ڪري

اسلام جي خانگي درس تدريس ۾ شامل ٿي ويا، ۽ اُنهن دليلن ۽ جذبن جي آواز کي غور سان ٻڌو، هنن ايمان جي بنيادي نقطن کي دهرايو: 'الله فقط هڪ آهي ۽ مُحَمَّد ﷺ ان جو رسول آهي- يعني اُنهن چيو:

لااله الا الله، محمدُ الرّسول الله) ايمان قبول ڪرڻ کان پوءِ هن دنيا ۾ ئي کين قدرت طرفان وڏا انعام اڪرام ۽ وڏا رتبا نصيب ٿيا، ڪن کي فوجن جي ڪمان ملي ۽ ڪن کي وري بين بادشاهتن ۾ حڪومتن جي واڳ سونپي وئي. ٽن سالن تائين خاموشيءَ سان ماڻهن تائين پيغام پهچندو رهيو ۽ جن چوڏهن ماڻهن اسلام قبول ڪيو هو، اُنهن جو هڪ ٻئي سان گهرو رابطو رهندو آيو، چوٿين سال ۾ پاڻ پيغمبري کي محدود حلقي مان ڪڍي ڪليل پرچار ڪرڻ طرف توجهه ڏنائون. شروعاتي مرحلي ۾ فقط پنهنجي خاندان کي دعوت ڏنائون ته جيئن خدائي روشني وٽن پهچي، هن سلسلي ۾ هڪ دعوت جو انتظام ڪيو ويو، هڪ ڪَهَڙو ذبح ڪري، کير جو به انتظام ڪيو ويو ته جيئن بنو هاشم جي چاليهن مهمانن کي کارائڻ جو انتظام ٿي سگهي. 'دوستو ۽ منهنجا عزيزو'، ڳڙ ٽيل ماڻهن کي مُحَمَّد ﷺ جن خطاب ڪندي چيو: 'آءٌ اوهان کي هڪ آڇ ڪريان ٿو ۽ فقط آءٌ ئي اوهان کي ڪجهه تحفن ڏيڻ جي آڇ ڪري سگهان ٿو، ۽ اُها آڇ هن دنيا توڙي ايندڙ وقت جي دنيا جا خزانا آهن جيڪي آءٌ اوهان کي آڇڻ چاهيان ٿو. الله تعاليٰ مون کي حڪم ڏنو آهي ته آءٌ اوهان کي سندس اطاعت ڪرڻ لاءِ سڏيان. اوهان منجهان ڪير آهي جيڪو هن بار کڻڻ ۾ مون سان همراهي ٿيندو؟ اوهان منجهان ڪير آهي جيڪو منهنجو ساٿي ٿيڻ چاهيندو ۽ منهنجو وزير ٿيندو(113)؟، ڪٽان ۾ جڏهن ڪو جواب نه آيو ته حيرت، شڪ ۽ نفرت جهڙي هن خاموشيءَ کي حضرت علیؓ جي جرئت وڃي ٽوڙيو جيڪو ان وقت صرف چوڏهن سالن جي عمر جو نوجوان هو. 'اي پيغمبر! آءٌ جو توهان سان گڏ آهيان، جيڪو به اوهان جي خلاف اٿندو، آءٌ ان جا ڏند پيڃي ڇڏيندس، ان جون اکيون ڪڍي ڇڏيندس، ان جون ٽنگون پيڃيندس ۽ سندس پيٽ ڦاڙي ڇڏيندس. اي پيغمبر هنن جي بجاءِ آءٌ ئي اوهان جو وزير ٿيندس'. مُحَمَّد ﷺ جن خوشي مان حضرت علیؓ جي آڇ قبولي ۽ ابوطالب تي زور پريو ويو ته هو پنهنجي پٽ جي عزت، عظمت ۽ جرئت جي پاسداري ڪري جنهن جو هن وڏي بهادريءَ سان مظاهرو ڪيو هو. پر سختيءَ جو مظاهرو ڪندي حضرت علیؓ جي پيءُ پنهنجي پائيٽي کي تنبيهه ڪندي چيو ته هو پنهنجي غير منطقي ۽ عمل ۾ نه ايندڙ پروگرام کي ختم ڪري ڇڏي. 'جيڪڏهن هو سڄ منهنجي ساڃي هٿ تي آڻي رکن ۽ چند ڪابي هٿ تي، تڏهن به هو مون کي سڄ ۽ حق جي تبليغ ڪرڻ کان روڪي نه سگهندا'. پاڻ ڏهن سالن تائين ماڻهن تائين اسلام ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت پهچائيندا رهيا ۽ سندن مذهب اوپر توڙي اولهه جي ملڪن ۾ ڦهلجي ويو، اها بي ڳالهه آهي ته خود مڪي ۾ ان جو ڦهلاءُ ڪافي سُست رهيو. بهرحال مُحَمَّد ﷺ جن کي خوشي ۽ اطمينان هيو ته هڪ الله کي مڃيندڙن جا اجتماع ٿيندا رهيا ۽ ڪاميابيون به ملنديون رهيون. اسلام ۾ داخل ٿيندڙ، پيغمبر سان بيحد عقيدت رکندا هيا ۽ اُنهن جو پُرخلوص احترام ڪندا هيا ۽ اُهي ئي نوان داخل ٿيندڙ قرآن مان به رهبري حاصل ڪندا رهندا هيا. اسلام قبول ڪندڙن جي تعداد مان(*) ٽياسي مرد ۽ اسي عورتون مڪي مان غير حاضر ٿي ويون ڇاڪاڻ ته انهن کي ستين سال ۾ حبش ڏانهن هجرت ڪرڻي پئي، ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي مذهب کي تڏهن وڏي هٿي ملي وئي جڏهن سندن چاچو امير حمزو اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ خطرناڪ ۽ هٺيلو عُمر (حضرت عمرؓ) به مذهب

جي دائري ۾ اچي ويو، ۽ هن اچڻ شرط ئي اسلام جي واڌاري لاءِ ساڳيو جوش جذبو ڏيکاريو جيڪو اڳ هن، انجي تباهه ڪرڻ لاءِ ڏيکاريو هو. مُحَمَّد ﷺ جن جي شفقت ۽ سخا فقط قريش جي قبيلي يا مڪي جي شهر تائين محدود نه هئي، پر جيڪي مقدس موقعا يا گڏجاڻيون ٿيندیون هيون يا حج جو موقعو ايندو هو تہ پيغمبر پاڻ ڪيئي ڀيرا ڪعبي ۾ ويندا هيا، هر قبيلي ۽ هر قوم جي ماڻهن سان آمهون سامهون ٿيندا هيا، ۽ خانگي ملاقات توڙي عوامي ميڙن ۾ هو ماڻهن کي هڪ ۽ واحد خدا کي مڃڻ ۽ ان جي عبادت ڪرڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪندا هيا. پاڻ پنهنجن اثرائتن دليلن کان چگيءَ طرح واقف هيا، پر تنهن هوندي بہ هنن ضمير جي آزاديءَ لاءِ زور ڀريو ۽ مذهب جي پرچار ڪرڻ لاءِ زور زبردستيءَ جي سختيءَ سان مخالفت ڪئي(114)، پر عربن کي پڇتاءُ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ وندرائڻ واري لهجي ۾ کين ياد ڏياريو تہ هو عاد ۽ ثمود جي قديم بت پرستن کي ياد ڪن جن کي ربي انصاف واري فيصلي ذريعي زمين تان سندن نالي نشان کي بہ مٽايو ويو هو(115).

مڪي جا ماڻهو پنهنجي ڪفر ۾ سخت هٺيلا ۽ وهمن وسوسن ۾ اعتبار ڪندا هيا. شهر جي وڏڙن توڙي پيغمبر جي چاچن ماڻهن کي اهو تاثر ڏنو هو تہ هو هڪ يتيم جي مذهبي ارادن کان ٻُڃان ڪندڙ هيا، اُهو يتيم جيڪو سندن ملڪ جو سماج سڌارڪ ۽ قانون ساز بنجي آيو هو، مُحَمَّد ﷺ جن جي ڪعبي ۾ تقريرن جو جواب سندن چاچو ابوطالب ڏيندو هو، 'مڪي جا رهواسيو ۽ حجاج صاحبان! جيڪو اوهان کي هِرڪائي ٿو ان کي نہ ٻڌو، ۽ هو جيڪي لادينيت وارا ڳڻتا ڪڍي ٿو انهن تي ڏيان ئي نہ ڏريو؛ بس اوهان فقط 'لات' ۽ 'عُزا' جي عبادت ڪندا رهو'. ان جي باوجود عبدالله جو پٽ پنهنجي پيرسن چاچي کي ڏاڍو پيارو هو ۽ هو پنهنجي پائيتي جي ذات توڙي سندن شهرت کي قريش جي دشمني کان بچائيندو رهيو، جيڪي هونئن ئي بنو هاشم جي خانداني عظمت سان حسد ڪندا هيا. مذهب جي آڙ ۾ سندن ڪدورتون ايجا وڌي ويون هيون، حضرت ايوبؑ جي وقت ۾، لادينيت جي ڏوهه تي عرب مئجسٽريٽ طرفان سزا ڏني ويندي هئي(116)، ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جو ڏوهه اهو هو تہ سندن قومي ديوتائن جي اهميت کي ختم ڪندي کين برباد ڪيو ويو هو. پر مڪي وارن جي هلت چلت ايڏي تہ اڻڳي هئي جو پنهنجي مجرم تي الزام هٽڻ بجاءِ هنن کين قائل ڪرڻ يا وري زور آزمائڻ جو طريقو اختيار ڪيو هو. هنن ابوطالب سان مخاطب ٿيندي پهريون ڪيس طعنا ۽ مهڻا ڏنا ۽ پوءِ ڪيس ڏمڪيون ڏنائون. 'تنهنجو پائٽيو اسان جي مذهب کي بُرو ٿو چوي ۽ ان خلاف ڳالهائي ٿو، هو اسان جي دانهٔ ابن ڏاڏن کي بہ جاهل يا غلطي تي سمجهي ٿو، ڪيس جلدي خاموش ڪري ڇڏ ان کان اڳ ۾ جو مبادا سڄي شهر ۾ فساد ۽ جهڳڙن جي باهه ٻڙڪي اُٿي. پر جيڪڏهن روڪڻ جي باوجود بہ هو نٽو مُڙي ۽ پنهنجي تبليغ کي جاري ٿو رکي تہ اسان پنهنجون ترارون سندس خلاف ۽ ان جي حمايتين خلاف ميائن مان ڪيڏاسون، ۽ پوءِ تون ئي پنهنجي شهر جي عزيزن ۽ پائرن جي رت وهائڻ جو ذميوار هوندين. پر حضرت ابوطالب جي شهر ۾ هڪ وڏي ۽ مانائتي حيثيت هئي ۽ ٻيو تہ سندس اعتدال پسنديءَ سبب شهر ۾ مذهبي خون خرابيءَ جو خطرو ٽري ويو؛ پر جيڪي ڪمزور قسم جا مسلمان هيا اُهي سيئي حبش ڏانهن هجرت ڪري هليا ويا ۽ هاڻي پيغمبر پاڻ کي اُنهن هنڌن تي منتقل ڪيو جتي کين وڌيڪ تقويت ۽ طاقت جو سهارو مليو. جيئن تہ کين ايجا تائين پنهنجي خاندان جي حمايت حاصل هئي، تہ قريشن جي باقي بچيل سيني قبيلن گڏجي فيصلو ڪيو تہ هاشمي خاندان سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان وٺي

هر قسم جي رابطي کي ختم ڪيو ويندو؛ نہ اُنهن کي ڪا شيءَ وڪري ۾ ڏيڻي ۽ نہ اُنهن کان ڪجهہ خريد ڪيو ويندو؛ نہ اُنهن مان ڪا شادي ڪبي ۽ نہ وري اُنهن ۾ ٻيو ڪو سڳ ڪندو، ۽ ساڻن دشمني جي فضا کي تيستائين وڌيڪ سخت ۽ تيز ڪيو ويندو، جيستائين هو مُحَمَّد ﷺ جن کي سندن حوالي ڪن تہ جيئن سندن ديوتا ان بابت ڪو فيصو صادر ڪن. انهن فيصلن کي لکي ڪعبي جي ديوارن تي ٽنگيو ويو(*) جنهن ۾ سندن سيئي وڏڙا ۽ بزرگ موجود هيا؛ ۽ هاڻي قريشن جي ماڻهن آفريڪا ۾ وڃي مسلمانن جو پيڇو ڪيو، هنن پيغمبر جو گهيرو ڪيو تہ ساڳي وقت سندن جانثار مسلمانن تي ٻہ حملا ڪيا، سندن پاڻي بند ڪيو ويو، ۽ پنهنجي دشمنيءَ کي ان حد تائين وڌايائون جو سندن سخت بيعزتيون ڪرڻ ۽ ساڻن وڙهڻ لڳا. ان دوران ڏرين جي وچ ۾ هڪ عارضي امن قائم ڪرڻ جو معاهدو وجود ۾ آيو ۽ ظاهري طرح ميل ميلاپ واري فضا قائم ٿي وئي، پر اوچتو حضرت ابوطالب گذاري ويو ۽ مُحَمَّد ﷺ جن کي قريشن جي دشمني جي حوالي اهڙي وقت ڪري ويو جڏهن سندن وفادار گهر واري ۽ سخي عورت بيبي خديجہ ٻہ لاڏاڻو ڪري وئي هئي. ابو سفيان جيڪو اُميہ خاندان جو سردار هو، مڪي شهر جي هڪ سرڪاري عهدي تي وڃي وينو. هو ديوتائن جو وڏي ۾ وڏو ۽ جوشيلو شيدائي، ۽ بنو هاشم قبيلي جو جاني دشمن هو، هن قريش جي سڀني قبيلن ۽ سندن اتحادين جو هڪ وڏو اجلاس سڏرايو تہ جيئن پيغمبر جي باري ۾ ڪو آخري فيصلو ڪري سگهن. يڪراءِ ٿي اهو فيصلو ڪيو ويو تہ جيڪڏهن ڪين قيد ڪيو ويندو تہ مبادا ڪن قبيلن جا جذبات پڙڪي اُٺن، ۽ جيڪڏهن ڪين جلاوطن ڪيو ويو تہ ڪين مُحَمَّد ﷺ جي فصاحت بلاغت واري تقرير ۽ شهرت ڪان ڪين خطرو هو تہ مبادا هو پنهنجن اثرائتن لفظن ذريعي ماڻهن کي قائل ڪري وڃي ۽ عربستان جي صوبن ۾ نوان فتنا نہ شروع ٿي وڃن. تنهن ڪري متي ذڪر ڪيل تجويزن کي رد ڪندي فقط ڪين مارڻ ۽ هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ اهو ٻہ فيصلو ڪيو ويو تہ هر قبيلي طرفان هڪ ترار يا خنجر سندن سيني ۾ لاڙو ويندو تہ جيئن سندن خون جي ڏوهہ کي قبيلن ۾ ورهائي سگهجي ۽ ساڳي وقت هاشمي خاندان جي انتقام ونڊ کي ٻہ هو ڏوکو ڏئي ويندا تہ خبر ناهي تہ ڪنهن جي ترار يا خنجر سان سندن موت ٿيو هو. فرشتي يا وري ڪنهن همدرد ان موتمار سازش جي خبر ڪين پهچائي ڇڏي تنهن ڪري مُحَمَّد ﷺ جن ٻہ مڪي مان هڪدم نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪري ورتو(117). رات جي انڌاري ۾ پنهنجي ساٿي حضرت ابوبڪرؓ سان گڏجي خاموشيءَ سان پنهنجي گهران نڪتا، قاتلن جي دروازي تي نظر هئي، پر ڪين حيرت لڳي جڏهن پيغمبر جي جڳهہ تي ڪين حضرت عليؓ جن نظر آيا. جيڪي پنهنجي بستري تي ستل هيا ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي سائي چادر ڪين ويڙهيل هئي. قريش هن نوجوان جي نيڪين کان متاثر هيا ۽ سندس عزت ڪندا هيا، پر حضرت عليؓ جا ڪجهہ شعر جيڪي هن وقت تائين موجود آهن، اُهي سندس انتظار جي ڪيفيت، سندس ناڪ مزاجي ۽ سندس مذهبي اعتماد ۽ ڪامل يقين جي منظر ڪشي ڪن ٿا. مُحَمَّد ﷺ ۽ سندن ساٿي ٽن ڏينهن تائين غار ثور ۾ لڪل رهيا، جيڪا مڪي کان فقط ٽن ميلن جي مفاصلي تي هئي ۽ هر شام جو حضرت ابوبڪرؓ جو پٽ ۽ سندس نياڻي ڪاڏي پهچائڻ سان گڏ ڪين مڪي وارن جون خبرون چارون ٻہ پيا پهچائيندا هيا. قريش هر طرف ڳولا ۾ لڳي ويا ۽ مڪي شهر جي اوسي پاسي هر ان جڳهہ تي ويا جتي ڪين پيغمبر جي هئڻ جو شڪ هو. نيٺ هو غار ثور جي لنگهہ تائين ٻہ پهتا پر الله جي حڪم سان غار جي مُهڙ وٽ ڪوريڙي

پنهنجو ڄار ناهي ڇڏيو هو ته ساڳي وقت ڪبوتر جو آکيرو به ٺهيل هو، اهو منظر ڏسي قريشن کي يقين ٿي ويو ته غار جي اندر ڪوبه موجود ڪونه هو. 'اسان فقط به آهيون'، حضرت ابوبڪرؓ کي ڏسي پريشان ٿيندي چيو. 'ٽيون به اسان سان گڏ آهي'، پيغمبر اعتماد سان وراڻيو، '۽ اُهو ٽيون الله پاڻ خود آهي جيڪو اسان وٽ موجود ۽ اسان سان گڏ آهي'. جيئن ئي قريش هليا ويا ته ٻئي غار مان نڪتا ۽ پنهنجن اُٺن تي سوار ٿيا، مديني ڏانهن ويندي، کين قريشن پاران موڪليل ماڻهن رستي تي اچي ورايو. پاڻ ٻيهر دعا گهريائون ۽ معجزاتي طور بچي ويا. هن اهم موقعي تي عربن جو هڪ نيزو شايد تاريخ جي رخ کي تبديل ڪري ڇڏي ها. اسلام جي پيغمبر جي مڪي کان مديني ڏانهن هجرت کي هجري سال قرار ڏنو ويو(118)، جيڪو ٻارهن صدين گذرڻ جي خاتمي تي به دنيا جي مسلمانن طرفان اسلامي يا چند جي سال طور سجاتو وڃي ٿو(119).

اسلام جو نئون مذهب شايد شروعات ۾ ئي ختم ٿي وڃي ها جيڪڏهن مدينو پوري عقيدت ۽ احترام سان مڪي وارن کي محبت وارا پاڪر پائي پنهنجو نه ڪري ها. مدينو يا شهر، جيڪو اڳ يثرب جي نالي سان مشهور هو پر پيغمبر جي داخل ٿيڻ شرط اهو شهر مديني جي نالي سان سڏجڻ لڳو، خزرج ۽ اؤس جي قبيلن ۾ ورهايل هو جن جا هڪ ٻئي سان موروثي جهيڑا جهڳڑا هلندا ٿي آيا ۽ اُهي ٽورين ٽورين ڳالهين تان ٻيهر پڙڪي ٿي اٿيا. يهودين جون به ڪالونيون، جن پاڻ کي مشائخن جي ذات يا طبقي سان ظاهر ڪري فخر ٿي ڪيو، دراصل سندن اتحادي هيون، ۽ عربن کي پنهنجي مذهب ڏانهن بدلائڻ جي بجاءِ، هنن مذهب ۽ سائنس جي تعليم کي پاڻ ۾ ملايو جنهن مديني کي ڪتاب جي شهر جي صورت ۾ پيش ڪري نمايان ڪري ڇڏيو. مديني جا ڪيترائي معزز شهري ڪعبي ڏانهن حج جي ارادي سان ويندي محمد ﷺ جن جي تبليغ ڪرڻ سان مسلمان ٿي ويا هيا، پنهنجي واپسيءَ تي هنن به تبليغ شروع ڪئي ۽ ڪيترائي ماڻهو نئين مذهب ۾ داخل ٿي ويا ۽ ساڻن لاڳاپيل بين ماڻهن رات جي وقت مڪي جي پرسان هڪ ننڍي شهر جي پهاڙ تي چڙهي ماڻهن سان ملاقاتون ڪري ڪجهه مخفي معاهدا ڪري ڇڏيا. پهرئين معاهدي ۾ خزرج قبيلي جي ڏهن ۽ اؤس جي ٻن ماڻهن خلوص مان نئين عقيدي کي قبول ڪيو ۽ احتجاج(*) ڪيائون ته سندن زالون، سندن ٻار ۽ سندن برادريءَ جا بيشمار ماڻهو غير حاضر هيا ۽ اُهي به هجن ها ته بنا دير اسلام قبول ڪن ها، پر هو واعدو ڪن ٿا ته هو هميشه واسطي قرآن جي فرمانن جي پابندي ڪندا رهندا. ٻيو معاهدو هڪ سياسي تنظيم بابت هو جيڪو مسلمانن جي شهنشاهت جو هڪ بنيادي ۽ طاقتور مرحلو هو(120). مديني جي ٽيهتر مردن ۽ ٻن عورتن، محمد ﷺ، سندن عزيزن ۽ ٻين پوئلڳن سان نيڪ نيتي واري هڪ باضابطه گڏجاڻي ڪئي ۽ هڪ ٻئي سان وفادار رهڻ جا قسم کنيا ويا. هنن پنهنجي شهر جو قسم کڻي واعدو ڪيو ته، جيڪڏهن خدا نخواسته محمد ﷺ جن کي شهر بدر ڪيو وڃي ته هو سندن اتحادي جي حيثيت ۾ سندن پُرجوش آڏرياءُ ڪندا، پنهنجي رهبر جي حيثيت ۾ سندن هر حڪم مجيندا، ۽ آخري حد تائين وڃي به سندن اهڙيءَ طرح حفاظت ڪندا جيئن هو پنهنجي زالن ۽ ٻارن جي ڪندا آهن. 'پر جيڪڏهن اوهان کي پنهنجي ملڪ وارا واپس پاڻ وٽ گهرائي ٿا وڃن'، اُنهن پيغمبر سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪندي پر ڪجهه فڪرمند ٿيندي ڪانڌن پڇيو، 'ته توهان پنهنجن نوَن اتحادين کي ڇڏي ته نه ويندا؟'، 'سڀ ڳالهيون'، مرڪندي محمد مصطفيٰ ﷺ جن وراڻيو، 'اسان ۾ هاڻي ڪڏيل آهن، توهان جو رت، منهنجو رت

آهي، توهان جي بربادي منهنجي بربادي آهي. اسان هاڻي هڪ ٻئي سان عزت، وقار ۽ ساڳين راهُن جي رشتن ۾ جڪڙجي چڪا آهيون. مان اوهان جو دوست آهيان ۽ اوهان جي دشمن جو دشمن آهيان'. 'پر جيڪڏهن اسان اوهان جي خدمت ڪندي مري وڃون'، مديني جي معزز ماڻهن تعجب مان پڇيو، 'ته پوءِ اسان جي لاءِ ڪهڙو معاوضو يا انعام هوندو؟' 'جنت'، پيغمبر وراڻيو. 'اوهان پنهنجا هٿ اڳتي وڌايو'. پاڻ پنهنجا هٿ اڳتي وڌايائون ۽ اُتي موجود مديني جي سڀني ماڻهن وفاداري ۽ فرمانبرداريءَ جو قسم کنيو. هن معاهدي جي عام ماڻهن طرفان به پنيرائي ڪئي وئي ۽ اُنهن وڏي تعداد ۾ اسلام قبول ڪري ورتو، هنن پيغمبر جي جلاوطني کي الله طرفان بهتري سمجهندي ان تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو پر ساڳئي وقت سندن سلامتيءَ جو به کين فڪر لڳل هيو ۽ بي صبريءَ مان سندن واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا. سمنڊ جي ڪنارن سان تڪڙي ۽ خطرناڪ مسافري ڪندي پاڻ قبا وٽ رُڪيا جيڪو هنڌ شهر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي هيو، ۽ مڪي کان هجرت ڪرڻ کان سورهن ڏينهن پوءِ مديني ۾ وڏي شان سان داخل ٿيا. مديني جي پنج سؤ معزز شهرين اڳتي وڃي سندن آڏرياءُ ڪيو، عقيدت ۽ محبت مان کين مرحبا چيو؛ شهر پهچڻ تي ماڻهن تاڙيون وڄائي ۽ شادمانا ڪندي سندن پرجوش آجيان ۽ استقبال ڪيو ۽ کين پنهنجي عقيدت ۽ وفادارين جو يقين ڏياريو. مُحَمَّد ﷺ جن ڏاڇيءَ تي سوار هيا، سندن مٿي تي هڪ ڇٽيءَ ذريعي ڇانوَ ڪئي وئي هئي، ۽ جهنڊي جي ڪمي پوري ڪرڻ لاءِ، سندن آڏو هڪ پٽڪو کولي رکيو ويو هو. سندن بهادر جانثار، جيڪي طوفان لڳڻ ڪري هيڏي هوڏي ڊڙي پکڙي ويا هيا، هڪدم گڏ ٿي ويا ۽ پيغمبرﷺ آڏو پنهنجي محبت ۽ عقيدت جا نذرانا پيش ڪرڻ لڳا ۽ مهاجرن توڙي انصارن ۽ مديني جي بين طبقن پڻ مسلمان هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي خوشي ۽ جانثاريءَ جو اظهار ڪيو. مهاجر ۽ انصار ۾ ڪنهن به حسد جي امڪان کي ختم ڪندي مُحَمَّد ﷺ جن وڏي دانشمنديءَ سان پنهنجن خاص معتقدن کي جوڙن ۾ ورهائي ڇڏيو جنهن ۾ پائرن جي حقن ۽ اُنهن جي فرضن جو هر لحاظ سان تحفظ ڪيو ويو ۽ جڏهن حضرت عليؓ بغير ڪنهن ساٿيءَ جي پاڻ کي اڪيلو ڏٺو ته اسلام جي پيغمبرﷺ نرمي ۽ شفقت سان اعلان ڪيو ته هو پاڻ هن باوقار نوجوان جو ساٿي ۽ پاءُ هوندو. پائري جي هن سرشتي قائم ڪرڻ ۾ مسلمانن کي بيحد ڪاميابي ٿي، ۽ هيءَ نئين برادري امن توڙي جنگ ۾ هڪ ٻئي سان گڏ رهي ۽ ٻئي ڏريون جرئت، وفاداري ۽ فرض شناسي ۾ هڪ ٻئي سان صحتمند مقابلي ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويون. فقط هڪ پيرو اهڙي اتحاد کي هڪ اتفاقي جهڳڙي سبب ٽورو جهٽڪو لڳو هو جنهن ۾ مديني جي هڪ شخص، ڪجهه ڏارين تي گستاخي جو الزام لڳايو هو، پر سندن نيڪاليءَ جي اشاري کي نفرت جي نظر سان ڏٺو ويو ۽ سندس پٽ پيغمبرﷺ جي پيرن ۾ وڃي ڪريو ۽ پنهنجي پيءُ جي سِرَ حاضر ڪرڻ جي آڇ ڪيائين.

مديني ۾ آباد ٿيڻ کان پوءِ مُحَمَّد ﷺ جن شاهي ۽ حڪمراني طريقي سان رهڻ لڳا، ۽ ان عظيم شخص کي عرض يا اپيل ڪرڻ لاديٰنيت وارو ڪم هو جيڪو اهڙو جج هو جنهن جا فرمان خدائي مرضي ۽ ڏاهپ سان لاڳاپيل هوندا هيا. پيغمبرﷺ هڪڙو زمين جو ننڍو ٽڪرو هٿ ڪيو جيڪو يا ته کين تحفي ۾ ڏنو ويو هو يا وري شايد پاڻ خريد ڪيو هئائون(121)، انهيءَ زمين تي پاڻ پنهنجو گهر ۽ هڪ مسجد تعمير ڪرايائون، پر سادگيءَ مان نهيل اهي عمارتون، اسيريا جي خليفن جي وڏن محلن ۽ مندرن کان ڪيئي پيرا وڌيڪ شانائتيون هيون. سون يا چانديءَ مان نهرايل سندن مُهر تي پيغمبر جو لقب نقش

ڪرايو ويو هو، جڏهن هو نماز پڙهندا هيا يا جمعي جي نماز تي خطبو ڏيندا هيا تہ هو تاڙيءَ جي وڻ جي ٿڙ طرف جهڪي بيهندا هيا، ۽ اهو ڪافي بعد ۾ ٿيو جو پاڻ ممبر تي ويهڻ لڳا ۽ ڪُهري ڪاٺ جي ڪرسي جو استعمال ڪرڻ لڳا(122). ڇهن سالن کان پوءِ پندرهن سؤ مسلمانن جن وٽ هٿيار هيا ۽ جنگ جي ميدان تي وڃڻ لاءِ پڻ تيار بينا هيا، پنهنجي وفاداري ۽ فرض شناسيءَ جو قسم کنيو ۽ پيغمبرؐ پنهنجي طرفان کين مڪمل حفاظت جو يقين ڏياريو ۽ اهو اتحاد جو سلسلو بي ڏر جي آخري ماڻهوءَ جي مرڻ تائين هليو. ساڳي جڳهہ تي مڪي جي هڪ منهندار ڪي ان ڳالهہ تي بنهہ حيرت ونی وئي تہ مُحَمَّد ﷺ جن جي هر ڳالهہ ۽ هر اشاري تي ڪيئن نہ سندن عقيدتمندن لبيڪ ٿي چيو ۽ ڪيئن اُنهن سندن ٽُڪ اڇلائڻ توڙي وارَ هيٺ ڪرڻ ڪي پاڻ وٽ هٿيڪو يا وري سندن پاڪائيءَ واري پاڻي ڪي پاڻ وٽ جمع ٿي ڪيو، جڏ اُنهن خود پيغمبري وصفن ۾ پاڻ شرڪت ٿي ڪئي. عقيدت جو اهو لقاءُ ڏسي مُنهندار چيو: 'مون فارس جا خسرو ۽ روم جا قيصر ڏٺا آهن پر مون پنهنجي جمار ۾ سندن رعيت جي ماڻهن ۾ اهڙي ڪنهن بادشاهہ ڪي ائين نہ ڏٺو آهي جيئن مون مُحَمَّد ﷺ جن ڪي پنهنجن ساٿين ۽ عقيدتمندن ۾ ڏٺو آهي'. جيڪي سندن جانثار آهن، اُنهن جي جوش ۽ عقيدت ۾ خلوص ۽ سچائي آهي پر منجهن محلن ۾ رهندڙن جي ذلت واري مصنوعي خوشامد هرگز موجود ناهي.

هر ماڻهوءَ ڪي اهو فطري حق آهي تہ پنهنجي حفاظت ڪري، ضرورت پوڻ تي پنهنجي حفاظت لاءِ زور آزمائي يا هٿيارن جو استعمال ڪري تہ جيئن پاڻ ڪي توڙي پنهنجي مال ملڪيت ڪي بچائي سگهي ۽ پنهنجن دشمن ڪي باهر ڌِڪي ۽ تڙي ڇڏي يا ڪين حملي ڪرڻ کان روڪي ۽ اهڙي صورتحال ۾ پنهنجي اطمينان مطابق پلي پنهنجي دشمنيءَ جي دائري ڪي بہ وڌائي ۽ غير جي دشمنيءَ جو مُنهن ٽوڙ جواب ڏئي. عربن جي آزاد معاشري ۾، رعيت توڙي شهرين طرفان دشمن خلاف ڪمزور دفاع ڪيو ويندو هو، ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جڏهن امن ۽ پائيچاري جي مقصدن حاصل ڪرڻ جي ڪوششن ۾ مصروف هيا تہ عين ان وقت ساٿن زيادتي ۽ ناانصافي ڪندي سندن ئي ملڪ جي ماڻهن کين ملڪ بدري لاءِ مجبور ڪيو. خودمختيار ماڻهن جي مرضيءَ مطابق مڪي مان هجرت ڪندڙ ڪي مديني ۾ حاڪم ٻڌايو ويو هو ۽ کين پورا اختيار ڏنا ويا هيا تہ ماڻهن يا قومن سان اتحاد قائم ڪري تہ جيئن بچاءَ توڙي اڳرائيءَ وارين جنگين ۾ شريڪ ٿي سگهجي. انساني حقن جي اٽپورائيءَ ڪي خدائي طاقت جي زياده مقدار ايا اڳيرو ڪري ڇڏيو هو. مديني جي پيغمبر، شايد پنهنجي وحي جي نوَن پيغامن ذريعي پنهنجي روَيي ڪي تمام سخت ڪري ڇڏيو هو. (123) ائين ٿي لڳو تہ ڇڻ الله پاڪ طرفان کين حڪم ڪيو ويو هو تہ هاڻي کين پنهنجي مذهب جو پرچار ترار ذريعي ڪرڻو هو، بت پرستي جي منارن کي تباهہ ڪرڻو هو ۽ لامذهب قومن سان جهاد ڪرڻو هو. جنهن ۾ جيڪڏهن مخالفن طرفان ڪجهہ مقدس ڏينهن ۽ مهينن ۾ بہ جنگ جاري رکي وئي تہ انجو تہ ڀرپور مقابلو ڪرڻو هو. قرآن، انجيل جي پهرين پنجن ڪتابن ۽ خود انجيل جي مصنف موجب، جهاد جي مثالن ۽ فرمانن سان ڀريو پيو آهي. پر انجيل جو نرم لهجو شايد مشڪوڪ تحرير جي وضاحت ڪري سگهي تہ زمين جي خطي تي امن امان حضرت عيسيٰؑ جي ڪري نہ پر ترار جي طاقت ذريعي آيو هو. سندس صبر ۽ نرمائي جي پروقار ڪردار ڪي بادشاهن ۽ پادرين جي اُسهپ وارن جنوني روَين سان هرگز نہ ملايو وڃي جن سندس پوئلڳن جي نالي ڪي بہ بيعزتو ڪري ڇڏيو آهي. جنگ جي سلسلي ۾ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جو مثال ڪافي مناسبت

۽ ان حضرت موسيٰؑ جي ججن ۽ اسرائيل جي بادشاهن سان ٿو وڃي ملي. يهودين جا فوجي قانون عرب جي قانونساز جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت آهن(124). اهڙيءَ طرح ڪنعان جي ستن قومن کي تباهه ڪيو ويو هو، نه سندن پڇتاءُ ۽ نه اُنهن طرفان مذهب تبديل ڪرڻ جي قرباني ڏيڻ کين ڪم اچي سگهي هئي يا سندن بچاءُ ڪري سگهي هئي ڇو ته هنن عزم ڪيو هو ته جتي جتي سندن حڪم انحرافي ڪئي وئي هئي، اُنهن سيني مان ڪنهن هڪ کي به زنده نه ڇڏيو ويندو. پر ان جي مقابلي ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي دشمنن کي پنهنجي مرضيءَ جا موقعا ڏنا ويا هيا. مثال طور دوستي، آڻ مڃڻ يا پوءِ جنگ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو. جيڪڏهن هنن اسلام قبول ڪيو ته پوءِ کين خودبخود اُهي دنياوي توڙي روحاني فائدا ملي ويندا هيا جيڪي پراڻن مسلمانن کي حاصل هيا ۽ اُهي به پوءِ ساڳئي جهنڊي هيٺ هلندا هيا ته جيئن ان مذهب کي وڌيڪ مضبوط ۽ مستحڪم ڪري سگهن جيڪو اُنهن اختيار ڪيو هو. اسلام جي پيغمبر جي رحمدلي يا نرمي مثالي هوندي هئي ۽ اهڙو ڪوبه مثال نڪو ملي جو پاڻ ڪنهن ڪمزور دشمن تي ڪڏهن به ڪو وار ڪيو هوندو، پر اهو واعدو ڪندا هيا ته مخالفن مان جيڪڏهن ڪو جزيو (ٽئڪس) ادا ڪري ٿو ته جيڪي گهٽ ۾ گهٽ قصور وار هوندا، اُنهن کي سندن مذهب مطابق عبادت ۾ ڪرڻ ڏني ويندي. سندن حڪومت جي پهرئين مهيني ۾ پيغمبرؐ مقدس جنگ جي سبقن جي مشق ڪئي ۽ پنهنجي اڇي جهنڊي کي مديني جي گيٽن وٽ ڦڙڪايو، بهادر پيغمبرؐ نوَن جنگين ۽ گهيرن ۾(125) پاڻ پنهنجي سر حصو ورتو ۽ فقط ڏهن سالن جي عرصي ۾ پنجاهه وڌا معرڪا پاڻ يا وري سندن ٻين ساٿين طرفان ٿيا ويا. عربن، اسلام کان اڳ واپار ۽ قافلن جي ڪاروبار کي هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو هو، ۽ سندن نندا سير سفر، جيڪي پنهنجي حفاظت يا وري قافلن کي لُٽڻ لاءِ ڪيا ويندا هيا، اُهي اندروني طور جڙ پنهنجي فوجن کي سڄي عربستان کي فتح ڪرڻ جي تياري ڪرائڻ لاءِ ڪيا ويندا هيا. پر اسلام جي پيغمبر مالِ غنيمت کي خدائي قانون(126) موجب ورهائڻ تي زور ڏنو، پهريون ته ان کي هڪڙي جڳهه تي ڪٺو ڪيو ويندو هو، سون ۽ چانديءَ جو پنجون حصو، قيدي ۽ چوپايو مال منتقل يا غير منتقل ڪرڻ واري ملڪيت پيغمبرؐ طرفان خاص طور نيڪ، پرهيزگارن ۽ خيراتي ڪمن واسطي رکي ويندي هئي باقي بچيل مال زر هڪ جيترائي جي حساب سان اُنهن مجاهدن ۽ فوجين ۾ ورهايو ويندو هو جن دشمنن خلاف فتح حاصل ڪئي هئي، يا وري شهر جو بچاءُ ڪيو هئائون، جيڪي شهيد ٿيا هيا، اُنهن جو معاوضو سندن ٻيواهن يا يتيمن کي ڏنو ويندو هو، ۽ گهوڙيسوار فوج کي گهوڙن ۽ ماڻهن جو ٻيٽو حصو ڏني همٿايو ويندو هو. رُلندڙ پٽڪندڙ عربن کي هر طرف کان مذهب ۽ جنگين جي مالِ غنيمت طرف لالچايو ويندو هو، پيغمبرؐ جنگ ۾ قيد ٿيل عورتن کي مسلمانن جي زالن بنجڻ لاءِ مذهب ۾ اهڙي گنجائش رکي ڇڏي هئي، ۽ دولت ۽ حسن(*) جا مزا ماڻڻ جي مسلمانن کي هن دنيا ۾ ضرورت ڪانه هئي ڇاڪاڻ ته سندن مذهب جي تعليم مطابق جنگ ۾ شهيد ٿيل مجاهدن لاءِ ٻي دنيا ۾ بهشت موجود هو جتي کين هر شيءِ ميسر ڪري ڏني ويندي. 'ترار'، حضرت محمد ﷺ جن فرمائن ٿا، جنت يا دوزخ جي ڪُنجي آهي، الله جي راهه ۾ رت جو وهايل هڪ قطرو يا هڪ رات به سندس خوشنوديءَ خاطر جيڪا جنگ ۾ گذارجي ٿي، اهي ٻئي اعزاز ٻن مهينن جي روزن ۽ نمازن کان وڌيڪ افضل آهن، ۽ جيڪو به جنگ ۾ شهيد ٿئي ٿو، ان جا گناهه معاف ڪيا وڃن ٿا، ۽ قيامت جي ڏينهن سندس زخم سُندور جيان ڳاڙها ۽ سهٽا لڳندا ۽ مُشڪ وانگر خوشبودار هوندا ۽

جيڪي به سندس عضوا جنگ ۾ شهيد ڪيا ويا هوندا، اُنهن جي جڳهه تي ڪين فرشتن ۽ پرين جا پر لڳايا ويندا.' عربن جي بهادريءَ واري روح ۾ جڏ عقيدت ۽ جذبن جي باهه پڙڪيل هئي، اڏ ڏنل دنيا جي تصوير بيحد خوبصورتيءَ سان سندن ذهنن تي اُڪريل هئي، ۽ موت، جنهن کان سدائين هو نفرت ڪندا رهندا هيا يا ان کي ڪا اهميت ئي نه ڏيندا هيا، هاڻي سندن خواهش ۽ اُميد جو ڪرٽو ٻڌجي ويو. قرآن صاف لفظن ۾ ايمان يا مقدر جي ڳالهين بابت واضح اصول بيان ڪيا آهن پوءِ جيڪڏهن اُنهن اصولن جيُ بجاءِ اندازي لڳائڻ واري ايمان تي عمل ڪيو ويندو ته پوءِ سڀ ڇڳا عمل به ضايع ٿي ويندا. پر ان جي باوجود اُنهن جو اثر هر دؤر ۾ وڏو رهيو آهي، جنهن باعث عرب توڙي ترڪ مسلمانن جي همت ۽ بهادري مٿانهين رهي آهي. حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جا پهريان ساٿي بنا خوف خطري جي ۽ وڏي اعتماد سان ڪُڏندا ۽ ڪاهيندا ويا؛ اُتي خطرو بلڪل ڪونهي جتي ڪو موقعو ئي ڪونهي، تنهنڪري ڪين واضح طور ٻڌايو ويو هو ته يا پنهنجن بسترن ۾ سمهندي مري وڃن يا وري اُهي دشمن جي تيرن ۽ نيزن اڇيان بي ڏيا هليا وڃن جتي هو وڌيڪ محفوظ ۽ اَجيت رهندا(127).

جيڪڏهن قريشن کي هڪ دشمن جي انتقام ونڊ ذريعي ڪاوڙايو نه وڃي ها جيڪو سندن واپار جي قافلن کي مديني جي رستي تي ايندي ويندي پيو روڪيندو ۽ تنگ ڪندو هو ته شايد قريش حضرت مُحَمَّد ﷺ جي هجرت ڪرڻ تي راضي رهن ها. خود ابوسفيان، جنهن سان فقط ٽيهه يا چاليهه ساٿي گڏ هيا، واپار جي هڪ وڏي قافلي جي اڳواڻي ڪندي جنهن ۾ هزار اُٺ هيا، مديني جي پرپاسي کان گذريو هو پر سندس خوش قسمتي يا وري اڇتي وڌڻ جي سندس هوشياري هئي جو هو پيغمبرؐ جي ماڻهن جي حملي کان بچي ويا، پر ساڳي وقت قريشن جي سردار کي اطلاع ڏنو ويو ته مسلمان لٽيرا سندن تاڙ ۾ ويٺل هيا ۽ جيئن ئي هو واپس ٽيندا ته مٿن حملو ڪيو ويندو. سندن سردار پنهنجي مڪي جي برادري وارن ڏانهن پيغام موڪليو ته ڪين اندیشو هو ته سندن وٽج واپار جو سڄو مال ۽ جيڪو به سندن ڪاڏي خوراڪ جو سامان هيو، ان جي لُٽجڻ جو خطرو هو، تنهنڪري بنا دير مددگار ماڻهو ۽ فوج موڪلي وڃي ته جيئن قافلن کي حفاظت سان واپس آڻي سگهجي. هن موقعي تي حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي وفادار ٽي سؤ تيرهن ماڻهن جي فوج تيار ڪئي ويئي، جن منجهان ستهتر ڇٽا اُهي هيا جيڪي مڪي کان هجرت ڪري آيا هيا ۽ ٻيا مددگار هيا، اُهي واري واري سان ستر اُٺن تي سوار ٽيندا ويا (يثرب جا اُٺ جنگ ۾ ڏاڍا خطرناڪ هوندا هيا) پر پهرين عقيدتمندن جي غريبيءَ جو اهو حال هو جو ڪهوڙن تي فقط به ماڻهو ڪين ملي سگهيا جيڪي مٿن سوار ٽي جنگ جي ميدان تي پهتا(128). سرسبز ۽ آبادي واري بدر جي(129) واديءَ ۾ جيڪا مديني کان ٽن منزلن جي مفاصلي تي هئي، پيغمبرؐ کي پنهنجي قافلي جي ڪجهه نوجوانن کي اطلاع پهچايو ۽ اُهي سيئي هڪ طرف هيا، قريشن طرفان سؤ ڪهوڙا ۽ اُٺ سؤ پنجاهه پيادل فوجي ٻي طرف کان ڏوڪيندا اڇتي وڌيا. ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ، حضرت مُحَمَّد ﷺ جن عزت ۽ وقار جي مقابلي ۾ دولت حاصل ڪرڻ جي خواهش کي قربان ڪيو ۽ ٿوري مورچه بندي ڪئي ويئي ته جيئن فوجن جو بچاءُ ڪري سگهجي، ان کان سواءِ پاڻيءَ جي موجودگيءَ کي به يقيني بڻايو ويو. 'اي الله! پاڻ تڏهن پڪاريائون جڏهن قريشن جي بيشمار لشڪر کي پهاڙن تان لهندي ڏٺائون. 'اي منهنجا الله پاڪ! جيڪڏهن اسان جي طرف وارا اڄ تباهه ٿي ويا ته پوءِ ڪير وڃي باقي بچندو جيڪو تنهنجي عبادت ڪندو؟' 'همت ڪيو منهنجا ٻچا پنهنجين صفن کي هڪ

ٻئي جي ويجهو ڪندا وجو، تيرَ هڏو ۽ اوهان يقيناً سوپارا ٿيندا.' هي لفظ چئي، پاڻ هڪ ممبر تي چڙهي (130) حضرت ابوبڪرؓ جي ويجهو ٽپا ۽ هڪدم جبرائيل ۽ ٽن هزار فرشتن جي مدد جي گهُر ڪيائون. سندن نظرون جنگ جي ميدان تي ڪُپيل هيون، وڙهندي وڙهندي مسلمان بيهوش ٿي ويا(*) ۽ ٿورا هيسجي ويا، اهڙي اهم ۽ فيصلي واري گهڙيءَ ۾ پاڻ پنهنجي مسند تان اُٿيا، گهوڙي تي چڙهيا ۽ واريءَ مان پنهنجي مُٺ پري هوا ۾ اُڇلايائون. 'پلي سندن منهن تي واري اچي وجي ۽ سندن حوصلا خطا ٿي وجن.' ٻنهي فوجن سندن گجگوڙ ڪندڙ آواز ٻڌي ورتو ۽ مسلمانن کي محسوس ٿيو ته ويڑهاڪ فرشتا سندن مدد لاءِ پهچي چڪا هيا(131). قريش بزدل ٿي پيا، ڏڪڻ لڳا ۽ جنگ جو ميدان ڇڏي پڄي ويا، سندن ستر بهادر ماڻهو قتل ٿي ويا ۽ ستر ماڻهن کي قيد ڪيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح مسلمانن کي اسلام جي پهرين جنگ ۾ شاندار فتح حاصل ٿي. قريشن جي جنگ ۾ گرفتار ڪيل ماڻهن کي سزائون ڏنيون ويون. ٻن شڪي قسم جي قيدين کي موت جي سزا ڏني وئي، ۽ ٻين کي هرهڪ لاءِ چار هزار درهم جي رقم ونڊ جي عيوض ڇڏيو ويو. پر ان جي باوجود ابوسفيان جي اُٽن جي قافلي برپٽ جو ٻيو رستو اختيار ڪيو جيڪو فرات ندي جي ڪنارن سان گڏ هيو، مسلمانن سندن رستو روڪيو پر دولتمند تي ڏنڊ رکيو ويو جيڪو ويهه هزار درهم جو هو جنهنڪري جو پنجون حصو(†) پيغمبر لاءِ رکيو ويو جيڪو غريبن جي خيرخيرات لاءِ رکيو ويندو هو. ذاتي توڙي عوامي نقصان ٿيڻ تي ابوسفيان سخت جوش ۾ اچي ٽن هزار ماڻهن جي فوج تيار ڪئي، جن منجهان ست سؤ ماڻهو اهڙا هيا جن کي سيني تي بچاءَ جون شيلڊون ٻڌل هيون، سندن ٻه سؤ ماڻهو گهوڙن تي سوار هيا، ان کان سواءِ فوج ۾ ٽي هزار اُٺ به شامل هيا ۽ سندس زال هِندا جنهن سان گڏ مڪي جون پندرهن ٻيون عورتون به گڏ هيون، جن پنهنجا تنبورا (‡) وڄائڻ شروع ڪيا ته جيئن پنهنجن فوجن ۾ جوش پيدا ڪن ۽ حبل جي عظمت کي مٿانهون ڪن جيڪو سندن هڪ وڏو ديوتا هو جنهن کي ڪعبي ۾ سجايو ويو هو. ٻي طرف الله ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي جهنڊي هيٺ فقط نو سؤ پنجاهه ماڻهو هيا، قريشن جي تمام وڏي فوج جي مقابلي ۾ مسلمانن جو تعداد گهٽ ته هيو پر بدر ۾ سندن تعداد جي ڀيٽ ڪجي ته ايترو گهٽ به نه هيو، پر سندن سوچ جو اندازو ڇڻ قدرت جي مرضي ۽ پيغمبر جي سوچ مطابق نه هيو. ٻي جنگ اُحد جبل تي وڙهي وئي جيڪو مديني کان ڇهه ميل اُتر طرف آهي،(132) قريشن جو قافلو گول دائري جيان اڳتي وڌيو ۽ گهوڙيسوار فوج جي ساڄي حصي جي رستي جي ڪمان خالد (خالد بن وليد) ڪري رهيو هو جيڪو عربن ۾ سڀني کان وڌيڪ خطرناڪ ۽ ڪامياب ويڑهاڪ هيو. حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جون فوجون جبل تي تمام عقلمندي ۽ فوجي حڪمت عملي تحت بيهاريون ويون هيون ۽ پٺئين پاسي کان پنجاهه تير انداز پنهنجي فوج جي حفاظت لاءِ بيهاريا ويا هيا. مسلمانن اهڙي ته بهاديريءَ سان مقابلو ڪيو جو بت پرستن جا حوصلا خطا ٿي ويا ۽ سندي مرڪزي فوج جو گهيرو به ٽُٽي ويو، پر پوءِ مسلمان تير اندازن پنهنجي جڳهه کي ڇڏي ڏنو نتيجي ۾ خالي پيل ميدان دشمنن کي ملي ويو، مسلمان پڄي ويل ڪافرن جي مال ميڙڻ ۾ لڳي ويا، پنهنجي عظيم سپهه سالار جي نافرماني ڪيائون ۽ نتيجي ۾ سندن صفن ۾ پاڇ پئجي وئي. بهادر خالد پنهنجي گهوڙيسوار فوج کي ساڄي کاهي ۽ پوئين طرف ڏکيندي، وڏي آواز مان رڙ ڪئي ته مُحَمَّد ﷺ جن کي قتل ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ کين مُنهن ۾ نيزي جو ڏڪ لڳو هر ۽ سندن ٻه ڏندَ پڻ هڪ پٿر لڳڻ سان شهيد ٿي ويا هيا، تنهن هوندي به اهڙي گوڙ گهمسان ۽

افراتفري جي حالت ۾ به پاڻ حوصلو نه هاريائون ۽ ڪافرن کي مسلمانن جي پيغمبر کي مارڻ جي ڪوڙ ڳالهائڻ تي طعنا ڏنائون ۽ ان غمخوار دوست کي دعائون ڏنائون جنهن سندن زخم جو رت بند ڪيو هو ۽ کين سهارو ڏئي محفوظ هنڌ تي پهچايو هو. مسلمانن جا ستر جوڌا جوان، سندن ئي ماڻهن جي غلطيءَ سبب شهيد ٿي ويا، اُهي اهڙي طرح جوڙا جوڙا ٿي مرندا ويا جهڙي طرح پاڻ سندن جوڙا ناهيا هيائون ۽ هڪ ٻئي تان جڙ صدقي ٿيندا ويا(133)، مڪي جي وحشي عورتن پاران سندن جسمن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري مُڃَ جيان ڪيو ويو ۽ ابوسفيان جي زال هِندا، پيغمبرؐ جي چاچي حضرت امير حمزيؓ، جيڪو هن جنگ ۾ شهيد ٿيو هو، جا آندا ڪيڙي کاڌا هيا. ڪافرن خوشيون ملهايون ۽ پنهنجي انتقام جي باهه کي ڪجهه ٺڏو ڪيو هو، پر مسلمان ٻيهر جنگ جي ميدان تي موجود هيا ۽ هاڻي قريشن کي همت ۽ وڙيڪ طاقت جي ضرورت هئي ته مسلمانن سان مقابلو ڪن، قريشن طرفان فقط هڪ سال کان پوءِ مديني تي ٻيو حملو ڪيو ويو جنهن ۾ سندن ڏهه هزار ماڻهو موجود هيا ۽ سندن اڳواڻ ساڻيوئي ابوسفيان هو، مسلمانن طرفان هڪ وڏي ڪاهي يا ڪڏ ڪوٽي شهر جي حفاظت جو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ دشمنن جي ڏهه هزار فوج جي مقابلي ۾ مسلمانن جو تعداد فقط ٽي هزار هيو، حضرت محمد ﷺ جن دوراندیشي ڪندي عام جنگ کان پاسو ڪيو ۽ شروعات ۾ هڪ جي مقابلي ۾ هڪ جا دوبدو مقابلا ٿيا جنهن ۾ حضرت علیؓ پنهنجا بهادريءَ جا جوهر ڏيکاريا، جنگ ويهن ڏينهن تائين هلندي رهي، تانجو دشمن اتحادي هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا. اوچتو سخت طوفاني هوائون گهُليون ۽ تيز مينهن ۽ ڳڙو وسي پيو جنهنڪري ڪافرن جا تنبو پٽجي ۽ اُکڙي وڃي پري ڪِريا، سندن ئي هڪ دشمن اُنهن جي وچ ۾ ذاتي جهيڙا جهڳڙا شروع ڪرائي ڇڏيا ۽ قريش، جن کان سندن اتحادي اڳيئي جدا ٿي ويا هيا، نراس ٿي ويا ۽ پيغمبرؐ جي تخت کي اونڌو ڪرڻ سندن وَس جي ڳالهه نٿي لڳي ۽ اهو به کين ناممڪن نظر ٿي آيو ته جنهن شخص کي هنن پنهنجي شهر مان جلاوطن ڪيو هو، اُنجي سوين کي هاڻي روڪڻ جي کين مجال ڪانه هئي(134).

جيروسلم ۾ بيت المقدس عبادت جو قبلئ اول هو(*) جنهن کي شايد حضرت محمد ﷺ جن دائمي عبادت لاءِ چونڊي چڏن ها ۽ اهو فيصلو يهودين جي حق ۾ هجي ها ۽ سندن دلچسپين ۽ دنياوي فائدن لاءِ به اهو بهتر رهي ها، جيڪڏهن کين ان عظيم عربي رسول ۾ اسرائيل جو بخت ۽ پنهنجو مسيحا، جنهن جو ساڻن واعدو ڪيو ويو هو، نظر اچي ها، پر سندن هٺ ۽ غرور، سندن دوستي جي جذبن کي هنن لاءِ سخت نفرت ۾ تبديل ڪري ڇڏيو جنهن سبب پيغمبرؐ پوءِ پنهنجي زندگي جي آخري گهڙين تائين به سندن پيڇو ڪندا رهيا ڇو ته هاڻي سندن به لقب هيا: هڪ پيغمبر ته ٻيو فاتح ۽ يهودين جي اذيتن کي ٻنهي جهانن تائين پهچايو ويو هو(135). ڪئنوڪا مديني ۾ رهندو هو، ۽ کيس ان شهر جي حفاظت مليل هئي؛ هڪ موقعي جو فائدو ونڊي هن هڪ فساد برپا ڪري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي سڏيائين ته يا سندس مذهب اختيار ڪن يا ساڻس جنگ ڪن. 'افسوس!' يهودين ڏڪندي کيس چيو، اسان کي جنگي هٿيارن کي استعمال ڪرڻ نه ايندو آهي، پر اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب تي قائم آهيون، پر تون اسان کي ڇو ٿو مجبور ڪرين ته اسان تنهنجي ڪري پنهنجي حفاظت ڪرڻ لاءِ وڙيڪ محتاط ۽ مجبور ٿي وڃون؟' غير برابري واري جهڙپ پندرهن ڏينهن ۾ ختم ٿي وئي ۽ وڏي ناراضگيءَ مان حضرت محمد ﷺ جن سندن ايلازن ۽ منٽن کي مجيو ۽ سندن قيدين جون زندگيون

بچايون. پر سندن مال ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو ۽ سندن هٿيارن کي مسلمانن پنهنجي قبضي ۾ ورتو ۽ اُهي اُنهن لاءِ ڏاڍا ڪارآمد ثابت ٿيا، ۽ سندن ست سؤ بدبخت ماڻهن کي سندن زالن ۽ ٻارن سميت ملڪ مان نيڪالي ڏني وئي جن شام جي سرحد تي پهچي پنهنجا خيما وڌيا ۽ درخواست ڪيائون ته کين امن امان سان رهڻ ڏنو وڃي. نظيري فرقي جا ماڻهو قصور وار نڪتا ڇاڪاڻ ته اُنهن اسلام جي پيغمبرؐ کي قتل ڪرڻ ٿي چاهيو. هنن مديني کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي سندن قلعي جو گهيرو ڪيو، پر سندن يقيني حفاظت سبب هنن مشروط آڇ مڃي، ۽ فوجين جي جڏي کي، جن توتارا ۽ دهل ٿي وڄايا، عزت سان ٻاهر نڪرڻ ۽ وڃڻ جو موقعو ڏنو ويو. يهودين پنهنجو اتحاد قريشن سان ڪري ڇڏيو هو ۽ جنگ ڪرڻ ۾ ٻه سالن ساڻ ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو، جيئن ئي فوجين خندق جي جنگ کان واپسي ڪئي ۽ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن پنهنجي ايجا زره ٻه نه لاتي هئي ته ساڳئي ڏينهن تي اڳتي قدم وڌائيندي دشمنن جي قوم کي فتح ڪرڻ جو عزم ڪيائون جن جو اڳواڻ قوريضا هيو. پنجويهن ڏينهن جي مزاحمت کان پوءِ دشمنن هٿيار ڦٽا ڪيا، پر جنهن ۾ سندن مرضي ٻه شامل هئي. هنن مديني جي پنهنجن پراڻن ساٿين جي ڳالهين ٻولهين ۽ سفارشن کي مڃيو ڇاڪاڻ جو کين احساس هو ته مذهبي جذبا آخرڪار سرخرو ۽ سرفراز ٿيندا آهن. ست سؤ يهودين کي زنجيرن ۾ جڪڙي شهر جي بازار ۾ آندو ويو ۽ قتل ڪري کين قبرن ۾ دفن ڪيو ويو. سندن ردِن ۽ اُنن کي مسلمانن پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو، ٽي سؤ سيني جي حفاظت ڪرڻ جون شيلڊون، پنج سؤ پالا، هڪ هزار نيزا وغيره مسلمانن کي مالِ غنيمت طور مليا. مديني جي اُتر- اوپر طرف ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي خيبر جو قديمي دولتمند شهر آباد هو جيڪو عربستان ۾ يهودين جي طاقت سبب مشهور هو، هن بيابان ۾ هي هنڌ سرسبز، آبادي وارو ۽ خوشحال هو ۽ سڄي خطي ۾ گل ٻوٽا لڳل هيا، وٽن چوپايو مال ٻه جام هو، ۽ هن شهر کي اٽن قلعن جي حفاظت مليل هئي جن مان ڪجهه قلعن کي اَجيت ڄاڻايو ويو هو. حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي فوج ۾ ٻه سؤ گهوڙا، ۽ چوڏهن سؤ پيادل فوجي هيا. اُٽن مسلسل ڏکين گهيرن ڪرڻ کان پوءِ کين خطرو محسوس ٿي رهيو هو، ان کانسواءِ ٽڪ ۽ ٻُک ٻه کين بيحال ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪي بهادر اڳواڻ هيا اُهي ٻه ڇڻ نراس ٿي پيا هيا. پيغمبرؐ سندن اُميدن کي ٻيهر تڏهن جياري ڇڏيو جڏهن پاڻ واڳ حضرت علیؓ جي بهادريءَ جي سپرد ڪيائون جن کي هنن 'شيرِ خدا' جو خطاب عطا ڪيو هو، شايد سندن ئي خنجر يا ترار سان هڪ يهودي بهادر شخص جي سيني کي چيريو ويو هو. پر سندس بهادري واري ان عشق جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، جو هن خيبر قلعي جي وڏي گيٽ کي انجيسُن کان اُکيڙي ڇڏيو جڏهن ته پاڻ کاهي هٽ ۾ ڍال کي مضبوطيءَ سان جهليو بينو هو(136). قلعن جي ڌڻ کان پوءِ خيبر جي شهر جي ماڻهن پنهنجي مات قبول ڪئي. يهودين جي سردار کي حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي موجودگيءَ ۾ اذيتون ڏنيون ويون ته جيئن هو پنهنجن لڪل خزانن کي ظاهر ڪري، سندن هارين ۽ ريڍارن جي پيشي کي ٻه مجبوريءَ ۾ برداشت ڪيو ويو ۽ اُنهن کي ان پيشي جي اجازت فقط تيستائين ڏني وئي جيستائين مسلمانن جو فاتح چاهيندو، ۽ هو پنهنجي مال ملڪيت جي حصن ۾ واڌارو ڪندا ويندا ته جيئن فاتحن جا توڙي پنهنجا حصا ڪجهه بهتر ڪري سگهن. حضرت عمرؓ جي خلافت جي دؤر ۾ خيبر جي يهودين کي شام موڪليو ويو ۽ خليفي پنهنجي سخت نظم ۽ ضبط قائم ڪرڻ سان هن خطي جو نظام ڪاميابيءَ سان هلايو. 137

حضرت محمد ﷺ جن جي پيشاني توڙي اکيون ڏينهن ۾ پنج دفعا مکي جو رُخ ڪنديون هيون (پنج وقت نماز ڏانهن اشارو آهي) ۽ کين تمام پارسا ۽ طاقتور ماڻهن طرفان تاکيد ڪيو ويو هو ته فاتح جي حيثيت ۾ هڪ پيرو هو شهر توڙي ڪعبي کي ڏسڻ ضرور وجن جتان کين ملڪ بدر ڪري باهر ڪڍيو ويو هو. ننڊ ۾ توڙي جاڳ ۾ کين ڪعبي جو تصور ذهن ۾ رهندو هو. سندن هڪ خواب کي ڪشف ۽ پيغمبري جو روپ ملي چڪو هو، پاڻ ڪعبي جي غلاف کي ڇڪايائون، ۽ ڪاميابي ۽ ڪامراني جا لفظ هڪ واعدي جي صورت ۾ اوچتو سندن زبان مبارڪ مان نڪري ويا. مديني کان مکي تائين جو سفر پُرامن، مانائتو ۽ شانائتو هو ڇاڪاڻ ته حج جي سعادت حاصل ڪرڻ جو سندن ارادو هيو. هن سلسلي ۾ ستر اُٺن کي قرباني ڪرڻ خاطر چونڊي سينگاريو ويو هو، سڄي خطي کي بيحد پروقار بڻايو ويو هو، ۽ سيني قيدين سان نرم دلي ۽ شفقت جو ورتاءُ ڪندي، بغير ڪنهن معاوضي ونڊ جي کين آزاد ڪيو ويو هو. پر جيئن ئي حضرت محمد ﷺ جن هڪ جڳهه تي پنهنجي اُٺ کان هيٺ لٿا، هي هنڌ مکي کان فقط هڪ ڏينهن جي مسافريءَ جي پنڌ جيترو هو ته پاڻ اوچتو هڪ انڪشاف ڪيائون، 'هن پنهنجي مٽان چيتي شينهن جون ڪلون پائي ڇڏيون آهن'. قريشن جي وڏي تعداد سبب سندن نيتون ۽ ارادا پيغمبرؐ جي سخت خلاف هيا، ۽ ان ڳالهه جو به امڪان هو ته صحرا جا رلندڙ پٽڪندڙ عرب شايد کين ڇڏي وڃن ۽ ساڻن ڏوڪو ڪن جن سان هو ڳڏجي فقط ان اُميد تي آيا هجن ته کين ججهو مال غنيمت ملندو. بهادر پيغمبرؐ جيڪي پاڻ هڪ ڪامياب سياستدان به هيا، دوراندیشي ڪندي ان صلحنامي جي دستاويز مان 'الله جو پيغمبر' جا لفظ ڪڍي ڇڏيا، جيڪو اڳ قريشن ۽ سندن اتحادين سان طئي ٿيو هو جنهن ۾ ساڻن ڏهن سالن جو معاهدو ڪيو ويو هو جنهن مطابق اهو طئي ٿيو هو ته جيڪي ماڻهو مکي کان مديني هجرت ڪري ويندا ۽ مسلمان ٿي ويندا انهن کي مکي واپس موڪليو ويندو، ۽ ٻيو ته مسلمان هن سال واپس هليا ويندا ۽ حج لاءِ وري ٻي سال ايندا ۽ مکي ۾ ماڻ ميڙ ۾ فقط ٽي ڏينهن رهندا ته جيئن حج جا ارڪان پورا ڪري سگهن. بغير حج ڪرڻ جي مسلمانن جي مديني واپسي هنن لاءِ ڏکوئيندڙ ۽ شرمائيندر هئي ۽ سندن مايوسي شايد کين پنهنجي پيغمبرؐ تي ناڪاميءَ جو الزام هڻي جن اڳ کين ڪاميابيءَ جي بشارت ڏني هئي. پر مکي جي صورتحال ڏسي مسلمانن جي دلين ۾ اُميدن ۽ ايمان جا ڏيئا ٻيهر روشن ٿي ويا، هنن پنهنجون ترارون مياڻ ۾ وجهي ڇڏيون، ۽ حضرت محمد ﷺ جن جي پويان هلندي ست دفعا ڪعبه الله جو طواف ڪيو، قريش خوف مان پهاڙن ۽ جبلن ۾ وڃي لِڪا ۽ پيغمبرؐ دستور موجب قرباني ڪري چوٽين ڏينهن تي شهر کي خالي ڪرايو. سندن عقيدت ۽ اعليٰ ڪردار سبب ماڻهو پنهنجي پاڻ کي سنوارينداِ ۽ سڏارينداِ رهيا سندن دشمن ۽ انهن جا سرواڻ توڙي سردار هر طرف کان حضرت محمد ﷺ جي ڪامرانين کي ڏسي هيسجي ۽ پاڻ ۾ ورهائجي ويا هيا، ۽ خالد بن وليد ۽ عمرو بن سعد، جيڪي اڳتي هلي شام ۽ مصر جا فاتح بڻيا، صحيح وقت تي بت پرستن جي بڏندڙ ٻيڙيءَ کي طوفان جي حوالي ڪري اسلام ۾ داخل ٿي ويا. عربن جي مختلف قبيلن طرفان آڻ مڃڻ تي حضرت محمد ﷺ جن جا اختيار بيحد وڏي ويا ۽ مکي جي فتح لاءِ هاڻي وٽن ڏهه هزار سر قربان ڪندڙ عقيدت مند موجود هيا، ۽ ڪافرن کي، جيڪي هاڻي ڪمزور ڏر هيا، معاهدي جي پڇڙي ڪرڻ تي سزا ڏني وئي. مسلمانن جي نظر ۽ ضبط توڙي سندن جوش جذبن مديني کان مکي جي سفر ۾ هڪ اُميد افزا روح پري ڇڏيو هو ۽ هڪ راز کي به

مخفي رکيو ويو هو تانجو هر طرف کان ڏهه هزار باهين جا مَچ ٻري پيا جن قريشن کي حيران ۽ پريشان کري ڇڏيو هو، جن کي هاڻي پک ٿي وئي هئي ته سندن دشمنن جي رڻ، سندن کاهي اچڻ ۽ سندن بي پناهه طاقت جو مقابلو کرڻ هاڻي سندن وَسَ ۾ کونه هو. آڻ نه مجيندڙ ۽ ضِدي ابو سفيان خود شهر جون چاٻيون مُحَمَّد ﷺ جن کي پيش کيون، ۽ مسلمان فوجن جي برد باري، نظم ۽ ضبط ۽ سچائيءَ لاءِ کين داد ڏنائين ۽ چيائين ته عبدالله جو پٽ هاڻي هک وڏي بادشاهت جو مالک هو ۽ حضرت عمرؓ جي اثر هيٺ اسلام قبول کندي تسليم کيائين ته مُحَمَّد ﷺ جن، ۽ سندن ساٿين کي قريشن طرفان سخت اذيتون رسائڻ جي باوجود، پاڻ سڳورا کائنئ انتقام ونڻ لاءِ هرگز آماده نه هيا، چو ته هُو هک ۽ سچي خدا جا رسول هيا. ماريَس(*) ۽ سُلاڻ جي واپسي رومين جي رت سان رگيل هئي، پر حضرت مُحَمَّد ﷺ جن ۽ سندن پوئلڳ مسلمانن جن کي قريشن طرفان وڏا زخم رسايا ويا هيا، اُهي خود هاڻي پنهنجن دشمنن جي قتل عام لاءِ تيار نه هيا، بجاءِ پاڻ يا پنهنجن ساٿين پاران جذباتي فيصلي کرڻ جي(139)، اسلام جي سوپاري پيغمبرؐ سندن قصور ۽ خطائون درگذر کندي اُنهن لاءِ عام معافي جو اعلان کري ڇڏيو ۽ مختلف قبيلن کي متحد کري ڇڏيو. فوجن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو جن مکي شهر جو گشت لڳايو، اناويهن ڇڻن کي خالد بن وليد پنهنجي ترار سان قتل کري ڇڏيو، يارهن مردن ۽ ڇهن عورتن کي حضرت مُحَمَّد ﷺ جن واجب القتل هئڻ جي سزا ٻڌائي. پر پاڻ پنهنجن ئي ماڻهن کي قصور وار کيو ۽ کيترن ئي ماڻهن تي رحمدلي ۽ شفقت جو هٿ ڦيريندي پيغمبرؐ کين معاف کري ڇڏيو ڇاکاڻ ته انهن جي خلاف کي واضح ثبوت يا شاهديون نه مليون هيون. قريشن جا سردار ۽ سرواڻ الله جي پيغمبرؐ جي قدمن ۾ ڪِريل هيا. 'اوهان ان ماڻهوءَ مان رحم جي کهڙي اُميد ٿا رکو جنهن سان توهان تمام گهٽيون زيادتيون کيون هيون؟' 'اسان کي اوهان جي ٻلاين ۽ سخا ۾ پورو اعتماد آهي'. 'اوهان جي اعتماد کي آڻ سچو ثابت کندس، سمجهو ته سڀ کجهه ختم ٿي ويو، اوهان اڄ کان محفوظ ۽ آزاد آهيو'. مکي جي ماڻهن اسلام جهڙي مذهب کان معافي لهٽي(‡) هئي ۽ ستن سالن جي جلاوطني کان پوءِ، ملک بدر مبلغ ۽ پر چارک کي پنهنجي ئي اباڻي شهر ۽ ملک جو شهزادو ۽ پيغمبر تسليم کيو ويو(140). کعبي ۾ رکيل ٽي سؤ ست بُتن کي ڀڃي پرزا پرزا کيو ويو ۽ الله جي گهر کي پاڪ کري سينگاريو سنواريو ويو، ۽ آئيندہ لاءِ هک مثال قائم کيو ويو جنهن کي پيغمبرؐ هک حاجيءَ طور هک دائمي قانون ذريعي لاڳو کيو ته کوبہ کافر يا غير مذهب هاڻي هن مقدس شهر ۾ داخل نه ٿي سگهندو.(144)

مکي جي فتح، عرب قبيلن جي مذهب توڙي فرمانبرداريءَ جو فيصلو کري ڇڏيو هو(142)، جن قسمت جي لاهن چاڙهن کي ڏسندي پيغمبرؐ جي حڪمن يا سندن طاقت کي تسليم کيو هو يا وري ان جي انحرافي کئي هئي. رسمن رواجن توڙي ڪن نظرين ۾ بدوي قبيلا اجا تائين بہ مختلف خيالن جا آهن ۽ ٻين ڳالهين ۾ بہ سندن نظريا تابعداري جي بجاءِ ائين ئي پنهنجي مرضيءَ جا مختيار رهيا آهن جيئن قرآن جي تعليم ۽ اصولن بابت سندن روَيو رهندو آيو آهي. تنهن هوندي بہ کي هنيلا عرب اهڙا بہ آهن جن پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب کي نہ ڇڏيو هو، هن سلسلي ۾ حُنين جي جنگ جو ته نالو ئي بُتن تان کنيو ويو هو جن جي لاءِ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن کين تباهه کرڻ جو وچن کيو هو پر طائف جي مخالف اتحادين اُنهن جي حفاظت کرڻ جو عزم کيو هو(143). ڇهن هزار سپاهين تي مشتمل دشمنن

جي فوج لڪي حملو ڪيو ته جيئن پيغمبرﷺ توڙي سندن ساٿين کي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو گهٽو موقعو نه ملي، اُنهن قريشن جي لاغرضيءَ تي طنز ڪندي ڪائنئ نفرت جو اظهار ڪيو پر اُنهن گهٽو ڪري اُنهن ماڻهن جي خواهش ۽ مدد تي ٿي پاڙيو جن بعد ۾ بتن جي پوڄا کي ڇڏي ڏنو هو ۽ سندن دشمن جي اثر هيٺ اچي ويا هئا. پيغمبرﷺ مڪي ۽ مديني جا جهنڊا مٿي اُپا ڪري ظاهر ڪيا ڪيترائي بدوي به ساٿن شامل ٿي ويا تنهنڪري فوج جو تعداد توڙي طاقت وڌي وئي ۽ ٻارهن هزار مسلمان پنهنجي طاقت کي ڏسي شايد ڦوندڻ ۾ اچي ويا ته کين هاڻي ڪوبه مات نٿو ڏئي سگهي. اُهي بغير ڪنهن احتياط يا پنهنجي بچاءَ جي تدبيرن ڪرڻ جي پهاڙن تان هُنين جي واديءَ ۾ هيٺ لٿا ۽ پهاڙن جي چوٽين تي دشمنن جا تير انداز ۽ غُليل باز موقعي جي تلاش ۾ وينا هيا، پر سندن تعداد هيسيل هو، سندن نظم ۽ ضبط منجهيل ۽ ويڳاٽو ۽ سندن همت مايوس ڪندڙ هئي، ۽ قريش سندن مقدر ۾ لکيل تباهيءَ تي مرڪي رهيا هئا. پيغمبرﷺ پنهنجي اڇي گهوڙي تي سوار هيا جن کي هر طرف کان دشمن وکوڙي ويا هيا، پهريون ته پاڻ ڪوشش ڪيائون ته سندن نيزن ۽ تيرن جي وچ ۾ هلي وجي مقابلو ڪن ۽ شاندار طريقي سان موت کي قبول ڪن پر سندن ڏڍ وفادار ساٿي اوچتو ظاهر ٿيا جن پنهنجا هٿيار ڪڍيا ۽ سينا پيش ڪيا، ٽي ساٿي مٿن قربان ٿي سندن پيرن تي وجي ڪِريا. 'اي منهنجا پائرو! پاڻ وڏي آواز ڏک ۽ ڪاوڙ مان پڪاريائون، 'آءٌ عبدالله جو پٽ آهيان ۽ سچ حق جو پيغمبر آهيان. منهنجا ساٿيو پنهنجي عقيدي تي قائم رهجو. اي الله جلد پنهنجي مدد موڪلي ڏي!' سندن چاچو عبّاس جيڪو هومر جي سپوتن جيان، پنهنجي وڏي ۽ زوردار آواز ۾ سيني کان اڳرو هو، سڃي وادي سندس آواز سان گونجي اُٿي ۽ هن الله جا واعدا ماڻهن کي ياد ڏياريا. جيڪي مسلمان اڳ دل شڪسته ٿي پاڄ جي تيارين ۾ هيا، اُهي واپس ٿي اسلام جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ويا ۽ مُحَمَّد ﷺ جن کين ڏسي خوش ٿيا ۽ چيائون ته ڪُوري ۾ وري باهه ٻري پئي آهي، سندن بيمثال رهبري، لاجواب همت ۽ بهادريءَ جي مثال سبب مسلمانن جا جوش ۽ جذبا تيز ٿي ويا ۽ پاڻ پنهنجن ساٿين کي همت ڏيارينديِ حڪم ڪيائون ته دشمن کي ذلت آميز شڪست ڏين، جن اڳ کين شرمائڻ ٿي چاهيو. هُنين ۾ سوپ حاصل ڪرڻ کان پوءِ هو بنا دير طائف جي گهيري ڏانهن روانا ٿيا، هي شهر مڪي کان ست ميل ڏکڻ- اوپر طرف هو ۽ جيڪو هڪ مضبوط قلعو هو ۽ جتان جون زمينون عربستان جي صحرا ۾ به شام جي لاءِ ميوا پيدا ڪنديون آهن. هڪ دوست قبيلي (مون کي خبر ناهي ته ڪيئن) گهيرن ڪرڻ جي فن جي سلسلي ۾ هدايت ڏني ۽ پري مار ڪندڙ مشينون ۽ فوجي انجڻون به کين تحفي ۾ ڏنيون جن سان گڏ اُنهن مشينن کي هلائڻ وارا هڪ سؤ ماڻهو به کين ڏنا ويا. پر جيئن ته پاڻ طائف جي غلامن کي آزاد ڪري ڇڏيو هئائون ته فوجي انجڻن ڏيڻ جو ڪم اجايو ثابت ٿيو. نتيجو اهو نڪتو ته اُتي اها زمين ڪاٿين جي لاءِ کوٽي وئي(*) ۽ جيڪو خال پيدا ٿيو اُتي فوجين قبضو ڪري ورتو هو. ويهن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ پيغمبرﷺ واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو، پر هو واپس ورڻ وقت سوپ جي اعزاز حاصل ڪرڻ تي بيحد خوش هيا، ۽ ويندي ويندي هن لادين شهر لاءِ دعا گهريائون. هن بخت واري معرڪي ۾ جيڪو مال غنيمت مسلمانن کي مليو اُنهن ۾ ڇهه هزار قيدي، چوويهه هزار اُٺ، چاليهه هزار رڍون، ۽ چانديءَ جا چار هزار آئونس پڻ مليا، هڪ قبيلو جيڪو حنين جي جنگ ۾ وڙهيو هو، پنهنجن بتن کي پيڇي پنهنجن قيدين جي آزادي حاصل ڪئي هئي؛ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن پنهنجن ساٿين کي مال غنيمت جو پنجون حصو ڏنو هو

ته هو پنهنجي بهبود ۽ بهتري لاءِ استعمال ڪن ۽ پنهنجن ساٿين کي خوش ٿيندي ٻڌايائون ته وٽن مال جا ايترا ته سِرَ هيا جيترا تهاما جي صوبي ۾ وڻ موجود هيا. قريشن جي ناراضگيءَ کي سزا ڏيڻ جي بجاءِ پاڻ ڪوشش ڪيائون ته سندن زبان بند ڪئي وڃي ۽ سندن وابستگيءَ کي سخا جي بلند ڪردار ذريعي حاصل ڪجي؛ فقط ابو سفيان کي ئي ٽي سؤ اُٺ ۽ چانديءَ جا ويهه آئونس ڏنا ويا ۽ مڪو، قرآن پاڪ جو هڪ فائدي مند ۽ سکيو ستابو مذهبي مرڪز بڻجي ويو.

جيڪي ياجوڪڙ يا مددگار ماڻهو هيا اُنهن شڪايت ڪئي ته جنگ ۾ اُنهن مدد ۾ ڪئي هئي ۽ وڏو بار برداشت ڪيو هو پر جڏهن فتح حاصل ٿي ته کين فراموش ڪيو ويو هيو. 'افسوس'، سندن رهبر کين وراڻيو، 'اوهان ۾ مون سان گڏ تڪليفون ڪاٽيون آهن ۽ ڪجهه وڌيڪ ڪاٽيو ته جيئن نَوَن مذهب اختيار ڪندڙن کي راضي ڪري سگهجي ۽ کين ننڍيون وڏيون سوکڙيون ڏئي کين راضي رکجي. باقي توهان جي لاءِ آءٌ خود ۽ منهنجو مال ملڪيت حاضر آهن. اوهان منهنجي ملڪ نيڪاليءَ جي ڏينهن جا ساٿي آهيو. منهنجي بادشاهت جا شريڪ ۽ منهنجي بهشت ۾ ۾ مون سان گڏ هوندا'. سندس شڪايت کان پوءِ طائف جا نائب سرواڻ شروع ٿيا جيڪي ٻي گهيري کان سخت گهبرايل هيا. 'اي الله جا پيغمبر اسان سان ٽن سالن جو معاهدو ڪر جنهن ۾ اسان کي پنهنجي قديمي عبادت ڪرڻ جي ۾ اجازت ڏني وڃي'. 'هڪڙي مهيني توڙي هڪ ڪلاڪ جي ۾ اجازت نه ملندي'، پيغمبرؐ کين جواب ڏنو. 'ته پوءِ اسان کي نماز پڙهڻ/ عبادت ڪرڻ کان معاف ڪيو وڃي'. 'نماز يا عبادت کان سواءِ مذهب جو ڪوبه فائدو ڪونهي'. اُنهن خاموشيءَ ۾ شرط قبول ڪيا، اُنهن جي مندرن کي ڍاهيو ويو، ۽ سڄي عربستان جي بُتن کي تباهه ڪرڻ جو ساڳيو حڪم ڏنو ويو. ڳاڙهي سمنڊ جي ڪنارن، وڏي سمنڊ ۽ ايراني نار تي وينل پيغمبرؐ جي ساٿين توڙي ٻين وفادار مسلمانن کي داد ۽ آفرين پيش ڪيو ويو ۽ جيڪي سفير مديني جي تخت آڏو جُهڪيا ٿي اُهي ايترا ته بيشمار هيا (هڪ عربي چَوٽي) جيتريون ڪجيءَ جي ڪنهن وڻ مان پَڪل کارڪون هيٺ ڪرنديون آهن. سڄي قوم الله جي حڪمن ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي حڪومت کي تسليم ڪيو؛ جزيي جي بُچان ڏيارينڊڙ نالي کي ختم ڪيو ويو، ۽ خير خيرات، يا پنهنجي آمدني جو هڪ حصو مقرر ڪيو ويو جيڪو ماڻهو پنهنجي رضا خوشيءَ سان ڏيڻ لڳا ۽ هڪ لک چوڏهن هزار مسلمانن مُحَمَّد ﷺ جن سان گڏجي آخري حج جو فرض ادا ڪيو(144).

جڏهن حرقل اعظم (هيراڪليَس)، فارس جي جنگ تان هڪ فاتح جي حيثيت ۾ واپس ٿيو ته ايميسا جي شهر ۾ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي هڪ سفير سندس خاطر تواضع ڪئي، چاڪاڻ ته هن بين شهنشاهن ۽ قومن کي ۾ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني هئي. هن موقعي تي عربن مذهبي جوش مان اهو سمجهي ورتو هو ته روم جي عيسائي شهنشاهه ڪُجهي نموني اسلام قبول ڪيو هو: يونانين وري هڪ سڪٽي ۽ مڪر واري دعويٰ ڪئي آهي ته هنن ذاتي طور مديني جي شهنشاهه سان وڃي ملاقات ڪئي هئي، جنهن کانئس هڪ وڏو علائقو فقط ان ڪري حاصل ڪيو هو ته جيئن يونانين کي شام جي صوبي مان خيريت ۽ سلامتيءَ سان نڪرڻ جو محفوظ رستو ڏنو وڃي(145). پر حرقل اعظم ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي دوستي مختصر وقت لاءِ هئي، اسلام ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ عربن جي فتح جو جذبو گهٽ ٿيڻ جي بجاءِ اڃا وڌي ويو هو ۽ هڪ سفير جي قتل ٿيڻ جي واقعي کين فلسطين جي علائقي تي، جيڪو اُردن جي اوپر ۾ هو، حملو ڪرڻ جو هڪ شاندار موقعو مهيا ڪري ڏنو هو

جتي ٽن هزار فوجين سان نيٺ حملو ڪيو ويو. مسلمانن جي طرف کان جهندو زيد جي هٿ ۾ ڏنو ويو هو، اسلام جي روح جي نظر ۾ ضبط جو ڪمال اهو آهي جو خاندااني سردار ۽ پنهنجي پنهنجي قبيلي جي مڪيہ ۽ وڏن ماڻهن ہ پيغمبرؐ جي هڪ غلام هيٺ خدمت ڪرڻ ۽ سندس حڪمن مڃڻ ۾ عيب يا ناراضگي محسوس نہ ڪئي. سندس شهادت کان پوءِ جعفر ۽ عبدالله کي هڪ ٻئي پٺيان نامزد ڪيو ويو تہ اُهي ڪمان سنڀالينداِ ۽ جهندو هٿ ۾ ڪٽندا ۽ جيڪڏهن ٽيئي ڇٽا جنگ ۾ مارجي وڃن تہ فوجن کي خودمختياري سؤنپي وئي هئي تہ هو هڪ ٻئي جي صلاح مشوري سان پنهنجو جنرل پاڻ چونڊِن. نامزد ڪيل ٽيئي اڳواڻ مؤتيٰ جي جنگ ۾ مارجي ويا، هي پهريون موقعو هو جو مسلمان فوجين جو هڪ ڏارئي دشمن سان جنگي مقابلو هو. زيد، دشمن جي صفن ۾ اڳتي وڌي ويو هو ۽ هڪ بهادر جيان پنهنجو سِر ڏنائين، جعفر ہ جوڏن جيان شهيد ٿيو ۽ شهادت کي يادگار بنائي ڇڏيائين، پهريون سندس ساڄو هٿ ڪٽجي ويو تہ جهندي کي پنهنجي کاٻي هٿ ۾ کنيائين، کاٻو هٿ ہ سندس جسم کان جدا ٿي ويو تہ ٻنهي وَڍيل هٿن جي ڏُڏن سان جهندي کي جهليائين جيستائين سندس جسم زمين سان ملي هڪ ٿي ويو جو کيس پنجاهہ ڪاري زخم لڳي چڪا هيا. 'اڳتي وڌو منهنجا ساٿيو'، عبدالله رڙيون ڪندي چيو جنهن هاڻي شهيد جعفر جي جڳهہ تي جهندو کنيو هو، 'اعتماد ۽ پروسي سان اڳتي وڌو، فتح يا بهشت ٻئي اسان جا آهن'. هڪ رومي فوجي جي نيزي سندس فيصلو ڪري ڇڏيو، پر هيٺ ڪرندڙ جهندي کي خالد بچائي ورتو جنهن مڪي ۾ اسلام قبول ڪيو هو ۽ ٻَوَن تراران ہ سندس هٿ کي ڪو نقصان نہ پهچايو هو اُتلو تراروِن پڄي پيون هيون؛ سندس بهادريءَ سبب عيسائين جا بيشمار فوجي پٺتي هٽڻ تي مجبور ٿي ويا. رات جو مسلمان فوجين جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ خالد بن وليد کي سپهہ سالار چونڊيو ويو، ٻي ڏينهن تي سندس جنگي تجربي ۽ بهاديريءَ سبب مسلمانن کي سوپ حاصل ٿي يا شڪست، اهو نٽو چئي سگهجي، باقي خالد بن وليد پنهنجن مسلمانن توڙي سندس دشمنن ۾ 'الله جي ترار' (سيف الله) جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. مسجد جي ممبر تي ويهي حضرت مُحَمَّد ﷺ جن عظيم شهيدن جي قربانين جو ذڪر پيغمبري شان سان ڪيو پر ذاتي طور تي انساني فطرت جا احساس ان وقت ظاهر ٿيا جڏهن پاڻ زيد جي ڏيءُ تي رُنا. 'آءٌ چا پيو ڏسان؟' سندن هڪ عقيدتمند تعجب مان کانئن پڇيو، 'تون ڏسين ٿو'، پيغمبرؐ جواب ڏنو 'تہ هڪ دوست پنهنجي هڪ وفادار دوست جي موت تي غم جو اظهار ڪري ٿو'. مڪي جي فتح کان پوءِ، مسلمانن عربستان جي حڪمران حرقل جي جنگي تيارين کي روڪڻ جو عزم ڪيو ۽ رومين خلاف جنگ جو پڪو پختو اعلان ڪري ڇڏيائون، پر اعلان ڪرڻ کان اڳ هن مهم جي خطرن ۽ تڪليفن کي لکائڻ جي ڪوشش نہ ڪيائون(147). مسلمانن ۾ بد دلي پيدا ٿي پيئي، هنن الزام لڳايو تہ وٽن پئسا، گهوڙا ۽ کاڌو خوراڪ گهربل ضرورتن کان گهٽ گهٽ هيو، ٻيو تہ لابارن جو موسم ۽ اونهاري جي سخت گرمي هئي. 'دوزخ اجا وڌيڪ گرم آهي'، ناراض پيغمبرؐ کين چيو. کين ان ڳالهہ تي بچان لڳي ۽ فرمايائون تہ کنهن کي ہ جنگ لاءِ مجبور نہ ڪيو وڃي، پر جنگ کان واپسيءَ تي پيغمبر ﷺ هنن نِڪمن ۽ اعتراض ڪندڙن کي نہ رڳو سخت لفظن ۾ تنبيهہ ڪئي پر کين پنجاهہ ڏينهن لاءِ سزا ڏئي ملڪ بدر ڪري ڇڏيو. سندن عارضي علحدگيءَ حضرت ابوبڪرؓ ۽ حضرت عثمانؓ ۽ ٻين ڪيترن ئي وفادار ساٿين جي مان ۽ مرتبي کي ويتر وڌائي ڇڏيو جن پنهنجون حياتيون توڙي مال دولت اسلام جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو، ۽ مُحَمَّد ﷺ جن سان ڏهہ

هزار گهوڙي سوار ۽ ويهه هزار پيادل فوجي گڏ هيا ۽ جهنڊو سندن هٿ ۾ هيو. سفر بيحد اٽانگو ۽ تڪليفن وارو هو، ٿڪ ۽ اُڃ کي سخت گرمي اڃا وڌائي ڇڏيو هو، ٻيو ته بيمار ڪندڙ برپٽ جي هوائن مسلمانن کي ويتر پريشان ڪري ڇڏيو هو، هڪڙي اُٺ تي واري واري سان ڏهه ڇٽا تي سوار ٿيا ۽ پاڻي جي بہ سخت اٽاٽ هئي. مديني ۽ دمشق جي وچ ۾ ڏهن ڏينهن جو مفاصلو هو، اُهي تبوڪ جي پاڻي جي چشمي ۽ وٽن جي جهڳٽي وٽ ڪجهه دير ترسيا ۽ ٿڪ پٽيائون. هن جڳهه کان مُحَمَّد ﷺ جن اڳتي وڃڻ ۽ جنگ کي اينگهائڻ کان منع ڪئي ۽ پاڻ مخالفن جي امن جي ارادن کي ڏسي مطمئن ٿيا، بهادر خالد بن وليد جو نالو مخالفن لاءِ خوف ۽ ڏهڪاوَ جي علامت بڻجي هر طرف پکڙجي ويو ۽ پيغمبرؐ ڳاڙهي سمنڊ جي ويجهو فرات کان ائلا تائين ماڻهن کان بيعت وصول ڪئي جن اسلام قبول ڪيو هو. پنهنجي رعيت جي عيسائين کي پيغمبرؐ سندن ذات جي تحفظ جي ضمانت ڏني، کين واپار وهنوار جي آزادي ڏني، سندن مال ملڪيت جي سلامتيءَ جو يقين ڏياريو ۽ کين پنهنجي طريقي سان عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني(148). سندن عرب پائرن جي ڪمزورين، پيغمبرؐ جي پيغام جي مخالفت ڪرڻ کان کين روڪي ڇڏيو هو، حضرت عيسيٰؑ جا پوئلڳ، يهودين جي دشمنن جا دوست هيا، ۽ عظيم فاتح جي دلچسپي ان ڳالهه ۾ هئي ته ٻيا ماڻهو ان عقيدي اڳيان پنهنجي آڻ مڃين جيڪو هن ڏرتي جي گولي تي سڀني کان وڌيڪ طاقتور مذهب هيو.

ٽيهڻ سالن جي عمر تائين حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جيتري طاقت حاصل ڪئي هئي ته کين دنياوي توڙي روحاني تڪليفون ۽ ڪوفتون بہ اوتريون ئي وڌيون مليون هيون، اها ڳالهه ته کين مرڪهيءَ جا دؤرا پوندا هيا، يونانين طرفان اهو متن سراسر هڪ بهتان هو(149). کين پڪو يقين هو ته خيبر ۾ هڪ يهودي عورت بدلي ونڻ لاءِ کين زهر ڏنو هو(150). ڇهن سالن جي دؤران پيغمبرؐ جي صحت ڪِرندي رهي ۽ ضعيفي ۾ اضافو ٿيندو رهيو، پر سندن موتمار بيماريءَ ۾ حقيقت ۾ کين چوڏهَن ڏينهن جو بخار هيو، جنهن وقفي وقفي سان ۽ ڪڏهن ڪڏهن سندن دليلن جي صلاحيت ختم ڪري ڇڏي هئي. جيئن هو سجاڳ ٿيندا هيا ۽ پنهنجي خطري واري حالت کان باخبر ٿيندا هيا ته پنهنجي اُمت جي ماڻهن کي اخلاق ۽ پڇتاءُ جي ترغيب ڏيندا هيا. 'جيڪڏهن ڪٽي بہ ڪو اهڙو ماڻهو هجي'، ممبر تي ويهي پيغمبرؐ ماڻهن کي چيو 'جنهن کي مون کو چهبڪ هنيو هجي يا رنجايو هجي، ته آءٌ پنهنجي پُٺي حاضر ڪريان ٿو ته اُهو ماڻهو پلي مون کي بہ چهبڪ وهائي ڪيي'. ڇا مون کنهن مسلمان جي شهرت تي ڪو داغ لڳايو آهي؟ پلي اُهو شخص ماڻهن جي وڏي ميڙ ۾ مون کي منهنجون غلطيون ٻڌائي؛ ڇا اسان کنهن ماڻهوءَ کي مال ملڪيت کان ڪڏهن محروم ڪيو آهي؟ جيڪو ڪجهه مون وٽ آهي، ته اُميد ته اُهو سندس قرض لاهڻ لاءِ ڪافي هوندو. 'هائو'، ماڻهن جي ميڙ سان هڪ آواز آيو، 'آءٌ چانديءَ جي ٽن درهمن جو حقدار آهيان.' مُحَمَّد ﷺ جن شڪايت کي ٻڌو، سندس خواهش جو پورائو ڪيو، ۽ پنهنجي قرضدار جون مهربانيون مڃيائون ته قيامت جي ڏينهن بجاءِ هن دنيا ۾ ئي هُن متن الزام هنيو هو. موت کي پنهنجي ويجهو ڏسندي پاڻ مطمئن ۽ ثابت قدم رهيا ۽ پنهنجن غلامن کي بہ آزاد ڪيائون. پنهنجي ڪفن دفن جي باري ۾ واضح هدايتون ڏنائون، ۽ پنهنجن دوستن ۽ عقيدتمندن جيڪي زار زار روئي رهيا هيا، ۽ جن کي امن ۽ رحمت جون دعائون ڏيندي کين آڇت ۽ تسليون ڏنائون. وصال کان ٿي ڏينهن اڳ تائين هو باقاعدگيءَ سان باجماعت نماز ادا ڪندا رهيا، حضرت ابوبڪر صديقؓ

جيڪي سندن پراڻا ساٿي ۽ اعتماد وارا هيا اُنهن کي پنهنجي جڳهه تي نماز ۾ امامت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائون ۽ خلافت جي لاءِ به سندس ئي نالو تجويز ڪيائون پر حضرت ابوبڪرؓ دواندیشي ڪندي اهڙين وڏين ذميدارين قبول ڪرڻ کان معذرت ڪئي. جڏهن پاڻ ڪافي ضعيف ۽ ڪمزور ٿي ويا تہ پاڻ پين ۽ مَس جي گهُر ڪيائون تہ هو ڪجهه لکڻ چاهيندا يا ٻين لفظن ۾ هڪ مقدس ڪتاب جي تحرير لکرائيندا، جيڪو شايد وحي ذريعي متن نازل ٿيل سڀني خدائي حڪمن ۽ پيغامن جو مڪمل نچوڙ هجي ها، تہ هڪ اختلاف پيدا ٿي پيو تہ چا اهڙي وقت ۾ ڪين اها اجازت ڏئي سگهجي ٿي تہ قرآن جي هوندي ٻيو ڪجهه اسان جي حوالي ڪن، جيڪڏهن سندن پاڪ گهر وارين ۽ سندن ساٿين جي روايتن تي ويساهه ڪجي تہ حقيقت اها آهي تہ پاڻ پنهنجي ڪٽنب جي رشتن کان وٺي پنهنجي زندگي جي آخري گهڙين تائين پنهنجي پيغمبري عظمت ۽ شان شوڪت توڙي مذهب جي روح کي متانهون رکيائون، ۽ جبرائيلؑ جي اچڻ جو به فڪر ڪيائون جيڪو زمين تي آخري ڦيرو نازل ٿيو هو ۽ پيغمبرؐ توڙي زمين کي الوداع چوڻ آيو هو ۽ اعتماد سان اهو به ٻڌائي ويو هو تہ رب العزت جون پنهنجي پياري پيغمبرؐ تي نہ رڳو رحم ۽ ڪرم جون نوازشون هيون پر قادر مطلق جي خاص رحمتن جو متن پاڇو هو. ڳالهين ڪندي پاڻ پنهنجي لاءِ اهو به انڪشاف ڪيو هئائون تہ موت جي فرشتي کي سندن روح کي ضبط ڪرڻ جو تيستائين اختيار نہ هيو جيستائين هو پيغمبرؐ کان اڳواٽ اهڙي اجازت نہ وٺي. بهرحال اهڙي اجازت ڏني وئي ۽ پاڻ پنهنجن آخري پساهن طرف ماڻهن کي محسوس ٿيڻ لڳا، سندن متو بيبي عائشہؓ جي جهوليءَ ۾ پيل هيو جيڪا سڀني گهروارين کان ڪين وڌيڪ پياري هئي، ڪين سور جي تڪليف ٿي ۽ هو بيهوش ٿي ويا، ٻيهر هوش ۾ ايندي پنهنجون نظرون گهر جي ڇت ڏانهن ڦيرايون، ۽ نظرن کي ڪُپائيندي هيڪيل ۽ جهيڻي آواز ۾ آخري لفظ ادا ڪيائون: 'اي الله... منهنجي گناهن کي معاف ڪجانءِ... ها... لبيڪ، آءٌ... اچان ٿو... پنهنجي شهر جي اُنهن ساٿين سان متي گڏ هوندس... ۽ اهو چئي هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويا. مسلمانن جي لاءِ وڏي ۾ وڏي غمناڪ خبر سبب، شام ڏانهن ڪُوچ ڪندڙ جنگي مهم کي روڪيو ويو، فوج مديني جي گيٽن وٽ رڪجي وئي ۽ هر طرف کان ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد جمع ٿي ويو تہ پنهنجي پيغمبرؐ جو آخري ديدار ڪري سگهن. سڄو شهر ۽ خاص طرح اسلام جي پيغمبر جي گهر ۾ روج راڙو ۽ غم ۽ اندوهه جو عالم برپا ٿي ڇڪو هو يا وري ڪڏهن صفا خاموشي ڇانئجي ٿي ويئي، جنون هاڻي شايد واحد طريقو هو جنهن ذريعي ڪو اُميد جو ڪِرٽو ڪٽي نظر اچي ۽ ماڻهن کي اطمينان ميسر ٿئي. 'هو ڪيئن ٿو مري سگهي، جيڪو اسان جو شاهد، اسان کي شفاعت ڏيارينڊ ۽ الله وٽ اسان جي پارت ڪندڙ هو؟ خدا جو قسم هو مئو ناهي پر حضرت موسيٰؑ ۽ حضرت عيسيٰؑ وانگر زندهه آهي' هو هن وقت هڪ محويت جي عالم ۾ آهي ۽ تمام جلد پنهنجن وفادار ماڻهن ڏانهن واپس ايندو.' عقل ۽ دليل کي ماڻهو وساري وينا هيا، ۽ حضرت عمرؓ سخت غصي جي حالت ۾ ميارڻ مان پنهنجي ترار ڪيي ڦيرائي رهيو هو ۽ دڙڪو ڏيندي ماڻهن کي سختيءَ مان چيائين تہ هو هر ان ماڻهو جو سِرُ ڪپي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيندو جيڪو به ائين چوندو تہ اسان جو پيارو پيغمبر گذاري ويو آهي. حضرت عمرؓ جي غصي کي حضرت ابوبڪرؓ جي باوقار موجودگي ۽ ٺڏي نموني سمجهائڻ سان ڪجهه مانار ۾ آندو ويو. 'اهو مُحَمَّد ﷺ آهي يا ان جو الله آهي جنهن جي اسان عبادت ڪريون ٿا'. حضرت ابوبڪرؓ ڪين چيو. 'مُحَمَّد ﷺ جن جو خدا هميشہ زندهه آهي ۽ رهندو

مگر پيغمبرؑ ٻه ائين ئي فاني آهي جيئن اسان سڀئي آهيون. ۽ هن پنهنجي ئي پيشنگوئي موجب رب آڏو پنهنجي جان حاضر ڪئي آهي. ڪين انهيءَ جڳهه تي تربت ۾ لاٿو ويو جتي هن لاڏاڻو ڪيو هو(151). سڄو مدينو محمد ﷺ جن جي لاڏاڻي ۽ تدفين کان پوءِ مقدس شهر ٻڌجي ويو ۽ مڪي جا بيشمار حاجي صاحبان مديني پهچي پنهنجي عقيدت جو نذرانو(152) وجي پيش ڪندا آهن جتي پيغمبرؐ جو روضو سادگيءَ جو هڪ نمونو آهي(153).

حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي حياتي جي پڄاڻيءَ تي، مون ۾ شايد اها اُميد رکي وجي ته مان سندس خوبين ۽ خامين کي توري تکي پيش ڪريان، ته مان اهو فيصلو ڪريان ته سڄي انسانذات جي هڪ اعليٰ سيرت انسان لاءِ ڪهڙي لقب جي چونڊ ڪريان، جيڪو دنيا جو هڪ يگانو ۽ خاص الخاص انسان هو. جيڪڏهن آءٌ عبدالله جي پٽ کي چگيءَ طرح ڄاڻندو سڃاڻندو هجان ها ته پوءِ ته منهنجو ڪم ايڏا ۾ وڌيڪ مشڪل ٿي وجي ها ۽ ڪاميابيءَ جو ڪو يقين نه هجي ها، پر بارهن صدين جي وڏي مفاصلي گذرڻ کان پوءِ آءٌ فقط مذهبي خوشبوءِ جي ڪڪر جي هڪ ڏُنڊ مان ئي سندس پاڇو ڏسي سگهان ٿو ته ڇا آءٌ سندس هوبهو تصوير جي نقش چٽڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندس، تيزيءَ مان ٿهيل مشابهت ان شخصيت سان شايد مشڪل سان پيڇي اچي جيڪو حرا جي غار جو اڪيلو رهاڪو هو، جيڪو مڪي جو وڏي ۾ وڏو تبليغ ڪندڙ ۽ عربستان جو فاتح هيو. هُو دنيا جي وڏي ۾ وڏي انقلاب جو پايو وجهندڙ انتهائي متقي، پرهيزگار ۽ وڏي سوچ رکندڙ شخص هو، جيئن ئي شاديءَ کيس هر خواهش کان مٿي ڪري ڇڏيو هو، ته هن حرص يا لوپ لالچ کي بلڪل ڇڏي ڏنو هو، ۽ چاليهن سالن تائين هو هڪ معصوم جيان رهيو هو. الله جي وحدانيت هڪ اهڙو خيال آهي جيڪو انساني فطرت ۽ دليل سان ٺهڪندڙ آهي، ۽ يهودين ۽ عيسائين سان ٿوري گفتگو ٻه مڪي جي بتن کان ڪيس نفرت ڪرڻ سيکاري ڇڏي هئي. انسان توڙي هڪ شهريءَ جو اهو فرض آهي ته نجات جو ڪو فلسفو پيش ڪري ۽ پنهنجي ملڪ کي غلطين ۽ گناهن کان بچائي ڇڏي. ذهني قوت جيڪڏهن لڳاتار هڪڙي شيءِ تي خرچ ڪجي ته پوءِ هڪ عام فرض هڪ مخصوص سڏ ۾ بدلجي ويندو ۽ سمجهه يا شعور جي مشوري يا تصور کي جنت جو اُتساهه سمجهيو ويندو ۽ ڪنهن خيال جي اهميت ذهن جي خمار يا محويت واري ڪيفيت ۾ ختم ٿي ويندي ۽ ان وقت اسان کي اندروني روشني ڏسڻ ۾ ايندي ۽ اسان کي پنهنجي وجود ۾ پنهنجي پالڻهار ۽ خالق جي موجودگي محسوس ٿيندي جيڪو ڏسڻ ۾ نه اچڻ جي باوجود به اسان تي رحم جي نظر رکي ٿو. سقراط جي شيطان يا بدروح(155)، مان هڪ يادگار مثال ٿو ملي، هڪڙو ڏاهو ماڻهو پاڻ کي ڏوکو ڪيئن ٿو ڏئي يا هڪڙو سنو ماڻهو بين کي ڏوکو ڪيئن ٿو ڏئي، ۽ انساني ضمير، خود فريبي ۽ ڄاڻي واڻي ڪيل ڏوکي جي وچ تي مُنجهيل حالت ۾ ڪيئن نندون ٿو ڪري. سخا ۽ خيرات ڏيڻ منجهان محمد ﷺ جن جي اصل ارادن جي خبر پوي ٿي ته اُهي صاف ۽ نِڇ همدردي ۽ پائيچاري وارا هيا، ان جي باوجود ضدي ۽ هٺيلن ماڻهن اسلام جي پيغمبر جي مخالفت ڪئي. سندس دعوائن کي رد ڪيو ۽ ڪين تڪليفون پهچايون، عظيم پيغمبر پنهنجي ذاتي دشمنن کي ته معاف ڪري سگهي ٿو، پر هو جائز ۽ قانوني طرح الله جي دشمنن کان نفرت ڪري سگهي ٿو، محمد ﷺ جن جي دل ۾ پڻ الله جي دشمن خلاف بدلي وٺڻ جي باهه ٻرڪي پئي، پر هن حضرت يونسؑ وانگر(*) ڏڏو ساهه پريو ۽ اُنهن فسادين جي تباهي لاءِ سوچيو جن جي پاڻ مڃت ڪئي

هئائون. مڪي جي ناانصافين ۽ مديني جي انتخاب ڪرڻ سان هڪ شهري بادشاهه بڻجي ويو، ۽ هڪ مبلغ فوجن جواڳواڻ بڻجي ويو، ۽ هن پنهنجي ترار کي نبين وارو وقار بخشيو. ساڳيو خدا جيڪو گنهگارن کي وبا جي بيمارين ۽ زلزلن ذريعي سزا ڏئي ٿو سو هنن جي مذهب تبديل ڪرڻ يا سيکٽ ڏيڻ لاءِ سندن بهادريءَ کي آزمائي سگهي ٿو. سياسي حڪومت جي معاملن ۾ مذهبي جنون جي انتها پسندي کي گهٽائڻ لاءِ کين مجبور ڪيو ويو هو، ۽ پنهنجن ساٿين ۽ پوئلڳن جي جائز خواهشن کي به کنهن حد تائين هن پورو ڪيو هو ۽ کن موقعن تي انسانذات جي خرابين ۽ اوکٽن کي به سندن نجات ۽ چوٽڪاري لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. سندس مذهب کي قهلائڻ جي سلسلي ۾ ڏوکي، ڏڳي، ظلم ۽ ناانصافي جو سهارو کڌهن به نه ورتو ويو، پر محمد ﷺ جن اُنهن يهودين ۽ بت پرستن کي قتل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو هو جيڪي ڏوکو ڪندي جنگ جي ميدان مان پڄي ويا هيا. اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيندڙ نوجوان جوش جذبو ڏيکاريندا هيا، هو سچا، سڀاڻها ۽ سادڙا هوندا هيا ۽ پنهنجي سادگيءَ ۾ رهندا هيا(156). هڪ فيلسوف تجزيو ڪيو ته اُنهن جي سادگي يا پورڙائي ۾ ئي سندن ڪاميابيءَ جو راز لڪل هو. خدائي فريضي ادا ڪرڻ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪندا هيا ۽ سندن دلچسپين ۽ مذهب جو پاڻ ۾ اٽوٽ رشتو هو ۽ سندن ضمير ان نقطي تي مطمئن ٿيندو هو ته فقط پيغمبرؐ جي ذات ئي اهڙي هئي جنهن کي خدا تعاليٰ پنهنجين نعمتن ۽ رحمتن سان مالامال ڪري ڇڏيو هو. محمد مصطفيٰ ﷺ جن الله جي وحدانيت جي پرچار ڪرڻ ۽ ماڻهن کي ربيَ راهه تي هلائڻ جي پرپور ڪوشش ڪندا رهيا. حق ۽ سچ جي حمايت ۾، ڏوکي ۽ افساني گهڙڻ جي فنڪاريءَ جو رتيءَ ماتر به عمل دخل ڪونه هو. پاڻ نهايت ئي بردبار، شفيق، هر هڪ جا همدرد ۽ هڏ ڏوکي هيا، اهوئي سبب آهي جو محمد ﷺ جن جو فرمان هو ته قيدين کي وڪڻڻ وقت مائرن کي پنهنجن جگر گوشن کان هرگز ڌار نه ڪيو وڃي، اهو جذبو خود ڪنهن به تاريخدان کي لکڻ وقت ضرور متاثر ۽ متوجهه ڪندو(157).

حضرت محمد ﷺ شاهي دبدبي ۽ شان شوڪت کان نفرت ڪندو هو، هو پنهنجي گهر ۽ پنهنجي ڪٽنب جا ننڍا ۽ نوڪرن وارا ڪم ڪرڻ ۾ به عار محسوس نه ڪندو هو، هو باهه پاڻ ٻاريندو هو، فرش کي پاڻ ڌوئيندو ۽ صاف ڪندو هو، ردن کي ڌُهندو هو، ۽ پنهنجي بوٽن يا گهيتلن جي مرمت پنهنجن هٿن سان پاڻ ڪندو هو ۽ پنهنجن ڪپڙن کي ٽوپو به پاڻ ڏيندو هو. هو ويراڳين واري نظريي، جنهن ۾ گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻ لاءِ هو پاڻ کي سزا ڏيندا آهن، جي سخت خلاف هو، هو بغير ڪنهن ڏيکاوَ جي عربن يا سپاهين وارو سادگيءَ جو ڪاڌو ڪائيندو هو، ڪن خاص خوشي يا تقدس وارن موقعن تي هو پنهنجن ساٿين کي دعوت ڏيندو هو جتي هو گهٽو ڪجهه پچائيندا هيا ۽ پنهنجن گهٽگهرن سان گڏجي ويهي ماني کائيندو هو، پر گهريلو زندگي ۾ ڪيترا هفتا گذري ويندا هيا جو پيغمبرؐ جي گهر ۾ چُلهه نه برندي هئي. سندس ئي مثال مان شراب واپرائڻ جي منع نامي جي خبر پوي ٿي، بک لڳڻ تي جوَن جي بچيل ماني کائي گذارو ڪندو هو، کين کير ۽ ماکي جي غذا ڏاڍي وٽندي هئي، پر سندن عام ڪاڌو ڪارڪون ڪائڻ مٽان پائي پي ڇڏڻ هوندو هو، خوشبوءِ کين بيحد پسند هئي ۽ پاڻ پنهنجي گهر وارين (امهات المؤمنين) جو به تمام گهٽو خيال رکندا هيا ۽ اُنهن سان ويجهائي واري رغبت جو به لحاظ رکندا هيا. محمد ﷺ پاڻ اقرار ڪيو هو ته اهڙين معصوم خوشين سان سندس روحاني جذبا ۽ فطري قوتون وڌي ويندين هيون. هن خطي ۾ موسم جي گرمي عربن جي رت ۾ باهه ٻرڪائي ٿي ڇڏي ۽

سندن جنسي خواهش جي طبعي لاڙن جي تصديق قديمي ليکڪن پڻ ڪئي آهي(159). عربن جي نفس پرستي کي قرآن جي شهري ۽ مذهبي قانون سان لاڳو ۽ ان جو پابند بنايو ويو آهي؛ اڳين عربن ۾ ويجهن مائٽن سان زنا جو متن الزام رهندو هو؛ بيشمار شادين ڪرڻ جي رواج کي چئن جائز زالن ۽ سُريتن تائين محدود ڪيو ويو، سندن بستري توڙي ڏاج جي حقن کي انصاف سان طئي ڪيو ويو هو، طلاق ونڻ جي آزادي کي لغام ڏنو ويو هو، زنا جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ان کي وڏن ڏوهن جي لسٽ ۾ شامل ڪيو ويو هو، اڻ پرٽيل مردن ۽ عورتن جي جنسي ميلاپ جي ڏوهه جي سزا سؤ ڦٽڪا هوندي هئي(160). اسلام جي وڏي قانونساز جا اهي فرمان ۽ اصول تعريف لائق هيا، پر امهات المؤمنين جي وڏيڪ تعداد سبب سندن دشمنن متن الزام تراشي ڪئي آهي مگر کين اهو سوچڻ گهرجي ته بيبي عائشهؓ کانسواءِ ٻيون بيبيون جتي جنسي خواهش جو جذبو گهٽ پر کين پاڇي ۾ پناهه ڏيڻ جو خيال کين وڏيڪ هيو. هر عمل جو جائزو پنهنجي معاشرتي پس منظر ۾ ونڻ ضروري هوندو آهي. محمد ﷺ جا عقيدتمند ساٿن ڪهڙي به نسبت قائم ڪرڻ ۾ پنهنجي خوش نصيبي سمجهندا هيا ۽ هن سلسلي ۾ ڪنهن قبيلي جي دل شڪني ڪرڻ به نامناسب ۽ سياسي طرح سان هاڃيڪار هوندي هئي، ۽ جيڪڏهن اسان حضرت سليمانؑ جي ست سؤ سالن ۽ ٽي سؤ سُريتين جي مثال کي سامهون آڻيون ته پوءِ عربن جي اعتدال پسندي کي داد ڏيڻو پوندو جن سترهن کان پندرهن زالن تائين حدبندي ڪئي، مديني ۾ اسلام جي پيغمبرؐ جي زالن جو تعداد يارهن هيو جن کي پنهنجا جدا جدا گهر هيا ۽ سيني سان پيغمبرؐ جو واري واري سان ازدواجي رشتو رهندو هو. خاص ڳالهه اها هئي ته سڀ بيوه هيون سواءِ ببيي عائشه جي جيڪا حضرت ابوبڪر صديقؓ جي نياڻي هئي. فقط اُها ڪنواري هئي ۽ محمد ﷺ اُن سان فقط نوَن سالن جي عمر ۾ شادي ڪئي هئي. (اهو عربستان جي گرم آبهوا جو ڪرشمو هو جو وقت کان اڳ بلوغت اچي وئي هئي) سندس جواني، سندس حسن ۽ ببيي عائشهؓ جي اوتري سني سيرت کيس متانهون مقام عطا ڪري ڇڏيو هو ان ڪري هوءَ پيغمبرؐ کي سڀني کان وڏيڪ پياري هئي ۽ جنهن ۾ سندس وڏيڪ اعتماد هوندو هو، ۽ سندس لاڏاڻي کان پوءِ حضرت ابوبڪرؓ جي نياڻي کي مسلمان احترام مان ماءُ يا امان ڪري پڪارينداهيا. ڪجهه منافقن سندن ڪردار ڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ رات جي هڪ مسافريءَ ۾ هوءَ حادثاتي طور اڪيلي پنتي رهجي ويئي هئي ۽ بي صبح جو ببيي عائشه پنهنجي گهر واپس آئي. محمد ﷺ جن کي ناراضگي ٿي، پر هڪدم وحي نازل ٿيو جنهن کيس ٻڌايو ته هوءَ معصوم هئي، متس الزام مڙهيندڙن کي نِنديو ويو، اسلام ۾ زنا جي ڏوهه جي سخت سزا آهي، زنا جي الزام کي ثابت ڪرڻ لاءِ شاهدين جي معيار کي به سخت ٻڌايو ويو آهي يعني زنا جي ثابتي لاءِ چئن مردن جي شاهديءَ کي لازم ڪيو ويو آهي*(161).

ببيي خديجه سان سندن زياده انسيت جي ڪري هڪ ٻيو موضوع جنم ونڻي سگهي ٿو. سندن چوويهن سالن جي شاديءَ ۾ ببيي صاحبه جي نوجوان مڙس ڪڏهن به گهٽين شادين ڪرڻ جو نه سوچيو، ۽ ان پاڪباز عورت جي فخر ۽ نازڪپڻي کي، ماڻهن جي ذاتي زندگي توڙي سماج ۾ عزت ۽ احترام

---

* (نوٽ هتي منافقن، مُشرقن ۽ مغرب وارن طرفان هُلايل ڪجهه اهڙين ڳالهين جو ذڪر ڪيو ويو آهي جيڪي نه رڳو بهتانن تي مبني آهن پر نازيبا ۽ نامناسب به آهن تنهنڪري اُنهن کي هتي جڳهه نه ڏني وئي آهي، البت پڙهندڙ حضرات، جيڪڏهن چاهِن ته ڪِبن جي انگريزي ڪتاب جو مطالعو ڪري سگهن ٿا. سنڌيڪار)

سان ڏنو ويندو هو. سندس موت کان پوءِ پيغمبرؐ جئن عظيم عورتن جي صف ۾ سندس نالو شامل ڪري ڇڏيو، يعني حضرت موسيٰؑ جي ٻيڻ، حضرت عيسيٰؑ جي ماءُ ۽ بيبي فاطمہ جيڪا سندس ڏيئرن مان سڀني کان وڏيڪ کين پياري ۽ باوقار هئي. 'ڇا هوءَ پوڙهي نہ هئي؟' بيبي عائشہ کين پنهنجي حسن جي غرور جي آسري تي ڪاڻڻ پچيو. 'ڇا توکي الله ان جي جڳهہ تي وڏيڪ بهتر ساڻي عطا نہ ڪري ڇڏيو آهي؟' 'نہ، خدا جو قسم، نہ'، محمد ﷺ جن پنهنجي پوري ايمانداري ۽ احسانمندي جي جذبي مان وراڻيو، 'هن کان بهتر ساڻي مون کي ٻيو نڪو ملي سگهي، هن جو مون ۾ پورو اعتماد هو، جڏهن ماڻهو مون کان پري هوندا هيا، هوءَ منهنجون گهُرجون تڏهن پوريون ڪندي هئي، جڏهن مان مسڪين هيس ۽ سڄي دنيا مون کي اذيتون پهچائيندي هئي. تہ هوءَ(165) مون کي سهارو ڏيندي هئي'.(165)

پيغمبرؐ جيڪو اسلام جو باني ۽ مسلمانن جي شهنشاهت جو پايو وجهندڙ هو طرفان گهڻين شادين ڪرڻ جو سبب شايد اهو ٻہ ٽي سگهي ٿو تہ پنهنجي نسل جي ماڻهن جي انگ کي وڌائجي. بيبي عائشہ ڪنواري هئي باقي ٻيون بيبيون سڀ بيوهہ هيون پر اولاد کين ڪونہ ٿيو. بيبي خديجہ کي چار پٽ ڄاوا پر اُهي سيئي ننڍيلا ئي مري ويا. مصر جي ماريہ کين پياري هئي ڇاڪاڻ تہ ان هڪ پٽ کي جنم ڏنو هو جنهن جو نالو ابراهيم هو. پندرهن مهينن کان پوءِ پيغمبرؐ سندس قبر تي وڃي رنو پر ساڳئي وقت دشمن جي ننڍولين کي صبر ۽ ارادي جي مضبوطيءَ سان برداشت ڪيائين جن مشهور ڪيو هو تہ پيغمبرؐ جي پٽ جي مرڻ جي ڏک ۾ سڄ گرهڻ ٿيو هو يا سڄ پنهنجو مُنهن لڪايو هو. بيبي خديجہ مان کين چار ڏيئرون پيدا ٿيون پر وڏيون ٽيئي پنهنجي پيءُ جي سامهون فوت ٿيون ۽ سڀني کان ننڍي بيبي فاطمہ، جيڪا کين بيحد پياري هئي ۽ جنهن تي سندن پورو پروسو هو، سندن سؤٽ حضرت عليؓ جي نڪاح ۾ داخل ٿي وئي، ۽ جنهن عظيم انسانن کي جنم ڏنو. حضرت عليؓ جون صلاحيتون توڙي هن جي خاندان جون بدقسمتيون مسلمان خليفن جي هڪ سلسلي لاءِ مون کي شايد هڪ لقب ڏيڻ لاءِ آماده ڪري جيڪو سندن حڪمرانن کي رسول الله جي خليفي يا جانشين جو ملندو آيو آهي(166).

حضرت علي (ڪرم الله وجهه) جَمر، خانداني لاڳاپن ۽ سندس پنهنجي ڪردار جي لحاظ کان ملڪ جي سڀني ماڻهن کان متاهون هو ۽ ان ڪري جيڪا جڳهہ، پيغمبرؐ جي لاڏاڻي سبب خالي ٿي هئي، ان جي لاءِ هو شايد موزون ترين شخص هو. ابوطالب جو پٽ، هونئن ئي بنوهاشم قبيلي جو سرپرست هو ۽ مڪي شهر توڙي ڪعبة الله جو موروثي شهزادو ۽ محافظ هو. پيغمبرؐ جي لاڏاڻي کان پوءِ، رسالت جي شمع تہ وسامي چڪي هئي پر بيبي فاطمہ جي مڙس کي وراثت مان وڏي اعزاز جي اُميد هئي؛ ڪجهہ وقت لاءِ عرب جڙ هڪ عورت جي حڪمراني هيٺ خاموش هيا، ۽ پيغمبرؐ جي ٻن ڏوهٽن کي عربن ڪڏهن محمد ﷺ جن جي جهولي ۾ پيار ڪندي ڏٺو هو تہ ڪڏهن کين ممبر تي ساڻن گڏ ڏٺو هو ۽ جن جي لاءِ پيغمبرؐ فرمايو هو تہ سندن ٻئي ڏوهٽا قيامت جي ڏينهن جنت جي نوجوانن جا سردار هوندا. ڪجهہ پهرين مسلمانن شايد اها خواهش ڏيکاري هوندي تہ ٻنهي جهانن ۾ سندن رهبريءَ هجي، پر تہ کي وڏيڪ سنجيده ۽ معتبر شخص موجود هيا پر ڪوبہ مسلمان حضرت عليؓ جي وصفن ۽ اعليٰ ڪردار کان اڳتي نہ وڌي سگهيو آهي. هو شاعر هئڻ سان گڏ هڪ مجاهد سپاهي تہ ساڳئي وقت هو هڪ ولي بہ هيو. اخلاقيات ۽ مذهب بابت سندس قولن ۾ ڏاهپ جرڪندي نظر اچي ٿي(167)، ۽

مخالفن کي اها جرئت نہ ٿيندي هئي تہ تقرير جي فن توڙي تراز بازي ۾ هو ساڻس ڪنهن مقابلي جي همت ساري سگهن. اسلام جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جي پهرين ساعتن کان وٺي سندن ڪفن دفن ٿيڻ جي گهڙين تائين، پيغمبرؐ کان هو هڪ لمحي لاءِ ب پري نہ ٿيو ۽ جنهن جي لاءِ ﷺ جن ڪيس پنهنجو پاڻ، ۽ پنهنجو وزير بنايو هو ۽ هن جو رشتو ساڻن اهڙو ئي هيو جهڙو حضرت هارونؑ جو حضرت موسيٰؑ سان هو. ابوطالب جي پٽ کي پوءِ مِهٽا مليا تہ هو پنهنجي حقن ۾ ناڪام رهيو، جنهن ۾ جيڪڏهن هو ڪامياب ٿئي ها تہ ساڻس مقابلي ڪرڻ وار ڪوب نہ هجي ها. پر هن عظيم سپوت مسلمانن جي شهنشاهت جي پلائيءَ لاءِ پنهنجي پاڻ تي اعتماد ڪيو ۽ شايد ماڻهن جي مخالفت جي خوف کان ﷺ جن پڻ اهڙي تجويز کي اڳتي نہ وڌايو ۽ وري سندن بيماريءَ جي بستري تي بيبي عائشہؓ جو اٿر وڌيڪ هيو.

پيغمبرؐ جي لاڏاڻي کان پوءِ خاموشي ڇانئجي وئي ۽ ماڻهن ۾ ڪجهہ ڇڙواڳيءَ جو ماحول پيدا ٿي ويو، تنهن ڪري ماڻهن جو هڪ وڏو اجلاس سڏرايو ويو تہ سندن جانشين بابت ڪو فيصلو ڪيو وڃي. حضرت عليؓ جي موروثي جانشيني جي دعويٰ مڪي جي معززن ۽ بزرگن کي قبول نہ هئي جيڪي هڪ آزاد چونڊن ذريعي جانشين مقرر ڪرڻ پيا چاهن، قريش، بنوهاشم ڳهراٿي جي موروثي معتبري ۽ سندن عزت پرئي مقام کي وڌيڪ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ هيا، قبيلن جون قديمي دشمنيون ۽ ڪدورتون ٻيهر ڪَرَ موڙي اٿيون، مڪي جي مهاجرن ۽ مديني جي مقامي ماڻهن پنهنجون پنهنجون دعوائون ظاهر ڪيون، ۽ جيڪڏهن هڪ ئي وقت تي ٻن خليفن جي تجويز کي مجيو يا منظور ڪيو وڃي ها تہ مسلمانن جو مذهب توڙي سندن شهنشاهت پنهنجي شروعاتي دور ۾ ئي پنهنجو موت مري وڃي ها. پر اهو اختلاف ۽ هنگامو حضرت عمرؓ جي مداخلت سبب نبري ويو جنهن جانشينيءَ تان پنهنجي دستبرداريءَ جو اعلان ڪيو ۽ حضرت ابوبڪرؓ کي خليفو تسليم ڪندي سڀني مسلمانن کان اڳ ان جي بيعت ڪيائين. هن موقعي تي جلد بازي ڪرڻ ۽ ماڻهن جي وِڇڙي مرضيءَ سان خلافت جي منصب سنيالڻ تي مخالفت، ۽ فتني جو امڪان هو پر وري ب حضرت عمرؓ ممبر تي ٻيهي اعلان ڪيو تہ جيڪو ب مسلمان هاڻي وڙڻن يا چونڊن جي ڳالهہ ڪندو تہ چونڊيندڙ ٻئي موت جا مستحق ٿيندا(168). بيعت جي سادگي واري تقريب کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديقؓ کي مديني، مڪي ۽ عربستان جي ٻين صوبن ۾ پڻ جائز خليفو تسليم ڪيو ويو، فقط بنوهاشم قبيلي طرفان بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪيو ويو ۽ اُنهن جي مڪيہ يعني حضرت عليؓ ڇهن مهينن کان ب ڪجهہ وڌيڪ عرصي تائين بيعت نہ ڪئي ۽ پنهنجي وجود کي آزاد ۽ علحدو رکيو. بيبي فاطمہ جي انتقال سبب سندس ڏُر ڪمزور ٿي پئي، تنهن ڪري حضرت عليؓ ب حضرت ابوبڪرؓ جي بيعت قبول ڪري ورتي ۽ سندس اها تجويز قبول ڪري ورتائين تہ سندن دشمنن جو ڪين گڏجي مقابلو ڪرڻو ۽ ساڻن جنگ جوٽڻي هئي، پر خليفي جي ان نمائڻي آڇ سان شيرِ خدا يڪيراءِ نہ ٿيو تہ هو خلافت کي چڏي ڏئي.* فقط ٻن سالن جي خلافت کان پوءِ حضرت ابوبڪرؓ انتقال ڪري ويو. خليفي پنهنجي وصيت ۾، جيڪا هن پنهنجن ٻين ساڻين جي مشوري سان لکرائي هئي، هن پنهنجو جانشين حضرت عمرؓ کي بنايو جيڪو هڪ بهادر ۽ اعليٰ

---

* (هتي شايد اشارو اهو هوندو تہ حضرت ابوبڪر صديقؓ حضرت علي (ڪرم الله وجهه) جن کي آڇ ڪئي هوندي تہ هو سندس حق ۾ خلافت چڏڻ لاءِ تيار هو، پر اها آڇ شايد قبول نہ ڪئي وئي هجي. سنڌيڪار)

صلاحيتن جو مالڪ هو. 'منهنجي لاءِ هي وقت ايڏي وڏي منصب لاءِ مناسب ناهي'. حضرت عمرؓ چيو. 'پر منصب جي تقاضا کي تنهنجي گهُرج آهي'. حضرت ابوبڪرؓ کيس وراڻيو، ان کان پوءِ سندس روح پرواز ڪري ويو پر اڳ ۾ خليفي دعا گهري هئي ته الله تعاليٰ سندس طرفان خليفي جي انتخاب ڪرڻ جي فيصلي کي قبول ڪندو ۽ مسلمانن کي هدايت ڏيندو ته هو ساڻس تعاون ۽ سندس فرمانبرداري ڪن. هيءَ دعا بيسود نه هئي ڇاڪاڻ ته حضرت عليؓ خود، نماز جي هڪ ذاتي موقعي تي، خلافت جي لاءِ سندس مقابلي ڪرڻ واري جي مٿاهين لياقت ۽ صلاحيتن جو رڳو ڪليل اعتراف ڪيو هو پر محبت وارن لفظن ۾ پنهنجي طرفان سندس لاءِ اعتماد ۽ احترام جو يقين ڏياريو هو. سندس حڪومت جي ٻارهين سال ۾ حضرت عمرؓ تي هڪ قاتل حملو ڪري کيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو، هن پنهنجي پٺ توڙي حضرت عليؓ جي نالن کي سندس جانشيني لاءِ نامنظور ڪيو ۽ پنهنجي ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ هن ڇهن پارسا ۽ معزز ماڻهن جي هڪ شُوريٰ نامزد ڪئي ته اُهي گڏجي سندس جانشين جو اهڙو فيصلو ڪن جيڪو سيني مسلمانن لاءِ قبول ڪرڻ جهڙو هجي. هن موقعي تي دوستن ۽ ساڻين طرفان حضرت عليؓ تي بيهر الزام هنيو ويو(169) ته هن پنهنجي جائز حق کي ٻين ماڻهن جي فيصلي جي سپرد ڇو ڪيو هو ۽ ٻيو ته هن پنهنجو نالو اُنهن ڇهن ۾ ڇو شامل نه ڪرايو هو، وغيره. هو پنهنجو نالو وڌڻ کان ضرور منظور ڪرائي وڃي ها، جيڪڏهن انڪساري کان ڪم وٺندي نه رڳو قرآن ۽ سُنت جي قانون سان ڪو سمجهوتو ڪري ها پر سندس قدم پهريَن ٻن خليفن جي عزم ۽ ڪارنامن جي به انحرافي هجي ها جيڪي وڏيڪ محترم ۽ تجربيڪار هيا(170). اهڙي صورتحال ۾ حضرت عثمانؓ جيڪو مُحَمَّد ﷺ جن جو خاص نائب هو، کي خليفو چونڊيو ويو، ۽ ٽيئن خليفي جي حڪمراني ۽ پيغمبرؐ جي لاڏاڻي کان چوويهه سال پوءِ، حضرت عليؓ کي ماڻهن جي اتفاق راءِ سان چوٿون خليفو چونڊيو ويو. عربن جي رهٽي ڪهٽيءَ ۾ قديم سادگي نظر اينديءَ هئي ۽ ابوطالب جي پُٽ کي دنيا جي ظاهري نٺ نانگر ۽ وڏائيءَ کان بنهه بچان لڳندي هئي. نماز جي وقت هو مديني جي مسجد ۾ ويو، جسم تي ڪيس سنها ڪپڙا پاتل هيا، متي تي پٽڪو ٻڌل، هڪڙي هٿ ۾ بوٽ ۽ ٻي هٿ ۾ لٺ يا لَڪڻ جي بجاءِ تير ڪمان کنيل هو. پيغمبرؐ جي ساڻين ۽ مختلف قبيلن جي سربراهن کيس سلامي پيش ڪئي ۽ پنهنجو پنهنجو ساڃو هٿ ساڻس ملائيندا سندس بيعت ڪندا ويا.

مختلف نظرين يا خواهشن جي ڇٽاپيٽيءَ ۾ جيڪي شرارتون جنم وٺن ٿيون، اُهي اُنهن وقتن ۽ ملڪن سان تعلق رکن ٿيون جتان اُهي شروع ٿين ٿيون. پر حضرت عليؓ جي سلسلي ۾، سندس دوستن توڙي دشمن جون مذهبي همدرديون يا نااتفاقيون هجري سال جي هر دور ۾ رهيون آهن ۽ اُهي ساڳيا جذبا يا جنون فارسين ۽ ترڪن جي لازوال نفرت جي روپ ۾ ايجا تائين موجود آهن. پهرين ڏر جيڪا شيعن جي فرقي سان مشهور آهي. جنهن اسلام ۾ هڪ نئون نقطو داخل ڪرائي ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن مُحَمَّد ﷺ الله جو رسول آهي ته عليؓ الله جو ولي ۽ وصي آهي. پنهنجين ذاتي محفلن ۽ مجلسن ۾ يا وڏن جلسن جلوسن ۾ هو پهريَن ٽن خليفن خلاف بُرا ۽ گُٽا لفظ ڳالهائيندا آهن ۽ کين غاصب چوندا آهن ۽ سندن چوڻ موجب حضرت عليؓ کي خلافت ۽ امامت جي جائز حق کان محروم ڪيو ويو هو، ۽ وٽن خاص طرح سان حضرت عمرؓ جو نالو هنن جي لاءِ بُڇان جي علامت آهي(172). ٻي طرف سُني فرقو(*) آهي جن کي اڪثريت جي حمايت حاصل آهي ۽ جن کي بنيادي مسلمان چيو وڃي

ٿي، سندن خيال ۽ نظريا غير جانبدار يا گهٽ ۾ گهٽ وڌيڪ مهذب ۽ شائستا آهن. اُهي حضرت ابوبڪر، حضرت عمر، حضرت عثمان ۽ حضرت علي ؓ جي عزت ڪن ٿا ۽ احترام مان سندن نالو وٺن ٿا ۽ چئني خليفن کي هو پاڪ ۽ پيغمبر ؐ جو جائز جانشين مڃين ٿا. پر اُهي بيبي فاطمہ جي مڙس کي آخري درجو ڏين ٿا ڇو ته سندن عقيدو اهو آهي ته خلافت جو سلسلو شخصيتن جي مرتبي ۽ تقدس جي درجن مطابق رکيو ويو هو(173). هڪ تاريخدان جيڪو چئني خليفن جو، بغير ڪنهن تعصب يا وهمن وسوسن جي تجزيو ڪندو ته اطمينان سان اهو اعلان ڪندو ته سيني جا طور طريقا اعليٰ درجي جا هيا، ماڻهن سان سندن ورتاءُ مثالي هو، سندن جوش جذبا سرگرم ۽ خلوص وارا هيا، ۽ دولت ۽ طاقت جي هوندي ب سندن زندگي فقط اخلاقي ۽ مذهبي خدمتن لاءِ وقف ٿي وئي هئي. پر حضرت ابوبڪر صديق ؓ ۽ حضرت عمر فاروق ؓ جو عوامي ڪردار، پهرين خليفي جي درانديشي ۽ ٻي جي سخت انتظام سبب بيحد ڪامياب هو ۽ ان ڪري سڃي عربستان ۾ سندن دور امن ۽ خوشحاليءَ جو دؤر هو. البت حضرت عثمان ؓ جي ڪمزور طبيعت، وڏندڙ عمر ۽ ڪرندڙ صحت سبب مسلمانن جي شهنشاهت جو دائرو وسيع نہ ٿي سگهيو ۽ نہ وري ڪي نمايان سوڀون سندس حڪومت جي حصي ۾ آيون. جڏهن ب هن ڪنهن کي چونديو ته ان ئي ڪيس ڏوڪو ڏنو، هن جنهن تي ب اعتماد ڪيو ته اُهو ئي فريبي نڪتو، ۽ جيڪي اهليت رکندڙ مسلمان هيا اُهي سندس حڪومت ۾ بيڪار ٿي سندس مخالف بڻجي ويا ۽ سندس حد کان وڌيڪ سخا جو جيڪڏهن کو نتيجو نڪتو ته اُهو فقط احسان فراموشي ۽ بدظني جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. غير يقيني، ۽ قومي قوت جو ماحول صوبن تائين ڦهلجي ويو، تنهن ڪري سندس نائب مديني ۾ گڏ ٿيا، ۽ خارجي جيڪي وڪوڙي ۽ نراس ٿيل جنوني هيا، ۽ جن حڪم مڃڻ ۽ دليلن کي ٻڌڻ ڇڏي ڏنو هو پر اُهي آزاد ڇايل عربن جي آزاد رَوين کان پريشان هيا ۽ عربن وري ساڻن ٿيل ظلمن ۽ زيادتين جو نہ رکو ازالو ٿي چاهيو پر جن ب ماڻهن کين تکليفون پهچايون يا اذيتون ڏنيون هيون، اُنهن کي سزا ب ڏيڻ ٿي چاهي. ڪوفي کان، بصري کان توڙي مصر يا صحرا جي هر قبيلي مان اُهي هٿيار ڪٽي اٽيا ۽ مديني کان ٽورڙي مفاصلي تي گڏ ٿيا ۽ خليفي جي لاءِ بيحد سخت ۽ ڏکيا شرط رکيائون: هُو يا ته ماڻهن کي انصاف ڏئي يا وري پنهنجي مسند ڇڏي ڏئي'. خليفي طرفان پڇتاءُ جي اظهار ڪرڻ تي فسادين نرمي ڏيکاري ۽ اُهي پنڌتي هٽڻ لڳا پر دشمنن جي چالبازين وري سازشون سڃيڻ ۽ باهه کي ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ سندس ئي هڪ دوکي باز ملازم سندس شهرت کي سخت نقصان پهچايو ته جيئن جلد ئي سندس خلافت جو خاتمو اچي وڃي. خليفي پنهنجو اڪيلو محافظ ب پنهنجي هٿان پاڻ وڃائي ڇڏيو هو ۽ اُهو مسلمانن طرفان مٿس اعتماد ۽ تعظيم وارو محافظ هو جيڪو هاڻي باقي نہ رهيو هو؛ ڇهن هفتن جي هن گهيري ۾ سندس کاڌو خوراڪ ۽ پاڻي ب بند ڪيو ويو هو ۽ سندس گهر جي ڪمزور دروازن تي بزدل باغي پهرو ڏئي رهيا هيا. جن ماڻهن سندس سادگي واري طبيعت جو ناجائز فائدو ورتو هو، اُهي ڪيس ڇڏي ويا هيا ۽ هاڻي هڪ بيوَس ۽ باوقار خليفو فقط پنهنجي موت جو انتظار ڪري رهيو هو؛ بيبي عائشہ جو ڀاءُ باغي قاتلن جو اڳواڻ هيو، ۽ حضرت عثمان ؓ تي جنهن جي جهوليءَ ۾ قرآن رکيل هو، ڪيئي وار ڪري ڪيس ڪاري زخم رسايا ويا. پنجن ڏينهن تائين هڪ افرا تفري ۽ فتني فساد جي ڇڪتاڻ جو ماحول رهيو جيڪو حضرت علي ؓ جي آمد سبب ڪجهہ بهتر ٿيو، جنهن خلافت جي واڳ وٺڻ قبول ڪئي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هو انڪار ڪري ها ته حالتون قتل عام جي نوبت

تائين پهچي وڃن ها. هاشمي قبيلي جي سرواڻ هڻڻ جي حيثيت ۾ هن پنهنجي خانداني فخر جي پٽيرائي ڪئي ۽ چيائين ته حڪومت جي مقابلي ۾ هو خدمت ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏئي ٿو، ڏارين ۽ دشمنن جي قياس آراين جي سختيءَ سان مذمت ڪيائين، ۽ چاهيائين ته پوري قوم جا ماڻهو سندس جائز خلافت جي دستوري منظوري ڏين، پوءِ پلي سندن مرضي ان ۾ شامل نه ٻه هجي. مٿس اهو الزام ڪڏهن ٻه نه لڳو هو ته هن حضرت عمرؓ جي قاتل کي سندس قتل ڪرڻ لاءِ همٿايو هو توڙي جو فارس وارا نادانيءَ مان هن عظيم شهيد جي ڏينهن تي خوشيون ملهائن تا. حضرت عثمانؓ ۽ سندس رعيت جي ماڻهن جي وچ ۾ برپا ٿيل فساد کي، حضرت عليؓ جي ڪوششن سان، ڪنهن حد تائين ختم ڪيو ويو هو؛ ۽ حضرت امام حسنؓ جيڪو حضرت عليؓ جي پُٽن ۾ سيني کان وڏو هو، کي خليفي جي حفاظت ڪندي نه رڳو زخمي پر بيعزتو پڻ ڪيو ويو هو. پر ان جي باوجود اهو چَوڻ ته حضرت عليؓ فتني ۽ فساد پرپا ڪندڙن جي مخالفت ڪرڻ ۾ سرگرم ۽ مخلص هو، ڪجهه مشڪوڪ ٿو لڳي. خلافت جي هن اُميدوار کي عربستان جي رڻ پٽن جي حاڪم ٿيڻ سان گهٽي دلچسپي نه هئي ڇاڪاڻ ته مسلمان اڳ ۾ ئي اوپر توڙي اولهه ۾ سوين حاصل ڪري چڪا هيا ۽ فارس، شام توڙي مصر جون مالدار بادشاهتون ڇڻ ته مسلمانن جي خليفي جي ميراث بڻجي چڪيون هيون.

عبادت ۽ پرهيزگاريءَ جي زندگي، حضرت عليؓ جي بهادري جي جذبن کي ٺڏو نه ڪري سگهي هئي، بالغ نظري جي عمر کي پهچڻ ۽ انسانن جي رهڻي کهڻي جي ڏکهي تجربي حاصل ڪرڻ جي باوجود به سندس طبيعت ۾ جواني واري تيزي ۽ بهادري موجود هئي. پنهنجي حڪمراني جي شروعاتي ڏينهن ۾ هن عربستان جي ٻن طاقتور قومي سرواڻن طلحا ۽ زبير کان بيعت حاصل ڪرڻ ۾ ڪجهه غفلت جو مظاهرو ڪيو هو. اُهي لِڪ ڇپ ۾ مديني کان ڪِسڪي مڪي هليا ويا ۽ اُتان وري بصري ڏي هليا ويا جتي اُنهن بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ۽ عراق يا اسيريا جي حڪومت تي قبضو ڪيائون جنهن کي هنن پنهنجين خدمتن جي انعام جو نالو ڏنو هو. حُب الوطني جو لباس شايد فقط اُهي ماڻهو پائن ٿا جيڪي پنهنجين ڪمزورين يا اندروني تضادن کي لڪائن ٿا ۽ دشمنن خاص طرح سان حضرت عثمانؓ جي قاتلن هاڻي سندس خون جي بدلي وٺڻ جي ڪُهُر ڪئي. اُنهن سان بيبي عائشهؓ به گڏ هئي جيڪا پيغمبر اسلام ﷺ جي بيوه هئي. سنجيدگي پسند مسلمانن کي اها ڳالهه مناسب نٿي لڳي ته اُها بيبي جنهن جو مرتبو اُمت جي ماءُ وارو هو، گهر کان ٻاهر نڪري ماڻهن جي سامهون اچي پر پوءِ موقعي پرست ماڻهن کي اهو يقين هو ته سندس موجودگي هنن لاءِ اُتساهيندڙ هوندي ۽ کين انصاف ملي سگهندو ۽ سندن ڪوششون ڪامياب ٿيندیون. ويهه هزار ماڻهن جي فوج ۽ ڪوفي جي نَوَن هزار مددگار جٽن جي اڳواڻي ڪندي خليفي بصري جي ديوارن اندر باغين ۽ دشمنن کي شڪست ڏني جيڪي تعداد ۾ تمام گهٽا هيا. لڙائي جي شروعات ۾ ئي طلحا ۽ زبير قتل ٿي ويا ۽ اهڙيءَ طرح مسلمانن هڪ ٻئي جي خون سان تاريخ جي صفحن کي داغدار ڪري ڇڏيو. فوجن جو حوصلو وڌائڻ خاطر بيبي عائشهؓ سندن صِفن منجهان گذري ۽ جنگ ۾ پنهنجي جڳهه جو انتخاب اهڙي جڳهه تي ڪيائين جيڪا خطرن کان خالي نه هئي. جنگ شروع ٿي چڪي هئي ۽ ستر ماڻهو، جن بيبي صاحبه جي ڏاڇيءَ جون واڳون سنياليون هيون، يا ته قتل ٿي ويا يا سخت زخمي ٿي پيا ۽ جنهن پالکيءَ ۾ هوءَ ويٺل هئي ان تي نيزن ۽ تيرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو ۽ اُهي تير پالکيءَ ۾ ڄاهي جي ڪنڊن

وانگر چُپيل هيا. احترام لائق بيبي عائشہؓ کي فاتح طرفان ميارون ٻڌيون پيون پر پوءِ کيس بنا دير جي پنهنجي گهر پهچايو ويو جيڪو پيغمبرؐ جي روضي جي پر ۾ هو ۽ حضرت عليؓ طرفان سندس پورو ادب ۽ احترام رکيو ويو جيڪو پيغمبرؐ جي بيوهه جي حيثيت ۾ سندس پورو حق هو. جنگ جمل ۾ فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ حضرت عليؓ جي فوج امير معاويہؓ جي مقابلي لاءِ اڳتي وڌي جيڪو وڌيڪ خطرناڪ دشمن ۽ ابوسفيان جو پٽ هو چاڪاڻ ته هن پنهنجي لاءِ خليفي جو لقب اختيار ڪري ڇڏيو هو ۽ کيس شام جي فوجن ۽ بنو اُميہ قبيلي جي حمايت حاصل هئي. سِفين(174) جو ميدان فرات ندي جي اولهندي ڪناري تائين پکڙيل آهي. هن ڪشادي ميدان تي هڪ سؤ ڏهن ڏينهن تائين اجائي ۽ بيسود جنگ لڙي وئي. لڳ ڀڳ نوي حملن يا ڪاهُن ۾ حضرت عليؓ جي طرف کان پنجويهه هزار ۽ حضرت معاويہؓ جي ڏر کان پنجيتاليهه هزار ماڻهو مري ويا جن ۾ پنجويهه اهڙا محترم اصحابي به شهيد ٿي ويا جن اسلام جي پيغمبر مُحَمَّد ﷺ جن جي جهنڊي هيٺ بدر جي جنگ ۾ پڻ حصو ورتو هو. هن خوني لڙائيءَ ۾ جائز طرح سان مسند ماڻيندڙ خليفي حضرت عليؓ پنهنجي بهادري توڙي ڪردار جو مثالي مظاهرو ڪيو. هن پنهنجي فوجين کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي ته تيستائين اڳتي نہ وڌن جيستائين دشمن طرفان اڳرائي نہ ڪئي وڃي، ۽ جيڪي ماڻهو ميدان ڇڏي پڇڙ جي ڪن ته اُنهن کي هرگز ماريو نہ وڃي ۽ جيڪي دشمن طرفان جنگ ۾ مارجي وڃن اُنهن جي بي حرمتي نہ ڪئي وڃي ۽ جيڪي عورتون قيدي ٻڌجي وڃن ته اُنهن جو به پورو احترام ڪيو وڃي. حضرت عليؓ گهٽن مسلمانن جي رت وهائڻ جي مخالفت ڪندي دشمن آڏو اها رٽ به پيش ڪئي ته عام جنگ جي بجاءِ هڪ هڪ ماڻهو آمهون سامهون ٽي مقابلو ڪري پر سندس دشمن جيڪو خوف ۾ ڏڪي رهيو هو ان اها رٽ فقط ان ڪري رد ڪري ڇڏي ته ان ۾ سندس يقيني موت نظر اچي رهيو هو. شامي فوجن ۾ ان وقت ترٽلو مچي ويو جڏهن حضرت عليؓ جيڪو پنهنجي ڇٽڪبري گهوڙي تي سوار ٿي به- ڌاري ترار ڪٽي دشمنن جي صفن کي چيريندو اڳتي وڌيو. جيئن ئي هن دشمن تي وار ٽي ڪيو ته 'اللہ اکبر' جو زوردار نعرو ٽي هنيون ۽ رات جي وقت جڏهن جنگ ٻيهر شروع ٿي ته ماڻهن چار سؤ پيرا ڪيس ساڳيو نعرو هٽندي ٻڌو. دمشق جي شهزادي اڳواڻ ئي ياڇ ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو، پر حضرت عليؓ جي يقيني فتح سندس هٿن مان تڏهن کسجي وئي جڏهن سندس ئي فوجن جوش جذبي مان سندس نافرماني ڪئي. ان جو سبب اهو هو جو امير معاويہ قرآن کي نيزن تي مٿي ڪنيو ته حضرت عليؓ جي فوج جا ماڻهو قرآن کي نيزن تي ڏسي ڏڃي ويا ۽ حضرت عليؓ کي مجبور ٿي جنگ کي ختم ڪرڻو ۽ هڪ بچان ڏيارينڊ صلح ڪرڻو پيو. هو ڪاوڙ ۽ ڏک ۾ ڪوفي ڏانهن واپس هليو ويو، سندس فوج جي دل ٽٽي پئي. نتيجو اهو نڪتو جو فارس، يمن ۽ مصر جا ڏورانهان صوبا سندس دشمن جي اثر هيٺ اچي ويا ۽ مذهبي جنون جي يلغار جنهن جو شروعاتي مقصد قوم جي ٽن سرواٽن ڏانهن هو، هاڻي فقط مُحَمَّد ﷺ جي سؤٽ ڏانهن ان جو رُخ موڙيو ويو جيڪو هن جي لاءِ ئي هاجيڪار ثابت ٿيو. ڪعبة اللہ ۾ خارجي گڏ ٿيا ۽ اُنهن اُتي اسلام ۽ ملڪ کي پيش آيل خطرن تي ويهي بحث ڪيو ۽ پاڻ ۾ متفق ٿي فيصلو ڪيائون ته حضرت عليؓ امير معاويہؓ ۽ سندس دوست عمرو بن عاص جيڪو مصر جو وائسراءِ هو، جو موت ئي اسلام جي مذهب کي انتشار کان بچائي ۽ امن جي فضا کي بحال ڪري سگهي ٿو. قاتلن پنهنجو پنهنجو شڪار پاڻ چونديو، خنجرن کي تکو ڪري اُنهن کي زهر جو پاڻي پياريو ويو،

پوري عزم سان ڪم ڪرڻ لڳا ۽ هر ڪو پنهنجي پنهنجي مقصد واري منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. سندن ارادا خطرناڪ هيا پر پهرئين قاتل غلط فهميءَ ۾ عمرو جي بچاءِ سندس نائب کي قتل ڪري ڇڏيو، ٻي قاتل دمشق جي شهزادي يعني امير معاويهؓ کي سخت زخمي ڪري ڇڏيو، ۽ جائز طرح مسند تي ويٺل خليفي کي ڪوفي جي مسجد ۾ ٽئين قاتل شهيد ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح حضرت عليؓ ٽيهٽ ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪيو ۽ پنهنجي اولاد کي رحم جي درخواست ڪيائين ته قاتل کي فقط هڪ ڏڪ سان ختم ڪن (يعني ڪيس عذات ڏئي نه ماريو وڃي). حضرت عليؓ جي مقبري(175) کي بنو اُميه قبيلي (176) جي ظالمن کان مخفي رکيو ويو هو پر هجري سن جي چوٽين دؤر ۾ ڪوفي جي ڪنڊرن(177) ۾ هڪ مقبرو، هڪ مسجد ۽ هڪ شهر تيار ٿي ويو. شيعا فرقي جا هزارين ماڻهو هن پاڪ جڳهه تي نهايت ئي عقيدت ۽ احترام سان الله جي ولي ۽ وصي جي حاضري ڀرڻ اچن ٿا ۽ هر سال سڄو رڻ پٽ هزارين ۽ لکين ايرانين سان پرجي روشن ٿي وڃي ٿو جيڪي محبت سان اُتي ائين ئي عقيدت جو نذرانو پيش ڪن ٿا جيئن مڪي ۾ حج جي موقعي تي حاجي سڄورا پنهنجي عقيدت، عبادت جي صورت ۾ پيش ڪن ٿا.

جن ماڻهن مُحَمَّد ﷺ جن کي اذيتون پهچايون هيون، ۽ جيڪي بُت پرستيءَ جا اڳواڻ هيا اُهي ئي اسلام ۽ ان جي سلطنت جا رکوالا بڻجي ويا. ابوسفيان طرفان اسلام جي مخالفت سخت زوردار ۽ هَٺ واري هئي، هو گهٽي وقت گذرڻ کان پوءِ بيدلي، موقعي پرستي ۽ ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ خاطر مسلمان ٿيو هو، ته جيئن پنهنجي پاڻ کي ۽ بنو اُميه جي خاندان کي تباهيءَ کان بچائي سگهي. معاويه جيڪو ابوسفيان ۽ سخت ظالم هِندا جو پٽ هو، کي اهو اعزاز حاصل هو ته هو پنهنجي نوجواني ۾ ئي پيغمبر ﷺ جو سيڪريٽري بڻجي ويو هو ۽ حضرت عمرؓ جي حڪم تي شام جي حڪومت جون واڳون سندس حوالي ڪيون ويون هيون، ۽ ملڪ جي هِن اهم صوبي ۾ هو ڪڏهن نائب جي حيثيت ۾ ته ڪڏهن بااختيار حڪمران جي صورت ۾ پورا چاليهه سال لاڳاپيل رهيو. پنهنجي بهادري جي نيڪ نامي ۽ روشن خياليءَ سان هن انسان ذات جي شهرت کي متاثر ڪيو، ساٺس گڏ ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو به سندس ئي احسان مند هيا، تنهن ڪري مسلمانن کي ڪافي سويون به حاصل ٿيون ۽ خاص طرح قبرص ۽ رهوڊس جي فتحن مان ڪين ڪافي مال غنيمت هٿ آيو. حضرت عثمانؓ جي قاتلن کي هٿ ڪرڻ ۽ ڪين سزا ڏيارڻ(*) سندس حڪومت جي خاص مقصدن منجهان هڪ هو. شهيد جي رت سان رنگيل قميص کي دمشق جي مسجد ۾ نمايان ڪري ڏيکاريو ويو هو جتي امير معاويهؓ پنهنجن اُنهن عزيزن تي افسوس ڪيو جيڪي خليفي جي شهادت جي موقعي تي زخمي ٿيا هيا ۽ هن موقعي تي شام جي ست هزار ماڻهن وفاداريءَ جو قسم کنيو ۽ ان عهد کي به ورجايائون ته هو حضرت عثمانؓ جي ناحق خون جو بدلو وٺندا. عمرو، جيڪو مصر جو فاتح هو، پهريون شخص هو جنهن پنهنجي نئين حاڪم جو سلام ڪيو ۽ هڪ خطرناڪ راز تان به پردو کنيائين ته ان ڳالهه جو گهٽو امڪان هو ته عربستان ۾ خلافت يا خلافتون پيغمبر ﷺ جي شهر جي بجاءِ ڪن ٻين شهرن ۾ قائم ڪيون وڃن(178). امير معاويهؓ جي پاليسي اها هوندي هئي ته ڪنهن نه ڪنهن طرح سان سندس مخالف جي بهادري ۽ جرئت کان بچيل رهجي، ۽ حضرت عليؓ جي شهادت کان پوءِ، هن سندس پٽ امام حسنؓ سان خلافت تان دستبرداريءَ جو معاهدو طئي ڪري ڇڏيو، جنهن جي دل ۽ دماغ دنياداريءَ جي معاملن کان

متي هوندا هيا. هن ڪوفي جي محل مان لڏڻ ۽ خلافت کي ڇڏڻ جو فيصلو بنا دير ڪري ڇڏيو جنهن ۾ ڪيس تڏي ساهه پرڻ جي به ضرورت پيش نه آئي ۽ محلات مان نڪري پنهنجي عظيم ڏاڏي ۽ پيغمبر اسلام جي روضي جي پر ۾ اچي رهيو. خليفي جي دلي خواهش تڏهن تڪميل کي پهتي جڏهن هن خلافت جي انتخاب جي نظام کي بدلائي ذاتي چوند جي بنياد تي موروثي بادشاهت قائم ڪري ڇڏي. هن موقعي تي ڪجهه اعتراض اُٿيا ۽ عربن جي مذهبي ماڻهن ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ مديني جي ڇڻ ماڻهن خليفي جي بيعت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو پر امير معاويهؓ اهڙن اعتراضن جي پرواهه ڪرڻ بنان پنهنجي پٽ يزيد کي جيڪو ڪمزور ۽ بيحد بدڪار شخص هو، خليفو ۽ پيغمبر جو جانشين مقرر ڪري ڇڏيو. يزيد پنهنجي بدڪرداريءَ سبب ڪنهن به طرح سان اميرالمومنين ٿيڻ جي لائق نه هيو.

حضرت عليؓ جي هڪ پٽ جي فياضي جو هڪ مشهور قصو هتي بيان ڪجي ٿو. ماني کائڻ وقت هڪ غلام سخت گرم پاڃيءَ جو شوربو غلطيءَ مان پنهنجي مالڪ مٿان هاري ڇڏيو. غلام شرمندگيءَ مان مالڪ جي پيرن تي ڪري پيو ته جيئن پنهنجي سزا کي معاف يا گهٽ ڪرائي سگهي ۽ قرآن مان هڪ آيت پڙهيائين: 'جنت اُنهن لاءِ آهي جيڪي پنهنجي ڪاوڙ کي ضابطي اندر يا تڏو رکن ٿا'. حضرت عليؓ جي پٽ هڪدم وراڻيو: 'مان ڪاوڙيل نه آهيان' ته غلام ٻيهر آيت پڙهي: '... ۽ بهشت اُنهن لاءِ به آهي جيڪي ٻي جي غلطين يا ڪوتاهين کي معاف ڪن ٿا'. 'آءٌ توکي معاف ڪريان ٿو'. '...' ۽ اُنهن لاءِ به آهي جيڪي برائيءَ جي بدلي ۾ چگهائي ڪن ٿا'، 'آءٌ توکي آزاد ڪريان ٿو ۽ ان سان گڏ چانديءَ جا چار سؤ ٽڪرا به توکي ڏيان ٿو'. ساڳي نيڪي ۽ خدا پرستيءَ جا واقعا امام حسينؓ سان به منسوب آهن جيڪو امام حسنؓ جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ جنهن پنهنجي پيءُ کان روحاني فيض حاصل ڪيو هو ۽ قسطنطنيه جي گهيري وقت عيسائين خلاف وڏي وقار ۽ احترام جو مظاهرو ڪيو هئائين. بنوهاشم خاندان جي چشم و چراغ ۽ پيغمبر ﷺ جي ڏوهٽي هئڻ سان گڏ امام حسينؓ پاڪ ڪردار جو مالڪ هو ۽ ڪيس آزادي هئي ته هو يزيد جي خلاف پنهنجي جائز دعويٰ جي حق جي حفاظت ڪري ڇاڪاڻ ته يزيد دمشق جو آمر هيو جنهن ۾ اڪيچار برايون هيون جنهن کي حضرت امام حسينؓ سخت ناپسند ڪندو هو ۽ جنهن جي خلافت کي هن هرگز تسليم نه ڪيو هو. امام حسينؓ ڏانهن هڪ لک چاليهن هزار ماڻهن جا نالا ڪوفي کان مديني موڪليا ويا هيا جن بابت ڪين ٻڌايو ويو هو ته اُهي سيئي سندس حمايت ڪندا ۽ جيئن ئي هو فرات جي ڪنارن تي پهچندو ته سيئي پنهنجن مٽاٽن مان تراروڻ ڪڍي حق جي حمايت ۾ وڙهندا: پنهنجن خير خواهن ۽ دوراندیش دوستن جي مشوري جي خلاف عمل ڪندي، هن پنهنجن ماڻهن ۽ خاندان جي فردن تي پاڙيو جن کي وري اُنهن ماڻهن جو آسرو هو جيڪي فريبي ۽ مڪار هيا. هڪ ڪمزور قافلي سان پنهنجي گهر جي بيبين ۽ ٻارن سان عربستان جي رڻ پٽن مان گذري جيئن ئي عراق جي سرحد تي پهتو ته پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪيائين ۽ ملڪ ۾ پڻ اوپرو ۽ ماحول پنهنجي مخالفت وارو ڏنائين؛ ان وقت ڪيس شڪ ٿيو ته ماڻهن شايد ساٿس ڏوڪو ڪيو هو جن سندس ڏر ڪي تباهه ڪرڻ ٿي چاهيو، سندس شڪ ۽ گمان صحيح نڪتا. ڪوفي جي گورنر عبيدالله فساد جي پهرين شعلن کي وسائي ڇڏيو هو ۽ حسينؓ ڪربلا جي ميدان تي پنج هزار گهوڙي سوار فوج سان هر طرف کان وکوڙجي چڪو هو ۽ شهر سان سندس رابطو ڪٽجي چڪو هو ۽ سندس پاڻي پڻ بند ڪيو ويو هو. هن وٽ اجا به گنجائش هئي ته هو پرپاسي واري بيابان ۾ قائم هڪ قلعي ۾ وڃي پناهه وٺي ها جنهن

اڳ قيصر ۽ ڪسريٰ(*) جهڙن بادشاهن جي طاقت کي به للڪاريو هو ۽ طائي قبيلي جي يقيني وفاداري به ڪيس ملي وڃي ها ۽ اُهي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجا ڏهه هزار ماڻهو سندس حفاظت جي سپرد ڪري ڇڏن ها. دشمن فوج جي سپهه سالار سان امام حسينؓ ڳالهايو ۽ ٽي معقول ۽ عزت وارا شرط هن جي آڏو رکيا: (1) ڪيس اجازت ڏني وڃي ته هو مديني ڏانهن واپس موٽي وڃي، (2) يا ڪيس ترڪن جي خلاف مقابلي ڪندڙ فوج ۾ شامل ڪيو وڃي، يا (3) ڪيس سلامتيءَ سان يزيد تائين نيئي ان سان ملڻ ڏنو وڃي. پر خليفي يا سندس جنرل جا حڪم تمام سخت هيا، ۽ امام حسينؓ کي صاف لفظن ۾ ٻڌايو ويو ته يا هو قيدي ۽ مجرم جي صورت ۾ پنهنجي پاڻ کي وقت جي خليفي جي حوالي ڪري يا وري فساد برپا ڪرڻ لاءِ نتيجن پوڳڻ لاءِ تيار رهي. امام حسينؓ فورن وراڻيو: 'ڇا اوهان مون کي موت ذريعي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪريو تا؟' پوءِ رات جي وقت جيڪا ٿوري وٽي ڪين ملي، ان ۾ هن فيصلو ڪري ورتو ته حق جي راهه ۾ هو ضرور وڙهندو. هن پنهنجي ٻيڙ جي درد جي دانهُن کي به روڪڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا پنهنجي گهر کي برباد ٿيندو ڏسي رهي هئي. 'اسان جو ويساهه فقط الله جي ذات ۾ آهي' امام حسين کيس تسلي ڏيندي چيو. 'هر شيءِ جيڪا ڏرتي تي موجود آهي ان کي فنا ٿي خالق ڏانهن موٽڻو آهي. منهنجو پاءُ، منهنجو بابا ۽ منهنجي ماءُ سڀيئي مون کان وڌيڪ بهتر انسان هيا ۽ اسان جو پيغمبر هر مسلمان لاءِ هڪ بهترين مثال آهي'. هن پنهنجن دوستن ۽ ساٿين تي زور پريو ته هر ڪو پنهنجي حفاظت جي سلسلي ۾ ضرور سوچي ۽ جيترو جلد ٿي سگهي ته هتان سِر بچائي هليو وڃي پر سندس سڀني ساٿين ڪيس ڇڏڻ يا پنهنجي مالڪ کان سواءِ زنده رهڻ کان انڪار ڪيو، ۽ سندن جرئت ۾ تڏهن تازگي آئي جڏهن امام عالي مقام سڀني لاءِ دعا گهري ۽ کين جنت جي بشارت ڏني. فيصلي واري ڏينهن جي صبح جو امام حسينؓ گهوڙي تي سوار ٿيو، هڪ هٿ ۾ ترار، ٻي ۾ قرآن ۽ سندس ساٿين جي قافلي ۾ فقط ٻٽيهه ڇٽا گهوڙن تي سوار هيا ۽ چاليهه پيادل هيا، پر پوئين پاسي توڙي پاسن کان خيمي جي رَسن جي ڪجهه حفاظت کين حاصل هئي ۽ هڪ ڪاهي به ڪوٽي هيائون جنهن ۾ ڪانيون پيل هيون ۽ اهو ئي ان زماني جي عربن ۾ حفاظت جو مروج طريقو هو. دشمن ڪجهه بيدليءَ سان اڳتي وڌيا ۽ سندن هڪ اڳواڻ پنهنجن ٽيهن ساٿين سميت موت جي خوف کان ميدان ڇڏي ڀڄي ويو. دوبدو جي مقابلي ۾ حسيني قافلي کي ڪافي سرسي هئي، پر دشمن جي بيشمار لشڪر پري کان تيرن ۽ نيزن جي برسات وسائڻ شروع ڪري ڇڏي، نتيجي ۾ حسيني لشڪر جا ماڻهو قتل ٿيندا ۽ هيٺ ڪرندا رهيا؛ نيٺ نماز ادا ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌرين طرفان وقفو ڪيو ويو پر جلدئي لڙائي تڏهن خودبخود ختم ٿي وئي جڏهن سندن اڳواڻ جا آخري بچيل ساٿي به جنگ ۾ مارجي ويا. ٽڪل،زخمي، اڪيلو ۽ ساٿو ساٿو امام حسينؓ پنهنجي خيمي جي ڌَر وٽ بينل هو. جيئن ئي هن پاٽيءَ جو هڪ ڏُڪ پريو ته هڪ تير سندس وات کي چيريندو ٻاهر هليو ويو، سندس پٽ ۽ پائٽيو، ٻئي خوبصورت نوجوان، امام جي ٻانهن ۾ ئي ماريا ويا. امام حسينؓ رت سان وهنتل پنهنجا ٻئي هٿ مٿي ڪنيا ۽ جيڪي شهيد ٿي ويا هيا اُنهن توڙي اُهي جيڪي اڃا زندهه هيا، لاءِ دعا گهري. افسردگي ۽ نراسائيءَ جي حالت ۾ سندس ٻيڙ اوچتو خيمي مان ٻاهر آئي ۽ ڪوفي جي جنرل کي قسم ڏنو ته هو امام حسينؓ کي سندس اکين جي اڳيان قتل نه ڪندو، امام جي اکين ۾ پاٽي تري آيو جيڪو سندس مقدس ڏاڙهي تائين وهي هليو، ۽ جيڪي سندس بهادر فوجي هيا اُهي به هيٺا ٿي ڪرندا رهيا ۽ شهيد ٿيندڙ سپوت به پاڻ کي اُنهن جي سپرد ڪري ڇڏيو.

ظالم شمر هڪ اهڙو نالو جنهن کان سڀ مسلمان نفرت کن ٿا، حسيني لشکر کي سندن بزدليءَ تي ٽوڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو ڏوهٽو، ٽيٽيهن نيزن ۽ ترارين جي لڳاتار ڏکن لڳڻ کان پوءِ شهيد ٿي ويو. سندن جسم کي بيدرديءَ سان گهلڻ ۽ کچلڻ بعد، هو سندن سر کي ڏڙ کان ڌار ڪري ڪوفي جي قلعي تي ڪٽي ويا ۽ وحشي عبيدالله سندن وات تي زور سان چهبُڪ هنيو. 'افسوس! هڪ بزرگ مسلمان کان رڙ نڪري وئي' 'سندس چَپن تي، مون الله جي پيغمبر جا چَپ ڏٺا آهن'. پلي ڪيترو به وقت گذري وڃي ۽ موسمون به تبديل ٿي وڃن، پر امام حسينؓ جي دردناڪ شهادت جو واقعو اُنهن دلين کي به گرمائيندو رهندو جيڪي ڪيتريون به سنگدل ۽ ڪٺور چو نه هجن. هر سال سندن شهادت جي ڏينهن تي هزارين ماڻهو سندن مقبري تي عقيدت مان گڏ ٿين ٿا ۽ خاص طرح ايران جا سندن شيدائي هر ڳالهه ترڪ ڪري ڏک غم الم سان گڏ اُنهن ظالمن لاءِ ڪاوڙ ۽ نفرت جو اظهار ڪن ٿا جن امام عالي مقام کي بي دردي سان شهيد ڪيو هو(180).

جڏهن حضرت عليؓ جي پيٺن ۽ ٻارن کي زنجيرن ۾ جڪڙي خليفي جي محلات اڳيان آندو ويو ته خليفي کي ڪن ماڻهن صلاح ڏني ته حسينؓ جي نسل کي ئي ختم ڪيو وڃي نه ته اُهي اڳتي هلي دشمنيون ڪندا ۽ انتقام وٺندا پر خليفي اُنهن ماڻهن جي مشوري کي وڌيڪ اهميت ڏني جن ڪيس رحم ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. تنهن ڪري خاندان جي بچيل بيبيُن ۽ ٻارڙن کي احترام سان مديني پهچايو ويو ته جيئن اُهي پنهنجن عزيزن سان گڏجي ڳوڙها ڳاڙي سگهن. شهادت جي عظمت خاندان وقار کان به اڳيري هلي وئي ۽ ٻارهن امام(181) يا پيشوا حضرت عليؓ، حضرت حسنؓ، حضرت حسينؓ ۽ نَوَ ٻيا آهن جيڪي امام حسينؓ جي پيڙهيءَ سان تعلق رکن ٿا. نه وٽن فوجون آهن، نه مال خزانا يا رعيت جا ماڻهو، پر تڏهن به ٻارهن ئي امام ماڻهن طرفان بيحد احترام ۽ عقيدت حاصل ڪندا رهن ٿا ته ساڳي وقت حڪمران خليفن طرفان حسد جا جذبا به سندن خلاف موجود رهن ٿا، مڪي ۽ مديني يا فرات جي نديءَ جي ڪنارن توڙي خراسان ۾ سندن مقبرن تي سندن فرقي جا ماڻهو اڃا تائين عقيدت مان زيارت لاءِ ايندا ويندا رهن ٿا. سندن نالن جي آڙ ۾ اڪثر ڪري ماڻهن کي جنگ يا فتني فساد ڪرڻ جو بهانو ملي ويندو هو پر هي بزرگ ولي دنيا جي ڪنڊ ڪانگر کان بنهه نفرت ڪندا هيا، الله جي مرضي توڙي ماڻهن جي ناانصافي اڳيان به پنهنجو سِرُ جُهڪايائون ۽ پنهنجون معصوم حياتيون مذهب جو پرچار ۽ خدمت ڪندي گذاريائون. ٻارهون يا آخري امام جيڪو امام مهدي جي نالي سان مشهور آهي ۽ جنهن کي رهبر به چوندا آهن، تقدس ۽ احترام ۾ اڳين کان به اڳتي وڌي ويو. بغداد جي ويجهو هن پاڻ کي هڪ غار ۾ لڪائي ڇڏيو، سندس موت جي جڳهه ۽ وقت جي اڃا تائين به ڪنهن کي ڪا خبر ڪانهي ۽ سندس پوئلڳن جو عقيدو آهي ته هو زندهه آهي ۽ قيامت جي ڏينهن کان ٽورڙو ئي اڳ ظاهر ٿيندو ۽ دجال جي ظلمن کان ماڻهن کي نجات ڏيارينڊو(182). بن يا ٽن صدين جي وقفي کان پوءِ حضرت عباس جو خاندان، جيڪو محمد ﷺ جن جو چاچو هو، وڏي ٽيٽيهه هزار ماڻهن جي انگ تائين پهچي ويو(183). حضرت عليؓ جي خاندان جي واڌ به تيزي سان ٿي، ۽ سندن هينئن طبقي جو ماڻهو به شهزادن کان مٿي ليکيو ويندو هو ۽ هن خاندان جا جيڪي نمايان ماڻهو هيا، اُنهن لاءِ ضروري هو ته سندن انساني تڪميل فرشتن کان به مٿيري هجڻ گهرجي. پر سندن پاڻ پلاڻ نه هيا، ٻيو ته مسلمانن جي شهنشاهت جو دائرو ايترو ته وسيع هيو جو ان کي ضابطي ۾ رکڻ ڏاڍو مشڪل هو، نتيجو اهو نڪتو ته جيڪو به بهادر يا چالاڪ هو ان کان ڪا وڏي دعويٰ ڪئي ۽ پنهنجو تعلق پاڪ خاندان يا پيغمبر ﷺ سان وڃي

ڳنڍيو: المحدث، اسپين ۽ آفريڪا ۾، مصر ۽ شام ۾ فاطمي خاندان(184)، يمن جا سلطان، ۽ فارس يا ايران جا دليل باز(185) اهي سيئي پنهنجا پنهنجا فضول ۽ مشڪوڪ لقب اختيار ڪري معتبر ۽ مانائتا سڏائڻ لڳا. سندن حڪومت جي دؤر ۾ جيڪڏهن ڪو ڪانڊن سندن جبر جي حقيقت پڇي ها ته اهو پڇندڙ لاءِ سخت خطرناڪ ثابت ٿئي ها. فاطمي خاندان جي هڪ اهڙي ئي مصنوعي لقب اختيار ڪندڙ ناداني جي سوال پڇڻ تي پنهنجي ترار ڪٽي ڪيي ۽ پڇندڙ کي سخت لفظن ۾ چيائين: 'هي' مُعز چيو، منهنجو حسب نسب آهي ۽ 'هي' ڪجهه سون جا ٽڪرا پنهنجن فوجين ڏانهن اُڇلائيندي چيائين: '... منهنجا مٿ مائٽ ۽ يار آهن'. بادشاهن، ڊاڪٽرن، اميرن، واپارين ۽ فقيرن جي مختلف روپن ۾ پيغمبر اسلام مُحَمَّد ﷺ توڙي حضرت علي رضي الله عنه جا جائز توڙي ڪوڙا خاندان دعويدار ايترا ته وڌي ويا جو ڪن پاڻ کي شيخ سڏرايو، ته بين وري شريف يا امير جا لقب پنهنجي پنهنجي لاءِ اختيار ڪيا. ترڪي جي عثمانيه سلطنت ۾ اُنهن کي سائي پٽڪي سان سجاڻي سگهبو آهي جيڪي خزاني مان ماهوار وظيفو ونندا آهن، ۽ سندن طور طريقن جو اندازو فقط اُنهن جي سرواڻ مان لڳائي سگهبو آهي ۽ توڙي جو اُهي انتهائي ذليل ۽ ڪريل ڪردار وارا هوندا آهن پر ظاهري طرح وڏي آڪڙ ڪندا آهن ۽ پنهنجو جبر ۽ شجرو به متاهون ٻڌائيندا آهن. خليفي امام حسن رضي الله عنه جي شجري سان لاڳاپيل ٽن سَون ماڻهن جو هڪ خاندان ايا تائين مڪي ۽ مديني جي مقدس شهرن ۾ محفوظ ٿيل آهي جيڪي صاف، سچا ۽ نج قسم جا انسان هيا ۽ جن جو ڪردار نه ته داغدار هو ۽ نه اُنهن تي ڪنهن کي ڪو شڪ پوندو هو، توڙي جو هاڻي ٻارهن صديون گذري ويون آهن تڏهن به اُهي پنهنجي سچائي ۽ صداقت کي قائم رکيون اچن ٿا ۽ ڪعبة الله جي نگراني ۽ اُنهن جي حوالي آهي ۽ اُهي ئي پنهنجي اصلوڪي ملڪ عربستان جا حاڪم آهن. اسلام جي پيغمبر مُحَمَّد ﷺ جن جي عالمي شهرت ۽ بي مثال خوبين جي ڪري هڪ خسيس قوم ۽ عظيم خاندان ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ قريشن جي قديمي ۽ نج رت، زمين جي هاڻوڪن حاڪمن تائين منتقل ٿي ڪين به معزز ۽ متاهون بنائي ڇڏيو آهي(186).

مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جون خوبيون ۽ لياقتون اسان جي طرفان داد ۽ تحسين لهڻ ٿيون پر جيڪي ڪاميابيون ڪيس نصيب ٿيون اُنهن پڻ سندس تعريف لاءِ اسان جو توجهه ڇڪرايو آهي. ڇا ماڻهن کي فقط ان ڳالهه تي اعتبار اچي ها ته هڪ مذهبي پرچارڪ جي فقط تقرير جي قابليت تي بيشمار ماڻهو پنهنجي پراڻي مذهب کي ڇڏي هڪ نئون جنبو ۽ نئون فلسفو اختيار ڪن ها؟ ڪليسا جي مذهبي ڪيرڪار ۾ پيغمبرن کان وٺي سماج سڌارڪن تائين ماڻهن کي مذهب طرف ساڳيءَ طرح هرڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. ڇا اها ڳالهه حيرت جوڳي آهي ته هڪ عام شهري ترار ۽ ڏنڊي جي زور تي پنهنجي اباڻي ملڪ کي پنهنجي طابع ڪري ۽ پنهنجين فوجين جي زور تي هڪ بادشاهت کي قائم ڪري ڇڏي؟ اوير جي ڪجهه موروثي بادشاهتن ۾ سوين غاصب، جن جو اصل نسل به هيناهون هو، اُٿي پيا، ڏکيون رندڪون يا رڪاوٽون اُڪري، سوين حاصل ڪري ۽ شهنشاهتون قائم ڪيائون. پر مُحَمَّد ﷺ کي تبليغ ڪرڻ ۽ دشمن سان جنگ جوڙڻ جون هدايتون مليون ۽ بن متضاد لياقتن جي ايکي هڪ طرف سندن اهليت کي وڌايو ته بي طرف کين شاندار ڪاميابيون نصيب ٿيون: همت ۽ بي ڪي قائل ڪرڻ جي قوت سان گڏ سندن عزم، مستقل مزاجي ۽ جوش جنبن لڳاتار اهڙو ته ڪم ڪيو جو هڪ اهڙي طاقت وجود ۾ اچي وئي جنهن جي آڏو سيئي رڪاوٽون پاڻهي پري ٿيندیون ۽ کين اڳتي وڌڻ جو رستو ڏيندیون ويون. سندن آواز عربن کي سوين ۽ آزاديءَ جي دعوت ڏني، ته ساڳي وقت فوج ڪشي ۽ مال غنيمت هٿ ڪرڻ

جي بہ ترغيب ڏني، جنهن ۾ سندن دلي جذبا ۽ احساس، هن دنيا توڙي اڳين دنيا جي لاءِ شامل هيا؛ جيڪي حد بندين يا پابنديون پاڻ لاڳو ڪيائون تہ اُنهن ذريعي پيغمبر تي ماڻهن جو اعتماد وڌيو ۽ فرمانبرداري جو جذبو اڳ، کان وڌيڪ پيدا ٿيو؛ ۽ سندس ڪاميابيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو اعتراض هيو تہ فقط هي تہ سندس مذهب ۾ الله پاڪ جي وحدانيت يعني فقط هڪ خدا جو فلسفو هو جنهن جي مڪمل پنيرائي دليل ۽ منطق ڪري رهيا هيا. اهو پرچار يا ڦهلاءُ نہ پر سندس مذهب جي دائمي بقا جي حقيقت آهي جيڪا اسان کي حيرت ۾ وجهي تي ڇڏي: يعني ساڳيو نج، صاف ۽ مڪمل اثر جيڪو هن مڪي ۽ مديني ۾ ماڻهن تي وڏو هو اُهو ٻارهن صدين ڪنڊ کان پوءِ بہ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي: پوءِ پلي قرآن جو پڙهندڙ هندستاني هجي، آفريڪا جو يا ترڪي جو هجي پر هر جڳهہ تي سبق ساڳيو آهي تہ الله هڪ آهي ۽ ان جي وحدانيت قائم آهي. جيڪڏهن عيسائي پيغمبر سينٽ پيٽر يا سينٽ پال ٻيهر وٺيڪن ۾ موٽي اچن تہ اُهي شايد خدا جي نالي بابت پڇا ڳاڇا ضرور اچي ڪندا جنهن جي عبادت ڪعبة الله جي شاندار ڊيڪ ۾ هڪ خاص ۽ انوکي انداز ۾ ڪئي وڃي ٿي، شايد آڪسفورڊ يا جينيوا ۾ ڪين گهٽ تعجب ٿيندو پر ان جي باوجود اُنهن تي لازم ٿيندو تہ ڪين ڪليسا جي تعليم يا سوالن جوابن جو ٻيهر مطالعو ڪرڻو پوندو تہ ساڳي وقت سندن پنهنجين تحريرن بابت جيڪي بين ليڪڪن جا تبصرا ڇپيا آهن اُنهن کي توڙي پنهنجي آقا يعني حضرت عيسيٰ ؑ جي چيل لفظن کي بہ ٻيهر جاچڻو پوندو. پر ترڪي ۾ سينٽ صوفيا جي گنبذ، جنهن جي شان شوڪت ۽ ايراضيءَ ۾ ڪافي واڌارو ٿيو آهي، جو ڊيڪ ساڳيو ئي اصل ۽ سادگي وارو آهي جهڙو مُحَمَّد ﷺ جي ان مسجد جو آهي جيڪا هن پنهنجن هٿن سان مديني ۾ تعمير ڪئي هئي. مسلمانن پنهنجي عقيدي ۽ مذهبي جذبن کي لڳاتار هڪ جهڙو رکيو آهي ۽ سندن عقيدو آسانيءَ سان سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ انسان جي ذهني سطح ۽ تصور مطابق آهي: آءٌ هڪڙي ۽ واحد الله کي مڃان ٿو ۽ مُحَمَّد ﷺ ان جو رسول آهي'. سؤلو، سادو ۽ اسلام کي قبول ڪرڻ جو اڻ بدلجندڙ عزم آهي. الله پاڪ جي فلسفياڻي تصور کي پڻ اسلام ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن بت پرستيءَ ذريعي خراب نہ ڪيو ويو آهي ۽ پيغمبر اسلام جو اعزاز اهو آهي تہ هن انساني قدرن يا اخلاقيات جي اصولن کي ڪڏهن بہ نہ اورانگهيو آهي ۽ سندس زندگي جي مقرر ٿيل ۽ مڃيل مثالن سندس پوئلڳن کي مذهب ۽ منطق جي حدن اندر پابند ڪري ڇڏيو آهي. حضرت علي ؓ جي شيداين سندس، ۽ سندس گهر واري ۽ سندس اولاد جي ياد کي مقدس ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن سلسلي ۾ فارس (ايران) جي ڪجهہ عالمن دعويٰ ڪئي آهي تہ امامن جي اندر نج ربي روح موجزن آهي يا خدا خود منجهن موجود آهي پر سُني فرقي پاران سندن وهمن وسوسن جي سخت مذمت ڪئي وئي آهي ۽ سندن عقيدي ٻين مسلمانن کي وقتائتو موقعو ڏنو آهي تہ هو کين بزرگن، ولين ۽ شهيدن جي عبادت ڪرڻ کان منع ۽ تنبيهہ ڪن. الله جي وصفن ۽ انسان جي آزادي بابت متاهين فلسفي يا منطق سان لاڳاپيل سوال مسلمانن توڙي عيسائين جي فلسفي جي اسڪولن ۾ اڪثر ڪري پڇيا ويندا آهن، پر مسلمانن جي سلسلي ۾ انهن جو تعلق ماڻهن جي جذبن يا احساسن سان هرگز نہ رهيو آهي ۽ اُنهن سوالن ڪڏهن بہ ملڪ جي امن امان کي خراب نہ ڪيو آهي. هن اهم فرق جو سبب شايد حڪومتي ۽ پادريت (مذهبيت) جي هڪ ٻئي کان علحدگي يا وري ٻنهي جو ميلاپ آهي. جيڪي خليفا يا پيغمبر جا جانشين هيا، اُنهن جي دلچسپي ۽ خواهش اها هئي تہ مذهب جي معاملن ۾ ڪنهن بہ نئين خيال يا رجحان کي اڳتي اچڻ نہ ڏنو وڃي تہ جيئن سرشتو ۽ نظم ۽ ضبط بحال رهي ڇاڪاڻ تہ مذهبي ماڻهن جي دنياوي توڙي روحاني مقصدن جي مسلمانن کي ڄاڻ نہ آهي ۽ قانون جا ڄاڻو پنهنجي ضمير جا خود رهبر هوندا

آهن. ائٽلانٽڪ سمنڊ کان وٺي گنگا ندي تائين قرآن کي نہ رڳو مذهب جو بنيادي ڪتاب تسليم ڪيو ٿو وڃي پر ان ۾ شهري، سماجي ۽ ڏوهن جي قانون بابت معاملا ۽ مسئلا سمجهايل آهن ۽ اُهي قانون جيڪي انسان ذات جي عملن ۽ سندس ملڪيت جي حقن جي باري ۾ قرآن ۾ وضاحت سان پيش ڪيل آهن اُنهن جي حفاظت ۾ رب العزت جي اڻ مٽ ۽ اعتماد واري مرضي پڻ شامل آهي. هن مذهبي اطاعت ۾ ڪجهه نقص پڻ موجود آهن، جيڪي ماڻهو گهٽ علم رکندڙ يا بلڪل جاهل آهن اُهي پنهنجن توڙي ملڪي نظرين يا تعصبن ۾ گمراهه ٿي وڃن ٿا ۽ عربستان جي بيابان جا ادارا ممڪن آهي ته اصفحان ۽ قسطنطنيه جي دولت ۽ سندن تعداد کان بلڪل مختلف ۽ اڻ نهڪندڙ هجن. اهڙن موقعن تي مسئلن جي مونجهاري وقت قاضي(*) گهٽي ادب مان انهن جي مٿي تي قرآن رکي ٿو (يا قرآن تي قسم کڻائي ٿو) ۽ وڏي مهارت وارو فيصلو ڪري ٿو جيڪو وقت جي انصاف جي تقاضا کي پورو ڪري ٿو ۽ سازگار ماحول ۾ ڏريون به راضي ٿي وڃن ٿيون.

عام ماڻهن جي خوشين تي سندس صحتمند اثر مُحَمَّد ﷺ جن جي ڪردار جو آخري ڪارنامو آهي. عيسائي توڙي يهودي پلي سندس سخت خلاف، متعصب يا سندس دشمن رهيا هجن، پر اهي ايترو ضرور مجيندا ته هُن دنيا وارن کي فائدي مند اصول ۽ فلسفو عطا ڪيو. سچ ۽ سندن ئي ڪتابن جي تقدس کي پنهنجي مذهب جو بنياد بڻايو ۽ ان ۾ مقدس ڪتابن جي عظيم هستين جي معجزن ۽ ڪردارن جو به ذڪر ڪيو. عربستان جي بُتن کي الله پاڪ جي تخت اڳيان ڇڄي پورا ڪيو ويو، انسانن جي خون وهائڻ جو ڪفارو نماز، روزن ۽ خير خيرات ذريعي ادا ڪيو ويو، عقيدي، سعادت مندي، ۽ ايندڙ وقت (قيامت کان پوءِ) جي انعامن اڪرامن ۽ سزائن جي تصوير اهڙيءَ طرح ڇڻي وئي جو اُها ڇڻ اڻ پڙهيل ماڻهن جي به مزاج ۽ مرضي مطابق هئي. مُحَمَّد ﷺ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن لاءِ اخلاقي ۽ سياسي نظام به رائج ڪيو ۽ هن مسلمانن اندر خير خيرات ڏيڻ ۽ هڪ ٻئي سان پائري ۽ دوستي جي ناتن رکڻ جي ترغيب ڏني، سماجي اخلاق ۽ ضابطن کي اڳتي وڌايو، پنهنجن اصولن ۽ سندن زندگي جي سونهري مثالن ذريعي دشمن کان بدلي ونڻ جي خواهش کي روڪيو، ۽ بيوهه عورتن ۽ يتيمن تي ظلم ۽ ناروا سلوڪ کي ختم ڪيو. جيڪي قومون ۽ قبيلا هڪ ٻئي جا دشمن هوندا هيا اُنهن کي ڪير ڪنڌ ڪري، پنهنجي مذهب ۾ آڻي ڪين هڪ ڪري ڇڏيائين، ۽ ماڻهن جي بهادريءَ جون وصفون، جيڪي اڳ سندن پنهنجن ئي جهيڙن جهڳڙن ۾ ضايع ٿيندڙ هيون، اُنهن کي باهرين دشمنن خلاف استعمال ڪرڻ تي راغب ڪيو ويو. جيڪڏهن اسلام جي مذهب ۾ ايتري قوت نہ هجي ها ته عربستان ۾ جيڪو مقامي طور آزاد ۽ باهرين دنيا لاءِ طاقتور ملڪ هو، سندن پنهنجن ئي موروثي بادشاهن جي حڪومت لڳاتار هلندي رهي ها. پر ان جي خودمختياري هڪ ٻئي پٺيان سوين ذريعي ختم ٿي وئي. نئين قوم جون وسنديون اوپر توڙي اولهه، ۽ هر طرف قائم ٿي ويون ۽ سندن رت به ٻين يعني سندن ئي قيدين يا مذهب ۾ نئون داخل ٿيندڙن سان ملي هڪ ٿي ويو. ٻين لفظن ۾ اُنهن جون پاڻ ۾ مٽيون مائٽيون ٿي ويون. ٽن خليفن جي حڪومت کان پوءِ حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ مديني کان دمشق ۽ دجلہ جي ڪنارن ڏانهن منتقل ٿي ويو؛ پاڪ شهرن جي حُرمت کي هڪ ناپاڪ جنگ ذريعي داغدار ڪيو ويو؛ هاڻي عربستان تي رعيت جي غير ماڻهن جي حڪومت قابض ٿي وئي ۽ رڻ پٽ جا بدوي، جيڪي حڪومت جي خواب مان اوچتو جاڳي پيا هيا، وري پنهنجن پراڻن طور طريقن تي واپس ٿي، عربستان ۾ آزادي ماڻي حڪومت ڪرڻ لڳا.

باب پنجاهون
(حاشين بابت وضاحتون)

(1) جيئن هِن توڙي ايندڙ باب ۾، آءٌ عربي علم ۽ زبان بابت گهڻو ڪجهہ ٻڌائيندس، مان مشرقي زبانن بابت پنهنجي مڪمل اڻڄاڻائيءَ کي يقينن تسليم ڪريان ٿو. ساڳي وقت آءٌ اُنهن شارحن جو احسانمند آهيان جن عربي کي لاطيني، فرانسيسي ۽ انگريزي زبانن جي سانچي ۾ منتقل ڪيو آهي، آءٌ ڪٽي ڪٽي، موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ سان سندن ڪاوشن، ترجمن ۽ تاريخن مان حوالا پيش ڪندو رهندس. (گِبن)

(2) عربستان جي جاگرافي جي ماهرن کي ٽن طبقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (1) يوناني ۽ لاطيني جن جي ڄاڻ کي اڳاسر چائيدس (ڊي- ماري- رُبرو، هڊسن ۾، (ٽام-I ۾ ننڈي جاگرافي) ڊايوڊورَس سِيڪيولَس (i,ii, 159-167. iii. 211-216) جنهن کي ويسلنگ ايڊٽ ڪيو). اسٽرابو xvi, 1112-1114، ارٽوسٽينز کان صفحا 1122-1132، آرٽيميدورس کان، ڊائنوسيَس تائين. (پيريجيسِس 927-969) پلني (فطري تاريخ vi. 32, v.12) ۽ بطليموس- بيانيہ انداز- هڊسن ۾، ٽام iii) 2 هي سيٻئي عربي زبان جا ليکڪ آهن جن هن موضوع کي حب الوطني يا عقيدت سان ڏٺو آهي: پوڪوڪ مان ٽڪرا- عربستان جي تاريخ، (صفحا 125-128) جيڪي شريف الاِدريسي جي جاگرافي منجهان آهن ۽ اُهي ٽڪرا اسان جي لاءِ اطمينان بخش نہ آهن جو تہ اُنهن کي گهڻو ننڍو ڪيو ويو آهي. (صفحا 27-24، 56-44، 108 وغيره ۽ 119 وغيره). جن کي مارڪو نائيٽس هڪ فضول عنوان نينوبيا جي جاگرافي، هيٺ چپرايو هو (پئرس 1619) پر لاطيني ۽ فرانسيسي مترجمن گريوز (هڊسن ۾، ٽام iii) ۽ گالنڈ (فلسطين جو سامونڊي سفر، صفحا 265-346) اسان جي آڏو ابوالفدا جي عربستان کي کولي ڇڏيو آهي، جيڪو هن خطي جو صحيح ۽ تفصيلي نقشو ڇڻي ٿو، جنهن کي هربيلاٽ جي مشرقي واقعن جي بيان سان اڃا بہ وڌيڪ مڪمل بنائي سگهجي ٿو (ص 120 پئشن) 3، يورپ جا سياح جن ۾ شا (صفحا 438-455) ۽ نيبُهر (بيان 1773- سامونڊي سفر، ٽام، 1776 i) اسان جو داد ۽ نمايان حيثيت لهڻ تا. بُشنگ (برينجر جي جاگرافي 510- 41، VIII) پنهنجو ڪم نهايت منصف مزاجي سان ڪيو آهي، هن سلسلي ۾ اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ ڊي- ائنول جا نقشا پڙهندڙ جي مطالعي لاءِ سندس اڳيان هجڻ گهرجن جنهن سان گڏ قديم جاگرافي جو هجڻ بہ ضروري آهي. (ii, 203-231)

(3) ابوالفدا (بيان- عربي ۾- ص- I، ڊي، ائنول- فرات ۽ دجلہ نديون- صفحا 20- 19) اها هيءَ جڳهہ هئي جيڪا صوبي جي واليءَ جو باغ يا سندس بهشت هو جتي زينوفن ۽ يونانين پهريون پيرو فرات ندي کي اُکريو هو.

(4) ريلنڊ کوکلي جاڻ ذريعي ثابت ڪيو آهي ته (1) اسان جو ڳاڙهو سمنڊ (عربي نار) ميئر روبرم (ڳاڙهي سمنڊ) کان وڌيڪ ڪجهه به ڪونهي جنهن کي وڏائي هندي سمنڊ سان ملايو ويو هو، (2) ته هڪ جهڙا لفظ (حبش جي ڪارن ماڻهن يا شيدين ڏانهن اشارو ڪن ٿا. (مضمون- 117-i -59)

(5) قاهره ۾ مڪي جي وچ ۾ ٽيهه ڏينهن يا منزلون آهن ۽ انهيءَ سفر ۾ پيئڻ جي پاڻيءَ جا پندرهن جڳهن تي انتظام آهن. ڏسو شا جا سفرناما جنهن ۾ هن حاجين جي مسافريءَ جي رستن جي جاڻ ڏني آهي. (ص- 477)

(6) عربستان جي خوشبوئن جا گهٽا ئي قسم آهن جيئن لوبان وغيره جن جو ذڪر پلني جي ٻارهين ڪتاب ۾ آيل آهي. اسان جو عظيم شاعر ملٽن (پئراڊائيز لاسٽ ۾ (ڪتاب- iv) اشارن اشارن ۾ پهريون خوشبوئن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو جيڪي سبين جي ساموندي ڪناري کان اُتر- اوپر جي هوائن ذريعي هُڪاءُ پيدا ڪنديون آهن:

'جهونو سمنڊ ان وقت خوشيءَ مان پيو مُرڪندو آهي جڏهن پري پنڌ کان خوشبوئن جا واس- سندس استقبال ڪندا آهن، (پلني- فطري تاريخ 42، xii)

(*) (معقوليت يا سنائي ڏنائين)

(7) چائيڊس يقين سان چوي ٿو ته جيڪي سون جا ٽڪرا لڌا ويا هيا اُنهن جي سائيز زيتون کان وڏي سوپاري جيتري هئي، لوهه ٻيٽي ۽ چاندي پنهنجي قيمت ۾ سون کان ڏهوڻي هئي. (ص- 60) اهڙا حقيقي يا تصوراتي خزانا هاڻي ختم ٿي ويا آهن ۽ هاڻي عربستان ۾ سون جي کاڻين جو تصور به ڪونهي. (نيبهُر- بيان- ص- 124)

(†) (سکيو ستابو عربستان)

(8) عربستان بابت پوڪوڪ جي لکيل تاريخ کي ڏسو ۽ ان جو غور سان مطالعو ڪريو. (آڪسان 1650، 4 کان اڳتي) متن ۽ ان جي طريقي جا ٽيهه صفحا گريگري، ابوالفرا جيَس جي ڪتاب 'بادشاهتن جي تاريخ' مان ورتا هيا، جن جو پوڪوڪ بعد ۾ ترجمو ڪيو (آڪسان 1663، 4 کان اڳتي)، ٽي سؤ انوَنجاهه حاشيا هڪ شاهڪار ۽ اصلي تحرير مان هٿ ڪيا ويا آهن. جيڪي عربستان جي تاريخي قدامت جي باري ۾ آهن.

(*) (هندي سمنڊ)

(9) آريَن حجاب جي ڪناري جي ماهي گيري بابت اسان کي ٻڌائي ٿو جيڪا پڪيڙ ۾ عدن کان به اڳتي ويجي ٿي (ص- 12) اهو عين ممڪن ٿو لڳي ته ڳاڙهي سمنڊ جا ڪنارا ان وقت جي وحشي ماڻهن جي قبضي ۾ هيا جنهن ۾ قبرص به اڇي وجي ٿو، پر مون کي اها ڳالهه اعتبار ۾ نٿي اچي ته جسٽينين جي حڪومت جي دؤر ۾ وحشين اندر ڪي آدمخور به موجود هيا. (پروڪوپيَس.ڊي.بيل i, 19)

(10) ڏسو پوڪوڪ جو تاريخي عربستان (صفحا 2، 5، 86 وغيره) 1664ع ۾ ايم.ڊي آرويڪس جي مسافري جيڪا جبل ڪارمبل طرف ڪئي وئي هئي، (فلسطين ۽ ائمسٽرڊم جي ساموندي سير- 1718) منجهان اسان کي بدوئن جي دلچسپ ۽ اصلي زندگي بابت پروڙ

پوي ٿي جنهن کي نيبهُر اجا وڌيڪ کولي ٻڌايو آهي (عربستان جو بيان، صفحا 344-327) ۽ والني (i, 343-385) جيڪو شام جي سياحن مان آخري ۽ وڏو داناءُ شخص هو.

(11) پڙهو (پر هي ڏاڍو ڪنن ڪم آهي) گهوڙي ۽ اُٺ بابت ڪجهه مضمون جن کي هڪ ٻئي سان پيٽي نٽو سگهجي ۽ اهو احوال ايم.ڊي بفن جي فطري تاريخ ۾ موجود آهي.

(*) (خانداني ۽ وقار وارو)

(†) (اُتر آفريڪا مان)

(12) ڏسو ايم.ڊي.آرويڪس کي جنهن عربستان جي گهوڙن جو تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. (صفحا 173-159) ۽ نيبهُر (صفحا 144-142). تيرهين صدي عيسوي جي آخر ۾ نجد جا گهوڙا مضبوط ۽ طاقتور هوندا هيا، يمن جا اجا مضبوط ۽ ڪمائتا ۽ حجاز جا اصل نسل وارا هوندا هيا، پر يورپ جا گهوڙا، جيڪي ڏهين نمبر تي ۽ سُنائيءَ ۾ پٺ آخري درجي وارا ليکيا ويندا هيا، گهٽو ڪري ناپسند ڪيا ويندا هيا چو ته اُهي جسماني طور ٽلها ۽ بي ڊؤلا هوندا هيا ۽ استعمال ڪرڻ ۾ مُردار قسم جا هوندا هيا. (هربيلات مشرق جي آتم ڪتا، ص- 339) سندن طاقت فقط ايتري هوندي هئي ته پنهنجي سوار، سردار ۽ سندس زرهه جو وزن کڻي سگهن.

(‡) (وڪڻي چڏيائون)

(13) ('جيڪي اُٺ جو گوشت کائن ٿا، اُهي ماڻهن کان نفرت ڪرڻ ۾ پڪا پختا ٽين ٿا.') هي خيال عرب جي حڪيم پوڪوڪ جا آهن، (اسپيسمين، ص- 88) محمد ﷺ جن خود جيڪي ڪير جا شوقين هيا، ڪُٽون کي وڌيڪ پسند ڪندا هيا، پر مڪي توڙي مديني وارا کاڌ خوراڪ جا گهٽا شوقين هيا، (گئگنيئر، محمد ﷺ جو احوال iii, 404)

(14) حرقل جو مرسيَن (پيريپلو، ص- 16 ٽام ۾، هڊسن- ننديي جاگرافي ۾ عربستان ۾ هڪ سؤ چوهٽ ڪُٽن جا نالا ڪڍائي ٿو. ڪُٽن جي سائيز شايد ننديي هئي ۽ ليڪڪ ڪجهه وڏو ٿو لڳي.

(15) ابوالفدا انکي دمشق تائين پيٽايو آهي (هڊسن ۾، iii, 54) جيڪا اجا تائين يمن جي امام جي رهائشگاهه آهي (نيبهُر جا ساموندي سفر، i, 331-342) صنعا، دفار کان چوويهه (ابوالفدا، ص- 51) ۽ عدن کان انهٽ پئرا سئنگ جي مفاصلي تي آهي. (ص- 53) (پئراسئنگ فارس جو قديمي مفاصلي کي ماپڻ جو طريقو هوندو هو جيڪو انڪل ساڍن ٽن ميلن جيترو هڪ پئرا سئنگ هوندو هو).

(16) پوڪوڪ (اسپيسيمين، ص- 57 (نيبهُر جي جاگرافي ص- 52، ميريابا يا معراب جنهن جو دائرو ڇهن ميلن جو هو ۽ جنهن کي آگسٽس جي فوجين تباهه ڪيو هو. (پلني- فطري تاريخ- vi, 32) ۽ جنهن کي هن چوڏهين صدي تائين بحال نه ڪيو هو. (ابوالفدا- عربستان جو بيان، ص- 58)

(*) (يمن جا ماڻهو)

(17) مديني شهر جو نالو اڳ يثرب هو پر پوءِ مديني جي نالي کي چوندبو ويو جيڪو پيغمبر ﷺ جي گاديءَ جو هنڌ ٻڌجي ويو. ابوالفدا وڌي محنت ڪندي مديني کان ٻين شهرن تائين جو مفاصلو بہ ٻڌايو آهي جنهن کي هن منزلن يا ڏينهن جي مسافري ٻڌايو آهي (ص- 15) مديني کان بحرين XV، بصره XVIII، ڪوفو XX، دمشق يا فلسطين XX، قاهره XXXI، مڪو X، مڪي

كان صنعا (ص- 52) يا عدن XXX، قاهره XXXI، ڏينهن يا 412 ڪلاڪ (شا جو سفرنامو، ص- 477) جيڪي اندازاً ايم.ڊي موجب (يادگيريون- ص- 99) هڪ ڏينهن جو سفر پنجويهه انگريزي ميلن جيترو ٿئي ٿو. لوبان جي زمين كان (يمن ۾ هيدرامات جي جڳهه جيڪا عدن ۽ فرتش جي وچ تي آهي) شام ۾ غازا جي مفاصلي كي IXV جيترن اُٽن جي جڳهن جيان ٻڌايو ويو آهي. هامايا يا اندازاً تصور كي مدد كن تا ۽ حقيقتن كي واضح كن تا.

(18) مكي جي باري ۾ اسان جا خيال يا سوچون عربن جي معرفت اسان وٽ پهچن ٿيون. (ڊي. هربيلاٽ- مشرقي واقعا- صفحا 371-368) پوكوڪ، اسپيسيمين (صفحا 128-125) ابوالفدا (صفحا 40-11) جيئن ته كنهن به غير مسلم كي پاڪ شهرن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه آهي ته ان تي اسان جا سياح خاموش آهن ۽ ٿيونات جيڪو هڪ ننڍو اشارو ڏنو آهي اُهو آفريكا جي هڪ غدار طرفان آيو آهي. ڪجهه فارس وارن 6000 گهر ڪٽيا هيا. (چاردن- iv, 167)

(19) اسٽرابو- (xvi, 1110) بصري جي ويجهو ڪجهه لوٽ جا گهر وجي ڏسو. (ڊي- هربيلاٽ، مشرقي واقعا، ص- 6)

(20) اها هڪ عجيب صورتحال آهي ته وڏي آدمشماريءَ مان، اڌ ماڻهو ڏنڊي ڏاڙي ۽ اڌ قُرلُٽ ذريعي زندگي گذارن تا، (پلني- فطري تاريخ، vi, 32) سيل جي قرآن كي ڏسو، سوره- cvi, 503) پوكوڪ ص- 5، گئگنيئر مُحَمَّد ﷺ جن جي زندگي 126، 120، 72) وغيره)

(21) هڪ گمنام ڊاڪٽر (عالمي تاريخ، جلد xx- آكٽئوو ايڊيشن) ۾ چگيءَ طرح عربن جي آزاديءَ جي حوالي سان عيسائيت جي سچائيءَ كي واضح كيو آهي. هڪ نقاد حقيقتن جي باوجود به، متن جي معنيٰ يا تشريح تي ممكن آهي ته اعتراض كري، (جين xvi, 12) ۽ متن جي لاڳو كرڻ ۽ حسب نسب جي بنياد تي به ممكن آهي ته غور كري.

(22) سال 1173ع ۾ نامياري صلاح الدين ايوبي جي پاءُ ان كي پنهنجي قبضي ۾ كيو هو جنهن كُردن يا ايوبين جي شاهي گهراٽي جو بنياد وڌو هو. (هُنن (Huns) جي تاريخ i- 425, ڊي هربيلاٽ، ص- 477)

(23) سليمان-I (1538ع) ۽ سليم-II (1568ع) ڏسو كينٽمير جي تاريخ- (عثمانيه شهنشاهت- صفحا 221، 201) پاشا (بادشاهه) جيڪو صنعا ۾ رهندو هو ۽ ايكويهن خطابن سان كيس سڏيو ويندو هو، پر تڏهن به بندر تان ناٽو پوءِ به وصول نه ٿيو (ڏسو عثمانيه حكومت جي فوج بابت احوال- ص- 124) ۽ تركن كي نيٽ 1630ع ۾ پڄايو ويو. (نيبهُر- صفحا 168-167)

(24) روم جا جيڪي صوبا عربستان ۽ ٽئين فلسطين ۾ هيا، انهن جا مكيه شهر بوسترا ۽ پيترا هيا جن جي شروعات سن 105ع ۾ ٿي هئي، جن كي پاما، جيڪو ٽراجن جو نائب هو، پنهنجي حكمراني هيٺ آندو هو. (ڊائن- ڪئسيَس (ڪتاب ixviii) پيترا، نباسينس جي گاديءَ جو هنڌ هيو جنهن جو نالو حضرت اسماعيلؑ جي وڏي پٽ منجهان كنيو ويو هيو، (جين xxv, 12 وغيره) ۽ جنهن ۾ جيروم، لي كلرڪ ۽ كالميٽ جا تبصرا به شامل آهن. جسٽينين تاڙيءَ جي وٽن جي ملڪ كي چڏي ڏنو هو جيكو اِيلا كان ڏكڻ طرف ڏهن ڏينهن جي مسافريءَ تي هو. (پروكوپيَس- ڊي- بيل i, 19) اُتي رومين سؤ فوجين جا كمانڊر ۽ هڪ ڪسٽم هائوس

قائم ڪري ڇڏيو هو جيڪو پيريپلو مارس يعني مديني جي حدن اندر هو. (ايم.ڊي.ائنول مصر جون يادگيريون، ص- 243) ٽراجن بادشاهه جون ڪجهه صحيح ۽ جائز ملڪيتون هيون تہ ٻيا ڪي قبضا ٻہ هيا جيڪي سندس حڪومت ۾ ساموندي فوج ذريعي حاصل ڪيا ويا هيا، (پيريپلو، ص 15-14) پر انهن واقعن کي تاريخ ۾ ڪجهه وڌائي ٻہ پيش ڪيو ويو آهي جن ۾ رومين طرفان عربستان جي فتح پڻ شامل آهي.

(†) (مصر جو بادشاهه 1900 ق.م)

(25) نيبهُر (عربستان بابت بيان (صفحا 331- 329- 330-302) تازو ۽ نهايت ئي اعتبار جوگو پڻ آهي جيڪو ترڪي جي شهنشاهت جي عربستان بابت جاسوسي ڪرڻ ۽ خبردار رهڻ سان تعلق رکي ٿو.

(26) ڊايوڊورَس سِيڪيولَس (393-390، ii,xix، جنهن کي ويسلگ ايڊٽ ڪيو) عربن جي نباسين طبقي جي آزاديءَ کي چگيءَ طرح وائکو ڪيو آهي جن ائنٽيگونَس جي فوجن جو مقابلو ڪيو هو (جيڪو سڪندر اعظم جو جنرل هيو) هن سندس پٽ جو ٻہ مقابلو ڪيو هو.

(†) (نندي ترار، يا خنجر)

(27) اسٽرابو (xvi, 1127-1129) پلني (فطري تاريخ vi, 32) اِيليس گئلَس پهريون مديني ويو، معراب ۽ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ هزار ميلن جو سفر ڪري يمن جي هڪ علائقي ۾ داخل ٿيو. (يعني اُتي ويو جتي شيبا جا اُهي بادشاهه موجود هيا جن کي هن وقت تائين ڪنهن ٻہ فتح نہ ڪيو هو. (i, 29) جتي اهڙا خزانا ٻہ موجود هيا جن کي هن وقت تائين ڪنهن هٿ ٻہ نہ لاٿو هو. (24 iii,) هورئس عربستان جي نِجپٽي جو ذڪر ڪري ٿو.

(28) پوڪوڪ جي لکيل يمن جي اڻپوري تاريخ جو مطالعو ڪيو، (اسپيسيمين- صفحا 66-55) ۽ هرا کي ٻہ ڏسو (صفحا 74-66) ۽ گاسن کي ٻہ پڙهو. (صفحا 78-75) جيستائين ۽ جيتريقدر جهالت جي دؤر ۾ ڪين معلوم ٿي سگهيو يا ڪين ڄاڻ ملي سگهي.

(*) بادشاهه خسرو يا فارس جو قيصر-II (628-591ع) جنهن کي شهنشاهه حرقل شڪست ڏني، ۽ کيس تخت تان لاهي قتل ڪيو هو.

(29) 'عرب مسلمانن جون ذاتيون ۽ قبيلا هزارن جي تعداد ۾ آهن جن مان گهٽا جهنگلي ۽ آزاد آهن.' انهن خيالن جو اظهار ميناندر ڪيو آهي (هڪ ٽڪرو، ص 149) پروڪوپيَس (ڊي.بيل 10- ii، 19، I, 17) ۽ ان کي وڌيڪ خوبصورت لفظن ۾ اميئينس مارسيلينس بيان ڪيو آهي (4 xiv,) جنهن هنن جي باري ۾ گهٽو اڳواڻ يعني مارڪَس آريليَس جي حڪومت جي دؤر ۾ ڳالهايو هو.

(30) جيڪو نالو بطليموس ۽ پلني محدود نموني سان ۽ اميئينس ۽ پروڪوپيَس ڪشادي طريقي سان ورتو هو، سو سارا ڪان ورتو ويو آهي جيڪا حضرت ابراهيمؑ جي گهر واري هئي، شايد اهو نالو اڄا ٻہ ڳوٺ سراکا ڪان ورتو ويو هجي جيڪو گهٽو ڪري عربي لفظ لڳي ٿو جنهن جو مطلب لڳ ڀڳ چوري ڪندڙ ڪردار جو آهي. مشرقي ماحول يا صورتحال اها هئي، (هائنجر- مشرق جي تاريخ، i, i, 7-8) پوڪوڪ (اسپيسيمين، صفحا 35-33) عاصمين (مشرقي

واقعا iv, 567) ان جي باوجود لفظن جي علم جي آخري ۽ وڌيڪ مشهور حصي کي بطليموس رد ڪري ڇڏيو آهي (عربستان جو احوال، ص 2، 18، هڊسن ۾ ٽام iv) هُن عرب مسلمانن جي اولهائين ۽ ڏاکڻين صورتحال تي واضح تبصرو ڪيو آهي ۽ پوءِ مصر جي سرحدن تي رهندڙ هڪ غير معروف قبيلي جو به ذڪر ڪيو ويو آهي. بهرحال هي خطاب ڪنهن قومي ڪردار جي حوالي سان نه آهي، پر جيئن ته ان کي ڏارين طرفان مڙهيو ويو هو ته ان کي عربي ۾ ته نه باقي ڏارين زبانن ۾ ڳولي سگهجي ٿو.

(†) (اڳتي وڌي ويو)

(‡) (پاميرا جي راڻي جنهن جي شهنشاهه آريلين هٿان شڪست کي باب-11 ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(31) (عرب جا مسلمان چوندا آهن ته عورتون مٿن حڪومت ڪنديون آهن). (مُنڊي جو هڊسن ۾ اظهار، ٽام -iii) معاويه جي حڪومت کي ڪليسائي ڪهاڻي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پوڪوڪ، اسپيسيمين، صفحا 83-69.

(32) هيءَ اگاسرچائيڊس جي رپورٽ آهي (هڊسن، ٽام-i) ڊايو ڊررَس سڪيولَس (215، i, iii, 47) ۽ اسٽرابو. (xvi, 1124) پر مون کي شڪ ٿو پوي ته هيءَ ڪا مشهور آڪاڻي آهي يا وري ڪن مشهور حادثن منجهان ڪو هڪ آهي جنهن سان سياح سادگي ۽ پورڙائيءَ منجهان ان کي حقيقت سمجهڻ لڳن ٿا يا وري ان کي ڪو رواج يا قانون سمجهن ٿا.

(33) (قديم زماني ۾ عرب فقط پنهنجي جنگجُو هئڻ، پنهنجي مهمان نوازي ۽ تقرير جي فن تي ناز ڪندا هيا. (سيفيڊيَس، پوڪوڪ، اسپيسيمين، صفحا 162-161) تقرير جي فن ۾ مهارت رکڻ تي سندن مقابلو فقط فارس وارن سان ڪري سگهبو هو ۽ فصاحت بلاغت رکندڙ عرب ڊيموسٽينس جي سادگي کي ڏسو. پر لڳي ٿو هو اوچي معنيٰ رکندڙ دليلن کان شايد نفرت ڪن ٿا.

(34) مان مهربان پڙهندڙن کي ياد ڏياريان ٿو ته آرويڪس، ڊي هربيلاٽ ۽ نيبهُر گهڻو ڪري عربن جي حڪومت جي هلت چلت کي خوبصورت ۽ رنگ برنگي نموني سان بيان ڪيو آهي ۽ سندن بيان ۽ طرز کي مُحَمَّد ﷺ جن جي زندگي ۾ پڻ ڏسي سگهجي ٿو.

(35) حضرت ايوبؑ جي پهرئين باب جو غور سان مطالعو ڪيو ۽ 1500 اسٽئڊيَمس جي ڊگهي پٽ جيڪا سيسوٽرس، پيلوزيَم کان هليوپولس تائين تعمير ڪرائي هئي (ڊايو ڊورَس سڪيولَس- i, i, 67) ان کي به ڏسو، هائسوس جي نالي ۾ جيڪي ڏنارن مان بادشاهه ٽي ويا هيا، ۽ اُنهن مصر کي به پنهنجي فرمان هيٺ ڪري ڇڏيو هو. (مارشم، واقعا، صفحا 163-98 وغيره.

(36) يا، ٻي هڪ خيال مطابق، 1200 (ڊي هربيلاٽ. مشرقي واقعا، ص- 75) ۾ تاريخدان، جن 'ايام العرب' کي تحرير ڪيو هو، (عربن جون جنگيون) نائين ۽ ڏهين صدي جا آهن. ڏهيس ۽ گبراهه جي مشهور جنگ ۾ گهوڙن جي ڪري لڳي هئي جيڪا چاليهه سال هلي هئي ۽ هڪ مشهور چوٽي تي ختر ٽي. (پوڪوڪ، سيميسمين، ص 48)

(*) (مخالفاڻو)

(37) عربن طرفان خون جي بدلي وٺڻ جي طريقي توڙي سندن عملي مظاهري کي نيبهُر طرفان بيان ڪيو ويو آهي. (بيان، صفحا 31-26) قديمي دؤر جي سخت روَين جو ذڪر قرآن ۾ ڪيو ويو آهي. (230، 17، 20، 2) جنهن ۾ سيل جا خيال بہ شامل آهن.

(38) پروڪوپيَس (ڊي.بيل i, 16) ٻن مقدس مهينن کي اونهاري ۾ ڇاڻائي ٿو جڏهن سج خط استوا کان گهڻو پري هوندو آهي. عربن سالَ جي چئن مهينن کي پاڪ ۽ مقدس ڇاڻايو آهي. پهريون، ستون، يارهون ۽ ٻارهون ۽ دعويٰ ڪن ٿا تہ گهڻي زماني کان وٺي، انهن مهينن ۾ امن امان فقط چار يا ڇهہ دفعا خراب ٿيو هو. (سيل جي شروعاتي گفتگو، صفحا 150-147 ۽ قرآن جي نائين باب جو تفسير، صفحا 154 وغيره. ڪسيري، واقعا، اسپين ۽ عربستان جا، 21-ii, 20)

(39) ٻي صدي عيسوي ۾ آريَن تبصرو ٿو ڪري (پيريپلومارس ص- 12) تہ عربن جي ٻولئ جي لهجن ۾ ڪڏهن ٿورا تہ ڪٽي وري تمام گهڻا فرق هيا. پوڪوڪ سندن ٻولي توڙي اکرن يا لفظن کي تمام تفصيل سان بيان ڪيو آهي. (اسپيسيمين، صفحا 154-150) ڪسيري، (واقعا، اسپين، عربستان جا 25 ii, 292 i, i, 83، جو وغيره) ۽ نيبهُر (بيان، عربي ۾ صفحا 86-72) آءُ خاموشيءَ سان چوان ٿيو، مون کي اها عادت ناهي تہ طوطي جيان رٽيل لفظن کي ويهي دهرايان.

(40) هڪ ملندڙ جلندڙ قصي کي والٽيئر پنهنجي ڪتاب زئبگ ۾ بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ عربن جي فطري ڏاهپ ۽ دوراندیشي کي بيان ڪيو ويو آهي. (ڊي- هر بيلاٽ- مشرقي واقعا- صفحا 121- 120) گئگنيئر- مُحَمَّد ﷺ جن جي احوال ۾ (46- 37، i) پر ڊي- آرويڪس يا لاروق (فلسطين جو سفر- ص- 92) بدوئن جي مٿي بيان ڪيل مٿيرائيءَ جي تردید ٿو ڪري. حضرت علي رضی اللہ عنہ جا چيل هڪ سؤ اُٺهتر جملا جن جو لندن مان اوڪلي ترجمو ڪيو آهي- 1718) عربن جي ذهانت جي سڻي تصوير پيش ڪن ٿا.

(*) (درم- يا ڏڪڙ وغيره)

(41) پوڪوڪ (اسپيسيمين- صفحا- 161- 158) ۽ ڪسيري اسپين- عربستان جا واقعا- (84، 48، I وغيره، 17، ii، 119، وغيره) مُحَمَّد ﷺ جن کان اڳ وارن عربستان جي شاعرن بابت آهن. سر وليَم جونس ڪعبة الله بابت لکيل ستن نظمن کي انگريزي ۾ شايع ڪيو آهي جنهن جو عنوان آهي (مشرق نواز- 1794- 1746) پر هندستان ڏي سندس پُر وقار سفر اسان کي سندس تحريرن کان محروم ڪري ڇڏيو جيڪو شايد فضول ۽ اٽ ڇٽي متن کان ڪيئي حصا وڌيڪ دلچسپ هجي ها.

(42) سيل جي بنيادي گفتگو- صفحا- 30- 29.

(43) ڊي- هربيلاٽ- (مشرقي واقعا- ص- 458) گئگنيئر- (مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال 118، iii) ڪعب ۽ هيئس (پوڪوڪ اسپيسيمين- صفحا- 48، 46، 43) پنهنجي سخا ۽ دلي ڪشادگيءَ سبب نمايان هيا ۽ پوئين شخص جي عرب جي شاعر طرفان شاندار تعريف ڪئي وئي آهي. 'تون

ڏسندين ته هو بيحد خوش ٿيندو جڏهن تون ڪنهن ڳالهه واسطي سندس ويجهو ويندين ۽ ساڳي وقت جڏهن تون ڪيس اُها شئي ڏيندين جيڪا تو کائنس طلب ڪئي هوندي'.

(44) جيڪو ڪجهه هينئر قديم عربستان جي بت پرستي بابت معلوم ٿيو آهي، سو سڀ ڪجهه پوڪوڪ ۾ ملي سگهي ٿو. (اسپيميمين- صفحا- 136- 89، 164- 14) ۽ اسيماني- (مشرقي واقعا- 590- 580، iv) پنهنجي طرفان قيمتي راءِ ڏني آهي.

(45) ڊايوڊورَس سڪيولَس (i, iii, 211) ڪردار ۽ صورتحال ايتري ته موافق ۽ سازگار آهي جو مون کي ته صفا حيرت ٿي ٿئي ته تحرير جو اهڙو زبردست ٽڪرو بغير گهٽي غور ۽ توجهه ڏيڻ جي ڪيئن پڙهيو ويو آهي. تنهن هوندي به هيءَ مشهور جڳهه جنهن کي ڪعبو چيو وڃي ٿو ان کي اڳاسر چائيڊس بيان نه ڪيو (ص- 38، هڊسن، ٽامر- i) جنهن کي وري ڊايو ڊورس باقي تحرير ۾ بيان ڪيو آهي. ڇا سِسلي جو رهواسي، مصر جي ماڻهوءَ کان وڌيڪ باخبر هو؟ يا وري ڪعبو 650 ۽ 746ع سن جي وچ ۾ تعمير ڪيو ويو هو- اُهي سَن جيڪي مختلف تاريخن ۾ بيان ٿيل آهن؟ (ڊاڊويل هڪ مقالي ۾، ٽامر، هڊسن-ص- 72، فئبريشيَس واقعا- 770، ii) (ڊايو ڊورَس- هڪ سِسلي جي ماڻهو پهرين صدي ق- م ۾ لکيو هو).

(46) پوڪوڪ، (اسپيميمين- صفحا- 61- 60) مُحَمَّد ﷺ جن جي لاڏاڻي کان پوءِ اسان سن 68 ڏي مٿي چڙهون ٿا، سندن ولادت کان 129 يعني عيسائيت کان اڳ وارا سال. غلاف جيڪو هاٿي ريشم يا سون جي تارن سان ٺهيل آهي، سو اڳ مصر جي سِٽيءَ جو ٽڪرو هوندو هو. (ابوالفدا- مُحَمَّد ﷺ جن جي احوال ۾).

(47) ڪعبة الله جو اصل نقشو (جنهن کي نامناسب نموني سان سيل جي تحرير- عالمي تاريخ ۾ ڪاپي ڪيو ويو آهي حقيقت ۾ ترڪي طرفان تيار ڪيو ويو هو جنهن کي ريلنڊ مُحَمَّد ﷺ جي مذهب ۾ بيان ڪيو آهي- صفحا- 123- 113)، ته ان کي درست پڻ ڪيو آهي ۽ اعتبار ڪرڻ جوڳين اختيارين جي حوالي سان چگيءَ طرح سمجهايو آهي. ڪعبي جي بيان ۽ ان جي تاريخ بابت، پوڪوڪ جو مطالعو ضرور ڪجي. (اسپيميمين- صفحا- 122- 115) ۽ هربيلاٽ جي تحرير- مشرقي واقعا کي به ڏسجي. (ڪعبو، هجري ۽ زم زم- وغيره) ۽ سيل جي تحرير- (بنيادي گفتگو- صفحا- 122- 114).

(48) ڪوسا- مُحَمَّد ﷺ جن جي پنجين- وڏي، يقينن ڪعبي تي قبضو ڪيو هوندو- 440ع، پر جنابي اسان کي بلڪل مختلف طريقي سان اهو قصو بيان ڪيو آهي. (گئگنيئر- مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال- 69- 65، i) ۽ ابوالفدا پڻ مُحَمَّد ﷺ جن جي زندگي ۾ تحرير ڪيو آهي.

(49) هي صدي عيسوي ۾ ٽائر جي مئڪسيمَس ٻڌايو هو ته عرب هڪ پٿر جي پوڄا ڪندا هيا، ('عرب پوڄا ڪن ٿا، جنهن جي مون کي خبر نٿي پوي پر جيڪا تصوير مون ڏٺي آهي اُها هڪ چوَرس پٿر جي آهي') (مقالو- 143، i، viii جنهن کي رزقي ايڊٽ ڪيو). ۽ عيسائين طرفان ملامت ڪئي وئي. (ڪليمينٽس، اليگزينڊر- ص- 40، آرنوبيَس، جينٽس- 246، vi) پر هي

پٽر شام ۽ يونان جا هيا جيڪي تقدس ۾ به مشهور هيا ۽ قديمي غير مذهبي روايتن ۾ پڻ ڄاتا ويندا هيا. (يوسيبيس- انجيل بابت- 37، i، مارشم، تاريخ وار واقعا- صفحا- 56- 54).

(50) وڏي عالم ۽ اڪابر سر جان مارشم، ٻن خطرناڪ موضوعن يعني انساني قرباني ۽ پارڙن جي قرباني تي تفصيلي بحث ڪيو آهي. (تاريخ وار واقعا- صفحا- 78- 76، 304- 301) سئنچونئٿيو، فونيشيا جي قربانين کي ڪرونس جي مثال سان ٿو وڃي ملائي، پر اسان کي ايڏا تائين اها خبر ڪانهي ته ڪرونس حضرت ابراهيمؑ کان اڳ هيو يا پوءِ، يا هن جو وجود به هيو يا مورڳو اهو هوائي ڪردار آهي.

(51) پوفيري ملامت ٿو ڪري، پر ان وحشي رسم جو الزام رومين تي ٿو هڻي، جيڪو 657ع تائين بلڪل ختم ٿي چڪو هو. ڊوميٽا جي باري ۾ بطليموس احتياط کان ڪم ٿو وٺي (تابُل- ص- 37 عربستان، صفحا- 29- 9) ۽ ابوالفدا- (ص- 57) اهو ساڳيو موضوع ايم- ڊي ائنول جي نقشن ۾ به ملي سگهي ٿو ۽ اها جڳهه، چئبار ۽ تدمور جي وچ ۾ آهي.

(52) پروڪوپيَس (ڊي- بيل- 28، i) اِوئگريَس (21، vi) ۽ پوڪوڪ (اسپييمين- صفحا- 86، 72) عربن طرفان قرباني ڏيڻ جي روايت جي تصديق ڪن ٿا جيڪا vi صدي عيسوي تائين ڏني ويندي هئي. عبدالله بابت خطرو ۽ ان جو بچي وڃڻ حقيقت جي بجاءِ هڪ روايت آهي. (گئگنيئر- مُحَمَّد ﷺ جن جي احوال ۾ 84- 82، i)

(*) مشڪل سان)

(53) سوليئس چوي ٿو (پوليهسٽر- باب- 33) جيڪو پلني جي ڪاپي ٿوڪري (68، viii) ۽ عجيب ڳالهه ٿو ڪري ته سوئر عربستان ۾ نٿا رهي سگهن. مصر جا ماڻهو فطري طور تي يا وري وهمن وسوسن جي اثر کان ان گندي ۽ گدلي جانور کان ڏنل به هيا ته ان کان سخت بچان به ڪندا هيا. (مارشم- اصول- ص- 205) پراڻي دؤر جا عرب، پاڪ رهڻ لاءِ وُضو ڪندا هيا. (هيروڊوٽس- 80، i) جنهن کي اسلامي قانون ۾ لازمي بنايو ويو آهي. (ريلنڊ- ص- 75 وغيره، چاردن يا وري شاهه عباس جو مُلان (71، vi وغيره).

(54) اسلام جا ڊاڪٽر هن موضوع سان دلچسپي نٿا رکن، تنهن هوندي به اُهي خُتني ڪرائڻ کي بيحد ضروري يا نجات جو ذريعو سمجهن ٿا ۽ ان سان گڏ اها دعويٰ به ڪن ٿا ته مُحَمَّد ﷺ جن جڏهن ڄاوا هيا ته معجزاتي طور سندن ختنو ٿيل هيو. (پوڪوڪ، - اسپييمين- صفحا- 320- 319 ۽ سيل جي بنيادي گفتگو- صفحا- 107- 106).

(55) ڊايوڊورَس سڪيولَس (145- 142، ii، i) هڪ يوناني هئڻ جي حيثيت ۾ مسلمانن جي مذهب تي دوراندیشي واري پر متاچري نظر وڏي آهي. سندن ستارن يا فلڪيات جو علم ڪمال جو آهي ۽ اهوئي سبب آهي جو هو هر شئي کي دليلن جي دوربين سان ڏسن ٿا، ڇاڪاڻ ته ڪين محسوس ٿيو هو ته سج سيارن ۾ شامل هو يا مقرر ٿيل تارن سان لاڳاپيل هو.

(56) سمپليشيَس (جيڪو پورفري مان حوالا ٿو ڏئي) (15، 123، X|vi، ii) ۽ مارشم (واقعا- ص- 474) جيڪو حقيقت تي شڪ ٿو ڪري ڇاڪاڻ ته اُها سندس مقرر ڪيل نظام جي ابتڙ آهي؛ ڪالديَن جي مشاهدن جي ويجهي ۾ ويجهي تاريخ به 2234 سال ق- م آهي. سڪندراعظم

طرفان بابل کي فتح ڪرڻ کان پوءِ، اُنهن جي خبر، ارسطو طرفان گذارش ڪرڻ تي فلڪيات جي ماهر جِپارچَس کي پهچائي وئي هئي. سائنس جي لحاظ کان اهو ڇا نه عجيب لمحو هوندو.

(57) پوڪوڪ (اسپيسيمين- صفحا- 146- 138) هاڻنگر- (مشرق جي تاريخ- صفحا- 203- 162) هائيد- (مذهب جو مطالعو- صفحا- 128، 124 وغيره) ڊي- هربيلاٽ (سابي- صفحا- 724- 725) ۽ سيل (بنيادي گفتگو- صفحا- 15- 14) سيئي گڏجي اسان جي تجُسس کي خوش ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ گرمائن ٿا ۽ هنن مان جيڪو آخري ليکڪ آهي اُهو سبائيُن کي عربن جي اوائلي مذهب سان ٿو وجي ملائي.

(58) ايم- ڊي ائنول (فرات ۽ دجلہ نديون- صفحا- 147- 130) مشڪوڪ عيسائين جي طرز کي نيڪ ڪندو. اسيمئنس (مشرقي واقعا. 614- 607، iv) شايد پنهنجي مؤقف کي سمجهائي سگهي. پر اهو ڏکيو ڪم آهي ته جاهل ماڻهن جي مذهب جي ڄاڻ پئجي سگهي، جيڪي پنهنجين ڳجهين ريتن رسمن کي ماڻهن اڳيان ظاهر ڪرڻ کان ڊجن ٻه ٿا ته ٻڌائيندي شرمندا پڻ ٿين ٿا.

(59) ماگي مذهب وارا بحرين جي صوبي ۾ رهندا هيا. (گئگنيئر- مُحَمَّد ﷺ جن جي تذڪري ۾، 114، iii) ۽ بعد ۾ پراڻن عربن سان ريتن رسمن ۾ هڪ ٿي ويا. (پوڪوڪ- اسپييمين- صفحا- 150- 146)

(*) (دلچسپ ۽ مزيدار)

(60) عربستان ۾ رهندڙ يهودين ۽ عيسائين جي حالت بابت پوڪوڪ اسان کي شارستاني کان وڌي تفصيل سان ٻڌايو آهي. (اسپيسيمين صفحا 134، 60 وغيره) هاڻنجر- مشرقي تاريخ- صفحا- 238- 212) ڊي- هربيلاٽ- مشرقي واقعا- صفحا- 476- 474) بسنيج- (جوفيز جي تاريخ- 185، vii، 280، viii) ۽ سيل (بنيادي گفتگو- صفحا- 22 وغيره ۽ 33 وغيره).

(61) سنڊن بندگي ۾ اهو مشهور ٿي ويو هو ته هو فقط خدا کي ڏوکي ڏيڻ لاءِ عبادت ڪندا هيا ته جيئن بُت کي فائدو ملي، هو طاقتور ته نه هو پر هڪ جوشيلو سرواڻ هيو. (پوڪوڪ، اسپيسيمين، صفحا 109-108)

(62) اسان جي راءِ، جيڪا هن وقت تائين موجود آهي، توڙي اُها يهوديت يا عيسائيت بابت هجي، قرآن جي پيٽ ۾ هاڻوڪي ٿي لڳي، پر جيڪڏهن اڳ ۾ ڪو ترجمو موجود آهي ته ان مان نتيجو ڪيڻ گهرجي. (1) يهودين جي عبادتگاهه جي مسلسل عمل مان جنهن ۾ يهوديت بابت سبق ڏنل آهن ۽ اُنهن جي هوليءَ ۾ ڪي اهڙا جملا به موجود آهن، جيڪي اڳهاڙا يا بيهودي قسم جا آهن. (2) آرمينيائي، فارسي ۽ حبشي هولين جا ترجما جن ڪي پنجين صدي عيسوي جي بزرگن ورجايو آهي، ۽ جن جو چوڻ آهي ته سيئي مقدس ڪتاب بربرن جي هولين ۾ ترجمو ڪيا ويا هيا. (والٽن، پرولیگومينا ۽ مختلف زبانن ۾ تاريخي واقعا (صفحا، 97-93-34) سائمن، (تنقيدي تاريخ ۽ انجيل 181-180 iv, 206 06-306- 293-286-282)

(63) هاٿنگر، مشرقي تاريخ، ص- 136 تنهن هوندي به ٽيوفينس جيڪو يونانين ۾ تمام قديمي آهي ۽ گهٽ ڪوڙن ڳالهائڻ جو پيءُ سڏبو آهي، پر هو اها ڳالهه تسليم ٿو ڪري ته محمد ﷺ حضرت اسماعيلؑ جي خاندان مان هو. (واقعا، ص 277)

(64) ابوالفدا محمد ﷺ جن جي احوال ۾ باب 2-1) ۽ گئگنيئر محمد ﷺ جن جي احوال ۾، صفحا 97-25) پيغمبرؑ جو مشهور ۽ نج شجرو ٻڌايو آهي. مڪي ۾ آءٌ ان جي صداقت جو انڪار نه ڪندس؛ لاسين ۾ مان اهو ٻڌائڻ جي جرئت ڪندس: (1) حضرت اسماعيلؑ کان حضرت محمد ﷺ جن تائين 2500 سالن جو طويل دؤر آهي، اُهي پنجهتر جي بجاءِ ٽيهه نسل ڳڻائن ٿا. (2) ٻيو ته موجوده بدوي پنهنجي تاريخ توڙي پنهنجي اصل نسل کان به بيخبر آهن. (آرويڪس جا ساموندي سفر، صفحا 103-100)

(65) تاريخ جا ٻج قرآن پاڪ جي هڪ سؤ پنجين باب ۾ واضح ٽيل آهن ۽ گئگنيئر (پريفئٽ توڙي محمد ﷺ جن جي احوال ۾، صفحا 18 وغيره) ابوالفدا جي تاريخي ڪم تي روشني وڌي آهي جنهن کي ڊي هربيلاٽ (مشرقي واقعا، ص 12) ۾ وڌيڪ واضح ڪيو آهي ۽ پوڪوڪ (اسپيسيمين، ص 64) پرائيديڪس (محمد ﷺ جي زندگي، ص 48) سيل (قرآن، صفحا 503-501) جيڪو خود به اڌ مسلمان هو، ڊاڪٽرن ۽ عالمن جي اٿپوري ايمان تي طنز ٿو ڪري جيڪي ڊيلفڪ، اپولو ۽ مراڪي جهڙن ڊاڪٽرن ۾ يقين رکن ٿا. (القرآن 823 ,ii ,14 ,ii ,i) ۽ اُنهن جي علم کي شيطاني ٿو ڪوڙي ۽ مسلمانن جي هن اقرار يا اعتراف تي زور ٿو ڏئي ته الله تعاليٰ ڪعبي ۾ رکيل بُتن لاءِ عيسائين جي حمايت کڏهن به نه ڪري ها.

(66) ابوالفدا (وٽ، 2 ,i) سڪندر، يا يونانين طرفان سال 882 طئي ڪيو ويو آهي ۽ بخت نصر، نبوناصر 1316 ڄاڻائن ٿا، ۽ ٻئي سال اسان کي عيسوي سال 569 طرف وڃي وجن ٿا. پراٿو عربي ڪئلينڈر اسان جي ڪاب رهبري نٿو ڪري ۽ جيڪي نيڪ ۽ سعادت وارا ماڻهو آهن اُنهن جي پٽيرائي نٿو ڪري جيڪي ساڳئي هفتي يا مهيني کان نئين سر تاريخن يا سنَ جو ليکو ڪرڻ شروع ڪري ڏين ٿا ۽ محمد ﷺ جن جي جمڻ جي سال کي آخرڪار عيسائي سن 570 سان ٿا وڃي ملائن ۽ اُها تاريخ 10- نومبر جي هئي. پر هيءَ تاريخ يوناني ڪئلينڈر جي سنَ 882 سان يقينن پيڇي اچي ٿي ۽ جنهن سان الماسن (عرب مسلمانن جي تاريخ، ص 5) ۽ ابوافراجيَس (شهشاهتن جي تاريخ، ص 101، ۽ پوڪوڪ جي مؤقف) جي به موافقت آهي.

(67) آءٌ قابلِ احترام ابوطالب جي، سندس خاندان ۽ پائيٽي بابت، ڏنل شاهدي کي تسليم ڪريان ٿو ۽ ان کي ئي پيش ڪريان ٿو. ("سڀ تعريفون ۽ حمد و ثنا الله تعاليٰ کي جڳائي ٿي جنهن اسان کي حضرت ابراهيمؑ جي پيڙهي ۽ حضرت اسماعيلؑ جي خاندان مان تخليق ڪيو ۽ جنهن اسان کي هڪ مقدس مقام عطا ڪيو آهي ۽ اسان کي انسانن جي وچ ۾ ساڻن انصاف ڪندڙ جي توفيق پڻ بخشي آهي. تنهنڪري محمد ﷺ جيڪو عبدالله جو پٽ آهي ۽ منهنجو پائيٽو آهي، خديجہ (بيبي خديجة الكبريٰ) جيڪا خوالد جي ڏيءُ آهي، سان محبت ۽ پيار جي رشتي ۾ ڳنڍجي ويو آهي ۽ هوءَ پڻ ساڻس ساڳئي رشتي ۾ ڳنڍجي وئي آهي. سنائي، عظمت، ذهانت، شان ۽ وقار توڙي انساني قدرن ۾ قريشن ۾ ڪوبه اهڙو نه آهي

جيڪو ساڻس مقابلو ڪري توڙي جو وٽس دنياوي خزانا ڪونهن (حقيقت ۾ مال دولت پڃندڙ پاڇا آهن جيڪي ڪنهن جي به هٿ نه ايندا آهن) جيڪو ڪجهه به اوهان ڪابيني ۾ گهرندا، ان کي ڏيڻ لاءِ آڻ پاڻ کي پابند سمجهان ٿو ۽ آڻ ئي اُهو ادا ڪندس.") پوڪوڪ (اسپيسيمين، لبري ابن همدوني).

(68) مُحَمَّد ﷺ جن جي ذاتي زندگي جِر ڪان وڌي سندن تبليغ جي تڪميل تائين، ابوالفدا وٽ محفوظ ٿيل آهي (وِٽ، باب 7-3) ان کان سواءِ عرب ليکڪن به ان کي محفوظ ڪيو آهي. جن جو ذڪر هائنگر (مشرقي تاريخ ۾ ڪيو آهي، صفحا 211-204) مراکي (i, 10- 14) ۽ گئگنيئر (مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال i, 97-134)

(69) ابوالفدا (وِٽ ۾، باب 66-65، گئگنيئر (مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال iii, 289-272) پيغمبر ﷺ جن جون چوندڙ حديثون توڙي سندن گفتگو بيبي عائشه (رضی الله عنها) حضرت علي ؓ ۽ حضرت ابوهريرهؓ جن جي حوالن سان گڏ ڪيل آهي. (گئگنيئر، ii, 267) آخري اصحابي کي 'بُلين جي ابي' (ابوهريره) جو خطاب ملڻ هو جنهن جي وفات 59هجري ۾ ٿي. (مُحَمَّد ﷺ جن مڪي کان مديني، 622 عيسوي سن ۾ هجرت ڪئي جتان هجري سال شروع ٿيو).

(70) اُهي ماڻهو جيڪي ان ڳالهه ۾ يقين رکن ٿا ته مُحَمَّد ﷺ لکي پڙهي ڄاڻندو هو ته اُهي خود شايد قرآن جي صورتن کي پڙهي سگهڻ جا اهل نه آهن (vii, xxix, xcvi) هي متن يا پيغمبر ﷺ جي حديثن کي ابوالفدا پوريءَ طرح تسليم ڪيو آهي. (وِٽ، باب vii) گئگنيئر (ابوالفدا، ص 15) پوڪوڪ (اسپيسيمين، ص 151) ريلنڊ (مُحَمَّد ﷺ جو مذهب، ص 236) ۽ سيل (بنيادي گفتگو، ص 42) مسٽر وائيٽ اڪيلي سر دعويٰ ٿو ڪري ته پيغمبرؐ پڙهيو هو. پر سندس دليل اطمينان بخش نه آهن. شام جي ميلن طرف واپار جي خيال سان فقط به ننڍا سير سفر مڪي جي ماڻهن کي خاموش ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هيا ۽ نه وري هي ڪنهن معاهدي ڪرڻ وارو ٽڏو ماحول هو جنهن ۾ مُحَمَّد ﷺ پنهنجي مُنهن تان پردو لاهي پاڻ کي وائکو ڪري ڇڏي ها، ۽ نه وري ڪنهن بيماري يا بيخوديءَ جي حالت ۾ چيل لفظن مان ڪو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو. پڙهيل لکيل نوجوان، پيغمبري جي رتبي تي پهچڻ کان اڳ ۾، پنهنجي ذاتي زندگي ۾ ضرور ڪو لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪيو هوندو ۽ سندس پنهنجي ئي خاندان جا پهريان مسلمان ضرور سندس ٻهرو پيائيءَ کي ڏسي يقيناً ڇرڪ پرين ها بشرطيڪ جيڪڏهن هو اهڙو هجي ها. وائيٽ جون تقريرون (صفحا، 204، 203، حاشيا، صفحا xxxvi, xxxviii)

(71) هڪ رئيس زادو بولئنوليئرس (مُحَمَّد ﷺ جو احوال، صفحا 228-202) فينيلان جي ٽيليمئچَس يا وري رمسي جي سائرس جيان عربن جي رهبري ٿو ڪري (1727-1699) ۽ (اهي ڪردار هڪ شهزادي جا مصنوعي حوالا هيا) فارس جي محل ڏانهن سندس مسافري هڪ افسانو ٿو لڳي، ۽ نه وري آڻ سندس تعجب يا حيرت جو سبب ڳولي ٿو سگهان. (يوناني پي، بهرحال انسان آهن) شام ڏانهن ٻن مسافرين جو ذڪر ذري گهٽ عربستان جي سيني ليکڪن يعني مسلمانن توڙي عيسائين چگيءَ طرح ڪيو آهي. (گئگنيئر، ابوالفدا، ص 10)

(72) مون کي ايتري فرصت ڪانهي تہ مان قصا ڪهاڻيون پڙهندو وتان يا ڏارين جي اندازن ۽ مفروضن تي پاڙيان جن بابت مکي جي ڪافرن شڪ ڏيکاريو آهي يا جن متان الزام مڙهيو ويو آهي. (قرآن 297، 35، 223، 16 جنهن ۾ سيل جو تبصرو بہ شامل آهي). ٽرائيڊيڪس (مُحَمَّد ﷺ جي زندگي (صفحا، 27-22) گئگنيئر سان گڏ ابوالفدا جو بيان (صفحا 74 ,ii) مراکي 400 ,ii) پرائيڊيڪس جو بہ اهو خيال آهي تہ انهن ڳالهين کي مخفي رکيو ويو هوندو ۽ اهو منظر عربستان ۾ ڪنهن هنڌ جو هو.

(73) ابوالفدا (وٹ، 15، 7، گئگنيئر 135، i, 33) جبل حِرا جي باري ۾ ابوالفدا اسان کي ٻڌايو آهي (عربن جي جاگرافي، ص 4) ان جي باوجود مُحَمَّد ﷺ اِجيريا جي غار بابت ڪڏهن بہ نہ پڙهيو هيو جتي نُوما جون پنهنجي ساڻي اِجيريا سان رات جو ملاقاتون ٿيندڙون هيون ۽ نہ وري ان عِدائين جبل بابت ڄاڻ رکي هئي جتي مائنوس جَو (Jove) ديوتا سان گفتگو ڪئي هئي.

(74) قرآن (153، 9) البيداوي ۽ ٻين تبصري نگارن جن جو حوالو سيل ڏنو آهي، ان الزام جي پنيرائي ڪئي آهي پر مان نٿو سمجهي سگهان تہ ان ڳالهہ کي تلمودين اٽڪل طرح يا وري فضول روايتن ذريعي بيان ڪيو آهي (يهودي قانون ۽ روايتن بابت تبصرا).

(75) هاٽنگر (مشرقي تاريخ، ص 228-225) ڪاليرائيڊ جي مذهبي شڪن يا لامذهبيت کي ٽريس ڪان عربستان تائين عورتن ذريعي ڦهلايو ويو هو ۽ ان کي وري ڪيڪ جي صورت ۾ ورتو ويو هو جيڪو ديوي کي ڏنو ويو هو. بيريلس جو هي مثال، جيڪو بوسترا جو پادري هو ۽ جنهن سان ٻيا بہ گڏ هيا (يوسيبَيس، ڪليسائي تاريخ، vi, 33) شايد ملامت جو ڪجهہ ازالو ڪري سگهي، (چو تہ عربستان مذهبي شڪن شبهن يا لامذهبيت سان تڏهن ٽمٽار ٽيل هو).

(76) قرآن ۾ جيڪو ٽن بُتن يا ديوتائن جو ذڪر آيل آهي (4, 81, 5, 92) اُهو دراصل ڪئٿولڪ فرقي جي لِڪل معمي خلاف آهي پر عرب تبصري نگار اُنهن کي پيءُ، پٽ ۽ ڪنواري مريم سان ٿا وجي ملائن جيڪا هڪ لاديني تثليث آهي جنهن کي نائيسيا جي ڪائونسل ۾ ڪجهہ بربرن قائم ڪيو هو (يوٽئچيَس، واقعا i, 440) پر مريم جي پوجيندڙ جي وجود جو بيوسوبر واضح انڪار ڪيو آهي (مئنيڪزم جي تاريخ، i, 532) ۽ هن روح يعني روح القدس (ٽين ذات) جي لفظ منجهان چُڪ پکڙي آهي جيڪا ڪن مشرقي هولين ۾ مؤنث جو صيغو آهي يعني حضرت عيسيٰؑ جي ماءُ ۽ اهوئي صيغو نزارينس جي پاڪ ڪتاب ۾ ڪتب آيل آهي.

(77) حضرت ابراهيمؑ جي ڪردار ۽ سندس مثال ۾ خيالن جو پندار عيان ٽيل آهي جنهن بُت پرستيءَ کي عام ڪرڻ ۾ ڪالديا جي سخت مخالفت ڪئي هئي. (قرآن 106، 6، ڊي هربيلاٽ، مشرقي واقعا، ص 13)

(78) قرآن جو مطالعو ڪيو خاص طرح سان ٻيو (ص- 30) ستونجاهون (ص- 437) ۽ اٺونجاهون (ص- 441) باب جنهن ۾ رب العزت جي قادر مطلق هئڻ جو بيان آيل آهي.

(79) پوڪوڪ وڏن ۽ بنيادي مذهبن جو ترجمو ڪيو آهي. (اسپيسيمين، صفحا 292-284- 274) اوڪلي، (عرب مسلمانن جي تاريخ، ii, ixxxii, xcv) ريلنڈ (مُحَمَّد ﷺ جو مذهب i, 7-13) ۽

چاردن، ساموندي سفر، iv, 4-28) وڏو سچ ته 'الله پاڪ جو ڪوبه ثاني ڪونهي.' مراڪي حماقت ڪندي ان حقيقت کي ٽوڪيو آهي. (القرآن، i, iii, 87-94) چاڪاڻ ته هن انسان کي پنهنجي صورت مان ناهيو هو.

(80) ريلنڊ (مُحَمَّد ﷺ جي زندگي، i, 17-47) سيل (بنيادي گفتگو، صفحا 73-76) چاردن جا ساموندي سفر، iv, 28-37, 37-47) جيڪي فارس وارن لاءِ آهن: 'علي رضي الله جو ولي ۽ وصي آهي، بهرحال پيغمبرن جو تعداد ايمان جو حصو نه آهي.

(81) آدم جي غير مستند ڪتابن لاءِ ڏسو فئبريشيَس ڪي (سيڊيپگرئفس جي قانون ۾، (صفحا 29-27) سيٿ (صفحا 157-154) کڏڙو (صفحا 219-160)، پر کڏڙي جي ڪتاب ڪي ڪنهن حد تائين مقدس بنايو ويو آهي، جنهن ۾ سينٽ جُوڊ مان حوالا پڻ ڏنا ويا آهن ۽ هڪ ڏڳهو ٽڪرو به ان ۾ شامل ڪيل آهي. جيڪو سنسيلَس ۽ اسڪيليگر سان منسوب ٿيل آهي.

(82) حضرت نوح عليه السلام جي ستن اصولن کي مارشم چگيءَ طرح سمجهايو آهي (ڪرانيڪَس جو قانون، صفحا 180-154) جيڪو هن موقعي تي سيلڊن جي اعتماد ۽ علم مان فائدو ونيو ٿو.

(83) حضرت آدم عليه السلام، حضرت نوح عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام جن جي مذهبي تعليم منجهان ڪجهه حصا مُحَمَّد ﷺ جن جي مذهب ۽ روايتن سان ملائي ان کي سينگاريو ويو آهي، جيئن ڊي هربيلاٽ جي واقعن ۾ ٻڌايو ويو آهي.

(84) قرآن (128-7 وغيره، 173- 10) وغيره، ڊي هربيلاٽ صفحا 647 وغيره.

(85) قرآن (40 ,3، 80 ,4)، ڊي هربيلاٽ صفحا، 399 وغيره.

(86) سينٽ ٿامس جي مقدس ڪتاب جو مطالعو ڪيو، يا وري اِنفئنسي جو. جيڪي فئبريشيَس جي ائپوڪرفَس جي قانون ۾ ڄاڻايل آهن جيڪو ان بابت مختلف شاهدين پاڻ وٽ جمع ڪندو رهيو آهي. (صفحا 158-128) انهن ڪتابن کي ڪوٽليئر يوناني زبان ۾ ڇاپيو هو ۽ سائيڪ وري عربي ۾ ڇپرايا هيا، جيڪو اسان جي موجوده نسخي کي مُحَمَّد ﷺ جن کان به پوءِ جو تسليم ٿو ڪري. تنهن هوندي به سندس قول، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي اصل بولن سان مطابقت رکن ٿا جيڪي هن پينگهي ۾ چيا هيا ۽ جيڪي هن متيءَ مان ٺهيل پڪين کان چورايا هيا. وغيره (سائيڪ 46, 206 198-199, 36, 168-169 ,i ۽ ڪوٽليئر 161-160 ,2)

(87) هن ڳالهه جو اشارو قرآن ۾ اٽڪٽي نموني سان ڏنل آهي، (39 ,3) پر سونائيٽس جي روايتن ۾ ان کي وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪيو ويو آهي. (ڏسو سيل جي وضاحت ۽ ان سان گڏ مراڪي کي به ڏسو، 112 ,i) ٻارهين صدي عيسوي ۾ بي عيب هئڻ جي تصور کي سينٽ برنارڊ نِنديو هو. (فرا، پائولو، استوريا، ڪتاب-ii)

(88) قرآن جو مطالعو ڪيو (4 ,53 ,3) ۽ مراڪي جو 156هون ڇاپو به پڙهو: (جيڪي ڏوکي ڏيڻ جا ماهر آهن، الله اُنهن کان انهيءَ ڳالهه ۾ به متاهون آهي..... ۽ هنن کين هڪ نعم البدل عطا ڪيو هو) ۽ تبصري ڪرڻ وارن کي يقين آهي (مراڪي- 173 ii, 113-115 سيل صفحا 42-43,79) ته هڪ ٻيو ماڻهو جيڪو هڪ دوست يا دشمن جي روپ ۾ هو ۽ جيڪو حضرت عيسيٰ عليه السلام جي هم شڪل هو، سو صليب تي چڙهي ويو هو، هڪ اهڙو افسانو جنهن کي

سينٽ برنابس جي مقدس ڪتاب ۾ پڙهيو ويو هو ۽ جيڪو تمام گهٽو اڳ آئرينيَس (120-200) جي دؤر ۾ شروع ڪيو ويو هو ۽ ان کي شروع ڪرڻ وارا ايبونائيٽس فرقي جا لادين ماڻهو هيا. (بيوسوبر- مئنيڪزم جي تاريخ- ii,25، موشيم- (حضرت عيسيٰ ؑ جي بيان ۾ ص-353).

(89) هي الزام قرآن ۾ اَڻ ڇڻي نموني بيان ڪيل آهي. (3, 45) پر نه ته مُحَمَّد ﷺ جن ۽ نه سندن پوئلڳ ٻولين يا تنقيد کان ايترا واقف آهن جو اُهي پنهنجن شڪن شبهن کي ايتري اهميت ڏيارڻ سگهن. ان جي باوجود آريَن ۽ نستوري فرقي جا ماڻهو پوءِ ٻه ڪي قصا ڪهاڻيون ٻڌائي سگهن ٿا ۽ پيغمبر جيڪو اُمي هو، مئنيڪيَنس جي بهادريءَ جي داستانن کي ٻڌي ٿي سگهيو. ڏسو بيوسوبر کي (i, 291-305).

(90) جيڪي پيشنگويون توريت ۽ انجيل ۾ ڪيون ويون آهن، ۽ جن کي مسلمانن طرفان ڏوڪيبازي يا سندن جهالت سبب بدلايو ويو آهي، اُنهن کي پيغمبر ﷺ سان منسوب ڪيو ويو آهي ته اُهو ماڻهن کي تسلي يا آڻت ڏيندڙ هو ۽ هن لقب تي اڳ ۾ ئي مانٽئنسٽن ۽ مئنيڪيَنس طرفان قبضو ڪيو ويو هو. (بيوسوبر- مئنيڪيَنس جي تنقيدي تاريخ i,263 وغيره) ۽ لفظن کي بدلائڻ سان اهو آسانيءَ سان ممڪن ٿي سگهيو. (مراڪي- i,i,15-28).

(91) قرآن جي مطالعي لاءِ ڏسو دِي هربيلاٽ- (صفحا 88-85، مراڪي، ٽام-i، وِٽ مُحَمَّد ﷺ ۾ صفحا 45-33، سيل- بنيادي گفتگو- صفحا 70-56).

(*) (اصول، فلسفو).

(92) قرآن- (17,89، سيل- صفحا 236-235، مراڪي- ص 410).

(93) تنهن هوندي به عربن جي هڪ فرقي کي آماده ڪيو ويو هو ته ان کي يا ته برابر ڪيو وڃي يا ان جي رتبي کي وڌائي ڇڏجي ۽ ان ڪم ۾ فقط قلم کي تڪليف ڏيڻي پوندي. (پوڪوڪ- اسپيميين- صفحا 221 وغيره) جنهن موجب هڪ بهترين تحريري ٽڪري جي مذمت ڪئي وئي آهي. (i,ii,69-75).

(*) (ترجمو).

(94) مڪالَس (صفحا 671-673) ڪيترين ئي مصر جي مورتيُن جو اِپياس ڪيو آهي جيئن ايليفنٽا، پئپميرَس، نيل، واڳون وغيره، ٻوليءَ کي مشڪوڪ نموني سان عربي- عبراني ڪوٽيو ويو آهي. ننڍي هوندي ٻوليءَ جي لهجن جي هڪ جهڙائيءَ کي گهٽو محسوس ڪيو ويندو هو پر جڏهن ماڻهن جون عُمريون وڌي ويون ته لهجن جي هڪجهڙائپ جي ويجهائي ختم ٿيندي وئي. (ميڪالس- ص 682، شُلٽينس- (پريفئٽ ۾ جاب).

(95) البخاري- سن 224ھ ۾ گذاري ويو ڏسو دِي- هربيلاٽ (صفحا 208,416,827) گئگنيئر، ابوالفدا- (19،33).

(96) قرآن جو چگيءَ طرح مطالعو ڪيو. (باب- 2,6,12,13,17) پرائيديڪس- مُحَمَّد ﷺ جي زندگي- صفحا 18,19) بابت مغالطي ۾ پئجي ويو آهي. مراڪي- هڪ بي علمي طريقي سان تحرير جا اهڙا ٽڪرا ڏيکاريا آهن، جيڪي سندس معجزن جي نفي ڪن ٿا. (القرآن 12-i,ii,7)

(97) ڏسو اسپيسيمين (عربستان جي تاريخ خاص طرح ابوالفراجيَس جي متن جو مطالعو ڪيو (ص- 17) جنهن ۾ پوڪوڪ جا حاشيا به شامل آهن (صفحا 190-187)، ڊي- هربيلاٽ (مشرقي واقعا- صفحا 77-76) چاردن جا ساموندي سفر (vi,200-0) مراڪي- (القرآن 64-22,i).

(*) (ويجهو، گهرو)

(†) (مقابلو).

(98) رات جي سفر (معراج جو سفر) ڪي ابوالفدا طرفان بيان ڪيو ويو آهي مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال- 19,33) جيڪو ان ڪي هڪ خواب يا تصور ٿو ڪوئي ۽ پرائيديڪس (صفحا 40-31) فضوليات ڪي. اجا وڌيڪ وڌايو آهي ۽ گئگنيئر (i,252-343) جيڪو جذباتي آهي الجنابي جي حوالي سان صاف چوي ٿو ته جيڪو معراج ڪي نٿو مڃي، اُهو ڇڻ قرآن جو انڪار ٿو ڪري، جنهن ۾ هو بهشت، جيروسلم يا مڪي جو نالو نٿو وٺي، پر ان ۾ فقط هڪ اشارو آيل آهي ('سڀ تعريف ان الله ڪي جڳائي جنهن پنهنجي بندي ڪي مسجد حرام کان اقصيٰ تائين پهچايو'. قرآن- 17,I مراڪي، ii,407) سيل طرفان فضوليات بيان ڪيل آهي.

(99) پيغمبري طريقي سان جنهن ۾ موجوده وقت يا ماضي ڪي مستقبل لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، مُحَمَّد ﷺ جن چيو هو: 'اُها گهڙي اچي وئي آهي ۽ چند بن آدن ۾ ورهائجي ويو آهي'. (قرآن- ,54,i، مراڪي- ii,688). هيءَ جذباتي آلاپ حقيقيت ۾ بدلجي ويو هو جنهن جي شاهدي ان وقت جي تمام معزز ۽ اعتماد وارن ماڻهن ڏني هئي. (مراڪي- ii,690) ان ڏينهن جي ياد ڪي فارس وارن طرفان اجا تائين ملهايو ويندو آهي. (چاردن- iv,201) ان روايت ڪي گئگنيئر طرفان پڻ حقيقت جي روپ ۾ دهرايو ويو آهي، مُحَمَّد ﷺ جو احوال (I,183-234 ۽ ان جي تصديق الجنابي پڻ ڪئي آهي. تنهن هوندي به هڪ مسلمان ڊاڪٽر خاص شاهد جي شاهديءَ تي ان ڪي وَٽَ ڪئي آهي. (پوڪوڪ- اسپيسيمين، ص- 187) بهرحال جيڪي بهترين ۽ اعتماد لائق مترجم آهن اُهي قرآن ۾ آيل بيان سان متفق آهن.)(البداوي، هاٽنگر- (مشرقي تاريخ ii,302) ۽ ابوالفدا جي خاموشي وري عجيب آهي جيڪو هڪ شهزادو ۽ فيلسوف پڻ آهي.

(100) اسپيسيمين ۾ ابوالفراجيَس (عربن جي تاريخ- ص- 17) ۽ پوڪوڪ جي حاشين ۾ سندس طنز حقيقت تي مبني آهي. (صفحا 194-190) جنهن ۾ حوالا مستند آهن.

(‡) (ممڪن طريقي سان).

(101) هنن حڪمن يعني حج، نماز، روزا، خيرات ۽ وضو ڪرڻ يا پاڻ ڪي پاڪ رکڻ، ڪي مراڪي، فارس ۽ عربستان جي ديني عالمن کان حاصل ڪيو آهي. (پروڊرومَس iv,9-24) مراڪي ڪنهن حد تائين الزام ڏيندڙ آهي ۽ چاردن وٽ هڪ فيلسوف واريون اکيون آهن ۽ ريلنڊ هڪ انصاف پسند طالب علم هو جنهن وسيع دنيا جو سفر پڻ ڪيو هو. ٽورنفورٽ جي چوڏهين خط ۾ ليونٽ جا ساموندي سفر (ii,325-360 آڪٽئوو ۾) بيان ٿو ڪري ته هن تُرڪن جي مذهب جو مطالعو ڪيو هو.

(102) محمد ﷺ (سيل جو قرآن- 9,153) عيسائين جي منمت ٿو ڪري ته هنن پنهنجن پادرين ۽ ٻاوَن کي الله کان پوءِ ٻي نمبر جو رتبو ڏئي ڇڏيو هو، تنهن هوندي به مراڪي- (پروٽسٽنٽزم iii,69,70) پادرين جي عبادت ۽ جيڪي حوالا هنن قرآن مان ابليس يا شيطان بابت ڏنا آهن، کي درگذر يا معاف ٿو ڪري ڇڏي. ياد رهي ته ابليس کي بهشت مان تڙايو ويو هو ڇاڪاڻ ته هن حضرت آدمؑ کي سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

(103) قرآن- (5,94) ۽ سيل جو حاشيو جيڪو جلال الدين ۽ البداوي جي ڪتابن جو حوالو ٿو ڏئي، ڏي- هربيلات چوي ٿو ته محمد ﷺ راهبيت يا خانقاهيت جي منمت ڪئي هئي ۽ فقيرن ۽ درويشن جا پهريان لشڪر هجري سن 300 کان پوءِ نڪري نروار ٿيا هيا. (مشرقي واقعا- صفحا 292,718).

(104) ٻئي منع نامي کي ڏسو. (قرآن- 2,25,5,94) هڪڙو هڪ قانون ساز جي حيثيت ۾ ۽ ٻيو هڪ مذهبي جوش جذبي رکندڙ جي حوالي سان. محمد ﷺ جي ذاتي يا عوامي مقصدن تي پرائيديڪس روشني وڌي آهي. محمد ﷺ جن جي زندگي- صفحا 62,64) ۽ سيل جو ڪتاب (بنيادي گفتگو- ص 124).

(105) مراڪي حسد مان (پروٽسٽنٽزم- iv,33) روم جي ڪئٿولڪن لاءِ ڪشادي ذهن سان سندن خير خيرات ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. مثال طور: پندرهن عاليشان اسپتالون ڪلي ويون آهن جيڪي هزارين مريضن ۽ زيارتين جي علاج ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويون آهن، پندرهن سؤ نرسن کي هر سال خدمتن ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي، مردن توڙي عورتن جي پلائي لاءِ چاوَنجاهه اسڪول کوليا ويا آهن، پائيچاري ۽ برادريءَ جي بنيادن تي هڪ سؤ ويهه مرڪز کوليا ويا آهن ته جيئن اُهي پنهنجين برادرين جون تڪليفون دور ڪري سگهن، وغيره. لنڊن جي فياضي ايجا به گهٽي آهي، پر منهنجو اهو نظريو آهي ته مذهب کان وڌيڪ انسانيت جو وڌيڪ حق آهي.

(*) (جوش، جذبو).

(106) هيرودوٽس جو مطالعو ڪيو. (ii,123) ۽ اسان جي ديسي ۽ ملڪي ماڻهو سر جان مارشل کي پڙهو. (واقعا- ص 46) ۽ ساڳئي ليکڪ (صفحا 274-254) جون اُهي تحريرون به ڏسو جيڪي دوزخي خِطن لاءِ لکيل آهن يعني جيئن اُنهن کي يونانين ۽ مصرين طرفان لکيو ويو آهي يا وري قديم زماني جي شاعرن جيئن اُنهن کي بيان ڪيو آهي.

(107) قرآن- (2,259 وغيره) (سيل- ص- 32، مراڪي- ص 97) هڪ زبردست معجزي جو بيان ڪن ٿا جنهن ماڻهن جي تجسُس کي مطمئن ڪري ڇڏيو هو ۽ حضرت ابراهيمؑ جي مذهب ۾ سندن يقين پختو ٿي ويو هو.

(108) ريلنڊ جو چوڻ آهي ته محمد ﷺ مذهب جي سيني منڪرن جي منمت ٿو ڪري محمد ﷺ جو مذهب- صفحا 142-128) ته شيطانن کي آخرڪار نه بچايو ويندو. (صفحا 199-196) ته بهشت ۾ رڳو جسماني يا مادي آسائشون نه هونديون. (صفحا 205-199) ۽ عورتن جا روح لافاني آهن. صفحا 209-205).

(109) البداوي- سيل، قرآن- (9,164) پلي کو مٽ مائٽ هجي پر جي اُهو ڪافر يا مشرڪ آهي تہ ان جي لاءِ مُحَمَّد ﷺ موجب دعا نہ گهرڻ جائز آهي ۽ اهو ئي پيغمبرؐ توڙي حضرت ابراهيمؑ جو مذهب آهي جنهن پنهنجي پيءُ کي به الله جو دشمن سڏيو هو. تنهن هوندي به حضرت ابراهيمؑ (9,116) مراڪي جي چوڻ موجب (ii,317) يقينن هڪ نيڪ انسان هو.

(*) (مذهبي جوش جذبو).

(110) قيامت جي ڏينهن توڙي جنت دوزخ جي جاڻ لاءِ قرآن جو مطالعو ڪيو. (2,25,56,78 وغيره) ان سان گڏ مراڪي جي زهريلي پر علمي تردید به ڏسو (جيڪا سندس حاشين ۽ پروڊرومَس ۾ آيل آهي- iv,78,120,122 وغيره) ۽ سيل صفحا- (76,173) ماگي جي اصلوڪي عقيدي ڪي، سندس دفاع ڪندڙ ڊاڪٽر هائيڊ اٽچٽي ۽ مشڪوڪ نموني سان بيان ڪيو آهي. (مذهب جي تاريخ -412-402 ,33، اڪسَن 1760ع) هڪ مضمون جنهن جو عنوان مُحَمَّد ﷺ آهي، بيل بڌايو آهي تہ ذهانت ۽ فلسفو صحيح معلومات پهچائڻ کان ڪيڏا نہ سمجهہ کان پري آهن.

(111) پيغمبر ﷺ جي تاريخ تي اچڻ کان اڳ ۾ اهو مون تي لازم آهي تہ آءٌ ان جي شاهدي پيش ڪريان. قرآن جي لاطيني، فرانسيسي ۽ انگريزي ترجمن کان اڳ تاريخي ڳالهين جو ذڪر اچي ٿو ۽ ٽي مترجم يعني مراڪي- (i,10,32) سئوَري- (i,1-248) ۽ سيل (بنيادي گفتگو- صفحا 56-33) پنهنجي مصنف جي ڪردار ۽ ان جي زبان جو چگيءَ طرح مطالعو ڪيو هو. مُحَمَّد ﷺ جي زندگي جي بن دؤرن بابت ڊاڪٽر پرائيديڪس ڪافي ڪجهہ لکيو آهي. مُحَمَّد ﷺ جي زندگي- ستون چاپو لنڊن 1718) پر سندس مخالفت ۽ ذلت واري خواهش تہ ڪنهن به طرح سان هو مُحَمَّد ﷺ جن جي شخصيت ۾ هڪ مڪار ڪي ڳولي ڪڍي، ان ڊاڪٽر جي علم ڪي بگاڙي ۽ بيهودو بنائي چڏيو آهي ۽ سندس ذهني صلاحيتن ڪي به مشڪوڪ بڻائي چڏيو آهي. ڊي- هربيلاٽ جو مضمون (مشرقي واقعا- ص- 603-598) گهڻو ڪري نوويري ۽ مِرڪانڊ مان ڪنيو ويو آهي، پر اسان جو اعتماد وارو ۽ بهترين رهبر فقط گئگنيئر آهي جيڪو فرانس جو رهواسي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ مشرقي زبانن جو پروفيسر آهي. بن اهم تحريرن ۾ (اسماعيل ابوالفدا، هن وڏي وضاحت سان، ابوالفدا ۽ الجنابي جي عربي ۾ لکيل متن جو ترجمو ڪيو آهي. پهرين تحرير هڪ مهذب بادشاهہ بابت آهي جيڪو شام ۾ هَما جي هڪ وادي ۾ رهندو هو. (1332-1310ع) ڏسو گئگنيئر (پريفئٽ ۾ ابوالفدا) ۽ بي تحرير هڪ سادي ۽ پورڙي ڊاڪٽر بابت آهي جنهن مڪي جو سفر 1566ع ۾ ڪيو هو. (ڊي- هربيلاٽ ص 397، گئگنيئر- iii,209-210) هي منهنجا ذاتي رايا آهن پر مهربان پڙهندڙ وقت جي نزاڪت کي سامهون رکندي ضرور بابن کي ورهائيندا ۽ اُنهن کي اطمينان سان پڙهندا. تنهن هوندي به آءٌ ايترو ضرور چوندس تہ ابوالفدا ۽ الجنابي جديد تاريخدان آهن ۽ اُهي پهرين صدي هجري جي ليکڪن کي يقينن پسند نہ ايندا.

(112) يونانين کان پوءِ، پرائيديڪس (ص- 8) مُحَمَّد ﷺ جي اُم المؤمنين جي باري ۾ شڪ واري ڳالهہ ٿو ڪري، جڏ تہ هو سندن خادم يا صلاحڪار جي حيثيت ۾ ساڻن گڏ رهندو هو (صفحا 272 وغيره) ۽ اڳتي هلي بيبي خديجہ جي عظيم خيالن ۽ حب الوطني بابت اسان کي

بڌائي ٿو ته ساڳي وقت اُنهن شيدائين جي باري ۾ به جاڻ ڏئي ٿو جيڪي شروعات ۾ مسلمان ٿيا هيا.

(113) (وزير، بار ڪٽڻ وارو، ڊوئيندڙ وغيره) ۽ هن عام ماڻهوءَ جو نالو ملڪ جي وڏن وڏن ماڻهن لاءِ هڪ مثال يا استعارو بنجي ويو. گئگنيئر، ابوالفدا- ص 19) مون ڪوشش ڪئي آهي ته عربي جي محاورن ۽ اصطلاحن کي ائين استعمال ڪريان جيئن اُهي ان زبان ۾ ڪتب اچن تا، تنهن ڪري لاطيني يا فرانسيسي زبانن مان ترجمي ڪرڻ وقت مون محاورن جي اصل شڪل کي محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

(*) (اندازو لڳايو ويو).

(114) برداشت ڪرڻ جي سلسلي ۾ قرآن جون آيتون يا سورتون تاڪيد سان نازل ٿيل آهن ۽ تمام گهٽيون آهن. (257,16,129,17,54,45,15,50,2,39,88,21) جن تي مراڪي ۽ سيل جا حاشيہ پڻ آهن. هيءَ خصوصيت ئي اهڙي آهي جيڪا عالمن جي شڪن شبهن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿيندي ته اهي سورتون مڪي يا مديني مان ڪنهن هڪ هنڌ تي نازل ٿيون هيون.

(115) قرآن جو مطالعو ڪيو. خاص طرح سان (7,123,124 وغيره) ۽ ساڳي وقت عربن جي روايتن کي به ڏسو. (پوڪوڪ، اسپيسيمين- صفحا 37-35) ثمود قبيلي جي آثارن مان ظاهر ٿو ٿئي ته اُهي ننڍي قد جا ماڻهو هيا. هي آثار مديني ۽ دمشق جي وچ تي لڌا ويا آهن. (ابوالفدا، عربستان جو بيان- صفحا 44-43). هن قبيلي جو لاڳاپو اوائلي دنيا جي ٽروگلوڊائيٽس سان منسوب ٿيڻ جو انديشو ظاهر ڪيو ويو آهي. (مڪيلس- لوٿ- صفحا 134-131) مصر ۾ ڪوجنائون- ii,48 وغيره)

(116) حضرت يعقوب جي وقت ۾، لاديني‌ءَ جي ڏوهه تي عرب مئجسٽريٽ سزائون ڏيندا هيا. (-31,26 28). مون کي ان معزز مئجسٽريٽ يا سرواٽ جو ٻڌي شرمساري ٿي ٿئي (صفحا 651-650، جنهن کي مڪيلس ايڊٽ ڪيو آهي ۽ جنهن جي باري ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي جي هڪ پروفيسر جا خط پڻ آهن. (صفحا 53-15) جيڪو پنهنجي سرواٽي يا بزرگي جي روايتن جي پاسداري ٿو ڪري.

(117) ڊي- هربيلاٽ (مشرقي واقعا ص 445) هو مُحَمَّد ﷺ جن جي هجرت جي باري ۾ هڪ خاص تاريخ جو حوالو ڏئي ٿو.

(118) هجري سَن کي پي خليفي حضرت عمرؓ قائم ڪيو هر جنهن کي عيسائي شهيدن جي ڪئليندڙ جي طرز تي لاڳو ڪيو ويو هو. (ڊي- هربيلاٽ ص 444) ۽ اهو سن مُحَمَّد ﷺ جن جي هجرت کان اٺ ڏينهن کان شروع ٿي ويو هو جيڪو عيسوي سن جي حساب سان جمعي جو ڏينهن 16 جولاءِ 622 ع وڃي ٿو ٻيهي. (ابوالفدا- مُحَمَّد ﷺ جو احوال- -22-23,45 50) ۽ اُلڳ بيگ جو چاپو (عربن جا ڪارناما- 1,8,10 وغيره).

(119) اسلام جي تبليغ ڪرڻ کان وٺي هجرت تائين مُحَمَّد ﷺ جن جي زندگي جو احوال ابوالفدا جي تحرير ۾ ڏسي سگهجي ٿو. الجنابي طرفان (صفحا 187-134) وقف ڪيا ويا آهن. پر ان ڪم کان وري ابوالفدا بُجان ڏيڪاري آهي.

(*) (ظاهر ٿيو يا ظاهر ڪيو ويو).

(120) مُحَمَّد ﷺ جن جو ٿي دفعا جلوه گر ٿيڻ جو ذڪر ابوالفدا ڪيو آهي. (صفحا 30,33,40,84) ۽ گئگنيئر- (i,342 وغيره 349 وغيره، ii,323 وغيره).

(121) پرائيديڪس- مُحَمَّد ﷺ جي زندگي- ص- 44) مُحَمَّد ﷺ جن تي الزام لڳايو آهي تہ هن ہن يتيمن کي قُربو هو جيڪي هڪ رازي يا ڏکڻ جا پٽ هيا، هڪ اهڙو بيهودو الزام جيڪو هن 1130ع کان اڳ شايع ٿيل هڪ عربي ڪتاب مان ڳولي ڪڍيو هو، پر ايماندار گئگنيئر (جنهن جي پنهرائي ابوالفدا بہ ڪئي آهي ص- 53) ٻڌايو آهي تہ الٹجار جي لفظ مان هنن ڏوکو کاڌو هو، جنهن جو مطلب هڪ اڻ ڄاتل ڏنڈي جو نہ پر عربن جي هڪ عزت واري قبيلي جو آهي. زمين جي بربادي واري حالت کي ابوالفدا چگيءَ طرح بيان ڪيو آهي ۽ سندس مانائتي مترجم البخاري اهو ثابت ڪيو آهي تہ الجنابي قيمت ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي جيڪا نهايت مناسب هئي ۽ اها آڇ احمد بن يوسف کان آئي هئي جنهن جي ادائيگي سخي مرد ابوبڪر صديقؓ ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح پيغمبرؐ تي جيڪو فضول الزام لڳو هو ان جي تلافي ٿي وئي.

(122) الجنابي. (گئگنيئر- ii,246,324) 'مُهر ۽ مِمبر' کي، الله جي پيغمبر ﷺ جا احترام وارا تبرُک يا نشانيون ٿو ڪوٹي ۽ سندن گهر جي نقشي کي ابوالفدا جي تحريرن منجهان هٹ ڪيو ويو آهي. (44،85).

(123) قرآن جو انون توڙي نائون باب ڪُليل، ڇڻا ۽ زوردار آهن ۽ مراڪي (پروڊرومَس iv,59-64) اُنهن تي وڌيڪ روشني وڌي آهي.

(124) ڊيوٹر نامي جا ڏهون ۽ ويهون بابَ، جن بابت جوشُئا ۽ دائود جا تبصرا لکيل آهن، هاٹوڪن عيسائين طرفان اطمينان جي بجاءِ خوف سان پڑهيا ويندا آهن، پر پادري توڙي يهودي معلم ڪليسائيٹ جي ڊنڊوري کي بار بار دهرائيندا رهيا آهن. (سيل- بنيادي گفتگو- صفحا 142-143).

(125) ابوالفدا مُحَمَّد ﷺ جي احوال ۾ - ص 156) پيغمبرؐ جي ذاتي اسلحي خاني ۾ نوَ تراريون، ٿي چُهنبدار نيزا، ستَ پالا، هڪ ترڪش يا تيردان، ٿي تيرڪمان، ست ڍالون، ٿي شيلڊون ۽ بہ مٹي جي بچاءَ جا هيلميٹ هيا، (گئگنيئر- iii,328,334) ۽ وٹس هڪ وڏي سائيز جو جهنڊو ۽ ڪارو بئنر (ص- 335) ۽ ويهہ گهوڑا هيا. (ص- 322 وغيره). فوجي بهادريءَ بابت سندن قول حديثن ۾ موجود آهن. (گئگنيئر- ii,88,337).

(126) جنگ بابت مُحَمَّد ﷺ جي قاعدن قانونن جي موضوع تي وڏي عالم ريلنڈ هڪ جدا مضمون لکيو آهي (مختلف مضمون- ٹام- iii، مضمون- x، صفحا 53-3).

(*) (صورت، خيال).

(127) تقدير يا مقدر جو فلسفو، جنهن تي ڪجهہ مذهب هڪ ٻئي کي نِندينداً رهندا آهن، قرآن ۾ سختيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي. (3,52,53,4,70 وغيره) جنهن بابت سيل جا حاشيا- (17,413) جن ۾ مراڪي پڻ شامل آهي، موجود آهن. ريلنڈ- مُحَمَّد ﷺ جو مذهب- ص 61-64) ۽ سيل (بنيادي گفتگو- ص 103) وڏن عالمن ۽ ڊاڪٹرن جي خيالن جي نمائندگي ڪن ٿا، جن ۾ ڪجهہ سياحن، جو اعتماد يا ٹُرڪن جو گهر ٹيندڙ يا ٹمڪندڙ اعتماد بہ شامل آهي.

(128) الجنابي (ان سان گڏ گڏگنيئر- ii,9) ستر يا اسي گهوڙن جو ذڪر ٿو ڪري، ۽ اُحد جي جنگ ڪان اڳ بن موقعن تي هو ٽيهن (ص- 10) ۽ 500 (ص- 66) سپاهين جي فوج جو ذڪر ٿو ڪري. تنهن هوندي به اُحد جي جنگ ۾ مسلمانن وٽ بن کان وڌيڪ گهوڙا نه هيا. (هي انڪشاف ابوالفدا جو آهي (جيڪو مُحَمَّد ﷺ جي احوال ۾ موجود آهي). پهاڙي صوبي ۾ اُٺن جو تعداد تمام گهٽو هو پر گهوڙا خوشحال عربستان ۾ تمام گهٽ هوندا هيا.

(129) بدر- حنين مديني کان ويهن ۽ مڪي کان چاليهن ميلن تي آهي ۽ مصر طرفان يا ان طرف ايندڙ ويندڙ قافلن جي رستي جي مٿاهين هنڌ تي آهي ۽ حاجي سڳورا هر سال پيغمبرؐ جي فتح جو جشن ملهائيندا آهن جنهن ۾ چراغان پڻ ڪندا آهن.

(130) جنگ جي دؤران جنهن جڳهه تي مُحَمَّد ﷺ جن کي حفاظت ۾ رکيو ويو، ان کي گڏگنيئر بيان ڪيو آهي (ابوالفدا ۾ 27,58 مُحَمَّد ﷺ جو احوال- ii,30,33) ۽ اُهو هنڌ ڪاٺ جي هڪ جهوپڙي هئي جنهن کي هڪ دروازو هو. ساڳئي عربي لفظ کي رزڪي پڻ بيان ڪيو آهي. (مسلمانن جا واقعا- ابوالفدا- ص 23) فرق فقط ان اهم لمحي جو آهي جنهن سان مترجم توڙي سپوت جي مان ۾ اضافو ٿئي ٿو. مون کي افسوس ٿو ٿئي ته رزڪي پنهنجي ئي محنت ڪش دوست کي سزا ٿو ڏئي. (سندس ڪوششن جو طريقو عجيب آهي ته سمورا صفحا درستگيءَ سان نيڪ ٿي سگهن ٿا، پر هو عربيءَ جو ايترو ڄاڻو نه آهي ۽ ونس تنقيدي تجربي جي به ڪمي آهي). رزڪي- ص 228، ابوالفدا- (سيرا تبولي لپسي 1766).

(*) ڪيس ڪمزور ڪيائين).

(131) قرآن ۾ جيڪي ٽڙيل پکڙيل ڳالهيون آهن (3,124,125,89) اُنهن مطابق تبصري نگارن تعداد گهٽ وڌ ٻڌايو آهي. مثال طور: 1000، 3000، يا 9000 فرشتا ٻڌايل آهن، ۽ اُنهن منجهان تعداد نندي ۾ ننڍو به هجي تڏهن به اُهو ستر قريشن کي مارڻ لاءِ ڪافي آهي. (مراڪي- اهڙو تعداد جنهن کي منهنجون گنگهار اکيون به ڏسي سگهن. (مراڪي- ص 197) اُهي لفظن کي رڳو بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهن. (باب 16،8) 'تون نه، پر الله تعالي'. (ڏي هربيلاٽ- مشرقي واقعا صفحا 601-600).

(†) (سندس آمدني جو حصو جيڪو هو خير، خيرات ۾ ڏيندو هو).

(‡) (طنبورو يا رباب).

(132) جاگرافي- نيو بينسس- (ص 47).

(133) قرآن جي ٽئين سيپاري ۾ (صفحا 53-50) جنهن ۾ سيل جا حاشيا به شامل آهن، پيغمبرؐ اُحد جي جنگ ۾ شڪست جي باري ۾ ڪجهه ڪمزور جواز پيش ڪيا آهن.

(134) قريشن جي ٽن جنگين يعني بدر، اُحد ۽ خندق بابت ابوالفدا جو مطالعو ڪيو. (صفحا 56-61,64-69,73-77) گڏگنيئر ii,23-45,70-96,120-139) هن ۾ ڏي- هربيلاٽ جا مضمون ۽ الماسن جا حاشيا به شامل آهن. (عرب مسلمانن جي تاريخ 7-6) ۽ ابوالفراجيَس- (شهنشاهتون، ص- 102).

(*) عبادت ڪرڻ ۾ جنهن جڳهه سان مُحَمَّد ﷺ جو واسطو پيو، اُها هر حال ۾ مڪي سان تعلق رکندڙ هئي).

(135) ڪنوڪا جي يهودين، نزارين، قريشين ۽ خيبر جي قبيلن خلاف مُحَمَّد ﷺ جي جنگين جي احوال کي ابوالفدا قلمبند ڪيو آهي. (صفحا 61,71,77,87 وغيره) ۽ گئگنيئر ii,61-65,107-122,139-148,268-294).

(136) ابو رافع، جيڪو مُحَمَّد ﷺ جن جو خادم هو، جي لاءِ چيو ٿو وڃي ته هن پاڻ ۽ ستن ٻين ماڻهن پوءِ ڪوشش ڪئي ته گيٽ کي چوري يا کٽي سگهن پر ان ڪوشش ۾ هو سيئي گڏجي به ڪامياب نه ٿي سگهيا. (ابوالفدا- ص 90) ابو رافع عيني شاهد هو پر ابو رافع جي لاءِ شاهدي ڪير ڏيندو؟

(137) الماسِن، يهودين جي ملڪ نيڪالي بابت تصديق ٿو ڪري. (عرب مسلمانن جي تاريخ- ص- 9) ۽ عظيم الطبري (گئگنيئر- ii,285). ان جي باوجود نيبهُر (عربستان جي تذڪري ۾- ص- 324 تي) ٻڌائي ٿو ته يهودي مذهب ۽ قرطي مذهبي طريقي جا پرچارڪ اڃا تائين خيبر جي قبيلن ۾ موجود آهن.

(138) مڪي جي ننڍي ٽيڻ جي احوال کي ابوالفدا قلمبند ڪيو آهي (صفحا 84,87,97-100,102-111) ۽ گئگنيئر ii,209-245,309-322,iii,1-58) الماسِن- (عرب مسلمانن جي تاريخ- صفحا 8-10) ابوالفراجيَس- (شهنشاهتون- ص- 103).

(*) (روم جو جنرل 186-155 ق-م).

(†) (ماريَس جو دشمن 178-138 ق-م).

(‡) (پيشنگوئي ڪرڻ).

(139) مڪي جي فتح کان پوءِ، والنّيئر تصور ٿو ڪري ته مُحَمَّد ﷺ کي وڏا ڏوهه ڪيا هيا. شاعر اهو به مڃي ٿو ته تاريخ جي سچائي سندس خيالن جي حمايت هرگز نٿي ڪري ۽ فقط الزام ٿو لڳائي ته جيڪو به سندس ملڪ سان 'الله جو نالو وٺي، جنگ ٿو لڳائي ته اُهو ڪجهه به ڪري ٿو سگهي'. (والنّيئر xv,282) اهو قول نه ته عقلمندي وارو آهي نه وري ان ۾ ڪنهن به قسم جو فلسفو موجود آهي: جيڪي عظيم سپوت يا قومن جي مذهبن جا اڳواڻ آهن، اُهي يقينن عزت ۽ احترام لائق آهن. مون کي ٻڌايو ويو آهي ته پئرس ۾ جيڪو ترڪيءَ جو سفير هو ان کي هن موضوع تي اجايو بدنام ڪيو ويو هو.

(*) (ڪمايائين يا حاصل ڪيائين).

(140) اسلام جا عالم اڃا تائين ان مونجهاري ۾ آهن ته مڪي کي جنگين ذريعي ننڍو ڪيو ويو هو يا اهو ڪن آفتن ذريعي گهٽيو هو. (ابوالفدا- ص 107، گئگنيئر) ۽ هيءَ زباني ڪلامي اختلاف ائين ئي آهن جيئن اسان جي فاتح وليَم بابت ٽيا هيا.

(141) عربستان جي خطي مان عيسائين کي خارج ڪندي، حجاز جو صوبو يا گاڙهي سمنڊ سان جهاز راني هڪ مسئلو ٽي پيو. چاردن (ساموندي سفر iv,166) ۽ ريلنڊ (مختلف مضمون iii-51) خود مسلمانن کان به وڌيڪ سخت آهن. عيسائين کي موشا ۽ گيدا جي ساموندي بندرن تي وڃڻ ڏنو ويندو آهي ۽ اهو فقط مڪو ۽ ان جون حدون آهن جتي ڪافرن يا لادينن جي وڃڻ

تي پابندي مڙهيل آهي. (نيبهُر- عربستان جو احوال- صفحا 308-309) عربستان جا سامونڊي سفر- (i,205,248 وغيره).

(142) ابوالفدا (صفحا 115-112) گئگنيئر (iii,67,88) ڊي هربيلاٽ (مُحَمَّد ﷺ).

(143) طائف جي گهيري، توڙي قُرلُٽ جي احوال کي ابوالفدا قلمبند ڪيو آهي. (صفحا 123-117) ۽ گئگنيئر (iii,88,iii) اهو جنابي آهي جيڪو داز جي قبيلي جي انجٹن ۽ انجنيرن جو تذڪرو ڪري ٿو. طائف جو زرخيز بندر حقيقت ۾ اڳ شام سان لاڳاپيل هوندو هو پر پوءِ وڏين ٻوڏن سبب اهو ٽڪرو عربستان سان ملي ويو.

(*) (اهڙا سپاهي جن کي جنگ ۾ گهيري ڪرڻ جي تعليم ۽ سکيا ڏني ويندي آهي.

(*) (ڪڏ ڪوٽڙ وارا، دشمني جي ارادي سان).

(144) مُحَمَّد ﷺ جن جي آخري فتحن ۽ حج جو احوال ابوالفدا ڏنو آهي. (صفحا 133-121) گئگنيئر (iii,119-219) الماسن (صفحا 11-10) ابوالفراجيَس (ص- 103). نائين هجري کي سفارت خانن جو سال ڪوئيو ويو. (گئگنيئر ابوالفدا ص- 121).

(145) متعصب الجنابي جي پيٽ ٻين ۾ اُوترن ئي معتصبن يعني يونانين، سان ڪريو. گئگنيئر (ii,232-255) ٿيوفينس (صفحا 278-276) زونارَس (ii,xiv,86) ۽ سيدبريئس (ص 421).

(146) مُوتيٰ جي جنگ جي تفصيل معلوم ڪرڻ لاءِ ابوالفدا جو مطالعو ڪيو. (صفحا 102-100) ۽ گئگنيئر (ii,327-343) ٿيوفينس خالد بن وليد جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته ڪيس 'الله جي ترار' ڪوئيو ويندو آهي.

(147) تبوڪ جي حملي جو ذڪر اسان جي عام تاريخدانن ڪيو آهي، جيئن ابوالفدا مُحَمَّد ﷺ جو احوال، صفحا 127-123) ۽ گئگنيئر مُحَمَّد ﷺ جو احوال- (iii,147,163 پر اسان کي ان بابت وڌيڪ ثبوت قرآن مان مليو آهي. (9,154,165) جنهن ۾ سيل جا عالماڻا حاشيہ ۽ مدلل متن شامل آهن.

(148) اُئلا جي ماڻهن جي حقن جي دستاويز جي تصديق احمد بن يوسف ڪئي آهي جنهن جو مصنف لِبري اسپلينڊ وَرم (گئگنيئر ابوالفدا سان گڏ (ص- 125) آهي؛ پر ابوالفدا خود توڙي الماسِن (عرب مسلمانن جي تاريخ ص- 11) توڙي جو ڪيس خبر آهي ته مُحَمَّد ﷺ جن عيسائين جو احترام ڪندا هيا، پر سندس مقصد رڳو امن ۽ محبت جو آهي، سال 1630ع ۾ سونيتا پئرس ۾ شايع ٿيو جنهن ۾ مُحَمَّد ﷺ جو ڪجهہ احوال ڇپيو جيڪو عيسائين جي حق ۾ هو، جنهن کي قبول نہ ڪيو ويو نہ ان کان سلماسيَس ۽ گروٽيَس ٻُڃان نہ ڪئي هئي. (بيل- مُحَمَّد ﷺ هاڻنگر، بهرحال ان جي صداقت تي شڪ ٿو ڪري. (مشرق جي تاريخ، ص 237) رِناڈوٽ مسلمانن تي زور ٿو ڏئي ته هو پنهنجي رضامندي جو اظهار ڪن (سردارن جي تاريخ، ص 169) پر موشيم (ڪليسائي تاريخ، ص 244) ۾ سندن راءِ کي اجايو ٿو سڏي پر مجبوريءَ ۾ پوءِ نہ مجي ٿو وڃي. ان جي باوجود ابوالفراجيَس مُحَمَّد ﷺ جي نستورين سان صلحنامي جو ذڪر ٿو ڪري. (آسيمان، مشرقي واقعا، ii, 418) پر ابوالفرا جيَس يعقوبي قبيلي جو مڪيہ پادري هو.

(149) محمد ﷺ جي بيمار ٿيڻ کي ٽيوفينس فرونارَس ۽ ڪجھ يونانين بيان ڪيو آھي جنھن کي ھاڻنگر جي تعصب آسانيءَ سان ھضم ڪري ڇڏيو آھي. (مشرق جي تاريخ، صفحا 11-10) پرائيديڪس (محمد ﷺ جي زندگي، ص 12) ۽ مراڪي (نالم- ii، القرآن، صفحا 763-762) اھڙا لقب، ته 'ويڑھيل يا ڍڪيل' ھو، جيڪي قرآن جي ٻن سورتن ۾ آھن (74-73) اُنھن جي تشريح ايتري حد تائين نڪي وڃي سگھي، مسلمان تبصري نگارن جي خاموشي يا اڻڄاڻائي، ٻين جي فيصلائتي انڪار ڪرڻ جي مقابلي ۾ وڌيڪ مانائتي آھي. جنھن کي اوکلي ۽ تسليم ڪيو آھي. (عرب مسلمانن جي تاريخ، i, 301) (گئگنيئر ۽ ابوالفدا، ص 92 (محمد ﷺ جو احوال، i, 118) ۽ سيل (قرآن، صفحا 474-469)

(150) زھر ڏيڻ کي جيڪو (ذلت وارو عمل ھو ڇاڪاڻ ته اھو سنڊن پيغمبري جاڻ ۽ علم کي آزمائڻ لاءِ ڏنو ويو ھو) پيغمبرؐ جي ويجھن عقيدتمندن پڻ مڃيو آھي. ابوالفدا (ص 92) ۽ الجنابي (گئگنيئر سميت، ii, 286-288)

(151) يونانين توڙي لاطيني ماڻھن ھڪ فضول ۽ حماقت واري ڪھاڻي گھڙي ورتي آھي ته مڪي ۾ محمد ﷺ جو لوھ جو ٿھيل روضو ھوا ۾ لڙڪيل يا اڏيل آھي، جنھن ۾ پٿر ۽ اوتري وزن ۽ طاقت وارا استعمال ٿيل آھن. (محمد ﷺ بابت بيل جي ڊڪشنري، ريمز EE، FF) ھن ڳالھ ۾ ڪنھن ۽ فلسفي ۾ وڃڻ جي ضرورت نه آھي، ڇاڪاڻ جو اھو چوڻ ڪافي آھي ته: (1) پيغمبرؐ جي تدفين مڪي ۾ ڪانه ٿي ھئي، (2) مديني ۾ سنڊن روضو مبارڪ، جنھن جي زيارت لاءِ لکين ماڻھو سڄي دنيا کان ڪھي ايندا آھن، ھيٺ زمين تي ٿھيل آھي. (ريلنڊ، محمد ﷺ جو مذھب، ii, 19,209-211) گئگنيئر (محمد ﷺ جو احوال، iii, 263-265)

(152) الجنابي ھڪ حاجيءَ جون بيشمار ذميواريون ڳڻائي ٿو جڏھن ھو پيغمبرؐ جي روضي يا سنڊس ٻين سائين جي زيارت ڪري ٿو ۽ پوءِ ھو فيصلو ڪري ٿو ته سنڊس عقيدتمندي انھن عملن سان عين مشابهت رکي ٿي جيڪي مٿس فرض ڪيا ويا آھن، عالم ۽ ڊاڪٽر ان ڳالھ تي ورھايل آھن ته مڪي يا مديني مان ڪھڙو ھنڌ وڌيڪ شاندار آھي.*

(153) محمد ﷺ جن جي آخري بيماري، سنڊن لاڏاٽو ۽ تدفين کي ابوالفدا ۽ گئگنيئر ڇڪيءَ طرح بيان ڪيو آھي. (محمد ﷺ جو احوال، صفحا 142-133، iii, 220-271) جيڪي ذاتي ۽ مخفي حالتون ھيون انھن جي خبر فقط بيبي عائشهؓ حضرت عليؓ ۽ حضرت عباسؓ جي پٽن تائين محدود ھئي ۽ جيئن ته اُھي مديني ۾ رھندا ھيا ۽ پيغمبرؐ جي لاڏاٽي کان پوءِ ۾ ڪيترا سال زندھ ھيا ته اُنھن ممڪن آھي ته ڪجھ مقدس قصا حاجين جي ھي ۽ ٽئين نسل کي ٻڌايا ھجن.

(154) عيسائين نهايت ئي اُبھرائپ ۾ محمد ﷺ سان ھڪ ڪبوتر کي منسوب ڪيو آھي جيڪو جنت مان ھيٺ لٿو ھو ۽ سنڊس ڪنَ ۾ اچي پُڻ پُڻ ڪئي ھيائين. جيئن ته ھي معجزو

* (نوٽ: منھنجي خيال ۾ تاريخدان الجنابي جو اھو بيان سراسر غلط آھي ته مسلمان عالم ان ڳالھ تي ورھايل آھن ته مڪي يا مديني مان ڪھڙو ھنڌ وڌيڪ شاندار آھي، اھو نقطو عالم اِسلام ۾ ڪڏھن به ۽ ڪنھن به ماڻھوءَ ھن وقت تائين نه اُٿاريو آھي. (سنڌيڪار)

گروٽيَس طرفان بيان ڪيو ويو آهي (عيسائين جو مذهب) سندس عربي مترجم پوڪوڪ جيڪو هڪ عالم هو، مصنفن جي نالن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ گروٽيَس تسليم ڪيو هو ته ان معجزي جي ته مسلمانن کي به خبر ڪانه هئي. ان امڪان کان ته مبادا ان تي ماٺهو طنز ڪن ۽ ڪِلن، تنهنڪري ان عربي ترجمي کي غائب ڪيو ويو، پر ان جي باوجود به ان قصي کي لاطيني ٻوليءَ جي متن ۾ ڪافي جڳهه ملي. (پوڪوڪ، اسپيسيمين، عربستان جي تاريخ، 187-186) ريلنڊ، (مُحَمَّد ﷺ جو مذهب، 262-259 ,39 ,ii)

(155) (هي اُهو ڪجهه آهي جيڪو منهنجي ننڍپڻ ۾ مون سان شروع ٿيو: آءٌ هڪ اهڙو آواز ٻُڌان ٿو جيڪو جڏهن به مون کي سڏي ٿو ته اُهو ڪجهه ڪرڻ کان مون کي روڪي ٿو وڏي جيڪو آءٌ ان وقت ڪرڻ چاهيان ٿو، ۽ مون کي ڪڏهن به وري ان کي ڪرڻ لاءِ اُڪسائي نٿو). افلاطون (دفاع ۾) سقراط (122-121 19، جنهن کي فِشر ايڊٽ ڪيو) هڪ ڄاتل سڃاتل مثال جنهن تي سقراط پنهنجي گفتگو ۾ زور ٿو ڏئي جنهن ۾ ٽيگس به شامل آهي (افلاطون (اوپيرا، i, 128-129 جنهن کي هينري اسٽيفن ايڊٽ ڪيو)، پر اهو انسانن جي دوراندیشي يا دور رَس نگاهه کان به ايڏا اڳيرو آهي ۽ هن فيلسوف جي فطري ۽ قدرتي ذهني وسعت کي زينوفن جي اهم تحرير 'يادگيريون' ۾ ڇٽيءَ طرح بيان ڪيو ويو آهي. افلاطون جي شيدائين جي خيالن کي سِسرو تفصيل سان بيان ڪيو آهي، (قدرتي منظر، 54 ,i) تہ وري ساڳئي موضوع کي مئڪيمَس ٻڌ چوڏهين ۽ پندرهين مقالي ۾ واضح طور بيان ڪيو آهي. (صفحا 172-153 جن کي ڊِئوس ايڊٽ ڪيو).

(*) (حضرت نوحؑ)

(156) وڏن جُلدن جي تحريرن ۾ والٽيئر، پيغمبرؐ جي وڏي عمر ٽيڻ تي ڪين هڪ فقير يا درويش سان سندن پيٽ ٿو ڪري، جنهن پنهنجي ڪُڇيءَ مان سپ ڪڍ لاهي پنهنجن ساٿين ۽ دوستن جي ڪنن ۾ وجهي ڇڏيا آهن.

(157) ڪئگنيئر پنهنجي غير جانبداري واري قلم سان پيغمبرؐ جي انسانيت وارن قانونن جو ذڪر ڪري ٿو. (مُحَمَّد ﷺ جو احوال، 208 ,97 ,69 ,ii)

(158) مُحَمَّد ﷺ جن جي ذاتي يا گهريلو زندگي لاءِ ڪئگنيئر ۽ ابوالفد جي ڪجهه بابن جو مطالعو ڪيو، ان کانسواءِ سندن ڪاڏي خوراڪ (288-285 ,iii)، سندن ٻارن (صفحا 289-189) سندن ٻيبين يا گهروارين (صفحا 303-290) ٻيبي زينب سان سندن شادي (160-152 ,ii)ٻيبي ماريه سان سندن شادي (صفحا 309-303) ۽ ٻيبي عائشهؓ سان سندن پيار، (صفحا 199-186) وغيره شامل آهن. پوين ٽن سلسلن بابت اصل مواد چوڏهين، ٽيٽهين، ۽ قرآن جي ڪجهه ٻين سورتن ۾ آيل آهي، ان کان علاوه سيل جي تبصري ۾ پڻ موجود آهي. پرائيڊيڪس (مُحَمَّد ﷺ جي زندگي، صفحا 90-80) ۽ مراڪي (پروڊورومَس، القرآن، 59-49 ,iv) تعصب منجهان پيغمبر جي ڪمزورين بابت مبالغي کان ڪم ورتو آهي.

(159) 'محبت ۽ پيار جا جذبا ٻنهي طرفن کان اعتبار ڪرڻ کان ٻاهر آهن.' اميئنس مارسيلينس (xiv, 4)

(160) سيل (بنيادي گفتگو، صفحا 133-137) شادي ۽ طلاق جي قانونن کي ورجايو آهي، ۽ جنهن ۾ سيلبن جو ڪتاب 'اُڪسر، هيبريڪا' پڙهيو هوندو تہ اُهو يهودين جي قانونن يا رواجن کي ۾ آساني۽ سان سجاڻي وٺندو.

(161) هڪ يادگار صورتحال ۾ خليفي حضرت عمرؓ فيصلو ڪيو تہ فرضي يا اندازي واري شاهدي بيڪار ۽ فضول آهي، تنهنڪري چار شاهد هجن ۽ چئني پنهنجين اکين سان ائين ڏٺو هجي جيئن ڪو 'قلم مُس ڪپڙي' ۾ پيل هوندو آهي. (ابوالفدا، مسلمانن جا واقعا، ص 71)

(نوٽ: نمبر 162 کان 164 تائين حاشيا هتي ڏنل نہ آهن ڇاڪاڻ تہ اصل متن ۾ اهو حصو مصنف طرفان نازيبا بيان سبب ترجمي مان خارج ڪيو ويو آهي).

(165) ابوالفدا (مُحَمَّد ﷺ جن جو احوال، صفحا 13-12، 17-16 گئگنيئر.

(166) عربستان جي تاريخ جو خاڪو ڏي.هربيلاٽ جي تحرير مشرقي واقعن منجهان حاصل ڪيو ويو آهي (جنهنجو عنوان آهي، ابوبڪر، عمر، عثمان علي (رضي الله عنهم) ابوالفدا، ابوالفرا جيَس ۽ ايلماسن (جن ۾ هجري سالن جو تذڪرو موجود آهي) ۽ خاص طرح جنهن ۾ اوڪلي جا حوالا (عرب مسلمانن جي تاريخ، (391-378, 372, 363, 2498, 229, 122-115, 10-1, i) ۽ سندس سموري بي جلد مان ۽ ورتل آهن: تنهن هوندي ۽ اسان کي احتياط ڪرڻو آهي ڇو تہ دشمن قبيلن جون ڏکيون روايتون موجود آهن ۽ اُنهن روايتن تي تڏهن وڌيڪ ڏُنڌ ڇانئجي ويجي ٿو جيڪڏهن اطلاع جا ذريعا مٽبا رهن ٿا، سينٽ جان چاردن انهن قصن کي نهايت خيال سان لکيو آهي، جن ۾ جديد فارس وارن جون نندِيون غلطيون ۽ شامل آهن.

(167) اوڪلي (پنهنجي تحرير جي بي جُلد جي پڃاڻي۽ تي) 169 جملن جو انگريزي ترجمو پيش ڪيو آهي، جن کي هن هيڪندي هيڪندي حضرت عليؓ سان منسوب ڪيو آهي. جيڪو ابوطالب جو پٽ آهي. سندس مهاڳ هڪ مترجم جي جوش جو مظهر آهي، تنهن هوندي ۽ اهي جملا هڪ خصوصيت جي تصوير ناهن ٿا، توڙي جو اُهي انساني زندگي جي ڪجهہ اوناهي تصوير پيش ڪن ٿا.

(168) اوڪلي (عرب مسلمانن جي تاريخ، i, 5-6) هڪ عربي ۾ لکيل مُسودي مان حوالو ڪڍي ٻڌائي ٿو. بيبي عائشہؓ پيغمبرؐ جن جي جڳهہ تي پنهنجي پيءُ جي نعم البدل هئڻ جي خلاف هئي. هيءَ حقيقت جيڪا پنهنجي جڳهہ تي ناممڪن ۽ اڻ ٽيٽي لڳي ٽي، ابوالفدا، الجنابي توڙي البخاري ان طرح توجهہ نہ ڏنو آهي. امام بخاري، بهرحال بيبي عائشہؓ کان هڪ حديث جو حوالو ڏنو آهي (مُحَمَّد ﷺ جو احوال، ص 136-236 ,iii)

(169) خاص طرح پنهنجي دوست ۽ سؤٽ عبدالله جيڪو حضرت عباس جو پٽ هو ۽ جنهن جو موت 687ع ۾ ٽيو هو، اُهو مسلمانن جو وڏو عالم هو. ابوالفدا ٻڌائي ٿو تہ هن اُنهن موقعن کي دهرايو هو جن ۾ حضرت عليؓ سندس سُڻي مشوري تي ڏيان نہ ڏريو هو. (ص 76 زرڪي) ۽ جنهن مان هو نتيجو هيءُ ٿو ڪڍي: "اي اميرالمومنين! ان ۾ ڪو ۽ شڪ ناهي تہ تون وڏو طاقتور ۽ شير خدا آهين. پر تون ڪنهن جي صلاح مشوري ڏي توجهہ نہ ٿو ڏين، ۽ توکي هن دنيا جي معاملن جي ۽ گهٽ خبر آهي'.

(170) مون کي شڪ ٿو پوي ته ٻه تجربيڪار شخص ابوالفرا جيَس ص- 115، اوڪلي- i,371) شايد سندس صحيح صلاحڪار نه هيا پر سندس ٻه اڳيان خليفا يعني حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروقؓ يقيني طور تي سندس صلاحڪار هيا.

(171) فارسين جي فرقه بندي يا مذهبي قوت کي گذريل صدي جي سڀني سياحن بيان ڪيو آهي، خاص طرح سان سندن آقا چاردن ۽ نيبهُر جي ٻي ۽ چوٿين جُلد ۾ اهڙو تذڪرو آيل آهي توڙي جو ان جي صداقت ۽ اهميت ايتري نه آهي، پر ڪين اهو فائدو ضرور آهي جو هنن گهٽ پوءِ يعني 1764 ۾ لکيو آهي (عرب جا ساموندي سفر 233-ii,208) جڏهن نادر شاهه پوري قوم جي مذهب مٽائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي هئي. (سندس فارسي تاريخ ڏسو جنهن جو سر وليم جونس فرانسيسي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي (155-ii,5-6,47-48,144) کي پسند نٿا ڪن.

(172) فارس وارا حضرت عمرؓ کي پسند نٿا ڪن. جڏهن هو ڪو تير اڇلائن ٿا ته رڙ ڪري چَون ٿا: "شال هي تير عمر (حضرت عمرؓ) جي سيني مان پار ٿي وڃي". (چاردن جا ساموندي سفر- ii,239-240,259 وغيره)

(*) (سُني)

(173) لياقت ۽ اهليت جي هن معاملي کي ريلنڊ اجاگر ڪري چڏيو آهي. (مُحَمَّد ﷺ جو مذهب، i, 37) ۽ هڪ سُنيءَ جو هڪ دليل جنهن کي اوڪلي (عرب مسلمانن جي تاريخ، 230 ,ii) ۾ بيان ڪيو آهي. حضرت عليؓ خلاف بُرو پلو ڳالهائڻ جي روايت کي خود بنواُميه وارن چاليهن سالن گذرڻ کان پوءِ ختم ڪري چڏيو هو (ڊي.هربيلاٽ، ص 690) ۽ ڪجهه ماڻهو تُرڪن ۾ اچا به اهڙا آهن جيڪي هن خلاف بدشد ڳالهائن ٿا (چاردن جا ساموندي سفر، 46 ,iv)

(174) سفين جي ميدان جو تذڪرو ڊي.ائنول ڪيو آهي. (دجلہ ۽ فرات، ص 29)

(175) ابوالفدا جيڪو هڪ اعتدال پسند سُني آهي. حضرت عليؓ جي تدفين جي باري ۾ مختلف خيالن جو ذڪر ٿو ڪري پر سندس مقبرو ڪوفي ۾ ٿو ٻڌائي. جنهن کي ماڻهو سندس شهرت سبب عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسن ٿا ۽ جتي بيشمار ماڻهو زيارت لاءِ پڻ وڃن ٿا.' هن عدد کي نيبهُر هينئن ٻڌايو آهي ته هر سال 2000 ماڻهو مرن ٿا ۽ 5000 جيئرا اُتي رهن ٿا. (ii, 208-209)

(176) فارس جا جيڪي به آمر آزاد الدولت کان وٺي (977ع، ڊي.هربيلاٽ، ص- 95، 59، 58) نادر شاهه (1743ع نادر شاهه جي تاريخ، 155 ,ii) تائين رهيا آهن، اُنهن سيني حضرت عليؓ جي روضي کي دولت ذريعي پئي سينگاريو ۽ سنواريو آهي. مقبرو تامي جو نهيل آهي جنهن کي سونو پاٽي ڏنل آهي، جيڪو ڪيترن ئي ميلن کان سج جي روشني تي چمڪندو نظر ايندو آهي.

(177) مشهد علي جو شهر، جيڪو ڪوفي کان پنجن کان ڇهن ميلن ۽ بغداد کان هڪ سؤ ويهن ميلن جي پنڌ تي آهي، جديد جيروسلم جي سائيز جي ڏيڪ جهڙو آهي.. مشهد حسين جيڪو اڃا وڏو ۽ وڏي آبادي وارو شهر آهي، سو ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

(*) (هڪ وڏي طاقت)

(178) آڻ هن موقعي تي، ٽئسيٽس جي زبردست ۽ اثرائتي اظهار جو سليقو كانئس اُڌارو وٺندي اوهان كي ٻڌايان ٿو ته: "شهنشاهت جو راز هينئن پڌرو ٿيو هو ته هڪ شهنشاهه روم كان سواءِ ٻي هرهنڌ تي پيدا ٿي سگهي ٿو."

(*) (هيراكليس (حرقل) ۽ خسرو-II صدي جي شروعات ۾)

(179) مون اوكلي جي دلچسپ داستان كي مختصر كيو آهي. (ii, 170-231) اهو ڏگهو ۽ تفصيلي آهي پر سڄو سارو ڏكوئيندڙ آهي جنهن ۾ جيكي حالتون گذريون هيون اُنهن كي تفصيل سان بيان كيو ويو آهي.

(180) نيبهُر جيكو ڊين جي نالي سان مشهور آهي، (عربستان جا ساموندي سفر وغيره ii, 208) شايد يورپ جو اكيلو سياح آهي جنهن مشهد علي ۽ مشهد حسين جي سفر كرڻ جي جرئت كئي آهي. ٻئي مقبرا تركن جي انتظامي كنٽرول هيٺ آهن جيكي فارس جي لادينن جي عقيدت تي ٻه ٽئكس مڙهين ٿا ۽ كين برداشت ٿا كن. امام حسينؑ جي ورسيءَ جي موقعي تي جيكو هر سال ميلو مچي ٿو، ان كي هڪ سياح سر جان چارڊن خوبصورتيءَ سان بيان كيو آهي ۽ مون سندس سڌائين تعريف كئي آهي.

(181) ڊي.هربيلاٽ جي واقعن ۾، امام حسينؑ بابت جيكو مضمون آهي، ان ۾ شجرو ۽ ٻارهَن امامن جي زندگي جو احوال لكيل آهي جنهن ۾ هر امام بابت تفصيلي ذكر كيل آهي.

(182) حضرت عيسيٰؑ جي مخالف جو نالو ته اجايو ٿو لڳي، پر مسلمانن ۾ هر مذهب بابت قصا ۽ كهاڻيون هر وقت موجود رهنديون آهن. (سيل، بنيادي گفتگو، صفحا 82-80) اصفحان جي شاهي استبل (گهوڙن جي جڳهه) ۾ بن گهوڙن كي سڌائين سَنجن سوڌو تيار ركيو ويندو هو. هڪڙو گهوڙو خود امام مهدي لاءِ ۽ ٻيو سندس نائب ۽ ساڻي ۽ ٻيبي مريم جي پٽ حضرت عيسيٰؑ لاءِ مخصوص هوندو هو.

(183) سال 200هجري (815ع) لاءِ ڊي هربيلاٽ جو مطالعو كيو. (ص 546)

(184) ڊي هربيلاٽ، (ص- 342) فاطمي گهراڻي جي دشمن كين يهودي نسل ذريعي بيعزتو كيو. تنهن هوندي ٻه هنن پنهنجو شجرو امام جعفرؓ جيكو ڇهون امام هو، سان وڃي ملايو ۽ غيرجانبدار تاريخدان ابوالفدا ٻڌائي ٿو (مسلمانن جا واقعا، ص 230) ته اُنهن سان هر كنهن رشتو ڳنڍڻ يا شجرو ملائڻ تي چاهيو: "جيكي بغير كنهن شك شبهي جي حضرت عليؓ جي اولاد مان آهن ۽ اهڙا ماڻهو اجا ٻه موجود آهن جن كي پنهنجن ماڻهن جي حسب نسب ۽ شجرن جي پوريءَ طرح ڄاڻ آهي." هو هڪ وڏي تاريخدان شريف الرازي مان كي حوالا ٻه ڏئي ٿو. "ڇا مون كي هڪ دشمن جي ملك ۾ ٻه هيناهون ٽيڻو پوندو يا عاجزي اختيار كرڻ پوندي..... جڏهن مصر جو خليفو ٻه عليؓ جي خاندان مان آهي ۽ آڻ ان سان ساڳيءَ پيءُ ۽ محافظ جي اٿوٽ رشتن سان ڳنڍيل آهيان."

(185) فارس جي آخري شاهي خاندان جو شجرو شيخ سيفي سان ڳنڍيل آهي جيكو چوڏهين صدي عيسوي جو وڏو بزرگ هيو ۽ ان جي معرفت اهو حسب نسب حضرت موسيٰ كاظم سان ٿو وڃي ملي جيكو امام حسينؓ جو پٽ جيكو حضرت عليؓ جو فرزند هو. (اُليريَس، ص- 957،

چاردن iii, 288) پر مون کي ان حسب نسب جا وچان ڪڙا ملندي نظر نٿا اچن. جيڪڏهن اُهي فاطمي خاندان جا سچا فرد هجن ها تہ اُهي پنهنجي خانداني لِڇ شهنشاهہ مزندران سان ضرور وڃي ڳنڍن ها جنهن جي حڪومت نائين صدي عيسوي ۾ بہ قائم هئي. (ڊي.هربيلاٽ، ص 96)

(186) مُحَمَّد ﷺ ۽ حضرت عليؓ جي خاندان کي ڊميٽريَس ڪانٽيمر (عثمانيہ شهنشاهت جي تاريخ، ص- 94) تفصيل سان بيان ڪيو آهي. ان ڪانسواءِ نيبهُر (عربستان جو احوال، صفحا 317، 16-9 وغيره) پڻ تذڪرو ڪيو آهي. پر ان ڳالهہ جو افسوس آهي تہ ڊينمارڪ جو سياح عربستان جي تاريخوار واقعن کي گڏ ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو.

(*) (شهري جج).

(187) جديد عالمي تاريخ جي ليکڪن (جلد i ۽ ii) 850 فوليو صفحن ۾ مُحَمَّد ﷺ جن جي زندگي ۽ خليفن جي تاريخ ۽ واقعن تي لکيو آهي. کين اها سهولت هئي تہ هو عربي متن پڙهي ٿي سگهيا ۽ ان کي درست بہ ڪري ٿي سگهيا، تنهن هوندي بہ سندن وڏي ٻڌاڪ جي باوجود، پنهنجي تحرير جي تڪميل ٿيڻ وقت، مون کي سندن تحريرن منجهان ڪو وڏيڪ مواد يا واڌاري معلومات نہ ملي سگهي آهي. هيڏا سارا جلد جڏ وِساڻل آهن ۽ اُنهن ۾ ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي جو ڪٽي ڪا لات يا شعلو نظر اچي، يا جنهن ۾ ڪنهن فلسفي جو لطف اچي ۽ مواد سهيڙيندڙن هڪ ٻئي خلاف تعصب ۽ ڪٽرپڻي جو مظاهرو پڻ ڪيو آهي، خاص طرح سيل ۽ گئگنيئر خلاف يا اُنهن سپني جي خلاف جن مُحَمَّد ﷺ جن جي شان کي مٽانهون ڪيو آهي ۽ ساڻس انصاف ڪندي حق جا لفظ چيا آهن (عالمي تاريخ لندن ۾ 1736ع ۽ 1744ع ۾ ستن جُلدن ۾ شايع ٿي هئي.)

باب ايڪونجاهون

(خلاصو)

عرب يا عرب مسلمانن طرفان فارس، شام، مصر، آفريڪا ۽ اسپين جي فتح، خليفن يا مُحَمَّد ﷺ جي جانشينن جي شهنشاهت (خلافت) سندن حڪومت ۾ عيسائين جي حالت.

گِبن، پهريَن خليفن، جيڪي مُحَمَّد ﷺ جا جانشين هيا، جي ڪفايت شعاري ۽ سندن جوش جذبي جي ذڪر سان هن باب جي شروعات ڪري ٿو. عربستان کان پري وارن ملڪن جي سوين جو ذميوار، هُو فارس ۽ روم جي شهنشاهت جي نااهلي کي سمجهي ٿو. انهن صدي عيسوي جي شروعاتي سالن تائين اهي سويون هندستان کان وٺي ائٽلانٽڪ سمنڊ تائين ڦهليل هيون جن کي گِبن پنجن عنوانن هيٺ ڇاڻائي ٿو:

1. **فارس**: مسلمانن فارس وارن کي شڪست ڏئي بصري ۽ ڪوفي جي شهرن جو بنياد رکيو، هنن 651ع ۾ يزد جرد جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري ڇڏيو جيڪو فارس جي حڪمرانن جو آخري ساساني بادشاهه هيو ۽ 710ع تائين مسلمان سنڌو درياهه ۽ ڪئسپيَن سمنڊ جي ڪنارن تائين وڃي پهتا.

2. **شام**: 635ع ۾ دمشق تي مسلمانن جو قبضو ٿي ويو ۽ ايندڙ ٽن سالن اندر جيروسلم، حلب ۽ ائنٽئڪ (انتاڪيا) پڻ مسلمانن جي حڪمراني هيٺ اچي ويا. شهنشاهه هيراڪليس (حرقل) پنهنجون فوجون هٽائي ڇڏيون ۽ مسلمانن ايجيَن سمنڊ جي اردگرد جي علائقن تي ڪافي حملا ڪيا.

3. **مصر**: گِبن عُمرو بن العاص جو ذڪر ڪري ٿو جنهن مصر جي عيسائين جي مدد سان 641ع ۾ سڪندريه (اليگزينڊريا) کي فتح ڪيو. گِبن ان ڳالهه تي اعتبار نٿو ڪري ته سڪندريه ۾ بطليموسن جي لائبريري کي مسلمانن ساڙي ڇڏيو هو.

4. **آفريڪا**: سال 683ع تائين، مسلمانن عقبه جي اڳواڻيءَ ۾ اُتر آفريڪا جي سوبَ کي مڪمل ڪري ورتو هو، تان جو مسلمان تئنجيئر تائين پهچي ويا هيا، پر اُتر آفريڪا جا ماڻهو انهن صدي عيسوي تائين مسلمان نه ٿيا هيا.

5. **اسپين**: اسپين تي پهريون حملو طارق بن زياد 710ع ۾ ڪيو هو ۽ اڳئين سال هُن جبريز جي هنڌ تي بادشاهه راڊرڪ جي اڳواڻيءَ ۾ گاٿن کي شڪست ڏني، پوءِ سڄو ملڪ سندس قبضي هيٺ اچي ويو پر عيسائين کي پنهنجين ڪليسائن کي قائم رکڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ مسلمانن جي حڪومت ۾ زراعت کي ڪافي ترقي ملي ۽ ماڻهو خوشحال ٿي ويا.

گِبن پنهنجي ڏُکهي بابَ جي پڇاڻي، فارس جي مجوسي مذهب توڙي آفريڪا ۽ اسپين ۾ عيسائيت جي زوال تي پنهنجي تبصري سان ٿو ڪري، 718ع تائين عربستان جا مسلمان خليفا دنيا جا بيحد طاقتور بادشاهه ٻُجي ويا.



مسلمان شهنشاهتن جو قهلاءُ- 56- 632 ع

باب پاونجهاهون

(خلاصو)

قسطنطنيه تي عربن جا ٻه حملا- فرانس تي حملو ۽ چارلس مارٽل طرفان سندن شڪست- بنوااميّه ۽ بنو عباس جي خانه جنگي- ڪريٽ، سِسلي ۽ روم تي سامونڊي چڙهايون- خليفن جي شهنشاهت جو زوال ۽ ان جو ورهاڱو- يونان جي شهنشاهن جون شڪستون ۽ سوڀيون.

باب 52 ۾ گِبن مسلمانن طرفان قسطنطنيه تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش جو ذڪر ڪري ٿو. ستن سالن تائين شهر تي گهيرو ڪيو ويو، پر حفاظتي تدبيرن ۽ 'يونان جي باهه' (جيڪا شايد پتري ڊانبر سان لڳائي وئي هئي) مسلمانن کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو ۽ سال 677ع ۾ ٽيهن سالن لاءِ امن امان جو سمجهوتو طئي ٿي ويو. هڪ ٻيو گهيرو جيڪو (718-716ع ۾ ڪيو ويو ان کي ٻه روڪيو ويو. فرئنڪن جي بادشاهت تي مسلمانن حملو ڪيو جيڪو ڪامياب رهيو، پر چارلس مارٽل ٻيهر مسلمانن کي ٽُورس ۽ پئائٽيئرس جي وچ ۾ 732ع ۾ شڪست ڏني. 755ع ۾ ڪين پائرينيز کان ٻه پنڌتي ڊِڪيو ويو. ان دؤران مُحَمَّد ﷺ جي جانشين ۽ خلافت اندر خانه جنگي برپا ٿي وئي. ڏهين صدي عيسوي ۾ هڪ ٻئي جي مخالف ٽن خليفن، بغداد، تيونس ۽ قرطبه ۾ حڪومت ٿي ڪئي. پهرين مسلمانن جي وقت ۾ علم ۽ ڏهانت ٻه جنم ورتو. سائنس تي يونانين جي تحقيق ۽ لکڻين جا ترجما شايع ٿيڻ شروع ٿي ويا ۽ خاص طرح تي فلسفي، رياضي، آسماني علم، حڪمت يا طب، بدني بناوٽ، وٽن ٻوٽن ۽ علم ڪيميا جي علمن ڏانهن ماڻهو وڌيڪ متوجهه ٿيا. گِبن، بهرحال، ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري ته مسلمانن يوناني توڙي لاطيني شاندار علمن کي پڙهي لکي نه ڇاڏندا هيا. جيڪڏهن ائين ڪن ها ته وڌيڪ ڇاڻ حاصل ٿيڻ تي هو وڌيڪ آزاد ذهن سان سوچڻ جي صلاحيت رکن ها. ائين صدي عيسوي جي آخر ۾ قسطنطنيه جي شهر، خليفي هارون رشيد کي داد ٿي ڏنو جنهن ان شهر جي آزاديءَ کي برقرار رکيو هو، پر تڏهن ٻه هارون سدائين دڙکا دابَ ڏيندو رهندو هو ۽ نيٺ ڪاري سمنڊ جي ڪنارن تي آباد هيراڪليا شهر تي 806ع ۾ قبضو ڪيائين. نائين صدي عيسوي ۾ ڪريٽ ۽ قبرص مسلمانن جي قبضي هيٺ اچي ويا. 846ع ۾ روم تي حملو ڪيو ويو پر ان کي پادري ليؤ-iv بچائي ورتو جنهن ٻيهر شهر جي ديوارن کي اوچو ڪرايو. بغداد جي خليفن ترڪن کي پاڙيٽُو فوجين جي حيثيت ۾ استعمال ڪيو جن جي طاقت محلات جي سازشن ۽ انقلابن سبب ڪمزور ٿي چڪي هئي؛ گڏوگڏ مذهبي جنون جي هڪ نئين لهر ڪرمتي فرقي جي حيثيت سان اُپري آئي جنهن جي نتيجي ۾ خودمختيار بادشاهتون قائم ٿي ويون. شهنشاهن نائيس فورَس-II ۽ جان-I ذِمِيس جن 963ع کان 976ع تائين حڪومت ڪئي، يونانين ٻيهر ڪريٽ، سليشيا، شام ۽ قبرص تي پنهنجي حڪومت قائم ڪري ورتي.

باب ٽيونجاهون

(خلاصو)

ڏهين صدي عيسوي ۾ اوپر جي شهنشاهت جي حالت- سندس وُسعت ۽ ورهاست- دولت ۽ آمدني- قسطنطنيه جو مَحل- لقبَ ۽ عُهدا- شهنشاهن جي طاقت ۽ سندن دبدبو- يونانين، عربن ۽ فرئنڪن جي حڪمت عملي- لاطيني زبان جو ڪمزور ٿيڻ- يونانين جو مطالعو ۽ سندن تنهائيءَ جو لطف.

هن باب جي شروعات ۾ گِبن، ڏهين صدي عيسوي ۾ اوپر جي شهنشاهت جي تاريخ جي ذريعن تي هڪ سرسري نظر ٽو وجهي، جيڪا اُٽڪيهن طبقن يا فوجي حڪومتن ۾ ورهائجي چڪي هئي. قسطنطنيه، بهرحال ان وقت وڏي ۾ وڏو شهر هو جنهن دنيا جي اُنهن حصن مان ماڻهن کي پاڻ وٽ اچڻ ۽ ڪشش ڪرڻ جي دعوت ٽي ڏني جيڪي مسلمانن فتح ڪيا هيا. گبن، پيلوپونيس جي حالت جو ذڪر ٽو ڪري جتي اجا تائين روم جي آزاديءَ جا آثار نظر ٽي آيا ۽ جتي ريشم جي وڪري مان ايندڙ دولت نمايان هئي. شهنشاهت مان قسطنطنيه جي شهر ۾ دولت جمع ٿيندي رهي جتي شاهي محلات هاڻي هر طرف کان وڏين ۽ اوچين عمارتن سان وکوڙجي ويو هو. محلات توڙي شاهي طبقي جو هڪ مڃيل معيار مقرر ٽي چڪو هيو جنهن ۾ آفيسون، عهدا، لباس ۽ تقريبن جي طريقن جا معيار ۽ ماپا مقرر ڪيا ويا هيا. آمراڻي رعب تابَ سينيٽ کي به ڏياري ۽ هِيسائي چڏيو هو ۽ ڪليسا به خاموشي کڻي اختيار ڪئي هئي. گِبن، شهنشاهت جي سامونڊي توڙي پيادل فوج جي هڪ منظرنامي کي اڳيان ٽو آڻي جنهن ۾ هو مسلمانن جي مذهبي جذبي اڳيان مخالفن جي لڳاتار شڪستن جو جائزو ۽ تضاد پيش ٽو ڪري ۽ ٻڌائي ٽو ٽ مسلمان ڪيئن نه مذهبي جذبن سان ٽمٽار ٽيل هيا. ان وچ ۾ مغربي دنيا ۾ ٽين طاقت به وجود ۾ اچي وئي جيڪا چارليمئگني جي فرئنڪن جي شهنشاهت جي روپ ۾ سامهون آئي، پر اها جلد سندس ئي جانشينن جي هٿان پنهنجي پاڻ ۾ ورهائجي ۽ وڏيرا شاهي جي ور چڙهي وئي. جسٽينيَن کان پوءِ، قسطنطنيه ۾ لاطيني، زبان جو استعمال گهٽجي ويو هو جنهن کي وري فرئنڪن پنهنجي زبان طور تسليم ڪري ورتو هو، توڙي جو اوپر جي شهنشاهن آخر تائين پنهنجي رومي سڃاڻپ کي برقرار رکيو هو. نائين صدي عيسوي ۾ لائبريرين فوٽيَس جي اڳواڻيءَ ۾ يوناني علم جي مطالعي کي ٻيهر زنده ڪيو ويو پر گبن ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ٽو ڪري ٽ ڪو به نئون ڪم نه ٽيو ۽ نه وري کي نوان ڪتاب شايع ٽي سگهيا. "ڏکارا ۽ بهادريءَ وارا منظر يا وري دلفريب موسيقيءَ جون ڏنون خاموش ٽي ويون ۽ شاندار دؤر هميشه واسطي غائب ٽي ويو".

باب چوونجاهون

(خلاصو)

پاليشيَنس جو فلسفو ۽ سندن اصليت- يوناني شهنشاهت طرفان کين اذيتون- آرمينيا ۾ بغاوت- ٽريس طرف لڏپلاڻ- اولهه ۾ سندن پرچار- پروٽيسٽنٽ تحريڪ جا ٻِجَ، نوعيت ۽ نتيجا.

گبن هڪ مختصر باب ۾ پاليشيَنس جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو هڪ عيسائي فرقو هو جنهن توريت کي رد ڪري سينٽ پال جي مذهبي رهبري قبول ڪئي هئي. اُهي پهريون ايشيا مائنر ۾ وڃي رهيا جتي يوناني شهنشاهن کين اذيتون پهچايون. سندن تڪليفن نيٺ رنگ لاتو جنهن جي نتيجي ۾ نائين صدي عيسوي ۾ آرمينيا ۾ بغاوت جنم ورتو جنهن کي مسلمانن جي خلافت طرفان حمايت حاصل هئي. اُنهن جي ڪجهه پوئلڳن کي جنگي جوڏن جي حيثيت ۾ ٽريس ۾ رهائش ملي جتان اُهي فرانس ۽ اٽلي ڏانهن منتقل ٿي ويا. اُهي بت پرستيءَ توڙي روم جي حڪومت جي خلاف هيا. تيرهين صديءَ ۾ هو البيجينِس جي حيثيت ۾ سڃاپجڻ لڳا. هي لقب کين فرانس جي هڪ شهر البي مان مليو هو جتي هو رهندا هيا، پر اُتي کين سخت اذيتن مان گذرڻو پيو. گبن کين پروٽيسٽنٽ تحريڪ جو پيشرؤ يا سرواڻ ٿو ڪوٺي ۽ هن باب جي پڄاڻي اُنهن فائدن حاصل ٿيڻ تي ٿو ڪري جيڪي اڄتي هلي هن تحريڪ مان کين حاصل ٿيا هيا.

باب پنجوجاهون

(خلاصو)

بلغاريا جا ماڻهو- هنگري جي ماڻهن جو اصل نسل، سندن لڏپلاڻ ۽ آباد ٿيڻ- اوير توڙي اولهه ۾ سندن حملا- روس جي بادشاهت- روس جي جاگرافي ۽ يونان جي شهنشاهت سان سندن وڙج واپار جي جنگ - بربرن جي مذهبي تبديلي.

گبن، عيسوي سن نائين، ڏهين ۽ يارهين صدين ۾ بازنطينيا خلاف سيتيا جي حملن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي بلغاريا، هنگري ۽ روس جي نالن هيٺ ڪيا ويا هيا. بلغاريا وارن 811ع ۾ شهنشاهه نائيسفورس کي هڪ جنگ ۾ ماري ڇڏيو هو. بعد ۾ اُهي عيسائي ٿي ويا ۽ خواهش ظاهر ڪئي هيائون ته پنهنجي بادشاهه سِميَن جي سربراهيءَ ۾ هو قسطنطنيه ۾ هڪ سامونڊي شهنشاهت جو بنياد وجهندا، پر سندن خواهش پوري ڪانه ٿي جو هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي خلاف ورهائجي ويا هيا ۽ نيٺ يارهين صدي عيسوي ۾ شڪست کاڌائون. هنگري جا ماڻهو شروع ۾ ايشيا کان آيا هيا ۽ نائين صدي عيسوي ۾ اُهي دنيوب جي ڪنارن تي وڃي آباد ٿيا هيا. هنن چارليمئگني جي پوئلڳن ۽ جرمني جي شهنشاهت خلاف حملن جي شروعات ڪري ڇڏي هئي پر اُنهن، جرمن شهنشاهن: هينري ۽ فائولر جي هٿان 934ع جي جنگ ۾ شڪست کاڌي؛ بعد ۾ عظيم شهنشاهه اونو به ڪين 955ع ۾ مات ڏني. ان کان پوءِ هنن مختلف بادشاهن جي سلسلي هيٺ سڪونت اختيار ڪئي ۽ ٽن سؤ سالن تائين امن ۽ سُکون جي زندگي گذاريائون. نائين صدي عيسوي ۾ روس جا ماڻهو اسڪئنڊينيويا جي نارمن يا نارمنڊي جي شهنشاهن جي رعيت ۾ شامل هيا، نوفگورد ۽ ڪيف جا شهر وڃج واپار جا مرڪز هيا ۽ روس جا واپاري تڏهن بالٽڪ کان قسطنطنيه تائين ڏنڏو ڏاڙي ڪندا هيا. پر جنگين، وڃج واپار ۾ رڪاوٽ وجهي ڇڏي ۽ ٻن سؤ سالن ۾ روسيُن چار پيرا سامونڊي رستي قسطنطنيه تي حملا ڪيا، پر هر پيري سندن حملي کي ناڪام بنايو ويو. بازنطيني شهنشاهت سان اتحاد ڪري هنن بلغاريا وارن کي شڪست ڏني، پر جڏهن هنن وري قسطنطنيه کي سوڙهو ڪرڻ شروع ڪيو ته شهنشاهه جان- I 972ع ۾ ڪين شڪست ڏني. ڏهين صدي جي آخر ۾، يونان ۽ جرمني جي پرچارڪن جي گڏيل ڪوششن ۽ سندن چپ چاپ همت ۽ مردانگيءَ سان روس وارا به پنهنجو مذهب مٽائي عيسائي ٿي ويا ۽ آرٽس ۽ سائنس جو علم اتر ۽ مشرقي يورپ جي ڪُنڊ ڪڙ تائين ڦهلجي ويو.

باب چاوَنجاهون

(خلاصو)

اٽلي ۾ عرب مسلمان، فرئنڪ ۽ يونان جا ماڙهو- نارمنڊي وارن جا پهريان معرڪا ۽ سنڊن آبادي- رابرٽ گِسڪارڊ جو ڪردار ۽ سنڊس سوڀيون- اَپُوليا جو حاڪم- پنهنجي ڀاءُ جي ڪوششن سان سِسلي طرفان سَڪ جو ساهه پٽڻ- اوپر ۽ اولهه جي شهنشاهن خلاف رابرٽ جون سوڀيون- سِسلي جو بادشاهه راجر آفريڪا ۽ يونان تي حملو ۽ ان ڪري- شهنشاهه مينوئل ڪمنينَس- يونانين ۽ نارمنس جي وچ ۾ جنگيون- نارمنڊي جي هستي جو منڊجي وڃڻ.

گِبن، ڏکڻ اٽلي جي آزاديءَ جي احوال سان هن باب جي شروعات ڪري ٿو ۽ ڪيئن اُها عرب مسلمانن ۽ ساڻئي وقت لومبارڊ شهزادن جي چنبي مان نائين صدي عيسوي ۾ ٻاهر نڪري نروار ٿي هئي، جيڪا هونئن اڳ يونان جي شهنشاهت جو حصو هئي. يونان جي مخالفن، نارمنڊي وارن کي دعوت ڏني ۽ اُهي سنڊن مدد ڪن، ۽ جڏهن يونانين 1038ع ۾ سِسلي کي عرب مسمانن کان آزاد ڪرائي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ چاهيو ۽ نارمنس، اپُوليا تي قبضو ڪري ورتو. هن موقعي تي لاطيني ڪليسا، يوناني ڪليسا کان پنهنجا رشتا ۽ لاڳاپا هميشه واسطي ختم ڪري ڇڏيا ۽ هنن نارمنس کي، اپُوليا، ڪئلابريا ۽ سِسلي کي فتح ڪرڻ جو حق ڏئي سنڊن حمايت ڪري ڇڏي. 1054ع ۾ رابرٽ گسڪارڊ سنڊن اڳواڻ بنجي ويو. سئلرنو جو ميڊيڪل اسڪول ۽ اَملفِي جي دولت ۽ وٽج واپار سنڊس خاص ملڪيت جو حصو ۽ ذريعو هيا. سِسلي جي سوبَ، سنڊس ننڍي ڀاءُ راجر جي حصي ۾ آئي جنهن ٽيهن سالن جي جدوجهد کان پوءِ ان کي حاصل ڪيو. هي خطو بعد ۾ لاطيني ڪليسا جو حصو بڻجي ويو پر مسلمانن کي مڪمل مذهبي آزادي جو حق ڏنو ويو هو. رابرٽ گِسڪارڊ ان دؤران يونان جي شهشاهت تي حملو ڪري شهنشاهه اليگزيَس کي دُرازو جي هنڌ وٽ 1081ع ۾ شڪست ڏني. بعد ۾ هو اٽلي واپس ويو ۽ جيئن جرمن شهنشاهه هينري-IV جو مقابلو ڪري جنهن کي اليگزيَس جي حمايت حاصل هئي ۽ جيئن ٻئي گڏجي روم جو گهيرو ڪري سگهن. شهنشاهه، نارمنس اڳيان نه ٻيهي سگهيو ۽ پوئتي واپس وريو پر ان کان اڳ روم کي لُٽ مار ۽ باهه لڳڻ ڪري سخت نقصان رسي چڪو هو. 1085ع ۾ رابرٽ مري ويو پر ان کان اڳ هو يونان خلاف حملي جي تياري ڪري چڪو هو. گِبن هاڻي، ٻارهين صدي عيسوي جي پهرئين اڌ ۾، سِسلي جي راجر- II جي اُپرڻ ۽

اڳتي وڌڻ جو احوال اسان کي ٻڌائي ٿو جنهن ڏکڻ اٽلي جي نارمن حدن ۽ علائقن کي پاڻ سان ملائي پنهنجي حڪمراني هيٺ آڻي ڇڏيو هو. هن مالٽا کي پنهنجي شهنشاهت سان ملائي ڇڏيو ۽ اتر آفريڪا جي ڪنارن تي رهندڙ آبادين کي مجبور ڪيائين ته هو سندس حڪومت اڳيان آڻ مجين ۽ ڪيس جزيو ڏين. اٽينس ۽ ڪورنٿ تي ساموندبي پٽيءَ کان مٿن حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ريشم جي صنعت کي سِسلي ۾ آندو ويو ۽ فرانس جي صليبي بادشاهه لوئس- VII کي يونان جي قبضي کندڙن کان ڇڏائي ڪيس بچايو ويو. شهنشاهه مينوئل جي حڪمرانيءَ ۾ (1143-1180ع) يونانين ٻيهر اٽلي تي پنهنجي دعويٰ جمائي ۽ ٻين شهرن کي به هُشي ڏنائون ته اُهي جرمن شهنشاهه فريڊرڪ باربروسا جي مخالفت ۽ ساٿس مقابلو ڪن پر پادري اليگزينڊر (سڪندر) III سندن حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هاڻي نارمن- سِسلي جي طاقت ڪمزور ٿي چڪي هئي ۽ سال 1194ع ۾ ساڳيو خطو فريڊرڪ باربروسا جي پٽ فتح ڪري ڇڏيو جيڪو پوءِ شهنشاهه هينري- VI جي نالي سان مشهور ٿيو.

باب ستوَنجاهون

سلجوق نسل جا تُرک- هندستان جي فاتح محمود (غزنوي) خلاف سندن بغاوت- طُغرل، فارس کي پنهنجي تابع ٿو بنائي ۽ خليفن جي حفاظت ٿو ڪري- اَلپ ارسلان طرفان شهنشاهه رومنَس ڊايوجينس جي شڪست ۽ سندس قيدي ٿيڻ- مالڪ شاهه جو رعب، دبدبو ۽ شان شوڪت- ايشيا مائنر ۽ شام جون سوبيون- جيروسلم جي حالت ۽ سختيون- مقدس مقبري جون زيارتون.

هن ڪتاب جو پڙهندڙ سِسلي جي ٻيٽ کان هلي يقيني طور تي ڪئسپيَن سمنڊ کان ٻه اڳتي وڌي چڪو هوندو ۽ تُرڪن جي گاديءَ جي هنڌ يا آستانن تائين پهچي چڪو هوندو جن جي خلاف اصولي طرح پهرين صليبي جنگ شروع ڪئي وئي هئي. ڇهين صدي عيسوي ۾ قائم ڪيل سيٽيا جي شهنشاهت گهٽو اڳ ختم ٿي چڪي هئي پر يونانين توڙي ٻين مشرقي ملڪن ۾ سيٽيا جو نالو اڃا تائين مشهور هيو ۽ ننڍيون ننڍيون قومون يا قوميتون، جيڪي خود ٻه طاقتور ۽ آزاد حيثيت رکندڙ هيون، چين کان اوڪَسَس نديءَ تائين هڪ وڏي رڻ پٽ ۾ ٽڙيل پکڙيل هيون ۽ دنيوب کي، جيڪا هنگري جي ڪالوني هئي، يورپ جي جمهوريه ۾ داخل ڪيو ويو هو ۽ ايشيا جي تخت گاهَن تي تُرڪ نسل جي سپاهين ۽ غلامن جو قبضو ٿي چڪو هو. هڪ طرف اپوليا ۽ سِسلي، نارمنس جي نيزن ۽ پالن جي خوف کان سندن تابع بنجي ويا هيا ته ٻي طرف کان اتر جي ريڍارن ۽ ڏنارن جا لشڪر فارس جي بادشاهتن اندر ڪاهي پيا هيا؛ سلجوق شهزادن موقعي جو فائدو وٺي سمرقند کان وٺي يونان ۽ مصر جي سرحدن تائين پنهنجي شاندار شهنشاهت قائم ڪري ڇڏي ۽ ان وقت کان وٺي ترڪن پنهنجي حڪومت کي تيستائين قائم رکيو جيستائين سينٽ صوفيا تي ڪنهن ٻي فاتح جو جهنڊو نه ڦڙڪيو هو.

ترڪ بادشاهن ۾ سيني کان وڏو ۽ عظيم محمود غزنوي هو(1) جنهن فارس جي اوپر وارن صوبن ۾ حضرت عيسيٰ[۴] جي جنم کان هڪ هزار سال پوءِ حڪومت ڪئي هئي. سندس پيءُ سبڪتگي يا سبڪتگين، مُحَمَّد ﷺ جي غلامن جي غلامن جو ٻه غلام هو(*). پر غلامن جي حسب نسب موجب، پهريون رتبو فقط لقبن تائين محدود هيو ڇو ته اُهو ايشيا مائنر ۽ خراسان جي حاڪم ذريعي پرجي چڪو هو ڇاڪاڻ ته اهو اڃا تائين بغداد جي خليفي جي تابعداري ڪندو هو. ٻيو عهدو مملڪتي وزير جو هو جيڪو ساماني قبيلي(2) جو نائب هو جنهن سياسي غلامي جي رشتن کي بغاوت ڪري ٽوڙي ڇڏيو هو. ٽيون عهدو هڪ جائز نوڪر وارو هو جيڪو ان باغي جي ڪُٽنب پاڻ وٽ رکيو هو جتان سبڪتي، جرئت ۽ هوشياريءَ سان شهر جي وڏي ۾ وڏي رتبي تائين رسيو جيڪو غزنا(3) جي

صوبي ۾ هو ۽ هو پنهنجي مالڪ جي نائي هئڻ سان گڏوگڏ سندس جانشين به بڻجي ويو. ساماني بادشاهت جي جُهرندڙ سلسلي کي پهريون ته ٽيڪ ڏئي بچائڻ جي کوشش ڪئي وئي پر بعد ۾ سندن ئي نوڪرن چاڪرن ان کي ڌِڪو ڏئي ڪيرائي ڇڏيو ۽ جڏهن هر طرف افراتفري ڦهلجي وئي ته محمود غزنوي جي پاڻَ پڙڪو ڪاڏو. فقط هن جي لاءِ سلطان(4) جي لقب کي پهريون پيرو ايجاد ڪيو ويو ۽ سندس بادشاهت جو دائرو هڪ طرف ٽرنسوڪسيانا کان وٺي اصفحان جي حدن تائين ته ٻي طرف ڪئسپين سمنڊ جي ڪنارن کان سنڌو ندي تائين وڌي ويو. پر سندس شهرت ۽ دولت جو خاص سبب سندس جهاد هو جيڪو هن هندستان جي گنڌوز يا بت پرستن سان ڪيو هو. ٻاهر جي هن بيان ۾ منهنجي لاءِ صفحو ڪافي نه هوندو پر هڪ پورو جُلد به شايد اُنهن جنگين جي بيان ڪرڻ يا اُنهن ٻارهَن حملن جي ذڪر ڪرڻ لاءِ ڪافي نه هوندو جيڪي محمود غزنوي هندستان تي ڪيا هيا. پلي موسمون ڪيڏيون به خراب ڇو نه هجن، يا جبل پلي ڪيتري به اوچائي وارا هجن، نديون پلي وڏيون ۽ ويڪريون هجن، صحرا ۽ رڻ پٽ پلي ويران هجن ۽ دشمنن جا پلي ڪيڏا به وڏا لشڪر هجن ۽ پلي مخالفن جي فوج ۽ هيبتناڪ هاٿي هجن(5) جيڪي جنگ وڙهڻ جي ڪيڏي به مهارت ڇو نه رکندا هجن پر مسلمان مجاهد ڪنهن به خوف خطري کان ڊِڄڻ ۽ هيسجڻ وارا هرگز نه هيا. غزني جي سلطان، سڪندراعظم جي فتحن کي به مات ڏئي ڇڏي هئي. ٽن مهينن جي هلڻ ۽ ڪشمير ۽ تبت جي جبلن جي مسافري ڪرڻ کان پوءِ، هو مشهور شهر قنوج(6) وٽ پهتو جيڪو گنگا ندي جي متئين ڪپر تي اڏيل آهي ۽ سنڌوندي جي ڪناري تي هڪ سامونڊي جنگ ۾ هن دشمن جي چئن هزار ٻيڙين کي تباهه ڪري ڇڏيو. دهلي، لاهور ۽ ملتان پنهنجا پنهنجا گيٽ کولڻ لاءِ مجبور ٿي پيا ۽گجرات جي مشهور بادشاهت هن لاءِ ڪشش جو باعث بڻي ۽ هن اُتي ترسڻ جو ارادو ڪيو، سندس لالچ ايڏا به اڳتي وڌي ۽ هن ڏاکڻئين سمنڊ مان خوشبودار ۽ سونا ٻيٽ تلاش ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي. پر جزيي ادا ڪرڻ تي اُتان جي راجا پنهنجي حڪومت جي حدن کي برقرار رکيو ۽ ماڻهو ۽ سندن زندگيون به بچي ويون، پر جوشيلا مسلمان هندستان جي مذهب سان ظلم ۽ زبردستي سان پيش آيا، سوين مندرن ۽ سندن عبادت جي جاين کي ڌاهي پَٽ ڪيو ويو، هزارين بُتن کي پوجي پورا پورا ڪيو ويو، ۽ پيغمبر ﷺ جي غلامن کي اُنهن پڳل ٽنڊل بتن ۾ مڑهيل قيمتي سامان جو حصو بطور انعام اڪرام جي ڏنو ويو. سومنات جو مندر گجرات جي چيڙي تي ٽهيل هيو ۽ ڊِيو جي پر ۾ هو. هڪ اهڙو هنڌ جيڪو پورچوگيزن جي آخري ملڪيت هئي(7). ان مندر تي ٻن هزار ڳوٺن جو ناڻو خرچ ٿيندو هو، ٻن هزار برهمڻن کي پاڪ ڪيو ويو ته جيئن اُهي سومنات ۾ رکيل وڏي ۾ وڏي ديوتا جي خدمت ۾ رُڌل رهن ۽ جنهن کي هر صبح ۽ هر شام جو گنگا جي پاڻيءَ سان غسل ڪرايو ويندو هو: ٻيا جيڪي خدمتگار هيا اُنهن ۾ ٽي سؤ مؤسيقار ۽ سازندا، ٽي سؤ حَجم ۽ پنج سؤ نچڻيون هيون جيڪي پنهنجي جَم جي اعزاز توڙي حُسن ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ٽِن طرفن کان مندر جي حفاظت سمنڊ پاڻ ٽي ڪئي ۽ هڪ سوڙهو ٻيٽ وچ تي هيو جنهن جي فطري يا مصنوعي بيهڪ خوبصورتي واري هئي ۽ شهر توڙي پر وارن هنڌن تي اهڙا ماڻهو رهندا هيا جيڪي مذهبي جنون رکندڙ هيا. هو پنهنجن گناهن ۽ انهن جي نتيجي ۾ مليل سزائن جو اعتراف ڪندا هيا جيڪي ڪين قنوج ۽ دهلي ۾ مليون هيون، پر جيڪڏهن ڪو پليد ڏاريو ماڻهو (سندن عقيدي موجب) سندن پاڪ خطي ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندو ته خدائي ناراضگي ۽ انتقام جو ڪاڇ ٽي هڪ ڏماڪي سان پرزا پرزا ٽي ويندو. محمود غزنوي، هن عقيدي کي هڪ ذاتي للڪار سمجهي

پنهنجي ايماني طاقت کي هندستان جي وڏي ديوتا خلاف آزمائڻ ٿي چاهيو. ديوتا جي پنجاهه هزار پوڄيندڙن کي مسلمانن جي نيزن ۽ پالن سان ختم ڪيو ويو، ديوارن کي ڌاهيو ويو، ۽ هِندن جي پاڪ جاءِ کي بي عزتو ڪيو ويو ۽ فاتح هن وڏي بُت جي سِرَ کي پنهنجي لوهي پالي سان اُڏائي ڇڏيو. ڏهندڙ ۽ ڏکندڙ برهمڻن هڪ ڪروڙ استرلنگ کيس آڇيا ته اُنهن جي بدلي ۾ ڪين جان جي پناهه ڏئي ۽ سندن وڏي ديوتا کي نقصان نه رسائي ۽ محمود جي سياڻن صلاحڪارن به کيس صلاح ڏني ته جيئڪڏهن پٿر جي ٺهيل بُت کي تباهه ڪيو به ويو ته ان سان بت پرستن جي دلين جا جذبا هرگز ڪونه بدلبا، تنهن ڪري مناسب اهو هو ته ايڏي وڏي رقم جي آڇ کي هرگز نه ٺڪرائجي چاڪاڻ ته اهي پئسا ضرورتمند مسلمانن کي وقت اڇڻ تي ڪم ايندا. "توهان جا دليل"، محمود جواب ڏنو، 'شاندار(*) ۽ وزندار آهن پر محمود غزنوي، ايندڙ نسل جي نظرن ۾ بتن جي هڪ واپاري طور سڃاپجڻ نٿو چاهي'. هن پنهنجن حملن کي جاري رکيو ۽ هيرن ۽ جواهرن جو هڪ خزانو جيڪو پٿر جي مجسمي جي پيٽ ۾ لڪل هو، ٻاهر نڪري آيو جنهن ڪنهن حد تائين برهمڻن جي فضول خرچي کي صاف ظاهر ڪري ڇڏيو. بت مان ٻاهر آيل قيمتي ٺڪرن کي غزنا، مڪي ۽ مديني ڏانهن موڪليو ويو، بغداد هن دلچسپ معرڪي کي غور سان ٻُڌو ۽ محمود غزنوي کي بغداد جي خليفي طرفان وڏو داد ڏنو ويو ۽ کيس مُحَمَّد ﷺ جي مذهب جو محافظ ۽ مسلمانن لاءِ پاڪ بخت آڻيندڙ جو لقب عطا ڪيو ويو.

هي پاسو رت جي رستي وارو هو ۽ قومن جي تاريخ اڪثر اهڙي ئي رهي آهي، پر ساڳئي وقت آءٌ هتي ڪجهه سائنس ۽ اخلاقيات جي خوشبودار گلن آڇڻ کان به انڪار نه ڪري سگهندس. محمود غزنوي جو نالو اوپر جي ملڪن ۾ اڃا تائين به عزت ۽ احترام سان ورتو وڃي ٿو: سندس رعيت جا ماڻهو، امن ۽ خوشحاليءَ جهڙين نعمتن سان نوازيل هيا؛ سندس عيب ۽ اوڻايون مذهب جي پردي ۾ لڪل هيون، ۽ مشهور مثال سندس انصاف سخا ۽ فياضي بابت وڌيڪ وضاحت ڪندا. (I) جيئن آءٌ سندس هال ۾ وڃي وينس ته رعيت جو هڪ مظلوم ماڻهو بادشاهه جي تخت آڏو اچي جهُڪيو ۽ هڪ ترڪ سپاهي جي گستاخي ۽ بيهودي روَش جو ذڪر ڪيائين ته ڪيئن نه هن ڪيس پنهنجي گهر ۽ بستري مان تڙي ڪڍي ڇڏيو هو. "رڙيون ڪرڻ بند ڪر"، محمود کيس چيو، 'جڏهن هو بيهر اچي ته مون کي اچي ٻڌائجان، آءٌ ذاتي طور اُتي پهچي توسان انصاف ڪندس ۽ جيئڪڏهن هن توسان اهڙو ورتاءُ ڪيو آهي ته کيس ضرور سزا ڏيندس'. سلطان پنهنجي سُونهين (Guide) جي پٺيان هلندو رهيو ۽ گهر جي اندر ۽ ٻاهر محافظن کي چوڪس ڪري ڇڏيائين ۽ بتين کي وِسائيندي مجرم کي موت جي سزا جو حڪم ڏنائين جنهن کي قُرلُٽ ۽ زنا ڪندي پڪڑيو ويو هو. موت جي سزا جي تعميل ٿيڻ کان پوءِ، بتين کي بيهر روشن ڪيو ويو ۽ محمود غزنوي سجدي ۾ پنهنجو سر ڪٽي رکيو ۽ سجدي مان اُٿندي، هن ڪجهه ڪاڏي ڪائڻ جي طلب ڪئي، ڪاڏي ملڻ تي هو ان کي هڪ بکايل جي هيڃَ جيان ڇڙڪائي ويو. غريب ماڻهو، جنهن جي شڪايت جو هن ازالو ڪيو هو، پنهنجي حيرت ۽ تجسُس کي گهٽو روڪي نه سگهيو تنهن ڪري هڪ مهربان ۽ شفيق بادشاهه هينئين سطح تي اچي پنهنجي انوکي عمل جي وضاحت هن ريت ڪئي: 'مون کي شڪ ڪرڻ جا گهٽا سبب هيا ته منهنجن پُٽن مان ڪنهن به هڪ پُٽ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي هرگز اها جرئت ئي ڪانه ٿئي ها ته اهڙو بيهودو ڪم ڪري؛ ۽ مون بتيون ان ڪري اُجهائي ڇڏيون ته جيئن منهنجو انصاف انڌو ۽ اڻموٺ هجي. منهنجي عبادت ۽ سجدو فقط شڪراني ادا ڪرڻ لاءِ هو ته مون صحيح مجرم ڳولي لڌو هو ۽ منهنجو انتظار ۽ بيچيني ايتري وڌيل هئي جو مون



بازنطيني شهنشاهت- 1050ع

تنهنجي شڪايت ٻڌڻ واري لمحي کان وٺي ٽن ڏينهن تائين ڪجهه به نه ڪاڏو هو". (II) سلطان محمود غزنوي، اولهه فارس جي حاڪمن خلاف جنگ جو اعلان ڪري چڏيو هو، پر هن جنگ جي تياريءَ کي فقط هڪ ماڻهو جي خط ملڻ تي ترڪ ڪري چڏيو هو ۽ حملي ڪرڻ کي تيستائين ملتوي ڪري چڏيو جيستائين سندس پُٽ وڏو ٿئي(8). خط ۾ ان ماڻهو لکيو هو: 'منهنجي مڙس جي زندگي دؤران، مون کي سدائين تنهنجي جنگي جنون بابت خدشا ۽ وسوسا رهندا هيا، هو هڪ بادشاهه ۽ ساڻئي وقت هڪ سپاهي به اهڙو هو جو تنهنجي فوج لاءِ وڏيڪ موزون ۽ مناسب هجي ها. پر هو هاڻي زنده ڪونهي، ۽ هن جي سڄي ملڪيت هاڻي هڪ عورت ۽ هڪ ننڍو ٻار آهي ۽ توکي هرگز اهو نه جڳائي ته تون هڪ صغير ٻار ۽ ڪمزور عورت خلاف حملو ڪرين. جيڪڏهن تون سوڀ حاصل ڪئي به ته اُها ڪيڏي نه غير شانائتي هوندي ۽ جيڪڏهن توکي شڪست ملي ته اُها ڪيتري نه شرمناڪ هوندي، پر، بهرحال، جنگ ۾ فتح توڙي شڪست فقط الله تعاليٰ جي هٿ وَس هوندي آهي'. فقط لالچ ۽ حرصَ سلطان محمود جي ڪردار کي داغدار بنائي چڏيو هو ۽ سندس اها طلب ايتري ته اڇاڪ هئي جو هو ڪڏهن به مطمئن ٿي نه سگهيو هو. تنهن هوندي به اوپر جي ليڪڪن، سلطان جي حرص هوَس بابت اعتبار ۾ نه ايندڙ مبالغي کان ڪم ورتو آهي جنهن ۾ سون ۽ چانديءَ جي دولت کي ڪروڙن ۾ ٻڌايو ويو آهي ۽ هيرا، جواهر، موتي ۽ مرجان ايترا ته ڳڻايا ويا آهن جو فطرت جي ڪارخاني ۾ اوترا شايد پيدا به ٿي نٿا سگهن(9). تنهن هوندي به هندستان جي مٽيءَ ۾ ايتري ته مٽيا آهي جو اُتي قدرت جي نهايت قيمتي شين جون ڪاٽيون موجود آهن ۽ هر دؤر ۾ ان جي وٽج واپار دنيا جي سونَ ۽ چانديءَ کي اُتي پئي آندو آهي ۽ جن ماڻهن سڀ کان پهريون هن ڏرتيءَ جي نعمتن مان فائدو ورتو اُهي پهريان مسلمان فاتح هيا. زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سندس روَيو ۽ ورتاءُ پيشيمانيءَ وارو هو، ڇاڪاڻ ته جيڪا دولت وڏين محنتن ۽ مشقتن سان هن پاڻ وٽ گڏ ڪئي هئي ۽ خطرن جي باوجود به پاڻ وٽ جمع ڪري رکي هئي سا آخرڪار ضايع ٿي وئي هئي. هن غزنا جي مختلف خزانن جو جائزو ورتو ته اوچتو اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو ۽ ٻيهر دروازا بند ڪري چڏيائين ۽ ڪنهن کي به پنهنجي دولت مان ڪجهه به نه ڏنائين توڙي جو ڪيس خبر هئي ته هيتري ساري دولت کي وڏيڪ وقت لاءِ محفوظ ڪرڻ جو نه وٽس وقت هو ۽ نه ذريعا هيا، هي ڏينهن تي هن پنهنجي فوج جو جائزو ورتو، هڪ لک پيادل فوج، پنجوَنجاهه هزار گهوڙي سوار ۽ تيرهن سؤ جنگي مهارت رکندڙ هاٿي وٽس موجود هيا(10). هو ٻيهر انساني وڏائيءَ جي سڪٽي آڪڙ تي بيحد رُنو ۽ سندس غمگين طبيعت ۾ ان وقت وڏيڪ اضافو اچي ويو جڏهن ترڪمانن، جيڪي سندس دشمن هيا، جي پيش قدميءَ جو اطلاع ڪيس مليو جن کي اڳ پاڻ ئي فارس جي بادشاهت جي وچ ۾ مقرر ڪيو هيائين.

ايشيا جي آبادي گهٽجڻ جي ڪري، حڪومت ۽ زراعت جي وهنوار جو تعلق گهٽو ڪري وڏن شهرن سان آهي ۽ جيڪي پهراڙيون پري پنڌ تي آهن تہ اُهي عربن، ڪُردن ۽ ترڪمانن جي ڏنارن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيل آهن(11). آخري ذڪر ڪيل قبيلي جون به شاخون ڪئسپيَن سمنڊ جي ٻنهي طرفن تي آباد آهن: اولهه واري ڪالوني کي هڪ وقت تي چاليهه هزار سپاهي ملي سگهن ٿا جڏهن ته اوپر جي ڪالوني ۾، جيڪا هڪ سياح لاءِ ايتري نمايان نه آهي پر وڏيڪ طاقتور ۽ وڏي آبادي واري آهي، ڪٽنبن جو تعداد هڪ لک کان به مٿي هليو ويو آهي. مهذب قومن جي وچ ۾، اُهي سيٽيا جي رڻ پٽ جهڙن ماڻهن وانگر هيا جيڪي موسمن جي تبديلي جي لحاظ سان پنهنجا تنبو يا خيما هڪ جڳهه کان اُکوڙي ٻي جڳهه ڏانهن لڏپلاڻ پيا ڪندا آهن ۽ پنهنجن مال جي ڏٺن کي محلن يا مندرن جي برابدين ۾ وڃي

چاريندا آهن. اُنهن جا جانور يا مال جا ڏڻ ئي اُنهن جي سموري ملڪيت هوندا آهن. سندن تنبو ڪارا يا اڇا هوندا آهن يا وري اُنهن جو رنگ سندن ڪپڑن جهڙو هوندو آهي ۽ پاڻ ۾ اڻ اُڻيل ڪپڑن ۾ ڍڪيل هوندا آهن ۽ سياري جو سندن پوشاڪ رڍن جي ڪل منجهان ٺهندي آهي ۽ اونهاري ۾ هڪ بوچڻ، يا عام ڪپڑو اوڍڻ لاءِ ڪين ڪافي هوندو آهي؛ مردن جا چهرا پوائتا ۽ سندن طور طريقا سخت قسم جا آهن، جڏهن ته سندن عورتن جا مُنهن مهانڊا وٽندڙ ۽ نرميءَ تي مائل ٿين ٿا. جيئن ته هو سدائين لڏپلاڻ ڪندا رهن ٿا ته سندن روَش ۽ طور طريقا فوجين جهڙا ٿين ٿا، اُهي پنهنجن گهوڙن تي چڙهي دشمن سان وڙهندا آهن، پر سندن جرئت ۽ مردانگي جو مظاهرو تڏهن دلچسپ هوندو آهي جڏهن پنهنجي پاڻ ۾ يا وري پنهنجن پاڙيسرين سان مردانگي جي مقابلي ڪي هڪ ٻئي تي آزمائيندا آهن يا مشق ڪندا آهن. پنهنجي مال ڪي چارڻ جي اجازت هو اتان جي زميندار کان ونندا آهن جيڪو ٿورا گهٽا پئسا ونبي ڪين اهڙو اجازت نامو ڏئي ڇڏيندو آهي، پر گهريلو يا مقامي طور تي عام اجازت نامو اتان جا سردار ۽ مُنهندار ڏيندا آهن. اوپر جي ترڪمانن، جيڪا سندن قديمي قوم آهي، جي پهرين هجرت يا وڏي لڏپلاڻ ڏهين صدي عسيوي ۾ ٿي هئي(12). خليفن جي زوال ۽ سندن نائبن جي ڪمزورين سبب، جئڪسريٽس نديءَ جي رڪاوٽ جي ٻه پرواهه نه ڪئي ويندي هئي، ۽ سندن ملڪي ماڻهن جي پاڇ کان پوءِ، ڪجهه خانه بدوش قبيلن پنهنجي مطلب تارڻ لاءِ اسلام ڪٽي قبول ڪيو ۽ شاندار ميدانن تي پنهنجا تنبو کوڙي ڇڏيائون جتي کين سينٽرل ايشيا ۽ خوارزم جي معتدل آبهوا ميسر هئي، ترڪن جي غلامن، جن کي بادشاهه بنجڻ جي خواهش هئي هن لڏپلاڻ کي ڪافي همٿايو جن پنهنجي فوج تيار ڪري ورتي ۽ پنهنجي رعيت جي ماڻهن توڙي سندن مخالفن ۾ هڪ خوف جي فضا چانئجي وئي ۽ پنهنجي سرحد کي ترڪستان جي جهنگلي ماڻهن کان بچايائون، پر سلطان محمود غزنوي هن پاليسيءَ جو ناجائز فائدو ورتو جنهن جو اڳ ڪٽي ٻه مثال نٿي مليو. سندس غلطيءَ تي سلجوڪن جي اڳواڻ ڪيس سخت تنبيهه ڪئي جيڪو بخارا جي حدن اندر رهندو هو. سلطان کانئس پڇيو هو ته هو فوج ۾ پرتي ٿيڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو ڏئي سگهندو. ان تي اسماعيل ڪيس جواب ڏنو هو: 'جيڪڏهن تون هنن منجهان هڪڙو تير اسان جي ڪئمپ ۾ اڇلائيندين ته تنهنجا پنجاهه هزار غلام هڪدم گهوڙن کي لغام ڏئي متن سوار ٿي ويندا'. '... ۽ جيڪڏهن اهو تعداد ناڪافي هجي ته پوءِ؟' محمود وراڻيو: 'ته ٻيو تير بالِڪ جي لشڪر تي اڇلائجان ته پنجاهه هزار ٻيا ٻه توکي ملي ويندا'. اسماعيل جواب ڏنو. "پر جيڪڏهن"، محمود غزنوي ڳالهه وڌائيندي ۽ پنهنجي ظاهري پريشاني جو تاثر ڏيندي ڪيس چيو، "مون کي تنهنجي سڄي قبيلي جي ضرورت سپاهين جي صورت ۾ پئجي وڃي ته پوءِ؟" "منهنجي تير ڪمان کي مون ڏي موڪلي ڇڏجانءِ، جيئن ئي ماڻهن کي اها خبر پوندي ته تنهنجي حڪم جي هڪدم تعميل ٿي ويندي ۽ ٻه لک گهوڙي سوار سپاهي بنا دير پهچي ويندا". هي اسماعيل جو آخري جواب هو. ايتري پڪي پختي دوستي جي رشتن محمود غزنوي کي اعتماد ڏياريو جنهن مشڪوڪ قسم جي قبيلن کي خراسان جي وچ ۾ موڪلي ڏنو، جتي هو پنهنجن ٻين برادري وارن ماڻهن کان اوکسَس نديءَ جي موڙ وٽ ڌار ٿي ويندا ۽ دوست شهرن جي ديوارن سان پنهنجي پاڻ کي محفوظ ڪري ڇڏيندا. پر ملڪي صورتحال لالچائيندڙ ته ضرور هئي پر ڊيجاريندڙ کا نه هئي ۽ حڪومت جو جوش جذبو ٻه محمود غزنوي جي موت ۽ غير موجودگيءَ سبب ڊرو ۽ سستيءَ وارو نظر ٿي آيو. مال چاريندڙ ڏنار هاڻي ڦورن ۽ لٽيرن ۾ تبديل ٿي چڪا هيا ۽ هاڻي اُنهن ئي لٽيرن جي تولن کي گڏ ڪري فاتحن جي فوج ۾ شامل ڪيو ويو ۽ کين



سلجوڪن جي آمد- 1070- 970ع

اصفحان ۽ فرات جهڙن پري وارن علائقن ۾ موڪليو ويو، فارس وارا اڳيئي سندن اوچتن حملن کان تنگ ٿي پيا هيا ۽ ترڪمانن کي، ايشيا جي وڏن ۽ مغرور بادشاهن سان به پنهنجي طاقت آزمائيندي نه ته شرم ٿي آيو نه وري اهي کانئن خوفزده هيا. مسعود، جيڪو محمود غزنوي جو پٽ ۽ جانشين هيو، گهٽي وقت کان وٽي پنهنجن رفيقن ۽ اُمرائن(*) جي صلاح مشورن تي ڪَن ئي نٽي ڏنو، ۽ "تنهنجا دشمن"، هنن کيس وري وري ياد پئي ڏياريو، "شروع ۾ ڪِولِيُن جي جهُڳٽي يا ميڙ کان وڌيڪ ڪجهه به نه هيا، جيڪي هاڻي ننڍن نانگن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن، ۽ جيڪڏهن ۽ جيستائين اُٿهن کي ڪُچليو ۽ اُڇٽ ماريو نه ويندو ته اُنهن منجهه زهر پرجي ويندو ۽ پوءِ اُهي موتمار نانگن جو روپ وٽي ويندا". ڪجهه صلح جي ڳالهين، ڪجهه مخالفت، ۽ سندس نائبن جي ڪجهه ڪاميابين کان پوءِ، سلطان مسعود ذاتي طور تي لشڪر جي اڳواڻي ڪندي ترڪمانن جي مقابلي لاءِ نڪتو پر اُنهن اُتلو وحشين جيان رڙيون ڪندي هر طرف کان مٿس حملو ڪري ڏنو. هڪ تاريخدان هن واقعي کي هينئن ٿو بيان ڪري: 'مسعود اڪيلو ئي اڪيلو دشمن جي صفن ۾ ڪاهي پيو ۽ پنهنجي طاقت ۽ بهادريءَ جا اهڙا ته جوهر ڏيکاريائين جيڪي بادشاهه اڳ ڪڏهن به نه ڏيکاريا هيا. سندس ڪجهه دوست پڻ، پنهنجي بهادر اڳواڻ جي بهادريءَ جو مشاهدو ڪندي جنگ جو حصو بڻجي ويا ۽ ائين ٿي لڳو ته پنهنجي عزت ۽ وقار کي قائم رکڻ جو

جڙ اُنهن وچن کري چڏيو هو ۽ بهادر جي ترار جو رخ جيڏانهن به مُڙيو ٿي ته سندس دشمن جي لاشن جا ڍير لڳي ٿي ويا ۽ هو پاڻ کائڻ تي مجبور ٿي پيا. پر جڏهن سوپ سندس جهنڊي جي ويجهي اچي چڪي هئي ته هڪ بدقسمتيءَ جو منظر کيس نظر آيو؛ جڏهن هن هيڏي هوڏي نهاريو ته سندس سڄي فوج کيس نظر آئي پر اُهو فوجين جو جٿو کيس ڪٿي به نظر نه آيو جنهن جي ڪمان بادشاهه خود ٿي ڪئي ۽ کيس لڳو ته اُهي ميدان چڏي پڄي ويا هيا. مسعود غزنوي سان ترڪ قوم جي ڪجهه جنرلن غداري ڪندي بزدليءَ جو مظاهرو ڪيو ۽ کيس ميدان ۾ اڪيلو چڏي هليا ويا ۽ زنديقن(14) جي هن منفي طرح جي يادگار ڏينهن سبب، فارس ۾ ريڊيارن جي بادشاهت جو بنياد پئجي ويو(15).

فاتح ترڪمان هاڻي بنا دير پنهنجي بادشاهه جي چوند ڪرڻ جي ٿُرت تيارين ۾ لڳي ويا ۽ هتي هڪ لاطيني تاريخدان(16) جو بيان شايع اڻ مُدائتو نه لڳندو. جيڪو ٻڌائي ٿو ته هنن پنهنجي نئين بادشاهه جي چوند به مقدر جي فيصلي تي چڏي ڏني. ڪيترائي تيرَ گڏ ڪيا ويا ۽ هر تير تي پنهنجي قبيلي، ڪٽنب ۽ اُميدوار جو نالو لکيو ويو؛ اُنهن تيرن جو هڪ بنڊل ناهيو ويو ۽ هڪ نندي ٻار کي چيو ويو ته سڄي بنڊل مان ڪو هڪ تير ڪڍي، ۽ ڪُٽو طغرل بيگ جي حق ۾ نڪري آيو جيڪو مائيڪل جو پٽ هو، جيڪو وري سلجوق جو پٽ هو جنهن جي ذات ايندڙ نسل جي دلين ۾ يادگار ۽ لافاني ٿي چڪي هئي. سلطان محمود، جيڪو قبيلن جي تاريخ ۽ سندن حسب نسب سڃاڻڻ جو ماهر ليکيو ويندو هو، سلجوقن جي خاندان بابت هن پنهنجي لاعلمي ڏيکاري هئي؛ تنهن هوندي به ان قبيلي جو جيڪو وڏو بزرگ هيو اُن جي شهرت ۽ طاقت ڪافي مشهور رهي هئي(17). هن بادشاهه جي حرم ۾ اندر وڃڻ جي جرئت ڪرڻ تي، سلجوق کي ترڪستان مان تڙيو ويو هيو، ملڪ نيڪالي وارن ۾ سندس ڪيترائي قبيلي جا ماڻهو ۽ سندس ذاتي نوڪر چاڪر به شامل هيا؛ هُن جيڪسريٽس ندي اُڪري، سمرقند جي پاسي ۾ وڃي پنهنجا خيما کوڙيا، اسلام جو مذهب قبوليائين ۽ ڪافرن خلاف شهادت حاصل ڪرڻ جو رتبو ماڻيائين. سندس عمر هڪ سؤ ست سال هئي جيڪا سندس پٽ ڪان به وڏي هئي ۽ سلجوق پنهنجن ٻن پوٽن طغرل ۽ جعفر کي پالي نپائي وڏو ڪيو؛ جڏهن سندس وڏو پوٽو پنجيتاليهن سالن جو ٿيو ته شاهي شهر نيشاپور ۾ سلطان جو تاج مٿس رکيو ويو. هي هڪ تجربو ڪيو ويو هو پر تاج پائيندڙ جو ڪردار ۽ لياقتون اهڙيون هيون جو هن پاڻ کي ان عهدي جو لائق بنايو هو. هڪ ترڪ جي بهادريءَ جي تعريف ڪرڻ جڙ هڪ اجائي ڳالهه لڳندي پر طغرل(18) پنهنجي بهادري کي پاڻ ملهايو هو. سندس فوجين غزنوين کي فارس مان پڃائي ڪڍيو هو جتان وري کين تڙيو ويو ۽ هاڻي هو سنڌوءَ جي ڪنارن تي وڃي آباد ٿيا، ته جيئن کين اهڙي سوپ حاصل ٿي سگهي جيڪا آسان هجي ۽ جتي کين دولت به جڏهي ملي سگهي. اولهه ۾ هن بائوڏين جي بادشاهي سلسلي کي تباهه ڪري چڏيو ۽ عراق جي حڪمراني هاڻي فارسين کان کِسڪي ترڪن ڏي هلي وئي. جن بادشاهن پاڻ کي ڪجهه سمجهيو هو يا وري ڊنا هيا، بهرحال سلجوڪن جي تيرن اُنهن جي وڏائي وارن سِرن کي تڏهن مِٽيءَ ۾ ملائي چڏيو هو جڏهن هو آذربائيجان ۽ ميديا کي فتح ڪري روم جي سرحدن تائين پهچي چڪو هو؛ نه رڳو ايترو پر هِن ريڊيار اهو به سوچيو هو ته هو قسطنطنيه جي شهنشاهه ڏي پنهنجو سفير موڪلي ڪانئس جزيو يا ڏَن وصول ڪندو(19). بهرحال پنهنجي حڪومت يا حڪومتن ۾ طغرل پنهنجي سپاهين توڙي ماڻهن جي لاءِ هڪ پيءُ جيان هو ته ساڳي وقت سندس حڪومتي نظام به سخت ۽ انصاف تي مبني هو. فارس کي لافانونين کان چوٽڪارو مليو ۽ ساڳيا هٿ جيڪي اڳ رت جي راند ۾ رَتل هوندا هيا، اُهي انصاف ۽

امن جا محافظ بڻجي ويا. جهنگلي پر ترڪمانن(20) جا نهايت عقلمند ماڻهو پنهنجن ابن ڏاڏن جي تنبن ۾ ئي رهندا ٿي آيا ۽ اوڪسس ندي کان فرات تائين، فوجي ڪالونين سندن مقامي سرواٽن يا بادشاهن کي محفوظ بہ رکيو ٿي تہ انهن جو پرچار بہ ڪيو ٿي، پر محلات جا ترڪ مهذب هيا ۽ اُنهن کي خوشين ۽ مسرتن ايا بہ وڌيڪ نفيس ۽ نازڪ بنائي چڏيو هو؛ اُهي فارس وارن جي لباس، بولي ۽ مختلف طور طريقن کي اختيار ڪندا هيا ۽ نيشاپور توڙي ري جي شهرن، پنهنجي ذاتي بادشاهت جي شان شوڪت جي نماڻ ڪرڻ ۾ فخر محسوس ٿي ڪيو. عربستان جا توڙي فارسي ماڻهو، جيڪي بہ اهليت ۽ قابليت رکندڙ هيا، سيني کي ملڪ جي اعزازن ۾ حصيدار بنايو ويو ۽ ترڪن جي سڄي قوم جوش، جذبي ۽ بيحد خلوص مان محمد ﷺ جن جي مذهب يعني اسلام کي اختيار ڪيو. اُتر جي بربرن جا لشڪر جيڪي يورپ ۽ ايشيا ۾ هر طرف پکڙجي چڪا هيا اُهي پڻ گهٽي ياگي اسلام جي مذهب کي اختيار ڪري چڪا هيا انڪري اُهي بين کان جدا ٿي چڪا هيا. مسلمانن توڙي عيسائين ۾، اُنهن جي پنهنجن رواجن ۽ رسمن جو ايترو تہ مٿن اثر رهيو آهي جو اُنهن کان هو باهر نڪري نہ سگهيا آهن جنهن ۾ قدامت پرستي جي شهرت ۽ قومن جي گڏيل راءِ جي وٽن گهٽي اهميت پئي رهي آهي. پر قرآن جو معجزو نج ۽ ڪمال وارو آهي جو تہ ان ۾ عبادت ظاهري شان شوڪت ۽ ڏيکاوَ واري آهي ئي ڪانہ جنهن ۾ لادينن کي، بت پرستي سان ملندڙ جلندڙ ڪو ڪرتب ڏيکاريل هجي جيڪو کين پاڻ ڏانهن ڇڪي يا ڪشش ڪري. سلجوقن جو سڀ کان پهريون سلطان پنهنجي مذهبي جوش جذبي ۾ سيني کان وڌيڪ نمايان هو، هر روز هو پنج وقت نماز پابنديءَ سان پڙهندو هو جيڪا اسلام ۾ هر مسلمان تي لازم ڪئي وئي آهي، ۽ هر هفتي واري (جمعي جي) نماز بہ ادا ڪندو هو، مهيني جا پهريان بہ ڏينهن سندس روزي رکڻ لاءِ مخصوص ڪيل هيا؛ ۽ ان کان اڳ جو هو پنهنجي محل جو بنياد رکي، هن هر شهر ۾ هڪ جامع مسجد مڪمل ڪرائي چڏي هئي.(21)

قرآن ۾ يقين ۽ اعتقاد هئڻ ڪري سلجوق جو پٽ پيغمبر ﷺ جي جانشين کي بہ احترام جي نظر سان ڏسندو هو، پر اهڙي مٿاهين ڪردار سان بغداد ۽ مصر جي خليفن جو اختلاف هو ۽ هرهڪ مخالف پنهنجي لقب يا رتبي کي صحيح ثابت ڪرڻ ۽ جاهل پر طاقتور بربرن کي پنهنجي پنهنجي لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هو. محمود غزنوي پاڻ کي عباسين(*) جو حمايتي چورائيندو هو ۽ جڏهن فاطمين جي(†) سفير پنهنجي وقار ۽ سجاڻپ جو تحفو ڪيس پيش ڪيو هو تہ ان کي هن عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان هرگز نہ ڏٺو هو. تنهن هوندي بہ احسان فراموش هاشمي کي جيئن بخت ۽ پاڻ نوازيو تہ هو بہ تبديل ٿيندو ويو ۽ زنديقن جي سوبَ تي کين داد ۽ آفرين پيش ڪيائين ۽ سلجوقن جي سلطان کي مسلمانن جي پوري خلافت تي پنهنجو وقتي نائب يا نمائندو مقرر ڪيائين. جيئن طغرل هن اعتماد کي عملي جامو پهرائڻ شروع ڪيو تہ ڪيس خليفي قائم جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪيس سڏيو ويو ۽ ڪيس فرض جي ادائگي جي سڏ جو احترام ڪرڻو پيو، اهڙيءَ طرح سندس فوجن کي هڪ نئين بادشاهت ملي وئي(22). بغداد جي محلات ۾ خليفو ايا تائين ائين ستل هيو جيئن ڪو معزز جن پوت هجي. سندس نوڪر يا مالڪ جيڪو بودي جو بادشاهہ هو، ڪيس گندن آمرن جي ذلت آميز روَيي کان نہ بچائي سگهيو ۽ فرات ۽ دجلہ جي ڪنارن تي ترڪ ۽ عرب اميرن طرفان بغاوت جو عَلم بلند ڪيو ويو. هن موقعي تي هڪ فاتح جي موجودگي کي غنيمت سمجهيو ويو ۽ باهہ ۽ ترار جون عارضي شرارتون جاري رکيون ويون جن کي جمهوريہ جي پلائيءَ ۽ بهتريءَ جي سلسلي ۾ مؤثر علاج سمجهيو ويو،

هڪ طاقتور فوج جي اڳواڻي ڪندي، فارس جي سلطان همدان کان ڪُوچ ڪيو: جيڪي مغرور هيا تن کي ڪچليو ويو جيڪي هيٺا يا ڪمزور هيا انهن کي بچايو ويو، بودين جو بادشاھ غائب ٿي ويو، جيڪي باغي سخت ضدي ۽ هنيلا هيا، اُنهن جا سر قلم ڪري طغرل جي پيرن ۾ رکيا ويا ۽ هن اهڙن مثالن ذريعي جڏ موصل ۽ بغداد جي ماڻهن کي سيکارڻ ٿي چاهيو ته سعادتمندي ۽ تابعداري چاکي چئبو آهي، مجرمن کي سزا ڏيڻ ۽ امن امان کي بحال ڪرڻ کان پوءِ، ريڊار بادشاھ پنهنجي محنتن جو انعام وصول ڪيو ۽ هن ناڪ جي پڇاڻي، بربرن جي طاقت تي مذهب جي سوبَ(23) ذريعي ٿي، ترڪي جو سلطان دجلہ تي چڙهائي ڪري رَکا جي گيٽ وٽ پهتو ۽ گهوڙي تي سوار ٿي اندر داخل ٿيو. محلات جي گيٽ وٽ هو وقار مان پنهنجي گهوڙي تان هيٺ لٿو، امير- اُمراءَ هن جي پهچڻ کان اڳ سندس استقبال لاءِ موجود هيا ۽ سلطان هاڻي پيرين پيادو هلي رهيو هو. ڪاري پردي جي پٺيان خليفي کي ويهاريو ويو هيو ۽ عباسين جو ڪارو لباس کيس پارايو ويو هو جيڪو سندس ڪُلهن کان هيٺ لڙڪي رهيو هو ۽ الله جي پيغمبر ﷺ جو لَڪڻ سندس هٿن ۾ هو. اوپر جي فاتح، زمين کي جهُڪي چمي ڏني، ٿوري دير لاءِ شانائتي طريقي ۽ خاموشيءَ سان بينو رهيو ۽ آهستگيءَ سان پنهنجي وزير ۽ ترجمان سان گڏ قدم کڻندي کيس تخت تائين نِيو ويو. طغرل کي ٻي تخت تي ويهارڻ کانپوءِ، سندس منصب نامي کي عوام اڳيان پڙهيو ويو جنهن موجب کيس پيغمبر ﷺ جن جي جانشين جو نائب تسليم ڪيو ويو. کيس هڪ ٻئي پٽيان ستَ لباسَ پهرايا ويا ۽ عربستان جي شهنشاهت (خلافت) جي مختلف علائقن جا ست غلام خدمت چاکري ڪرڻ لاءِ کيس پيش ڪيا ويا. سندس درويشي واري خاص پردي کي مشڪ جي خوشبوءِ سان معطر ڪيو ويو، ۽ سندس سِرَ تي ٻه تاج رکيا ويا، سندس ٻنهي پاسن کان ٻه تراريون پڻ رکيون ويون هيون جيڪي ان حقيقت جي علامت هيون ته هو اوپر توڙي اولهہ جي ملڪن جو حاڪم هيو. هن افتتاحي تقريب کان پوءِ سلطان کي روڪيو ويو ته ٻيهر نہ جهُڪي پر ان جي باوجود هن ٻہ دفعا خليفي جا هٿَ چُميا ۽ ان کان پوءِ سندس لقبن ۽ اعزازن جو مسلمانن جي ميڙ طرفان وڏي واڪي اعلان ڪيو ويو. بغداد جي پنهنجي ٻئي سفر جي موقعي تي، سلجوقي سلطان ٻيو پيرو خليفن کي سندن دشمنن کان بچايو ۽ پنهنجي سِر پاڻ خليفي جي خچر جي لغام کي وٺي پيرين پيادو جيل کان سندس محلات تائين پهچايائين. سندن رشتو وڌيڪ مضبوط تڏهن ٿيو جڏهن طغرل جي پيٽ جي شادي پيغمبر ﷺ جي جانشين سان ٿي. هن ترڪي جي هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ کي خوشيءَ سان پنهنجي حرم ۾ شامل ڪري ڇڏيو، پر قائم، سلطان کي پنهنجي ڏيءُ جي سگ ڏيڻ کان غرور مان انڪار ڪري ڇڏيو ڇو ته هُن سيٽيا جي ريڊار سان هاشمين جي رت کي ملائڻ کان نفرت جو اظهار ڪيو ۽ ڪيترن مهينن تائين ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جي سلسلي کي تيستائين رد ڪري ڇڏيو جيستائين سندس مالي حالتن کيس اجازت ڏني، ۽ کيس تنبيهہ ڪيائين ته هو اجا ٻہ پنهنجي مالڪ جي قبضي ۾ هيو، سندس شاهي شادي کان هڪدم پوءِ طغرل مري ويو(24)؛ جيئن ته کيس اولاد ڪونہ هو، تنهنڪري سندس پائيٽو الپ ارسلان تخت تي وينو ۽ سلطان جا سيئي اعزاز کيس مليا ۽ خليفي کان پوءِ سندس نالو مسلمانن جي هر باجماعت نماز کان پوءِ ورتو ويندو هو. تنهن هوندي ٻہ هن انقلاب ۾ عباسين کي جيتري آزادي وڏي ملي اوترائي وڏا اختيار ٻہ کين ڏنا ويا. ايشيا جي تخت تي، ترڪي جا حاڪم بغداد جي مقامي انتظام کان ايترو تعصب نہ رکندا هيا ۽ خليفن جا جانشين اُنهن عذابن کان آجا هيا جيڪي فارس جي حاڪمن جي موجودگي ۽ سُجائيءَ سبب کين مليا هيا.

خليفن جي زوال شرط ئي عربستان جي مسلمانن جا هڪ ٻئي سان اختلاف توڙي سندن اخلاقي ڪمزورين جو سلسلو وڌي ويو جنهن جي نتيجي ۾ روم جي ايشيائي صوبن جي عزت ۽ اضافو ٿي ويو ۽ اهو وقار، نائيسفورَس(*)، زِميسِس(†) ۽ باسل(‡) جي سوين کان پوءِ ائٽٽئڪ (انتاڪيا) ۽ آرمينيا جي اوپارين حدن تائين پهچي چڪو هو. باسل جي موت کان پنجويهه سال پوءِ، سندس جانشين تي بربرن جي هڪ قوم طرفان اوچتو حملو ٿيو جن سيٽيا جي بهادري ۽ جرئت کي نوَن ماڻهن جي مذهبي جنون ۽ طاقتور بادشاهت جي دولت ۽ سندس ٻين نعمتن سان وڃي ملايو هو(25). ترڪن جي گهوڙن جا لشڪر تئورَس کان 'ارض- رُوم' (رُوم جي ڏرتي) تائين پکڙجي ويا. هڪ اهڙي سرحد جيڪا ڇهه سؤ ميلن تائين ڦهليل هئي، ۽ هڪ لک ٽيهه هزار عيسائين کي مسلمانن طرفان قتل ڪيو ويو، جنهن کي پيغمبرؐ جي راهه ۾ سندن احسانمندي جي قرباني جو نالو ڏنو ويو آهي، تنهن هوندي به طغرل جون فوجون يونان جي شهنشاهت تي ڪو وڏو اثر يا دائمي نقش نه ڇڏي سگهيون هيون. بهرحال هن وڏي ملڪ تان لشڪري يلغار ٽري وئي ۽ سلطان به آرمينيا جي شهر تي حملي ڪرڻ کانسواءِ ئي ڏرو ۽ خاموش ٿي ويو ۽ ڪابه نمايان ڪاميابي کيس حاصل ڪانه ٿي، ٽوريون گهٽيون دشمنيون ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ هلنديون رهيون جن ۾ پڻ ڪو ڇرڪائيندڙ واقعو پيش نه آيو، ۽ مئسيڊونيا جي فوجن جي بهادريءَ سبب ايشيا جي فاتح(26)، بيهر پنهنجي وڃايل شهرت حاصل ڪري ورتي. الپ ارسلان جو نالو، جنهن کي 'بهادر شينهن' سڏيو ويو، هاڻي هڪ مڪمل ۽ جرئتمند انسان جي حيثيت ۾ مثالي بنجي ويو ۽ طغرل جو جانشين خوف ۽ سخا جي شاهي علامت بڻجي ويو. ترڪن جي گهوڙيسوار فوج جي اڳواڻي ڪندي، هن فرات ندي کي اُڪاريو، ڪپادوشيا جي وڏي شهر سزئريا ۾ داخل ٿيو جتي اڳ سينٽ باسل جي دولت ۽ شهرت جو مٽس حملو ٿيو هو. هر عمارت پهاڙ جهڙي مضبوط ۽ پختي هئي جنهن سندس حملي جو پورو مقابلو ڪيو پر تڏهن به هو مقبري جا دروازا ٻاهر ڇڪي ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جن تي سونَ، هيرن ۽ جواهرن جو خوبصورت ڪم ٿيل هيو ۽ اهڙي طرح هُن مقبري جي بزرگ جي تبرڪن ۽ مقدس شين کي بيحرمتو ڪيو جنهن جي انساني ڪمزورين کي قدامت جي رنگَ ۽ نشو و نما سان ڏِکيو ويو هو. آرمينيا ۽ جارجيا جي قطعي سوپ، حاصل ڪئي وئي، جنهن جو ڪُٽو بهرحال الپ ارسلان جي نصيب ۽ بهادري جي نالي ۾ نڪري چڪو هو. آرمينيا ۾ بادشاهت جي لقب ۽ قوم جي جنبي کي تباهه ڪيو ويو هو، قسطنطنيه جي پاڙيٽُو فوجين، بيدين ڏارين، بغير پگهار جي مقرر ڪيل بزرگن ۽ بغير تجربي ۽ نظم ۽ ضبط جي پرتي ڪيل رنگروٽن طرفان مصنوعي قلعن ۽ مورچن کي بغير حفاظت جي ڇڏيو ويو هو. هن اهم سرحد جي نقصان جي خبر هر طرف پکڙجي وئي هئي ۽ ڪئٽولڪ عيسائين کي نه ته ڪا حيرت ٿي ۽ نه وري اُهي ناخوش هيا ته جن ماڻهن ۾ نسٽوري ۽ يوٽئچين طريقي جون خطائون(*) موجود هيون اُنهن کي حضرت عيسيٰؑ ۽ سندس ماءُ لادين ملحدن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو(27). جارجيا جي ماڻهن(28) يا آئبيريا جي عوام طرفان جبل ڪاڪَسَس جي وادين ۽ جهنگلن جي سختيءَ سان حفاظت ڪئي وئي هئي، پر ترڪي جو سلطان ۽ سندن پٽ مالڪ مقدس جنگ وڙهڻ ۾ ٽڪندا هرگز نه هيا، سندن قيدي مجبور ٿي روحاني توڙي دنياوي تابعداري ڪرڻ جو واعدو ڪندا هيا ۽ بجاءِ ڪالرن يا ٻانهوٽن جي، سندن بيعزتي لاءِ لوها نعلَ (جيڪي گهوڙن جي سُنبن ۾ لڳائبا آهن) ڪين پارايا ويا چو ته هنن اجا تائين پنهنجن ابن ڏاڏن جي عبادت کي ترجيح ٿي ڏني. هيءَ تبديلي نه ته سچي هئي نه وري عالمي نوعيت جي هئي ۽ غلاميءَ جي قديم زمانن کان وٺي جارجيا جي ماڻهن

پنهنجن بادشاهن توڙي پادرين جي نظام کي برقرار پئي رکيو آهي، پر ماڻهن جي هڪ قوم، جنهن کي قدرت هر لحاظ سان مڪمل رکيو هجي، سُجائي، جهالت ۽ بيڪاريءَ جي سبب ذلت جي منزل کي وڃي پهچي ته پوءِ عيسائيت جو مذهب فقط هڪ کوکلو نالو ٿي وڃي ٿو ۽ جيڪڏهن اُهي لادينيت کان مٿي اُپريا آهن ته اهو فقط انڪري ته اُهي بلڪل جاهل هيا ۽ کين مابعد الطبيعات جي فلسفي جي خبر ئي ڪانه هئي(29).

الپ ارسلان محمود غزنوي جي مصنوعي يا سچي شرافت يا بلند نظري جي ڪابه هرگز نه ڪئي هئي ۽ هن بغير ڪنهن ظرف يا سبب جي يونان جي راڻي يودوشيا(†) ۽ سندس ٻارن تي حملو ڪيو هو. سندس حملن جي تيزي راڻي کي مجبور ڪيو ته هن پنهنجي پاڻ کي توڙي پنهنجي حڪومت کي هڪ فوجي سپاهيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو، ۽ رومنس ڊايوجينس کي هاڻي شهنشاهه جو لباس پهرايو ويو. سندس حب الوطني ۽ شايد سندس فخر جي جذبي، تخت تي ويهڻ کان پوءِ ٻن مهينن جي اندر قسطنطنيه کان هڪ بي مهم(‡) شروع ڪرڻ لاءِ کيس مجبور ڪيو ۽ هن بيشرمائيءَ مان ايستر جي جشن جي مقدس موقعي تي حملو ڪري ڏنو. محات ۾ ڊايوجينس، يودوسيا جي مڙس کان مٿي ڪجهه به نه هوندو هو، پر فوجي ڪئمپ ۾ هو روم وارن جو شهنشاهه هوندو هو، ۽ هن اهو ڪردار، ڪمزور ذريعن جي باوجود، وڏي همت ۽ مردانگيءَ سان ادا ڪيو. سندس ئي جذبي ۽ ڪاميابين کان متاثر ٿيندي سندس سپاهي چُست رهندا هيا ۽ کين هو سيڪاريندو هو ته وقت اچڻ تي ڪيئن هڪدم عمل ڪجي، رعيت، کي ڪيئن اُميد ڏيارجي ۽ دشمن کي ڪيئن خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏجي. ترڪ، فرجيا جي وچ تائين ڪاهي ويا هيا، پر سلطان پنهنجن اميرن کي پاڻ جنگ جي ترغيب ڏئي رهيو هو جنهن پنهنجن مختلف فوجي جٿن کي سڄي ايشيا جي الڳ الڳ هنڌن تي مقرر ڪري ڇڏيو هو ته جيئن سوڀ کي يقيني بڻائي سگهجي. وٽس لُٽ ڦر جو مال ته هيو پر نظر ۽ ضبط جي ڪمي هئي، تنهنڪري يونانين کين جدا جدا هنڌن تي شڪستون ڏئي حيران ڪري ڇڏيو، شهنشاهه جي چُرپُر سندس ذاتي حاضري کي لازمي بنائي ڇڏيو هو ۽ جڏهن مخالفن کي سندس انتاڪيا ڏي وڌڻ ۽ حملي ڪرڻ جي خبر پئي، ته دشمن سندس ترار کي ٽريبيزانڊ تي وَهندي محسوس ڪيو. اهڙين محنت ۽ مشقت وارين مُهمن ۾، ترڪن کي فرات کان به پنڌتي ڌِڪيو ويو ۽ چوٽين ۽ آخري دفعي رومنس آرمينيا کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر رڻ پٽ واري زمين ۽ بربادي جي منظرن ٻن مهينن جي سيڊي سامان جي انتظام ڪرڻ لاءِ کيس مجبور ڪيو، تنهنڪري هو پنڌتي هٿن جي بجاءِ مالازڪرد(30) جي گهيري ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جيڪو ارضِ رُوم ۽ وٽن شهرن جي وچ جي پنڌ تي هڪ اهم قلعو هو. سندس فوج گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک ماڻهن تي مشتمل هئي. قسطنطنيه جي فوجن کي، فرجيا ۽ ڪپادوشيا جي چڙوچڙ فوجي دستن ذريعي، مدد پهچائي وئي، پر اصلي طاقت يورپ جي رعيت جي ماڻهن ۽ سندن اتحادين جي هئي جن ۾ مئسيڊونيا جا فوجي، بلغاريا جا جٿا، اُوزي- مالڊَئويا جا لشڪر جيڪي خود پي ترڪي نسل جا هيا،(31) ۽ سيني ڪان وڌيڪ فرانس ۽ نارمنڊي جا پاڙيتو توڙي موقعي پرست فوجي دستا پڻ شامل هيا. هڪ بهادر بالول سندن تيرن ۽ نيزن جي ڪمان ٿي ڪئي جيڪو اسڪانڈئنڊ جي بادشاهن جو به بابو هو(32)، ۽ کين اجازت ڏني وئي هئي ته هو پلي پنهنجن هٿيارن جو نماءُ يونانين وانگر پر هِڪ ناچ (Pyrrhic Dance) جيان ڪن.

دليري واري هن حملي جي معلومات ملڻ تي، جنهن سندس موروثي حڪومت کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو، الپ ارسلان چاليهه هزار گهوڙيسوار فوج جي اڳواڻي ڪندي جنگ جي ميدان تي پهچي ويو(33). سندس تڪڙين تيارين ۽ عقلمندي وارين فوجي چالن سبب يونانين جا وڏي تعداد وارا فوجي لشڪر موڪا ۽ مايوس ٿي ويا ۽ سندن مڪيه جنگي جوڏي بئسيليئس جي شڪست ۾ هن پنهنجي پهرين بهادريءَ سان گڏ پنهنجي طبيعت جي سنائي ۽ نرملتا جو مثال پڻ پيش ڪيو. شهنشاهه جي ايڏپ جي ڪري سندس فوجون، خاص طرح مالازڪرد جي نقصان کان پوءِ، چڙوچڙ ٿي ويون. اها سندس اجائي ڪوشش هئي ته فرئنڪ فوجن کي هو واپس گهرائي ونڻي، چاڪاڻ ته هنن اڳ ۾ ئي سندس سڏ ٿي ڪيس سڏ نه ڏنو هو ۽ تنائي ويا هيا، تنهنڪري هاڻي هن کي سندن واپسي کان بنهه نفرت اچي وئي هئي، ٻيو وري اُوزي جي جڏن جي ڇڏي وڃڻ تي سندس بيچيني وڌي وئي ۽ طرح طرح جا شڪ شبها سندس ذهن کي وکوڙي ويا؛ تنهنڪري هن، بغير گهٽي سوچڻ جي ۽ هڪ بهتر صلاح جي مخالفت ڪندي، تڪڙو ۽ تيز فيصلو ڪري ورتو ۽ پنهنجين فوجين کي اڳتي وڌڻ جو هڪدم حڪم ڏنو. جيڪڏهن هو سلطان جي بهتر مشورن تي ڌيان ڏري ها ته رومنس کي شايد جنگ جو ميدان ڇڏي پڇٽو پوي ها، يا وري دشمن سان صلح ڪري ونڻي ها، پر هن ڇُرپر ۾ هن دشمن جي خوف ۽ ڪمزور هجڻ جو تصور ڪري ورتو هو ۽ سندس جواب بي عزتي ۽ مُهاڏي اٽڪائڻ وارو هو: 'جيڪڏهن بربر جي خواهش صلح ڪرڻ جي آهي ته پهريون اُهو اسان جي ڌرتي خالي ڪري جيڪا هن رومين جي فوج لاءِ خيما کوڙڻ ۽ سندن ترسڻ لاءِ والاري آهي ۽ري ۾ پنهنجو شهر ۽ محلات به اسان جي حوالي ڪري ته جيئن صلح جي ڳالهين کي اڳتي وڌائي سگهجي'. سندس دشمن جي فضول مطالبن تي الپ ارسلان مُرڪيو پر ساڳئي وقت ڪيترن عقيدتمند مسلمانن جي موت تي هن روئي ڏنو ۽ هڪ عاجزي واري نماز پڙهڻ ۽ عبادت ڪرڻ کان پوءِ هن سيني لاءِ ڪليل اعلان ڪيو ته جيڪو به جنگ جو ميدان ڇڏي وڃڻ چاهي ته، اُنهن سيني کي اجازت آهي. هن پنهنجن هٿن سان پنهنجي گهوڙي جو پُڇ ٻڌو ۽ پنهنجي تير ڪمان جي جڳهه تي هن هڪ ۾ نيزو، ٻي ۾ ترار ڪنئي، ايڏا ڪپڙا اوڍيائين، ۽ پنهنجي جسم تي مشڪ جو قوهارو هنيائين ۽ اعلان ڪيائين ته ڪيس دفنايو وڃي(34). سلطان پاڻ ڪوشش ڪئي هئي يا پنهنجا ميزائل ۽ اهڙا ٻيا هٿيار ڦٽي ڪري ڇڏي، پر سندس فتح جو سڄو دارومدار ترڪن جي گهوڙي سوار فوج تي هو جن جي جنگي جڏن کي هيڏي هوڏي ۽ پهرئين چند جي شڪل ۾ ٻيهاريو ويو هو. لڳاتار يوناني طريقي جي بجاءِ، رومنس، پنهنجي فوج کي اڪيلن ۽ جدا جدا حملن ۾ آزمائڻ چاهيو ۽ پوري قوت ۽ بي تابيءَ سان اڳتي وڌيو ۽ بربرن جي مهارت واري مقابلي کي ڪجهه سوڙهو ڪيائين. پر هنن فضول ۽ اجاين ڊُوبدو مقابلن ۾ هن اونهاري جي وڏي ڏينهن جو ڪافي حصو ضايع ڪري ڇڏيو. نيٺ دوراندیشي ۽ ٽڪاوٽ جي ڪري هو واپس پنهنجي ڪئمپ ۾ موٽي ويو. پر جڏهن دشمن طاقتور ۽ چالاڪ هجي ته ميدان مان پاڇ ڪرڻ به خطرناڪ ڪم هوندو آهي، ۽ جيئن ئي جهنڊي جو رُخ مُڙي پنتي ٿيو ته اڳيان فوجي دستا بزدلي يا ائنڊرونيڪس جي ذلت واري حسد سبب ٽُٽي ويا؛ هُو مخالف بادشاهه هو جنهن پنهنجي جَم، نسل توڙي قيصرن (سيزرس) جي تاج کي پنهنجي گندي ڪردار ذريعي لڇايو هو(35). ترڪ دستن هن افراتفري ۾ تيرن جي برسات وسائڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ يونانين، جن پنهنجي فوجي دستن جي بيهڪ نئين چند جيان ناهي هئي، اُها پوئين پاسي کان ختم ٿي وئي. فوجن جي تباهي ۽ لُٽ مار ايتري ته ٿي جو اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته ڪيترن ماڻهن کي قتل ڪيو ويو يا ڪيترن

بيشمار ماڻهن کي قيدي بنايو ويو. بازنطيني ليکڪن لاجواب هيرن جواهرن جي نقصان بابت لکيو آهي، پر اُنهن کان اهو ٻڌائڻ وسري ويو ته هن موتمار ڏينهن تي روم جي ايشيائي صوبن کي هميشہ واسطي قربان ڪيو ويو هو.

جيستائين ڪيس اُميد باقي هئي، رومنس ڪوشش ڪئي ته جيئن پنهنجي فوج جي تبرڪن کي بچائي سگهي. جڏهن وچ جي مرڪز ۽ شاهي هنڌ کي هر طرف کان غير محفوظ ڪيو ويو هو ۽ جنهن کي سوپارن ترڪن طرفان گهيري ۾ آندو ويو هو، پوءِ به هن نراسائيءَ جي حالت ۾ جنگ کي ڏينهن جي ختم ٿيڻ تائين جاري رکيو ۽ سندس رعيت جا ماڻهو هن جا وفادار هيا جيڪي آخر تائين سندس جهنڊي جي اردگرد ثابت قدم رهيا. بهرحال پوءِ سندس ساٿي ساٿا ٿي پنهنجي اڳواڻ جي چوڌاري ڪرندا رهيا، سندس گهوڙي کي ماريو ويو، شهنشاهہ پاڻ به زخمي ٿي پيو، تنهن هوندي ۾ اڪيلائيءَ ۾ به هو بهادر هيو ۽ تيستائين وڙهندو رهيو جيستائين گهٽن ماڻهن جي انبوهہ ڪيس سوگهو ڪيو ۽ هو لاچار ٿي پيو. هن بهادري جي شان جي خلاف هڪ غلام ۽ هڪ سپاهي ڳالهايو ۽ ان جي مخالفت ڪئي، غلام اُهو جنهن ڪيس قسطنطنيہ جي تخت تي وينل ڏٺو هو، ۽ سپاهي اُهو جيڪو اپاهج هيو پر سندس نقصن توڙي اپاهج پڻي کي ڪنهن خدمت سرانجام ڏيڻ جي عيوض نظرانداز ڪيو ويو هو. فوج، هٿيارن، زيورن ۽ اعزازن ۽ تاج تخت کان محروم ٿي وئي ۽ رومنس جنگ جي ميدان تي سخت اذيت ۽ غمگينيءَ ۾ رات گذاري ۽ سندس هر طرف کان خسيس قسم جا ٽڙيل پکڙيل بربر موجود هيا. صبح جو شاهي قيديءَ کي الپ ارسلان جي آڏو پيش ڪيو ويو جنهن سندس مقدر تي شڪ ڪيو جيستائين سندس سفيرن هن جي سجاڻپ جي تصديق ڪئي جنهن کي سجاڻڻ جي وڏيڪ شاهدي بئسيلئسيَس پڻ ڏني جنهن ڳوڙها ڳاڙيندي بدقسمت شهنشاهہ جي پيرن کي چمي ڏني. ڪانسٽنٽائن جي جانشين کي عام رواجي طريقي سان ترڪن جي گاديلي تي ويهاريو ويو ۽ ڪيس حڪم ڏنو ويو ته ايشيا جي حاڪم جي آڏو هو زمين کي چُمي. هن مجبوريءَ ۾ حڪم مڃيو ۽ الپ ارسلان پنهنجي تخت تان اٿيو ۽ چيو وڃي ٿو ته هن پنهنجو پير نفرت مان روم جي شهنشاهہ جي ڳچيءَ تي رکيو(36). پر هن حقيقت جي پوري تصديق نہ ٿي سگهي آهي، پر جيڪڏهن غرور جي هن گهڙيءَ ۾، سلطان پنهنجي قومي رواج مطابق ائين ڪيو به هجي ته ممڪن ٿي سگهي ٿو، باقي عام طور تي سندس رَويو اهڙو ته اخلاق وارو هو جو ڪٽر دشمن به سندس تعريف جا ڳٽ ڳائيندا هيا ۽ سندس ڪردار ايترو ته مثالي هو جو ايندڙ وقت جي مهذب دؤرن لاءِ ان کي سٽن لفظن ۾ ورجايو ويندو. هن شاهي قيدي کي هڪدم زمين تان مٿي کنيو ۽ ٽي دفعا پنهنجو هٿ سندس هٿ سان نرمي ۽ همدرديءَ مان ملائيندي کيس يقين ڏياريائين ته سندس زندگي توڙي سندس شان ۽ مرتبو ان بادشاهہ وٽ يقينن سلامتي وارو هوندو جنهن پنهنجن هڪ جهڙن ۽ هم مرتبن جي مان مرتبي جو قدر ڪرڻ سکي ورتو آهي ته ساڳي وقت قسمت جي لاهن چاڑهن کي به سمجهي ورتو آهي. گاديلي کان رومنس کي پر واري تنبوءَ ۾ نيو ويو جتي کيس سلطان جا آفيسر ساڻس شان شوکت ۽ وقار سان پيش آيا، جيڪي ڏينهن ۾ به دفعا کيس سلطان جي ويهڻ جي ٽيبل تي وڃي ويهارينداهيا. اُنن ڏينهن جي آزاد ماحول ۽ هڪ ٻئي سان کليل گفتگو ۾، فاتح کان ڪو هڪڙو لفظ يا اکين جو ڪو اشارو جنهن ۾ شاهي قيدي لاءِ بي عزتي جي ڪا جهلڪ هجي، سرزد نہ ٿيو هو، پر اٽلو فاتح شهنشاهہ مخالف شهنشاهہ جي اُنهن رعيت جي ماڻهن کي بُرو پلو چيو جيڪي خطري جي گهڙيءَ ۾ پنهنجي بهادر شهنشاهہ کي ڇڏي هليا ويا هيا ۽ نرميءَ مان پنهنجي هم منصب کي سندس

غلطين طرف توجهه ڏيکاريائين جيڪي هن جنگ کي جاري رکڻ ڏوران ڪيون هيون. شروعاتي ڳالهه ٻولهه ۾ الپ ارسلان کانئس پڇيو ته هن کانئس ڪهڙي روَيي جي اُميد رکي هئي، ۽ قيدي شهنشاهه جيڪو هن وقت تائين خاموش هو، بي رخيءَ مان هن طرح جواب ڏنو: 'جيڪڏهن تون ظالم آهين'، ته تون مون کي مارائي ڇڏيندين، جيڪڏهن تو پنهنجي تڪبر جي آواز تي ڪَنايو ته تون مون کي پنهنجي گاڏيءَ جي قيٽن ۾ ٻڌي گهِلرائيندين، ۽ جي تو دنياداري ڪئي ته تون ڏَن يا جزيو وٺندين ۽ مون کي پنهنجي ملڪ ڏي موڪلائي موڪليندين' '۽ تنهنجو روَيو'، سلطان پنهنجي گفتگو جاري رکندي چيو، 'مونسان ڪهڙو هجي ها، جيڪڏهن مقدر جو پاسو تنهنجي طرف هجي ها'. يوناني شخص جو جواب سندس جذبن جي ترجماني ڪري رهيو هو، حالانڪ دورانديشي توڙي احسانمندي جي تقاضا اها هئي ته اُهو ائين نه چوي ها: 'جيڪڏهن آءٌ جنگ ۾ سوپارو ٿيان ها ته مان تنهنجي جسم تي بيشمار ڦٽڪا هٽايان ها.' ترڪي جو فاتح، پنهنجي قيديءَ جي تڪبر جي لهجي تي مُرڪيو ۽ تبصرو ڪندي چيائين ته عيسائين جو قانون ته دشمنن سان به محبت جو درس ڏئي ٿو ۽ بُرائي ڪرڻ واري کي به بخشي ٿو ڇڏي ۽ وڏي وقار مان کيس چيائين ته هو سندس ڪاپي نه ڪندو ۽ اُهو ڪم نه ڪندو جنهن جي هو مذمت ڪندو رهندو آهي. طويل گفتگو کان پوءِ، الپ ارسلان سندس آزادي ۽ صلح ڪرڻ جا شرط لکرايا ۽ هڪ ملين يا ڏهن لکن جي پُنگ پرڻ ۽ ساليانو ٽي لکَ سٺ هزار سون جي ٽڪرن(37) ڏيڻ تي کيس آزاد ڪيو ويندو جنهن ۾ شاهي پارن جون شاديون به شامل هيون، ان کان سواءِ اُنهن سيني مسلمانن جي هڪدم آزادي جو به شرط رکيو ويو جيڪي جنگ جي دؤران يونان جا قيدي بڻجي ويا هيا. رومنَس ٽٽو ساهه پريندي هن صلحنامي کي منظور ڪيو جيڪو روم جي شهنشاهت جي شان ۽ مرتبي لاءِ سخت بيعزتي وارو هو، تنهنڪري هڪدم کيس ترڪي جي وقار وارو لباس پارايو ويو، سندس اميرن ۽ سرواٽن کي قيدي شهنشاهه جي حوالي ڪيو ويو ۽ سلطان، شانائتي پاڪر پائڻ کان پوءِ کيس بيشمار تحفا پيش ڪيا ۽ محافظن جي دستي سان عزت سان وڃڻ ڏنو ويو، جيئن ئي هو پنهنجي شهنشاهت جي حدن اندر داخل ٿيو ته کيس اطلاع ڏنو ويو ته محلات توڙي صوبن هڪ قيديءَ سان وفادار رهڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو: به لک سونَ جا ٽڪرا وڏي مشڪل سان گڏ ڪيا ويا ۽ ڪِريل شهنشاهه پُنگ جي اها رقم ترڪي جي سلطان کي ڏياري موڪلي ۽ اهو به کيس چورائي موڪليائين ته هو نهايت بيوَس هو ۽ عزت احترام به وڃائي وينو هو. سلطان جي سخا ۽ درياهه دلي هن وقت به پنهنجي شڪست کاڌل ساٿيءَ لاءِ همدرديءَ جو سوچي رهي هئي، پر رومنَس ڊايوجينس جي شڪست، بيهر قيدي بنجڻ ۽ پوءِ سندس موت جي ڪري سلطان پنهنجين نيڪ تمنائن کي تڪميل تائين نه پهچائي سگهيو(38).

صلحنامي جي شرطن ۾ اهو ڪٿي به لکيل نه هو ته الپ ارسلان قيدي شهنشاهه جي ملڪ جي ڪنهن صوبي کي قبائيندو ۽ نه وري هن اهڙو ڪم ڪيو؛ هو ته فقط ان ڳالهه کان مطمئن هيو ته کيس فتح جون ٽرافيون ملي چڪيون هيون ۽ هن جو انتظام اهڙي طرح سان پورو ٿي چڪو هو، ان کان سواءِ انتاکيا جي شهر اناتوليه کان جيڪو غنيمت جو مال کين هٿ آيو هو ۽ جنهن کي ڪاري سمنڊ طرف آندو ويو هو سو به ڪافي هيو. ايشيا جو وڏو حصو سندس قانونن جو محتاج هيو، بارهن سؤ شهزادا يا شهزادن جا پُٽ سندس تخت آڏو بينل هيا ۽ به لک سپاهي سندس جهنڊي هيٺان ٿي هليا. سلطان کي البت ان ڳالهه کان بُجان لڳندي هئي ته هو پاڇوڪڙ يونانين جو پيڇو ڪري، پر هن وڏيڪ شانائتي اعزاز حاصل ڪرڻ جو سوچيو ته جيئن ترڪستان کي فتح ڪري جيڪو سلجوقن جو اصلي خطو هو.

هو بغداد کان اوڪسس ندي طرف ويو، هڪ پُل کي ناهي ندي‌ءَ متان اُڇلايو ويو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ويهن ڏينهن ۾ فوجن کي ندي‌ءَ جي هُن پار اُڪاريو ويو. پر هن بادشاهه جي تيز رفتاري‌ءَ ۾ برزيم جي گورنر رڪاوٽ وڌي ۽ يوسف ۽ خارض ميان اهو سوچيو ته هو اوپر جي طاقت جي خلاف قلعي جي حفاظت ڪندا. جڏهن ڪيس قيدي جي حيثيت ۾ شاهي تنبو ۾ آندو ويو ته سلطان، سندس جرئت کي ساراهڻ جي بجاءِ، هن جي بيوقوفي واري ضد تي سندس مذمت ڪئي ۽ باغي‌ءَ جي گستاخي واري جوابن سندس خلاف هڪ فيصلو صادر ڪرائي ڇڏيو ته ڪيس ڇهن ٽنهين سان ٻڌو وڃي ۽ تيستائين ڪيس نه ڇڏيو وڃي جيستائين هو اُنهي حالت ۾ چيچلائي مري وڃي. هن موقعي تي نراسائي‌ءَ جي حالت ۾ خارض ميان خنجر کي باهر ڪڍيو ۽ تخت طرف تيز تيز ڊوڙيو: محافظن پنهنجون جنگ جي استعمال واريون ڪهاڙيون ڪٽي ڪڍيون پر سندن ڪاوڙ کي الپ ارسلان روڪي ڇڏيو جيڪو پنهنجي زماني جو زبردست تيرانداز هو؛ هن پنهنجي ڪمان ڪڍي ورتي، پر سندس پير ترڪي پيو ۽ تير جو نشانو بي طرف هليو ويو ۽ يوسف جو خنجر سلطان جي سيني ۾ تيزي‌ءَ مان ڪُپي ويو جيڪو ڪٽجي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. زخم موتمار هو ۽ ٽُرڪي جي سلطان وصيت ڪئي جيڪا هڪ مرندڙ شخص جي، بادشاهن جي وڏائي ۽ تڪبر لاءِ هڪ زبردست تنبيهه هئي: 'پنهنجي جواني جي ڏينهن ۾'، الپ ارسلان چيو، 'مون کي هڪڙي روحاني بزرگ هدايت ڏني هئي ته الله جي آڏو هميشه هيٺاهون ٿي جُهڪندو ڪر ۽ پنهنجي طاقت تي ڪڏهن به پروَسو نه ڪندو ڪر ۽ ڪڏهن به نفرت لائق دشمن کي به ڏِڪار ۽ نفرت جي نظر سان نه ڏسندو ڪر. پر مون اهي سبق وساري ڇڏيا تنهن ڪري مون کي ان غفلت ڪرڻ جي جائز سزا ملي آهي. ڪالهه مون فخر منجهان پنهنجن بيشمار ماڻهن جي تعداد کي ٿي ڳڻيو، فوجن جي نظر ۽ ضبط ۽ سندن جذبي تي فخر ٿي ڪيو، ۽ ائين ٿي لڳو ته زمين منهنجي قدمن ڪٽڻ سان ڏڏي رهي هئي ۽ ان وقت مون پنهنجي دل ۾ سوچيو: يقينن تون دنيا جو بادشاهه آهين ۽ جنگي ويڙهاڪن يا بهادرن ۾ تون عظيم آهين ۽ توکي ڪو به شڪست ڏئي نٿو سگهي'. پر هاڻي سوچيان ٿو ته هي فوجون ۽ جوان منهنجا هرگز نه رهيا آهن ۽ منهنجي ذاتي طاقت جو حشر اهو ٿيو آهي جو هڪ خسيس ماڻهوءَ مون کي قتل ڪيو آهي(39)'. الپ ارسلان جا ڪُٽ ۽ سندس اخلاق هڪ ٽُرڪ وارا به هيا ته ساڳي وقت هڪ پڪي مسلمان جون سموريون خاصيتون منجهس موجود هيون، سندس آواز ۽ ڪردار جي ڪري سڄي انسان ذات سندس احترام ڪندي هئي، سندس مُنهن تي ڏگهيون مُڇيون هيون ۽ سندس پٺڪو ائين هڏل هوندو هو جو اُهو تاج وانگر لڳندو هو. ڪيس سلجوق سلطانن جي مقبري اندر دفنايو ويو ۽ ڪو سياح ايندي ويندي هيءَ تحرير پڑهي سگهي ٿو ۽ ان تي ڪُوڙهو غور ۽ فڪر به ڪري سگهي ٿو(40): 'اي ڏسندڙ ۽ غور ڪندڙ! تون جنهن الپ ارسلان جي شان ۽ دبدبي کي ڏٺو هو ته اُهو مٿاهون ماڻهو ۽ جنتي هو، ته غور ڪري ڏِس ته اُهو هاڻي مِٽيءَ جي ڍير هيٺان دفن ٿيل آهي'. هاڻي تائين اُها تحرير به ختر ٿي چڪي آهي ته مقبرو به سلامت نه رهيو آهي، جنهن مان پڻ صاف ظاهر آهي ته انساني عظمت کي هرگز بقا حاصل ڪونهي.

الپ ارسلان جي زندگي ۾ ئي سندس وڏي پُٽ کي ترڪن جي مستقبل جي سلطان طور چونڊيو ويو هو. سندس پيءُ جي موت تي، سندس موروثي حق تي سندس چاچي، سندس سوٽ ۽ سندس ياڻ اختلاف ڪيو هو، هنن تراريون باهر ڪڍيون ۽ پنهنجن پنهنجن حمايتين کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ مالڪ شاهه(41) جنهن ٿي دفعا فتح حاصل ڪئي هئي، ان جي شهرت تمام گهٽي هئي ۽ هن مويي پٺ

هئڻ جي دعويٰ پڻ ڪئي. هر دؤر ۾ ۽ خاص طرح ايشيا ۾، طاقت ۽ اقتدار ۾ اچڻ جي خواهش ساڳين جذبن کي جنم ڏيئي ڏني آهي ته ساڳين ۽ هڪ جهڙن مسئلن ۽ مونجهارن کي به اڀاريو آهي، پر خانه جنگي جي ڏکڻ داستان منجهان هڪ اهڙو جذبو جيڪو نج، سچو ۽ بيحد شانائتو به هجي، ڪوليڪ ڏيڻ بيحد مشڪل ڪم آهي پر هڪ ترڪ بادشاهه جي قول ۾ ان عظمت کي ڏسي پَسي سگهجي ٿو. هڪ جنگ جي موقعي تي هن طُوس ۾ امام رضا جي روضي تي پنهنجي خدمت سرانجام ڏيڻ ڏني. جيئن ئي سلطان زمين تان اٿيو، ته هن پنهنجي وزير نظام کان پڇيو ته ڀيو ڪير ساڻس گڏ ويٺو هو، ۽ سندس ڪجهي درخواست يا اپيل جو ڇا مطلب هيو: 'ته خدا تنهنجن فوجن کي فتح ياب ڪري'. اهو سندس وزير جو دوراندیشي ۽ خلوص نيتي وارو جواب هيو. 'جيتري قدر منهنجو تعلق آهي'، شانائتي مالڪ وراڻيو، 'مون رب تعاليٰ آڏو عاجزيءَ مان ٻاڌايو آهي ته هو منهنجي زندگي ۽ تخت پاڻي مون کان ان صورت ۾ کسي ڇڏي جيڪڏهن منهنجو پاڻ، مسلمانن تي حڪومت ڪرڻ لاءِ مون کان وڌيڪ لائق ۽ اهليت رکندڙ آهي'. خدائي فيصلي کي خليفي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ اهو پهريون دفعو ائين ٿيو جو هڪ بربر کي خليفي ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو هو؛ هو ذاتي لياقتن توڙي پنهنجي شهنشاهت (خلافت) جي ديگهه ۽ ويڪر جي حساب سان پڻ پنهنجي دؤر جو وڏي ۾ وڏو بادشاهه هيو. فارس ۽ شام ۾ معاملن کي نيڪ ڪرڻ کان پوءِ، هو هڪ وڏي فوج جي اڳواڻي ڪندي ترڪستان جي فتح لاءِ روانو ٿيو جنهن کي اڳ سندس پيءُ هٿ ڪيو هو. اوڪسَس ندي کي اُڪاريندي، ٻيڙيائن، جن کي فوجين کي پار ٽپائڻ جي ذميداري ڏني وئي هئي، شڪايت ڪئي ته کين اُجورو تڏهن ملندو هو جڏهن پئسا انتاڪيا کان ايندا هيا. سلطان اهو ٻڌندي ئي ڪاوڙ ۾ تپي ويو پر پوءِ پنهنجي وزير جي چالاڪيءَ واري خوشامد ڪرڻ تي مرڪي پڻ ڏنائين. 'اها ڳالهه ائين ناهي ته سندن پئسن يا اجوري کي روڪيو يا ملتوي ڪيو وڃي يا مون اهي پري واريون جڳهون کين تنگ ڪرڻ لاءِ چونڊيون هيون، پر ايندڙ نسل لاءِ هڪ يادگار ڇڏڻ ٿي چاهيم ته انتاڪيا ۽ اوڪسَس توهان جي حڪومت جي دؤر ۾ هڪ ئي حاڪر وت هيا'. پر هدن بابت هي بيان نامناسب ۽ ڪنجوسي وارو آهي، ڇاڪاڻ ته اوڪسَس کان اڳتي هن بخارا، خوارزم، سمرقند جهڙن شهرن کي پنهنجي تابع ڪري ڇڏيو هو ۽ هر ان باغي غلام يا جهنگلي کي ڪچلي ڇڏيو هيائين جنهن به سندس سامهون ٿيڻ يا ساڻس مهاڏو اڏڪائڻ جي جرئت ڪئي هئي. مالڪ شاهه جڪسرٽس ندي پار ڪئي، جيڪا فارس جي تهذيب جي آخري حد هئي، ترڪستان جي سردارن سندس مٿاهين حيثيت کي تسليم ڪيو. چين جي سرحد جي آخري چيڑي تي قائم ڪاشغر ۽ تاتاري بادشاهن ۾ سندس نالي کي سِڪن تي نقش ڪيو ويو ۽ نماز جي خطبن ۾ پڻ ان کي شامل ڪيو ويو. چين جي سرحد کان، هن پنهنجو ڏاڪو ۽ هدون اولهه توڙي ڏکڻ جي ملڪن طرف وڌايون جيڪي جارجيا جي جبلن، قسطنطنيه جي پر وارن ملڪن، جيروسلم جي مقدس شهر توڙي عربن جي مصالحي دار وڻن جي ملڪن تائين ٽي ويون. حرم جي آسائش ڪرڻ بدران، ريڊيار بادشاهه هر وقت چرپر ۽ تحرڪ ۾ رهندو هو، پوءِ اهو ڪٿي امن جو دؤر يا جنگين جو زمانو هجي، جيئن ته هو هر وقت سفر ۾ رهندو هو ۽ پنهنجين ڪئمپن جا چڪر لڳائيندو رهندو هو ته هر صوبي ۾ جڙ سندس موجودگي هر وقت پئي محسوس ٿيندي هئي، هن جي لاءِ اهو به مشهور ٿيو هو ته هو پارهن پيرا پنهنجي حڪومت جي سيني هدن ۾ گهميو ڦريو هو جن جو ڇيڙو قبرص جي ايشيائي خطي توڙي خليفن جي هدن کان به اڳتي هو. ملڻي مُهمن ۽ مسافرين ۾ سيني ۾ مقدس ۽ شاندار سندس مڪي ڏانهن حج جي سعادت حاصل ڪرڻ وارو سفر هو جنهن ۾ قافلن

جي سلامتي ۽ سندن آزاديءَ کي يقيني بڻايو ويو هو، شهرين توڙي حاجين کي سندس سخا ۽ خير خيرات جي فياضيءَ ذريعي شاهوڪار بنايو ويو هو، ۽ سڄي رستي يا رهگذر تي زيارتين لاءِ آسانيون پيدا ڪيون ويون هيون ۽ سندن ڪائڻ پيئڻ جو هر جڳهه تي بهترين بندوبست ٿيل هيو ۽ هي پهريون پيرو هو جو هن زيارتين توڙي پنهنجي برادري وارن لاءِ ايترا شاندار انتظام ڪرايا هيا. سلطان کي شڪار جو نہ رڳو شوق هو، پر اها سندس ڪمزوري هئي، هن سلسلي ۾ وٽس ستيتاليهه هزار گهوڙا رکيل هيا، ترکي جي جانورن جي شڪار کان پوءِ سلطان، هر شڪار ٿيل جانور لاءِ غريبن کي سون جو هڪ ٽڪرو کين ڏنو تہ جيئن ماڻهن جي جاکوڙ ۽ محنت جو ڪجهه صِلو کين ملي سگهي يا ٻين لفظن ۾ سلطان جي شوق کي پورو ڪرڻ ۽ کيس وندرائڻ ۾ جن ماڻهن محنت ڪئي هئي تہ اُنهن کي به ڪجهه اجورو ڏنو ويو. سندس حڪومت جي دؤر ۾ امن امان بحال رهيو ۽ رعيت جا ماڻهو بيحد سکيا ستابا هيا، ايشيا جي شهرن کي مسجدن محلاتن، ڪاليجن ۽ اسپتالن جي تعمير سان سينگاريو ۽ سنواريو ويو؛ ڪجهه ماڻهو ممڪن آهي تہ سندس انعامن اڪرامن حاصل ڪرڻ کان سواءِ هن دنيا مان هليا ويا هجن پر اهو ممڪن ناهي تہ انصاف ملڻ کان سواءِ ڪو ماڻهو رهجي ويو هجي. سلجوقن جي بادشاهت(42) ۾ زبان توڙي فارس جي علم ۽ ادب کي ٻيهر جياريو ويو ۽ جيڪڏهن مالڪ ڪنهن اهڙي ترڪ جي فياضيءَ کي پاڻ اختيار ڪيو هجي جيڪو سندس پنهنجي ذات کان گهڻ متحرڪ يا ڪارائتو هوندو(43)، تہ سندس محلات پڪ سان سوين شاعرن جي ڪلام سان گونجي رهيو هوندو. سلطان، ڪئلينڊر جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ تي خاص ڌيان ڏنو ۽ اهي سڌارا تڏهن ممڪن ٿي سگهيا جڏهن اوير جي ملڪن جا فلڪيات جا ماهر هڪ جڳهه تي گڏ ٿيا ۽ ڪئلينڊر کي بهتر بنائڻ لاءِ پنهنجون تجويزون ڏنيون ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. اسلام جي پيغمبر ﷺ جن جي قانون موجب، مسلمان چند جي مهينن جي پيروي ڪن ٿا، جڏهن تہ فارس ۾، زرتشت جي زماني کان وٺي، سج جي چڪر يا ڦيري کي سالياني جشن طور ملهايو ويندو آهي(44)، پر مجوسين جي شهنشاهت جي خاتمي کان پوءِ، ڏينهن جي واڌاري(*) جي عمل کي وساريو ويو، منٽن يا ڪلاڪن جي حِصن کي ضرب ڏئي ڏينهن ۾ شمار ڪيو ويو ۽ بهار جي تاريخن کي برج حمل مان ڪڍي برج حُوت ڏي ڪيو ويو هو. مالڪ شاهه جي حڪومت کي 'گلالين' جو دؤر ڪوٺيو وڃي ٿو جنهن ۾ وقت کي ماپڻ جي اڳ وارين سڀني غلطين کي ٺيڪ ڪيو ويو ۽ انهي لحاظ سان مالڪ شاهه جولين کان به گوءِ ڪٽي گريگورين طريقي سان وڃي پيڇيو هو(45).

اهڙي وقت ۾ جڏهن يورپ سخت جهالت ۽ جهنگلي پڻي جي اونداهين ۾ غرق هو، تڏهن ايشيا جي شهرن ۾ روشنيون ۽ رونقون موجود هيون ۽ اهو ڪارنامو تُرڪ فاتحن جي علم ۽ جاڻ جو گهڻ پر سندن حلم ۽ فرمانبرداري جو وڏيڪ آهي. سندن ڏاهپ ۽ اعليٰ ڪردار جو گهڻو حصو فارس جي هڪ وزير ڏانهن ٿو وڃي جنهن شهنشاهت ۾ پنهنجون خدمتون ان وقت ڏنيون هيون جڏهن الپ ارسلان ۽ سندس پٽ جون حڪومتون هيون. نظام، اوير جي ملڪن ۾ سڀني کان وڏيڪ قابل ۽ وڏين خوبين وارو وزير هو ۽ خليفي 'مذهب ۽ سائنس جو رهنما' جهڙو خطاب کيس عطا ڪيو هو، ۽ سلطان کيس پنهنجو خاص الخاص وزير مقرر ڪيو هو جنهن تي سندس مڪمل اعتماد هو ۽ جيڪو مظلوم ماڻهن کي انصاف ڏيندو هو. ٽيهن سالن جي انتظام هلائڻ کان پوءِ، وزير جي شهرت، سندس دولت توڙي سندس خدمتون عيبن ۽ گناهن جو روپ وٺي ويون. هڪ عورت ۽ سندس مخالف گڏجي هن جي خلاف سازشون سِٽيون ۽ کيس وزارت مان ڪڍيو ويو ۽ متس الزام مڙهيو ويو تہ سندس ٽوپي، مَس ڪُپڑي ۽

سندس آفيس جا بئج اُن خدائي حڪم جا پابند هوندا هيا جنهن سرشتي سان سلطان جو تاج ۽ سِر بند بہ شامل هيا. ٽيانوي سالن جي عمر ۾ هن باڪمال شخص کي پنهنجي مالڪ وزارت تان لاهي ڇڏيو، دشمنن متس طرح طرح جا الزام مڑهيا ۽ نيٺ هڪ جنوني ماڻهوءَ کيس قتل ڪري ڇڏيو، نظام جي آخري لفظن، سندس معصوميت جي تصديق ڪري ڇڏي ۽ مالڪ شاهه جي باقي زندگي ٽورڙي ۽ بدنامي‌ءَ جي ور چڙهي وئي. اصفحان کان، جتي خلافت توڙي حڪومت جي دامن تي هڪ بدنما داغ لڳو هو، سلطان پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بغداد کي ڪري ڇڏيو جنهن ۾ خلافت کي بہ اوڏانهن منتقل ڪرڻ جو پروگرام هيو ۽ پنهنجي رهائش گاهه پڻ مسلم دنيا جي گاديءَ جي هنڌ ۾ تعمير ڪرڻ جو سندس ارادو هيو. مُحَمَّد ﷺ جن جي ڪمزور جانشين کي ڏهن ڏينهَن جو وقفو مليو ۽ وقت ختم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي بربر کي موت جي فرشتي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. قسطنطنيه ۾ سندس سفيرن روم جي هڪ شهزاديءَ جو سگ گهريو پر اهڙي تجويز کي هوشياريءَ سان رد ڪيو ويو هو ۽ اليگزيَس جي ڏيءُ، جيڪا خود بہ ڪنهن سازش جو شڪار هئي، هن ميلاپ لاءِ پنهنجي طرفان سخت نفرت جو اظهار ڪيو(46). سلطان پنهنجي ڏيءُ جو سگ خليفي مقتدي کي ڏنو ۽ هڪ شاهي شرط اهو رکيائين تہ هو پنهنجين سيني زالن ۽ سُريٽُن کي هميشه واسطي ڇڏي ڏئي ۽ اڪٽي لاءِ پنهنجو لڳ لاڳاپو فقط سندس ڏيءُ سان رکي.

ترڪي جي شهنشاهت جي عظمت ۽ ايڪو مالڪ شاهه تي ختر ٿي ويو. سندس خالي تخت تي سندس پاءُ ۽ چئن پُٽن جو جهيڙو ٿي پيو ۽ ڪيترين خانہ جنگين کان پوءِ، هڪ صلح نامي، جنهن بچيل اُميدوارن جو سرچاءُ ڪرايو هو، فارس جي بادشاهت جي سلسلي جي جدائيءَ جي تصديق ڪري ڇڏي جيڪا سلجوق خاندان جي وڏي ۾ وڏي ۽ خاص شاخ هئي. ٽي ننڍا شاهي گهراٽا: ڪرمان، شام ۽ روم جا هيا، جن مان پهرئين گهراٽي، هڪ وڏي پر غير نمايان(47) حڪومت تي راج ڪيو جيڪا هندي سمنڊ جي ڪنارن تي قائم هئي(48)، بي گهراٽي، حلب ۽ دمشق جي عرب بادشاهه کي ڏِکي ٻاهر ڪڍيو، ۽ ٽئين ۽ خاص گهراٽي ايشيا مائنر جي رومي صوبن تي حملا ڪيا. مالڪ شاهه جي ڪشاده دلي سندن متي ايرڻ جو باعث بڻي؛ هن پنهنجي رت جي رشتي جي پائرن کي توڙي اُنهن کي بہ جن کي هن جنگين ۾ شڪستون ڏنيون هيون، اجازت ڏني تہ پلي پنهنجي مرضي مطابق پنهنجون بادشاهتون قائم ڪن، ۽ هو ان ڳالهه تي بہ ناخوش نہ ٿيندو هو تہ جيڪڏهن ٻيا، جنکي پاڻ بادشاهتون قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني هيائين، ڪجهه وڌيڪ حصا پنهنجي قبضي ۾ ڪري وجن جيڪي اڪٽي هلي سندس حڪومتي نظام جي امن امان ۾ ٽوري گهٽي خلل ڪرڻ جو باعث بڻيا، پر هو انهن ڳالهين کان بي نياز رهندو هو. پنهنجي خاندان توڙي سڄي قوم جي اَبي هئڻ جي حيثيت ۾، فارس جو هي عظيم سلطان، پنهنجن برادري وارن بادشاهن کان تابعداري، فرمانبرداري ۽ جائز ڏن وصول ڪندو هو؛ ڪرمان، نائيسيا، حلب ۽ دمشق، عطابيڪن ۽ شام ۽ عراق جي اميرن پنهنجون ننڍيون ننڍيون رياستون سندس ئي حڪم هيٺ قائم ڪيون(49) ۽ ترڪمانن جا لشڪر اولهه ايشيا جي ميدانن ۽ صحرائن ۾ ٽڙي پکڙي ويا. مالڪ شاهه جي موت کان پوءِ، ايڪي، اتحاد توڙي فرمانبرداري جا هنڌڻ ۽ رشتا ڊرا ٿيندا ويا جيڪي اڪٽي هلي نہ سگهيا ۽ ختم ٿي ويا؛ سلجوقن جي خاندائي روايت موجب، سندن غلامن کي بہ بادشاهت جو موروثي

حق ڏنو ويندو هو، ۽ اوپر جي روايت موجب نتيجو اهو نڪتو تہ اُهي جيڪي سلجوقن جي پيرن جي مِٽي ۽ دَرَ جھڑا بہ نہ هيا(50)، بادشاهتون قائم ڪري ويهي رهيا.

شاهي سلسلي جو هڪ بادشاهہ، قتلمش جيڪو عزرائيل جو پٽ جيڪو وري سلجوق جو پٽ هو، الپ ارسلان خلاف جنگ ڪندي مري ويو هو ۽ انسان دوست فاتح سندس قبر تي وڃي ڳوڙها ڳاڙيا هيا. سندس پنجن پٽن، جيڪي هٿيارن ۾ طاقتور، اقتدار ۾ اچڻ جا خواهشمند ۽ انتقام ونڊ لاءِ آيا هيا، الپ ارسلان جي پٽ جي خلاف پنهنجين ترارين کي ميان مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. ٻئي فوجون هڪ ٻئي جي سامهون ٽيڙ واريون هيون جڏهن خليفي، جيڪو پنهنجي شان کان بي نياز ۽ حاسد نظرن کان بچيل هيو، ٻنهي ڌرين ۾ اصلاح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 'بجاءِ پنهنجي پائرن جي رَت وهائڻ جي، توهان سڀئي برادري وارا ماڻهو جيڪي لائق ۽ مذهب ۾ بہ پڪا آهيو، پنهنجي پاڻ ۾ اتحاد ڪري يونانين خلاف جهاد ڪريو جيڪي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جا دشمن آهن'. هنن سلطان جي هدايت وڏي غور مان ٻُڌي، سلطان اُتي ۽ پنهنجن پائرن کي پاڪر پاتو ۽ وڏي پٽ سليمان شاهي جهندو پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ۽ ڪيس وڏيون سوين نصيب ٽيون ۽ ان سان گڏ روم جي شهنشاهت جي صوبن يعني ارض-روم کان قسطنطنيه ۽ اولهہ جي ڪجهہ اٽڄاتل حصن تائين ڪيس موروثي حاڪميت پڻ ملي وئي(51). پنهنجن چئن پائرن سان گڏجي، هن فرات کي اُڪاريو، ان وقت ترڪن جي ڪئمپ فرجيا ۾ ڪُتيهہ جي پرپاسي قائم ٽيل هئي ۽ سندس طوفاني گهوڙي سوار فوج هليسپانٽ ۽ ڪاري سمنڊ تائين آبادين کي تباهہ ڪري ڇڏيو. شهنشاهت جي زوال کان وٺي، ايشيا مائنر جو خطو عارضي تباهين ۽ فارسين ۽ عرب مسلمانن جي حملن جي ور چڙهي ويو پر دائمي فتحن جو ڪُٽو ترڪي جي سلطان جي نصيب ۾ هو ۽ سندس فوجن کي اڳ يونانين ئي متعارف ڪرايو هو، جن جي خواهش اها هئي تہ هو سنڊن ملڪ جي تباهہ ٽيڙ کان پوءِ مٿن حڪومت ڪندا. رومنس جي قيد ٽيڙ کان وٺي، يودوسيا جو ڪمزور ۽ بزدل پٽ چهن سالن تائين شاهي تاج(*) جي ڏهڪاوَ کان ڊڄندو ۽ ڪنبندو رهيو هو ۽ اهو سلسلو تيستائين قائم رهيو جيستائين اوپر ۽ اولهہ جي ملڪن جا صوبا ساڳي مهيني ۾ ٻٽي بغاوت سبب ختم ٿي ويا، سنڊن سرواڻ جيڪو بہ هجي پرنائيسفورس مشهور نالو هيو، پر برينيَس ۽ بوٽونئيٽس جون ذاتيون يورپي قومن وٽ هڪڙيون تہ ايشيا جي اُميدوارن وٽ ٻيون آهن. سنڊن سبب يا ايجا بہ ائين ڪٽي ڇڏجي تہ سنڊن واعدا سنڊن گڏجاڻين ۾ توريا تڪيا ويندا هيا، ۽ ڪجهہ سوچڻ ۽ ٽورو هٻڪڻ کان پوءِ سليمان، بوٽونئيٽس جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ فوجن لاءِ انتاڪيا کان نائيسيا تائين ڪين وڃڻ جو رستو مهيا ڪري ڏنو ۽ پنهنجي پهرئين چنڊ جي جهنڊي کي صليبي جهنڊي سان ملائي ڇڏيائين. سندس اتحادي جي قسطنطنيه جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ، سلطان جي ڪرسوپولس جي شهر ۾ وڏي پئماني تي دعوت ۽ مهمان نوازي ڪئي وئي ۽ ٻن هزار ترڪن کي يورپ ۾ آندو ويو، چاڪاڻ تہ سندس بهادري، جرئت ۽ هوشياريءَ جي ڪري شهنشاهہ گهٽو متاثر هو جو سندس ساٿ ڏيڻ سبب مخالف برينيَس جي گرفتاري عمل ۾ آئي جنهن کان پوءِ ڪيس قيد ڪيو ويو. پر يورپ جي سوپ ڪافي مهانگي خريد ڪئي وئي چاڪاڻ تہ انلاءِ ايشيا کي قربان ڪرڻو پيو هو؛ قسطنطنيه جي فرمانبرداري کان اڳتي وارن صوبن مان ناڻي جي آمدني بند ٿي چڪي هئي ۽ ترڪن جي اڳتي وڌڻ جي رفتار کي بہ جهٽڪو لڳو جن اڳ لَنگهن، گذرگاهن توڙي ندين ۽ جبلن تي قلعا ٺاهي اُنهن کي مضبوط ٿي ڪيو، پر هاڻي سنڊن پاڻ يا اُنهن کي ٻاهر ڪڍڻ جي ڪا اُميد ڪانہ رهي هئي. ان دؤران هڪ ٻي اُميدوار بہ سلطان جي مدد حاصل

ڪرڻ لاءِ ڪيس درخواست پيش ڪئي، ميلسئس جنهن کي رنگ برنگي لباس ۾ ڳاڙهو بوٽ پاتل هو، ترڪن جي ڪئمپ جي چرپر کي هن ڏٺو وائٹو، ۽ جيڪي پنهنجي پنهنجي ترقي ۽ بهتري کان نااُميد ٿي ويا هيا، روم جي شهنشاهه جي سڏ تي اُنهن هڪدم موت ڏني ۽ هن اُنهن شهرن کي بنا دير بربرن جي حوالي ڪري ڇڏيو. شهرن جي حاصلات کي هڪ صلح نامي جي صورت ۾ يقيني بنايو ويو جيڪو شهنشاهه اليگزيَس(*) سان طئي ڪيو ويو هو، ۽ رابرٽ(†) جي خوف ڪيس مجبور ڪيو ته هو سليمان سان دوستيءَ جو هٿ وڌائي ۽ اهو فقط سلطان جي موت کان پوءِ ئي هن لاءِ ممڪن ٿي سگهيو ته هن رومي دنيا جون مشرقي حدون نڪو ميديا تائين وڌائي ڇڏيون هيون جيڪو قسطنطنيه کان ست ميلن جي مفاصلي تي هو. ٽريبيزانڊ، جيڪو پنهي پاسن کان سمنڊ ۽ جبلن ذريعي محفوظ هيو، ان جي قدرتي بيهڪ اهڙي هئي جو ايگزين طرف هن يوناني ڪالوني هئڻ جي حيثيت کي برقرار رکيو هو ته ساڳي وقت ان جي طور طريقن مان اهو به معلوم ٿي رهيو هو ته اهو خطو ايندڙ وقت لاءِ عيسائي شهنشاهت جو مرڪز بڻجي ويندو.

خليفن جي شروعاتي فتحن حاصل ڪرڻ کان وٺي اناتوليه يا ايشيا مائنر ۾ ترڪن جي آبادي، شهنشاهت کي وڏو نقصان رسايو هو. اسلام جي تبليغ ڪرڻ سان سليمان پنهنجي لاءِ غازي جو لقب ماڻي ورتو ۽ هو مسلمانن جو هڪ وڏو سپوت هيو ۽ روم جي سندس نئين بادشاهت هاڻي اوير جي ملڪن جي جاگرافي جو حصو بڻجي چڪي هئي. ڇيو وجي ٿو ته نئين خطي جون حدون هڪ طرف فرات کان قسطنطنيه تائين ته ٻي طرف ڪاري سمنڊ کان شام جي سرحدن تائين ڦهليل هيون ۽ اهو علائقو قدرتي نعمتن سان مالامال هيو جنهن ۾ چاندي، ٽامي ۽ لوهه جون کاڻيون، به موجود هيون ته ساڳي وقت لوڻ ۽ ڦٽڪي به ججهي انداز ۾ هيا، جتي اَن ۽ شراب به جام هو ته چوپائي مال جي به ڪمي ڪانه هئي ۽ خاص طرح تي اوچي نسل جا گهوڙا اتي تمام گهڻا هيا(52). لِڊيا جي دولت، يونان جا فنپارا يا وري آگسٹس جي دؤر جي شان شوڪت جو ذڪر يا ته فقط ڪتابن يا تباهيءَ جي آثارن ۾ نظر ايندو ۽ اهڙا داستان خود سيٽيا جي فاتحن وٽ به پنهنجي اهميت وڃائي وينا هيا. تنهن هوندي به موجوده تباهين ۽ زوال جي باوجود به اناتوليه وٽ اجا به ڪافي دولت ۽ آبادي وارا شهر موجود آهن ۽ بازنطيني شهنشاهت جي دؤر ۾ اهي شهر وڌيڪ سکيا ستابا، رونق ۽ دولت وارا سڏبا هيا. سلطان جي پنهنجي پسند مطابق، بٽنيا جي وڏي شهر نائيسيا کي سندس محلات جي تعمير لاءِ چونڊيو ويو جتي پوءِ هڪ قلعو پڻ تعمير ڪيو ويو. رُوم جي بادشاهي سلسلي يعني سلجوقن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ اُتي پسند ڪيو جيڪو قسطنطنيه کان هڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي هو، جتي حضرت عيسيٰ[۴] جي خدائيت کان نہ رڳو انڪار ڪيو ويو هو پر ان تي ٺٺوليون پڻ ڪيون ويون هيون ۽ هي سڀ ڪجهه ان مندر اندر ٿيو جتي ڪئٿولڪن طرفان سندن پهرين پئنچاتي گڏجاڻيءَ ۾ هن سلسلي ۾ ڪي اهم فيصلا ڪيا ويا هيا. مسجدن ۾ الله تعاليٰ جي وحدانيت ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جي پيغام جو پرچار ڪيو ويندو هو، عربي زبان اسڪولن ۾ سيکاري ويندي هئي، قاضي جيڪو به فيصلو ڪندا هيا ته اُهو قرآن جي تعليمات تي مبني هوندو هو، شهرن ۾ ترڪي جون رسمون ۽ روايتون هلنديون هيون؛ ۽ اناتوليه جي ميدانن توڙي جبلن ۾ هر طرف ترڪمان پکڙيل هوندا هيا. جزيي ڏيڻ ۽ غلام ٿي رهڻ جهڙن سخت شرطن قبول ڪرڻ جي عيوضي ۾ يونان جي عيسائين کي به مذهبي آزادي نصيب ٿيندي هئي، پر سندن مقدس ڪليسائن سندن پادرين ۽ مذهبي پيشوائن جي به بيحرمتي ۽ بيعزتي ڪئي ويندي هئي(53)، ۽ لادينن

جي سوپ ۽ خوشين ۾ شريڪ ٿيڻ ۽ سندن پائرن جي مذهب متائڻ لاءِ کين مجبور ڪيو ويندو هو، هزارين بارڙن جو زوريءَ طوهر ڪرايو ويندو هو ۽ هزارين قيدي فقط پنهنجن مالڪن کي خوش رکڻ ۽ سندن عيش عشرت جي پورائي ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيل هوندا هيا(54). ايشيا کي وڃائڻ کان پوءِ فقط انتاڪيا جو صوبو يا ان جي پسگردائي اهڙي هئي جتي حضرت عيسيٰ ؑ يا قيصر (سيزر) سان ماٿهن جي عقيدت ۽ اوائلي وابستگي هلندي ٿي آئي، پر هي صوبو پنهنجي مذهبي سڃاڻپ ۾ اڪيلو ٿي روم وارن کان ڪٽجي چڪو هو ڇاڪاڻ ته ان جي اردگرد ۽ هر طرف کان مسلمانن جون حڪومتون ۽ اسلام جو پرچار عام هو. هن سلسلي ۾ هڪڙي شخص فلريئس، جيڪو اتان جو گورنر هو، جي نراسائي ان حد تائين وڃي دنگ ڪيو جو هو پنهنجي مذهب ۽ وفادارين کي قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو هو پر پوءِ سندس پٽ ڪيس روڪي ڇڏيو جيڪو هڪدم نائسين جي محل ۾ سليمان جي خدمت ۾ پهتو ۽ پنهنجا نياز ۽ نذرانو پيش ڪري واپس وريو. مُهم جُو سلطان پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو ۽ ٻارهَن راتين ۾ (ڇاڪاڻ ته هو ڏينهن جو آرام ڪندو هو) ڇهه سؤ ميلن جو سفر ڪيائين. سلطان جي تيز سفر ۽ مهم کي راز ۾ رکڻ سبب انتاڪيا جو صوبو پريشان ٿي ويو ۽ جيڪي صوبي جا ٻيا ننڍا وڏا شهر جيئن لائوڊيسيا ۽ حلب جو سرحدون(55) هيون ته اُنهن پنهنجي صوبائي شهر جا حڪم ٿي مڃيا. لائوڊيسيا کان ٽريس جي باسفورَس تائين جنهن کي سينٽ جارج جي ٻانهن ٻه ڪوٺيندا هيا، سليمان جي سوين ۽ سندس حڪومت جي سرحدن جي ڊيگهه ٽيهن ۽ ويڪر ڏهَن کان پندرهَن ڏينهن جي سامونڊي مسافريءَ جيتري هئي جيڪا لائيسيا جي جبلن ۽ ڪاري سمنڊ جي وچ تي ڦهليل هئي(56). ترڪن جي سامونڊي سفر جي اڻ ڄاڻائيءَ سبب، ڪجهه وقت لاءِ شهنشاهه جي ذلت واري حفاظت کي جاري رکيو ويو، پر جيئن ئي يوناني قيدين هٿان ٻه سؤ جهازن جو ٻيڙو يا آرماڙ تيار ٿي ويو ته شهنشاهه اليگزيَس کي، پنهنجي گاديءَ جي هنڌ جي محل جي ديوارن اندر، ڪنٻڻي شروع ٿي وئي هئي. هن پنهنجي درد جي داستانن کي، ڏُکارن خطن ۾ لکي يورپ جي ملڪن ڏانهن اُماڻيو ته مَن لاطيني ماڻهو مٽس رحم ڪائي سندس مدد ڪن؛ هِنن خطن ۾ هُن ڪانسٽئنٽائن جي شهر جي خطرن، ڪمزورين ۽ ماڻهن کي هِرڪائڻ لاءِ ان جي دولت جو ذڪر ٻه وڏي تفصيل سان لکيو هو(57).

پر سلجوقي ترڪن جي سيني کان اهم ۽ دلچسپ سوپ، جيروسلم جي فتح هئي(58)، هڪ اهڙو شهر جيڪو مختلف قومن لاءِ ڪشش جو مرڪز بڻجي ويو. حضرت عمرؓ آڏو شڪست ميڙ وقت، اتان جي رهواسيُن کي سندن مذهبي آزادي ۽ مال ملڪيت جي سلامتيءَ جو يقين ڏياريو ويو هو، پر اُنهن شرطن کي هڪڙي حاڪم پنهنجي مطلب مطابق تعبير ڪيو ۽ هو اهڙو سخت مزاج هو جو ان جي ڳالهه سان اختلاف ڪرڻ خطري کان خالي نه هيو؛ خليفن جي حڪومت جي چئن سؤ سالن ۾، جيروسلم جي سياسي فضا ڪيترائي سج اُپرندي ۽ لهندي ڏٺا ۽ ڪيترن ئي سياسي توڙي مذهبي طوفانن هن شهر جي نقشي ۾ وڏيون تبديليون آڻي ڇڏيون هيون(59). آبادي توڙي نئين مذهب اختيار ڪندڙن جو انگ وڏي ويو هو؛ مسلمان بهرحال گهٽائيءَ ۾ هيا ۽ شهر جي اٽڪل ٽن حصن تي مسلمانن جو ڏاڪو هيو، پر هڪ خاص حصو اڃا تائين عيسائين ۽ اُنهن جي پادرين جي اثر هيٺ هيو؛ ۽ هر گهر کي، پنهنجي سلامتيءَ کي يقيني بنائڻ لاءِ سون جا ٻه ٽڪرا ڏُن ڏيڻو پوندو هيو ۽ حضرت عيسيٰ ؑ جو مقبرو توڙي سندس ٻيهر هن دنيا ۾ واپس ورڻ جي ڪليسا جي نگراني عيسائين وٽ هوندي هئي. حضرت عيسيٰ ؑ جي عقيدتمندن منجهان جيڪي وڏيڪ معزز، مانائتا ۽ جن جو تعداد ٻه گهڻو هيو، اُهي جيروسلم لاءِ

اجنبي هيا يا ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته اهي زيارتي هيا جيڪي ٻين ملڪن کان هتي پهتا هيا چاڪاڻ ته عربن جڏهن جيروسلم کي فتح ڪيو هو ته عيسائي زيارتين جو انگ گهٽجڻ جي بجاءِ ويتر وڌي ويو هو ۽ سندن جوش، جذبي کي، جيڪو هن ڏکئي ۽ خطرائتي سفر ۾ ساڻن گڏ هوندو هو، سندن ئي غم ۽ غصي جي خوراڪ ملندي رهندي هئي تنهن ڪري اُهو وڻن تازو رهندو هو. اوپر توڙي اولهه جي ملڪن کان بيشمار ماڻهو هن مقدس مقبري جي زيارت ڪرڻ لاءِ ايندا هيا ته ساڳي وقت ٻيون به ڪيتريون ئي زيارتون جيڪي هن پاڪ ڌرتيءَ تي موجود آهن جن ۾ ايسٽر جو جشن به شامل آهي اُتي يوناني، لاطيني، نستوري، حضرت يعقوبؑ جا پوئلڳ، مصري عيسائي، حبش جا ماڻهو، توڙي آرمينيا ۽ جارجيا جا عقيدتمند به اچي گڏ ٿيندا هيا جيڪي ڪليسائن، پادرين ۽ ٻين مذهبي ماڻهن جي سار سنڀال لهندا هيا ته ساڳي وقت مختلف طبقن جي غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت چاڪري به ڪندا هيا. مختلف زبانن ۾ عبادت ڪئي ويندي هئي پر اُنهن عبادتن ۾ هڪ جهڙائي هوندي هئي ۽ وچ ۾ ڪو به اختلاف نه هوندو هو؛ هڪڙي ئي مقبري هيٺ يا هڪڙي جڳهه تي مختلف قومن جي گڏجڻ جو منظر اصلاح ۽ امن جي علامت هوندو هو پر مختلف عيسائي فرقن جا مذهبي جوش جذبا هاڻي هڪ ٻئي خلاف نفرت ۽ انتقام جي حد تائين، اُن مسيحا جي بادشاهت ۾، اچي ويا هيا جيڪو سخت اذيتن مان گذريو هو ۽ جنهن جي عظمت جي جهلڪ دشمنن کي به معاف ڪرڻ مان نظر پئي ايندي هئي، پر سندس پوئلڳ هاڻي پنهنجن ئي روحاني پائرن خلاف تي ويا هيا ۽ اُنهن تي حڪمراني ڪرڻ ۽ کين اذيتون ڏيڻ جو سوچي رهيا هيا. پر هن ڏکئي وقت ۾ فرئنڪن جي جذبي ۽ چارليمئگني(60) جي عظمت عيسائين جي ڪم آئي جن ٻنهي طبقن يعني لاطيني زيارتين ۽ اوير جي ڪٺولڪ عيسائين کي محفوظ رکيو. ڪارٿيج، سڪندريه ۽ جيروسلم جي غربت ۽ تنگ دستي کي ان نيڪ شهنشاهه وڏو سهارو ڏنو جنهن وڏي پئماني تي خير خيرات ماڻهن ۾ ورهائي ۽ فلسطين جون ڪيتريون ئي خانقاهون سندس ئي مالي مدد سان يا ته نئين سر تعمير ڪيون ويون يا وري اُنهن جي مرمت ڪرائي کين ٻيهر رهڻ لائق بنايو ويو. خليفي هارون الرشيد(*) جيڪو عباسين ۾ سڀني کان وڌيڪ عظيم هو، پنهنجن عيسائي پائرن ۾ شايد ساڳي ذهني صلاحيت ۽ طاقت ڏٺي هئي، جيڪا مسلمانن ۾ هئي، تنهن ڪري هن اُنهن سان دوستيءَ جي رشتن کي هموار ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي تحفا تحائف ڏيڻ شروع ڪيائون ۽ پنهنجا تعلقات بهتر بڻايائون. خليفي، پنهنجي حڪومت جي ڪنهن به حصي تان هٽ ڪٽڻ کان سواءِ، شهنشاهت کي، مقدس مقبري ۽ جيروسلم شهر جون چاٻيون پيش ڪيون. ڪارلووِنجيَن جي موروثي بادشاهت جي زوال کان پوءِ، اَملفي جي جمهوريه اوير ۾ واپار ۽ مذهب کي گهٽي ترقي ڏياري. سندن جهازن ۽ ٻيڙن ذريعي، لاطيني زيارتي، مصر ۽ فلسطين جي ڪنارن تي وڃي لٿا ۽ پنهنجي ڏيتي ليتي ۽ مٽاسٽا جي سامان ذريعي هنن پنهنجي لاءِ فاطمي خليفن(61) جو توجهه ۽ سندن مهربانيون حاصل ڪري ورتيون. ڪئلوَري جبل تي هڪ سالياڻو ميلو لڳندو هو جتي اٽلي جي واپارين مذهبي راهبن لاءِ هڪ خانقاهه ۽ جيروسلم جي سينٽ جان جي اسپتال تعمير ڪرائي، اهڙيءَ طرح خانقاهي ۽ فوجي سرشتي جون هي اهڙيون ثقافتي نشانيون هيون جيڪي رهوڀس ۽ مالٽا جي ٻيٽن ۾ اجا تائين موجود آهن. جيڪڏهن عيسائي زيارتين جا ٽولا پيغمبر ﷺ جن جي مقبري جو احترام ڪن ها ته مسلمان، متن ڪنهن به الزام مڙهڻ جي بجاءِ، عيسائين جي مذهب ۽ سندن نيڪيءَ جي پاسداري يا حمايت ڪن ها پر هڪ خدا کي مجيندڙ عيسائي(†) سخت قسم جا هيا جن ۾ ڪا به لچڪ ڪانه هئي ۽ هو اهڙي عبادت طرف راغب ٿي ويا هيا

جنهن ۾ الله تعاليٰ جو جنم، موت ۽ ٻيهر زندهه ٿي موٽڻ اڃڻ (نعوذ باالله) شامل هو؛ ڪئٿولڪ عيسائين اهڙا نقش ناهي رکيا هيا جيڪي مختلف بتن جي نمائندگي ڪندا هيا ۽ مسلمان ان 'معجزاتي شعلي' تي ڪاوڙ ۽ ننوليون ڪري ڪِلندا هيا(62) جيڪو مقدس مقبري تي (63) ايستر جي موقعي تي ٻاريو ويندو هو. مذهب جي روپ ۾ هيءَ ڏوڪيبازي، سڀ کان اڳ نائين صدي عيسوي ۾ ڪئي وئي هئي(63). جنهن جي پنيرائي لاطيني عيسائين ڪئي هئي ۽ جنهن کي يونانين، آرمينيا جي مذهبي ٽولن ۽ مصري عيسائين پاران(65) هر سال دُهرايو يا ورجايو ويندو آهي ۽ سادڙن ۽ پورڙن ماڻهن تي(66) ان ڏوڪيبازي جي معجزي کي مڙهيو ويندو آهي ته جيئن اُهي به اُن تي ويساهه ڪن ۽ ائين ڪرڻ سان هنن جي پنهنجي توڙي آمرن جي فريب ڪاريءَ کي هٿي ملندي آهي. هر دؤر ۾ برداشت جي اصول کي به خود مطلبيءَ سان ڳنڍيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اهڙن ڪرتبن سان بادشاهن جي آمدني جا ذريعا وڌي ويندا آهن ۽ هِتان جا اميرَ، هزارين زيارتين ۽ ڏارين جي آمد جي ڪري پنهنجي دولت کي ويتر وڌائيندا رهندا آهن.

جنهن انقلاب ذريعي حڪمرانيءَ جو حق عباسين کان فاطمي خليفن ڏانهن منتقل ٿي ويو، ان هن مقدس خطي کي نقصان ڏيڻ بجاءِ ويتر فائدو پهچايو. مصر جي مقامي حڪمران کي، عيسائين جي ڏنڊي ۽ واپار جي چڱيءَ طرح ڄاڻ هئي ۽ فلسطين جا اميرَ، شهنشاهه جي حڪمرانيءَ کان گهٽا پري نه هيا. پر فاطمين جو ٿيون خليفو حاڪم(‡) جي نالي سان مشهور هو(67)، هو هڪ اُبهرو ۽ مست نوجوان هو جيڪو پنهنجي لادينيت ۽ آمراڻي روَش ۾ ايترو ته اڳتي وڌيل هو جو نه ته وٽس خدا جو ڪو خوف هوندو هو ۽ نه انسانن جو ڪو لحاظ يا حيا رکندو هو ۽ سندس حڪومت جو سڄو دؤر بد اعمالين، خرابين ۽ وحشي پڻي جي ڪمن جي ڪري نمايان هو. مصر جي قديمي ۽ اوائلي رسمن رواجن جي خلاف ورزي ڪندي، هن، عورتن کي مڪمل طور تي قيدين جي زندگي گذارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ نيٺ مردن توڙي عورتن جي صبر جو ٽاڻُ پرجي ڇُلڪڻ تي اچي ويو ۽ هنن جون دانهون ۽ شڪايتون شروع ٿي ويون، جنهن جو نتيجو ويتر اهو نڪتو جو هن پراڻي قاهره جي ڪجهه حصي کي باهه لڳرائي ڇڏي ۽ سندس محافظن ۽ شهرين جي وچ ۾ ڪيترن ڏينهن تائين خوني ويڙهه هلندي رهي. شروعات ۾ ته خليفي پنهنجي پاڻ کي هڪ پڪو مسلمان ظاهر ڪيو جيڪو ڪاليج ۽ مسجدون تعمير ڪرائيندو هو ۽ اُنهن جي حفاظت ڪندو هو، هن قرآن جي ٻارهن سؤ نوي ڪاپين کي سني صورتخطي ۽ سونهري، اکرن ۾ لکرايو هو ۽ سندس حڪم تي مصر جي انگورن جي باغن کي تباهه ڪرايو ويو هو ڇاڪاڻ ته اُنهن منجهان شراب نهندو هو. پر ڪيس دماغ ۾ الائي ڪهڙو خلل پيدا ٿي پيو جو هن ۾ هڪ نئين مذهب جي باني هئڻ جو شوق پيدا ٿي پيو؛ هن خواهش ظاهر ڪئي ته سندس نالو پيغمبر ﷺ کان به وڌيڪ مٿاهون نظر اچي، ۽ پاڻ کي سيني کان مٿاهين الله جو پاڇو يا اولڙو چورايائين جيڪو زمين تي نؤن (9) رُوپن بدلائڻ کان پوءِ آخرڪار سندس روپ ۾ ظاهر ٿيو هو. حاڪم جي نالي ۾ جيڪو جيئرن ماڻهن توڙي مُردن تي قدرت رکندڙ هيو (هن پاڻ کي ائين ظاهر ڪيو) ۽ هر ماڻهو نئين مذهب جي تعريف ڪندو نظر آيو ۽ قاهره جي ويجهو هڪ جبل تي سندس معجزن کي ڏيکاريو ويو ۽ هڪ ئي وقت تي سورهن هزار ماڻهن سندس نئين مذهب کي قبول ڪري ڇڏيو ۽ هن وقت جبل لبائس جي ڊرُوز قبيلي جا ماڻهو جيڪي آزاد ۽ جنگجُو آهن، کين به هن احمق، نالائق ۽ ظالم ماڻهو(68) جي عقيدي ۽ خدائي صفتن کي مڃڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿئي وئي. پنهنجي خدائي ڪردار ۾ حاڪم،

يهودين ۽ عيسائين کان سخت نفرت ڪندو هو جن کي هو پنهنجن دشمنن جا غلام سمجهندو هو. جڏهن ته مانهن جي اڪثريت محمد ﷺ جي دين کي مجيندي هئي. مصر توڙي فلسطين ۾، سندس ظلمن ۽ اذيتن سبب ڪجهه ماڻهو شهيد ۽ ٻيا مُرتد ٿي ويا ۽ جيڪي حق ۽ خاص رعايتون مذهبي ماڻهن کي حاصل هوندیون آهن، اُنهن کان بہ کين محروم ڪيو ويو هو ۽ ڏارين توڙي مقامي ماڻهن کي پنهنجي عقيدي جي اظهار ڪرڻ کان بہ روڪيو ويو هو. عيسائي دنيا جي وڏي مندر توڙي حضرت عيسيٰ[۴] جي ٻيهر زنده ٿي اچڻ واري ڪليسا کي بہ ڏاهي پَٽ ڪيو ويو ۽ ايسٽر جي چمڪندڙ معجزاتي لاٽ کي بہ وِسايو ويو ۽ جبل جي اندر اُڪريل هڪ مقدس غار کي تباهه ڪرڻ لاءِ بي حرمتي جا حربا هلائي ناپاڪ ماڻهن جي هٿن سان ان کي ڏاهيو ويو هو چو تہ اُها ئي غار مقدس مقبري جي هڪ اهم نشاني هئي. هن بي حرمتيءَ جي خبر پوڻ تي، يورپ جي قومن ۾ حيرانگي ۽ ڪاوڙ جي لهر ڦهلجي وئي پر، مقدس ڌرتيءَ جي حفاظت جي ڪوششن ڪرڻ جي بجاءِ، هنن اهو ڏسي سُک جو ساهه ڪنيو تہ گهٽ ۾ گهٽ يهودين کي يا تہ ساڙيو ٿي ويو يا وري کين ملڪ بدر ڪيو ٿي ويو چو تہ، سندن خيال موجب، اُهي ئي ناپاڪ ۽ لادين بربر جا ڪُجها صلاحڪار هيا(69). تنهن هوندي بہ جيروسلم جي عذابن ۾ ڪجهه قدر گهٽتائي فقط ان ڪري آئي هئي تہ حاڪم، پنهنجن ڪُٽن ڪرتوتن کان پاڻ پڇتايو هو ۽ تنهن کان سواءِ ڪائنس ڪجهه ڪوتاهيون بہ ٿيون هيون؛ بهرحال ڪليسائن جي ٻيهر بحالي جو قصو تڏهن ختم ٿي ويو جڏهن آمر کي سندس ئي پيٽ جي ايلچين قتل ڪري ڇڏيو. هن کان پوءِ ايندڙ خليفن مذهب جي احترام جي پاليسين کي اڳتي وڌايو ۽ هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ جو سبق ماڻهن کي سيکاريو جنهن ۾ قسطنطنيه جي شهنشاهه جي نيڪيءَ جو وڏو هٿ هو ۽ هن جي مالي ۽ اخلاقي مدد سان مقدس مقبري کي، جيڪو تباهين جي ڊير ۾ تبديل ٿي چڪو هو، ٻيهر تعمير ڪري سينگاريو سنواريو ويو، ۽ ٿورڙي عرصي جي روزي رکڻ کان پوءِ، زيارت جا طلبگار پنهنجين منتظر نظرن سان پنهنجي روحاني دعوت ڏانهن ذوق شوق سان واپس وريا(70). فلسطين جي ساموندي سفر دؤران خطرا گهٽا ۽ موقعا ٿورا هيا پر هنگري جي مذهبي تبديليءَ سبب جرمني ۽ يونان جي وچ ۾ آمدرفت تمام آسان ٻڌجي وئي. سينٽ استيفن جي فياضيءَ جي ڪري، سندس ئي بادشاهت جي حواري، پنهنجن مسافر پائرن کي(71) ڏهني ڪوفت مان آجو ڪري ڇڏيو ۽ هنن بلغراد کان انتاڪيا تائين عيسائي شهنشاهت اندر پندرهن سؤ ميلن جو سفر طئي ڪري ڇڏيو. فرئنڪن ۾ زيارت جو شوق ايتري قدر وڏي ويو جو اڳين وقتن کي بہ مات ڏي ويو هو؛ ان جو اندازو ان منظر مان لڳائي سگهجي ٿو جيڪو زيارتي لشڪرن جي روپ ۾ هر رستي ۽ هر گهٽيءَ ۾ نظر اچي رهيو هو ۽ جن ۾ مرد عورتون، ٻڌا ۽ ٻار سپيئي شامل هيا ۽ جن کي پنهنجين حياتين جي بہ ڪا پرواهه ڪانہ هئي پر سندن بي تابيءَ واري خواهش فقط اها هئي تہ فقط هڪ دفعو هو پنهنجي 'نجات ڏيندڙ' جي مقبري کي چُمي سگهن. بادشاهن توڙي سندن وزيرن پنهنجي حڪومت جي سار سنيال لهڻ بہ ڇڏي ڏني ۽ هنن پاڪ صاف زيارتي قافلن کي ڏسي هر ڪنهن کي اهو اندازو آسانيءَ سان ٿي ويو هو تہ اهي حقيقت ۾ فوجون هيون جيڪي صليب جي جهنڊي هيٺان تمام وڏن لشڪرن جي صورت ۾ وڏي رهيون هيون. پهرين صليبي جنگ کان اٽڪل ٽيهه سال اڳ، مينٽز جي وڏي پادري، جنهن سان گڏ اتريش، بئمبرگ ۽ راتسبن جا پادري بہ گڏ هيا، جن گڏجي رائين کان اُردن تائين هي ڏکيو سفر طئي ڪيو هو ۽ سندن پوئلڳن جو تعداد ستن هزارن جي لڳ ڀڳ هيو. قسطنطنيه ۾ شهنشاهه پاران ڪشادي دل سان سندن مهمان نوازي ڪئي وئي، پر دولت جي اجائي ڏيک عربن کي

متن حملي ڪرڻ لاءِ اُڪسايو، هنن پنهنجون ترارون مياڻ مان بيدليءَ ۽ احتياط سان ٻاهر ڪڍيون ۽ ڪئپرنام جي جڳهه تي سندن گهيرو ڪيائون پر هڪ فاطمي امير ڪجهه رقم وٺڻ عيوض ڪين بچائي ڇڏيو. مقدس جڳهن جي زيارت ڪرڻ کان پوءِ هو اڳلي طرف روانا ٿي ويا پر فقط ٻه هزار ٻچي ويل ماڻهو پنهنجي آبائي وطن ۾ سلامتيءَ سان پهچي سگهيا. اِنگلفس، جيڪو فاتح وليمَ جو سيڪريٽري هو ۽ زيارتين جي قافلي سان گڏ ٿي هليو. پنهنجو مشاهدو بيان ڪندي چوي ٿو ته هو نارمنڊي مان ٽيهن مضبوط گهوڙيسوارن سان نڪتا ۽ هنن ائلپس کي اُڪاريو جن ۾ ويهه بدنصيب زيارتي ٻه گڏ هيا(*)، سندن هٿ ۾ لڪڻ هيو ۽ ٻٽون سندن پُٺ تي هيو(72).

روم وارن کي شڪست ڏيڻ کان پوءِ فاطمي خليفن جي سڪون ۽ سرور کيَ ترکن برباد ڪري ڇڏيو(73). مالڪ شاهه جو هڪ نائب عزيز خارض ميان هڪ طاقتور فوج جي اڳواڻي ڪندي شام تي ڪاهه ڪري ويو، ۽ ترار جي زور ۽ ڏڪار سبب دمشق کي فتح ڪيائين. هيمس توڙي صوبي جي بين شهرن بغداد جي خليفي ۽ فارس جي سلطان جي اڳواڻيءَ کي قبول ڪيو ۽ سوپارو امير، بغير ڪنهن روڪ يا رندڪ جي نيل نديءَ جي ڪنارن تائين پهچي ويو؛ فاطمي امير آفريڪا کي ٻه پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ لاءِ اُتي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هو پر سندس ئي محافظن جي ڪجهه شِيدئين، قاهره جي رهواسين سان گڏجي هڪ زوردار حملو ڪيو ۽ ٽُرڪ جنگجو کي مصر جي حدن مان تڙي ڪيائون. واپس پاڄ ڪندي ٻه هو ماڻهن کي قتلام ڪرڻ ۽ قُرلُٽ ڪرڻ کان نه مُڙيو، جيروسلم جي هڪ جج ۽ سندس نوڙي پيلڪ جي ڪيترن ئي عملدارن کي هن پنهنجي گهر ۾ دعوت جي بهاني تي گهرائي ڪين قتل ڪرائي ڇڏيو، جنهن کان پوءِ عام شهرين جو وارو آيو ۽ اندازي موجب ٽن هزار ماڻهن کي هڪڙي جڳهه تي قتل ڪيو ويو. سلطان ٽُوڪش جيڪو مالڪ شاهه جو پاءُ هو، ان عزيز جي ظلمن يا شڪست جي ڪيس ۾ پورو سزا ڏني، جنهن کي هڪ وڏو لقب عطا ڪيو ويو هو ۽ سندس اختيار ٻه تمام وڏا هيا، ان شام ۽ فلسطين ۾ پنهنجي طاقت جو ڏاڪو جمائي ڇڏيو. سلجوق خاندان جيروسلم ۾ اڻڪل ويهن سالن تائين حڪومت ڪئي(74)، پر پوءِ پاڪ شهرن ۽ بين خطن جي موروثي سارسنيال لهڻ جا اختيارَ امير آرتوڪ کي سؤنپيا ويا جيڪو ترڪمان قبيلي جو سردار هيو ۽ جنهن جي اولاد، فلسطين مان نيڪالي ملڻ تي، آرمينيا ۽ اسيريا(75) ۾ شاهي خاندان جا ٻه سلسلا قائم ڪري ڇڏيا. اوير جي عيسائين ۽ لاطيني زيارتين اهڙي انقلاب تي افسوس جو اظهار ڪيو جنهن ۾ ڪين اُترين علائقن جي ڏارين ۽ اوپرن ماڻهن(76) جي حڪمراني هيٺ رهڻ ۽ سندن رعيت هئڻ جو ڳڻ سندن ڳچين ۾ پارايو ويو هو. پنهنجي محل توڙي فوجي ڪئمپ ۾، سلطان فارس جي رهڻي ڪهڻي ۽ تهذيب کي اختيار ڪيو. پر مجموعي طور تي ترڪ قوم ۽ خاص طرح تي ريڊارن ۽ ڏنارن جي اڪثريت ۾ رڻ پٽ جي زندگيءَ جو پوائتو ۽ خطرناڪ انداز نمايان ۽ نشانبر هيو. نائيسيا کان جيروسلم تائين، ايشيا جي اولهه وارا ملڪ، اڄا تائين ڏارين توڙي مقامي ماڻهن جي مخالفت کي پوڳي رهيا هيا ۽ ۽ فلسطين جا مالوَند ماڻهو، جن کي پنهنجن علائقن ۾ ڪجهه برتري ته ڪجهه معتبري حاصل هئي، پر وٽن نه وقت هو ۽ نه اهليت يا لياقت جو اُهي مذهبي آزادي يا وٽج واپار جي فائدن کي ماڻي سگهن يا انهي تبديليءَ ۾ شريڪ ٿي سگهن. جيڪي زيارتي ٽولا هيا، اُهي سفر جون بيشمار تڪليفون ڪاڻيندا ۽ خطرن کي مُنهن ڏيندا جيروسلم جي ديوارن تائين پهچي ته ويا هيا پر اُهي بدقسمت ماڻهو لُٽجي قُرجي ۽ ظلم زيادتين جو شڪار ٻڌجي برباد ٿي ويا هيا، ويتر اُهي زيارت جو شرف حاصل ڪرڻ لاءِ مقدس مقبري تائين پهچڻ

کان اڳ ۾ ئي، ڏکار، بُک ۽ بيمارين جو کاڄ بڻجي ختم ٿي چڪا هيا. مقامي رنگ جي وحشي پٽي يا جنون جي هڪ لهر اُٿي پئي جنهن ترڪمان کي کليل آزادي ڏئي ڇڏي ته هو پلي هر فرقي جي مذهبي ماڻهن کي بيعزتو ڪري، نتيجو اهو نڪتو جو هڪ مذهبي اڳواڻ کي وارن کان ونڊي رستن ۽ گهٽين ۾ بيدرديءَ سان گهليو ويو ۽ ڪيس هڪ گندي ڪڏ ۾ اُڇلايوو ويو ته جيئن کانئس، سندس مال جي ڏڻ کي ڇڏائڻ جي رقم اوڳاڙي سگهجي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجي ڇوپائي مال کي انسانن جيان پالیندو هو ۽ پيار ڪندو هو. اهڙيءَ طرح حضرت عيسيٰؑ جي واپسيءَ جي ڪليسا جي عبادت ۾ به اڪثر خلل پوندو رهندو هو ڇاڪاڻ ته ڪليسا جا رکوالا سخت مغرور ۽ وحشي طبيعت جا مالڪ هيا، اهڙن ڏُکوئيندڙن خبرن ۽ دردناڪ داستانن کي ٻُڌي، مغرب جا لکين ماڻهو صليب جي جهنڊي هيٺ ڪاهي ويا ته جيئن هن 'مقدس زمين' تي ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جو ڪجهه ازالو ڪري سگهن، پر هِتان جي سيني براين ۽ بچڙاين کي گڏ ڪري جيڪڏهن اُنهن کي سلطان حاڪم جي فقط هڪڙي بيحرمتيءَ جي ڪم سان پيٽ ڪبي ۽ جنهن کي لاطيني عيسائين صبر سان سَنو هو ته حاڪم جي بچڙاين جو پاسو پوءِ به ڳرو ٿي ويندو. مذهبي توڙي انساني اَسهڻ جي صورتحال اها وڃي بيني هئي جو ٿورڙي ڳالهه تي به ماڻهو آپي کان باهر نڪري ٿي ويا ۽ هاڻي ته وري ديني چٽاپيٽي ۽ پادرين يا مذهبي ماڻهن جي حڪومت ۾، ڪنهن ماڻهوءَ جي رڳ تي، بي شخص جي هٿ جي نرم ڇُهاءَ سان پي پَنيٽ ٻري ٿي سگهيو ۽ ان جو اثر يورپ جي ڏورانهَن ملڪن ڏانهن بنادير پهچي ٿي ويو.

باب ستونجاهون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) آڻ سندس ڪردار ۽ تاريخ لاءِ ڏي هربيلاٽ جو شڪرگذار آهيان (محمود غزنوي ۽ مشرقي واقعا، صفحا 537-533) ايم.ڏي گائينس (هُنن جي تاريخ iii, 155-173) ۽ اسان جو هم وطن ڪرنل اليگزينڊر ڊؤ (i, 23-83) پنهنجي ڪتاب 'هندستان جي تاريخ' جي پهرين ٻن جُلدن ۾ اهو تاثر ٿو ڏئي ته هن ڇڻ 'فارسي فرشتا' جو ترجمو ڪيو هو پر سندس شوخ ۽ رنگيني واري تحرير ۾ اهو آسان نه آهي ته اصل تحرير يا ترجمي ۾ فرق ڪي ظاهر ڪري سگهجي.

(*) مُحَمَّد ﷺ

(2) ساسانين جي بادشاهت جو سلسلو 125 سال هليو يعني 874ع کان 999ع تائين جنهن دؤران ڏهن بادشاهن حڪومت ڪئي. سندن هڪ ٻئي پٺيان تخت تي ويهڻ ۽ آخرڪار سندن بربادي جي سلسلن جي مطالعي ڪرڻ لاءِ ايم.ڏي گائينس جي تيار ڪيل شجري کي ڏسو. (هُنن (Huns) جي تاريخ- i, 404-406) اُنهن کان پوءِ غزنوين جو گهراٽو شروع ٿيو (1183-999ع) ڏسو (i, 239-240) هن جيڪا قومن جي ورهاست ڪئي آهي، ان ۾ وقت ۽ هنڌن بابت ڪجهه مونجهارو آهي.

(3) 'غرنا' باغات کان محروم آهي، اهو بهرحال هڪ واپاري منڊي ۽ خاص طرح هندستان جي ڏنڏي ۽ ڏيتي ليتي جو وڏو مرڪز آهي.' (ابوالفدا جي جاگرافي کي ڏسو، باب xxiii، صفحو 349. رزڪي، ڊي.هربيلاٽ، ص 364. ان شهر کي جديد سياحن اجا تائين نه ڏٺو آهي.

(4) بغداد جي خليفي جي سفير هڪ عربي يا ڪالدي ٻوليءَ جو لفظ ڳولي ڪڍيو جنهن جو مطلب سائين يا مالڪ هو (ڊي.هربيلاٽ، ص 825) پر ان جو مطلب يارهين صدي جي بازنطيني اديبن طرفان 'اڪيلو بادشاهه يا بادشاهن جو بادشاهه' جو به ڪڍيو ويو آهي ۽ سولڊيئس جو نالو يوناني ۽ لاطيني ٻولين ۾ تڏهن ورتو ويو جڏهن اُهو غزنويُن کان ٽيندو سلجوقن وٽ پهتو هو ۽ ان کان پوءِ ايشيا ۽ مصر جي اميرن تائين ان ساڳئي نالي سفر ڪيو هو. ڊوڪينج (مضمون- xvi، جئائن وِل، صفحا 246-238) فارس جي قديم بادشاهت ۾ اهو مشڪل ڪم آهي ته سلطان جو لقب اُنهن ۾ ڳولجي، پر ان سلسلي ۾ شاهديون به معتبر نه آهن، ڪانسٽئنٽائن جي مقصدن ۾ (ii, 11) جيڪا زونارس اڳڪٿي ڪئي آهي ۽ خسرو جو نمونو تيار ڪيو آهي، اُهو (جيئن هو تسليم ٿو ڪري) ساساني چهين سان مشابهت نٿو رکي، پر ان جي بجاءِ سندس مشابهت آئڪونيمَ جي سلجوق تيرهين (xiii) سان ٿي وجي پيچي. (ڊي. گائينس هنن (Huns) جي تاريخ i,

(5) 'فرشتا دو' (هندستان جي تاريخ، i, 49) جنهن ۾ هندستان جي فوج ۾ هڪ بندوق جو ذڪر ڪيل آهي. پر، جيئن ته آڳ اسلحي جي وقت کان اڳ استعمال ڪرڻ ۾ (1008ع) گهڻ يقين رکان ٿو ته منهنجي خواهش آهي ته پهريون ان تحرير جي صداقت جي چنڊچاڻ ڪريان ۽ پوءِ فرشتا جي علمي ڄاڻ بابت معلومات کي يقيني بڻايان جيڪو آخري صديءَ ۾ مغلن جي دربار ۾ رهندو هو.

(6) قِنوج يا قُنُوج جي بيهڪ $27^{0}.3$ ويڪرائي قاڪ ۽ $80^{0}.13$ ڊگهائي قاڪ تي آهي. ڏسو ڊي ائنول (قديم انديا، صفحا 62-60) جنهن کي ميجر رينيل پنهنجي هندستان جي نقشي تيار ڪرڻ جي ڪمال جي يادگيرين ۾، صفحا 43-37) کوجنا ڪندي وڌيڪ صحيح بڻايو آهي. 300 سونارا، 30,000 دڪان، ۽ 60،000 سازندن جا ٽولا وغيره (ابوالفدا، جاگرافي جا نقشا، XV، ص، 274، دو، i,16) ڪجهه مبالغي واري ڳالهه ٿي لڳي جنهن کي گهٽ ڪرڻ جي گهٽي گنجائش موجود آهي.

(7) يورپ جا بت پرست، فرشتا چوي ٿو (دي، i,66) وڌيڪ ابوالفدا جو مطالعو ڪيو (صفحو، 272) ۽ رينيل جي هندستان جي نقشي کي به ڏٺو وڃي.

(*) (ڪشش ڪندڙ).

(†) ڪورٽ يا ڪائونسل جتي سلطان ماڻهن کي انصاف جا فيصلا ٻڌائيندو هو.

(8) ڊي- هربيلاٽ (مشرقي واقعا، ص 527) ان جي باوجود جيڪي اکر اسان کي ملن ٿا، اُهي دل واري بولي جي ترجماني نٿا ڪن ۽ نه وري ماڻهن جي جذبن يا مقصدن کي بيان ڪن ٿا.

(9) مثال طور هڪ ياقوت يا ماڻڪ جنهن جي تورَ چار سؤ پنجاهه مثقال (اسلامي تور جو ماپو) (دو، i,53) يا چهه پائونڊ ٽي آئونس هئي ته ان وقت اوتري تور جي دهلي (هندستان) ۾ سترهَن مثقالن جي هئي (ٽيورنيئر جا ساموندي سفر، ii,280). اها حقيقت آهي ته مشرقي ملڪن ۾ جيڪي به رنگين پٿر ٽين ٿا، اُنهن کي ياقوت، ماڻڪ يا مرجان ڪوٽيو وڃي ٿو. (ص 355)، ۽ ٽيورنيئر ڪجهه وڌي سائيز جا ۽ وڌيڪ قيمتي پٿر ڏٺا هيا جيڪي سندس خيال ۾ ڪُهن زيورَن جهڙا هيا ۽ اُهي اسان جي عظيم بادشاهه جا هيا، جيڪو زمين تي سڀني بادشاهن کان وڏو بادشاهه آهي.

(10) (i,65) ٻڌايو ٿو وڃي ته قنوج جي حاڪم وٽ 2500 هاٿي هيا. (ابوالفدا، جاگرافي، XV ص، 274) هندستان جي اهڙن قصن منجهان پڙهندڙ منهنجي ڪتاب جي پهرئين جلد کي پڙهي پوءِ پاڻ وٽ ضروري ترميمون ڪري ڇڏي، (ص، 226) يا وري ان وضاحت کان پوءِ هنن قصن کي صحيح ڪري ڇڏي. (ڪُبن هتي انين باب جي حاشيي نمبر 49 جو حوالو ٿو ڏئي).

(11) ريڊارن ۽ ڏنارن جي رهٽي ڪهٽي بابت هيءَ مناسب ۽ فطري تصوير ڏسو. جيڪا وليمَ لکي آهي جيڪو ٽائر جو مکيه پادري هيو. (i,vii، گيستاڊي ۾، صفحا 634-633) ۽ هڪ سنو تجزيو تاتارين جي حسب نسب ۽ سندن تاريخ ۾ پڻ ڪيو ويو آهي. (صفحا 538-535).

(12) ترڪمانن جي پهرين لڏپلاڻ ۽ سلجوقن جي مشڪوڪ اصل نسل بابت ايم- ڊي گائينس جي هُنن (HUNS) جي تاريخ جو مطالعو ضرور ڪجي. (Tom-i، تنهن کان سواءِ نقشا ۽ تاريخوار واقعا به پيٽجن. v,tom-iii,vii,ix-x) تنهن کان سواءِ ڊي- هربيلاٽ جي مشرقي واقعن تي به هڪ نظر

وجهجي. (صفحا، 799-802,897-901) ايلماسن (عرب مسلمانن جي تاريخ، صفحا 331-333) ۽ ابوالفراجيَس، (بادشاهن جي تاريخ، صفحا 221-222).

(*) (وڏي مرتبي وارا ماڻهو، حڪمران).

(13) دو، (هندستان جي تاريخ، i,89,95-98) مون هي ٽڪرو، فارس جي رهڻي ڪهڻي کي پيش ڪرڻ واسطي، نقل ڪيو آهي، پر مون کي شڪ ٿو پوي ته ڪنهن اڻ ڄاتل سبب ڪري. فرشتا جي اسلوب کي اوسيَن سُڌاري بهتر ڪري ڇڏيو آهي.

(14) هربيلاٽ جا زنديق (ص 1028) ۽ دو جا دِناڪا (i,97) شايد ابوالفدا جا دِنداڪن آهن (جاگرافي، ص 345، رزڪي) خراسان جو نڊيو شهر مارتي کان فقط بن ميلن جي مفاصلي تي آهي ۽ اوپر جي ملڪن ۾ ڪپهه جي پيداوار ۽ صنعت سازي لاءِ مشهور آهي.

(15) بازنطيني تاريخدان (سيدبريئس، ii,766-767، زونارَس، ii,255، نائيسفورَس برينيَس، ص 21) وقت، هنڌ، نالن، ماڻهن، سببن ۽ واقعن بابت مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو آهي. يونانين جي جهالت ۽ سندن ڇُڪُون (جيڪي مان اوهان کي ٻڌائڻ کان سواءِ رهي نه سگهندس)... شايد سيگزرس ۽ عظيم سائرس جي قصي بيان ڪرڻ ۾ شايد ڪجهه ماڻهن کي شڪ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي، ڇو ته اهو قصو سندن قابل ۽ تقرير جي ماهر ابن ڏاڏن کين ٻڌايو هو.

(16) ولرم، (ٽائر، i,7,633) تيرن سان ڪرشما ڏيکارڻ تمام قديمي ڪرتب آهي ۽ اوپر جي ملڪن ۾ گهڻو ئي مشهور آهي.

(17) ڊي هربيلاٽ، ص 801، تنهن هوندي به سندس نسل جي پاڻ بخت جي باوجود، سلجوق، وڏي افراسياب، جيڪو ٽُوران جو شهنشاهه هو، جي خاندااني شجري جو چوٽيهون فرد وڃي ٿيو (ص 800) چنگيز خان جي تاتاري پيڙهيءَ خوشامد ۽ افسانن کي نئون رنگ ڏنو، ۽ تاريخدان ميرخوند سلجوقن جي نسل کي الن ڪواهه سان ٿو وڃي ملائي جيڪا ڪنواري ماءُ هئي. (ص 801، ڪالم 2). جيڪڏهن اُهي ساڻيا ابوالغازي‌بهادر خان وارا زلزوت آهن (نسلن جي تاريخ، ص 148) ته پوءِ اسان سندن حمايت ۾ هڪ تاتاري بادشاهه جي مانائتي شاهدي پيش ڪنداسين جيڪو چنگيز خان، النڪواهه، يا النڪُو ۽ اوگز خان جي نسل مان آهي.

(18) لفظ جي ٽورڙي بگڙڻ تي، طغرل بيگ مان يونانين لنگرولي پکس ڪٽي ناهيو. سندس حڪومت توڙي ڪردار بابت ڊي هربيلاٽ اسان کي خلوص مان تفصيلي احوال ڏنو آهي. (مشرقي واقعا، صفحا 1027-28) ۽ ڊي- گائينس (هنن HUNS) جي تاريخ، 189-201,iii).

(19) سيدبريئس، ii,774-775) زونارَس (ii,257)، مشرقي واقعن ۽ حالتن جي دستوري ڄاڻ رکندي، هو سفير کي قانون لاڳو ڪندڙ عملدار تا ڪوٺين، بلڪل ائين جيئن مڪي پادري سنسيلَس، خليفي جو جانشين هئڻ سان گڏ وزير پڻ هيو.

(20) ٽائِر جي وليمَ کان مون ترڪن ۽ ترڪمانن جي هڪ انفراديت هٿ ڪئي آهي جيڪا مناسب ۽ مشهور آهي. نالا ساڻيا آهن، ۽ ماڻهوءَ جو واڌارو پرسِڪ ۽ ٽيوٽونڪ پهاڪن يا اصطلاحن ۾ ساڻيو آهي. جيمس ڊي وٽري جي لهجي وارا اشتقاق چند ناقد استعمال ڪندا هوندا هيروسول

جي تاريخ، (i,ii,1061) جيڪي ترڪماني زبان منجهان آهن جن ۾ گڏيل سڏيل نسلن جي ماڻهن جو تذڪرو آيل آهي.

(21) هُنن جي عمومي تاريخ، (iii,165-167) ايمر- ڊي گائينس، ابوالمحاسن جو حوالو ٿو ڏئي، جيڪو مصر جو تاريخدان هيو.

(*) (بغداد جا خليفا).

(†) (مصر جا خليفا).

(22) 'مشرقي واقعا' جو مطالعو ڪيو جنهن ۾ عباسين، قاهر ۽ قائر جون تحريرون موجود آهن تہ ساڳئي وقت ان ۾ ايلماسن ۽ ابوالفراجيَس جا تاريخي واقعا بہ ملن ٿا.

(23) هن تقريب ڪي ملهائڻ لاءِ آءٌ ايمر- ڊي گائينس جو شڪرگذار آهيان (iii,197-198) تہ ساڳئي وقت اُهو وڏو مصنف وري بونداري جو احسان مند آهي جنهن سلجوڪ جي تاريخ عربي زبان ۾ لکي هئي (v,365) مونکي، بهرحال سندس عمر، سندس ملڪ ۽ هن جي ڪردار جي ڪا بہ خبر ناهي.

(24) ('ساڳئي سال طغرل مري ويو ... هو رحمدل بادشاهہ هيو، دوراندیش ۽ ڏاهو حڪمران هو، جنهن ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجي دبدبي جو خوف پري ڇڏيو هو تہ جيئن ٻيا بادشاهہ سندس فرمانبرداري ڪن ۽ ساڻس لَهہ وچڑ ۾ اچن ۽ هن سان خط و ڪتابت جو سلسلو بہ جاري رکن'). ايلماسن (عرب مسلمانن جي تاريخ، ص 342).

(*) شهنشاهہ نائيسفورَس- II 969-963 ع).

(†) شهنشاهہ جان- I زميسِس، (976-969 ع).

(‡) شهنشاهہ باسل II، (1025-976 ع).

(25) ترڪن ۽ رومين جي وچ ۾ لڳل هنن جنگين ۾، عمومي طور تي زونارَس، سيدريئس ۽ سيلزِس، جنهن سيدريئس جي ڪم ڪي جاري رکيو هو، جي لکيل تاريخن جو مطالعو ڪيو ۽ ان کان سواءِ نائيسفوريس برينيَس سيزر جي تاريخ کي بہ ڏسو، هنن مان پهريان بہ ويراڳي يا جوڳي هيا، پويان بہ وري وڏا مدبر هيا، بهرحال يوناني ڪجهہ اهڙا ئي هيا جو سندن هلڻ چلڻ ۽ ڪردار مان ڪڍهن هڪڙي ڪي ٻي کان جدا ڪرڻ يا سجاڻڻ مشڪل ٿيو پوي. اوپر وارن لاءِ مون بهرحال ڊي هربيلاٽ تي گهٽو پاڙيو آهي (پهرين سلجوقن جا عنوان ڏسو) تہ ساڳئي وقت ايمر- ڊي گائينس کان بہ رهبري حاصل ڪئي اٿم چو تہ سندس تفصيل پڻ اعتبار جوڳا هوندا آهن. (هُنن HUNS) جي تاريخ، (iii,x).

(26) ('ترڪن ۾ اهو افواهہ عام ڦهلجي ويو هيو تہ ترڪن جي قوم هڪ وڏي طاقت ذريعي تباهہ ۽ برباد ٿي ويندي ۽ اُها طاقت مئسيدان جي اليگزينڊر (سڪندر) جيتري وڏي هوندي جڏهن هن فارس وارن کي تباهہ ڪيو هو'). سيدريئس، ii,791، جاهل ۽ پورڙا ماڻهو جلد اهڙين ڳالهين تي اعتبار ڪري ڇڏيندا آهن ۽ ترڪن، عربن کان ايسڪانڊر ڊاڪارنين جي روايت کي چگيءَ طرح سمجهي ورتو هو. (ڊي- هربيلاٽ، صفحا 317 وغيرہ).

(*) گِبن سندن مذهبي گمراهيءَ جو باب 47هين ۾ ذڪر ڪيو آهي).

(27) (’اُهي جيڪي آئيبيريا (جارجيا) ميسوپوٽئميا، ۽ آرمينيا ۾ رهن ٿا ۽ جيڪي يهودين جي نستوري ۽ لاديني فرقيواريت ۾ يقين رکن ٿا‘).سيلزِس ۽ سيڊريئس (ii,834) جن جي مشڪوڪ ڪوشش، مون کي ڪنهن به شڪ يا گمان ۾ مبتلا نه ڪندي ۽ نه وري مون کي اهو گمان ذهن ۾ ويهندو ته هن ئي نستوري فرقيواريت کي جنم ڏنو آهي. هو اڪثر ڪري ’خدا جي غضب، ڪاوڙ ۽ سخت ناراضگيءَ‘ بابت ڳالهائيندو رهندو آهي ۽ هي اهڙيون صفتون آهن جيڪي، مون کي شڪ ٿو پوي ته، هڪ ’مڪمل ذات‘ لاءِ ڏاريون ۽ بيگانيون آهن پر سندس مذهبي ڪٽرپڻو خود اها ڳالهه قبول ٿو ڪري ته اُنهن کي پوءِ بنياد پرست رومين طرفان جلد فارغ ڪيو ويو هو.

(28) جيڪڏهن جارجيا جي رهواسين جا نالا يونانين کي معلوم هجن ها (اسٽرٽر، بازنطيني يادگيريون، (نام، iv) ته پوءِ آءٌ سندن زراعت کان اُهي حاصل ڪيان ها ته جڏ اُهي هيروڊوٽس جا سيٿيا جا هاري ناري هيا. (iv,18,289 جنهن کي ويسلنگ ايڊٽ ڪيو) پر اها جاڻ فقط صليبي جنگين کان پوءِ ملي سا به وري فقط لاطينين کي. (وٽرئيڪو، هيروسول جي تاريخ، 79,1095). ۽ مشرقي واقعا، (ڊي- هربيلات، ص 407) ۽ اها معلومات يقيني طور تي ڪپاڊوشيا جي سينٽ جارج کان حاصل ڪئي وئي هئي.

(29) موشيم (ڪليسائي تاريخ، ص 632) ان کان سواءِ چاردن جا سفر ناما پڻ ڏسو (i,171-175) جن ۾ هنن خوبصورت ماڻهن پر هڪ بيڪار ۽ نالائق قوم جا طور طريقا ۽ رهڻي ڪهڻي کي ڏسو. هن سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ايم- ڊي گائينس طرفان تيار ڪيل سندن شجرو ڏسو جيڪو ڏاڏي آدم کان وٺي اڄ ڏينهن تائين وٽن موجود آهي (i,433-438).

(†) (شهنشاهه ڪانسٽئنٽائن، x جي ٻيوهه جنهن 1059 کان 1067ع تائين حڪومت ڪئي).

(‡) (ايندڙ سال ۾).

(30) شهر جو ذڪر ڪانسٽئنٽائن پورفروجينيٽس (شاهاڻي انتظام، ii,44,119) ۾ ڪيو آهي ۽ يارهين صدي جي بازنطينين پڻ ان جو تذڪرو ڪئنزڪرتي جي نالي ۾ ڪيو آهي ته ٻين وري ٿيوڊوسوپولس جو نالو وٺي ڪجهه مونجهارو پيدا ڪيو آهي، پر ڊيلسلي، پنهنجن حاشين ۽ نقشن ذريعي ان مونجهاري کي سلجهائي ڇڏيو آهي. ابوالفدا (جاگرافي ۽ نقشا، xviii، صفحو 310) مالاسگرڊ کي نندڙو شهر ٿو ڄاڻائي جنهن کي ڪارن پٽرن سان تعمير ڪيو ويو هو ۽ جنهن ۾ پاڻي به هوندو هو، پر ان ۾ وڻ ڪونه هيا.

(31) ’يونان جا اُوڏي (اسٽرٽر، بازنطيني يادگيريون، iii,923-948) مشرقي ماڻهن لاءِ خاص آهن. (هنن جي تاريخ، iii,113,ii,522 وغيره) اُهي دنيوب ۽ وولگا ندين تي ظاهر ٿيندا آهن جيڪي آرمينيا، شام ۽ خراسان ۾ آهن ۽ ائين ٿو لڳي ته اهڙو نالو سڃي ترڪمان قوم سان لاڳو ڪيو ويو هو.

(32) ارسيليَس (زونارَس جو رسيليَس) کي سسلي جي نارمن فاتحن ۾ جعفري ملاترا طرفان گهٽو مٺاهون ڏيکاريو ويو آهي ۽ سندس ذات يا لقب بهلول هيو ۽ اسان جا پنهنجا تاريخدان اسان کي ٻڌائيندا ته بهلول نارمنڊي کان آيا هيا يا دُرهم کان ۽ جن برنارڊ جو قلعو به ٺهرايو هو ۽ اسڪاٽلئنڊ جي هڪ ملڪيت جي وارثياڻيءَ سان شادي ڪيائون وغيره. ڊوڪين، ۽ نه

نائيسفورَس برينيمَ II نمبر 4) محنت ڪئي آهي ته جيئن صدر بهلول کانئس خوش ٿئي جنهن جي پيءُ فقط هڪ لباس جي بدلي ۾ پنهنجي ترار جو سؤدو ڪري ڇڏيو هو.

(33) ايلماسن (صفحا 344-343) گهوڙن جو هڪ امڪاني تعداد ٿو ٻڌائي جنهن کي ابوالفراجيَس گهٽائي 15000 ڪري ڇڏيو آهي (ص 227) ۽ ايمر- ڊي هربيلاٽ ان کي ويتر گهٽ ڪري 12000 ڪري ٻڌايو آهي. پر ساڳئي ايلماسن شهنشاهه جي لاءِ 300,000 ماڻهن جو تعداد ٻڌايو آهي جنهن جي لاءِ ابوالفراجيَس هينئن ٿو چوي: ('هن وٽ فقط 100,000 ماڻهو، گهٽا گهوڙا ۽ شان شوڪت هيو'). يونانين، بهرحال کو به تعداد نه ٻڌايو آهي.

(34) بازنطيني ليکڪن سلطان جي موجودگيءَ بابت واضح طور ڪجهه به نه ٻڌايو آهي، هن پنهنجون فوجون هڪ ڪڏڻ جي حوالي ڪري ڇڏيون هيون، ۽ پاڻ هڪ مفاصلي تي خاموش ٿي ويهي رهيو هو. ڇا هيءَ ڳالهه جهالت يا حسد جو نتيجو آهي يا وري ان ۾ ڪا صداقت به آهي؟

(35) هو سيزر جان ڊيوڪس جو پٽ هو جيڪو شهنشاهه ڪانسٽئنٽائن جو پاءُ هيو. (ڊوڪينج، بازنطيني قصا ص 165) نائيسفورس برينيَس هن جي ڪردار جي تعريف ٿو ڪري ۽ هن جي غلطين تي پرده پوشي ٿو ڪري. (i,30,38,ii,53) تنهن هوندي به هو رومين سان پنهنجي دشمنيءَ جو اقرار ٿو ڪري. ('هو شهنشاهه ڪان ڪجهه قدر پُنيرو هيو').سيلزِس سدائين غداريءَ جو ذڪر ڪليل لفظن ۾ ٿو ڪري.

(36) جن حالتن ۽ واقعن کي اسان سيلزِس، ۽ ڪانسٽئنٽائن مناسِس ۾ پڙهي ۽ شڪ ڪريون ٿا، اُنهن کي نائيسفورس ۽ زونارَس دوراندیشيءَ مان نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي.

(37) ڏَن يا جزيي کي اوپر جي ماڻهن تسليم ڪيو آهي. ٻيا يوناني هن معاملي تي خاموش آهن پر نائيسفورَس برينيَس جرئت ڪندي ٻڌائي ٿو ته ('اُهي شهنشاهت جي مان شان کان هرويرو وڌا نه هيا'). ۽ شهنشاهه شرمناڪ صلح نامي جي بجاءِ موت کي قبول ڪرڻ وڌيڪ پسند ڪري ها.

(38) رومنس ڊايوجينس جي شڪست ۽ سندس قيدي بنجڻ کي جان سيلزِس ۾ پڙهي سگهجي ٿو جنهن جو حوالو سيدبريني ڏنو آهي. (ii,835-843) زونارَس ii,281-284، نائيسفورَس برنيَس، I,25,32 گليڪاس، صفحا 357-325، ڪانسٽئنٽائن مناسِس، ص 134، ايلماسن، عرب مسلمانن جي تاريخ، صفها 344-343، ابوالفراجيَس، بادشاهن جي تاريخ، ص 227، ڊي- هربيلاٽ، صفحا 103-102 ايمر- ڊي گائينس، iii,207-211) منهنجي پراڻن تعلقن کان سواءِ، ايسلماسن، ابوالفراجيَس، هُنن (HUNS) جي تاريخ جي ليکڪ ابوالفدا جو به خوب مطالعو ڪيو آهي ته وري سندس ئي پي همعصر بينشوناهه جنهن خليفن بابت گهڻو ڪجهه لکيو هو، ان کي به هن نظر هيٺ آندو آهي، تنهن کان سواءِ مصر جي ابوالمحاسن ۽ آفريڪا جي نوائري جو به مطالعو ڪيو ويو آهي.

(39) هن دلچسپ موت جو احوال اسان کي هربيلاٽ ڏنو آهي (صفحا 104-103) ته ساڳئي وقت ايمر- ڊي گائينس به ان باري ۾ اسان کي معلومات ڏني آهي. جيڪا مشرق جي هڪ ليکڪ تان ورتل آهي. (iii,212-213) پر ٻنهي پنهنجين تحريرن ۾ اُهو روح نه پريو آهي جهڙو ايلماسن جو انداز آهي. (عرب مسلمانن جي تاريخ، صفحا 345-344.

(40) وڏي شهرت واري هڪ نقاد (ڊاڪٽر جانسن) جنهن پوپ جي ڪتبن جو جائزو وڏي غور سان ورتو آهي، اُهو شايد هن زبردست تحرير تي قڏو ڪري ته 'مارو جي تِلافي' چو ته پڙهندڙ مارو وٽ، ڪتبي پڙهڻ کان اڳ ۾ ئي پهچي چڪو هوندو.

(41) مشرقي واقعن ۾ مالڪ شاهه جي حڪومت جي باري ۾ تفصيل ڏنل آهن. (صفحا 542-544,654-655) ۽ هنن (HUNS) جي عمومي تاريخ ۾ (iii,214-224) گهٽو ورجاءُ، مسودي جون درستگيون وغيره. تاريخدان منهنجي رهبري نه ڪن ها ته آءٌ مشرقي دنيا جي معاملن ۾ هڪ انڊي جيان هجان ها.

(42) سر وليم جونس جي لکيل نادر شاهه جي تاريخ، ۽ شاعر عمق، انوَري ۽ راشدي جا مقالا ۽ مضمون جيڪي مشرقي واقعن ۾ ڄاڻايل آهن اُنهن جي آخر ۾ هڪ دلچسپ گفتگو بيان ٿيل آهي، ان جو مطالعو ضرور ڪجي.

(43) سندس نالو خضر خان هيو. سندس صوفا سيٽ جي چؤڌاري چار بڳڙن پيل هيون ۽ جيئن ئي هن شاعري ٻڌڻ شروع ڪئي، ته هو سون ۽ چانديءَ جي ٽُڪرن جون مُنيون پريندو شاعرن ڏانهن اُڇلينڊو ويو. (ڊي- هربيلاٽ ص 107) ممڪن آهي هي سڀ ڪجهه سچ هجي، پر مان اهو نٿو سمجهي سگهان ته هُن مالڪ شاهه جي دؤر ۾ ٽرنسوڪسيانا يا ايشيا مائنر ۾ حڪومت ڪيئن ڪئي يا خضر خان، مالڪ شاهه کان طاقت ۽ دٻدٻي ۾ اڳتي ڪيئن وڌي ويو. منهنجو خيال آهي ته يارهين صديءَ جي شروعات (پڃاڻي هرگز نه) سندس حڪومت جي اوج وارو زمانو هو.

(44) ڏسو چاردن ڪي، ساموندي سفر ۾ (ii,235).

(45) جلال ديني دؤر (جلال الدين- يعني ايمان جي مضبوطي، اهو مالڪ شاهه جي گهٽن خطابن منجهان هڪڙو خطاب هو ۽ اهو لقب ڪيس 15 مارچ 1079 (471ھ) ۾ مليو هو. ڊڪائر هائيد، فارسين ۽ عربن جون اصلي شاهديون پيش ڪيون آهن. (16,200-21).

(46) هوءَ فارس وارن جي شاهيءَ ڪي هينئن ٽي بيان ڪري: ('سُجائي ۽ پينگيائيءَ کان ٻه وڌيڪ بدتر'). ائناڪمنينا، مالڪ شاهه جي حڪومت جي خاتمي جي وقت فقط نوَن سالن جي هئي ۽ جڏهن هوءَ سندس قتل جو ذڪر ڪري ٿي ته هوءَ سلطان ڪي وزير سمجهي غلط فهميءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿي. (اليگزيَس 178-vi,177).

(47) اهو ايڏو ته اڻ چٽو هيو جو فقط ايمر- ڊي گائينس ئي ان کي نقل ڪري سگهيو. (i,244,iii,i,269 وغيره) اهو ڪر سلجوقن يا ڪرمانن جي تاريخ بابت هيو جيڪو مشرقي واقعن ۾ ڄاڻايل هيو. انهن سيني گهراٽن جو ڊِيئو ٻارهين صدي عيسوي جي آخر تائين وسامي چڪو هيو.

(48) ٽيوَرنيئر فقط اڪيلو سياح هو جنهن ڪرمان کي ڏٺو هو ۽ اُهو گاديءَ جي هنڌ کي هڪ تباهه ٿيل ڳوٺ ٿو ڪوٺي جيڪو اصفحان کان پنجويهن ۽ اورمَس کان ستاويهن ڏينهن جي مسافري جيتري پنڌ تي هو ۽ اهي رستا سرسبز ۽ زرخيز خطي منجهان ٽي گذريا. (ترڪي جا ساموندي سفر هڪ نظر ۾، صفحا 107-110).

(49) ائناڪمنينا اسان کي ٻڌائي ٿي ته ايشيا مائنر جا ترڪ وڏي سلطان جي سفيرن جا حڪم مجيندا هيا (اليگزيَس vi,170) ۽ سليمان جي ٻن پٽن کي سندس گهر ۾ روڪيو ويو هيو. (ص 180).

(50) هن اظهار جو حوالو پيٽِٽ ڊي لاڪروئڪس طرفان اسان تائين پهتو آهي (واءِ، ڊي گينجسڪئن، ص 161) جيڪو فارس جي ڪنهن شاعر طرفان بيان ڪيل آهي.

(51) ايشيا مائنر جي فتح تي، ايم- ڊي گائينس، ترڪ يا عرب ليڪڪن کان ڪا به مدد نه ورتي آهي جيڪي رُوم جي سلجوقن کي بي نقاب ڪري ٿا ڇڏين. يوناني وري پنهنجي شرم کي لِڪائڻ ۾ پورا آهن. تنهن ڪري اسان کي ڪجهه اِشارا سيلزِس کان ونٽا پوندا. (صفحا 860,863) ۽ نائيسفورَس برينيَس (صفحا 88,91-92,103-104) ۽ ائناڪمنينا (اليگزيَس، صفحا 168,91-92 وغيره).

(*) (مائيڪل- vii ڊيوڪَس، شهنشاهه، 1071-1078).

(*) (اليگزيَس- I ڪومنيَس، شهنشاهه 1081-1118).

(†) (رابرٽ گِسڪارڊ، اپُوليا جو نارمن حاڪم).

(52) رُوم جو احوال ئي اهڙو آهي جنهن کي هيئتن بيان ڪيو آهي جيڪو آرمينيا جو تاريخدان هيو جنهن جي تاترين بابت تاريخ روميسيو ۽ برگران وٽ ملي سگهي ٿي. (ڏسو ابوالفدا ڪي، موسمن بابت سندس جاگرافي، xviii، صفحا 301-305).

(53) (گِبرٽ ائبٽ، تاريخ، هيروسول i,468) اها ڳالهه عجيب ٿي لڳي ته موجوده دؤر ۾ اسان ساڳين ماڻهن منجهان هڪ جهڙا ماڻهو ڳوليون. ('اهڙو ڪو به ظلم ڪونه هو جيڪو ترڪن طرفان ماڻهن سان نه ڪيو ويو هجي، ۽ اُنهن سپاهين جيان جيڪي ڪنهن به شهر کي تباهه ڪرڻ وقت وحشي بڻجي وڃن ٿا ۽ هر ان ماڻهوءَ تي هٿ کڻن ٿا جيڪو به سندن خيال يا تصور ۾ اچي ٿو ۽ سندن اها دعويٰ آهي ته هنن کو به چڱائيءَ وارو ڪم نه ڪيو آهي؛ ڪيترن ئي سپاهين (گهوڙي سوارن) يهودين جي عبادت گاهن جي مذهبي پيشوائن سان نهايت ئي ذلت آميز سلوڪ ڪيو ۽ يونان جا پادري به سندن غير انساني سلوڪ کان محفوظ نه رهيا'). (بئرن ڊي ٽاٽ جون يادگيريون، ii,193).

(54) شهنشاهه توڙي پادري ترڪن جي ڪئمپ جو احوال ائين بيان ڪن ٿا جڏ ته اُهي ٻئي اُتي موجود هيا. ('مائرن کي قابو ڪري، اُنهن جي ڏيئرن جي موجودگيءَ ۾ ڪيترن ماڻهن اُنهن سان زنا ڪئي ۽ سندن ڏيئُن کي ويتر مجبور ڪيو ويو ته اُهي ڳائڻ ۽ نچڻ ٽپڻ ۾ ساڻن شريڪ ٿين. هن گندي ڪم کان پوءِ ڏيئرن سان به ساڳي زيادتي ڪئي وئي').

(55) ڏسو انتاڪيا (ائنٽئڪ) ۽ سليمان جو موت ائناڪمنينا ۾. (اليگزيَس، vi,165-169) جنهن ۾ ڊوڪينج جا حاشيا به شامل آهن.

(56) ٽائِر جو وليَم (i,9-10,635) ترڪن جي سوين بابت مستند پر افسوسناڪ احوال ٿو ٻڌائي.

(57) فلانڊرس جي ڪورٽ ڏي لکيل هڪ خط ۾، اليگزيَس پنهنجي مرتبي ۽ ڪردار کان به گهٽو هيٺ يا نيچائيءَ طرف هليو ٿو وڃي؛ پر تنهن هوندي به ڊوڪينج سندس نيچائي واري رَويي تي اعتراض نٿو ڪري. (اليگزئڊ، صفحا 335 وغيره) جنهن کي ائبٽ گِبرٽ پنهنجي هڪ جملي

۾ بيان ڪيو آهي جيڪو سندن همعصر تاريخدان هيو. يوناني متن ماڻي نٿو ملي، هر مترجم يا ڪاپي ڪندڙ شايد ئي گبرٽ سان متفق ٿئي (ص 475) 'اهو منهنجن لفظن ۾ بيان ڪيل آهي'.

(58) حرقل (هيراڪليَس) کان صليبي جنگين تائين، جيروسلم جي تاريخ جو بهترين ذخيرو بن تحريري ٽڪرن ۾ محفوظ آهي جيڪي ذخيرو پڻ آهن ۽ انهن جو مصنف وليم- ٽائر جو مکيه پادري آهي (i,1-10,xviii,5-6) جيڪو گيستا دي جو وڏو مصنف پي آهي. ايم- دي گائينس هڪ عالماڻي تحرير لکي آهي. (نقش و نگار جي اڪيڊمي، 500-467,xxxvii).

(*) مُحَمَّد ﷺ جن کان پوءِ حضرت عمرؓ ٻيو خليفو هو جنهن 637 عيسوي ۾ هڪ رڻ پٽ کي اُڪاريو ۽ جيئن جيروسلم جي پيش پوڻ کي ماڻهائي سگهي.

(59) ٽائر جي وليم جي لاطينيت ڪنهن به صورت ۾ نفرت جوڳي نه آهي پر 490 سالن جا تفصيل لکندي، يعني جيروسلم جي وجائڻ کان پوءِ ٻيهر ان کي حاصل ڪرڻ تائين جو عرصو، هو حقيقت کان ٽيهه سال اڳتي هليو ويو آهي.

(†) (ان سان تعلق رکي ٿو).

(60) مقدس سرزمين سان چارليمئگني جي رابطن ۽ واسطن لاءِ ايگنهارڊ جو مطالعو ڪيو (16,79-82) ڪانسٽئنٽائن پورفروجينيٽس (شاهي انتظام، ii,20,80) ۽ پاگي، (تنقيد ٽام iii,800 عيسوي، نمبر 13-15).

(*) (خليفو، 786-809 ع).

(61) خليفي کيس پورا حق ۽ سهولتون ڏنيون: 'املافي جي سلچٽن ۽ دوستي لائق ماڻهن ڏانهن منسوب، جيڪي ڪارآمد سامان پهچائن ٿا'. (گيستا دي، ص 934) وينس کان مصر ۽ فلسطين ڏانهن واپار ذريعي اُهو لقب تيستائين نٿو ملي سگهي جيستائين اسين فرانسيسي ماڻهوءَ جو اهو ڪِلڻ جهڙو ترجمو پيش ڪريون جنهن غلط فهميءَ مان سرڪس جا ۽ طبقا (وينيٽي يا پراسيٽي) هڪ ٻئي سان بدلائي ڇڏيا هيا.

(†) (هڪ خدا ۾ يقين ڪرڻ وارا، هتي اهو اشارو فقط مسلمانن لاءِ آهي).

(62) جيروسلم جي عربي ۾ لکيل تاريخ (آسيمن، مشرقي واقعا، i,628,iv,368) خليفي ۽ تاريخدان جي لادينيت جو اعتراف ڪري ٿي، تنهن هوندي به ڪئٿاڪزين ان معاملي جي سچائيءَ جي تصديق ڪرڻ لاءِ ان کي مسلمانن ڏانهن رجوع ٿو ڪري ته ساڳي وقت معجزي جي سچائيءَ لاءِ به سندن تصديق جو طلبگار ٿئي ٿو.

(63) ڪليسائي تاريخ تي هڪ مضمون ۾، عالم فاضل موشير فريبڪاري واري معجزي تي جدا روشني وڌي آهي. (ii,214-306).

(64) مالسمبري جو وليمَ (iv,ii,209) جوڳي برنارڊ جي سفرنامي جو حوالو ٿو ڏئي جنهن جيروسلم کي 870 ع ۾ چگيءَ طرح وڃي ڏٺو هو ان معجزي جي تصديق هڪ ٻي زيارتي شخص به ڪئي آهي جيڪو موشير کان عمر ۾ ڪجهه سال وڏو هو؛ پر موشير جو پڪو خيال آهي ته ان معجزي کي چارليمئگني جي موت کان پوءِ فرئنڪن پاڻ ايجاد ڪيو هو.

(65) اسان جا سياح (سئنڈز ص، 134) ٽيونات (صفحا 627-621) ماندريل (صفحا 95-94) وغيره به هڪ ڏوکي ۽ وڏي فريبڪاريءَ کي بيان ڪن ٿا. البت ڪئٿولڪ عيسائي ايجا تائين فيصلو نه ڪري سگهيا آهن ڇاڪاڻ ته جيئن اهو ڏوکي وارو معجزو ختم ٿيو ته انڪلون ۽ چالبازيون شروع ٿي ويون.

(66) اوپر جا ماڻهو خود ان فريبڪاريءَ کي تسليم ڪن ٿا ۽ ان ۾ سڌاري آڻڻ يا ان جي حقيقت کولڻ تي زور ڀرن ٿا. (ڊي شوئليئر آرويڪس جون يادگيريون، ii,140) يوسف ابو دکني (مصري عيسائين جي تاريخ، باب 20) پر مان موشيم سان گڏجي ان جو طريق ڪار بيان نه ڪندس. اسان جا سياحَ، نئپلس ۾ سينٽ جئنوئرِس جي رَت جي معاملي ۾ ناڪام ٿيا آهن (جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته رت، پاڻي ٿي ويو هو).

(‡) (خليفو، 1021-996ع).

(67) ڏسو ڊي هربيلاٽ کي (مشرقي واقعا، ص 411) رينادوٽ (سردارن ۽ پادرين جي تاريخ، اليگزيَس، صفحا 401-390,397,400) ايلماسن (عرب مسلمانن جي تاريخ، صفحا 323-321) ۽ مئري (صفحا، 384-386) مصر جي هڪ تاريخدان جنهن جو عربيءَ مان جرمن زبان ۾ ترجمو رزڪي ڪيو هو، ان جو ترجمو وري منهنجي هڪ دوست مونکي ذاتي طور ڪري ٻڌايو هو.

(68) دروُزن جو مذهب، سندن ئي جهالت ۽ منافقت ۾ لڪل رهيو آهي. سندن ڳجها اصول ۽ مَتا انهن جي خاص ماڻهن تائين محدود ٿين ٿا جيڪي غور ۽ فڪر واري زندگي گذارن ٿا. باقي جيڪي جاهل ۽ جهنگلي دروز آهن، اُهي عام انسانن کان مختلف نظر ايندا آهن ۽ مذهبي طرح نه مسلمانن سان ملندا آهن ۽ نه وري پاڙي جي عيسائين سان سندن رابطو رهندو آهي. ڪجهه ٽورو گهٽو، جيئن اُهي آهن، وري به محنتي نيبهر وٽ ڏسي سگهجي ٿو (سامونڊي سفر، ii,354-357) ۽ اُنهن جو احوال ايم- ڊي والني جي سفرنامي جي هي جلد ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

(*) (معجزاتي شُعلو).

(69) ڏسو گلابر، (iii,7) ۽ بئرونيَس ۽ پاگي جا واقعا 1009ع.

(70) (’بيشمار ماڻهو هڪ ۽ ساڻئي وقت تي پنهنجي مسيحا جي مقبري تي جيروسلم ۾ وڃي گڏ ٿيا ۽ ايجا به وقفي سان گڏ ٿيندا رهيا، ماڻهن جي ايڏي ۽ ايتري وڏي تعداد جو ڪنهن کي به اُميد يا انديشو ڪونه هو، هيٺئين طبقي جا ماڻهو... وچين ڪلاس جا ماڻهو... بادشاهه ۽ نواب... قومي اڳواڻ، ڪيتريون ئي معزز عورتون... ۽ مسڪين ۽ غريب ماڻهو سڀئي هڪ جڳهه تي وڃي گڏ ٿيا. اُنهن مان گهڻن ماڻهن جي اها خواهش هئي ته پنهنجي وطن ڏانهن موٽي وڃڻ کان بهتر اهو هو ته هن مقدس سرزمين تي مري وڃن‘). گلابر، iv,6 فرانس جي تاريخدانن جو گلدستو، (x,50).

(*) (زيارتي).

(71) گلابر (iii,1) ڪٽونا (هنگري جي تنقيدي تاريخ، i,304-311) ان ڳالهه جو جائزو ٿو وٺي ته ڇا سينٽ اسٽيفن جيروسلم ۾ واقعي هڪ خانقاهه تعمير ڪئي هئي؟

(72) بئرونيَس (1064ع، نمبر 56-43)، اِنگلفس، مئرئيئس ۽ لئمبريٽس جي تحريرن جو ڪافي ڪامياب ترجمو ڪيو آهي.

(73) ڏسو ايلماسن (عرب مسلمانن جي تاريخ، صفحا 350-349 ۽ ابوالفراجيَس (خاندانن جي بادشاهت، ص 237 جنهن کي پوڪوڪ جي مقابلي ۾ لکيو ويو). ايم- ڊي گائينس (هُنن (HUNS) جي تاريخ iii,i,215-216) جنهن ۾ ابوالفدا ۽ نوائري جون شاهديون ۽ نالا ڏنا ويا آهن.

(74) ايٿار عزيز جي معرڪي ڪان (469هـ، 1076ع) آرتڪيُن جي نيڪاليءَ تائين (1096ع). تنهن هوندي به ٿاير جي وليم (i,6,633) جو خيال آهي ته جيروسلم انٽيهن سالن تائين ترڪن جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيو هو ۽ هڪ عرب تاريخدان، جنهن جو حوالو پاڳي ڏنو آهي، اندازو ٿو لڳائي ته شهر کي خارض ميان تباهه ڪري ڇڏيو هو جيڪو بغداد جي خليفي جو هڪ جنرل هيو، 463هـ، 1070ع). هي اڳيون تاريخون، ايشيا جي تاريخ سان گهٽي پاڳي مطابقت نٽيون رکن ۽ مون کي يقين آهي ته 1064ع تائين (قاهره جي) 'شاهي بابل' جو ڏاڪو ايا تائين فلسطين ۾ ڄميل هيو. (بئرونيَس، 1064ع، نمبر 56).

(75) ايم- ڊي گائينس (هُنن (HUNS) جي تاريخ، i,249-252).

(76) ٿاير جو وليَم (i,8,634) جنهن وڏي ڪوشش ڪئي آهي ته جيئن عيسائين جي شڪايتن کي وڏو ڪري ۽ وڌائي پيش ڪري. ترڪ هر زيارتيءَ کان هڪ سون جو ٽڪرو ونندا هيا؛ (۽ هي ٽئڪس ترڪن طرفان فقط عيسائي واپارين تي مڙهيو ويندو هو) جيڪو فرئنڪن جي مٽاسٽا موجب 14 ڊالرن جو آهي، بهرحال يورپ کي ان ٽئڪس کان ڪا به شڪايت ڪانه هئي.

باب اٺوَنجاهون

پهرين صليبي جنگ جي شروعات ۽ ماٿهن جو تعداد- لاطيني بادشاهن جو ڪردار- قسطنطنيه طرف سندن پيش قدمي- يوناني بادشاهه اليڪزيَس جي پاليسي- فرئنڪن طرفان نائيسيا، انتاڪيا ۽ جيروسلم جي فتح- مقدس مقبري جو چوٽڪارو- گاڈفري بولَن جيروسلم جو پهريون بادشاهه- فرانسيسي يا لاطيني بادشاهت جا ادارا.

ترڪن طرفان جيروسلم جي فتح کان ويهه سال پوءِ اميئيئس جي رهواسي ۽ هڪ ويراڳي پيٽر، مقدس مقبري جي زيارت وڃي ڪئي جيڪو فرانس ۾ پڪار ڏي(1) جي صوبي ۾ آهي. عيسائين کي جيڪي اذيتون مليون هيون اُنهن کيس غمگين بنائي ڇڏيو هو ۽ اُنهن سان همدرديءَ جا منجهس جذبا جاڳي پيا، هن پنهنجي وڏي مذهبي پيشوا سان حال وندیو ۽ ڏکوئيندڙ صورتحال تي ساڻس گڏجي ڳوڙها ڳاڙيا ۽ کانئس معلوم ڪيو ته يوناني بادشاهن کان، اوير جي ملڪن جي لاءِ مدد ونڊ جو ڪيترو امڪان هيو. سندس مذهبي چگي مڙس، ڪانسٽئنٽائن جي جانشينن جا عيب ۽ اوڻايون ويهي ڳڻايون پر ويراڳي پيٽر ساڻس هنن لفظن سان مخاطب ٿيو: "آءٌ يورپ جي جنگجُو قومن کي تنهنجي حق ۾ اُتارينديس". ۽ يورپ، ويراڳيءَ جي سڏ تي اُميد افزا موٽ ڏني. بزرگ سندس جوش جذبي تي حيران ٿيو پر پوءِ جلدئي ڪيس اعتماد وارا پر شڪايتن سان پريل خط لکي ڏنائين ۽ جيئن ئي هو باري جي خطي ۾ پهتو ته پيٽر روم جي وڏي پادريءَ آڏو جهُڪيو ۽ ڪيس پيرن تي چميون ڏنائين. هو قد جو ننڍو ۽ سندس مُنهن مُهاندو ٻُڌان ڏيارينڊ هيو پر سندس اکين ۾ چَمڪ ۽ هوشياري هئي ۽ سندس تقرير ۾ شعلہ بياني جا ايترا ته عنصر موجود هيا جو جيڪو به ڪيس ٻُڌندو هو ته ضرور متاثر ٿيندو هو(2). هو هڪ معزز گهراڻي ۾ پيدا ٿيو هو (جو ته اسان هاڻي جديد اصطلاح استعمال ڪنداسين) ۽ هن فوجي تربيت بولون جي نوابن جي چڱر چانوَ هيٺ حاصل ڪئي هئي جيڪي پهرين صليبي جنگ جا سپوت هيا. پر هن جلد ئي ترار کي خير باد چيو ۽ دنيا توڙي دنياداري کي به ڇڏي ڏنائين ۽ جيڪڏهن اهو سچ آهي ته سندس گهر واري، پُلي ڪٽي سڀي خاندان جي هئي، پر حقيقت اها آهي ته هوءَ وڏي عمر جي ۽ بيحد بُڇڙي هئي، تنهن ڪري هن سندس بسترو ڇڏي هڪ خانقاهه ۾ وڃي رهڻ شروع ڪيو ۽ ان فيصلي ڪرڻ ۾ ڪيس ڪا به زحمت ڪانه ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ هن خانقاهه کي به ڇڏي ڏنو ۽ راهبن جي ديري تي وڃي رهيو. سادگي واري اڪيلائيءَ ۾ هو ڳري هڏائون پڇرو ٿي ويو هو پر سندس اندر جو انسان وڌيڪ توانا ۽ طاقتور ٿي ويو. هو جيڪو ڪجهه چاهيندو هو ته اهو خود بخود ٿي ويندو هو ۽ جنهن ڳالهه جي خواهش ڪندو هو ته اُهو سڀ ڪجهه هو خوابن ۾ ڏسندو هو ۽ جلوَن ۾ پَسندو هو. زيارت جو هي طلبگار جيروسلم کان جڏهن واپس موٽيو ته مذهبي جنوني ٿي ويو؛ پر جيئن ته هو

پنهنجي وقت جي ديني چريائپ ۾ سيني کان اڳتي هو، پادري اربن- ٻئي، پيغمبرن جيان سندس استقبال ڪيو، سندس منصوبن جي واکاڻ ڪيائين۽ انهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ساٿس واعدو ڪيائين ته هو جنرل ڪائونسل ۾ سندس منصوبن جي پوئواريءَ ۾ سندس مدد ڪندو ۽ ڪيس همٿايائين ته 'مقدس ڏرتي' جي چوٽڪاري لاءِ پنهنجون ڪوششون پلي تيز ڪري چڏي. وڏي پادري طرفان سندس تعريف ڪرڻ ۽ ڪيس همٿائڻ تي، هن جا حوصلا اڳي کان به بلند ٿي ويا ۽ هن مذهبي پرچارڪ مختلف خِطن جو سفر ڪيو جنهن ۾ خاص نمايان اٽلي ۽ فرانس جا صوبا هيا. هو تمام معمولي ۽ ٿورڙو ڪاڏو ڪائيندو هو، سندس عبادتون ڊگهيون ۽ خلوص واريون هونديون هيون، ۽ خير خيرات ۾ جيڪو به مال زر ڪيس هڪڙي هٿ ۾ ملندو هو ته بنا دير اُهو سندس ٻي هٿ کان غريبن مسڪينن ڏانهن هليو ويندو هو؛ سندس متو ۽ پير اُگهاڙا هوندا هيا ۽ سندس هڏائين پڇري جهڙو ٿورڙو جسر گدر جهڙي ڪپڙي سان اوڍيل رهندو هو، هن کي هميشه هڪ وزني صليبي نشان پاتل هوندو هو جنهن جي هو نمائش ڪندو رهندو هو ۽ جنهن گڏهه تي هو سواري ڪندو هو، اُها به ماٿهن جي نظر ۾ مقدس هوندي هئي ڇاڪاڻ ته هو ان متان سواري تڏهن ڪندو هو جڏهن الله جي راهَ ۾ ڪيس ڪو ڪم ڪرٽو هوندو هو. هو بيشمار ماٿهن آڏو مذهبي پرچار ڪندو رهندو هو يعني ڪليسائن، ڳلين، گهٽين ۽ رستن تي بيهي ماٿهن کي سمجهاٽيون ڏيندو هو، شاهي محلات توڙي ماٿهن جي گهرن ۾ وڃڻ جي ڪيس عام اجازت هئي، ۽ هر خاص توڙي عام سندس تقريرون ٻڌي پڇتائيندا هيا ۽ گناهن کان توبهه تائب ٿيندا هيا. جڏهن هو مقامي ماٿهن توڙي فلسطين جي زيارتين جي تڪليفن ۽ ڏکن جي منظر ڪشي ڪندو هو ته هر سنگدل به موم ٿي رحمدليءَ تي مائل ٿي ويندو هو ۽ روئي ڏيندو هو؛ ۽ جڏهن هو پنهنجن دؤر جي ويڑهاڪن کي پنهنجي ملڪ جي حفاظت ۽ پنهنجي محبتن کي بچائڻ لاءِ تقرير ڪندو هو ته ماٿهو ڪاوڙ ۽ غيرت جي جذبن سان پرجي ويندا هيا؛ نفاست جي فن ۽ ٻوليءَ کان سندس ناواقفيت جو ازالو سندس ٽڏن ساهن، ڳوڙهن ۽ جذبن جي ٻاهر اڇڻ ذريعي ٿي ويندو هو ۽ جيڪڏهن ڪٽي سندس دليل اٽپورا هوندا هيا ته پوءِ هو حضرت عيسيٰؑ ۽ سندس ماءُ جي خدمت ۾ وڏي واڪي پر عاجزيءَ مان التجائون ڪندو هو، ان سان گڏ هو جنت جي فرشتن ۽ درويشن کي به ٻاڏائيندو هو جن سان سندس گفتگو جو ذاتي سلسلو جاري رهندو هو. اٽينس جا وڏي ۾ وڏا تقرير جا ماهر به سندس تقرير جي فصاحت بلاغت تي ريسون ڪندا هيا ۽ هي ڳوناٽو ۽ گهٽ پڙهيل جوشيلو شخص ماٿهن جي دلين ۾ جذبات اُپارڻ ۾ مهارت رکندو هو ۽ عيسائي دنيا وڏي بي چينيءَ مان پنهنجي وڏي ۾ وڏي پادري جي هدايتن ۽ سندس حڪمن جي منتظر رهندي هئي.

گريگري ستين(*) جي فراخ دليءَ واري جذبي اڳيئي يورپ کي ايشيا جي خلاف مسلح ڪري چڏيو هو ۽ سندس جذبن جي خوشبوءَ جو واس ايجا تائين سندس خطن مان ماٿهن کي ايندو رهندو آهي. ائلپس جبل جي ٻنهي پاسن کان پنجاهه هزار ڪئٿولڪ عيسائين، سينٽ پيٽر(3) جي جهنڊي هيٺ پنهنجا نالا داخل ڪرايا هيا ۽ سندس جانشين سندس ارادن بابت انڪشاف ڪيو ته اِهو لشڪر مسلمانن خلاف وڙهڻ لاءِ تيار ٿيو هو جيڪي سندس نظرن ۾ خراب، ناپاڪ ۽ مُحَمَّد ﷺ جن جا پوئلڳ هيا. پر ڪاميابيءَ جي صورت ۾ مان شان ماٿڻ ۽ ناڪاميءَ جي صورت ۾ مِهٽا ملڻ جي سڄي ذميداري اُربن، ٻئي(†)(4) تي هئي جيڪو عيسائين جي لاءِ ڪارآمد ۽ وفادار شخص هيو. هن اوپر جي ملڪن جي فتح حاصل ڪرڻ جي مهم شروع ڪري چڏي، جڏهن ته روم جي گهٽي حصي تي نه رڳو سندس مخالف

گبرٽ روينا جو قبضو هو پر هن کيترن شهرن جي قلع بندي به ڪرائي ڇڏي هئي. اربن سان سندس مخالفت فقط پادريت جي منصب جي اعزاز ماڻڻ لاءِ هئي. هن اها به ڪوشش ڪئي ته جيئن اولهه جي ملڪن ۾ اتحاد ٿي وڃي جڏهن ته کيترا بادشاهه ڪليسا مان نيڪالي ملڻ تي عوام توڙي پنهنجي ديوَل کان ڪٽجي چڪا هيا ۽ اهو ڪم هن پاڻ ۽ سندس ابن ڏاڏن، شهنشاهه ۽ فرانس جي بادشاهه خلاف شروع ڪيو هو. فرانس جي فلپ پهرئين(‡)، پنهنجي خلاف نفرتن کي صبر سان برداشت ڪيو ڇو ته هن، پنهنجي بدنامي واري زندگي ۽ هڪ فاحشه عورت سان شادي ڪري، ماڻهن جي نفرت وارن رَوين کي ڇڻ پاڻ دعوت ڏني هئي. جرمني جي هينري چوٿين(*) پنهنجي مٽاهين درجي جي حق کي ورجايو ۽ پنهنجن پادرين کي مُندي ۽ خاص لَکڻ عطا ڪيو. پر شهنشاهه جي ڏُر کي نارمنس جي فوجن ۽ نوابزادي مٽلدا(*)(*) اٽلي ۾ تباهه ڪري ڇڏيو ۽ پراٽي جهيڙي ۾ زهر ان وقت اوتيو ويو جڏهن سندس پٽ ڪونراڊ پيءُ جي خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو ته وري سندس زال(5) جي بي شرمائيءَ ۽ زخمن تي لوڻ ٻُرڪيو جڏهن ڪانسٽنس ۽ پليسينشيا جي پئنچاتن ۾ سندس زال بيشمار پيرا زناڪاريءَ جو ڏوهه باسيو جنهن ۾ سندس مڙس جو به هٿ هيو جنهن ۾ رَنَ پنهنجي توڙي پنهنجي مڙس جي عزت کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو(6). اربن جو مقصد يا ارادا ايترا ته مشهور هيا ۽ سندس اثر رسوخ ايترو ته وسيع هيو جو جنهن ڪائونسل جو اجلاس هن پليسينشيا ۾ سڏرايو هو(7)، ان ۾ اٽلي، فرانس، برگنڊي، سوابيا ۽ بوَئريا جي ٻن سوَن پادرين کان سواءِ چار هزار مذهبي ماڻهن ۽ ٽيهه هزار عام خاص عوام هن ميڙ ۾ شرڪت ڪئي هئي ۽ جيئن ته ڪيڏي به وڏي ڪليسا ۾ عوام جو هيڏو سارو هجوم ماپي نه سگهي ها ته ستن ڏينهن جي ڪانفرنس کي هڪ ڪليل ميدان تي منعقد ڪيو ويو جيڪو شهر جي بلڪل ويجهو هيو. يونان جي شهنشاهه اليگزيَس ڪمنيئس جي سفيرن جو تعارف ڪرايو ويو ته جيئن اُهي پنهنجي حاڪم جي تڪليفن کي بيان ڪن؛ هوڏانهن قسطنطنيه طرفان به خطرو موجود هو جيڪو سمنڊ جي سنهي پٽيءَ ذريعي ٻن حصن ۾ ورهايل هو جنهن مان هڪ تي فاتح ترڪن جو قبضو هو جن کي عيسائيت جي نالي کان به ڇڪ ايندي هئي ۽ اُهي عيسائين جا سخت دشمن هيا. ٻاڏائڻ واري انداز ۾ هنن تقرير شروع ڪئي ۽ لاطيني بادشاهن جي خوشامد ڪرڻ شروع ڪيائون ۽ عاجزيءَ مان ڪين عرض ڪيائون ته پنهنجي مذهبي پاليسيءَ کي نظر ۾ رکندي هو پرپور ڪوشش ڪن ته جيئن بربرن (مسلمانن) کي ايشيا جي حدن مان تڙي ڪڍن، پر جي ڏَرَ ڏني وئي ته هو ويتر يورپ تي به قابض ٿي ويندا. پنهنجن اوپر وارن پائرن جي ڏکوئيندڙ داستانن ۽ سندن تڪليفن جي بيان تي، ماڻهن جي سڄي ميڙ کان اوچنگارون نڪري ويون ۽ سڀئي زارو قطار روئي رهيا هيا ۽ ڪيترن جوشيلن ته هن موقعي تي پنهنجي ٽُرت تياري جو ارادو ڏيکاريو ته دشمنن خلاف هڪدم ڪاهي هلجي، يوناني سفيرن کي واپس وڃڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ کين يقين ڏياريو ويو ته سندن تڪليفن جو جلد ازالو ڪيو ويندو جيڪو کين مطمئن ڪري ڇڏيندو. فلسطين جي چوٽڪاري جي منصوبي سان گڏ قسطنطنيه جي مدد ڪرڻ جو پروگرام به ذهن ۾ رکيو ويو، پر هن سلسلي ۾ اربن دوراندیشي ڪندي آخري فيصلي کي تيستائين ملتوي ڪرڻ جو مشورو ڏنو جيستائين اهڙو ڪو ٻيو اجلاس ڪوٽايو وڃي، جنهن جي تاريخ جو به پاڻ اعلان ڪيائين ته ساڳئي سال خزان جي موسم ۾ فرانس جي ڪنهن شهر ۾ اهو ميڙاڪو ٿيندو. 'جيڪا وچ ۾ وٽي پوندي'، اربن پنهنجي تقرير ۾ چيو، 'ان ۾ ماڻهن جا جوش جذبا وڌندا'. پنهنجي قوم جي

سپاهين(8) تي کيس بجا طور تي ناز هو جيڪي پنهنجي نالي ۽ ناموس کي اجا متاهون ڪندا ۽ پنهنجي عظيم سپوت چارليمئگني(9) جي بهادريءَ جي نقش قدم تي هلندا، جنهن مشهور ٽرين(10) جي معرڪي ۾ 'مقدس سرزمين' کي فتح ڪرڻ جو ڪارنامو ڪري ڏيکاريو هو. فرانس جي ڪنهن شهر ۾ اجلاس سڏائڻ ۾ اربن جو هڪ ذاتي مقصد به هو. هو پاڻ به فرانس جو رهواسي ۽ ڪلگني(*) جو ويراڳي هيو، ۽ پنهنجي ملڪ جو پهريون ماڻهو هو جيڪو سينٽ پيٽر جي تخت تي وينو هو. هِن پادري پنهنجي صوبي توڙي پنهنجي ڪٽنب کي ڪافي اڳتي وڌايو هو، تنهن ڪري هن سوچيو هو ته ان کان وڌيڪ بي وڌي خوشي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي ته هو وڌي شان مان سان پنهنجي ملڪ جو ٻيهر چڪر لڳائي اچي جتي هن پنهنجو نندپڻ مسڪينيءَ جي حالت ۾ گذاريو هو.

اها ڳالهه ممڪن آهي ته اچرج جهڙي لڳي ته روم جي پادري، فرانس جي وچ ۾ هڪ اهڙي عدالت قائم ڪري ڇڏي جتان هن بادشاهه جي خلاف لعنت ملامت جو وسڪارو شروع ڪري ڇڏيو پر اسان جو تعجب شايد جلد ختم ٿي ويندو ڇاڪاڻ ته اسان يارهين صدي جي فرانس جي بادشاهه لاءِ انصاف واري راءِ رکون ٿا(11). فلپ- پهريون، هُو ڪئپٽ جو پوٽو هو جيڪو پنهنجي قوم جو پايو وجهندڙ هيو، جنهن چارليمئگني جي پيڙهي جي زوال کان پوءِ، پئرس ۽ آرليَنس جي سندس موروثي ملڪيتن کي شاهي لقب عطا ڪيو هو. هڪ محدود دائري ۾ وٽس دولت ۽ ديدبو ضرور هيو، پر فرانس ۾ مجموعي طرح هو توڙي سندس جانشين دستوري وڏيرن يا سردارن کان مٿي ڪجهه به نه هيا جن وٽ سٽ ڪن معززين ۽ سرواڻ هيا جيڪي پاڻ به خودمختيار ۽ موروثي طاقت رکندڙ هيا(12) ۽ اُهي سڀني قانونن ۽ قاعدن کان نفرت ڪندا هيا ۽ نه وري اسيمبلين ۾ يقين رکندا هيا ۽ جڏهن هنن پنهنجي حاڪم جي نافرماني ڪئي ته ان جو بدلو ڪين اهو مليو جو سندن ادنيٰ نوڪرن چاڪرن به سندن حڪمن کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ڪلرمانٽ ۾ جيڪي آوَرن(13) جي نواب جون حدون هيون، مڪيه پادري فلپ جي ناراضگي جي پرواهه ڪرڻ بغير اُهو سڀ ڪجهه ڪندو هو جيڪو ڪجهه هو چاهيندو هو ۽ جيڪا ڪائونسل هن ان شهر ۾ ناهي هئي اُها پلاسينشيا جي پئنچائت(14) يا گڏجاڻيءَ کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ نه هئي. سندس عدالت ۽ روم جي ڪليسا جي نمائندن جي ڪائونسل کان سواءِ، ڪيس تيرهَن مڪيه بشپن ۽ به سو پنجويهن پادرين جي حمايت حاصل هئي، نائب پادرين جو تعداد چار سؤ ٻڌايو ويو آهي ۽ ڪليسا جي فادرس تي بزرگن جون مهربانيون هوندیون هيون ۽ ان دؤر جا ڊاڪٽر يا عالم سندن رهنمائي ڪندا رهندا هيا. سندس طرفان ڪونايل گڏجاڻيءَ ۾(15)، پاڙي وارين بادشاهتن کان وڏي تعداد ۾ جنگجُو قسم جا سردار، سرواڻ ۽ نواب شريڪ ٿيا ۽ سيئي، جيڪي هزارن جي تعداد ۾ هيا ۽ نومبر جي مهيني ۾ هنن هڪ وڏي ميدان تي پنهنجي رهڻ جا تنبو لڳائي ڇڏيا هيا، بيحد سَرها ۽ پُر اُميد هيا. ڪائونسل جو اجلاس اَٺ ڏينهن هليو جنهن ۾ ڪافي لاياڻتا ۽ سُڌارن وارا فيصلا ٿيا جيڪي سندن پنهنجن طور طريقن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ هيا؛ ۽ نندين نندين ذاتي قسم جي جنگين يا جهيڙن جهڳڙن کي سختيءَ سان نِنديو ويو ۽ 'جنگ کي ترڪ ڪرڻ(16)' (TRUCE OF GOD) جي عهدنامي تي پابند رهڻ جو سڀني کان واعدو ورتو ويو جنهن ۾ هفتي جي چئن ڏينهن ۾ جنگ ڪرڻ جي سخت منع هوندي آهي، عورتن ۽ پادرين جي حفاظت ڪرڻ جو ذمو ڪليسا کي سؤنپيو ويو ۽ هارين نارين ۽ واپارين کي وڏيڪ ٽن سالن تائين حفاظت جو يقين ڏياريو ويو جيڪي اڳ فوجي ڦرلُٽ جو شڪار ٿيا هيا. پر قانون، پلي ڪيترو به مقدس ۽ سخت چو نه هجي، ماڻهن جي پراڻن طور طريقن ۾ هڪدم انقلابي تبديلي نٿو آڻي سگهي ۽

اربن جي پرخلوص ڪوششن جي ٻ ايتري تعريف نٿي ڪري سگھجي جو ٿ هن ٻ جاکوڙ ڪئي ٿ جيئن مقامي جھيڙن جھڳڙن جي فضا کي ڪجھ ٺڏو ڪري مائار ۾ آڻجي ٿ جيئن جنگ جا شعلا ائٽلانٽڪ کان فرات تائين نہ ڦھلجي وڃن. پلاسينشيا جي گڏجاڻيءَ کان پوءِ ڪيترائي افواھ اُڏي پيا جيڪي سفر ڪندا مختلف ملڪن تائين پھچي ويا ۽ خاص طرح اُتان واپسيءَ تان مذھبي ماڻھن هر ضلعي ۾ اھا خبر پھچائي ٿ بس 'مقدس ڏرتي' جو چوٽڪارو جلد ٿيڻ وارو آهي ۽ جڏھن وڏي پادري ڪلرمانٽ جي وچ شهر ۾ مُناري تي چڙھي تقرير ڪئي ٿ سندس فصاحت بلاغت کي وڏن دانائن ۽ سخت منتظر ماڻھن وڏي غور سان ٻُڌو. سندس موضوعَ واضح هيا، سندس لفظن ۾ ڪاوڙ ۽ گرمي هئي ۽ ائين ٿي لڳو ٿ ڪاميابي يقيني هئي. ڳالھائڻ جي ماهر جي تقرير دؤران هزارين ماڻھن رڙيون ڪندي ۽ هڪ آواز ۾ پُڪاري ڪيس موٽ ڏني: 'الله ٻ ائين ٿو چاهي، الله ٻ ائين ئي ٿو چاهي(17)'، 'تحقيق خدا جي ٻ ساڳي مرضي آهي'. پادري وراڻيو ۽ "اڄ کان پوءِ هي نعرو اوهان مان هر هڪ جي زبان تي هجڻ گھرجي ۽ ان نعري کي، جنھن ۾ 'مقدس روح' شامل آهي، خاص طرح جنگ جي دؤران بار بار دھرايو ۽ ورجايو وڃي ٿ جيئن حضرت عيسيٰ جي متوالن ۽ چاهيندڙن جو جوش جذبو عروج تي پھچي وڃي ٿ سندن همت ۽ جرئت ٻ زوران زور ٿي وڃي. حضرت عيسيٰ جي صليب جو نشان اوهان جي چوٽڪاري جي ضمانت آهي. تنھن ڪري ان کي سدائين پاڻ تي پاتل رکو ۽ ان کي هرگز نہ لاهيو، ۽ هي هڪ ڳاڙھو ۽ رت سان پريل صليبي نشان آهي جيڪو اوهان جي سينن ۽ ڪُلھن تي نمايان هئڻ گھرجي جنھن مان اوهان جي دائمي ارپنا ۽ اڻ موٽ جذبن جي ترجماني ٿيندي". وڏي پادري جي تقرير کي پسند ڪيو ويو ۽ سندس هدايتن تي فورن عمل ڪيو ويو، ڪيترن مذھبي توڙي عام ماڻھن پنھنجن ڪپڑن تي صليب جا نشان(18) لڳرائي اُنھن کي پائڻ شروع ڪيو ۽ پادريءَ تي زور پريائون ٿ هو جنگ لاءِ اڳتي وڏي ۽ هو سندس پٺيان هلندا. پر گريگري جي جانشين دوراندیشي ڪندي هن خطرناڪ اعزاز کي حاصل ڪرڻ کان انڪار ڪيو، چاڪاڻ ٿ ڪيس خدشو هو ٿ ائين ڪرڻ سان ڪليسا ۾ وڏا بندي ٿي ويندي ٿ ساڳي وقت سندس ڏنارکي زندگي ۾ پڻ خلل پوندو؛ جوشيلي ميڙ جي ماڻھن کي نرميءَ مان سمجھائيندي چيائين ٿ انھن منجھان ڪيترائي ماڻھو، پنھنجي جنس، عمر، ڪنھن نقص يا پيشي جي لحاظ سان جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جا اهل نہ آهن، تنھن ڪري اوهان جي لاءِ بهتر اهو آهي ٿ پنھنجين عبادتن، دعائن ۽ خير خيرات ذريعي پنھنجن ضرورت مند پائرن جي مدد ڪريو. هن پنھنجا قانوني اختيار اڏيمر جي حوالي ڪري ڇڏيا جيڪو پاءِ جو پادري هيو ۽ جيڪو هتان جي ماڻھن ۾ پھريون معتبر ماڻھو هو جنھن کي صليب جي نشان سان نوازيو ويو هو. هتان جا جيڪي بيا معتبر ۽ معزز ماڻھو هيا اُنھن ۾ سيني کان مٿيرو، ٽولوز جو امير ريمنڊ هيو جنھن جي سفيرن، ڪائونسل جي وڏي گڏجاڻيءَ ۾، سندس غير حاضريءَ جو ڪو جائز سبب ڄاڻايو هو ۽ پنھنجي مالڪ سان وفاداريءَ جو عزم ڪيو هو. پنھنجن گناهن جي اعتراف ۽ اُنھن جي معافي ملڻ کان پوءِ، صليب جي پوئلڳن کي هلڪي تنبيھ ڪرڻ بعد کين حڪم ڏنو ويو ٿ هو پنھنجي دوستن ۽ ملڪ جي ماڻھن کي دعوت ڏين چاڪاڻ ٿ 'مقدس سرزمين' ڏانھن ڪاهڻ جو پروگرام هڪ سالياني جشن کان پوءِ طئي ڪيو ويو هو ۽ ايندڙ سال جي پندرهين آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي(19).



مسلمان ۽ عيسائين جون صليبي جنگيون

تشدد جي ترغيب، انساني فطرت ۾ شايد هاڻي ايتري تہ شامل ٿي وئي آهي جو ٽورڙي ڇڙ يا ڪاوڙ تي بہ ماڻهو آپي کان ٻاهر نڪري ٿو وڃي، حالانڪہ ڏنو وڃي تہ هي نهايت اعتراض جوڳو حق آهي، پر اهو قومن جي وچ ۾ جهيڙي جهڳڙي ۽ آخرڪار جنگين جي صورت ۾ ويجي ٿو دنگ ڪري. پر هڪ مقدس جنگ جو نالو توڙي ان جي نوعيت ئي نرالي آهي جنهن تي گهٽي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ اسان ان ڳالهہ تي بہ اعتبار نہ ڪنداسين تہ امن جا محافظ سواءِ ڪنهن سبب جي ڪنهن انسان جي خلاف ترار مياڻ مان ڪيندا ۽ تباهي مچائيندا، سواءِ ان جي جو مقصد نج ۽ سچو هجي، جهيڙو يا جنگ جائز هجي ۽ ضرورت اٽٽر هجي. ڪنهن بہ عمل جي پاليسي ڪنهن تجربي جو نچوڙ هوندي آهي، پر عمل ڪرڻ کان اڳ اسان جو ضمير پوريءَ طرح مطمئن هئڻ گهرجي تہ جيڪو ڪم اسان کي ڪرڻو آهي اُهو جائز ۽ انصاف جي تقاضائن مطابق هئڻ گهرجي. صليبي جنگين جي دؤر ۾، اوپر توڙي اولهہ جي عيسائين کي چيو ويو هو تہ هو قانون ۽ انصاف جي پاسداري ڪن ۽ سندن مقصد ۽ مؤقف جائز هجڻ گهرجي، پر، سندن پاڪ ڪتاب يعني انجيل جي مسلسل غلط استعمال سبب سندن دليلن تي ڏنڊ ڇانئجي ويو هو يا ٻين لفظن ۾ اُنهن ۾ ايترو وزن نہ رهيو هو، پر ان جي باوجود اُهي پنهنجي مذهب جي حفاظت ڪرڻ جي پنهنجي فطري حق تي زور ڏيندا رهيا ۽ هو 'مقدس ڏرتي' تي بہ پنهنجو حق جمائيندا رهيا تہ ساڳئي وقت لادين ٽولن توڙي مسلمانن جي روَين جي بہ شڪايت ڪندا رهيا جن کي هو پنهنجو دشمن سمجهندا هيا(20). I پنهنجي جائز حفاظت جي حق ۾ اسان جا شهري ۽ روحاني اتحادي اچي وڃن ٿا ۽ ان حق جي استعمال ڪرڻ جو دارومدار خطري جي وقت ۾ هوندو آهي ۽ ان خطري جو اندازو هر طرف جي جائزن وٺڻ کان پوءِ ٿيندو آهي يعني دشمن جي طاقت توڙي ڪدورت ڪيتري وڏي آهي. مسلمانن تي هڪ زهريلي ۽ هاڃيڪار عقيدي يا نظريي جي تهمت مڙهي وئي آهي تہ 'هر غير مذهب کي پنهنجي ترار جي زور تي تباهہ ڪرڻ سندن فرض ۾ شامل آهي'. پر لڳي ٿو تہ هي الزام جيڪو، جهالت ۽ عيسائين جي مذهبي ڪٽرپڻي جو نتيجو آهي، قرآن ان کي بلڪل رد ڪري ڇڏيو آهي، تہ ساڳئي وقت مسلمان فاتحن جي تاريخ بہ شاهد آهي جنهن ۾ سندن حڪومت ۾ عيسائين کي مڪمل مذهبي آزادي مليل هئي تہ ساڳي وقت گهمڻ ڦرڻ، کين برداشت ڪرڻ توڙي قانوني حقن جي استعمال ۾ بہ هو پوريءَ طرح آزاد هيا. پر ساڳي وقت ان ڳالهہ کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ اوپر جون ڪليسائون، سندن سخت قسم جي حڪومت ۾، مايوسي ۽ نراسائيءَ جو شڪار رهيون آهن ۽ هيو تہ امن هجي يا جنگ، اُهي (مسلمان) پنهنجي عالمي شهنشاهت کي قائم ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي دعويٰ جمائڻ لاءِ حربا هلائن ٿا ۽ ان کان سواءِ جيئن تہ سندن مذهب ۾ بنياد پرستي گهٽي آهي تہ سندن مذهب اختيار نہ ڪرڻ واريون قومون پنهنجي مذهب يا آزاديٰ گنوائڻ جي مسلسل خطري ۾ رهن ٿيون. يارهين صدي عيسوي ۾، ترڪن جي فاتح فوجن، اهڙن نقصانن جو اندیشو ايجا وڏائي ڇڏيو هو. هنن ٽيهن سالن کان بہ گهٽ عرصي ۾ ايشيا جي بادشاهتن کي شڪستون ڏئي پنهنجي تابع ڪيو هو ۽ اُنهن بادشاهن جو دائرو جيروسلم کان هيلسپانٽ تائين وسيع هيو؛ ساڳيو حال يونان جي شهنشاهت جو هيو جيڪا سندن خوف کان ڪنبي رهي هئي ۽ تباهيءَ جي ڪناري تائين پهچي چڪي هئي. ان کان سواءِ، سندن يائرن لاءِ همدرديءَ جو جذبو پنهنجي جاءِ تي، پر حقيقت اها آهي تہ لاطينين کي قسنطنطيه جي حمايت ڪرڻ جو حق بہ هيو تہ سندن دلچسپي بہ هئي، جيڪو اولهہ جي ملڪن لاءِ وڏي ۾ وڏي رُڪاوٽ هيو ۽ حفاظت جو حق اهو آهي تہ حملي جي اڳرَ کي نہ رڳو روڪجي پر ان کي ڌِڪي، پنتي هٽائي ۽ ناڪام بڻايو وڃي.



پهرين ۽ ٻين صليبي جنگ

هن سڀني مقصد کي شايد ٿورڙي مدد ۽ همدردي سان ٻه حاصل ڪري سگهجي ها پر اسان جا مانيٽا دليل، بيشمار ميزبانن ۽ ڏورانهن علائقن کي حاصل ڪرڻ جي حڪمت عملي کان شايد پنهنجي دعويٰ ختم ڪري ڇڏين، ڇو ته اهڙن سببن جي ڪري ايشيا سخت متاثر ٿيو هو ۽ يورپ جي وڌندڙ آبادي۽ کي ٻه ڏڪ رسيو هو. II فلسطين، لاطينين جي سلامتي يا سندن طاقت وڌائڻ لاءِ ڪجهه ٻه نٿي ڪري سگهيو ۽ فقط مذهبي جنون ئي هڪ اهڙو هٿيار هو جنهن کي بهانو بڻائي ان ڏورانهين صوبي کي فتح ڪرڻ لاءِ جواز پيدا ڪري پيو سگهجي. عيسائين کي پڪ هئي ته سندن 'چوٽڪاري ڏيارڻ' واري جي رت وهڻ کان پوءِ، مقدس ڌرتيءَ تي سندن اڻ مِٽ دعويٰ جا دروازا بند ٿي ويا هيا؛ تنهن ڪري هاڻي کين پنهنجو حق گهرڻو ۽ مقدس فرض نبائڻو هو ته جيئن پنهنجي پراڻي ورثي کي ناجائز قابضن کان بچائي سگهن جن سندن مقبري جي بي حرمتي ڪئي هئي ۽ سندس پوئلڳن ۽ زيارتين کي اذيتون رسايون هيون. اهو چوڻ بلڪل اجايو ٿيندو ته حضرت عيسيٰ۴جي قانون نافذ ٿيڻ کان پوءِ جيروسلم جي اهميت يا فلسطين جي تقدس ۾ ڪمي آئي آهي يا ان جو خاتمو ٿي ويو هو؛ ۽ عيسائين جو خدا کو مقامي ديوتا ناهي ۽ ڪٿلوَري (جتي حضرت عيسيٰ۴ کي صليب تي چاڙهيو ويو هو) توڙي حضرت عيسيٰ۴جي پينگهي ۽ سندس مقبري جي واپسي کي يقيني بڻايو پي وڃي تڏهن ٻه انجيل جي اخلاقي اصولن جي پڇڙي

جي تلافي هرگز نہ ٿي سگھندي. اھڙا دليل، وھمن وسوسن جي شِيھي جھڙي مضبوط ديوار کي ب اورانگھي ٿا وڃن، ۽ ھڪ مذھبي ذھن، ڳجھن رازن ۽ معجزن جي مقدس مرتبي کي آسانيءَ سان چڏي نہ سگھندو. III مذھبي جنگيون، جيڪي دنيا جي گولي تي ھر موسم ۾ لڙيون ويون آھن ۽ جن جو دائرو ھڪ طرف مصر کان لائيوونيا تائين تہ بي طرف پيرو کان ھندستان تائين ھيو، اُنھن کي ڪجھ لچڪدار اصولن جي حمايت جي ضرورت آھي. اھو ھڪ اندازو لڳايو ويندو آھي ۽ اُن تي يقين ب ڪيو ويندو آھي تہ مذھبي اختلاف دشمني ڪرڻ لاءِ ھڪ جائز سبب ھوندو آھي؛ ۽ عيسائين ۾ اھو ب عقيدو ھوندو آھي تہ جيڪي ب سندن نظرن ۾ غير مذھب آھن اُنھن سيني کي پلي صليب جي وارثن ھٿان قتل ڪرايو وڃي، تہ ساڳي وقت اھو ب چيو ويندو آھي تہ دشمنين ۾ ب وقار قائم رکڻ يا بي کي معاف ڪرڻ بھتر حڪومت ڪرڻ جو نسخو ۽ رحم جو بھترين مثال آھي. پھرين صليبي جنگ کان چار سؤ سالن کان ب اڳي، جرمني ۽ عربستان جي بربرن رومي شھنشاھت جا اوپر توڙي اولھ جا صوبا لڳ ڀڳ ساڳئي وقت ۽ ساڳئي طريقي سان ھٿ ڪيا ھيا. وقت ۽ عھدنامن عيسائي فرئنڪن جي سوين کي پڪو پختو ڪري چڏيو ھو پر سندن رعيت جي ماڻھن توڙي سندن پاڙيسري ملڪن جي نظرن ۾ مسلمان بادشاھ سندن پيٽ ۾ وڌيڪ آمر ۽ غاصب ھيا، تنھن ڪري سندن خواھش ھئي تہ جنگ ذريعي يا جھيڙن جھگڙن سان غير قانوني قابضن کي قانون جي جنگ ذريعي ٻاھر ڪڍيو وڃي(21).

جيئن تہ عيسائين جي رھٹي کھٹي ۾ ڪجھ نرمي آئي ھئي تہ سندن پڇتاءُ جي نظر ۽ ضبط(22) کي لاڳو ڪيو ويو ھو ۽ جيئن سندن گناھن جو تعداد وڌندو ويو تہ انھن جي تدارڪ يا علاجن ۾ ب واڌارو ايندو ويو. اوائلي ڪليسا ۾، جيڪڏھن ڪو ماڻھو پنھنجن گناھن جو سڃائيءَ سان اعتراف ڪندو ھو تہ ان جو ڪفارو خود بخود ادا ٿي ويندو ھو. يورپي تاريخ جي وچئين دؤر ۾ پادري ڪنھن ڏوھاريءَ کان آڏي پڇا ڪندا ھيا ۽ کيس مجبور ڪندا ھيا تہ ھو پنھنجن خيالن، لفظن ۽ عملن جو پورو تفصيل ڪين ٻڌائي ۽ سڀ ڪجھ ٻڌڻ کان پوءِ کيس ٻڌائيندا ھيا تہ ڪھڙن شرطن تي الله ساڻس راضي ٿي سگھي ٿو يا پرچي سگھي ٿو. پر جيئن تہ اھڙن انڊل اختيارن مان پادري کو ناجائز فائدو وٺي ٿي سگھيا ۽ ملزم سان زيادتي ٿيڻ جو انديشو ھيو، تنھن ڪري ھڪ باقاعدگي واري نظر ۽ ضبط جو سرشتو تيار ڪيو ويو جنھن ذريعي ھاڻي روحاني ججن کي سندس مقدر جو فيصلو ڪرڻو ھو. قانون جو ھي طريقو يونانين طرفان ايجاد ڪيو ويو ھو، سندن ندامتي طريقن(23) جو ترجمو ڪري اُنھن کي لاطيني ڪليسا ۾ پڻ رائج ڪيو ويو ھيو ۽ چارليمئگني جي وقت ۾ ھر ضلعي جي مذھبي ماڻھوءَ کي ھڪ خاص ڪوڊ ڏنو ويو ھو جنھن کي ھو جاھلن ۽ اڻ گھڙيل جَٽن کان دوراندیشي کندي لِکائيندا ھيا. ڏوھن ۽ سزائن جي ھنن خطرناڪ فيصلن ۾، ھر کيس جو ويراڳين پاران ھڪ اندازو لڳايو ويندو ھو ۽ ھر اختلاف جو جائزو ورتو ويندو ھو؛ ڪجھ گناھ اھڙا ب ھوندا ھيا جن تي معصوميت ڪڏھن ب شڪ نہ ڪري ھا ۽ ٻيا وري اھڙا ب ھيا جيڪي دليلن ۽ عقل ذريعي اعتبار ۾ اچڻ جوڳائي نہ ھيا؛ باقي ٻيا عام قسم جا گناھ جيئن ڪنوارين سان زنا يا عام زناڪاري، ڪوڙا قسم کڻڻ، مقدس جاين جي بي حرمتي، ڦر لُٽ ۽ قتل وغيرہ جو ڪفارو پڇتاءُ يا توبھ تائب ٿيڻ سان ٿي ويندو ھو پر اُنھن جو دارومدار ب گناھن جي نوعيت تي ھو، اھڙيءَ طرح اھو ڪفارو چاليھن ڏينھن کان ستن سالن جي عرصي تائين ب اينگھ ڪري ويندو ھو. پنھنجي نفس ڪُشي جي ھن عرصي ۾، روزن رکڻ ۽ عبادت ڪرڻ سان، مريض کي شفا ملندي ھئي ۽ مجرم جي سزا معاف ٿي ويندي ھئي ان دؤران کيس ڪپڑا اھڙا پائڻا پوندا ھيا جن

کي ڏسي ٻين کي سندس ڏک ۽ پڇتاءُ واري کيفيت محسوس ٿئي ۽ هو نمائائي ۽ بي وسيءَ مان دنياداري جو وهنوار ڇڏي ڏيندو هو ۽ سماج کان ڪٽيل رهندو هو. پر جيڪڏهن هنن قانونن جي پابنديءَ ۾ سختي ڪجي ها ته هوند بادشاهن جا محل توڙي سندن ڪٽمبون ماڻهن کان خالي ٿي وڃن ها ۽ خود شهر به ويران ٿي وڃن ها: اولهه جا بربر اهڙيون گالهيون ٻڌي خوف ۾ ڊڄڻ ۽ ڪنبڻ لڳندا هيا، پر ڪڏهن ڪڏهن فطرت اصولن خلاف جنگ جوٽيندي آهي ۽ مئجسٽريٽن اهڙي صورتحال ۾ ڪوششون ورتيون ته جيئن پادريت جو پراڻو نظام بحال ٿئي پر کين ڪاميابي حاصل ڪانه ٿي. پڇتاءُ يا توبهه تائب ٿيڻ جي اصول کي مڪمل عملي جامو پهرائڻ ذري گهٽ ناممڪن هيو: مثال طور زناڪاري جا واقعا روزاني معمول جو حصو بڻجي چڪا هيا، تنهن کان سواءِ انسان جي انسان هٿان قتل جا واقعا به عام ٿي چڪا هيا ته مطلب اهو ٿيو ته هڪ وقت تي ڪيترن ئي ماڻهن کي قتل ڪرڻو هو جيڪو ناممڪن هيو: تنهن ڪري هر ڏوهه جي جدا حيثيت هئي ۽ ان جي نوعيت مطابق ان جو حل ڳولڻو هو: ۽ لاقانونيت ۽ ڏوهن جي دؤر ۾، هڪ معمولي گنهگار به، ڪيس ملهيل سزا جو قرض ٽن سؤ سالن ۾ به شايد لاهي نه سگهي ها. اهڙيءَ طرح ڪفاري ادا ڪرڻ کان ڪيبائڻ يا ڏيوالپڻي جي مظاهري ڪرڻ جي صورت ۾ ٻيو طريقو به موجود هو: هڪ سال لاءِ پڇتاءُ يا ڪفاري جي بدلي ۾، چاندي جون چوويهه سالِدي(24) (ان وقت جو رائج سڪو) جيڪي چئن پائونڊ استرلنگ جي برابر هيون، امير کي ڏيڻيون پوندیون هيون ۽ غريبن يا محتاجن لاءِ فقط ٽي سالِدي يا ٻَ شلنگ ڏيڻا پوندا هيا ۽ اها خير خيرات هڪدم ڪليسا جي استعمال لاءِ منتقل ٿي ويندي هئي ۽ اهو ناڻو جيڪو گناهن کان چوٽڪاري لاءِ گڏ ٿيندو هو اُهو حڪومتن لاءِ آمدني جو وڏو ذريعو بڻجي ويو جنهن سان حڪومت توڙي ڪليسا شاهوڪار ٿي ويا. ٽن سؤ سالن يا ٻارهن سؤ پائونڊن جو قرض ايترو ته وڏو هو جو اهو وڏي ۾ وڏي شاهوڪار کي به سُڄي ڀينگيي ڪرڻ لاءِ ڪافي هيو، جيڪڏهن ڪنهن وٽ سون ۽ چاندي گهٽ هوندي هئي ته ان جي بدلي ۾ هو پنهنجي زمين گِروي رکندو هو: ۽ هن سلسلي ۾ هن بادشاهن پيپن ۽ چارليمئگني طرفان فراخ دليءَ سان عطيا يا خير خيرات ڏني وئي ته جيئن سندن روحن کي چوٽڪارو ملي وڃي. شهري قانون ۾ هڪ اصطلاح کي ايجاد ڪيو ويو ته: 'جيڪو به ماڻهو پنهنجي ڪيسي مان خرچ ڪري قرض نه لاهي سگهي ته اُهو پنهنجي جسم ذريعي ادا ڪري: تنهن ڪري ويراڳين ڏنڊن لڳائڻ جي عمل کي جاري ڪيو جيڪو هڪ سستو پر تڪليف ڏيندڙ عمل يا بدلو هيو. هڪ عجيب ۽ حيران ڪندڙ حساب ڪتاب موجب هڪ سال جي گناهن جي ڪفاري جي بدلي ۾ ٽي هزار ڪوڙا يا ڏنڊا هڻڻا پوندا هيا(25)، ۽ لوهي شيلڊ واري(ص26) مشهور ويراڳي سينٽ دومِنڪ جو اهڙو دماغ ۽ اهڙو صبر هيو ته ڇهن ڏينهن ۾ سندس انگ تڙهن هڪ سؤ ڏنڊن تائين ٽي پهتو جڏهن هو ٽي لکَ ڏنڊا هڻي چڪو هوندو. (هي هڪ عجيب معمو آهي جنهن جي خبر فقط ان راهب يا ويراڳيءَ کي ٿي هوندي، سنڊيڪار). سندس مثال جي پوئواري مردن توڙي عورتن طرفان پوريءَ طرح ڪئي وئي ڇو ته هر هڪ کي پنهنجن گناهن جو ڪفارو ادا ڪرڻو هو. جيئن ته هڪڙي جي بدلي ۾ ٻيو اها قرباني ڏئي پئي سگهيو ۽ جنهن جي اجازت به هئي ته نظم ۽ ضبط جو سختيءَ سان پابندي ڪرڻ وارو شخص پنهنجي محسن يا محسنن جي ڪاتي جا ڏنڊا پنهنجي پُٺيءَ تي لڳرائي ٿي سگهيو(27). يارهين صدي عيسوي ۾ 'ڪيسي ۽ انسان' طرفان گناهن جي ڪفاري ادا ڪرڻ جي دستور ماڻهن کي ڪافي حد تائين مطمئن ڪري ڇڏيو هو. آفريڪا ۽ اسپين جي عرب مسلمانن خلاف، فوجي خدمت جي اجازت اربن- ٻئي جي ابن ڏاڏن طرفان ڏني وئي هئي. ڪلرمانٽ جي

ڪائونسل ۾ ان پادري اُنهن ماڻهن لاءِ مڪمل رعايت ۽ معافي جو اعلان ڪيو جيڪي صليب جي جهنڊي هيٺ پنهنجو نالو داخل ڪرائيندا ته اُنهن سڀني جا گناهه خود بخود معاف ٿي ويندا، نه رڳو اهو پر ڪين ڪليسائي رسيد به ملندي ته سندن گناهن جو مڪمل ڪفارو ادا ٿي ويو هو(28). موجوده زمانن جو سرد فلسفو شايد اهڙا پائدار اثر ڇڏڻ جي قابل ئي نه رهيو آهي جهڙا اثر اڳ اُنهن گناهگارن ۽ مذهبي جنونين تي ڇڏيا هيا. پنهنجي مرشد يا اڳواڻ جي سڏ تي، لٽيرا، خوني ۽ انسانن جا قاتل هزارن جي تعداد ۾ اُٿي پيا ته جيئن پنهنجن روحن لاءِ چوٽڪارو حاصل ڪري سگهن ۽ جيڪي بي دين يا ملحد هيا اُنهن کي به قائل ڪيو ويو ته پنهنجن گناهن جو ڪفارو ائين ادا ڪن جيئن سندن عيسائي پائرن ڪيو هو؛ ۽ هر طريقي جي ڏوهاري ۽ هر مرتبي واري ماڻهو گناهن جي ڪفاري لاءِ سخت شرطن قبول ڪرڻ کان هرگز نه ڪيڀايو. ڪو به ماڻهو صاف نه هيو، ڪو به خطائن کان آجو ڪو نه هو ۽ ڪو به گناهن کان پاڪ نه هو، پر اُهي جيڪي الله جي انصاف ۽ ڪليسا آڏو گهٽ خطاڪار هيا ته اُهي دنياوي توڙي دائمي مهربانين جا حقدار هيا. جيڪڏهن اُهي ختم ٿي ويا يا ماريا ويا ته لاطيني مذهبي ماڻهو بغير ڪنهن سوچ لوچ ڪرڻ جي ڪين شهادت جو درجو ڏيندا(29) ۽ سندن مقبرن کي سينگاريندا، پر جي هو بچي اڳتي نڪري ويا ته اُهي بنا دير جي جنت جو انعام حاصل ڪندا ۽ جي ان ۾ دير ٿي ته ان جو معاوضو به جدا ڪين ڏنو ويندو. اُنهن خدا جي پُٽ لاءِ پنهنجي رت جي قرباني ڏني هئي جنهن پنهنجي جان جو نذرانو پنهنجن ماڻهن جي چوٽڪاري لاءِ ڏنو هو؛ هنن صليب کي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو ته وڏي اعتماد سان پنهنجي مالڪ سان وڃي مليا. سندس قدرت يا روحاني طاقت پاڻهئي سندن سلامتيءَ کي يقيني بڻائيندي، شايد سندس ظاهري ۽ معجزاتي طاقت سندن پاڪ ڪم جي سلسلي ۾ اُنهن جون مشڪلاتون دور ڪندي. الله تعاليٰ جو پاڇو ۽ سندس طاقت جو ٽنيو اسرائيلين کان ٽيندو مقدس ڏرتيءَ تي پهچي چڪو آهي. ڇا عيسائي ايجا به اها اُميد نه ڪندا ته نديون خودبخود ڪين رستو ڏيندیون؛ ته مضبوط شهرن جون ديوارون اُنهن جي توتارن وڃڻ تي ڍهي پونديون ۽ سج پنهنجي رفتار ڇڏي وڃ رستي تي رکجي ويندو ته جيئن سڀني لامذهبن جي تباهي ۽ بربادي مڪمل ٿي وڃي؟

اُهي سردار، سرواڻ ۽ فوجي جيڪي مقدس مقبري ڏانهن ڪاهي هليا، آڏ اُنهن لاءِ ايترو ضرور چوندس ته سڀئي جوش جذبي سان پريل هيا، هِن مهم کي جائز ٿي سمجهيائون، ڪين انعام ملڻ جي به لالچ هئي ۽ ڪين اهو به يقين هو ته خدا سندن مدد ڪندو. پر ساڳي وقت اهو به يقين اٿر ته ڪيترن جو 'فقط' اهو مقصد ڪونه هو ۽ ڪجهه ٻين جو وري ڪو ٻيو اصول هيو. مذهب جي جائز يا ناجائز روين کي، جيڪي قومي ثقافت جو حصو بنجي ويندا آهن، عارضي طور روڪڻ ته شايد ممڪن هوندو آهي باقي اُهي ايترا مضبوط ۽ اٿر هوندا آهن جو اُنهن کي ان ثقافتي ورثي مان ڌِڪي ٻاهر ڪيڏ ڪنهن جي به وَس ۾ نه هوندو آهي. جيڪڏهن بربرن جي ذاتي جنگين جي پس منظر کي ڏسجي ته لڳندو ته اُهي رت جي راند به کيڏندا هيا، شهواني شغلن کي به جاري رکندا هيا، ته عدالتي ڪُشتيون به وڙهندا هيا، اُتي ۽ اهڙن موقعن تي پادري توڙي امن امان قائم رکڻ جا ادارا، اُڻ اٿرائتين پيڪين ڏيڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نه ڪري سگهندا هيا. اهو ڪم ته آسان آهي ته يونانين ۾ مابعدالطبيعاتي بحث چيڙي ڪين مشغول ڪري ڇڏجي، لاقانونيت ۽ آمريت جي ماريل مظلومن کي ڪنهن مڙهي يا خانقاهه ۾ موڪلي ڇڏجي، يا

غلامن ۽ ڏجندڙ بزدلن جي صبر جي تعريف ڪري اُنهن کي مقدس بنائي ڇڏجي يا وري جديد عيسائين جي انسانيت ۽ سندن پائيچاري جي عَلمبرداري قبول ڪري ڇڏجي. جنگ ۽ وزرش، فرئنڪن ۽ لاطينيُن جي حڪومتي ڪمزوري هئي، ڪين ڪفاري ادا ڪرڻ جو تاڪيد ان ڪري ڪيو ويو هو ته پنهنجي ساڳئي شوق ۽ جذبن کي اڳتي وڌائي اُنهن کي خوش ڪن ۽ پلي ڏورانهن ملڪن ڏي اڳتي وڌن ۽ اوپر جي ملڪن ۽ قومن خلاف پنهنجون ترارون مياڻ مان ٻاهر ڪڍن. سندن فتح توڙي فقط ڪوشش ۾ ڪين اُمر ٻڌائي ڇڏيندي ته اِهي ڪليسا جا سچا جنگي جوڌا هيا ۽ نج نيڪي ڪڏهن ۾ فوجي شان شوڪت جي اُميدن کان پُنيري ٿي نڪي سگهي. يورپ جي ننڍي سطح جي جهڳڙن ۾، ڪنهن قلعي يا ڳوٺ تي قبضي ڪرڻ لاءِ ۾، اُهي پنهنجن دوستن ۽ هم وطني ماڻهن کي ۾ مارڻ ۾ دير نٿا ڪن. اُهي پري وارن ۽ دشمن قومن خلاف ڪاهه ڪرڻ ۾ ڦڙتي ڏيکارن ٿا جيڪي سندن ئي فوجن سان وفادار رهيا هيا(*)؛ هو پنهنجي تصور ۾ اڳيئي ايشيا جا حاڪم ٻڌجي ويا هيا ۽ نارمنس طرفان اپوليا ۽ سِسلي جي فتح، هڪ ذاتي طور مهم هلائيندڙ شخص جي اُميدن کي تمام مٿاهون ڪري ڇڏيو هيو. پنهنجي جدا حيثيت رکندڙ عيسائيت، مسلمان ملڪن جي آبهوا ۽ زرخيزي سندن فطري توڙي مصنوعي دولت کان يقيني طور تي متاثر ۽ مرعوب ٿي هوندي ته ساڳئي وقت حاجين جي قافلن، قصن ۽ سندن وٽج واپار ۾ سندن توجهه ڇڪرايو هوندو. سادا ۽ جاهل ماڻهو جن ۾ وڏا توڙي ننڍا، شامل هيا، هرڪائيندڙ داستانن تي اچرج ۾ پئجي ويندا هيا، مثال طور ڪين ٻڌايو ويندو هو ته هُتي اهڙيون زمينون آهن جتي ڪير ۽ ماڪيءَ جون نهرون ٽيون وَهن، جتي ڪاٺيون ۽ خزانا آهن، سون ۽ هيرا آهن، ماربل جا محل آهن دالچيني جي وڻ جا خوشبودار جهُڳٽا ۽ لوبان جي دولت آهي. زمين تي موجود هن بهشت لاءِ هر جنگجو جوڌي پنهنجي ترار جي طاقت تي ٿي ياڙيو ته جيئن اهڙي حسين جڳهه تي هو وجي خيما کوڙي جنهن کي هن پنهنجي تصور ۽ اندر جي خواهش موجب بيحد خوبصورت سمجهيو هو(30). سندن نوڪرن ۽ خادمن پنهنجي قسمت جو فيصلو الله تعاليٰ تي ڇڏي ڏنو هو ته ساڳي وقت سندن مالڪ تي به سندن پروسو هيو: ترڪي جي هڪ امير جي لُٽ ڦر مان به ڪين ججهو مال ملي ويندو هو تنهن کان سواءِ اُتي شرابن جا به ڪيئي قسم ۽ ذائقا هيا ته يونان جي عورتن جي خوبصورتي جي ڪشش(31) وري نرالي هئي ۽ هي سڀ ڪشش ڪندڙ شيون فطري حسن جو حصو هيون، ۽ صليبي متوالن جي معمول کان مختلف هيون. هر هڪ کي آزاديءَ سان پيار هيو ۽ خاص طرح اُنهن بيشمار مظلومن کي وڏو جوش هو جيڪي سرداري يا وڏيرڪي نظام يا وري ڪليسائي ظلم جا ستايل هيا. هاري ناري توڙي شهري جيڪي ڪليسا جي غلاميءَ ۾(†) جڪڙيل هيا، پاڪ نشاني هيٺ، پنهنجي ظالم مالڪ کان ڇڄڻ جي تيارين ۾ هيا ۽ پنهنجي ڪٽنب سميت اُتي دائمي ديرا جمائڻ ٿي چاهيائون جتي آزاديءَ جون نعمتون موجود هجن. ويراڳين به خانقاهه جي نظم مان پاڻ کي آزاد ڪري ڇڏيو هو؛ قرضدارن وياج ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو پر قرض ڏيندڙن، قانون پيجيندڙن ۽ معاشري جي بدخواهه ماڻهن، جنهن ۾ هر ذات شامل هئي، قانون جي ديده دليريءَ سان پيڇڪڙيءَ ٿي ڪئي ۽ پنهنجن ڏوهن جي سزائن کان ڪنهن به طريقي سان بچڻ ٿي چاهيائون(32).

هي مقصد وزندار ۽ گهڻا هيا، جڏهن اسان هِنن جي اهميت کي هر ماڻهوءَ جي ذاتي ذهني صلاحيت موجب پرکيو ته اسان کي ان جون گهڻيون شاخون نظر آيون، ۽ جن ۾ مثال ۽ فئشن جا تمام گهڻا انداز موجود هيا. سيني کان اڳ پراڻو مذهب مٽائي نئون اختيار ڪندڙ ڪليسا جا سخت جوشيلا پرچارڪ ٿي ويا، هنن پنهنجون ڊيوٽيون ۽ ذميواريون پنهنجن دوستن ۽ پنهنجن ملڪي ماڻهن کي سمجهايون ۽ پنهنجي پاڪ عهد کي ٻيهر ورجايو ۽ جن اهو پرچار يا تقريرون بي دليءَ سان ٻڌيون هيون ته اُهي ٻه عيسائيت اختيار ڪڻ وارن اُنهن جوشيلن جوانن ۾ شامل ٿي ويا جن عهد کي اڳ ۾ ئي قبول ڪري ڇڏيو هو. جنگجو نوجوانن تي طعنن، شڪن ۽ بزدليءَ جي تيرن جو وسڪارو شروع ٿي ويو، اهو شايد ان ڪري ڪيو ويو ته کين جوش ڏيارين وڃي؛ ۽ هاڻي مقدس مقبري تي وڃڻ جي خواهش هر نوجوان، ٻيي ٻار، عورتن توڙي اپاهجن ۾ هڪ جيتري چاهَ سان جاڳي اُٿي جن پنهنجي طاقت جي بجاءِ جوش جذبن کي وڌيڪ اهميت ٿي ڏني ۽ جن شام جو پنهنجن ساٿين جي ڪاهلي ۽ بزدليءَ تي مٽن ٽنوليون ٿي ڪيون، اُهي ئي ٻي صبح تي پنهنجن ساٿين کان ٻه جذبن ۾ اڳرا نڪتا ۽ سندن ئي نقش قدم تي هلڻ لڳا. مهم جي اڻڄائيءَ جي ڪري اُميدون گهٽيون وڌي ويون هيون ۽ رستي جا خطرا گهٽجي ويا هيا. ترڪن جي سوين کان وڌي، حج تي سفر ڪرڻ جا رستا تباهه ٿي چڪا هيا، خود سرواڻن ۽ اڳواڻن کي پيي رستن جي ڊگهائيءَ جي ڄاڻ ڪانه هئي ۽ نه وري کين اهو علم هو ته سندن دشمن ڪهڙن رستن تي آهن يا ڪهڙا رستا سفر لاءِ وڌيڪ محفوظ آهن ۽ ماڻهن جي ٻي وقوفي جي حد اها هئي جو جيڪو ٻه پهريون شهر يا قلعو کين نظر ٿي آيو جنهن جي ڄاڻ اڳ کين ڪانه هئي ته اُنهن هڪدم ماڻهن کان پڇيو ٿي ته اهو جيروسلم ته نه هو؟ ان جي باوجود صليبي جنگ ۾ حصو ونڊڙ جيڪي ڪجهه ڏوراندیش هيا ۽ جن کي اهو يقين ڪونه هو ته کين بهشتي ڪاڏو، جن ۾ تترن جهڙا پکي يا اُهو ڪاڏو جيڪو رڻ پٽ ۾ اسرائيلين کي مليو هو، ملندو، پاڻ کي قيمتي ڏاتن جو تحفو ڏنائون جيڪي هر ملڪ ۾ هر جنس جي نمائندگي ڪندڙ هوندا آهن. رستي جي خرچن کي رُتبن جي حساب سان ورهايو ويو هو، بادشاهن پنهنجن صوبن کي الڳ ڪري ڇڏيو هو(*) ۽ اميرن پنهنجون زمينون ۽ قلعا جدا ڪري ڇڏيا هيا ۽ هارين نارين پنهنجا مال ڏڳا يا هارپ جي سامان کي الڳ ڪري ڇڏيو. بيشمار ماڻهن طرفان معاوضي ادا ڪرڻ کان پوءِ ملڪيت جي اڳهه کي هيٺ ڪيو ويو هو جڏهن ته هٿيارن ۽ گهوڙن جا اڳهَ چوٽ چڙهي ويا هيا ڇاڪاڻ ته اُنهن جي گهُرج تمام وڌي وئي هئي ۽ خريدار اُنهن کي ونڊ لاءِ بيچين هيا(33). جيڪي عقلمندي ڪندي پنهنجن گهرن ۾ رهيا اُنهن ۾ وبا جي بيماري ڦهلجي وئي ۽ حاڪمن، پنهنجن ئي خادمن جا علائقا حاصل ڪري ڇڏيا جيڪي کين پڪڙن جي مُٺ عيوض مليا ۽ جيڪي ڪليسا جا خريدار هيا اُنهن کي جيڪي پئسا ڏيڻا هيا، پنهنجي عبادتن ۽ دعائن سان موٽائڻ جو واعدو ڪري ڇڏيائون. صليب جي نشاني جيڪا گهٽو ڪري ڪپڙن متان سِبي ويندي هئي، ڪيترن جذباتي ماڻهن ان کي پنهنجي چمڙيءَ تي اُڪرائي ڇڏيو جنهن جي لاءِ يا ته گرم ٽيل لوهي سيخ يا وري نه ڏهندڙ مَسُ جو استعمال ڪيو ويو ۽ هڪ ويراڳي جنهن صليب جي نشاني پنهنجي سيني تي اُڪرائي

هئي، اُهو عزت ۽ احترام حاصل ڪرڻ ۾ اُبهرو هو ۽ اُهو فلسطين جو شاهوڪار ترين شخص ۽ ڪليسائي جاگير جو مالڪ هيو(34).

ڪلرمانٽ جي ڪائونسل ۾ زيارتين جي روانگي جي تاريخ 15 آگسٽ مقرر ڪئي وئي هئي، پر ڏينهن جي مقرري عام ماڻهن طرفان بغير ڪنهن سوچ ويچار ڪرڻ جي ڪئي وئي هئي ۽ آءٌ مختصر طور تي، سردارن ۽ سرواٽن جي ڪامياب مهم ڪان اڳ، اُنهن تڪليفن ۽ اذيتن جو ذڪر ڪندس جن منجهان زيارتين کي گذرڻو پيو هو. فرانس ۽ لورين جي سرحدن ڪان، بهار جي موسم ۾ لڳ ڀڳ ست هزار مردن ۽ عورتن جو قافلو صليبي پرچارڪ جي اڳواڻيءَ ۾ روانو ٿيو، مقدس مقبري ڏانهن ويندي ماڻهو نهايت جذباتي ٿي رهيا هيا. ويراڳي وٽ نہ صلاحيت هئي ۽ نہ اڳواڻي ڪرڻ جا وٽس اختيار هيا پر هو پنهنجن معتقدن جي چاهه ۽ ويساهه تي اڳتي وڌندو رهيو ۽ اهڙيءَ ريت سندن قافلو رائين ۽ دنيوب ندين جي ڪنارن ڪان گذري رهيو هو. سندن تعداد ۽ سندن گهُرجُن جلدئي ڪين هڪ ٻئي ڪان جدا ٿيڻ تي مجبور ڪيو ۽ سندس نائب سُجي والٽر، هڪ بهادر پر ضرورتمند سپاهي زيارتين جي سامهون واري جڳي جي ڪمان ٿي ڪئي جن جي حالت اها هئي جو وٽن اُٺ گهوڙي سوار ۽ پندرهن هزار پيادل زيارتي هيا. هڪ راهب گودسڪل ويراڳي پيٽر جي مثال جي پوئواري ڪندي سندس نقشِ قدم تي هلي رهيو هو جنهن جي تقرير جي نتيجي ۾ جرمني جي ڳوٺن مان پندرهَن ڪان ويهه هزار هاري ٻاهر نڪري آيا هيا. سندن قافلي جي پنڌين حصي ڪان ٻن لک ماڻهن ڪين اڳي سوڙهو ڪيو جيڪي ماڻهن ۾ ڦوڪ جيان بيڪار ۽ احمق هيا جيڪي عقيدتمندن سان گڏجي سڏجي ويا ۽ بنا دير اُنهن قافلي وارن کي ڦر لٽ ڪري تاراج ڪرڻ شروع ڪيو، هر طرف افراتفري پکڙجي وئي جنهن جو ناجائز فائدو ونندي هنن شراب جي نشي ۾ ڏُت ٻڏجي زناڪاري ۽ شروع ڪري ڏني. انهن ۾ ڪجهه نواب ۽ وڏي رتبي وارا ماڻهو ۽ هيا جن وٽ ٽي هزار گهوڙا هيا ۽ بيشمار ماڻهو لُٽ جي مال جمع ڪرڻ ۾ لڳي ويا ۽ ٻين تي ۽ زور پريو ويو تہ اُهي ۽ ان ۾ شامل ٽين پر سندن اصلي اڳواڻ هڪ 'قاز (پڪي) ۽ هڪ ٻڪري' هيا جن کي هو اڳيان ڪنيون ٿي هليا ۽ جن جي لاءِ مانائتن عيسائين مشهور ڪيو هيو تہ اهي ٻئي خدائي روح جو ٿڻُ هيا(35). هنن ۽ اهڙن ٻين مذهبي جوشيلن جي جتّن جي پهرين جنگ يهودين جي خلاف هئي جيڪي، سندن عقيدي موجب، خدا جي پٽ جا قاتل هيا. موسيل ۽ رائين جي وڻج واپار وارن شهرن ۾ سندن تعداد تمام گهڻو هو ۽ شهنشاهه طرفان سندن حفاظت جو ۽ ڪين يقين ڏياريو ويو هيو ۽ اتان جي پادرين طرفان سندن مذهبي آزادي جي ۽ ڪين اجازت مليل هئي(36). پر هزارين يهودين کي نہ رڳو لٽيو ڦريو ويو پر سندن وڏي تعداد کي، وردون، ٽريوز، مينز، اسپائرس ۽ ورمس ۾ قتل ڪيو ويو، هر طرف ڏهڪاءُ ڦهلجي ويو جو تہ هئبرئن(*) طرفان اذيتن ملڻ کان پوءِ وري هي ٻيو موقعو هو جو ساڻن رت جي راند رچائي وئي هئي. باقي جيڪي رهيل هيا اُنهن کي پادرين جي مداخلت ذريعي بچايو ويو ۽ وڪوڙين طرفان سندن مصنوعي نوعيت جي ڳالهين کي مجيو ويو پر ضِدي ۽ هٺيلن يهودين سندن توڙي عيسائين جي مڪاري وارين ڳالهين جي سختيءَ سان مذمت ۽ مخالفت ڪئي، پنهنجن

گهرن کي بند کيائون، ۽ پنهنجي پاڻ کي، پنهنجن ڪٽنبن ۽ پنهنجي دولت کي يا ته ندين ۾ اڇلايائون يا ساڙي ڇڏيائون پر دشمن جي ذلت آميز سلوڪ کان پاڻ کي بچايائون.



پهرين صليبي جنگ جا نتيجا- 1100ع

آسٽريا ۽ بازنطيني بادشاهت جي سرحدن جي وچ ۾ صليبي ماڻهن کي هنگري(38) ۽ بلغاريا جي ويران ۽ سنسان رڻ پٽن مان ڇهه سؤ ميلن جو واڌارو پنڌ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. زمين ڪارائتي آهي جنهن منجهان ندين پار ڪن ٿيون، پر ان زماني ۾ اُتي ڏٻڻون ۽ گهاٽا ٻيلا هوندا هيا جيڪي لڳندو هو ته خبر ناهي ڪٽان کان شروع ٿيا ۽ ڪٽي وڃي ڪُٽا يا ختم ٿيا، ۽ هي نظارو فقط تڏهن نظر ايندو آهي جڏهن انسان زمين جي مٽان رهڻ يا پنهنجي حڪومتي حق کان دستبردار ٿي ويندو آهي. ٻئي قومون مذهبي لحاظ سان عيسائيت طرف مائل هيون، هنگري تي مقامي بادشاهه حڪومت ڪندو هو

جڏهن ته بلغاريا تي يونان جي شهنشاهه جو هڪ نائب حڪومت ڪندو هو پر ٿوري گهڻي ڳالهه تي ٻنهي ملڪن جي ماڻهن جي خوفناڪ طبيعت ۾ باهه جي تپش اچي ويندي هئي ۽ خاص طرح تي اهو موقعو تڏهن آيو جڏهن پهريَن زيارتين سندن ملڪن مان گذرندي هنن لاءِ گربڙ ۽ انتشار پيدا ڪيو. هنن ماڻهن ۾ زراعت جي پيشي جي ڇاڻ نه هئڻ جي برابر هئي ۽ سندن گهر ڪانن ۽ ڪاڻ جا ٺهيل هيا، جن کي ماڻهو ريڍارن ۽ شڪارين لاءِ جهنگل ۾ ڇڏي هليا ويندا هيا. هو ڪاڏي خوراڪ جون شيون ٻين ماڻهن ڪان رعب سان گهرندا هيا يا وري ڪائنڪ زوري زبردستيءَ سان ونندا هيا ۽ هَيڇ مان ڪائيندا هيا، پهريون جهيڙو تڏهن ٿيو جڏهن صليبين کين چيڙائي آپي مان ڪڍي ڇڏيو. پر پنهنجي ملڪ، جنگ ۽ نظم ۽ ضبط ڪان سندن مڪمل لاعلمي، سندن حيثيت کي ماڻهن اڳيان وائکو ڪري ڇڏيو هيو. بلغاريا جي يوناني مُنهندار، هنگري جي بادشاهه جي اشاري تي فوج جي ڪمان ٿي ڪئي، انين يا ڏهين نمبر وارن جنگجُو رعيت جي ماڻهن پنهنجن تير ڪمانن کي تحرڪ ۾ آندو ۽ پنهنجن گهوڙن تي سواريءَ جا سانباها ڪيا. سندن ارادا خطرناڪ ۽ مڪاري وارا هيا ۽ هنن پاڪباز لُٽيرن خلاف سندن رد عمل خطرناڪ ۽ خوني قسم جو هو(39). پناهه ونندڙن مان ٽئين حصي تي ماڻهو اڳهاڙا هيا جن ۾ راهب پيٽر به شامل هيو، اُهي سيئي ٽريس جي جبلن ڏانهن ڪِسڪي ويا ۽ شهنشاهه، جنهن کي زيارتين لاءِ وڏي عزت هئي ۽ جنهن لاطيني ماڻهن جي ڏڪئي وقت ۾ مدد ڪئي هئي، کين خيريت ۽ حفاظت سان قسطنطنيه پهچايو ۽ کين صلاح ڏني ته پنهنجن پائرن جي پهچڻ تائين انتظار ڪن. ڪجهه گهڙين لاءِ هنن پنهنجين غلطين ۽ نقصانن کي ويهي ورجايو پر جيئن ئي ڪائڻ پيئڻ ۽ پنهنجي خاطر تواضع کان واندا ٿي تازا توانا ٿيا ته ٻيهر پنهنجي محسن خلاف زهر اوڳاڇڻ شروع ڪيائون ۽ خاص طرح پنهنجي مهربان کي ڏنگڻ هڏڻ شروع ڪيائون ۽ سندن ڦرمار به شروع ٿي وئي جن کان باغ باغيچا، محلات توڙي ڪليسائون به محفوظ نه رهيون. پنهنجي ذاتي بچاءَ لاءِ اليگزيَس کين لالچ ڏني ته هو باسفورس جي ايشيا واري طرف ڏي پهچي وڃن، پر سندن انڊي اُبهرائيءَ سبب هنن اُها جڳهه به ڇڏي ڏني جيڪا کين ڏني وئي هئي، ۽ هو غلطي ڪري ترڪن خلاف ڪاهي ويا جن اڳيئي جيروسلم ڏانهن ويندڙ سيئي رستا بند ڪري ڇڏيا هيا. راهب، جيڪو پنهنجي شرمندگيءَ کان واقف هيو، پنهنجي ڪئمپ کي ڇڏي قسطنطنيه هليو ويو هيو ۽ سندس نائب يعني سُجو والٽر جيڪو بهتر ڪمان ڪرڻ جي لائق هيو، هن ڪوشش ڪئي ته جهنگلين ۽ وحشين جي وڏي تعداد ۾ ڪا فضيلت ۽ ڪجهه دوراندیشي ۽ نظم ۽ ضبط جو جذبو منجهن پيدا ڪري پر هو پنهنجين ڪوششن ۾ ناڪام رهيو. هو ٻين کان جدا فقط هن ڪري ٿيا هيا ته ڪنهن کي شڪار ڪري سگهن پر بدقسمتيءَ سان پاڻ سلطان جي حڪمت عمليءَ جو شڪار ٿي ويا. هڪ افواهه اُٿيو ته سندن ويجها ساٿي گاديءَ جي هنڌ ۾ لُٽ ڦر جي مال تي جهڳڑو ۽ فساد برپا ڪري رهيا هيا، ته سليمان پنهنجن خاص ماڻهن کي لالچ ڏني ته اُهي نائيسيا جي ميدان تي هيٺ لهي وڃن، هنن ائين ڪيو ۽ فسادي ترڪن جي نيزن ۽ تيرن جي وسڪاري هيٺ اچي ويا ۽ اُتي هڏن جو هڪ ڍير لڳي ويو(40)، اهڙيءَ طرح سندن ساٿين کي سندن شڪست جي جڳهه ٻڌائي وئي. پهرين صليبيُن منجهان، ٽي هزار اڳ ۾ ئي تباهه ٿي چڪا هيا، ۽ کين سخت ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پيو هو ڇاڪاڻ ته هو ڪنهن هڪ شهر کي به لادينن کان آزاد نه ڪرائي سگهيا هيا، پر ان کان اڳ سندن ٻين وڏيڪ معزز پائرن ۽ سندن ساٿين پنهنجي مُهم جي تياري ڪري ڇڏي هئي(41).

يورپ جي ڪنهن به وڏي حاڪم پهرين صليبي جنگ ۾ ذاتي طور حصو نه ورتو. شهنشاهه هينري چوٿون، پنهنجي پادري جي حڪمن مجڻ لاءِ تيار نه هيو، فرانس جو فلپ پهريون پنهنجين عياشين ۾ غرق هو، انگلنڊ جو وليَم رُوفس پنهنجي تازي فتح کي ملهائي رهيو هو، اسپين جا بادشاهه اتان جي مسلمانن سان هڪ مقامي لڙائيءَ ۾ مصروف هيا، ۽ اتر ۾ اسڪانڈلئنڊ، ڊينمارڪ(42)، سئيڊن ۽ پولنڊ جا حاڪم ڏکڻ جي ملڪن جي دلچسپين ۽ اُنهن جي جڏبن کان ناآشنا هيا، تنهن ڪري اُنهن پنهنجي لاتعلقي ڏيکاري هئي؛ جيڪي نندا نندا حاڪم يا بادشاهه هيا، اُنهن مذهبي روَين جي وڏيڪ ڪاڻ ٿي ڪڍي ۽ اُنهن جو تذڪرو چئن عنوانن هيٺ ايندو جنهن ۾ سندن نالا ۽ ڪردار به خود بخود اچي ويندا پر آءٌ ڳالهيون ورجائڻ بدران ان خيال جو آهيان ته فوجي هٿيارن جو استعمال ۽ ان جي لاءِ گهُربل همت عيسائي مهم ڪندڙ ماڻهن جو جڻ هڪ ورٿو آهي. I جنگ توڙي امن ۾ سيني ڪان پهريون رتبو بولن جي گادفري جو آهي، ۽ صليبين لاءِ اها ڪيڏي نه خوشيءَ جي ڳالهه هجي ها جيڪڏهن اُهي هن مجيل سپوت جي اڳواڻي قبول ڪندي سندس پنيان هلن ها، جيڪو چارليمئگني جو بيحد لائق نمائندو هيو ۽ جنهن سان هو عورتن جي شجري ۾ منسلڪ به رهيو هو. سندس پيءُ بولون جي نوابن جي خاندان منجهان هيو؛ لورين(43) جو هينيون صوبو برئبَنٽ سندس ماءُ کي ورثي ۾ مليل هيو ۽ شهنشاهه جي مهربانين سان، ڪيس پاڻ کي به نواب جو خطاب مليل هو جيڪو غلط طريقي سان آردينس(44) جي سردارن ڏانهن منتقل ٿي ويو هو. هينري چوٿين جي خدمت ۾ ڪم ڪندي هن سڄي شهنشاهت ۾ پنهنجي ملڪ جو مان مٽاهون ۽ جهنڊي کي بلند رکيو، ۽ هڪ باغي بادشاهه رُوڊولف جي سيني ۾ پنهنجي هٿ سان نيزو ڪُپايائين: گادفري پهريون هو جيڪو روم جي ديوارن تي چڙهيو، ۽ سندس بيماري، سندس عزم ۽ شايد سندس پڇتاءُ ته هن پادري خلاف هٿيار استعمال ڪيا هيا، ان ڳالهه جي تصديق ٿي ڪئي ته هن 'مقدس مقبري تي وڃڻ جو جلد فيصلو ڪري ورتو هو پر هن اهو فيصلو هڪ زيارتي جي حيثيت جي بجاءِ ان کي چوٽڪاري ڏيارڻ خاطر ڪيو هو. سندس بهاديريءَ سان گڏ وٽس دوراندیشي ۽ اعتدال پسندي جون صلاحيتون هوندیون هيون؛ سندس خدا پرستي توڙي جو سخت اصولن واري هوندي هئي پر ان ۾ اخلاص هوندو هو ۽ جڏهن سندس فوجي ڪئمپ ۾ وڳوڙي حالتون پيدا ٿيون ته هن پنهنجي رَويي ۾ خانقاهي وصفون ملائي چڏيون ته جيئن ماڻهن جي مزاج مطابق معاملي کي سلجهائي سگهجي. هو پنهنجي اهليت ۽ لياقتن ۾ پنهنجي دؤر جي ساڻي بادشاهن کان گهٽو مٽاهون هو پر حضرت عيسيٰؑ جي دشمنن جو پڪو دشمن هيو ۽ توڙي جو هو بادشاهي تخت تي، فقط پنهنجين ذاتي ڪوششن سان وينو هو، پر تڏهن به سندس نِج ۽ سچن جڏبن جي تعريف سندس مخالف پڻ ڪندا هيا. بولن(45) جي گادفري سان سندس به پائر گڏ هيا: ايوسٽيس وڏو، جيڪو بعد ۾ بولون جو تخت ڏٺي ٿيو، ۽ نندو بالدوِن جيڪو هڪ مشڪوڪ ڪردار جو مالڪ هيو. لورين جو نواب، رائين جي بنهي پاسن ۾ مقبول شخص هو، جم ۽ تعليم جي لحاظ سان هو فرانسيسي توڙي ٽيوٽونڪ ٻئي بوليون چگيءَ طرح ڄاڻندو هو. فرانس، جرمني ۽ لورين جي اميرن، پنهنجن نوڪرن ۽ خادمن کي گڏ ڪيو ۽ ماڻهن جي هڪ اجتماعي طاقت جيڪا سندس اڳواڻيءَ ۾ اڳتي وڌي ان ۾ اسي هزار پيادا، ۽ ڏهه هزار گهوڙي سوار شامل هيا. II ڪلرمانٽ جي وڏي اجلاس کان به مهينا پوءِ پئرس ۾ وڏي پئماني تي هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن ۾ هُو (Hugh)، جيڪو ورمئنڊوز جو نواب هو، ۽ جيڪو بادشاهن جي صف ۾، پنهنجي صلاحيت ۾ سيني ڪان وڌيڪ نمايان هو، بادشاهه جي موجودگيءَ ۾ صليبي جهنڊو

ان جي سپرد ڪيو ويو. پر عظمت جو لقب، سندس صلاحيتن ۽ دولت کان وڌيڪ فرانس(46) جي بادشاهه جي پاءُ جي شاهي جَمَ سبب ڪيس ڏنو ويو. نارمنڊي جو امير رابرٽ، وليَم جو وڏو پٽ هيو جنهن جو لقب 'وليم- سوپارو' هوندو هو، پر سندس پيءُ جي موت کان پوءِ، ڪيس انگلنڊ جي بادشاهت کان محروم ڪيو ويو هو ڇو ته ان ۾ هڪ ته سندس پنهنجي ڪاهلي جو هٿ هو، ٻيو وري سندس پاءُ روفس جي روَين جو به هڪ سبب هيو. رابرٽ ۾ ڪا اهليت ڪانه هئي تنهن ڪري ڪيس بي عزتو ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته هن جي طبيعت ۾ هلڪڙائي ۽ اجائي آڪڙ جون خاميون موجود هيون، هو گهٽو خوش فقط ان ڪري رهندو هو جو سندس گهٽو وقت عياشين ۾ گذرندو هو؛ ۽ سندس سخا ۽ فياضي به منفي قسم جي ان حد تائين هئي جو هو پاڻ ته سڪيو هو پر ماڻهو ۽ ملڪ ٻئي سندس شاهه خرچين جي ڪري سُڄا ٿي ويا هيا؛ سندس بيجا رحمدليءَ سبب ڏوهه وڌي ويا هيا، آخر ۾ ائين ڪٿي ڇڪجي ته هڪ خانگي انسان جا ظاهري طرح وٽندڙ ڳڻ، هڪ حاڪم جي حيثيت ۾ اُن جا اوگڻ ٻڌجي ويا. فقط ڏهن هزارن مارڪن (سِڪو) جي معمولي رقم جي عيوض هن نارمنڊي کي انگلنڊ جي غاصب(47) وٽ گروي رکي ڇڏيو هو، پر مقدس جنگ ۾ سندس روَيو توڙي ڪردار اهڙو هو جو ماڻهن کي رابرٽ ۾ هڪ مثبت تبديلي نظر آئي جنهن سبب، ماڻهن جو منجهس اعتماد، ڪنهن حد تائين بحال ٿي ويو. هڪ ٻيو رابرٽ به هيو جيڪو فلانڊرس جو مُنهندار هيو ۽ هي هڪ شاهي صوبو هيو جنهن هن صدي ۾ ٿي راڻيون، فرانس، انگلنڊ ۽ ڊينمارڪ کي ڏنيون هيون جن انهن ملڪن جا تخت سجايا هيا. سندس لقب 'عيسائين جي ترار ۽ نيزو' هو پر هڪ سپاهي جي ڪارنامن ۾ هن هڪ جنرل جون ذميواريون وساري ڇڏيون هيون. استيفن، جيڪو چارٽريس، بلوئس، ۽ ٽرائز جونواب هو، پنهنجي وقت جي بادشاهن ۾ سڀني کان شاهوڪار هيو ۽ سندس قلعن جي تعداد کي سال جي ٽي سؤ پنجهٽ ڏينهن سان پيٽيو ويو آهي. علم ادب سان سندس ذهن سرشار هيو، ۽ سردارن جي اجلاس ۾، تقرير جي ماهر استيفن(48) کي، سندن صدر جي جڳهه تي ويهاريو ويو. هي چار ماڻهو فرانس، نارمنڊي ۽ برطانيه جي ٻيٽن جا ليڊر هيا پر سندن اميرن جي لسٽ جن مان هر هڪ وٽ ٽي يا چار شهر هوندا هيا، جيڪي ان وقت جو هڪ تاريخدان تبصرو ڪندي چوي ٿو ته: 'ٽراجن جي جنگين جي لسٽ کان به گهٽا هيا،(49) III فرانس جي ڏکڻ ۾، پاءِ جي ٻڌپ اڌيمر کي ڪمان ڏني وئي هئي، جيڪو پوپ جو نمائندو هو، ان کان سواءِ ريمنڊ جيڪو سينٽ گائيلز ۽ ٽولوز جو نواب هو اُن، ناربون جي امير کي وڏا لقب عطا ڪيا هيا ۽ پراوينس کي پڻ اميريءَ جو لقب ڏنو هو. پهريون هڪ معزز نائب پادري هو ۽ هو دنيا توڙي عقبيٰ جي لاءِ نهايت ئي نيڪ فطرت شخص هو. جنهن جو ذڪر بعد ۾ ڪيو ويو آهي اُهو بهادر ويڙهاڪ هيو جيڪو اسپين جي مسلمانن سان جنگيون وڙهي چڪو هو. جنهن پنهنجي جهُرندڙ عمر کي، نه فقط چوٽڪاري لاءِ پر مقدس مقبري جي دائمي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. سندس تجربي ۽ دولت ڪيس عيسائي دنيا ۾ وڏي رتبي تي رسائي ڇڏيو هو، ۽ جن جي تڪليفن ۽ اذيتن کي هو اڪثر ڪري دور ڪندو رهندو هو. پر هن لاءِ اهو وڌيڪ آسان هو ته لامذهبن کان به پنهنجي تعريف ۾ ڪجهه جملا ڳالهرائي وٺي بجاءِ ان جي جو پنهنجي رعيت جي ماڻهن ۽ سندس ٻين ساٿين جي محبت کي حاصل ڪري سگهي. سندس سڀني خاصيتن تي سندس تيز طبيعت، هٺ، هوڏ، حسد ۽ ضد جون اوٽايون ڇانئجي ويون ۽ توڙي جو هن پنهنجي ورثي جو گهٽو حصو الله جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏيو، تڏهن به سندس نيڪي ۽ خدا پرستي ماڻهن جي نظر ۾، حرص ۽ لالچ سان پريل هئي(50)، سندس ڳوناڻن ماڻهن(51) ۾ واپاري ذهن

جي بجاءِ جنگي لاڙو گهڻو هو، اهڙن ماڻهن سان پريل شهرن ۾ آورن ۽ لئنگئيداڪ(52) اچي وجن ٿا تہ ساڻئي وقت برگنڊي يا آرلس جي بادشاهتن جا نوڪر چاڪر بہ شامل آهن. پرپاسي واري ملڪ اسپين مان، هن سخت جان ماڻهن کي گڏ ڪيو، ۽ جيئن هو قافلي سوڏو لومبارڊي مان گذري رهيو هو تہ اٽلي وارن جو هڪ وڏو هجوم سندس جهنڊي هيٺ اچي ويو ۽ هاڻي سندس ماڻهن جو تعداد هڪ لک گهوڙي سوار ۽ پيا بيشمار ماڻهو پيادل ٿي هليا. جيڪڏهن پنهنجو نالو داخل ڪرائيندڙن ۾ ريمنڊ سيني کان پهريون پر منزل ڏي هلڻ وارو آخري شخص هيو تہ ان جي دير ڪرڻ کي ان ڪري معاف ڪري سگهجي ٿو تہ هن مهم لاءِ سندس تياريون سيني کان وڌيون هيون ۽ سندس اهو ارادو يا پڪو واعدو هو تہ سندس طرفان هيءَ دائمي الوداعي واري مهم هوندي. IV بوهيمنڊ جو نالو جيڪو رابرٽ گسڪارڊ جو پٽ هو، اُتي اڳيئي مشهور هو چاڪاڻ تہ هو يونان جي شهنشاهہ(*) جي خلاف بہ پيرا فتح حاصل ڪري چڪو هيو پر سندس پيءُ جي وصيت جي ڪري هو فقط ٽرينٽم جي ميونسپالٽي جي حدن تائين سوگهو ٿي ويو هو ۽ ٻيو تہ اوپر ۾ سندس ڪٽيل ٽرافيون بہ ڪيس ياد هيون، پر پوءِ اوچتو هڪ افواهہ ڪيس جاڳائي ڇڏيو هو تہ فرانسيسي زيارتين جو قافلو اتان گذري رهيو هو. اها فقط نارمن سردار جي خوبي آهي تہ سندس پاليسي سدائين دوراندیشي واري هوندي آهي ۽ جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي مذهبي جنونيت موجود نہ هوندي آهي. سندس سڀ ڪردار ان ڳالهہ مان پڌرو آهي تہ هن وڏي پادري جي ارادن بابت مخفي گفتگو ڪئي هئي جنهن جي تائيد بہ پاڻ جوش جذبي ۽ ڪجهہ حيرت مان ڪئي هيائين، جڏ ماڻهن کي اهو تاثر ٿي ڏنائين تہ کيس ڪنهن ڳالهہ جي خبر ئي ڪانہ هئي. املفي جي گهيري وقت، سندس مثال ۽ ڳالهين ٻولهين جي ڪري گڏيل فوج ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي وئي هئي، پر ان موقعي تي هن بنا دير پنهنجا ڪپڙا قاڙيا ۽ اُنهن منجهان ڪيترن خواهشمندن کي صليب جا نشان ناهيندو ڏيندو ويو ۽ بنا دير قسطنطنيه ۽ ايشيا وڃڻ جي تياري ڪيائين جنهن ۾ ساڻس ڏهہ هزار گهوڙي سوار ۽ ويهہ هزار پيادا ماڻهو گڏ هيا. نارمن قوم جا ڪيترائي بادشاهہ هن بهادر جنرل سان گڏ هليا ۽ سندس سؤٽ ٽئنڪريڊ(53) بہ اُنهن منجهان هڪڙو هيو، پر هو هن مقدس جنگ جو هڪ ادنيٰ خادم هيو. ٽئنڪريڊ جي بلند ڪردار ۾ هڪ مڪمل سردار(54) جون خوبيون نمايان نظر اچن ٿيون، جيڪو بهادريءَ جي علامت آهي ۽ جنهن سبب سخا ۽ درگذر ڪرڻ ماڻهن کانئس سکيو ۽ سماجي ڪمن ۾ بہ سندس عظيم ڪردار رهيو جيڪو رڳو سڪٽي فلسفي کان هزار دفعا بهتر ۽ عملي طريقو آهي يا ائين ڪٽي چئجي تہ بهتر ٿيندو تہ سندس عملي ڪردار ان مذهب کان گهڻو بهتر آهي جنهن ۾ ڪو تحرڪ نہ هجي.

چارليمئگني ۽ صليبي جنگين جي وچ واري دؤر ۾ اسپين، نارمنڊي ۽ فرانس جي ماڻهن ۾ هڪ انقلاب آيو هو جيڪو آهستگيءَ سان وڌندو يورپ جي سيني ملڪن تائين پهچي ويو هو. پيادل فوج ۾ خدمت ڏيڻ جو درجو گهٽ ٿي ويو هو جيڪو جڏ عام ماڻهن جو پيشو ٿي ويو هو، پر گهوڙي سوار فوج، سيني فوجن ۾ مٽاهين ۽ فوج جي اصل طاقت سمجهي ويندي هئي، ۽ عزت وارا نالا جيئن 'ميل' يا 'سپاهي' فقط معزز ماڻهن لاءِ مخصوص ٿي ويا هيا(55) ۽ اُهي ئي گهوڙي سوار فوج ۾ شامل هيا جن کي امير يا نواب جو خطاب ملندو هو، سردارن ۽ سرواٽن، جن حاڪميت جي اعليٰ اختيارن تي ڏاڙو هنيو هو، پنهنجن صوبن کي ننڍن ننڍن اميرن ۾ ورهائي ڇڏيو هيو ۽ ننڍن اميرن وري وڏيڪ ورهاست پنهنجن خادمن، خادمن جي غلامن ۽ ٻين گهٽ درجي جي ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏي هئي ۽ فوجي طبقو يا وري اُهي جيڪي رتبي ۾ سندن هڪ جهڙا هيا يا مٽاهين يا گهوڙي سوار طبقي سان تعلق

رکندا هيا، هارين يا ننڍن شهرن جي رهواسين کي نفرت جي نگاهه مان ڏسندا هيا، نہ رڳو ايترو پر کين انسان بہ نہ سمجهندا هيا. هو پنهنجي خانداني ۽ مٽاهين درجي واري جَمَ تي فخر ڪندا هيا. تنهن ڪري رشتيداري يا پنهنجو تعلق بہ اُنهن سان رکندا هيا جيڪي ساڻن برابري ڪندڙ هجن، يا وري اُهي اهميت فقط پنهنجن اُنهن پُٽن کي ڏيندا هيا جيڪي کين درجَن جي حساب سان ٻار پيدا ڪري سندن نِج پيڙهيءَ ۾ واڌارو ڪري سگهن ۽ جن تي ڪو داغ نہ لڳي سگهي يا کين ڪو مِهڻو ملي سگهي تہ فقط اهڙو اولاد وڏن لقبن ماڻڻ جو حقدار رهندو هو، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪو عام ماڻهو بہ بهاديءَ جا ڪارناما ڏيکاري پنهنجي ترار جي زور تي وڏن ماڻهن ۾ شامل ٿي ويندو هو ۽ نئين نسل جي پيءُ ٿيڻ جو شرف حاصل ڪندو هو. ڪو سردار جيڪڏهن ماڻهن سان سهڻو ورتاءُ ڪندو هو تہ يورپ جا جنگجُو حڪمران، سندس تاج تخت جي مقابلي ۾، سندس ذاتي ڪردار ۽ روَيي کي وڌيڪ اهميت ڏيندا هيا. پوءِ هڪ سادي تقريب ٿيندي هئي، جنهن جا آثار ٽئسيٽس يا جرمني(56) جي ٻيلن ۾ ملن ٿا، اُميدوار کي، جنهن جي ڪجهہ آزمائش اڳ ئي ٿي چڪي هوندي هئي، ترار حوالي ڪري ڪيس گهوڙي سواري جي ترغيب ڏني ويندي هئي ۽ سندي ڪُٽي يا ڪلهي تي هٿ رکي هلڪو ڏڪ هنيو ويندو هو جيڪو سندس لاءِ ڪجهہ بي عزتي ۽ ڪجهہ للڪار جي علامت هوندو هو ۽ هر اُميدوار تي اها قانوني پابندي هوندي هئي تہ اهو هلڪو ڏڪ ڪيس صبر سان برداشت ڪرڻو پوندو هو. پر وهم وسوسا قومي توڙي ذاتي زندگي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندا هيا، مقدس جنگين ۾، فوج ۽ هٿيارن جي اداري کي پاڪ سمجهيو ويندو هو ۽ بهاديءَ جي خوبين جي حقن کي پادريت جي اختيارن سان ملايو ويو هو. غسل ڪرائڻ ۽ اڇو ڪپڙو پهرائڻ، پاڪ غسل، جي اڻ وٽندڙ ڪاپي ۽ پراڻي روايت هئي، جڏهن هو پنهنجي ترار ڪنهن قربان گاهہ کي ارپيندو هو، تہ مذهب جا وزير ان کي 'رحمتي ترار' ڪوٺيندا هيا، سندس استقبال ڪرڻ جي تيارين ۾ جوش ۽ مذهبي رنگ هوندو هو. ماڻهو سندس آڏرياءُ کان اڳ روزا رکندا هيا ۽ هن جي آمد جا منتظر رهندا هيا. نيٺ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو هو جو ڪيس 'جوڏي يا سورمي' جو لقب عطا ڪيو ويندو هو ۽ ارپنا هن ريت ٿيندي هئي: 'سينٽ جارج ۽ سينٽ مائيڪل جو سورمو، اللہ جي راهہ ۾'. هن رسم کان پوءِ ڪيس قسم کڻايو ويندو هو تہ هو پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداريءَ سان ادا ڪندو ۽ پنهنجي شاندار مثال ذريعي عوامي اعتماد کي حاصل ڪندو ڇو تہ اهو عوام ئي هوندو جيڪو سندس قسم جو محافظ هوندو تہ هن ان سان ڪيتري وفاداري ڏيکاري هئي. خدا ۽ عورتن جي سپوت جي حيثيت ۾ (خبر ناهي مون کي ڇڻ ٻن مختلف نالن کي هڪ ٻئي سان ملائيندي شرم ٿو اچي) هو سچ ڳالهائڻ جو وچن ڪندو هو تہ هُو حق جي ڳالهہ جي حمايت ڪندو، ڏُکارن ۽ اذيتن ۾ آيل ماڻهن جون تڪليفون دور ڪندو ۽ هر هڪ سان سندس روَيو دوستاڻو هوندو، هڪ اهڙو رويو جيڪو قديمي ماڻهن ۾ ذري گهٽ اَڻ لڀ هوندو هو، لادينن جو پيڇو ڪندو رهندو ۽ عيش عشرت جي لالچن کي سختيءَ سان نڪرائيندو، ۽ هر ڏُکئي ۽ خطري جي وقت ۾ هو پنهنجو سورمي هئڻ جو ڪردار ادا ڪندو جيڪو ماڻهن کي خود بخود محسوس ٿيندو. پر ان جذبي جي خلاف ورزي اڻ پڌرهيل سورمي کي چيڙائي ڇڏيو، ۽ هو امن ۽ تهذيب جي سرشتي کان نفرت ڪرڻ لڳو ۽ پاڻ کي هر ڳالهہ جو اڪيلو جج سمجهي رهيو هو تہ ساڳي وقت هن اهو بہ عزم ڪيو تہ جن بہ ڪيس تڪليفون پهچايون هيون يا ايذاءُ رسايا هيا انهن سيني کان انتقام وٺندو ۽ هاڻي هو سِول سوسائٽي جي قانونن جي پيڇڙي ڪندي فخر محسوس ڪندو تہ فوجي نظم ۽ ضبط جي پرواهہ نہ ڪندو. ان هوندي بہ بربرن جي ڪُهُري ۽ ايڏنگي طبيعت ۾ ڪجهہ بهتري آڻڻ

۽ اعتماد، انصاف ۽ انسانيت کي بحال ڪرڻ ۾ هن جون خدمتون پوءِ به تعريف لائق رهيون جيڪي ماڻهن کي محسوس به ٿيون. قومي تعصب جي سختي ۾ نرمي اچي وئي، ۽ مذهب توڙي هٿيارن جي شعبن ۾ پڻ واضح بهتري آئي جنهن جي عيسائي دنيا ۾ پڻ ڪلئي دل ۽ ذهن سان آڇيان ڪئي وئي. باهرين ملڪن ۾ هر ڪم توڙي زيارتن ۾ ۽ مقامي سطح تي جنگجُو مَشقن ۾، هر ملڪ جي ويڙهاڪن ۾ هن جذبي کي عام ڪيو ويو ۽ غير جانبدار نظريي موجب گاڏن جي مقامي راند روند کي، قديمي زمانن جي بين الاقوامي اولمپڪ راندين تي وڌيڪ ترجيح ڏني وئي(57). ڪلئي عام نمائش يا نظارن جي بجاءِ، جن سان يونانين جي طور طريقن ۾ ٻگاڙ اچي ويندو هو ۽ جن ۾ ڪنوارين ڇوڪرين يا بزرگ عورتن کي استئديم ۾ وڃڻ کان روڪيو ويندو هو، پر هاڻي شاندار طريقي جون لسٽون ٺهڻ لڳيون جن ۾ فقط وڏن خاندانن جون الهڙ حسينائون شامل هونديون هيون ۽ سوپ ماڻيندڙ بادشاهه، اُنهن جي نازڪ ۽ نفيس هٿن مان، پنهنجي بهادري، همت ۽ مردانگيءَ جا انعام وصول ڪندا هيا. ڪشتي توڙي مُڪي بازي جي مقابلن ۾ ڏسبو هو ته اُنهن جو هڪ سپاهي سان ڪو تعلق ڪو نه هو پر جيڪي اهڙي قسم جا مقابلا فرانس توڙي اوير ۽ اولهه جي ٻين ملڪن ۾ ٿيندا هيا، اُنهن ۾ ان فن بابت پوري تصوير پيش ڪئي ويندي هئي ۽ مقابلا به ڪافي دلچسپ هوندا هيا. دوبدو مقابلا هجن ۽ عام يا دستوري ويڙهه واري راند هجي. هڪ لنگهَه يا قلعي جي حفاظت ڪيئن ڪجي ان جي باقاعدگيءَ سان اهڙي ته ريهرسل يا مشق ڪرائي ويندي هئي جو اصل ۽ نقل ۾ فرق مٽجي ويندو هو ۽ جنگين جي مشق به اهڙي ته ڪمال واري هوندي هئي جو بنهه محسوس ئي نه ٿيندو هو ته اصلي جنگ هئي يا فقط سڪيا لاءِ ڊرامائي منظر ڪشي هئي ۽ اهڙن مقابلن جو فيصلو گهوڙي سوار ۽ نيزي بازي جا منظر گڏجي ڪندا هيا. هڪ جوڏي لاءِ نيزو هڪ خاص ۽ اصلي هٿيار هوندو هو ۽ سندس گهوڙو به وڏو، قداور ۽ جسماني طاقت رکندڙ خاص نسل وارو هوندو هو، پر هي جنگي گهوڙو، جيستائين پنهنجي سامهون ڪو اوچتو خطرو نه ڏسندو هو ته ان وقت تائين ان کي سندس رکوالو ڪاهي هلندو هو ۽ هو خاموشيءَ سان تيستائين هڪ نندي گهوڙي(*) تي چڙهندو هو جيڪو آسان وکون کٽي هلندو هو. سندس مٿي جو حفاظتي ٽوپلو ۽ سندس ترار. جنگهن لاءِ حفاظتي بند يا سندس ڍال وغيره کي بيان ڪرڻ ڪجهه عجيب لڳندو پر آڳ ايترو ضرور چوندس ته صليبي جنگين جي وقت ۾ زرهه پائڻ ۾ ايتري پيچيدگي نه هوندي هئي جيڪا بعد ۾ پيدا ڪئي وئي، ۽ سيني تي هڪ ڳري شيلڊ پائڻ جي بجاءِ هڪ هلڪو زرهه- بند پاتو ويندو هو جيڪو سيني جي حفاظت لاءِ ڪافي هوندو هو. جڏهن سندن ڏڳها نيزا هڪ جڳهه تي ڪُپي ويندا هيا ته ان وقت ئي جنگي جوڌا پنهنجن گهوڙن کي اَڙي هٽي دشمن طرف وڌندا هيا ۽ ترڪن توڙي عربن جي گهوڙي سوار فوج کي مجال نه ٿيندي هئي ته اُهي سندن طوفاني رفتار اڳيان بيهي سگهن. هر سورمي سان جنگ جي ميدان ۾ هڪ خادم گڏ هوندو هو پر اُهو به اهڙو هوندو هو جيڪو هم جي حوالي سان خانداني نسل سان تعلق رکندڙ هجي ته ساڳي وقت خيالن ۾ به پنهنجي مالڪ سان نهڪندڙ هجي، ساٺس گڏ تير انداز ۽ ٻين هٿيارن وارا ماڻهو هوندا هيا ۽ چار، پنج يا ڇهه سپاهي اهڙي ترتيب سان رکيا ويندا هيا ته جيئن نيزي بازي جي حملي کي مڪمل فوجي انداز ۾ آڻي سگهجي. پاڙي وارين بادشاهتن يا مقدس ڏرتي خلاف مُهمن ۾ مرڪزي اهلڪار گهٽا ڪم نه آيا، باقي جيڪي پاڻ هُرتو سورمن جي خدمت لاءِ مقرر هيا يا وري سندن پوئلڳ هيا جيڪي يا ته نج جذبي هيٺ خدمت ڪري رهيا هيا يا ممڪن آهي ته اُنهن کي ڪنهن انعام اڪرام يا ڪنهن واعدي جي لالچ ۾ خريد ڪيو ويو هجي. هر

جنگي جٿي جي تعداد کي ان جي طاقت، دولت ۽ ان جي اڳواڻ جي شهرت کي نظر ۾ رکي مقرر ڪيو ويندو هو. ان جٿي جي اڳواڻ جي سجاڻپ سندس جهنڊو، زرهه جي خاص پوشاڪ ۽ جنگ لڙڻ تي هڪ خاص "رُڙ" هئي ۽ يورپ جا جيڪي قديمي خاندان هيا اُهي اهڙن ڪارنامن ۾ پنهنجي نج خاندان جي ثابتي ڳولي خوش ٿيندا هيا. همت جي هن خاندااني تصوير پيش ڪرڻ کان پوءِ، مون تي زور پئجي ويو آهي ته صليبي جنگين جي ڪهاڻيءَ مان آءٌ هڪدم هن يادگار اداري(58) جا سبب ۽ ان جا اثر اوهان کي ٻڌايان.

اهڙيون فوجون ۽ سندن سپاهي ته وري اهڙائي تعريف لائق سندن اڳواڻ هوندا هيا جن صليبي نشان پائي چڙيا هيا ته جيئن مقدس مقبري جو چوٽڪارو ٿي سگهي. جيئن ئي عام ماڻهو هيڏي هوڏي ٽريا ۽ سندن غير موجودگي جي احساس کين ڏهني آسودگي ميسر ڪئي ته هنن هڪ ٻئي کي همٿايو ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهيون ٻولهيون ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ هڪ ٻئي تي زور پريائون ته گڏجي پنهنجا واعدا وَچن پاڻن ۽ مقدس مقبري ڏانهن بنا دير روانا ٿين. سندن زالون ۽ ڀيڻيون به هن خطري واري سفر ۾ ساڻن گڏ هيون ۽ اُنهن جي به خواهش هئي ته زيارت جو شرف حاصل ڪيو وڃي، هنن پنهنجو ڪٽڻ جهڙو سامان يا ڳهَ ڳنا چاندي ۽ سون مان ٺهيل پيتين ۾ ڪنيا هيا، بادشاهن، اميرن ۽ نوابن کوڙ سارا شڪاري ڪتا ۽ بازَ به گڏ ڪنيا هيا ته جيئن اُهي فرصت جي وقت شڪار ڪرڻ ۾ ڪم ڏين ۽ کين وِندرائي سگهن. ماڻهن ۽ گهوڙن جي هيڏي ساري وڏي لشڪر کي کاڌو خوراڪ مهيا ڪرڻ ۽ گذارو ڪرڻ مشڪل ٿي پيو هو، تنهن ڪري هنن پنهنجين پنهنجين فوجن کي هڪ ٻئي کان جدا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هر هڪ جٿي پنهنجو پنهنجو رستو اختيار ڪيو ۽ سيني جي هڪ ٻئي سان ملڻ جو هنڌ قسطنطنيه جي اوسي پاسي ۾ طئي ٿيو جتان اُهي گڏجي اڳتي وڌندا ۽ ترڪن خلاف پنهنجي محاذ آرائي جي شروعات ڪندا. ميوز ۽ موسيل جي ڪنارن کان، بولن جي گاڊفري جرمني، هنگري ۽ بلغاريا جو سڌو سنئون رستو ورتو ۽ سندس حڪم هيٺ سڄو قافلو اڳتي ڏوڪيندو رهيو، ۽ هر ڪنيل قدم، سندس دوراندیشي ۽ اعليٰ ڪردار جو ثبوت پيش ڪري رهيو هو. هنگري جي سرحد تي ڪيس عيسائين ٽن هفتن تائين روڪي ڇڏيو هو ڇو ته کين صليب جو نالو يا گهٽ ۾ گهٽ ان جو غلط استعمال ڏاڍو خراب ٿي لڳو. هنگري جي ماڻهن جا زخم اڃا تائين تازا هيا جيڪي پهريَن زيارتين کين رسايا هيا، ۽ هاڻي سندن وارو هو ته اُهي کين پناهه نه ڏين ۽ نه وري سندن حفاظت ڪن ۽ هي هنن لاءِ مناسب موقعو هو ته کين رسايل زخمن جو پورو بدلو ساڳي قوم جي سُورمي کان ونڻ چاهَڻ ته سندس مقصد به ساڳيو ئي هيو جيڪو کين تڪليف پهچائيندڙن جو هيو. پر مقصدن ۽ واقعن جي پوري تور ٽڪ ڪري ۽ انهن کي چگيءَ طرح جاچي جوچي، نيڪ ۽ سڻي سيرت رکندڙ امير پنهنجن نالائق پائرن جي زيادتين تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ سندس ہارهَن نائبن، جيڪي امن جا پيغامبر هيا، پنهنجن ماڻهن کي عرض ڪيو ته زيارتين کي امن ۽ سڪون سان گذرڻ ڏنو وڃي. سندن شڪ شبها دور ڪرڻ لاءِ گاڊفري پاڻ تي اعتماد ڪندي ۽ پنهنجي پاءُ کي اعتماد ۾ وٺندي، هنگري جي بادشاهه ڪارلومن سان مخاطب ٿيو جنهن سندن مهمان نوازيءَ جو سادگي پر خلوص مان بندوسبت ڪيو هو. هاڻي سندن صلح نامو به تي ويو جيڪو مقدس ڪتاب کي وچ تي رکي ڪيو ويو، ۽ جيڪو اعلان ٿيو ان ۾ دشمنين کي ختم ڪرڻ جو سمجهوتو ٿيو ۽ لاطيني سپاهين کي اڳ جيڪا اجازت مليل هئي ته جيڪو کين وٽي اهو ڪن، ان کي ختم ڪيو ويو. آسٽريا کان بلغراد تائين هنن هنگري جي ميدانن تي پنڌ ڪيو جنهن ۾ نه ته

کين کا تکليف پهتي ۽ نہ هنن کنهن کي کو ايذاءُ رسايو ويو ۽ جيڪا کارلومن سان سندن ويجهائي رهي ۽ جنهن تي پنهنجن فوجين ۽ گهوڙي سوارن نظر ٿي رکي، هڪ اهڙو احتياط هو، جيڪو سندن دوستيءَ لاءِ گهٽ پر سندس سلامتيءَ لاءِ وڌيڪ کارگر هيو. اُهي سِيو ندي جي ڪناري تي پهتا، ۽ جيئن ئي ندي کي اُکاريائون، تہ هنگري جي بادشاهہ اُنهن ماڻهن کي چڏي ڏنو جن کي هن اڳ يرغمال بنايو هو ۽ سندن روانگي وقت سندن مُهر جي ڪاميابيءَ لاءِ پنهنجين نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيائين. ساڳئي اخلاق ۽ نظر ۽ ضبط سان گاڊفري بلغاريا جي جهنگلن مان گذري ٽريس جي سرحدن تائين پهتو ۽ پنهنجي پاڻ کي مبارڪون ڏنائين تہ هُن، هِن زيارتي ۽ ڪنن سفر جو پهريون مرحلو ذري گهٽ مڪمل ڪري ورتو هو جنهن ۾ ڪنهن بہ عيسائي مخالف يا دشمن لاءِ ڪيس ترار استعمال ڪرڻ جي ضرورت پيش نہ آئي هئي. لومباردي کان ڪافي خوشگوار سفر ٿئي ڪندي. ريمنڊ، پنهنجن ڳوناڻن ماڻهن جي لشڪر سان گڏ ٽورن کان عقيليا تائين چاليهن ڏينهن جو سفر ڊالمئٽيا(59) ۽ اسڪلئوونيا جهڙن وحشي ملڪن مان خير خوبيءَ سان طئي ڪيو. موسم اها هئي جو سدائين ڪوهيڙ ڇانيل رهندو هو، زمين پٿريلي ۽ علائقو ويران هيو، مقامي ماڻهو اڪثر ڪري ياڇوڪڙ ۽ دشمنيءَ تي مائل رهندا هيا، پنهنجي مذهب کان بي خبرا ۽ حڪومت کان پاسيرا رهندا هيا، اُنهن، زيارتين کي ڪاڏو خوراڪ ڏيڻ يا سندن رهبري ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جيڪي زيارتي پنهنجن ٽولن کان ڇڄي ڇڙوڇڙ ٿي ويا هيا اُنهن کي قتل ڪري ڇڏيائون ۽ رات ڏينهن پنهنجي امير جي سار سنڀال لهندا هيا جنهن کي پنهنجي حفاظت جو سدائين اونو رهندو هو ڇاڪاڻ تہ هن ڪجهہ قيدي لٽيرن کي سخت سزائون ڏنيون هيون، باقي ڪيس اسڪوڊرا(60) جي بادشاهہ سان ڪيل صلح نامي جي ڪا پرواهہ ڪانہ هئي. دُرازو ۽ قسطنطنيه جي وچ ۾ سندس قافلي کي يونان جي شهنشاهہ جي هارين ۽ سپاهين پاران روڪيو تہ نہ ويو پر سخت پريشان ڪيو ويو، ۽ ساڳي نرمي واري پريشان ڪندڙ دشمني بين قافلن جي اڳواڻن سان پڻ جاري رکي وئي جيڪي اڳتي جي ڪنارن کان روانا ٿي ائدرئنڪ کان گذري رهيا هيا. بوهيمنڊ وٽ فوجون ۽ جهاز ٻئي هيا، ان کان سواءِ وٽس نظم ۽ ضبط ۽ دوراندیشي هئي ۽ سندس نالي کي ايپيرس ۾ ٿيسلي ۾ هرگز وساريو نہ ويو هو. رستي ۾ جيڪي بہ ڪيس مشڪلون يا رڪاوٽون پيش آيون، اُنهن کي سندس فوجي طريقي جي ڪردار ۽ ٽئنڪريڊ جي بهاديريءَ سبب، خوش اسلوبيءَ سان مُنهن ڏنو ويو ۽ جيڪڏهن نارمن بادشاهہ هوشياريءَ سان يونانين کي بچايو تہ هن پنهنجن سپاهين کي هڪ ڪافراڻي قلعي(61) جي قُرلُٽ ذريعي نڙيءَ تائين پري چڏيو هو. فرانس جي امير بنا ڪنهن رٽ يا تجويز جي اڳتي وڌڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ۽ هونئن ئي سندن قوم کي ڪاهلي ۽ سُستيءَ جا طعنا ملندا ئي رهندا آهن. عظيم هُو (Hugh the Great) جيڪو ٻن رابرٽس منجهان هڪ هو ۽ چارٽريس جو استيفن، ائلپس کان اپوليا تائين خوشحال ملڪن منجهان گذريا، ۽ داد ڏيندڙ ڪٿولڪ عيسائين ۾ هڪ مذهبي عقيدتمندي کين نظر آئي: هنن روم جي وڏي پادري جا پير چُميا، ۽ سينٽ پيٽر جو سونو جهنڊو فرانس جي بادشاهہ جي حوالي ڪيو ويو(62). پر هن فرمانبرداري ۽ خوشيءَ جي دؤري ۾، ڪانئن موسم جو احوال پڇڻ وسري ويو تہ اُها سازگار هئي يا نہ، ۽ ٻيو تہ انهن رستي جي رهبري جو بہ معلوم نہ ڪيو، سياري جي موسم اجائي ضايع ٿي وئي هئي ۽ سندن فوجي ٽڙي پکڙي ۽ اڳتي جي شهرن ۾ بکڙي ويا هيا. هنن پنهنجا پنهنجا رستا جدا ڳولي لڌا جن ۾ نہ تہ سلامتيءَ جي ضمانت هئي نہ سندن شان شوڪت جي، ۽ ٻيبي مريم جي جشن، جنهن کي (Feast of Assumption) چوندا آهن ۽ اهو ڏينهن 15 آگسٽ تي ملهائبو آهي) کان نوَن مهينن جي

اندر، سيئي لاطيني بادشاهه ان ڏينهن تي قسطنطنيه پهتا هيا جيڪو اربن مقرر ڪيو هو. پر ورمئندبوز جي امير کي هڪ قيدي جي شڪل ۾ آندو ويو، سندس بهترين جهاز ساموندي طوفان ۾ تباهه ٿي ويا، ۽ هو خود، اليگزيَس جي ٻين عملدارن هٿان قيدي بڻجي ويو، هڪ اهڙو قدم ڪنيو ويو جيڪو قومن جي بين الاقوامي قانون جي خلاف هو. تنهن هوندي به بادشاهه هُو جي آمد جو، چئن ۽ ويهن (يعني چوويهن) اميرن طرفان اعلان ڪيو ويو جنهن کي سوني زرهه پاتل هئي جنهن شهنشاهه کي حڪم ڏنو ته لاطيني عيسائين جي جنرل جو احترام ڪيو وڃي جيڪو بادشاهن جي بادشاهه جو پاءُ هيو(63).

ڪنهن مشرقي آکاڻين جي ڪتاب ۾ مون هڪ ريڊار بابت افسانو پڙهيو هو جيڪو پنهنجي خواهش جي پوري ٿيڻ تي پاڻ برباد ٿي ويو هو؛ هن جڏهن پاڻي ملڻ جي خواهش ڪئي هئي ۽ نتيجو اهو نڪتو جو گنگا ندي جو پاڻي سندس ٻنين ۾ اٽلي پيو ۽ سندس سڄو مال جو ڏڻ توڙي سندس گهر پاڻيءَ ۾ لڙهي ويو. سندس نصيب اهڙو هو جهڙو يونان جي شهنشاهه اليگزيس ڪمنيئس جو هو جنهن جو نالو اڳ ۾ ئي هن تاريخ ۾ آيل آهي(*) ۽ جنهن جي ڪردار کي سندس ڏيءُ اَنَا(64) بلڪل مختلف طريقي سان بيان ڪيو آهي ته لاطيني ليڪڪن(65) به ان جو تذڪرو ڪيو آهي. پليسينشيا جي ڪائونسل ۾ سندس سفيرن نديي مدد لاءِ درخواست ڪئي هئي جيڪا شايد ڏهه هزار سپاهين جي هئي، پر ڪيس وڏن سردارن ۽ جنوني قومن جي ڪردار تي حيرت وني وئي هئي. شهنشاهه اُميد خوف، بزدلي ۽ مردانگيءَ جي وچ تي لڙکيل رهيو پر هڪ منافقت واري پاليسي جنهن کي هن غلط فهميءَ مان ڏاهپ سمجهيو هو، جنهن جو مون کي اعتبار نٿو اچي، ۽ آءٌ سوچي به نٿو سگهان ته هن فرانس جي سورمن جي زندگي ۽ سندن وقار خلاف بدنيتي ۽ ڪدورت منجهان ڪا سازش سِٽي هئي. راهب پيٽر جا گڏيل سڏيل ماڻهن جا لشڪر جهنگلي جانورن جهڙا هيا جيڪي انسانيت ۽ دليلن کان وانجهيل هيا ۽ اليگزيَس لاءِ اهو ممڪن ڪونه هو ته کين روڪي يا سندن تباهيءَ تي ويهي افسوس ڪري، گاڏفري ۽ سندس هڪ جهڙن جون فوجون ايتريون نفرت لائق نه هيون، پر پوءِ به يوناني شهنشاهه جي نظرن ۾ مشڪوڪ ضرور هيون، سندن مقصد پلي صاف ۽ سچا هجن پر هو حرص رکندڙ بوهيمنڊ کان وڌيڪ محتاط هيو ۽ ٽرنسالپن جي سرواٽن کان ناواقفيت سبب به ناراض هو؛ فرانس وارن جي جرئت انڊي ۽ سرڪشي واري هئي، يونان جي دولت ۽ عياشي هنن لاءِ بيحد هرڪائيندڙ هئي ۽ هو پنهنجي اجيت فوجي طاقت ۾ مست مگن هيا ۽ اهو به امڪان هو ته هو قسطنطنيه جي پرڪشش شهر تي موهجي جيروسلم کي وساري ڇڏن. ڏگهي سفر ۽ تڪليف ڏيندڙ پرهيز کان پوءِ، گاڏفري جي فوجن ٽريس جي ميدانن تي وڃي خيما کوڙيا، پر اُنهن کي اهو معلوم ڪري سخت ڏک به ٿيو ۽ ڪاوڙ به آئي ته سندن پاءُ ورمئندبوز جي امير کي يونان ۾ قيد ڪيو ويو هيو ۽ سندن ناراض نواب ڪڏهن کين ردِعمل جون ته ڪڏهن کين قُرلٹ جون ڏمڪيون ڏئي رهيو هو. نيٺ اليگزيَس جي مداخلت تي اُهي ڪجهه ڊرا ٿيا، هن سندن ڪئمپ جي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ته سياري جي موسم ۾ باسفورَس مان کين گذرڻ ڏنو ويندو ۽ سندن ڪئمپن کي سمنڊ جي سوڙهي پٽي جي پر ۾ باغن ۽ محلاتن ۾ قائم ڪيو ويو هو. پر بن قومن جي اندر ۾ حسد جي باهه ٻرڪي رهي هئي جيڪي غلامن توڙي بربرن جي حيثيت ۾ هڪ ٻئي کان سخت نفرت ڪندا هيا. جهالت، شڪن کي جنم ڏيندي آهي روزانو ڪنهن کي اُڪسائڻ ۽ ڪاوڙائڻ، شڪن جي زخمن تي مِرچ ٻُرڪيندو رهندو آهي، تعصب انٽو ۽ بک ٻوڙي هوندي آهي، ۽ اليگزيَس تي اهو الزام آهي ته هن لاطينين کان يا ته ٻُکون ڪاڙايون يا وري اهڙي خطرناڪ صورتحال ۾ متن حملا ڪيا جڏهن هو هر طرف کان پاڻيءَ ۾ وکوڙيل هيا(66).

گاڊفري پنهنجا توتارا وڃرايا، رُکاوٽن کي دور ڪيو، ميدانن ۾ هر طرف پکڙجي ويا ۽ پاڙي اوڙي جي گونٽن جون بيعزتيون ڪيائون(*) پر قسطنطنيه جا گيٽ بيحد مضبوط هيا، مورچن تي تيرانداز چوڪس هيا ۽ ٽوري وقفي جي لڙائيءَ کان پوءِ ٻنهي ڌرين نيٺ امن ۽ مذهب جي آواز کي ٻڌو ۽ ناڦُر ٿي. شهنشاهه طرفان تحفا ڏنا ويا ۽ واعدا ڪيا ويا جنهن ذريعي مغرب جي ڌارين ۽ بيگانن ماٺهن جا گرم مزاج ڪجهه ٺڏا ٿيا، جيئن ته هو خود عيسائي جنگجُو هيو، هن پنهنجن مخالفن جي جذبن جو رُخ پاڪ مقصد ڏانهن موڙيو جنهن لاءِ ڪين پنهنجي فوجي توڙي مالي مدد جو يقين پٽ ڏياريائين. بهار ايندي ئي، گاڊفري کي مجبور ڪيو ويو ته هو ايشيا ۾ بهتر ۽ آرام واري ڪرسي والاري ويهي رهي ۽ جيئن ئي هن باسفورس کي اُڪاريو، ته يوناني جهازن کي پنڌتي موڪليو ويو ته جيئن اُهي ٻي ڪناري تي لنگرانداز ٿين. ٻين اڳواڻن سان پڻ ساڳيو ورتاءُ ڪيو ويو جيڪي گاڊفري جي مثال مان سخت پريشان ٿيا ۽ پنهنجن همت پرين ساٿين جي روانگي سبب پاڻ کي ڪمزور سمجهڻ لڳا. پنهنجي ذهانت ۽ محنت سان اليگزيَس ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ته جيئن ڪي به به اتحادي فوجون هڪ ئي وقت تي قسطنطنيه جي اردگرد ۾ پاڻ ۾ ساڳئي وقت تي هڪ ٻئي سان نه ملن ۽ پينٽ ڪاسٽ جي جشن کان اڳ هڪڙو به لاطيني زيارتي يورپ جي ڪنهن به ڪناري تي موجود ڪونه هو.

ساڳيون فوجون، جن يورپ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو، شايد ايشيا کي نجات ڏيارن ۽ ترڪن کي، پاڙي وارن باسفورس ۽ هيليسپانٽ جي ساموندي ڪنارن تان پڃائي ڏين. سنا ۽ پُرامن صوبا جيڪي نائيسيا کان انتاڪيا تائين هيا اُهي روم جي شهنشاهه کي ورثي ۾ مليا هيا ۽ شام ۽ مصر جي بادشاهتن تي سندس قديمي ۽ دائمي دعويٰ ايجا تائين برقرار هئي. شايد خوشي ۽ جوش مان اليگزيَس جي خواهش هئي ته پنهنجن اتحادين جي مدد سان هو اوپر جي ملڪن جا تخت ڪيرائي ۽ ڪين تباهه ڪري ڇڏي. پر جڏهن ڪجهه ٽڏو ٽي سوچيائين ته سندس ضمير جي آواز ائين ڪرڻ کان ڪيس روڪيو ۽ پوءِ فيصلو ڪيائين ته هو پنهنجي شاهي ۽ مٿاهين حيثيت کي ڌارين ۽ جاهل بربرين اڳيان ظاهر نه ڪندو. سندس دوراندیشي ۽ فخر واري بردباري ان ڳالهه تي مطمئن هئي ته هو فرانس جي بادشاهن کان قسم تي اهو واعدو وٺندو ته اُهي پاڻ کي روم جي شهنشاهه جي پاليل نوڪرن جيان سندس ٻيلي ۽ ٻانها سمجهندا ۽ جيڪي سوين هنن ايشيائي علائقن جون ڪيون هيون اُنهن کي به هو روم جي شهنشاهت جو حصو سمجهندا ۽ روم جي شهنشاهه جا دائمي وفادار ٿي رهندا. سندن آزاد مزاج کي، متن مڙهيل غلاميءَ جي ذڪر سان ئي باهه وٽي وئي، پر هنن چالاڪي ڪندي شهنشاهه ڏي تحفا موڪليا ۽ سندس خوشامد شروع ڪري ڏنائون، ۽ جيڪي پهريان مذهب مٽائيندڙ هيا اُهي تقرير جا ماهر ۽ ڪامياب پرچارڪ هيا پر سندن تعداد وڌڻ سان سندن شرمساري به اوتري ئي وڌي وئي هئي. ورمئنڊوز جي هُو جي عزت بچي وئي ڇاڪاڻ ته قيديءَ جي حيثيت ۾ ڪيس مانُ ڏنو ويو ۽ فرانس جي بادشاهه جي ياءُ جي سلسلي ۾، سندن پيش پوڻ جو مثال سنو ۽ وزنائتو هو. بولن جي گاڊفري جي ذهن ۾ هر انساني خيال يا جذبو خدا جي مرضي ۽ سندس اعليٰ شان جي تابع هو ۽ صليبي جنگين ۾ ڪاميابي به سندس ئي مرضيءَ جي محتاج هئي. هن بوهيمنڊ ۽ ريمنڊ طرفان لالچن جي آڇ کي ٺڪرائي ڇڏيو جن قسطنطنيه تي حملي ڪرڻ ۽ ان کي فتح ڪرڻ جو مٽس زور ڀريو هو. اليگزيَس سندس ڪردار کان متاثر ٿيو ۽ ڪيس روم جي شهنشاهت جو سورمو ڪري مڃيائين ۽ سندس وفاداريءَ جو قدر ڪندي ڪيس پنهنجو پُٽ ڪري اختيار ڪيائين(67). نفرت لائق بوهيمنڊ جو هڪ سچي ۽ پراڻي ساٿي طور استقبال ڪيو ويو

۽ جيڪڏهن شهنشاهه کيس پراڻي دشمنيءَ جي ياد تازي ڪرائي هئي تہ اُها بہ فقط هن ڪري تہ کيس سندس ان جرئت جي تعريف ڪرڻي هئي جيڪا هن اڳ ڏيکاري هئي ۽ هيو تہ هُن دُرازو ۽ لاريسا(*) جي هنڌن تي پنهنجو وقار وڌايو هو. گسڪاردِ جي پٽ کي هڪ هنڌ ترسايو ويو هو ۽ شاهي طريقي سان سندس خدمت ڪئي وئي، هڪ ڏينهن جيئن هو محلات جي وراندي مان گذريو تہ هن ڏٺو تہ محلات جو هڪ دروازو کليو پيو هو جتي کيس سون، چاندي، ريشم ۽ هيرن جو خزانو نظر آيو، ان کانسواءِ بيحد قيمتي فرنيچر پڻ ڏٺائين جيڪو محل جي هيٺئين طبقي کان وٺي چت تائين هيڈي هوڏي پکڙيو پيو هو. حيرانگيءَ مان مَڃُو ۽ ڪنجوس شخص چيو: 'جنهن وٽ ايترو ۽ اهڙو قيمتي خزانو موجود هجي تہ ان لاءِ سوڀيون حاصل ڪرڻ ڪهڙي وڏي ڳالهہ آهي.' "اهو تنهنجو پنهنجو آهي"، هڪ يوناني نوڪر کيس جواب ڏنو جنهن سندس چرپر تي نظر ٽي رکي ۽ بوهيمنڊ، ٿوري دير لاءِ تہ وائڙو ٽي ويو، نيٺ پاڻ سنڀاليندي اهي قيمتي تحفا خوشيءَ سان قبول ڪيائين. نارمنڊي جو ماڻهو يعني برهيمنڊ ان يقين ڏيارڻ تي خوش ٿيو تہ کيس هڪ رياست جو نواب بڻايو ويندو، اليگزيَس، سندس طرفان اوپر جي هڪ وڏي نواب يا جنرل بنائڻ جي وڏي مطالبي مجڻ کان صاف انڪار ڪرڻ جي بجاءِ تنائڻ ۽ لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي. بہ رابرٽ، انگلنڊ جي فاتح جو پٽ ۽ ٽنڻ راڻين(68) جو ويجهو عزيز واري واري سان بازنطيني تخت اڳيان وجي جهُڪيا. چارٽريس جي استيفن جو ذاتي خط شهنشاهہ جي تعريف جي تصديق ٿو ڪري جيڪو واقعي هڪ باڪمال شخص ۽ سخي مرد هو جنهن کيس سمجهايو هو تہ هو کيس پسند ايندو هو ۽ سندس ننڍي پٽ کي پڙهائڻ ۽ زندگيءَ ۾ ڪٽي ٽانيڪو ڪرڻ جو واعدو ڪيو هئائين. سندس ڏاڪٽين صوبي ۾، سينٽ گائيلز ۽ ٽولوز جي امير فرانس جي بادشاهہ کي مشڪل سان سجاتو هو جيڪو هڪ ڏاري قوم ۽ ڏاري ٻولي جو حاڪم هيو. هڪ لک ماڻهن جي سامهون هن اعلان ڪيو تہ هو فقط حضرت عيسيٰ جو سپاهي ۽ خادم هيو ۽ يوناني شايد هڪجهڙائي ۽ دوستي واري معاهدي سان ئي مطمئن ٽي سگهندا. سندس طرفان سختيءَ واري مزاحمت سندس نياز نوڙت جي قدرن کي وڌائي ڇڏيو ۽ هو بربرن ۾ ائين نمايان هو جيئن جنت ۾ چنڊ، تارن جي جهرمٽ ۾ چمڪندو آهي. فرانس وارن جي گوڙ شور ۽ سندن گستاخي واري روَيي تي کيس بيحد ڪاوڙ هئي ۽ بوهيمنڊ جي ارادن تي کيس شڪ هيو، پر شهنشاهہ پنهنجو راز پنهنجي وفادار ريمنڊ سان اوري ڇڏيو هو ۽ اُنهيءَ بزرگ ۽ دانائ ماڻهو بوهيمنڊ جي ارادن مان ئي سمجهي ورتو هو تہ 'هو دوستيءَ ۾ پلي ڪيترو بہ ڪوڙو ڇو نہ هجي پر دشمنيءَ ۾ بيحد مخلص هيو.'(69) جرئت ۽ مردانگيءَ جي جذبن کي آخري پيري ٽٽنڪريڊ جي ذات ۾ چيپاڻجندي ڏٺو ويو هو ۽ ان بهادر امير جي ڪاپي ڪندي ڪنهن بہ پاڻ کي بيعزتو محسوس نہ ڪيو. کيس سون کان بہ نفرت هئي تہ يوناني حاڪم جي خوشامد کان بہ کيس بُڇان لڳندي هئي ۽ هن پنهنجي موجودگيءَ ۾ هڪ بزرگ جي گستاخيءَ تي کيس بيعزتو ڪيو، هڪ ذاتي سپاهيءَ جي حيثيت ۾ ايشيا ڏانهن ڪسڪي ويو ۽ ٿڏو ساهہ پريندي بوهيمنڊ جي اختيارن آڏو آڻ مجيائين. ۽ اهو سيڪجهہ فقط انڪري ڪيائين تہ جيئن عيسائيت جي پرچار ۽ مقصدن کي اڳتي وڌائي سگهجي. ظاهري طرح جيئن تہ اليگزيَس جي جهازن ۽ ان جي اجازت کانسواءِ سمنڊ اُڪرڻ ۽ پنهنجو وَڃن پاڙڻ ناممڪن هو تہ اهوئي ظاهري ۽ اهم سبب هو جنهن کين پنڌتي رکيو هو، پر پوءِ بہ اُنهن جي اندر ۾ هڪ لِڪل اُميد ضرور هئي تہ، جيئن ئي اُهي ايشيا ڪنڊ تي قدم رکندا، تہ سندن تراورن هنن جي حضور شرميءَ کي بہ ختم ڪري ڇڏيندیون ۽ ان پروگرام کي بہ درهم برهم ڪري ڇڏيندیون، جيڪو شايد خلوص سان بہ مڪمل نہ

ڪري سگهجي ها. پنهنجي طرفان عقيدت جو نذرانو هنن اهڙن ماڻهن کي پيش ڪيو جيڪي تڪبر يا وڏائيءَ کي طاقت جو سرچشمو سمجهندا هيا. سامهون تخت تي گونگو ۽ چرٻ پرٻ کان عاري هڪ شهنشاهه وينو هو، لاطيني بادشاهن 'جيئندا قبلا' چئي پنهنجو احترام پيش ڪيو ۽ اُهي سندس اڳيان جهڪيا تہ جيئن سندس پيرن يا گوڏن تي چُميون ڏئي سگهجن. هڪ اهڙي ذلت جنهن لاءِ سندن ليکڪ بہ اها ڳالهہ مجيندي شرمسار ٿيندا آهن تہ وري حقيقت کي لکائي بہ نہ سگهندا آهن(70).

حڪومتي توڙي ذاتي ۽ عوامي سطح تي امير ۽ نوابن طرفان اُتاريل چوٻول کي ڏيايو ويو پر هڪ فرانسيسي امير (جنهن لاءِ چيو وڃي تہ اُهو پئرس جو رابرٽ هيو)(71) اهو تاثر ڏنو تہ هو تخت تي ويهندو ۽ پاڻ کي اليگزيَس جو حمايتي ظاهر ڪيائين، اهڙي بيهودي حرڪت بالڊوِن کي سخت غصي ۾ آڻي ڇڏيو جنهن مٿس ملامت ڪندي هي جملو بربرن جي انداز ۾ چيو: 'هي جاهل جَٽ ڪير آهي جيڪو پنهنجي ڪرسي تي وينو آهي جڏهن تہ ڪيترائي مان وارا ۽ معزز شخص سندس چؤڌاري بينل آهن؟' شهنشاهہ پنهنجي خاموشيءَ کي برقرار رکيو، پنهنجي ڪاوڙ کي اندر ۾ پِي ڇڏيائين، ۽ پنهنجي ترجمان کان اُنهن لفظن جو مطلب پڇيائين جيڪي سندس مخالف اشارن ۽ مُنهن جي نقش نگارن جي عالمي زبان ۾ ڪيس چئي ويو هو. زيارتين جي رواني ٽيٽ کان اڳ ۾ هن ان امير جو نالو ۽ باقي تعارف يا تفصيل معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. 'آءٌ هڪ فرانسيسي آهيان' رابرٽ جواب ڏنو، '۽ منهنجو اصل نسل نِج ۽ صاف آهي ۽ پنهنجي ملڪ جي قديم ۽ بيحد معزز خاندان سان منهنجو تعلق آهي. جيتريقدر مون کي معلوم آهي تہ منهنجي پاڙي ۾ هڪ ڪليسا آهي(72) جيڪو اُنهن ماڻهن جو گهر آهي جن جي خواهش هوندي آهي تہ اُهي پنهنجي بهادريءَ کي دوبدو جي مقابلن ۾ آزمائيندا آهن. دشمن جي ظاهر ٽيٽ تائين، ڪليسا جا رهواسي الله جي عبادت ۾ مشغول هوندا آهن ۽ ان جي خاص درويشن ۽ وَلين سان رابطي ۾ رهندا آهن. آءٌ بہ ان چَرچ ۾ اڪثر ايندو ويندو رهيو آهيان پر مون کي اڄ ڏينهن تائين اهڙو مخالف مليو ئي ڪونهي جنهن کي ڪڏهن اها جرئت ٿي هجي تہ منهنجي للڪار کي قبول ڪري.' اليگزيَس ان بهادر ماڻهوءَ کي وڃڻ ڏنو ۽ ويندي ويندي ڪيس ترڪي جي جنگ ۾ سندس ڪردار لاءِ ڪجهہ دوراندیشي وارا مشورا ڪيس ڏنائين ۽ تاريخ جي صفحن تي هي يا اهڙي قسم جا واقعا درج ٿيل آهن جيڪي ان وقت جي طور طريقن ۽ اخلاق عادتن جي شاهدي ڏين ٿا.

ايشيا جي فتح جو ڪارنامو فقط سڪندراعظم جي حصي ۾ آيو هو جنهن سان پنجٽيهہ هزار مئسڊونيا ۽ يونان جا فوجي گڏ هيا(73) ۽ پيادل فوج جو مضبوط دستوئي سندس طاقت ۽ نظم ۽ ضبط جو وڏو سهارو هو. پر صليبي جنگ لاءِ جيڪا خاص فوج هئي اُها سندس گهوڙيسوار دستا هيا، ۽ جڏهن اُهي بٽنيا جي ميدان تي وڃي لٿا تہ امير ۽ سندن ويڙهاڪ خادم ۽ دربان جيڪي گهوڙن تي سوار هيا انهن جو تعداد هڪ لک جي لڳ ڀڳ هو ۽ اُهي هٿيارن ۽ زرهن سان چگهيءَ طرح مسلح هيا. هنن سپاهين جي قدر ۽ قيمت لاءِ اسان وٽ پورا تفصيل هئڻ گهرجن ۽ يورپ جي بهادري پنهنجي پهرين ڪوشش ۾ ئي بيحد طاقتور گهوڙيسوار فوج سان مسلح هئي، ڪجهہ پيادل فوج کي پڻ مدد لاءِ شامل ڪيو ويو هو، جيڪي اسڪائوٽن، سورمن ۽ تيراندازن جي مدد لاءِ اتي حاضر هيا، پر جيئن تہ بيشمار انبوهہ ۾ ماڻهن جي وَڻ وَڻ جي ڪائي شامل هئي تہ انهن ۾ نظم ۽ ضبط قائم نہ رهي سگهيو ۽ اُهي چڙوچڙ ٿي ويا تنهنڪري اسان سِرن جي ڳڻپ جي معلومات تي نہ پاڙيندا سون پر نواب بالڊوِن(74) جي ننڍي پادري جي ڳالهہ تي اعتبار ڪنداسون، جنهن ۾ هن ڇهن لکن زيارتين جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي

هٿيار کنيون ٿي هليا، پادري راهب، ۽ بيشمار عورتون ۽ ٻارڙا ان کانسواءِ لاطيني ڪئمپ ۾ موجود هيا. هاڻي جو پڙهندڙ تعجب مان چرڪ پري ان کان اڳ آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو ۽ آءٌ ساڳي شاهديءَ تي پاڙيندس ته جن به صليب جو نشان پائي ڇڏيو هو ۽ اُنهن سيني پنهنجو وَڇن پورو ڪري ڇڏيو هو ته انهي حساب سان ست لک ماڻهن يورپ کان ايشيا ڏي هجرت ڪئي هئي. اعتقاد جي هن وڏي معرڪي ۾ مون کي هڪ وڏي ڏاهي ۽ سوچ رکندڙ ليکڪ(75) کان وڏو قلبي سرور مليو آهي جيڪو گهوڙيسوار فوج جي ساڳئي تجزيي ڪرڻ کان پوءِ، چارٽريس جي پادري جي سادگيءَ تي الزام ٿو مڙهي، بلڪ متس شڪ ٿو ڪري ته سسالپائن جا خِطا(*) (فرانس جي ماڻهوءَ جي جاگرافي موجب) خود ايترا ته وڏا هيا جو اُهي به ايڏي وڏي لشڪر مهيا ڪرڻ لاءِ ڪافي هيا، جيڪي ڏڏي مزاج جا نقاد آهن اُنهن کي ياد هوندو ته هنن مذهبي عقيدتمندن مان بيشمار ماڻهن ته قسطنطنيه يا نائيسيا کي ايا تائين ڏٺو به نه هيو، جڏهن وارن گهڙين ۾ اثر سانتيڪو نه رهندو آهي ۽ ٻيو وري اهو عارضي هوندو آهي ۽ ڪيترا ماڻهو ته سبب يا بغير ڪنهن سبب يا بزدليءَ کان پنهنجن گهرن ۾ ئي رهجي ويا هيا. ٻيا گهٽائي وري مفلسي، ڪمزوري يا بيماري سبب وچن پوري ڪرڻ لاءِ شامل نه ٿي سگهيا هيا ۽ ٽيان وري رستي تي رڪاوٽن سبب پنڌتي موٽي ويا هيا ۽ جيڪي اٿتر ۽ اَڄيت هيا اُنهن سورمن کي جاهلن ۽ مذهبي جنونين ڏٺو به نه هو. هنگري ۽ بلغراد جهڙا وحشي ملڪ ته جڏ هڏاوان پيچرا ٿي ويا هيا، سندن سرواڻ ۽ اڳواڻ ته ترڪي جي سلطان هٿان ڪٽجي ڳٽرا ٿي چڪا هيا ۽ پهرئين ئي جنگي معرڪي ۾ سندن جانين جو نقصان، جيڪو ترار، سخت موسم يا ٽڪ سبب ٽيو هو، ٿي لَکَ انسان ٻڌايو وڃي ٿو جنهن کي اسان اڳ ۾ ئي بيان ڪري چڪا آهيون، ان جي باوجود جيڪي لشڪر اڃا بچي ويا هيا، اُنهن اڳتي سفر کي جاري رکيو ۽ جيڪي پنڌ کي، زيارت جي شوق ۾ اڳتي ڏوکيندا رهيا، اهو موضوع خود هنن لاءِ توڙي يونانين لاءِ حيرت ڏيارينڊڙ هيو. راٿي ائن(76) جي زبان ۽ سندس هوليءَ جي طاقت ان وقت ٽڪجي پوي ٿي جڏهن هوءَ زيارتين جو منظر نامو پيش ڪري ٿي. 'ڪڪ'، پن، گل، ٻوٽا، سمنڊ جي واري يا بهشت جا ستارا به شايد اهو بيان پوريءَ طرح ادا نه ڪري سگهندا جيڪو هن پاڻ پنهنجين اکين سان ڏٺو هو يا ماڻهن کان ٻڌو هو ۽ اليگزيَس جي ڏيءُ تعجب جو اظهار ڪندي چوي ٿي ته 'سمورو يورپ ڇڻ بنيادن کان اُکڙجي ايشيا مٽان پلٽجي پيو هو'. ڊئريَس ۽ زرڪسز جهڙن قديمي ماڻهن به شايد اهڙو مثال پيش نه ڪيو هوندو پر مون کي يقين آهي ته دنيا ۾ اهڙو مثال نٿو ملي ته ماڻهن جوا يڏو وڏو تعداد ڪنهن هڪ ڪئمپ ۾ ڪڏهن گڏ ٿيو هوندو جهڙو هن دفعي نائيسيا جي ڳهيري وقت هو، جيڪو لاطيني بادشاهن جو پهريون وڏو معرڪو هو. سندن مقصد، سندن ڪردار ۽ سندن فوجن جي تعداد تي اڳ ۾ ئي تبصرو ٿي چڪو آهي. فوجن منجهان وڏي ۾ وڏو تعداد فرانس وارن جو هيو، ٻيا ماڻهو هيناهين ملڪن، رائين جي ڪنارن ۽ اپوليا کان آيا هيا ۽ ٻين وري پنهنجن ملڪن کان مددگار جٽا ڏيارين موڪليا هيا؛ بيشمار ماڻهو اسپين، لومباردي ۽ انگلنڊ(77) ۽ آئرلئنڊ ۽ اسڪاٽلئنڊ(78) جهڙن ڏورانهن ملڪن کان به هتي پهتا هيا؛ ڪي ته اڳهاڙا ۽ وحشي جنوني پڻ هيا پر ڪمال اهو جو اُهي پنهنجن گهرن ۾ ته بيحد خطرناڪ هيا پر ٻاهر نڪري پُرامن ٿي ويا هيا. جيڪڏهن وهم وسوسا، بيحد غريب ۽ ڪمزور ترين عيسائين کي زيارت جي شرف کان محروم ڪرڻ جي عمل کي مذهبي بي حرمتي جي زمري ۾ نه آڻن ها ته ماڻهن جي بيڪار هجوم کي، جن کي وات ته هيا پر هٿ ڪونه هيا، تيستائين يونان جي شهنشاهت ۾ ترسايو وڃي ها جيستائين سندن ساٿي پنهنجي آقا جو رستو ڳولي پنهنجو مقصد ۽ منزل

ماڻي ونڻ ها. ٻڌيل ماڻهن مان ڪجهه زيارتين کي، جيڪي باسفورس اُڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هيا، مقدس مقبري جي زيارت ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي. اُتريان علائقا گرميءَ ۾ ٻڌري رهيا هيا ۽ شام ملڪ جي سڄ جي پاڻيءَ جي بخارن سبب وڏيڪ خطرناڪ ٿي ويا هيا. گرميءَ جي سخت تپش جي ڪري ماڻهن سڄو سارو جمع ٿيل پاڻي ۽ کاڌي جو اسٽاڪ ختم ڪري ڇڏيو، انسانن جو تعداد هن ننڍي ملڪ کان گهٽو وڌو هو، سمنڊ پري هو، يونانين جو روَيو مخالفاڻو ۽ نامهربانن وارو هو، تنهن ڪري هر فرقي جا عيسائي ملڪ ڇڏي ٻڌڻ لڳا چاڪاڻ ته سندن پائرن مٽان ڦرلٽ کان سواءِ ظلمن جو قهر پڻ نازل ٿي چڪو هو. سخت ڏکر جي حالت ۾، اُنهن کڏهن کڏهن ڪير پياڪ ٻارڙن ۽ قيدين کي کُهي انهن جي گوشت کي پُڄي ٿي کاڌو. ترڪن ۽ عرب مسلمانن جي نظرن ۾ يورپ جي بت پرستن پنهنجي پاڻ کي نفرت لائق بنائي ڇڏيو هو ۽ پنهنجي شهرت آدمخورن واري ناهي ڇڏي هئي، ۽ اُهي ماڻهو جيڪي لِکي ڇَپي بوهيمنڊ جي بورچيخاني تائين پهچي ويا هيا، اُنهن کي ڪيترن انسانن جي جسم جي ٽڪرن کي ڪباب جي سيخن ۾ ڦرندي ڏٺو ويو ۽ هن چالاڪ نارمن اهڙين خبرن کي اڃا وڌيڪ مشهور ڪيو جنهن ڪري لاڌنن خلاف خوف ۽ نفرت ماڻهن ۾ ويتر وڌي وئي(79).

مون خوشيءَ مان صليبين جي پهرئين مرحلي جو تفصيلي احوال بلڪل ائين لکيو آهي جيئن انهن پنهنجي تصوير، انٽي ويهٽي ۽ يورپ جي ڪردار جي نقش نگاري خود ڪئي آهي، پر آءٌ اُنهن جي اجائي ۽ انڊي حاصلات، جيڪو هڪ ڏِگهو ۽ اينگهائيندڙ داستان آهي، جي احوال کي مختصر ڪري ٻڌائيندس. هنن فقط زور تي ٽورو ڪجهه حاصل ڪيو جنهن کي جهالت بيان ڪيو. سندن سفر جي پهرين اسٽيشن نڪو ميديا کان اُهي لڳاتار پنڌ ڪندي هليا، يونان جي مقرر ٿيل حدن مان لانگهائو ٿيا، پهاڙن منجهان پنهنجي لاءِ هڪ رستو ناهيائون، ۽ گاديءَ جي هنڌ تي قبضو ڪندي هنن پنهنجي پاڪ جنگ ترڪي جي سلطان جي خلاف شروع ڪري ڇڏي. سندس رُوم جي بادشاهت هيليسپانٽ کان شروع ٿي شام جي آخري سرحدن تائين پکڙيل هئي، ۽ هنن جيروسلم جي زيارت تي پابندي هٽي ڇڏي، سندس نالو قليچ ارسلان يا فقط سليمان هو(80) جيڪو سلجوقن جي قوم جو فرد ۽ ترڪن جي پهرئين فاتح جو پٽ هو ۽ جنهن تي ترڪ موروثي حق رکندا هيا. هو پنهنجي ڏرتيءَ جي حفاظت ڪرڻ ۾ سيني کان اڳيرو هو ۽ دشمن بہ سندس تعريف ڪندا هيا ۽ اهي سندس دشمن ئي هيا جن ذريعي هو پنهنجي نئين نسل ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. صليبين جي پهرئين ڏوڪيندڙ زور اڳيان هن پاڻ کي ڪمزور سمجهيو ۽ دوراندیشي ڪندي پنهنجي ڪٽنب ۽ دولت کي نائيسيا ۾ رکيائين ۽ پاڻ پنجاهه هزار گهوڙن سان گڏ هڪ پهاڙي علائقي ۾ هليو ويو جتان هو بہ دفعا، عيسائي حملي ڪندڙن جي ڪئمپ تي حملي جي خيال کان جبلن تان هيٺ لهي آيو جيڪي ڇَهن ميلن جي دائري تائين هيڏي هوڏي ٽڙيل پکڙيل هيا. نائيسيا جون اوچيون ۽ مضبوط ديوارون هڪ اونهي کڈ ۽ ٽي سؤ ستر قلعي نما منارن ذريعي محفوظ ڪيون ويون هيون ۽ عيسائي دنيا جي هن اهم موقعي تي، مسلمان هٿيارن جي استعمال کرڻ ۾ وڌيڪ تيز هيا ڇو ته اُنهن فوجي سکيا ورتي هئي ۽ مذهبي حوالي سان سندن اندر ۾ باهه ڦڙڪي پئي هئي. هن شهر کان اڳ فرانس وارن سندن اسٽيشنن ۽ مورچن تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ بغير ڄاڻ ڈيڻ يا آڻ مڃڻ جي مٽن حملا ڪيا هيائون، لڏپلاڻ سندن جرئت کي وڌايو هو پر سندن بهادري ظلمن سان داغدار هئي، ۽ نتيجو اهو نڪتو جو هڪ ٻئي جي خلاف سندن حسد ۽ دشمني جي فضا ۾ واڌارو اچي ويو. نائيسيا جي گهيري کرڻ وقت لاطينين طرفان قديم هٿيارن جو استعمال ڪيو ويو هو جيئن

کاٽيون، لوها ڏنڊا، گڏمندڙ قرندڙ مُنارا، مصنوعي باهه ۽ گولن اڇلائڻ جون مشينون ۽ تير ڪمانون جن مان پٿرن ۽ پالن(81) جو دشمن مٿان وسڪارو ڪيو ويندو هو. ستن هفتن جي وقت ۾ بيشمار ماڻهن جو رت وهايو ويو ۽ امير ريمنڊ جي گروپ طرفان کين حملي ڪندڙن جي مقابلي ۾ وڏيڪ اڳيرائي ٿي هئي. پر ترڪن جي صورتحال ان حوالي سان ڪجهه بهتر هئي ته هو اڃا ڪيتري وقت لاءِ مهاڏو اٽڪائي ٿي سگهيا ۽ شڪست اڇڻ جي صورت ۾ پڇي به سگهيا ٿي ڇاڪاڻ ته وٽن عسڪريَس ڊنڊ(82) هئي جيڪا سندن قبضي ۾ هئي جيڪا شهر جي اولهندي طرف ڪيترن ميلن تائين ڦهليل آهي. فتح جي ذريعن کي اليگزيَس جي دوراندیشي ۽ حرفت وڏو سهارو ڏنو هو، هن بيشمار ٻيڙين کي سمنڊ رستي ڊنڊ تائين پهچرايو جن ۾ بيشمار تير اندازن کي ويهاريو ويو هو ۽ هاڻي سلطان طرفان جنگ ۾ خلل اچي ويو هو، اهڙي طرح نائيسيا تائين زميني توڙي سامونڊي رَسَد پهچي چڪي هئي ۽ يونان جي سفير اتان جي رهواسين تي زور پريو ته سندس مالڪ جي حفاظت جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي وڃن ۽ وقت تي آڻ مجي يورپ جي وحشين جي ظلمن کان پاڻ کي بچائن. سوپ جي وقت يا اُميد واري گهڙيءَ ۾، صليبي، جن، دشمن جي رَت سان پنهنجي اُڃ اُجهائڻ ٿي چاهي ۽ ڦرلٽ جي بازار کي گرم ڪرڻ ٿي چاهيائون، شاهي جهنڊي کي ڏسي ڊڄي ويا جيڪو قلعي تي ڦڙڪايو ويو هو ۽ اليگزيَس هن اهم ۽ تاريخي فتح تي ڪڙي نظر رکندي ان جي نگراني ڪري رهيو هو. اڳواڻن ۽ اميرن جي اجائي غوغاءَ يا پُڻ پُڻ کي خاموش ڪرايو ويو ۽ هتي نوَ ڏينهن ترسڻ کان پوءِ صليبين جو قافلو هڪ يوناني جنرل جي اڳواڻيءَ ۾ فرجيا طرف روانو ٿيو جن تي کين شڪ هو ته هُو ترڪي جي سلطان سان اندروني طور مليل هو. سليمان جي گهر واري ۽ سندس خاص نوڪرن کي عزت ۽ احترام سان ۽ بغير ڪنهن رقم ونڊ جي ڇڏيو ويو ۽ بلوائين يا وڳوڙين(83) سان شهنشاهه جي نرم رويي يا سخاوت کي، عيسائين خلاف هڪ غداري تصور ڪيو ويو هو.

سليمان رنج ٿيڻ بدران ڪاوڙ ۾ ٽپي باهه ٿي ويو هو ڇاڪاڻ ته سندس گاديءَ جو هنڌ ڪانئس کسيو ويو هو، هن پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي تنبيهه ڪئي ته اولهه جا بربر مٿن عجيب قسم جو حملو ڪندا. ترڪ اميرن سندس حڪم مڃيو جيڪو هڪ مذهب طرفان کين ڏنو ويو هيو؛ بيشمار ترڪمان سندس جهنڊي هيٺ گڏ ٿي ويا ۽ سندس سڃي طاقت جيڪا خود عيسائين ٻڌائي آهي، اُها ۾ يا ٿي لک ست هزار گهوڙي سوارن تي مشتمل هئي. بهرحال هن تيستائين انتظار ڪيو جيستائين هنن سمنڊ ۽ يوناني سرحد کي پنڌتي ڇڏيو ۽ پنهنجي فوج جي نگراني ڪندي، دشمن جي چرپر تي به نظر رکي جيڪي بي ڊپا ۽ بغير ڪنهن نظم ۽ ضبط جي هيڏي هوڏي ٿي ويا هيا. ڊوريليَم، جيڪو فرجيا جو هڪ هنڌ هو، تي پهچڻ کان ڪجهه ميل اڳ ۾، سندن ڪابي پاسي واري فوج جيڪا گهٽ تعداد ۾ هئي، تي حملو ڪري کين حيران ڪيو ويو بلڪ ترڪن جي گهوڙي سوار فوج کين بيحد پريشان ڪري ڇڏيو84). موسم سخت گرم هئي، ٻيو مٿن تيرن جي برسات جو وسڪارو هو ۽ بربر سخت جوش ۾ هيا تنهن ڪري صليبي سخت پريشان ٿي بيحال ٻُجي ويا، ڪانئن همت ۽ اعتماد جو دامن ڇڏائجي ويو هو پر تنهن هوندي به هنن بيهوش ٿيندي به ذاتي همت سان جنگ کي جاري رکيو، باقي بوهيمنڊ، ٽئنڪريڊ ۽ نارمنڊي جورابرٽ ذري گهٽ همت هاري وينا هيا. بهرحال سندن همت منجهن تڏهن موٽي آئي جڏهن نواب گاڊفري جي مرحبائي جهنڊن کي هنن ڏنو جيڪو بنا دير سندن مدد لاءِ پهتو هو جنهن سان ورمئنڊوز جو امير ۽ ست هزار گهوڙي سوار هيا ۽ سندن پويان ٽولوز جو ريمنڊ، جيڪو پاءِ جو وڏو

پادري هو، سو به پهچي ويو ۽ باقي سندن بچيل فوج به پهچي وئي هئي. هڪ لمحي کي به ضايع نه ڪندي، هنن پنهنجن فوجي جٿن جي نئين سر ترتيب ڪئي ۽ بي جنگ وڙهڻ لاءِ روانا ٿي ويا. پر مخالف ڏر کي به اوترو ئي تيار ڏنائون، چاڪاڻ ته صليبين کي، يونان ۽ ايشيا جي پُرامن ماڻهن کان نفرت هئي، پر تڏهن به پنهي طرفن کان ان ڳالهه کي مڃيو ويو ته فقط ترڪن ۽ فرئنڪن جون به قومون اهڙيون هيون جيڪي سچن ۽ ويڙهاڪ سپاهين جي لقب حاصل ڪرڻ جون جائز حقدار هيون(85). سندن مقابلو هڪ جهڙو رهيو چو ته پنهي وٽ هٿيار، حوصلو ۽ نظم ۽ ضبط موجود هو، پنهي وٽ فوجي طاقت، ان وقت جون جديد جنگي مشينون ۽ هٿيار جيئن بڙچيون، پالا، نيزا، ويڪريون ترارون، بچاءُ جو شيلڊون، تير ڪمانون، ۽ اهڙا ته خطرناڪ ۽ موتمار هٿيا هيا جن کان اوپر جا ماڻهو(86) هن وقت تائين ناآشنا هيا. جيستائين گهوڙن ۾ تازگي ۽ توانائي رهي ۽ وٽن تيرن جو ذخيرو موجود هو ته سليمان کي ڏينهن جي لڙائيءَ ۾ برتري رهي ۽ چئن هزارن جي لڳ ڀڳ عيسائين کي تيرن جو نشانو بڻائي ختم ڪيو ويو. شام جي وقت ۾ پنهي طرفن کان جنگ ۾ تيزي اچي وئي، پنهي طرفن کان فوجين جو تعداد به ٿوري گهٽي فرق کي ڇڏي باقي هڪ جيترو هو، جنگ جو ميدان به ايترو وڏو هو جيترو پنهي فوجن جي تعداد کي سمائي سگهي، پر ريمنڊ جا آخري فوجي جٿا ۽ پيا جيڪي سندس مددگار هيا(*)، بغير ڪنهن ترتيب يا سوچ جي ٽڪل دشمن جي پنئين طرف کان وڃي ڪڙڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ ڏگهي لڙائي جو انديشو ٿي ويو. ان کان سواءِ ماڻهن جو هڪ اهڙو انبوهه به موجود هو جن جا نه ته لسٽن ۾ نالا هيا ۽ نه اُنهن کي ڪنهن ڄاتو سڃاتو ٿي، اُهي به وڙهي رهيا هيا ۽ هڪ اندازي موجب ٽي هزار بي دين امير جنگ ۾ ماريا ويا، سليمان جي ڪئمپ کي ڦري تاراج ڪيو ويو ۽ لُٽ ڦر جي قيمتي مال ۾، لاطينين جو تجسُس گهٽو وڌي ويو هو ته کين باهر جي ملڪن جي هٿيارن، ويسن وڳن کان سواءِ کين اُٽ ۽ خاص قسم جي ٽوهي وارا اُٽ پڻ ملندا. فتح جي اهميت جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته سلطان تڪڙي ياڄ اختيار ڪئي، ۽ پنهنجي فوج جي تبرڪن جي حفاظت لاءِ ڏهه هزار محافظ مقرر ڪيائين. سليمان روم جي بادشاهت کي خالي ڪري ڇڏيو ۽ اُبهرائيءَ ۾ مدد حاصل ڪرڻ لاءِ باهر نڪتو ته جيئن اوپر جي ملڪن جي پائرن جي ناراضگي کي دشمنن خلاف اپاري سگهجي. پنج سؤ ميلن جي سفر ۾ صليبي فوجي، غير آباد زمينن ۽ برباد ٽيل شهرن مان ٽيندا هيئين ايشيا ۾ پهتا، پر رستي تي دوست يا دشمن کوئي به کين نه مليو. هڪ جاگرافي دان(87) شايد ڊوريليَم، انتاڪيا، آئڪونيَم، آرڪئيلس، ۽ جرمنيشيا جو نقشو ڪيو ۽ ممڪن آهي انهن مشهور شهرن جي لقبن کي جديد نالن جيئن ايسڪي شهر سان پيٽ ڪري ۽ پراڻن نالن کي به ورجايو وجي جيئن اڪشهر، ڪاگني، اريڪلي ۽ مارش وغيره هيا. جيئن زيارتي بيابان مان گذريا جتي هڪ پاڻيءَ جو ڏُڪ چانديءَ عيوض نصيب ٿيندو آهي، هو سخت اُڃ کان بنهه بي حال ٿي رهيا هيا ۽ پهرين نديءِ ندي جي ڪنارن تي جڏهن آيا ته سندن اُبهرائي ۽ بي صبري ماڻهن جي وڏي هجوم لاءِ خطرناڪ بڻجي وئي هئي. هو تئورس جي تِرڪٽي جبل جي چوٽيءَ تي وڏي محنت ۽ مشقت سان چڙهيا، ڪيترن فوجين پنهنجا هٿيار هيٺ اڇلائي ڇڏيا ته جيئن ڏکئي جبل تي چڙهڻ وقت پنهنجن پيرن جو خيال رکن جن جي تِرڪڻ جو گهٽو انديشو هو، جيڪڏهن سندن اڳوان کي هتي خطرو محسوس نه ٿئي ها ۽ هو احتياط کان ڪم نه وٺي ها ته شايد سيئي ماڻهو سندن دشمن جي چالبازين جو شڪار ٿي، جبل جي چوٽيءَ تان ڦهڪو ڪائي هيٺ اچي ڪِرن ها. سندن به

بيحد معزز اڳواڻ يعني لورين جي امير ۽ ٽولوز جي نواب کي ڏولي‌ءَ ۾ ڪٽي سلامت پهچايو ويو، ريمنڊ کي، چيو وڃي ٿو ته هڪ معجزي کيس نااُميدي‌ءَ مان اُميد جي ڪناري تي پهچايو هو.

هڪ گهبراهٽ ۽ ٽاکوڙي کي دور ڪرڻ لاءِ، بوهيمنڊ جو سؤٽ(†) ۽ گاڊفري جو پاءُ(‡) عام فوج کان ڇڄي جدا ٿي ويا هيا ۽ اُنهن سان گڏ پنجن کان ستن هزارن تائين اميرن جا جٿا به گڏ هيا. هڪ تيز ۽ طوفاني پنڌ ۾ هنن سليشيا جي ٽڪرين ۽ سامونڊي بندر کي اُکاريو، جيڪو ڪاڪني کان شام جي سرحدن تائين ڦهليل هيو، نارمنڊي جو جهنڊو پهريون ته ٽارَس ۽ مالمسترا جي ديوارن تي ڦڙڪايو ويو پر بالدوِن جي تڪبر واري ناانصافي نيٺ اٽلي جي هڪ سخي مرد ۽ صبر ڪندڙ شخص کي غصي ۾ آڻي ڇڏيو ۽ هنن پنهنجون ترارون هڪ ذاتي ۽ ڪافراڻي جهيڙي ۾ هڪ ٻئي خلاف مياڻ مان ڇڪي باهر ڪڍيون. وقار جو مقصد ۽ شهرت ٽئنڪريڊ جو انعام هيو پر مقدر سندس دشمن جي خود مطلبي وارن ارادن تي ڪلي رهيو هو(88). ڪيس هڪ يوناني يا آرمينيا جي آمر جي مدد ڪرڻ لاءِ سڏيو ويو، جنهن ترڪن جي غلامي‌ءَ ۾ پوڳيو هيو، ته ايديسا جي عيسائين تي وڃي حڪومت ڪري. بالدوِن، پنهنجي پُٽ جي ڪردار تي ويساهه ڪيو جيڪو هڪ جوڌو هيو، پر جيئن ئي شهر ۾ هن پنهنجو تعارف اڃا ڪرايو مَس هيو ته هن ماڻهن کي پنهنجي پي‌ءُ جي قتل ڪرڻ لاءِ اُکسايو، تخت ۽ خزاني تي قبضو ڪيائين، پنهنجن سوين جي دائري کي آرمينيا جي پهاڙن ۽ ميسوپوٽئميا جي واريا‌سن پَٽن تائين وڌائي ڇڏيائين ۽ فرئنڪن يا لاطينين جي پهرين رياست جو بنياد وڌائين جيڪا فرات ندي کان اڃا اڳتي هئي ۽ جيڪا چوونجاهه سالن تائين قائم رهي(89).

فرئنڪن جي شام ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ، اونهارو يا اڃا به خزان جي موسم کي به ضايع ڪيو ويو هو، انتاڪيا جو گهيرو يا سياري ۾ فوج جي آرام ڪرڻ جي مسئلي کي سندن اسيمبلي ۾ گرما گرم بحث جو موضوع بنايو ويو هو؛ پنهنجن هٿيارن ۽ پاڪ مقبري سان محبت کين اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ دليلن جو پاسو شايد ٻهراڙ جي حق ۾ هو چاڪاڻ ته اهڙن قومي ڪمن ۾ هڪ ڪلاڪ جي دير به حملي ڪندڙ جي شهرت ۽ طاقت کي وڌائي ڇڏي ٿي ۽ دفاعي جنگ جي ذريعن کي ٻيڻو يا چوڻو ڪري ڇڏي ٿي. شام جي گاديءَ جي هنڌ کي اوروٽنس نديءَ جي وڏي حفاظت حاصل هئي، ان کان سواءِ جيڪا نوَن وَنگن جي لوهي پل مٿس ٺهيل هئي، اُنهن تي ٻن منارن جو نالو پيل آهي جيڪي پل جي ٻنهي طرفن کان تعمير ڪيا ويا هيا. اُنهن جو ڪنٽرول نارمنڊي جي نواب جي حوالي ڪيو ويو هيو جيڪو پنهنجي ترار سان گيٽن کي کولينڊو ۽ بند ڪندو هو، سندس فتح جي نتيجي ۾ ٽن لک صليبين کي هتان گذرڻ جي اجازت ملي وئي، هي اهڙا تفصيل آهن جن ۾ ماڻهن جي جانين ضايع ٿيڻ ۽ اُنهن طرفان ساڻ کي ڇڏي وڃڻ جا انديشا به موجود هيا، پر اها ڳالهه يقيني آهي ته نائيسيا جي محدود دائري کي ڏسندي ان تعداد ۾ وڌاءُ جي گهٽي گنجائش موجود آهي. انتاڪيا(90) کي بيان ڪرڻ ۾ اهو آسان نه آهي ته سندس قديمي شان شوڪت، جيڪو سڪندراعظم ۽ آگسٽس جي جانشينن جي حڪومتن ۾ سندس هُيو ته ان دؤر لاءِ ڪهڙا لفظ استعمال ڪجن يا وري سندس موجوده بربادي واري حالت جيڪا ترڪن جي دؤر ۾ مٿس آئي آهي ته ان لاءِ ڪهڙي زبان استعمال ڪجي. ٽيٽراپولِس يا چار شهر، جيڪڏهن اُنهن جو نالو يا آثار باقي هجن ها ته پوءِ هارهن ميلن جي دائري ۾ هڪ وڏو پولار يا خلا محسوس ٿئي ها يا وري جيڪو چار سؤ مُنارن جو تعداد ٻڌايو وڃي ٿو ته اُهي پنجن گيٽن سان هرگز نٿا پيڇجن جن جو هن گهيري جي موقعي تي تاريخن ۾ اڪثر ذڪر آيل آهي. ان جي باوجود به انتاڪيا هڪ وڏي آدمشماري ۽ مشهور گاديءَ جو هنڌ هو. ترڪي

جي اميرن جي ذڪر ۾ باغيسين جو نالو به ايندو جيڪو هڪ بزرگ اڳواڻ هو ۽ پنهنجي جڳهه تي حڪم به هلائيندو هو، سندس فوجي جٿا ٻڌن يا ستن هزارن گهوڙي سوارن ۽ پندرهن کان ويهن هزار پيادل فوج تي مشتمل هيا، چيو ويجي ٿو ته هڪ لک مسلمان ترار سان قتل ڪيا ويا هيا ۽ سندن تعداد به يونانين، شامين ۽ آرمينين کان گهٽو گهٽ هو، ۽ جنگ ۾ شامل ٿيندڙن جون عمريون چوڏهن سالن کان به گهٽ هيون ۽ اهي سلجوقن جا غلام رهيا هيا. ديوار جا جيڪي آثار مليا آهن اُنهن مان لڳي ٿو ته اُها ڪيڏي نه مضبوط ۽ شاندار طريقي سان تعمير ڪئي وئي هوندي، لڳي ٿو ته ان جي اوچائي ٽي ويهون فوٽ هئي. يعني ست فوٽ[1]. جتي گهٽ محنت يا ڪاريگري نظر آئي هوندي ته اُتي زمين کي ندي جو سهارو مليو هوندو ته ڪٽي وري ڏٻڻيون ۽ جبل هيا ته اُنهن به ڪافي مدد مهيا ڪئي هوندي. اهڙين مضبوطين ۽ قلعن ناهڻ جي باوجود شهر تي فارسين، عربن، يونانين ۽ ترڪن جو قبضو رهيو هو، ۽ جيئن ته هي خطو بيحد وسيع هيو ته ان تي اڳ واري قديمي دؤر ۾ به حملا ٿيا هوندا، بهرحال جيڪو گهيرو آڪٽوبر جي مهيني ۾ شروع ڪيو ويو هو، ۽ جنهن ترت طريقي سان ان کي اُڪلايو ويو هو ته ان مان اهڙي ڪوشش جي بهادريءَ جي خبر پوي ٿي. جيتري به طاقت ۽ بهادري پڙهندڙن کي محسوس ٿي هوندي، اهو سڄو ڪارنامو صليبي شيدائين طرفان ڏيکاريو ويو هيو، يعني حملن ۾ ڀُلهن ۾ يا پنهنجن جڻن جي حفاظت ڪرڻ ۾ مطلب ته هر رُخ کان اهي سوپارا رهيا هيا، ۽ اسان کي فقط هڪڙي شڪايت ضرور آهي ته اُنهن پنهنجن ڪمن، معرڪن يا فتحن جي داستانن کي تمام گهٽو وڌائي پيش ڪيو آهي ۽ ڪٽي ڪٽي ته ائين ٿو محسوس ٿئي ته حقيقت ۽ سچ سان انهن داستانن جو ڪو تعلق نه آهي. گاڊفري(91) جي ترار، هڪ تُرڪ کي ڪلهي کان وڌي ران تائين چيري ٻن اڌن ۾ ورهائي ڇڏيو، ان بي دين جو هڪڙو اڌ زمين تي ڪري پيو ۽ سندس ٻي اڌ کي سندس گهوڙي ڪٽي شهر جي گيٽ تائين پهچائي ڇڏيو. جيئن نارمنڈي جو رابرٽ پنهنجي مخالفن خلاف گهوڙي تي چڙهيو ته هن به پنهنجي مخالف تي وار ڪندي رڙ ڪئي: 'مان تنهنجو سِرُ دوزخ جي شيطانن جي حوالي ٿو ڪريان'. ۽ پوءِ اهو سِرُ مٿي کان سيني تائين سندس ترار سان چيريو ويو. پر ايڏي بهادري(92) جي داستانن جي حقيقت مسلمانن کي اهو سبق ضرور سيکاريو هوندو ته اڳتي واسطي پنهنجن گهرن جي ديوارن اندر رهن چو ته مٿي يا پٺر جي ديوارن اندر ترارون يا نيزا اُتي بيڪار ٻڌجي ويندا آهن. گهيري جي سُست پر لڳاتار ڪوششن ۾، صليبي جهڙوڪر ڪاهل ۽ بي خبر هيا. وٽن نه ته هٿيارن کي استعمال ڪرڻ جي ايتري ڄاڻ هئي ۽ نه وٽن پئسا هيا جو انهن کي خريد ڪري استعمال ڪري سگهن، ٻيو ته حملي ڪرڻ جي مشينن يا اوزارن جي ڪين ڄاڻ بنهه ڪانه هئي. نائيسيا جي فتح جي موقعي تي يونان جي شهنشاهه، دولت توڙي هٿيارن ڏيڻ ۾ عيسائين جي پرپور مدد ڪئي هئي، سندس غير موجودگي ۾ سندن مناسب مدد نه ٿي سگهي ۽ جيئن ٻسان جا ڪجهه جهاز مذهبي يا واپاري ڪشش سبب شام جي ساموندي ڪنارن تائين پهچي ويا، ان وقت شين کي گڏ ڪري رکڻ جا ذريعا گهٽ هيا، سامان واپس ڪرڻ خطري کان خالي نه هيو، ۽ اچڻ وڃڻ جا رستا ڏکيا ۽ خطرناڪ هوندا هيا. سُستي ۽ ڪمزوريءَ فرئنڪن کي جنگي يا واپاري معاملن کان ڪجهه لاتعلق ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻن لَنگهن جي دائمي

---

[1] سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اڃا تائين ماڻهو ڪنهن به عدد کي گهٽو ڪري وِيهون ڪري ٻڌائيندا آهن. مثال طور اسي لاءِ چار وِيهون، سؤ لاءِ پنج ويهون ۽ هڪ سؤ ويهن لاءِ ڇهه ويهون چوندا. ثقافتي زنجيرن جا جوڙ ۽ ڳانڍاپا ڪٽي ۽ ڪيئن ٿا وڃي ملن. (سنڌيڪار)

آزادي ضرورتن کي کجهه گهٽائي ڇڏيو هو ۽ شهر جي نوجوانن کي فوج ۾ پرتي ٽيڻ لاءِ آماده کيو هو. ستن مهينن جي گنڑڻ کان پوءِ جڏهن سندس گهوڑي سوار فوج تباهه ٿي چڪي هئي، ۽ ٻيا نقصان به کين لڳاتار ٽيندا رهيا جيئن ڏکر، ماڻهن جو کين چڏي وڃڻ ۽ ٻيو ٽڪ کان ڇُور ٿي پوڻ سبب صليبين جي وڏيڪ کا به اڳيرائي نه ٿي سگهي هئي بلڪ ائين کڻي چئجي ته سندن کاميابي هاڻي کڻي به ڏسڻ ۾ نڻي آئي پر پوءِ لاطيني يوليسيز ۽ مڪاريءَ ۾ هوشيار بوهيمنڊ ڏوکي ۽ فريب واريون چالون اختيار کري ورتيون. انتاکيا جا عيسائي تمام گهڻا پر ناخوش هيا: فيروز هڪ شامي شخص جيکو پنهنجن مذهبي اصولن تان ڦري ويو هو ۽ هڪ امير جي حمايت کئي هيائين ۽ کيس ٽن منارن جي کمان پڻ سؤنپي وئي هئي. هن پنهنجو پڇتاءُ لاطينين ۽ شايد پنهنجي پاڻ کان به لکايو هو جنهن کي آساني‌ءَ سان فريب ۽ غداريءَ جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو.سندن ذاتي دلچسپي ۽ لالچ جي سلسلي ۾ فيروز ۽ ٽارٽنو جي بادشاهه جي وچ ۾ ٽيل خط و کتابت کي ثابت کيو ويو هو ۽ بوهيمنڊ اڳواڻن جي کائونسل ۾ اظهار کيو ته هو شهر جلد سندن حوالي کري چڏيندو. پر هن انتاکيا جي حکمرانيءَ جو شرط رکيو ته سندس خدمتن جي عيوضي ۾ اهو شهر سندس حوالي کيو وڃي، ۽ اها تجويز، جيکا اڳ حسد جي کري رد کئي وئي هئي، آخر سندس هڪ جهڙن دوستن منظور کري ورتي. فرانس ۽ نارمنڊي جي بادشاهن رات جو اوچتو چاپو هنيو جن هٿرادو عارضي ڏاکڻ ناهي ۽ مٽي چڑهي ويا. سندن نئون مذهب متائيندڙ، پنهنجي مهذب پاڻ جي قتل ٽيڻ کان پوءِ، حضرت عيسيٰ جي مذهب ۾ داخل ٿي ويو. فوج گيٽن ڏانهن ڊوڙي وئي ۽ مسلمانن محسوس کيو ته رحم جي اُميد ته هونئن ئي اجائي هئي، ۽ مقابلو کرڻ فضول هيو. پر قلعو مضبوط هو جيکو اجا پيش نه پيو هو ۽ فاتح خود، موسل جي بادشاهه کربوغا جي فوجن جي گهيري ۾ اچي ويا هيا جيکو اناويهن ترک امين سان انتاکيا کي آزاد کرائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. عيسائين پنج ۽ ويهه ڏينهن ذري گهٽ تباهه ٽيندي گزاريا، ۽ خليفي ۽ سلطان جي نائب کين بن گالهين مان هڪ جي چونڊ کرڻ جو اختيار ڏنو، يعني غلامي ۽ موت مان جيکو هو قبول کن(93). جڏهن عيسائين جي صورتحال انتها تائين پهچي وئي ته هنن پنهنجي طاقت جا تبرک گڏ کيا، شهر مان حملا شروع کيائون ۽ فقط هڪڙي ئي يادگار ڏينهن ۾ ترکن ۽ عرب حملي کندڙن کي يا ته تباهه کري چڏيائون يا وري کين پڃائي چڏيائون، جن جو تعداد ڇهن لکن جي لڳ ڀڳ هيو(94). آڻ سندن فوق الفطرت اتحادين جي باري ۾ ويچار کندس، انتاکيا جي سوپ حاصل کرڻ جي انساني سببن منجهان هڪ ته فرئنکن جو بي ڊپائيءَ منجهان مقابلو کرڻ هو، ٻيو وري سندن دشمن اُبهرا ۽ لڑائيءَ جي مهارت نه رکندڙ هيا، تنهن کان سواءِ اُنهن ۾ خود اختلاف پڻ هيا. جيکا جنگ لڳي اُها بي ترتيبيءَ سان وڙهي وئي، ۽ اسان جيکڏهن کربوغا جي تنبن تي نظر وجهون جيکي شاندار جڳهه تي هنيا ويا هيا ۽ جتي ايشيا جون سڀ سهولتون موجود هيون ۽ جتي هڪ ئي وقت ۾ هزار ماڻهو سمائجي ٿي سگهيا، پر اُتي سندن ٿي هزار محافظ موجود هيا جن کي گهوڑن سوڏو جڻ ته واڙيو ويو هيو.

انتاکيا جي گهيري ۽ ان جي حفاظت جي نازڪ وقت ۾ صليبي هڪ طرف سوپ جي خوشين ۾ مست مگن ٿي ويا هيا ته بي طرف نااُميديءَ جي پاڻي ۾ ٻڏي رهيا هيا؛ يا ته ايترو کاڏو هيائون جو سندن پيٽ ٿي ڦاٽو يا وري بُک کان پاڻ پئي ٽيا. سندن مختلف ۽ متضاد حالتن جو اندازو لڳائيندڙ يا جائزو ونندڙ شايد اهو سوچن ها ته سندن مذهب جو سندن عملن تي وڏي ۾ وڏو اثر هيو ۽ صليب جا شيدائي جن مقدس مقبري کي چوٽکارو ڏيارڻ ۾ اهم کردار ادا کيو هو، اُنهن هاڻي نهايت سنجيدگيءَ سان نيڪي ۽

پرهيزگاريءَ واري زندگي گذارڻ ۽ شهادت جو رتبو ماڻڻ لاءِ پاڻ کي تيار ٿي ڪيو. تجربو اهڙي خيالي يا تصوراتي عمل کي تسليم نٿو ڪري ۽ ملحداڻي جنگ جي تاريخ ۾ شايد ئي ڪڏهن شراب خوري ۽ زناڪاري جا ايترا منظر نظر آيا هجن جيڪي انتاڪيا جي فتح جي وقت ان جي ديوارن اندر ٿيا هيا. ڊافين جا دلفريب وٽن جا جهُڪڻا ته هاڻي ڪوٺ هيا پر شام جي اردگرد انساني عياشين جو وهنوار ساڳيو هيو، عيسائين کي عياشي طرف راغب ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي هئي(95)، اڳواڻن جي اختيارن کان ماڻهن کي نفرت هئي، ۽ واعظ، نصيحتون يا حڪم ناما پنهنجي وقعت وڃائي چڪا هيا چو ته هر طرف شرمساري واري بيهودگي نظر ٿي آئي جيڪا فوجي نظم ۽ ضبط لاءِ ته شرمناڪ ضرور هئي پر انجيل جي پوڄيندڙن جي ڪردار تي پڻ هڪ بدنما داغ جيان نروار هئي. انتاڪيا جي گهيري ۽ قبضي جي پهرين ڏينهن ۾، فرئنڪن کاڌي خوراڪ جو ذخيرو جيڪو ڪيترن هفتن ۽ ميهنن جي گذاري ڪرڻ لاءِ ڪافي هو، ان کي بي دردي ۽ بدمستي واري عياشيءَ مان ٿورن ڏينهن ۾ ڪائي کپائي ڇڏيو هو، ۽ اڳيئي تباهه ٿيل ملڪ لاءِ هاڻي اهو ممڪن نه رهيو هو ته کاڌ خوراڪ جو وڏيڪ سامان مهيا ٿي سگهي، نتيجو نيٺ اهو نڪتو جو جڏهن ترڪن ٻيهر حملو ڪيو ته فرئنڪن کي پنهنجي ملڪ مان تڙي ٻاهر ڪيائون. بک ۾ بيمارين ۽ پکڙجي وڃن ٿيون جن کي وري سياري جي برسات، اونهاري جي سخت گرمي، پاروٿن کاڌن ۽ بيشمار قيدين جي گندگين وڏيڪ وڌائي ڇڏيو هو. ڏڪر ۽ وَبا جيڪي هاڃا هر جڳهه تي ڪندا آهن سي هتي به ٿيا، اها بي ڪالهه آهي ته اسان پنهنجي تصور ۾ اُنهن تڪليفن ۽ اذيتن کي، جدا جدا ۽ پنهنجي مزاج مطابق بيان ڪندا آهيون. خزاني يا ڦرلٽ جي اها حالت هئي جو جيڪو ڪجهه ٿورو به بچيل هو ان کي به عيش عشرت جي خريدارين ۾ ضايع ڪيو ويو، غريبن ۽ مسڪينن جي حالت ته بيحد ڏکاري ۽ دردناڪ هئي، چو ته جڏهن فلانڊرس جو نواب هڪ ٻکري لاءِ چاندي، جا ٽي مارڪ ۽ هڪ ڪمزور اُٺ(96) لاءِ پندرهن مارڪ ڏيڻ کان پوءِ رات جي ماني کائڻ لاءِ وٽس ڪجهه به نه بچيو هو ۽ اُها ڪيس خيرات طور کائڻي پئجي وئي هئي ۽ گاڏفري منٽون ڪري ڪنهن کان گهوڙو اُڌارو ورتو هو ته مٽس سواري ڪري سگهي. ته پوءِ تصور ڪريو ته غريبن جي حالت ڇا ٿي هوندي، فوجي ڪئمپ ۾، گهيري جي شروعاتي ڏينهن ۾ سٺ هزار گهوڙا هيا جن مان گهٽجي ٻن هزارن تائين رهجي ويا هيا پر اُنهن مان به فقط ٻه سؤ گهوڙا اهڙا هيا جن کي جنگ لڳڻ جي صورت ۾ استعمال ڪري سگهجي ها. جسماني ڪمزوري ۽ ذهني خلفشار ۽ اذيتن صليبي زيارتين جي اڳئين جوش ۽ ولولي جي شعلن کي صفا اُجهائي ڇڏيو هو ۽ هاڻي انساني وقار جو احساس يا مذهب جو احترام اجائي ۽ عبث ٿي لڳو چو ته هر ڪو پنهنجي جان بچائڻ جي فڪر ۽ پريشاني ۾ ورتل هيو(97). اڳواڻن ۾ ٽي شخص اهڙا هيا جن کي ڪو به پئو پولو ڪونه هو: بولن جو گاڏفري، پنهنجي نيڪي ۽ خدا پرستيءَ جي ڪري بي نياز هو، بوهيمنڊ پنهنجي مطلب ۽ ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مگن هو، باقي ٽئنڪريڊ پنهنجي همت ۽ مردانگيءَ جو مظاهرو ڪندي واضح اعلان ڪيو ته جيستائين ڪيس چاليهن اميرن ۽ نوابن جي اڳواڻيءَ جو شرف حاصل آهي ته هو فلسطين جي رٽيل معرڪي ۽ پروگرام کي ڪڏهن به ترڪ نه ڪندو. باقي ٽولوز ۽ پراوينس جي اميرن تي گهٽن ماڻهن کي شڪ هو ته هنن پنهنجي پاڻڪي پاڻهي بيمار ڪيو هو؛ نارمنڊي جي نواب کي سامونڊي ڪناري تان ڪليسا جي سخت حڪم هيٺ ڪيس واپس گهرايو ويو هو؛ عظيم هُو (Hugh) توڙي جو هن جنگ جي مُهڙئين حصي ۾ پنهنجون خدمتون ٽي ڏنيون، پر خبر ناهي چو ڪو بهانو بڻائي فرانس هليو ويو ۽ چارٽريس جو امير اسٽيفن، ذلت جو مظاهرو ڪندي پنهنجي جهنڊي توڙي ان ڪائونسل جي

اجلاس کي، جنهن جي هن خود صدارت ٿي ڪئي، چڏي هليو ويو. وليم، جيڪو مِلن جو چگو مڙس هو، اُهو به پنهنجو علائقو چڏي ڪيڏانهن هليو ويو ۽ سندس سپاهي سندس اهڙي رويي تي دل شڪسته ٿي پيا هيا ۽ جيڪي دوريش ۽ بزرگ هيا اُهي راهب پيٽر جي زوال تي ششدر ۽ پريشان هيا، جنهن يورپ کي ايشيا خلاف مسلح ڪرڻ کان پوءِ، پڇتاءَ جي ضروري روزي رکڻ کان لنوائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ويڑهاڪن ۾ به بيشمار اهڙا هيا جيڪي غدارثابت ٿيا ۽ جن جا نالا (تاريخدان ٿو چوي) 'زندگي جي ڪتاب تي هڪ بدنُما داغ جيان آهن ۽ جن لاءِ نفرت جوڳو اصطلاع ته اُهي سپ رَسي تي نچڻ وارا، ۽ نفرت لائق هيا جيڪي رات جي انڌاري ۾ انتاڪيا جون ديوارون ٽپي، پاڻ تي 'ڪارنهن جو ٽِڪو' لڳائي پڄي ويا هيا.' شهنشاهه اليگزيَس(98)، جيڪو اڳتي وڌي ويو هو ته ضرورتمند لاطينين جي وڃي ڪا سار سنپال لهي، سخت پريشان ٿيو جڏهن هن سندن نااُميدي واري حالت وڃي ڏني. هنن چپ چاپ ۾ پنهنجي قسمت جي ٽيڙ واري فيصلي تي مات ڪئي، قسمن توڙي سزائن جو متن ڪو به اثر نه ٿيو، ۽ سپاهين کي ديوارن جي حفاظت جي سلسلي ۾ کين اتارڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو ويو ته سندن گهرن کي ئي باهه ڏئي چڏجي.

پنهنجي نجات ۽ فتح لاءِ، اُهي ان ساڳي مذهبي جنون جا احسان مند هيا جن کين اڳ تباهيءَ جي ڪناري تائين پهچائي چڏيو هو. اهڙي مقصد ۽ اهڙي فوج لاءِ، نظريا، اڳڪٿيون ۽ معجزا اڪثر ڪري ٽيندا رهندا هيا جيڪي ماڻهن ۾ اڳي ئي مروج هيا. انتاڪيا جي فتح ۾ آيل تڪليفن دؤران انهن کي طاقت ۽ ڪاميابيءَ مان ورجايو ويو هو. سينٽ ائمبروز هڪ پارسا عيسائي کي يقين ڏياريو هو ته چوٽڪاري کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سالن جي آزمائش ضروري آهي ۽ جيڪي ميدان چڏي پڄي ويا هيا اُنهن کي خود حضرت عيسيٰؑ پنهنجي موجودگيءَ ۾ پاڻ روڪيو هو؛ مئلن زندهه ٽيڻ جو واعدو ڪيو هو ته پنهنجن پائرن جي حمايت ۾ دشمنن سان وڃي وڙهندا، ڪنواري بيبي مريم سندن گناهن کي معاف ڪرائي چڏيو هو، ۽ سندن اعتماد، هڪ ظاهري نشاني جي ظاهر ٽيڻ تي منجهن موٽي آيو هو ۽ اُها نمايان ۽ شاندار نشاني 'مقدس پالي جي هئي. (اُهو مقدس پالو جيڪو حضرت عيسيٰؑ جي صليب تي چڑهڻ وقت متس اڇلايو ويو هو) هن موقعي تي مختلف اڳواڻن جي روَيي کي ساراهيو ويو آهي ۽ جن کي شايد معاف به ڪيو وڃي، پر جڏهن گهٽا ماڻهو گڏ ٽيندا آهن ته چپ چاپ واري فريبڪاري جي سازش مشڪل سان جُڙندي آهي، ۽ مڪار هميشه عقل وارن جي حمايت ۽ عام ماڻهن جي سادگيءَ تي پاڙيندو آهي. مرساءِ جي ضلعي ۾ هڪ پادري هوندو هو جيڪو وڏو سازشي ۽ ڪردار جو به گندو هو، ۽ سندس نالو پيٽر بارٿولمي هيو. هن هڪ اجلاس جي ڪمري ۾ وجي پاڻ کي ظاهر ڪيو ۽ هڪ مافوق الفطرت ڪرشمي جو ذڪر ڪيائين جيڪو سندس نِنڊ ۾ تي دفعا ڏهرايو ويو هو جنهن ۾ ڪيس خوفناڪ ڏڪو ڏنو ويو هو ته خبردار جو هن خدائي حڪمن جي انحرافي ڪئي. حواري چيو: 'انتاڪيا ۾، منهنجي پاءُ سينٽ پيٽر جي ڪليسا ۾ قربان گاهه جي ويجهو ان پالي جو لوهو متو لڪل آهي جيڪو اسان جي مسيحا جي جسم ۾ ڪُپايو ويو هو. تن ڏينهن ۾ اُهو دائمي نوعيت جو پُرزو جيڪو هاڻي دنياوي چوٽڪاري جو ذريعو بڻجي ويو آهي، پاڻهي سندس عقيدتمندن ۾ ظاهر ٽيندو، ڳول! ۽ تون لهي ونندين، ان کي جنگ ۾ متي نمايان ڪري جهلجانءِ، ۽ اهو رمز وارو هٿيار فسادين جي روحن مان به آرپار هليو ويندو. مڪيه پادري جي نمائندي جيڪو پاءِ جو پادري هو، بهانو ڪيو ته جڏ ڪيس ٻُڌي ئي ڪونه ٿو يا ٻڌي ٿو ته اعتبار نٿو ڪري، پر ان انڪشاف کي امير ريمنڊ طرفان اڳ ۾ ئي سچو سمجهيو ويو هو

جنهن کي سندس وفادار رعيت جي ماڻهوءَ 'مقدس پالي' جي محافظ طور چوندي ورتو هو. هن تجربي کي تڪميل تائين پهچايو ويو ۽ ٽئين ڏينهن تي، عبادت ۽ روزي جي تياري کان پوءِ، مرساءِ جي پادري بارهَن اعتماد وارن تماشائين جو تعارف ڪرايو جن ۾ هڪ نواب ۽ سندس ننڍو پادري به شامل هيا ۽ ڪليسا جا دروازا اُپهرن ۽ فضول ماڻهن لاءِ بند ڪيا ويا هيا. البت ميدان کي ڏسيل وقت تي کوليو ويو، پر ڪم وارا ماڻهو جن هڪ ٻئي کان ڪم سمجهيو ٿي، زمين کي ٻارهن ڦوٽ اونهائيءَ ۾ کوٽيو ويو پر کين اها خبر ئي ڪانه هئي ته کين آخرڪار ڪرٽو چا هيو يا چا کي هو ڳولي رهيا هيا. شام جي وقت جڏهن امير ريمنڊ پنهنجي ڪم واري هنڌ ڏي هليو ويو ته ٽڪل ٽئل محنت ڪندڙن شڪايت جي لهجي ۾ ٻُڙ ٻُڙ ڪرڻ شروع ڪري ڏني. بارٿولمي، جنهن کي قميص پاتل هئي ۽ پير اگهاڙا هيس، کڏ ۾ اندر گهڙي ويو، گهُپ انڌارو هو جنهن جو فائدو وٺندي هن عرب مسلمانن جي پالي کي، جنهن کي هن لڪائي رکيو هو، ڪڍيو ۽ کڏ ۾ اڇلايو، ۽ ان مان جيڪو ٻهريون آواز ۽ ٻهريون چمڪاٽ ٿيو، ان اردگرد جي بينل ماڻهن ۾ هڪ بي خودي جي ڪيفيت پيدا ڪري ڇڏي. پاڪ پالي کي وري اتان ڪڍي، ريشم ۽ سون جي تارن سان اُٽيل هڪ ڪپڙي ۾ ويڙهيو ويو ۽ پوءِ ان کي ڪپڙي جي پردي مان ٻاهر ڪڍيو ويو ته جيئن صليبي ان جي زيارت ڪري سگهن؛ جيئن هنن اُن کي ڏٺو ته خوشي ۽ جذبات ۾ رڙيون ڪرڻ ۽ نعرا هڻڻ شروع ڪيائون ۽ جيڪي فوجون سُستي ۽ ڪاهليءَ جو شڪار ٿي چڪيون هيون اُنهن ۾ وري تازگي اچي وئي ۽ جوش جذبي سان سرشار ٿي ويون. جيڪو ڪجهه ٿيو ۽ اڳواٽن جا ڪهڙا جذبا ۽ ڪهڙو رد عمل هيو، هنن هِن بخت واري انقلاب کي ساراهيو ۽ اُميد ڪيائون ته ان ۾ ايڏا بهتري اچي ۽ ان لاءِ هو پنهنجي هڏان ۽ وڙان سپ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هيا. سپاهين کي پنهنجي ڪئمپ ۾ واپس موڪليو ويو پر کين ڇِتاءُ ڏنو ويو ته ڏهني توڙي جسمانيءَ طرح هڪ ٻي امڪاني جنگ واسطي تيار رهن ۽ آزاديءَ سان کين مليل وظيفي جي رقم پاڻ تي ۽ پنهنجن گهوڙن تي خرچ ڪن ته جيئن وقت تي تازا ۽ نوٻنو هجن ۽ اها اُميد رکن ته باک ڦُٽيءَ تائين فتح سندن قدم چُمينديِ. سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال جي جشن جي موقعي تي انتاڪيا جي دروازن کي عام ماڻهن لاءِ به کوليو ويو هيو ۽ جذبات سان پريل حمد و ثنا جو هڪ نغمو: 'اسان جو آقا، اسان جو مسيحا اٿندو، اسان ڏي ايندو ۽ سندس دشمن ٽڙي پکڙي ويندا' پادرين ۽ راهبن جي هڪ وڏي انگ گڏجي ڳايو، جنگ جي ترتيب، بارهَن حوارين کي مانُ ڏيندي، بارهَن حصن ۾ ورهائي وئي، ۽ پاڪ پالو، ريمنڊ جي غير حاضريءَ ۾، سندس ننڍي پادري جي سپرد ڪيو ويو. هن برڪت واري پاڪ شئي جو اثر حضرت عيسيٰ[۴] (99) جي غلامن توڙي سندس دشمنن طرفان پڻ محسوس ڪيو ويو ۽ ان جي طاقت، خبر ناهي حادثاتي طور، ڪنهن ترڪيب سان يا فقط ڪنهن افواهه ذريعي، معجزاتي طور اڳي کان اڳري ٿي وئي هئي. ٿي امير جن کي ايڏا ڪپڙا پاتل هيا ۽ وٽن چمڪندڙ هٿيار هيا، پهاڙن مان اوچتو ظاهر ٿيا، ۽ اڌيمر جي آواز، جيڪو وڏي پادري جو نمائندو هو، کين سينٽ جارج، سينٽ ٿيوڊور ۽ سينٽ مارس جي نالن سان پڪاريو ۽ کين سڃاتو، جنگ جي گوڙ گهمسان وڌيڪ جاچ پڙتال ڪرڻ جي وٽي به نه ڏني ۽ جيڪو ننڍ ۾ هڪ پاڻ پريو ڪرشمو ٿيو هو، ان مذهبي جنون سان سرشار فوج جي اکين توڙي تصور ۾ هڪ اُميد جي روشني پيدا ڪري ڇڏي. خطري ۽ فتح جي وقت ۾ مرساءِ جي بارٿولمي جي انڪشاف جي پوريءَ طرح پنيرائي ڪئي وئي، پر جيئن عارضي ۽ دستوري ڪم پورا ٿيا ته ذاتي وقار ۽ خير خيرات، جيڪا ٽولوز جي نواب پاڪ پالي مان حاصل ڪئي هئي، حسد جي باهه کي ٻڙڪايو ۽ سندس دشمنن

کي ويڑ پاڻ جو هڪ سبب پيدا ڪري ڏنو. نارمنڊي جي هڪ ننڍي ملازم، هڪ ڏند ڪٿا جي سچائيءَ کي فلسفي جي روشنيءَ ۾ پرکڻ چاهيو، ظاهر ٿيڻ جون حالتون ۽ پيغمبر جو ڪردار ۽ نيڪ بوهيمنڊ سنڊن چوٽڪاري جو واحد ڪارڻ فقط ۽ فقط حضرت عيسيٰؑ جي سفارش ۽ شفاعت کي ٿي سمجهيو. ڪجهه وقت لاءِ صوبي جي ماڻهن گوڙ شور ڪري پنهنجي قومي هنڌ جي حفاظت ڪئي، پر هن سلسلي ۾ ڪنهن جيڪو به نئون خيال يا نئون نظريو وچ ۾ آندو ٿي تہ ان کي سختيءَ سان نہ رڳو رِندیو ٿي ويو، پر اهڙي ماڻهوءَ کي موت جي سزا ڏني ٿي وئي؛ ۽ جن به ملحدن، ڪافرن يا تنقيد ڪندڙن ان ڪرشماتي ڪوجنا جي سچائيءَ تي پهچڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي تہ ان کي دوزخ جو داروغو ڪوٹيو ٿي ويو. هن حقيقت کان انڪار يا ان جي سچائيءَ تي يقين نہ ڪرڻ، ان جي مصنفن کي مجبور ڪيو تہ پنهنجي زندگي توڙي حقيقت جي سچائيءَ جو فيصلو الله جي انصاف تي ڇڏي ڏين. ڪئمپ جي وچ ۾ چار فوٽ ويڪرو ۽ چوڏهن فوٽ ڊگهو ڪائين جو ڊير ناهي ان کي باهه ڏني وئي، ۽ ان مان ايترا تہ تيز شعلا پيدا ٿيا جيڪي ٽيهه ڪيوبٽس جي اوچائيءَ تائين ٿي ويا، اُنهن جي وچ ۾ وري فقط ٻارهن انچن جو سوڙهو رستو ماڻهن جي آزمائش لاءِ ناهيو ويو. مرساءِ جو بدقسمت پادري جرئت مان تڪڙو تڪڙو باهه ۾ ڪُهريو پر سندس پيٽ ۽ سَٽر پڇرندڙ باهه ۾ لهسجي ويا ۽ هو بي ڏينهن تي مري ويو ۽ جيڪي ماڻهو انهن ڳالهين ۾ يقين رکن ٿا اهي يقيني طور تي سندس سچائي ۽ معصوميت تي پادري جي احتجاج کي ڏيان ۾ ضرور رکندا. هن موتمار تجربي کان پوءِ صوبي جي ڳوناڻن ٻين طريقن تي غور ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو، جيئن صليب، هڪ گول دائرو، يا عبادت گاهه جيڪي طريقا يا انهن مان ڪو به هڪ طريقو پاڪ پالي جي جڳهه ونندو... پر خبر اها پئي جو نفرت مان پاڪ پالو غائب ٿي ويو ۽ سيني کان وسري ويو(100). ان جي باوجود به انتاڪيا جي ڪرشمي کي بعد ۾ ايندڙ تاريخدانن ڪافي اڳتي وڌايو ۽ ماڻهن جي سادگي جو اهو حال آهي تہ اُهي معجزا جيڪي بروقت به مشڪوڪ لڳن ٿا ۽ ايجا تائين اعتبار لائق نہ آهن، پر پورڙا ماڻهو، توڙي جو اُهي ان هنڌ کان تمام پري آهن پنهنجون ظاهري توڙي ذهن جون اکيون بند ڪري انهن تي ويساهه ڪن ٿا.

فرئنڪن، خبرناهي دوراندیشي ڪندي يا وري خوش قسمتي جي ڪري، ترڪن جي شهنشاهت جي زوال تائين(101)، حملي ڪرڻ جي پروگرام کي ملتوي ڪري ڇڏيو هو. پهرين ٽن سلطانن جي مردانگي واري حڪومت ۾ ايشيا جون بادشاهتون، امن، سلامتي ۽ انصاف سبب اتحاد ۽ ايڪي ۾ رهيون، ۽ بيشمار فوجون، جن جي هنن اڳواڻي ڪئي، جرئت ۽ بهادريءَ ۾ هڪ جهڙيون هيون تہ ساڳئي وقت اولهه جي بربرن جي پيٽ ۾ سندن نظم ۽ ضبط به ڪمال جو هيو. پر صليبي جنگ جي وقت تي، مالڪ شاهه جي وراثت تي سندس چئن پُٽن جي وچ ۾ سخت اختلاف ٿي پيا، سندن ذاتي جهڳڑا ۽ هڪ ٻئي جي خلاف رساڪشي ماڻهن جي لاءِ خطرن جو باعث بڻجي وئي ۽ اُنهن جي مقدر جي لاهن چاڙهن جي سندن خادمن يا غلامن کي ايتري جاڻ ڪانہ هئي. اناويهه امير، جيڪي ڪربوغا جي جهنڊي هيٺ روانا ٿيا هيا، سندن دشمن هيا ۽ هنن ميسوپوٽئميا ۽ شام جي ڪجهه شهرن مان تڙ تڪڙ ۾ پنهنجي لاءِ ڪجهه فوجي پرتي ڪري ورتا ۽ ترڪي جا جهونا ۽ تجربيڪار فوجي دجل کان به ايجا اڳتي خدمتون ڏيندي ٽڪجي ۽ ساٿا ٿي پيا هيا. مصر جي خليفي، سندن ڪمزوري ۽ هڪ ٻئي جي اختلافن جو فائدو ونندي پنهنجن پراڻن علاقن تي ٻيهر پنهنجي قبضي جمائڻ جون ڪوششون ڪيون ۽ سندس سلطان افضل جيروسلم ۽ ٽائر جو گهيرو ڪيو، اورتوڪ(*) جي ماڻهن کي پڇائي ڇڏيائين ۽ فلسطين ۾،

فاطمين(102) جي شهري ۽ ڪليسائي اختيارن کي بحال ڪيائين. هو عيسائين جي بيشمار فوجن جو ٻڌي حيرت ۾ پئجي ويا جيڪي يورپ کان سفر ڪري ايشيا ڪنڊ تائين پهتيون هيون ۽ اُنهن حملن ۽ جنگين جون خبرون ٻُڌي خوش ٿي ٿيا جن ترڪن جي طاقت کي ختم ڪيو هو جيڪي سندن فرقي ۽ بادشاهت جا مخالف هيا. پر ساڳيا عيسائي پيغمبر ﷺ جن جا مخالف هيا ۽ نائيسيا ۽ انتاڪيا جي حڪومتن جي تختي اونڌي ٿيڻ کان پوءِ، سندن فوجي منصوبن جي مقصد کي وقت سان گڏ سمجهيو ويو هو، جنهن موجب هاڻي سندن پروگرام اُردن جي ڪنارن کان وٺي نيل ندي جي علائقن کي حاصل ڪرڻ جو هو. جنگين ۾ جيڪو خط و ڪتابت يا سفارتي رشتن ۾ خلل پيو هو، ان کي مصر جي بادشاهت ۽ لاطيني حڪومت جي درميان ٻيهر بحال ڪيو ويو ۽ ٻنهي ڌرين کي احساس ٿيو ته سندن غرور يا تڪبر، جهالت ۽ فضول جذبن جو نتيجو هو. مصر جي وزيرن ڪجهه غرور ۽ ڪجهه نرم لهجو اختيار ڪندي ظاهر ڪيو ته سندن حاڪم، جيڪو پيغمبر ﷺ جن جو سچو ۽ جائز جانشين هيو، جيروسلم کي ترڪن جي قبضي مان آزاد ڪرايو هو ۽ صليبي زيارتي، جيڪڏهن اُهي پنهنجي تعداد کي ڪجهه گهٽ ڪن ۽ هٿيار ۽ قِتا ڪن ته پوءِ کين سلامتي ۽ مهمان نوازيءَ جي انداز سان کين حضرت عيسيٰؑ جي مقبري تي وڃڻ ڏنو ويندو. جيئن ته عيسائين جي حالت ايتري طاقت واري ڪانه هئي ته خليفي مُستعلي هٿيارن کان نفرت ڪندي سندن ڪجهه اعليٰ عملدارن کي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو. انتاڪيا جي فتح کيس آماده ڪيو ته ان جي فاتحن کان گهوڙن ۽ ريشمي ويسَن وڳن جا تحفا قبول ڪري ته ساڳئي وقت کيس سون ۽ چاندي جي دولت جي تمنا پڻ هئي، تنهن ڪري سندن لياقت ۽ طاقت جو اندازو لڳائيندي، هن پهريون نمبر بوهيمنڊ ۽ ٻيو نمبر گاڊفري کي ڏنو. پر صليبين اجا حوصلا نه هاريا هيا ۽ هنن کيس ڪُتو جواب ڏنو: 'ڪين ان ڳالهه کان نفرت هئي ته هو محَمَّد ﷺ جي جانشينن ۽ پوئلڳن جي ذاتي مسئلن يا شهرن ۽ خطن جي حاصلات جي معاملن ۾ دخل اندازي ڪن ۽ نه وري هو سندن نالي يا قوم بابت معلومات ڪرڻ جا خواهشمند هيا، هنن جو فقط هڪڙو ئي پُختو عقيدو هو ته جيروسلم تي قبضو جمائيندڙ سندن دشمن هيا، تنهن ڪري هو زيارتين لاءِ ڪنهن به شرط جي پابندي نه لڳائن، بلڪ جلد از جلد ۽ وقت اندر هو شهر ۽ صوبي جو قبضو ختم ڪن جيڪو سندن جائز ۽ مقدس حق هيو، انهي صورتحال ۾ هو سندن تعاون جا طلبگار ٿي سگهيا ٿي، نه ته ٻي صورت ۾ هو اهڙي حملي جي لاءِ تيار رهن جنهن کي روڪڻ يا ان جو مقابلو ڪرڻ سندن وَسَ ۾ نه هوندو(103).'

توڙي جو هو آسانيءَ سان حملو ڪري ۽ فتح حاصل ڪري ٿي سگهيا پر تنهن هوندي به حملي کي ڏهن مهينن کان به مٿي عرصي تائين ملتوي ڪيو ويو پر تيستائين ڪربوغا کي شڪست ملي چڪي هئي. فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ، صليبين جي همت توڙي سندن جذبا ٺڪا ٿي ويا ۽ هاڻي وڌيڪ ڪنهن بي مهر کي شروع ڪرڻ جي بجاءِ هو تڪڙ ۾ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ويا ته جيئن شام جي نئين ماحول ۽ آبهوا کان لطف اندوز ٿي سگهجي. هن بي سبب ۽ عجيب دير ڪرڻ جا سبب خبر ناهي ڪهڙا هيا پر ممڪن آهي ته سندن طاقت گهٽجي وئي هجي، جو ته انتاڪيا جي لڙائي ۾ سندن گهوڙي سوار فوج بلڪل تباهه ٿي چڪي هئي ۽ هر طبقي جا فوجي پڻ ڏڪر، بيمارين ۽ بزدل ٿي پڃڻ جي ڪري، گهٽجي باقي وڃي بچيا هيا ۽ جن وٽ مال خزانو گهٽو هو، اُنهن وري ان جو ناجائز استعمال ٿي ڪيو جنهن سبب پڻ غريبن ۾ ڏڪر پيو ۽ شراب نه ملڻ ڪري ان جي بدلي ۾ ٻيون هاجيڪار شيون واپرائڻ سان وبا ڪاهي پئي جنهن ٿورڙي ئي عرصي ۾ پنجاهه هزار زيارتين کي موت جي نند ۾ سمهاري

ڇڏيو. اڳواڻن ۾ ڪي ٽورڙا هيا جن حڪم ٿي هلايو پر حڪمن ڪي مڃڻ وارو هاڻي ڪو به نہ رهيو هو. مقامي رنگ، جا جهيڙا جهڳڙا، جيڪي عارضي طور تہ بند ٿيا هيا، پر پوءِ جلد ئي وري جاڳي پيا پر اُهي ڪاوڙ ۽ ناراضگين تائين محدود رهيا. بالدون ۽ بوهيمند جي بخت، سندن ساٿين جي حسد ڪي جنم ڏنو ۽ جيڪي سپني ڪان وڌيڪ بهادر امير هيا اُنهن ڪي نين رياستن جي حفاظت لاءِ چونديو ويو ۽ نواب ريمند، شام جي وچ ۾ هڪ جنگي معرڪي ۾ پنهنجين فوجين ۽ خزانن ڪي ڪافي حد تائين وڃائي چڪو هو. سڄو سيارو اختلافن ۽ اجاين وڳوڙن ۾ گذري ويو، پر بهار جي موسم ۾ مذهب ۽ عزت آبرو جا جذبا پيهر ڏسڻ ۾ ٿي آيا ۽ ذاتي قسم جي سپاهين، جيڪي حسد ۽ ذاتي مقصدن کان آجا هيا، ڪاوڙ وارن وڏن آوازن سان پنهنجن ڪاهل اڳواڻن ڪي جڙ جنجهوڙي جاڳايو هو. مئي جي مهيني ۾ ڪجهہ تبرڪن ڪي انتاڪيا کان لاڏوڏيسيا موڪليو ويو، ۽ لڳ ڀڳ چاليهن هزارن لاطينين مان پندرهن سؤ گهوڙي سوار ۽ ويهہ هزار پيادل فوجي اهڙا هيا جيڪي خدمت ڏيڻ لائق رهجي ويا هيا. سندن آسان سفر جبل لبانس ۽ سمند جي ڪناري جي وچ ۾ هو ۽ سندن گهُرجن جو پورائو جينُئا ۽ پِسا جي ساموندي واپارين طرفان ڪيو ويو هو ۽ اُنهن ٽرپولي، ٽائر، سِدان، آڪر، ۽ سزئريا جي اميرن کان بہ وڏي مالي مدد وصول ڪئي جن کين گذرڻ لاءِ رستي جي بہ آزاديءَ واري سهولت مهيا ڪئي ۽ اُنهن واعدو ڪيو تہ هو جيروسلم جي مثال جي پوئواري ڪندا. سزئريا کان هو وڃولي جي ملڪن طرف هليا ويا ۽ اُنهن جي ڪلارڪن(*)، لِبا رملا، ايماس ۽ بيٽليم جي پاڪ جاگرافي يا حدن ڪي سجاتو ۽ جيئن ئي هنن پنهنجي مقدس شهر ڪي ڏٺو تہ صليبين کان سپ ٽُڪ ۽ سورَ لهي ويا ۽ هنن سمجهيو تہ کين سندن محنتن ۽ مشقتن جو ڀرپور انعام ملي ويو هو(104).

جيروسلم جي شهرت جو هڪڙو سبب اهو بہ آهي تہ ان تي تمام گهٽا گهيرا ٿيا آهن جن منجهان ڪيترائي يادگار پڻ آهن. اهو سخت ۽ هوڏ واري مقابلي کان پوءِ ئي ممڪن ٿي سگهيو هو جو بابل ۽ روم، سندن عوام جي سخت ضِد ۽ هَٺ کان پوءِ کين ضابطي ۾ آندو هو. پٿريلي ميدان تي قلعن ناهڻ ۽ شهر جي ديوارن توڙي خود شهرن ڪي بہ قلعن جي سخت ضرورت هئي ڇاڪاڻ تہ ميدان ايترا سڏا ۽ صاف هيا(105) جيڪي دشمن جي حملي لاءِ مناسب ۽ موزون هيا. صليبي جنگين دؤران اُنهن رڪاوٽن ڪي ختم ڪيو ويو هيو. دفاعي پٽين ڪي مڪمل طور تباهہ ڪيو ويو هيو پر جڏهن اُنهن جي مرمت ٿي تہ اها اطمينان بخش نہ هئي، يهودين طرفان سندن قوم ۽ سندن عبادتن ڪي هميشہ واسطي ملڪ نيڪالي ڏني وئي هئي، پر جيئن تہ فطرت، انسان وانگر ايترو آساني‌ءَ سان تبديل نہ ٿيندي آهي ۽ جيروسلم جو هنڌ، توڙي جو ان ڪي ڪجهہ هيڏي هوڏي هٽايو ويو هو، پر پوءِ پي اُهو دشمنن جي حملي ڪي مُنهن ڏيڻ لاءِ ايڏا ڪافي مضبوط هيو. آخري حملي جي تجربي ۽ ٽن سالن جي قبضي مصر جي مسلمانن ڪي سيڪاري ڇڏيو هو تہ ان هنڌ جي نقصن تي دوراندیشي‌ءَ سان غور ڪن ۽ انهن ڪي دور ڪرڻ جي هڪدم ڪوشش ڪن، ڇو تہ سندن مذهب توڙي قومي وقار اُن تان هٽ ڪٽي وڃڻ جي کين اجازت نٿي ڏني. الله دين يا افتخار ڪي، جيڪو خليفي جو نائب يا نمائندو هو، حفاظت ڪي يقيني بنائڻ جي ذميواري سؤنپي وئي هئي، تنهن ڪري هن اڇڻ شرط مقامي عيسائين جي چرپر ڪي لغام ڏنو ۽ کين ڊيڄاريائين تہ جي اُنهن سندس حڪمن جي خلاف ورزي ڪئي تہ اُهي نہ رڳو پنهنجي پر مقدس مقبري جي تباهي جا پڻ پاڻ ذميوار هوندا، ۽ هن مسلمانن ۾ هڪ نئون ايماني روح ڦوڪيو تہ جي اُهي همت ۽ جرئت ڪي قائم رکندا تہ رب جي طرفان عارضي توڙي دائمي انعامن جا مستحق رهندا. سندس فوج ۾ چاليهہ هزار ترڪ

۽ عرب موجود هيا، ۽ جيڪڏهن وڌيڪ کوشش سان هو ويهه هزار وڌيڪ مقامي ماڻهو پنهنجي فوج ۾ شامل ڪري ها ته پوءِ اها ڳالهه تسليم ڪرڻ جوڳي هئي ته گهيري ۾ آيل ماڻهو خود گهيرو ڪندڙ فوج کان به تعداد ۾ وڌيڪ هيا(106). جيڪڏهن گهٽ طاقت ۽ لاطينين جو تعداد، ڪين ڇوڙس ڇئن هزار والن (انڪل انگريزي ايائي ميل)(107) جي دائري تي قبضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ها ته پوءِ پي، جيڪڏهن اُهي بن هنار جي وادي يا ڪيدرون(108) جي تيز وهڪرن تائين لهي آتي پهچي به وڃن ها يا وري اُهي ڏکڻ ۽ اوپر جي پهاڙن جي اُتاهين چوٽين تائين به پهچي وڃن ها تڏهن به اُنهن کي ڪجهه به هٿ نه اچي ها ڇو ته اُتي نه ته کا اُميد هئي ۽ نه ڪنهن ڳالهه جو خطرو هيو جيئن سؤلي سنڊيءَ ۾ چوندا آهن ته: 'نه سڄڻ کي آسرو، نه دشمن کي ڀئو'. سندن گهيري جو رُخ گهٽي پاڳي شهر جي اترين ۽ اولهائن پاسن طرف هيو. بولن جي گادفري، جبل ڪئلوَري تي پنهنجي جهنڊي کي بلند ڪيو، جيڪو سينٽ استيفن گيٽ جي ڪابي پاسي کان هيو، هوڏانهن ٽئنڪريڊ، بن رابرٽس ۽ نواب ريمنڊ پٽ جدا جدا پنهنجا مورچا مضبوط ڪيا جيڪي قلعي کان جبل سِين جي ٻري تائين پکڙيل هيا ۽ هي هنڌ شهر جي حدن کان ٻاهر هيا. پنجين ڏينهن تي، صليبين هڪ وڏو حملو ڪيو، جنهن ۾ سندن ڪوشش هئي ته انجڻن کان سواءِ مضبوط ديوارن کي ڌاهيو وڃي، يا وري بنان ڏاڪڻن جي اُنهن تان چڙهي، مخالفن مٿان وڃي ڪڙڪو ڪجي. فقط طاقت ۽ زور سان هو پهرين رڪاوٽ کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا، پر پوءِ ڪين بيحد شرمساري جو مُنهن ڏسڻو پيو ۽ سندن ڪيترن ئي ماڻهن کي قتل ڪيو ويو، ۽ هاڻي ائين محسوس ٿي ٿيو ته سندن پارسا ماڻهن جي اڳڪٿين يا ڪرشمن جي طاقت کين جواب ڏئي چڪي هئي ۽ هاڻي فقط وقت ۽ محنت کي سجايو ڪرڻو هو ۽ اُهي ئي فقط سندن فتح جا ضامن رهجي ويا هيا. گهيري کي چاليهن ڏينهن تائين هلايو ويو پر چاليهه ئي ڏينهن هنن لاءِ مصيبتن ۽ عذاب جا ڏينهن هيا. ڏکر جي حالت وري برپا ٿي وئي جنهن جو الزام فقط فرئنڪن تي ڏئي سگهجي ٿو جيڪي واڳونءَ جيان ڪاڏن کي هڙپ ڪندا ٿي ويا ۽ هنن جو پيٽ ڇڻ پرجڻ وارو ئي ڪين هيو، ٻيو ته جيروسلم جي پهاڙي زمين ۾ پاڻي تمام گهٽ هيو، چشما نه هئڻ جي برابر هيا ۽ پاڻيءَ جا وهڪرا اونهاري ۾ خشڪ ٿي ويا هيا ۽ گهيري ڪندڙن جي اُڃ اُجهامڻ واري ڪانه هئي، پر شهر ۾ ڪجهه بچاءُ هيو جو اُتي پاڻي جمع ڪرڻ جي مصنوعي طريقن کي ايجاد ڪيو ويو هيو. هن ملڪ ۾ وڻ به تمام گهٽ آهن جيڪي چانوَ ڪن ۽ گرميءَ ۾ ماڻهن کي سڪون پهچائن، پر هڪ اونهي غار ۾ صليبين ڪجهه ڪاٺ جا شهتير وڃي ڏٺا هيا: سِڇم، جيڪو ٽاسو(109) جو پُراسرار وڻن جو جهُنگڙو هيو، ان کي ڪپيو ويو ۽ ان کان پوءِ ضرورت وارو ڪاٺ ڪئمپ جي استعمال لاءِ آندو ويو. جيڪو ٽئنڪريڊ جي هوشياري ۽ همت جو ڪارنامو هو ۽ انهيءَ ڪاٺ کي جيئُڻا جي وادين انجڻن ۾ فِٽ ڪيو هو جيڪي خوش قسمتيءَ سان جَفا جي بندرگاهه تي وڃي لٿا هيا. به هلندڙ قِرندڙ منارا فقط هٿيارن رکڻ ۽ ان جي استعمال لاءِ تعمير ڪيا ويا هيا جيڪي لورين جي امير ۽ ٽولوز جي نواب جي حوالي ڪيا ويا هيا ۽ اُنهن کي وڏي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڪاهي اُتي نه ٻيهاريو ويو هو جتي پهچڻ آسان هجي پر اُنهن هنڌن تي نِيو ويو جن جي اهميت کي اڳ نظرانداز ڪيو ويو هو ۽ جتي هٿيارن ۽ قلعن ۾ ڪوٽ هئي. ريمنڊ جي منارن کي گهيري ڪندڙن باهه لڳائي ساڙي ۽ رکَ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو، پر سندس ساٿي سندس پيٽ ۾ وڌيڪ ڇوڪس رهڻ وارو ۽ درواندش هيو، سندس تيراندازن دشمن کي قلعي مان ٻاهرائي ۽ پنتي ڏڪي ڇڏيو هو، جهازن جي لنگهه واري متحرڪ پُل کي مناسب سطح تي آندو ويو ۽ جُمعي جي ڏينهن تي شام جو

ٿين وڳي يعني ان ڏينهن جڏهن حضرت عيسيٰؑ کي صليب تي چاڑهيو ويو هو، بُولن جو گادفري جيروسلم جي ديوارن مٿان هڪ فاتح جيان بينو هو. سندس جرئت جي مثال کي ساراهيو ويو ۽ ان جي پوري پوئواري ڪئي وئي ۽ حضرت عمرؓ جي عظيم فتح کان چار سؤ ست سال پوءِ پاڪ شهر کي مسلمانن جي قبضي مان آزاد ڪرايو ويو هيو. هاڻي هر طرف ڦرلٽ جو وهنوار شروع ٿي چڪو هو. مهم جُو ماڻهن اها ڳالهه قبول ڪئي هئي ته جيڪو جتي پهريون قبضو ڪندو ته ڦرمار جي مال جو اُهو وڏيڪ حقدار سمجهيو ويندو ۽ هڪ وڏي جامع مسجد جتان ستر سونَ جو مشعلون ۽ سون ۽ چاندي جا گلدان ڪنيا ويا ۽ اُنهن کي انعام طور ڏنا ويا جن محنت ڪئي هئي ۽ بهادريءَ سان وڙهيا هيا، پر پوءِ اُنهن کي ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ نمايان ڪيو ويو. جن کان غلطيون ۽ گناهه سرزد ٿيا هيا اُنهن خدا کي عيسائين جي رت جي قرباني جو نذرانو پيش ڪيو هو؛ ماڻهن ۾ سخت غصو ۽ سندن ڪاوڙيل چوٽ چڙهيل هئي تنهن ڪري ڪنهن به همت نه ٿي ساري ته سندن غيض ۽ غضب واري غصي کي ڏڏو ڪري مانار ۾ آڻي، تنهن ڪري ماڻهن جي مڃريل هجوم طوفان ٽن ڏينهن تائين ماڻهن جو قتلام جاري رهيو(110)، ۽ ايترا مئل ماڻهو رستن ۽ گهٽين ۾ پيا رهيا جو سندن جسمن مان خطرناڪ بيماريون ماڻهن کي لڳي ويون. ستر هزار مسلمانن کي قتل ڪرڻ ۽ بي ضرر يهودين کي سندن عبادت گاهن ۾ باهه ڏئي ساڙڻ کان پوءِ، هنن بيشمار قيدين کي خبر ناهي ڪيئن جيئدان ڏنو ۽ اُهي قتل ٿيڻ کان بچي ويا. صليب جي هنن وحشي سپوتن ۾ ٽنڪريڊ اڪيلو ماڻهو هو جنهن کي ماڻهن لاءِ رحم ۽ همدردي جو احساس هو، پر اسان ريمنڊ جي به تعريف ڪنداسون جنهن جي رحم دلي ڪجهه ذاتي مطلب واري ٿي لڳي، جنهن دشمن جي پيش پوڻ تي کين قلعي جي ڪمپ ۾ رهايو(111)، هاڻي 'مقدس مقبرو' آزاد ٿي چڪو هو، ۽ فاتح هاڻي تيارين ۾ لڳي ويا ته پنهنجو واعدو ۽ عزم پورو ڪن. مٿي ۽ پيرن اُگهاڙا ۽ دل ۾ پشيماني ۽ شرمندگي جا احساسَ ڪٿي هو اڳتي وڌيا ۽ سندن مُنهن مهانڊا عاجزي ۽ نماڻائي وارا هيا ۽ هوريان هوريان تقدس وارا قدم ڪٹندا هو ڪئلوَري جي ٽڪريءَ تي چڙهيا؛ ۽ پادري وڏي آواز سان ڪجهه پڙهندا ٿي رهيا، هنن گڏجي ان پٽر کي چُمي ڏني جنهن دنيا جي مسيحا کي سهارو ڏنو هو ۽ پنهنجي چوٽڪاري جي مُناري کي پڇتاوَ ۽ خوشيءَ جي ڳوڙهن سان پڄائي ڇڏيائون. ٻن متضاد يعني خطرناڪ ۽ نازڪ جذبن جي ميلاپ کي ٻن فيلسوفن مختلف طريقن سان پيش ڪيو آهي. هڪڙي (112) اهڙن جذبن کي، دستوري ۽ فطري ڪوٹيو، ۽ بي فيلسوف(113) اُنهن کي اجايو ۽ اعتبار ۾ نه ايندڙ چيو. شايد انهن کي سختيءَ سان ساڳي وقت ساڳئي ماڻهوءَ سان لاڳو ڪري سگهجي ٿو، گادفري توڙي جو خود به فاتح هيو پر هن پنهنجن ساٿين کي نيڪي ۽ خدا ترسيءَ جي جذبن ڏانهن مائل ڪيو. جڏهن هنن سندن جسمن کي صاف ٿي ڪيو ته آڻ اها ڳالهه نه مڃيندس ته اُهي جيڪي ماڻهن جي قتلام ۽ سندن ڦرمار ۾ شامل هيا، ته اُهي ئي مقدس مقبري جي چوٽڪاري ۾ ٻين کان اڳرا يا مٿيرا هيا.

هن يادگار فتح، جنهن کي پادري اربن نه ڏسي سگهيو، اڳواڻ هڪ هنڌ گڏ ٿيا ته جيئن پنهنجي بادشاهه جي چونڊ ڪري سگهن ته جيئن فلسطين ۾ پنهنجي سوپ جي حفاظت ڪري سگهن ۽ اُتي حڪومت هلائي سگهن. عظيم هُو ۽ چارٽريس جو استيفن پوئتي هٽي ويا هيا ۽ سندن شهرت کي به ڪافي نقصان رسيو هو ۽ جنهن لاءِ هنن هي صليبي جنگ وڙهڻ جو عزم ڪيو ته جيئن وقار سان مري سگهن. بالڊوِن کي ايڊيسا ۾ مقرر ڪيو ويو هيو، بوهيمنڊ انتاڪيا ۽ به رابرٽس جيڪي نارمنڊي جا امير هيا(114) ۽ فلانڊرس جي امير، فضول ۽ بريٽ جي حڪمرانيءَ جي مقابلي ۾ اولهه ۾ پنهنجي ورثي کي

مضبوط ڪرڻ چاهيو. ريمنڊ جي حسد ۽ سندس لالچي مقصدن کي سندس پنهنجن ماڻهن طرفان ئي ڏسو ويو هو، ۽ بولن جي گاڊفري کي، جيڪو آزاد ذهن رکندڙ ۽ منصف مزاج هو، فوج جي هڪ ۽ ڪڏيل راءِ سان عيسائي دنيا جو سرواڻ چونڊيو ويو. سندس اعليٰ ڪردار جي ڪري هن هڪ اهڙي ذميواري قبول ڪئي هئي جنهن ۾ جيترو شان هو تہ اوترا ئي خطرا پڻ موجود هيا، پر هڪ اهڙي شهر جتي سندس مسيحا کي ڪنڊن جو تاج پارايو ويو هو، ۽ زيارتين وڏن نالن ۽ شاهي پرستارن کي ڇڏيو هو، تنهن ڪري جيروسلم جي بادشاهت جي بنياد رکندڙ ان ڳالهه ۾ خوشي ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو تہ سندس خطاب 'مقدس مقبري جو محافظ ۽ امير' رکيو ويو هو. سندس فقط هڪ سال جي حڪومت(115)، جو عرصو ماڻهن کي خوش رکڻ لاءِ گهٽ هو، جيڪو پهريَن ئي پندرهن ڏينهن ۾ خلل جو شڪار ٿي ويو چاڪاڻ تي ڪيس جنگ جي ميدان ۾ وڃڻو پئجي ويو، جو مصر جي وزير يا سلطان کان اهڙو پيغام وصول ٿيو هو، توڙي جو اهو رد عمل سستي وارو هو، پر تڏهن به سلطان جيروسلم تي دشمن جي قبضي ۾ وڃڻ جو هڪدم بدلو وٺڻ ٿي چاهيو. اسڪلان جي جنگ ۾ سندس مڪمل شڪست، لاطينين جي شام ۾ آبادڪاري جي امڪان کي ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ۾ فرانس وارن جي بهادري نمايان ٿي وئي هئي، جن، هن عمل سان جڏ مذهبي جنگين کي هميشہ واسطي الوداع ڪري ڇڏيو هو. شايد فوجين جي تعداد جي عجيب و غريب ناهمواريءَ مان ڪا ڏر خوش ٿي وڃي، توڙي جو آڳ فاطمين جي طرف کان بيشمار گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج جي تعداد کي نہ ڳڻيندس، پر، ٽن هزار حبش جي ڪارن کان سواءِ، جن وٽ لڻيون، بانا يا لوڙهيون هيون، ڏکڻ جا بربر پهرين پيڪيءَ تي ئي ميدان ڇڏي پڄي نڪتا ۽ اهڙيءَ طرح ترڪن جي چُستي ۽ بهادري ۽ مصر وارن جي ڪاهلي ۽ بزدلي جي وچ ۾ واضح فرق نظر اچي ويو. سلطان جي ترار ۽ سندس جهنڊي کي مقدس مقبري جي سامهون ختم ڪندي نئين بادشاهہ (ڪيس بادشاهي لقب سونهين پيو) پنهنجن ساٿين کي پاڪر پاتو جيڪي ڪانئس جدا ٿي رهيا هيا ۽ ٽن هزار امير ۽ ٻن هزار پيادل فوجين کي بهادر ٽئنڪريڊ سان ان ڪري رکيو ويو هو تہ جيئن فلسطين جي حفاظت ڪري سگهن. پر سندس حاڪميت تي هڪ نئين دشمن حملو ڪيو، جيڪو اڪيلو فقط اهڙو هو جنهن جي اڳيان گاڊفري به پاڻ کي بزدل سمجهندو هو. پاءِ جو وڏو پادري اڌيمر جيڪو دانائي توڙي عمل جي چُستيءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، انتاڪيا جي آخري وبا ۾ مري ويو. جيڪي ڪليسائي فڪر جا ماڻهو بچي ويا هيا اُنهن ۾ سڪٿي ڦوند ۽ ذاتي لالچ پريل هئي ۽ سندن بغاوت واري ڪردار جي ترت تقاضا اها هئي تہ پادري جي چوند، بادشاهہ کان اڳ ٿيڻ گهرجي. جيڪو قانوني سرواڻ هو، ان جي ناٿي ۽ حڪومت جي واڳ کي لاطيني مُلان هڙپ ڪري ويا هيا، يونانين ۽ شامين جي خارج ڪرڻ کي، مذهبي تفرقي بازي جي مذمت ڏريعي، جائز سمجهيو ويو (116)، ۽ کين چوٽڪاري ڏيارينڊ جي زور زبردستي واري غلاميءَ ۾، اوپر جي عيسائين کي عرب خليفن تي افسوس ٿيو تہ سندن حڪومت ڪهڙن ڪهڙن عجيب ماڻهن کي برداشت ٿي ڪيو، ڊئمبرٽ، جيڪو پيسا جو مڪيہ پادري هيو، کي روم جي ڪُجهين پالسين بابت ڪافي سڪيا مليل هئي، هو مقدس سرزمين جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جو ساموندي جهاز پري هتي پهتو. ۽ بنا مقابلي جي ڪيس ڪليسا جو دنياوي توڙي روحاني اڳواڻ بڻايوويو. نئين سرواڻ(117) جلد پنهنجون انتظامي واڳون سنپاليون جن تي اڳ پگهر ۽ رت جي پورهئي سان فاتح زيارتي مقرر ٿيل هيا ۽ گاڊفري ۽ بوهيمنڊ سندس اڳيان وڃي پنهنجو ادب ۽ احترام پيش ڪيو ۽ پنهنجي ملڪيت بابت ڪانئس سندون

حاصل ڪيون، جڏ تہ هيترو ڪجهہ هن لاءِ ڪافي نہ هيو، تنهن ڪري ڏئمبرٽ جيروسلم ۽ جفا جي ملڪيت جو بہ دعويدار بڻجي ويو؛ ڪٽي جواب ڏيڻ جي بجاءِ، هن پادري سان گڏلهيون پولهيون ڪيون، ۽ شهر جو ذري گهٽ چوڏون حصو ڪليسا جي حوالي ڪيو ويو ۽ حيادار وڏو پادري، گاڊفري جي موت تي جنهن کي بار بہ ڪونہ هيا، جيڪو ڪجهہ وٽس بچيو ان تي راضي رهيو ۽ ان گڏلهہ تي بہ مطمئن هو تہ پلي مستقبل ۾ ڪيس قاهره يا دمشق ۾ ڪيس ڪليسائي اختيارن واري مستقل جڳهہ ڏني وڃي.

هن مطمئن ڪندڙ سمجهوتي کان سواءِ، فاتح ذري گهٽ پنهنجي نئين بادشاهت کان محروم ٿي وڃي ها جيڪا فقط جيروسلم ۽ جفا تائين محدود هئي، يا جنهن ۾ پرپاسي واري ملڪ جا فقط ويهہ ڳوٺ شامل هيا. هن سوڙهي ٽُڪري ۾ مسلمانن کي اجا تائين اجيت قلعن ۾ رهايو ويو هو ۽ هاري، واپاري توڙي زيارتي روز ڪنهن نہ ڪنهن مخالفت يا دشمني کي پيا مُنهن ڏيندا هيا. گاڊفري۽ بن بالدوِنس جي فوجين جي مدد سان سندس پاءُ ۽ سوٽ جيڪي تخت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا تہ لاطينين سُک جو ساهہ پريو ۽ پاڻ کي هاڻي وڌيڪ محفوظ سمجهيو، ۽ پنهنجي حڪومتي اختيارن ۽ حدن جي ڪري پاڻ کي بہ بين بادشاهتن جي مَٽ سمجهيائون، توڙي جو وٽن رعيت جا ماڻهو لکن، جي تعداد ۾ نہ هيا نڪي وٽن اُهي قديمي جوڏا باقي هيا جيڪي اڳ اسرائيل(119) وٽ هوندا هيا. لاٽوڊيسيا، ٽرپولي، ٽائر، ۽ اسڪلان(120) جي سامونڊي شهرن جي حدن گهٽجڻ کان پوءِ، جن جي مدد وينس، جينُئا، پيسا، فلانڊرس ۽ ناروي(121) جي آرماڙن ڪئي هئي، ۽ سامونڊي ڪنارن جون حدون جيڪي اسڪئنڊرون کان مصر جي سرحد تائين ڦهليل هيون، عيسائي زيارتين جي قبضي ۾ هيون. جيڪڏهن انتاڪيا جو بادشاهہ پنهنجي حڪمرانيءَ تان هٿ کڻي وڃي ها، تہ ايڊيسا ۽ ٽرپولي جا امير جيروسلم جي بادشاهہ جي غلامن جا مالڪ بڻجي وڃن ها. لاطينين جي حڪومت جون حدون فرات کان بہ اڳتي هيون، ۽ هيمس،هَما، دمشق ۽ حلب جا چار شهر فقط مسلمانن وٽ رهجي ويا هيا جيڪي بہ شام ۾ سوڀون حاصل ڪرڻ سبب کين مليا هيا(122). فرانس جي قوم ۽ لاطيني ڪليسا جا قانون، بولي، ڪردار ۽ لقب سامونڊي شهرن جي ماڻهن ۾ عام ڪيا ويا هيا. اميراڻي قانون موجب، مڪيہ رياستون توڙي ننڍا پرڳڻا مردن ۽ عورتن جي ورائت ۾ هليا ويندا هيا(123)، پر پهرين فاتحن جا پار(124)، جيڪي اڪثر ڪري بگڙيل روپ ۾ هوندا هيا، موسم جي عياشين ۾ مست مگن ٿي ويندا هيا؛ ڪجهہ نوان صليبي جيڪي يورپ کان پهتا هيا اُنهن جي ڪا خاص اهميت ڪانہ هئي ۽ نہ وري اُهي پاڻ سان گڏ ڪي اُميدون يا مقصد کڻي آيا هيا. شاهي نوابن(125) جي خدمت لاءِ ڇہ سؤ چاهٽ امير مقرر ڪيا ويا هيا، جن وري، ٽرپولي جي نواب جي جهنڊي هيٺ، پنهنجي مدد لاءِ وڌيڪ بن سؤ امين جي گهُرَ ڪئي ۽ جنگ جي ميدان تي هر امير جي خدمت ۾ چار سؤ خادم يا تيرانداز گهوڙن تي چڙهيل هوندا هيا(126) جيڪي سندن نوڪري چاڪري ڪرڻ لاءِ پنهنجي ٿُرت تياري رکندا هيا. پنج هزار ۽ پنجهتر پيادل سپاهي ڪليسائن ۽ شهرن ڏنا هيا جڏهن تہ سچي بادشاهت مان يارهن هزار فوجي بہ مهيا نہ ڪيا ويا، هي هڪ اهڙي دفاعي دوراندیشي هئي جيڪا عرب مسلمانن ۽ ترڪن(127) جي لشڪرن کان بچاءَ ڪرڻ لاءِ نهايت ضروري هئي. پر جيروسلم جي بيحد مضبوط دفاعي ديوار سينٽ جان جي اسپتال(128) جي هئي جنهن جو بنياد اتان جي امين رکيو هو، پي نمبر تي حضرت سليمانؑ(129) جو مندر هو جيڪو هڪ انوکي ۽ اڻ ٽيٽي اتحاد جي ڪري تعمير ٿيو هو ۽ اهو ايڪو بن متضاد نظريي جي ماڻهن يعني راهبن ۽ فوجين جي وچ ۾ ٿيو هو جنهن کي مذهبي جنونيت طرفان تجويز ڪيو ويو هو ۽ پنهي نظرين جي پاليسيءَ ان جي

منظوري ڏني هئي. يورپ جي وڏن خانداني ماڻهن صليب کي پائڻ ۽ پنهنجي وَڇن نيائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ڇو ته سندن جذبا، نظر ۽ ضبط لازوال هيو ۽ هن سلسلي ۾ اناويهه هزار زمين جي ٽُڪرن يا سڄي جاگير(130) جو نذرانو به ڪين پيش ڪيو ويو جنهن ڪري سندن مالي حالت بهتر ٿي ۽ هاڻي فلسطين جي دفاع لاءِ پيادل توڙي گهوڙي سوار فوج رکي ٿي سگهيا. فوجي ڪمن ۾ خانقاهي قناعت خبر ناهي الائي ڪيڏانهن اڏامي وئي، دنيا ۾ هر طرف غرور، تڪبر ۽ لالچ ڪاهي پئي هئي جنهن عيسائي فوجين کي پڻ بگاڙي ڇڏيو هو؛ سندن دعويٰ هئي ته هو هر الزام کان آجا هيا، ان دعويٰ جو منفي اثر ڪليسا توڙي خود رياست تي پڻ پيو هيو ۽ سندن مثال جي پوئواري ڪرڻ تي امن امان ۾ پڻ خلل پيو هو. پر سندن بدڪاري ۽ بيڙاين واري زماني ۾، استپال ۽ مندر جي امير پنهنجي بي خوفي ۽ جنونيت واري ڪردار کي جاري رکيو هو، هو زندهه رهڻ ۾ غافل هيا پر حضرت عيسيٰؑ جي نالي تي مرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا هيا ۽ همت ۽ بهادري جو جذبو، جيڪو منجهن صليبي لڙاين منجهان پيدا ٿيو هو، مقدس مقبري مان ان جي چَڪِي ڪٽي ان کي مالٽا جي بيٽ تي پوکيو ويو هيو(131).

آزادي جو جذبو، جيڪو وڏيرڪن ادارن ۾ به هوندو آهي، صليبي شيدائين ۾ پڻ زوردار طريقي سان موجود هيو، جنهن پنهنجي اڳواڻ کي سندس همعصرن ۾ سيني کان وڌيڪ معتبر ۽ مانَ وارو ٻڌايو هو. ايشيا جي غلامن ۾، جيڪي پنهنجي مثال ۽ سبق کان غافل هيا، اُنهن ۾ سياسي آزادي جي هڪ نموني جو تعارف ڪرايو ويو هيو، ۽ فرانس جي بادشاهت جا قانونَ، هڪ جهڙائي ۽ انصاف جي نِج ذريعن مان ورتا ويا آهن. هنن قانونن مان پهريون ۽ جيڪو لازمي قانون آهي اُهو اُنهن عوامي ماڻهن جي رضامندي حاصل ڪرڻ بابت آهي جن جي فرمانبرداريءَ جي ڪين هر وقت ضرورت رهندي آهي، ۽ جن کي فائدي پهچائڻ لاءِ اُهي ناهيا ويندا آهن. جيئن ئي بولن جي گاڊفري وڏي مئجسٽريٽ جو عهدو سنياليو، ته هن هڪدم عوامي توڙي ذاتي سطح تي لاطيني زيارتين کان، يورپ جي قانون ۽ اتان جي رسمن ۽ روايتن بابت صلاحون ۽ مشورا ورتا جيڪي اُنهن بابت گهٽي ڄاڻ رکندا هيا. معلومات جي اهڙن مفيد ذريعن، ۽ اتان جي اڳواڻ يا سردار ۽ اميرن توڙي مذهبي نمائندن ۽ عوامي ماڻهن، مطلب ته سيني طبقن جي رضامندي حاصل ڪرڻ کان پوءِ گاڊفري جيروسلم جي هڪ 'مشاورتي ڪائونسل' ناهي(132) جيڪا جاگيرداري قانون ۽ رسمن روايتن کي ذهن ۾ رکندي ماڻهن جي مقامي معاملن ۽ مسئلن بابت حڪومت کي پنهنجون سفارشون موڪلينديِ رهندي. نئين قانون کي، جنهن کي بادشاهه، مقامي سردار ۽ جيروسلم جي وائڪائونٽ يا نواب جي مُهرُن ذريعي سرڪاري سطح تي مضبوط بنايو ويو هو، 'مقدس مقبري' اندر رکيو ويو، ۽ وقت گذرڻ سان ان ۾ ضروري ترميمون به ٿيندڙون رهيون ۽ جڏهن به فلسطين جي جنگ يا مئجسٽريٽن ۾ ڪو اختلافي مسئلو يا ڪو مشڪوڪ معاملو ڪين مُنجهائيندو هو ته هو پنهنجي رهبري، مشاورتي ڪائونسل جي ٽهيل متفقه قانون مان حاصل ڪندا هيا. جيئن ته شهر هاڻي بادشاهت لاءِ ذري گهٽ وڃائجي چڪو هو(133)، پر هي نئون قانون هتان جي لاءِ هڪ وڏي سَنڊَ رکندڙ هيو، جنهن کي مقامي روايتن موجب(134) سختيءَ سان محفوظ ڪيو ويو هو ۽ مختلف مسئلن تي ان مان پرپور فائدو وٺندي ان تي عمل ڪيو ويندو هو ۽ اهو سلسلو تيرهين صدي عيسوي جي وچ تائين قائم رهيو؛ ڪجهه عرصو، حڪومتن جي تبديليءَ سبب ان تي عمل نه ٿيو پر پوءِ ٻيهر جان ڊي آئبيلن، جيڪو جَفا جو نواب ۽ مڪيه جاگيردار هو(135)، قانون جو ٻيهر جائزو وٺندي، ان کي 1369ع ۾ قابل عمل بنائي، ساڳئي سال ۾ ان کي قبرص جي لاطيني بادشاهت ۾ نافذ ڪيو ويو(136).

انصاف ۽ آزادي کي، نئين آئين جو روح ۽ بنياد بنايو ويو هو جنهن کي ٻن مختلف نوعيت جي باوقار عدالتي ادارن، جن کي بولن جي گاڏفري جيروسلم جي سوپ کان پوءِ قائم ڪيو هو، منظور ڪيو هو. متين عدالت ۾ بادشاهه سلامت پاڻ وڃي ويهندو هو جنهن کي عام اصطلاح ۾ امير جي ڪورٽ چيو ويندو هو. هنن منجهان وڏيڪ نمايان گئليلي جي بادشاهه، سِڊان ۽ سزئريا جي سردار، ۽ جفا ۽ ٽرپولي جي نوابن جون عدالتون هيون جيڪي سپاهي کان فوج جي جنرل(137) تائين هڪ ٻئي جي برابر هيون ۽ اُهي ئي ماڻهو هڪ ٻئي جا جَجَ ٻ هوندا هيا. پر سڀني اميرن يا سردارن تي، جن وٽ، بادشاهن کان پوءِ، پنهنجون جاگيرون هيون، بادشاهه جي عدالت ۾ وڃڻ لازمي هوندو هو ۽ وري هر هڪ امير يا نواب، پنهنجين حدن ۾ هيئين اسيمبلين يا عدالتن ۾ ويهي ساڳيا حڪم هلائيندو هو. آقا ۽ غلام جو پاڻ ۾ تعلق عزت وارو ۽ هڪ ٻئي جي مرضيءَ تي هلڻ وارو هوندو هو: غلام تي مالڪ جي عزت ڪرڻ، ۽ مالڪ طرفان ڪيس جاني ۽ مالي تحفظ ڏيڻ جي ذميواري هوندي هئي، پر ان رشتي ۾ هروپرو ايتري سختي ٻ ڪانه هوندي هئي، ڪڏهن ڪڏهن ته ٻنهي ۾ جڻ فرق متجي ويندا هيا ۽ ٻئي هڪ ٻئي جي عزت ڪندا هيا ته هڪ ٻئي جي حفاظت ٻ گڏجي ڪندا هيا، پر جيڪڏهن ڪنهن ٻ ڏر کي هڪ ٻئي کان ڪا تڪليف پهچندي هئي ته پوءِ اهو رشتو ٽٽي ويندو هو. شاديون مرادیون توڙي عقيدن اختيار ڪرڻ جي سرشتي کي مذهب سان منسلڪ ڪيو ويو هو ۽ مذهب تي پادرين جو قبضو هو، باقي امير جي شهري توڙي ڏوهن جي معاملن، وراثت ۽ جاگير رکڻ جا مُدا ۽ اهڙي قسم جي ٻين معاملن جا فيصلا سپريم ڪورٽ ۾ ٿيندا هيا. هر ميمبر عوامي توڙي خانگي حقن جو جج هوندو هو ۽ اُنهن جي حفاظت جو ذميوار هوندو هو. اها ڳالهه سندس ڏيوٽي ۾ شامل هوندي هئي ته ترار کي هٽ ۾ رکندي مالڪ جي دعوائن کي پنهنجي زبان سان اظهار ڪري، پر جيڪڏهن مالڪ يا ڪو ٻ طاقتور امير ناانصافيءَ جو مظاهرو ڪندي، پنهنجي غلام جي ملڪيت يا ان جي آزادي کي قبضي جي ڪوشش ڪندو هو ته اتحادي ۽ هڪ جهڙائي رکندڙ امير وچ ۾ پَوندا هيا ۽ جهيڙي يا اختلافن کي پنهنجي زبان ۽ عمل ذريعي ٺيڪ ڪري ڇڏيندا هيا. اُهي جرئت مندي ڪندي سائس ٽيل زيادتي جو ازالو ڪندا هيا، سندس معصوميت جو اقرار ڪندا هيا، سندس ملڪيت ۽ سندس شخصي آزادي کي واپس ڪرڻ ۾ مدد ڪندا هيا ۽ ڪانئس پنهنجون خدمتون ونڊڻ لاءِ پابند ڪندا هيا، سندس پاڻ کي جيل مان آزاد ڪرائي سندس حفاظت لاءِ هر ممڪن اُپاءُ ورتا ويا، پر ان سڄي معاملي ۾ غلام ڪڏهن ٻ اهو نه چاهيندو هو ته هو پنهنجي مالڪ جي خلاف تشدد يا بغاوت ڪري ڇو ته ان جي حفاظت هن جي نظرن ۾ اوليت رکندڙ ۽ مقدس هوندي هئي(138). ڪيس وڙهڻ ۾، جوابن توڙي آڏيُن پڇائن ۾، ڪورٽن جا وڪيل مهذب ۽ ڪشادي ذهن جا مالڪ هيا، پر شاهدين پيش ڪرڻ کان اڳ وڪيلن ۾ وڏا بحث مباحثا ۽ دليل بازي جو مقابلو ٿيندو هو ۽ جيروسلم جي مشاورتي ڪائونسل تسليم ٿي ڪري ته بربرن جو هي ادارو وقت سان گڏ ختم ٿي ويو آهي ۽ ان جي جڳهه تي يورپ ۾ وڏيڪ مؤثر قانون ۽ ضابطا نافذ ڪيا ويا آهن.

جنگ ذريعي نبيرا ڪرڻ جي سرشتي کي ڏوهن جي ڪيسن ۾ شروع ڪيو ويو هيو جنهن ۾ ڪنهن انسان جي زندگي سندس ڪو عضوو يا عزت متاثر ٿيندي هئي، ۽ سڀني شهري معاملن ۾ جنهن ۾ دعويٰ چاندي جي هڪ مارڪ برابر هوندي هئي ته اُهو ڪيس ڪورٽ ۾ پُڇڻ لائق سمجهيو ويندو هو. اهو ٻ معلوم ٿو ٿئي ته ڏوهن جي معاملن ۾ ويڑهه الزام هٽندڙ پاران ٿيندي هئي، جيڪو غداريءَ جي ڪيس کان سواءِ، ڪيس رسيل نقصان يا تڪليف جو بدلو ونندو هو يا دشمن جي موت جو مطالبو ٻ ڪندو هو، پر

شرط اهو هو ته کيس تڪليف ۽ اوتري رسائي وئي هجي، پر جتي ۽ کيس جي نوعيت کي نظر ۾ رکندي جڏهن شاهديون پيش ٿيندیون هيون ته اُهي شاهديون فقط حقيقت کي بيان ڪرڻ لاءِ هونديون هيون. شهري معاملن ۾، انصاف جي گهُر ڪندڙ جي دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ بحث مباحثن جي اجازت نه هوندي هئي، پر هن سلسلي ۾ کيس اُهي شاهد پيش ڪرڻا هوندا هيا جن کي حقيقتن جي پوري ڄاڻ هجي. دليل يا بحث مباحثن جي فقط مدعا عليهه يا پنهنجي دفاع ڪرڻ واري کي اجازت هوندي هئي ڇو ته هو شاهدن تي ڪوڙ ڳالهائڻ جو الزام لڳائيندو هو جنهن ڪري سندس جائز حق تي ڏاڙي لڳڻ جو امڪان هوندو هو. اهڙيءَ طرح سندس کيس جي نوعيت ان درخواست گذار واري هوندي هئي جيڪو ڏوهن جي کيس ۾ پنهنجي دعويٰ داخل ڪرائيندو هو. تنهن ڪري هن سلسلي ۾ ثابتي ان ڪري پيش نه ڪئي ويندي هئي ته قانوني جنگ ٿئي، ۽ ثابتي منفي ۽ هرگز نه هئڻ گهرجي (جيئن ليکڪ ماتيسڪيو(139) اندازو ٿو لڳائي) پر هر کيس ۾، زيادتي ٿيڻ جي صورت ۾، جنگ ڪرڻ جي حق جو بنياد، هٿيارن جي زور تي حق وٺڻ جي برابر هيو ۽ انصاف جي جنگ ۽ ساڳين اصولن تي ۽ ساڳين جنبن سان جاري رکي ويندي هئي بلڪل ائين جيئن خانگي طرح دوبدو مقابلو ڪيو وجي. حمايتي يا مددگار فقط عورتن، اپاهج ماڻهن يا اُنهن لاءِ مقرر ڪيا ويند اهيا جن جي عمر ست سالن کان مٿي هوندي هئي. جيڪڏهن کيس ۾ ڪنهن کي شڪست ايندي هئي ته جنهن تي الزام هوندو هو ان کي موت جي سزا ڏني ويندي هئي ۽ حمايتي يا شاهد يا الزام مڙهيندڙ ۽ سزائن کان نه بچي سگهندا هيا، ۽ شهري يا سِول کيسن ۾ مطالبي ڪندڙ کي بدنامي(*) جي سزا ملندي هئي ۽ کيس ۽ وجائي ويهندو هو جڏهن ته سندس شاهدن ۽ حمايتين کي ذلت واري موت جي سزا ڏني ويندي هئي. ڪيترين حالتن ۾ اها جج جي مرضي هوندي هئي ته دليلن ڏيڻ جي اجازت ڏئي يا انڪار ڪري چڏي پر ۽ مثال اهڙا ٻڌايا ويا آهن جنهن ۾ للڪار جو اهو لازمي نتيجو هوندو هو ته جيڪڏهن هڪ وفادار نوڪر، پنهنجي برابري ڪندڙ کي ڪوڙو ڪيو جنهن زيادتي ڪندي پنهنجي مالڪ جي حدن يا رياست تي ناجائز دعويٰ ڄمائي، يا جيڪڏهن ڪنهن ناڪام دعويدار ڪورٽ جي فيصلي ۽ ان جي انصاف تي ڪو بيهودو الزام هنيو ته اهڙن دعويدارن کي سخت تڪليفن جو مُنهن ڏسڻو پوندو هو. هُو پلي ڪورٽ تي الزام هڻي، پر ان جا شرط سخت ۽ خطري کان خالي نه هيا؛ ساڳي ڏينهن تي هو لڳاتار ڪورٽ جي سيني ميمبرن سان وڙهندو رهندو هو، ۽ اُنهن سان ۽ وڙهندو هو جيڪي غير حاضر هوندا هيا، جيڪڏهن انهن سيني کيسن ۾ ڪٽي هڪڙي ۾ ۽ کيس شڪست ملي ته ان جي نتيجي ۾ کيس موت جي سزا ملندي هئي ۽ سندس خواري ان کان سواءِ هوندي هئي، ۽ جتي ڪنهن کي، ڪنهن ۽ کيس ۾ سوءِ نظر نه ايندي هئي ته ان ڳالهه جو، اهڙين حالتن ۾، قوي امڪان هوندو هو ته ڪو ماڻهو کيس وڙهڻ جي آئنده لاءِ همت ئي نه ساري سگهي. جيروسلم جي مشاورتي ڪائونسل ۾، جفا جي نواب جي قانوني نفاست اها هوندي هئي ته هو انصاف جي ويڑهه ۾ سهولتون ڏيڻ بجاءِ ان کي ٽارڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ سندس ان عمل جي تعريف ڪئي ويندي هئي، هُو ائين وهمن وسوسن جي ڪري نه پر پنهنجي وقار جي اصولن کي قائم رکڻ خاطر ڪندو هو(140).

جن سببن جي ڪري عام ماڻهو، جاگيردارن جي ظلمن کان محفوظ رهيا هيا، اُنهن ۾ شهرن ۽ ادارن جو وڏو ۾ وڏو هٿ هيو ۽ جيڪڏهن فلسطيني ماڻهو پهرين صليبي جنگ جا همعصر آهن ته اُنهن کي لاطيني دنيا ۾ قديمي ماڻهن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. صليب جي جهنڊي هيٺ ڪيترائي زيارتي پنهنجن مالڪن کان پڄي ويا هيا ۽ فرانس جي بادشاهن جي اها خواهش هوندي هئي ته سندن نوڪر چاڪر

انهن کان پڇي نہ وڃن تنهن ڪري اُهي آزاديءَ جي حقن ۽ ٻين فائدن جي لالچ ڏئي کين هِرڪائيندا رهندا هيا تہ جيئن اُهي وٽن ترسي پَون. جيروسلم جي مشاورتي ڪائونسل جي دستاويز ۾ اها ڳالهہ واضح طور تي لکيل آهي تہ، اميرن ۽ نوابن جي ادارن کي خود قائم ڪرڻ کان پوءِ، بولن جي گاڏفري هڪ ٻي ٽربيونل ٺاهي جنهن ۾ هن جي بجاءِ سندس وائڪائونٽ يا نمائندي ان ۾ شرڪت ڪئي. اهڙين ننڍين ڪورٽن جي انصاف جو دائرو بادشاهت جي خاص علاقن تائين وڌايو ويو هو جنهن ۾ چونڊي چونڊي وڏي اهميت رکندڙ ۽ معتبر ماڻهن کي شامل ڪيو ويو هيو ۽ اُنهن کي قسم ڏنو ويو هو تہ هو عملن جي قانونن ۽ پنهنجن هڪ جهڙن جي بخت پاڻ کي نظر ۾ رکندي ساڻن انصاف ڪندا(141). ٿون شهرن فتح ڪرڻ ۽ انهن ۾ آبادڪاري جي سلسلي ۾، جيروسلم جي مثال کي بادشاهن ۽ سندن خاص نوڪرن طرفان نمايان حوالو بنايو ويو هو ۽ مقدس شهر جي نقصان کان اڳ، ٽيهہ ساڳئي قسم جون ڪارپوريشنون ٺاهيون ويون هيون. رعيت جي ماڻهن جو ٻيو طبقو يعني شامي(142) يا مشرقي يا عيسائي، مذهبي ماڻهن جا ستايل هيا پر پوءِ رياست نہ رڳو کين برداشت ڪيو پر انهن کي تحفظ پڻ ڏنو. گاڏفري سندن مناسب عرض کي غور سان ٻُڌو جنهن ۾ هو چئي رهيا هيا تہ سندن قومي قانونن کي نظر ۾ رکندي ساڻن انصاف ڪيو وڃي. هنن جي استعمال لاءِ ٽين ڪورٽ ٺاهي وئي جنهن جو محدود دائرو يا گهريلو حدون هيون، جن ميمبرن هن ڪورٽ جو قسم کنيو اُهي سيئي مذهب، ٻولي ۽ رت جي رشتن ۾ شامي هيا پر صدر جو عهدو (جنهن کي عربي ۾ رئيس چوندا آهن) ڪڏهن ڪڏهن شهر جو وائڪائونٽ يا نمائندو سنياليندو هو. امرين کان هيٺ اهڙي مفاصلي تي جنهن جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي، رياستي ماڻهو توڙي ڏاريا، جنهن جي لاءِ جيروسلم جي مشاورتي ڪائونسل جو دستاويز، خاص مهرباني ڪندي بدمعاشن، غلامن، زمين جي هارين، ۽ جنگ جي قيدين جو تذڪرو ٿو ڪري، جن کي پڻ ذري گهٽ ملڪيت جي شين سان تشبيهہ ڏني وئي هئي. هنن بدقسمت ماڻهن کي جيڪي سهولتون ڏنيون ويون هيون يا کين جيڪا حفاظت مهيا ڪئي وئي هئي، اُها تعريف لائق هرگز ڪانہ هئي ۽ نہ وري کنهن قانون ساز جي مرتبي مطابق هئي، پر ان سهولت موجب پاڇوڪڙن لاءِ سزا مقرر ڪرڻ جي بجاءِ، اُنهن کي ڳولي هٿ ڪرڻ جو نقطو ان ۾ شامل ڪيو ويو هيو. جيئن ڪُتا ۽ بازَ ڪڏهن پنهنجي مالڪ کان پٺڪي وڃائجي ويندا آهن، پر جڏهن ڳولڻ سان ملندا آهن تہ اُنهن تي ٻيهر مالڪيءَ جي دعويٰ رکبي آهي، بلڪل اهڙي طرح هڪ غلام ۽ باز جو ساڳيو قدر ۽ ساڳي قيمت هئي؛ پر ٽن غلامن يا ٻارنهن ڏاندن کي گڏ ڪري اُن جي مُلهہ جو تخمينو جنگي گهوڙي جيترو لڳايو ويو هيو، ۽ سُواريءَ جي دؤر ۾ هڪ اشراف جانور (يعني انسان) جي قيمت جو ڪاٽو سون جي ٽن سؤ ٽڪرن جي برابر لڳايو ويو هو(143).

باب اٺونجاھون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) پِکارڊس جو نالو عجيب ۽ انوکو آھي، ان مان ئي پِکارڊي نڪتو جيڪو 1200ع کان اڳ جو نہ آھي. اھو ھڪ تعليمي چرچو ھو يا وري ائين ڪٽي چئجي تہ ھڪ لقب ھو جيڪو اُنھن شاگردن جي ھڪ ٻئي سان پوگَن چرچن جي چيڑچاڑ ۾ ڪين ڏنو ويو ھو جيڪي پئرس جي يونيورسٽي ۾ پڑھندا ھيا ۽ جيڪي فرانس ۽ فلانڊرس جي پري وارن سرحدي علائقن مان اُتي پڑھڻ ويندا ھيا. (وئليسي نوٽيٽيا گئلريَم، ص 447، لانگرُو، فرانس جي احوال ۾، ص 54).

(2) ٽائر جو وليَم (I,ii,637,638) جنھن ۾ راھبن جو ذڪر آيل آھي ڏسو البرٽ اڪئينس،(ص 185) گبرٽ، (ص 482) ائناڪمنينا اليگزئڊ ۾ (x,284 وغيره) جنھن ۾ ڊوڪينج جا حاشيا بہ شامل آھن. (ص 349).

(*) (وڏو پادري، 1085-1073ع).

(3) گريگري، vii، تحريرون، (ii,31) ٽام ۾ (xii,322).

(†) (وڏو پادري، 1099-1088ع).

(4) اربن- II جي اصلي زندگي جو مطالعو ڪيو جنھن کي پئنڊلفس پسينس ۽ برنئرڊَس گائيڊو مراتوري ۾ تحرير ڪيو آھي ۽ اٽلي جي زبان ۾ لکيل آھي. (iii,I,352,353).

(‡) (1060-1108 ۾ حڪومت ڪئي).

(*) (1056-1106 ۾ حڪومت ڪئي).

(*)(*) (تسڪني جي اميرزادي جنھن شاھ جي مقابلي ۾ پادريت جي حمايت ڪئي ھئي. 1115ع ۾ سندس موت ٿيو).

(5) ڪيس ڪيترن ئي نالن سان ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو: پرئڪسِس يوپريسيا، يوفراسيا، ۽ ائڊليس ۽ اُھا روسن جي بادشاھ جي ڏيءُ ۽ برئنڊينبرگ جي مارگريو جي بيوھ ھئي. (جرمني جي ڪارپَس جي تاريخ، ص 340).

(6) (ھينري جي دل ۾ ھِن عورت لاءِ نفرت سمايل ھئي، جنھن جو اندازو ھن ڳالھ مان لڳائي سگھجي ٿو تہ ھن ڪيس ھڪ ڪمري ۾ بند ڪرائي ڇڏيو ۽ ڪيترن ماڻھن کي چيو تہ زور ۽ زبردستيءَ مان ڪيس وٽي وڃن، نہ رڳو ايترو پر ھن پنھنجي پُٽ کي اجازت ڏني تہ پلي ساڻس ھم بستري ڪري. (ڊوڊيچن ڪنٽينيوئنٽ، مئريَن اسڪاٽ جنھن کي برٽولڊس لکيو) (ھُن شڪايت ڪئي تہ ساڻس ڪيترن ماڻھن طرفان مختلف، گندن ۽ غير فطري طريقن سان جنسي ڏاڍائي ڪئي وئي ھئي، وغيره وغيره). ۽ ٻيھر پليسينشيا ۾: ساڻس جنسي ڏاڍاين جا داستان

ايترا تہ پيانڪ هيا جو وڏي پادري ۽ سندس پاڪ ڪائونسل ۾ اها ڳالھ تسليم ڪئي تہ عورت سان جنسي تجربا پنهنجي مرضيءَ سان نہ پر ساٿس جنسي ڏاڍائيءَ جي ڪري سرزد ٿيا هيا (بئرن، 1093ع نمبر، 4 ۽ 1094ع نمبر 3) هڪ اهڙو انوکو موضوع ، جنهن ۾ پادري اهڙو فيصلو ڪيو جنهن ۾ ڪو نقص يا عيب ڪونہ هو. هي نفرتون يا ڪراهتون انساني فطرت جي هر اصول جي خلاف آهن جنهن کي پادري جي ڏنڊي يا ٻين اختلافن سان بدلائي نٿو سگهجي. تنهن هوندي ۾ بدنصيب عورت، جيئن محسوس ٿئي ٿو، کي پادرين طرفان هرکايو ويو هو تہ هوءَ پنهنجي ۽ پنهنجي مڙس جي بدناميءَ جي ڪجھ قصن کي اُنهن اڳيان ويهي ورجائي.

(7) ڏسو پليسينشيا جي ڪائونسل بابت ڪجھ احوال (ڪائونسل، xii,821 وغيره).

(8) گِبرٽ جيڪو خود ۾ فرانس جو رهواسي هو، فرينچ قوم جي خداترسي ۽ بهادري جي گهڻي تعريف ٿو ڪري. هن صليبي جنگين بابت ڪتاب ۾ لکيا، فرينچن بابت لکي ٿو: 'هو مهذب، چگا انسان، سياڻا، جنگجُو، خوشحال ۽ هڪ شاندار قوم سان تعلق رکن ٿا.' جيڪڏهن اسان کي ساڳيو ڪردار برطانيہ جي ماڻهن، انگريزن يا لِگورينس ۾ نظر اچي ها تہ شايد اُنهن کي ۾ اسان 'فرينچ' ڪوٺڻ ۾ غلط نہ هجون ها.' بهرحال هو تسليم ٿو ڪري تہ فرانس جي ماڻهن جي زنده دلي هاڻي ٿُند مزاجي ۽ بکواسي هئڻ ۾ تبديل ٿي وئي آهي ۽ اهڙن ماڻهن ۾ گهٽو ڪري باهريان ماڻهو شامل آهن. (ص 483)

(9) رابرٽ مونئڪ (سُورمن جي تاريخ، I, 33 وغيره.

(10) جان تلپيئس يا ترپيئس، ريمس جو وڏو پادري هيو. (773ع) سن 1000ع ڪان پوءِ، فرانس ۽ اسپين جي سرحدن تي رهندڙ هڪ راهب عشق جي هڪ داستان کي هن جي نالي ۾ قلمبند ڪيو هو ۽ ڪليسائي ڪردار جي اها حالت هئي جو هن پاڻ کي هڪ جهيڙيڪار ۽ شرابي پادري ڄاڻايو هو. تنهن هوندي ۾ ڪُوڙن جي ڪتاب کي پادري ڪلڪسٽس-II (1122ع) سچو ثابت ڪيو آهي ۽ ائبٽ سُگر، سينٽ ڊينيز جي تاريخوار قصن ۾ ان کي وڏي عزت سان پيش ڪيو آهي. (لاطيني واقعا، جن کي منسي ايڊٽ ڪيو. ٽام- iv, 161)

(*) (ڪِلَني).

(11) ڏسو بولن وليئرس جي نواب کي (I, 180-182) ۽ فرانس جي تاريخ جي ٻي جُلد جو مطالعو ۾ ڪيو جنهن کي ابي.ڊي مبلي تحرير ڪيو آهي.

(12) لئائر جي ڏکڻ ۾ جيڪي صوبا اچي وجن ٿا، اُنهن ۾ جيڪي شروعاتي آهن اُنهن کي اميراٽي برتري رکڻ جي اجازت نہ ڏني وئي هئي. سيني طرفن کان نارمنڊي، بريٽين، اڪئيٽين، برگنڊي، لورين ۽ فلانڊرس گڏجي فرانس جي سرحدن کي ٽاهيو ۽ سينگاريو هو. (ڏسو هئڊرئن ۽ ويلز).

(13) هي امير يا نواب، جيڪي اڪئيٽين جي نوجوان شهزادن جو حصو آهن، آخرڪار فلپ آگسٽس کين تاراج ڪري چڏيو ۽ سندن ملڪ جي گهڻي حصي تي سندس قبضو ٿي ويو. (فرانس جو بادشاھ فلپ-II، 1223- 1180ع) ڪلرمانٽ جا پادري وقت سان گڏ شهر جا شهزادا ٿيندا ويا. (تاريخوار واقعا، xxxvi, 288 وغيره).

(14) ڪلرمانٽ جي ڪائونسل جي قانونن جو مطالعو ڪيو وڃي. (ڪائونسل xii, 829 وغيره).

(15) بالبرڪ، هڪ اڪين ڏنو شاهد هيو (صفحا 88-86) رابرٽ مَن (صفحا 32-31) ٽائر جو وليمَ I, 14-15 (صفحا 641-639) گبرٽ (صفحا 480-478) فلچر ڪئرونيٽ، ص 332).

(16) جنگ بندي، جنهن کي 'ٽروس آف گاڊ' جو نالو ڏنو ويو هو، کي پهريون پيرو 1032ع ۾ اڪئينٽين ۾ ايجاد ڪيو ويو هيو، جنهن تي ڪجهه پادرين سراسر ڪوڙ جو الزام مڙهيو، ۽ ان سمجهوتي کي نارمنڊي وارن انڪري رد ڪيو تہ اهو ڏنل سهولتن جي روح جي خلاف هيو. (ڊوڪينج، لاطيني-vi، صفحا 685-682).

(17) 'ڊيوس وَلٽ' اهو انهن مذهبي ماڻهن طرفان زور سان داد ڏيڻ جو طريقو هو جيڪي لاطيني زبان کان چگيءَ طرح واقف هيا (رابرٽ مَن- I, 32) باقي جيڪي عام ۽ اٽپڙهيل ماڻهو هيا ۽ ڳوناڻيون زبانون ڳالهائيندا هيا، اهو فقرو اُنهن ۾ بگڙيل صورت ونيِ 'ڊيرس لو وَلٽ' ٿي ويو هو. ڏسو ڪئسينيِنس جا تاريخوار واقعا، iv, 11, 497 جيڪي مراتوري جاڻايا آهن ۽ اهو متن اٽلي جي هڪ زبان ۾ آهي (ٽام-iv) ۽ ڊوڪينج (مقالو xi, 207 ڇائنول لاطيني-ii, 690) جيڪو 1100ع ۾ پنهنجي مهاڳ ۾ روڳ ٻوليءَ جي هڪ ڏکئي لهجي کي پيش ٿو ڪري پر جيڪو ڪلرمانٽ جي ڪائونسل ۾ ڳالهايل لهجي جي ڪافي ويجهو هيو. (صفحا 16-15).

(18) اهي گهٽو ڪري سون يا ريشم جي تارن سان سِبيل يا اُٽيل هوندا هيا ۽ سندن ڪُلهن تي رکيل هوندا ها. پهرين صليبي جنگ ۾ سيئي ڳاڙهي رنگ جا هيا، ۽ ٽين صليبي جنگ ۾ فقط فرانس وارن ساڳئي رنگ کي اختيار ڪيو هو باقي فلانڊرس وارن سائو رنگ جڏهن تہ انگريزن اڇو رنگ چونڊيو هو. (ii, 651) تنهن هوندي بہ انگلنڊ ۾ ڳاڙهو رنگ وڌيڪ پسند ڪيو ويندو آهي ۽ فوجي لباس توڙي يونيفارم ۾ بہ ساڳيو رنگ رکيو ويندو آهي.

(19) بونگئرسيَس، جنهن صليبي جنگين جي اصلوڪن ليکڪن کي ڇاپيو آهي، اطمينان ۽ آسانيءَ سان هُن گبرسٽس کي جنوني هئڻ جو لقب ڏنو آهي، يعني 'گيسٽاڊي' (خدا جو ڪم جنهن کي فرئنڪن ڪيو) جيتوڻيڪ ڪجهه نقادن ان لقب کي هينئن بدلايو هو: 'گيسٽاڊائابولي پرفرانڪوز' (شيطان جو ڪم جنهن کي فرئنڪن تڪميل تي پهچايو هو). (هئنووي 1611 ۾ ڇُلد) آڻ هنن کي مختصر طور بيان ڪندس جيئن اُهي گڏ ٽيل مواد ۾ آيل آهن ۽ جن ليکڪن يا مصنفن پهرين صليبي جنگ تي لکيو اُهي هي آهن: (i) گسٽافرانڪورم، (ii) رابرٽس مونئڪس، (iii) بالبريڪس، (iv) فلچيريَس دِي اڳائيلس، (v) البرٽس اڪئينسِس، (vi) فلچيريَس ڪارنوٽينِس، (vii) گبرٽس، (viii) وِليلمَس ٽائرينِس، اهي مرتوري اسان کي ڏنا آهن، (ix) رئبولفس ڪئبومينِس دِي گيسٽِس ٽئنڪريد (اٽلي جي هڪ ٻوليءَ ۾ لکيل-V صفحا 333-285) ۽ (x) برنئرڊَس ٽِسارئريَس (vii, 664-848) آخري ليکڪ کي فرانس جو تاريخدان نہ سڃاڻندو هو جنهن کي ڊوچين لسٽ ۾ شامل ڪيو هو. (1) پيٽري ٽيوڊباڊي سيسر ڊوٽِس (iv، صفحا 815-773) کي پهرئين اٽڃاتل ليکڪ سان ملايو ويو آهي. جنهن جو نالو بونگئرسيَس هو. (ii) پهرين صليبي جنگ جي تاريخ، جيڪا سَتن ڪتابن ۾ آيل آهي. (صفحا 912-890) جي ايتري اهميت نہ آهي.

(20) جيڪڏهن پڙهندڙ شيڪسپيئر جي ڊرامي هينري-iv جي پهرئين حصي جي پهرئين منظر کي پڙهندو ته ان ۾ جوش جذبي جا فطري احساس کيس نظر ايندا ۽ ڊاڪٽر جانسن جي حاشين ۾ تعصب جي جهلڪ نظر ايندي توڙي جو ذهن ان جو تمام تيز هو ۽ جيڪو نفرت ۽ اُنهن کي اذيت پهچائڻ لاءِ ڪو بهانو ڳوليندو هو جيڪي سندس عقيدن کان اختلاف ڪندا هيا (هنن خيالن جو اظهار جانسن جي موت کان پوءِ 1784ع ۾ ڪيو ويو هو.، گِبن ۽ جانسن هڪٻئي کي ڄاڻندا سڃاڻندا هيا ڇاڪاڻ ته ٻئي 'دي ڪلب' جا ميمبر هيا جيڪا هڪ مخصوص ادبي ڪلب هئي.

(21) فلري جي لکيل 'ڪليسائي تاريخ ۾' (صفحا 223-261) صليبي جنگين بابت مستند احوال لکيل آهي ۽ اُنهن جا سبب ۽ اثر ۾ واضح طور ڄاڻايا ويا آهن ته ساڳئي وقت اهڙين جنگين بابت عيسائين جي قومي نظريي بابت ۾ ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي.

(22) تاريخدان مراتوري، يورپي تاريخ جي وچئين دؤر ۾ پچتاوَ، ڪفاري ڏيڻ ۽ معافي بابت ڪافي بحث ڪيو آهي. (اٽلي جي قديم تاريخ، v, ixviii, 709-768) ته ساڳئي وقت ايم.ڊي چئس پڻ ان موضوع تي وضاحت سان روشني وڌي آهي. Ii, 21-22 ۽ صفحا 556-478). البت فرق صرف هي آهي ته اٽلي جي تاريخدان وهمن وسوسن جي غلط روَين ۽ اُنهن مان غلط فائدن ونڻ جي حقيقت کي گهٽ اجاگر ڪيو آهي ته ڊَڇ وزير ۾ ان کي ڪمزور نموني بيان ڪيو آهي.

(23) شِمڊ (اليماندس جي تاريخ- ii, 211-220, 452-462) ريگينو جي پچتاوَ بابت نائين صديءَ ۾ ۽ برڪارڊ بابت ڏهين صدي عيسوي جو احوال پيش ڪيو آهي. هڪڙي ئي سال ۾ پنج ۽ ٽيهه (يعني پنجٽيهه) قتل ڪيا ويا هيا.□

(24) بارهين صدي عيسوي تائين، بارهَن دينارن جي رقم ۽ حساب بابت اسان جو حساب ڪتاب نيڪ آهي، جنهن ۾ پينس کي ساليڊَس يا شلنگ سان پيٽيو ويندو هو، ۽ xx سالڊي چانديءَ جي هڪ پائونڊ تور برابر هوندا هيا جڏهن حساب ڪتاب پائونڊ اسٽرلنگ جي پيٽ مطابق ڪيو ويندو هو، جنهن ۾ اسان جي ناڻي جو قدر گهٽجي ٽئين حصي تي وڃي ٿو بيهي ۽ فرانس وارن جو ته ان جي پنجاهين پتيءَ ۾ ٿو وڃي بيهي.

(25) جڏهن ڪوڙن يا ڦٽڪن جو تعداد هڪ سؤ جي انگ کي پهچندو هو ته مقدس زبور جي مناجاتن کي پڙهيو ويندو هو ۽ جڏهن ڪتاب پورو ٿيندو هو ته 15,000 ڦٽڪا ۾ پورا ٿيندا هيا پر ان عمل ۾ پورا پنج سال لڳي ويندا هيا.

(26) سينٽ ڊومينڪ لوريڪئٽس جي زندگي ۽ ان جي ڪارنامن بابت ڪتاب کي، سندس دوست ۽ مداح پيٽرڊئمئيس لکيو هو. هن سلسلي ۾ فلري جي ڪليسائي تاريخ (xiii, 96-104) جو به

□ گبن، 40-230 سال اڳ، ان دؤر جي مروج ڳڻپ جي طريقن کي هن تاريخي ڪتاب ۾ جڳهه جڳهه تي ڄاڻايو آهي، مثال: سٽ لاءِ ٽي ويهون، سؤ لاءِ پنج ويهون وغيره لکيو آهي ۽ مون هن ئي باب جي حاشياتي نوٽ ۾ روم ۽ سنڌ جي ثقافتي ڪڙين جي ملڻ بابت لکيو آهي ڇو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 'ويهون' اڃا تائين به رائج آهي. پر گبن جيئن هن حاشيي ۽ ڪجهه ٻين هنڌن تي پنجٽيهن لاءِ ٽيهه ۽ پنج يا ٽيويهن لاءِ ويهه ۽ ٽي ڄاڻايو آهي ته اهو بلڪل انوکو طريقو آهي، جيڪو اسان وٽ رائج ڪونهي. (سنڌيڪار)

مطالعو ڪيو وڃي. بئرونيَس (1056ع، نمبر7) پنهنجي تبصري ۾ چوي ٿو ته گهٽين خاصيتن وارين عورتن ۾ ڪفاري ادا ڪرڻ جو هي فيشني طريقو رائج ٿي ڇڪو هو.

(27) هڪ ريال (جيڪو اسپين جو سون جو سِڪو هوندو هو) جي اڌ يا ايڏا ٻه چوٿين حصي جو هڪ ڦٽڪو لڳندو هو. سانچو پانزو ڪجهه هلڪڙو ۽ ڪجهه بدديانت ڪاريگر هيو. مون کي ياد آهي ته پيئر لبات ۾ (اٽلي جا ساموندي سفر، vii, 16-29) هنن فنڪارن يا ڪاريگرن جون زندگيءَ سان ڀرپور تصويرون وڏي مهارت سان ٺاهيون ويون هيون.

(28) ڪلرمانٽ جي ڪائونسل-ii، صفحو 829) گبرٽ ان کي 'بخشش جو هڪ نئون انداز' ٿو ڪوٺي. (ص 471) ۽ هو هن موضوع کي فلسفياڻي انداز ۾ پيش ٿو ڪري.

(29) صليبين جو اهوئي اعتقاد هيو ته وري تاريخدان طرفان صليبي تاريخ لکڻ جو به ذري گهٽ ساڳيو ۽ هڪ جهڙو انداز هيو (صليبين جو جذبو، iii, 477) پر جيڪي دعائون سندن روُحن جي ڇوٽڪاري لاءِ گهريون ويون هيون اُهي هڪ جهڙيون نه هيون، انهن دعائن ۾ مذهبي تضاد هيا جيڪي شهادت جي رتبي سان موافقت رکندڙ هرگز نه هيا.

(*) (سندن حملن جو شڪار ٿيل).

(30) جيڪي صليبي جنگجُو هيا اُنهن ساڳيون اُميدون پنهنجين دلين ۾ سانڍي رکيون هيون، يعني اُنهن کي به ننڍ مان جاڳايو وڃي جيڪي فرانس ۾ رهجي ويا هيا). هُوڊي رٽيسٽ اِها ڌاڙ هٽي ٿي سگهيو ته هڪ خانقاهه ۽ ڏهن قلعن کي تعمير ڪرائڻ ۾ سندس حصو سيني کان وڌيڪ هيو جنهن جي سالياني خرچ جو تخمينو 1500 مارڪ هيو، ۽ جيڪڏهن حلب تي ڪين فتح حاصل ٿي وئي ته پوءِ هو وڌيڪ هڪ سؤ قلعا حاصل ڪري ونندو. (گبرٽ، صفحا 554,555).

(31) فلانڊرس جي نواب ڏي لکيل هڪ اصلي يا نقلي خط ۾، اليگزيس ڪليسا جي خطرن جي گهيري ۾ اڇي ٿو وڃي ته ساڳئي وقت بزرگن جا تبرڪ به ڪيس وکوڙي وڃن ٿا. ('خوبصورت عورتن جي ساٿ ۾ هو خوشيءَ ۾ سرشار ٿي ويو هو') جڏ ته، گبرٽ ناراضگيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿو، 'يونان جون عورتون، فرانس جي عورتن کان وڌيڪ هيون'. (ڏسو باب، 57 جو 57هون حاشيو).

(☩) (زمين، ڌرتي).

(32) اُنهن ماڻهن جي سهولتن جو اندازو لڳايو جيڪي صليبي جنگ ۾ شريڪ ٿيا هيا يعني قرض کان آجا، وياج معاف، ڏڪ ڏٽ جو مفت علاج ۽ انصاف جي فوري فراهمي کين ميسر هئي ڇاڪاڻ ته وڏو پادري سندن دائمي محافظ هوندو هو. (ڊيوڪينج، ii,651,652).

(*) (وڪٽي ڇڏيائين يا وڪامي ويو).

(33) گبرٽ (ص 481) جوش جذبن جي هڪ رنگين تصوير ٺاهي آهي. هو ان دؤر جي همعصر تاريخدانن منجهان هڪ وڏو ڏهين شخص هو جنهن اهڙن حيرت ۾ وجهندڙ نظارن کي نه رڳو محسوس ڪيو پر اُنهن جو پنهنجين اکين سان ويهي پاڻ مشاهدو ڪيو.

(34) صليبين جي تذڪري ۾ ڪٽي ڪٽي ڪجهه داغدار مثال ملن ٿا، (iii، ص 169 وغيره) جيڪي اهڙن ليکڪن بيان ڪيا آهن جن کي مون ڏٺو نه آهي.

(35) (البرٽ اڪئينسِس، I,31,196) جيڪڏهن هي ڪُڙمي يا هاري پنهنجي شهنشاهت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ها تہ اُهي، مصر وانگر، جانورن جي پُوجا کي پنهنجي شهنشاهت ۾ ضرور رائج ڪن ها ۽ پوءِ سندن ئي پوئلڳ فيلسوف اهڙي عمل کي شاندار چَوندي مثالن ۽ محاورن سان ان کي جائز قرار ڏئي چڏن ها.

(36) ٽُليدا جو بينجمن، ڪولون جي يهودي پائرن جي حالتن جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي رائين جي ڪنارن تي رهندا هيا؛ اُهي شاهوڪار، سخي، پڙهيل لکيل ۽ مهمانِ نواز هيا ۽ سڀائين هڪ مسيحا جي آمد جا منتظر رهندا هيا. (ساموئيبي سفر، I,243-245 پار براٽيئر) ستر سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ، هو قتل جي وارداتن کان وڃي آجا ٿيا هيا. (هن هي سڀ ڪجهہ 1170ع ۾ لکيو هو).

(37) قتل ۽ ڦرمار جون هي وارداتون، جيڪي يهودين مٿان مصيبتون ٿي ڪڙڪيون هيون، هر صليبي لڙائيءَ کان پوءِ نئين سر شروع ٿي ويندیون هيون، پر اُنهن کي نرم لهجي ۾ بيان ڪيو ويو آهي. اها حقيقت آهي تہ سينٽ برنارڊ موجب (تحرير، I,329,363) ('يهودين کي نہ تہ قتل ڪيو وجي ۽ نہ وري کين اذيتون پهچايون وجن'). البت مخالفت جي هڪ فلسفي کي، مخالف راهب طرفان پيش ڪيو ويو هو.

(*) (135ع).

(38) هڪ همعصر تاريخدان طرفان هنگري جي تذکري کي 'فِرسِنجِن جي اوٽو' ۾ ضرور پڙهجي (ii,31) جنهن کي مراتوري پيش ڪيو هو. (vi,665,666).

(39) هنگري جي قديمي ماٿهن کي، ٽورزيَس کان سواءِ، پهرين صليبي جنگ جي ڪا خبر ئي ڪانہ هئي. ڪانونا، اسان وانگر، فقط فرانس جي ليڪڪن جو حوالو ڏئي سگهي ٿو پر هو قديمي ۽ جديد جاگرافي جي پيٽ موجوده سائنس سان ٿو ڪري. (هنگري جو بيان، iii، صفحا 19-53).

(40) ائناڪمنينا (اليگزيَس، x,287) ان کي جبل چئي بيان ٿي ڪري جيڪو: 'پنهنجي اوچائي، اونهائي ۽ ويڪر جي ڪري تمام نمايان جبل آهي'. نائيسيا جي گهيري ۾ فرئنڪن ان کي ديوار ناهڻ جي مراد طور استعمال ڪيو هو.

(41) وقت ۽ مفاصلن کي گهٽائڻ خاطر، آءٌ مختصر طور پهرين صليبي جنگ جي اهم واقعن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس.

(42) 'صليبي جنگين جا جذبا' جي مصنف شايد صليبي جنگ تي شڪ جو اظهار ڪيو هجي ۽ ان حقيقت کي مڃيو ئي نہ هجي تہ ساڳئي وقت بادشاهہ سئينو جي دردناڪ موت کان بہ انڪاري ٿيو هجي جنهن سان گڏ 1500 کان 15،000 ڊينمارڪ جا ماٿهو گڏ هيا جن کي سلطان سليمان ڪپادوشيا ۾ شڪست ڏني هئي. پر جيڪو ٽاسوجي شاعريءَ ۾ اجا تائين زندهہ آهي. (iv,111-115) ٽارڪيٽو ٽاسو (1544-1595) جنهن جو نظم: 'جيروسلم جو چوٽڪارو) پهريون پيرو 1581ع ۾ چپيو.

(43) لوٿرنجيا يا لورين جي بادشاهن کي ٽڪرن ۾ ورهايو ويو پر ان کي خاص طرح بن ننڍين بادشاهتن ۾ پاڳا ڪيو ويو هو: هڪ موسيل ييو مِيوز، پهرين اجا تائين قائم آهي جيڪا اڳتي هلي برئبنٽ جي نالي ۾ تبديل ٿي وئي (ويلز، صفحا 283-288).

(44) ڏسو ابي- ڊي لانگرو جو فرانس بابت احوال، ان کان سواءِ بولون جي مضمونن (I,54) برئبنٽ (ii,47,48) بولن، (ص 134) وغيره جو به مطالعو ڪجي. سندس رواني ٽيڻ وقت، گاڊفري بولن کي 1300 مارڪن عيوض وڪرو ڪري ڪليسا جي حوالي ڪري ڇڏيو.

(45) ٽائر جي وليمَ ۾ (ix,5-8) گاڊفري جي خانداني ڪردار بابت مطالعو ڪجي. سندس شروع وارن ارادن جن کي گبرٽ بيان ڪيو آهي (ص 485)، سندس بيماري ۽ برنارڊ ۾ سندس عزم کي واضح طور بيان ڪيو ويو آهي. ٽسارَئسيَس (باب 78).

(46) ائناڪمنينا هڪ اندازو ٿي لڳائي ٿ هو (Hugh) پنهنجي خانداني وقار، دولت ۽ طاقت تي وڏو فخر ڪندو هو. (x,288) آخري ۾ تحريرون وڌيڪ معنيٰ خيز آهن، پر هڪ بي شخص، ست سؤ سال اڳ جيڪو قسطنطنيه جي محلات ۾ گهٽو مشهور هو، فرانس جي ڪئپشين خاندان جي قديمي وقار کي وڌيڪ ساراهيو آهي.

(47) وِل جيميٽيسينسِس vii,7,672,673، ڪيمبن ۾) ۽ نارمئنيسِس. هن ننڍڙي بادشاهت کي، هاٿوڪي ناٿي جي پيٽ ۾ ان جي سوَين حصي ۾ گروي رکي ڇڏيو هو. ڏهه هزار مارڪ پنجن لکن لِورس جي برابر وڃي ٽيندا ۽ نارمندي وارا هر سال 570 لک لِورس بادشاهه کي نذراني طور ڏيندا هيا. (نيڪر، ناٿن جو انتظام، I,287).

(48) پنهنجي زال ڏانهن لکيل سندس اصل خط، ڊوم جي خانن ۾ محفوظ آهي، (ٿام، iv) جنهن کي صليبي جذبن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. (I,63)

(49) گبرٽ، جيڪو هميشه زندهه دل، دلچسپ ۽ خوش مزاج شخص هو. (ص 486).

(50) اها ڳالهه واضح آهي ٿ سينٽ گائيلز جو ريمنڊ جيڪو صليبي جنگين جو ٻيو اهم ڪردار هو،پر ڪيس يونانين پنهنجين تحريرن ۾ ان کي بيحد نمايان ڪري پهريون ڪردار ڪري ڇڏيو هو. (ائناڪمنينا، اليگزئڊ، x,xi).

(51) گائيلز جو ريمنڊ، (ص 144).

(52) سندس جَم يا پهرين پالنا جي شهر کي سينٽ ايجيڊيس جي نالي کي ارپيو ويو هو، جنهن جي نالي کي پهرين صليبي جنگ تائين فرينچن طرفان بگاڙي سينٽ گائيليز ڪيو ويو هو. اهو شهر لئنگئيڊاڪ جي ويجهو، نِسمِس ۽ رهون جي وچ تي آهي ۽ جنهن ۾ اڄا تائين هڪ عاليشان ڪليسا موجود آهي، جنهن جو بنياد ريمنڊ رکيو هو. (تاريخوار واقعا، xxxvii، ص 51).

(*) (هن موضوع کي گبن چاونجاهين باب ۾ بيان ڪيو آهي).

(53) ٽئنڪريڊ جي ماءُ جو نالو ايما هيو، جيڪا رابرٽ گسڪارڊ جي پيٽ هئي، ۽ سندس پيءُ مارڪئس اوڊو هو جنهن کي عرف عام ۾ 'اوڊوسنو' چيو ويندو هو. اها ڳالهه، بهرحال عجيب ٿي لڳي ٿ اهڙي مشهور ۽ نمايان شخص جي خاندان ۽ سندس ملڪ جي ڄاڻ کان ماٺهو بي خبر هجي، پر مراتوري ذري گهٽ يقيني اندازو ٿو لڳائي ٿ سندس تعلق اتلي سان هيو ۽ سندن تعلق گهٽو ڪري مارڪئسِس جي قوم سان هو جيڪي پائيڊمانٽ جي ويجهو رهندا هيا. (v,281,282).

(54) ايسٽ جي خاندان جي ٻاراڻي ڦوندڙ ۽ آڪڙ کي خوش ڪرڻ خاطر، ٽاسو، پهرين صليبي جنگ بابت لکيل پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ بهادر ۽ عاشق مزاج رينالدو کي ان ۾ شامل ڪري کيس

'جنگي جوڌي' جو لقب ڏئي ڇڏيو آهي. (x,75,xvii,66-96) هن پنهنجو نالو هڪ وڏي معتبر رائنالدو تان کنيو هو جيڪو روم جي ڪليسا جو 'جهنڊي بردار' (جهنڊو کٹي فوج جي اڳواڻي ڪرڻ وارو) هيو ۽ جنهن فريڊرڪ- I (جيڪو پنهنجي مشهور نالي باربروسا هيٺ سڃاتو وڃي ٿو ۽ جنهن 1152-1190ع تائين حڪمراني ڪئي هئي) کي شڪست ڏني هئي. (شاهي قصا ۽ رڪوبالدو جنهن کي مراتوري اٽلي جي هڪ ٻوليءَ ۾ لکيو. (ix,360) جنهن ۾ اريئوسٽو، آرلئنڊو فيوروسو، iii,30 ۾ شامل آهن). پر... I، پنهي رينالدوئن جي جواني واري بهادري جي وچ ۾ ست سالن جو خال يا عرصو آهي جيڪو پنهي جي صحيح سڃاڻپ کي ختم ڪري ٿو ڇڏي، 2، ٻيو ته 'شاهي قصا' کي ڪلوئٽ بئايردو ڪن ٻين ذريعن کان چورائي xv صدي عيسوي ۾ پنهنجي نالي ۾ چپرايو هو. (مراتوري، صفحا 289-281) هي رينالدو توڙي سندس معرڪا تاسو جي جنگي جوڌي کان گهٽ فرضي يا غير حقيقي نه آهن. (مراتوري، I,350).

(55) ٽن لفظن 'جينٽائلِس، جينٽلهومي ۽ جينٽلمئن' منجهان ۾ اشتقاق نهن ٽا: (1) پنجين صدي جي بربرن کان ان جو مطلب سپاهي جو ٿو نڪري ۽ آخرڪار اُهو فاتح تائين هليو ٿو وڃي، جن کي پنهنجي ٻاهرئين وقار تي اجائي وڏائي هئي، ۽ (2) شهري جي نقطئ- نظر کان، ان جو مطلب (روم جا قانونداں) ٿو نڪري جيڪي جينٽائلِس کي 'جائي جِم کان آزاد' شهري جو مطلب ڏين ٿا سيلڊن (هڪ انگريز جج، 1584-1654) پهرين ڪالهه کي تسليم ٿو ڪري، پر حقيقت اها آهي ته ٻي نمبر تي بيان ڪيل مطلب ۾ وڌيڪ سچو ۽ تسليم ڪرڻ جوڳو آهي.

(56) ٽئسيٽس جرمنيا، (سي 13) ('اُهي ڪنهن ۾ نوجوان شخص کي نيزي ۽ بچاءَ جي شيلڊ سان سينگارِن ۽ سجائن ٿا').

(57) جسماني وزرشون ۽ خاص طرح باکسنگ يا ٽنٽونشيبازي ۽ ڪُشتي کي، لِڪرگس، فِلوپومين ۽ گئلن طرفان نِنديو ويو هو جيڪي ڏار ڏار قانون ڏيندڙ، جنرل ۽ حڪيم هيا. سندن وزندار دليلن ۽ مجيل روَين جي مقابلي ۾ پڙهندڙ ليوسيَن جي دفاع جو غور سان مطالعو ڪن. جيڪو سولن جي باب ۾ آندل آهي. اولمپڪ راندين جي حوالي سان ويٺ جو پِندار ۾ مطالعو ڪيو (ii,86-96,245-248).

(*) (آهستي هلندڙ گهوڙو).

(58) سورهيائي يا بهادري يا بهادرن جي خدمت جي سلسلي ۾ يا خاندائي روايتن، سندن هٿيارن، جنگ جي سَڏ، جهنڊن ۽ جنگي آزمائشن جي باري ۾ سيلڊن ۾ تمام گهٽي معلومات ڏنل آهي. (اوپيرا، iii,1، وقار جا خطاب، ii,1,3,5,8) ڊوڪينج، (لاطيني زبان جا ڪتاب، iv,398-412 وغيره) جئائن رِول جا مضمون ۽ مقالا (I,vi-xii,127-142,165-222 ۽ ايم- ڊي پلايي- (بهادريءَ جون ڪجهه يادگيريون).

(59) ڊوڪينج جي خاندانن بابت ڏنل جاڻ اٽپوري ۽ اڌوري آهي، ڇاڪاڻ ته قومي تاريخدان هاڻوڪا ۽ ڪجهه عجيب آهن ۽ يونان جا مؤرخ وري پري جا ۽ ڪجهه غير ذميوار آهن. 1104ع ۾ ڪولومئن ساموندي ملڪ کي ٽرائو ۽ سالونا تائين فتح ڪري پنهنجي قبضي هيٺ آڻي ڇڏيو هو. (ڪانونا، تنقيدي تاريخ، iii,195-207).

(60) لِوي، اسڪوڊرا کي، جينٽيَس جي گاديءَ جو هنڌ ۽ هڪ قلعو ڄاڻايو آهي. جينٽيَس، اليريَنس جو بادشاهه هيو. ان کان پوءِ اسڪوڊرا، روم جي هڪ ڪالوني ۾ تبديل ٿي ويو. (سلئريَس، I,393,394) هاڻي ان کي اسڪوڊَر يا اسڪٽاري سڏيو وڃي ٿو. (ڊي- ائنول جي قديمي جاگرافي، I,164) سنجئڪ جيڪو هاڻي اسڪٽاري جو پاشا آهي، اُهو رومانيا جي بيگلر بيگ خاندان جو ائون حڪمران هيو، جنهن 78,787 ڊالرن ونڊ ڪان پوءِ پنهنجا 600 سپاهي جنگ ۾ موڪلي ڇڏيا. (مارسگلي، ترڪن جو فوجي انتظام، ص 128).

(61) ('پيلاگونيا ۾ هنن مذهبي فتني کي جنم ڏيندڙ قلعي کي تباهه ڪري ان کي ساڙي ڇڏيو، جنهن ۾ اتان جا رهواسي به سڙي رَکَ ٿي ويا. هن واقعي ۾، در حقيقت، ڪنهن سان به ناانصافي نه ٿي هئي ڇو ته سندن بدزباني جي وبا هر طرف پکڙيل ٿي وئي ۽ جنهن اڳ ۾ ئي پنهنجي زهريلن نظرين ذريعي اوسي پاسي جي علائقن کي متاثر ڪيو هو'). (رابرٽ من، صفحا 36,37 آرام ۽ سکون سان هي حقيقتون ٻڌائڻ کان پوءِ، وڏو پادري بالدرڪ هڪ جملو ٿو چوي: (جيڪي سياح هتي سير سفر ڪرڻ خاطر اچن تا اُهي سيني يعني يهودين، تفرقي بازن ۽ عرب مسلمانن کان نفرت جو اظهار ڪندي کين خدا جو دشمن تا ڪوٺين').

(62) (اليگزئڊ، x,288).

(63) ورمئنبوز جي نواب ۾ مشرقي وَڏ ماڻهپائيءَ جو نماءُ اجايو ۽ واڌارو ٿو لڳي، پر محب وطن ڊوڪينج اطمينان سان مئٽيو پئرس 1254ع جي تحرير کي ورجائي ٿو. (اليگزئڊ، ص 352,353، مقالو xxvii جئائن وِل ص 315) هو فرائسرڊ (iv, 201) کي به ياد رکي ٿو جيڪو فرانس جي بادشاهه جي طرز تي هلندو هو.

(64) ائناڪمنينا پهرين ڊسمبر، 1083ع ۾ پيدا ٿي هئي، (اليگزئڊ، vi,166,167) تيرهن سالن جي عمر ۾ پهرين صليبي جنگ جي وقت هوءَ بالغ ٿي چڪي هئي ۽ شايد نوجوان نائيسفورَس برينيَس سان شادي رچائي هيائين جنهن کي هوءَ پيار مان: 'منهنجو سيزر' چوندي هئي. (X,295,296 ڪجهه جديد تاريخدانن جو اهو خيال آهي ته بوهيمنڊ سان سندس دشمني، سندس پيار ۾ ناڪامي جي نتيجي ۾ هئي. قسطنطنيه ۽ نائيسيا جي مختلف معاملن ۾، سندس ذاتي دلچسپيُن جي مخالفت لاطينين جي جانبداري جي روَين سبب ٿي هئي. (اليگزيَس، x,xi، صفحا 317-283) پر پنهنجن آخري ڏهن ۾ هوءَ ڪيترن معاملن کان اڻ واقف رهي هئي.

(65) اليگزيَس جي رَويي ۽ سندس ڪردار بابت، مئمبرگ ڪئٽولڪ فرئنڪن جي طرفداري ڪئي آهي ۽ والٽيئر تفرقي باز يونانين جي سلسلي ۾ هڪ طرفي ڪردار جو مظاهرو ڪيو آهي. هن فيلسوف جي تعصب جو رَويو جيسئٽ جي مقابلي ۾ معاف ڪرڻ جهڙو نه آهي.

(66) ڪاري سمنڊ، باسفورَس ۽ باربيسِس نديءَ جي وچ ۾ جيڪا اونهاري ۾ گهٽي اونهي هوندي آهي اُها پندرهن ميلن تائين چانوَرن هيٺ وهندي رهندي آهي. يورپ ۽ قسطنطنيه سان سندس آمدرفت جو سلسلو، بلڪچرني جي پٽرن سان تعمير ٿيل پُل آهي جنهن کي مختلف وقتن ۾ جسٽينين ۽ باسل بحال ڪيو هو. (گليَس، باسفورو ٽرئسيو، ii,3) ڊوڪينج، ڪرسٽينا، iv,2,179).

(*) (حملو ڪيائين، يا حملو ڪيو ويو).

(67) ٻارن کي ٻن طريقن سان پُٽيلو يا جهوليءَ جهليو ويندو هو، هڪ هٿيارن جي زور تي، ٻيو ٻار کي پيءُ جي قميص ۽ کلَ جي وچ تي رکيو ويندو هو. ڊوڪينج (جئائن وِل xxii صفحو 270) اندازو ٿو لڳائي ته گاڏفري طرفان اولاد کي اختيار ڪرڻ پوئين دؤر جي ثقافت هئي.

(*) (نارمنڊي جا ماڻهو، اوپر جي شهنشاهت خلاف جنگ وڙهن ٿا. (1081ع ۽ 1082ع) اهي جنگيون البانيا ۽ ٽيسلي ۾ لڳيون هيون. (هنن جنگين بابت احوال، باب 56هين ۾ ڏنل آهي).

(68) واپسيءَ کان پوءِ فلانڊرس جو رابرٽ، انگلنڊ جي بادشاهه جو خاص ماڻهو ٻُڌي ويو ڇو ته کيس 400 مارڪ پينشن ملڻ لڳي هئي. ريمر جي فيوڊرا جو پهريون ناٽڪي رنگ ڏسو.

(69) ٽيئسيٽس، (vi,44).

(70) صليبي جنگين جا مغرور تاريخدان، پنهنجي شرمندگيءَ جي ڪاروائيءَ تي هيڪي وجن ٿا ۽ ششدر پڻ ٽين ٿا. تنهن هوندي به جيئن ته جنگي جوڌن به شهنشاهه جي آڏو جهڪي ڪيس احترام جو سلام پيش ڪيو هو ۽ بادشاهه سلامت پنهنجي تخت تي بغير ڪنهن چرپر جي وينو رهيو. ان مان اهو صاف ظاهر آهي ته هنن سندس گوڏن يا وري پيرن کي چُميو هوندو. بهرحال اها ڳالهه حيرت جوڳي آهي ته ائناڪمنينا، لاطينين جي ان روَيي تي خاموش نه رهي ها ۽ نه وري مشڪوڪ بيان ڏُئي ها. سندن بادشاهن جي ذلت شايد هن موقعي تي هن باب کي وڌيڪ زينت بخشي ها.

(71) هن پاڻ کي: (’نِج نسل جو فرئنڪ ڪونيو هو‘) (اليگزيَس، x، ص 301) xiهين صدي جو هي لقب به عجيب هو پر شرط اهو ته ماڻهن کي پنهنجي اوچي نسل کي ثابت ڪرڻو پوندو هو. ائناڪمنينا خوش ٿيندي اهو ٻڌائي ٿي ته ٽُلهو متارو بربر، ڊوريليَم جي جنگ ۾ مارجي ويو هو يا وري زخمي ٿي پيو هو. (xi,317) هي حالتون، ڊوڪينج جي شڪَ کي تقويت ٽيون پهچائن (حاشيو، ص 362) ته اُهو شخص پڪَ پئرس جو رابرٽ هو جنهن جو تعلق فرانس جي هڪ نندي ضلعي يا ڪنهن نندي ٻيٽ سان هيو.

(72) ساڳي اونهائيءَ ۾ وڃڻ يا سوچڻ کان پوءِ ڊوڪينج پنهنجي ڪليسا کي ڳولي ٿو لهي جيڪا سينٽ ڊراسَس جي هئي جنهن جو تعلق سئائسنس سان هيو: (’اُهي جيڪي پاڻ کي جنگ ۾ شامل ڪرڻ وارا هيا ۽ جيڪي ويڙهاکن کي به جنگ ۾ جوڙڻ لاءِ هميشه تيار رهندا آهن ۽ پوءِ اُهي سڄي رات سندس مقبري تي گذارينداَ آهن ۽ جنگ ۾ اَجيت رهندا آهن، چاکاڻ ته اهڙن ماڻهن جي برگنڊي ۽ ائلي طرف گهٽي گهرج هوندي آهي ڇو ته اُهي ئي اهڙين نازڪ ڳالهين کي سمجهن ٿا ۽ نيائن ٿا. (جون، ساريبيورينسِس، تحرير، 139).

(73) سندس فوج جي تعداد تي ڪجهه ماڻهن کي اختلاف آهن، پر ڪنهن جو بيان بطليموس جهڙو ۽ جيترو مستند هرگز ناهي، جيڪو تصديق سان ٻڌائي ٿو ته پنج هزار گهوڙي سوار ۽ ٽيهه هزار پيادل فوج ۾ شامل هيا. (وڌيڪ تصديق لاءِ اُٺر جي تاريخوار واقعن جو مطالعو ڪيو، ص 152).

(74) فُلچر، ڪارنوٽينسِس (ص 387) هو مختلف نالن ۽ ٻولين جون اٿويهه قومون ڳڻائي ٿو (ص 389) پر آءٌ سندس طرفان فرانسيسي، گالي، ائلي، ۽ اپولي جي فرق کي پوريءَ طرح سمجهي نه

سگهيو آهيان. ٻي هر جڳهه تي هن نفرت منجهان اُنهن پاڇوڪڙن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي بزدليءَ مان جنگ جو ميدان ڇڏي هليا ويا هيا.

(75) گبرٽ، (ص 556) توڙي جو هو نرميءَ مان مخالفت ڪري ٿو تڏهن ٻي، وڏي لشڪر جو ذڪر ٿيل آهي. اربن- II پنهنجي جوش جذبي مان ان جو تعداد 300،000 زيارتين تائين محدود ڪيو آهي. (تحريرون، xvi، ڪائونسل xii,731).

(*) (ائلپس جيڪو فرانس جي طرف کان آهي).

(76) اليگزيَس (x,283) سندس حساس نازڪ مزاجيءَ کي، سندس عجيب ۽ مُنجهائيندڙ نالن کان شڪايت آهي ۽ واقعي ڪو هڪڙو ماڻهو به اهڙو ناهي جنهن جي نالي کي ائناڪمنينا غرور مان بگاڙيو نه هجي ۽ وري اُهي نالا اهڙن مهذب ماڻهن کي ڏاڍا پيارا هوندا هيا. آءٌ فقط سئنگلس جو هڪڙو ئي مثال ڏيندس جيڪو سينٽ گائيلز جو نواب هيو.

(†) (فارس جا بادشاهه).

(77) ملميسبري جو وليمَ (جيڪو 1130ع جو ليکڪ هيو) پنهنجي تاريخ ۾ پهرين صليبي جنگ جو ذڪر ڪيو آهي (iv,130-154) پر منهنجي خواهش آهي ته بجاءِ انڪ چٽيُن ۽ پُڻ پُڻ جهڙين ڳالهين جي، جيڪي برطانيه جي بيٽ تي اڪ جاتل نموني گذري ويون هيون، (ص 143) هُو ماڻهن جي تعداد، سندن خاندانن ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن جي جذبن ۽ مُهمن جو ذڪر ڪري ها. ڊگڊيل ۾ مون کي نارمنڊي جو انگريز اسٽيفن مليو جيڪو البيمرل ۽ هوڊريَس جو امير هيو، ان اميرزادي رابرٽ کي انتاڪيا جي جنگ ۾ سلامي پيش ڪئي هئي. (بئرونيج، I,61).

(78) گبرٽ (ص 471) 'اُڳهاڙيون جنگهون' يا 'پِڳل پردو' شايد ڪوهستاني ماڻهن لاءِ موزون آهي پر جيڪي پوسل وارا علائقا آهن اُتي آئرلئنڊ جي ڏهڙ جي دستور موجب هلڻو پوي ٿو. ملميسبري جو وليَم واضح طور تي به لفظ استعمال ٿو ڪري يعني ويلش ۽ اسڪاٽ يعني ويلز ۽ اسڪاٽلئنڊ جا رهواسي. (vi, 133) جن شڪار جي جڳهن کي ڇڏي ڏنو هو.

(79) آدمخوري واري بُک، ڪڏهن سچي ته ڪڏهن مصنوعي ۽ ڪوڙي، اسان کي ائناڪمنينا ۾ نظر اچي ٿي. (اليگزئڊ، x,288) گبرٽ (ص 546) رئبلف ڪئڊم (باب 97) هيءَ ڳالهه گيسٽا فرئنڪورم جي مصنف اسان کي ٻڌائي آهي جنهن ۾ راهب رابرٽ، بالڊرڪ ۽ ريمنڊ پڻ شامل آهن جيڪي انتاڪيا جي گهيري ۽ ڏُڪر جي وقت پاڻ ۾ گڏ هيا.

(80) سليمان جي مسلمانن واري خطاب کي لاطينين استعمال ڪيو، ۽ سندس ڪردار کي ٽاسو بيحد سهڻي نموني بيان ڪيو آهي. سندس ترڪي نالو ڪلج- ارسلان (485 هجري کان 500ھ يا 1092-1106ع) هو. ڏسو ڊي گائينس جو چارٽ (I,245) پر ان کان وڌيڪ مسلمان ليڪڪن سندس باري ۾ لکيو آهي جن پهرين صليبي جنگ کي سڪٽن ۽ خشڪ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي (ڊي گائينس، iii,ii,10-30) گبن جا تفصيل ايترا صحيح ناهن. سليمان 1086ع ۾ مري ويو. سندس پٽ جنهن جو به ساڳيو نالو هو اُهو 1092 ۾ تخت تي ويٺو ۽ 1106ع ۾ اُهو به گذاري ويو.

(81) قلعن، انجٹين ۽ يورپ جي وچئين دؤر جي معلومات لاءِ مراتوري جو مطالعو ڪيو (اٽلي جا قديم آثار، ii,xxvi,452-524) بيلفريدس اصل هيو جنهن مان بيلفري قديمي دؤر جو چُرندڙ پرندڙ منارو هيو. (ڊوڪينج، I,608).

(82) گهيري ۽ نائيسيا جي ڊنڊ ۾ جيڪا هڪ جهڙائي ٻڌائي پئي وڃي ان کي آڻ وڌيڪ برداشت نٿو ڪري سگهان ڇاڪاڻ جو ميڪسيڪو جي سامهون هرمن ڪارٽيز جون ڪارروايون به هلن پيون. ڊاڪٽر رابرٽسن جو مطالعو ڪجي (آمريڪا جي تاريخ ۾ بڪ V. وليم رابرٽسن (1721-1793ع) اسڪاٽلئنڊ جو وڏو تاريخدان هو.

(83) 'ميڪرينٽ' هڪ اهڙو لفظ جيڪو فرانس جي صليبين ايجاد ڪيو هو جيڪو پراڻي طريقي يا روايت موجب فقط فرانسيسي ٻولي۽ تائين محدود رهيو. اهو محسوس ٿو ٿئي ته اسان جي ابن ڏاڏن جا جذبا تمام مٽاهان هوندا هيا ۽ جيڪو اُنهن ۾ يقين نه رکندو هو ته ان کي بيهودو يا ذليل سڏيو ويندو هو. ذري گهٽ ساڳيو تعصب اڄا به ڪيترن ماڻهن جي ذهنن ۾ موجود آهي جيڪي پاڻ کي عيسائي سڏرائن ٿا.

(84) بئرونيس پنهنجي پاڻ راجو کي هڪ مشڪوڪ خط لکيو (1098ع نمبر، 15) جيڪي دشمن هيا اُهي ميدس، فارس يا ڪالديا جا رهواسي وغيره هيا. پهريون حملو سڃو ۽ نرم طريقي جو هو (جيڪو اسان جي لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيو) پر بولن جي گاڊفري ۽ هُو پائرن جو ڇا ٿيو؟ ٿئنڪريڊ 'پُٽ' آهي پر ڪنهن جو؟ پڪ سان نه راجر جو ۽ نه بوهيمنڊ جو. (ڏسو باب جو حاشيو نمبر 53هون).

(85) گيستا فرئنڪورَم (ص، 7) رت جي رشتن ۽ بهادري جي ساڳئي خاندان کي وڏي پادري پنهنجي طرفان تصديق جي مُهر هڻي ڇڏي.

(86) بئلستا، بليسترا ۽ آربالسٽر. ڏسو مراتوري کي قديمي تحريرن ۾ (ii,517-524) ڊوڪينج، لاطيني، (I,531,532) ائناڪمنينا جي وقت ۾ هي هٿيار، جنهن کي هوءَ 'زانگرا' جو نالو ٿي ڏئي، اوير ۾ گهٽ سڃاتو ويندو هو (x,291) ڪنهن به انساني ناهمواريءَ سبب، مڪيه پادري ان جي استعمال کي عيسائين جي جنگين ۾ منع ڪري ڇڏيو هو.

(87) هڪ سنجيدو پڙهندڙ شايد سلئريس جي عالماڻي مرتبي ۽ ڊي- ائنول جي جاگرافي جي سائنس جي پيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري. ٽاير جو وليَم شايد صليبي جنگين جو واحد تاريخدان هر جنهن وٽ قديمي دؤر جون ڪيتريون ئي يادگيريون محفوظ آهن، ۽ ايبر- اوٽر قسطنطنيه کان وٺي انتاڪيا تائين فرئنڪن جي قدمن پٽيان هلندو رهيو. (ساموندي سفر، I,35-88).

(†) (ٿئنڪريڊ)

(‡) (بالدوِن).

(88) ايڊيسا جي هن الڳ ٿلڳ مقابلي کي فلچيريس ڪارنوٽينسِس بهتر طريقي سان بيان ڪيو آهي. (اهو مواد بونگئريسيَس، ڊچيسن، ۽ مارٽين جمع ڪيو هو). نواب بالدوِن جو بهادر ننڍو پادري به مواد گڏ ڪرڻ ۾ شامل هو. (صليبين جا جذبا، I,13-14) ان بادشاهه جي ٿئنڪريڊ سان جهيڙي ۾، سندس هڪ طرفي رويي جو هڪ جهڙو جواب رئڊولفس ڪئڊومينسِس جي هڪ طرفي رد عمل ۾ موجود هو جيڪو سپاهي هئڻ سان گڏ هڪ تاريخدان پڻ هيو.

(89) ڏسو ڊي گائينس کي (هُنن (HUNS) جي تاريخ ۾، I,456).

(90) انتاکيا جي لاءِ پوکوڪ جو مطالعو ڪيو (مشرق جو بيان، 193-ii,I,188) اوٿر (ترڪستان جا ساموندي سفر، وغيره، I,81 وغيره). ترڪي جو جاگرافي دان (اوٿر جي حاشين ۾) ابوالفدا. (شام جو بيان، ص 116-115 رزڪي).

(91) رئڊولفس ڪئڊومنيسِس (53,304) تنهن هوندي به هو ان ڪر کي جائز ٿو سمجهي چاکاڻ ته کيس گاڊفري جي طاقتور پنيرائي حاصل هئي، ۽ ٽاير جو وليم به ان ڳالهه جي تائيد ٿو ڪري، ('ماڻهو هن انوکي واقعي کي ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا هيا') (5,6,701) تنهن هوندي به اهو واقعو ان دؤر جي اميرن کي حيرت وارو نه لڳو هوندو.

(92) ڏسو رابرٽ، ريمنڊ ۽ ڊيرج واري ٽئنڪريڊ جي معرکن کي جن هر طرف خاموشيءَ جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو. (رئڊولفس ڪئڊومنيسِس، باب 53).

(93) فرئنڪن جي تکليفن ۽ نماڻي عرض کي ٻڌندي، ابوالفراجيَس، ڪاڊبُوڪا جي مغروري واري جواب کي هتي ڇاڻائي ٿو: 'تون هاڻي پڇي نه سگهندين ۽ منهنجي ترار جو نشانو ٻڌجندين'. (خاندائي شجرو، ص 242).

(94) ڪربوگا جي ميزبان جو ذڪر ڪندي، گهڻائي لاطيني تاريخدان ڪارنوٽينسِس جو مصنف (ص 392) گبرٽ (ص 512) ٽاير جو وليَم، (vi,iii,714) برناردِ ٽسارئريَس (39,695) هڪ وڏي هجوم جي فضول بيان مان مطمئن آهن..... جيڪي ماڻهو به بيشمار آهن، فوجون به گهٽيون آهن ته ساڳي وقت اڻ لاڳاپيل هجوم به جمع ٿي ويا آهن، ائناڪمنينا به هن دلچسپ چرپر ۾ حصو ورتو آهي، (اليگزيَس 320-xi,318) ترڪن جي تعداد کي البرٽ اڪئينسِس مقرر ڪري ڇڏيو هو جيڪو 200،000 جي لڳ ڀڳ ٻڌايو ويو آهي. (iv,x,242) ۽ رئڊولفس ڪئڊومينسِس ان تعداد کي 400،000 گهوڙي سوار ٻڌايو آهي. (xxii,309|).

(95) هڪ ننڍي پادري، جنهن جو تعلق شاهي خاندان سان هيو، جي دردناڪ ۽ بدناميءَ واري موت کي ڏسو جنهن کي ترڪن ان وقت قتل ڪيو جڏهن هو هڪ باغ ۾ پنهنجي شامي سُريت سان گڏ ڊاري جي راند کيڏي رهيو هو.

(96) ڪرسمس جي ڏينهن ۾ هڪ ڏاند جو مُلهه پنجن سالڊي)ان وقت جو سِکو جيڪو 15 شلنگن جي برابر هو) کان وڌي ٻن مارکن تائين هليو ويو هو (جيڪي چئن پائوندن جي برابر ٽين ٽا) ان کان پوءِ ان جو مُلهه ويتر وڌندو رهيو. هڪ وهڙي يا گَهَٽي يا گهيٽي جو مُلهه هڪ شلنگ کان ارڙهن شلنگن تائين هليو ويو؛ جيڪو ٻيو ڏڪار پيو هڪڙي ماني يا ڊبل روٽي يا جانور جو مٽو يا سِسي سون جي رقم کي وڃي ڏڪ هنيو هو. مهانگائي جا اهڙا ڪيترائي مثال ڏئي سگهجن ٽا، پر تنهن هوندي به هي عام ۽ روز مرهه جون قيمتون هيون ۽ خاص يا تمام وڏيون قيمتون پوءِ به ايتريون نه هيون جو هڪ فيلسوف پنهنجو توجهه ان طرف ڪري ۽ پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي.

(97) ('اڄا ايترا ڪيترائي هيا جن جا نالا اسان وٽ موجود ناهن ۽ جن جو وجود ئي هڻ زندگيءَ جي ڪتاب کان ڪٽجي چڪو هو ۽ اُنهن جو ذڪر ڪرڻ هن اهم ڪر ۾ ضروري ناهي'). (ٽاير جو

وِليم، (vi,v,715) گبرٽ، صفحا 523-518) عظيم هُو (Hugh) ۽ چارٽريس جي استيفن کي معاف ڪرڻ يا ٽارڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

(98) صليبي جنگ جي واڌاري، اليگزيَس جي پاڃَ ۽ انتاڪيا جي فتح ۽ آخرڪار جيروسلم جي فتح ۽ ان جي چوٽڪاري جي احوال جو غور سان مطالعو ڪيو، جنهن کي اليگزئڊ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. (xi,317-327) ائناڪمنينا کي مبالغي ڪرڻ جو ايترو شوق هوندو هو جو هن لاطينين جي معرڪن کي تمام گهٽو وڌائي پيش ڪيو آهي.

(99) هڪ مسلمان تاريخدان (گائينس، ii,95) ابوالمحاسن مقدس نيزي کي بيان ڪرڻ ۾، عيسائي ليڪڪن ائناڪمنينا ۽ ابوالفراجيس کان وڌيڪ صحيح ۽ مستند آهي، جڏهن ته يونان جي شهزادي (يعني ائنا) ان کي صليب جي لوهي ڪِليءَ سان ملائي مونجهارو پيدا ڪري ٿي ڇڏي. (x,326) ۽ هڪ يهودي پادري وري ان کي سينٽ پيٽر جي لَڪڻ سان ٿو وجي ملائي. (ص 242).

(100) بَه هڪ ٻئي جا مخالف جيڪي هن معجزي يا ڏوڪيبازي جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي الڳ الڳ پر يقيني راءِ رکن ٿا، اُهي گائيلز جو ريمنڊ ۽ رئڊولفس ڪئڊومينسِس آهن، هڪڙو ٽولوز جي نواب سان لاڳاپيل هيو ته ٻيو وري نارمنڊي جي بادشاهه فلچيريَس ڪارنوٽينسِس سان گڏ هوندو هو. هڪڙو چوي ٿو: ڏوڪيبازي لاءِ جيڪو ڪجهه ٻڌو ٿا اُها ڏوڪيبازي هرگز نه آهي..... هن مقدس نيزي کي ڳولي لڌو هو جنهن کي ڏوڪي سان ڪنهن ڪُنڊ ۾ لڪايو ويو هيو. ماڻهن جو ٻيو هجوم زور سان دانهون ڪندو رهيو پر اُنهن کي ڪنهن ليکي ۾ ئي نه آندو ويو.

(101) ڏسو ايمر- ڊي گائينس کي، (ii,ii,223 وغيره) ۽ برڪياروڪ ۽ محمد سنگيار جي مضمونن جو به مطالعو ڪيو جيڪي ڊي- هربيلاٽ محفوظ ڪيا آهن.

(*) (اُهو اُمير جنهن کي 1076ع ۾ جيروسلم جي واڳ سونپي وئي هئي.

(102) امير يا سلطان افضل جيروسلم ۽ ٽائر کي 489 هجري يا 1096ع ۾ ٻيهر هٿ ڪيو. رينادوٽ، سرواٽن جي تاريخ، (اليگزينڊر، ص 478) ڊي- گائينز (I,249)، هي حوالا ابوالفدا ۽ بن شونا مان ڪنيا ويا آهن. فاطمي سفيرن چيو: ('اسان جيروسلم تي ٻيهر قبضو ڪيو ۽ توهان جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي اسان ترڪن کي اتان تڙي، پڃائي ڪڍي ڇڏيو').

(103) مصر جي خليفن ۽ صليبين جي وچ ۾ ٽيل خط و ڪتابت جو مطالعو ڪيو جيڪا ٽائر جي وليمَ ۽ (iv,24,vi,19) ۽ البرٽ اڪئينسِس (ii,59) وٽ محفوظ آهن ۽ اُهي پنهنجي اهميت توڙي حقيقتن جي بيان ۾ وڌيڪ مانائتا ۽ معتبر آهن.

(104) فرئنڪن جي اڳتي وڌڻ بابت مواد کي هٿ ڪيو ويو آهي جيڪو انتهائي مستند آهي جنهن کي مانڊريل جي حلب کان جيروسلم جي سفر دؤران لکيو ۽ محفوظ ڪيو ويو هو. (صفحا، I,67) ('ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سندس تحرير، بهترين تحريرن منجهان هڪ آهي'). (ڊي- ائنول- جيروسلم جون يادگيريون، ص 27).

(105) ٽسئيٽس جي ڪمال جي بيان کي ضرور ڏسو. (تاريخ v,11,12,13) جيڪو اندازو ٿو لڳائي ته يهودي اڳواڻن ۽ قانون ڏيندڙن، سڄي دنيا جي ماڻهن سان دائمي دشمني ڪرڻ جو ڇڻ نيڪو ڪٽي ڇڏيو هو.

(106) والنيئر جي دلچسپ بي اعتقادي به حد اندر آهي جنهن ۾ هن فرانسيسي مصنف جو وسيع علم نظر پيو اچي جيڪو هن 'صليبي جنبن' ۾ بيان ڪيو آهي. (vi,386-388) ۽ جيڪو پنهنجي تجزيي ۾ ٻڌائي ٿو ته عربن جي خيال موجب جيروسلم جا ماڻهو 200،000 کان مٿي هيا، ۽ ٽائٽس جي حملي جي وقت، جرزفس 13،00،000 يهودين کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪيو هو، ۽ خود ٽسئيٽس سندن تعداد 600،000 ٻڌايو آهي ۽ هن ڳالهه ۾ وڏي ۾ وڏو ڏوڪو هي آهي ته سندن تعداد کي روم جي فوج کان به وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي.

(107) مانڊريل، جيڪو وڏي محنت سان ديوارن مٿان هليو هو، ان هڪ اهڙي سرشتي کي ڳولي ڪڍيو جنهن ۾ 4630 قدم يا 4167 انگريزي وال هيا. (صفحا 109,110). ايم- ڊي، ائنول هڪ اهڙو طريقو ڳولي ڪڍيو جنهن ۾ 1960 فرينچ ٽئائسز هيا. (صفحا 29-23) هي سندس اهو تجربو هو. جيروسلم جي مقامي جاگرافي لاءِ ويلنڊ جو مطالعو ڪيو. (فلسطين، 860-ii,832).

(108) جيروسلم ۾ فقط هڪ ندي ڪيڊرون هوندي هئي جيڪا اونهاري ۾ خشڪ هوندي هئي ۽ جنهن ۾ ڪي به نمايان چشما به نه هيا. (ريلنڊ I,294,300) ٻئي ڏريون يعني ٻاهران آيل توڙي مقامي ماڻهو پاڻيءَ جي ڪوٽ جي شڪايت ڪندا هيا، ۽ جنگ جي ڏينهن ۾ اها ڪوٽ اڃا وڏي ويندي هئي ۽ ماڻهو پريشان ٿيندا هيا. ٽئسيٽس، شهر ۾ هڪ دائمي چشمي جو ذڪر ڪري ٿو ته ساڳي وقت پاڻيءَ جي هڪ وڏي حوض جو ذڪر به ڪري ٿو جنهن ۾ پاڻي جمع ڪيو ويندو هو. ان کان سواءِ مينهن جي پاڻي کي جمع ڪرڻ لاءِ جدا انتظام هوندو هو. حوض جو پاڻي ٽيڪو نديءَ.مان هڪ ناليءَ ذريعي جمع ڪيو ويندو هو جنهن کي بهاءُالدين پڻ بيان ڪيو آهي. (صلاح الدين جو احوال، ص 238).

(109) اها هڪ خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي ته ٽاسو، گهيري بابت ننڍن ننڍن احوالن ۽ تفصيلن کي ڪاپي ڪري ۽ اُنهن کي پنهنجي خوبصورت بيان ۾ سجايو آهي.

(110) لاطينين کان سواءِ، جيڪي ماڻهن جي قتلام تي رتيءَ ماتر به شرمندا نه آهن، ان بابت ايلماسن جو مطالعو ڪيو. (عرب مسلمانن جي تاريخ، ص 363) ابوالفراجيَس (شاهي خاندانن جو سلسلو، ص 243) ۽ ايم- ڊي گائينس (ii,ii,99) جنهن اهي تفصيل ابوالمحاسن کان ورتا آهن.

(111) پراڻو منارو سفينا جنهن کي يورپ جي تاريخ جي وڇئين دؤر ۾ نيبلوسا چيو ويندو هو، ان کي پوءِ ڪاسٽيلم پسينم سڏيو ويو ۽ اهو نالو بزرگ ٻئمبرٽ (پيسا جي وڏي پادري) مٽس رکيو هو. اهو اڃا تائين به ڪوٽ نما قلعو آهي ۽ ترڪي جي آغا يا پاشا جي رهائش گاهه طور ڪم اچي ٿو. اهو ئي قلعو بحر- مُردار، جوڊيا ۽ عربستان تي حڪمراني ڪري ٿو. (ڊي- ائنول- صفحا 23-19). ان کي حضرت دائوڊ جو منارو به چيو ويندو هو.

(112) هيوم (انگلنڊ جي تاريخ ۾، I,311,312 آڪٽئويو ايڊيشن ۾.

(113) والنيئر، جنرل هسٽري (عام تاريخ) تي لکيل سندس مضمون ۾. .(ii,54,345,346)

(114) نارمنڊي جي رابرٽ جو انگريزي مترجم ۽ ٽولوز جي ريمنڊ جا ڳوناڻا، تاج جو شان شوڪت هڪ طرف، پر رسمن رواجن جي سچي آواز، آرزوئن، اُميدن توڙي انتقام جي جذبن جي ياد ڪي اڃا تائين تازو توانو رکيو آهي. (ولهرڊون، نمبر 136 جنهن جو تعلق گائيلز جي نواب سان آهي. هو ٽرپولي جي گهيري وقت مري ويو هو، هي شهر پوئلڳن ۽ جانشينن جي قبضي ۾ هو.

(115) ٽاير جي وليم ۾ (x,1-12) اليڪشن توڙي عسڪلان جي جنگ جي باري ۾ احوال پڙهو ۽ پهرين صليبي جنگ جي لاطيني تاريخدانن طرفان نتيجن اُخذ ڪرڻ جو به غور سان مطالعو ڪيو.

(116) رينادوٽ- سرواٽن جي تاريخ، (اليگزيَس، ص 479).

(117) بزرگ ڊئمبرٽ جي دعوائن کي ٽاير جي وليم ۾ تڪيو ۽ توريو. (ix,15-18,x,4,7,9) جيڪو وڌي وضاحت ۽ بيباڪيءَ سان جيروسلم جي فاتحن ۽ بادشاهن جي آزادي متعلق اسان کي تفصيلي احوال ٻڌائي ٿو.

(118) ٽاير جو وليَم (x,19) يعقوب ۽ وٽرئڪو جي تاريخ (I,21-50) ۽ مئرينَس سنوٽَس (iii,i) جي احوال مان اسان کي جيروسلم جي لاطيني بادشاهتن بابت ڄاڻ ۽ سوجهن جو احوال ملي ٿو.

(119) فوجن کي جڏهن جمع ڪيو ويو، جن ۾ لِوي ۽ بينجمن جا قبيلا به شامل نه هيا، تڏهن به دائود وٽ 1300،000 يا 15،74000 فوجي يا ويڙهاڪ موجود هيا، جن ۾ جيڪڏهن عورتون، ٻار ۽ غلام به جوڙجن ته اُنهن جو تعداد 13 مليَن يا هڪ ڪروڙ ۽ ٽيهه لکَ ان ملڪ ۾ وڃي بيهندو جيڪو ڏيگهه ۾ سڪ ليگ (ان وقت جو ماپو) ۽ ويڪر ۾ ٽيهه ليگ آهي. جيڪڏهن ان حقيقت تي ايمانداري ۽ دليلن وارو تبصرو ڪجي ته معاملو اونڌو ٿي سگهي ٿو ۽ شڪ شبها خطرناڪ حد تائين وڌي وڃن ٿا.

(120) هنن گهيرن ۽ هَلائن بابت صحيح جڳهه ۽ صحيح وقت تي ٽاير جي وليَم طرفان حقيقتون بيان ٿيل آهن جيڪي ix ڪتاب کان وٺي xviii تائين گڏ ٿيل آهن. ۽ جن کي برناردَس ٽسارئريَس مختصر نموني بيان ڪيو آهي. ڪي مقامي ڳالهيون ۽ حقيقتون پيسا، جينئا ۽ وينِس جي تاريخوار واقعن ۾ آيل آهن ۽ ٻيون مراتوري جي ڇهين، نائين ۽ ٻارهين جلد ۾ شامل آهن.

(121) ('اولهه جي ٻيٽن تي ماڻهو موجود هيا ۽ خاص طرح ان خطي ۾ جنهن کي هاڻي ناروي چيو وڃي ٿو'). ٽاير جو وليم (xi,14,804) ان وهڪري جو ذڪر ٿو ڏئي، (انگلش چئنل ۽ جبرالٽر جي رستي جو گس ٿو ٻڌائي). ته سِڊان جو گهيرو ڪيئن ڪيو وڃي.

(122) ٻينيلاٽر، ڊي گائينز (هُنز (HUNS) جي تاريخ، ii,ii,150,151، 1127ع) هو يقيني طور تي ملڪ جي اندروني حالتن بابت ٻڌائيندو هوندو.

(123) سائنٽ عقلمنديءَ سان، عورت جي حڪمرانيءَ ۾ سازشن ۽ شرارتن جو ذڪر ان حوالي سان ڪري ٿو ته: 'اهڙي خطي ۾ جتي دشمنن جو ڇار ڇهليل هجي، اُتي مردانگيءَ جي همت، حوصلو ۽ بهادري تمام ضروري هئي'. تنهن هوندي به جڏهن ڪيس سڌ ٿيو ته پنهنجي جاگيردار مالڪ جي اجازت سان هن خانداني الهڙ ڇوڪري پنهنجي مڙس جي چوند ڪئي جيڪو اڳي ئي

ناميارو هو. (جيروسلم جو احوال، باب 242 وغيره) ان کان سواءِ، ايمر- ڊي، گائينس جو به مطالعو ڪيو (I,441-471) ته هنن شاهي سلسلن جي شجرن ۽ حسب نسب کي به ڏنو وڃي.

(124) ڪين ٽنولي ۽ چڙ مان سڏيو ويندو هو: پُوليسنس، يا پولاني (يعني گڏهه، گهوڙو يا کوتو ڪين سڏيو ويندو هو) ۽ سندن نالو ڪڏهن به نفرت يا حقارت بنان نه ورتو ويندو هو. (ڊوڪينج، لاطيني، 5,535) ۽ جئانئول جا تجزيا (صفحا، 85-84، يعقوب، وٽرئيڪو (هيروسول جي تاريخ، I,67,92) ۽ سانٽ، (iii,viii,2,182) هن سلسلي ۾ هڪ يادگار جملو لکيو ويو آهي: ('مقدس ڏرتي کي چوٽڪارو ڏيارڻ وارن عظيم انسانن جا نالائق پٽ... جيڪي اُتي رهيا، عيش عشرت جي ڪمن ۾ ڪاهي پيا ۽ مردن مان قِري عورتون ٿي ويا').

(125) هي مستند معلومات جيروسلم بابت تفصيلن منجهان ملي آهي. (باب، 331-324,326) سانٽ، (iii,viii,I,174) فقط 518 امير ۽ 5775 اُنهن جا پوئلڳ ٿو ڳڻائي.

(126) مجموعي طور تي ٽن وڏن پرڳڻن ۾ 100 امير هرهڪ پرڳڻي ۾ هيا ۽ هڪ بي اطلاع موجب سندن تعداد 500 هيو جنهن کي هڪ اندازي موجب جائز قرار ڏئي سگهجي ٿو.

(127) تنهن هوندي به اوچتن موقعن تي (سانتق چوي ٿو) امير پاڻ هُرتو مدد پاڻ سان گڏ آڻيندا هيا ۽ اُهي اهڙا سپاهي پاڻ سان گڏ ڪٽندا هيا جيڪي لڳ ڀڳ سندن ئي مرتبي وارا هوندا هيا

(128) ٽائر جو وليم، اسپتال وارن جي گندي اصليت ۽ ذهنيت بابت ٻڌائي ٿو. (xviii,3,4,5) جن پنهنجي محسن کي چڏي ڏنو هو. سينٽ جان جيڪو خير خيرات ڏيندڙ هيو، ان وڏي سينٽ جان جو ڪردار ٿي ادا ڪيو جيڪو پاڪ غسل ڏيارينڊڙ جي حوالي سان مشهور هيو. (ڏسو پاگي، جي ناڪام محنت، (تنقيدي جائزو، 1099ع، نمبر. 18-14). هنن 1120ع ۾ هٿيار ڪٽڻ شروع ڪيا؛ پر اسپتال امڙ هئي، مندر پُٽ يا ويجهو عزيز هو، ۽ ٽيوٽونڪ يا جبري حڪم 1190ع ۾ ان وقت جاري ڪيو ويو هيو جڏهن آڪري جو گهيرو ڪيو ويو هيو.

(129) سينٽ برنارڊ کي ڏسو. هڪ مندر کي (1136-1132ع) ۾ ناهيو ويو هيو. (I,ii,547-563) هن تحرير کي مئبيلن ايبٽ ڪيو هو. وينيٽ، 1750ع. اهڙي مدح سرائي يا ساراهه جيڪا مذهبي ماڻهن مٽان مفت اچلائي وجي، اُها مالٽا جي تاريخدانن کي ضرور وٽندي.

(130) مئٽيو پئرس (ميجر جي تاريخ، ص 544) هو اسپتال جي مالڪن کي 19،000 ۽ مذهبي ماڻهن کي 9000 منيريا ٿو ڏئي. هڪ اهڙو لفظ جيڪو باهران برآمد ڪيو ويو هيو (جيئن ڊوڪينج جائز طرح سان پنهنجو تجزيو پيش ٿو ڪري) ۽ اهو لفظ فرانسيسي محاوري جي بجاءِ انگريزي محاورو معلوم ٿو ٿئي. مئنر معنيٰ 'جيئندا قبلا' ۽ مئنر جو مطلب رهائش گاهه پڻ آهي.

(131) مالٽا جي بهادري جي تاريخ جي پهرين ٽن ڪتابن ۾ جن کي ابي ڊي ورٽوٽ لکيو آهي، پڙهندڙ پاڻ کي دلچسپ ۽ خوشامد وارين ڳالهين ۾ پيو محظوظ ڪندو ۽ تحرير جو ساڳيو طريقو فلسطين ۾ پڻ اختيار ڪيو ويو هو. ايندڙ ڪتابن ۾ پڻ ماڻهن کي تاڪيد ڪيو ويو آهي ته هو رهوڊس ۽ مالٽا ڏي لڏي وڃن ۽ اُتي وجي پنهنجي رهائش اختيار ڪن.

(132) جيروسلم جا قديمي قانون فرينچ زبان ۾ چپيل هوندا هيا، (بورجز ۽ پئرس، 1690ع) جن کي گئسپارڊ ڊي- لا ٽامس مشهور ڪيو هو ۽ اُنهن تي تبصرا به ڪيا هيا ته هُن مختلف قانونن جو

تفصيل ۾ ڪتابن ۾ ڇاپيو هو. انهن قانونن جو اٽلي زبان جو ترجمو وينس ۾ 1535ع ۾ ڇپيو هو ته جيئن قبرص جي بادشاهت ۾ اُنهن مان لاڀ حاصل ڪري سگهي.

(133) تڏهن ۾ جيروسلم صلاح الدين آڏو شڪست قبول ڪئي: راڻي ۽ نالي وارا عيسائي صلح سانت ۾ واپس هليا ويا ۽ هڪ اهڙو قانون يا اصول جيڪو تعريف لائق هو، پر پوءِ پي اُهو فاتحن جي لالچ آڏو بيوَس بڻجي ويو. آڻ ڪڏهن مقدس مقبري جي اصلي ڪاپي جي هئڻ تي شڪ ڪندو آهيان جنهن ڪي شايد ايجاد ڪيو ويو هو ته جيئن فرانس وارن جي روايتن ۽ رسمن ڪي فلسطين ۾ نه رڳو رائج پر اُنهن ڪي مقدس ۽ بنايو وڃي.

(134) هڪ عزت واري قانون دان رائول تبري، بادشاهه عماري ڪي عبادت ڪرڻ جي اجازت نه ڏني. (1205-1195ع) ته جيئن هو پنهنجي جاڻ ڪي ڪتابن ۾ منتقل نه ڪري سگهي، ۽ هن اعلان ڪيو ته 'ڪو به شخص يا ڳوناڻو سندس جاڻ جو مقابلو نڪو ڪري سگهي توڙي جو اُهو ڪيترو به تعليم يافته يا پڙهيل ڳڙهيل هجي'. (باب 281).

(135) جفا ۽ عسڪلن جون ڪورٽون در حقيقت هن اهم ڪتاب ڪي ترتيب ڏيندڙ هيون. بيريٽس ۽ ريمس جا نوابَ 1266ع ۾ مري ويا هيا. (سانتَ، iii,xii,5,8) آئيبيلن جو خاندان، جيڪو فرانس جي چارٽريس جي نواب جي ننڍي پاڻ جي نسل منجهان هيو، اُهو گهٽو اڳ فلسطين ۽ قبرص ۾ مستقل طور تي رهائش اختيار ڪري چڪو هو. (ڏسو هڪ اصلي ڪتاب جنهن ۾ فرانس جي مُهرجُو شخصيتن جي حسب نسب ۽ شجرن جا تفصيل درج ٿيل آهن).

(136) هن ٻيٽ جي رياستن ۾ سورهن ڪمشنر چونڊيا ويا هيا ته معاملن ڪي اڳتي وڌائن، پر ڏنل ڪم 3 نومبر، 1369ع ۾ پورو ڪري، ان تي چار مُهرون لڳائي، ۽ ان ڪي نِڪوسيا جي ڪليسا ۾ جمع ڪرايو ويو هو. (هن سلسلي ۾ آسيَس جي مهاڳ ڪي به مطالعي هيٺ آڻجي).

(137) هڪ محتاط شخص يعني جان ڊي آئبيلن، يقين ڏيارڻ جي بجاءِ دليل ٿو پيش ڪري ته ٽرپولي چوٽين ٻئروني (ننڍو شهر جنهن جي پنهنجي حڪومت هجي) آهي ۽ هڪ سپاهي ۽ هڪ جنرل جا جيڪي حق ۽ سندن دعوائون آهن، اُنهن جي باري ۾ پنهنجي شڪ يا هڪ محتاط راءِ جو اظهار ٿو ڪري.

(138) 'سندن احتجاج يا ناراضگي جو طريقو به ڏاڍو سادگي وارو، ۽ آزادي جي اصولن جي خانداني روايتن مطابق هو'.

(139) ڇپجڻ کان پوءِ چاليهن سالن ۾، ٻي ڪنهن ڪتاب ڪي نه ايترو پڙهيو ويو آهي ۽ نه وري ٻي ڪنهن ڪتاب تي ايتري تنقيد ٿي آهي، ۽ جيڪو تجسُس ۽ شوق سان پڙهڻ جو جذبو ان ڪتاب ماڻهن ۾ پيدا ڪيو آهي ته مصنف طرف، اهو احساس اسان جي ذميدارين ۾ هرگز شامل ناهي.

(140) اُهي قانون جيڪي اڳ غير واضح ٿي رد ٿي چڪا هيا. اُنهن ڪي سمجهڻ ۽ وري زندهه ڪرڻ لاءِ آڻ هڪ عالم نواب جي دوستيءَ جو احسان مند آهيان (باب، 111-80) جنهن صحيح فيصلي ۽ دروانديشيءَ جي نظرن سان قانون جي فلسفياڻي تاريخ جو جائزو ورتو، ان ڪي پرکيو ۽ ان جو فائدو ورتو. سندس محنت ۽ ورق گرداني‌ءَ مان ايندڙ نسل يقيني طور تي لاڀ پرائيندو. هن

تقرير جي ماهر ۽ جج جي صلاحيتن کي فقط اُهي سمجهي سگهندا يا ان جو قدر ڪندا جيڪي سندس همعصر هيا. (هي اشارو يا حوالو. نواب لوگبارو ڏانهن آهي. (1805-1733ع).

(141) لوئس لي گراس جنهن کي فرانس ۾ 'ادارن جو پيءُ' چيو ويندو آهي، بولن جي گادفري کان پوءِ پنهنجي حڪومت نون سالن تائين بہ قائم نہ رکي سگهيو هو. (1108ع). ان جي حقيقت کي جاڻڻ ۽ اثرن کي سمجهڻ لاءِ، ڊاڪٽر رابرٽسن جي تجزيي جو مطالعو ڪيو. (چارلس- V جي تاريخ، 265-I,30-36,251) هي ڪتاب ڪوارٽو ايڊيشن ۾ چپيل آهي.

(142) ڪتابن جا پڙهندڙ جيڪي صليبي جنگين جي تاريخ کان چگيءَ طرح واقف آهن، اُهي اوپر جي عيسائين، ميلڪائيٽس، يهودين يا نستورين کي چگيءَ طرح سمجهي سگهندا. جن سپني عربي زبان کي سکي ورتو هو ۽ اُها ئي زبان ڳالهائيندا بہ هيا. (v,151).

(143) ڏسو جيروسلم جي آسيَس کي . (310,12). اهي قانون تمام پوءِ يعني 1358ع ۾ ترتيب ڏنا ويا هيا جڏهن قبرص جي حڪومت جو وجود قائم هيو. ساڳي صديءَ ۾ يعني ايڊورڊ- 1 جي دؤر ۾، جيئن مون کي آخر ۾ چپيل ڪتابن مان معلوم ٿيو آهي، تہ هڪ جنگي گهوڙي جي قيمت انگلنڊ ۾ گهٽ مهانگي نہ هئي.

باب اٺهنيون

يوناني شهنشاهت جو قائم رهڻ- هي ۽ ٽين صليبي جنگ ۾ ماڻهن جو تعداد، وقفو ۽ واقعو- سينٽ برنارڊ- صلاح الدين جي مصر ۽ شام ۾ حڪومت- هُن طرفان جيروسلم جي فتح- صليبي طرز جون سامونڊي جنگيون- انگلينڊ جو رچرڊ -I معصوم پادري III- چوٿين ۽ پنجين صليبي جنگ- شهنشاهه فريڊرڪ II- فرانس جو لوئس IV- ۽ هِ آخري صليبي جنگيون- مملوڪن طرفان لاطينين يا فرئنڪن کي پنهنجي حدن مان باهر ڪڍڻ.

تاريخ جي مقابلي ۾ ڪجهه گهٽ ئي سهي پر تڏهن ۽ آڳ شهنشاهه اليگزيَس(1) جي پيٽ اُن گِدڙ سان ڪندس جيڪو لِڪ ڇَپ ۾ قدم ڪٽندو شينهن جي پنيان هلندو هلي ۽ ان جي بچايل ڪاڏي کي بنا دير ڪَڙڪائي ڇڏي. پهرئين صليبي جنگ کان پوءِ جيڪي ۽ سندس خدشا ۽ محنتون هيون تہ فرئنڪن جي ڪارنامن جي طفيل، انهن جو ازالو پوريءَ طرح ٿي چڪو هيو ۽ ڪيس گهربل فائدا ۽ ملي چڪا هيا. نائيسيا جي پهرين فتح، سندس قوّتيءَ واري مهارت ۽ چوڪس رهڻ جي صلاحيت سبب ممڪن ٿي سگهي هئي، ۽ هن ئي خطري واري هنڌ تان ترڪن کي قسطنطنيہ توڙي پرپاسي وارن علائقن کي ڇڏي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو هيو. انڊي ۽ غير ضروري جرئت ڪندي صليبي فاتح هڪ طرف ايشيا جي اندروني ملڪن ڏانهن هليا ويا تہ ٻي طرف چالاڪ يونانين ان وقت موقعي جو فائدو ورتو جڏهن سامونڊي علائقن ۾ رهندڙ اميرن کي سلطان جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو. ترڪن کي رهوڀس ۽ چوس جي ٻيٽن مان تڙي ڪڍيو ويو ۽ اِفيسَس، اسمرنا، ساردِس، فلاڊيلفيا ۽ لائوڊيسيا جي شهرن کي وري شهنشاهت ۾ شامل ڪيو ويو جن جي سرحدن کي اليگزيَس هيلسپانٽ کان ميندر جي ڪنارن ۽ پئمفيليا جي پهاڙي علائقن تائين وڌائي ڇڏيو هو. ڪليسائن جون رونقون بحال ٿيڻ لڳيون، شهرن جي نئين سر تعمير ٿيڻ لڳي ۽ قلعا ۽ وڏيڪ مضبوط ٿي ويا ۽ هڪ ويران ملڪ ۾ ٻيهر عيسائين جون ڪالونيون نهي ويون، جن کي پرانهن پنڌن ۽ خطرناڪ سرحدن تان لَڏائي هتي آباد ڪيو ويو. اهڙين پدري شفقتن ۾ اسان تہ شايد اليگزيَس کي معاف ڪري سگهون ٿا توڙي جو هُن مقدس مقبري جي چوڪاري جي عزم کي وساري ڇڏيو هو، پر لاطينين جي نظر ۾، هُن تي، عزم تان ڦرڻ ۽ غداريءَ جو الزام لڳي چڪو هو. هنن ساٿس وفادار رهڻ ۽ سندس فرمانبرداري ڪرڻ جو قسم کنيو هو، پر ساڻئي وقت هن ۽ سندن مُهم جوئي ۾ مدد ڪرڻ جو يقين هن شرط تي ڏياريو تہ سندن مدد لاءِ هو ذاتي طرح پاڻ هر وقت موجود هوندو يا وري گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي فوج جي موجودگي ۽ ضرورت پوڻ تي پئسي ڏوکڙ جي ڪُهرجن کي يقيني بڻائيندو، پر سندس ذلت واري پاڄ، سندن فرضن ۽ سؤنپيل ذميوارين کان کين آزاد ڪري ڇڏيو هو ۽ سندن ترار، جنهن سان هو سوپون

ماڻيندا هيا، اُها آزادي حاصل ڪرڻ جي حق لاءِ سندن عزم ۽ اَٽل ارادن جو ذريعو بڻجي وئي. اهو ڪٽي ۽ ظاهر نٽو ٿئي ته شهنشاهه جيروسلم جي بادشاهت تي(2) پنهنجن اجاين ۽ رد ٿيل دعوائن کي ڏهرايو هو، پر سليشيا ۽ شام جون حدون ڪيس تازيون هٿ آيل هيون جيڪي، خطري جي صورت ۾، حاصل ڪرڻ هن لاءِ آسان ڪم هيو. صليبين جي وڏي فوج کي يا ته تباهه ڪيو ويو هو يا وري کين پڃائي ڇڙوڇڙ ڪيو ويو هيو، انتاڪيا کي، بوهيمنڊ طرفان (*) قيد مان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا رقم ڪيس ڏيڻي پئجي وئي هئي، ان قرضن جا ڪوٽ متس چاڙهي ڇڏيا هيا ۽ نارمنڊي ۾ جيڪي ٿورا گهٽا سندس پوئلڳ هيا، اُهي ايترا ته نااهل ۽ نالائق هيا جو يونانين ۽ ترڪن طرفان شرارتن ۽ دشمنين کي مُنهن ڏيڻ جهڙا هرگز نه رهيا هيا. پريشانيءَ جي اهڙن لمحن ۾، بوهيمنڊ وري به هڪ مانائتو فيصلو ڪري ورتو ۽ انتاڪيا جي حفاظت پنهنجي هڪ عزيز ٽئنڪريڊ جي حوالي ڪيائين جيڪو هن گهڙيءَ تائين ساٿس وفادار رهيو هو ۽ ٻيو ته هن اولهه وارن کي، بازنطيني شهنشاهت خلاف، فوج ۽ هٿيارن جي مدد ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي ۽ هر ان منصوبي تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين جيڪي سندس پيءُ گسڪارڊ جي مثالن ۽ ڏنل سبقن منجهان ڪيس ورثي ۾ مليا هيا. هن پنهنجي رواني ٽيڻ کي ڳجهو رکيو هو ۽ جيڪڏهن اسان شهزادي ائن(*) جي هڪ ڪهاڻيءَ تي پروسو ڪريون ته هن پاڻ کي هڪ ڪفن ۾ ويڙهائي(3) دشمن ملڪ جي سمنڊ کي اُڪاريو هو. بهرحال فرانس ۾ سندس زبردست استقبال ڪيو ويو ۽ اتان جي بادشاهه جي ڏيءُ سان سندس شادي ٿي وئي؛ اهڙي طرح سندس واپسيءَ کي شاندار بنايو ويو ۽ چيو وڃي ٿو ته ان وقت جي بهادر روحن پاڻ کي سندس ڪمن جي تابع ڪري ڇڏيو هو ۽ هن بيهر ائدرئنڊ سمنڊ کي، پنج هزار گهوڙي سوارن ۽ پنجاهه هزار پيادل فوج سان، پار ڪيو جيڪي يورپ(4) جي مختلف ۽ پري وارن علائقن مان ڪهي آيا هيا ۽ پاڻ کي سندس فوج ۾ شامل ڪيو هئائون. ڊُرازو جي طاقت ۽ اليگزيَس جي دوراندیشي جي باوجود، ڏکر جي حالتن ۽ سياري جي ٽڏ گڏجي سندس اُميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو ۽ جيڪي پاڙيتو فوجي سندس فوج ۾ شامل هيا، اُهي سپيئي کيس ڇڏي رمندا رهيا. هڪ صلح نامو(5) طئي ٿي ويو جنهن سان يونانين جا خوف ۽ خدشا ختم ٿي ويا ۽ اُهي تڏهن اجا وڌيڪ مطمئن ٿيا جڏهن سندن هڪ اهڙو دشمن مري ويو جيڪو نه ته ڪسمن کي مجيندو هو نه خطرا کيس ڊيڄاري سگهندا هيا، ۽ نه وري هو ماڻهن جي خوشحاليءَ مان خوش ٿيندو هو. سندس ٻار انتاڪيا جا حاڪم ٿي ويا پر اُنهن جي حدن کي مقرر ڪيو ويو هيو، سندن عزت ۽ احترام جي به وضاحت ڪئي وئي هئي ۽ ٽارسَس ۽ ملمسٽرا جا شهر بازنطيني شهنشاهت کي واپس ڪيا ويا هيا. جيتري قدر اناتوليه جو تعلق آهي ته ان جي حدن ۾ ٽريبيزانڊ کان وٺي شام جي سرحدن جا علائقا اچي ٿي ويا. رُوم جي سلجوق گهراٽي جي حڪومت(6) سمنڊ ذريعي هر طرف کان جدا ٿيل هئي ته ساڳي وقت سندن مسلمان پائر به سيني کان ڪٽيل هيا ۽ سوين سبب سلطان جي طاقت لوڏن ۾ اچي وئي هئي ته فرئنڪن جي شڪست پٽ کين ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. نائيسيا جي نقصان ڪانپوءِ، هنن پنهنجي تخت کي ڪگني يا آئڪونيم ڏي تبديل ڪري ڇڏيو هو جيڪو هڪ اڻ ڄاتل ۽ ٻهراڙيءَ جو ننڍو شهر هيو ۽ جيڪو(7) قسطنطنيه کان ٽن سو ميلن کان به وڌيڪ مفاصلي تي هيو. پنهنجي گاديءَ جي هنڌ لاءِ ڊجڻ ۽ ڪنبڻ جي بجاءِ، ڪنينيا جي بادشاهن ترڪن جي خلاف هڪ جارحاٽي جنگ چيڙي ڇڏي ۽ پهرين صليبي جنگ، ڪِرندڙ ۽ جهُرندڙ شهنشاهت کي ختم ٿيڻ کان بچائي ورتو.

پارهين صدي عيسوي ۾ اولهه جي ملڪن کان، ٽي دفعا زميني رستن کان وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿي ته جيئن فلسطين جي تڪليفن کي دور ڪري ان جي مدد ڪئي وڃي. لومبارڊي، فرانس ۽ جرمني جا سپاهي توڙي زيارت جا طلبگار پهرين صليبي جنگ(8) جي شاندار ڪاميابيءَ تي بيحد خوش هيا. مقدس مقبري جي چوٽڪاري کان انيتاليهه سال پوءِ، شهنشاهه ۽ فرانس جو بادشاهه ڪونراڊ ٽيون ۽ لوئس ستون ٻي صليبي جنگ وڙهڻ لاءِ روانا ٿيا ته جيئن پنهنجن لاطيني پائرن(9) جي ڪمزور ۽ زوال پذير فوجي طاقت کي سهارو ڏين ۽ انهن جي مدد ڪن. شهنشاهه فريڊرڪ باربروسا(10)، ٽين صليبي جنگ وڙهڻ لاءِ هڪ وڏو لشڪر ونڊي روانو ٿيو ته جيئن پنهنجن فرانس ۽ انگلينڊ جي پائرن سان نه رڳو همدردي پر سندن مدد ڪري ته جيئن جيروسلم جي نقصان جو ڪجهه ازالو ٿي سگهي. هنن ٽنهي جنگي معرڪن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته انهن ۾ ماڻهن جو تعداد، ٿوري گهٽي فرق کان سواءِ هڪ جهڙو هيو، ته وري سڀئي لشڪر يونان جي شهنشاهت منجهان گذريا هيا ۽ ترڪي سان ٽنهي ٽولن جي لڙائيءَ جي نوعيت به ساڳي هئي ۽ هن سلسلي ۾ بهتر ٿيندو ته قصي کي مختصر ڪجي ته جيئن ڏکهي داستان جي بيان کان بچي سگهجي. صليبي جنگين جو احوال پلي ڪيترو ئي شاندار ڇو نه هجي، پر غور سان ڏسبو ته هر جنگ جا ساڳيا سبب ۽ ساڳيا اثر هيا ۽ مقدس مقبري جي چوٽڪاري لاءِ هر دفعي ڪيل ڪوششن ۾ پڻ پهرين صليبي جنگ جو نقشو ۽ نظارو نظر ايندو.

(I) ماڻهن جو هڪ وڏو لشڪر جيڪو پهريَن زيارتين جي قدمن پنيان قدم کڻندو اڳتي وڌيو، ان جا اڳواڻ ساڳين رتبن وارا هيا، توڙي جو شهرت ۽ صلاحيتن ۾ اُهي بولن جي گاڊ فري ۽ سندس ويجهن ساٿين جهڙا نه هيا. سندن سِرن تي، برگنڊي، بَوئريا ۽ پهرئين اڪيٿين، جيڪو ڪئپيٽ جو پوئلڳ هو، جا جهندا رکيل هيا؛ ٻيو ته برنسوڪ خاندان جو وڏو، جيڪو ملن جو وڏو پادري ۽ عارضي بادشاهه به هيو، پنهنجي محل ۽ ڪليسا مان ڪهه ڳڻا ۽ دولت کڻي آيو ته جيئن ترڪن کي ان مان ڪو فائدو ٿئي، ۽ صليبي بزرگ، عظيم هُو (Hugh) ۽ چارٽريس جو اسٽيفن به واپس وريا ته جيئن پنهنجي ڪيل واعدي ۽ عزم جي تڪميل ڪري سگهن جنهن کي اڳ هنن اڌ ۾ ڇڏيو هو. سندن پوئلڳن جي هڪ وڏي تعداد کي بن حصن ۾ ورهايو ويو ۽ جيڪڏهن پهرئين حصي ۾ شامل ماڻهن جو تعداد به لک ست هزار هيو ته ٻي حصي ۾ وري ست ڪهوڙي سوار ۽ پيادل فوج جو انگ هڪ لک جي لڳ ڀڳ هيو(11). ٻي صليبي جنگ جي فوجن دعويٰ ڪئي هئي ته هنن ايشيا کي فتح ڪيو هو: فرانس ۽ جرمني جي معززن کي اها خوشي هئي ته سندن حاڪم، جيڪي اُنهن جا اڳواڻ به هيا، ساٿن گڏ هيا، ۽ ڪونراڊ ۽ لوئس جي ذاتي ڪردار توڙي سندن مرتبي، پنهنجن پنهنجن ساٿين ۽ فوجين جي مقصد کي پروقار بنائي ڇڏيو هو ۽ منجهن نظم ۽ ضبط جو روح ڦوڪي ڇڏيو هو. هي اهڙا جذبا هيا جن جي اُميد، جاگيرداراڻي مزاج جي اڳواڻن مان ڪرڻ عبث ۽ اجائي هئي. شهنشاهه توڙي بادشاهه ٻنهي مان هر هڪ جي ڪهوڙي سوار فوج ستر هزار امين کان سواءِ سندن بيشمار خادمن ۽ ذاتي نوڪرن چاڪرن تي مشتمل هئي جيڪي جنگ جي ميدان تي مقرر ٿيل هيا(12)، ۽ جيڪڏهن ٻيا ماڻهو، جن وٽ هلڪي قسم جا هٿيار هيا يا جيڪي هاري ناري

۽ پيادل گڏ هيا، يا عورتون، ٻارڙا، پادري ۽ راهب هيا، اُنهن سڀني جي تعداد کي شامل نہ ڪجي تڏهن ٻہ باقي بچيل ماڻهن جو تعداد ٻہ گهٽ ۾ گهٽ چار لک انسانن جو هيو. روم کان برطانيہ تائين اولهہ جي سڀني ملڪن کي هن مُهم ۾ شامل ڪيو ويو هو؛ پولئنڊ ۽ بوهيميا جي بادشاهن سندن اڳواڻ ڪونراڊ جو حڪم مڃيو، ۽ يونانين ۽ لاطينين ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي تہ، هڪ ندي يا هڪڙي درياهي لنگهہ کي اُڪرڻ مهل، بازنطيني ايجنٽن، نوَ لک ماڻهن جي انگ کي ٻڌندي ئي، هيڏي ساري وڏي تعداد جي مخالفت ڪئي ۽ ماڻهن جي وڏندڙ انگ جي اڻ ڪُٽ سلسلي کي اجايو ڪوٺيو(13). ٽين صليبي جنگ ۾، جيئن تہ فرانس ۽ انگلينڊ جي ماڻهن بحيرہ روم کي اُڪرڻ ٿي چاهيو تہ فريڊرڪ باربروسا جي ماڻهن جو تعداد ڪجهہ گهٽ هيو. پندرهن هزار امير ۽ اوترا ئي سندن خادم ساڻن گڏ هيا جنهن کي جرمني وارن جي قوت جو سرچشمو چيو ويو؛ هنگري جي ميدانن تي شهنشاهہ ست هزار وڌيڪ ماڻهن کي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ لشڪرن جي هيڏي انگ کان پوءِ، اسان ڇهن لکن زيارتين جي تعداد تي شايد حيران نہ ٿينداسون ڇو تہ ماڻهن جي هيڏي ساري انگ لاءِ سادگي يا معصوميت مان اهو چيو ويو تہ اها بس سندن آخري لڏپلاڻ هئي(14). مبالغي وارو ايترو وڏو تعداد فقط ان وقت جي ماڻهن جي اچرج واري ڪيفيت کي ثابت ٿو ڪري، پر سندن حيرت يا تعجب لاءِ ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن تہ ماڻهن جو تعداد واقعي تمام گهٽو هو توڙي جو ان انگ جي حساب جي پوري يا مستند ڪَڻَ پوءِ ٻہ ڪري نٿي سگهجي، پر اُنهن فرانس جي گهوڙي سوارن ۽ جرمني جي پيادل فوج(15) جي طاقت کي دل سان تسليم ڪيو هو، ۽ فوج ۾ جيڪي ڏاريا ماڻهو شامل هيا اُنهن کي لوهَ جي نهيل هڪ اهڙي مضبوط قوم سڏيو ويو جن جو قد وڏو هو ۽ جن جي اکين منجهان باهہ جا تير نظر ايندا هيا ۽ اُنهن ئي ماڻهن جو رَت پاڻيءَ جيان زمين تي وهايو ويو هيو. ڪونراڊ جي جهنڊي هيٺ، عورتن جي هڪ فوج مردن جيان گهوڙي سواري ۽ پنهنجي شهسواريءَ جا جوهر ٿي ڏيکاريا ۽ هنن خطرناڪ بهادر ۽ ويڙهاڪ عورتن جي اڳواڻ کي، پنهنجي جوش جذبي ۽ سونهري بوٽن جي ڪري، 'سونن پيرن واري عورت' جو ڪيس خطاب ڏنو ويو.

(II) ڏارين ماڻهن جي وڏي تعداد ۽ سندن ڪردار، بزدل يونانين کي ٻنهہ ڊيڄاري ڇڏيو هو ۽ سندن خوف خطري جي جذبن منجهان سندن دلين ۾ ڏارين لاءِ نفرت جي باهہ ڀڙڪي پئي هئي. بهرحال ترڪن جي حڪومتي طاقت سبب نفرت جي جذبن کي يا تہ ترڪ ڪيو ويو هيو يا اُنهن ۾ هاڻي ڪافي حد تائين نرمي اچي وئي هئي ۽ لاطينين طرفان بُري پلي ڇوٽ يا گار گند جي زبان اسان جي واضح يقين تي اثرانداز نٿي ٿي سگهي تہ شهنشاهہ اليگزيَس، سندن گستاخيءَ تي ٻهروپيائي ڪندي خاموش رهيو هو، سندن دشمنين تي پرده پوشي ڪئي هئي، سندن ڪاوڙ کي ٺڏو ڪيو هو ۽ سندن جوش جذبن آڏو جهُڪندي هنن لاءِ زيارت ۽ سوپ جي رستن کي کولي ڇڏيو هيائين. پر، جڏهن ترڪن کي نائيسيا ۽ سامونڊي ڪنارن تان پڇايو ويو هو، جڏهن بازنطيني بادشاهن کي هاڻي ڪاگني جي پري پنڌ وارن سلطانن کان ڪو ٻہ خطرو محسوس نہ پئي ٿيو تہ هنن، اولهہ جي بربرن کي آزاديءَ مان اچڻ وڃڻ ۽ بنا روڪ

ٽوڪ جي کين رستو ڏيڻ تي پنهنجي طرفان سخت ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو هو، چاڪاڻ ته هنن نہ رڳو شهنشاهت جي شان ۽ وقار جي بي عزتي ڪئي هئي پر ان جي امن امان ۽ حفاظت کي بہ خطري ۾ وجهي ڇڏيو هو. بي ۽ ٽين صليبي جنگ جي شروعات مينوئل ڪمنينس ۽ اسحاق اينجلس جي حڪومت ۾ ٿي هئي. ذڪر ڪيل پهرئين شخص جا جوش جذبا اُبهرا ۽ ڪدورت طرف مائل هيا ۽ هُئي ۾ وري فطري بزدلي ۽ شرارت گهڻي نظر ايندي هئي، جيڪو بغير ڪنهن سبب جي، ڪنهن آمر کي سزا ڏئي، ان کي حڪومت تان لاهي، پاڻ سندس تخت تي قبضو ڪري ويهي رهندو هو. بادشاهه ۽ عوام طرفان هاڻي ڳجهي طريقي ۽ خاموشيءَ سان فيصلو ڪيو ويو هو تہ زيارتين کي يا تہ بلڪل تباهه ڪيو وڃي، يا گهٽ ۾ گهٽ کين تڪليفون ۽ اذيتون پهچائي سندن سفر جي رستن کي بند ڪيو وڃي ۽ زيارتين طرفان دوراندیشي ۽ نظم ۽ ضبط کان خالي هجڻ جي ڪيفيت، کين خودبخود اهڙو موقعو ڏنو هو تہ پنهنجي نئين تجويز تي پوريءَ طرح عمل ڪن. اولهه جي حڪمرانن، پنهنجي عيسائي پائرن جي ملڪ مان سلامتيءَ سان گذرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي گهُربل شين جي خريداري ڪرڻ جو سوچيو هو، هن سلسلي ۾ قسمن کڻڻ کان پوءِ هڪ صلح نامي کي بہ طئي ڪيو ويو هو ۽ فريڊرڪ جي فوج جي غريب ترين سپاهيءَ کي بہ چانديءَ جا ٽي مارڪ ڏنا ويا هيا تہ سفر ۾ پنهنجي ضرورت جي خرچن جو پُورائو ڪري سگهي. پر هر ڪم ۽ هر منصوبي کي ذلت ۽ ناانصافي ذريعي ناڪام بنايو ويو هو ۽ لاطينين جي شڪايتن جي تصديق، هڪ يوناني تاريخدان جي تحريرن ذريعي ٽي چڪي آهي جنهن جرئت ڪندي پنهنجي ملڪ وارن لاءِ جيڪو ڪجهه لکيو آهي سو سچ لکيو آهي(16). بجاءِ مهمان نوازي واري آڏرياڻ ڪرڻ جي، يورپ توڙي ايشيا ۾ صليبين لاءِ دروازا ۽ گذرڻ جا لنگهَ بند ڪيا ويا هيا ۽ معمولي کاڌ خوراڪ ٽوڪرين ۾ رکي کين ديوارن تان اڇلائي ويندي هئي. تجزيو يا وري دوراندیشي، بغض ۽ حسد جي اهڙن ڪُڌن ڪمن کي شايد معاف ڪري ڇڏي پر انسانيت جي تقاضا اها هئي تہ کاڌي خوراڪ ۾ زهريلين شين جي ملاوٽ هرگز نہ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن مينوئل کي ڪنهن سازش جي راند کيڏڻ کان آجو بہ ڪيو وڃي تڏهن بہ هو زيارتين سان گندي دولت جي واپار ڪرڻ ۾ ملوث رهيو هو. هر قدم تي زيارتين کي روڪيو يا وري کين گمراهه ڪيو ٿي ويو؛ گورنرن کي ذاتي طور حڪم ڏنو ويو هو تہ گذرگاهن وٽ قلعا ناهن، ۽ جڏهن ۽ جتان بہ اُهي گذرن تہ پلي پُلين کي بہ ڊاهيو وڃي؛ اُهي جيڪي پنهنجو رستو پلجي هيڏي هوڏي ٽڙي پکڙي ويا هيا اُنهن کي قريو ۽ قتل ڪيو ويو، سپاهين توڙي گهوڙن کي ڪن لِکل هٿن ذريعي تيرن جو نشانو بنائي سندن جسمن کي پرُوڻ جيان بڌايو ويو، بيمارن کي سندن بسترن ۾ ئي جلايو ويو، ۽ مُردن جي لاشن کي عام رستن تي ڦاهين ۾ لڙڪايو ويو تہ جيئن ايندڙ ويندڙ سندن حالت مان عبرت حاصل ڪن. اهڙن زخمن ۽ عقوبتن، صليب جي متوالن کي سخت غصي ۾ آڻي ڇڏيو، جو تہ وٽن ڪليسائي صبر موجود ڪونہ هو، ۽ بازنطيني بادشاهن، جن هن غير برابري واري جنگ کي وڌايو هو، زيارتين جي روانگيءَ جي حمايت ڪري ڇڏي. ترڪي جي حدن اچڻ شرط

باربروسا، قصوروار فلاڊيلفيا(17) کي بچائي ڇڏيو، لائوڊيسيا جي مهمان نوازيءَ تي کين انعام ڏنائين، ۽ اُنهن حماقتن تي پنهنجي طرفان سخت افسوس جو اظهار ڪيائين جن سندس ترار کي عيسائين جي رت جي قطرن سان داغدار ڪيو هو. جرمني ۽ فرانس جي بادشاهن سان زابطن ڪرڻ سان، يونانين جي فخر جو جذبو هڪ آزمائش هيٺ اچي چڪو هو. هنن اها ٻڌاڪ ٿي هنئي ته پهرين ملاقات ۾ لوئس کي مينوئل(18) جي تخت جي پر ۾ هڪ استول تي ويهاريو ويو هيو پر جيئن ئي فرانس جو بادشاهه پنهنجي فوج کي باسفورس سمند ٽپائي ايڀرو وٺي ويو ته هن ٻي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ کان تيستائين انڪار ڪيو جيستائين سندس پاءُ هڪ جهڙن شرطن ۽ اصولن مطابق ساڻس ملاقات ڪندو ۽ اُها ملاقات پلي ڪنهن سامونڊي جزيري يا زميني هنڌ تي ئي ڪئي وڃي. ڪونراڊ ۽ فريڊرڪ ۾ تعلقات بهتر پر ساڳئي وقت مُشڪلن جو شڪار پڻ هيا، جو ته ڪانسٽنٽائن وانگر، هنن پاڻ کي روم جا جائز شهنشاهه(19) ٿي ڄاتو ته هنن پنهنجو رَويو ۽ شان شوڪت ٻه اوترو ئي متاهون رکيو هو ۽ پنهنجن خطابن توڙي پنهنجي روايتي وقار کي هنن هر صورت ۾ قائم رکڻ ٿي چاهيو. طئي اهو ٿيو ته چارليمئگني جو پهريون نمائندو، مينوئل سان ڪلئي ميدان تي گهوڙي تي چڙهي ملاقات ڪندو، ۽ ٻيو نمائندو باسفورس جي بجاءِ هيلسپانٽ کي اُڪاريندو پر ڪيس قسطنطنيہ توڙي سندس حاڪم کي ڏسڻ جي اجازت نہ ملندي. هڪ اڻڄاڻ شهنشاهه کي، جنهن جي روم ۾ تاجپوشي ڪئي وئي هجي، يونان ۾ سندس رتبي کان هيٺ ڪيرائي ريڪس يا فقط اليماني(*) جو بادشاهه بنايو ويو ۽ فضول ۽ ڪمزور ائنجيلس بهانو ٻڌائيندي پنهنجي دؤر جي هڪ وڏي حاڪم ۽ عظيم انسان جي نالي کان پنهنجي اڻڄاڻائيءَ جو اظهار ڪيو. هڪ طرف هو لاطيني زيارتين کي شڪ ۽ نفرت جي نگاهه سان ڏسي رهيا هيا ته ٻي طرف يونان جي شهنشاهن ترڪن ۽ عرب مسلمانن سان ڳجهه ڳجهاندر ۾ ڪجهه معاهدا طئي ڪري ورتا. اسحاق ائنجيلس شڪايت ڪئي ته عظيم صلاح الدين سان دوستي رکڻ سبب هنکي فرئنڪن جي دشمني پلئ پئي هئي؛ بهرحال قسطنطنيہ ۾ مُحَمَّد ﷺ(20) جن جي مجيندڙن يعني مسلمانن جي عبادت لاءِ هڪ جامع مسجد تعمير ڪئي وئي هئي.

(III) ماڻهن جا جيڪي لشڪر پهرين صليبي جنگ کان پوءِ وري ساڳئي مقصد سان پنڌ پيا هيا، انهن کي اناتوليہ ۾ ڏڪر، وبا ۽ ترڪن جي تيرن سان تباهه ڪيو ويو هيو ۽ جيڪي بچي ويا هيا ته اُهي فقط بادشاهه هيا جن سان ڪجهه فوجي جٿا ٻه گڏ هيا ته جيئن افسوسناڪ زيارت جو شرف حاصل ڪري سگهن. اُنهن جي معلومات ۽ انسانيت لاءِ ايمانداريءَ وارو هڪ اندازو لڳائي سگهجي ٿو: معلومات بابت هونئن ته هنن اڳواڻ ئي جيروسلم ڏانهن ويندي فارس ۽ خراسان کي پنهنجي تابع بنائڻ جو عزم ڪري ڇڏيو هو؛ سندن ۽ انسانيت جو اندازو هن طرح لڳائي سگهجي ٿو ته هنن هڪ دوست ملڪ جي عيسائين جو قتل عام ڪيو هو جيڪي پنهنجي هٿن ۾ تاڙي جي وٽن جا پَن ۽ صليبون کڻي سندن استقبال ڪرڻ ويا هيا. ڪونراڊ ۽ لوئس جون فوجون گهٽ اُهپريون ۽ گهٽ ظالم هيون پر هي صليبي جنگ عيسائي دنيا لاءِ وڏيڪ تباهي واري هئي ۽ يونان جي مينوئل تي سندس ئي رعيت جي ماڻهن الزام

هنيا هيا تہ هن سلطان کي هن موقعي جي معلومات مهيا ڪئي هئي تہ ساڳي وقت دعابازي ڪندي لاطيني بادشاهن جي بہ هُن رهنمائي ڪئي هئي. ساڳئي وقت تي ۽ هر طرف کان هڪ ٻئي حملي ڪرڻ ۽ قومي دشمن کي شڪست ڏيڻ جي بجاءِ، جرمني وارا ٻين ڏانهن واجهائيندا رهيا ۽ فرانس وارا حسد ۽ بغض سبب پنتي رهجي ويا. لوئس ايجا باسفورس کي اُڪاريو ئي مَس هيو تہ هوڏانهن ناڪام شهنشاهہ ڪيس رستي تي مليو جيڪو پنهنجي فوج جي وڏي انگ کي هڪ جنگ ۾ ميندر ندي‌ءَ جي ڪنارن تي مارائي واپس وريو هو. سندس مخالف جي ظاهري شان شوڪت جو تضاد، ڪونراڊ جي تڪڙي پاڇ جو سبب بڻيو هو، ۽ جيڪي خودمختيار ڪِرائي جا فوجي هيا انهن جي چڙي وڃڻ سبب، هو فوجن جي پنهنجي موروثي انگ تي اچي ويو هو جيڪو تمام گهٽ هيو، تنهن ڪري هن ڪجهہ يوناني خادمن ۽ نوڪرن کي پنهنجي فوج ۾ شامل ڪيو تہ جيئن سمنڊ رستي، فلسطين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري سگهن. گذريل تجربي تي غور ڪرڻ ۽ ان مان ڪو سبق سکڻ بدران، فرانس جو بادشاهہ ساڳئي ملڪ ڏانهن ڪاهي ويو ۽ نتيجو بہ ڪيس ساڳيو مليو. مُهڙيون دستو، جنهن وٽ شاهي جهنڊي ڪان سواءِ سينٽ ڊينس(21) جو فرانس جو جهنڊو بہ هٿ ۾ ڪنيل هيو، پنهنجي وڏڻ جي رفتار کي ٻيڻ تي وڏائي چڙيو هو ۽ اُبهرائپ مان وِڪون ڪٽندا اڳتي تي وَڌيا، ۽ پوين دستن کي، جن جي ڪمان ذاتي طور تي بادشاهہ کي سؤنپيل هئي، پر ڪين حيرت ان وقت تي جڏهن شام جي وقت سندن ساٿي نہ مليا، ۽ اُهي شايد مشڪل وقت ۾، سندن ساٿ چڏي ڪيڏانهن هليا ويا هيا. رات جي انڌاري ۽ افراتفري ۾ هو هر طرف کان ترڪن جي هڪ وڏي لشڪر جي گهيري ۾ وکوڙجي ويا ۽ ترڪ، جنگ جي فن ۾ ٻارهين صدي عيسوي جي عيسائين جي مقابلي ۾ وڌيڪ مهارت رکندا هيا. لوئس جيڪو وائڙو ٿيندي بدحواسيءَ ۾ وڃ تي چڙهي ويو هو، پر پنهنجي همت ۽ دشمن جي اڻڄاڻائيءَ جي ڪري بچي ويو هو، ۽ صبح ٿيڻ تائين هو اڪيلي سر پڇندو وڃي پنهنجي مُهڙ واري دستي سان مليو هو، پر زميني رستي سان پنهنجي مهم جاري رکڻ جي بجاءِ، هن پنهنجي دوست ملڪ جي ساموندي بندر ستاليا ۾ پنهنجي فوج جي تبرڪن کي محفوظ ڪرڻ ۾ وڌيڪ آساني ۽ خوشي محسوس ڪئي. اتان هو انتاڪيا ويو پر يونان جي جهازن جي ايتري تہ اٽاٽ هئي جو اُهي فقط اميرن ۽ نوابن کي اُنهن ۾ جڳهہ ڏئي ٿي سگهيا باقي پيادل فوج کي، جن جو تعلق عام ماڻهن سان هيو، پمفيليَن جي ٽڪرين وٽ چڏيو ويو جتي اُهي تباهہ ٿي ويا، شهنشاهہ ۽ بادشاهہ جيروسلم ۾ هڪ ٻئي سان پاڪر پائي مليا ۽ ٻئي گڏجي رُنا، بهرحال سندن بچيل فوجي، جيڪي پڻ ڪافي تعداد ۾ هيا، شام جي عيسائين سان ملي ويا، ۽ دمشق جو فضول گهيرو، ٻي صليبي جنگ جو خاص محوَر هيو. ڪونراڊ ۽ لوئس يورپ لاءِ روانا ٿيا ۽ سندن شهرت خدا ترسي ۽ همت واري هئي، پر مشرق جي ماڻهن، فرئنڪ حاڪمن جو اڳ بہ بهادريءَ سان مقابلو ڪيو هو جن جي نالن توڙي سندن فوجين جا دهمان ۽ دڙڪا اڳ بہ ڪين ملندا رهندا هيا(22). شايد هو ايجا بہ فريڊرڪ پهرئين جي بهادريءَ واري ذهانت کان ٿي ڏنا، جنهن پنهنجي جوانيءَ جي ڏينهن ۾ سندس چاچي ڪونراڊ جي حڪمرانيءَ هيٺ ايشيا ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام

ڏنيون هيون، جرمني ۽ اٽلي جي چالیهن مُهمن يا ڪاهُن باربروسا کي ڪمان ڪرڻ جا ڳُرَ سيکاري ڇڏيا هيا ۽ سندس سپاهي توڙي شهنشاهت جا بادشاهه ۽ سندس حڪمرانيءَ هيٺ هن جي حڪمن کي دل سان مڃيندا ۽ انهن جي تعميل ڪندا هيا. جيئن ئي هن ڪان فلاڊيلفيا ۽ لائوڊيسيا، جيڪي يونان جي سرحد جا آخري شهر هيا، ڏانهن وڃڻ جا رستا وجائجي ويا تہ هو هڪ اهڙي هنڌ تي وجي پهتو جنهن کي ڪارن لُوٽن جي ويران وادي سڏيو ويندو هو، هڪ اهڙو هنڌ، (تاريخدان لکي ٿو) جيڪو سخت پوائتو ۽ تڪليفون ڏيندڙ هيو(23). ويهن ڏينهن دؤران، سندس بيهوش ڪندڙ ۽ مريضن جيان اڳتي وڌڻ جي سفر ۾، ترڪمانن(24) جي وڏن هجومن کيس گهيري ۾ آڻي ڇڏيو ۽ هر شڪست کان پوءِ سندن تعداد ۽ غضب ناڪي اڃا وڌيڪ ٿيندي وئي. شهنشاهه دل نہ هاري ۽ پنهنجي جدوجهد جاري رکي پر کيس نقصان رسندا رهيا ۽ سندس تڪليفن ۽ اذيتن جي ڪيفيت اها هئي جو جڏهن هو آئڪونيَم جي سرحد تي پهتو تہ فقط هڪ هزار سُورما وجي بچيا هيا جيڪي گهوڙن تي چڙهيل هيا. بس هڪ اوچتي ۽ يقيني حملي ۾، هن دربانن ۽ محافظن کي شڪست ڏني، ۽ سلطان(25) جي گاديءَ جي هنڌ تي حملو ڪري ڏنو جنهن نماٿو ٿيندي معافي ورتي ۽ صلح ڪرڻ لاءِ درخواست ڏنائين. هاڻي رستا ڪلي ويا هيا ۽ فريڊرڪ سوپ جي خوشيءَ ۾ تيز رفتاريءَ سان اڳتي وڌيو، پر اُبهرائپ واري خوشي کيس راس نہ آئي ۽ بدقسمتيءَ سان هو سليشيا ندي(26) جي تيز وهڪري جي آوَهہ ۾ اچي ٻڏي ويو. باقي بچيل جرمني جا ماڻهو بيمارين ۾ مري ويا، ٻيا ڪِن ڇڏي هليا ويا ۽ آڪري جي هڪ گهيري ۾ شهنشاهه جو پٽ ۽ ٻيا بيشمار پاڙيٽُو سپاهي مارجي ويا. لاطيني سورمن ۾، بولن جو گادري ۽ فريڊرڪ باربروسا ئي فقط اهڙا هيا جيڪي هيئين ايشيا جي گس ۽ رستن تان گذري ٿي سگهيا، پر ان هوندي بہ سندن ڪاميابي سخت تڪليفن ۽ خطرن کان خالي نہ هئي؛ ۽ صليبي جنگين جي آخري تجربن جي اذيتن ۾، هر قوم زميني مُهم جي خطرن جي پيٽ ۾ ساموندي رستن کي اختيار ڪيو جيڪو وري بہ گهٽ جوکائتو سفر هو(27).

(IV) پهرين صليبي جنگ ۾ جوش جذبا فطري هيا، جڏهن تہ اُميد تازي تواني ۽ خطرا اڃ ڏڻل ۽ اڃ آزمايل هيا، ۽ مُهم، ان وقت جي مذهبي جوش جذبن سان مطابقت رکندڙ هئي. پر يورپ جي لڳاتار ضِد ۽ هوڏ واري روَيي تي اسان کي رحم بہ اچي ٿو تہ ساڳئي وقت سندن تعريف ڪرڻ کان سواءِ بہ رهي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ هنن اهڙن لڳاتار ۽ خطرناڪ تجربن مان بہ ڪو سبق نہ سکيو هو، ۽ حيرت اها آهي تہ ساڳين ناڪامين منجهان، پوئتي هٽڻ بجاءِ هو ساڳئي اعتماد سان اڳتي ٿي وڌيا ۽ سڄا سارا ڇہ نسل بہ ساڳين چوٽين تي چڙهڻ جي ڪوششن ۾، مٿاهيُن تان هيٺ مُنهن پر ٿي ڪريا ۽ هر طبقي جي ماڻهو حڪومتي توڙي ذاتي سطح تي ان مقبري جي چوٽڪاري جي ڪوشش ٿي ڪئي جيڪو سندن ملڪ کان ٻہ هزار ميل پرانهين پنڌ تي هيو. ڪلرمانٽ جي ڪائونسل جي ڳڏجاڻي کان بہ صديون پوءِ، هر بهار ۽ اونهاري جي موسمن ۾ زيارتين، ۽ جنگجُو ماڻهن جي وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿيندي هئي ڇاڪاڻ تہ هو هر لحاظ سان مقدس هنڌ کي حاصل ڪرڻ ۽ ان جي حفاظت ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان جي بازي

لڳائي ڇڏيندا هيا، پر ست وڏيون صليبي جنگيون اوتريون ئي وڏيون مصيبتون ٻڌجي ماڻهن متان وجي ڪڙڪيون هيون؛ قومون ۽ اُنهن جا ماڻهو پنهنجي وڏي پادري جي سڏ تي يا وري پنهنجي بادشاهه جي پٺيان هلي پوندا هيا، سندن مذهبي يا حڪومتي آواز ٻڌڻ شرط سندن جوش جذبا جاڳي ۽ تازا توانا ٿي ويندا هيا پر سندن دليلن يا عقل جي رهبري خاموش ٿي ويندي هئي؛ اهڙن رهبرن ۾ بزرگ برنارڊ(28) جيڪو سندن راهب پڻ هيو، سو ماڻهن ۾ جيترو مقبول هو ته سندس مجتا به اوتري ئي وسيع هئي. جيروسلم جي پهرين فتح کان اٺ سال اڳ هو برگنڊي جي هڪ معزز گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، فقط ويهن ۽ ٽن (ٽيويهن) سالن جي عمر ۾ هن پاڻ کي سائيٽيڪس جي خانقاهه جي حوالي ڪري ڇڏيو جيڪو ان زماني جو هڪ اوائلي ادارو هيو؛ ٻن سالن کان پوءِ هن پنهنجي ٽين ڪالوني، جنهن کي هو پنهنجي ڏيءُ ڪوٽينڈو هو، کي چروئڪس(29) جي وادئ ۾ وڃي آباد ڪيو جيڪا چئمپين جي علائقي ۾ هئي ۽ پنهنجي مرڻ گهڙيءَ تائين هو ان ڳالهه ۾ مطمئن هيو ته هو پنهنجي ڪالونيءَ ۾ پنهنجن ئي ماڻهن جي هڪ ننڍي پادريءَ جي حيثيت ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. فلسفي جي جديد دؤر، ڇڙواڳي ۽ ڪجهه نفرت منجهان اهڙن روحاني سپوتن جي اعزازن ۽ ڪارنامن کي فراموش ڪري ڇڏيو آهي. ان طبقي جا هيناهان ماڻهو به پنهنجي ذهني متيرائيءَ جي ڪري سجاتا وجن ٿا، اُهي پنهنجي مريدن ۽ پوئلڳن کان گهٽا متاهان انسان هيا ۽ وهمن وسوسن جي دؤر ۾ به اُنهن کي اُهو انعام ملي ويو جيڪو هنن لهڻو هو. ڳالهائڻ ۾، پنهنجي تحريرن توڙي عمل ۾ برنارڊ پنهنجن مخالفن توڙي همعصرن جي پيٺ ۾ تمام اُتاهون انسان هيو، سندس تحريرون مزاح جي ذهانت کان خالي نه آهن ۽ اُهي جڏ پنهنجو پاڻ اسان سان ڳالهائن ٿيون ۽ ائين ٿو محسوس ٿئي ته هن وٽ دليل به پختا آهن ته وٽس انسانيت جي دولت به آهي جيڪا سندس بزرگي ۽ سندس اعليٰ ڪردار سان مطابقت رکي ٿي. جيڪڏهن هو لاديني زندگي گذاري ها ته پنهنجي موروثي ملڪيت جي ستين حصي جو حقدار ٻڌجي خوشحاليءَ واري زندگي بسر ڪري ها؛ پر هن دنياوي خوشين کان توبهه تائب ٿيندي غريبي ۽ مسڪينيءَ کي اختيار ڪيو ۽ پنهنجون اکيون هِن ڏيڪ واري ۽ چمڪندڙ دنيا(30) کان بند ڪري ڇڏيون، هر طرح جي ڪليسائي شان شوڪت اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪيائين ۽ چروئڪس جو ننڍو پادري سڄي يورپ لاءِ هڪ محترم رهنما ۽ هڪ سؤ سٺ خانقاهن جو پايو وجهندڙ ٻڌجي ويو. جڏهن ڪنهن مذهبي يا انساني معاملي تي هو ڪنهن کي چئبيندو يا درڪو ڏيندو هو ته بادشاهه توڙي وڏا پادري پڻ ڪانئس ڊجڻ ۽ ڪنبڻ لڳندا هيا جڏهن به ڪليسائن ۾ اختلاف ٿيندا هيا ته فرانس، انگلينڊ ۽ ملن جي ڪليسائن جا رهنما ساڻس مشورو ڪندا هيا ۽ هو جيڪو به فيصلو صادر ڪندو هو ته اُهو ڪين مڃڻو پوندو هو؛ سندس خدمتن ۽ احسانن جو قرض، بهرحال 'معصوم نمبر ٻي' ۽ سندس جانشين 'يوجينئيس ٽئين' اڃي لاٿو ۽ اهي ٻئي بزرگ برنارڊ جا دوست ۽ پوئلڳ هيا. اهو موقعو ٻي صليبي جنگ جو هو جڏهن هن پاڻ کي الله جو پيغمبر ظاهر ڪيو ۽ هن قومن کي پنهنجو آواز

پهچايو ته هو اڳتي وڌن ۽ مقدس مقبري جي حفاظت ڪن(31). ويزلي جي اسيمبلي ۾ هن بادشاهه لوئس ستين جي سامهون بيهي ڳالهايو، ساٿس گڏ ٻيا معزز ماڻهو پڻ هيا ۽ هن پنهنجي هٿن سان صليبي نشان منجهن ورهايا. ڪليروئڪس جو پادري تڏهن شهنشاهه ڪونراڊ جي هڪ آسان سوپ حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو؛ جاهل ۽ ٽُلهي دماغ جا ماڻهو، جيڪي سندس ٻولي نه سمجهندا هيا، سندس رمزواري انداز ۽ اشارن سان پاڻهي اڳتي وڌندا رهيا ۽ ڪانسٽنس کان ڪولون تائين هو هر جڳهه تي سوياروَ رهيو ۽ سندس تقريرن ماڻهن ۾ جوش جذبا جاڳائي چڏيا. جڏهن يورپ ۾ ماڻهن جي آبادي گهٽجي رهي هئي تڏهن برنارڊ پنهنجي ڪاميابين جي پاڻ تعريف ڪئي آهي ۽ واضح ڪري ٻڌايو آهي ته ڪيئن نه اُتان جا رهواسي شهرن ۽ قلعن کي خالي ڪندا ٿي رهيا ۽ حساب لڳائي ٻڌائي ٿو ته سَٽن ٻيواهن کي سهاري ۽ تسلي ڏيڻ لاءِ پوئتي فقط هڪڙو ماڻهو وڃي بچيو هو(32). مذهبي جنونين جي اها خواهش هئي ته ڪيس فوج جو جنرل مقرر ڪيو وڃي پر راهب پيٽر جو مثال هن جي سامهون هيو، تنهن ڪري هن صليبي لشڪرن کي پنهنجي روحاني مدد جو ته يقين ضرور ڏياريو پر دوراندیشي ڪندي فوجي عهدي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيائين چو ته هن جاتو ٿي ته جنگ ۾ ناڪامي توڙي فتح، هن جي ڪردار لاءِ ٻئي ٻي عزتي جو باعث هيون(33). ان جي باوجود، تڪليفن جي هن موقعي کان پوءِ ڪليروئڪس جي پادريءَ تي هڪ ڪوڙي ۽ مصنوعي پيغمبر هئڻ جا الزام لڳا، ۽ اهو به چيو ويو ته هو ماڻهن کي روئارڻ يا روئڻ ٻڌڻ تي آماده ڪندو هو، سندس دشمنن خوشيون ملهايون ۽ سندس دوست شرمسار ٿيا، ۽ هن پنهنجي بچاءَ ۾ جيڪي دليل ڏنا اُهي اطمينان بخش نه هيا. هو پادري جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪرڻ کي جائز ٿو سمجهي، ۽ خدا تعاليٰ جي رازن ۽ رمزن بابت تفصيل سان ڳالهائي ٿو، زيارتين تي الزام ٿو مڙهي ته جيڪي مصيبتون متن اچي ڪڙڪيون هيون ته اُهي سندن ئي گناهن جو نتيجو هيون، ۽ حيادار طريقي سان ٻڌائي ٿو ته سندس مقصد ۽ ارادن کي ڪن خاص نشانين ۽ ڪرشمن جي منظوري ملي چڪي هئي(34). جيڪڏهن اهي حقيقتون يقيني هجن ها، ته فيصلي ڪرڻ ۾ دير نه ٿئي ها، ۽ سندس وفادار مُريد جيڪي سندس ويهن ڪان ٽيهه معجزا روزانو ڪٿائيندا هيا، اُنهن فرانس ۽ جرمني جي اسيمبلين کي معجزن جي تصديق جي گذارش ڪئي چو ته اُهي اُتي ئي ٿيندا هيا(35). بهرحال هاڻي اهڙن معجزن يا ڪرشمن کي، ڪليروئڪس جي حدن کان سواءِ ٻيو ڪو به نه ميڙيندو هو، باقي غير فطري ڳالهين ۾ عقيدو جيئن انڊن کي ديد عطا ڪرڻ ۽ مَندا ٿُنڊا يا بيمار ان وقت خوش ٿي ويندا هيا جڏهن ڪين الله جي بزرگ ڏاڻهن آندو ويندو هو ته اسان جي لاءِ اها ڳالهه يقيني نه آهي ته اُهي ماڻهو حادثاتي طور، تصور ۾ دغابازي يا فريب سان نيڪ ٿي ويندا هيا، جو اسان تائين فقط اهي افسانا پهتا آهن جن جو حقيقت سان ڪو به واسطو هرگز ڪونهي.

الله تعاليٰ جيڪو هر شئي تي قادر آهي، اُهو به پنهنجن بندن جي شڪايتن کان بچي نٿو سگهي، چاڪاڻ ته جنهن صورتحال کي يورپ ۾ چوٽڪاري جو نالو ڏنو ويو، ان ساڳي ڪيفيت تي نه

رڳو افسوس جو اظهار ڪيو ويو بلڪ ان تي الزام مڙهيو ويو ته ان ايشيا ۾ مصيبتن کي جنم ڏنو هو. جيروسلم جي نقصان کان پوءِ، شام جي پاڇوڪڙن هر طرف تاکوڙو وجهندي غم ۽ ڏک جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هو: بغداد ماتر تي ڪيو، ۽ دمشق جي قاضي زين العابدين خليفي جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي ڏاڙهيءَ کي ٽي پٽيو ۽ سڄي مجلس، دردن پريئي داستان تي ڳوڙها پئي ڳاڙيا(36). پر مسلمانن جا حاڪم يا خليفا فقط چپ چاپ ۾ روئي ٿي سگهيا ڇاڪاڻ ته اُهي خود ترڪن وٽ جڙ قيدي هيا، بهرحال عباسين جي آخري دؤر ۾ ڪين ڪجهه اختيار مليا هيا، پر سندن نماڻائي وارو مقصد اهو هو ته سندن حڪومت جو دائرو بغداد ۽ اوسي پاسي جي علائقن تائين محدود رهي. سندن آمرن يعني سلجوق سلطانن، ايشيا جي حڪمران گهراڻن جي قانونن جي پوئواري ٿي ڪئي، جرئت، عظمت، نااتفاقي، اخلاقي قدرن جو بگڙڻ ۽ زوال پذيري جا ڪَڏيل سڏيل اهجاڻ منجهن موجود هيا ۽ فارس جهڙي دور دراز بادشاهت ۾، عيسائي، سنگيار جي نالي ۽ سندس فوجن کان ناآشنا هيا، جيڪو پنهنجي قبيلي جو آخري سورمو هيو(37). هڪ طرف سلطان پنهنجي حرم جي ريشمي ۽ بخملي لباس جي ڇار ۾ وکوڙيل هيا، ته ٻي طرف سندن غلامن يعني عطابيڪن(38) کي مقدس ڪر سؤنپيا ويا هيا، هي ترڪي زبان جو هڪ خطاب يا نالو هو جنهن جو، بازنطيني بزرگن وانگر، بادشاهه جو پيءُ ترجمو ڪندو هو. عسڪنسر هڪ بهادر ترڪ هيو جيڪو مالڪ شاهه کي پيارو ۽ ان جي ويجهو هوندو هو جنهن کان ڪيس 'تخت جي ساڃي پاسي بينل' جو خطاب مليو هو، پر بادشاهه جي مرڻ کان پوءِ جيڪي خانه جنگيون لڳيون. هن حلب جي حڪومت سان گڏ پاڻ کي به ختم ڪرائي ڇڏيو. سندس گهريلو اميرن، سندس پٽ زنگي سان ويجهن رابطن رکڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن پاڻ کي فرئنڪن خلاف لائق ۽ اهل ثابت ڪيو ۽ انڪاڪيا ۾ ڪين شڪست ڏنائين؛ خليفي ۽ سلطان جي خدمت ڪندي هن ٽيهن جنگي مهمن ۾ حصو ورتو ۽ پنهنجي فوجي مهارت ۽ شهرت کي قائم ڪيائين، ان کان پوءِ ڪيس موصل جي ڪمان ڏني وئي جو ته هاڻي فقط هو اڪيلائي جوڏو هو جيڪو پنهنجي پيغمبر ﷺ جي پيغام کي اڳتي وڌائي ۽ دشمنن کان انتقام وٺي ٿي سگهيو. عام ماڻهو به ڪانڊس نااُميد نه ٿيا هيا، پنجويهن ڏينهن جي گهيري قائم ڪرڻ کان پوءِ، هن ايديسا شهر تي حملو ڪيو ۽ فرات تائين پنهنجا سيئي علائقا فرئنڪن کان واپس ورتائين جيڪي هنن جنگين ۾ اڳ فتح ڪيا هيا؛ ڪُردستان جي جنگجُو قبيلن کي موصل ۽ حلب جي خودمختيار حاڪم پنهنجي حڪمن جي تابع ڪري ڇڏيو؛ هن پنهنجي سپاهين کي هڪ سبق سيکاري ڇڏيو هو ته پنهنجي فوجي ڪئمپ کي ئي پنهنجو وطن سمجهندا ڪن، هو به سندس فياضيءَ کي چگيءَ طرح سمجهي ويا هيا ڇو ته سندن ڪارنامن تي ڪين انعام اڪرام ملندا رهندا هيا ۽ سندن ڪٽنب جيڪي پري وارن علائقن ۾ رهندا هيا اُنهن کي به زنگيءَ جي سدا ڇؤڪس رهڻ جي ڪري دشمنن کان محفوظ بنايو ويو هيو. اهڙن مجاهدن جي فوج جي ڪمان ڪندي سندس پٽ نورالدين زنگي سيني مسلمانن کي آخرڪار متحد ڪيو ۽ دمشق جي بادشاهت کي به حلب سان ملائي ڇڏيائين ۽ شام جي عيسائين خلاف هڪ ڊگهي ۽ ڪامياب جنگ جي شروعات ڪري ڇڏيائين، هن پنهنجي حڪمرانيءَ جي حدن کي دجلہ کان نيل تائين وڌائي ڇڏيو ۽ عباسي خليفن پنهنجي وفادار ۽ بهادر سُورمي کي سيئي وڏا ۽ شاهي خطاب عطا ڪري ڇڏيا. لاطيني حڪمران پٽ مجبور ٿي پيا ته اُهي پٽ سندن سخت مخالف جي ڏاهپ، بهادري، انصاف ۽ خدا ترسيءَ جي مثالن کي پاڻ وٽ به قائم ڪن(40). سندس زندگي توڙي حڪومت ۾ هن بهادر ۽ عظيم

مجاهد پهرين خليفن جي سادگي ۽ مذهبي جوش جذبي کي پيهر زنده ڪري ڇڏيو هو، سندس محل ۾ سونَ ۽ ريشم جي استعمال تي پابندي لڳائي وئي هئي، ته ساڳي وقت شراب نوشي کي به سندس حڪومت جي حدن ۾ ختم ڪيو ويو هو؛ حڪومت جو ناڻو فقط عام ماڻهن جي پلائيءَ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳو ۽ نورالدين زنگي جو پنهنجو سادگي ۽ ڪفايت شعاري وارو گهر بار، جنگين مان ايندڙ مالِ غنيمت جي ٿورڙي حصي مان هلڻ لڳو، جنهن مان هن ڪجهه ذاتي ملڪيت ناهي هئي، سندس پياري زال سلطانہ هڪ موقعي تي ڪنهن قيمتي تحفي وٹي ڏيڻ جو ساڻس اَنگل ڪيو. بادشاهہ ڪيس جواب ڏنو: 'افسوس! تنهنجو مطالبو پورو نٿو ڪري سگهان جو آءٌ رب العزت کان ڏاڍو ڊجان ٿو، ٻيو ته آءٌ مسلمانن جي خزاني جو خزانچي يا رکوالو آهيان. انهي دولت مان ڪجهہ به خرچ نٿو ڪري سگهان جو اها سندس امانت آهي، پر تڏهن به حمص جي شهر ۾ منهنجا پنهنجا ٽي ڏُکان آهن، تون اهي پلي وڻ، ۽ اهائي منهنجي ڪل مُوڙي آهي جيڪا توکي ڏئي سگهان ٿو.' سندس انصاف جو ايوان، وڏن ماڻهن لاءِ خوف ۽ ڏهڪاءَ جي علامت جڏهن ته غريبن ۽ مسڪينن لاءِ پناهہ وڻڻ جو ديرو هوندو هو. سلطان جي مرڻ کان ڪجهہ سال پوءِ، رعيت جي هڪ مظلوم ماڻهو دمشق جي گهٽين ۾ رڙيون ڪندي ٽي پڪاريو: 'اي نورالدين! نورالدين تون ڪٿي آهين؟ اُٿي، جلدي اُٿي اچ، اسان جي مٿان رحم جي چانوَ ٻڌجي اچ ۽ اسان کي ظلمن کان اچي بچاءِ.' اوچتو هڪ بغاوت جو امڪان پيدا ٿي پيو ۽ هڪ زنده آمر، گذري ويل سورمي جو نالو ٻڌندي ئي ڪنڀڻ لڳو هو.

ترڪن ۽ فرئنڪن جي سوين سبب، فاطمين کان شام جي بادشاهت کسجي چڪي هئي. مصر ۾ سندن ڪردار توڙي اثر کي اڃا به ضروري سمجهيو ٿي ويو. کين ايڏا تائين اسلام جي پيغمبر ﷺ جو جائز جانشين ۽ پوئلڳ سمجهيو ويندو هو؛ هنن پنهنجي حڪومت مصر ۾ قائم ڪئي هئي ۽ ماڻهو کين احترام جي نظر سان ڏسندا هيا ۽ سندن رعيت جي ماڻهن توڙي ڌارين کين ڪڏهن به بُرين نظرين سان نہ ڏٺو هو. لاطيني سفيرن(41)، پنهنجي تعارف ۾، جيڪو منصور صفحن ۾ موجود آهي، هنن جي چمڪندڙ ايوانن ۽ چپرائن جو ذڪر ڪيو آهي جتي پڪين جي لاٽين لنوَڻ ۽ قوهارن جا سُريلا آواز ٻڌبا هيا، اُتي عاليشان فرنيچر پيل هوندو هو ۽ پالیل جانور به هوندا هيا؛ سفيرن شاهي خزانن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي جتي گهٽو ڪجهہ ته نمايان هوندو هو ۽ جيڪو ڪجهہ نظر نہ ايندو هو ان لاءِ اندازو لڳايو ويندو هو ۽ ڪُلندڙ دروازن جو هڪ ڊگهو سلسلو هوندو هو جن جي حفاظت شيدي سپاهي ۽ گهريلو ڪڙا ڪندا هيا، خاص ديوان جي جڳهہ کي پردن سان ڍڪيو ويو هو ۽ جيڪي وزير، سفيرن کي اندر وٺي ويندا هيا، اُهي پهريون پنهنجا هٿيار هڪ طرف رکندا هيا، ۽ زمين تي ٽي دفعا سجدو ڪندا هيا، پوءِ پردو هٽندو هو ۽ سفير اميرالمؤمنين کي ڏسي سگهندا هيا جيڪو پنهنجي خوشيءَ جو اظهار، تخت جي پهرئين غلام سان ڪندو هو. پر هي غلام سندس مالڪ هوندو هو، وزيرن ۽ سلطانن مصر جي مٿاهين انتظام تي قبضو ڪري ڇڏيو هو؛ جيڪڏهن ڪو مخالف ڪنهن به شيءِ جو دعويدار ٿيندو هو ته فقط جنگ ئي پنهي ڌرين جو فيصلو ڪري سگهندي هئي ۽ جيڪو سيني ۾ وڌيڪ اهليت ۽ طاقت وارو هوندو هو، ان کي ئي شاهي ڪمان ڪرڻ جو اهل سمجهيو ويندو هو. دَرغم ۽ شاهہ ور جي قبيلن، واري واري سان هڪ ٻئي کي گاديءَ جي هٿ ۽ ملڪ مان ٽڙي ڪيو هو ۽ ڪمزور ڌر دمشق جي سلطان يا جيروسلم جي بادشاهہ کي پنهنجي حفاظت ڪرڻ لاءِ عرض پيش ڪيو هو جيڪو هڪ خطرناڪ ڪم هو ڇاڪاڻ ته ٻئي، فاطمي بادشاهت ۽ سندن فرقي جا دائمي دشمن هيا.

هٿيارن توڙي مذهبي لحاظ سان ترڪ وڌيڪ طاقتور ۽ مضبوط هيا، پر فرئنڪ غازا کان نيل تائين آساني ۽ سان اچڻ وڌندا ويا جڏهن ته نورالدين زنگي جي فوجن جي وچ واري صورتحال کين عربستان جي هڪ ٻئي طرف مُڙڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جيڪو هڪ ڏڪهو ۽ جوکائتو گس هيو جنهنڪري سندن فوج اڃ، ٿڪ ۽ بيابان جي لُوسائيندڙ هوائن جو شڪار ٿي وئي جنهن ۾ سڀ بيحال بڻجي ويا، ترڪ بادشاهه ڪجهه ڪجهاندر ۾ عباسين جي نالي ۾ مصر تي حڪومت ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر کين ويندي ڪندڙ شاهه ور قبيلي جا ماڻهو ئي حقيقت ۾ پهرين مُهم جو ظاهري سبب هيا، ۽ هاڻي فتح ڪرڻ جا فرض امير شيراڪوهه کي سؤنپيا ويا جيڪو هڪ بي ڊپو ۽ بهادر جرنيل هيو. درغم کي تڪليفون پهچائي کيس قتل ڪيو ويو، پر سندس خوش قسمت مخالف طرفان احسان فراموشي ۽ حسد جي روَين، کيس هڪدم ڇڙ ڏياري ڇڏي ۽ هن جيروسلم جي بادشاهه کي دعوت ڏني ته هو مصر کي، سندس بي ادب ۽ گستاخ محسنن کان آجو ۽ آزاد ڪري ڇڏي، شيراڪوهه جا فوجي، هن اتحاد سان برابري نٽي ڪري سگهيا، تنهنڪري هن اڻ ٽيٽي سوپ جي پچر ئي ڇڏي ڏني. ۽ کيس سلامتيءَ سان واپس وڃڻ فقط ان شرط تي ڏنو ويو ته هو بيلبِس يا پيلوسيم کي جلد خالي ڪندو. جيئن ترڪ دشمن جي اڳيان قطار ڪيون بينا هيا، ۽ سندن جنرل پنڌين صف کي بند ڪري ڇڏيو هو، ته هڪڙو فرئنڪ جنهن جي هٿ ۾ هڪ جنگي ڪهاڙي هئي ۽ هر طرح چؤڪس نظرن سان ٽي ڏنائين، امير کان ڳالهين ڳالهين ۾ پڇيائين: 'ڇا توهان کي حملي جو خوف خطرو محسوس نٿو ٿئي؟' 'ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته حملو ڪرڻ اوهان جي اختيار ۾ آهي.' بهادر امير وراڻيو: 'پر اها پڪ جاڻجو ته منهنجن سپاهين مان تستائين هڪڙو به بهشت ۾ نه ويندو جيستائين هن ڪنهن هڪڙي به ڪافر يا ملحد کي دوزخ ۾ روانو نه ڪيو آهي'. هن زمين جي آبادي ۽ ماڻهن جي خوشحاليءَ جا احوال ڏنا، ته ساڳي وقت مقامي ماڻهن جي ڪمزورين ۽ حڪومت ۾ آيل انتظامي ڦوٽ ۽ نااهليءَ جو ذڪر به ڪيو جنهن ڪري نورالدين جي اندر ۾ وري اُميد جو ڏيئو ٻري پيو؛ بغداد جي خليفي سندس بهترين تجويزن ۽ مشورن تي کيس داد ڏنو ۽ شيراڪوهه ٻيهر مصر ۾ پهچي ويو، هن دفعي ٻارهن هزار ترڪ ۽ يارهن هزار عرب ساٿس گڏ هيا، تنهن هوندي به سندس فوجون، فرئنڪن ۽ عرب مسلمانن جي گڏيل فوجن کان، جنگي مهارت ۽ تجربي ۾، گهٽ هيون. آڻ اندر جي اکين سان ڏسي رهيو آهيان ته هو نيل ندي کي کيڏي نه فوجي مهارت سان اُڪاري ٿو، ۽ سندس ٽيبائس ۾ واپسي ۽ بابَين جي جنگ ۾ سندس ڪمال جي ڦڙتي، سِڪندريا ۾ اوچتو ظاهر ٿيڻ ۽ مصر جي وادي ۾ سندس پيش قدمين تي پيش قدميون جيڪي خط استوا کان وٺي سمنڊ تائين جاري رهيون هيون، ڪافي اطمينان بخش هيون. سندس روَيي ۽ خوش اخلاقيءَ کان سندس فوجي به خوش هيا ۽ هڪ معرڪي جي موقعي تي هڪ مملوڪ(42) ڇڙ مان اعلان ڪيو هو: 'جيڪڏهن اسان عيسائي ڪُتن کان مصر جو قبضو نٽا ڇڏائي سگهون ته پوءِ اسان کي سلطان طرفان عطا ڪيل سيئي اعزاز ۽ انعام واپس ڪرڻ گهرجن، ۽ اسان جي لاءِ پوءِ بهتر اهو آهي ته فوجي خدمتن کي ڇڏي ڪنهن هاريءَ سان وڃي ڪُڙمت جو ڪم ڪريون يا حرم جي عورتن سان ويهي سُٽ ڪتيون.' تنهن هوندي به جنگي ميدان تي(43) سندس ڪوششن جي باوجود ۽ سندس پائيٽي صلاح الدين طرفان سڪندريا(44) جي ڏکين حالتن ۾ حفاظت ڪرڻ سان شيراڪوهه پنهنجو ٻيو معرڪو خوش اسلوبيءَ سان طئي ڪري ڇڏيو ۽ هاڻي نورالدين زنگي پنهنجي قابليت ۽ صلاحيتن کي هڪ نئين ۽ وڌيڪ سازگار موقعي لاءِ وقف ڪري

ڇڏيو. اهو موقعو جلدئي اچي ويو جڏهن جيروسلم جي بادشاهه اَملرڪ يا ائميوئري(*)، جنهن هڪ زهريلو محاورو ناهي ڇڏيو هو ته الله جي دشمنن سان مذهبي رشتا ۽ ناتا هرگز نه رکجن، خود شروعات ڪئي. هڪ مذهبي سورمي ۽ اسپتال جي پيشي جي ماهر ڪيس اڳتي وڌڻ لاءِ همٿايو، قسطنطنيه جي شهنشاهه هڪ بحري بيڙي ڏيڻ جو واعدو ڪيو ته اُهو شام جي فوجن جي مدد ڪري ۽ ڏوڪيباز عيسائي، جيڪو ڦرلٺ جي مال ۽ مليل مدد کان مطمئن نه هيو، مصر جي فتح جا خواب ڏسڻ لڳو. اهڙين هنگامي حالتن ۾ مسلمانن دمشق جي سلطان ڏانهن مدد لاءِ واجهايو؛ وزير، جنهن کي خطرن هر طرف کان وکوڙي ڇڏيو هو، سندن گڏيل خواهش اڳيان جهُڪيو، ۽ نورالدين هڪ مناسب آڇ کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو جنهن ۾ ڪيس سڄي بادشاهت جي دولت جو ٽيون حصو ملي ويو. فرئنڪ اڳيئي مصر جي حدن تائين پهچي چڪا هيا، پر سندن آمد تي اوسي پاسي وارن علائقن ۽ پراٿي شهر کي باهه ڏئي ساڙيو ويو، مڪاريءَ جي ڳالهين ذريعي کين ڏوڪو ڏنو ويو ۽ هنن جا جهاز ان قابل هيائي ڪونه ته اُهي نيل ندي جي وهڪرن جو مقابلو ڪري پار پهچي وجن. هنن دوراندیشيءَ کان ڪم ونندي، هڪ دشمن ملڪ ۾، ترڪن سان مقابلي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو؛ ۽ ائميوئري، شرمساري ۽ قِٽ لعنت جا انبار پنهنجي سِر تي کڻي فلسطين ۾ گوشه نشيني اختيار ڪئي ۽ هڪ ناڪام ناانصافي جو انجام اهڙوئي ٽيندو آهي. هن ڪاميابي ۽ ڪامرانيءَ کان پوءِ شيراڪوهه کي عزت ۽ وقار جو لباس پهرايو ويو، جنهن کي هن جلدئي شاهه ور کي قتل ڪرڻ سان داغدار ڪري ڇڏيو. ڪجهه وقت لاءِ ترڪي جي اميرن فضيلت ۽ نهنائيءَ جو مظاهرو ڪندي وزير جو عهدو پاڻ وٺ رکيو پر هن ڏورانهين علائقي جي فتح خود فاطمين جي زوال جو سبب بڻجي وئي ۽ فقط هڪ پيغام ۽ هڪ لفظ ذريعي اهڙي تبديليءَ کي حاصل ڪيو ويو جنهن ۾ انساني رت جو هڪ ڦڙو به ضايع نه ٿيو. خليفن پنهنجين ڪمزورين ۽ وزيرن جي آمراٿي رويي سبب پنهنجي پاڻ کي بيعزتو ڪري ڇڏيو هو ۽ سندن رعيت جا ماڻهو به ان وقت شرمسار ٿيا جڏهن هن مغرور لاطيني سفيرن اڳيان پنهنجو خالي هٿ اڳتي وڌايو، هُو نه رڳو اسلام جي پيغمبر جو جانشين هو پر سندن اولاد مان پڻ هيو؛ رعيت جا ماڻهو ان وقت زارو قطار رُنا جڏهن هن پنهنجن حرم جي عورتن جا وار، جيڪي ڏک ۽ خوف جي علامت هيا، دمشق جي سلطان ڏي موڪلي ڏنا ته من هو عورتن جي وارن کي ڏسي متن رحم ڪري. نورالدين جي حڪم سان ۽ ڊاڪٽرن جي فيصلي موجب(†)، حضرت ابوبڪرؓ، حضرت عمرؓ ۽ حضرت عثمانؓ جي پاڪ نالن کي مسجدن جي خطبن ۾ ٻيهر شامل ڪيو ويو؛ بغداد جي خليفي مستحدي کي پڻ خطبن ۾ شامل ڪيو ويو ته هو جائز اميرالمؤمنين هو ۽ حضرت عليؓ جي پُٽن جي سائي لباس کي عباسين ڪاري لباس ۾ تبديل ڪري ڇڏيو؛ سندس قبيلي جو آخري فرد خليفو العاضد فقط ڏهن ڏينهن تائين هيو ڇو ته هو پنهنجي آخري انجام کان بيخبر ٿي گذاري ويو، هن ايترا مال خزانا پٺتي ڇڏيا جو سندس سپاهي کين ڏسي خوش ٿي ويا ۽ جنهن سبب مذهبي مُلن جي لالچ واري پُڻ پُڻ به ختم ٿي وئي ۽ جيڪي به انقلاب پوءِ برپا ٿيا، ته اُنهن ۾ مصر ڪڏهن به مسلمانن جي بنياد پرستيءَ کان پري نه هٽيو آهي(45).

دجلہ کان اڳتي سڄو ملڪ پهاڙي ۽ پٿريلو آهي جتي اڪثر ڪري ڪُرد قبيلن(46) جا مال چاريندڙ ماڻهو آباد آهن، جيڪي سخت جان، جاننا ۽ وحشي، ڪنهن به غلاميءَ کان بيزار ۽ بيصبرا، ڦرلٺ سندن ڏنڏو ۽ پنهنجن ئي قومي اڳواڻن سان به سخت ڏوڪي سان پيش ايندا آهن. سندن نالن،

حالتن ۽ طور طريقن ۾، کين يونان(47) جي کاردوشينس سان پيٽي سگهجي ٿو ۽ اُهي ايا تائين عثمانيه حڪمرانن خلاف پنهنجي قديمي آزاديءَ جي روايتن جو ائين دفاع ڪندا اچن ٿا جيئن هنن سائرس(✝) جي جانشين خلاف ڪيو هو، غربت ۽ خواهش کين مجبور ڪيو هو ته هو پاڙيٽُو فوجين جي حيثيت سان پنهنجي پيشي کي اختيار ڪن، هن جي والد ۽ چاچي جي خدمتن عظيم صلاح الدين(48) کي حڪمرانيءَ جي منزل تائين پهچايو، هو ايوب جو پٽ هو جيڪو هڪ سادگي پسند ڪرد هو، هو پنهنجي حسب نسب تي ڪشاده دليءَ سان مُرڪيو چاڪاڻ ته هن جو سلسلو عربستان جي خليفن سان ٿي وڃي مليو(49). نورالدين پنهنجي سلطنت جي ايندڙ تباهيءَ کان ايترو ته اڻڄاڻ هو جو هُن نوجوان صلاح الدين کي هن جي مرضيءَ جي خلاف، پنهنجي چاچي شيراڪوهه سان گڏ مصر موڪلي ڇڏيو، سندس فوجي ساکَ ۽ ديدبو سڪندريه جي دفاع ڪرڻ وقت قائم ٿي چڪو هو ۽ جيڪڏهن اسان لاطينين جي ڳالهه تي اعتبار ڪريون ته هن ڪوششون ڪري هڪ عيسائي جنرل کان پنهنجي لاءِ سورمي(50) جو خطاب حاصل ڪيو هو. شيراڪوهه جي موت تي، صلاح الدين کي وڏي وزير جو رتبو عطا ڪيو ويو توڙي جو هو عمر ۾ سڀني کان ننڍو ۽ امير ۾ سڀني کان گهٽ طاقتور هيو، پر پنهنجي پيءُ جي مشوري تي، جنهن کي هن دعوت ڏئي قاهره گهرايو هو، هو اڳتي وڌندو رهيو ۽ هن جي ذهانت ايتري ته ڪمال جي هئي جو هو پنهنجن سڀني هڪ جيڏن کان گهٽو مٿيرو ٿي ويو ۽ فوج جي لاءِ به هڪ مثالي ماڻهو بنجي ويو، جيستائين نورالدين زندهه رهيو ته ڪرد سندس ادنيٰ غلام جي حيثيت ۾ رهيا ۽ عام ماڻهن جي اجائي پُڻ پُڻ ۽ شڪايتن کي ايوب جي دوراندیشيءَ خاموش ڪري ڇڏيو هو ۽ هن وڏي واڪي اعلان ڪيو ته 'جيڪڏهن سلطان حڪم ڪندو ته هو پنهنجي پٽ کي زنجيرن ۾ جڪڙي سندس پيرن ۾ وڃي پيش ڪندو.' 'اهڙي بولي'، هن پنهنجي منهن چيو، 'دوراندیشي واري ۽ نهايت مناسب فقط مخالفن جي مجلس ۾ هوندي آهي پر هاڻي اسان کي ڪنهن جو به خوف خطرو ڪونهي ۽ نه ڪنهن جي فرمانبرداري ڪرڻي آهي ۽ نورالدين جا ڏڪا داب هاڻي ڪمند جي فصل جو ڏنڊ نه پرائي سگهندا. هن جي وقتائتي موت، کين ڪجهه اختلافي جهيڙن کان بچائي ڇڏيو، سندس پٽ کي جيڪو ان وقت يارهن سالن جو ٻار هيو، عارضي طور دمشق جي امير جي حفاظت ۾ رهايو ويو، ۽ مصر جي نئين امير کي خليفي طرفان هر طرف جا انعام اڪرام(51) ڏئي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو پر اهڙيءَ طرح جيئن ماڻهن جي نظرن ۾ سندس قبضي کي جائز سمجهيو وڃي. صلاح الدين به مصر کي پاڻ وٽ ڏڪهو عرصو رکڻ جي حق ۾ نه هو، هن جيروسلم جي عيسائين کي هر ڳالهه کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ دمشق، حلب ۽ ديارٻيڪر جي عطابيڪن ۽ مڪي ۽ مديني جي ماڻهن سندس حاڪميت ۽ حفاظت کي تسليم ڪيو، سندس پاءُ يمن جي دور دراز خطي کي جنهن کي 'شادباد عربستان' چيو ويندو هو، پنهنجي تابع بنايو؛ سندس موت جي وقت تي سندس شهنشاهت هڪ طرف آفريڪا ۾ طرابلس کان دجلہ ندي، ته ٻي طرف هندي سمنڊ کان وڃي آرمينيا تائين ڦهليل هئي. سندس ڪردار جي جائزي وٺڻ سان معلوم ٿيندو ته غداري ۽ احسان فراموشي جا الزام شايد مٿس لڳا هيا ۽ قانون ۽ وفاداري جي تجربن موجب اهڙين وصفن بابت گهٽو تاڪيد ڪيو ويو آهي، پر سندس اُمنگن کي ڪنهن حد تائين درگذر ڪري سگهجي ٿو ڇو ته ايشيا(52) ۾ وڏا انقلاب برپا ٿي چڪا هيا جن جي ڪري جائز جانشيني جي هر تصور کي ختم ڪيو ويو هيو جنهن جو تازو مثال خود عطابيڪن ۾ موجود هو. هو پنهنجي محسن جي پٽ جو احترام

ڪندو هو، ۽ پنهنجن مائٽن يا سندس مددگار شاخن ۾ ڪم ڪندڙن سان سندس رويو انسانيت ۽ رحمدليءَ وارو هوندو هو توڙي جو هو نااهل هوندا هيا پر صلاح الدين اهليت رکڻ جي باوجود به مٿن مهربان هوندو هو ۽ خليفي جي اجازت سان هو جائز طاقت ۽ اختيارن جو مڪمل سرچشمو هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هو ماڻهن جي خواهشن ۽ سندن دلچسپين جو تمام گهڻو خيال رکندو هو جيڪو هر حڪومت جو سڀ کان اهم ۽ پهريون مقصد هوندو آهي ته عوام مجموعي طور خوش رهي. پنهنجي ذاتي توڙي سندس محسن جي اخلاق ۽ ڪردار ۾ ائين لڳندو هو ته ٻئي سورما به هيا ته نيڪ بزرگ به هيا ڇو ته نورالدين ۽ صلاح الدين کي ماڻهو ولي الله ڪري مڃيندا هيا ۽ جيڪڏهن مقدس جنگين جو غور سان جائزو ونبو ته لڳندو ته انهن جو سندن زندگين تي وڏو اثر پيو هو، البت ذڪر ڪيل پوئين شخصيت جي لاءِ چيو ٿو وڃي ته هو شراب پيئندو هو ۽ عورتن جو شوق رکندڙ هو پر پوءِ جلدئي هن دنياوي خوشين ۽ لذتن کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو ڇاڪاڻ ته سندس خواهش هئي ته حڪومت ڪيس ملي پر اهڙي جنهن ۾ سندس شهرت ۽ نيڪ نامي برقرار رهي. صلاح الدين ڪُهري لباس مان نهيل لباس پائيندو هو ۽ پاڻيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه پيئندو هو ۽ پرهيزگاريءَ ۾ هو پنهنجي پياري پيغمبرﷺ جي پرپور پيروي ڪندو هو. عقيدي توڙي عمل جي لحاظ سان هو هڪ پڪو مسلمان هو، هو ان ڳالهه تي افسوس جو اظهار ڪندو رهندو هو ته دين جي خدمت ڪندي ڪيس ايتري مهلت به نه ملي سگهي هئي ته مڪي پاڪ وڃي حج جي سعادت حاصل ڪري سگهي؛ بهرحال هو باقاعدگي سان پنج وقت نماز باجماعت ادا ڪندو هو، جيڪڏهن ڪو روزو رکڻ کانئس رهجي ويندو هو ته ان کي قضا ڪري رکندو هو ۽ گهوڙي تي سواري ڪري به هو قرآن جي تلاوت تيستائين ضرور ڪندو هو جيستائين فوجون هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٽين، هي مثال سندس عبادت گذاري ۽ پرهيزگاري جو وڏي ۾ وڏو ثبوت هوندو هو(54). هو مسلمانن جي شافعي اسڪول سان تعلق رکندڙ هو ۽ ان فرقي جي ماڻهن کي گهڻو همٿائيندو هيو، شاعر سندس نفرت کان بچيل رهندا هيا، پر جيڪي به سائنسي ڳالهيون هوندیون هيون اُنهن کان جڙ پاسيرو رهندو هو، ۽ هڪ فيلسوف کي، جنهن ڪن نين ڪوجنائن جو ذڪر ڪيو هو، سندس حڪم تي پکڙي ڪيس گهُٽا ڏئي ماريو ويو هو. سندس ديوان (عام ماڻهن جي ويهڻ ۽ انصاف ونڻ جي جاءِ) ۾ هر نندي ۾ نندي درخواست گذار کي پورو انصاف ملندو هو، پوءِ پلي اُها شڪايت سندس پنهنجي ذات يا سندس وزيرن خلاف ئي ڇونہ ڪئي وئي هجي، صلاح الدين جيڪڏهن انصاف ۽ برابري جي اصولن کان ٿورو پاسيرو ٿيندو به هو ته فقط ان وقت جڏهن سندس بادشاهت کي ڪو مسئلو پيش ايندو هو. هڪ طرف سلجوق ۽ زنگي جي خاندان جي ماڻهن پنهنجي ظاهري شان شوڪت ۽ عمدن لباسن کي برقرار رکيو هو ته ٻي طرف صلاح الدين هو جيڪو سادگي سان زندگي گذاريندو هو. طبيعت ۽ سُڀاءُ ۾ وٽندڙ ۽ پنهنجن ملازمن ۽ نوڪرن سان به صبر ۽ سهڻي ورتاءَ سان پيش ايندو هو. سندس سخا ۾ ايتري ته ڪشادگي هئي جو آڪري جي گهيري جي موقعي تي هن هارهن هزار گهوڙا ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ سندس موت جي موقعي تي خزاني ۾ چانديءَ جا ستيتاليهه درام ۽ سون جو فقط هڪ ٽڪرو موجود هيو، تنهن هوندي به جنگي علائقن ۾، ڏنڊَ ۽ جرمانن جي رقم کي گهڻي پاڻي گهٽايو ويو هو، ۽ جيڪي شاهوڪار ۽ دولتمند ماڻهو هيا، اُهي بغير ڪنهن خوف خطري جي پنهنجن صنعتن ۽ ڪارخانن مان پوري اُپت حاصل ڪري رهيا هيا. مصر، شام ۽ عربستان ۾ هر مناسب جڳهه تي اسپتالون، ڪاليج ۽ مسجدون

تعمير ڪرايون ويون هيون؛ ۽ قاهره ڪي هڪ پڪي ديوار ۽ قلعي سان محفوظ بنايو ويو هو ۽ هن جيڪي به فلاحي ڪم ڪرايا هيا سي سڀ عام ماڻهن جي استعمال ۾ عوامي پلائيءَ لاءِ هيا(55)، ۽ سلطان پنهنجي ذاتي عيش عشرت لاءِ نه محلات تعمير ڪرايا نه باغيچا ٺهرايا. هڪ مذهبي جنونيت جي دؤر ۾، توڙي جو هو خود به هڪ مذهبي ماڻهو هيو، تڏهن به سندس انساني ڪردار ايڏو ته عظيم هيو جو عيسائي به ڪيس عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسندا هيا، جرمني جو شهنشاهه پڻ سندس دوستيءَ تي ناز ڪندو هو(56)، يونان جي شهنشاهه سائس ايڪو ڪيو ۽ قريبي رشتا بحال ڪري ڇڏيا(57)، ۽ جيروسلم جي فتح سندس شهرت ڪي هوا جي صورت ۾ اوپر ۽ اولهه جي ملڪن جي ڪُنڊڪڙڇ ۾ هر طرف ڦهلائي ڇڏيو.

جيروسلم جي بادشاهت(57) جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ٽورڙي عرصي دؤران، ترڪن ۽ عرب مسلمانن جي اختلاف سبب، ان جي حمايت خودبخود وڌي وئي ۽ ٻنهي يعني فاطمي خليفن ۽ دمشق جي سلطانن پنهنجي پنهنجي مذهب جي مقصدن کي ذاتي فائدن ۽ مفادن عيوض قربان ڪري ڇڏيو. پر مصر، شام ۽ عربستان جي ملڪن کي هڪ نامياري سورمي، اتحاد ۽ ايڪي جي رشتن ۾ جڪڙي ڇڏيو هو ۽ ان جوڏي جوان کي فطرت ۽ سندس خوش نصيبي عيسائين جو خلاف سيني ملڪن کي مسلح ڪري ڇڏيو هو. هر شئي خوفائتي نظر ٿي آئي، ۽ جيروسلم جي اندروني حالتن ۾ سڀ کجهه ڪمزور ۽ ڪوکلو نظر ٿي آيو. پهرين ٻن بالدوِنس ۽ بولن جي گادفري جي پاءُ ۽ سؤٽ کان پوءِ، اقتدار جي واڳ هڪ عورت ميليسينڊا ڏي هلي وئي جيڪا بي بالدوِن جي ڏيءُ هئي ۽ سندس مڙس فُلڪ جيڪو آنجُو جو امير هو، پهرين شاديءَ مان اسان جي انگريز پلانٽئيجينيٽس جو پيءُ هو. سندن ٻه پٽ، بالدون ٽيون ۽ ائميوئري هڪ زوردار جنگ شروع ڪري ڇڏي جنهن کي ملحدن خلاف ناڪام جنگ نٿو چئي سگهجي، پر ائميوئري جو پٽ بالدون چوٿون ڪوڙهه جي بيماريءَ سبب محروم رهيو ۽ ذهن ۽ جسم جي بيماريءَ جو بدنما تحفو ڪيس صليبي جنگين ۾ مليو هو. سندس پيٽ سبيلا، جيڪا بالدون پنجين جي ماءُ هئي، هن جي فطري وارث هئي. پنهنجي ٻار جي پُراسرار موت کان پوءِ، هن بي مڙس سان شادي ڪئي جيڪو ليوسگنن جو هڪ نوجوان هيو ۽ خوبصورت شهزادو هو پر سندس شهرت ايڏي ته ذلت واري هئي جو سندس پاءُ جعفري کي پري محفل ۾ هينئن چوندي ٻڌو ويو: 'جيئن ته هنن کيس بادشاهه بنائي ڇڏيو آهي ته مون کي ته يقيني طور تي ديوتا ناهي ڇڏيندا'. هن چوند ڪرڻ تي ڪافي الزام لڳا، ۽ بيحد طاقتور خادم ريمنڊ جيڪو طرابلس جو نواب هو ۽ جنهن کي جانشيني ۽ اميراٿي لقب مان به خارج ڪيو ويو هو، نئين بادشاهه خلاف سخت نفرت ۽ دشمنيءَ جا جذبا منجهس پيدا ٿي پيا ۽ هاڻي هن پنهنجي وقار ۽ ضمير کي سلطان جي ويجهي وڃڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. هن پاڪ شهر جا سڀئي محافظ ذري گهٽ هڪ جهڙا هيا، هڪ ڪوڙهيو، هڪ ٻار، هڪ عورت، هڪ بزدل ۽ هڪ غدار؛ تنهن هوندي به سندس قسمت جي فيصلي ۾ ٻارهن سال دير ٿي وئي ڇاڪاڻ ته يورپ مان ضروري گهرج جون شيون دير سان پهتيون هيون جنهن جو سبب دشمن ملڪن طرفان رڪاوٽون وجهڻ يا پري پنڌ جي ڪري وچ ۾ ساهيون پٽڻ(*) يا ڪا وِندر ورونهن ڪرڻ سبب دير ٿي وئي هئي. آخرڪار هڪ ٻڌندڙ ملڪ هر طرف کان سندس دشمن طاقت طرفان وکوڙجي ويو هو ۽ صلح نامي جي پڃڪڙي فرئنڪن ئي ڪئي هئي جن سندس وجود کي قائم رکڻ جو ذمو کنيو هو. چئٽلن جي هڪ سپاهي، جنهن جو نالو ريگينالڊ هيو، بربٽ ۾ نهيل هڪ قلعي تي قبضو ڪيو، جتي ويهي هن

ايندڙ ويندڙ قافلن کي لٽڻ شروع ڪيو، رسالت مآب لاءِ گُٽا لفظ ڳالهائين ۽ مڪي ۽ مديني جي شهرن لاءِ هو خطري جو باعث بنجي ويو. صلاح الدين ڪاوڙ ۾ اچڻ بجاءِ ان گستاخي جي شڪايت ڪئي ۽ مخالفن طرفان ساڻس انصاف نہ ٿيڻ تي هو ويتر خوش ٿيو ۽ اسي هزار گهوڙي سوار ۽ پيادل فوج جي اڳوڻي ڪندي مقدس سرزمين تي حملو ڪيائين. سندس پهرئين حملي جي چوند ٽائيبيريا هئي جنهن جو مشورو طرابلس جي امير ڏنو هو ۽ جيروسلم جي بادشاهه کي زور پريو ويو هو تہ هو پنهنجون فوجون باهر ڪڍي ۽ پنهنجن ماڻهن کي هٿيارن سان مسلح ڪري چڏي تہ جيئن اهڙي اهم شهر جي مدد ڪري ۽ ان کي بچائي سگهجي(59). ڏوڪيباز ريمنڊ جي مشوري تي عيسائين کي ان ڪئمپ تي پهچايو ويو جتي پاڻي بہ ڪونہ هو، بهرحال هو تہ پهرئين ڏينهن ۾ ئي پڄي ويو ۽ ٻنهي قومن مٿس لعنت ملامت ڪئي(60)، ليوسگنن کي تخت تان لاٿو ويو ۽ سندس ٽيهہ هزار ماڻهن کي پنهنجي سِرَ تان هٿ کڻڻو پيو، ۽ صليبي جنگ جي بجاءِ ڪافرن لاءِ هر طرف هڪ جهنگ وڄي بچيو هو. شاهي قيدي کي گرفتار ڪري صلاح الدين جي تنبو ۾ آندو ويو ۽ جيئن ئي هو اُڃ ۽ خوف کان بيهوش ٿي ويو تہ عظيم فاتح (صلاح الدين) کيس شربت جو گلاس پيئڻ لاءِ ڏنو جنهن کي برف سان ٺڏو ڪيو ويو هيو؛ نہ سندس ساٿين کي نقصان پهتو پر چئٽيلن جي ريگيناللہ کي چيو ويو تہ هو هن مهمان نوازي ۾ حصيدار ٿئي ۽ معافي وٺي، سلطان کيس سمجهايو: 'بادشاهه جي شخصيت ۽ سندس وقار مقدس هوندا آهن، تنهن ڪري هي گستاخ لٽيرو هڪدم اسلام جي پيغمبر جي عظمت جو اقرار ڪري جنهن جي خلاف هن نہ رڳو گستاخي پر گار گند ڪڍيو هو، يا وري موت قبول ڪري جنهن جو هو پورو پورو حقدار هيو'. پر گستاخ عيسائي غرور مان ڳالهہ مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ صلاح الدين بنا دير جي پنهنجي ترار سان سندس سِسي ڏڙ کان ڌار ڪري چڏي ۽ سندس محافظن(61) سندس لاش کي باهر ڪڍي چڏيو. ڏڪندڙ ۽ ڪنبندڙ ليوسگنن کي دمشق ۾ هڪ عزت واري جيل ۾ بند ڪيو ويو، پر هن فتح ۾ بدقسمنيءَ سان اسپتال جا بہ سؤ ٽيهہ امير ۽ سورما مارجي ويا جيڪي سندس ئي مذهب جا بهادر جوڌا هيا پر شهيد ٿي ويا. بادشاهت کي بغير سربراهہ جي چڏيو ويو، جنهن ۾ فقط بہ پراڻا محافظ هيا، هڪڙي کي قتل ڪيو ويو ۽ بي کي قيد ڪري جيل ۾ موڪليو ويو. سيني شهرن مان، جيڪي ساموندي ڪنارن يا خشڪي تي هيا، فوجين کي هن موتمار جنگ لاءِ باهر ڪڍيو ويو هيو. ٽائر ۽ طرابلس ئي فقط اهڙا شهر هيا جيڪي صلاح الدين جي حملن کان بچي ٿي سگهيا، ۽ ٽائبيرياس جي جنگ کان فقط ٽن مهينن کان پوءِ صلاح الدين پنهنجي فوج سميت جيروسلم جي گيٽن تائين پهچي ويو.(62)

هن اندازو لڳايو هو تہ هن شهر جو گهيرو، دنيا جي هن زمين توڙي جنت ۾ ڪيڏو نہ مانائتو هوندو جيڪو يورپ ۽ ايشيا ٻنهي لاءِ بيحد اهم هوندو ۽ ماڻهن جي اندر ۾ نَوَن جوش جذبن جون لاٽون روشن ڪري چڏيندو ۽ ٻيو تہ سامهون ست هزار عيسائي هيا جن جو هر ماڻهو سپاهي هوندو ۽ هر سپاهي شهادت جو اُميدوار هوندو. پر راڻي سبيلا خوف ۾ پاڻ بہ ڪنبي رهي هئي تہ سندس قيدي مڙس جو بہ ساڳيو حال هيو، ۽ امير ۽ سورما جيڪي ترڪن جي ترارين ۽ سندن زنجيرن ۾ جڪڙجن کان بچي ويا هيا، ماڻهن جي هن بربادي ۽ جي وقت بہ خود مطلبي ۽ تفرقي بازي جو مظاهرو ڪري رهيا هيا. هتان جي رهواسين جو گهڻو حصو يونانين ۽ مشرقي عيسائين جو هو جن کي تجربي سيکاريو هو تہ لاطيني غلامي کان(63) مسلمانن سان گڏ رهڻ وڌيڪ بهتر هو ۽ مقدس مقبري وٽ

هينئين قسم جا ضرورت مند ماڻهو جمع ٿيل هيا، جيڪي هٿيارن توڙي همت کان بنهه خالي هيا ۽ جن جو گذر سفر زيارتين طرفان سخا ۽ خير خيرات تي هوندو هو. جيروسلم کي بچائڻ لاءِ ڪجهه ڪمزور ۽ اُبهريون ڪوششون ڪيون ويون، پر چوڏهن ڏينهن دؤران، فاتح فوج، گهيري ۾ آيل ماڻهن جي حملن کي پنتي ڏِکي ڇڏيو، پنهنجين انجٿين کي اُتي فِٽ ڪيائون ۽ پندرهَن ڪيوبٽس تائين ديوار کي ويڪرو ڪري ان کي ماڻهن جي اڇ وڇ لاءِ کولي ڇڏيائون، پنهنجون ڏاڪٽيون به لڳايائون ۽ وچ واري حال ۾ مُحَمَّد ﷺ جن ۽ سلطان جا بئنر پڻ لڳائي ڇڏيائون. اهو چوڻ اجايو آهي ته راڻيءَ جو پيرين پيادو ماڻهن جو جلوس، جن ۾ عورتون ۽ راهب به شامل هيا، الله جي پٽ اڳيان منٿون وجي ڪيائون ته سندس مقبري کي مخالفن جي بي حرمتيءَ کان بچائي. سندن آخري اُميد، فاتح جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏيل هئي ۽ جيڪو منت ميڙ جو پهريون قافلو وٽس پهتو هو ته ان جي رحم جي اپيل رد ڪئي وئي هئي. 'هن قسم ڪنيو هو ته هن وقت تائين ڪيل صبر ۽ مسلمانن سان جيڪي ظلم ۽ عقوبتون ٿيون هيون، اُنهن جو هو بدلو ضرور وٺندو ۽ معافي يا درگذر ڪرڻ جو وقت هاڻي هٿن مان نڪري چڪو هو ۽ هاڻي اُها گهڙي اچي وئي هئي ته جيڪو گاڊفري پهرين صليبي جنگ ۾ ماڻهن جو ناحق رت وهايو ويو، ان جو حساب به رت جي صورت ۾ ورتو ويندو'. پر فرئنڪن طرفان نراسائيءَ واري ڪامياب ڪوشش سلطان کي جڻ پيغام موڪليو هو ۽ فتح جي جذبن اڃا گهٽو پري هئي، بهرحال هن سَڄي انسان ذات جي هڪڙي ۽ ساڳئي پيءُ ڏاڏي آدمؑ جي صدقي کين غور سان ٻڌو، نيٺ انسان ذات ۽ انسانيت جا جذبا سندس ڪاوڙ، سختي، ۽ فتح جي جذبن تي حاوي ٿي ويا ۽ صلاح الدين جي ظاهري گرميءَ ۾ نرمي اچي وئي. هن شهر ۽ ان جي ماڻهن کي بچائڻ جو واعدو ڪيو. يونان ۽ مشرق جي عيسائين کي اجازت ڏني ته هو پلي سندس حڪومت ۾ رهن، پر ساڳئي وقت هن اهو حڪم به صادر ڪيو ته سيئي فرئنڪ ۽ لاطيني چالڪين ڏينهن جي اندر جيروسلم کي ڇڏي وڃن پر اُنهن کي مصر ۽ شام جي ساموندي بندرن تائين سلامتيءَ سان پهچايو وجي، ۽ هر مرد عيوض سون جا ڏهه ٽڪرا، هر عورت لاءِ پنج ۽ هر ٻار لاءِ هڪ سون جو ٽڪرو جي حساب سان وٽس جمع ڪرايا وڃن ۽ جيڪي پنهنجي آزاديءَ کي خريد نٿي ڪري سگهيا اُهي هميشه واسطي غلاميءَ ۾ زندگي گذارينداِ. ڪجهه ليڪڪن ان موضوع کي پنهنجو محبوب مشغلو بنايو آهي ته ٻين وري بچان ڏيارينڊ طريقي سان صلاح الدين کي پهرين صليبي جنگ جي قتلام سان پيٽيو آهي. اهو فرق يا پيٽ فقط ذاتي هوندي پر اسان کي اها ڳالهه هرگز نه وسارڻ گهرجي ته عيسائين هٿيار ڦٽا ڪري شڪست قبول ڪئي هئي جڏهن ته جيروسلم جي پهرين صليبي جنگ ۾ مسلمانن سان ظلم جي آخري حد تائين عقوبتون ۽ زيادتيون ڪيون ويون هيون. انصاف ۽ حق جو پاسو هر صورت ۾ ترڪيءَ جي فاتح طرف پنهنجو رخ اختيار ٿو ڪري ته ڪيئن نه هن صلح نامي جي هر شرط کي پورو ڪري ڏيکاريو هو ۽ دشمنن جي رحم جهڙين حالتن ۾ هن شهر جي رهواسين توڙي مفتوحن تي رحم ڪندي سندن جانيون بچايون هيون، ته اسان مجبور ٿي پيا آهيون ته سندس اعليٰ ڪردار جي تعريف ڪريون. بجاءِ ڪين مارڻ ۽ قتل ڪرڻ جي هن فقط ٽيهه هزار بائزنٽس(*) (سون جي سِڪن) عيوض ست هزار غريبن کي ڇوٽڪارو ڏياريو، ۽ ٽي هزار ٻيا ماڻهو سندس نرملتا ۽ احسان منديءَ جي ڪري آزاد ٿي ويا ۽ غلامن جي وڏي تعداد کي گهٽائي يارهن يا چوڏهن هزارن تائين آندو ويو. راڻيءَ سان سندس ملاقات

۾ سندس لفظ ۽ سندس اکين مان وهندڙ ڳوڙها ٻڌائي رهيا هيا تہ هو ڪيڏو نہ مهربان ۽ همدرد انسان هيو. هو يتيمن ۽ بيوهہ عورتن ۾ وڏي فياضي ۽ ڪشاده دليءَ سان خير خيرات ورهائيندو رهندو هو، خاص طرح اُهي جيڪي جنگ ۾ متاثر ٿيا هيا ۽ جڏهن تہ اسپتال جا امير سندس دشمن هيا، تہ هن سندن بين پائرن کي، جيڪي نيڪ هيا، اجازت ڏني هئي تہ هڪ سال لاءِ پلي هو بيمارن جي خدمت ۽ تيمارداريءَ کي جاري رکيون اچن. رحمدلي ۽ انسانيت جي اهڙن عظيم ڪارنامن سبب صلاح الدين جو ڪردار اسان کان سندس تعريف ۽ محبت جي تقاضا ٿو ڪري، منجهس ڪا بہ بهروپيائي ڪانہ هئي ۽ نہ وري ان جي ڪيس ڪا ضرورت هئي ۽ هن جي مذهبي بنياد پرستي شايد ڪيس بهروپيائيءَ تي آماده ڪري ها پر هن ائين ڪرڻ جي بجاءِ ويتر قرآن جي دشمنن سان بہ رحمدلي ۽ انسان دوستيءَ وارو ورتاءُ ڪيو. شهر کي ڏارين کان آزاد ڪرڻ کان پوءِ، هو جيروسلم ۾ هڪ عظيم فاتح جيان داخل ٿيو جتي هن جي مرحبا لاءِ هر طرف وڏا بئنر لڳايا ويا هيا ۽ جنگي موسيقي جون ڌنون وڄي رهيون هيون. حضرت عمرؓ جي جامع مسجد جنهن کي ڪليسا ۾ تبديل ڪيو ويو هيو، ٻيهر بحال ڪيو ويو جتي فقط هڪ خدا ۽ سندس رسول مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جا مڃيندڙ عبادت ڪري سگهندا؛ مسجد جي ديوارن، صحن ۽ ان جي رستن کي گلاب جي عرق سان وهنجاريو ويو ۽ هڪ مناروِ، نورالدين زنگي جي ياد ۾ مسجد اندر تعمير ڪيو ويو. پر جڏهن سوني صليب، جيڪا گنبذ تي چمڪندي رهندي هئي، کي لاٿو ويو تہ هر طبقي جا عيسائي دانهون ڪري ماتم ڪرڻ لڳا، جنهن تي مسلمانن بہ جواب ۾ رڙيون ڪري پنهنجي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. هڪ عيسائي بزرگ صليبي نشانن مورتين، گلدانن ۽ مقدس جڳهن جي تبرکن کي هڪ جڳهہ تي گڏ ڪري، انهن کي چئن عاج جي نهيل صندوقن ۾ وڌو، پر انهن کي سوپاري پڪڙي وڌو ۽ سندس خواهش هئي تہ هو پنهنجي خليفي جي آڏو اهي شيون پيش ڪندو ۽ ڪيس عيسائن جي بت پرستيءَ بابت پڻ ڪيس ٻڌائيندو. پر ڪيس منتون ڪيون ويون تہ هو اهي تبرڪ ان بزرگ ۽ انتاڪيا جي بادشاهہ کي واپس ڪري ۽ انگلينڊ جي رچرڊ اُهي تبرڪ ٻاونجاهہ هزار سون جي ٽڪرن(64) عيوض خريد ڪري ورتا ۽ پنهنجي مقدس عزم کي پورو ڪري ڏيکاريائين.

قومون ان ڳالهہ کان ڊنل هيون تہ لاطينين کي شام مان هڪدم تڙي ٻاهر ڪڍيو ويندو پر ان معاملي ۾ فاتح کين ڏَرَ ڏني ۽ صلاح الدين جي هن دنيا مان لاڏاڻي کان هڪ صدي کان بہ وڌيڪ عرصي تائين اُنهن کي ملڪ نيڪالي نہ ڏني وئي(65). سوين جي سلسلي ۾ ڪيس پهرين رڪاوٽ ٽاير ۾ پيش آئي جتي ڪيس سخت مزاحمت جو مقابلو ڪرڻو پيو، جن فوجين ۽ فوجي جٿن شڪست قبول ڪئي هئي اُنهن کي دوراندیشيءَ کان ڪم نہ وٺندي ساڳين سامونڊي بندرن تي ٻيو ويو هو، هنن جو تعداد ايترو تہ گهٽو هو جو اُهي پنهنجي هنڌ جي حفاظت ڪري ٿي سگهيا، ۽ ماتنفيرات جي ڪونراڊ جي اچڻ سان، هڪ چڙوچڙ هجوم جو اعتماد بحال ٿي ويو ۽ اُهي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا. سندس پيءُ ڪي، جيڪو هڪ معزز زيارتي هو، ٽائبيرياس جي جنگ ۾ قيدي بنايو ويو هو. پر ان نقصان يا شڪست جي خبر اڻلي ۽ يونان تائين نہ پهچي سگهي هئي، ۽ سندس پٽ تي ڪنهن مقصد ۽ نيڪيءَ جي ارادي سان، زور پريو ويو تہ پنهنجي شاهي پائٽيي يعني صغير ٻالڪ بالدوِن جي سار سنڀار لهي اچي. ترڪي جي بئنرن ۽ جهنڊن ڪيس جفا جي سامونڊي ڪنارن کان ئي خبردار ڪيو هو تہ اهو سندس دشمنن جو علائقو هو ۽ ڪونراڊ ڪي يڪراءِ ٽاير جو بادشاهہ ۽ هڪ سورمي جي حيثيت

سان تسليم ڪيو ويو، جيڪو اڳي ئي جيروسلم جي فاتح طرفان گهيري ۾ آيل هيو. ڪونراڊ جي عزم ۽ مستقل مزاجي کان سواءِ ڪيس چگيءَ طرح خبر هئي ته سندس دشمن (صلاح الدين) هڪ سخي ۽ معاف ڪرڻ وارو شخص هيو، جنهن ڪيس همت ڏني ته هو سلطان جو مقابلو ڪندو ۽ اعلان ڪيائين ته سندس پيرسن پيءُ کي ديوارن وٽ نمايان ڪيو وجي ۽ هو عزم ٿو ڪري ته دشمن خلاف پهريون تير هو خود وهائيندو ڇو ته هو به عيسائي شهيدن جي ورثي جو مالڪ هو(66). مصر جي سامونڊي بيڙي کي ٽائر جي بندرگاهه تي لنگرانداز ٿيڻ جي اجازت ڏني وئي، پر زنجير کي هڪدم ڇڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ پنج ننڍا جهاز يا ته ٻڏي ويا يا وري اُنهن تي دشمن جو قبضو ٿي ويو ۽ هڪ هزار ترڪن کي هڪ حملي ۾ قتل ڪيو ويو ۽ صلاح الدين، پنهنجين انجڻين کي ساڙڻ کان پوءِ هڪ شاندار مهم کي، دمشق طرف وڌڻ جي ڪري ختم ڪري ڇڏيو. ڪيس هڪ وڏي طوفان کي جلدئي مُنهن ڏيڻو پئجي ويو. جيروسلم جي فتح کان پوءِ ماڻهن جيڪي دردناڪ داستان مشهور ڪيا يا جيڪي تصويرون هٿ ڪيون ويون جن ۾ ماڻهن جي غلامي ۽ شهر جي بي حرمتي کي مبالغي آميز رنگينين ۾ پيش ڪيو ويو هو، ان يورپ جي سُتل ۽ نِڌال ماڻهن کي جاڳائي ڇڏيو: شهنشاهه فريڊرڪ باربروسا ۽ فرانس ۽ انگلينڊ جي بادشاهن صليب هٿ ۾ کڻي اڳواڻي ڪئي ۽ سست رفتاريءَ جي باوجود هو بحيره- روم کان بحر- اوقيانوس تائين قهلجي چڪا هيا. اتلي وارا قوتي ڪندي جينئا، پيسا ۽ وينِس ڏانهن ويندڙ جهازن ۾ سوار ٿي ويا. اُنهن کان پوءِ فرانس، نارمنڊي ۽ ڪجهه اولهه جي ٻيٽن جا خواهشمند زيارتي به روانا ٿي ويا. فلانڊرس، فرائيس ۽ ڊينمارڪ وارا به پنهنجي طرفان پاڻ سان ماڻهن جا لشڪر کڻي روانا ٿيا جيڪي هڪ سؤ جهازن ۾ مَس ماپي سگهيا ۽ اُتر جي ملڪن جا سورما پنهنجي ڊگهي قد ۽ هٿ ۾ ڪنيل جنگي- ڪهاڙي جي نشانين سان سجاپجي ٿي سگهيا(67). ماڻهن جا هجوم ايترا ته وڏي ويا هيا جو اُهي ٽائر جي حدن ۾ ماپي نٿي سگهيا، ۽ نه وري اُهي هاڻي سندن ڪونراڊ جي فرمانبرداري ڪري ٿي سگهيا. ڪين ليوسگنن تي رحم به آيو ۽ سندس ڪردار لاءِ هنن وٽ گهڻو احترام ۽ عزت هئي، جيڪو تازو جيل مان آزاد ٿيو هو ته جيئن فرئنڪن جي فوج کي ورهائي سگهي. هن بطليموس يا آڪري کي واپس وڃڻ جي تجويز پيش ڪئي جيڪو ٽائر جي ڏکڻ ۾ ٽيهن ميلن جي پنڌ تي هو. جتي به هزار گهوڙي سوار ۽ ٽيهه هزار پيادل فوج سندس ڪمان هيٺ موجود هئي. آڻ هن يادگار گهيري تي تفصيل سان نه لکندس جيڪو بن سالن تائين قائم رهيو ۽ جنهن ۾ يورپ ۽ ايشيا جي فوجن جا بيشمار سپاهي مارجي ويا. ايترو جنون ۽ جوش جذبو اڳ ڪڏهن ۽ ڪٿي به نظر نه آيو هو ۽ نه وري ايترو جاني ۽ مالي نقصان اڳ ڪڏهن ٿيو هو ۽ مومن، جيڪي اڳ فقط پنهنجن شهيدن جي تعريف ڪندا هيا، مخالفن ۽ سندن دشمنن جي همت ۽ جذبي تي، ڪين داد ڏيڻ ۾ ڪنجوسي ڪرڻ بجاءِ دل کولي سندن واکاڻ ڪئي. توتاري جي وڃڻ شرط مصر، شام، عربستان ۽ اوپر جي صوبن جا مسلمان اميرالمومنين جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا(68)، سندس ڪئمپ کي آڪري کان چند ميلن جي مفاصلي تي لڳايو ويو هو، ۽ هن رات ڏينهن محنت ٿي ڪئي ته جيئن پنهنجن مسلمان پائرن لاءِ هر طرح جي آساني ۽ سهولتون مهيا ڪري ڇڏي، پر هي آسانيون فرئنڪن جي لاءِ ڪاوڙ ۽ سندن ناراضگيءَ جو باعث هيون. جبل ڪار ميل جي پرپاسي ۾ نَوَ جنگيون لڙيون ويون جنهن ۾ مقدر جا لاها چاڙها ايندا رهيا، هڪ موقعي تي سلطان پنهنجي فوج کي ڏوڪيندو شهر ۾ ڪاهي پيو ۽ بي حملي ۾ وري عيسائي شاهي تنبن تائين پهچي ويا. ڪبوترن جي

مدد ذريعي گهيري ۾ آيل ماڻهن سان خط و ڪتابت جي سلسلي ڪي جاري رکيو ويو ۽ جيئن ته سمنڊ ڪشادو ۽ اڃاڪ هيو ته جيڪي فوجي جٽا ٽڪ ۾ چُور ٿي ويا ٿي ته اُنهن جي جڳهه تي وري نوَن ماڻهن کي مقرر ڪيو ٿي ويو. ڏکر، تيرن ۽ ترارين ۽ خراب موسم جي ڪري بيشمار لاطيني ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا، پر مئلن جي جڳهه تي نوَن زيارتين سندن جڳهون اچي والاريون، جن پنهنجن ملڪي ماڻهن جي آمد بابت گهٽي مبالغي کان ڪم ورتو. جاهل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهو ان خبر ملڻ تي حيران ٿي ويا ته وڏو پادري خود بيشمار ماڻهن سان گڏ ڏوڪيندو قسطنطنيه تائين پهچي چڪو هو. هوڏانهن شهنشاهه جي قافلي به اوپر وارن کي خوفزده ڪري ڇڏيو هو ۽ جيڪي رندڪون ۽ رڪاوٽون، ايشيا ۽ يونان ۾ هن جي رستي ۾ وڌيون ويون هيون، اُنهن کي صلاح الدين جي تدبير سان هٽايو ويو هو؛ باربروسا جي موت تي سندس خوشي اهڙي نه هئي جنهن کي ماپي نه سگهجي، ۽ عيسائي، صوابيا جي امير کي ڏسڻ تي همت ۽ حوصلي وڌائڻ بجاءِ ويتر مايوس ٿي ويا هيا، جيڪو جرمني جي باقي بچيل پنج هزار رولُو ۽ وائڙن ماڻهن سان گڏ اتي پهتو هو. آخرڪار بي سال بهار جي موسم ۾ فرانس ۽ انگلينڊ جا بحري بيڙا آڪري جي ڪنارن تي لنگرانداز ٿيا ۽ هي گهيرو وڌيڪ سخت ان ڪري هيو ته ٻئي بادشاهه فلپ آگسٽس ۽ رچرڊ پلانٽئگنيٽ(*) نوجوان ۽ جوشيلا هيا. سپ وسيلا ۽ ذريعا آزمايا ويا ۽ سپ اُميدون جڏهن ختم ٿي ويون ته آڪري جي حفاظت ڪندڙن پاڻ کي مقدر جي حوالي ڪري ڇڏيو، هنن آڻ مڃي جنهن کي قبول ڪيو ويو پر سندن زندگيون توڙي سندن آزادي ماڻڻ عيوض سخت ۽ وڏو ٽئڪس يعني به لک سون جا ٽڪرا کين ڏيڻا پئجي ويا جنهن جي بدلي ۾ سندن هڪ سؤ معزز ماڻهن ۽ پندرهن سؤ عام ماڻهو جن ۾ قيدي به شامل هيا، کي آزاد ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو پر هو مقدس صليب جو ڪاٺ واپس ڪندا. صلح نامي ۾ ڪجهه شڪ پيدا ٿي پيا ۽ ان جي عمل ڪرڻ ۾ به دير ٿي وئي، جنهن ڪري فرئنڪ سخت ناراض ٿي پيا ۽ قاتل رچرڊ جي حڪم تي(69)، سلطان جي موجودگيءَ ۾ ٽن هزار مسلمانن کي قتل ڪيو ويو. آڪري جي فتح سبب، لاطيني حڪمرانن کي هڪ مڪيه شهر ۽ ڪارآمد بندرگاهه هٿ اچي ويو، پر اهو سؤدو کين مهانو پئجي ويو. صلاح الدين جو وزير ۽ تاريخ دان سندس ئي دشمن جي تيار ڪيل رپورٽ جي حوالي سان ٻڌائي ٿو ته سندن تعداد مختلف وقتن ۾ پنجن کان ڇهن لکن تائين رهيو هو، جن مان هڪ لک عيسائين کان به وڌيڪ قتل ڪيا ويا هيا ۽ ان کان به سندن وڌيڪ انگ بيمارين ۾ مري ويو ۽ جهازن جي ڀڃي پوڻ سبب بيشمار عيسائي ٻڏي مري ويا ۽ سندن ٿورڙو تعداد اهڙو هو جيڪو پنهنجن پنهنجن ملڪن ڏانهن موٽي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو(70).

فلپ آگسٽس ۽ رچرڊ پهريون، فرانس ۽ انگلينڊ جا فقط اهڙا بادشاهه هيا جيڪي ساڻگئي جهنڊي هيٺ وڙهيا هيا، پر جيڪي ٻيا مقدس ڪم ڪين گڏجي ڪرڻا هيا، اُهي سندن هڪ ٻئي خلاف قومي حسد ۽ ڪدورت سبب ڪافي متاثر ٿيا هيا ۽ ٻن فرقن، جن جي هنن فلسطين ۾ حفاظت ٿي ڪئي، اُهي پنهنجي دشمن جي بجاءِ، پنهنجا پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا وڌيڪ ويري هيا. اوپر جي ملڪن جي نظر ۾، فرانس جو بادشاهه وقار ۽ طاقت ۾ گهٽو مٿاهون هو ۽ شهنشاهه جي غير موجودگيءَ ۾، لاطيني ڪيس پنهنجو عارضي اڳواڻ تسليم ڪندا هيا(71). سندس ڪارناما اهڙا نه هيا جهڙي سندس شهرت مٿاهين هئي. فلپ بهادر هيو، پر ان کان وڌيڪ هو هڪ مدبر ۽ دوراندیش انسان هيو، هو ويران ساموندي ڪنارن تي رهندي تنگ ٿي پيو هو ۽ هتي پنهنجي صحت کي وڌيڪ خراب ڪرڻ نٿي

چاهيائين، آڪري جي شڪست ۽ ان جي قبضي کيس هتان رواڻي ٽيڻ تي آماده ڪيو، توڙي جو هو برگنڊي جي حاڪم کي چڏي وڃڻ تي ڪجهه بي دِليو ۽ محسوس ڪري ڪري هو جنهن وٽ مقدس زمين جي حفاظت لاءِ فقط پنج سؤ امير ۽ ڏهه هزار پيادا رهجي ويا هيا. انگلينڊ جو بادشاهه، توڙي جو عزت ۽ وقار ۾ گهٽ هو پر پنهنجي مخالف کان دولت ۽ فوجي دٻدبي ۾ گهٽو متاهون هو(72) ۽ جيڪڏهن سورمي ٽيڻ لاءِ خطرناڪ ۽ وحشياڻي بهادري ضروري آهي ته پوءِ رچرڊ پلئنٽئگنيٽ، پنهنجي دؤر جي بهادرن ۾ سيني کان وڌيڪ قداور نظر ايندو. هن 'شينهن جي دل رکندڙ' سورمي جي ياد کي انگلينڊ وارن هِنئين سان هنڌائي رکيو هو ۽ ست سالن جي عرصي گذري وڃڻ کان پوءِ به ترڪن ۽ عرب مسلمانن جا پُٽ ۽ پوٽا به سندس ياد کي ملهائيندا هيا توڙي جو هو هنن خلاف وڙهيو هيو؛ سندس نالي کي شام جون مائرون فقط ان ڪري پڪاريندیون هيون ته جيئن پنهنجن روئندڙ ٻارن کي چپ ڪرائي سگهن ۽ جيڪڏهن کو گهوڙو اوچتو پنهنجو رستو وڃائي جهنگ ۾ هليو ويندو هو ته سندس سوار پنهنجي گهوڙي سان هينئن مخاطب ٿيندو هو: 'انڌا، خبر ڪانه اٿيئي ته ايڏانهن ٻُوڙن ۾ ڪٽي نه ڪٽي رچرڊ لڪل هوندو؟'(73) مسلمانن خلاف سندس ظلم ۽ زيادتيون سندس تِکي طبيعت ۽ جنون جو نتيجو هيون، باقي آڳ ان ڳالهه تي ويساهه نٿو ڪريان ته هڪڙو سپاهي جيڪو پنهنجي نيزي بازيءَ ۾ آزاد ۽ بي ڊپو هجي، اهو پنهنجي ٽئين ٻهادر پاڻ يعني مانٽ فرات جي ڪونراڊ جي سيني ۾ پنهنجو خنجر ڪُپائيندو جنهن کي ٽاير ۾ ڪن قاتلن پراسرار طريقي سان ماري چڏيو هو(74). آڪري جي شڪست ۽ فلپ جي وڃڻ کان پوءِ، انگلينڊ جي بادشاهه صليبين جي اڳواڻي ڪئي ته جيئن سامونڊي ڪنارن کي به، جيڪي ڪائنه ڪسجي ويا هيا، واپس ورائجي؛ اهڙيءَ طرح سزئريا ۽ جَفا جي شهرن کي ٻيهر ليوسگنن جي بادشاهت جو حصو بنايو ويو. آڪري کان اسڪلان جو پنڌ به يارهَن ڏينهن جي جنگ جهڙو هو. صلاح الدين فقط سترهن محافظن سان گڏ جنگ جي ميدان تي موجود هيو، هن پنهنجي جهنڊي کي جهُڪڻ نه ڏنو هو ۽ نه وري پنهنجن جنگي توتارن ۽ ڍُهلن کي خاموش ٽيڻ ڏنو هو، هن ٻيهر فوجن کي گڏ ڪري ۽ حملي ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ماڻهن ۾ جوش جاڳايو، سندس پرچارڪن ۽ مبلغن، هڪ الله جي مجيندڙن کي جنگ جي لاءِ تيار ڪيو ته جيئن عيسائي بت پرستن خلاف جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪجي: پر بت پرستن به همت نه هاري هئي ۽ سندن دفاع ڪافي مضبوط هيو، پر سلطان، سڪلان جي ديوارن کي ڌاهي چڏيو ۽ تڏهن وڃي ان قابل ٿيو جو هڪ اهم قلعي کي، دشمن جي قبضي ٽيڻ کان بچائي ورتائين جيڪو مصر جي سرحد تي ٽهيل هيو. سياري جي سخت سردي ۾ فوجن آرام ڪيو پر جيئن ئي بهار شروع ٿيو ته فرئنڪن انگريز بادشاهه جي سربراهيءَ ۾ اڳتي وڌڻ شروع ڪيو ۽ هاڻي هو جيروسلم کان فقط هڪ ڏينهن جو پنڌ پري هيا ۽ رستي تي هنن مسلمانن جي هڪ قافلي کي روڪيو جنهن ۾ ست هزار اُٺ شامل هيا. صلاح الدين(75)، پنهنجو ديرو بيت المقدس جي پاڪ شهر ۾ جمائي چڏيو هو پر شهر ۾ عجيب افراتفري ۽ هراس ٽهليل هيو، پر سلطان جيڪو روزي سان هيو ان نماز پڙهي ۽ تقرير ڪيائين. جنهن ۾ هن پنهنجين ساٿين کي گهيري جي خطرن کان آگاهه ڪيو پر ساٿس گڏ جيڪي مملوڪ هيا اُنهن آڪري جي تلخ تجربي کان پوءِ، سلطان تي زور ڀريو ته هو پنهنجي پاڻ توڙي پنهنجي سڄي قافلي کي في الحال محفوظ ڪري ته جيئن مذهب ۽ مسلمانن جي سلطنت(76) جي خدمت جو شرف ان وقت حاصل ڪجي جڏهن موقعو مناسب هجي. پر معجزاتي طور تي عيسائين پنٽي هٽڻ شروع

ڪيو(77) ۽ مسلمانن ۾ سرهائي اچي وئي ۽ سندس ساٿين جي دوراندیشي يا وري سندن حسد سبب رچرڊ حوصلو هاري ويٺو. هي سپوت، هڪ جبل تي مٿي چڙهندي ۽ پنهنجو مُنهن ماٿهن کان لڪائيندي، اوچتو رڙ ڪندي پنهنجن ماٿهن سان مخاطب ٿيو: 'اهي جيڪي پنهنجو پاڻ کي بچائي نٿا سگهن تہ اُنهن کي اهو حق هرگز ڪونهي تہ حضرت عيسيٰ جي مقدس مقبري جي زيارت ڪن'. آڪري ۾ واپسيءَ کان پوءِ ڪيس خبر ملي تہ سلطان جفا تي قبضو ڪري ورتو هو، تہ رچرڊ پنهنجن جهازن کي اڳتي وڌڻ جو حڪم ڏنو جيڪي ڪناري تائين پهچي ويا هيا ۽ هن جي موجودگيءَ سبب قلعي کي بچايو ويو ۽ چيو وڃي ٿو تہ ست هزار ترڪ ۽ عرب مسلمان، سندس فوجين سان مقابلي ڪرڻ جو سَت نہ سارينديِ، ميدان ڇڏي پڃي ويا. سندس ڪمزوريءَ جي ڄڻهن کين خبر پئي تہ هو بي صبح تي واپس موٽي آيا، ۽ هنن ڏٺو تہ هو پنهنجي ڪئمپ ۾ وائڙن ٻيمان موجود هو ۽ هن سان فقط سترهن سورما ۽ ٽي سؤ تيرانداز ڳڏ هيا. سندن تعداد ڪي گڻڻ بنان، هن بهرحال مقابلو ڪيو ۽ اسان کي سندس دشمنن جي شاهدين منجهان پروڙ پئي آهي تہ انگلينڊ جو بادشاهہ پنهنجي نيزي کي قابو ڪندي، ڪاوڙ مان پنهنجن مخالفن جي اڳيان لنگهي ويو، هو ڪاهي ساڃي ٻنهي طرفن ڏي ٻہ مُڙيو پر معجزاتي طور تي رستي تي ڪو بہ ماٿهو اهڙو ڪيس نہ مليو جيڪو ساٿس مقابلو ڪري يا سندس اڳتي وڌڻ جي رفتار کي گهٽ ڪري سگهي(78). ڇا آئون تاريخ لکي رهيو آهيان يا هيڏانهن هوڏانهن جي اجاين قصن کي قلمبند ڪيو ڪريان؟



ٽين ۽ ملیبي جنگ جا نتيجا- 1190ع

هنن نئين وڏن جهڙپن ۽ دشمنين دوران فرئنڪن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڳالهين جو هڪ ڊگهو ۽ اينگهائيندڙ سلسلو شروع ٿي ويو(79) جيڪو هلندو ۽ ٿُڻندو رهيو ۽ وري وري شروع ٿي ۽ هر پيري ختم ٿيندو رهيو. تعلقات بهتر ڪرڻ ۽ رشتن کي سنوارڻ لاءِ ڏرين هڪ ٻئي ڏي برف ۽ ميوَن جا تحفا ۽ موڪليا ته ناروي جا باز ۽ عربي گهوڙا ۽ هڪ ٻئي کي تحفن ۾ ڏنا ويا جنهن مذهبي جنگ جي ماحول کي ڪجهه ناپر ۾ آندو ۽ ڪجهه وقت لاءِ جنگ ۾ فتح يا شڪست جي جنون کان ماٺهو آجا ٿيا، ۽ بادشاهن ۽ گنريل تجربن مان پرايو هو ته هنن جهيڙن جهڳڙن يا جنگين ۾ رب پاڪ ڪنهن ۽ خاص ڏر جي پاسي ڏانهن ڪو نه هو، نه وري ڪنهن ڏر يقيني فتح جي اُميد ٿي رکي(80). رچرڊ توڙي صلاح الدين، ٻنهي جي صحت ۽ هاڻي بگڙڻ لڳي، ۽ ٻنهي ڏرين کي پرانهن پنڌن جي جنگين ۽ اندروني اختلافن جو ڪافي نقصان پهچي چڪو هو، هوڏانهن پئنٽئگنيٽ ۽ سخت غصي ۾ آيل هو ته هو پنهنجي ڏوڪيباز دشمن کي سبق سيکاري جنهن سندس غير موجودگيءَ ۾ نارمنڊي تي حملو ڪيو هو، ٻي طرف اَڻ ٽڪ سلطان، پنهنجن ئي ماڻهن توڙي سندس اُنهن سپاهين جي دردناڪ دانهُن ۽ فريادن کان مجبور ٿي پيو هو، جيڪي اڳ سندس جنگي جذبن کي جاڳائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا هيا. انگلينڊ جي بادشاهه جي اولين شرطن ۾ جيروسلم، فلسطين ۽ اصلي صليب جي ڪين واپسيءَ جو مطالبو شامل هيو ۽ هن ڪليو اعلان ڪيو ته هو خود توڙي سندن زيارتي پائر هن مقدس ڪم ۾ پنهنجون زندگيون قربان ڪرڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏيندا پر پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ کان سواءِ ذلت ۽ خواري جا بار کڻي يورپ ڏانهن هرگز واپس نه ورندا. پر صلاح الدين جي ذهن ۽ ضمير سندن مطالبن کي نامنظور ڪري ڇڏيو، ۽ سندن بتن کي واپس ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ نه وري عيسائين جي بت پرستي کي جاري رکڻ جي اجازت ڏنائين؛ هن ۽ اوتري ئي عزم ۽ پختي يقين سان اعلان ڪيو ته فلسطين تي مسلمانن جو مذهبي توڙي شهري حق وڌيڪ جائز ۽ فطري هيو، جيروسلم جي تقدس ۽ ان جي اهميت تي پنهنجي راءِ کان ڪين آگاهه ڪيائين، ۽ لاطينين جي آبادي يا ورهاڳي جي سڀني شرطن کي رد ڪيائين. رچرڊ، سلطان جي پاءُ سان پنهنجي پيڙ جي شاديءَ جي رٽ پيش ڪئي پر اُها ۽ ٻن مذهبن جي اختلافن سبب رد ٿي وئي چاڪاڻ ته شهزادي، هڪ ترڪ جي پاڪرن ۾ وڃڻ کان نفرت جو اظهار ڪيو، ۽ عادل يا سفاح الدين ۽ گهٽين زالن رکڻ جي رواج کي ترڪ نه ڪري سگهيو، صلاح الدين ساٺن ملڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، چاڪاڻ ته ٻئي ڏريون هڪ ٻئي جي زبان نه سمجهنديون هيون، نيٺ گهٽي وقت گذري وڃڻ کان پوءِ، ترجمانن ۽ سفيرن ذريعي سندن ملاقات ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهين ٻولين جي سلسلي کي جاري رکڻ جو انتظام ڪيو ويو. هڪ ٻئي کي ٻُڌڻ کان پوءِ جيڪو ٻنهي ڏرين جي وچ ۾ نهراءُ طئي ٿيو ان کي پڻ ٻنهي ڏرين طرفان رد ڪيو ويو، هڪ طرف روم جو مڪيه پادري هو ته ٻي طرف بغداد جي خليفي ۽ پنهنجي طرفان منظوري نه ڏني. اها تجويز ڏني وئي هئي ته جيروسلم ۽ مقدس مقبري کي هر عام ۽ خاص ماڻهن جي زيارت لاءِ کولي ڇڏجي جنهن ۾ نه ته ڪنهن کان ڏن وصول ڪيو وجي نه وري لاطيني زيارتين کي تڪليفون پهچايون وجن، ۽ جڏهن عسڪلان ڏهي ويندو ته پوءِ خود بخود جَفا کان ٽاير تائين سڄو ساموندي ڪنارو عيسائين جي قبضي ۾ اچي ويندو. پيو ته اهو ۽ چيو ويو ته طرابلس جي نواب ۽ انتاڪيا جي بادشاهه جا نالا ۽ ان صلح نامي ۾ شامل هجن ۽ ايندڙ ٽن سالن ۽ ٽن مهينن ۾ سڀني پراٽن جهڳڙن ۽ دشمنين کي بلڪل ختم ڪيو وجي. ٻنهي فوجن جي وڏن سربراهن قسم تي اقرار ڪيو ته اُهي صلح نامي جي مڪمل پاسداري ڪندا، پر جتي حاڪمن هڪ ٻئي سان هٿ ملائي پنهنجا واعدا وچن

ڪيا هيا، اُتي شهنشاهن کان قسم نہ کڻايو ويو هو جنهن مان شڪ جنم ونڻ ٿا ۽ جيڪڏهن واعدا ۽ اقرار ٽٽن ٿا تہ اُتي شاهي شان ۽ وقار تي حرف اچڻ جو انديشو رهي ٿو. رچرڊ يورپ روانو ٿي ويو جتي گهٽو عرصو قيد ۾ رهڻ کان پوءِ هو وقت کان اڳ ئي قبر ۾ هليو ويو، ۽ فقط ڪجهہ مهينن جي وقفي کان پوءِ صلاح الدين جو شاندار عهد ۽ زندگي بہ پڄاڻيءَ تي پهچي وئي. اوپر جا ماڻهو سندس عظمت واري موت تي، جيڪو دمشق ۾ ٿيو، گهٽو ڪجهہ لکن ٿا پر انهن کي اها شايد خبر ڪانهي تہ هن ٽنهي مذهبن جي ماڻهن ۾(81) خير خيرات پئي ورهائي ۽ پنهنجي سخا جو فيض کين پهچايو ٿي، يا شايد اها خبر بہ کين نہ هئي تہ هن پنهنجي جهنڊي جي بدران پنهنجي ڪفن کي نمايان ڪري چڏيو هو تہ جيئن مشرق جي ماڻهن کي تنبيهہ ڪري سگهي تہ انساني وڏائي کي بقاءُ هرگز ڪونهي تنهن ڪري هو غرور ۽ تڪبر کان پاسو ڪن. سندس موت سان گڏ سندس شهنشاهت جو ايڪو ۽ اتحاد بہ ختم ٿي ويو، سندس پٽن کي سندن طاقتور چاچي سفاح الدين تنگ ڪيو؛ مصر، دمشق ۽ حلب(82) جي حڪمرانن جون مخالفتون وري جاڳي پيون ۽ فرئنڪ يا لاطيني ماڻهو هاڻي اُتي بيهڻ جهڙا ٿيا، سُڪ جو ساهہ ڪنيائون ۽ شام جي ڪنارن جي لڳو لڳ پنهنجن قلعن ۾ ويهي نئين اُميدن ۽ خواهشن جا خواب ڏسڻ لڳا.

ڪنهن بہ فاتح جي عظمت، شهرت يا ڏهڪاءَ جو دارومدار سندس ڪارنامن تي هوندو آهي. ٽئڪس يا محصول، جيڪو صلاح الدين عُشر جي صورت ۾ ماڻهن تي لڳايو اهو بہ سندس يادگار ڪارنامن مان هڪ هيو جيڪو هر عام توڙي خاص ماڻهن کي لازمي ادا ڪرڻو هوندو هو، ان حد تائين جو لاطيني ڪليسا جا پادري بہ اهو عشر پريندا هيا ۽ هي سلسلو هنن سيني لاءِ بيحد فائدي مند ثابت ٿيو ۽ خاص طرح عيسائين ۽ روم جي وڏن پادرين ان جي دائري کي ڪٺولڪ حڪمرانن تائين ڦهلائي چڏيو تہ جيئن ان کي ڪليسا جي بهبود ۽ بهتريءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجي(83). عيسائين کي عشر جي وصولي ۾ جيڪو مالي فائدو پيو، ان منجهان هاڻي سندن وڏو پادري فلسطين کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويو؛ صلاح الدين جي موت کان پوءِ عيسائين صليبي جنگين کي پنهنجن خطن، تحريرن، تقريرن، سفيرن ۽ پنهنجن پرچارڪن وسيلي خوب ڦهلايو ۽ هنن انوسينٽ (معصوم) ٽئين(84) ۾ قوي اُميد رکي تہ اُهو هن پاڪ ڪم ۾ اڳيرائي ڪندو. هو ذهين هو ۽ سندس جذبا جوان هيا، تنهن ڪري کيس پنهنجو اڳواڻ بڻايائون. هن نوجوان ۽ اُمنگون رکندڙ پادريءَ جي سربراهيءَ ۾ سينٽ پيٽر جا جانشين پنهنجي عظمت جي بلندين تائين وڃي پهتا، ۽ فقط ارڙهن سالن جي حڪمراني ۾ سندس حڪم بادشاهن ۽ شهنشاهن کي بہ هر صورت ۾ مڃڻو پوندو هو ۽ کيس ايترا اختيار مليل هيا جو هو کين ڌاهي ۽ ناهي بہ سگهندو هو، ۽ جڏهن تہ ڏوهہ ڪرڻ تي هو ماڻهن کي سزائون بہ ڏيندو هو ۽ ڪڏهن تہ مهينا ۽ سال بہ ڪليسا ۾ عبادت ڪرڻ کان کين محروم ڪري چڏيندو هو. لئٹران جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ڪليسائي ۽ دنياوي اختيارن جو استعمال ڪندي هن پاڻ کي اوپر ۽ اولهہ جي ملڪن جو حاڪم بنائي چڏيو هو. انگلينڊ جي جان سندس نمائندي جي پيرن ۾ پنهنجو تاج وڃي پيش ڪيو هو ۽ اهو معصوم جو ئي ڪمال هو تہ هن ٻن اهم ڪارنامن جو بنياد رکيو هو جيڪو عقل ۽ انسانيت کان متاهون هو. يعني هڪ تہ اهو فلسفو تہ ماني ۽ شراب حضرت عيسيٰ جي جسم ۾ داخل ٿيڻ شرط سندس 'رَت ۽ سَت' ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا(*)، ٻيو ڪارنامو سندس هي هيو تہ هن ڪٺولڪ عيسائين جي برتري جو بنياد رکيو هو. سندس ئي آواز کي ڪنائيندي ماڻهن کيس سڏ ٿي سڏ ڏنو ۽ اهو ئي سبب هو جو چوٿين ۽ پنجين صليبي جنگ لڙي وئي، پر هنگري جي بادشاهہ کان سواءِ،

پيا جيڪي به بادشاهه هيا سي هينئين درجي وارا ۽ غير نمايان هيا جن کي زيارتين جو اڳواڻ بنايو ويو هيو، فوجون به ضرورت پٽاندر نه هيون، تنهن ڪري انهن ڪوششن جا اثر پادري ۽ ماڻهن جي اُميدن سان مطابقت رکندڙ نه هيا. چوٿين صليبي جنگ جو رخ شام کان هٽائي قسطنطنيه طرف ڪيو ويو هيو ۽ لاطينين طرفان يونان يا روم جي شهنشاهت جي فتح، اسان جي ايندڙ بابَ جو اهم موضوع هوندو. پنجين صليبي جنگ ۾(85) به لک فرئنڪَ نيل ندي جي اوپر واري ڪناري تي پهچي ويا. ڪين اُميد هئي ته هو سلطان جي رهائش گاهه واري هنڌ يعني مصر ۾ رهندي، فلسطين کي جلد فتح ڪري ونڊندا ۽ سورهَن مهينن جي گهيري کان پوءِ مسلمانن کي دارنيتا کي وڃائڻ جو افسوس ٿيو، پر عيسائين جي فوج، سندن نمائندي پيليجيَس جي غرور ۽ هٺ واري روَيي سبب تباهه ٿي وئي، جنهن پوپ جي نالي جي آڙ ۾ پاڻ کي جنرل بنائي ڇڏيو هو ۽ فرئنڪ، جيڪي اڳيئي مرٽينگ ٿي چڪا هيا، نيل جي پاڻي ۽ اوپر جي ملڪن جي فوجن سان هر طرف کان گهيري ۾ اچي ويا هيا، پر جڏهن دارنيتا کي خالي ڪرايو ويو ته ڪين سلامتيءَ سان پڄڻ ۽ پنڌتي هٽڻ جو رستو ملي ويو، جنهن ۾ زيارتين سان به ڪجهه رعايت ڪئي وئي ۽ ڪي تبرڪ به ڪين واپس ڪيا ويا جن ۾ اصل صليب پڻ شامل هئي. هن ناڪامي جا ڪيترائي سبب هيا جن مان هڪڙو اهو هو ته صليبي جنگيون هڪ ٻئي پنيان وڙهيون ويون، ۽ جن ۾، ساڳي وقت تي، لِوونيا جي لامذهبن، اسپين جي مسلمانن، فرانس جي البيجينس ۽ سِسلي جي شاهي خاندان جي بادشاهن خلاف مُهم هلائڻ ۽ پرچار ڪرڻ جا سبب به شامل هيا(86). مذهب جي سلسلي جي اهڙين خدمتن ۾، ماڻهن کي روحاني سڪون کان سواءِ ڪجهه دنياوي انعامن اڪرامن جي به اُميد هئي، ان حد تائين جو وڏا پادري پڻ پنهنجي مقامي دشمنن خلاف پنهنجي جوش جذبي ۾ ايترا اڳتي وڌي ويا هيا جو هنن انعامن جي لالچ ۾ اچي پنهنجن شام وارن پائرن کي به وساري ڇڏيو هو ۽ اُنهن جي ڪا به سار سنڀال نه لڌي هيائون. آخري صليبي جنگين ۾ ڪين فوج جي ڪمان ڪرڻ ۽ ڪجهه ناڻي کي هٿ ڪرڻ جو موقعو مليو هو ۽ ڪجهه دليل باز وڏي سوچ کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا آهن ته پلئينشيا جي پهرين ڪائونسل کان وٺي ائين ٿو محسوس ٿئي ته سيئي معاملا جڏ هڪ سوچيل سمجهيل سازش جو نتيجو هيا جنهن ۾ روم جي شهنشاهت جو وڏو هٿ هيو، پر اهو شڪ غير فطري ۽ غير حقيقي ٿو معلوم ٿئي. سينٽ پيٽر جي جانشينن، انساني خصلتن، خوبين ۽ خامين جي رهبري ڪرڻ جي بجاءِ انهن جي پيروي ڪئي جنهن ۾ نه سندن دوراندیشي شامل هئي ۽ نه هنن ماڻهن جي طور طريقن کي سمجهڻ يا پُرجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪين وقت جي رائج وهمن وسوسن منجهان جيڪو به اڳيئي تيار ٿيل ميوو ملي ويو، ان تي ويهي گذارو ڪيائون ۽ اُهو ڪجهه هٿ ڪيائون جيڪو نهيل نُڪيل حالت ۾ ڪين ملي ويو، جنهن ۾ نه ڪين محنت ڪرڻي پئي نه سُور سهڻا پيا. لئٽران جيْ ڪائونسل ۾ معصوم ٿئين هڪ مشڪوڪ تجويز ڏني جنهن ۾ هن پنهنجي مثال ذريعي صليبين ۾ نئون جذبو جاڳائڻ چاهيو، پر جهاز جو پائلٽ پنهنجي اسٽيئرنگ کي ڇڏي نه سگهيو، نه وري فلسطين کي، روم جي پادري جي اُتي هجڻ جو ڪڏهن اعزاز نصيب ٿيو هو(87).

زيارتين جو پنهنجو وجود، سندن خاندان ۽ اُنهن جون ملڪيتون وڏي پادريءَ جي حفاظت ۾ رهنديون هيون ۽ هي روحاني ماڻهو پنهنجن حڪمن ۽ دڙڪن ذاڻن ذريعي پنهنجي حڪمرانيءَ جي حق رکڻ جا دعويدار ٿي ويندا هيا ۽ ماڻهن کي حڪم ۽ هدايتون ڏيندا هيا ته ڪين ڇا ڪرڻو هو ۽ جيڪو

عزم ۽ واعدا ڪري آيا هيا اُنهن کي هر صورت ۾ پورو ڪرڻو هو. فريدرڪ ٻيو(88) جيڪو باربروسا جو پوٽو هو، اُهو لڳاتار ڪليسا جو شاگرد، ان جو دشمن ٿ ساڳئي وقت ان جي دشمنيءَ جو شڪار ٻ رهيو هو. ايڪويهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي رکوالي معصوم ٽئين جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪندي، هن صليب کڻڻ جي ذميداري قبول ڪئي، ۽ جڏهن سندس تاجپوشي ٿي ۽ شاهي تخت تي ويٺو ٿ پوءِ ٻ ساڳيون ذميواريون پنهنجي سِر تي کنيائين ۽ جيروسلم جي وارثيائيءَ(*) سان سندس شادي ڪيس هميشہ لاءِ پابند ڪري چڏيو ٿ هو سندس پٽ ڪونراڊ جي بادشاهت جي حفاظت ڪندو. پر جيئن ئي فريدرڪ جي عمر وڏي ٿي ۽ اختيار ٻ وڏيا ٿ هُن پنهنجي جوانيءَ جي اُبهرن فيصلن تي پڇتايو، سندس ڪُليل ذهن ۽ جاڻ، ڪيس وهمن وسوسن جي تصور ۽ ايشيا جي تاج پائڻ کان نفرت ڏياري؛ تنهن ڪري معصوم جي جانشينن لاءِ هاڻي سندس دل ۾ اڳين عزت يا احترام نہ رهيو هو ۽ هينئر سندس خواهش اها هئي ٿ ڪنهن ٻ صورت ۾ هو سِسلي کان ائلپس جبلن تائين اٽلي جي بادشاهت کي ٻيهر واپس ورائي سگهي، پر جيڪڏهن سندس هي منصوبو ڪامياب ٽئي ها ٿ پادرين جي حيثيت گهٽجي پراڻي سادگيءَ واري سطح تي پهچي وجي ها، ۽ پارهن سالن جي دير ۽ بهانن کان پوءِ، هنن شهنشاهہ تي 'لٺ ۽ چٺ' يعني منٽن ۽ ڏڙڪن ذريعي دٻاءُ رکيو ٿ وڏيڪ وقت وڃائڻ بدران هو فلسطين ڏانهن ڪاهي هلڻ جي وقت ۽ هنڌ مقرر ڪرڻ جو هڪدم فيصلو ڪري. سِسلي ۽ اپوليا جي بندرگاهن تي هن هڪ سؤ جهازن جي ٻيڙي جو بندوبست ڪيو، ٿ ساڳي وقت هڪ سؤ وڏا جهاز ٻ تيار ڪيا ويا جيڪي ٻن هزار پنج سؤ سورمن کي اُتي پهچائيندا، جن ۾ سندن گهوڙا ۽ نوڪر چاڪر ٻ هوندا: نئپلس ۽ جرمني لاءِ جيڪي جهاز رکيا ويا هيا اُنهن ۾ طاقتور فوجي سوار هيا، ۽ انگريز صليبين جو تعداد ست هزار جي لڳ ڀڳ هيو، پر ايترين وڏين تيارين جي باوجود هلڻ ۽ اڳتي وڌڻ جي سُست رفتار سبب زيارتين جي جوش جذبن ۾ اڳين توانائي ختم ٿي وئي هئي ۽ سندن کاڌو خوراڪ ٻ ختم ٿيڻ لڳو هو، ماڻهن جا وڏا هجوم، بُک ۽ بيمارين ۽ ڪجهہ زيارتين جي قافلن جي چڏي وڃڻ سبب، تعداد ۾ گهٽبا رهيا ۽ ڪئلابريا جي سخت گرم اونهاري ۾ هنن شام جي مهم جا سانباها ڪري چڏيا. آخرڪار شهنشاهہ برنڊوسيَم جي هنڌ تي ٻيڙن جا سڙهہ ڪولرائي چڏيا جنهن ۾ فوج جا چاليهہ هزار ماڻهو سوار هيا، پر هو سمنڊ ۾ ٽن ڏينهن کان وڏيڪ نہ هلي سگهيو ۽ هڪدم پنتي موٽيو ۽ سندس دوستن ان اُبهرائپ جو سبب سندس طبيعت جي ناسازي ڄاڻايو آهي، پر سندس دشمنن هن تي جاڻي واڻي نافرمانبرداري ڪرڻ جو الزام لڳايو. پنهنجي عزم تي قائم نہ رهڻ تي گريگري نائين، فريدرڪ کي ملڪ نيڪالي جي سزا ڏئي چڏي؛ ۽ جڏهن هن چيو ته هو ايندڙ سال پنهنجو واعدو ۽ پنهنجي عزم جي تڪميل ڪندو ته پادري ڪيس ٻيهر ملڪ نيڪالي ڏئي چڏي(89). هن صليب جي جهنڊي هيٺ پنهنجون خدمتون سرانجام ٿي ڏنيون پر اٽلي ۾ هن خلاف هن صليبي جنگ جي ترغيب ماڻهن کي ڏني وئي ۽ سندس واپسيءَ کان پوءِ ڪيس چيو ويو ته اُنهن تڪليفن جي معافي وٺي جيڪي سندس غلطين جي ڪري ڪيس ئي پوڳٽيون پيون هيون، فلسطين ۾ مذهبي محافظن طرفان جيڪي اڳ حڪم ناما جاري ڪيا ويا هيا اُنهن موجب سيني کي هدايت ڪئي وئي هئي ته هن سان هر تعلق ٽوڙيو وڃي ۽ سندس حڪمن کي ٻ هرگز نہ مڃيو وڃي، ۽ پنهنجي ئي بادشاهت ۾ شهنشاهہ کي مجبور ڪيو ويو ته سندس ئي ڪئمپ ۾ آئنده لاءِ جيڪي ٻ فرمان جاري ٽين ته اُهي فقط الله يا وري عيسائي جمهوريہ جي نالي ۾ جاري ڪيا وڃن.

فريدرڪ هڪ فاتح جيان جيروسلم ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجن ئي هٿن سان (جو ته ڪوبه پادري پاڻ ڪوبه ڪم نه ڪندو هو) هن مقدس مقبري تان تاج پنهنجن هٿن ۾ کنيو. پر اُتان جي بزرگ رکوالي هڪ منع نامو جاري ڪيو ته فريدرڪ جي موجودگيءَ سبب ڪليسا جي بيحرمتي ٿي هئي ۽ اسپتال ۽ مندر جي معتبر ماڻهن سلطان کي صلاح وجي ڏني ته موقعو مناسب ۽ وقتائتو هو ته جڏهن هو اُردن نديءَ تي پنهنجن محافظن کانسواءِ موجود هجي ته اوچتو مٿس وار ڪري ڪيس قتل ڪيو وڃي. مذهبي جنون ۽ تفرقي بازي جي اهڙي ماحول ۾ فتح ڪرڻ جو ڪو فائدو ڪونه هو ۽ حفاظت ڪرڻ به مشڪل ڪم هو، پر هڪ فائديمند صلحنامو وجود ۾ اچي ويو جيڪو مسلمانن جي پنهنجن اندروني اختلافن سبب عمل ۾ آيو هو چاڪاڻ ته اُنهن جي اڪثريت، فريدرڪ جي ڪردار کان متاثر هئي ۽ اُنهيءَ جي حمايت ٿي ڪيائون. ڪليسا جي دشمنن تي، باغين ۽ فسادين سان سازباز سندن مهمان نوازي ڪرڻ ۽ ساڻن دوستي رکڻ جو الزام هو، اُهي عيسائي سڏرائڻ جا هرگز حقدار نه هيا، جو ته هنن پنهنجي زمين کي هڪ بيڪار رڻ پَٽ ٿي ڪوٺيو ۽ سندن ذهن ۾ هڪ ملحداڻو خيال آيو ته جيڪڏهن يهوي (Jehovah) (عبراني زبان ۾ خدا تعاليٰ جو نالو) نئپلس جي بادشاهت جي حالت اچي ڏسي ها ته هو فلسطين کي، عيسائين جي سرزمين هئڻ جو شرف ڪڏهن به نه بخشي هيا. ان هوندي به فريدرڪ، سلطان کان جيروسلم، بيٿليم، نزرٿ، ٽاير ۽ سِدان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. لاطينين کي، بهرحال اجازت ڏني وئي هئي ته اُهي پلي شهر ۾ رهن ۽ قلعا ناهي اُنهن کي مضبوط بڻائن؛ ساڳئي وقت عيسائين ۽ مسلمانن کي به شهري ۽ مذهبي آزادي جا پورا حق حاصل هيا، عيسائي مقدس مقبري تي وڃي عبادت ڪندا هيا، جڏهن ته مسلمان بيت المقدس(90) ۾ وڃي نماز پڙهندا هيا، هي اُها پاڪ جڳهه هئي جتان مُحَمَّد مصطفيٰ (ﷺ) جن رات جي وقت معراج جو سفر شروع ڪيو هو. انصاف پسنديءَ جي هڪ جهڙي سلوڪ ۽ هڪ ٻئي کي خوشيءَ سان برداشت ڪرڻ جي روَين کي عيسائي جنونين نٿي سَنو، تنهنڪري ڪافي ڪمزور دل مسلمان اتان ڇڏي هليا ويا توڙي جو بغير ڪنهن رتوڇاڻ جي صليبين جي هر خواهش کي پورو ڪيو ويو هيو، ڪليسائن کي بحال ڪيو ويو هيو، خانقاهن جي نئين سِر تعمير شروع ٿي ڇڪي هئي ۽ پندرهن سالن جي عرصي ۾ جيروسلم ۾ لاطينين جو انگ ڇهَن هزارن کان به مٿي هليو ويو هو. امن ۽ صلح جي هن سُنئي ماحول کي وحشي خوارزمين(91) جي هڪ وڏي لشڪر جي اوچتي حملي تباهه ڪري ڇڏيو. هي ڪئسپين سمنڊ جي پر ۾ رهندڙ ريڍار ۽ ٻڪرار هيا جيڪي مغلن يا تاتارين جي خوف کان ڀڄي شام ۾ ويا ۽ توڙي جو فرئنڪن، طب، حمص ۽ دمشق جي سلطانن سان اتحاد قائم ڪري ڇڏيو هو، تڏهن به اُهي هنن وحشين جي حملن ۽ ڪاهُن کي روڪڻ ۾ ناڪام رهيا هيا. جيڪو ڪجهه به سندن سامهون ايندو هو، ان کي هو پنهنجي ترار سان ڪٽي ان جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندا هيا يا وري ماڻهن کي هو زوري ۽ زبردستيءَ سان گهِلي ڪٽي ويندا هيا ۽ کين پاڻ وٽ قيد ڪري ڇڏيندا هيا؛ ڪوبه فوجي قانون مٿن لاڳو نه ٿيندو هو ۽ فقط هڪڙي جنگ ۾ هنن شهر کي ڦري تاراج ڪري ڇڏيو هو، مقدس مقبري جي بي حرمتي ڪئي هئي ۽ هر شيءِ کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏيو هو، وحشي پٽي جا اهي منظر ڏسي لاطينين کي ترڪن ۽ مسلمانن جي شرافت ۽ رواداريءَ جو شِدت سان احساس ٿيو هو.

ستن صليبي معرڪن منجهان، آخري ۾ جنگيون فرانس جي بادشاهه لوئس نائين طرفان وڙهيون ويون هيون، جنهن جي آزادي مصر ۾ ۽ سندس زندگي آفريڪا جي ساموندي ڪناري تي ختم

ٿي هئي. سندس موت کان اناويهه سال پوءِ، ڪيس روم ۾ ولي يا بزرگ جو درجو ڏنو ويو، ۽ اوچتو سندس پنجهٽ معجزا ڪنهن برڙ مان ٻاهر نڪري آيا جن جي تصديق به هڪدم ڪئي وئي ته هو واقعي هڪ شاهي بزرگ ۽ الله لوڪ انسان هيو(92). بهرحال تاريخ جي ورقن ۾ هن جي لاءِ وڏيڪ معتبر شاهديون مليون آهن ته هن جي شخصيت ۾ هڪ بادشاهه، هڪ سورمي ۽ هڪ سڻي انسان جون گڏيل وصفون موجود هيون، ۽ توڙي جو هو هڪ بهادر ۽ اورچ انسان هيو پر سندس طبيعت ۾ انصاف ۽ رواداريءَ جاگڻ هيا جن جو مظاهرو هو پنهنجي ذاتي توڙي عوامي سطح تي ڪندو رهندو هو، ۽ پنهنجي ڪردار ۾ هُو عام ماڻهن لاءِ هڪ مهربان پيءُ، پاڙيسرين لاءِ هڪ بهترين دوست ۽ بيدينن يا غير مذهبي ماڻهن جو سخت دشمن هيو. پر متس وهمن وسوسن جي اثر خطرناڪ حد تائين هيو(93) جنهن سندس دل ۽ ذهن کي گهٽو بگاڙي ڇڏيو هو، هو ان حد تائين هيٺ هليو ويو هو جو هن فرئنسز ۽ ڊومينڪ جي پنڊ جهڙين بچڙين عادتن کي به نه رڳو اختيار ڪيو هو پر ان جي تعريف پڻ ڪئي هئي؛ هو پنهنجي مذهب جي مخالفن جو ڪٽر دشمن هيو ۽ وقت جا بادشاهه به پيرا پنهنجي تخت تان هيٺ لهي ڪائنس روحاني فيض ونڻ آيا هيا. هڪ اهڙو تاريخدان جيڪو راهبن واري سوچ رکندڙ هوندو ته اهو سندس گندي ڪردار کي به گهٽو ساراهيندو، پر هڪ معتبر ۽ بهادر جئائن وِل جيڪو لوئس جو دوست ۽ قيد ۾ سندس ساٿي هيو، فطرت جي قلم سان سندس تصوير لِيڪِي آهي ۽ هڪ غيرجانبدار انداز سان سندس خوبين ۽ خامين کي تصويري خاڪن ۾ ظاهر ڪيو آهي، جن مان اسان کي جيڪا معلومات ملي آهي ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته سندن نوڪر چاڪر اُنهن سان سچا نه هيا، جن جو تذڪرو اڪثر صليبي جنگين جي حوالي سان ڪتابن ۾ ايندو رهيو آهي، وچين دؤر جي بادشاهن ۾ لوئس نائين وڏيون ڪوششون ڪري تاج جي وقار کي بحال ڪيو پر هن جيڪو ڪجهه به ڪيو اُهو سندس پنهنجي گهر ۽ پنهنجي بادشاهت تائين محدود هيو پر سندس ڪوششون ايجا مشرق تائين اثرانداز نه ٿيون هيون، باقي سندس عزم سندس جذبن ۽ بيماريءَ جو گڏيل نتيجو هو ۽ اهوئي سبب آهي ته جنهن پاڪ عزم کي هن همٿايو ۽ اڳتي وڌايو هو، ته ان جو شڪار به خودئي ٿي ويو هو، مصر تي حملي ڪرڻ لاءِ، فرانس وٽ فوجن جي اٽاڻ ۽ سندس خزانا خالي هيا، هن قبرص جي سمنڊ کي ارڙهن سؤ بادبانن ذريعي اُڪاريو هو، جيڪڏهن وڇڙو حساب ۾ لڳائجي ته ماڻهن جو تعداد پنجاهه هزار وڃي بيهندو، ۽ جيڪڏهن اسان سندس ئي بيان تي ويساهه ڪريون، جيئن مشرقي آڪڙبازي ۾ اڪثر ٿيندو آهي ته هن سادا نوَ هزار گهوڙيسوار ۽ هڪ لک ٽيهه هزار پيادل فوجين کي سمنڊ مان زمين تي لاٿو، جن جي طاقت جي زور تي هنن زيارتن جو شرف حاصل ڪيو(95).

پاڻ کي اسلحي سان محفوظ بنائيندي ۽ هڪ ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪائيندي،(*) لوئس ٽپو ڏيئي ڪناري تي وڃي پهتو، ۽ دامياتا جو مضبوط شهر، جنهن ۾ سندس ابن ڏاڏن اڳ سورهن مهينن تائين گهيري کي قائم رکيو هو، پهرئين ئي حملي ۾ ڊڄندڙ ۽ ڪنبندڙ مسلمانن خالي ڪري ڇڏيو. پر دامياتا سندس پهرين ۽ آخري فتح هئي، ۽ پنجين ۽ ڇهين صليبي جنگ ۾ ساڳئي جنگ جي ميدان تي ساڳين سببن ڪري ساڳيون تڪليفون ڪين پيش آيون هيون(96). هڪ موتمار دير کان پوءِ، جنهنڪري سندن ڪئمپ ۾ وبائي بيماريون پيدا ٿي پيون هيون، فرئنڪن ساموندي ڪناري کان مصر جي گاديءَ جي هنڌ تي چڙهائي ڪئي ۽ ڪوشش ڪيائون ته ڪنهن طرح سان نيل ندي جي اڀ مدائتي ٻوڌ جو مقابلو ڪجي چاڪاڻ ته نيل جو ڏوڪيندڙ وهڪرو سندن قدمن کي اڳتي وڌڻ کان روڪي رهيو هو. سندن بهادر

حاڪم جي نگراني ۾ فرانس جي امير ۽ نوابن هن خطري کان پنهنجي سخت ڪاوڙ ۽ بُڇان جو اظهار ڪيو؛ سندس پاڻ، جيڪو آرتوس جو امير هو، مسورا جي شهر تي اوچتو حملو ڪري پنهنجي بهادري جو مظاهرو ڪيو ۽ اُڏرندڙ ڪبوترن قاهره جي رهواسين کي پيغام پهچايو ته سندن سپ ڪجهه ضايع ٿي ويو هو يا ختم ٿي چڪو هو. پر هڪ سپاهي، جنهن بعد ۾ تخت تي قبضو ڪري ورتو، پڇندڙ فوجن کي هڪ جڳهه تي گڏ ڪيو جڏهن ته عيسائين جا خاص جٿا ڪافي پنڌتي رهجي ويا هيا، ۽ آرتوس مٿان حملو ڪري ڪيس قتل ڪيو ويو. حملي ڪندڙ تي لڳاتار يوناني باهه جو وسڪارو ٿي رهيو هو، نيل کي به مصر جي جهازن ذريعي ضابطي ۾ آندو ويو هو، عربستان جي ڪليل ميدانن سبب ڪاڏي خوراڪ جي رَسد کي روڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ روز بروز بيمارين ۽ ڏُکر جي حالتن ۾ اضافو ٿيندو رهيو، تنهنڪري موقعي کي غنيمت سمجهندي پڇڙ جي واٽ کي ضروري سمجهيو ويو پر صورتحال اهڙي هئي جو پڇڙ جو ڪو رستو ڪٽي به نه بچيو هو. مشرقي ليڪڪن اها ڳالهه مڃي آهي ته لوئس جيڪڏهن پرپور ڪوشش ڪري ها ته ممڪن هو ته هُو پڇي وڃڙ ۾ ڪامياب ٿئي ها پر هن پنهنجي رعيت جي ماڻهن کي چڏڙ نٽي چاهيو؛ بهرحال ساڻين ۽ امير سميت ڪيس گرفتار ڪيو ويو؛ اُهي جيڪي خدمت ذريعي پنهنجي زندگي کي ڪارائتو نٽي بنائي سگهيا يا وري اُهي جيڪي پنهنجي آزادي کي خريد نٽي ڪري سگهيا، سيني کي قتل ڪيو ويو ۽ قاهره جي ديوارن کي عيسائين جي سِرن يا سِسيُن سان سينگاريو ويو(97). فرانس جي بادشاهه کي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو، پر عظيم فاتح، جيڪو صلاح الدين جو پَڙپوٽو هو، پنهنجي شاهي قيدي ڏانهن پهرڙ لاءِ هڪ پُروقار لباس ڏياري موڪليو، ۽ دميتا(98) مسلمانن کي واپس ڪرڙ ۽ چار لک سون جا ٽڪرا کين ڏنڊَ طور ڏيڙ عيوض، سندس ساڻين ۽ سپاهين سميت کيس آزاد ڪيو ويو. وڃندڙ ۽ آسائش ڏيندڙ فضا ۾ نورالدين ۽ صلاح الدين جا بگڙيل پوٽا ۽ پونيرَ، يورپ جي مردانگي جي روايتن سان مقابلي ڪرڙ جهڙا نه رهيا هيا، اُهي پنهنجي غلامن جي هٿن ۾ هٿيار ڏُسي خوش ٿيندا هيا يا وري پنهنجن مملوڪن سان خوش ٿيندا هيا جيڪي تاتاري ۽ سخت جان رهواسي هيا، جن کي سندن ننڍين عمرين ۾ شام جي واپارين خريد ڪيو هو ۽ جن کي سلطان جي محل ۾ تعليم ڏياري وئي هئي، پر مصر ۾ اوچتوئي اوچتو کي خطرناڪ درندا ڪٽان نڪري پيا جيڪي پوائتن جانورن جيان ٽي لڳا، ۽ ائين ٽي لڳو ته ماڻهو مارڙ ۽ ڏارين کي نشانو بنائڙ سندن ڏميوارين ۾ شامل هيو، پر اُنهن پنهنجي محسن کي به نه بخشيو. فتحن جي غرور ۽ نشي ۾ مملوڪن توران شاهه کي به قتل ڪري چڏيو جيڪو پنهنجي خاندان جو آخري فرد هو ۽ وحشي قاتل اُڪهاڙين تراورين سان قيدي بادشاهه جي ڪمري ۾ داخل ٿي ويا ۽ هنن پنهنجا هٿ سلطان جي قتل سان رنگي چڏيا. پر لوئس جي مضبوط ارادن سبب هنن سندس عزت ڪئي(99)، هنن جي لالچ ۽ حرص، سندن ظلم ۽ جوش جي جذبن کي مات ڏئي چڏي ۽ نيٺ هڪ صلحنامو عمل ۾ آيو جنهن موجب فرانس جي بادشاهه کي، فوج جي تبرڪن سميت فلسطين وڃڙ جي اجازت ڏني وئي. پر هن آڪري ۾ رهي پنهنجا چار سال اجايا گنوائي چڏيا، هو جيروسلم به نه وڃي سگهيو ۽ ڪنهن عزت يا وقار حاصل ڪرڙ کانسواءِ پنهنجي وطن واپس ورڙ لاءِ به تيار نه هيو.

لوئس جي دل اندر، رکي رکي پنهنجي شڪست جي بدلي وٺڙ جا اُڀا ٿي اُٿيا جن نيٺ کيس جوش ڏياريو ۽ سورهن سالن جي آرام ڪرڙ ۽ سوچڙ کان پوءِ هو ستين ۽ آخري صليبي جنگ وڙهڙ جون تياريون ڪرڙ لڳو. سندس مالي پوزيشن بهتر ٿي وئي، سندس بادشاهت جو دائرو وڌو ۽ وسيع

ٿي ويو، ۽ جنگي جوڌن جو هڪ نئون نسل تيار ٿي چڪو هو، ۽ هو ڇهن هزار گهوڙيسوارن ۽ ٽيهه هزار پيادل فوج وني وڏي اعتماد سان مُهم تي روانو ٿيو، انتاڪيا جي نقصان کيس جلد رواني ٽيڻ لاءِ اُڪسايو هو، کيس اُميد هئي ته هو تيونس جي بادشاهه کي عيسائي بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو تنهنڪري هن آفريڪا جي سامونڊي ڪنارن طرف ڪُوچ ڪرڻ لاءِ سانباها ڪيا، جتي وڏن مال خزانن جي موجودگيءَ جي کيس سُڌ پئي، تنهنڪري هن مقدس ڏرتي ڏانهن پنهنجي سفر کي ڪجهه پوئتي ڪري ڇڏيو. پر سندس اُميدون تڏهن خاڪ ۾ ملي ويون جڏهن ماڻهن کي پنهنجي مذهب ڏانهن دعوت ڏيڻ جي سندس خواب پوري ٽيڻ بدران هن پاڻ کي هڪ گهيري ۾ وکوڙيل ڏٺو، فرانس جا ماڻهو باهه جيان برندڙ واريءَ ۾ تڑپي تڑپي مري ويا ۽ سينٽ لوئس پڻ پنهنجي تنبوءَ ۾ مري ويو، ۽ جيئن ئي هن پنهنجون اکيون پُوريون ته سندس پٽ جيڪو سندس جانشين ٻه هيو، پنهنجن ساٿين کي ميدان ڇڏي پڄڻ ۽ پنتي مونڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو(100). هڪ ليکڪ پنهنجو مختصر جائزو هن طرح پيش ڪيو آهي: 'اهڙيءَ طرح هڪ عيسائي بادشاهه کارٽيج جي تباهه ڪارين جي ويجهو مري ويو، جيڪو مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جي اُمتين خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ پنهنجي گهران نڪتو هو ۽ هو اُهو هنڌ هو، جنهن جو تعارف ڏائدو شام جي ديوتائن سان ڪرايو هو(101).

ان کان وڌيڪ بُري قانونسازي بي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي، جنهن جو بنياد ناانصافي تي رکيل هجي ۽ جنهن ۾ ڪنهن ٻه ملڪ جي مقامي ماڻهن کي دائمي غلاميءَ هيٺ رکيو ويو هجي ۽ هڪ طرفي حڪومت ٻه اهڙن ماڻهن جي هجي جيڪي اڳ خود غلام ۽ ڏاريا هيا. مصر جي حالت پنج سؤ سالن کان ڪجهه اهڙي رهي آهي. بَحاري ۽ بورجي خاندانن(102) جا ماڻهو خود تاتاريءَ ۽ سرقاسين نسل جا هيا ۽ سندن چوويهن فوجي اڳواڻن جا جانشين سندن پُٽ نه پر سندن نوڪر چاڪر هيا. هو آزاديءَ جون وڏيون دعوائون ڪن ٿا، سليم پهرئين جو جيڪو معاهدو جمهوريه سان ٽيو هو،(103) ان موجب عثمانيه حڪومت جو شهنشاهه، ايجا تائين، ننڍي پئماني تي ئي سهي، مصر جي حڪومت کان روايتي ڏن وصول ڪري ٿو. امن اَمان جي مختصر وقفي ۾ بن حڪمران خاندانن کي قُرلُٽ ڪرڻ ۽ رت وهائڻ ۾ نمايان سمجهيو ويو آهي،)104) پر سندن تخت، پلي ڪيترو به لوڏن ۾ هجي، سندن حڪومت جو دائرو مصر، نيوبيا، عربستان، ۽ شام تائين پکڙيل هيو؛ سندن مملوڪ گهراٽي جي ماڻهن جو تعداد اٽ سؤ کان وڌي پنجويهه هزار گهوڙيسوارن ۽ هڪ لک ست هزار پيادل فوجين تائين پهتو هو جنهن ۾ ضرورت پوڻ تي چاهٺ هزار عرب فوجين جي مدد ڪرڻ جو واعدو پڻ ٽيل هو(105)، ايتري طاقت رکندڙ بادشاهه، پنهنجن سامونڊي ڪنارن يا حدن ۾ ڪنهن خود مختيار دشمن قوم کي هرگز برداشت نه ڪندا ۽ جيڪڏهن فرئنڪن جي تباهي چاليهن سالن تائين ملتوي ٿي وڃي ها ته اُهي سندن لُڏندڙ حڪومت، تاتارين جي حملن ۽ جنگجوُ زيارتين جي وقتي مدد جا شڪرگذار هجن ها، هنن ۾ انگريزي پڙهندڙ، ايڊورڊ جي نالي تي ضرور غور ڪندو جنهن پنهنجي زندگي ۾ صليب جو نشان پهريون پيرو پنهنجي پيءُ جي زندگي ۾ لڳايو هو. ويلز ۽ اسڪاٽلئنڈ جي مستقبل جو سوپارو، فقط هڪ هزار فوجين جي اڳواڻي ڪندي آڪري کي گهيري مان آزاد ڪرائي، نڊرٿ تائين ڪاهي ويو پر ان وقت وٽس نَوَ هزار فوجي هيا، پنهنجي چاچي رچرڊ جي نالي کي ٻيهر زندهه ڪيائين ۽ پنهنجي بهاديريءَ سان ڏهن سالن جو صلحنامو حاصل ڪيائين، جتي هڪ جنوني قاتل متس حملو ڪيو،(106)

توڙي جو کيس خطرناڪ زخم رسيا هيا پر پوءِ ٻه ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. انتاڪيا(107) جي بيهڪ ڪجهه اهڙي هئي جو ان تي صليبي جنگين جو گهڻ اثر ٿيو هو، پر ان تي ٻه آخرڪار قبضو ڪيو ويو ۽ بندوق دار يا ببارس هٿان ڪيس برباد ڪيو ويو، جيڪو مصر ۽ شام جو سلطان هو؛ لاطيني شهر کي مٽايو ويو ۽ عيسائين جي پهرئين وڏي شهر کي ماڻهن کان خالي ڪرائي غيرآباد ڪيو ويو، هن ڪاروائيءَ ۾ سندن سترهن ڇڻا قتل ڪيا ويا ۽ سندن هڪ لک رهواسين کي قيد ڪيو ويو. سندن سامونڊي ڪنارن وارا شهر جيئن لائوڊيسيا، غبالا، طرابلس، بيريٿس، سڊون، ٽائر، ۽ جفا ۽ سندن مضبوط قلعا جيڪي اسپتالن ۽ مندرن ۾ ويندڙن لاءِ تعمير ڪرايا ويا هيا، قبضي ۾ اينداويا ۽ هاڻي فرئنڪن جو اهو حال هو جو هو فقط هڪ شهر يا آڪري جي سينٽ جان جي ڪالوني تائين محدود ٿي ويا جنهن کي ڪڏهن ڪڏهن بطليموس جي خطاب سان ٻه ياد ڪيو ويندو آهي.

جيروسلم جي وڃائجڻ کان پوءِ، آڪري(108) جيڪو ستر ميلن جي مفاصلي تي هو، لاطيني عيسائين جو وڏو شهر بڻجي ويو، جنهن کي عاليشان عمارتن سان سجايو ويو هو ۽ جنهن ۾ پاڻي جمع ڪرڻ ۽ ماڻهن تائين پهچائڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو ۽ حفاظت لاءِ ديوارن کي ٻٽي تعمير ذريعي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو هو. پاڃوڪڙن ۽ زيارتين جي اچڻ سبب هن شهر جي آبادي ۾ لڳاتار اضافو ٿيندو رهيو، ٻين طرفن ڏي دشمنين سبب، اوپر ۽ اولهه جي شهرن جو ڏنڏو ۽ واپار ٻه هن شهر سان ٿيڻ لڳو ۽ مارڪيٽ ۾ هر قسم جي جنس ۽ هر بوليءَ جا ترجمان يا مترجم موجود هيا تہ جيئن تہ هن شهر ۾ مختلف قومن جا ماڻهو موجود هيا تہ نتيجي ۾ هر برائي هتي جنم پئي ورتو ۽ ان کي هر طرف ڦهلايو ٿي ويو؛ حضرت عيسيٰؑ توڙي حضرت محمد ﷺ جن جا پوئلڳ، مرد توڙي عورتون، جيڪي آڪري جا رهواسي هيا، سي سيئي پنهنجن اخلاق عادتن ۾ بيحد بگڙي ۽ خراب ٿي چڪا هيا ۽ اهو ٻه ڪنهن جي وَس ۾ ڪونہ هو تہ ڪنهن قانون ذريعي مذهب جي غلط استعمال يا اخلاق عادتن جي بگاڙ کي روڪي سگهجي. شهر جا حڪمران تہ گهٽا هيا پر حڪومت ڪٿي ٻه نظر نٿي آئي. جيروسلم ۽ قبرص جا بادشاهہ جن جو تعلق ليوسگنن سان هيو، ان کان سواءِ انتاڪيا جو بادشاهہ، طرابلس ۽ سڊون جا امير، وڏي اسپتال ۽ مڪيہ مندر جا مالڪ، ٽيوٽونڪ سلسلي وارا، وينس، جينئا ۽ پيسا جا ملڪ، مڪيہ پادري جو نمائندو، فرانس ۽ انگلينڊ جا بادشاهہ، هر هڪ پنهنجا پنهنجا حڪم ويهي هلايا، سترهن ٽربيونلون يا ڪورٽون ناهيون ويون جن کي ماڻهن جي موت ۽ زندگي جا اختيار ڏنا ويا هيا، هر ڏوهيءَ کي پاڙي واري ڪنهن ڪوارٽر ۾ لڪائي ان کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي، ۽ قومن جي هڪ ٻئي سان ساڻ ۽ حسد جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن تشدد ۽ رتوڇاڻ جا واقعا ٻه ٿيندا هيا، ڪجهہ شريرن صليب جي نشان جي بي حرمتي ڪئي ۽ ٻين وري پنهنجي گهٽ پگهاڙ جي پورائي ڪرڻ لاءِ مسلمانن جي ڳوٺن کي لٽڻ ٽرڻ شروع ڪري ڇڏيو، شام جي اٺويهن واپارين کي، جيڪي واپار جي خيال کان هتي آيا هيا(*)، انهن کي بيعزتو ڪري عيسائين طرفان کين ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو؛ جڏهن ڪائنئ وضاحت گهري وئي تہ اُنهن اطمينان بخش جواب نہ ڏنا، جنهن سلطان خليل کي بدلي وٺڻ لاءِ آماده ڪيو، هن آڪري خلاف ڪاهہ ڪئي، ست هزار گهوڙي سوار ۽ هڪ لک چاليهہ هزار پيادل فوج جي اڳواڻي ڪندي ۽ اسلحي جي پوري ريل پري (جيڪڏهن آءٌ اهي لفظ استعمال ڪريان) هو روانو ٿيو، هڪ وڏي انجڻ هلائڻ لاءِ ڪائين جي هڪ وڏي ڊير کي هڪ سؤ

وڏين گاڏين ۾ پريو ويو، ۽ شاهي تاريخدان ابوالفدا، جنهن هَما جي فوجين سان گڏ نوڪري ڪئي هئي، اُهو هن مقدس جنگ جو عيني شاهد هيو. فرئنڪن ۾ پلي ڪيتريون ئي برايون ڇو نه هجن، پر هنن هن موقعي تي وڏي مردانگيءَ جو مظاهرو ڪيو، پر اُنهن جي پنهنجن سترهَن اڳواڻن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي ويا، جنهن ڪري چڑوچڑ ٿي وڃڻ هيا ۽ سلطان جي فوجن ڪين هر طرف کان گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. ٽيٽيهن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ، مضبوط ديوار کي مسلمانن آخرڪار ڌاهي ڇڏيو، هاڻي انجڻين جي طاقت استعمال ٿي لڳي؛ مملوڪن هاڻي هر طرف کاهون ۽ حملا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ۽ سڄو شهر هن حملي جو شڪار ٿيل نظر ٿي آيو ۽ ست هزار عيسائي يا ته ماريا ويا يا کين قيد ڪيو ويو، مندرن ۽ خانقاهن جو دفاع وڏيڪ ٿن ڏينهن تائين ڪيو ويو پر اُنهن جي اڳواڻ کي هڪ تير لڳو ۽ هو مري ويو ۽ جيڪي پنج سؤ امير ۽ نواب ساڻن گڏ آيا هيا، اُنهن مان فقط ڏهه زندهه بچا هيا، ۽ اُهي اُنهن جي مقابلي ۾ وڏيڪ غمگين هيا جيڪي ترار جي ڏڪ سان مارجي ويا هيا، ڇو ته زندهه رهي، کين وڏيڪ ذلتن ۽ مصيبتن کي مُنهن ڏيڻو پيو. جيروسلم جو بادشاهه بزرگ ۽ وڏي اسپتال جو مالڪ گڏجي ساموندي ڪناري طرف پڳا، پر سمنڊ تارو تار ۽ مستيءَ ۾ هيو، ٻيڙيون يا جهاز اڻپورا هيا، ۽ ڪيترائي پاڇوڪڙ قبرص جي ٻيٽ تي پهچڻ کان اڳ ئي ٻڏي مري ويا، جنهن ڪري ليوسگنن کي فلسطين جي ضايع ٿيڻ کان پوءِ اطمينان نصيب ٿيو هوندو. سلطان جي حڪم تي ڪليسائن ۽ لاطيني شهرن جي قلعن کي ڌاهي انهن جي وجود کي ختم ڪيو ويو، باقي خوف يا لالچ کي ذهن ۾ رکندي مقدس مقبري کي عام ماڻهن توڙي زيارتين لاءِ کوليو ويو ۽ هاڻي سڄي ساموندي ڪناري تي ڏکوئيندڙ ۽ اڪيلائيءَ واري خاموشي ڇانيل هئي جيڪا ڪيترن ڄُڳن تائين ماڻهن ۾ چؤپول ۽ بحث مباحثن جو موضوع رهي(109).

باب اٺهٺيون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) ائناڪمنينا، ايشيا مائنر ۾ پنهنجي پيءُ جي سوين بابت اسان کي ڪجهه ٻڌائي ٿي؛ (اليگزئڊ، xi,321-325، xiv,419) بوهيمنڊ ۽ ٽئنڪريڊ خلاف سليشيا ۾ سندس جنگ (صفحا 328-342) ايپيرَس جي جنگ جيڪا ڪافي اينگهه ڪري وئي هئي، (xii,xiii,345-406) بوهيمنڊ جو موت، xiv,419).

(2) جيروسلم جي بادشاهن نالي ماتر متن پاڙيو هو ۽ هنن پنهنجن نقشن جي تاريخن ۾ (هڪڙو نقش بيٽليم جي ڪليسا ۾ ايجا ٻ پڙهڻ ۾ اچي ٿو). هُن پنهنجو نالو 'وقت جو حاڪم' لکي پوءِ لکيو هو. (ڊوڪينج، جئائنوِل جا مضمون xxvii,319).

(*) (ترڪن، ڪيس 1100ع ۾ قيدي بنايو هو).

(*) (ائناڪمنينا).

(3) ائناڪمنينا ٻڌائي ٿي ته، ڪاپي يا نقل کي مڪمل ڪرڻ لاءِ هن کي مئل ڪڙ سان گڏ بند ڪيو ويو هو ۽ پوءِ حيرت جو اظهار ٿي ڪري ته هڪ بربر پنهنجي قيد ٿيڻ ۽ بدبودار ڪڙ سان گڏ رهڻ کي ڪيئن برداشت ڪيو هو.

(4) (ٿول مان نڪتل ڪي نشانيون) بازنطيني جاگرافي ۾ هن جو يقيني مطلب انگلينڊ آهي، ها اسان کي اعتماد مان ٻڌايو ويو آهي ته اسان جو هينري- I ڪيس اجازت نه ڏئي ها ته سندس بادشاهت ۾ ٻين فوجن جو گذر ٿئي ها. (ڊوڪينج، اليگزئڊ، ص 41).

(5) صلح نامي جي ڪاپي (اليگزئڊ، xiii,406-416) اصلي ۽ اعتماد وارو دستاويز آهي، جنهن ۾ انتاڪيا شهر جي نقشي ملائڻ جي ضرورت باقي آهي ۽ اهو بيحد ضروري ٻ آهي.

(6) ايم، ڊي گائينس جي تحريرن کي ضرور پڙهيو وڃي (ii,ii) ۽ خاص طرح آئڪونيم، حلب ۽ شام جي سلجوقن جي تاريخ جو مطالعو ضرور ڪجي، پر شرط اهو آهي ته اهو مواد يونانين، لاطينين يا عربن کان هٿ ڪيو ويو هجي. آخري بيان کيل رُوم جي معاملن کان ڪجهه بي خبر رهيا آهن.

(7) زينوفن، آئڪونيَم کي هڪ اسٽيشن طور بيان ڪيو آهي، ۽ اسٽرابو ان جو نالو اهڙو رکيو آهي جيڪو ڪافي مشڪوڪ ٿو لڳي. تنهن هوندي ٻ سينٽ پال ان هنڌ تي بيشمار يهودي ۽ غير يهوڏي وڃي ڏٺا. ڪُتيجا جي بگڙيل نالي هيٺ، ان کي هڪ وڏو شهر ڄاڻايو ويو آهي جنهن ۾ هڪ ندي ۽ باغيچا پڻ آهن ۽ جنهن جو جابلو علائقي کان مفاصلو ٿن ليگن جيترو آهي پر اهو سڄو سينگاريل آهي (خبر ناهي ته چو؟) اُتي افلاطون جو مقبرو ٻ آهي. (ابوالفدا، نقشا وغيره xvii,303) رزڪي ۽ شُلٽينس جي جاگرافي جنهن کي ابن سعيد مان ورتو ويو آهي.

(8) پهرين صليبي جنگ جي مواد کي اڳتي ڪرڻ لاءِ ائناڪمنينا جو مطالعو ڪجي. (اليگزئڊ، xi,331، وغيره) ۽ البرٽ اڪئينِس جي انهن ڪتاب کي ٻ ضرور پڙهجي.

(9) ڪونراڊ، III لوئيس، VII جي ٻي صليبي جنگ لاءِ ٽاير جي وليَم جو مطالعو ڪجي (xvi,18-29) فرنسنجن جي اونو، (i,34-45,59,60) ۽ پئرس جي مئٽيو، (ميجر جي تاريخ، ص 68) استرووِيَس، ڪارپس جي جرمني جي تاريخ، صفحا 372,373) جو ضرور مطالعو ڪجي. ان کان سواءِ فرئنسبيڪئريم جا مسودا ۽ ڊوشين، iv، نيسٽس (مينوئل ۾ i,4,5,6) صفحا 48-41 ۾ مطالعي هيٺ آڻجن.

(10) فريڊرڪ باربروسا جي ٽين صليبي جنگ لاءِ ڏسو اسحاق نسٽس کي، انئنجل، (i,3-8,257-266) استرووِيَس، (ڪارپَس جي جرمني جي تاريخ، ص 414) ۽ ۾ تاريخدان، جيڪي شايد تماشبينن ۾ شامل هيا. ٽئگينو، (i,406-416) جنهن کي استرووِيَس ايڊٽ ڪيو. ان کان سواءِ ليڪٽيَن، (iii,ii,498-526) جو ۾ ضرور مطالعو ڪجي جنهن کي بسنيج ايڊٽ ڪيو.

(11) ائناڪمنينا ٻڌائي ٽي ته پويَن لشڪرن ۾ 40،0000 گهوڙي سوار، ۽ 100،000 پيادا هيا جيڪي نارمنڊي کان آيا هيا ۽ سندن اڳواڻ فلانڊرس جا ٻه پائر هيا. اها حيرت جي ڳالهه آهي ته يوناني، لاطيني بادشاهن جي نالن، ڪٽنبن، ۽ سندن دولت يا ملڪيت کان ناآشنا هيا.

(12) ٽاير جو وليم ۽ پيرس جو مئٽيو هر هڪ فوجي جٿي جي تعداد کي 70،000 ڳڻائن ٿا.

(13) سنئمَس غلط تعداد ڳڻايو آهي يعني 900،000.0 جنهن جي تصديق اوڊو ڊي ڊوئيگلو پڻ ڪئي آهي. ڊوڪينج ۽ سنئمَس تعداد کي ٽورو وڌائي 900556 ٻڌايو آهي. ته پوءِ ان انگ کي گهٽائڻ ۽ نامڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا /90,000 تائين آڻڻ جي ڪوشش ڇو ڪئي وئي آهي؟ ته پوءِ وٽربو جي گاڊفري پئنٽين، ص xix مراتوري ۾ vii, 462) حيرت مان ڇيو هو: (’جيڪڏهن تون سندن تعداد جو ٽو پُڇين، ته پوءِ ٻُڌ: فوجين جو انگ ڏهه لک هيو.‘)

(14) البرٽ اسٽيڊ طرفان گهٽو مبالغو ڪيو ويو آهي (استرووِيَم، ص 414) منهنجو حساب ڪتاب وٽربو جي گاڊ فري کان ورتل آهي ۽ انهن انگن اکرن ۾ ليوبيڪ جو آرنولڊ ۽ برنارڊ ٽيسار پڻ شامل آهن (169, 814) اصلوڪا ليڪڪ خاموش آهن. مسلمانن اهو تعداد -200,000/ لکن کان -2,60,000/ ٻڌايو آهي. (بهاءالدين، صلاح الدين ۾، ص 110)

(15) منهنجو تجزيو اهو آهي ته ٻي ۽ ٽين صليبي جنگين ۾ ڪونراڊ ۽ فريڊرڪ جي رعيت جي ماڻهن کي يونانين ۽ مشرقي ماڻهن طرفان عالماني ڪوٽيو ويو آهي. سنئمر جا ليڪچي زيڪي دراصل پولنڊ ۽ بوهيميا جا رهواسي آهن ۽ اهو فرينچن تي ڇڏيل آهي ته اُهي پاڻ وٽ جرمني وارن جو قديمي خطاب رکن ٿا يا نه.

(16) ٻي صليبي جنگ ۾ نسيٽس هڪ ٻار هو پر ٽين صليبي جنگ ۾ هو فلوپو پولِس جي وڏي عهدي تي فائز هو ۽ فرئنڪن خلاف ڪمان ٽي ڪيائين. البت سنئمس پنهنجي غرور ۽ تعصب سان پريل آهي.

(17) فلاڊيلفيا جي رهواسين جي طور طريقن تي نسيٽس الزام ٽو هٽي جڏهن ته هڪ نامعلوم جرمن پنهنجي ملڪي ماڻهن جي غرور واري روَيي تي ٽُهمت ٽو لڳائي، ’غلطي اسان جي هئي.‘ تاريخ شايد بهتر لڳي ها جيڪڏهن اسان ان ۾ اهڙا تضاد پريون ها. اهو بهرحال نسيٽس آهي جيڪو اسان کي فريڊرڪ جي ڏکن جو داستان ٽو ٻڌائي.

(18) سئمس لاطيني زبان جو ترجمو پنهنجي انداز سان ٿو ڪري، ڊوڪينج وڏي محنت ڪري پنهنجي بادشاهه ۽ پنهنجي ملڪ کي ذلت کان بچائي ٿو ڇڏي. (ڏسو جئائن ول جا مضمون xxvii, 317-320) لوئس بعد ۾ هڪ اهڙي ميٽنگ لاءِ زور ٿو پري جيڪا 'سمنڊ جي ڪنارن تي هڪ جهڙائيءَ جي شرطن' تي ڪئي وڃي، پر ائين نه ٿئي ته هڪڙا گهوڙي تي سوار هجن ۽ ٻيا پيرين پيادا هجن. هن سلسلي ۾ ڪجهه مسودا اهڙا آهن جن کي پڙهي ڪِل ٿي اچي.

(19) ('آءٌ روم وارن جو شهنشاهه آهيان جڏهن ته هو رومانيا وارن جو شهنشاهه آهي.') (نامعلوم شخص جو جملو آهي، ڪئينِس، ص 512) يونانين جو عوامي توڙي تاريخي روپ عجيب قسم جو هيو، تنهن هوندي به سنئمس تسليم ٿو ڪري ته شهنشاهه جو تڏهن مطلب هڪ 'بادشاهه' جو هوندو هو.

(*) (جرمني جا ماڻهو).

(20) معصوم-III جي تحريرن ۾ (xiii, 184) ۽ بهاءُالدين جي تاريخ ۾ (صفحا 129, 130) برداشت ڪرڻ بابت پادري ۽ قاضي جي تبصرن جو مطالعو ڪيو. (قاضي، هڪ اسلامي جج هوندو هو.)

(21) ويڪسن جا نواب، فرانس جا بادشاهه هوندا هيا، جيڪي وري سينٽ ڊينِس جي خانقاهه جي پرچارڪ جا غلام يا مريد هوندا هيا. بزرگ جو خاص جهنڊو، جيڪو خانقاهه جي سرواڻ کان کين مليو هو، چؤرس نموني ۾ ڳاڙهي رنگ جو هو. ڳاڙهو رنگ ٻارهين کان پندرهين صدي عيسوي تائين فرانسيسي فوجن جي علامت رهيو هو. (ڊوڪينج يا جئائن ول، مضمون ۽ تحريرون xviii, 244-253)

(22) ٻي صليبي جنگ بابت اصلي فرانسيسي تاريخ 'گيستا لودووِسي vii'، آهي جيڪا دوشين جي چوٽين جُلد ۾ چپي هئي. ساڳئي جلد ۾ بادشاهه جا اصلي خط به شايع ڪيل آهن ته سندس وزير شگر جون تحريرون به ان ۾ شامل آهن. هي واقعي هڪ مستند تاريخ جا بهترين دستاويز آهن.

(23) ڪئينِس، ص 517. هي ان درد جو داستان آهي جنهن اهو پوڳيو هو يا سورَ سَنا هيا.

(24) ('جهنگَ جا بيشمار وحشي ماڻهو جن کي هن وقت تائين ڪنهن به فتح نه ڪيو هو ۽ نه وري سندن ڪو اڳواڻ هو، بس هو جڏ رهزنن جي قوم هيا.') ڪين شڪست ڏيڻ تي ڪاڳني جي سلطان کي شايد ڏاڍو مزو اچي ها. (نامعلوم، ڪئينِس، صفحا 518-517)

(25) ڪئنيسيَس ٽئگينو ۽ بهاءُالدين جي گڏ ڪيل مواد ۾ هڪ نامعلوم ليکڪ جو مطالعو ڪيو، (صلاح الدين 120-119، باب 70) جنهن ۾ ڪاڳني جي سلطان ڪِلج ارسلان جو ذڪر ڪيل آهي ته هو صلاح الدين ۽ فريڊرڪ کان ڊڄندو هو ته ڪائنڪ نفرت به ڪندو هو.

(26) اها خواهش ته بن عظيم انسانن جي هڪ ٻئي سان پيٽ ڪجي. ڪيترن ليکڪن کي ترغيب ڏني آهي ته هو فريڊرڪ کي سڊنس ندي ۾ ٻڏندي ڏيکارن تا، جنهن ۾ سڪندراعظم پڻ غير دوراندیشي ڪندي غسل ڪيو هو. (ڪيو،ڪرٽ iii,4,5) پر شهنشاهه جي پنڌ ڪرڻ مان ائين ٿو لڳي ته اُها ندي ڪئليڪڊنس هئي جيڪا ايتري وڏي ته ڪانه هئي، البت اُها ڊگهي ضرور هئي.

(27) مئريئس سئنوئس، (1321ع) هڪ اصول جي ڳالهه ٿو ڪري ته: 'پادري اهو بوڇڻ زميني سفر ۾ نه اوڏيندو هو'. هو قدرت جي مهرباني۽ سان ان اعتراض کي دور ٿو ڪري ۽ پهرين صليبي جنگ کان پنهنجي ٻُڌان جو اظهار ٿو ڪري. (ساموندي سفر، (ii,ii,i,37.

(28) سينٽ برنارڊ جي باري ۾ مستند معلومات، سندس خود هن جي تحريرن ۾ ئي موجود آهي جنهن جو صحيح چاپو پيري مئبيليَن شايع ڪيو هو، ۽ جنهن کي 1750ع ۾ ٻيهر ويئِس ۾ ڇَهن جُلدن ۾ ڇپرايو ويو هو. دوستيءَ ۾ جيڪو ڪجهه به يادگيرين جي سهاري تي لکجي ٿي سگهيو يا وهمن وسوسن ذريعي شامل ٿي سگهيو ٿي، اُهو سندس شاگردن ۽ عقيدتمندن طرفان ڇهين جُلد ۾ شامل ڪيو ويو آهي، يا جيترو ڪجهه به علم ۽ تنقيد جي زمري ۾ ماپي ٿي سگهيو، سو سمورو ڪجهه بينڊ ڪٽائين ايڊيٽر جي مُهاڳن ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

(29) ڪئروئڪس جنهن جو ٻيو نالو ائبسنٽ جي وادي آهي، اُها بار، سُراڏب جي جهنگلن سان گڏوگڏ شمپين ۾ آهي. سينٽ برنارڊ ته ڪليسا جي شان شوڪت کي ڏسي حيا ۽ شرم وچان ڳاڙهو ٿي ويو تنهن ڪري هن اڇڻ شرط لائبريري جي باري ۾ معلومات ورتي. مون کي خبر ناهي ته 800 ميوئڊس (پاٽيات جو ماپو) کي ڏسي هو خوش ٿئي ها جيڪو هيڊلبرگ کان به مٿي هليو ويو آهي. (XLVi,15-20).

(30) سينٽ (بزرگ) جا مريد پنهنجي روحاني پيشوا جي عدم توجهي يا معصوم جي لاپرواهيءَ جو هڪ شاندار مثال ڏين ٿا. (iii,2,1232,vit,2da,16,45,1383) 'توڙي جو هُن لاسين ڏنڊَ جي ڪنارن سان سجو ڏينهن پنڌ ڪيو، پر هن ان طرف ذري جيترو به توجهه نه ڏنو، ان حد تائين جو ڪيس اها خبر به ڪانه هئي ته هن ان کي ڏٺو به هيو. ڇو ته جڏهن ساڳي شام جو سندس ساٿي ڊنڊ جي خوبصورتيءَ بابت ڳالهائي رهيا هيا ته هن ڪانئن پڇيو ته اُها ڊنڊ ڪٽي ۽ ڪهڙي طرف هئي جنهن تي سندس سڀئي ساٿي ۽ مريد حيران ٿي ويا هيا'. خبر ناهي ته پڙهندڙ سينٽ برنارڊ جي تعريف ڪندو يا نفرت، اُها سندس مرضي، باقي مون جهڙي ماڻهوءَ جي لائبريري جي دريءَ جي سامهون ان بي مثال قدرتي نظاري جهڙو منظر هڻڻ ضروري آهي.

(31) اونو فرائزنگ (i,4) برنارڊ، (تحريرون، 363) مشرق جا خط، (i,328، وٽ، iii,4,vi,1235).

(32) برنارڊ، (تحريرون، ص 247) اسان کي پيني (pene) لفظ جي باري ۾ محتاط رهڻ جي ضرورت آهي. پيني گرامر موجب ظرف آهي جنهن جو مطلب آهي 'ڪڏهن يا ورلي'. پر جيڪڏهن پيني غلطيءَ مان اسم جي جڳهه تي استعمال ٿي ويو ته پوءِ ان جو مطلب نڪرندو ته: 'ستَ عورتون گڏجي به هڪڙو اهڙو مرد نٿيون ڳولي سگهن جنهن جي مرداڻي عضوي کي قابو ڪري سگهن يا ان کي ضابطي ۾ آڻن'.

(33) 'آڳ جنگ جي صفن کي ترتيب ڏيڻ وارو ڪير ٿيندو آهيان ۽ آڳ ڇو وڃي اُنهن جي سامهون بيهان جيڪي هٿيارن سان مسلح آهن، مون کي جيڪو ڪرٿو هو سو مون ڪري ڇڏيو يا جيڪا به مون وٽ طاقت يا ذهني صلاحيتون هيون، اُهي سڀ استعمال ڪيم، وڌيڪ ڇا ٿو ڪري سگهان'. (256,i,259) هو سينٽ پيٽر لاءِ نفرت جو اظهار ٿو ڪري. (تحريرون، 363).

(34) ('پر شايد اُهي چوندا: 'اسان کي ڪيئن خبر پوندي ته اهي تنهنجا نه پر خدا جا لفظ آهن؟ تون ان سلسلي ۾ ڪهڙيون نشانيون پيش ٿو ڪرين جو اسان توتي ويساهه ڪريون؟ اهو منهنجو

ڪر ناهي تہ توهان جي سوالن جا جواب ويهي ڏيان. منهنجي اعتدال پسندي جو قدر ڪريو. جيڪو ڪجهہ اوهان منهنجي باري ۾ ٻڌو يا اوهان پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ ڇا هاڻي اوهان منهنجي توڙي پنهنجي پاران جواب ڏيڻ چاهيندا ۽ ڇا اهو بہ ٻڌائيندا تہ الله تعاليٰ اوهان کي ڪيئن پاڻ ڏي متوجهہ ڪيو'. اطمينان، 423-421,i,ii,ii).

(35) ڏسو شاهديون، (1314-1287,i-17,vi,i-1261,1258,vi).

(36) ابوالمحاسن، ۽ ڊي گائينس، هُنن (Huns) جي تاريخ ۾، (ii، ص 99,ii).

(37) سندس مضمون، ڊي- هربيلاٽ ۽ ڊي- گائينس جي ڪتاب 'مشرقي واقعا' ۾ شايع ٿيل آهي (261-230,i,ii) سندس بهادري مثالي هئي ۽ ڪيس سڪندراعظم، ثاني چوندا هيا ۽ سندس رعيت جو ساٿس ايترو پيار هوندو هو جو هنن سندس موت کان پوءِ هن جي لاءِ دعائون گهريون هيون. تنهن هوندي بہ سنگيار کي فرئنڪن قيدي بنائي ڇڏيو هو جنهن ۾ اُوزر پڻ شامل هيا. هن پنجاهہ سالن تائين حڪومت ڪئي. (1152-1103) ۽ فارسي شاعريءَ جو گهڻو شوق رکندڙ هو.

(38) شام ۾ عراق جي عطابيڪن جي احوال جو مطالعو ڪيو. (i,254) ۽ زندگي ۽ نورالدين جي حڪومتن جو ساڻئي ليڪ طرفان جائزو ڏسو، (ii,ii,147-221) جيڪو بينيلاٽر جي عربي متن مان فائدو حاصل ٿو ڪري تہ ساڻي وقت بن شُونا ۽ ابوالفدا کي بہ چگيءَ طرح ٿو ڏسي. (مشرقي صفحا جن ۾ عطابيڪن ۽ نورالدين بابت مضمون آهن تہ ابوالفراجيَس جي ڪتاب 'خانداني گهراڻا' جا حوالا بہ ڏنل آهن. (صفحا 207-250، پوڪوڪ).

(39) ٽاير جو وليَم (xvi,4,5,7) ايديسا جي نقصان جو ذڪر ڪري ٿو تہ ساڻي وقت موت بابت بہ اسان کي ٻڌائي ٿو. سندس نالو بگڙي 'ڪاڙهو يا رَت، ورنو' سڏجڻ لڳو هو جنهن مان لاطينين کي موقعو مليو تہ 'رت، ورني' مان ڪيس خوني يا خونخوار ناهي ۽ ان نالي سان ڪيس مشهور ڪري ڇڏيائون.

(40) نورالدين لاءِ هڪ ڪٿولڪ عيسائي گواهي ٿو ڏئي جنهن جي پنيرائي هڪ يعقوبي فرقي جي پادري پڻ ڪئي آهي: 'هن وقت تائين ٻيو ڪو بہ اهڙو بادشاهہ نہ گذريو جنهن جي زندگي سونهري اصولن جي پابند رهي هجي، ۽ جنهن جي انصاف پسندي جا اسان وٽ ثبوت موجود آهن'. بادشاهن جي سچي تعريف اُها آهي جيڪا، سندس دشمن، هن جي موت کان پوءِ ڪن ۽ سندس وصفن جا ڳُڻ ڳائيندا رهن.

(41) سفير جي ذريعي سان، ٽاير جو وليَم (xix,17,18) قاهره جي محل جو بيان ٿو ڪري. خليفي جي خزاني مان اهڙا هيرا مليا هيا جيڪي ڪبوتر جي آنن جيترا وڏا هيا، ۽ هڪ يا قوت اهڙو مليو هو جنهن جي تور مصر جي سترهن درامن جيتري هئي، هڪ بهترين زمرد جو پٿر، تاڙيءَ جا وڻ ۽ ڪيترائي ڪرسٽل جا ٿهيل ۽ چين کان برآمد ڪيل گلدان پڻ مليا هيا. (ريناڊات، ص 536).

(42) مملوڪن کي پوڪوڪ بيان ڪيو آهي. (ابوالفراجيَس، i,7) تہ ساڻئي وقت ڊي- هربيلاٽ بہ اُنهن جو ذڪر ڪيو آهي. (ص 545). 'هڪ غلام کي گهٽو ڪري خريد ڪري پاڻ وٽ رکندا هيا يا وري ڪنهن بہ طرح اُهو مالڪ جي قبضي ۾ اچي ويندو هو'. اهي واقعا گهٽو ڪري

صلاح الدين جي جنگين ۾ ٽيندا هيا. (بهاءُالدين، ص 236، وغيره) ۽ اهي بحاري مملوڪ هيا جيڪي پهريون پيرو مصر ۾ آيا هيا.

(43) جئڪبَس (ص 1116) جيروسلم جي بادشاهه کي 374 اميرن کان مٿي نٽو ڏئي. ٻئي يعني فرئنڪ توڙي مسلمان دشمن جي تعداد کي تمام گهٽو ٻڌائين ٿا، ڳٽپ جي فرق جي مسئلي کي هن طريقي سان حل ڪري سگهجي ٿو ته جيڪي مصري جنگ ۾ وڙهڻ جهڙا نه هيا، اُنهن جي انگ کي لِکائي ڇڏجي ته فرق پاڻهي دور ٿي ويندو.

(44) اهو عربن جو سڪندريه هيو جيڪو پنهنجي خوشحاليءَ جي ڪري مشهور هيو ۽ يونانين، رومين ۽ ترڪن ۾ هڪ مرڪزي حيثيت رکندڙ شهر هيو. (سئوَري، مصر جي باري ۾ خط، i,25,26).

(45) مصر جي عظيم انقلاب لاءِ، ٽاير جي وليَم جو مطالعو ڪيو. (xix,5-7,12-31,xx,5-12) بهاءُالدين (صلاح الدين ۾، صفحا 34-30) ابوالفدا (سلطانن جي احوال مان تڪرا، 12-1) ڊي- هربيلاٽ (مشرقي واقعا، عزيز فاطمه، پر اُهو صحيح ڪونهي) ديناوٽ، (سرواٽن جي تاريخ، سڪندر، صفحا 525-522، 577-532) ورٽوٽ، (بهادري جي ڪارنامن جي تاريخ، (i,141-163) ۽ ايم- ڊي گائينس (ii,ii,185-215).

(46) ڪُردن بابت ڊي- گائينس جو مطالعو ڪيو (i,416,417) هي احوال سلطانن جي داستانن ۾ قلمبند ڪيل آهن، تنهن کان سواءِ ٽيوَرنيئر جو مطالعو به ڪجي (ساموندبي سفر، i,308,309) ايوبي فرقي وارا روادي کان شروع ٿيا جيڪي بيحد معتبر هيا پر اُهي بدقسمتيءَ سان، مرڻ کان پوءِ روحن جي منتقل ٿيڻ ۾ اعتقاد رکندا هيا، بنياد پرست سلطان اشارن ۾ چوندا هيا ته سندن حسب نسب ماءُ جي طرف کان شروع ٿيو هيو، ۽ سندن ابا ڏاڏا ڏاريا هيا جيڪي ڪُردن سان ملي خود به اُنهن منجهان ٿي ويا هيا.

(47) زينوفن جي چَهين جُلد 'انابئسِس' جو مطالعو ڪيو. ڪارمدوشيا جي آزاد ماڻهن جي تيرن سان ڏهه هزار وڌيڪ ماڻهو مري ويا هيا ۽ اُهي عظيم بادشاهه جي شاندار ڪمزورين سبب مرڻ کان تمام وڌيڪ هيا. (فارس جو اُردشير).

(‡) (فارسي).

(48) اسان پروفيسر شولٽنس جا احسانمند آهيون (لگڀات، 1755,1732) جو هن اسان کي بيحد مستند مواد ڏنو آهي، جنهن ۾ صلاح الدين جي زندگي جو احوال جيڪو سندس هڪ دوست ۽ وزير قاضي بهاءُالدين پڻ اسان کي مهيا ڪيو آهي. ان کان سواءِ سندس عزيز کان به اسان کي وڏو تاريخي مواد مليو آهي جنهن جو نالو آهي هما جو بادشاهه ابوالفدا، هنن تحريري ذريعن سان اسان هڪ مضمون، جنهن جو عنوان 'صلاح الدين' آهي ۽ جيڪو مشرقي واقعن ۾ شايع ٿيل آهي، کي به شامل ڪري سگهون ٿا ۽ اهي سيبئي احوال وري ابوالفراجيَس جي معروف ڪتاب 'شاهي خاندان جو احوال' ۾ تفصيل سان بيان ٿيل آهن.

(49) جيئن ته ابوالفدا خود به ايوبي سلسلي سان تعلق رکندو هو، ته هن ان سلسلي جي پايو وجهندڙ جي تعريف ۾ خود به حصو ورتو آهي.

(50) هيروسول جي تاريخ، جيڪا گيسٽا ڊي ۾ آيل آهي (ص، 1152) ساڳئي قسم جو مثال جئائن ول ۾ ب ملي ٿو. (ص، 42، لوور جو چاپو) پر نيڪ سينٽ لوئس، لادينن کي اڳتي ڪرڻ يا اُنهن جي تعريف ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو، ته اميرن ۽ عيسائي نوابن جي برتري کي ب نه مڃيو هو. (ڊوڪينج، جائزو ص 70).

(51) هِنن عربي زبان جي لقبن ۾، مذهبن جي باريڪ نُڪتن ۽ بولي ۽ جي ڄاڻ هئڻ ضروري آهي. نورالدين معنيٰ (مذهب جي روشني) عِزُالدين يعني (دين جو شان ۽ وقار) اهڙيءَ طرح عمادالدين (مذهب جو ٿنڀو يا حفاظت). اسان جي سورهيه سپوت جو اصلي نالو يوسف هيو پر کيس لقب صلاح الدين جو ڏنو ويو هيو يعني (بچاءُ ڪندڙ يا چوٽڪارو ڏيارينڊڙ) ابو مظفر معنيٰ (سوپ يا فتح جو ابو) المَلک الناصر يعني (بادشاهه ۽ مددگار).

(52) ابوالفدا جنهن جو شجرو صلاح الدين جي پاءُ سان ٿو وڃي ملي، ڪيترن ئي مثالن ذريعي سمجهائي ٿو ته شاهي گهراڻن جي سلسلن جا باني سڀ الزام پنهنجي سِر تي کڻندا هيا، پر جيڪي انعام اڪرام هوندا هيا اُهي پنهنجن پوين يا جانشينن لاءِ ڇڏي ڏيندا هيا. (اقتباس،ص 10).

(53) سندس زندگي ۽ ڪردار بابت، رنادوٽ جو مطالعو ڪيو. (صفحا، 548-6537).

(54) سندس افساني ۽ مذهبي اخلاق ۽ ڪردار جي باري ۾ بهاءُالدين جي تاريخ جي پهرئين باب جو مطالعو ڪجي، (صفحا، 30-4) جيڪو خود عيني شاهد ۽ ڪٽر مذهبي پڻ هيو.

(*) (ڏن يا ٽئڪسون).

(55) ڪيترن ئي ڪمن مثال طور يوسف جي ڪوهه بابت جيڪو قاهرهه ۾ هيو، سلطان ۽ اتان جو وڏڙو بزرگ، مقامي ماڻهن يا سياحن جي جهالت ۽ اڻ ڄاڻائيءَ کي ڏسي پريشان ٿي ويا هيا.

(56) نامعلوم. (ڪئنسي، iii,ii,504).

(57) بهاءُالدين. (صفحا 129,130).

(58) جيروسلم جي لاطيني بادشاهت لاءِ، ٽاير جي وليم جي تحرير (xi کان xxii هن ڪتاب تائين) جو مطالعو ڪجي. يعقوب، تاريخ، هيروسول، ڪتاب- I ۽ سئنيونس، iii,vi-ix).

(*) (بدحواسي، مونجهارو).

(59) (مُندر وارن ماڪيءَ جي مڪين جيان يُون يُون ٿي ڪئي ۽ مريضن جي سار سنڀال لهڻ وارن شور ٿي مچايو، ۽ پاڻ کي برندڙ باهه جي حوالي ڪري ڇڏيو). هي ٽڪرو عربي زبان جي فصاحت بلاغت مان ورتل آهي جيڪو زينوفن جي تحرير جي طرز کان ڪافي مختلف آهي.

(60) لاطينين، ريمنڊ جي غداريءَ بابت يقين سان ڳالهه ڪئي پر عربن فقط شڪ جو اظهار ڪيو، پر جيڪڏهن هو سندن مذهب اختيار ڪري ها ته هو مسلمانن جي نظرن ۾ هڪ ولي ۽ وڏو سورمو ليکيو وڃي ها.

(61) رائوڊ، ريگينالڊ يا آرنولڊ جي، لاطينين وٽ گهٽي عزت آهي جنهن کي هن جي زندگي توڙي سندس موت کان پوءِ ب مان ڏنو ويو پر آرنولڊ بابت ابوالفدا، بهاءُالدين ۽ جئائن ول وڌيڪ وضاحت سان تفصيل پيش ڪيا آهن، (تاريخ، سينٽ لوئس، ص 70) جيڪي صلاح الدين جي ڪردار جون خوبيون ڳٽائيندي ٻڌائن ٿا ته جنهن ب قيدي سندس نيمڪ يا سندس ماني کاڌي

هئي تہ ان کي هو هرگز نہ ماريندو هو. آرنولڊ جي ڪجھ ساٿين کي قتل ڪيو ويو هيو يا کين مڪي ۾ قربان ڪيو ويو هو (’جتي قرباني جي جانورن کي ڪُنو ويندو آهي‘).

(62) ورٿوٿ، جيڪو شهر توڙي سڄي بادشاهت جي نقصان جو ذڪر ڪري ٿو (بهادري جي تاريخ، i,ii,226-278) ۽ مندر جي هڪ امير جون اصلي تحريرون پيش ٿو ڪري.

(63) رينادوٿ، سرواٽن جي تاريخ، (سڪندر، ص 545).

(64) جيروسلم جي فتح لاءِ بهاءُالدين (صفحا، 75-67ف) ۽ ابوالفدا (صفحا، 43-40) اسان جا شاهد آهن جيڪي مسلمان آهن. عيسائين مان برنارڊ ٽساريس (167-151) ڪشاده ذهن ۽ معتبر آهي. ساڳي طرح مئٽيو پئرس (صفحا، 124-120) بہ اعتماد ڪرڻ جهڙو آهي.

(65) ٽاير ۽ آڪري جي گهيرن بابت برنارڊ ٽساريس وضاحت سان لکيو آهي (باب، 179-167) جيڪو هيروسول جي تاريخ جو مصنف هيو. (صفحا، 1172-1150) ابوالفدا (صفحا، 50-43) ۽ بهاءُالدين (صفحا، 179-75) جو بہ ضرور مطالعو ڪجي.

(66) مون اعتدال پسندي واري اُها حقيقت بيان ڪئي آهي جنهن جو ذڪر ورٿوٿ اڳ ۾ ڪري چڪو آهي، پر هو ناراض ٿيڻ بجاءِ پنهنجي بيان جي انداز کي عاشقاٽو بٽائي ٿو ڇڏي. بزرگ نواب، گهيري ۾ آيل ماڻهن جي تيرن جو نشانو بڻجي ويو هو.

(67) نوٽ: هي سڄو حاشيو لاطيني يا فرانسيسي بوليءَ ۾ لکيل آهي جنهن جو انگريزي ۾ ترجمو نہ ڏنو ويو آهي. ان ڪري سنڌي ترجمي پيش ڪرڻ کان معذرت جو اظهار ڪريان ٿو. (سنڌيڪار).

(68) جيروسلم جو تاريخدان (ص 1108) دجلہ کان هندستان تائين اوپر جي قومن کي ٻين ماڻهن سان ملائي ٿو جن ۾ سانوري ۽ ڪاري رنگ جا اتر آفريڪي مسلمان ۽ ٻين قومن جا ماڻهو بہ شامل هيا. اهو ان ڪري ڪيو ويو هو تہ جيئن ايشيا ۽ آفريڪا جا ماڻهو پاڻ ۾ ٻڌي ڪري يورپ وارن خلاف وڙهي سگهن.

(69) بهاءُالدين (ص 180) عيسائي تاريخدانن هن قتلام جو نہ تہ انڪار ڪيو آهي ۽ نہ اُنهن ڪنهن تي ان جي تهمت مڙهي آهي. ’بس حڪمن جو هڪدم تعميل ٿي وئي‘. گئلفرائڊس، جيڪو قتل ٿيل ماڻهن جو انگ 2700 ٿو ٻڌائي، ان کي راجرهوودن وڌائي 5000 تائين پهچائي ڇڏيو. (صفحا، 697,698). خبر ناهي انسانيت يا وري فلپ آگسٽس جي لوپ ۽ لالچ کي مجبور ڪيو ويو هو تہ هو پنهنجي قيدين جي آزادي کي پئسن سان خريد ڪري ڇڏي. (يعقوب 1122 ,98 ,i)

(70) بهاءُالدين (ص 14) هو بئلئينس جي ڏنل فيصلي جو حوالو ٿو پيش ڪري جنهن ۾ سڀون جو بادشاهہ بہ شامل هيو ۽ ٻڌائي ٿو تہ: ’عيسائين منجهان جيڪي آڪري جي سينٽ جان کان اڳ ۾ مري ويا هيا، اُنهن ۾ مون کي هي انگريزي نالا ٿا ملن: ڊي.فيررس، ڊربي جو نواب، (ڊگڊيل، بسينج 260 ,i) موبري (آئڊيم، ص 124) ڊي.مئنڊيول، ڊي فنيس، سينٽ جان اسڪروپ، پگٽ، ٽئلبٽ وغيره.

(71) (بهاءُ الدين، ص 159) ڪيس فلپ يا رچرڊ جي نالن جي شايد ڄاڻ ڪانہ هئي.

(72) هن مال دولت کان هڪ ڏاريو ماڻهو ته شايد متاثر ٿي سگهي ٿو ۽ ان جي تعريف ۾ ڪري سگهي ٿو پر فقط قومي تاريخدان ئي اهو ٻڌائي سگهندا ته اهو مال خزانو ڪيڏن نه غير قانوني طريقن سان ۽ ماڻهن کي اذيتن ڏيئ کان پوءِ جمع ڪيو ويو هو.

(73) جئائن وِل (ص 17)

(74) تنهن هوندي به هو مسلمانن جي نظرن ۾ ڏوهي هيو، جو ته اُهي قاتلن جي اعتراف جا شاهد هيا ته انگلنڊ جي بادشاهه کين موڪليو هو (بهاءُالدين، ص 225) ۽ سندس واحد بچاءَ ۾ هڪ ڏوڪيبازي جي ترڪيب ۾ رڪيل آهي جيڪو سڄو فضول ۽ اجايو آهي (نقش و نگار جي اڪيڊمي جي تايخ، xvi, 155-163) يعني اهو فريبڪاري وارو هڪ خط هو جيڪو قاتلن جي بادشاهه شيخ طرفان لکيو ويو هو جيڪو هڪ پوڙهو ماڻهو هو ۽ جبلن ۾ رهندو هو جنهن رچرڊ کي جائز سمجهيو هو ۽ پاڻ کي قتل جي ڏوهه کان ڏوهه ڪرڻ جو مجرم سمجهيو هيائين.

(75) تڪليفن جي باوجود صلاح الدين جي مستقل مزاجي ۽ پختي عزم تي ڪيس داد ڏيڻو ٿو پوي جيئن بهاءُالدين اسان کي ٻڌائي ٿو (صفحا 225-227, 7-9) جنهن خود جيروسلم جي بچائيندڙ لاءِ هڪ وڏي تقرير ڪئي هئي. سندن خوف خطرا دشمنن کان لکل نه هيا (يعقوب i, 100, 1123) ونيساف (v, 50, 3399)

(76) جيستائين سلطان يا ڪو ايوبي سلسلي وارو ماڻهو جيروسلم ۾ موجود هيو تيستائين: 'نه ڪُرد، ترڪن جي فرمانبرداري کن ها ۽ نه وري ترڪ، ڪردن جي ڳالهه مڃين ها.' (بهاءُالدين، ص 236) هو وچ ۾ سياسي پردو حائل ڪري ٿو ڇڏي.

(77) بهاءُالدين (ص 237) توڙي جعفري ڊي ونيساف (vi, 1-8, 403-409) جنگ جي ميدان مان پاڇ جو ذميدار خود رچرڊ کي سمجهن ٿا ۽ هڪ يعقوبي جائزو پيش ڪندي چوي ٿو ته پڇڻ وقت تڪڙ ڪرڻ ۾ هو مختلف ماڻهو لڳي رهيو هو. (ص 1123) تنهن هوندي به جئائن وِل، جيڪو هڪ فرانسيسي سورمو هو، هُو (Hugh) جي حسد جي مذمت ٿو ڪري جيڪو برگنڊي جو امير هيو (ص 116) جنهن ۾ هو مئٽيو پئرس جي حمايت نٿو ڪري ته ڪيس صلاح الدين رشوت ڏني هئي.

(78) عسڪلان، جيروسلم ۽ جفا جي معرڪن جو ذڪر بهاءُالدين (صفحا 184-249) ۽ ابوالفدا (صفحا 51-52) تفصيل سان ڪيو آهي. سفرنامي جو مصنف يا سينٽ البينس جو راهب رچرڊ جي اختيارن بابت قاضي جي ڏنل تفصيلن ۾ مبالغو نٿو ڪري سگهي. (ونيساف vi, 14-24, 412-421) (مئٽيو پئرس) مڪيه تاريخ (صفحا 137-143) ۽ مجموعي طور تي هن جنگ بابت، حيرت انگيز طور تي عيسائي ۽ مسلمان ليکڪ ساڳي راءِ رکن ٿا، ۽ ٻئي ڏريون پنهنجن دشمنن جي ڪردار جي تعريف ٿيون ڪن.

(*) آرلئنڊو، اورسٽو جي رزميه شاعري 'آرلئنڊو فيوروسو' (1516) جو سپوت ۽ اَمادِس گال، وچين دؤر جي پيار جي ڪهاڻي جو هيرو.

(79) ڳالهين ٻولهين جي واڌاري ۽ دشمنين بابت بهاءُالدين جو مطالعو ڪيو، (صفحا 207-260) جنهن جو خود ان صلحنامي ۾ اهم ڪردار هيو، رچرڊ، مقدس ڏرتيءَ جي فتح ڪرڻ جي ارادي سان

فوجن کي جمع ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو هو جنهن جو صلاح الدين کيس نهايت مهذب جواب ڏنو هو. (ونيساف vi, 28, 423)

(80) هن مذهبي جنگ ۾ پورو ۽ تفصيلي احوال گالفريدي ۾ آيل آهي جيڪو ڇهن ڪتابن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي گيل جي مُسودن جي بي جُلد ۾ ڇاپيو ويو آهي. (انگريزن جي تاريخ، 429-247) راجر هووڊين ۽ مئٿيو پئرس تمام اهم مواد مهيا ڪن ٿا ۽ پهريون بيان ڪيل ليڪڪ نظر ۽ ضبط جي پابندي ۽ انگريزي بحري بيڙي جي ساموندي سفر جو تفصيلي ذڪر ڪري ٿو.

(81) ورٿوٿ به (i, 251) صلاح الدين جي لاپرواهي بابت بيوقوفي جهڙن خيالن جو اظهار ڪري ٿو، جڏهن ته هو موت جي گهڙيءَ تائين قرآن کي پنهنجي ساهه سنئون سانڊيندو هو.

(82) ابوالفرا جيَس ۾ (شاهي خاندانن جو احوال، ص 227 وغيره) ڏسو ته ايوبي فرقي جا ماڻهو ڪيئن اڳتي وڌيا ۽ متي اُپريا. ان کان سواءِ ايم.ڊي گائينس جا نقطا به مطالعي هيٺ آڻجن. (مشرقي واقعا)

(83) ٿوماسِن (انگريزن جي بيان ۾ 311-274) ڏهين حصي يا عُشر جي اصليت، ان جي ناجائز استعمال ۽ پابندين بابت تفصيل سان اسان کي ٻڌايو آهي هڪ اصول کي اختيار ڪيو ويو هيو پر ان تي پوريءَ طرح عمل نه ڪيو ويو ڇو ته اهو پادري کي به ڏيڻو هو ۽ عوام جي ڏهين حصي جو ڏهون حصو وري وڏي پادري کي به ادا ڪرڻو هو. (عشر بابت سيلڊن جو مطالعو ڪيو، iii, ii, 1083)

(84) ڏسو معصوم-III بابت بيان مراتوري ۾ (iii, 486-568).

(*) هڪ فلسفو ته ماني ۽ شراب جڏهن ڪليسائي تقريبن ۾ استعمال ڪيو ويندو هو ته اُهو حضرت عيسيٰ[٤] جي جسم ۽ رت جو حصو ٿي ويندو هو.

(85) پنجين صليبي جنگ جو مطالعو ڪيو ته ساڳئي وقت دميتا جي گهيري کي جيڪ بَس ۾ ڏسو (iii, 1125-1149). هڪ اکين ڏنو شاهد برنارڊ ٽسا ريَس (مراتوري ۾ vii, 825-846, 190-207) همعصر به هو ته مواد جو جمع ڪندڙ پڻ هيو جنهن عربن بابت گهڻو ڪجهه لکيو هو. (ابوالفراجيَس، شاهي خاندانن جو احوال، ص 294) ۽ جئائن ول مان ٽڪرا (صفحا 533, 537, 540 وغيره).

(86) هي اُنهن ڏانهن منسوب آهي جن پادري مين فراءِ جي خلاف صليبي عَلم بلند ڪيو هو. (1255ع) ۽ جن کي گناهن کان مڪمل ڇوٽڪارو مليو هو. مذهبي ماڻهن کي ان ڳالهه تي حيرت هئي ته 'هن عيسائين جي رت وهائڻ لاءِ به کين ساڳيا واعدا ڪيا هيا جيڪي اڳ هن بيدينن يا منڪرن جي رت وهائڻ لاءِ ڪيا هيا.' (مئٿيو پئرس، ص 785) تيرهين صدي عيسويءَ جي هي وڏي فِڪري اُڏام هئي.

(87) هن سادگي واري خيال کي موشيم آسانيءَ سان قبول ڪري. (ڪليسائي تاريخ، ص 332) جنهن ۾ هيوم جو ڪارآمد فلسفو به شامل آهي (انگلنڊ جي تاريخ، i, 330).

(88) فريڊرڪ-II جي صليبي جنگ جو اصلي مواد رچرڊ ڪان حاصل ڪري سگهجي ٿو. (مراتوري مسودو، vii, 1002-1013) ته ساڳي وقت مئٿيو پئرس مان به مواد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

(صفحا 304 ,302 ,300 ,291 ,286) منطق تي هلڻ وارن منجهان فلري جو نالو نمايان آهي. (ڪليسائي تاريخ، ٽام- xvi) ورٿوٽ (بهادري جي تاريخ-i, iii) گيانن (ii, xvi) ۽ مراتوري (اٽلي جا واقعا، ٽام-x).

(*) يولانڊ، جان ۽ بريني جي ڏيءُ هئي، جان جيروسلم جو بادشاھ هيو. (1225-1210ع).

(89) ويچارو مراتوري تصور يا فڪر ڪرڻ ته ڇاڻي ٿو، پر ويچاري کي ڳالهائڻ نٿو اچي. (هتي منهنجو ڪنڌ (شرم وچان) جهُڪي ٿو وڃي، (ص 322).

(90) مذهبي ماڻهن مسجد يا ڪليسا بابت ڇاڻي واڻي مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو هو، جتي مقدس مقبرو به هيو ۽ سندس سوچيل سمجهيل غلطي، جنهن کي سازش چئي سگهجي ٿو، ٻنهي يعني ورٿوٽ ۽ مراتوري کي ڏوڪي ۾ رکيو هو.

(91) ڪئرزميَنس جي اوچتن هنگامن کي متئيو پئرس بيان ڪيو آهي (صفحا 547-546) ته ساڳئي وقت جئائن ول ننجِس، ۽ عربي ليکڪن به ان کي پنهنجين تحريرن ۾ ڇاڻايو آهي. (صفحا 530 ,528 ,192 ,191 ,112 ,iii)

(92) سينٽ لوئس جا معجزا ۽ سندس زندگي بابت پڙهو، جيڪڏهن اوهان پڙهڻ چاهيو ٿا، جنهن ۾ راڻي مارگريٽ جي اعتراض ڪندڙ گهٽو ڪجهه ٻڌايو آهي، (صفحا 523-291) جئائن وِل (لوور ۾ پڻ بيان ڪيو آهي).

(93) جيڪو ڪجهه به ڪيس سندس ڪليسا- ماءُ، سيڪاريندي هئي ته هو ان ۾ يقين رکندو هو، (جئائن وِل، ص 10) پر هن جئائن وِل کي ڇتاءُ ڏنو هو ته هو ڪڏهن به بيدينن يا غير مذهبي ماڻهن سان جهيڙو نه ڪري. ڪيس اهي لفظ قديمي محاوري ۾ هينئن چيائين: 'عام ماڻهو جڏهن عيسائي مذهب خلاف ڪا گِلا يا غيبت ٻڌي ته پنهنجي مذهب جي حفاظت، ترار ڪانسواءِ پي ڪنهن به طريقي سان نه ڪري ۽ اُها ترار غيبت ڪندڙ جي پيٺ ۾ اهڙي طرح ڪُپائي ڇڏي جو اُها بنهه ٻسٽ ٻاهر نڪري وڃي.' (ص 12).

(94) مون وٽ جئائن وِل جا به ڇاپا موجود آهن، پهريون پئرس ۾ 1688 ۾ ڇپيو جيڪو ڊوڪينج جي چوڻ مطابق بيحد قيمتي ۽ ڪارائتو آهي ۽ ٻيو به 1761 ۾ پئرس ۾ ئي ڇپيو جيڪو لوور ميوزيم ۾ رکيل آهي ۽ مسودي ۽ مواد جي لحاظ کان جنهن کي بيحد مستند ۽ اصلي تحرير چيو ويو آهي ۽ اها تحقيق تازو ڪئي وئي آهي. پوئين ڪتاب جو ايڊيٽر ثابت ٿو ڪري ته سينٽ لوئس جي تاريخ 1309ع ۾ ختم ٿي چڪي هئي جنهن ۾ هن ليکڪ جي باري ۾ نه ته ڪا وضاحت ڪئي هئي ۽ نه وري سندس عمر ۾ تجربي جي تعريف ڪئي هئي جيڪا نوي سالن کان به مٿي هلي وئي هئي. (مهاڳ، ص xi) ۽ ڊوڪينج جي تبصري جو به مطالعو ڪجي. (ص 17).

(95) جئائن وِل (ص 32) عربي زبان مان اقتباس (ص 549)

(*) (سينٽ ڊينس جو ڳاڙهو جهنڊو)

(96) پوين مُديرن، جئائن وِل کي عرب تاريخدانن مقريضي، ابوالفدا وغيره جي حوالن سان اجا وڌائي ۽ وسيع ڪري ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح ابوالفرا جيَس پڻ ان ۾ ڪجهه واڌارا ڪيا آهن، (شاهي، خاندانن جو احوال، ص 325-322) پر هو بگڙيل نالي سان ڪيس سڏي ٿو، (متئيو پئرس

(صفحا 683-864) فرينچن ۽ انگريزن جي شاهاڻين حماقتن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي مسورا جي جنگ ۾ وڙهيا هيا پر ڪين شڪست نصيب ٿي هئي.

(†) (لاپرواهه، اَڊنگو)

(97) سئوَري، نهايت مناسب لفظن ۾ داميتا جو احوال پيش ڪيو آهي (i, xxiii, 274-290) ۽ سينٽ لوئس جي مهم جو تفصيلي احوال پڻ اسان کي ٻڌايو آهي. (xxv, 306).

(98) سينٽ لوئس کي قيد مان ڇڏائڻ لاءِ ڏهه لک بائزنٽس گهريا ويا جيڪي منظور نه ڪيا ويا هيا پر سلطان جي سفارت جي ڪري ان رقم کي گهٽائي 800,000 بائزنٽس ڪيو ويو جنهن کي جئائن وِل پنهنجي وقت جي 400,000 فرانسيسي لِورس جي برابر ڪيو آهي ۽ مئٽيو پئرس وري ان کي جرمني جي 100,000 چاندي جي مارڪن جيترو سمجهيو آهي. (ڊوڪينج، مضمون ۽ مقالا، XX ۽ جئائن وِل)

(99) لوئس کي پنهنجي سلطان چونڊڻ جو خيال اميرن کان آيو هيو جنهن جي تصديق جئائن وِل به ڪئي آهي، (صفحا 78-77) ۽ اهو خيال مون کي به هروپرو ايترو خراب يا اجايو محسوس نٿو ٿئي جيترو ايم.ڊي والٽيئر ان کي سمجهي ٿو. (فوجين جي تاريخ، 387-386 ,ii) مملوڪ خود پي ڏاريا، باغي ۽ سندن هڪ جهڙا هيا، اُنهن به سندس بهادريءَ کي مجيو هو ۽ اُنهن سندس مذهب جي تبديلي جي اُميد پڻ دل ۾ سانديي رکي هئي، اهڙي خيال جي چاکاڻ ته تائيد نه ڪئي وئي ته ان موضوع کي عيسائين جي اسيمبليءَ ۾ ماٿهن جي شور ۽ گوڙ ۾ اُتاريو ويو هيو.

(100) سينٽ لوئس جي معرڪن بابت اُنهن واقعن جو مطالعو ڪيو جن کي وليَم ڊي نانگِس قلمبند ڪيو آهي (صفحا 287-270) هن کان علاوه عربي ۾ لکيل مسودا ۽ اقتباس به ضرور مطالعي هيٺ آڻجن. (صفحا 255-245 جيڪي جئائن وِل جي لوور جي چاپي منجهان ورتا ويا آهن.

(101) والٽيئر (فوجي جنرلن جي تاريخ، 391 ,ii)

(102) مملوڪن جي ٻن شاهي خاندانن، بحريُن، ترڪن يا ڪپنوڪ جي تاتارين، بورجيُن، سرڪاسيُن، وغيره جو تفصيلي احوال پوڪوڪ ڏنو آهي (ابوالفضه اجيَس، صفحا 30-6) ۽ ايم.ڊي گائينس (i, 264-270) ۾ پڻ احوال ڏنو ويو آهي، ان کانسواءِ ابوالفدا، مرقيضي وغيره پڻ اها معلومات 15هين صدي عيسوي کان ڏني آهي جنهن جي پئيرائي ايم.ڊي گائينس به ڪئي آهي (iv, 110-328)

(103) سئوَري جا اکر (ii) (لوور 108-189 ,xv) آڻ هن کاپي جي سَند تي شڪ ٿو ڪريان، ساڳي وقت اهو به سچ آهي ته سلطان سليم سرڪاسيَنس يا مصر جي مملوڪن سان هڪ صلحنامو طئي ڪيو ۽ پوءِ کين هٽيارن، دولت ۽ طاقت سميت کين چڏي ڏنو. هڪ نئين تاريخ عثمانيه جو مطالعو ڪيو جنهن کي مصر ۾ لکيو ويو هيو ۽ ايم.ڊِجن انجو ترجمو ڪيو هو. (58-55 ,i، پئرس 1781) هيءَ هڪ سنجيده ۽ مستند قومي تاريخ آهي.

(104) (الجنابي ۽ پوڪوڪ، ص 31) مُحَمَّد ﷺ جي حڪومت (1342-1311) هڪ نرالي قسم جي هئي. (ڊي.گائينس- 210-208 ,iv)

(105) هاڻي هنن کي گهٽائي 8,500 ڪيو ويو آهي پر هر مملوڪ جو خرچ 100 لوئسس جي برابر هيو ۽ مصر هنن ڏارين جي شڪايتن سان پريو پيو هو. (والني جا ساموندبي سفر، 187-89 ,i)

(106) ڪارٽ جي انگلنڊ جي تاريخ جو مطالعو ڪيو. (ii, 165-175) ۽ سندس اصلي مصنف ٿومَس وائيڪس ۽ والٽر هيمنگ فوردِ (iii, 34, 35) جيڪي گيل جي مواد ۾ موجود آهن. (ii, 97, 589-592) اُهي ٻئي راڻي الئنر جي پارسائيءَ کان بيخبر آهن جنهن ۾ هن زخم مان زهر چُوسي ورتو هو ۽ پنهنجي زندگي کي خطري ۾ وجهي هن سندس مڙس جي زنگي بچائي هئي.

(107) سئينوئس (iii, xii, 9) ۽ گائينس- هُنن (Huns) جي تاريخ (iv, 143) جن عرب مؤرخن کان ورتي وئي اهي.

(108) آڪري جي حالتن کي وقت جي واقعن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ صحيح طرح سان جان وِلاني ۾ تفصيل آيل آهن. (vii, 144) مراتوري ۾.

(*) صليبين ۽ مسلمانن جي وچ ۾ صلحنامي موجب طئي ٿيل ڳالهيون.

(109) نيٺ فرئنڪن جي ملڪ نيڪالي عمل ۾ آئي جنهن کي سئنيولٽس ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ابوالفدا، مقريضي، گئينس ۾ (iii, ii, 4-22) ۽ ورٿوٽ (iv, 162, 164) (i, iii, 407-428).

باب سٹيون

(خلاصو)

يونانين ۽ لاطينين ۾ مذهبي اختلاف ـ قسطنطنيه جي صورتحال ـ بلغاريا جي ماٹھن جي بغاوت ـ اسحاق ائنجلس کي سندس پاءُ اليگزيَس تخت تان لاهي ڇڏيو ـ چوٹين صليبي جنگ جا سبب ـ فرانسيسي ۽ وينِس جي عوام جو اسحاق جي پٽ سان ايکو ـ قسطنطنيه تي سندن ساموندي حملو ـ ٻيرا گهيري ڪرڻ کان پوءِ، لاطينين طرفان شهر جي مڪمل فتح .

هن باب ۾ گِبن، يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جي وچ ۾ اختلافن جو ذڪر ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ مذهبي ڦوٹ جي نتيجي ۾ روم جي شهنشاهت، اوپر جي ملڪن ۾ زوال پذير ٿي. اُهي اختلاف 1054ع ۾ انتها تائين پهچي ويا جڏهن لاطيني پادري يونان جي مذهبي سرواٹ کي ملڪ نيڪالي ڏني. پهريُن ٹن صليبي جنگين جي واقعن بنهي ڪليسائن جي وچ ۾ ويتر اختلاف وڌائي ڇڏيا. بهرحال اڳلي ۽ قسطنطنيه جي وچ ۾ پهريون رابطو وينِس، جينُئا ۽ پِسا جي واپارين جي معرفت قائم ٹيو. پر قومي سطح تي دشمنين جي باهه ٻڙڪي پئي جنهنڪري 1183ع ۾ قسطنطنيه جي لاطيني رهواسين جو قتلام ڪيو ويو، ان وقت شهنشاهه ائنڊرونيڪَس جي حڪومت هئي. سندس جانشين اسحاق-II پنهنجي تخت تي آرامي هو پر ڪيس خوشين جي شور جاڳائي ڇڏيو. بلغاريا جي ماٹھن قسطنطنيه کان آزادي حاصل ڪئي ۽ روم سان پنهنجي اتحاد کي قائم ڪيائون. اسحاق کي پنهنجي پاءُ اليگزيَس 1195ع ۾ تخت تان لاٿو ۽ خود حڪمران ٿي ويهي رهيو. هوڏانهن پادري اِنوسينٹ-III، چوٹين صليبي جنگ جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويو. فرانس جي ڇَهن سفيرن، وينِس جي اينريڪوڊئنڈالو سان هڪ معاهدو طئي ڪيو جنهن موجب صليبين کي سمنڊ رستي پهچائٹو هو. دالمئٹيا جي ڪناري تي، زارا سندن پهرئين حملي جو شڪار ٹيو ۽ هي حملو وينِس وارن جي فائدي لاءِ ڪيو ويو هيو، ان کان پوءِ تخت تان لٹل بادشاهه اسحاق جي پٹ صليبين تي زور پريو تہ هو سندس پيءُ کي ٻيهر تخت تي ويهارن جنهن جي بدلي ۾ هو لاطيني ۽ يوناني ڪليسائن جي مذهبي اختلافن کي ختم ڪرائي ڇڏيندو. اُهي بغير ڪنهن مخالفت جي قسطنطنيه پهچي ويا. يارهَن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ غاصب اليگزيَس تخت ڇڏي پِجي ويو ۽ اسحاق-II ۽ سندس پٹ کي گڏيل بادشاهت جي واڳ سؤنپي وئي. صليبين يوناني ڪليسائن کي ڦري تاراج ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي شهنشاهه، لاطينين توڙي يونانين جي حمايت کان محروم ٿي ويا جن کي هڪ يوناني غاصب مورزوفل تخت تان لاهي ڇڏيو. قسطنطنيه تي ٻيو حملو ڪيو ويو جيڪو آخرڪار لاطينين جي قبضي ۾ اچي ويو. شهر جي دولت کي ماٹھن خوب ڦريو ۽ تاراج ڪيو ۽ ٹامي جي ٹهيل مجسمن کي رجائي برباد ڪيو ويو ۽ لائبريرين کي پڻ تباهه ڪيو ويو.

باب ايڪهٽيون

(خلاصو)

فرانس ۽ وينِس طرفان شهنشاهت جو ورهاڱو- فلانڊرس ۽ ڪرٽني جا پنج لاطيني شهنشاهہ- بلغاريا ۽ يونان خلاف سندن جنگيون- لاطيني شهنشاهت جي ڪمزوري ۽ مفلسي- يونانين طرفان قسطنطنيه کي واپس ونڻ- صليبي جنگين جا اثر ۽ نتيجا- ڪرٽني جي ڪٽنب بابت اختلاف.

گِبن، فرانس ۽ وينِس جي نمائندن پاران، فلانڊرس جي نواب بالڊوِن جي چُونڊ جو ذڪر ڪري ٿو جنهن کي اوپر جي شهنشاهہ بڻايو ويو هو، وينِس کي يونان جي زميني حدن جو ڪافي حصو هٿ اچي ويو هيو، پر لاطيني شهنشاهت جي ايڪي ۽ اتحاد کي، جاگيرداري نظام جي ورهاڱي سبب وڏو ڏڪ لڳو هو. سندن يوناني رعيت جي ماڻهن بغاوت ڪئي ۽ بلغاريا جي عوام جي حمايت سان هنن بالڊوِن کي 1205ع ۾ شڪست ڏني، هو قيد ۾ ئي مري ويو ۽ سندس پاڻ هينري کي هن جو جانشين بنايو ويو جنهن ڏهن سالن تائين حڪومت ڪئي ۽ يونانين کي پرچائڻ ۽ راضي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل رهيو. سندس موت تي، سندس پيٽيوو پيٽر جنهن جو تعلق ڪرٽني سان هيو، شهنشاهہ بڻجي ويو، پر فرانس کان قسطنطنيه تائين سفر ڪندي ڪيس رستي تي گرفتار ڪيو ويو ۽ هو قيدي جي حيثيت ۾ ئي ايپيرَس جي هنڌ تي مري ويو. جيروسلم جي عارضي بادشاهہ بريني جي جان جي ڪاميابين ۽ فوجي طاقت سبب، لاطيني شهنشاهت جي زوال کي ڪجهہ وِٿي ملي وئي، پر 1237ع ۾ سندس موت کان پوءِ، بالڊوِن-II شڪست کان بچڻ لاءِ، تبرڪن کي گروي رکڻ کان پوءِ پنهنجي آمدني کي ڪجهہ وڌائي سگهيو هو. آخرڪار 1261ع ۾ لاطيني شهنشاهت کي يونانين ڪجهہ سهارو ڏنو جنهن ۾ خاص ڪردار مائيڪل پئلولاگس جو هيو، صليبي جنگين جو عمومي جائزو ونڊي گِبن ٻڌائي ٿو تہ يونانين توڙي عربن سان مسلسل رابطي ۾ رهڻ جي باوجود بہ لاطينين کو سبق سکڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، پر اوپر ۾ سندن طاقت جي زور سبب سندن برادري اولهہ جي ملڪن ۾ ڪافي اهم خِطن کي آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي. هو پنهنجي بيان کي، ايڊيسا، فرانس ۽ انگلنڊ ۾ ڪرٽني جي خاندان جي تاريخي حيثيت سان ختم ٿو ڪري.

باب باهنيون

(خلاصو)

نائيسيا ۽ قسطنطنيه جا يوناني شهنشاهه- مائيڪل پئلولاگَس جو اُپرڻ ۽ سندس حڪومت- وڏي پادري ۽ لاطيني ڪليسا سان سندس فريب وارو اتحاد- آنجُو جي چارلس جي بدخواهي ۽ دشمني- سِسلي ۾ بغاوت- ايشيا ۽ يونان ۾ ڪئٽَلنس جي جنگ - انقلابَ ۽ اٽينس جي موجوده صورتحال.

باب 62، هن بيان سان سروع ٿئي ٿو ته يونانين جلاوطنيءَ ۾ به ڪيئن نه هڪ قومي رياست قائم ڪري ورتي هئي جيڪا ايشيا مائنر ۾ هئي ۽ نائيسيا ان جو مرڪز هيو. سندن خاندان لئسڪئرس جي نالي سان مشهور هيو، قسطنطنيه جي زوال ۽ 1258ع ۾ ٿيوڊور لئسڪئرس-II جي موت کان پوءِ، مائيڪل پئلولاگس طاقتور ٿي اُپريو هيو ۽ ڪيس شهنشاهه بڻايو ويو، پر سندس مذهبي اڳواڻ ڪيس جلاوطن ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هُن لئسڪئرس جي جائز وارث کي انڌو ڪري ڇڏيو هو؛ ان ڪانسواءِ هو اوپر ۽ اولهه جي ڪليسائن جي وچ ۾ مذهبي اختلافن ختم ڪرائڻ ۾ پڻ ناڪام رهيو هو. اولهه طرف سندس وڏي ۾ وڏو دشمن آنجُو جو چارلس هيو جنهن بن سِسلين جي بادشاهت کي 1266ع ۾ حاصل ڪري ورتو هو. جڏهن پالرمو (جيڪي 1282ع ۾ سِسلي جا عبادتگذار هيا) ۾ بغاوت جو عَلم بلند ٿيو ته مائيڪل، پيٽر ائراگان کي مالي امداد ڏني، نتيجي ۾ چارلس کي ڪئٽلنس هٿان شڪست نصيب ٿي. پنهنجي پي نسل ۾ ڪئٽلنس جا پاڙيتو ۽ رولو ماڻهو قسطنطنيه ۾ داخل ٿي ويا ته جيئن ترڪن سان وڙهي سگهن، بهرحال اُنهن يوناني شهنشاهت ۾ هر طرف تباهي مچائي ڏني، گِبن هن باب جي پڇاڻي اٽينس جي جائزي ونڊ سان ڪري ٿو جنهن ۾ سندس (گِبن جو) دؤر پڻ شامل هيو ۽ تبصرو ڪندي چوي ٿو ته: 'قديم ۽ عظيم تهذيب جي تباهه ڪارين ۾ اٽينس جا ماڻهو انتهائي ڪاهليءَ واري بي نيازيءَ سان گهمن ڦرن ٿا.'

باب ٽيهنيون

(خلاصو)

خانہ جنگيون ۽ يونان جي شهنشاهت جي تباهي- وڏي ۽ نندي ائنڊرونيڪَس ۽ پئلولاگَس جون حڪومتون- بغاوت، حڪومت ۽ جان ڪئنٽاڪزين جو تخت تان دستبردار ٿيڻ- پيرا يا گنالا ۾ جينئا جي ڪالوني جو آباد ٿيڻ- قسطنطنيہ جي شهر توڙي شهنشاهت خلاف سندن جنگيون.

گِبن خانہ جنگين جو ذڪر ٿو ڪري جن يونان جي شهنشاهت کي تڏهن گهٽو متاثر ڪيو هو جڏهن مائيڪل پئلولاگس جي جانشينن جي حڪومت هئي، پر تڏهن ڪجهہ ناپر ٿي جڏهن جان ڪئنٽاڪزين 1347ع ۾ قسطنطنيہ ۾ داخل ٿيو ۽ نندڙي جان پئلولاگس جي عيوضيءَ طور حڪومت هلايائين، پر فتنن ۽ ديني جهڳڙن ڪَر ڪنيو جن شهنشاهت کي بنهہ ڪمزور ڪري ڇڏيو. هوڏانهن وري جينئا ۽ وينِس جي واپارين جي وچ ۾ سخت اختلاف برپا ٿي ويا ۽ جڏهن يونانين 1352ع ۾، جينئا وارن خلاف، وينِس وارن جي حمايت ڪئي تہ قسطنطنيہ جي ديوارن اندرئي ڪين شڪست جو مُنهن ڏسڻو پيو، جنهن جي نتيجي ۾ جينئا وارن کي وڻج واپار جي هڪ طرفي اجازت ملي وئي.

باب چوهنيون

(خلاصو)

چنگيز خان ۽ مغلن (منگولن) جون چين کان پولئنڊ تائين سوڀيون- قسطنطنيه ۽ يونانين جو بچي وڃڻ- بٽنيا ۾ عثماني ترکن جي شروعات- عثمان جي حڪومت ۽ سندس فتحون- آرچن، عموراٽ-I ۽ بايزيد-I ايشيا ۽ يورپ ۾ ترکن جي شهنشاهت جو بنياد ۽ ان جو واڌارو- قسطنطنيه ۽ يوناني سلطنت کي خطرو

گِبن، منگولن (مغلن) ۽ تاتارين جي اصل نسل تي هڪ نظر ٽو وجهي، جن عثمانيه سلطنت جو بنياد رکيو هو. هُو، سندن فوجي نظم ۽ ضبط، قانونن توڙي مذهبي رواداري جو باني سندن پهرئين شهنشاهه چنگيز خان کي سمجهي ٽو. (1227-1206ع- حڪومت جو دؤر) سندس چئن جانشينن ايشيا جي گهڻن ملڪن ۽ مشرقي يورپ جي وڏي حصي کي پنهنجي فرمان هيٺ آڻي ڇڏيو ۽ چين جي تهذيب ۽ تمدن کي هنن اوپر جي ملڪن ۾ رائج ڪيو جڏهن ته اسلام کي اولهه جي ملڪن ۾ ڦهلايو ويو.

سندن اڳواڻن جي وچ ۾ اختلافن سبب قسطنطنيه بچي ويو ۽ سندن زوال سبب، چوڏهين صدي عيسوي جي شروع واري دؤر ۾، ايشيا مائنر ۾ عثمانيه سلطنت يا ترکن جي حڪومت قائم ٿي وئي. باسفورس جي اردگرد يونانين جون سيئي مال ملڪيتون ختم ٿي ويون، پر اها عجيب ڳالهه هئي ته خانه جنگي ۾ اُنهن ترکن سان اتحاد ٿي ڪيو. چوڏهين صدي عيسوي جي آخر تائين ترڪَ، بالڪنس جي تمام گهڻي حصي جا مالڪ ٿي ويا ۽ نڪوپولس جي جنگ ۾ (1396ع) هنن هنگري کي به شڪست ڏني ۽ وڌيڪ طاقتور ٿي ويا. فقط تيمورلنگ جي سوپن، جنڪي بي باب ۾ بيان ڪيو ويندو، ترکن کي قسطنطنيه جي فتح کان پنتي هٽائي ڇڏيو.

باب پنجهٽيون

(خلاصو)

تيمور يا تيمورلنگ جو سمرقند جي تخت تي ويهڻ- فارس، جارجيا، تارتري، روس، هندستان، شام ۽ اناتوليه ۾ سندس سوڀون- ترڪن سان سندس جنگ - بايزيد جي شڪست ۽ سندس قيد ٿيڻ- تيمور جو موت- بايزيد جي پٽن طرفان خانه جنگي- محمّد I- ترڪي جي بادشاهت کي بحال ٿو ڪري- عموراث-II طرفان قسطنطنيه جو گهيرو.

گِبن، سمرقند جي ويجهو تيمور يا تيمورلنگ جي اصل نسل جي ڳالهه ٿو ڪري، ان کان پوءِ سندس فتحن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو جيڪي هُن فارس، سائبيريا، روس ۽ هندستان ۾ ڪيون هيون، بعد ۾ عثمانيه سلطنت خلاف سندس مهم کي بيان ڪري ٿو، انگورا جي لڙائيءَ ۾ جيڪا 1402ع ۾ لڳي، تيمورلنگ، بايزيد کي فاش شڪست ڏني ۽ پنهنجي شهنشاهت جون حدون ايشيا مائنر تائين وڌائي ڇڏيائين. ٽن سالن کان پوءِ، تيمورلنگ چين کي فتح ڪرڻ جي ارادي سان مهم جاري رکي پر رستي تي ئي مري ويو. گبن کي، سندس حڪومت ۾ خوشحالي جي بجاءِ تشدد ۽ افراتفري وڌيڪ نظر ٿي اچي، پر اڳتي هلي هندستان جا مغل بادشاهه سندس ڪامياب جانشين ٻڌيا. عثمانيه سلطنت بايزيد جي پٽن ۾ ورهائجي وئي باقي قسطنطنيه کي سندن خانه جنگيءَ مان ڪو خاص فائدو نه پيو. عموراث-II، 1422ع ۾ ان جو گهيرو ڪيو پر عثمانيه حڪومت جي اندروني بغاوت سبب قسطنطنيه بچي ويو. تنهن هوندي به ترڪن جي زبردست نظم ۽ ضبط ۽ سندن فتحن کي خاص طرح تڏهن يقيني بنائي ڇڏيو هو جڏهن ڏماڪو ڪندڙ شورو يا بارود ايجاد ٿي عام ٿي ويو هو.

باب چاهٽيون

(خلاصو)

مشرقي شهنشاهن جي وڏي پادري کي درخواست- جان-I، مينوئل ۽ جان-II پئلولاگس مغربي ملکن جو دؤرو ڪن ٿا. يوناني ۽ لاطيني ڪليسائن جو ايڪو جنهن جي باسل جي مجلس طرفان حمايت. قسطنطنيه ۾ علم ادب جي صورتحال ۽ اٽلي ۾ يوناني ٻاڇوڪڙن طرفان ان جو واڌارو- لاطينين جي هورا ڪورا ۽ ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڪوششون.

گِبن هن باب ۾ اُنهن سفارتي ڪوششن جو ذڪر ٿو ڪري جيڪي ترڪن خلاف پادرين جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ يونان جي شهنشاهن طرفان ڪيون ويون هيون. شهنشاهه جان پئلولاگُس-I (جيڪو جان-V طور به ڄاتو ويندو آهي) 1355ع ۾، پادري انوسينٽ-VI سان هڪ ڳُجهو معاهدو ڪيو هو. هن پادري اربن-V سان 1369ع ۾ روم ۾ ملاقات ڪئي هئي ۽ سندس پٽ مينوئل-II به 1400-02ع ۾ اولهه جي ملڪن جو دؤرو ڪيو جن ۾ فرانس ۽ انگلنڊ جا ملڪ به شامل هيا. ڪليسائن ۾ جيڪي اختلاف هيا اُهي به تڏهن گهٽي پاڳي دور ٿيا جڏهن تيمورلنگ جي مرڻ کان پوءِ ترڪن طرفان قسطنطنيه لاءِ ٻيهر خطري جون گهنٽيون وڄڻ شروع ٿيون. 1438ع ۾ شهنشاهه جان پئلولاگس-II (جان-VIII) سامونڊي سفر ذريعي وينِس پهتو ۽ وڏي پادري يوجينيَس-IV سان فرارا ۽ فلورينس ۾ ملاقات ڪيائين. پادري کي باسل جي مجلس طرفان نِڊيو ويو پر ڪليسائن بابت يونين جي هڪ قانون ذريعي ان مجلس کي ئي ختم ڪيو ويو. گِبن هن باب جي پڇاڻيءَ تي پڌائي ٿو ته ڪيئن نه يوناني زبان کي ڪورٽن ۾ توڙي قسطنطنيه جي ڪليسا ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪيو ويو هو. پيٽرارچ (1304-1374ع) کي هڪ 'خوشخبري ڏيندڙ' طور ساراهيو ويو جنهن اولهه جي ملڪن ۾ يوناني زبان جو ڳُوڙهو مطالعو ڪيو هو، پر ان زبان کي بچائڻ وارو دراصل مينوئل هيو جنهن سفيرن کي چوڏهين صدي عيسوي جي آخر ڌاري اٽلي روانو ڪيو جنهن ۾ وڏن يوناني ليکڪن کي نمايان ڪري اُنهن جي همت افزائي ڪئي وئي ته جيئن يوناني زبان زندهه رهي. پندرهين صدي عيسوي جي وچ ڌاري، پوپ-نڪولَس-V يوناني مُسودن کي هڪ جڳهه تي جمع ڪيو ۽ هن سلسلي ۾ ڪوسيمو ڊي ميڊيسي، به يوناني زبان جي واڌاري لاءِ ڪم ڪيو.

باب ستهنيون

(خلاصو)

يونانين ۽ لاطينين جا مذهبي اختلاف- عموراث-II جي حڪومت ۽ سندس ڪردار- لئبسلاس جي صليبي جنگ، هنگري جو بادشاهه، هن جي شڪست ۽ سندس موت- جان هنئيبس- سڪندربيگ - ڪانسٽئنٽائن پئلولاگس جيڪو اوپر جو آخري شهنشاهه هيو.

گِبن ٻڌائي ٿو ته يونين جي ڪليسائي قانون کي ڪيئن نه تڏهن رد ڪيو ويو هو جڏهن شهنشاهه ۽ سندس وزير قسطنطنيه پهتا هيا. وڏي پادري يوجينيَس-IV، ترڪن جي خلاف هڪ اتحاد کي قائم ڪيو جنهن ۾ پولئنڊ ۽ هنگري جو بادشاهه لئبسلاس ان جو اڳواڻ هيو، پهريون ته لئبسلاس ڪامياب ٿيو، پر 1444ع ۾ ورنا جي جنگ ۾ ڪيس شڪست آئي جنهن ۾ هو مارجي ويو، سندس ڪمانڊر جان هنيئيبس ترڪن سان مقابلو ڪندو رهيو ۽ 1456ع ۾ بلغراد جو ڀرپور دفاع ڪيائين. عيسائي مذهب جو ٻيو نمبر سپوت، البانيا جو بادشاهه سڪندر بيگ هيو جنهن ٽيويهين سالن تائين ترڪن جي خلاف پنهنجي مخالفت واري مهم کي جاري رکيو. ان موقعي تي ڪانسٽئنٽائن، جيڪو يونانين جو آخري شهنشاهه هو 1448ع ۾ سيزرس جي تخت تي مسند نشين ٿيو.

باب اٺهنيون

محمّد- II جي حڪومت ۾ سندس ڪردار- ترڪن طرفان گهيرو، حملو ۽ قسطنطنيه جي مڪمل فتح- ڪانسٽئنٽائن پئلولاگس جو موت- يونانين جي غلامي واري حالت- اوير ۾ رومي شهنشاهت ختم ٿي وئي- يورپ ۾ خوف ۽ هراس- محمّد- II جون سوين ۽ سندس موت.

ترڪن طرفان قسطنطنيه جي گهيري، اسان جي توجهه کي هڪ وڏي تباهي آڻيندڙ شخص ڏانهن چڪرايو آهي. مُحَمَّد ٻيو(1)، عموراٿ ٻئي جو پٽ هو ۽ سندس ماءُ کي عيسائي شهزادين جهڙا خطاب مليل هيا، ۽ کيس گهٽو ڪري اُنهن بيشمار سُريتن جي ستّ ۾ شامل ڪيو ويندو آهي جيڪي مختلف ملڪن مان آيل هيون ۽ سلطان جي حرم ۾ داخل ٿي ويون هيون. سلطان جي پهرين تعليم ۽ تربيت هڪ پڪي مسلمان واري هئي ۽ جڏهن به هو ڪنهن بي دين ماڻهوءَ يا ڪنهن ڪافر سان گڏهائيندو هو ته هو پنهنجا هٿ منهن ڌوئيندو هو ۽ باقاعدگيءَ سان وضو ڪري پاڻ کي پاڪ ڪندو هو. وڏندڙ عمر ۽ سندس شهنشاهت اڃٽي هلي سندس مذهبي ڪٽرپڻي کي گهٽي حد تائين نرم ڪري ڇڏيو هو، پر سندس تمنائون ايتريون ته متّيريون هيون جو هو پاڻ کان سواءِ ٻي ڪنهن کي به وڏيڪ معتبر ۽ طاقتور نه سمجهندو هيو. ۽ فارغ وقت ۾ (جيئن متّس الزام مڙهيو ويو آهي) هو ڪڏهن ڪڏهن اسلام جي عظيم پيغمبر جي شان ۾ گستاخي به ڪندو هو.* بهرحال سلطان، قرآن پاڪ(2) جي تعليم جي پوري پابندي ۽ ان جو احترام ڪندو هو ۽ هو پنهنجي نجي زندگي ۾ به اجاين ۽ بي بنياد گڏالهين ڏانهن ڌيان نه ڏيندو هو، تنهن ڪري اسان کي ڏارين ۽ تعصب رکندڙ مذهبي ماڻهن طرفان، سلطان جهڙي سخت روَين رکندڙ شخص بابت ڦهلايل افواهن تي هرگز ويساهه نه ڪرڻ گهرجي جيڪو سَچ کي به توري تڪي پوءِ مجيندو هو ته پوءِ اعتماد سان چئي سگهجي ٿو ته اهڙو ماڻهو اجاين ۽ فضول گڏالهين کان يقينن نفرت ڪندو هوندو. کيس وڏن ۽ نالي وارن استادن کان تعليم ڏياري وئي ۽ سندس تيز ذهن جلدئي علم ۽ جاڻ جا گهٽا مرحلا طئي ڪري ورتا ۽ هو پنهنجي مادري زبان کان سواءِ پنج ٻيون زبانون به گڏالهائيندو هو يا انهن کي پوريءَ طرح سمجهندو هو جن ۾ عربي، فارسي، ڪالدَين يا عبراني، لاطيني ۽ يوناني زبانون شامل هيون. فارسي سندس وِندر ورونهن جي زبان هئي ۽ عربي کي پنهنجي تربيت يا اصلاح جي زبان سمجهندو هو ۽ اهي ٻئي زبانون مشرق جي ماڻهن لاءِ عام فهم ۽ دلچسپيءَ جو سبب هيون. يونانين يا لاطينين سان گفتگو ڪرڻ جي سلسلي ۾ هر فاتح جي خواهش هوندي ته هو اُنهن ماڻهن سان ذاتي طور به رابطي ۾ رهي جن متان کيس حڪومت ڪرڻي هئي، ۽ سلطان جي تعريف

---

* ان الزام جي ٻي جملي ۾ ئي خودبخود تردید ٿي وڃي ٿي. (سنڌيڪار)

جيڪا نظم(4) توڙي نثر(5) ۾ ڪئي وئي هئي تہ سندس خواهش هئي تہ اُها ضرور سندس ڪنن تائين پهچي، پر ڪيس ان ڳالهہ جي ڪهڙي ضرورت هئي تہ هو پنهنجن عبراني غلامن جي اڻ گهڙيل يا غير مهذب ٻولي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري؟ فقط ان ڪري تہ ٻولين جي سکيا حاصل ڪرڻ ۽ علم پرائڻ جو ڪيس بيحد شوق هو. سڄي دنيا جي تاريخ توڙي جاگرافي سندس ذهن ۾ سمايل هئي؛ اوپر توڙي اولهہ جي سپوتن ۽ سورمن(6) جي احوالن ۾ نہ رڳو گهڻي دلچسپي رکندو هو پر اُنهن جي نمايان ڪارنامن کي پاڻ ٻہ هِنئين سان هنڌائيندو ۽ اُنهن کي پنهنجي عمل جو حصو بنائي ڇڏيندو هو. جيتري قدر ستارن يا علم نجوم جو تعلق آهي تہ وقت جي نزاڪتن سبب شايد هو ان کان محروم رهجي ويو باقي رياضي يا حسابن جي علم جو ماهر هيو ۽ مصوري يا فنون- لطيفہ سان سندس دلچسپيءَ جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هو اٽلي(7) کان مصورن ۽ چترڪارن کي دعوت ڏئي پاڻ وٽ گهرائيندو هو ۽ کين انعام اڪرام ڏئي واپس ڪندو هو. پر مذهب جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو نہ تہ ڪيس ڪو اونو هوندو هو ۽ نہ وري سندس عياش طبيعت جي ڪري ان جو مٿس ڪو اثر پوندو هو. آءٌ هتي اُنهن قصن ڪهاڻين جو ذڪر نہ ڪندس جن تي مون کي خود ٻہ اعتبار نہ ٿو اچي مثال طور سندس چوڏهن غلامن بابت قصا تہ اُنهن جي پيٽن کي فقط ان ڪري چيريو ڦاڙيو ويو هو تہ جيئن چوري ٽيل هنداڻي کي سندن پيٽ ۾ ڳولجي يا هڪ خوبصورت ٻانهيءَ جو سِرُ فقط ان ڪري ڏڙ کان ڌار ڪيو ويو هو تہ پنهنجين خاص فوجين کي يقين ڏياري سگهي تہ سندن مالڪ عاشق مزاج نہ هيو. سندس طبيعت جي سنجيدگي بابت ترڪي جا تاريخي واقعا تہ ڪافي خاموش آهن، البت اُنهن ۾ عثمانيہ سلطنت جي ٽِن ۽ فقط ٽن ماڻهن تي شراب نوشيءَ(8) جا الزام لڳايا ويا آهن. پر ان ڳالهہ ۾ ڪو ٻہ شڪ نہ آهي تہ سلطان ڪڏهن ڪڏهن هڪدم ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويندو هو ۽ پوءِ سندس رَويو ظالماڻو ٿي ويندو هو، سندس محلات ۾ توڙي جنگ جي ميدان تي، ٿورڙي ناراضگيءَ تي ٻہ هو رت جا ريلا وهائي ڇڏيندو هو ۽ سندس قيدي نوجوانن کي غير فطري شهواني شعلن ذريعي ذليل ۽ بي عزتو ڪيو ويندو هو. البانيا جي جنگ ۾، اڳ ۾ پڙهيل سبقن جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي پيءُ کان ٻہ گوءِ ڪٽي اڇتي هليو ويو جڏهن هن ٻن شهنشاهتن، ٻارهن بادشاهتن ۽ ٻہ سؤ شهرن کي پنهنجي طاقتور ترار ذريعي حاصل ڪيو هو. هن ۾ سپاهي توڙي جنرل جون ٻئي خوبيون موجود هيون، توڙي جو قسطنطنيہ سندس ڪارنامن تي پردو وجهي ڇڏيو آهي، پر جيڪڏهن اسان حالتن جو جائزو ونڻون ۽ اُنهن رڪاوٽن کي ٻہ ذهن ۾ رکون ۽ پوءِ سندس ڪارنامن جو ذڪر ڪريون تہ محمد نمبر ٻيو شايد سڪندراعظم يا تيمور(*) سان گڏ ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندو. سندس حڪم هيٺ، عثمانيہ سلطنت جون فوجون دشمنن جي فوجن کان سدائين گهٽيون هونديون هيون، پر فرات ندي توڙي ائدرئنڪ سمنڊ سندن پيش قدميءَ ۾ وڏيون رڪاوٽون هيون، ٻي طرف سندس فوجن کي، هنيئبل(†)، سڪندر بيگ(‡)، ۽ رهوڊس جي اميرن(*) توڙي فارس جي بادشاهہ گهٽو اڇتي وڌڻ نہ ڏنو.

عموراڻ جي حڪومت ۾ هن ٻہ دفعا شاهي مرتبي جو مزو ماڻيو هو ۽ ٻہ پيرا تخت تي ويهي وري لٿو هو، پنهنجي نندي عمر جي ڪري هو ان قابل اڃا نہ هيو تہ پنهنجي پيءُ جي تخت تي واپسيءَ جي مخالفت ڪري سگهي، پر هو اُنهن وزيرن کي هرگز معاف نہ ڪري سگهيو هو جن سندس پيءُ کي ٻيهر تخت تي ويهاريو هيو. سندس شاڊي هڪ ترڪمان امير جي ڌيءُ سان ٿي هئي ۽ هن مهينن جي

وقفي کان پوءِ هو پنهنجي ڪنوار سميت پنهنجي گهر کان منگنيشيا طرف روانو ٿيو. ڇهن هفتن کان به اڳ ۾، محلات مان ڪيس ترت واپسيءَ جو پيغام مليو جنهن ۾ عموراث جي موت جو اعلان ڪيو ويو هو ۽ ساڳي وقت خاص فوجين طرفان بغاوت ڪرڻ جي به ڪيس معلومات ڏني وئي. هو تيز رفتاريءَ سان واپس وريو ۽ هر ماڻهو سندس تابعداري ڪرڻ ۾ لڳي ويو، هو پنهنجن خاص ۽ اعتماد وارن محافظن سان گڏ هيلسپانٽ مان لانگهائو ٿيو ۽ جڏهن هو هيدرئانوپل کان فقط هڪ ميل جي پنڌ تي هو، ته وزير، امير، پيش امام، قاضي، سپاهي ۽ عام ماڻهن، سلطان جي آڏو سجدي جيان جهُڪندي پنهنجي ادب ۽ احترام جو مظاهرو ڪيو. ڪن ماڻهن مڪر ڪندي ڳوڙها، ڳاڙيا. ٻين وري بيحد خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ هو فقط ايڪويهن سالن جي عمر ۾ سلطان جي تخت تي وينو ۽ اڳوات ئي ڪنهن امڪاني بغاوت جي خطري کي ٽاريندي پنهنجي ننڍڙن ۽ معصوم پائرن(9) کي مارائي ڇڏيائين. يورپ ۽ ايشيا جي سفيرن سندس تخت حاصل ڪرڻ تي ڪيس مبارڪون ڏنيون ۽ ڏانهَس دوستيءَ جو هٿ وڌايائون ۽ هن سِيني سان امن امان ۽ قرب واري زبان سان ڳالهايو. سلطان طرفان قسمن تي يقين ڏيارڻ سان يونان جي شهنشاهه به مٽس اعتماد ڪيو ۽ امن امان قائم رکڻ لاءِ ساڻس معاهدو طئي ڪري ورتو ۽ سلطان کي هڪ وڏو شاهڪار علائقو ملي ويو جيڪو استريمن ندي جي اردگرد هيو، جنهن تي ٽي لکَ 'ائسپرس' (سِڪو) رکيا ويا ته هو عثمانيه سلطنت جي شهزادن لاءِ ادا ڪندا جن کي سندس چوڻ تي بازنطين جي محل ۾ رهايو ويو هيو. ان جي باوجود محمد جا پاڙيسري خوف ۾ ڏکي رهيا هيا ڇاڪاڻ ته هن سخت روَين سان پنهنجي پيءُ جي بگڙيل گهر کي سڌاريو ۽ سنواريو هو؛ عياشيءَ جي اڳوڻن خرچن کي هاڻي ملکي بهتريءَ جي ڪمن ۾ لڳايو ويو ۽ ستن هزار بازَ- پالينڊرن جي نوڪرين کي يا ته ختم ڪيو ويو يا وري کين فوج ۾ پرتي ڪيو ويو هو. حڪومت جي واڳ ونڊ ڪان پوءِ پهرئين اونهاري ۾ سلطان پنهنجي فوج سميت ايشيا جي صوبن جو دؤرو ڪيو ۽ ڪرمانيا جي حاڪم کي شڪست ڏئي کيس آڻ مجرايائين ۽ اهو به چيائينس ته آئنده لاءِ سندس توجهه ننڍين ڳالهين طرف نه ڇڪرايو وڃي ڇاڪاڻ ته کيس وڏن منصوبن جي تڪميل ڪرڻي هئي(10).

مسلمان بلڪ خاص طرح ترڪي جي دليل بازن جي نظر ۾ سلطان تڏهن ڪنهن به واعدي کي پاڙڻ جو پابند نه هوندو هو جڏهن مذهبي فرض شناسي جي اهميت وڌيل هوندي هئي ۽ ضرورت پوڻ تي هو پنهنجن توڙي سندس ابن ڏاڏن جي صلح نامن يا اقرار نامن کي به ٽوڙڻ ۾ دير نه ڪندو هو. عموراث جي انصاف پسنديءَ ڪشاده دلي، بد اخلاقي جي هن روَش جي سخت خلاف هئي، پر سندس پٽ، توڙي جو وڏو نالي واري هو، پر حيرت اها آهي ته هو وعدي خلافي ۽ ڏوڪيبازي جي نِيچ حدن تائين هليو ويندو هو. سندس چَپن تي امن ۽ صلح، جڏهن ته سندس دل ۾ جهيڙو ۽ جنگ سمايل هيا، هو لڳاتار قسطنطنيه کي حاصل ڪرڻ لاءِ حسرت مان ٽڏا ساهه پريندو رهندو هو ۽ يونانين، پنهنجي ئي نادانيءَ سبب، هڪ موتمار ڏماڪي ڪرڻ جو ڪيس بهانو ڏئي ڇڏيو(11). بجاءِ ڳالهين کي فراموش يا درگذر ڪرڻ جي، سندن سفيرن پنهنجن مطالبن کي سلطان تائين پهچايو ۽ پنهنجي رقم جي گهُر ڪئي بلڪ هنن پنهنجي سالياني وظيفي کي وڌائڻ جو مطالبو پڻ ڪري ڇڏيو، ديوان، سندن شڪايتن ۽ مطالبن کان پريشان ٿي ويو ۽ هڪ وزير جيڪو ڳجهه ڳجهاندر ۾ عيسائين جو دوست ۽ سندن خير خواهه هيو، پنهنجن پائرن سان هن طرح گفتگو ڪئي: 'اي بيوقوف ۽ بدنصيب رومي'، خليل کين مخاطب ٿيندي

چيو، 'اسان کي توهان جي سڀني منصوبن جي سُڌ آهي، پر توهان کي جيڪي خطرا درپيش آهن، اُنهن کان اوهان بي خبر آهيو. سُلجھيٽو عموراٽ هينئر اسان ۾ موجود ناهي، سندس تخت تي هڪ نوجوان فاتح اچي قبضو ڪيو آهي جيڪو ڪنهن به قانون جي پرواھ نٿو ڪري ۽ نہ وري ڪي رڪاوٽون سندس رستو روڪن ٿيون، ۽ جيڪڏهن اوهان سندس هٿن کان بچي نڪتا تہ الله جا لک شڪرانا ادا ڪجو جنهن اجا تائين اوهان کي اوهان جي گناهن جي سزا ڏيڻ ۾ دير ڪري ڇڏي آهي. اوهان فضول ۽ اڻ سڌن خوف خطرن کان اسان کي ڇو ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو؟ پاڇوڪڙ آرڪن کي هڪدم آزاد ڪريو ۽ ڪيس رومانيا جو بادشاھ بنائي ڇڏيو؛ پلي هنگري وارن کي دنيوب جي ڪنارن کان پنهنجي مدد لاءِ سڏيو ۽ منٿون ڪريو، يا اولهه جي قومن کي اسان جي خلاف اُڀاريو ۽ کين هٿيار ڏيو، پر پوءِ به پَڪ ڄاڻجو تہ اهڙن حربن هلائڻ جي باوجود به اوهان پنهنجي ئي تباهي جا پاڻ ڏميوار هوندؤ'. توڙي جو سفيرن جي خوف خطرن کي وزير جي زبان جي سخت لهجي وڌيڪ تشويشناڪ بڻائي ڇڏيو هو، پر اهڙن انديشن کي، عثمانيہ سلطنت جي سلطان محمد، پنهنجي نرم ۽ دوستي واري ورتاءَ سان، ختم ڪري ڇڏيو هو جنهن کين يقين ڏياريو تہ هئدريانوپل واپس ٽيڻ شرط هو يونانين جي شڪايتن جو ضرور ازالو ڪندو ۽ سندن درد جي دانهُن کي ورنائيندو. جيئن ئي هو هيليسپانٽ کان ٽورو اڳتي وڌيو تہ هن سندن پينشن کي بند ڪرڻ ۽ سندن آفيسرن کي اسٽريمن ندي جي ڪنارن کان ڌِڪي ٻاهر ڪيڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو، اهڙي طرح هن پنهنجن دشمني وارن ارادن جو اظهار ڪيو، ۽ پنهنجي بي حڪم ذريعي قسطنطنيه جي گهيري جي شروعات ڪري ڇڏيائين. باسفورس جي سوڙهي لنگهہ وٽ، سندس ڏاڏي، ايشيا جو هڪ قلعو تعمير ڪرايو هو جيڪو يورپ جي پاسي ۽ مخالف طرف کان ناهيو ويو هيو، هن پڻ عزم ڪيو تہ هو اڳئين کان به وڌيڪ مضبوط ۽ شانائتو قلعو ساڳي هنڌ تي تعمير ڪرائيندو؛ هن سلسلي ۾ بهار جي موسم ۾ هن هڪ هزار رازن کي آسومئٽن جي هنڌ تي گڏ ٽيڻ جو حڪم ڏنو جيڪو يونان جي وڏي شهر کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هيو(12). 'سمجهاڻي يا ترغيب ڏيڻ ڪمزورن جو طريقو هوندو آهي ۽ ڪمزور ماڻهو ترغيب نہ ڏئي سگهندا آهن.' شهنشاھ جي سفيرن محمد کي سمجهائڻ ۽ ترغيب ڏيڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي تہ پنهنجن منصوبن کي گهٽو اڳتي نہ وڌائي. هنن کيس آگاھ ڪيو تہ: 'سندس ڏاڏي، مينوئل کان قلعي تعمير ڪرڻ جي اجازت ورتي هئي جيڪا هن اِن شرط تي ڏني هئي تہ اُهو قلعو سلطان جي حدن اندر هوندو، پر هِئي قلعي جو نهڙ، نہ رڳو پاڻيءَ جي سوڙهي لنگهہ کي متاثر ڪندو ۽ پاڻيءَ بابت قومن جي ڳڻيل معاهدي جي پڄڙي ليڪيو ويندو پر لاطينيُن جي لاءِ به وڏي رُڪاوٽ جو سبب بڻبو جيڪي ڪاري سمنڊ ذريعي ڏنڏو ۽ واپار ڪندا هيا ۽ اهڙيءَ طرح ان شهر جي گذر سفر جي ذريعن جي به متاثر ٽيڻ جو امڪان هيو'. 'اڃا شهر لاءِ ڪي به منصوبا نہ پيو ناهيان پر قسطنطنيه جي شهنشاهت پنهنجي ديوارن جي حدن تائين ماپي ويندي'. سلطان جواب ڏنو. 'ڇا اوهان کان اُهي ڏينهن وسري ويا آهن جڏهن منهنجي پيءُ کي تڪليفن ۾ مبتلا ڪيو ويو هيو ۽ اوهان تڏهن هنگري وارن سان اتحاد ڪيو هو جڏهن هنن اسان جي سرزمين تي حملو ڪيو هو ۽ هيليسپانٽ تي تڏهن فرانس وارن ساموندبي جهازن ذريعي قبضو ڪري ورتو هو. عموراٽ کي تڏهن مجبور ڪيو ويو تہ هو مخالفن کي باسفورس اُڪرڻ جي اجازت ڏئي ۽ اوهان جي طاقت، اوهان جي ڪيني ۽ ڪدورت کان گهٽي گهٽ هئي. اڃا تڏهن هيڊريانوپل ۾ رهندڙ ننڍڙو ٻار هيس، مسلمان ڏڪي ۽



عثمانيہ سلطنت کان پوءِ- 1455ع

ڪنبي رهيا هيا ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ گندن ماڻهن(13) طرفان اسان جي عزت تي حملا ڪيا ويا هيا. پر جڏهن ورنا(*) جي لڙائيءَ ۾ منهنجي پيءُ کي سوپ نصيب ٿي تہ هن عزم ڪيو تہ هو اولهائين ڪناري تي هڪ قلعو تعمير ڪرائيندو ۽ هاڻي اها منهنجي مقدس ذميواري آهي تہ پنهنجي پيءُ جي عزم کي آڻڻ عملي جامو پهرايان. ڇا اوهان کي ڪو حق آهي يا اوهان وٽ ايتري طاقت آهي جو مون کي پنهنجي زمين ۽ حدن اندر اوهان منهنجن منصوبن کي روڪيو؟ آڻڻ واضح ڪري ڇڏيان تہ اها سرزمين ۽ اهي حدون باسفورس جي ڪنارن تائين منهنجون آهن. ايشيا کي ترڪن آباد ڪيو آهي جڏهن تہ رومين يورپ کي برباد ۽ ويران ڪري ڇڏيو آهي. اوهان پلي واپس وجو ۽ پنهنجي بادشاهہ کي وڃي ٻڌايو تہ ترڪي جو هاڻوڪو سلطان پنهنجن ابن ڏاڏن کان بلڪل نرالو آهي ۽ سندس عزم هن جي خواهشن کان گهڻو اڳيرو آهي ۽ سندس مخالفن جي عزم کان بہ هن جو عملي مظاهرو گهڻو اڳتي آهي. پلي اوهان سلامتيءَ سان موٽي وجو پر اوهان مان جيڪو بہ آئنده لاءِ ساڻئي قسم جو پيغام آڻيندو تہ جيئري ئي سندس جسم تان هن جي ڪلَ لاٿي ويندي'. هن اعلان کان پوءِ ڪانسٽنٽائن، يونانين ۾ جذبي توڙي رتبي ۾ پهريون شخص هو جنهن سلطان خلاف پنهنجي ترار کي ميان مان ڪيڻ ۽ باسفورس جي ڪنارن تي ترڪن جي وڌندڙ آبادي کي روڪڻ جو ڀرپور عزم ڪيو. پر سندس ساٿي سندس جوش جذبن کي ٺنڍو ڪيو جيڪو شهري ۽ ڪليسائي معاملن جو وزير پڻ هيو، هن ڪيس صبر ڪرڻ ۽ اجا وڌيڪ تڪليفون سَهڻ(†) جي صلاح ڏني جنهن ذريعي ترڪ سلطان تي هڪ اڳرائي ڪندڙ ظالم جو ٺپو لڳي ويندو ۽ اهڙيءَ طرح

کين (يونانين کي) مناسب وقت جو انتظار ڪري پنهنجي سلامتيءَ کي به يقيني بنائڻو پوندو. ائين ڪرڻ سان ممڪن هو ته ترڪ قلعي اڏڻ جي تجويز کي خود ئي ترڪ ڪري ان کي پاڻ ئي تباهه ڪري ڇڏين ڇاڪاڻ ته ايڏي وڏي آدمشماري واري شهر ۾، جتي مخالف پاڙيسري به موجود هجن، ان قلعي کي قائم رکڻ ترڪن جي به وَس ۾ نه هوندو. اميد ۽ خوف ۾ ڏاهن طرفان خوف ۽ سادڙن ۽ پورڙن طرفان اميدن قائم رکڻ ۾ سياروَ گذري ويو، هر ماڻهوءَ پنهنجي ڏنڏي ڏاڙي ۽ ڪاروبار کي ڪنهن مناسب موقعي ۽ وقت لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو، يونانين، ايندڙ خطري کان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون جيستائين بهار جي مُند به اچي وئي ۽ سلطان کين تباهه ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

هڪ اهڙي مالڪ يا بادشاهه جيڪو ڪنهن کي ڪڏهن به معاف نه ڪري، جي حڪمن کي ٽارڻ يا نه مڃڻ ڪنهن جي به وَس ۾ نه هوندو آهي. تاريخ ڇَويهين مارچ تي، آسومئڻن جو هنڊ، ترڪي جي بيشمار ڪاريگرن ۽ هنرمندن سان پرجي چڪو هو ۽ يورپ توڙي ايشيا کان ساموندي توڙي زميني رستن ذريعي ضرورت جي هر قسم جي سامان کي هِتي مهيا ڪري ڏنو ويو هو(15). ڪئٽافرجيا ۾ چُوني کي ساڙيو ويو هيو، هيراڪليا ۽ نڪوميڊيا جي بيلن مان ڪاٺ کي ڪپي گڏ ڪيو ويو هو، ۽ اناتوليا جي ڪاٽين مان پٿرن کي کوٽي اُنهن کي جمع ڪيو ويو هيو. هزارين رازا ۽ مستري موجود هيا ۽ هر رازي جي مدد لاءِ به مزور موجود هيا ۽ مفاصلن کي بن ڪيوبٽس ۾ ورهايو ويو هو ته جيئن ڪم جي آسانيءَ سان ورڇ ڪري سگهجي، قلعي(16) کي ٽِڪندو ڪري ناهيو ويو هو ۽ هر ڪنڊ تي مضبوط منارا ناهيا ويا هيا ته جيئن فوجين کي اُتي دفاعي ڊيوٽين لاءِ مقرر ڪيو وڃي، هڪڙو منارو ٽُڪري طرف ته ٻيو ساموندي ڪناري سان ناهيو ويو هيو، هر ديوار باويهه فوٽ ويڪري هئي ۽ منارا ٽيهه فوٽ ويڪر تي ٺهيل هيا ۽ سڄي عمارت کي شيهي سان مضبوط بنايو ويو هيو. هن سڄي ڪم جي نگراني محمّد پاڻ ڪري رهيو هو جنهن ۾ ڪيس ڪو به ٽُڪُ محسوس نٿي ٿيو، سندس ٽن وزيرن مُنارن جو ڪم مڪمل ڪري ورتو جيڪو هر هڪ کي سؤنپيو ويو هيو ۽ قاضين وري خاص فوجين جي ڪمن تي تقليد ڪندي- الله جي راهه ۽ سلطان جي خدمت ۾ ننڍن ننڍن ۽ خسيس ڪمن ڪرڻ کان به نٿي ڪيڀايو ۽ ائين ٿي لڳو ته بيشمار ماڻهن منجهان هر ڪو وڏي محنت ڪري رهيو هو ۽ پوري خلوص سان پنهنجا سؤنپيل ڪم پورا ڪرڻ ۾ مصروف هيو ڇاڪاڻ ته سلطان جي هر هڪ مٽان ڪڙي نظر لڳل هئي جيڪو جڏهن مُرڪندو هو ته ان کي ماڻهو پنهنجو بخت ۽ پاڳ سمجهندا هيا پر جي سندس مُنهن تي ڪاوڙ جو ڪو گهُنج ظاهر ٿيندو هو ته ان مان ماڻهن کي پنهنجي موت جا آثار نظر ايندا هيا. يونان جو شهنشاهه خوف مان ڪَنبدي ترڪ سلطان جي ڪمن جي تيز رفتار کي ڏسي رهيو هو ۽ سلطان جي خوشامد ڪرڻ ۽ ڪيس تحفن موڪلڻ کان سواءِ وٽس ٻيو ڪو به چارو نه رهيو هو ته جيئن پنهنجي دشمن کي ڪجهه ٽلو ڪري سگهي جيڪو ٽوري ٽُوري ڳالهه تي ناراض ٿي جهيڙي ۽ جنگ ڪرڻ جو بهانو ڳولينڊو رهندو هو. اهڙو موقعو جلدئي ۽ خودبخود اچي ويو. وڏين ۽ عاليشان ڪليسائن، جن ۾ ماربل جا ٺهيل ٿنڀا به شامل هيا جيڪي سينٽ مائيڪل کي ارپيا ويا هيا، جي تباهي مسلمانن هٿان شروع ڪئي وئي هئي جن ڪنهن به مقدس عمارت کي ڌاهڻ ۽ برباد ڪرڻ ۾ دير نٿي ڪئي ۽ ڪجهه عيسائين، جن اهڙن بربادئ جي ڪمن جي مخالفت ٿي ڪئي، ماري شهيد ڪيو ويو. ڪانسٽئنٽائن، ترڪي جي هڪ حفاظتي دستي کي منت ڪئي هئي ته رعيت جي زمينن ۽ فصلن کي بچايو وڃي، حفاظتي دستي کي مقرر ڪيو ويو پر کين جيڪو پهريون حڪم ڏنو ويو اهو

هي هيو ته گڏهن ۽ گهوڙن کي فصلن ۾ پيلڻ جي عام اجازت ڏني وئي ۽ وڏيڪ کين حڪم مليو ته پنهنجن مسلمان پائرن جي حفاظت ڪن ۽ چاڪاڻ ته مقامي ماڻهن کان سندن زندگين کي خطرو هو. هڪ ترڪ سردار جي خدمتگار هڪ پيري پڪل اَن جي پوک ۾ سڄي رات گهوڙن کي چيڪ چڏي ڏنو هو جنهن ڪري فصل جو ڪافي نقصان ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ خوني جهيڙو ٿيو ۽ ٻنهي قومن جا بيشمار ماڻهو ان ۾ قتل ٿي ويا. محمد کي هيڏي ساري جاني نقصان جي شڪايت ڪئي وئي جنهن کي هن خوش ٿيندي ٻُڌو، ۽ هڪ فوجين جو جٿو ڏياري موڪليائين ته جنهن ڳوٺ اهڙو ڪُڌو ڪم ڪيو هو، ان کي تباهه ڪيو وڃي پر خوف کان ماڻهن ڳوٺ کي اڳ ۾ ئي خالي ڪري چڏيو هيو پر چاليهن ٻچي ويل پوک لٽندڙن کي بي گناهه قتل ڪيو ويو. هن پيانڪ واقعي ٿيڻ تائين قسطنطنيه ڏانڊي ۽ واپار لاءِ هر ماڻهو ۽ هر قوم لاءِ ڪليل شهر هوندو هو پر خطري جي صورتحال ۾ ان جي گيٽن کي بند ڪيو ويو، يونان جي شهنشاهه جيڪو ايڏا تائين به امن قائم ٿيڻ جو منتظر هيو، ٽئين ڏينهن تي ترڪي جي قيدين کي آزاد ڪري چڏيو(17) ۽ پنهنجي آخري پيغام ۾ هن چيو ته هو عيسائي هئڻ سان گڏ هڪ سپاهي به هيو، وڏيڪ چيائين ته: 'قسمن کڻڻ، عهدنامن ڪرڻ يا مِنتن ۽ زارين سان به جيڪڏهن امن قائم نٿو ٿي سگهي، ته پوءِ پلي پنهنجي ناپاڪ جنگ کي جاري رکيون اڄ'، هن محمد کي چيو، 'منهنجو پروسو فقط خدا جي ذات ۾ آهي، جيڪڏهن هن چاهيو ته تنهنجي دل ۾ نرمي ۽ همدردي جا جذبا ضرور پيدا ٿيندا ۽ ان تبديليءَ تي آءٌ خوشي محسوس ڪندس، جيڪڏهن هو شهر تنهنجي حوالي ڪندو ته آءٌ بغير ڪنهن شڪايت ڪرڻ جي سندس مقدس خواهش جو احترام ڪندس. پر جيستائين زمين ۽ آسمان جو مالڪ اسان ٻنهي جي وچ ۾ ڪو آخري فيصلو نٿو ڪري، ته ان وقت تائين پنهنجن ماڻهن جي حفاظت ۾ جيئڻ توڙي مرڻ منهنجي اوّلين ذميداري آهي'. پر سلطان جو جواب نامناسب ۽ ڪُتو هو، هن پنهنجن قلعن جي تعمير مڪمل ڪرائي چڏي هئي ۽ هئڊريانوپل ڏي واپس ٿيڻ کان اڳ ۾، هن هڪ آغا ۽ چار سؤ خاص فوجي مقرر ڪيا ته اُهي هر قوم جي جهاز کان ٽئڪس وصول ڪن جيڪي سندن توبخاني جي زَد ۾ لنگهندا هيا. وينس جي هڪ جهاز جي ڪپتان، باسفورس جي نوَن منصبدارن جي حڪم کي نه مجيندي ٽئڪس ڏيڻ کان انڪار ڪيو ته ان کي توبخاني جي فقط هڪ گوليءَ جو نشانو بڻائي ان کي ٻوڙيو ويو، ٻي جهاز جي مالڪ ۽ ٽيهن ٻيڙياتن، جيڪي ٻيڙيون هلائي پچي ويا هيا، پر سندن پيچوڪري، پڪڙي ۽ کين زنجيرن ۾ جڪڙي بندر تائين آندو ويو، سندن مڪيہ ماڻهوءَ سان عقوبتون ڪيو ويون جڏهن ته سندس ساٿين جون سِسيون ڏڙن کان ڌار ڪيون ويون ۽ تاريخدان ڊيوڪَس(18) ڊيموئيڪا ۾ پنهنجي اکين سان پاڻ ڏٺو ته سندن لاش کي جهنگلي جانورن آڏو اڇلايو ويو. قسطنطنيه جي گهيري کي بهار جي موسم اچڻ تائين ملتوي ڪيو ويو، پر ان دؤران ترڪن جي فوج کي موريا روانو ڪيو ويو ته ڪانسٽنٽائن جي پائرن جي طاقت کي وڃي مُنهن ڏين يا ان کي تڏو ڪن. تڪليفن ۽ مصيبتن جي اهڙين گهڙين ۾، هڪڙي بادشاهه تامَس تي رحمت يا زحمت نازل ٿي جو ڪيس هڪ پٽ جائو جنهن لاءِ مغموم فرانزا چيو ته: 'اهو سندن آخري وارث هيو جيڪو شايد روم جي شهنشاهت لاءِ آخري چراغ ثابت ٿئي(19)'.

يونانين ۽ ترڪن سياري جون راتيون جاڳندي گذاريون، يوناني خوف خطرن سبب جاڳندا رهيا، جڏهن ته ترڪن کي اُميد جي خوشين ۾ نند نٿي آئي، ٻئي ڏريون، بهرحال پنهنجي حفاظت ۽ حملي جي تيارين ۾ مصروف هيون ۽ ٻئي شهنشاهه، جن کي گهٽو ڪجهه وڃائڻو يا حاصل ڪرڻو هو، بيحد منتظر

۽ متاثر هيا چاڪاڻ ته بنهي سان پنهنجي پنهنجي قوم جون اُميدون ۽ جذبات وابسته هيا. محمد ۾ اهي جذبات سندس جواني ۽ طبيعت جي گرمي سبب وڌيڪ نمايان هيا، هو پنهنجي واندڪائيءَ جي وقت ۾ هيڊريانوپل ۾ هڪ عاليشان محلات ناهڻ ۾ مشغول رهندو هو(20) جنهن کي هن 'جهان نما' (دنيا جي ڏيک جو منارو) جو نالو ب ڏئي ڇڏيو هو، پر پنهنجن خيالن ۾ هو سدائين قيصر (سيزر) جي شهر جي سوپ ماڻڻ جو سوچيندو رهندو هو. اڌ رات جو هُو چوڪسي ڪرڻ لاءِ ب دفعا پنهنجي بستري مان اٿيو ۽ پنهنجي وڏي وزير جي حاضري وجي لڳايائين. اڌ رات جو سلطان طرفان چوڪسي ڪرڻ تي سندس وڏي وزير خليل پاشا کي جهٽڪو لڳو جو ته هو پنهنجي ذهن ۽ ضمير ۾ اڳيئي ڪانيارو هو جنهن ۾، سلطان جي پيءُ عموراث(*) جو پورو اعتماد هو ۽ سندس ئي ڪوششن سان هن کي ٻيهر تخت نصيب ٿيو هو. سندس پٽ جي تخت تي ويهڻ تي، وزير جي ڪرسي کي پڪو ڪيو ويو هيو، پر سلطان وڏو داناءُ ۽ دوراندیش هو، جو ته ڪيس خبر هئي ته سندس پيرن هيٺان ٽِرڪندڙ برف هئي جيڪا ڪنهن ب وقت رِجي ٽي سگهي ۽ هو ڪنهن اونهي اوڙاهه ۾ ڦهڪو ڪائي ڪري پئي سگهيو. سندس وزير جي عيسائين سان دوستي هئي، جيڪا معصوميت واري ۽ فقط دوستيءَ خاطر ب ٽي پئي سگهي، پر تنهن هوندي ب هن تي 'گئبر اورٽاچي' (ڪافرن جو ياءُ)(21) جو الزام مڑهجي چڪو هو ۽ سندس لالچي هئڻ جو يقين تڏهن ئي ٽي چڪو هو جڏهن هو پئسن وٺڻ جي عيوضي ۾ دشمنن سان اهڙي خط و ڪتابت ب ڪندو هو جيڪا غداريءَ جي زمري ۾ ٽي آئي ۽ سندس اهڙي چالبازيءَ کي پڪڙيو ويو هو جنهن جي سزا، جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڪيس ڏني وئي هئي. شاهي فرمان ملڻ کان پوءِ هن شايد آخري پيرو پنهنجي گهر واري ۽ ٻارن سان پاڪر پاتو، هڪ پيالو کنيائين ۽ ان کي سونَ جي ٽڪرن سان پري تڪڙو تڪڙو محلات ڏي ويو، سلطان جي ساراه شروع ڪيائين ۽ مشرقي رسم ۽ رواج موجب، پيالو اڳتي وڌائيندي، پنهنجن خدمتن ۽ احسان مندي جو تحفو(22) سلطان اڳيان پيش ڪيائين. 'اها منهنجي خواهش ناهي'، محمد چيو، 'ته آءٌ تحفا وصول ڪريان يا وري اُنهن تحفن جو انبار تنهنجي مٿي تي رکي ڇڏيان. جيتري قدر منهنجو تعلق آهي ته مون کي فقط هڪڙو ئي تحفو گهرجي جيڪو اهڙن تحفن کان ڪيترا حصا وڌيڪ قيمتي ۽ نايابَ تحفو آهي ۽ اُهو آهي- قسطنطنيہ'. جيئن ئي وزير هن حيرت ۾ وجهندڙ انڪشاف تي پاڻ کي سنڀاليو ته چوڻ لڳو: 'ساڳئي خدا، جنهن روم جي هيڏي ساري شهنشاهت اوهان کي بخشي ڇڏي آهي ته اُهو باقي ب يقيني طور تي عطا ڪري ڇڏيندو جنهن ۾ گاديءَ جو هنڌ ب شامل هوندو جيڪا اوهان جي خواهش آهي. سندس قدرت، ۽ اوهان جي طاقت ئي حقيقت ۾ اوهان جون ڪاميابيون آهن، جيتري قدر منهنجو تعلق آهي ته آءٌ ب اوهان جي ٻين بيشمار نوڪرن جيان، پنهنجون زندگيون توڙي دولت اوهان جي مٿان قربان ڪري ڇڏيندس'. 'لالہ'(23) (استاد) سلطان چيو، 'هي وهاڻو ڏسين ٿو؟ آءٌ پريشانيءَ ۾ ان کي سڄي رات ڪڏهن هڪ طرف ته ڪڏهن ٻي طرف پئي اڇلايو آهي، آءٌ پنهنجي بستري تان هر گهڙي اُٺندو ۽ سمهندو رهيو آهيان. پر مهنجين هنن اوجاڳيل اکين ۾ هڪ پَل لاءِ ب ننڊ لِيئو نہ پاتو آهي. رومين جي سون ۽ چانديءَ جي لالچ ۾ نہ اچجانءِ، اسان هٿيارن ۾ ڪانڊن سَرس

BOSPHORUS
HIERON
PROPONTIS
KOSMIDION
PSAMMATIA
GOLDEN HORN
River Cydaris
To the Black Sea
Blachernae Gate
Gyrolimne Gate
Kaligaria Gate
Kalomenos Gate
Kynegion Gate
Diplophanarion Gate
Phanari Gate
Gate of St Theodosia
Ispigas Gate
Platea Gate
St John's Gate
Perama Gate
St Irene
St Sophia
Magnaura
Senate
IMPERIAL PALACES
Harbour of the Bucoleon
Harbour of Sophia
Harbour of Kontoskalion
Harbour of Eleutherius or Theodosius
Column of Constantine
Forum of the Bull
Forum of the Ox
Holy Apostles
Cistern of Aspar
Cistern of Aetius
Chora Monastery
River Lycus
Forum of Arcadius
Cistern of St Mochius
St John Studios
St Omesimus Junction
Pempton Gate
Charisius Gate
Theodosius II
St Romanus Gate
Polyandrou Gate
Sigma Gate
Pege Gate
Xylokerkos Gate
Golden Gate
0
1 km

قسطنطنيه

آهيون ۽ الله جي مدد ۽ سندس پيغمبر ﷺ جي دعائن سان اسان انشاءالله جلد قسطنطنيه جا مالڪ ٿي ويندا سون'. پنهنجن سپاهين جي چُرپر ڏسڻ لاءِ هو گهٽو ڪري رات جو لباس بدلائي شهر جي گهٽين ۾ گهمندو هو ۽ جيڪڏهن ڪو ڪيس سجاڻي ونندو هو تہ اها سجاڻپ هُن لاءِ موتمار بڻجي ويندي هئي ڇو تہ سندس ڪوشش اها هوندي هئي تہ ڪا بہ اڪ ڪيس سجاڻي نہ سگهي. هو پنهنجو گهٽو وقت دشمن شهر جي نقشن ۽ خاڪن ناهڻ ۾ لڳائيندو هو ۽ پنهنجن جنرلن ۽ انجنيرن سان هو بحث مباحثا ڪندو رهندو هو تہ ڪٿي هو ڏماڪي دار معدو رکي ۽ ڪهڙي طرف کان هو ديوارن تي حملو ڪري ۽ ڪهڙي هنڌ تي کاٽيون کوٽي ۽ ڪهڙي طرف متي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻيون فِٽ ڪري ۽ جيڪر ڪجهہ ڪم ڏينهن جو ٽيندو هو تہ انهن نقطن تي راتين جو وري سخت مشق ۽ محنت ڪئي ويندي هئي.

تباهيءَ جا جيڪي بہ سامان ايجاد ٿيا هيا، هن اُنهن سيني جو جائزو ورتو پر خاص طرح سان هن لاطينين جي ڪوجنا جي نتيجي ۾ هڪ ڳولي لڌل شيءَ جو غور سان مطالعو ڪيو ۽ هن انکي پاڻ وٽ آندو ۽ هاڻي سندس توبخانو سڄي دنيا ۾ سيني کان اڳيرو ٿي ويو. توب جو موجد ڊينمارڪ يا هنگري جو هڪ سائنسدان هيو جيڪو يونانين جون خدمتون ڪندي ٻُڪون پيو ڪاڻيندو هو، مسلمانن ڏانهن هليو ويو جنهن کي ترڪيءَ جي سلطان عزت سان رهايو ۽ هر طرح ان جو خيال رکيو ويو تہ جيئن هو سکيو ڳذاري. محمد پنهنجي پهرئين سوال جي جواب ملڻ تي بيحد مطمئن هيو جڏهن هن فنڪار-سائنسدان کان پڇيو: 'ڇا آڳ ان قابل آهيان تہ توب کي استعمال ڪندي وڏي سائيز جو پٿر يا بال اڇلائي سگهان جيڪو قسطنطنيه جي ديوارن سان زور سان وڄي ٽڪرائي؟' آڳ انهن جي طاقت کان ناواقف نہ آهيان، پر جيڪڏهن اُهي بابل جي انجڻن کان وڌيڪ زوردار هجن ها تہ آڳ وڌيڪ طاقتور مشينن جي مخالفت ڪريان ها، تنهن ڪري ان انجڻ جي پوزيشن توڙي ان جو استعمال پنهنجن انجنيرن جي حوالي ڪري ڇڏيو'. هن يقين ڏيارڻ تي لوهہ کي پگهارڻ جي هڪ فائونڊري کي هنڊريانوپل ۾ قائم ڪيو ويو. اربن، پٽل جو هڪ توبخانو ايجاد ڪيو جيڪو ان وقت ايترو تہ ڪمال جو هو جو ماڻهن کي بنهہ حيرت وٺي وئي هئي، ان جي نالي يا بور جو سوراخ، ڪجيءَ جي بارهَن ڇڙين جيترو ويڪرو هو جنهن مان جيڪو پٿر جو گولو نڪرندو هو تہ ان جي تور ڇهہ سؤ پائونڊ هوندي هئي(24). نئين محل جي آڏو هڪ خالي جڳهہ چونڊي وئي تہ جيئن ان توبخاني جو پهريون تجربو ڪيو وڃي، پر ماڻهن مان خوف، هراس ۽ حيرت کي ختم ڪرڻ واسطي هڪ اعلان ڪرايو ويو تہ نئين توبخاني جو تجربو ايندڙ ڏينهن تي ڪيو ويندو. بهرحال جڏهن تجربو ڪيو ويو تہ ان جو ڏماڪو هڪ سؤفرلانگن تائين ٻُڌو ويو، قلمي شوري جي زور تي پٿر يا بال هڪ ميل تائين هليو ويو ۽ جتي اهو پٿر وڃي ڪريو تہ زمين ۾ هڪ وڏو ۽ اونهو سوراخ ناهي ڇڏيائين. هن تباهي آڻيندڙ مشين کي هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ پهچائڻ لاءِ، ٽيهن گاڏن کي هڪ ٻئي سان ملايو ويو هو جنهن کي ست ڏاندَ چوري سگهندا هيا، پر انهن سان گڏ بنهي طرفن کان مدد لاءِ بہ سؤ ماڻهو بينل هوندا هيا تہ جيئن وزن اڳتي ڏکجي سگهجي ۽ ادائي سؤ ڪن ماڻهو ان مشين جي اڳيان فقط ان ڪري هلندا هيا تہ مشين جي هلڻ جي رستي کي هموار ڪندا هلن ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪي پُليون ڊٽل هيون تہ ان جي اڳوات مرمت ڪري وڃن، اهڙيءَ طرح ڏيڊ سؤ ميلن جو مشڪل ۽ ٽڪائيندڙ سفر لڳ ڀڳ ٻن مهينن جي عرصي ۾ پورو ٽيو. هن موقعي تي هڪ زندهہ(25) دل فيلسوف ننوليون ڪندي چوي ٿو تہ يوناني ماڻهو بہ ڪيڏا نہ سادا هيا ۽ دليلن سان بيان ٿو

ڪري ٿو ڏڻهن ۾ اُنهن ماڻهن جي ڳالهه تي اعتبار نه ڪيو جن تي فتح حاصل ڪئي وئي هجي، ڇو ته اُهي مبالغي ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن، هو حساب لڳائي ٻڌائي ٿو ته ۽ سؤ پائونڊن جي بال کي پري اڇلائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏيڍ سؤ پائونڊ بارود جي ضرورت پوندي، تڏهن ۽ اُڇلائڻ واري طاقت بيحد ڊيري ۽ ڪمزور هوندي ڇاڪاڻ ته بيان ڪيل بارود جو پندرهون حصو ۽ ساڳئي ۽ هڪڙي وقت تي ڇُٽي نٿو سگهي. تباهي آڻيندڙ هٿيارن کان هڪ اڻ ڄاڻ يا ڏاريو جيئن آڻ پاڻ آهيان، تڏهن ۽ ايتري سمجهه پوءِ ۽ رکان ٿو ته توبخاني جي جديد ايجادن ۾ ننڍن ٽُڪرن کي وڏي وزن جي ڏات تي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي، اهڙي طرح آواز يا ڏماکي جي مقابلي ۾ باهه جي تيزي کي وڌيڪ اهميت هوندي آهي ته اُها بارود کي ڪيتري تيزيءَ سان اڳتي اڇلائي ٿي، اهڙيءَ طرح هڪڙي وڏي ڏماکي جي مقابلي ۾ گهٽن ۽ لڳاتار ڏماڪن کي وڌيڪ ترجيح هوندي آهي. تنهن هوندي ۽ مون کي اها جرئت هرگز ڪانه ٿي ٿئي ته همعصر ليکڪن جي گڏيل شاهديءَ کي رد ڪري سگهان ۽ نه وري آڻ ائين چئي سگهان ٿو ته پهرين فنڪارن يا سائنسدانن پنهنجين ڪوششن سان جيڪو ڪجهه ڪيو هو اهو ناممڪن هوندو ۽ ٿو مون کي يقين آهي ته هنن ۽ اعتبار ۽ اعتدال جي حدن ۽ ماپن کي هرگز نه لتاڙيو هوندو. ترڪي جي توب، جيڪا محمد جي توب کان ڪافي حصا وڌيڪ طاقتور هئي، اڄا تائين ڊارڊنلس جي گيٽ وٽ نمايان بينل آهي ۽ جيڪڏهن ان جو استعمال ايترو آسان نه هجي ها ته ان جي اهميت بلڪل ختم ٿي چڪي هجي ها. ڇيو وجي ٿو ته يارهن سؤ پائونڊن جي هڪ گولي يا بال کي، فقط ٿي سؤ ٽيهن پائونڊن جي بارود سان ڇوڙيو ويو هيو جنهن فقط ڇهه سؤ والن جو مفاصلو طئي ڪيو، ۽ اُهو ڦاٽي ٽن ٽڪرن ۾ ورهائجي ويو، پاڻيءَ جي پٽيءَ کان ٽيندو خود پاڻيءَ ۾ وڃي ڪريو جتي جهَڳَ پيدا ڪري ٻيهر متي اڇيو پر سامهون واري جبل سان ٽڪرائجي ويو(26).

هڪ طرف محمد، طرفان اوير جي گاديءَ جي هنڌ لاءِ خطري جون گهنٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون هيون ته ٻي طرف يونان جي شهنشاهه طرفان امن قائم ڪرڻ لاءِ منٽون ۽ زاريون ڪيون ٿي ويون. پر ظاهري طور ڏسڻ ۾ نه ايندڙ طاقت تي منٽن جو ڪو به اثر نٿي ٿيو ۽ عيسائي دنيا نيٺ قسطنطنيه کي فتح ٿيندي پنهنجين اکين سان پاڻ ٿي ڏٺو، جڏهن ته ان شهر جي مدد ڪرڻ جو واعدو مصر جي سلطان طرفان حسد مان ڪيو ويو هو. ڪجهه ملڪ ڪمزور هيا، ٻيا تمام پري پنڌ تي هيا، ڪن ملڪن خطري کي خاص اهميت نٿي ڏني، جڏهن ته ٻين جي نظر ۾ خطرو سندن مُنهن تي ليلڪا پائي رهيو هو، اولهه جا حاڪم هڪ ٻئي سان جهيڙن جهڳڙن ۾ رُڌل هيا ۽ روم جي پادري ڪي يونانين جي ضِد ۽ ڪوڙن دليلن تي گهٽي ڪاوڙ هئي. اٽلي جي نڪولَس پنجين، بجاءِ ڪين هٿيارن ۽ دولت جي مدد ڏيڻ جي سندن بربادي‌ءَ جي اڳواڻ ٿي پيشنگوئي ڪري ڇڏي هئي ۽ هاڻي سندس خواهش ۽ عزت جو سوال هو ته جيئن اُها پيشنگوئي پوري ٿئي. پر جڏهن هو مصيبتن ۽ مشڪلاتن جي آخري حد تائين پهتا تڏهن هو ڪجهه نرم ٿيو پر سندس رحمدلي سُستي واري ۽ سندس ڪوششون اجايون هيون ڇو ته قسطنطنيه تي، جينئا ۽ وينس جي ساموندي ڪنارن تان(27) فوجي مدد پهچڻ کان اڳ ئي قبضو ٿي چڪو هو. ان حد تائين جو موريا ۽ يوناني بيٽن پڻ پنهنجي طرفان ذري گهٽ لاتعلقي اختيار ڪري ڇڏي هئي. غلاط جي جينئا جي ڪالوني هڪ ذاتي معاهدو طئي ڪري ورتو جنهن مطابق سلطان کين مشڪوڪ اُميد ڏياري ته سندس نرمي ۽ نرملتا ذريعي اهو عين ممڪن هيو ته شهنشاهت مڪمل تباهيءَ کان شايد بچي وڃي.

عام ماڻهن جو هڪ ميڙ توڙي بازنطيني امير، ڪمينگي ڪندي پنهنجي ملڪ کي خطري جي گهڙين ۾ ڇڏي هليا ويا ۽ مالدار ماڻهن لِڪل خزانن کان شهنشاهه کي محروم ڪري ڇڏيو پر اُنهن کي ترڪن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو؛ اُهي خزانا ايترا تہ ججها هيا جو اُنهن کي شهنشاهه، ڪرايي جي فوجين کي(28) ڏئي بہ پنهنجي ملڪ جو دفاع ڪري سگهي ها. محتاج ۽ ضرورت مند شهنشاهه پوءِ بہ ڪوشش ڪئي تہ هڪ طاقتور دشمن سان مقابلو ڪري پر، جيڪڏهن سندس همت خطري سان برابري ڪندڙ نہ هئي تہ سندس طاقت مقابلي ڪندڙ جي پيٽ ۾ ڪمزور هئي. بهار جي موسم جي شروعات ۾، ترڪي جي مُهڙئين دستي شهرن ۽ ڳوٺن تي قبضو ڪندي قسطنطنيه جي گيٽن تي وڃي دستڪ ڏني: جنهن بہ آزي نيزاري ڪندي آڻ تي مجي، ان کي بچايو تي ويو ۽ سندس حفاظت بہ ڪئي تي ويئي ۽ جنهن مهاڏو تي اٽڪايو يا مقابلو تي ڪيو تہ ان جو فيصلو ترار جي هڪ ڏڪ تي ڪيو. ڪاري سمنڊ، مسيمبريا، ائڪولم ۽ بِزن جيڪي يونان جا شهر هيا، اُنهن شروع ۾ ئي مات کائي آڻ مجي ڇڏي، البت سيليبريا اڪيلو شهر هو جنهن تي گهيرو ڪيو ويو ۽ جنهن جي بهادر رهواسين جن کي زميني پُشت پناهي بہ حاصل هئي، پنهنجين ٻيڙين کي هلايو ۽ سزيڪَس جي ڪناري تي قُرلُٽ بہ ڪيائون ۽ پنهنجي قيدين کي بازار ۾ عام نيلام ذريعي وڪرو ڪيائون. پر ان موقعي تي جيئن ئي محمد اوچتو ظاهر ٿيو تہ سندن وايون وِلڙيون تي ويون. سيئي خاموش تي ويهي رهيا، هن پنهنجي پهرين منزل پنج ميل پري ڪئي، ۽ اتان جنگي انداز ۾ اڳتي پيش قدمي ڪندي سينٽ رومنُس جي گيٽن وٽ وڃي رکيو ۽ پنهنجو شاهي جهنڊو وڃي ڦڙڪايائين ۽ اپريل جي ڇهين تاريخ تي قسطنطنيه جو گهيرو شروع ڪيائين.

ايشيا ۽ يورپ جون فوجون پروپونتس جي هنڌ کان ساڃي توڙي ڪاٻي طرف کان بندر تائين پکڙيل هيون ۽ سلطان جون خاص فوجون، جن کي جئنيسريز يا جانثار چيو ويندو هو، اُهي بلڪل سامهون ۽ سلطان جي خيمي وٽ ڇؤڪس هيون، ترڪن جي فوجي ترتيب ۽ مورچہ بندي تعريف جوڳي هئي، ۽ فوج جي هڪ ننڍي جتي غلاط جي شهر کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو هو جتان هنن جينئا جي ماڻهن تي ڪڙي نظر تي رکي ڇاڪاڻ تہ هنن جي وفاداري ۽ سچائيءَ تي ڪين شڪ هيو. تجسُس رکندڙ فليفس، جيڪو گهيري کان ٽيهہ سال اڳ يونان ۾ رهندو هو، کي يقين هو تہ ترڪي جون سيئي فوجون ست هزار گهوڙي سوار ۽ ويهہ هزار پيادل کان ڪنهن بہ صورت ۾ وڌيڪ نہ هيون، تنهن ڪري هو اُنهن قومن جي بزدليءَ تي سندن مذمت ٿو ڪري جن ٿوري تعداد جي بربرن اڳيان شڪست قبول ڪري ورتي هئي. اهڙو تجزيو شايد ڪئپيڪولي(29) لاءِ تہ مناسب هجي يعني پورتي جون اُهي فوجون جيڪي پنهنجي بادشاهہ سان گڏ جنگ جي ميدان تي لٽيون هيون پر اُهي پاڙيت هيون جن کي بادشاهہ پنهنجي شاهي خزاني مان پئسا ڏيندو هيو. پر ترڪي جا پاشا، پنهنجين مختلف حڪومتن ۾، ضلعي يا صوبائي سطح تي پنهنجن فوجن کي قائم رکيون ٿي آيا ۽ اهڙين فوجن لاءِ ڪجهہ زمينون بہ وقف ڪيل هيون ۽ ڪيترا ماڻهو پاڻ هُرتو بہ فوج ۾ فقط ان ڪري وڃي داخل ٿيندا هيا تہ لُٽ ڦر يا مالِ غنيمت مان کين بہ حصو ملندو تہ سندن ڳڻر سفر جو بندوبست ٿي ويندو هو ۽ جڏهن جنگ جو طبل وڄندو هو تہ ڪيترائي بکايل توڙي واندا ۽ جنوني ماڻهو سندن فوج ۾ شامل ٿي ويندا هيا جيڪي واڌاري تعداد سبب مخالفن جي خوف کي وڌائي ڇڏيندا هيا ۽ پهرئين حملي جي صورت ۾ عيسائين جي ترارين کي ناڪام ٻڌائي ڇڏيندا هيا. ترڪن جي فوجي طاقت کي ڊيوڪَس، ڪلاڪوڪونڊائلز، ۽ ليونارڊ گهٽو وڌائي پيش ڪيو

آهي ۽ اُنهن فوجين جي تعداد کي ٽِن کان چئن لکن تائين ٻڌايو آهي. پر فرانزا ان صورتحال جو جائز منصف هيو چاڪاڻ ته هو جنگ واري هنڌ کان گهٽو پري به نه هيو ۽ سندس چوڻ موجب فوجين جو انگ اڌائي لکن کان مٿي نه هيو جيڪو تجربي ۽ اندازي موجب صحيح تعداد آهي(30). حملي ڪندڙن جي ساموندبي طاقت ايتري زوردار نه هئي، پروپوٽنس تي ٽي سؤ ويهه جهاز يا ٻيڙيون موجود هيون جن مان فقط ارڙهن اهڙا هيا جن کي جنگي جهازن جو درجو ڏئي پيو سگهجي باقي گهٽو تعداد اهڙن جو هيو جيڪي سيڊي سامان کي هڪ کان ٻي جڳهه ڏانهن منتقل ڪرڻ جي زمري ۾ ٽي آيا ۽ انهن کان ماڻهن، هٿيارن ۽ کاڌي خوراڪ جي سيڊي سامان آڻڻ ۽ نِيڙ جو ڪم ورتو ويو هيو. آخري بربادي ۾ قسطنطنيه ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو موجود هيا، پر هي انگ جنگ جي حساب سان نه پر قيدين جي حساب سان هيو جنهن ۾ مستري، پادري عورتون ۽ اُهي مرد پڻ شامل هيا جن ۾ عورتن جيتري همت ۽ حوصلو به نه هيو جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي حفاظت لاءِ ته پاڻ پتوڙيندیون آهن. مان سمجهان ٿو ته آءٌ رعيت جي اُنهن ماڻهن کي ته معاف ڪري سگهان ٿو جيڪي ڏورانهن ڏيهَن ڏي ويندي ڪيبائيندا آهن ڇو ته اُتي ڪو آمر موجود هوندو آهي پر مون کي اُهي ماڻهو بزدل لڳندا آهن جيڪي پنهنجن ٻچن جي خاطر به پاڻ کي ظاهر نه ڪندا آهن ۽ سندن مال ملڪيت به فطري توانائي گنوائي ڇڏيندي آهي. شهنشاهه جي حڪم تي هڪ جاچ يا تحقيق ڪري اهو معلوم ڪيو ويو ته گهرن توڙي گهٽين ۾ ٻاوَن ۽ پادرين سميت ڪيترا ماڻهو اهڙا هيا جيڪي پنهنجي رضا خوشيءَ سان ملڪ جي بچاءَ خاطر استعمال ٿي پئي سگهيا. ماڻهن جون اهڙيون لسٽون فرانزا(31) جي حوالي ڪيون ويون ۽ وڏي محنت سان ماڻهن کي اُنهن ۾ درج ڪري، هن ڏڪ ۽ حيرت مان پنهنجي مالڪ کي ٻڌايو ته قومي بچاءَ لاءِ فقط چار هزار نو سؤ ۽ ستر رومي ملي سگهيا هيا. هي راز فقط ڪانسٽئنٽائن ۽ سندس وفادار وزير جي وچ ۾ محفوظ ڪيو ويو ۽ وڏي تعداد ۾ شيلڊون، تير ڪمانون ۽ نيزا ماڻهن ۾ ورهايا ويا. کين ڪجهه آٽت تڏهن آيو جڏهن جان جيسٽينيني جي سربراهيءَ ۾ جيڪو جينئا جو هڪ امير هيو، به هزار ڏاريا به خدمت ڪرڻ لاءِ حاضر ٿي ويا، ۽ ڪافي دولت ۽ سهولتون کين ڏنيون ويون ۽ سندن اڳواڻ کي ليمنرز جو ٻيٽ سندس حوالي ڪرڻ جو واعدو ڪيو ويو چاڪاڻ ته اُنهن بهادري ۽ جرئت جو مظاهرو ڪيو هو. بندر جي شروعاتي ڇيڙي کي مضبوط بنايو ويو هو، ان کي يوناني ۽ اٽلي جي جنگي جهازن جي حمايت حاصل هئي ۽ هر عيسائي قوم جي جهازن کي، جيڪي لڳاتار ڪئنديا ۽ ڪاري سمنڊ کان اچي رهيا هيا، حفاظتي سببن جي ڪري روڪيو ويو هو، عثمانيه سلطنت جي اختيارن جي خلاف، هڪ شهر کي، ستن کان اٺن هزار سپاهين بچائي ورتو هو. جيڪو تيرهن کان سورهن ميلن جي ڊيگهه ۽ ويڪر ۾ ڦهليل هيو. يورپ ۽ ايشيا ڪهيري ڪندڙن لاءِ ڪليل هيا، پر يونان جي طاقت ۽ کاڌي خوراڪ يا ٻين گهربل شين جي موجودگي روز بروز گهٽجي رهي هئي ۽ ٻين ملڪن کان ڪنهن امداد ملڻ جو امڪان به گهٽ نظر ٿي آيو.

جيڪڏهن اوائلي رومي هجن ها ته هو بنا دير پنهنجون تراريون مياڻ مان ڪڍي جنگ ڪندي موت قبول ڪن ها يا وري فتح حاصل ڪن ها. اهڙيءَ طرح اوائلي عيسائي به ياڪر پائي هڪ ٻئي کان موڪلائن ها ۽ صبر ۽ سڪون سان شهادت ماڻن ها. پر قسطنطنيه جا يوناني فقط مذهبي جذبي سان سرشار هيا ۽ اُهو جذبو دشمني ۽ عداوت جي جذبن کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هيو. پنهنجي موت کان

اڳ(*)، شهنشاهه جان پئلولاگس لاطينين سان پنهنجي غير مقبول اتحاد کي ختم ڪري ڇڏيو هيو ۽ نه وري ان اتحاد جي رشتي کي تيستائين قائم ڪيو ويو هيو جيستائين سندس پاڻ ڪانسٽئنٽائن تڪليفن کان مجبور ٿي خوشامد ۽ بهروپيائي جي سطح تائين هيٺ نه هليو ويو هو(32). هن روحانيت کي دنياوي معاملن سان گڏ ملائي ڇڏيو هيو ۽ اهڙيون هدايتون هن پنهنجن سفيرن کي به جاري ڪري ڇڏيون هيون: ملڪي معاملن تي وڌيڪ توجهه ڏيڻ سبب هن ڪليسا جي سار سنيال لهڻ ۾ ڇڏي ڏني هئي تنهن ڪري سندس خواهش هئي ته روم جو ڪو عيوضي ساٿس گڏجي ڪم ڪري ته جيئن سڀني ملڪي توڙي مذهبي معاملن ڏي پرپور توجهه ڏئي سگهجي. وٽيڪن سان اڪثر ڏوکو ٿيندو رهيو هو پر جڏهن به ڪو پڇتائيندو هو ته ان کي معافي ملي ويندي هئي، تنهن ڪري فوج حوالي ڪرڻ جي بجاءِ هڪدم ڪيس عيوضي ڏنو ويو ۽ آخري تباهيءَ کان ڇهه مهينا اڳ روس جو وڏو پادري آئسوڊور، پادرين ۽ خدمتگارن سميت اوچتو ظاهر ٿيو. شهنشاهه احترام مان سندس سلام ڪيو ته هو ڪليسائي فادر سان گڏ هڪ دوست به هيو، سندس عوامي توڙي ذاتي تقريرون ۽ نصيحتون غور سان ٻڌائين ۽ ان جي گهٽي عزت ڪيائين ۽ فادر آئسوڊور نفرت لائق مذهبي ۽ عام ماڻهن سان اتحاد ڪيو جيڪو فلورينس(†) جي ڪائونسل ۾ طئي ڪيو ويو هو. 'ٻارهين ڊسمبر تي به قومون، سينٽ صوفيا جي ڪليسا ۾ هڪ ٻئي سان اتحاد ڪن ٿيون جيڪي قربانين توڙي عبادتن ۾ هڪ ٻئي سان ايڪي ۽ اتحاد کي قائم رکنديون'. ٻن مڪيه پادرين جي نالن جو به اعلان ڪيو ويو يعني نڪولس پنجون جيڪو حضرت عيسيٰؑ جو نائب هيو ۽ بزرگ گريگري جنهن کي فسادي ماڻهن پنهنجي ملڪ کان جلاوطن ڪري ڇڏيو هو.

پر لاطيني پادري جو لباس توڙي زبان اعتراض جوڳيون هيون ۽ خوف ۽ هراس مان اهو اندازو لڳايو ويو ته هن هڪ رُکي ۽ بچيل ماني کي مقدس ٻڌائي ان مٿان ڏڏو پاڻي هاري عيسائي رسم ادا ڪئي هئي. هڪ قومي تاريخدان تسليم ڏو ڪري ته هن موقعي تي ڪو به ملڪ جو ماڻهو توڙي شهنشاهه خود، پنهنجي مقصد ۾ مخلص ڪونه هو(33). سندن تڪڙي ۽ شرط تي قبول ڪيل التجا جو ڪجهه ازالو مستقبل جي واعدن ذريعي ڪيو ويو هو پر سندن بهترين يا وري بدترين ڳالهه اها هئي ته هنن پنهنجي جاڻي واڻي ڪوڙ ڳالهائڻ جو پاڻ اقرار ڪيو هو. جڏهن سندن ايماندار پائرن ڪوڙ ڳالهائڻ تي مٿن لعنت ملامت ڪئي ته اُنهن چيو: "صبر ڪريو، صبر ڪريو جيستائين خدا تعاليٰ هن شهر کي هڪ راڪاس کان آزاد ڪري جيڪو اسان کي صفا ڳڙڪائي ڇڏيندو، تڏهن توهان کي خبر پوندي ته اسان عظيمين سان ڪيترا ملندڙ جلندڙ آهيون(‡)'؛ پر صبر، جوش جذبي جو نعم البدل نڏو ٿي سگهي ۽ نه وري ڪورٽن جا قانون عوام جي آزادي يا هل هنگامي کي روڪڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿيا. بيشمار ماڻهو مرد توڙي عورتون سينٽ صوفيا جي گنبذ کان ٻاهر نڪري پيا ۽ ويراڳي جينيڊيس(34) جي جهوپڙيءَ ۾ هليا ته ڪليسا جي معجزي بابت ڄاڻ حاصل ڪن. ان پاڪ ۽ درويش انسان کي ڪوبه ڏسي نٿي سگهيو، شايد مٿس وَجد طاري ٿي چڪو هو، يا وري هو ڪنهن ڪُوڙهي عبادت ۾ مشغول هيو يا خدائي لقاءَ ۾ گم هو پر هن پنهنجي جهوپڙيءَ جي دروازي تي هڪ اهڙي شئي رکي هئي جنهن مان آواز ٿي نڪتو. ان وقت سيئي ماڻهو پنٽي هٽي ويا جڏهن هنن هي حيران ڪندڙ ۽ حيرت ۾ وجهندڙ لفظ پڙهيا: 'اي بدبخت روم جا ماڻهو! اوهان حق ۽ سچ جي وات کي چو ڇڏي ڏنو آهي؟ ۽ الله تعاليٰ ۾ پروسو رکڻ

جي بجاءِ اوهان اتلي وارن تي چو پاڙيو آهي؟ جيڪڏهن اوهان پنهنجو عقيدو ۽ ايمان ڇڏي ڏيندؤ ته اوهان کان هي شهر به هليو ويندو. ياخدا! مون تي رحم ڪر، آءٌ تنهنجي موجودگيءَ ۾ احتجاج ٿو ڪريان ته آءٌ بي قصور آهيان ۽ مون ڏوهه نه ڪيو آهي. او بدبخت روميو! ٿورو خيال ڪريو، ڏيرج اختيار ڪريو ۽ شرمسار ٿيندي ڪجهه پڇتايو. ساڳي وقت بيڙا عمل اختيار ڪندي اوهان پنهنجن ابن ڏاڏن جي مذهب کي ڇڏي ڏنو آهي، 'ائين ڪرڻ سان اوهان دائمي طور ڏارين جي غلاميءَ ۾ هليا ويندؤ'. جينيڊيس جي مشوري تي مذهبي طرح پاڪ صاف ماڻهن ۽ پاڪ ڪنوارين- اهڙيون پاڪ جيڙا فرشتا- ايڪي ۽ اتحاد کي رد ڪري ڇڏيو ۽ لاطينين سان هر قسم جي تعلق يا رشتن کي هميشه واسطي ختر ڪري ڇڏيائون ۽ سندن مثال کي هر مذهبي ماڻهو توڙي سڄي عوام جي پُنيرائي حاصل ٿي وئي. عقيدت مند يوناني خانقاهه مان ٽڙي پکڙي شراب خاني طرف ويا ۽ خوب شراب پيتائون پر اُنهن پادري جي غلامن ۾ مونجهارو پيدا ڪري ڇڏيو ۽ پاڪ ڪنواري (بيبي مريم) جي اعزاز ۾ پنهنجن گلاسن کي خالي ڪيائون ۽ ڪيس عرض ڪيائون ته محمد کان کين بچائي ۽ ساڳي وقت هن شهر کي به محفوظ رکي جنهن کي اڳ به خسرو ۽ خاقان کان هُن بچايو هو(*). جوش ۽ شراب جي ڀيٽي نشي ۾ هنن وڏي واڪي چيو: 'اسان کي ڪنهن به مدد، اتحاد يا لاطينين جي به ضرورت ناهي. عظيمين جي عبادت اڃا اسان کان ڪافي پري آهي'. سياري جي موسم اچڻ کان به اڳ ۾ ترڪن فتح حاصل ڪري ورتي ۽ سڄي قوم ۾ خوشي ۽ جوش جذبي جي لهر ڊوڙي وئي ۽ توڙي بخشش جي موسم اچي وئي هئي ۽ ايسٽر جو ڏڻ به ويجهو هو پر اهڙن موقعن تي خير خيرات يا محبتن وندڻ جي بجاءِ، خوشيون ملهائڻ وارن جو جوش ۽ ضِد وارا جذبا چوٽ چڙهيل هيا. پادرين، پنهنجن مريدن يا پوئلڳن جي ضمير کي بار بار خبردار ٿي ڪيو ۽ اهڙن ماڻهن کي سزا به ڏني وئي هئي جن کي پادرين واضح طور تي ٻڌايو هو ته هنن ايڪي ۽ اتحاد جي باقاعدگيءَ سان منظوري ڏني هئي. قربان گاهن تي هنن سادڙن ماڻهن کي جشن جي منفي اثرن کان لڳاتار آگاهه ٿي ڪيوڇاڪاڻ ته ڪيترن ماڻهن پنهنجين غير اخلاقي حرڪتن سان پادريت جي ڪردار کي داغدار ٿي ڪيو ۽ مذهب جي طور طريقن مطابق، جشن جي خوشين ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي اوچتي مرڻ جي صورت ۾، ان فوتيءَ لاءِ دعا ڪرڻ جي به اجازت ڪانه هئي ۽ نه وري ان جي چوڻڪاري جي ڪا اُميد هئي. جيئن ئي سينٽ صوفيا جي ڪليسا کي لاطيني قربانين سان ناپاڪ ٻڌايو ويو ته ان کي عيسائين ڇڏي ڏنو ۽ اُها ڪليسا بعد ۾ يهودين جي عبادت گاهه يا وري ڪافرن ۽ ملحدن جو مندر ٻڌجي ويو ۽ ان مقدس گنبذ تي مڪمل خاموشي ۽ ويراني ڇانئجي وئي، جتان لوبان جي دونهين جا ڳڪر پيا اٿندا هيا، جتي روشنين جي چمڪ دمڪ هوندي هئي ۽ جتان عبادتن ۽ رب جي شڪرانن جا آواز ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هيا. لاطيني مذهب ۾ قوت وجهڻ وارا بي دين هيا ۽ جيڪو سندن شهنشاهت جو پهريون وزير ۽ نواب هيو، ان کي ماڻهن ائين چَوندي ٻڌو هيو ته هن قسطنطنيه ۾ پادريءَ جي ٽوپلي يا تاج جي بجاءِ محمد جي پٽڪي کي ڏنو هو(35). عيسائين توڙي محب- وطن ماڻهن جي اهڙن اڻ وٽندڙ خيالن ۽ جذبن يونانين کي پريشان ڪري ڇڏيو هو، نتيجي ۾ شهنشاهه ماڻهن جي همدردين توڙي محبتن کان محروم ٿي ڇڪو هو ۽ هاڻي مقامي طور تي سندن بزدلي ايتري تي ڪريل سطح تي پهچي چڪي هئي جو هنن پنهنجا معاملا مقدر يا وري ڪنهن معجزي ٽيڻ تائين ڇڏي ڏنا هيا جيستائين اُهو معجزو واقعي ٿئي ۽ کين نجات ڏياري.

قسطنطنيه جو نقشو ٺڪندو آهي، سندس سمنڊ وارن ٻن پاسن کي دشمن جي پهچ کان محفوظ ٻٽايو ويو آهي، پروپوتنس جي قدرتي بيهڪ ئي حفاظت واري آهي باقي بندر کي انساني کوشش ذريعي مضبوط ڪيو ويو آهي. ٻن پاڻين جي وچ ۾ جيڪا بيهڪ نظر اچي ٿي اُها ٺڪندي واري آهي، زميني ٽُکري کي مضبوط ۽ پڪي ديوار ذريعي محفوظ بنايو ويو آهي ۽ ان کان سواءِ ديوار جي پر ۾ هڪ سؤ فوٽ اونهي هڪ کاهي پڻ کوٽيل آهي جيڪا پڻ دفاعي لحاظ کان اهم آهي. قلعن جي هن سلسلي جي خلاف جنهن کي فرانزا، جيڪو اکين ڏٺو شاهد هيو، چَهن ميلن جو ڊگهو(36) سلسلو ٿو ڪوٺي، ترڪن وڏي حملي جي شروعات ڪري ڇڏي ۽ شهنشاهه، جدا جدا ڪم مختلف ماڻهن ۾ ورهائڻ ۽ خطرناڪ هنڌن جي حفاظت جي بندوبست ڪرڻ کان پوءِ، باهرين ديوار کي محفوظ بنائڻ جي ڪمن ۾ لڳي ويو. گهيري جي پهرين ڏينهن ۾، يوناني سپاهي کاهيءَ ۾ هيٺ لهي ويا يا وري ميدان تي جُلهه ڪيائون، پر ڪين جلد خبر پئجي وئي ته سندن تعداد جي حساب سان، هڪ عيسائي ويهن ترڪن جي مقابلي ۾ به وڌيڪ کارائتو هو ۽ هنن شروعاتي بهادري وارن مرحلن کان پوءِ ان ڳالهه تي ڪين اطمينان هيو ته هو پنهنجن مزائيلن سان قلعي جي حفاظت ڪري سگهندا. هن دوراندیشيءَ تي هروپرو بزدليءَ جو الزام نٿي لڳي سگهيو. ساڳي وقت ان ڳالهه ۾ به ڪو شڪ ڪونهي ته اها قوم واقعي بزدل ۽ نِيچ هئي پر سندن آخري ڪانسٽئنائن سندن دلير سپوت هيو ۽ سندس مددگار به اهڙا هيا جن ۾ روايتي رومي وصفون موجود هيون ۽ جيڪي باهريون طاقتون هيون اُنهن مغرب جي سورهيائي يا وصفن ۽ قدرن کي دل سان تسليم ٿي ڪيو. لڳاتار نيزن ۽ تيرن جي بارش ٿي رهي هئي جن مان دونهون، آواز ۽ بارود توڙي بندوقن جي باهه جا شعلا ٿي نڪتا. سندن ننڍا هٿيار جيڪي ساڳئي وقت تي استعمال ڪيا ٿي ويا، اُنهن ۾ پنجن کان ڏهن تائين شيهي جا بالَ، جن جي سائيز اکروٽ جيتري هئي، بارود يا شوري جي طاقت جي زور تي چوڙيا ويا ۽ هڪڙي ئي وارَ ۾ خبر ناهي ڪيترين سيني تي ٻڌل شيلڊن ۽ جسمن مان پار ٿي ويا ٿي. پر ترڪن جا حملا هاڻي خاموش ٿي ويا هيا يا وري تباهيءَ جو شڪار ٿي ويا هيا. هر ڏينهن تي عيسائين جي سائنس يا سندن حرفتون وڌندڙ هيون پر هر روز سندن بارود يا مشيني گولن کي اڇلائڻ جي شوري جو ذخيرو ختم ٿيندو رهيو: سندن توبخانو، سائيز توڙي تعداد ۾ ايترو وڏو ۽ گهڻو نه هيو ۽ جيڪڏهن وٽن ڪجهه توبون هيون به ته اُنهن کي ديوارن تي کين فِٽ ڪرڻ ڏکيو ٿي لڳو، ته متان پراڻيون ديوارون مشينن جي وزن ۽ ڏماکي سان ڦهڪو کائي ڏهي نه پَون(37). تباهيءَ بابت اهو راز مسلمانن تائين به ڪُلي ويو هيو، جن ان مان زوردار طاقت، دولت ۽ آمراڻي حڪمرانيءَ ذريعي ٻرپور فائدو ورتو. محمد جي وڏي توبخاني بابت جدا ماڻهن کي خبر پئي ۽ اُها هڪ ان زماني جي تاريخي مشين هئي ۽ ان کي اڳتي وئي وڃڻ لاءِ هر طرف کان هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ضرورت پوندي هئي ۽ اهي ماڻهو به اوترا ئي جاننا ۽ طاقتور هوندا هيا(38) ۽ توبخاني جي هڪ ڊگهي سلسلي جو رُخ جنهن ۾ بندوقون ۽ توبون شامل هيون، ديوارن ڏانهن ڪيل هو. چوڏهن توبن منجهان زوردار ڏماکا ٿي رهيا هيا جن جا گولا پري پري وڃي ٿي ڪريا، اُنهن منجهان هڪڙي توب اهڙي به هئي جنهن ۾ هڪ سؤ ٽيهه بندوقون فِٽ ٿيل هيون يا وري اُن مان هڪ سؤ ٽيهه گوليون هڪ ئي وقت تي باهر ٿي نڪتيون. تنهن هوندي به سلطان جي حملن بابت اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته نئين سائنس يا مشيني ايجادن جي اها اڄا ابتدا مَس هئي. توب هلائڻ وقت ان جو ماهر موجود هوندو هو جيڪو وقت يا وقت جي گهڙين کي

بيهي ڪٽيندو هيو ۽ وڏي توب کي پهريون بارود سان پريو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي چوڙيو ويندو هو ۽ اُها توب ڏينهن ۾ ست دفعا هلائي سگهبي هئي(39). بدقسمتيءَ سان گرم ٽيل مادو قاڻي پيو ۽ ڪيترائي توب هلائڻ وارا مري ويا، بهرحال هڪ ماهر کي داد ڏنو ويو جنهن ان خطري ۽ حادثي کي وڌيڪ خطرناڪ ٽيڻ کان بچائي ورتو جنهن هر ڏماڪي کان پوءِ مشين جي بوٽ تي تيل ٽي هاريو.

جيڪي پهريان گولا مشينن منجهان چوڙيا ويا تہ اُنهن جو اثر گهٽ پر آواز وڌيڪ هيو تنهنڪري هڪ عيسائي کين صلاح ڏني تہ انجنيئرن کي سيکاريو ويو تہ هو قلعي جي خاص هنڌن جي ٻن مخالف طرفن کان پنهنجو نشانو وٺن. توڙي ڪٽي اهڙي حملي ۾ ڪجهہ اوٽايون ۽ ڪمزوريون هيون پر تڏهن بہ گولن جي لڳاتار ڇُٽڻ ۽ باهہ جي شعلن ديوارن تي پنهنجا اثر ضرور ڇڏيا ۽ ترڪ جڏهن اونهي کاهيءَ جي ڪنارن تائين پهتا تہ کين احساس ٿيو تہ کين ان کڏ يا کاهيءَ کي هڪدم پرڻ گهرجي ۽ هو ٻنا دير ان ڪم ۾ لڳي ويا ۽ ڪوشش ڪيائون تہ حملي جي خاص هنڌ تائين رستو ٺاهيو وڃي(40) ڪائين جا بيشمار ياڪُر ۽ بندل(*)، ٻڌا ۽ ڪائين جي وڏن ٻُندن کي کاهيءَ ۾ وڏو ويو تہ جيئن جلد پرجي سگهي، ان ڪانسواءِ اُبهرائيءَ جي اها حالت هئي جو مکيہ ماڻهو جيڪي ڪمزور ٿي ڪنهن ڪم جا نہ رهيا هيا اُنهن کي بہ مُنهن پَر کاهيءَ ۾ اُڇلايو ٿي ويو تہ جيئن وڏي کڏ جلد پرجي سگهي. گهيري ڪندڙ جو ڪم کاهيءَ کي پرڻ جو هيو ۽ گند ڪچري کي صاف ڪرڻ سان گهيري ۾ آيلن جي حفاظت جي صورتحال بهتر ٿي رهي هئي ۽ دِگهي ۽ خوني لڙائيءَ کان پوءِ بہ اُها جاري جنهن کي ڏينهن جو اُٺڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، رات ٽيڻ تائين بہ اُن جا بَخيا اُدڙيل نظر ٿي آيا. محمّد جو ٻيو قدم ڪاٺين کي آزمائڻ جو هيو، پر زمين پٽريلي هئي ۽ جيڪا بہ ڪوشش ڪئي ٿي وئي تہ ان کي عيسائي انجنيئرن روڪي ناڪام بڻائي ٿي ڇڏيو، ۽ اجا تائين ڪابہ اهڙي سائنس ايجاد نہ ٿي هئي جو پهاڙن ۽ جبلن کي بارودي ڏماڪن ذريعي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هوا ۾ اُڏائي ڇڏي ها، جنهن ۾ منارا توڙي شهر بہ اُکڙي ۽ اُڏري وڃن ها(41). قسطنطنيہ جي گهيري کي هڪ ڳالهہ ڪافي نمايان ڪري ٿي تہ قديم توڙي جديد توبخانا پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويا هيا. پراڻيون بندوقون ۽ توبون جديد انجڻين سان ملايون ويون هيون جن ذريعي تيرن توڙي پٽرن کي پري پنڌ تائين اُڇلائڻ آسان ٿي ويو هو ۽ گوليون توڙي داسا يا لوها ڏنڍا بہ ديوارن ڊاهڻ لاءِ استعمال ڪيا ٿي ويا ۽ بارودي شوري جي دريافت، نہ وسامندڙ باهہ کي وسائڻ لاءِ پاڻيءَ جي استعمال جي منع نہ ڪئي هئي. هڪ تمام وڏو هلندڙ قُرندڙ بُرج ٺاهيو ويو هو جنهن ۾ هٿيار ۽ ڪائين جا بندل رکيل هيا ۽ سائن (سائهن) جي ڪُلن کي ٽيٽو ڪري اُنهن کي ڏيکيو ويو هو تہ جيئن دشمن جي حملي کان محفوظ رهن ۽ بُرجن جي سوراخن مان بندوقن ۽ توبن جا لڳاتار وارَ ڪيا ٿي ويا؛ مُهڙئين پاسي کان ٿي دروازا ٺاهيا ويا هيا تہ جيئن اُتان دشمن خلاف حملا ڪري سگهجن ۽ ضرورت پوڻ تي سپاهين کي اُتان حفاظت سان ڪڍي بہ سگهجي. هو هڪ ڊاڪڻ ذريعي متّئين حصي تي چڙهيا ۽ چرخين يا قِرٽين ذريعي هڪ اهڙو سرشتو جوڙي ورتائون جو چُرندڙ پُرندڙ ڊاڪٽين ذريعي هڪ عارضي پُل تعمير ٿي وئي تہ جيئن قلعي کي نقصان رَسڻ جي صورت ۾ ٻيو نعم البدل موجود هجي. اهڙين ترڪيبن سان جيڪي يونانين کي ناراض ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون، سينٽ رومنس جي مناري کي وڏي محنت ۽ سخت ڪوششن کان پوءِ آخرڪار ڊاهيو ويو، ترڪن کي بہ ڏِڪي پٺتي هٽايو ويو پر پوءِ انڌاري ٽيڻ تي اُنهن ڪوشش ۾ ڪجهہ رڪاوٽ اچي وئي پر کين يقين هو تہ جيئن صبح ٽينڈو، روشني

ٿهڻي ته هو نئين جوش ۽ جذبي سان پنهنجن حملن کي جاري رکندا ۽ آخرڪار سوپ حاصل ڪندا. هن مختصر وقفي ۾ هنن پنهنجين اُميدن ۾ نئون روح ڦوڪيو ۽ هر لمحي کين شهنشاهه جسٽينئني(†) طرفان سندن همت افزائي ٿيندي رهي جنهن سڄي رات جاڳي ساڻن گڏ گذاري ۽ گڏجي اهڙا اُپاءَ ورتائون ته جيئن ڪليسا ۽ شهر کي هر صورت ۾ بچايو وڃي. صبح ٿيڻ شرط سلطان وڏي حيرت ۽ غمگينيءَ مان ڏٺو ته سندس ڪاڪ جو ٺهيل شاندار بُرج سڙي رَک ٿي چڪو هو، ڪاهي صاف هئي جنهن کي اصل حالت ۾ آندو ويو هيو ۽ سينٽ رومئس جو منارو اڃي وانگر مضبوط ۽ سالم بيٺو هو. هن پنهنجين ڀرتن جي ناڪاميءَ تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ هڪ اعتراض جوڳو يا ملحداڻو جملو پنهنجي واتان ڪڍيائين ته ستٽيهه هزار پيغمبرن* جا قول بہ ڪيس اعتبار ڪرڻ تي مجبور نٿا ڪري سگهن ته ڪافرن هيترو سارو ڪم، ايتري ٿورڙي وقت ۾، ڪيئن مڪمل ڪيو هوندو.

عيسائي بادشاهن جي ڪشاده دلي مرده دلي ۾ بدلجي چڪي هئي پر گهيري جي پهرين مرحلن ۾ ڪانسٽئنسٽائن، آرچيپلئگلو، موريا ۽ سِسلي جي بيٽن تي ڪاڏي خوراڪ يا ٻي ضروري سامان جي مُهيا ٿيڻ کي يقيني بنائي ڇڏيو هو. اپريل جي شروعات ۾، پنج(42) وڏا جهاز، جن ۾ جنگي ۽ ٻيو ضروري سامان هيو، چوس جي بندر کان هلڻا هيا پر اُتر جي خطرناڪ ۽ طوفاني هوائن انهن کي روڪي ڇڏيو هيو(43)، هنن منجهان هڪڙي جهاز تي شاهي جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو(*)، باقي چار جهاز جينئا جا هيا جن ۾ ڪڻڪ، جَوَ، شراب، تيل ۽ پاڇيون موجود هيون ۽ وڏي ڳالهه ته گاديءَ جي هنڌ ۾ خدمتن ڪرڻ لاءِ، ان جهاز ۾ فوجي ۽ ساموندي جوڌا بہ سوار هيا. روح پرور هوا گهُلي پئي جيڪا ڪافي دير تائين هلندي رهي ۽ ٻي ڏينهن تي ڏکڻ کان هڪ تيز واڇوڙي سندن جهازن کي هيليسپانٽ ۽ پروپونٽِس پهچائي ڇڏيو، پر شهر، زميني توڙي ساموندي رستن ذريعي آمدرفت لاءِ ڪليل هيو ۽ ترڪن جو ساموندي ٻيڙو (آرماڙ) باسفورس پار ڪندي ئي، پهرين تاريخ جي اڌ چند جيان هر ڪناري طرف ڦهلجي ويو ته جيئن مخالفن جي مددگار جٽن جي آمد کي روڪي سگهجي. پڙهندڙن، جنهن جي ذهن ۾ قسطنطنيه جي جاگرافي جو نقشو موجود آهي ته اُهو هن زبردست نظاري مان لطف اندوز ٿيندو ته ساڳي وقت اهڙين ڪوششن جي ساراهه بہ ضرور ڪندو. عيسائين جا پنج جهاز، مٿس سوار ماڻهن جي خوشين، هُوڪرن ۽ هنيوچين ۾، سِڙهن ۽ بادبانن جي زور تي ڏوڪيندا ۽ اڇلندا رهيا ۽ سندن سامهون ترڪن جا ٽي سؤ جهاز موجود هيا ٻي طرف هڪ مضبوط قلعي ۽ سندن ڪئمپ ۾ يورپ توڙي ايشيا جا بيشمار تماشبين موجود هيا، جيڪي سندن مدد لاءِ آيل فوجين توڙي سيڊي سامان پهچڻ جو بيچينيءَ سان انتظار ڪري رهيا هيا. هڪ سرسري جائزي وٺڻ سان ڏسندڙن کي اها صورتحال شَڪ واري هرگز نٿي لڳي ڇاڪاڻ ته مسلمانن جي برتري واضح نظر اچي رهي هئي، ان کانسواءِ سندن تعداد توڙي بهادري پڻ سندن مخالفن جي مقابلي ۾ وڌيڪ نروار ۽ نمايان هئي. پر سندن ساموندي جهازن جي ٻيڙي کي اُبهرائيءَ ۽ اڇوٽين ڪوششن سان تيار ڪيو ويو هو جنهن ۾ ڪاريگرن جي ذهني ڪاوشن جي بجاءِ سلطان جي ذاتي خواهش جو عمل دخل زياده هيو. سندن خوشحاليءَ جي ڏينهن ۾ ترڪن ان ڳالهه کي دل سان تسليم ڪيو هو ته الله تعاليٰ زمين يا ڌرتيءَ جي حڪمراني ته ڪين بخشي ڇڏي هئي

* (ستٽيهه هزار پيغمبرن جي انگ ڪي گبن خبر ناهي ڪٿان هٿ ڪيو آهي، اسان ته اهو انگ هڪ لک چوويهه هزار پڙهيو آهي. سنڌيڪار)

باقي سمنڊ ڪافرن جي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين(44)، ۽ بعد ۾ جيڪي شڪستون ڪين آيون يا سندن زوال ايندو ويو تہ ان سان مٿي بيان ڪيل حقيقت جي تصديق ٿئي ٿي. وٽن فقط ارڙهن جهاز اهڙا هيا جيڪي مقابلي ۾ ڳاڻاٽي جهڙا هيا باقي ٻيون تہ ڪليل ٻيڙيون ۽ ننڍا جهاز هيا جن جي بناوٽ ۾ ڪابہ مهارت نظر نٿي آئي جن ۾ فوجي تہ گهٽا هيا پر اُنهن ۾ توبخاني جو نالو نشان ڪونہ هو، ۽ جيئن تہ سپاهين يا ويڙهاڪن جي همت بہ تڏهن وڌندي آهي جڏهن هو پاڻ وٽ طاقتور هٿيار ڏسندا آهن، پر هن افسوسناڪ صورتحال تي سندن خاص فوجي بہ جن کي جئينيسري (جانثار) چيو ويندو هو، ڊڄي ۽ ڪنبي رهيا هيا، جڏهن تہ عيسائين جي ڪئمپ ۾ پنج وڏا ۽ مضبوط جهاز لنگر انداز هيا جن جي رهبري ماهر ڪشتيبان ڪري رهيا هيا ۽ اُنهن ۾ اٽلي ۽ يونان جا تجربيڪار ناڪا وينل هيا جن کي سامونڊي سفرن توڙي خطرن جو مڪمل تجربو هو. وڏن ۽ ڳئورن جهازن جي ڪوشش اها هئي تہ هر رڪاوٽ کي هٽائي پري ڪن يا ان کي صفا ٻوڙي ڇڏين ۽ پنهنجي رستي کي يقيني بٹائن تہ جيئن سندن جهازن کي اڳتي وڌڻ ۾ ڪا بہ رندڪ نہ اچي؛ سندن توبخانو بہ پاڻيءَ تي موجود هيو، اهڙيءَ طرح پاڻيءَ- گاڏڙ باهہ جا شعلا سندن مخالفن مٿان وسي رهيا هيا ۽ اهڙن موقعن تي هوائون توڙي سامونڊي لهرون پڻ اُنهن جي مدد ڪنديون آهن جيڪي ماهر جهازران هوندا آهن. هن مقابلي ۾ هڪ شاهي جهاز، جنهن تي ذري گهٽ قبضو ٿي چڪو هو، پر ان کي جينئا وارن بچائي ورتو ۽ ترڪن کي، جن پري توڙي ويجهي پنڌ تان حملا ٿي ڪيا، پوئتي ڌِڪي پڃايو ويو ۽ سندن نقصان بہ تمام گهٽو ٿيو، محمد سامونڊي ڪناري تي گهوڙي تي چڙهيل هيو تہ جيئن ذاتي طور تي پنهنجين فوجين کي همت ۽ حوصلو ڏئي سگهي ۽ کين انعامن اڪرامن جون لالچون بہ ڏياريائين ٿي تہ منجهن خوف بہ اهڙو پيدا ٿي ڪيائين جيڪو دشمنن جي دڙڪن ۽ دهمانن کان بہ وڌيڪ خطرناڪ هو. سندس جوش جذبا سندس مُنهن جي تيورَن ۽ جسم جي چرپر مان صاف نظر اچي رهيا هيا تہ(45) هو ڪيترو نہ ڪاوڙ ۽ جوش ۾ پريل هو ۽ ائين ٿي لڳو تہ ڇڻ خود جنگ جي ميدان تي وڙهڻ لاءِ تيار هجي ۽ سڄي فطرت جي حڪمراني ڇڻ سندس حڪمن جي تابع هئي. هن پنهنجي گهوڙي کي اَڙي هنئي ۽ گهوڙو سمنڊ ڏانهن روانو ٿي ويو، هن پنهنجين فوجين کي رڙيون ڪندي لعنت ملامت ٿي ڪئي ۽ فوجي ڪئمپ ۾ جيڪو شور ۽ غرغاءُ پيدا ٿيو ان ترڪن کي ٽئين دفعي ڀرپور حملي ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو جيڪو ظاهر آهي تہ پهرين ٻن حملن کان وڌيڪ زوردار ۽ طاقتور هيو ۽ آڻ هن ڳالهہ کي ورجايان ٿو توڙي جو مون وٽ هينئر فرانزا جي شاهدي موجود ڪانهي، جيڪو سندن ئي زبان مان چورائي ٿو تہ هنن فقط هڪڙي ڏينهن ۾ پنهنجا ٻارهن هزار ماڻهو مارائي ڇڏيا هيا. ٻيا وري يورپ ۽ ايشيا جي ڪنارن ڏانهن وٺي ڀڳا، جڏهن تہ عيسائي فوجين، جن جو ڪو بہ نقصان نہ ٿيو هو ۽ خوشيءَ ۾ ٻهڪيا پئي، باسفورس کي پار ڪري، بندر تي ئي هنن پنهنجي ڪئمپ قائم ڪري ڇڏي. فتح جي خوشي ۽ اعتماد ۾، هنن ٻڌاڪون ٿي هنيون تہ ترڪن جي سڄي طاقت سندن ڪنٽرول ۽ قبضي ۾ اچي چڪي هئي، پر ائدمرل يا ڪئپٽن پاشا، جنهن کي هڪ اک تي زخم رسيو هو، کين حوصلو ڏياريو تہ سندن شڪست جو ڪارڻ بہ اهو حادثو هو جنهن ۾ هو زخمي ٿي پيو هو. بالٽا اوگلي، بلغاريا قوم جي بادشاهن جو هڪ غدار هو، سندس فوجي ڪردار سندس لالچي طبيعت جي ڪري داغدار ٿي چڪو هو ۽ جڏهن بادشاهہ آمر هجي تہ ان جي حڪمراني ۾ ڪمر ڪرڻ وارن جي بدنصيبي سندن ڏوهي هجڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت ٻڌجي ويندي آهي. محمد ناراض ٿي

سندس عهدن توڙي نوڪري کي ختم ڪري ڇڏيو هو. ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ ڪئپٽن پاشا کي چئن نوڪرن ميدان تي سمهاري ڇڏيو ۽ هڪ سوني ڏنڊي سان(46) سڳ پيرا ڏڪَ هڻي ڪيس اُڇٽ ماريو ويو، توڙي جو اڳ ۾ هن سلطان جي نرم طبيعت جي تعريف ڪئي هئي(*) جنهن فقط سندس ملڪيت ضبط ڪرڻ ۽ ملڪ بدري جي ڪيس سزا ٻڌائي هئي. هاڻي يونانين کي ڪجهه اُميد جا ڪِرڻا نظر آيا پر اُنهن پنهنجن مغرب جي اتحادين جي ڪاهليءَ جي سخت مذمت ڪئي، اناتوليا جي برپٽن ۽ فلسطين جي جبلن جي وچ ۾ صليبي جنگين ۾ مارجي ويل لکين ماڻهن کي دفن ڪيو ويو هيو پر شاهي شهر جي صورتحال سندس دشمنن جي مقابلي ۾ گهڻي مضبوط هئي، جتي سندن دوست ٻه وڃي ٽي سگهيا ۽ ساموندي ملڪن جي وچڑي هٿيارن واري طاقت ٻه روم جي نالي ۽ ان جي تبرکن کي بچائڻ لاءِ ڪافي هئي جنهن مطابق هو عثمانيه سلطنت جي وچ ۾ هڪ عيسائي قلعي کي قائم ڪرڻ ۾ ٻه ڪامياب ٿي پئي سگهيا. تنهن هوندي ٻه هي ڪوششون قسطنطنيه کي چوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ ڪافي نه هيون، پري جي طاقت ان خطري کي ٽارڻ لاءِ ڪافي نه هئي، ۽ هنگري يا گهٽ ۾ گهٽ هنيئبدس جو سفير ته ترڪن جي ڪئمپ ۾ اڳي ئي رهندو هو جيڪو سلطان جي خطرن کي ختم ڪرڻ لاءِ وڏو ثبوت هو(47).

يونانين لاءِ ديوان جي رازن تائين پهچڻ ڏکيو ڪم هو تنهن هوندي ٻه يونانين کي يقين ٿي ويو هو ته هڪ اهڙو مقابلو يا مُهاڏو جيڪو حيرت انگيز حد تائين رڳو ضِد ۽ هوڏ ٿي ٻڌل هجي، محمّد جي مستقل مزاجيءَ جي لاءِ ٽڪائيندڙ هيو. تنهنڪري هن پنڌتي هڻڻ جو ٻه سوچيو ۽ شايد گهيري کي ختم ٻه ڪري ڇڏي ها جيڪڏهن سندس ٻي نمبر وزير جي حاسد طبيعت خليل پاشا جي ڏوڪيبازي واري صلاح جي مخالفت نه ڪري ها جيڪو اڄا تائين اندروني طرح بازنطينين سان مليل هو ۽ ساڻن خطن ۽ چنين چپائين ذريعي مسلسل رابطي ۾ هو، شهر کي تيستائين ختم ڪرڻ جو خواب اجايو هو جيستائين بندر جي پاسن توڙي زمين کان مٿس ٻڌو حملو نه ڪيو وڃي، پر مسئلو اهو هو ته بندر تائين پهچڻ ناممڪن هو، هڪ ڏڳهي دفاعي سلسلي، جنهن ۾ اٺ وڏا ۽ ويهه ننڍا جهاز پڻ بيهاريا ويا هيا، ان کان سواءِ ڪافي ٻيڙيون ۽ بتيلا پڻ هيا جن شهر جي بچاءَ کي ڪافي حد تائين يقيني بڻائي ڇڏيو هو؛ هيڏي ساري رڪاوٽ کي ٽوڙڻ جيئن ته مشڪل ڪم هو تنهنڪري ترڪن کي ساموندي حملي يا وري ڪليل سمنڊ ۾ جنگ ڇڙڻ جو گهٽو امڪان نظر ٿي آيو. هن ڳُوڙهي مونجهاري ۾ ٻه محمّد جو ذهن پوري خبرداريءَ سان ڪم ڪري رهيو هو. ڪيس ڪمال بهادري واري هڪ ِرٽ سُجهي آئي ته زميني رستي سان هو پنهنجا ننڍا جهاز ۽ فوجي سامان باسفورس کان پار ڪري بندر تائين پهچرائي ڇڏي. مفاصلو فقط ڏهن ميلن جو هو پر زمين ناهموار هئي جنهن تي وڻ ۽ گاهه هو ۽ رستو فقط هڪڙوئي هو جيڪو غلاط سان ڳنڊيل هو، تنهنڪري کين رستي مِلڻ يا سندن مڪمل تباهيءَ جو دارومدار جينئا وارن تي هيو. پر هي مطلب جا واپاري اهڙا هيا جن فقط اها رعايت ورتي هئي ته سيني کان آخر ۾ سندن خدمتون حاصل ڪيون وڃن، ۽ جيڪڏهن ڪٽي هنر يا مهارت جي ڪا ڪمي نظر ٿي آئي ته ان کي فرمانبردار لشڪرن جي طاقت سان پورو ڪيو ٿي ويو، رستي جي ناهمواري يا ڪڙڇ کي مضبوط ۽ سِڌن سنوَن تختن سان هموار ڪيو ويو ۽ ڪيس وڌيڪ تِرڪڻو بنائڻ لاءِ ان تي ِردين ۽ ڏاندن جي چربيءَ جو ٿهه چاڙهيو ويو. اسي ڪن ننڍا ۽ اجا وڌيڪ ننڍا سِڙهه وارا جهاز جن ۾ ٽيهن کان پنجاهه وَنجهه لڳل هيا اُنهن کي باسفورس جي ڪناري تي لاهي ۽ رولرن يا چڪرُين تي ڪنيو ويو ۽ اُنهن کي ماڻهن جي مدد سان

چرخين تي کٽي موقعي واري هنڌ تي پهچايو ويو. جهازن جي مُهڙئين توڙي ٻي پاسي کان رهبر مقرر کيا ويا تہ جيئن هيڏي هوڏي ٽپڪڻ کان بچي وڃن، هاٿي سِڙهن کي کولي هوا جي حوالي کيو ويو ۽ بندر تي ماٺهن خوشيءَ ۾ نغما ٽي آلاپيا ۽ تاڙيون وڄائي خوشيون ٽي ملهايون. هڪ رات ۾ ترڪن جي ساموندي فوج وڏين تکليفن کان پوءِ جبل تي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٽي وئي ۽ ميدان تي پنهنجي پوزيشن درست ڪيائون ۽ هيناهينءَ کان بندر جي نندي پاٽيءَ ۾ فوجين پنهنجي ڪمان سنيالي ۽ هي هنڌ يونانين جي هيناهين سطح تي بينل جهازن کان گهٽو متانهون هو، هن ڪامياب مهم جي اهميت فقط هن ڳالهہ ۾ هئي تہ ترڪن جو هن ڏڪئي هنڌ تي پهچڻ ئي جڻ ڪاميابيءَ جي علامت هو جو مخالفن ۾ خوف ۽ هراس ڦهلجي ويو ۽ ترڪن ۾ اعتماد اچي ويو، پر هڪ اهڙي حقيقت کي اکين آڏو رکيو ويو جنهن کي ٻنهي قومن جي قلمن سان لکيو ويو آهي(48). يعني ساڳئي قسر جي مهم قديمين بہ آزمائي هئي(49)، ۽ ترڪن جا جهاز وڏا ٻيڙا هيا (اها ڳالهہ آڻ ٻيهر ورجايان ٿو) ۽ جيڪڏهن اسان ان جي اهميت ۽ مفاصلي جي پيٽ ڪريون، رڪاوٽن ۽ ذريعن کي بہ جاچيون ۽ پرکيون تہ ائين چئي سگهبو تہ ڪيترن سالن کان پوءِ اهو معجزو(50) اسان جي وقت ۾ ٻيهر ٿيو آهي(51). جيئن ئي محمد بندر جي متاهين حصي تي قبضو ڪيو ۽ ساموندي توڙي پيادل فوجي پنهنجين پنهنجين مقرر ڪيل هنڌن تي پهتا تہ هنن هڪ پُل ناهي ورتي جيڪا پنجاهہ ڪيوبٹس ويڪري ۽ هڪ سؤ ڪيوبٹس ڊگهي هئي. اها ڊبن، ڊمن ۽ تختن منجهان ناهي وئي هئي جنهن کي ٿوٽين جي سهاري بيهاريو ويو هو ۽ لوهہ جي سيخن کي بہ ضرورت آهر استعمال ڪيو ويو هو، هن هنڌ جي اردگرد وڏي ۾ وڏي توبخاني کي فِٽ ڪيو ويو، جڏهن تہ اسي جهاز، فوجي ۽ ڏاڪٽيون عين ان جڳهہ تي آنديون ويون جن تي اڳ لاطيني فوجين فتح حاصل ڪئي هئي(*). عيسائين جي سُستي ۽ ڪوتاهيءَ تي اهو الزام لڳايو ويو آهي تہ اُنهن پنهنجن اٺپورن ۽ اڌورن ڪمن کي اُنهيءَ حالت ۾ چڏيو هو ۽ اُنهن کي ڊاهيو نہ هو ۽ سندن باهہ کي هڪ وڏي باهہ ذريعي ناڪام ڪيو ويو هو ۽ ائين بہ نہ هيو تہ اُهي رات جو ڪم ڪرڻ کان عاري هوندا هيا يا جهازن کي باهہ ڏئي ساڙي يا سلطان جي ناهيل پل کي ڊاهي نٽي سگهيا. پر حقيقت اها هئي تہ سلطان جي ذاتي اڳواڻيءَ سندس فوجين کي چوڪس رکيو هو جن دشمن کي ويجهو اچڻ ئي نٽي ڏنو، دشمن جي جهازن کي ٻوڙيو ويو يا مٽن قبضو ڪيو ويو، انلي ۽ يونان جي چاليهن بهادر جوانن کي سندس حڪم تي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو، توڙي جو ردِعمل ۾ شهنشاهہ بہ انتهائي وحشياڻو ڪم ڪيو ۽ بہ سؤ ٽڻ مسلمانن قيدين جون ڏڙ کان ڌار ٽيل مُنڊيون کين ڏيکاريون ويون پر تڏهن بہ سندس ڏڪ ۾ ڪمي نہ آئي هئي. چاليهن ڏينهن جي گهيري کان پوءِ بہ قسطنطنيہ جي مقدر جو فيصلو نہ ٿي سگهيو. دشمن فوجين جي جٽن کي ٻُني حملي ذريعي تباهہ ڪيو ويو ۽ اُنهن مضبوط قلعن کي، جيڪي اوائلي وقتن کان وٽي، ڪيترن حملن جي باوجود هن وقت تائين سلامت بينا هيا، ترڪن جي توبخاني اُنهن کي هر طرف کان ڊاهي پَٽ ڪري چڏيو، ڪيترن هنڌن کي ٽوڙيو ويو ۽ سينٽ رومَنس جي گيٽ جي ويجهو چئن منارن کي ڊاهي زمين برابر ڪيو ويو، پنهنجين ڪمزور ۽ باغي طريقي جي فوجين کي پگهارن ڏيڻ لاءِ ڪانسٽئنٽائن کي مجبور ڪيو ويو تہ هو پنهنجن ڪليسائن ۾ لڳل هيرن موتين مان ان جو پورائو ڪري توڙي جو سلطان ساٺس واعدو ڪيو تہ هو بعد ۾ چوڻ تي خرچ پري ڪليسائن کي اصلي صورت ۾ بحال ڪندو، ۽ ٻيا بہ ڪيترا قدم اهڙا کنيا ويا جو اتحاد جي دشمنن کي نندیو ويو، اهڙيءَ طرح ماٺهن

۾ اندروني قوت ۽ هڪ ٻئي جي مخالفت جو جذبو پيدا ٿي ويو جنهن عيسائين جي باقي بچيل طاقت کي به ڪمزور ڪري ڇڏيو، جينئا ۽ وينس جي فوجي جٿن پنهنجن پنهنجن ماڻهن جي برتري ۽ خدمتن کي اڳتي وڌايو ۽ جسٽينيئيني ۽ وڏي نوابَ جن جون خواهشون هيڏي ساري خطري جي هوندي به اجا ختم نه ٿيون هيون، هڪ ٻئي تي غداري ۽ بزدليءَ جا الزام مڑهيائون.

قسطنطنيه جي گهيري دؤران، امن ۽ پيش پوڻ جون ڳالهيون اڳتي وڌيون، ۽ فوجي ڪئمپ ۽ شهر جي وچ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڳالهين ٻولهين جي ڏي- وٺ ٿي(52). يونان جي شهنشاهه کي تڪليفن ۽ ڏکن مان گذرڻو پيو تنهنڪري هن لاءِ ٻيو ڪو چارو نه رهيو هو سواءِ ان جي ته جيڪي به شرط رکيا ويا اُهي ڪيس قبول ڪرڻا پيا پر ان ۾ سندس مذهب ۽ شاهي رتبي جو احترام ڪيو ويو، ترڪي جي سلطان جي خواهش هئي ته سندس سپاهي موت جي مُنهن ۾ نه وڃن، پر ان کان وڌيڪ سندس تمنا اها هئي ته هو بازنطينين جي خزانن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ۽ ان دولت کي پنهنجي ملڪ جي پلائيءَ لاءِ استعمال ڪري ۽ هن ڳبرس(*) لاءِ پنهنجو مقدس فرض سمجهيو ته ٿي شرط هنن جي آڏو رکي: ڪُتنو ڪرائن، ٽئڪس ڏين يا موت قبول ڪن. محمد تڏهن مطمئن ٿئي ها جڏهن ڪيس هڪ لک ڊيوڪٽس (ان وقت جو سِڪو) ساليانو ملن ها، پر سندس خواهشون ان کان به اڳتي وڌي ويون جڏهن هن اوپر جي گاديءَ جي هنڌ حاصل ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ۽ هن سلسلي ۾ هو بادشاهه کي اوترو معاوضو ڏيڻ لاءِ به تيار ٿي ويو ۽ عوام لاءِ پنهنجي طرفان کين برداشت ڪرڻ جو يقين ڏياريائين. يا جيڪڏهن هو ان مان مطمئن نه ٿين ته پوءِ سلامتيءَ سان کين ملڪ ڇڏي وڃڻ جو اختيار به کين ڏنائين. پر پوءِ جڏهن ڪنهن به سمجهوتي يا صلحنامي جي ڪا صورت نظر نه آئي ته هن پڪو عزم ڪيو ته يا هو اوپر جي تختگاهه تي ويهندو يا وري قسطنطنيه جي ديوارن اندر سندس قبر هوندي. عزت جي احساس يا وري عالمي مذمت جي خوف پئلولاگس جي ضمير کي جنجهوڙيو ۽ هن شهر جي واڳ ترڪن جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ عزم ڪيائين ته هو ترڪن سان آخري ۽ فيصلائتي جنگ ڪندو. هاڻي سلطان به پنهنجي طرفان حملي جي تيارين ۾ مصروف ٿي ويو جنهن ۾ ڪيترا ڏينهن گذري ويا، پر سندس ئي تارن جي آسماني علم ڪيس ڪجهه اطمينان ڏياريو جنهن موجب مئي جي اٺٽيهين تاريخ سلطان جي لاءِ پاڻ، بخت ۽ فيصلي وارو ڏينهن هوندو. ستاويهين مئي جي شام جو هن پنهنجو حڪمنامو جاري ڪري ڇڏيو ۽ ان ڏينهن تي سڀئي فوجي اڳواڻ سلطان وٽ گڏ ٿيا ۽ پنهنجن ڊنيورچين کي هر طرف موڪلي ڏنائين ته ماڻهو پنهنجين پنهنجين ڏنل ذميوارين کي پورو ڪرڻ لاءِ هوشيار ۽ چوڪس رهن ڇاڪاڻ ته خطري واري گهڙي پهچڻ واري هئي، ڪنهن به آمراڻي حڪومت لاءِ خوف پهريون اصول هوندو آهي ۽ سلطان خطرن کي مشرقي انداز ۾ ماڻهن اڳيان بيان ٿي ڪيو ۽ کين تنبيهه ٿي ڪيائين ته ياڃوڪڙ ۽ غداري ڪندڙ توڙي جو پڪين وارا پَرَ پائن تڏهن به کين هرگز ملڪ ڇڏي ڀڄڻ نه ڏنو وڃي ۽ کين سندس انصاف جي ڪٺهڑي ۾ ضرور آندو وڃي. سندس پاشائن ۽ جانثارن جي اولاد جي بيشمار ماڻهن جا والدين عيسائي هيا پر ترڪي جي نالي کي نروار ڪرڻ ۾ اُنهن سڀني جو هٿ هيو ۽ توڙي جو نسل وڌندا ۽ تبديل ٿيندا رهيا تڏهن به فوجي دستا يا خود فوج جي نالي کي ترڪيءَ جي روايتن موجب زندهه رکيو ويو، بهرحال هن مقدس جنگ ۾ مسلمانن تي فرض ڪيو ويو ته هو عبادتن سان پنهنجن ذهنن ۽ ستَ ڀيرا وضو ڪرڻ سان پنهنجن جسمن کي پاڪ رکن ۽ ان سان

گڏوگڏ روزا ۽ رکن ۽ جيئن پرهيزگاري مڪمل ٿي وڃي، ڪجهه درويشن جي هجوم خيمن جو چڪر لڳايو جن کين شهادت جي باري ۾ سندن ذهن کي صاف ڪيو ۽ نوجوانن کي دائمي بقا واري زندگيءَ جي باري ۾ خوشخبري ٻڌائي وئي جنهن ۾ وهندڙ ندين ۽ باغ باغيچا هوندا، ڪارين ڪجلين اکين واريون ڪنواريون سندن خدمت ۾ هونديون، محمد، بهرحال کين دنياوي فائدن جي ۽ لالچ ڏني. فتح جي صورت ۾ فوجين جو پگهار بيٺ تي وڌايو ويندو. محمد اعلان ڪيو: شهر ۽ ان جون عمارتون منهنجون آهن باقي اڃ واعدو ٿو ڪريان ته قيدي ۽ مالِ غنيمت اوهان جو هوندو، ان ڪانسواءِ سون ۽ حُسن جي خزانن ۾ ۽ اوهان جو حصو هوندو، تنهنڪري دولتمند ٿيو ۽ خوش رهو. منهنجي شهنشاهت اندر ڪيترائي صوبا آهن، اُهو بهادر سپاهي جيڪو سيني کان پهريون قسطنطنيه جي ديوارن ۽ قلعن کي فتح ڪندو، ته دولتمند صوبي جي حڪمراني ان جي حوالي ڪئي ويندي ۽ ان بهادر شخص لاءِ احسانمنديءَ جو احساس منهنجي دل ۾ وڌندو رهندو جيڪو ڪيس سندس اُميدن کان ۽ گهٽو فائدو پهچائيندو.' اهڙن ۽ ڪيترن ٻين واعدن ترڪن ۾ وڏو جوش جذبو پيدا ڪري ڇڏيو تنهنڪري هو بي ڊپا ۽ بهادر ٿي جنگ ۾ وڙهيا ۽ هر طرف 'لاإله‌إلاالله، محمدالرسول‌الله' جا نعرا گونجڻ لڳا ۽ غلاط ڪان ستن منارن تائين سمنڊ توڙي ڌرتي سندن بارود ۽ هٿيارن جي باهه سان رات جو ۽ روشن ٿي وئي.

مسلمانن جي مقابلي ۾ عيسائين جي ذهني ڪيفيت بلڪل مختلف هئي، جن وڏي واڪي پر اجاين شڪايتن سان پُڪاريو پئي ته کين سندن ئي گناهن جي سزا(*) ملي رهي هئي چو ته هو سزا جا جائز طور مستحق هيا. هڪ جلوس ڪيو ويو جنهن ۾ ڪنواري بيبي مريم جي تصويرن کي ڪٽي ٻاڏايو ويو پر هن سندن شڪايتن تي ڌيان ئي نه ڏريو، هاڻي عيسائين شهنشاهه تي الزام مڙهيو ته هو جيڪڏهن سلطان آڏو وقت تي پيش پوي ها ته هو ابتري واري حالت کان بچي وڃن ها ۽ هاڻي هو پنهنجي ايندڙ وقت کان بنهه ڊنل هيا ۽ ترڪن جي دائمي غلاميءَ ۾ رهڻ جو کين خطرو ۽ هو ته ساڻئي وقت کين اهو احساس ۽ هو ته ان غلاميءَ ۾ کين تحفظ ۽ سڪون حاصل هوندو. يونان جي نوابن ۽ معتبرن ۽ اتحادين جي بهادر ماڻهن کي اناويهين تاريخ جي شام جو سلطان جي محلات ۾ سڏيو ويو ته جيئن وڏي حملي جي خطرن کان کين آگاهه ڪيو وڃي. آخري تقرير پئلولاگس جي هئي جنهن ۾ هن روم جي شهنشاهت کي دفنائڻ جا راڳ آلاپيا، پر پوءِ ۽ هن عام ماڻهن سان فريب وارا واعدا ڪيا ۽ ڏوکي وارين چالن سان کين وندرايو ويو ۽ منجهن اُميد جو شعلو ٻارڻ چاهيائين جيڪو سندس دل مان ۽ وسامي چڪو هو. چوڻ لڳو: هن دنيا ۾ ڪنهن ۽ شيءِ ۾ مزو ڪونهي، هر طرف اُداسي ڇانيل آهي ۽ انجيل توڙي ڪليسا ٻنهي ۾ اُنهن سپوتن ۽ سورمن لاءِ ڪنهن اُجوري يا انعام جي اُميد ڏياريل ڪانهي جيڪي پنهنجي ملڪ بچائڻ لاءِ وڙهيا هجن ۽ پنهنجين زندگين جو نذرانو پيش ڪيو هجي، پر سندن بادشاهه جي مثال ۽ گهيري ۾ بند رهڻ سبب ويڙهاڪن ۾ نراسائيءَ ۾ ۽ اُميد پيدا ٿي وئي، بهرحال هن نااُميدي جي منظر نامي کي تاريخدان فرانزا جيڪو پاڻ ۽ موقعي تي موجود هيو، هن طرح بيان ڪيو آهي: 'اُهي رُنا، اُنهن هڪ ٻئي سان پاڪر پاتا، توڙي جو کين هڪ ٻئي جي خاندانن يا پاڳ بخت جي ۽ خبر نه هئي، بس هنن پنهنجون زندگيون اربي ڇڏيون هيون ۽ هر ڪمانڊر پنهنجي ڊيوٽي جي جڳهه تي وڃي سڃي رات جاڳيو ۽ قلعي جي حفاظت لاءِ چؤڪس رهيو. شهنشاهه پنهنجن ڪجهه وفادار ساٿين سان گڏ سينٽ صوفيا جي ڪليسا جي گنبذ ۾ داخل ٿيو، جيڪا ٿورڙن ڪلاڪن کان پوءِ مسجد ۾

تبديل ٿيٽي هئي، ۽ عقيدت مان ڳوڙها ڳاڙيندي عيسائي رسمون ادا ڪيائين. هن پنهنجي محل ۾ ڪجهه گهڙيون تڏهن گذاريون جڏهن سڄي محلات مان رڙين ۽ سُڏڪن جا ماتمي آوار ٿي اُپريا ۽ سيني کان معافيون ورتائين جن کي مبادا هن کي تڪليفون يا ايذاءَ رسايا هجن(56)، ان کان پوءِ هو پنهنجي گهوڙي تي سوار ٿيو ته جيئن فوجي دستن جو معائنو ڪري ۽ دشمن جي ڇُرپر تي نظر رکي. آخري ڪانسٽئنٽائن جي شڪست ۽ سندس ڏکن جو داستان، بازنطيني قيصرن (سيزرس) کان دردناڪيءَ ۾ وڌيڪ شاندار آهي.

انڌاري ۾ ان ڳالهه جو امڪان رهندو آهي ته حملو ڪندڙ شايد پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي وڃي، پر هن ڪُليل ۽ وڏي حملي ۾ جتي فوجي حڪمت عملي سان گڏ محمد جي آسماني علمن جي ڇاڻ به ڪم ڪري رهي هئي ته ان موجب اٺتيهين مئي، چوڏهن سؤ ٽيونجاهه عيسوي (1453-05-29) جي صبح جو ڏينهن حملي ڪرڻ لاءِ طئي ڪيو ويو، اڳين رات تي بين معاملن کي حل ڪيو ويو، فوجن، توبخانن ۽ ڪانين جي بندلن کي ڪاهيءَ وٽ آندو ويو جتي ڪيترن هنڌن تي ڪڙ ٻڙ ته ڪٽي زمين هموار هئي ۽ اُسي ڪن جهازن کي ڏاڪڻين سميت اُنهن ڪنارن تي بيهاريو ويو جيڪي حفاظتي لحاظ سان ڪجهه ڪمزور هيا. موت جي خاموشي ڇانيل هئي جنهن مان ممڪن آهي ڪي ماڻهو لطف اندوز ٿي رهيا هجن پر آواز ۽ چرپر ڪرڻ جا قانون، ڪنهن به نظم ۽ ضبط يا خوف جا محتاج نه هوندا آهن، ڪو ماڻهو پنهنجي ذاتي آواز کي ته دٻائي سگهي ٿو يا پنهنجي پيرن جي چرپر کي خاموش ڪري سگهي ٿو پر جتي هزارين ماڻهو هجن ۽ اُهي هلي به رهيا هجن ته ان مان يقينن آواز پيدا ٿيندا جيڪي هن موقعي تي به گهٽائي ناموافق ۽ رڙين جهڙا آواز پيدا ٿيا جن کي منارن جي چوڪيدارن غور سان ٻُڌو. پرهه ڦٽي جو، بندوق هلائڻ جي رسم پوري ڪرڻ کان سواءِ، ترڪن، سمنڊ توڙي زمين کان شهر تي حملي جي شروعات ڪري ڇڏي ۽ سندن حملي کي هڪ وڏيل سڄي يا ڏاڪي سان تشبيهه ڏني وئي آهي ته اهو حملو ڪيترو نه ويجهڙائيءَ کان ۽ لڳاتار ڪيو ويو هو(57). اڳين صفن ۾ جڙ ته گند ڪچرو پريل هيو، جن ۾ اُهي پاڻ هُرتو شامل ٿيندڙ اناڙي ماڻهو شامل هيا جن کي وڙهڻ جو اڳ ڪو به تجربو ڪونه هو، ان کان سواءِ ڪمزور ماڻهو ۽ نندا بار به شامل هيا، ڪڙمي ڪاسبي، رولُو ۽ وائڙا به جنگ وڙهڻ آيا هيا ۽ ڪيترا اهڙا به هيا جن کي ڦُر لُٽ جي مال ملڻ جي اُميد هئي ۽ ٻيا وري شهادت جي شوق ۾ ڪاهي آيا هيا. بهرحال پوءِ به هو ڪنهن طرح ديوار تائين پهچي ويا. جن دليري ۽ اُبهرائپ ڪندي ديوار تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪئي اُنهنکي ته اُتي ئي اُڇٽ ماري ڍير ڪيو ويو، ۽ عيسائين جو ڪو به تير، پالو يا گولي وڏي هجوم تي ضايع نه پئي وئي. پر بچاءَ جي سلسلي ۾ سندن طاقت توڙي بارود ختم ٿيندو پئي ويو، ڪاهيءَ کي اُنهن انسانن سان پريو ٿي ويو جيڪي قتل ٿيندا هيٺ ڍير ٿيندا ٿي رهيا ۽ ٻيا به ڪيترائي جڏ سندن قدمن پٽيان قدم رکندا ڪاهيءَ ۾ ڪِرندا رهيا ۽ اهڙن متوالن(*) لاءِ موت، جڏ زندگيءَ جي پيٺ ۾ وڌيڪ ڪارائتو ٿي ويو هيو. مختلف پاشائن ۽ سنجڪن جي حڪم هيٺ اناتوليا ۽ رومانيا جون فوجون اڳتي وڌي ويون، جنگ ۾ سندن واڌارو يقيني نه پر مشڪوڪ هيو ۽ بن ڪلاڪن جي لڙائيءَ کان پوءِ، يونانين جي پوزيشن اڳ کان بهتر ٿي وئي هئي ۽ هاڻي شهنشاهه جو آواز به ڪين ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو ڪين همٿائي رهيو هو ته هر صورت ۾ سوپ حاصل ڪرڻي هئي، ۽ ملڪ کي چوٽڪارو ڏيارڻو هو. فيصلي واري گهڙيءَ ۾ جانثاران اڳيا جيڪي تازا توانا، طاقتور جوشيلا ۽ اڻ موٽ ٿي لڳيا. سلطان

جيڪو گهوڙي تي سوار هو، ۽ لوهو نيزو سندس هٿ ۾ هو، اُهو پنهنجن فوجن جي جرئت ۽ بهادريءَ جو عيني شاهد هيو، هو ڏهن هزارن پروانن اندر گهيريل هيو جيڪي سندس حفاظت ڪري رهيا ۽ جن کي هن مناسب موقعي اچڻ لاءِ خاص مقرر ڪيو هو ۽ هاٿي هو ڪڙي نظر سان سيني جي چرپر ڏسي رهيو هو ۽ پنهنجي آواز سان کين همت ۽ حوصلو ڏئي رهيو هو. سندس ڪيترائي انصاف جا وزير پٺئين پاسي کان بينل هيا جيڪي سپاهين کي ڪڏهن اڳتي وڌڻ جو چئي رهيا هيا ته ڪڏهن کين روڪي رهيا هيا ۽ ڪاهلن کي سزائون ب ڏئي رهيا هيا، ۽ جيڪڏهن اڳين صفن ۾ خطرو موجود هيو ته شرمساري ۽ موت اُنهن لاءِ هيو جيڪي پاڇوڪڙ ۽ پوين صفن ۾ موجود هيا. خوف خطري يا تڪليفن جي دانهُن جا آواز پٺڻ ۾ نٽي آيا چاڪاڻ ته دهل، باجا، شرنايون ۽ موسيقي جا ٻيا ڪيترائي ساز وڄي رهيا هيا(†) تنهن ڪري ماٿهن جا آواز اُنهن ۾ دٻجي ويا هيا ۽ تجربي اهو ثابت ڪيو آهي ته آوازن جو ٽيڪنيڪي طريقو، جيڪو رت جي دؤري ۽ جذبن کي وڌائيندو آهي، انساني مشين تي، دليلن ۽ منطق جي مقابلي ۾ وڌيڪ اثرانداز ٿيندو آهي. ترڪن جي توبخاني ۽ بندوقن جا ڏماڪيدار آواز، ڪئمپن، جهازن پُليون مطلب ته هر طرف پٺڻ ۾ ٽي آيا ۽ شهر، توڙي ترڪن ۽ يونانين تائين دونهون ئي دونهون نظر ٽي آيو جيڪو روم جي چوٽڪاري يا وري ان جي مڪمل تباهي ۽ بربادي‌ءَ کان پوءِ ئي ختم ٿيٽو هو. تاريخ جي سورمن جا ڪارناما ۽ ڪهاڻيون اسان کي تصور ۾ خوب وِندرائين ٿيون ۽ اهڙن داستانن ۾ اسان جي دلچسپي گهٽي وڌي وڃي ٽي؛ جنگين جون مهارت واريون تياريون ذهنن ۾ جنم وٺڻ ٿيون ۽ ان خطرناڪ سائنس ۾ ڪافي بهتري پڻ آئي آهي، پر هڪ وڏي حملي ۾ هڪ جهڙا ٻُڃان ڏيندڙ يا نفرت جهڙا جذبا موجود هجن ٿا جتي رڳو رَت، پيانڪ پئو ۽ مونجهارا جنم وٺن ٿا؛ پر آڳ ٽن صدين جي ڊگهي عرصي گذرڻ ۽ هزارن ميلن جي مفاصلي تي ويهي ڪري ان منظر جو نقشو نٽو لِيڪي سگهان جنهن جا تماشبين ب هاٿي نه رهيا آهن ۽ نه وري زندگي جي اُن موڙ تي ڪم ڪندڙ خود ب ان قابل هيا جو انصاف تي مبني ڪو نظريو پيش ڪري سگهن.

قسطنطنيه جي نقصان جو ظاهري سبب ته گولين ۽ تير هيا جيڪي جان جسٽينئيني جي سيني مان پِسٽ ٻاهر هليا ويا هيا. سندس جسم مان رَت وهڻ ۽ سندس سخت سور جي تڪليف مان هن جي همت ۽ دليريءَ جو اندازو ٽي رهيو هو ۽ جنهن جي فوجن ۽ بااعتماد ماٿهن کي شهر جي مضبوط قلعي سان تشبيهه ڏني ويندي هئي. هو زخمي ٽيٽ واري هنڌ تان اٽيو ۽ ڪنهن سرجن جي لاءِ هيڏي هوڏي واجهايائين، پر موقعو ڏسندي ٻچڻ جي ڪوشش ڪيائين پر نه ٽڪندڙ ۽ سدا چؤڪس رهڻ واري شهنشاهه کيس ڏسي ورتو ۽ سندس رستو روڪيندي کيس چيائين: 'تنهنجو زخم'، پئلولاگس مخاطب ٽيندي کيس چيو، 'معمولي آهي، پر تنهنجي لاءِ خطرو وڏو آهي، تنهن ڪري تنهنجي هتي موجودگي ضروري آهي ۽ تون آخر ويندين ب ڪيڏانهن؟' 'آڳ ويندس'، جينئا جي ڏڪندڙ شخص چيو، 'آڳ ب ان ساڳئي رستي سان ويندس جيڪو خدا تعاليٰ ترڪن لاءِ کولي ڇڏيو آهي'، ۽ هنن لفظن سان هو اندرين ديوارن جي هڪ سوراخ مان ٻاهر هليو ويو. بزدليءَ جي هن ڪُڏي ڪم سبب، سندس سڄي فوجي زندگيءَ تي جڙ کارو ڇُٽو لڳي ويو ۽ جيڪي ٿورڙا ڏينهن هو غلاط ۾ يا چوس جي ٻيٽ تي رهيو ته پاڻ کي پاڻ ب ملامت ڪندو رهيو ته ماٿهن ب سندس ڪردار کي نِنديو. سندس مثال جي پوئواري لاطيني فوجي جتن طرفان پٺ ڪئي وئي تنهن ڪري جيئن ئي متن حملن جو زور وڌندو رهيو ته سندن دفاع يا

بچاءُ ڪمزور ٿيندو ويو. ترڪن جو تعداد عيسائين جي مقابلي ۾ پنجاهه يا سؤ دفعا وڌيڪ هيو جيڪو هر لحاظ سان مضبوط ۽ طاقتور پڻ هيو، پٽين ديوارن کي ڌاهي زمين جي سطح سان ملايو ويو ۽ ڪيترن ميلن جي دائري ۾ ڪيترين جڳهون پهچڻ ۾ آسان هيون ۽ ٻين هنڌن تي پهرو ته هيو مگر اُهو ڪمزور قسم جو هو ۽ جيڪڏهن گهيري ڪندڙ ڪنهن به هڪ هنڌ تي پهتا ٿي ته ڇڻ اُهي سڄي شهر تائين پهچي ٿي ويا. جنهن شخص کي سلطان پهريون انعام عطا ڪيو اُهو حسن هيو جيڪو جانثارن سان تعلق رکندڙ هيو، هو هڪ جاننو جوان ۽ طاقتور سورمو هو. هڪ هٿ ۾ ترار ۽ ٻي ۾ ڍال(*) کنيون هو ٻاهرئين قلعي تي چڙهيو؛ ٽيهن جانثارن منجهان، جن سندس بهادريءَ کي پاڻ به اختيار ڪيو هو، ارڙهن جانثارن، بهادريءَ جي هن مهم ۾ پنهنجون جانيون قربان ڪيون. حَسن ۽ سندس ٻارهن بهادر ساٿي چوٽيءَ تائين پهچي ويا، پر حسن قلعي جي چوٽيءَ تان هيٺ ڪري پيو، هو هڪ گوڏي جي سهاري تي اُٽيو پر ٻيهر تيرن ۽ پٿرن جي برسات مٿس شروع ٿي وئي. پر سندس ڪاميابيءَ اها ڳالهه ثابت ڪئي هئي ته لڳاتار ڪوششن سان هر شئي حاصل ڪري سگهجي ٿي، ديوارن ۽ منارن کي ترڪن جي لشڪرن ڏڪي ڇڏيو ۽ يوناني، جيڪي ميدان تي بهتر پوزيشن ۾ هيا، هاڻي ترڪن کين اتان ڌِڪي ٻاهر ڪڍيو ۽ هو مجبور ٿڄي ويا، ترڪن جي لشڪرن مان شهنشاهه(59)، جنهن جنرل توڙي سپاهيءَ جون ٻئي ذميداريون خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ٿي ڪيون، ڏسندي ڏسندي غائب ٿي ويو. جيڪي امير پنهنجن آخري پساهن تائين ساٿس گڏ هيا، اُنهن پئلولاگس ۽ ڪئنٽاڪزين جي عزت وارن نالن جي احترام کي آخري دم تائين قائم رکيو هو، سندس ڏک پريا لفظ به ماٺهن ٻڌي ورتا: 'ڇا ڪوئي عيسائي اهڙو هن وقت موجود ناهي جيڪو منهنجي سِسي کي ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏي(60)؟' ۽ سندس آخري خوف جنهن کيس پريشان ٿي ڪيو اُهو هو هيو ته هو ڪٽي زندهه ٻي دينين جي هٿ نه اچي وجي(61). ڪانسٽئنٽائن نراسائيءَ مان دوراندیشي ڪندي پنهنجي شاهي لباس کي ماٺهن جي گوڙ شور ۾ قِٽو ڪري ڇڏيو(*) ۽ هڪ نامعلوم هٿ کيس هيٺ ڪيرائي ڇڏيو ۽ سندس جسم کي اُتي دفنايو ويو جتي قتل ٿيل ماٺهن جو جبل اڳ ئي ٺهي چڪو هو. سندس موت کان پوءِ ڪا به رندڪ يا رڪاوٽ باقي نه رهي هئي، يونانين شهر ڏانهن پڇڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ سندن ڪيترائي ماٺهو سينٽ رومنس جي سوڙهي لنگهه کان گذرندي هوءَ ساهه گهُٽجڻ سبب مري ويا. فاتح ترڪ اندرين ديوار جي گذر گاهن مان تيز تيز اڳتي وڌيا ۽ جيئن اُهي گهٽين مان گذري رهيا هيا ته اُنهن سان سندن پائرن جا خوشيءَ ۾ نه ماپندڙ لشڪر اچي مليا جن فينار گيٽ کي بندر طرف ڪيرائي ڇڏيو هو(62). جذبات جي شروعاتي گرميءَ ۾ اٽڪل ٻن هزار عيسائين کي ترار سان قتل ڪيو ويو، پر پوءِ ظلم تي لالچ جو قبضو ٿي ويو ۽ فاتحن ان ڳالهه کي تسليم ڪيو ته يونان جي ماٺهن کان هنن مال غنيمت جو چوٿون حصو لهڻو هو جيڪڏهن شهنشاهه ۽ سندس بهادر سپاهي گاديءَ جي هنڌ جي هر حصي ۾ ساٺن ايترو سخت مقابلو نه ڪن ها. بهرحال ٽيونجاهه ڏينهن جي گهيري کان پوءِ قسطنطنيه تي محمد نمبر ٻئي مڪمل قبضو ڪري ورتو جڏهن ته اڳ ان عظيم شهر کي خسرو، خاقان ۽ خليفا به مات نه ڏئي سگهيا هيا. سندس شهنشاهت کي لاطينين ختم ڪيو هو ۽ هاڻي وري سندن مذهب کي مسلمان فاتحن مٿيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو(63).

بدقسمتيءَ جون خبرون گهڻو ڪري پَرَ پائي اڏرنديون آهن ۽ ڪُنڊ ڪڙڇ تائين بنا دير پهچنديون آهن پر قسطنطنيه جي فتح ٽيهٽ جي خبر پرانهن پنڌن تائين شايد دير سان پهتي ۽ اهو بهتر ئي ٿيو ته

سندس بربادي جي ڦهلڻ ۾ دير لڳي(64). پر اهو ضرور ٿيو ته هر طرف ڏهڪاءُ پکڙجي ويو ۽ ماڻهن ۾ اضطراب ۽ بيچيني وڌي وئي ۽ حملي جي وقت جيڪو گوڙ گهمسان ۽ توبخانن جا ڌماڪا ٿيا ته ماڻهن صبح ٿيڻ تائين راتيون جاڳي گذاريون، باقي آءٌ ان ڳالهه تي اعتبار نه ٿو ڪريان ته جانثارن، يوناني عورتن کي ننڍ مان وجي جاڳايو هوندو. بهرحال عام ماڻهن لاءِ تڪليفون ۽ مصيبتون ضرور پيدا ٿي پيون، گهر ۽ خانقاهون خالي ٿي ويون، ۽ ڊجندڙ ۽ ڪنبندڙ ماڻهن گهٽين ۾ ائين پڃڻ شروع ڪيو جيئن رڍون ٻڪريون هيڏي هوڏي پڃنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ماڻهن جي ڳڏيل ڪمزوري طاقت ۾ بدلجي ويندي آهي يا وري ماڻهن ۾ اجايون اُميدون پيدا ٿي ويندیون آهن ته هر ماڻهو پنهنجي مُنهن سُڪ ۽ سلامتيءَ سان هوندو، گاديءَ جي هنڌ جي هر حصي کان ماڻهو سينڊ صوفيا جي ڪليسا ڏانهن پڃندا ويا ۽ فقط هڪ ڪلاڪ اندر اُتي پهچي ويا. هيءَ مقدس جڳهه، ان جي مندلي، وڇون حصو، مٿيون توڙي هيٺيون گئلريون فادرس، مردن، عورتن، ٻارن، پادرين، ويراڳين ۽ مذهبي ڪنوارين سان پريون پيون هيون، دروازن کي اندران بند ڪيو ويو هيو، پر ماڻهن مقدس گنبذ هيٺان وجي پناهه ورتي جنهن کي اڳ هنن اهڙي عمارت سمجهيو هو جنهن کي ناپاڪ بنايو ويو هجي ۽ جتي هاڻي هو وجي به نٿي سگهيا(†). هڪ پيشنگوئيءَ ۾ سندن پورو اعتماد هو جنهن ۾ هڪ جوشيلي يا ڏوکيباز شخص کين ٻڌايو هو ته 'هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو ترڪ قسطنطنيه ۾ داخل ٿي ويندا، ۽ رومين جو پيڇو سينڊ صوفيا جي چؤسول تائين ڪندا جيڪو ڪانسٽئنٽائن جي ٿنڀن جي پرسان هيو ۽ ائين ٿيڻ شرط سندن تڪليفون ۽ مصيبتون وڌنديون پر اوچتو آسمانن تان هڪ فرشتو هيٺ ايندو جنهن جي هٿ ۾ ترار هوندي ۽ شهنشاهت کي ان بهشتي هٿيار ذريعي چوٽڪارو ڏيارينڊو جنهن کي هو هڪ غريب ماڻهوءَ جي حوالي ڪندو جيڪو ٿنيي جي بنياد وٽ وينل هوندو. 'وَٽ هيءَ ترار'، هو چوندو، '۽ آقا جي ماڻهن جو بدلو وٺ'. هنن جذباتي لفظن چوٽ شرط ترڪن ۾ پاڇ پئجي ويندي ۽ رومي سوپارا ٿيندا ۽ اولهه ۽ اناتوليه کان وٺي فارس تائين کين ڊِڪي ٻاهر ڪيندا. هن موقعي تي ڊيوڪَس، هن خواب واري تصور تي يونانين کي چَنڊَ پٽي ۽ سندن ضِد ۽ اندروني ڦوٽ ۽ اختلافن تي کين خوب نِنديو. 'جيڪڏهن اهو فرشتو ظاهر ٿئي ها'، هڪ تاريخدان لکي ٿو، 'جيڪڏهن هو اوهان جي دشمنن کي ختر ڪرڻ لاءِ اوهان کي چوي ته ها ته اُهو فقط تڏهن ٿئي ها جڏهن اوهان ڪليسا جي ايڪي ۽ اتحاد لاءِ آماده هجو ها ۽ اهڙي فيصلائتي گهڙيءَ ۾ اوهان پنهنجي سلامتيءَ کي رد ڪري ڇڏيو ها يا وري پنهنجي خدا سان به ڏوکو ڪريو ها(65)'.

هڪ طرف هو ڪنهن فرشتي جي معجزاتي آمد جا منتظر هيا ته ٻي طرف ترڪَ دروازن کي کهاڙين سان پڃي اندر داخل ٿي ويا، پر کين ڪنهن به رڪاوٽ جو مُنهن نه ڏسڻو پيو، هاڻي هو غور سان پنهنجن قيدين کي ڏسي ۽ اُنهن منجهان چونڊ ڪري رهيا هيا. جواني، حُسن، ۽ دولت کين ڪشش ٿي ڪئي، ۽ ملڪيت جا حق هنن پنهنجي پاڻ ۾ طئي ڪري ورتا ته ڪهڙو ماڻهو ڪنهن جي ملڪيت هوندو ائين به ٿيو ته جنهن اڳ ۾ ڪنهن تي قبضو ڪري ورتو، اُهو ان جو ٿي ويو پر جي ڪٿي ڪو اختلاف ٿيو ته کين پنهنجي اڳواڻ جو حڪم هر حالت ۾ مڃڻو هو. هڪ ڪلاڪ جي اندر مرد قيدين کي رَسن سان ۽ عورتن کي سندن برقعن يا رَوَن سان ٻڌي قابو ڪيو ويو. نوڪرن کي سينيٽرن جي قطار ۾ بيهاريو ويو، پادرين کي ڪليسا جي بار ڊوئيندڙن سان گڏ رکيو ويو ۽ غريب طبقي جي

نوجوانن کي اهڙين شريف عورتن سان رهايو ويو جن جي چهرن تي سج به اڃا ليئو نہ پاتو هو ۽ نہ وري سندن ويجهن عزيزن کين ڏٺو هو. قيدين جي هن منظرنامي ۾ سماجي رتبن جو خيال يا احساس نہ رهيو هو، فطرت جي قانونن کي ٽوڙي ختم ڪيو ويو هو ۽ ظالم سپاهي ڪنهن پيءُ جي درد پرين دانهن ڏي ڪنايو ئي ڪين ٿي، ۽ نہ وري کين ڪنهن ماءُ جا ڳوڙها نظر ٿي آيا جيڪي هن پنهنجي اولاد جي وڇوڙي تي ڳاڙيا هوندا ۽ نہ ننڍڙن ٻارن جي سُڏڪن تي ڪنهن کي رحم ٿي آيو. سيني ڪان وڌيڪ راهبائون متاثر ٿيون جيڪي رڙيون ڪري زارو قطار ٿي رُنيون جن کي قربان گاهن تان اگهاڙين ڇاتين، ڦهليل ٻانهن ۽ وکريل وارن سان ڪنيو ويو هو ۽ اسان کي ان ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ گهرجي ته اُنهن منجهان ڪجهه اهڙيون به هيون جن پنهنجين خانقاهن ۾ وڃڻ جي بجاءِ ترڪن جي حرم ۾ وڃڻ کي وڌيڪ ترجيح ٿي ڏني. بدقسمت يونانين کي جانورن جيان شهر جي گهٽين ۾ گهليو ويو ۽ جيئن ته فاتح پنهنجي ٻي شڪار ڪرڻ لاءِ آتا هيا ته اُنهن ٽڪُل ڏڪندڙ ۽ ڪنبندڙ ماڻهن کي ويتر ڏڪ ٿي هنيا ته جيئن اُهي تڪڙا قدم کڻي سگهن. هڪ ۽ ساڳي وقت تي سيني ڪليسائن ۽ خانقاهن کي قُري تاراج ڪيو ويو. گاديءَ جي هنڌ جي سيني محلاتن، عاليشان عمارتن ۽ رهائش گاهن کي به لٽيو قُريو ويو جنهن ۾ ڪنهن تقدس يا احترام جو رتيءَ ماتر به خيال نہ رکيو ويو. ست هزار کان به مٿي پارسا ۽ عبادت گذار ماڻهن کي شهر جي مختلف جڳهن تان ڪنيي فوجي ڪئمپن ۾ آندو ويو جن جي، اناج جي جنس جيان مٹا ستا ڪٹائي وئي، ٻين کي وڪرو ڪيو ويو ۽ مالڪن جي مُوڊ ۽ مرضي مطابق کين عثمانيہ سلطنت جي دور دراز صوبن ۾ نِيو ويو ته جيئن اُتي غلاميءَ جي زندگي گذارن. ماڻهن جي اهڙن لشڪرن ۾ ڪيترا ماڻهو بيحد نمايان ۽ نالي وارا هيا. تاريخدان فرانزا جيڪو پهريون شاهي محل جو رکوال ۽ سيڪريٽري هيو، پنهنجي خاندان سميت متاثر ٿيل ماڻهن ۾ شامل هيو. چئن مهينن تائين غلاميءَ جي زندگي گذارڻ بعد هن آزادي ماڻي، ايندڙ سياري ۾ هو هيدرئانوپل ويو جتي هن پئسن سان پنهنجي زال جي آزادي گهوڙن جي هڪ مالڪ کان حاصل ڪئي پر سندس ٻہ ٻارڙا جيڪي حسين جوانڙا هيا، اُنهن کي قابو ڪري محمد پنهنجي خدمت لاءِ رکيو هو. فرانزا جي ڏيءُ حرم سراءِ ۾ ئي مري وئي ۽ شايد ڪنواري هئي؛ سندس پٽ ٻيڪو پندرهن سالن جي عمر جو هو، بدناميءَ کان بچڻ لاءِ هن موت قبول ڪيو ۽ ڪيس سندس عاشق ماري ڇڏيو(66). هن هڪ ٻيو غير انساني ڪم ڪيو جنهن جو ازالو ڪنهن به صورت ۾ نٿو ٿي سگهي ته هن يونان جي هڪ پوڙهي ۽ معزز عورت ۽ سندس ٻن ڏيئرن کي هڪ لاطيني شاعريءَ عيوض آزاد ڪيو جيڪا فليفس لکي هئي ۽ جنهن ان معزز خاندان ۾ پنهنجي لاءِ زال جي چونڊ ڪئي هئي(67). محمد جو تڪبر يا سندس ظلم، شايد روم جي عيوضي جي گرفتاريءَ سان مطمئن ٿي وڃي ها پر وڏي پادري آئسوڊور جي چالاڪي سبب جامع تلاشيءَ کان لنوايو ويو ۽ هو هڪ عام ماڻهوءَ جي روپ ۾ غلاط ڏانهن ڪِسڪي هليو ويو(68).

ٻاهرئين بندر جي گذر گاهه وٽ اڃا تائين اتلي جي جهازن جو قبضو هو جيڪي وٺج واپار جي سامان سان گڏ جنگي هٿيار به ڪٹي آيا هيا. اُنهن ترڪن طرفان ڪيل گهيري ۾ بهادريءَ جي ڪارنامن جي تعريف ڪئي ۽ اُنهن مخالفن جي ياڄ تي پنهنجي طرفان اطمينان جو اظهار ڪيو، جڏهن ته ترڪي جا جهازران شهر کي تاراج ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا هيا. جڏهن هنن پنهنجن جهنڊن کي ڦڙڪايو ته سمنڊ جي ڪناري تي ڪيترائي عرضدار موجود هيا جن درد جون دانهون ٿي ڪيون، پر ڪين ٻاهر ڪيڻ جا

ذريعا محدود هيا، ويڙيس ۽ جينئا وارن پنهنجن ملڪي ماڻهن کي پنهنجي جهازن ۾ سوار ڪيو ۽ سلطان جي پڪن واعدن جي باوجود، غلاط جي رهواسين پنهنجن گهرن کي خالي ڪيو ۽ جهازن ۾ چڙهي ٻين ملڪن ڏانهن رمندا رهيا.

جڏهن به وڏن شهرن کي فتح ڪري اُنهن کي تاراج ڪيو ويندو آهي ته تاريخدانن کي اڪثر ڪري ڏندیو فقط ان ڪري ويندو آهي ته هو هر صورتحال جي ساڻي تصوير ليکيندا آهن، سندن خيال ۾ ساڻين جذبن منجهان اثر يا نتيجا به ساڻيا ئي نڪرندا آهن، ۽ جڏهن اُهي جذبات حد کان اڳتي وڌي ويندا آهن ته پوءِ افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي ته هڪ وحشي ۽ مهذب ماڻهوءَ جي وچ ۾ فرق تمام ٿورو رهجي ويندو آهي. تعصب، ڪٽرپڻي يا نفرتن جو ذڪر جڏهن به ايندو ته ترڪن تي، عيسائين جي رت وهائڻ يا سندن نسل ڪشي ڪرڻ جو ظالماڻو ۽ زيادتين ڪرڻ جو الزام نه ايندو پر سندن روايتي محاورن ۾، (يعني قديمي روايتن موجب) جن ماڻهن يا قومن تي سوپ حاصل ڪبي آهي ته اُنهن جون زندگيون فاتحن وٽ خودبخود ضبط ٿي ويندیون آهن ۽ فاتحن جو جائز انعام ئي اهو هوندو آهي ته هو فتح ٿيل ماڻهن کان پنهنجي خدمت ڪرائيندا آهن، يا وري پنهنجن قيدين (مرد توڙي عورتن) کي وڪرو ڪري پئسا وصول ڪندا آهن(69). قسطنطنيه جي دولت، سلطان پنهنجي فاتح فوجين ۾ ورهائي ڇڏي هئي جنهن ۾ فقط هڪ ڪلاڪ جي ڦرلٽ جي ڪمائي به ڪنهن چگي پلي صنعت جي سالن جي ڪمائيءَ جي برابر هوندي. پر جيئن ته مال غنيمت جي ورهاست جا ڪي واضح اصول نه ٺاهيا ويا هيا ته جرئت ۽ بهادري جي انعامن اڪرامن جي رسائي اصل حقدارن تائين گهٽ پر ڇيلن ۽ چالاڪ ماڻهن تائين وڌيڪ نظر آئي ۽ اُنهن ۾ اهڙا ماڻهو به هيا جن نه محنت ڪئي ۽ نه وري جنگ ۾ حصو ورتو هو. سندن ذلت جي داستانن کي دهرائڻ سان نه ته ڪو فائدو ٿيندو ۽ نه ان مان ڪا رهبري ملندي؛ جڏهن شهنشاهت کي آخري پيري مالي مشڪلاتون آيون ته ان وقت سندس ڪل ناٽو چاليهه لک ڊيوڪٽس(70) هيو ۽ هن دولت مان تمام ٿورو حصو وڙس، جينئا، فلورينس ۽ ائنڪونا جي واپارين جو هيو. هنن ڌارين ماڻهن محنت ڪري دولت جي ذريعن کي مٽاسٽا ذريعي وڌايو، پر يونانين جي دولت کي عاليشان محلاتن، خوبصورت الماڙين ۽ ڪٻٽن، پراڻن ۽ قديمي سِڪن جي نمائش ذريعي ڏيکاريو ويو ته متان حڪومت انهي دولت کي ملڪ جي بچاءَ جي بهاني استعمال نه ڪري ڇڏي. خانقاهن ۽ ڪليسائن جي ڦرلٽ يا انهن جي بي حرمتي جي واقعن تي ماڻهن بيشمار شڪايتون درج ڪرايون. سينٽ صوفيا جي گنبذ کي، زميني بهشت' عرش جو ٻيو نظارو، فرشتن جي سواري يا وري خدا تعاليٰ جي عظمت جو تخت گاهه ڪوٺيو ويندو هو(71)، جيڪو زمانن کان خير خيرات يا قربان گاهه طور استعمال ٿيندو هو، ختم ڪيو ويو ۽ ان ۾ لڳل سون، چاندي هيرا موتي، قيمتي گلدان ۽ پادرين جاڳهَ زيور وڪٽي وڏي بي حيائيءَ سان اُنهن کي انسان ذات جي استعمال ۾ آندو ويو. خدائي مجسمن کي ختم ڪيو ويو، کاٽ ۽ ان مان نهيل عمدين شين کي پڄي پورا پورا ڪيو ويو يا مورڳو اُنهن کي ساڙيو يا پيرن هيٺان ڪچليو ويو يا وري اُنهن کي بورچيخانن يا گهوڙن جي استبلن ۾ استعمال ڪيو ويو جنهن کي بيهودگيءَ کان سواءِ ٻيو نالو نٿو ڏئي سگهجي. اهڙين بي حرمتين جي مثالن جي ڪاپي، قسطنطنيه جي لاطيني فاتحن تان ڪئي وئي هئي ۽ جيڪو رَويو حضرت عيسيٰؑ، ٻيبي مريم ۽ ٻين درويشن سان ڪٺولڪن کان وٺي هلندو ٿي آيو ته جوشيلن يا جنوني مسلمانن به بت پرستي جي يادگارن سان ساڳيو

نامناسب رَويو روا رکيو هو. شايد هڪ فيلسوف، بجاءِ ماڻهن جي دانهُن ۽ فرياد تي غور ڪرڻ جي ائين چوندو ته جڏهن به ڪنهن فن جو زوال ايندو آهي ته فنپارو يا ڪنهن به فن جو ماڊل ان فن جي مقابلي ۾ افضل نه هوندو آهي، اهڙيءَ طرح معجزن ۽ خوابن جي فيڪٽري کي پادرين طرفان هلايو ويندو ته ڪوڙ سارا معجزا پيدا ٿي پوندا ۽ پورڙا ۽ سادڙا ماڻهو اُنهن ۾ جلدي اعتبار به ڪري ونندا. فيلسوف بانطيني لائبرري جي ضايع ٿيڻ تي به ڏک جو اظهار ڪيو جيڪا پڻ جنگ جي شعلن جي نذر ٿي وئي هئي جنهن ۾ هڪ اندازي موجب هڪ لک ويهه هزار مسودا ضايع ٿي ويا هيا(72)، ۽ تڏهن ڏهن جُلدن جي قيمت هڪ ڊيوڪٽ هئي، ۽ ساڳي قيمت ۾ مذهبي ڪتابن جو پورو شيلف پرجي ويندو هو، جن ۾ ارسطو ۽ هومر جا ڪتاب به هوندا هيا ۽ قديم يونان جي سائنس ۽ علم ادب تي به وڏو مواد موجود هوندو هو. اسان کي اهو ٻڌائيندي خوشي محسوس ٿي ٿئي ته اسان جي شاهڪار ادب، جنهن جو مُلهه ڪَتڻ ذري گهٽ ناممڪن آهي، جو گهڻو ذخيرو اٽلي ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي ۽ جرمني جي هڪ شهر جي ڪاريگرن هڪ اهڙو اصول طئي ڪري ورتو آهي جنهن مطابق وقت جي وحشي پٽي ۽ درندگيءَ جي طريقن جي سخت مذمت ڪئي وئي آهي.

اٺتيهين مئي جي يادگار ۽ تاريخي ڏينهن جي پهرئين ڪلاڪ(73) ڪان وٺي، ساڳئي ڏينهن جي ائين ڪلاڪ تائين، قسطنطنيه ۾ افراتفري ۽ لُٽ مار جو راڄ هيو ۽ اُهو تڏهن وڃي ختم ٿيو جڏهن فتح جي خوشيءَ ۾ سلطان بذات خود سينٽ رومنس جي گيٽ ڪان شهر ۾ داخل ٿيو. سندس وزير، پاشا، ۽ محافظ ساٿس گڏ هيا ۽ اُنهن مان هر هڪ هرڪيولس جيان مضبوط ۽ سگهارو، اپولو جيان هوشيار ۽ جنگ جي فن ۾ هر هڪ، ڏهن عام ماڻهن جي برابر هيو. فاتح(74)، حيرت ۽ اطمينان سان گنبذ ۽ محلاتن جي عاليشان نقشن نگارن کي غور سان جاچي ڏٺو، جيڪي مشرقي عمارت سازي جي فن کان بلڪل مختلف هيا. نمائشي آڪاڙي ۾ سندس نظرون هڪ اهڙي هنڌ ڪُپي ويون جتي ٽن نانگن جا نقش چِٽيل هيا ۽ پنهنجي طاقت آزمائڻ خاطر، هن پنهنجي لوهي نيزي ۽ جنگي ڪهاڙيءَ سان هِنن راکاسن مان هڪ کي ڏڪ هنيو(75) جيڪي ترڪن جي نظر ۾ بُت يا شهر جا مُندڀءَ جا جَڙاوَ يا ٻُڙا هيا. سينٽ صوفيا جي مکيه دروازي تي هو پنهنجي گهوڙي تان هيٺ لٿو، ۽ گنبذ جي اندر ويو ۽ عظمت جي هن ناري لاءِ هن جي دل ۾ ايتري عزت پيدا ٿي وئي جو هن جڏهن اهو ڏٺو ته هڪ جوشيلو مسلمان، ماربل جي نهيل پيڇري کي اُکوڙي رهيو هو ته سلطان پنهنجي ترار اُپي ڪندي ڪيس سخت تنبيهه ڪئي ته جيڪڏهن قيدي ۽ ٻيو مال غنيمت سپاهين کي ڏنو ويو هو ته هي عاليشان ۽ عوامي تفريح جون عمارتون ۽ محلات خود سلطان جي لاءِ مخصوص ڪيا ويا هيا. سندس حڪم تي اوير جي شهر جي ڪليسا کي مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو، ان مان وهمن وسوسن ۽ بُت پرستيءَ جا اوزار يا مورتيون اڪيئي ڪيون ويون هيون، صليبُن کي ٻاهر اڇلايو ويو، ۽ جن ديوارن تي تصويرون، مجسما يا نقش ڪيل هيا، اُنهن کي مٽائي ۽ ديوارن کي ڌوئي پاڪ ڪيو ويو. ساڳئي يعني جمعي جي ڏينهن تي مؤذن وڏي اوچائيءَ تي نهيل ممبر تي چڙهيو ۽ اتان وڃي اذان ڏنائين جنهن ۾ الله ۽ ان جي رسول ﷺ جا نالا ڏنل هيا. نماز ۾ امام خطبو ڏنو ۽ محمد ﷺ بئي پڻ ٻين سان گڏجي نماز ادا ڪئي ۽ ان قربان گاهه تي وڃي شڪرانا ادا ڪيائين جتي عيسائين جي رازن بابت، آخري قيصرن (سيزرس) ڪان تورڙو ئي اڳ شادمانا ٿيا هيا(76). سينٽ صوفيا ڪان هو هڪ ويران جهوپڙي ۾ ويو جنهن بابت چيو ٿو وڃي ته اُها ڪانسٽنٽائن جي هڪ

سؤ دعويدارن يا جانشينن جي هئي، پر جنهن کي چند ڪلاڪن اندر ان اعزاز کان محروم ڪيو ويو هيو. انساني عظمت جي لاهن چاڑهن بابت ڪيئي خيال سندس ذهن ۾ اُپريا ۽ لٽا ۽ هن فارسي شاعريءَ مان ٻه سٽون پڙهيون: "ڪوريئڙي پنهنجو ڄار شاهي محلات ۾ اُڻيو آهي، ۽ چبري، افراسياب جي منارن تي ويهي پنهنجو راڳ آلاپڻ شروع ڪيو آهي(77)".

سلطان تنهن هوندي ٻه مطمئن نه هيو. هن تيستائين پنهنجي سوپ کي مڪمل نه پئي سمجهيو جيستائين ڪيس ڪانسٽئنٽائن بابت پوري خبر نه پئي هئي ته هو ڪيڏانهن پڄي ويو هو، ڪٽي قيد ٿي ويو هو يا جنگ ۾ مري ويو هو. ٻن جئنيسرين دعويٰ ڪئي ته هنن ڪيس ماريو هو ۽ انعام جو مطالبو ڪرڻ لڳا، سندس لاش کي ٻين لاشن جي ڍير جي هيٺان ڳولي لڌو ويو ۽ ڪيس سندس ٻوٽن جي نشاني ذريعي سڃاتو ويو جن تي سونهري عقابن جو برٽ پريل هو، يونانين پنهنجي فوت ٿيل شهنشاهه جي سِرَ کي سڃاتو ۽ سندس موت تي ڳوڙها ڳاڙيا، ۽ رت سان پريل ٽرافي کي ڏيکارڻ کان پوءِ(78)، محمد حڪم ڏنو ته سندس دشمن کي پورن اعزازن سان دفن ڪيو وڃي. ڪانسٽئنٽائن جي موت کان پوءِ، ليوڪَس نوٽارَس جيڪو هڪ وڏو نواب(79)، ۽ شهنشاهت جو پهريون وزير هو، اُهو سيني کان وڌيڪ اهم قيدي هو. اوچتو هو اڳتي وڌيو ۽ خزانن جا انبار ڪٽي سلطان جي پيرن تي وڃي ڪريو، 'پر ڇو؟' سلطان ڪانئس پڇيو، 'تو هي خزانو پنهنجي بادشاهه جي حوالي نه ڪيو ته هو پنهنجي ملڪ جي بچاءَ لاءِ هن مان ڪجهه مدد ونې سگهي ها؟' 'هي خزانو اوهان جو آهي' غلام جواب ڏنو، 'اللّٰه تعاليٰ هن کي اوهان جي هٿن جي حصي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو'. 'جيڪڏهن اهو منهنجي حصي جو هيو' آمر ڪيس ڇيو، 'ته پوءِ تو هيترو وقت منهنجي حوالي ڇو نه ڪيو ۽ تو اسان سان جنگ ۾ جاري رکي؟' وڏي نواب سلطان کي ڪجهه ڏارين ماڻهن جي ضد بابت ٻڌايو ۽ ترڪي جي هڪ وزير جي ڳجهن رازن جي باري ۾ ٻه ڪيس ٻڌايائين. هن تفصيلي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ سلطان نه رڳو ڪيس معاف ڪيو پر سندس حفاظت ڪرڻ جو ٻه ڪيس يقين ڏياريائين. محمد هاڻي پنهنجي گهر واري ڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو جيڪا هڪ معتبر بادشاهه زادي هئي ۽ جيڪا ڪيتري وقت کان ونې بيمار هئي، ۽ سلطان ڪوشش ڪئي ته هو سندس تڪليفن ۾ ڪيس ڪجهه دلداريون ڏئي جيڪا انسانيت توڙي ساڻس ويجهي رشتيداريءَ جي ٻه گهُرج هئي. سلطان پنهنجن آفيسرن جي لاءِ ٻه ڪجهه نرميون ۽ ذاتي شفقت جو اظهار ڪيو، جن مان ڪيترن کي ته هن پنهنجي خرچ تي آزاد ڪرايو هو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ هن پاڻ کي فتح ٿيل ۽ مظلوم ماڻهن جو دوست ۽ سندن پيءُ ظاهر ڪيو. پر جلدئي اهو منظر تبديل ٿي ويو ۽ سندس رواني ٿيڻ کان اڳ ئي نمائشي آکاڙي ۾ سندس معتبر قيدين کي قتل ڪيو ويو. سندس ڏوکي واري ظلم تي عيسائين ڪيس ٻڌ پاراتا ڏنا. هنن وڏي نواب جي موت کي بهادري واري شهادت جو نالو ڏنو ۽ سندس موت جو سبب اهو ڄاڻايو ويو ته نواب پنهنجن ٻارن کي سلطان جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ڇو ته هو اهڙي طرح پنهنجي جنسي خواهش پوري ڪري ها. بهرحال هڪ بازنطيني مؤرخ ان کي سلطان خلاف ڪليل سازش ڪوٺيو آهي جنهن ۾ شايد اٽلي جو هٿ هيو؛ هن غداريءَ کي شاندار چئي پيو سگهجي پر حقيقت اها آهي ته جنهن باغي جرئت سان اهو ڪُڏو ڪر ڪيو هو، ان کي پنهنجي جان تان ٻه هٿ ڏوئڻا پيا ۽ نه وري فاتح جو ان ۾ کو قصور هيو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن هن پنهنجن دشمنن کي مارايو ٻه هو ته فقط ان ڪري ته هو اُنهن تي اعتماد نه ڪندو هو، توڙي جو ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪا صداقت

نٽي ٽسجي. ارڙهين جون تي سويارو سلطان هئدريانوپل واپس ويو ۽ عيسائين جي ڪمينگي وارين حرڪتن تي طنز مان ڪليو جن کي اوپر جي شهنشاهت جي زوال جي روپ ۾ پنهنجي بربادي نظر آئي هئي

قسطنطنيه هاٿي ويڳاٽو ۽ غير آباد لڳي رهيو هو، جنهن ۾ نه ڪو بادشاهه هو ۽ نه وري منجهس ماڻهن جي وڏي آبادي موجود هئي. پر تنهن هوندي به ان کي برباد شهر هرگز نٽو چئي سگهجي ڇاڪاڻ ته ان جي بيهڪ ئي بي مثال هئي، ٻيو ته اهو هڪ وڏي شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ هيو ۽ هن هنڌ جو ڏيڪ وقت جي حادثن ۽ قسمت جي لاهن چاڑهن کان گهٽو متاهون هو. بورسا ۽ هئدريانوپل، جيڪي عثمانيه سلطنت جا قديمي گاديءَ جا هنڌ هيا، اُهي هاٿي صوبائي شهرن جي هيٺئين درجي تي اچي ويا هيا ۽ محمد ٻئي پنهنجي توڙي پنهنجن جانشينن جي رهائش گاهه ساڳئي اهم مقام تي رکي جيڪا ڪانسٽئنٽائن پنهنجي لاءِ چونڊي هئي(80). غلاط جي قلعن کي، جيڪي شايد لاطينين کي پناهه ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ها، ڌاهي پٽ ڪيو ويو، پر جيڪو نقصان ترڪن جي توبخاني جو ٿيو هو ان جي هڪدم مرمت ڪئي وئي ۽ آگسٽ جي مهيني ڪان اڳ چوني جي گهٽي مقدار کي ساڙيو ويو هو ته جيئن قسطنطنيه جي ديوارن جي مرمت ڪري انهن کي اصل صورت ۾ آندو وڃي. جيئن ته سموري زميني توڙي عمارتي ملڪيت، توڙي سرڪاري هئي يا خانگي، ملحداٿي هئي يا مقدس، هاٿي فاتح جي ٿي وئي هئي ته هن سپ کان پهريون اٽن فرلانگن جي ٽڪري کي هڪ ٽڪنڊي جڳهه کان جدا ڪيو ته جيئن پنهنجو محل يا حرم سراءِ ٺهرائي سگهي. هتي ئي عيش عشرت جو مرڪز هو ۽ عالم پناهه (جيئن اٽلي وارا کيس سڏيندا هيا) هتان ويهي يورپ ۽ ايشيا تي حڪومت ڪندو هو پر باسفورس جي ڪنارن تي هو دشمنن جي ساموندي فوج جي نشانن کان محفوظ ڪونه هو. سينٽ صوفيا جي عظيم ڪليسا، جنهن کي مسجد ۾ تبديل ڪيو ويو هيو، منجهان ڪافي ناٿو وصول ٿيڻ لڳو جنهن ۾ ڪافي منارن جو واڌارو ڪيو ويو هيو ۽ جنهن جي اردگرد وٽن جا جهڳٽا ۽ ڦوهارا تعمير ڪيا ويا هيا، ته جيئن مسلمان عقيدت سان عبادت ڪري سگهن ۽ اهڙن دلڪش نظارن ۾ روحاني تراوت به حاصل ڪن. ساڳي طرز تي شاهي مسجدون تعمير ڪرايون ويون جن کي عرف عام ۾ جامع مسجد چيو ويندو هو ۽ پهرين اهڙي مسجد محمد ٻئي ٺهرائي هئي جيڪا پاڪ حوارين جي ڪليسا جي تباهه ڪارين مٽان ۽ يوناني شهنشاهن جي مقبرن جي پرسان تعمير ڪرائي وئي هئي. سوپ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٽئين ڏينهن تي، ابو ايوب جي قبر(*)، جيڪو عربن جي پهرئين حملي ۾ شهيد ٿيو هو، کي خواب ۾ ڏٺو ويو ۽ ترڪ سلطان سندس مقبري جي اڳيان اچي پنهنجي سلطنت جي تراڙ ڪٽندا آهن(81). قسطنطنيه جو تعلق فقط روم جي تاريخدان سان نه آهي ۽ نه وري آڳ هتي شهري يا مذهبي عمارتون ويهي ڳٽائيندس جن کي ترڪن تعمير ڪرايو هو، آبادي به پوءِ تيزيءَ سان وڌي ۽ سيپٽمبر کان پهريون انا تولیا ۽ رومانيا جا پنج هزار خاندان شاهي حڪم کي مجيندي ۽ پنهنجي مٽان موت جي تراڙ کي لڙڪندو ڏسندي، گاديءَ جي هنڌ ۾ پنهنجون نيون جايون جڳهون جوڙي ويهي رهيا. محمد جي تخت کي ماڻهن جي تعداد ۽ سندس رعيت جي وفادار مسلمانن جي پُشت پناهي حاصل هئي، پر سندس قومي پاليسي اها هئي ته يونانين کي به هو پنهنجي ملڪ ۾ واپس آڻيندو. ۽ اُهي وڏن انبوهن ۽ هجومن جي صورت ۾ واپس وريا چو ته سندن زندگي، آزادي، ۽ مذهبي عبادتن ۽ رسمن کي جاري رکڻ جي ڪين مڪمل ضمانت ڏني وئي هئي.

شهر جي بزرگ يا اڳواڻ جي پڳ ٻڌرائڻ جي رسم کي، بازنطينين جي محل جي رسمن کي زندهه ڪري اختيار ڪيو ويو هو. اطمينان ۽ پئو جي ڳڏيل جذبن سان هنن سلطان کي تخت تي ويهل ڏني، جنهن جينيڊيس کي ريڊارن وارو هڪ لکڻ يا ڏندو سندس هٿن ۾ ڏنو جنهن کي ڪليسائي رتبي جي هڪ علامت سمجهيو ويندو هو. هُن بزرگ کي حرم سراءِ جي گيٽ تائين آندو، سندس اڳيان گهوڙو آندائين جنهن مٿان تمام مهانگا سنجَ رکيل هيا ۽ وزيرن ۽ پاشائن کي حڪم ڏنائين ته ڪيس محلات تائين وڃي وڃن جتي سندس رهائش گاهه مقرر ٿي هئي(82). قسطنطنيه جون ڪليسائون بن مذهبن ۾ ورهايل هيون، اُنهن جون حدون مقرر ڪيون ويون هيون، ۽ جيستائين سليم طرفان دخل اندازي نه ٿي هئي، جيڪو محمد جو پوٽو هو، يونانين(83) سڌ سالن تائين مذهبي حد بنديءَ مان مڪمل فائدو ورتو هو. عيسائي، جن کي ديوان جي وزيرن جي پنڌيرائي حاصل هئي ۽ جن سلطان جي جنونيت کان بچڻ ٿي چاهيو، هنن جو خيال هو ته اها حد بندي هڪ قانوني گهرج هئي، جنهن ۾ سخا نه پر ساڻن انصاف ڪيو ويو هو، ساڻن رعايت نه پر هڪ معاهدو هو ۽ جيڪڏهن اوچتو اڌ شهر به ڪائنڪ ڪسجي وڃي ته بي اڌ ته اڳيئي مقدس شڪست قبول ڪري آڻ مجي چڪي هئي. شروع ۾ مليل امداد ته باهه جي شعلن ڀڙڪائي چڪي هئي، پر نقصان جو ازالو ٿن جئنيسرين جي شاهدي ذريعي پورو ڪيو ويو هيو جن کي معاهدي جا نقطا چگيءَ طرح ياد هيا ۽ ڪئنٽمير جي خيال مطابق، ان وقت جي مثبت روَين، تاريخي حقيقت ۽ گڏيل هاڪار جي مقابلي ۾ اُنهن کوڙن قسمن جي وڏيڪ اهميت هئي جيڪي پئسا وٺي ڪنيا ويا هيا(84).

يورپ ۽ ايشيا ۾ يونان جي بادشاهت جي بچيل ٽُڪرن کي آڻ ترڪن جي فوج جي حوالي ٿو ڪريان، پر بن شاهي خاندانن(85) جي تباهي جن جو قسطنطنيه تي راڄ هوندو هو، بذات خود جڙ اوير ۾ روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي جي مڪمل شاهدي پيش ڪري ٿي. موريا، ڊمينريَس ۽ ٿومَس(86) جن مان به پئلولاگس جا پائر هيا جيڪي اجا جيئرا هيا، ڪين ڪانسٽئنٽائن جي موت تي حيرت وٺي وئي هئي ته اوترو اچرج ڪين بادشاهت جي تباهيءَ جو هيو. جيئن ته هاڻي هو پنهنجي بچاءَ کان به نااُميد ٿي ويا هيا ته اُنهن مانائتن يونانين سان گڏجي، اٽلي ۾ وڃي پناهه ورتي ته جيئن ترڪن جي خطرن ۽ هراس واري ڪيفيت کان پري هجن. سندن شروعاتي خدشا ته سوپاري سلطان خود ئي دور ڪري چڏيا هيا جنهن ڪائنڪ پارهن هزار ڊيوڪٽس جو ٽئڪس وٺي ڪين مطمئن ڪيو هو ۽ سندس خواهش هئي ته ٻين ڪنڊن، علائقن ۽ ٻيٽن جي به تلاش ڪئي وڃي ته جيئن اُهي به ٽئڪس يا جزيو ادا ڪن، اهڙي ئي طريقي سان موريا کي ستن سالن تائين سُڪون ملي ويو هو. پر هن ظاهري سُڪون ۾ ڏک، اختلاف ۽ تڪليفون لِڪل هيون. هيڪسامِلين، جيڪو سمنڊ جي سوڙهي پٽيءَ تي هڪ قلعو هو ۽ جنهن کي ڪڏهن ناهيو ته ڪڏهن ڌاهيو ويندو هو، اٽلي جا ٽي سؤ تير انداز هاڻي ان جي حفاظت نٽي ڪري سگهيا، چو ته ڪورنٽ جي چاٻين تي ترڪن قبضو ڪري چڏيو هو، جڏهن اُهي اونهاري جي سير سفر کان واپس موٽيا ته ساڻن گڏ بيشمار قيدي ۽ ججهو مال غنيمت هيو: جيڪي يوناني زخمي ٽيل هيا اُنهن جي شڪايتن تي غور ته نه ڪيو ويو پر اُنهن کي نفرت سان هڪ ڪَن کان ٻڌي ٻي ڪن کان ڪڍيو ويو. البانيا وارن، جيڪي ريڊارن ۽ لٽيرن جي روپ ۾ رولُو ماڻهو هيا، هن ٻيٽ کي پنهنجن لشڪرن سان اچي پريو پر اُنهن هر طرف لُٽ مار ۽ قتل جون وارداتون شروع ڪري چڏيون، ٻن آمرن، پاڙي وارن

پاشائن کان مدد گهري جيڪا بي عزتي واري هئڻ سان گڏ خطرناڪ ب هئي، پر جڏهن هن بغاوت کي کچلي ڇڏيو ته هن تجربي مان جيڪو سبق کيس مليو، ان کيس اڳتي لاءِ محتاط ڪري ڇڏيو ته اهڙي صورتحال ۾ ڪهڙو رَويو اختيار ڪرڻ بهتر هو، رت جا رشتا، توڙي جيڪي هنن قربان گاهن اڳيان قسم کڻي واعدا وچن کيا هيا، ۽ نه وري ضرورتن جا بندڻ، گڏجي ب سندن گهريلو جهيڙن جهڳڙن کي ختم ڪرائي سگهيا. هنن ترار جي زور تي هڪ ٻئي جي مال ملڪيت يا وراثتن کي پئي لٽيو ۽ قريو، جيڪا امداد يا خير خيرات اولهه جي ملڪن کان هتي پهتي هئي ته ان کي ب دشمنين سبب ضايع ڪيو ويو ۽ هو رڳو پنهنجي وحشي پٽي ۽ خون خرابي ذريعي زندگي گذارڻ جاڻندا هيا، ان کان سواءِ ٻيو ڪو ب لڇڻ منجهن ڪو نه هو. ڪمزور دشمن جون تڪليفون ڪڏهن سندن وڏي سرواڻ يا سردار جو توجهه چڪرائيندیون هيون، ۽ جڏهن معاملو برداشت کان ٻاهر ٿي ويو ته محمد پاڻ کي ڊميٽريس جو دوست ظاهر ڪيو ۽ وڏي فوج وٺي موريا تي ڪاهه ڪري اُتي پهتو. هن جڏهن اسپارٽا جي مال ملڪيت پنهنجي قبضي هيٺ ڪئي ته: 'تون بيحد ڪمزور آهين' سلطان چيو، 'ته هن بغاوت واري صوبي کي صبر ۽ سکون ۾ واپس آڻين. تنهنکري آءٌ تنهنجي ڏيءُ کي پنهنجي بستري تي سمهاريندس ۽ تون پنهنجي باقي زندگي عزت ۽ حفاظت سان گذاريندين'. ڊميٽريَس ڏڪو ساهه کنيو ۽ حڪم مجيندي پنهنجي ڏيءُ ۽ قلعا سلطان جي حوالي ڪيائين، ۽ سلطان جي پٽيان هئيڊريانوپل پهتو ۽ ٿريس جو شهر سندس حوالي ڪيو ويو ته جيئن هو پنهنجو گذارو ڪري سگهي. ان کان سواءِ امبروس، ليمنوس ۽ سئموٿريس جا ننڍا ننڍا ٻيٽ ب ڊميٽريس جي حوالي ڪيا ويا. ايندڙ سال ڏکن جو سندس پراڻو ساٿي ب ساٿس وڃي مليو جيڪو ڪمنينَن قوم جو آخري فرد هو جنهن، لاطينين طرفان قسطنطنيه فتح ڪرڻ کان پوءِ، ڪاري سمنڊ جي ڪناري تي هڪ نئين شهنشاهت جو بنياد رکيو هيو(87). جيتري قدر اناتوليه جي فتح جو تعلق آهي محمد، دائود جي گاديءَ جي هنڌ ۾ سامونڊي توڙي پيادل فوج مقرر ڪئي، جنهن پاڻ کي ٿريبيزاند(99) جو شهنشاهه سمجهي ڇڏيو هو ۽ جيڪا سندن پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ٿي ان جو آخري يا فيصلائتو سوال هي هيو: 'ڇا تون پنهنجي بادشاهت کي ڇڏي پنهنجي زندگي ۽ مال دولت بچائڻ چاهيندين؟ يا پنهنجي دولت، بادشاهت ۽ زندگي ٽيئي وڃائڻ چاهيندين؟ ڪمزور ۽ ڊڄڻي ڪمنيئس کي ڏڪڻي وٺي وئي، ٻيو ته ڪيس هڪ مسلمان پاڙيسري جي خبر هُيس جيڪو سِنوپ(89) جو بادشاهه هو جنهن کي سلطان جو اوچتو سڏ ٽيو ته اُهو پنهنجي قلعي واري شهر، جنهن ۾ چار هزار توبون ۽ ڏهن کان ٻارهن هزار سپاهي هيا، ڇڏي هليو ويو، تنهن ڪري ٿريبيزاند جي هڻ ٽوڪئي شهنشاهه ب بنا دير آڻ مڃي، جنهن پنهنجي ڪٽنب سميت رومانيا جي قلعي ۾ وڃي پناهه ورتي، پر ان شڪ تي ته هو فارس جي بادشاهه سان ڳجهه ڳجهاندر ۾ خط و ڪتابت ڪندو هو، ته ڪيس نه رڳو پنهنجي حياتيءَ تان هڻ ڏوئڻا پيا پر سڄي ڪمنيٽين قوم کي قربان ڪيو ويو ڇو ته اهو فاتح جو حڪم هو. هوڏانهن ڊميٽريَس کي سندس پيءُ جي نالي ب هن جو بچاءُ نه ڪيو، ڪيس ملڪ بدر ڪيو ويو ۽ سندس ملڪيت کي ضبط ڪيو ويو، سندس مسڪيني ۽ مظلوميت واري حالت سلطان جي دل ۾ رحم ۽ نفرت جا گڏيل جذبا پيدا

ڪيا، سندس پوئلڳن کي قسطنطنيه پهچايو ويو ۽ ڪيس پنجاهه هزار ائسپرس (سڪو) جي پينشن ڏئي سندس غربت جو ڪنهن حد تائين ازالو ڪيو ويو، ان وچ ۾ خانقاهي زندگي گذارڻ ۽ ڪجهه بين سببن جي ڪري پيلولاگس به مري ويو. باقي اها ڳالهه يقين سان نٿي چئي سگهجي ته ڊميٽريس جي غلامي ۽ ذلت واري زندگي يا سندس پاڻ ٿومَس(90) جي جلاوطني ختم ٿي يا لڳاتار رهي. موريا جي سوپ کان پوءِ بادشاهه ڪورفو ڏانهن پڄي ويو ۽ اتان وري اٽلي هليو ويو ۽ هن سان ڪجهه اڳهاڙا ساٿي به گڏ هيا؛ چاڪاڻ ته سندس نالو وڏو هيو ۽ ڪيس تڪليفون به آيون هيون تنهن ڪري حوارين جي اڳواڻ سينٽ ائنڊريو ڪيس وٺيڪن ۾ پنهنجو مهمان ٻڌايو ۽ سندس ڏکن واري زندگي کي ڪجهه آٽت ڏيڻ لاءِ، پادري چهه هزار ڊيوڪٽس سندس وظيفو مقرر ڪري ڇڏيو. سندس بن پٽن ائنڊريو ۽ مئنيوئل کي اٽلي ۾ تعليم ڏياري وئي، پر وڏو پنهنجين خراب عادتن ۽ ناڪام شاديءَ سبب، دشمنن لاءِ نفرت جوڳو ۽ دوستن تي هڪ بار ٻڌجي ويو. ڪيس هڪ لقب ڏنو ويو هو ۽ اهو ئي سندس سڄو ورثو هو جنهن کي هن فرانس ۽ ائراگان(91) جي بادشاهن کي وڪڻي ڇڏيو. ٽورن خوشحالي وارن ڏينهن ۾ چارلس ائين، اوپر جي شهنشاهت جي حڪمراني جي خواهش ڏيکاري جنهن ۾ نئپلس جي بادشاهت به شامل هوندي، هڪ عوامي اجتماع ۾، هن آگسٽس جي لقب سان پاڻ کي شهنشاهه ٻڌائي ڇڏيو، يونانين شادمانا ڪيا ۽ ترڪ، فرانس جي سورهيائيءَ کان اڳيئي ڪنبي رهيا هيا(92). مينيوئل پئلولاگس، جيڪو سندس ٻيو پٽ هيو، کي لالچايو ويو ته پنهنجي وطن جو چڪر لڳائي اچي ته واپسيءَ تي ڪيس مان ملندو، اهڙيءَ طرح قسطنطنيه ۾ ڪيس آسائش ۽ حفاظت سان ترسايو ويو، ۽ خبر تڏهن پئي جڏهن عيسائين ۽ مسلمانن جي هڪ وڏي هجوم وڏي مان شان سان ڪيس قبر ۾ وجي پوريو. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن ۾ اهڙا جانور به پيدا ٿيندا آهن جيڪي پنهنجن علائقن جي بجاءِ ٻين هنڌن تي وڃڻ چاهيندا آهن، اهڙيءَ طرح شاهي خاندان جو آخري نسل به نالائق منجهان هيو ۽ پاڻ کي ثابت به اهڙو ئي ڪري ڏيکاريائون، هن سلطان کان ٻه خوبصورت عورتون تحفي ۾ ورتيون، ۽ سندس پٽ جيترو وقت به زنده هيو ته لڳندو هو ته ڇڻ هيو ئي ڪين ۽ هڪ ترڪ غلام جي مذهب کي قبول ڪيو هيائين.

قسطنطنيه جي فتح ٿيڻ کان پوءِ ان جي اهميت تمام گهٽي وڏي وئي هئي؛ نڪولس پنجين جي پادريت، توڙي جو پُرامن ۽ خوشحاليءَ واري هئي، پر اوپر جي شهنشاهت جي خاتمي سان سندس پادريت به بي عزت ٿي ختم ٿي وئي، هاڻي وري لاطينيت جون تڪليفون ۽ سندن خوف خطرا وڏي ويا ڇڻ ته وري صليبي جنگين جو جذبو ۽ جنون نئين سر زنده ٿي ويو هو. اولهه جي هڪ دؤر دراز ملڪ ۾ برگنڊي جو نواب، فلانڊرس ۾ لِسلي جي هنڌ تي پنهنجن دوستن ۽ اميرن سان ڪچهري ڪري رهيو هو ۽ هن دعوت ۾ طعامن جي ڏوم ڏام واري نمائش ڪئي وئي هئي، ۽ ڪاڏا اهڙا هيا جيڪي سندن تصور ۽ مزاج جي عين مطابق هيا(93). هلندڙ دعوت جي وچ ۾ هڪ جانٽو عرب مسلمان وڏي هال ۾ هليو ويو جنهن سان هڪ مصنوعي هاٿي ساڻ هيو ان وقت سندس پُٺي قلعي طرف هئي، هڪ بزرگ عورت، جنهن کي ماتمي لباس پاتل هيو، جنهن کي مذهب جي علامت به چيو ويندو آهي، قلعي مان ٻاهر نڪتي،

هن پنهنجين اڌيتن تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ پنهنجن ساٿين جي سُستيءَ تي الزام مڙهيائين، پر سونهري پشم جو واپاري اڳتي وڌيو، سندس مُٺ ۾ هڪ چڪور هو، ۽ اتان جي رسمن مطابق، هن اُهو چڪور نواب جي خدمت ۾ پيش ڪيو. هن عجيب و غريب موقعي تي، فلپ، هڪ بزرگ ۽ ڏاهي بادشاهه پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ته هو ترڪن خلاف مقدس جنگ جي شروعات ڪندو، ان ميڙ ۾ وينل ننڍن پادرين ۽ نوابن سندس مثال جي پنيرائي ڪئي، اُنهن خدا، بيبي مريم، عورتن ۽ چڪور جو قسم کنيو، سندن عزم سندن ڪنيل قسمن کان گهٽ مانائتو نه هيو. پر عملي قدمن کٽڻ جي منزل اڃا اڳيري هئي ۽ بارهن سالن ۾ يا ائين ڪٽي چڪجي ته سندس پساهن جي آخري گهڙين تائين، برگنڊي جو نواب شايد پوري خلوص سان هن جهان مان پنهنجي لاڏاڻي جي تيارين ۾ رهيو هو. جيڪڏهن هر سينو جوش جذبي سان چمڪندڙ هجي ها، جيڪڏهن عيسائين جو اتحاد سندن جرئت ۽ بهادريءَ سان مطابقت رکندڙ هجي ها، جيڪڏهن سئيڊن(94) کان وٺي نئپلس تائين هر ملڪ گهوڙي سوار، پيادل فوج ۽ دولت جي پنهنجي حصي آهر مدد ڪري ها، ته اهو عين ممڪن هو ته قسطنطنيه کي ڏارين کان چوٽڪارو ملي وڃي ها ۽ ترڪن کي هيلسپانٽ يا فرات تائين ڌِڪي باهر ڪيڃي ها. پر شهنشاهه جي سيڪريٽري، جنهن هر خط پاڻ ويهي لکيو هو ۽ هر ميٽنگ ۾ پاڻ شريڪ ٿيو هو ۽ جنهن جو نالو انيس سلويَس(95) هو ۽ پاڻ مدبر سان گڏ تقرير جو به وڏو ماهر هو، پنهنجي تجربي مان عيسائين جي ابتريءَ بابت هينئن ٿو ٻڌائي: 'اهو اهڙو جسم آهي جيڪو بغير سِرَ يا دماغ جي آهي، هڪ اهڙي جمهوريه، جيڪا بغير قاعدن، قانونن يا مئجسٽريٽ جي آهي. پادري ۽ شهنشاهه فقط وڏا لقب يا بيجان مورتين جي صورت ۾ رهجي ويا آهن ڇو ته هو ان قابل نه رهيا آهن جو حڪم ڏئي سگهن ڇو ته ڪو به انهن جو حڪم مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي، هر ملڪ کي پنهنجو بادشاهه آهي ۽ هر بادشاهه پنهنجو ذاتي مفاد يا مطلب ٿو رکي. کهڙي تقرير يا کهڙو تقرير جو ماهر ايترن سارن مختلف نظريا رکندڙن ۽ هڪ ٻئي جي مخالفن کي پاڻ ۾ ملائي ۽ ساڻئي جهنڊي هيٺ آڻي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن فرض ڪجي ته هو جنگ ۾ گڏ ٿي ويندا ته پوءِ ڪنهن کي اها جرئت ٿيندي ته سندن جنرل ٿيڻ قبول ڪري؟ اهڙي صورتحال ۾ نظم ۽ ضبط کي ڪير برقرار رکندو؟ فوجي ضابطا ڪير بحال ڪندو؟ ڪير ايترن بيشمار ماڻهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪندو؟ مختلف ٻولين ڳالهائڻ وارن جي زبان ڪير سمجهندو يا وري ڪير ڪين اخلاق عادتون سيکاريندو جيکي باقي ماڻهن سان مطابقت رکندڙ هجن؟ کهڙو اهڙو ماڻهو هوندو جيکو انگريزن ۽ فرانسيسين، جينئا ۽ ائراگان وارن ۽ جرمني ۽ هنگري ۽ بوهيميا جي مختلف ۽ متضاد ماڻهن جي وچ ۾ سرچاءُ ڪرائيندو؟ جيڪڏهن مقدس جنگ ۾ ماڻهن جو تعداد گهٽ هوندو ته ڪافر ڪين جلد شڪست ڏئي ڇڏيندا، پر جي تعداد گهڻو هوندو ته پنهنجي ئي وزن ۽ مونجهارن ۾ چيڀاٽجي ويندا'. تنهن هوندي به ساڻيو انيس، جڏهن پيَس- ٻئي جي لقب هيٺ ڪيس پادري جي تخت تي ويهاريو ويو، ته هن هڪدم ترڪن خلاف جنگ جو اعلان ڪيو. مئنٽئا(*) جي اجلاس ۾ هن ماڻهن ۾ ڪجهه جوش جذبو ضرور پيدا ڪيو پر ڪمزور ۽ بيجان هيو، پر جڏهن پادري ائنڪونا(†) ۾ پهتو ته جيئن ذاتي طور تي فوجين جي

صورتحال کي پاڻ وڃي ڏسي، ته هن محسوس ڪيو ته تياريون هاڻي بهانن جو روپ ونيو چڪيون هيون، اهڙيءَ طرح سڄو ڏينهن اجاين پروگرامن ناهڻ ۾ گذري ويو جنهن جو ڪڙ تيل ڪجهه به نه نڪتو، سندس موثر فوج فقط جرمني وارن جي هئي جن کي مجبور ٿي هن منع ڪري ڇڏي. مستقبل جي ڪا پرواهه نه ڪندي، سندس جانشينن توڙي اڳلي جي طاقتن کي فقط موجوده وقت ٽارڻ ۽ گهريلو مقصدن حاصل ڪرڻ جي ڳڻتي هئي، ۽ سندن نظرن ۾ هر مقصد ظاهري نوعيت جو هو. جيڪڏهن هو ڪنهن وڏي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ها ته اُهو خود کين، سندن ظاهر ظهور دشمن خلاف، دفاعي ۽ ساموندي جنگ جي تيارين ۾ مشغول ڪري ڇڏي ها ۽ سڪندر بيگ ۽ البانيا جي بهادر ماڻهن جي مدد ملڻ کان پوءِ نئپلس جي بادشاهت شايد حملي کان بچي وڃي ها. ترڪن طرفان آٽرئنٽو جو گهيرو ۽ سندس بربادي هر طرف ماڻهن ۾ هراس پيدا ڪري ڇڏيو ۽ پادري سِڪسٽس، ائلپس کان به اڳتي وڌڻ جون تياريون ڪري رهيو هو ته عين ان موقعي تي محمد ٻئي جي موت في الحال طوفان کي ٽاري ڇڏيو، موت وقت سندس عمر ايڪونجاهه سال هئي(96). هن اڳلي کي به فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو، جيڪو مضبوط شهر ۽ ڪشادي بندر جو مالڪ هو، ۽ جيڪڏهن محمد-II ڪجهه وقت وڌيڪ زنده رهي ها ته نِت نيون سوچون سندن قدم چمن ها ۽ سندس نالو قديم روم جي نامياڻن ماڻهن جي لسٽ ۾ موجود هجي ها(97).

باب اٺهٺيون

(حاشين بابت وضاحتون)

(1) محمد- II جي ڪردار جي باري ۾ ترڪن توڙي عيسائين تي اعتبار هرگز نه ڪجي. فرانزا ئي هڪ اهڙو تاريخدان آهي جيڪو اعتدال پسندي ۾ يقين رکي ٿو، (i,33) ۽ سندس اڪيلائيءَ جي ڪري سندس ناراضگيون خودبخود ڏيون ٿي ويون هيون. ساڳي وقت اسپانڊئس 1415ع- نمبر 11)، فلري (xxii,552) پالس جو يولوجيا جوويَس (iii,164-166) ۽ بائل جي ڊڪشنري (iii,272-279) جو به مطالعو ڪيو.

(2) ڪئنٽمير (ص 115) جيڪي مسجدون ان نهرايون، ان مان سندس مذهبي رواداري جي خبر پوي ٿي. محمد اڪثر ڪري بزرگ اڳواڻ جينيڊيَس سان بن مذهبن جي باري ۾ اختلاف ڪندو هو.

(3) فرانزا جي لاطيني مترجم عربي کي ترڪ ڪري چڏيو آهي جيڪا قرآن جي زبان آهي ۽ هر مسلمان کي ان جي جاڻ هڻڻ بيحد ضروري آهي.

(4) فليفس، لاطيني شاعريءَ جي مدد سان، پنهنجي زال جي ماءُ ۽ ان جي پيٽين جي آزادي قسطنطنيه جي فاتح کان حاصل ڪئي. اها شاعري مِلن جي نواب جي سفيرن، سلطان جي هٿن تائين پهچائي هئي. فيلفس تي به ان ڳالهه جو شڪ هو ته هن قسطنطنيه ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جي تياري ٿي ڪئي، تنهن هوندي به تقرير جو هي ماهر گهٽو ڪري مقدس جنگ جو پاڻ اعلان ڪندو رهندو هو. (ڏسو سندس زندگي جو احوال، جيڪو نقش و نگار جي اڪيڊمي ۾ لينسلاٽ قلمبند ڪيو آهي X,718,724).

(5) رابرٽ والٽوريو پنهنجا ٻارهن ڪتاب 1483ع ۾ ويرونا ۾ ڇپرايا جن ۾ هن پهريون دفعو يمن جي استعمال بابت ٻڌايو آهي. سندس محسن مگسمانڊ مالٽيسٽا، جيڪو رمني جو بادشاهه هيو، ان محمد- II ڏانهن لاطيني زبان ۾ خط لکيا هيا.

(6) فرانزا جي بيان موجب، هن وڏي محنت سان سڪندراعظم، آگسٽس، ڪانسٽئنٽائن ۽ ٿوڊوسيَس جي زندگين ۽ ڪمن بابت پڙهيو هو. مون ڪٽي پڙهيو آهي ته ڪتاب 'پلوٽارچ جون زندگيون'، جو سندس حڪم تي ترڪي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو هيو. جيڪڏهن سلطان يوناني زبان سمجهندو هو ته اهو سندس ئي رعيت جي پلائيءَ لاءِ هو. بهرحال هي زندگيون آزاديءَ جو اسڪول به آهن ته ساڳي وقت اُنهن ۾ بهاديريءَ جا داستان به لکل آهن.

(7) هڪ غير يهودي بيلينو، (1429-1507ع) جنهن کي هن وينِس مان دعوت ڏئي گهرايو هو، کان سون ۽ 3000 ڊيوڪٽس کين هٽ لڳا هيا. والٽيئر جي ان حماقت واري ڳالهه تي مون کي ته ڪِل ٿي اچي ته هڪ غلام کي جاڻي واڻي ماريو ويو هيو ته جيئن پينٽر کي مُشڪن جي چرپر بابت ڪجهه سکيا ملي.

(8) هي شاهي شرابي سليمان- I، سليم- II ۽ عموراٽ- IV هيا (ڪئنٽمير- ص 61) فارس جا فيلسوف، شرابين جي ايا وڏي لسٽ پيش ڪري سگهن ٿا. آخري دؤر ۾ يورپي سياح اهڙين عياشين جا اکين ڏٺا شاهد هيا چو ته اُهي خود به شراب نوشيءَ ۾ ساٿن گڏ هوندا هيا.

(*) (عظيم تيمورلنگ (1405-1336ع) جيڪو منگولن جو سردار هيو).

(†) جان هنيئيدس، هنگري جو اڳواڻ جنهن بلغراد کي محمد- II جي حملي کان 1456ع ۾ ڪاميابيءَ سان بچايو هو).

(‡) (البانيا جو بادشاهه (1467-1404ع).

(*) (سينٽ جان جي نوابن جو سلسلو جن رهوڊس ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئي).

(9) ڪئلاپن کي جيڪو شاهي خاندان جي معصوم ٻارن منجهان هيو، سندس ظالم پاءُ کان بچايو ويو هيو ۽ جنهن کي پاڪ غسل ڏئي عيسائي بنائي سندس نالو ڪئلسٽس عثمان رکيو ويو. شهنشاهه فريڊرڪ- III ڪيس آسٽريا ۾ هڪ اسٽيٽ ڏئي ڇڏي هئي جتي هن پنهنجي حياتيءَ جا ڏينهن پورا ڪيا ۽ ڪسپينيَن جنهن پنهنجي جوانيءَ ۾ بزرگ بادشاهه سان وئينا ۾ ملاقات ڪئي هئي، هن جي نيڪي ۽ ڏاهپ جي تعريف ٿو ڪري. (سزئريبَس- صفحا 672,673).

(10) ڏسو محمد- II جي تخت نشيني جنهن کي ڊيوڪَس (باب 33) ۾ بيان ڪيو آهي. ان کان سواءِ فرانزا (i,33,ii,2) ڪالڪوڪونڊائلز (vii,199) ۽ ڪئنٽمير (ص 96) جو به مطالعو ڪجي.

(11) قسطنطنيه جي گهيري جي بيان ڪرڻ کان اڳ ۾، آءٌ سمجهان ٿو ته ڪئنٽمير ۽ لنڪلئويَس جي مختصر اشارن يا تحريرن کان سواءِ، مون کي هن فتح جي باري ۾ ترڪ ليکڪن جو ڪو به واضح تفصيل نٿو ملي، جيئن اسان کي سليمان- II طرفان رهوڊس جي گهيري جو تفصيل ملي ٿو (نقش و نگار جي اڪيڊمي- (XXVi,723,769) تنهن ڪري مجبور ٿي مون کي يونانين تي پاڙٿو پوندو جن جي تعصب جو ڪجهه ازالو، کين ئي مليل ڏکن ۽ تڪليفن منجهان ٿي ويو آهي. اسان جي معلومات جا معياري ذريعا هي آهن: ڊيوڪَس (باب 42-34) فرانزا (iii,7-20) ڪالڪوڪونڊائلز (viii,201-214) ۽ لونارڊَس چينِس (تاريخ- سي- پي، نيورمبرگ- 1544ع- 4 ڪان 20 صفحن تائين) پويان ٿي بيان ڪجهه آڳاٽا آهن ڇاڪاڻ ته اهي چوس جي ٻيٽ تي ڇپيا هيا ۽ اُنهن جي ڇپجڻ جي تاريخ 16 آگسٽ 1453ع آهي، يعني شهر تي قبضي ٽيڻ کان فقط اٺياسي ڏينهن پوءِ، جڏهن شروعاتي مونجهارا ۽ مشڪلاتون هيون. ڪجهه اشارا وڏي پادري آئسوڊور به ڏٺا آهن (ڪالڪوڪونڊائلز، ڪلاسيري باسل- 1556ع) جيڪي پادري نڪولس V لاءِ آهن ۽ ڪجهه مواد ٿوڊوسيَس زائگومالا کان به مليو آهي 1581ع ۾ مارٽن ڪروسَس ڏانهن مخاطب ڪيو ويو هو. (تسڪو گرئشيا i,74-98) هن سلسلي ۾ مختلف حقيقتن ۽ مليل مواد کي مختصر طور ئي سهي پر اسپانديئس (1453ع، نمبر 27-1) ان کي نقادن واري نظر سان تڪيو توريو آهي. باقي جيڪي مانسٽريليٽ ۽ پري وارن لاطينين جي وچ ۾ رشتن جا افواهه اٽيا هيا ته آءٌ انهن طرف ڌيان ئي نٿو ڏريان.

(12) قلعي جي صورتحال ۽ باسفورس جي مقامي جاگرافي جي چگيءَ طرح خبر پيٽرگليَس کان پوي ٿي (باسفورس ۽ ٽريس جو ذڪر- ii,13) لنڪلوئويَس (پئنديڪٽ- ص 445) ۽ ٽورنفورٽ

(سامونڊي سفر- xv,443,444) پر مون کي ان نقشي يا ڊيزائن تي افسوس ٿو ٿئي جيڪو ٽورنفورٽ فرانس جي سامونڊي معاملن جي وزير ڏانهن موڪليو هيو. پڙهندڙ مهرباني ڪري هاڻي هن تاريخ جي باب 17 جو مطالعو ڪري.

(13) اُهو نفرت وارو لقب، جيڪو ترڪ، ڪافرن کي ڏين ٿا ان بابت ڊيوڪَس تفصيل سان لکيو آهي ۽ لنڪلوئويَس ۽ جديدين به ان تي ڪم ڪيو آهي. پهريون عنوان ڊيوڪينج جو آهي (i,530) جيڪو ڪجهه جهنگلي قسم جو آهي جنهن جو يوناني ۾ مطلب ڪُميءَ جو آهي. پر افسوس ته گِبر، گهيبر کان مختلف ناهي جيڪو لفظ فارسيءَ مان ترڪي ٻوليءَ ڏي هليو ويو هو يعني ٻاهه جي پوڄارين کان صليب ڏانهن منتقل ٿي ويو هو. (ڊي- هربيلاٽ، مشرقي واقعا- ص 375).

(*) (پولئنڊ ۽ هنگري جا بادشاهه جيڪي 1444ع ۾ لئڊسلَس جي خلاف هيا).

(14) فرانزا، پنهنجي مالڪ جي دانائي ۽ همت سان انصاف ٿو ڪري: ('ماڻهوءَ جي ذلت کي ڄاڻندي، شهنشاهه فيصلو ڪيو ته هو هن جي خلاف پهريون هٿيار استعمال ڪندو'). ۽ سندس چيل نامناسب لفظن تي مٿس الزام ٿو مڙهي، يعني اُهي لفظ جيڪي هن پاڻ ٻڌا هيا. ('ٻئي اکَواڻ ڪليسائي توڙي عام... پنهنجي چريائپ ۾ رکَو اُميدن تي پاڙيندا هيا'). ڊيوڪَس پِروي ڪائونسلر نه هيو.

(†) (نمائش، ڏيکاءُ).

(15) واضح ۽ لڳاتار تفصيلن ٻڌائڻ جي بجاءِ، نرڪن جي تاريخوار واقعن (ڪئنٽمير- ص 97) ۾ ڏاند جي گل جي بي وقوفي واري ڪهاڻي ورجائي وئي آهي، ان کان سواءِ ڪارٽيج جي بنيادن رکڻ ۾ ڊائڊو جي ِرٽ کي مجيو ويو آهي. هي تاريخوار واقعا (جيڪڏهن اسان عيسائين خلاف متعصب نه ٿي وجون) يوناني تاريخدانن جي مقابلي ۾ ڪافي حد تائين غير مستند ۽ غير معياري آهن.

(16) يورپ جي پراڻي قلعي جي حدن جي سلسلي ۾، فرانزا، ڪالڪو ڪونڊائلز سان اتفاق نٿو ڪري، جنهن جي بيان جي تصديق ايڊيٽر لنڪلئويَس ڪري چڪي آهي.

(17) هنن ۾ ڪجهه صفها محمد لاءِ به هيا، اُهي سندس ظالماڻي ڪاوڙ کان ايترا ته محتاط هيا جو کين خطرو هو ته جيڪڏهن اُهي سڄ لهڻ کان اڳ نه پهتا ته اُهي ڪيس خود ٻاڏائيندا ته پلي شهر ۾ سندن سِرن کي ڏڙ کان ڌار ڪيو وڃي.

(18) ڊيوڪَس (باب- 35، فرانزا iii,3) جيڪي سندس جهاز ۾ چڙهيا هيا، اُهو وينِس جي ڪپتان جي ياد کي شهادت جي رتبو ڏئي ملهائي ٿو.

(19) فرانزا- (iii,7) هڪ زوردار جملو سندس ئي احساسن جي ترجماني ڪري ٿو.

(20) ڪئنٽمير (صفحا 97,98ف) سلطان کي يا ته پنهنجي فتح جي باري ۾ پورو يقين نه هيو يا وري هو قسطنطنيه شهر جي زبردست خوبين کان ناواقف هيو. ڪو به شهر يا ڪنهن به بادشاهت جي ترقي يا ان جي تباهيءَ جو دارومدار ان جي حاڪم جي رَويي ۽ پاڻ بخت مطابق هوندو آهي.

(*) (سندس تخت چڙهڻ کان پوءِ، سن 1442ع ۾).

(21) لاطيني يا يوناني ٻولي جي هڪ لفظ جو ترجمو 'ويگو پيءُ' ڪيو ويو آهي، پر اهو لاطيني ٻوليءَ جو بلڪل صحيح ترجمو آهي، پر تڪڙ ۾ هن هڪ حاشيي کي غور سان نہ ڏٺو آهي جيڪو اسماعيل بلند مجيو آهي ۽ پنهنجي غلطي ۾ تسليم ڪئي آهي. (ڊيوڪر- باب 35).

(22) مشرقي رواج تہ، پاڻ کان وڏي يا ڪنهن حاڪم آڏو بغير تحفي ڏيڻ جي ڪڏهن ۾ نہ وڃجي، تمام قديمي آهي ۽ اهو قرباني جي رسم سان ملندڙ جلندڙ آهي، جيڪا وري اڄا ۾ وڌيڪ قديمي آهي. فارس جي تحفن بابت ٻين مثالن جو ۾ مطالعو ڪيو. (ايلين جي تاريخ- 33-i,31).

(23) ترڪن جو لاڙ (ڪئٿمير، ص 34) ۽ يونانين جو ٽاڻا (ڊيوڪس، باب 35) ننڍن ٻارن جي زبان جا فطري لفظ آهن ۽ اهڙا ڪيترائي اوائلي لفظ، جن مان والدين جو تصور ايپري، هڪڙي اکر يا پد جو ورجاءُ آهن جنهن اُچار کي ڏندن يا چپن جي چرپر ذريعي ڪيو ويندو آهي. (زبانن جو سِڃاڻ i,231-147).

(24) ائٽڪ سڪي جو وزن ست مِني هو (ڏسو هوپر کي ماپ ۽ تور بابت) پر جديد يونانين ۾ شاهڪار ماپو هڪ سئو يا هڪ سئو پنجويهن پائونڊن جو هيو (ڊوڪينج) لونرڊس چينِس هڪ بال کي ماپيو يا شايد پٽر کي، جيڪو هر طرف کان يارهن پامس جي برابر وڃي ٿيو.

(25) والٽيئر کي ڏسو (تاريخ- xci,294,295) ڪيس عالمي بادشاهت جي خواهش هئي ۽ شاعر گهٽو ڪري ستارن جي علم يا وري ڪيميا جو خواهشمند هوندو آهي.

(26) بئرن ٽاٽ (iii,85-89) جنهن ڊارڊنيلس جي قلع بندي روس جي خلاف ڪئي هئي، دلچسپ ۽ مزاحيہ انداز ۾ پنهنجي بهادري ۽ ترڪن جي هراسجي وڃڻ جو قصو ٿو ٻڌائي. پر اهڙي اورچ سياح کي ايا اهڙو سليقو هٿ نہ آيو آهي جو اسان جي اعتماد تي پورو لهي سگهي.

(27) 'هن (پادري) کو ۾ توجهہ نہ ڏنو ڇو تہ هن کي ان ڪجهہ سمجهيو ئي ڪين هو' هي جملو ايماندار ائٽنونيئس جو آهي، پر جيئن تہ روم جي محل کي بعد ۾ افسوس سان گڏ شرمندگي جو منهن ڏسڻو پيو، پر اسان کي پلاٽينا جي اظهار جو طريقو وڌيڪ مانائتو نظر ٿو اچي 'پادري جي خواهش هئي تہ هو يونانين جي مدد ڪري'.

(28) ائٽنمونيئس (تحريرون) پادري آئسوبور ۽ ڊاڪٽر جانسن- آئرين جي ڏکوئيندڙ ڳالهہ ۾ (1737) خوشيءَ سان اهو قصو شاعراڻي طريقي سان بيان ڪيو آهي:

دانهون ڪندڙ يوناني سونهري غارن کي کوٽين ٿا. جتان هو دولت جمع ڪرڻ وارن ڏينهن جي دولت ڏسن ٿا. دولت اُها جيڪا سندن روئندڙ بادشاهہ کي ڏني وئي هئي، جيڪي قومون پاڻ ۾ جنگين ۾ جُنبيل هيون، اُنهن جي گيٽن تائين ۾ اُهي پهچي ويا هيا.

(29) پلاطيني فوجن کي ڪئپيڪولي چيو ويندو هو، ٻيون وري ضلعن ۽ صوبن جون فوجون هيون جن کي صراط ڪيولي ڪوئيو ويندو هو؛ اهڙيءَ طرح ترڪن جي فوجن جا ادارا سليمان- II کان ۾ گهٽا اڳ جا هيا، جن مان ۽ سندس پنهنجي تجربي مان امير مرسيگلي، عثمانيہ سلطنت جي فوجي اسٽيٽ ناهي ڇڏي هئي.

(30) فليفس جي تجزيي کي 1500ع ۾ ڪسپينين ۾ درست سمجهيو هو. مارسيگلي ثابت ٿو ڪري تہ ترڪن جون ڪارگر فوجون ايتريون گهٽيون نہ آهن جيترو اُنهن جو ڏيک يا ڏهڪاءُ آهي. ان

فوج ۾، جنهن قسطنطنيه جو گهيرو ڪري ان کي فتح ڪيو هو، لينورڊَس چيئِس جي ڪُٽنب مطابق ان ۾ ڪُل جئنيسريز 15000 کان ڪنهن به صورت ۾ وڌيڪ نه هيا.

(31) (فرانزا- iii,3) قومي جذبن ۽ بين قومي معاملن کي ذهن ۾ رکندي، اسان کي سرڪاري حقيقتن توڙي خانگي ڪائونسلن جي باري ۾ وڌيڪ ڪنهن به مستند شاهديءَ جي ضرورت ڪانهي.

(*) (1448ع ۾).

(32) اسپاندئِئس ۾ ايڪي ۽ اتحاد جي جيڪا وضاحت ڪئي وئي آهي اُها نه رڳو هڪ طرفي پر نامڪمل آهي، پاميرس جو وڏو پادري 1642ع ۾ مري ويو هو ۽ ڊيوڪَس جي تاريخ، جنهن ۾ اهي منظر بيان ٿيل آهن (باب، 36,37) ۽ جيڪا سچن جذبن سان لکيل آهي، 1649ع تائين به نه چپي هئي.

(†) (1438ع ۾).

(33) فرانزا، جيڪو يونانين ۾ هڪ تعاون ڪندڙ شخص هيو، مجي ٿو ته اهو قدم مدد جي اُميد ۾ ڪنيو ويو هو، هو خوشيءَ سان اقرار ٿو ڪري ته اُهي جن سينٽ صوفيا ۾ عقيدت جو نذرانو پيش نه ڪيو هو، ته 'اُنهن تي ڪابه معيار ڪانهي ۽ نه اُنهن کي ڪو تڪليف ڏيندو'. (iii,20).

(‡) (ميزبان يعني روم جا ڪئٿولڪ جيڪي بچيل ماني استعمال ڪندا هيا).

(34) سندس پراڻي طريقي جو نالو جارج اسڪالئريَس هيو جنهن کي هن پاڻ تبديل ڪري تڏهن جينيڊيَس رکيو، جڏهن هو راهب يا وري بزرگ اڳواڻ ٻُڌجي ويو فلورينس ۾ هن ساڻئي اتحاد کي بچائڻ جو ڪوششون ڪيون جنهن تي هن قسطنطنيه ۾ خود حملا ڪيا هيا. هن ليؤالانيَس کي لالچايو ته کيس پلي بن اڏن ۾ ورهائي ڇڏي، پر رينادوت (صفحا، 383-343) هن جي سڃاڻپ کي واپس ورايو آهي ۽ سندس بهروپيائيءَ واري ڪردار کي به اجاگر ڪيو آهي.

(*) (فارس جو خسرو- II ۽ خاقان يا آوڙس جو بادشاهه جنهن 626ع ۾ قسطنطنيه لاءِ خطرو پيدا ڪري ڇڏيو هو.

(35) يوناني زبان ۾ هڪ لفظ لکيل آهي جنهن جو مطلب 'پادري جو ٽوپلو' آهي. يوناني ۽ لاطيني عادتن جي تضادن سبب منجهن مذهبي اختلاف پئجي ويا هيا.

(36) اسان مجبور ٿي يوناني ميلن کي گهٽائي گهٽ ماپ جا ڪري ڇڏيو آهي جيڪي روس جي 'ورسٽس' ۾ آندل آهن ۽ جيڪي 547 فرانسيسي ٽئاسز جي برابر ٿين ٿا ۽ ڊگري جو 104 2/5 حصو ٿو وجي بيهي. فرانزا جا ڇهه ميل، انگريزن جي چئن ميلن کان مٿي نه آهن. ڊي، ائنول، صفحا 61,123 وغيره).

(37) يوناني يا لاطيني زبان جو هڪ ڊگهو جملو ڏنل آهي جنهن لاءِ گبن فقط ايترو ٿو چوي ته: 'لونارڊس چينيس جو هي ٽڪرو ڏاڍو اهم ۽ توجهه طلب آهي'. (سنڊيڪار)

(38) ڪالڪوڪونڊائلز ۽ فرانزا موجب، وڏي توب جو ڏماڪو، جيڪو فقط هڪ حادثو هو جيڪو ڊيوڪَس مطابق، ان کي هڪ فنڪار جي ذهني ڪمال ذريعي نقصان ڪرڻ کان بچايو ويو هو. ان مان ثابت ٿيو ته اهي ٻئي ليکڪ ساڻئي توب يا بندوق جي ڳالهه نٿا ڪن.

(39) قسطنطنيه جي گهيري کان لڳ ڀڳ هڪ سئو سال پوءِ، فرانسيسي ۽ انگريزن جي بحري آرماڙن کي فخر هيو ته اُنهن فقط ڪلاڪن ۾ سمنڊ جي اندر 300 فائر ڪيا هيا.

(40) مون ڏاڍا سنجيده موضوع چونڊيا آهن پر اُنهن ۾ مون اها ڪوشش نہ ڪئي آهي ته ابي ڊي ورٿوٿ جي تلخ ۽ ضِدي انداز کي اختيار ڪريان، جو ته هن رهوڊس ۽ مالٹا وغيره جي گهيرن جي قصن کي گهٽو اُينگهائي پيش ڪيو آهي. پر اهڙي سڀي تاريخدان جي زندگي ۾ عشق به چڪر لڳايو هو پر جيئن ته هن ان موضوع تي به لکڻ شروع ڪيو ته ان ۾ به جذبن ۽ بهادري وارو انداز موجود هو.

(*) (ڪائين جا بندل).

(41) ڪاٿين ۽ قلمي شوري (يعني ڏماڪيدار پائوڊر) جو پهريون تجربو 1480ع ۾ ڪيو ويو هو جيڪو سِينا جي جارج (ترابوشي- vi,i,324) پنهنجي ڪتاب ۾ تحرير ڪيو هو، ڪاٿين ۾ ڏماڪن ڪرڻ جو پهريون تجربو سارزينيلا ۾ 1487ع ۾ ڪيو ويو هو پر ان جو اصل اعزاز ٿواري جي پيٽر کي ٿو وڃي جنهن ان ۾ ترميمون 1503ع ۾ آندیون ۽ پهريون پيرو اهي ڪامياب تجربا اٽلي جي جنگين ۾ ڪيا ويا هيا. (ڪئمبري جي تاريخ ii,93-97).

(†) (جينئا جو ليڊر).

(42) اها حيرت جي ڳالهه آهي ته يونانين اهڙن عمدن جهازن جي ڪارڪردگي کي چو قبول نہ ڪيو هو جڏهن ته پنج ڊيوڪَس جا، چار فرانزا ۽ لونرڊس جا ۽ به ڪالڪوڪونڊائلز جا هيا جن کي وڏين ۽ ننڍين سائزن ۾ تقسيم ڪيو ويو هيو. والٽيئر، هڪڙو جهاز فريڊرڪ- III جي حوالي ڪندي، اوپر ۽ اولهه جي شهنشاهن کي منجهائي ٿو ڇڏي.

(43) حڪمن جي تعميل نہ ڪندي ۽ اُنهن کي للڪاريندي ۽ مقامي زبان ۽ جاگرافي جي ڄاڻ نہ رکندي، صدر جو سؤٽ، جهازن کي ڏکڻ ۾ چوس جي هنڌ تي روڪي ٿو ڇڏي ۽ ٻين سان گڏ اتر جي هوا جي زور تي اُنهن کي قسطنطنيه روانو ڪري ٿو ڇڏي.

(*) (روم جي مقدس (جرمني جي) شهنشاهت سان وابستہ).

(44) ترڪن جي ساموندي ٻيڙن جي لڳاتار ڪمزوري زوال طرف وڌندي وئي جنهن کي ريڪاٽ (عثمانيہ سلطنت جي حالت- صفحا 378-372) ٽيوناٽ (ساموندي سفر، i,229-242) ۽ ٽاٽ- (ٽام جون يادگيريون- iii) ۾ بيان ڪيو آهي. آخري بيان ڪيل مصنف پنهنجن پڙهندڙ کي وندرائي به ٿو ته کين حيرت ۾ به وجهي ٿو ڇڏي.

(45) آڳ اها ڳالهه ضرور مجيندس ته منهنجي اکين آڏو ٽسيدائيدس (vii,71) اٿينس وارن جي جذبن ۽ اُنهن جي طبيعتن جي خوبصورت تصوير چٽي آهي. هي ڪم هن سراڪيوز جي عظيم بندر تي ويهي ڪيو هو.

(46) يا ته وڏاءَ سبب يا وري ڊيوڪَس جي غلط متن سبب (باب 38) سون جي ڏيڻي يا سِرَ جو وزن تمام گهٽو هو يعني لڳ ڀڳ 500 پائونڊن جيترو هو. بولاڊ ان جي قيمت 500 دراچمس يا 5 پائونڊ ٿو ڪَٽي. ايترو ناٿو محمد جي فوجين لاءِ ائڊمرل جي چيلهه پڄڻ لاءِ ڪافي هو.

(47) ڊيوڪس، جيڪو اها ڳالهه مجي ٿو ته هو هنگري جي معاملن کان ايترو آگاهه نه هيو، اڳتي هلي هو هڪ ڳالهه کي وهمن وسوسن سان ٿو وجي ملائي ته ماڻهن جو اهو اعتقاد ته، قسطنطنيه هر صورت ۾ ترڪ فتح ڪندا، وهمن وارو هو ٻين تفصيلن لاءِ فرانزا جو مطالعو ڪيو (iii,20) ۽ اسپانڊئنس کي به ڏسو.

(48) ڇئن يونانين جي هڪ جهڙي شاهديءَ جي تصديق ڪئنٽمير (ص 96) ترڪيءَ جي تاريخوار واقعن ۾ ڪري ڇڏي آهي، پر منهنجي خواهش آهي ته جيڪر آءٌ ڏهن ميلن جو مفاصلو هڪڙي رات ۾ طئي ڪري ڇڏيان.

(49) فرانزا، ڪررنٽ جي ڇهن ميلن جي ساموندي پٽيءَ بابت، سامان آڻڻ نِيڙ جا ٻه مثال پيش ٿو ڪري: هڪڙو ته تمام زبردست يعني ائڪٽيَم جي جنگ کان پوءِ آگسٽس جو، ۽ ٻيو نائسيئس جو مثال جيڪو ڏهين صدي عيسوي جو هڪ يوناني جنرل هيو. هنن مثالن سان گڏ هن هئنيبل جي بهادريءَ جو مثال به ڏنو جنهن جرئتمنديءَ سان تارينٽم جي بندر تي جهازن کي لنگرانداز ٿيڻ ڏنو هو (پاليبيَس، viii, 749 جنهن کي گرونوف ايڊٽ ڪيو هو).

(50) ڪئنديا جو هڪ يوناني، جنهن وينِس ۾ پنهنجون خدمتون ڏنيون هيون جنهن ۾ شرط به ساڳيا هيا، (اسپانڊئنس 1438ع، نمبر 37) شايد محمد جو صلاحڪار ۽ سندس اعتماد وارو ايجنٽ به رهيو هجي.

(51) منهنجو خاص اشارو ڪئنادا جي ڏنڊن طرف ۽ اسان جي پنهنجي سفر ڏانهن آهي جيڪو 1776 کان 1777 ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ محنت تمام گهڻي پر نتيجو ڪجهه به نه نڪتو هو. (گِبن، آمريڪا جي آزادي جي جنگ ڏانهن اشارو ٿو ڪري).

(*) (1204ع ۾)

(†) (ننڍا جهاز)

(52) ڪالڪوڪونڊائلز ۽ ڊيوڪس وقت ۽ ڳالهه ٻولهه جي صورتحال بابت پاڻ ۾ اختلاف رکن ٿا، ۽ جيئن ته اهو شاندار ۽ ايترو بهتر نه هيو ته وفادار فرانزا پنهنجي بادشاهه کي ان حد تائين بچائي ٿو وجي ته هن کي آڻ مجڻ جو خيال به نه آيو هوندو.

(*) (ڏسو حاشيو نمبر 13)

(53) هي پَرَ (ڪالڪوڪونڊائلز viii, 208) مشرق جي تصوير کانسواءِ ٻيو ڪٿي به نٿا ملن سواءِ آئرين جي ڏکوئيندڙ داستان ۾ (جنهن کي سئميوئل جا نسن لکيو هو) محمد جا جذبات عقل ۽ منطق کان به مٿي هليا ٿيا وجن:

'جيڪڏهن اُتر جون زوردار هوائون، سندس جميل پَرَن مٿان يعني اهي پر جيڪي هوا ۾ ڪرن مٿان اُڏامي رهيا آهن، ۽ پلي انهن کي 'پليبس' جي سوني بگيءَ ۾ وجي رکيو اڻائون، تڏهن به منهنجي غضبناڪ ڪاوڙ، اُنهن کي زمين تي آڻي کين سبق سيکاريندي زوردار لهجي جي باوجود منهنجو خيال آهي ته:

(1) آسماني هوائون گهُلنديون به هونديون ته اُهي هوائون هيئنئين سطح تي لڙنديون هونديون.

(2) پَليبس، جو نالو لفظي جوڙجڪ ۽ اها ڪهاڻي صاف صاف يوناني آهي (اسڪالئيٽ هومر 18، 686 آئونيا ۾ يوڊوسيا ص 399 ائپولوڊور، iii، 10هين ص 229، حاشيو 682 ۽ ان کي اوير جي تارن جي علم سان ڪو واسطو ڪونہ هو (هائيڊ ڊي، ألگبيگ، تابل (vi, 73-78 i, 40, 42) گيبلن، (ڪئلينڊرائئر جي تاريخ، ص 73) جنهن جو مطالعو محمّد ڪيو هو.

(3) سوني بگي جو وجود انسانن توڙي سائنس ۾ ڪٽي بہ ڪونهي پر مون کي خدشو اهو آهي تہ ڊاڪٽر جانسن پليبس کي وڏي ِرڄَ يا گاڏيءَ سان ائين وجي ملايو آهي جيئن ٻارهن بُرجن جي نِڪتَ کي عام تارن جي جهُرمٽ سان وجي ملائجي. 'هڪ اهڙو ِرڄُ جنهن کي وٺگن بہ ڪونيو ويندو آهي، اِلئڊ 18، 487.

(54) فرانزا، هنن مسلمانن کي داد ڏيڻ تي اختلاف ٿو ڪري پر اهو اختلاف الله جي واسطي نہ پر ان جي پيغمبر لاءِ ڪيو ويو آهي. بهرحال پوءِ بہ والٽيئر جا جذبات نہ رڳو حد کان وڌيڪ ٽپيل آهن پر ڪِلڻ جهڙا آهن.

(*) (ماتم ڪيو)

(55) مون کي خدشو آهي تہ هيءَ گفتگو فرانزا طرفان گهڙيل آهي ۽ اها هڪ نصيحت واري ٽي لڳي ۽ جيڪا خانقاه آهي مون کي ان تي بہ شڪ آهي تہ اُها ڪانسٽئنٽائن قائم ڪئي هئي. لونرڊس هن سان ٻي تقرير منسوب ڪئي آهي جنهن ۾ هو لاطيني فوجي جٽن سان عزت سان ٿو ڳالهائي.

(56) اڻپنا واري ڪيفيت ڪڏهن ڪڏهن مرندڙ بادشاهن کان ذلت جي ڪيفيت کي اوڳلرائي ڇڏيندي آهي، انجيل جي اصولن جي بهتري جو ثبوت آهي تہ گناهن يا ڏوهن کي معاف ڪيو وجي، شايد 490 پيرا معاف ڪرڻ وڌيڪ آسان آهي پر گهٽ يا هينئين ماڻهوءَ کان معافي گهرڻ بيحد ڏکيو ڪم آهي.

(57) 10,000 محافظن کانسواءِ ڪيترا ٻيڙياتا ۽ جهازران بہ هيا، ڊيوڪَس هن عام حملي ۾ ترڪن جو تعداد 2,50,000 ٿو ٻڌائي يعني گهوڙيسوار ۽ پيادل فوج جو گڏيل انگ ٻڌايل آهي.

(*) (حشر برو ٿيندو).

(†) (نغارا يا پيرون)

(58) جسٽينئيني جي پڄڻ تي، مٿس ملامت ڪندي فرانزا پنهنجن توڙي عام ماڻهن جي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪيو آهي، ڪجهہ ذاتي يا خانگي سببن جي ڪري ڊيوڪَس جو روَيو هن ڏانهن همدردي ۽ عزت وارو آهي، پر لونارڊَس چينِسس جا لفظ، لڳي ٿو تہ سخت ڪاوڙ ۽ ناراضگي وارا آهن. 'هو ماڻهن جي احترام کي وساري ٿو چڏي ۽ سندن توڙي پنهنجي حفاظت جو رتيءَ ماتر بہ احساس وٺس ڪونهي.' اوير جي پاليسين جي سڃي سلسلي ۾ سندس ملڪي ماڻهو يعني جينئا جي رهواسين تي سدائين شڪ ڪيو ويندو هو، پر اها حقيقت آهي تہ اُهي قصوروار هوندا بہ هيا.

(*) (بچاءَ جي گول شيلڊ).

(59) ڊيوڪَس، ترڪ سپاهين جي بن ڏڪن سان ڪيس ماري ڇڏي ٿو، ڪالڪوڪونڊائلز، ڪيس ڪُلهي تي زخم ٿو رسائي ۽ پوءِ گيٽ وٽ ڪيس چيپاٽي ٿو ڇڏي، فرانزا کي ان وقت تڪليف ٿي پهچي جڏهن ڪيس دشمنن جي صِفن مان نِيو پيو وڃي ته ان وقت هو تصور ۾ ڇڻ موت جي منظر کان هٽي ٿو وڃي، پر اسان بغير خوشامد جي ڊرائڊين جون هي سِٽون هن موقعي جي مناسبت سان ورجائي سگهون ٿا:

'سيباستين وانگر، پلي هو پنهنجي زمين ڳولين، جتي هو قتل ٿيل ماڻهن جي جبل کي وڃي ڏسندا، هڪڙي کي چئو ته مٿي چڙهي ۽ اُتان وڃي هيٺ نگاهه ڪري اتي به ڪيس هو بهادريءَ واري روپ ۾ ڏسندا، سندس مُنهن فخر وچان بهشت طرف مٿي هوندو، ۽ هو هڪ ڳاڙهي مناري تي پيل هوندو، جيڪو هن پنهنجي ترار سان ئي ڪوٽيو هيو.'

(60) اسپانڊئنس (1453ع، نمبر 10) جنهن کي پنهنجي چوٽڪاري جي اُميد آهي، خودڪشي جي ڏوهه کان هو هن مطالبي تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار آهي.

(61) لونرڊَس چينسِس صحيح طرح محسوس ٿو ڪري ته ترڪن کي جيڪڏهن شهنشاهه جي پوري ڄاڻ هجي ها ته اُهي وڏي محنت ۽ جدوجهد سان اهڙي قيدي کي نه رڳو بچائن ها پر ان جي حفاظت به ڪن ها جيڪو سلطان کي قبول هجي ها.

(*) (شاهي چوغو، لباس)

(62) ڪئنٽمير (ص 96) عيسائين جا جهاز جيڪي بندر جي مُهڙ وٽ لنگر انداز هيا، هن ساموندي حملي کي روڪي ڇڏڻ ۾ ڪامياب ٿيا هيا.

(63) ڪالڪوڪونڊائلز بيوقوفيءَ مان اهو اندازو ٿو لڳائي ته قسطنطنيه کي ايشيا وارن تاراج ڪيو هو ڇاڪاڻ ته اُنهن قديمي ٽراءِ وارن جي تڪليفن جو بدلو ورتو هيو ۽ xvهين صدي جي گرامر جا ماهر ترڪن جي هڪ فضول لقب کي مانو ڪرڻ تي خوش ٿي ويا ۽ ان کي تراجن بنائي ڇڏيائون.

(64) جڏهن سائرس، بابل وارن کي حيرت ۾ وڌو هو جڏهن هو هڪ جشن ملهائي رهيا هيا، شهر ايڏو ته ڪشادو هيو پر ان جا رهواسي ايترا ته بيپرواهه هيا جو ڪيتري وقت کان پوءِ پري تائين هيءَ خبر پهتي ته هو ته قيدي هيا. هيروڊوٽس (i, 191) ۽ اُشر (واقعا، ص 78) پيغمبر جيريميا مان ڪجهه ٽڪرا هتي حوالن طور ڏنا آهن.

(†) (ڏسو صفحا 1039-1038)

(65) ڊيوڪَس هڪ مزيدار بيان ڏنو آهي (باب 39) جيڪو بن سالن کان پوءِ ليسبوس جي بادشاهه جو سفير بڻجي سلطان جي خدمت ۾ ويو هيو. (باب 44) جيستائين ليسبوس کي شڪست آئي (1463ع) (فرانزا iii, 27) ته اُهو ٻيٽ تيستائين ترڪيءَ جي ياجوڪيڻ سان پريو پيو هيو. جيڪي پنهنجن تڪليفن ۾ به خوش هيا ۽ پنهنجن ڏکن کي به خوبصورت ڪري پيش ڪندا هيا.

(66) فرانزا جو مطالعو ڪيو (iii, 20,21) سندس اظهار جو طريقو هاڪاري ۽ مناسب آهي. 'اُمير ڪيس پنهنجن هٿن سان قتل ڪري ڇڏيو..... ۽ ڪيس شرمندگي ۽ ذلت واري وات تي وڃي ويا.

بدقسمت ۽ نياڳو جهڙو آڻ آهيان.' تنهن هوندي به کيس خبرون پيون ته حرم سراءِ جي انڌارن ۾ خبر ناهي کهڙا کهڙا گندا ۽ هولناڪ منظر گذريا.

(67) ڏسو ترابوشي کي (vi, i, 290) ان کانسواءِ لئنسليٽ جو به مطالعو ڪيو (نقش و نگار جي اڪيڊمي جون يادگيريون (x, 718) آڻ ان ڳالهه معلوم ڪرڻ جو خواهشمند آهيان ته هو انسانذات جي دشمن جي تعريف ڪيئن ٿو ڪري، جنهن کي اڪثر ڪري برو ڀلو چوندو رهندو آهي ته هو تمام بگڙيل انسان آهي، انسان نه پر هڪ حيوان ۽ ظالم شخص آهي.

(68) پيَس-II جا تبصرا ٻڌائن ٿا ته هن چالاڪيءَ مان پادريءَ جو ٽوپلو مُردي جي اُن سِرَ متان رکيو جنهن کي ڏڙ کان ڏار ڪيو ويو هو جڏهن عيوضي جنهن جي کا اهميت کانه هئي، کي خريد ڪري قيدي بنائي حاضر ڪيو ويو هيو. بيلجيم جا تاريخوار واقعا سندس پڇڻ کي ساراهن ٿا جنهن ۾ نين مُهمن جو راز لکل هيو پر اُنهن کي هن ماڻهن کان پنهنجي خطن ۾ به لکايو هو. (اسپانڊئنس 1453ع، نمبر 15) ته متان متس حضرت عيسيٰ جي تکليفن ۽ اذيتن جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ جو الزام لڳي ۽ هو انعام اڪرامن کان محروم رهي.

(69) بسبيڪئس خوشي ۽ وڏي مسرت سان جنگ جي حقن بابت تفصيل سان ڳالهائي ٿو ۽ قديمين ۾ غلاميءَ جي روايتن تي به روشني وجهي ٿو جيڪا اڳتي هلي ترڪن ۾ به رائج ٿي چڪي هئي. (ترسيڪا iii, 161).

(70) هيءَ رقم لنڪلئويَس جي حاشياتي نوٽ ۾ ڄاڻايل آهي (ڪالڪوڪونڊائلز viii, 211) پر وينس، جينئا، فلورينس ۽ انڪونا ۾ ان جي ورهاست 50، 20، 20، ۽ 15000 ڊيوڪٽس جي حساب سان ڪئي وئي، مون کي شڪ ٿو پوي ته رقم جو هڪڙو انگ اڃا رهجي ويو آهي، جيڪڏهن اصلي رقم واپس به ڪجي ها ته ٻاهرين دولت چوٽين حصي کان به مٿي نه ويندي.

(71) فرانزا جي جوشيلي انداز ۾ تعريف ڪرڻ توڙي سندس روئڻ پٽڻ کي غور سان ڏسو.

(72) ڏسو ڊيوڪَس کي (باب 43) ۽ سندس تحرير جيڪا هن 15- جولاءِ 1453ع تي لکي ان جو به مطالعو ڪيو، انهن ڳالهين جو تعلق لارَس ڪئريئس کان پادري نڪولَس-V تائين آهي، (هودي، ص 192) ڪپهه جي هڪ لائبريري مان اهي اطلاع مليا آهن.

(73) جوليَن جو ڪئلينڊر جيڪو اڌ رات کان ڏينهَن ۽ ڪلاڪن جو ڳاڻاٽو ٿو ڪري، پهريون پيرو قسطنطنيه ۾ استعمال ٿيو هو. پر ڊيوڪَس سج اُپرڻ کان وٺي فطري ڪلاڪن جي ڳڻپ ۾ وڌيڪ دلچسپي ٿو رکي.

(74) ڏسو ترڪي جا تاريخوار واقعا (ص 329) ۽ لنڪلئويَس جا قانوني ضابطا پڻ غور هيٺ آڻيو.

(75) مون کي هڪ موقعو مليو هو جنهن ۾ مون يونان جي قدامت بابت تبرڪن جو ذڪر ڪيو هو. (باب 17)

(76) اسين ڪئنٽمير جا احسانمند آهيون (ص 102) جنهن اسان کي ترڪن طرفان سينٽ صوفيا ۾ تبديلي آڻڻ جو ٻڌايو آهي جنهن کي فرانزا ۽ ڊيوڪَس گهٽو ڳنديو آهي. اها ڳالهه حيران ڪندڙ آهي ته ساڳي شيءِ هڪ مسلمان ۽ هڪ عسيائيءَ تي مختلف ۽ متضاد اثر ڪيئن ٿي ڇڏي.

(77) بن سِٽن جو شعر، جيڪو ڪئٽمير اصلي صورت ۾ اسان کي ڏنو آهي، جڏهن اُنهيءَ رنگ ۾ پڙهجي ٿو ته اڃا وڌيڪ خوبصورت ٿو لڳي. تڏهن ئي ته اسڪيپيو، (جيڪو رومي جنرل هيو 232-183 ق.م) ان شعر خوشيءَ ۾ تڏهن پڙهيو جڏهن ڪارٿيج فتح ڪيائين جيڪا هومر جي پيشنگوئي هئي، ساڳيا محبت ۽ سخا جا احساس، فاتح جي ذهن جي اُڏام کي ماضي توڙي مستقبل ۾ ڪٽي ويا هيا.

(78) مون کي ڊيوڪَس جي ان ڳالهه تي اعتبار نٿو اچي (اسپاندئنس 1453ع، نمبر 13) ته محمّد يونان جي شهنشاهه جي سِرَ کي فارس ۽ عربستان ۾ ڦيرايو يا گهمرايو هو، هو فقط اُنهن اعزازن ۾ خوش هيو جن ۾ انسانيت جي تذليل نه ٿئي.

(79) فرانزا، وڏي نواب جو ذاتي دشمن هو، ۽ وقت يا موت يا خانقاهه ڏي سندس واپسي کيس همدردي يا درگذر ڪرڻ جي جذبن تي مائل ڪري پئي سگهي. ڊيوڪَس شهيد تي رحم به ڪيو ٿي ته سندس تعريف به ٿي ڪئي، ڪالڪوڪونڊائلز بي جان ڪدڙو آهي، پر تنهن هوندي به اسين سندس احسانمند آهيون جو هن يونان وارن جي سازش کان اسان کي اڳواٽ آگاهه ڪيو.

(80) قسطنطنيه ۽ ترڪي جي بنيادن جي واپسي لاءِ ڏسو ڪئٽمير کي (صفحا 102-109) ڊيوڪَس (باب 42) جنهن سان گڏ ٿيونات، تورنفورٽ ۽ بيا ڪيترائي جديد سياح به گڏ آهن. قسطنطنيه جي وڏائي، ان جي شهرت ۽ آدمشماري وغيره جي خوبصورت تصوير ڪشي ڪئي وئي آهي ته عثمانيه سلطنت کي پڻ اوتروئي خوبصورت پيش ڪيو ويو آهي (عثمانيه سلطنت جي تاريخ، i, 16-21) پر اسان سال 1586ع ۾ جڏهن جائزو ورتو ته گاديءَ جي هنڌ ۾ عيسائين ۽ يهودين جي مقابلي ۾ مسلمانن جو تعداد گهٽ هيو.

(*) (محمّد جو ساٿي، جيڪو عربن طرفان قسطنطنيه جي پهرئين گهيري (668-675) دؤران ويو هيو).

(81) ابوايوب انصاري جي مقبري کي خوبصورت نموني بيان ڪيو ويو آهي. (سلطنت عثمانيه جي شاهڪار ڪتاب ۾ (پئرس 1787ع ۾) هڪ وڏي جلد ۾ ڇاپيو ويو آهي). هن ڪتاب کي شاندار نموني شايع ڪيو ويو آهي.

(82) فرانزا (iii, 19) ان تقريب کي بيان ٿو ڪري جنهن جي تعريف يوناني رپورٽن ۾ پڻ ڪئي وئي آهي ته لاطينين پي ان کي ساراهيو آهي. هن حقيقت جي تصديق امئنيوئل مئلڪسَس پڻ ڪئي آهي جنهن بزرگن جي تاريخ ڪجهه غيرمهذب يوناني زبان ۾ تڏهن لکي هئي، جڏهن قسطنطنيه فتح ٿي چڪو هو. پر صبر ڪندڙ پڙهندڙ به شايد ان ڳالهه ۾ اعتبار نه ڪندو ته محمّد، ان ۾ ڪئٿولڪ طريقو استعمال ڪيو هو. 'مقدس تثليث جنهن مون کي تخت عطا ڪيو آهي، ان ئي توهان کي نئين روم جو بزرگ اڳواڻ مقرر ڪيو آهي.'

(83) ترڪ- يونان منظرنامي ۾، اسپاندئنيَس (1453ع، نمبر 21، 1458، نمبر 16) يونان جي ڪليسا جي غلامي ۽ گهريلو جهگڙن جي باري ۾ بيان ڪيو آهي، اُهو بزرگ جيڪو جينيڊيَس جو جانشين ٿيو، هن نااُميدي ۾ پاڻ کي هڪ ڪوهه ۾ اُڇلائي ڇڏيو.

(84) ڪئنٽمير (صفحا 105-101) ترڪ تاريخدان جي گڏيل راءِ کي قبول ڪرڻ تي زور ڏئي ٿو جن ۾ قديم ۽ جديد ٻئي شامل آهن ۽ بحث ٿو ڪري ته اُهي سيئي حق سچ جي خلاف هرگز نه وڃن ها ۽ نه وري قومي وقار کي هيٺ ڪن ها، چاڪاڻ ته ڪنهن شهر کي زور سان حاصل ڪرڻ وڌيڪ عزت وارو طريقو آهي بجاءِ ان جي جو حرفتن ذريعي حاصل ڪجي. پر (1) آڻ سندس راءِ سان اختلاف ڪريان ٿو چاڪاڻ ته هو ڪنهن خاص تاريخدان جو نالو نٿو ڪٽي ۽ لونڪلئويَس جي ترڪي ۾ لکيل واقعن ۾ اهو واضح بيان ڪيل آهي ته محمّد قسطنطنيه کي زور جي طاقت تي حاصل ڪيو هو. (ص 329) (2) ساڳيو دليل ان وقت جي يونانين لاءِ به ڏئي سگهجي ٿو جن کي هڪ عزت وارو ۽ مانائتو صلحنامو سدائين ياد رکڻ گهرجي. دستوري طرح والٽيئر عيسائين جي مقابلي ۾ ترڪن کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري.

(85) ٽريبيزانڊ جي ڪمنيني خاندان جي حسب نسب بابت ڊوڪينج جو مطالعو ڪيو (بازنطيني خاندان، ص 195) آخري پيلولاگن لاءِ اهو چوڻ ڪافي آهي ته اُهي عجائباتي آهن. (صفحا 248- 247-244) ماتنفرات جا پيلولاگي ايندڙ صدي تائين اڃا مڪمل طور تي مِٽجي نه ويا هيا پر اُنهن کان سندن يوناني ابا ڏاڏا وسري ويا هيا.

(86) پن يائرن جي جهيڙن جهڳڙن ۽ سندن بدبختين جي فضول ڪهاڻي ۾ فرانزا (iii, 21-30) ٿومَس طرف وڌيڪ جهُڪيل ٿو لڳي، ڊيوڪَس (باب 45-44) اختصار کان ڪم ٿو وٺي ۽ ڪالڪوڪونڊائلز (ڪتاب viii, ix, x) وري گهٽو پکڙيل ۽ تنائيندڙ آهي.

(87) ڏسو ٽريبيزانڊ جي فتح کي ڪالڪوڪونڊائلز ۾، (ix, 263-266) ڊيوڪَس (باب 45) فرانزا (iii, 27) ۽ ڪئنٽمير (ص 107).

(88) توڙي جوٽورنفورٽ (iii, xvii, 179) ٽريبيزانڊ لاءِ ٻڌائي ٿو ته ان جي آدمشماري گهٽ آهي، پيسونيل جيڪو جديد ۽ مستند تجزيي نگار آهي، ماٺهن جي انگ کي 100,000 ٻڌائي ٿو (ii, 72) ۽ صوبي لاءِ ڏسو صفحا (90-53) سندس واپار ۽ خوشحالي ۾ فوجن جي لڳاتار جهيڙن جهڳڙن سبب متاثر ٿيندي رهي آهي جنهن ۾ جئنيسريز به شامل آهن ۽ 30,000 لازي قبيلي جا ماٺهو به انهن سان گڏجي ويا آهن.

(89) اسماعيل بيگ جيڪو سنوپ يا سنوپل جو بادشاهه هيو ان وٽ 200,000 ڊيوڪٽس موجود هيا (جيڪي گهٽو ڪري ٽامي جي ڪاٽين ذريعي هن گڏ ڪيا هيا) ڪالڪوڪونڊائلز (ix, 258-259) پيسونيل جديد شهر جي ماٺهن جو انگ 60,000 ٿو ٻڌائي. هي انگ وڌيڪ ٿو لڳي، پر اسان کي ماٺهن جي دولت ۽ سندن تعداد جي خبر فقط تڏهن ٿي وڃي پوي جڏهن اُنهن ماٺهن سان وٽج واپار ڪجي ٿو.

(90) اسپانڊئئس (گوبلن، تبصرو، ڪتاب-V) آمرٿومَس جي آمد ۽ روم ۾ ان جي استعمال جو ذڪر ڪري ٿو. (1461ع، نمبر 3)

(91) قانون جي هڪ فقري موجب، جيڪو 6- سيپٽمبر 1494ع تي پاس ٿيو هو ۽ جيڪو بعد ۾ ڪيپيٽول جي دستاويزن منجهان پئرس جي شاهي لائبريري ڏي منتقل ٿيو هو، آمر ائندريو

پئلولاگس موريا تي پنهنجو حق جمائيندي ۽ ڪجھ ذاتي فائدن کي ذهن ۾ رکندي، فرانس جي بادشاھ چارلس-VIII، کي قسطنطنيه ۽ ٽريبيزاند جون شهنشاهتون ڏئي ٿو ڇڏي، ايم.ڊي فانسين (نقش و نگار جي اڪئڊمي، xvii, 539-578) هن قومي معاملي تي هڪ مقالو لکيو آهي جنهن جي ڪاپي هن روم مان هٿ ڪئي هئي.

(92) ڈسو فلپ ڪومنس کي (vii, 14) جيڪو خوشيءَ مان يونانين جي تعداد کي ڳڻي ٿو جيڪي هٿيار کڻڻ لاءِ تيار هيا ۽ ست ميلن جي ساموندي مهم لاءِ روانا ٿيڻ وارا هيا جيڪا وئلونا کان قسطنطنيه تائين ارڙهن ڏينهن جي مسافري آهي. هن موقعي تي وينس جي سنڌي پاليسيءَ جي ڪري ترڪي جي شهنشاهت بچي وئي هئي.

(93) اصلي دعوت جو احوال اوليوَر ڊي لا مارچ ۾ ڈسو (يادگيريون i, 29-30) جنهن ۾ ايم.ڊي سينٽ پلايي جا تبصرا به شامل آهن (بهادريءَ جون يادگيريون، i, iii, 182-185) مور ۽ چڪور کي شاهي پکي سڏيو ويو آهي.

(94) باقاعدگيءَ سان ڳڻپ ڪرڻ بعد معلوم ٿيو ته سئيڊن، گاٽ لئنڊ، ۽ فنلئنڊ ۾ 1,800,000 جنگجُو ماڻهو موجود هيا ۽ عجيب اتفاق اهو ته اهي هاڻي کان اڳ وڌيڪ آدمشماري وارا ملڪ هيا.

(95) سال 1454ع ۾ اسپانڊئس انيس سلويَس کان يورپ جي صورتحال بابت نقشو پيش ڪيو آهي، پر ان ۾ سندس ويچار گهٽائي وڌيل آهن. اهو ڪمال جو تجزيه نگار ۽ اٽلي جو مراتوري مختلف واقعن ۽ حادثن بابت 1453ع کان 1481ع تائين يعني محمد جي زندگي ۽ هن باب جي پڄاڻيءَ تائين اسان کي گهُربل معلومات ڏيندا رهندا.

(*) (1459ع ۾)

(†) (1494ع ۾)

(96) هن تجزيه نگارن کانسواءِ، ڪتاب جو پڙهندڙ گينون جو به مطالع ڪري (اسٽوريا سوائل iii, 449-455) ته پوءِ ترڪي طرفان نئپلس جي بادشاهت جي حملي جي چڱيءَ طرح پروڙ پئجي سگهندي. محمد-II جي سوين ۽ سندس حڪومت کي سمجهڻ لاءِ ڪتاب 'عثمانيه سلطنت جون يادگيريون' پڙهڻو پوندو (وينيزيا 1677) امن هجي يا جنگ، ترڪن هميشه وينس جي جمهوريه جو توجهه پئي ڇڪرايو آهي، وينس جا سپ دستاويز ۽ ڪاغذ پَٽ سندن رکوالي سينٽ مارڪ وٽ ڪليل هوندا هيا ۽ سيگريڊو، پنهنجي طرز توڙي مقصد ۾ نفرت لائق هرگز ناهي. تنهن هوندي به هو ڪافرن کان نفرت ضرور ڪري ٿو، هو سندن زبان ۽ طور طريقن کان صفا ناآشنا آهي ۽ سندس بيان، جنهن ۾ هو محمد-II کي فقط ستر صفحن تائين محدود ڪري ٿو ڇڏي (صفحا 140-69) تنهن هوندي به سندس وسعت تڏهن وڏي ۽ مستند بڻجي وجي ٿي جڏهن هو 1640 ۽ 1644 سالن تائين پهچي ٿو يعني اُهي سال جن ۾ جان سيگريڊو تاريخي محنت ڪئي هئي.

(97) جيئن ته آڳ يونان جي شهنشاهت کي هميشہ لاءِ خدا حافظ چئي رهيو آهيان ته ان موقعي تي بازطيني ليکڪن جي مُسودن جو بہ ذڪر ڪرڻ چاهيندس جن جا نالا ۽ شاهديون هن ڪتاب جي ڪيترن صفحن تي ورجايل آهن، يونان ۽ اٽلي جون اَلبس جهڙيون پريسون شاهڪار ڪتابن کي چاپڻ لاءِ وقف هيون ۽ پروڪوپيَس، اگاسيَس، سيڊريئس ۽ زونارَس وغيره جون شروعاتي اُپهرايون اشاعتون، جرمني وارن جي خلوص ۽ محنت جو نتيجو هيون. بازنطيني ڪتاب (26 وڏا جُلد) گهٽو ڪري 1648ع يا ان جي اردگرد ڇپيا جيڪي لُوور جي شاهي پريس، روم ۽ ليپزڪ مان ڇپيا، پر وينس جا ڇاپا (1729ع) توڙي جو سستا ۽ گهٽا هيا پر درستگي ۽ صحيح ڇپائيءَ ۾ اُهي پئرس جي شاندار ڇاپن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ هيا. فرانسيسي ڇاپن جي متيرائي جا ڪيئي سبب آهن، پر ائناڪمنينا، سِنئمَس، ولهاردُئن، وغيره جو مرتبو چارلس ڊوفرين ۽ ڊوڪينج جي تحريرن ذريعن مٿاهون ٿيو آهي. سندس ٻيون تحريرون، جيئن يونانين جي فهرست، قسطنطنيه جا عيسائي، بازنطيني خاندان وغيره، هينين شهنشاهت جي انڌارن ۾ روشني پکيڙڻ ۾، وڏا مددگار ثابت ٿيا آهن.

باب اٺهترين

(خلاصو)

بارهين صدي عيسوي کان روم جي حالت- پادرين جي دنياوي حڪومت- شهر ۾ بغاوت- بريسيا جي آرنولڊ جون سياسي چالبازيون- جمهوريه جي واپسي- روم وارن جو غرور ۽ سندن جنگيون- ڪين الڪشن ۽ پادرين جي موجودگيءَ کان محروم ڪيو ٿووجي جيڪي اٿوگنن ۾ وڃي سڪونت اختيار ڪن ٿا- روم جا معتبر خاندان- ڪولونا ۽ اُرسيني جا جهيڑا ۽ فساد.

گبن باب 69 ۾ روم جي موضوع تي واپس ٿواچي ته جيئن پادرين هيٺ حڪومت جو تاريخي جائزو وٺي سگهي. پادري، ماڻهن جي فسادن آڏو اڪثر جهُڪي پوندا هيا چاڪاڻ ته اُنهن پاڻ وٽ گهٽي دولت جمع ڪئي هئي ۽ اُهي گهٽو ڪري سياسي اختلافن ۾ به پاڻ کي ملوث ڪندا هيا. بارهين صدي عيسوي ۾ بريسيا جي آرنولڊ ماڻهن کي واضح طور ٻڌايو ته ڪليسا کي فقط روحاني معاملا نبيرڻ گهرجن ۽ جمهوريه جي قانونن کي روم جي حڪومت ڏانهن واپس ڪيو وڃي. 1166ع ۾ روم جي سينٽ کي ٻيهر زندهه ڪيو ويو، جنهن پنهنجو سِڪو جاري ڪيو، پر سندس اختيار، ٻين رياستن جي وڏن مئجسٽريٽن، جن ۾ وڏو نالو بولوگنا جي برانڪيلون جو هو، جي مقرري سبب ذري گهٽ ختم ٿي ويا. اها ٻي ڳالهه آهي ته برانڪيلون شهر ۾ نظم ۽ ضبط کي قائم ڪري ڇڏيو هو. سينيٽ، جرمني جي شهنشاهن کي گذارشون ڪيون ته روم جي جمهوريه کي اصل حالت ۾ بحال ڪيو وڃي، پر اها هاڻي تاريخ جي سکٽي ۽ اجائي آکڙ يا اَنا هئي جنهن کين اُتساهه ٿي ڏياريو پر حقيقت اها هئي ته روم ۾ نه ته هاڻي فوجي طاقت رهي هئي ۽ نه وري اڳيون نظم ۽ ضبط منجهن موجود هيو. بارهين صدي عيسوي ۾، گوڙ شور جو هڪڙو سبب ختم ڪيو ويو جڏهن پادري جي چوند جو حق پادرين جي هڪ ڪائونسل جي حوالي ڪيو ويو، ايندڙ صديءَ ۾، پادري روم جي جهيڑن جهڳڙن کان هٿي ويا ۽ انڪلي جي پرپاسي ۾ وڃي رهيا. ۽ 1308ع کان وٺي ستر سالن تائين اٿوگنن سندن رهائشگاهه رهي. روم ۾، 'مقدس سالن' يعني 1300ع ۽ 1350ع کين زيارتين جي آمدرفت کي برقرار رکڻ ۾ پرپور مدد ڪئي، يعني اُهي زيارتي جيڪي سينٽ پيٽر ۽ سينٽ پال جي ڪليسائن جي زيارت لاءِ ويندا هيا. گبن هن باب جي پڄاڻي، روم جي نمايان خاندانن جي بيان سان ٿو ڪري، جنهن ۾ خاص ذڪر بن مخالف خاندانن يعني ڪولونا ۽ اُرسيني جو آهي.

باب ستروون

(خلاصو)

پيٽرارچ جو ڪردار ۽ سندس تاجپوشي- رينزي طرفان روم جي آزادي ۽ حڪومت جو ٻيهر بحال ٿيڻ- سندس خوبيون ۽ خاميون- سندس نيڪالي ۽ موت- ائوگنن کان پادرين جي واپسي- لاطيني ڪليسا جو ٻيهر متحد ٿيڻ- روم جي آزاديءَ لاءِ آخري ڪوششون- روم جا قاعدا ۽ قانون- ڪليسائي رياست جي آخري بحالي.

گبن باب 70 جي شروعات پيٽرارچ جي تحريرن جي تنقيدي جائزي سان ٿو ڪري. ان کان پوءِ سندس تاجپوشيءَ جو ذڪر ڪندي ڪيس 1341ع ۾ روم جو درباري شاعر ٿو ڪوٽي. پيٽرارچ، رينزي جو دوست، هڪ مسافرخانو هلائيندڙ ۽ ڏوٻياڻيءَ جو پٽ هيو جيڪو روم جي شاهڪار ليکڪن کان متاثر ٿيو ۽ پاڻ به لکڻ شروع ڪيائين ۽ روم جي ٻهبود ۽ ٻهتريءَ لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪندو رهيو. 1347ع ۾ رينزي عام ماڻهن کي اپيل ڪئي ۽ هڪ مئجسٽريٽ جي حيثيت ۾ روم جي حڪومت جون واڳون سنڀاليائين. هن احتياط کان ڪم ونندي ڪليسا جي معاملن کي پنهنجي حڪومت سان ملائي ڇڏيو پر سندس فضول خرچين جي ڪري حڪومتي اختيارن تي سندس ضابطو گهٽ ٿيندو ويو. معزز ماڻهن بغاوت ڪئي پر ڪين شڪست آئي، تنهن هوندي به ڪليسا طرفان رينزي کي حڪومت ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو جنهن ۾ عوام به شريڪ ٿي ويو. هي بغاوت به ٿي پر رينزي ائوگنن جي پادرين جي مدد سان ٻيهر حڪومت سنڀالي. ڇٽن مهينن کان پوءِ ايڄا ٿين بغاوت ٿي جنهن ۾ رينزي مارجي ويو، پيٽرارچ جو روم ۾ مستقبل جي اُميدن جو سڄو دارومدار هاڻي پاپائيت تي هيو. پادري گريگري VII، 1377ع ۾ روم واپس موٽي ويو، پر هي سال سندس موت تي پادرين جا هڪ ٻئي سان اختلاف ٿي پيا ۽ هڪ جي بجاءِ ٻن پادرين جي چونڊ ڪئي وئي: هڪ اربن-VI جيڪو روم ۾ ۽ ٻيو ڪليمينٽ -VII، جيڪو ائوگنن ۾ رهندو هو. اولهه ۾ اها مذهبي ڦوٽ چاليهن سالن تائين برقرار رهي ۽ 1419ع ۾ ڪانسٽنس جي ڪائونسل وجود ۾ اچي وئي جڏهن اونوڪولونا کي مارٽن-V جي لقب سان پادري بنايو ويو جنهن پاڻ کي روم ۾ مقرر ڪري ڇڏيو. شهري حڪومت کي پهرئين مئجسٽريٽ جي ماتحت ڪيو ويو ۽ قانون ناهيا ويا ۽ اُنهن کي سورهين صدي ۾ 'روم جي قاعدن ۽ ضابطن' جو نالو ڏنو ويو ۽ حڪومت جي سرشتي کي جمهوريه چيو ويو جنهن ۾ پاديت کي مڪمل

اختيار سونپيا ويا. استيفن پورڪئرو آخري پيرو ڪوشش ڪئي ته روم جي 1453ع واري قديمي جمهوريه کي واپس ورائجي پر اهڙين ڪوششن جي سزا ڪيس موت جي صورت ۾ ڏني وئي. صديءَ جي آخر ۾ پاپائيت کي تحفظ حاصل هيو ۽ وٽس فوج به هئي ته ڪٽي ڪو وڪوڙ يا فساد برپا ٿئي ته ان کي هڪدم ڪچليو وجي. پنهنجي آخري تجزيي ۾ گبن آزادي نه هئڻ تي افسوس جو اظهار ٿو ڪري ته ساڳئي وقت پادرين طرفان دنياداري جي معاملن ۾ وڌيڪ اُلجهڻ تي به ڪيس ڏڪ ٿو پهچي. سندس خواهش آهي ته هن دنيا مان هليو به وڃجي ته خيرخوبي ۽ انسانذات جي پلائيءَ جا ڪم ڪري پوءِ ماڻهو وجي ۽ هنن آخري گهڙين ۾ منهنجي اها هرگز ڪوشش ناهي ته روم جي پادرين يا عام مذهبي ماڻهن جون دليون رنجائي هيءَ دنيا ڇڏيان. پنهنجي آخري حاشيي ۾ هو مراتوري کي وڏو داد ٿو ڏئي ۽ سندس احسان مجيندي چوي ٿو ته، 'اٽلي جي تاريخ لکڻ ۾ آءٌ ڪيس پنهنجو رهبر ۽ محسن سمجهان ٿو.'

باب ايڪهتريون

پندرهين صدي عيسوي ۾ روم جي برباديءَ جا چار اهم سبب- وڏي ميدان يا جلسي گاهه جو مثال- شهر جي بيهر بحالي- هن سڄي محنت جو آخري نتيجو.

پادري يوجينيس-IV جي آخري ڏينهن ۾ سندس به نوڪر داناءُ پوگيس(1) ۽ سندس دوست ڪئپيٽولائين پهاڙ تي چڙهيا، وڏن مندرن ۽ ٽنين جي تباهه ڪارين ۾ هيڏي هوڏي واجهائڻ ۽ ان مٿاهين هنڌ تان هر طرف بربادي جي منظرن کي ڏسڻ لڳا(2) هن جڳهه تي ويهي هنن سوچيو ۽ قسمت ۽ مقدر جي لاهن چاڑهن تي غور ڪيو ته ظالم وقت جو ڦيرو ڪنهن کي به نٿو بخشي، هي اهڙو وهڪرو آهي جنهن ۾ ماڻهو توڙي سندن ڪم ۽ فنپارا به لڙهي وڃن ٿا ۽ وڏيون شهنشاهتون ۽ وسندڙ شهر ساڳي قبر ۾ پُورجي وڃن ٿا، ۽ اُنهن ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ته روم جي اڳين عظمت ۽ دبدبي جي مقابلي ۾، ان جي تباهي وڌيڪ پيانڪ ۽ افسوسناڪ هئي. 'سندس اوائلي صورتحال کي، جيڪا تمام قديمي دؤر ۾ هئي جڏهن اِوئنڊر ٽراءِ(3) جي اجنبي جي مهمان نوازي ڪئي هئي، ورجل پنهنجي تصوراتي قلم ذريعي ان منظر کي ويهي لِيڪيو آهي. هي تارپين جبل، تڏهن يعني شاعر جي وقت ۾، هڪ جهنگلي ۽ اڪيلو هو جتي رڳو گهاٽن وڻن جي واڌ ٽيندي هئي، پر ان ۾ هڪ مندر به هيو جنهن مٿان سوني ڇت ڏنل هئي: هاڻي اُهو مندر بربادي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، ان جو سون ڦُرلٽ جي نڙ تي ويو آهي ۽ قسمت جو چڪر پنهنجو ڦيرو مڪمل ڪري چڪو آهي ۽ جيڪا اڳ صاف ۽ سهڻي سرزمين هئي اُتي هر طرف ڪرڙ ڪانڊيرا نظر اچي رهيا آهن. ڪئپيٽول جي ڏکري جنهن مٿان اسين وينا آهيون، ڪنهن وقت اُتي رومي شهنشاهت جو هيڊ ڪوارٽر، ساري زمين جو قلعو ۽ بادشاهن لاءِ خطرو هوندو هو جنهن ۾ فخر جي ڪيترن ڪارنامن جا نقش موجود آهن ۽ جنهن کي ڪيترين قومن جي دولت ۽ حصيداريءَ ذريعي مالامال ڪيو ويو هو. دنيا جو هيڏو سارو منظرنامو ڪيئن ڏهي پيو! ڪيئن تبديل ٿيو! ۽ ڪيئن ان جو چهرو بدلجي ويو؟ سوين جي پيچري کي انگور جي وَلين ڍڪي ڇڏيو آهي ۽ جن جاين تي سينيٽر فخر مان وڃي ويهندا هيا اُتي مال جي چيٽن جا ڍيرَ نظر اچي رهيا آهن. پئلٽائن جي ٽکريءَ تي هڪ نظر وجهو ۽ بيشمار پڳل ٽنڊل ٽکرن ۾ ماربل جو ٽيٽر، پٽر جا ڊِکا، وڏا وڏا مجسما ۽ نيرو جي محلات جا ڇهرائا به غور سان ڏسو، شهر جي ٻين ڏکرين ڏي به واجهايو، خالي ميدانن تي رڳو ويرانا ۽ مغموم باغيچا نظر ٿا اچن. روم جي ماڻهن جو هال جتي هو قانونن ۽ قاعدن ناهڻ ۽ پنهنجن مئجسٽريٽن جي چونڊ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندا هيا، اُتي يا ته جهنگلي گل ٻوٽا نظر ٿا اچن يا وري اهڙن هنڌن کي سُوئرن ۽ مينهُن جي آڏرياءُ ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. سرڪاري توڙي خانگي عمارتون، جن کي مستقل بنيادن تي ناهيو ويو هيو، ڍهي ڪندرن ۾ بدلجي چڪيون آهن، اُهي اڳهاڙيون ۽ پڳل ٽنڊل حالت ۾ آهن، بلڪل ائين جيئن ڪنهن وڏي راڪاس جا پڳل ٽنڊل عضوا ميدان تي ٽڙيا پکڙيا پيا

هجن ۽ اها تباهي اُنهن شاندار تبرکن مان وڌيڪ نروار ۽ نمايان ٿي پئي آهي، جيکي اتفاق سان وقت جي زخمن ۽ مقدر جي چڪرن کان بچي محفوظ رهيا آهن.(‡)

هنن تبرکن کي پوگيَس تفصيل سان بيان کيو آهي، هو پهريون شخص هو جنهن تاريخي ۽ روايتي يادگارن تان نظرون هٽائي شاهڪارن تي نظر وڌي جن ۾ وهمن وسوسن جو بہ وڌو عمل دخل هيو(5). (i) هڪ پُل هڪ محراب، هڪ مقبرو ۽ سيستيَس جي اهرام ڪانسواءِ، هُن جمهوريہ جي عمر تي غور کيو تہ کيس ڪئپيٽول جي آفيس ۾ محرابن جون قطارون نظر آيون جن تي ڪئٽلَس جو نالو ۽ سندس شاندار دؤر جا نقش اڃا تائين نمايان هيا. (ii) يارهن مندر پڻ نظر ٿي آيا جيکي پئنٽين (سيني ديوتائن جي مندر) جي پوري تصوير پيش ڪري رهيا هيا، ان کان پوءِ ٿي ٻيا محراب جيکي ماربل جي ٺلهن سان تعمير ڪيل هيا ۽ جتي 'امن جو مندر' پڻ موجود هيو جنهن کي ويسپاسيان، خانگي جنگين کان پوءِ تڏهن تعمير ڪرايو هو جڏهن يهودين کي سرسي نصيب ٿي هئي. (iii) عام ماڻهن جي استعمال جي غلسخانن جن جو تعداد هُو تڪڙ ۾ ٿو ٻڌائي تہ اُهي شايد سَت هيا پر اُهي پڳل ٽنل ۽ اڻپورا هيا ۽ پوريءَ طرح استعمال نہ پئي ٿي سگهيا پر جيکي ڊائڪليشيَن، انٽونينُس ۽ ڪئراڪالا نهرايا هيا، اڃا تائين اُنهن تي پنهنجي تعمير ڪرائيندڙن جا نالا اُڪريل هيا ۽ ايندڙ ويندڙ سياحن جي لاءِ اهي حيرت ۾ وجهندڙ هيا. ڪيترا نہ مضبوط ۽ وسيع جن ۾ مختلف قسمن ۽ ماپن جا ماربل خوبصورتيءَ سان لڳرايا ويا هيا، ان کانسواءِ بيشمار ٺلهہ ۽ ٽنيا پنهنجي مضبوطيءَ جي شاهدي پاڻ پيش ڪري رهيا هيا ۽ ساڳي وقت اُنهن تي ٽيل محنت ۽ خرچ جو ڏُس ڏيڻ کانسواءِ اُنهن جي استعمال ۽ اهميت جي واقفيت بہ ان سان گڏ ٿي رهي هئي. ڪانسٽئنٽائن، سڪندراعظم(*) (اليگزينڊر) ڊوميٽيَن ۽ ٽائٽَس طرفان تعمير ڪرايل غسلخانن منجهان سندن ماضيءَ جي عظمت جي جهلڪ اڃا بہ موجود هئي. (iv) ٽائٽَس، سيوَرس(†) ۽ ڪانسٽئنٽائن طرفان نهرايل فتح جا محراب البت مڪمل طرح موجود هيا يعني اُنهن جي تعمير توڙي متن ٽيل چٽسالي اصلي حالت ۾ نظر ٿي آئي، هڪ حصو جيکو ڏهي پيو هو سو ٽراجن جو يادگار هو ۽ بہ محراب جيکي 'فلئمينين طرز' جا هيا اهي فاسٽينا ۽ گئلئينُس جي بدناميءَ جا يادگار هيا. (v) ڪاليزيَم جي اچرج ۾ وجهندڙ جلسي گاهہ کي ڏسڻ کان پوءِ، پوگيَس شايد سِرن جي تعمير ٽيل ڪُشتي جي آکاڙي کي نظرانداز ڪري ويو آهي، جيکو شايد شاهي محل جي فوجين لاءِ مخصوص ٽيل هيو. مارسيلَس ۽ پامپي جا ٽيٽر، هر طرف کان سرڪاري ۽ خانگي عمارتن سان وکوڙيل هيا ۽ جيکو سرڪس انگونئلِس ۽ مئڪسيمَس، جي نالن پٽيان هيو، ان ۾ ايتري گهٽي ڳالهہ تحقيق طلب ڪاب نہ هئي. (vi) ٽراجن ۽ انٽونن(‡) جا ٽنب اڃا مضبوطيءَ سان بينل هيا پر مصري پٽر جا ڊِڪا يا تہ پڄي پيا هيا يا وري متيءَ ۾ پُورجي چڪا هيا. هي ماڻهو ديوتائن يا سورمن جي پوجا ڪندا هيا، اُنهن بابت سندن نهيل فنپارن يا مجسمن منجهان فقط ٽامي جي نهيل گهوڙيسوار جو مجسمو ۽ پنج ماربل جا نهيل بُت مليا جن منجهان ٻہ جيکي سپني کان وڌيڪ نمايان هيا اُهي يونان جي مصورن فِدياز ۽ پرئڪسيٽيلز(*) جا ناهيل ٻن گهوڙن جا مجسما هيا. (vii) آگسٽَس ۽ هيڊرئن جا ٻہ مقبرا يا قبرن جا نشان اڃا پوري طرح ختم نہ ٿيا هيا، پر پهرئين ذڪر ٽيل جو نشان متيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويو هو ۽ پوئين، جنهن کي انجلو جو قلعو بہ چيو ويندو هو سو هڪ جديد قلعي جي صورت وٺي چڪو هو. بعد ۾ ڪجهہ تعميراتي ڪم بہ ٿيا هيا جيکي پڻ هاڻي قديم شهر جو حصو ٻڌجي ويا هيا، ۽ اهو بہ ممڪن هو تہ ٻيا تعميراتي ڪم بہ ٿيا هجن جن کي ديوارن جي اردگرد گُولي سگهجي ٿو ۽ اهي ديوارون چوگرد ڏهن

ميلن جي احاطي ۾ آهن جنهن ۾ ٽي سؤ اٺياسي بُرج آهن جيڪي تيرهَن گيٽن ذريعي ملڪ جي مختلف طرفن ڏي کُلن ٿا.

هيءَ ڏکوئيندڙ تصوير، اولهه جي شهنشاهت جي خاتمي کان اٽڪل نوَ سؤ سال پوءِ ۽ انڌي جي گاٽن جي بادشاهت کان ٻه اڳ جي هئي. تڪليفن ۽ لاقانونيت جو هڪ ڏڳهو دؤر هو جنهن ۾ شهنشاهت، فن ۽ نقش و نگار، دولت مطلب ته سڀ ڪجهه ٽائبر نديءَ جي ڪنارن تان لڏ پلاڻ ڪري ٻي هنڌ هليو ويو هو ۽ هاڻي ان شهر کي توڙي شهنشاهت کي اڳئين اوج تي پهچائڻ ناممڪن نظر ٽي آيو، پر جيئن ته جيڪا ٻه شيءِ انسان سان تعلق رکي ٽي ته اُها جيڪڏهن اڳتي نڪي وڌي ته پوءِ پنڌتي ئي وڃي ٽي، ۽ ان مان اها ڳالهه ٻه ثابت ٿئي ٽي ته هر دؤر ۾ قدامت جون نشانيون تيزيءَ سان تباهيءَ طرف گامزن رهيون آهن. زوال جي رفتار کي ماپڻ ۽ هر دؤر ۾ عمارتن جي ڪرڻ ۽ تهذيبن جي برباد ٿيڻ جو جائزو ونڊڻ منهنجي خيال ۾ هڪ اجائي ڪوشش ٿيندي، تنهنڪري آءٌ فقط پنهنجي طرفان ٻه تجزيا پيش ڪندس جيڪي تباهيءَ جي سببن ۽ ان جي اثرن جي خودبخود جاچ پڙتال ڪري ان جا نتيجا پيش ڪندا. (1) پوگيَس جي وضاحت واري شڪايت کان ٻه سؤ سال اڳ، هڪ نامعلوم ليکڪ روم بابت پنهنجو تفصيلي جائزو پيش ڪيو هو(6). سندس لاعلمي جي ڪري ممڪن آهي هن ساڳين شين کي مختلف ۽ وڏن نالن ذريعي ورجايو هجي. پر واقعاتي صورتحال جو جائزو ونندڙ هن برير کي اڪيون ٻه هيون ته ڪنَ ٻه هيا جيڪو ڪجهه بچيو هو ته هُو ان کي غور سان ڏسي رهيو هو، هن ماڻهن جي واتان رسمن رواجن جو جائزو پئي ورتو ۽ مختلف ڳالهين کي تڪيو ۽ توريو ٽي، نيٺ هن ڇٽي ڇڪ ڪري ٻڌايو ته ست ٿيٽر، يارهن غسلخانا، ٻارهن محراب، ۽ ارڙهن محلات هيا جن مان ڪيترائي پوگيَس جي وقت کان اڳ غائب ٿي چڪا هيا. ان مان اهو ٻه ظاهر ٿيو ته ڪيترائي قديمي شاندار عمارتي يادگار ايجا ٻه موجود هيا(7) ۽ تيرهين ۽ چوڏهين صدي عيسوي ۾ تباهيءَ جا اصول طاقت ۽ تيزيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندا رهيا. (2) ساڳيا اصول پويَن ٽن دؤرن(*) سان لاڳو ڪري سگهجن ٿا ۽ اهو فضول ٿيندو ته اسان سيورَس(8) جي محلات جي ويهي تعريف ڪريون جنهن جي لاءِ پيٽرارچ توڙي سورهين صدي جا قدامت پرست اسان کي اڳيئي گهٽو ڪجهه ٻڌائي چڪا آهن. هڪ طرف روم جون عمارتون ايجا سلامت بينيون هيون پر اُنهن کي ڍاهڻ جا پهريان زوردار ۽ تيز ڏڪَ عمارتن سَنَا پئي ۽ جن پنهنجي مضبوطيءَ جي خود شاهدي پيش ٽي ڪئي، پر محرابن جو اهو حال هو جو رڳو ڇُهڻ سان اُهي پورا پورا ٽي هيڻ ٽي ڪِريا.

وڏي ڪوجنا ڪرڻ کان پوءِ آءٌ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته روم جي تباهيءَ جا مون کي چار مکيه سبب نظر ٿا اچن، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ ايندڙ هڪ هزار سالن تائين ڪارفرما رهيا (i) وقت ۽ فطرت طرفان مليل زخم (ii) بربرن ۽ عيسائين طرفان حملا، (iii) ذريعن جو صحيح ۽ غلط استعمال، ۽ (iv) رومين جا اندروني جهيڑا جهڳڑا. (1) انساني ذهن ۽ سندن فن هن وقت تائين عاليشان عمارتون ۽ منارا تعمير ڪيا آهن جيڪي خود اسان جي ڄمار کان وڌيڪ بقادار آهن، پر مضبوطيءَ جي باوجود ٻه اُهي انسان وانگر فنا ٿيڻا آهن ڇو ته پائداري جي هوندي ٻه ڪمزور ٽي ويا آهن. اهڙيءَ طرح وقت جي وهڪري ۾ انساني زندگي توڙي سندس ڪم ۽ ڪارناما تيزيءَ سان لڙهي ٿا وڃن. هڪ عام ۽ مضبوط عمارت لاءِ اهو چوڻ ڏکيو ٿيندو ته اُها ڪيتري جٽادار هوندي، قديمي دؤر جي عجائباتن ۾، مصر جا اهرام(9) (Pyramids) قديمين لاءِ وڏي ڪشش جو باعث هيا، سؤ نسلن کان ونيِ سَرءُ جا پَن(10) قبرن ۾

چڻندا رهيا آهن ۽ فرعونن، بطليموسن، قيصرن ۽ خليفن جي زوال کان پوءِ پي ساڳيا اهرام اڄا اُپا بينا آهن ۽ نيل نديءَ جي ٻوڏن جي باوجود به انهن جي مضبوطي قائم آهي. هڪ اهڙي عمارت يا ڪابه شيءِ جنهن جا گهٽا حصا هجن ۽ جنهن ۾ مختلف پرزا لڳا هجن ته ان جو نقصان يا زوال جلد اچي وڃي ٿو ۽ وقت جيڪو خاموشيءَ سان گذري ٿو، ان جي رفتار کي هوائون ۽ طوفان تيز ڪري تا ڇڏين، پي طرف زلزلا، ٻاهيون ۽ ٻوڏون به وقت جي رفتار کي تيز ٿيون ڪن. هوائون لرزن ٿيون ۽ زمين ڏڏي ٿي ۽ روم جا اوچا منارا پنهنجن بنيادن کان به لُڏي چڪا آهن پر سَت ٽڪريون اُڏري زمين جي گولي جي خالن ۾ نٽيون وڃي پَون ۽ نه وري شهر، قدرتي ۽ فطري ردوبدل کان گهٽو متاثر ٿيو آهي، جڏهن ته انتاڪيا، لِسبن يا ليما(‡) جي آبهوا صدين جي جاين جڳهن کي اکوڙي زمين ۾ پوري ٿي ڇڏي. ٻاهه زندگي ڏينڈ ۾ آهي ته ونندڙ پڻ، ٻاهه جي ٿورڙي شرارت ۽ انساني غفلت گڏجي وڏن هاجن جي صورت وني سگهن ٿيون ۽ روم جي تاريخ جي هر دؤر ۾ انسانن کي اهڙين تڪليفن ۽ مصيبتن مان گذرڻو پيو آهي. هڪ يادگار وڏي ٻاهه جنهن کي پنيٽ يا آڙاهه چئجي ٿو، جيڪا نيرو جي حڪمراني ۾ سندس غلطي يا سندس بدقسمتيءَ سبب لڳي هئي ڇهن يا نَون ڏينهن تائين پڙڪيل رهي هئي(11). بيشمار عمارتون، جيڪي هڪ ٻئي جي ويجهيون ۽ پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڳُٽيل هيون سڙي رکَ ٿي ويون ۽ اُنهن جي شعلن وڏيڪ ٻاهه تي جڻ پيٽرول جو ڪم ٿي ڏنو ۽ جڏهن ٻاهه بند ٿي ته چوڏهن طبقن مان فقط چار سلامت بچيا هيا، ٿي مڪمل تباهه ٿي چڪا هيا ۽ ستن طبقن کي ايترو نقصان پهتو هو جو اُهي سڃاڻڻ جي قابل نه رهيا هيا ۽ جايون جڳهيون دونهاٽيل، سڙيل ۽ زخميل ٿي لڳيون(12) سڃي شهنشاهت، ٿيل نقصان جي ازالي ڪرڻ ۾ مصروف ٿي وئي، ۽ شهر، رَک جي ڍيرن مان ٻيهر جاڳي اٿيو، وري نيون عمارتون نئين خوبصورتيءَ سان تعمير ٿي ويون، تنهن هوندي به جيترو نقصان ٿيو هو، ان جي تلافي پوريءَ طرح نه ٿي سگهي ۽ يونان جا بيمثال فنپارا، سوين ۾ حاصل ڪيل ٽرافيون ۽ قدامت جا عظيم منارا ٻيهر واپس نه ٿي سگهيا. تڪليفن ۽ لاقانونيت جي ڏينهن ۾ هر زخم موتمار ٿئي ٿو، هر زوال، خوشحاليءَ جي صورت نٽو وني ۽ ايڏي وڏي نقصان جو ازالو ڪرڻ نه حڪومت جي وَس ۾ هوندو آهي نه وري خانگي ادارا گڏجي سڏجي به منهن ڏئي سگهندا آهن، تنهن هوندي به ۽ سبب اهڙا آهن جيڪي ٻاهه جي روپ ۾ هڪ وسندڙ شهر لاءِ تباهي ۽ بربادي جو سبب بڻجي سگهن ٿا. (1) اهڙو مواد يا شيون جن کي ٻاهه جلد وکوڙي ٿي وڃي جيئن سِرون، ڪاٺ، ۽ ڏاتون وغيره پهريون رڃي وڃن ٿيون ۽ پوءِ سڙي رکَ ٿيون ٿين، ۽ شعلا خالي ديوارن کي نقصان نٽا پهچائن، پر محراب جن ۾ سڙڻ وارو مواد موجود هجي ٿو ته ٻاهه انهن کي ونڻ ۾ دير نٽي ڪري ۽ سڀ ڪجهه سڙي رکَ ٿي وڃي ٿو. (2) عام ماڻهن جي رهائشگاهن ۾ ٻاهه جي نندڙي چُوڇڙي به هڪ پيڙ کي پڙڪائي ڇڏي ٿي پر جيئن ئي ننڍا گهر يا جهوپڙيون خاڪ ٿين ٿيون ته ڏسبو ته وڏين يا پڪين عمارتن کي ڪو گهٽو نقصان نه پهتو هوندو ۽ اهي ٻاهه وسامڻ کان پوءِ به صحيح سلامت نظر ايندين. پر روم جي صورتحال اهڙي آهي جو اُتي اڪثر ڪري ٻوڏن جو خطرو رهندو آهي. ٽائبر ندي کانسواءِ ٻين نديون جيڪي گهٽو ڪري اپينن کان هيٺ لهن ٿيون اُنهن جو وهڪرو ڪجهه غير معمولي طرح تيز هوندو آهي، اونهاري جي گرمين ۾ نديون ننڍيون ۽ پاڻي گهٽو هوندو آهي، وهڪرا انڪري تيز ٿي ويندا آهن جو ٻهار يا سياري جي موسم ۾ گهٽي برسات پوندي آهي، ٻيو ڄميل برف رڃڻ شروع ڪندي آهي، جڏهن پاڻيءَ جي وهڪرن کي تيز هوائون پنڻتي ڏکيندين آهن ۽ جڏهن ندين جو پيٽ سوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ پاڻيءَ جو ڏاڪ ندين جي برداشت کان

گھٽو هوندو آهي ته پوءِ اُنهن جو پاڻي ڪنارن کان اُتلي پوندو آهي ۽ هر طرف ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏيندو آهي، ايتري قدر جو پرپاسي وارا ملڪ به ان ٻوڏ کان بچي نه سگھندا آهن، پهرين پيونڪ جنگ جي فتح کان هڪدم پوءِ، تمام گھڻين برساتن جي ڪري ٽائبر جو پاڻي تار ٿي ڪنارن تائين پهچي ويو ۽ ايتري ته وڏي ٻوڏ آئي جنهن ان وقت ۽ ان هنڌ جا اڳيان پويان سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ۽ سيئي عمارتون ڊهي تباهه ٿي ويون جيڪي روم جي ٽڪرين کان هيٺ هيون. زمين جي هيٺ مٿي سطح جي ڪري اڄا وڌيڪ تباهي آئي، ڪجهه عمارتون ته بنهه ڊهي ۽ پاڻيءَ جي وهڪري سان گڏ لُڙهي ويون(13)، آگسٽس جي دؤر ۾ به ساڳي مصيبت آئي هئي، ندي پاڻيءَ ۾ تار ٿي ضابطي کان ٻاهر نڪري وئي جنهن ۾ وڏا محلات ۽ مندر به پاڙئون پٽجي لڙهي ويا هيا(14)، ان کان پوءِ شهنشاهه وڏي محنت ۽ همت ڪندي ندي‌ءَ جي پيٽ کي صاف ڪرائي ان کي ڪشادو ڪرايو پوءِ ته ان جي سوڙهي ۽ تراکڙي هجڻ سبب ئي تباهي آئي هئي،(15) شهنشاهه کان پوءِ سندس جانشين پڻ ساڳيون ڪوششون ڪندا رهيا ته جيئن ٻوڏن جي خطري کي گھٽائي سگھجي. هڪ اهو منصوبو به رٿيو ويو ته ٽائبر ۽ ٻين ندين ندين جي وهڪرن جي رُخ کي مٽائي ٻي طرف ڪيو وڃي پر ان تجويز جي مخالفت ڪئي وئي پوءِ ته ان ۾ ڪجهه وهم وسوسن ۽ ٻين ڳالهين جو عمل دخل هو ۽ مقامي ماڻهن جون وري پنهنجون دلچسپيون هيون(16)، ٻيو ته اهو به امڪان گھٽ هو ته ايڏي وڏي ۽ اينگھائيندڙ محنت جو نتيجو به اُميدن موجب نڪري، ندين انسان جي وڏي خدمت ڪن ٿيون ۽ فطرت جي اهڙين ڇڙواڳين تي فتح حاصل ڪرڻ انسان جو وڏو ڪارنامو آهي(17)، پر جيڪڏهن هڪ مضبوط ۽ مستحڪم حڪومت به ٽائبر جي بگڙڻ ۽ ان جي جوش ۾ اچڻ کان پوءِ ان تي ضابطو قائم نٿي ڪري سگھي ته پوءِ اولهه جي شهنشاهت جي خاتمي کان پوءِ شهر کي پهچايل نقصانن جي تلافي يا ان کي رسيل زخمن جو علاج ڪير ڪندو؟ نيٺ ان برائيءَ مان ئي ڪنهن ڇڳائيءَ جي اُميد نڪري آئي، جيڪو گند ڪچرو يا زمين ٽڪرين مان لُڙهي وئي هئي، اُها هڪ هنڌ تي جمع ٿي وئي جنهن روم جي ميدانن جي سطح کي چوڌهن کان پندرهن فوٽن تائين مٿي ڪري ڇڏيو، شايد ان سطح تي جيڪا روم جي اوائلي دؤر ۾ هئي(18)، ۽ هاڻي شهر، جنهن کي جديد طريقي سان ناهيو ويو آهي، ندي‌ءَ جي حملن کان گھڻي حد تائين محفوظ ٿي ويو آهي(19). II هر قوم جي بيشمار ليڪڪن، جيڪي روم جي تباهيءَ جي تهمت گاڏڻ ۽ عيسائين تي مڙهين ٿا، ان ڳالهه جي ڇنڊڇاڻ نه ڪئي آهي ته اهي پاڻ دشمني جي جذبن سان ڪيترا پريل هيا ۽ اُنهن وٽ ڪيتري فرصت ۽ ذريعا هيا ته پنهنجي دشمنيءَ کان پوريءَ طرح مطمئن ٿين. هن تاريخ جي پوين صفحن ۾ مون 'بربريت ۽ مذهب' جي فتح بابت لکيو آهي ۽ آڳ هاڻي ٽورڙن لفظن ۾ وري ان موضوع تي ايندس ۽ اوهان کي ٻڌائيندس ته انهن ٻنهي قوتن جو قديم روم جي تباهيءَ سان ڪيڏو نه گھرو تعلق هيو. اسان پنهنجي تصور ۾ خوش ڪندڙ پيار پريا لفظ جوڙي سگھون ٿا ۽ اهو چئي سگھون ٿا ته گاڏن ۽ وئندلن اسڪئنڊينيويا مان ڪاهون ڪيون هيون ته جيئن اوڊن(20) جي پڄي وڃڻ جو بدلو وٺن، زنجيرن کي ٽوڙن ۽ انسانذات کي تڪليفون پهچائيندڙن کي سزائون ڏئي سگھن، ته اُنهن شاهڪار علم ۽ ادب جو رڪارڊ ساڙڻ ٽي چاهيو ۽ ٽسڪن ۽ ڪورنٽ جي پاچوڪڙ ميمبرن ذريعي قومي عمارتسازي جي فنَ جو بنياد رکڻ ٽي چاهيائون. پر، سچ ته اهو آهي ته اُتر جا فاتح نه ته ايترا وحشي ۽ نه وري ايترا مهذب هيا جو سندن ذهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ تباهي يا بدلي وٺڻ جو ڪڏهن ڪو خيال به اچي ها. جرمني ۽ سيٿيا جا ريڊار ٻڪرار، پنهنجن شهنشاهتن جي فوجي سِڪيا ورتل هيا، جن جي نظم ۽ ضبط کي هنن اختيار

ڪيو هو پر سندن ڪمزوريءَ سبب متن حملو ڪندا هيا ۽ لاطيني زبان ۾ ڳالهائيندا هيا، اُنهن کي اها به خبر هئي ته روم جو نالو توڙي لقب وڏي احترام وارو هو ۽ هو پڻ ان جي پابندي ڪندا هيا، توڙي جو هو نقل ڪرڻ جي لائق نه هيا پر جاڻ جي روشنيءَ جو قدر ڪندا هيا ۽ ان دؤر جي فنپارن توڙي علم ادب جي تعريف ڪندا هيا. هڪ اهڙي گاديءَ جي هنڌ، جتي ڪا مخالفت هئي ئي ڪانه، اَلارڪ ۽ جينسيرڪ جا سپاهي فاتح فوج جي جذبن کان گهٽو متاثر ٿيا هيا جيڪي ظلم ۽ شهوانيت کانسواءِ ڪجهه به نه هيا، ڪين فقط دولت جي ڳولا هئي، ۽ نه وري اجاين ۽ فضول خيالن تي فخر يا خوشي حاصل ڪري ٿي سگهيا ته اُنهن سفيرن يا قيصرن (سيزرس) جي محلاتن يا فن جي ڪمن کي ڪيرائي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو هو. سندن چوپر يقيني طور تي ڪارائتي هئي، ڪاٽن ڇهين تاريخ(21) جڏهن ته وئندلن پندرهين تاريخ(22) تي روم کي خالي ڪيو ۽ توڙي جو ڏهڻ جي مقابلي ۾ ناهڻ گهٽو ڏکيو آهي، جيڪڏهن اُهي اُبهرائيءَ ۾ ڪو حملو ڪري چڏن ها ته قدامت جي عظمت تي ان جو ڪو خاص اثر نه پوي ها. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اَلارڪ ۽ جينسيرڪ ٻنهي تاثر اهو ڏنو هو ته هو شهر جي عمارتن کي ڪو نقصان نه پهچائيندا ۽ اهي پنهنجي طاقت ۽ سُونهن کي، ٽوڊورڪ(23) جي پاڻ پري حڪومت جي مرضي مطابق استعمال ڪندا ۽ ٽوٽيلا(24) جي عارضي ناراضگي کي سندس پنهنجي طبيعت ۽ سندس دوستن توڙي دشمنن جي صلاح سان ختم ڪيو ويو هو. هاڻي ملامت جو سڄو الزام معصوم بربرن کان روم جي ڪئٿولڪن ڏانهن منتقل ٿي ويو. عاليشان مجسما، قربانگاهون، ۽ بدروحن جا گهر سندن نظرن ۾ هيا، ۽ شهر تي مڪمل قبضو جمائڻ لاءِ، سندن خواهش هئي ۽ هن سلسلي ۾ هنن وڏي جوش ۽ محنت سان ڪم ٿي ڪيو ته جيئن پنهنجن ابن ڏاڏن جي وقتن جي بت پرستيءَ جي آثارن کي بلڪل مٽائي چڏجي. اوپر جي مندرن(25) کي ڍاهڻ، سندن نظرن ۾ اڻٿي وڏڻ جو رويو هو ۽ اسان جي نظر ۾ سندن عقيدو هو، ۽ اهو به ممڪن آهي ته روم جي نوَن مذهب مٽائيندڙن طرفان به اهڙن ڪمن ۾ سندن شرڪت سبب، اهو الزام اُنهن تي به آيو هجي، تنهن هوندي به اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪين نفرت رکو ڪافراڻين ڳالهين ۽ ساڻي طرز جي وهس وسوسن کان هئي ۽ جيڪي شهري عمارتون هيون ۽ جتي عام ماڻهن جو وڃج واپار يا وِندر ورونهن ٿيندي هئي ته اُنهن تي نه ته ڪو الزام هو ۽ نه اُنهن کي ڪو نقصان پهچايو ويو هو. مذهب جي تبديلي، اوچتو نه ٿي هئي پر اُنهيءَ ۾ شهنشاهه جا فرمان، سينيٽ جا حڪم ناما ۽ وقت جون ضرورتون ڪار فرما هيون. عيسائي رتبن يا مرتبن ۾، روم جا وڏا پادري وڏا دوراندیش هوندا هيا ۽ ڪاوڙ يا غصي جو ذرو به منجهن موجود نه هوندو هو، نه وري ڪنهن الزام جي هو تردید ڪندا هيا، جڏهن پئنٽين(26) (سيني ديوتائن جو گهر) جي شاندار تعمير کي تبديل ڪرڻ يا ان کي بچائڻ جو سوال ايندو هو ته هو ان جي حمايت ڪندا هيا.

III ڪنهن به شي جو مُلهه، جيڪا انسان ذات جي گهُرجن يا خوشين جو پورائو ڪري ٿي، ته پهريون ته ان جو جوهر ڏسجي ٿو ۽ پوءِ ان جي ظاهري شڪل تي غور ٿو ڪجي، مادو ڪهڙو آهي ۽ اُهو ڪيئن ٺهيو آهي، ان جي قيمت جو دارومدار ان ڳالهه تي هوندو آهي ته اُها شيءِ ڪيترن ماڻهن کي گهربل آهي ۽ ماركيٽ ۾ ان جو مُلهه ڪيترو آهي يا وري ان جي برآمد جو وهنوار ڪيئن ۽ ڪيترو آهي، جنس ڪيتري سستي آهي، ان جو مقامي ملهه ڪيترو آهي ۽ دنيا ۾ ڪٿي ٻي هنڌ به ان جي طلب آهي وغيره. روم جا بربر فاتح، ماڻهن جي جُڳن جي محنت ۽ پورهيي جي ڪمائيءَ کي گهڙي پَل ۾ قري تاراج ڪري چڏيندا هيا، پر سواءِ ڪجهه عيش عشرت ۽ ضروري استعمال جي شين جي هو اهو ضرور

ڏسندا هيا تہ جيڪو سامان کٹڻ جھڙو نہ هوندو هو تہ ان کي هٹ ٻہ نہ لائيندا هيا ڇو تہ گاڏين ۾ ۽ نہ وئڊلن(27) جي جھازن ۾ ان سامان کي ڊوئي سگھبو هو، تنھنڪري سندن پھرين ڪشش سون ۽ چاندي هئي، جيئن هر ملڪ جي ٻہ ساڳي ڪمزوري هوندي آهي، نہ رڳو هر ملڪ پر سڄي دنيا ۾ سون ۽ چاندي ئي انسان جو ورثو ۽ ملڪيت رهندي آئي آهي، هڪ گلدان يا ڪو مجسمو جيڪو اهڙين قيمتي ڌاتن مان نہ ٺهي تو، شايد ڪنھن بربر سردار کي تہ ھِرڪائي تو ڇڏي، باقي عام ماڻھو جن جو تعداد گھٹو آهي تہ اُهي ان جي ظاهري شڪل تي موهجي پون ٿا ۽ اهو ٻہ ممڪن آهي تہ انھن کي رجائي ٽڪرا ٽڪرا ڪري، اُنھن تي مُهرون هڻي اُنھن مان شهنشاهت جو سِڪو ناهي ڇڏن. اُهي ڦوڙو جيڪي ان ڏنڊي ۾ گھٹ هوشيار رهيا آهن، تہ اُنھن جو گذارو پتل، شيهي، لوھ، تامي يا هر اُهو ڪجھ جيڪو گاڏن ۽ وئنڊلن کان تاراج ڪرڻ کان رهجي ويو، تہ اُهو يونان جي ظالمن، ماڻھن کان ڦري ورتو، ۽ شهنشاهہ ڪانسٹنس(*) لالچ واري هڪ دؤري تي نڪتو ۽ پٹنٽين(28) ۾ لڳل پتل ۽ ڦلعي گاڏڙ ڌاتوءَ جو ٽائلون ڪيرائي پنھنجي محل ۾ ڪٹي ويو. روم جون عمارتون گھٹو ڪري ڪاٹين مان نڪتل مواد مان ٺهيل آهن، مواد ڪيڏو جون پھريون ڪوششون اڳ ۾ ئي بيان ڪيل آهن، ڌاتن کي ڪڍي صاف ڪيو ويو ۽ اُنھن کي باهہ جي تؤ تي پنھنجن گھُرجن موجب ناهيو ويو، ماربل جي پٹرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُنھن کي پالش ڪيو ويو ۽ جڏهن باهرين ۽ مقامي ڦرلٽ پوري ٿي تہ جيڪو ڪجھ شهر ۾ باقي بچي ويو هو اُهو ٻہ پٹسن تي وڪامي رهيو هو. قدامت جي منارن ۽ عاليشان عمارتن کي سندن گھَہ زيوَر لهرائي، اُگھاڙو ڪيو ويو هيو، پر افسوس اهو تہ رومي خود پنھنجن عظيم الشان محرابن ۽ ديوارن کي انڪري ڊاهي رهيا هيا ڇو تہ نايابشين کي برآمد ڪري کين ذاتي فائدا حاصل ٿي رهيا هيا، جيڪڏهن چارليمئگني اولهہ جي شهنشاهت جي گاديءَ جو هنڌ اٽلي ۾ قائم ڪيو هو، تہ سندس ذهن ۽ ضمير جي اها خواهش هجي ها تہ سيزرس جي فنپارن ۽ قدامت جي عظمتن جي بيحرمتي ٿيڻ نہ ڏئي ها بلڪ اُنھن جي وقار کي واپس ورائڻ جي ڪوشش ڪري ها، پر فرانس جي هن حاڪم کي ڪن سببن جي ڪري جرمني جي جھنگلن متوجھ ڪيو ۽ سندس طبيعت جو رجحان ٻہ برابدين طرف زياده هيو ۽ نئين محل 'ائڪس لاچئپل' کي روينا(29) ۽ روم جي قيمتي پٹرن سان سجايو ويو(30) چارليمئگني کان پنج سؤ سال پوءِ، سِسلي جي هڪ بادشاهہ رابرٽ کي(†)، جيڪو پنھنجي دؤر ۾ بيحد ڏاهو ۽ سخي حاڪم مجيو ويندو هو. ساڳيا تحفا، تابر ۽ سمنڊ جي جهازراني ذريعي موڪليا ويا هيا، پيٹرارچ (‡) ٿڏو ساهہ پريندي ۽ ڏکوئيندڙ لهجي ۾ شڪايت ڪئي تہ ڇا وقت اچي ويو آهي جو دنيا جي قديم ترين گاديءَ جي هنڌ مان قيمتي تحفا، نئپلس(31) جي عياشيءَ لاءِ موڪليا پيا وڃن، پر ڦرلٽ يا هن قسم جي خريداري تڏهن گھٹ هئي جڏهن ۽ جنھن کي اونداهو دؤر ڪوٺجي ٿو ۽ رومي تڏهن پنھنجي مرضيءَ جا مختيار هوندا هيا ۽ سندن الڳ حيثيت کي ڪوبہ للڪاريندڙ ڪونہ هو ۽ جي هو چاهن ها تہ قدامت جي بچيل نشانين کي عوامي توڙي ذاتي استعمال لاءِ ڪتب آڻي سگھن ها، جيڪڏهن اُهي موجوده شڪل ۾ شهر يا شهنشاهت جي استعمال ڪرڻ جهڙا هجن ها. ديوارن جو دائرو ذري گھٹ ساڳيو هو باقي شهر ستن ٽڪرين مان گھٹجي هڪ ڪٹيس جي صورت وٺي چڪو هو ۽ ڪجھ ڪمال جا ۽ خوبصورت منارا، جيڪي گذريل وقت جي تيز طوفانن جو مقابلو ڪري ايا تائين سلامت هيا، پر افسوس جو اُهي هاڻي شهر نہ پر برپٹ ۾ بينا هيا ۽ انسانن جي آبادي ڪان پري رهجي ويا هيا. سينيٹرن جا محل، انھن جي جانشينن جي مزاج يا حيثيت موجب تعمير ٿيل نہ هيا، غلسخانن(32) توڙي چبرانن جي استعمال کي

چهين صديءَ ۾ ترڪ ڪيو ويو هو، ٿيٽر، نمائشگاهه يا سرڪس جي راندين کي يا ته ختم ڪيو ويو هو يا اُنهن ۾ ڪو وڏو وقفو اچي ويو هو، ڪجهه مندر اهڙا ضرور هيا جيڪي عبادت لاءِ وقف ڪيل هيا، ۽ عيسائي ڪليسائن ۾ صليب جو نشان ضرور هوندو هو، ۽ ان وقت جي دستور يا رواج موجب خانقاهن جي رهڻ جي جاين يا سندن آفيسن جو هڪ خاص ماڊل هوندو هو جنهن سان انهن کي سجاڻي سگهبو هو. عيسائين جي حڪومت ۾، مذهبي يا ويراڳي ٽولن جو انگ تمام گهڻو ٿي ويوهو ۽ شهر ۾ مردن جون چاليهه خانقاهون، عورتن جون ويهه ۽ پادرين جا درسگاهه(33) سڀ جي لڳ ڀڳ موجود هيا، جن ڏهين صدي عيسوي ۾ آدمشماري کي گهٽائڻ جي بجاءِ ويتر ان کي وڌائي مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا هيا. پر جيڪڏهن قديم طرز جي عمارتسازي کي اهڙن ماڻهن ختم ڪري ڇڏيو هو جن کي اهڙين عاليشان عمارتن ۽ منارن جي سُونهن جي سُڌ ئي ڪانه هئي، پر تڏهن به هنن پنهنجي سمجهه ۽ سُرت آهر پنهنجي ضرورت ۽ وهمن وسوسن وارين عمارتن لاءِ گهربل مواد مهيا ڪري ڇڏيو هو، پر جيستائين آيونيا ۽ ڪورنٿ جو وارو اچي تيستائين پاروس ۽ نيوميبيا جي مواد کي ڪجهه گهٽ درجو ڏئي انهيءَ مان مڙهيون، خانقاهون يا گهوڙن جا استبل اڏيا ويا هيا، ترڪن طرفان يونان ۽ ايشيا جي شهرن ۾ جيڪا تباهي روزانو آندي پئي وئي، ان صورتحال کي غمگين ۽ دلگير بٽائي ڇڏيو هو ۽ روم جا يادگار به وقت سان گڏ انهن تباهه ٿي ڪيا. سڪسٽس پنجون(*) فقط هڪڙوئي اهڙو هو جنهن محلات جي لائق نفيس پٿر يا ماربل سينٽ پيٽر(34) جي شاندار عمارت ۾ لڳرايا. عمارتسازيءَ ۾ تباهه ڪارين مان به ڪٿي ڪو ٽڪرو نئين جوڙجڪ ۾ بي مواد سان گڏ لڳي ٿي ويو ته ان تي خوشي ۽ ڏک جا ملهيل تاثرات سندن چهرن مان ظاهر ٿيا ٿي، پر ماربل جي گهٽي حصي کي اصل جوهر کان محروم ڪيو ويو هو ۽ ان جو مقدار به گهٽ استعمال ٿيل هو، چو ته ان کي گهٽو ڪري ساڙي چوني سان ملايو ٿي ويو ته سيمٽ جو ڪم ڏئي سگهي. جڏهن پوگيَس هتي آيو هو ته ڪنڪارڊ(35) جو مندر ۽ بيون ڪيتريون ئي شاهڪار عمارتون نظرن کان اوجهل ٿي چڪيون هيون ۽ ان دؤر جي هڪ چوٽي هڪ جائز خوف کي ظاهر ٿي ڪري ته عمارتسازي جي هن عمل کي جيڪڏهن جاري رکيو ويو ته قدامت جا سڀ منارا ۽ يادگار تباهه ۽ برباد ٿي ويندا(36). جيئن ته هو تعداد ۾ ٿورا هيا ته رومين جي گهُرجن يا سندن قُرمار تي ڪڙي نظر رکڻ ۾ ڪين آڻت ايندو هو. پيٽرارچ پنهنجي تصور ۾، ايندڙ قومن ۾ بيشمار ماڻهن جي پيشنگوئي ڪري ڇڏي هئي(37). ۽ مون کي اعتبار ڪندي هڪ ٿي ٿئي ته چوڏهين صدي عيسوي ۾ پي سندن انگ گهٽجي فقط ٽيٽيهه هزار ماڻهو وڃي رهيا هيا. ان وقت کان وٺي ليئو ڏهين(†) جي حڪومت تائين، جيڪڏهن اهو انگ وڌيو به هوندو ته فقط پنجاسي هزار ماڻهن تائين پهتو هوندو(38)، بهرحال شهرين جي واڌ، قديم شهر لاءِ، ڪنهن حد تائين هاڃيڪار هئي. مون تباهيءَ جي ڪارڻن ۾ سيني کان اهم ۽ زوردار سبب آخر ۾ بيان ڪيو آهي، يعني رومين جي وچ ۾ پنهنجا اندروني اختلاف ۽ دشمنيون جيڪي روم جي تباهيءَ جو وڏي ۾ وڏو سبب هيون. يونان ۽ فرانس جي شهنشاهن جي حڪومتن ۾، شهر جي ترقي جي رفتار ڪيترين بغاوتن سبب، ذري گهٽ رڪجي وئي هئي، ڏهين صدي عيسوي جي شروعات ۾ فرانس جي زوال شروع ٿيڻ سان، روم ۾ خانگي جنگيون شروع ٿي ويون هيون، جنهن سبب نه ماڻهن کي روم جي قانون جي پرواهه هئي ۽ نه انجيل جي ضابطن ۽ اصولن کي ٿي مڃيائون، نه وٽن شهنشاهه جي لاءِ احترام رهيو هو ۽ نه حضرت عيسيٰ[۴] جي نمائندن جي عزت ٿي ڪيائون، پنج سؤ سالن جي اونداهي دؤر ۾ روم ۾ لڳاتار خوني تڪرار رهيا جن ۾ شهر جا معتبر ۽ امير توڙي عام ماڻهو ملوث

هيا، گيلف ۽ گبلئس، ڪولونا ۽ اُرسيني قومن جا ماڻهو سدائين پاڻ ۾ پيا وڙهندا هيا ۽ جيڪڏهن ڪيتريون ڳالهيون هن وقت ذهن ۾ نہ آهن ۽ تاريخ جون ٻيون ڪيتريون ئي ڳالهيون اهڙيون به آهن جيڪي ٻڌائڻ جهڙيون نہ آهن، بهرحال مون تڏهن به پوين ٻن بابن ۾ ماڻهن جي شڪايتن ۽ لاقانونيت جي سببن ۽ اثرن کي بيان ڪيو آهي. اهڙي وقت ۾ جڏهن هر جهيڙي جهڳڙي جو فيصلو ترار جي زور تي ٿيندو هو ۽ قانون جي مڪمل ناڪاميءَ جي صورتحال ۾ ماڻهن جو حياتيون توڙي ملڪيتون داؤ تي لڳل هونديون هيون تہ جيڪي طاقتور ۽ ڏاڍا مڙس هيا اُنهن کي هٿيار ڏنا ويا هيا تہ پنهنجي حفاظت به ڪن ۽ اُهي هٿيار پلي پنهنجن مقامي يا ذاتي دشمنن خلاف استعمال ڪن جن کان يا تہ هو ڊجندا هيا يا اُنهن کان نفرت ڪندا هيا. فقط وينس کي ڇڏي، اهڙا خوف خطرا اٽلي جي هر ننڍي وڏي جمهوريہ ۾ موجود هيا ۽ جيڪي امير يا نواب هيا اهي ڪمزور ماڻهن جي حقن تي ڏاڙو هڻي، اُنهن کان ڦرلٽ ڪري پنهنجن گهرن ۾ وڃي مضبوط(39) قلعا ناهيندا هيا تہ جيئن اندروني دشمنن جي اوچتن حملن کان محفوظ رهن. هر شهر ۾ اهڙيون قلعي نما پر دشمني تي مبني عمارتون تعمير ڪيون ويون هيون، هن سلسلي ۾ لَڪا شهر جو مثال ڏئي سگهجي ٿو جنهن ۾ ٽي سؤ قلعي نما منارا هيا، هن شهر جي قانون موجب منارن جي وڌ ۾ وڌ اوچائي چار ويهون فوٽ (يعني اسي فوٽ) کان مٿي نہ رکڻي هئي، پر ڪن شاهوڪار شهرن ۽ وڏي آدمشماري وارين رياستن جي لاءِ خاص اجازت ڏني وئي هئي تہ اُهي اُنهن جي اوچائيءَ کي مقرر ٿيل حد کان مٿي به ناهي سگهن ٿا. سينيٽر برئنڪئلون(*)، امن امان ۽ انصاف کي قائم رکڻ لاءِ جيڪو پهريون قدم کنيو تہ هن (جيئن اسان اڳ ۾ به ٻڌايو آهي(†) روم جا هڪ سؤ چاليهه قلعي- نما منارا هڪدم ڊهرائي پٽ ڪرائي ڇڏيا، ۽ افراتفري ۽ لاقانونيت جي آخري ڏينهن ۾ جڏهن مارٽن(‡) پنجين جي حڪومت هئي، تڏهن چوئيتاليهه اهڙا منارا شهر جي تيرهن ڪان چوڏهن حصن ۾ اڃا به بينا هيا. شرارت جي مقصد پوري ڪرڻ لاءِ، قدامت جي يادگارن ۾ ڪجهه اهڙيون ترميمون ڪيون ويون تہ جيئن اُهي اُنهن منارن سان مشابهت رکندڙ هجن: مندر ۽ محراب مضبوط سِرن ۽ پٽرن مان تعمير ڪيا ويا ۽ اُنهن مان ڪي تہ تعريف جي قابل هيا جن مان ڪن جا نالا به ڪٽي سگهجن ٿا ۽ اُنهن کي جوليَس سيزر، ٽائٽس ۽ اٽنٽوننز(40) جي فتح جي منارن جي طرز تي تعمير ڪيو ويو هيو. ٽورڙي ردوبدل ذريعي، هڪ ٽيٽر، هڪ نمائش گاهه ۽ هڪ مقبري کي به مضبوط ۽ ڪشادن قلعن ۾ تبديل ڪيو ويو هو. مون کي اها ڳالهه ورجائڻ جي ضرورت ناهي تہ هئبرئن جي بندرگاهه کي پڻ سينٽ اٽنجيلو(41) جي قلعي جو نالو ڏنو ويو هو ۽ سيورَس جو محل به ايترو تہ مضبوط هو جو اُهو شاهي فوج جي حملي کي آساني سان برداشت ڪري ٿي سگهيو(42)، ميٽيلا جو مقبرو تہ مٿس ڪيل ڪمن(43) جي بار هيٺ دٻجي ويو آهي، پامپي ۽ مارسيلَس جا ٽيٽر سويلي(44) ۽ اُرسيني خاندان جي قبضي هيٺ اچي ويا آهن، ۽ هڪ اڻ گهڙيل قلعي کي ڪيس وقت سر مرمت ڪري، سجائي ۽ ان کي شاندار ٻڌائي اٽلي جي محلات جي زينت بنايو ويو آهي. حد اها آهي جو ڪليسائن کي به هٿيارن ۽ قلعن سان سجايو ويو آهي ۽ فوجي انجنيرن، جيڪي سينٽ پيٽر جي ڪليسا جي ڇت تي وڃي وينا هيا، وئٽيڪن ۽ عيسائي دنيا ۾ وڏو خوف ۽ هراس پيدا ڪري ڇڏيو هو. جيڪا به شيءَ قلعي جو روپ ونڻي ٿي تہ ان تي حملو ٿيڻ به لازمي آهي، ۽ جنهن شيءَ تي حملو ٿيندو آهي تہ اُها تباهه به ضرور ٿيندي آهي. جيڪڏهن رومي، پادرين کان سينٽ اٽنجيلو جو قلعو زوريءَ کسي ونڻ ها، تہ اُنهن هڪ فرمان ذريعي اهو فيصلو ڪيو هو تہ غلاميءَ جي هن يادگار کي يقيني طور تي تباهه ڪيو وڃي ها. جيڪا به عمارت

دفاعي مقصد لاءِ نهي هئي تہ ان تي گهيرو لازمي ٿيڻو هو ۽ هر گهيري ۾ بربادي ۽ جون انجڻون پنهنجي پوري طاقت سان ڪم ڪندیون آهن. نڪولس چوٽين(*) جي موت کان پوءِ روم، جيڪو ڇهن مهينن تائين بغير ڪنهن حڪمران يا سينيٽ جي هيو، سڄي وقت لاءِ سخت خانہ جنگي جي ور چڙهي ويو. 'گهرَ' هڪ پادري جيڪو ان دور جو شاعر(45) ہ هيو، چوي ٿو، 'پٽرن جي تيز وسڪاري سبب صفا ڇيبائجي ختم ٿي ويا هيا(46)، ۽ توب خاني جي گولين سبب ديوارن ۾ جڳهہ جڳهہ تي سوراخ ٿي ويا هيا، قلعن مان باهيون ۽ دونهون باهر نڪري رهيو هو، ۽ حملي ڪندڙ ٻُڌ ڦر ۽ انتقامي ڪاروائين ۾ مشغول ٿي ويا هيا'. ظلم جي قانونن ذريعي هنن پنهنجن دشمنن خلاف پنهنجا ڪم مڪمل ڪرايا ۽ اڳلي جي ڪجهہ ڏرين سخت انتقامي ڪارروايون شروع ڪري ڏنيون جن جي گهرن ۽ قلعن کي ڏاهي پَٽ ڪيو ويو(47). جيڪڏهن ڏارين جي مقامي دشمنيءَ سان پيٽ ڪجي تہ اسان يقين سان چئي سگهون ٿا تہ گهريلو اختلاف ۽ دشمنيون شهر جي لاءِ وڏيڪ هاجيڪار ۽ تباهي آڻيندڙ هيون ۽ اسان جي هن راءِ جي تصديق پيٽرارچ پڻ ڪري چڏي آهي جڏهن هو چوي ٿو: 'روم جا تبرڪ ۽ سندس عظمت جي نشانن ڏي نهاريو! نہ وقت جو وهڪرو ۽ نہ بربرن جا حملا سندس بربادي جي دعويٰ ڪري سگهيا، پر اهو ڪارنامو سندس پنهنجن شهرين سرانجام ڏنو، سندس پنهنجي ڏرتيءَ جي پُٽن ان کي تباهہ ڪيو، ۽ توهان جي ابن ڏاڏن (هو هڪ معتبر شخص ائنيبالدي ڏانهن لکي ٿو) لوهن ڏنڊن ۽ داسن سان هن شهر جي اُها تباهي آندي آهي جيڪا پيونِڪ جا سورما ترارين(48) سان بہ نہ ڪري سگهن ها'. زوال ۽ تباهي جي بن آخري اصولن کي هڪ ٻئي سان ضرب ڪجي ڇاڪاڻ تہ گهر ۽ منارا يا قلعا جيڪي خانہ جنگي جي ڪري تباهہ ٿيا، اُنهن کي نئين سر تعمير ڪرڻ لاءِ قدامت جي منارن کان اتساهہ حاصل ڪرڻ جي لڳاتار ضرورت پوندي رهندي.

هن قسم جا تجزيا، ٿائٽس جي نمائش گاهہ تي بہ لاڳو ڪري سگهجن ٿا جنهن کي ڪوليزيَم(49) (جلسي گاهہ يا آکاڙو) جو نالو ڏنو ويو آهي. شايد ان ڪري جو اهو وڏي ايراضي تي ڦهليل آهي يا وري ان جو نالو نيرو جي وڏي مجسمي تان کنيو ويو آهي- هڪ اهڙي شاندار عمارت جيڪڏهن وقت ۽ فطرت ان جو ساڻ ڏين ها تہ ان جي شايد دائمي حيثيت هجي ها. قدامت جا ماهر جن ان ڪوليزيَم ۾ ويهڻ جي سيٽن جي تعداد کي ڳڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، اُهي ان راءِ جا آهن تہ مٿين قطار ۾ پٿر جا ڏاڪا لڳل آهن، ۽ سڄو نمائش گاهہ ڪاٺ مان ٺهيل ڳئلرين سان سجايل آهي، جنهن کي ڪيئي پيرا باهہ ساڙي رکَ ڪري چڏيو هو ۽ هڪ ٻئي پنيان ايندڙ شهنشاهن پنهنجي حڪومت جي دؤر ۾ ان کي اڇي ساڳيو رنگ، رونق ۽ روپ بخشيو هو. هر اُها شيءَ يا نقش ۽ نگار جا لاجواب ۽ نادر نمونا، جيڪي ان وقت آساني‌ءَ سان کڻي سگهڻ جهڙا هيا، جيئن ديوتائن ۽ سورمن جا مجسما، مهانگا ڳهہ زيور جن تي چٽسالي ٿيل هئي ۽ جن کي پتل مان ٺاهي اُنهن کي سون ۽ چانديءَ جي جڙاوت سان سينگاريو ويو هيو، اُهي نايابہ ۽ اُملهہ فنپارا فاتحن، جنونين، بربرن ۽ عيسائين جي لوپ ۽ لالچ جي وَر چڙهي ويا. جلسي گاهہ جي ڪيترن وڏن پٽرن ۾ ڪيترن سوراخن کي ڏنو ۽ اُنهن تي ويچار ڪيو ويو ۽ ماڻهن جا بہ اندازا، جيڪي گهٽو ڪري درست لڳن ٿا، تہ ان مان پٿر جي ڪاڍڻ ۽ زوال پذير ٿيڻ جو مطلب نڪري ٿو. هي پٿر پتل يا لوهہ جي مضبوط ڪڙن ذريعي هڪ ٻئي سان ڳنديل هيا پر تڏهن بہ قورن يا لُٽيرن جي عُقابي نظرن کان بچي نہ سگهيا(50)، جلسي گاهہ جي ڪاريگرن ۽ هنرمندن کي هڪ قديمي تجزيي ۾ بيان ڪيو ويو آهي، جن اُنهن پٽرن ۾ سوراخ ڪيا هيا تہ جيئن اُنهن سوراخن ۾ لڪڙا ڪُپائي سگهجن

جيڪي تنبُن يا خيمن کي ٽيڪ ڏئي بيهاري سگھن ٿا جيئن ڪاريگر اُنھن خيمن جي ڇانوَ ۾ پنھنجو ڪم ڪار آسانيءَ سان ڪري سگھن(51). فلئويَن نمائش گاھ جي سونھن ان جو ڪليل ھئڻ ۽ ڪشادگي ھئي جيڪو اُتر مان ايندڙ سياحن کي پري کان ئي ڪشش ڪندو ھو ۽ جن انين صدي عيسوي ۾ ان جي بيحد تعريف ڪئي آھي. ھڪ معزز پادري چوي ٿو: 'جيستائين نمائش گاھ موجود آھي تہ روم بہ سلامت آھي، جڏھن نمائش گاھ ڍھندو يا ڪِرندو تہ روم جو بہ خاتمو ٿي ويندو ۽ روم جي خاتمي سان دنيا جو بہ خاتمو ٿي ويندو(52)، جنگ جي جديد طريقن ۾، جيڪڏھن ٽي ٽڪريون ڪنھن جنگي صورتحال تي ڪنٽرول ڪن ٿيون تہ ساڳي صورتحال ھڪ قلعي لاءِ ڪارگر نہ ھوندي، پر انجڻ جي شديد حملي کي فقط ديوارن ۽ محرابن جي طاقت ۽ مضبوطي ئي مُنھن ڏئي سگھندي، ۽ اھڙي صورت ۾ فوج جو وڏو تعداد پڻ ڪارآمد ٿي سگھندو ھو، جن مان ڪجھ وڻيڪن ۽ ڪئپيٽول تي مورچا سنڀالينداھيا تہ ٻيا وري لئٽران ۽ ڪوليزيم يا نمائش گاھ ۾ پکڙجي ويندا ھيا(53).

روم ۾ قديمي راندين جي بند ٿيڻ جي سببن کي بہ سمجھڻ جي ضرورت آھي ۽ ڪارنيوال جي راندين ۽ ڪُشتين، جيڪي ٽيستاسيَن جبل ۽ سرڪس ائگونئلس(54) جي نالي ڄاتيون سڃاتيون ويندیون ھيون، اُنھن کي قانون(55) توڙي شھر جي ريتن رسمن جي پٺپرائي حاصل ھئي. راندين جي موقعن تي سينيٽر وڏي مان شان سان ايندو ھو ۽ بھترين راندیگرن جو فيصلو ڪري پوءِ اُنھن ۾ انعام اڪرام ورھائيندو ھو جيئن سونيون مُندیون، ڪو لباس يا ڪو ريشمي ڪپڙو انعام طور ڏنا ويندا ھيا. يھودين تي مڑھيل ٽئڪسن منجھان، راندين جي سالياني جشن جي خرچن جو پورائو ڪيو ويندو ھو(57)، ان کان سواءِ ڊوڙن جا جسماني توڙي گھوڙي سواري يا بَگين جي پاڄ جا مقابلا ڪرايا ويندا ھيا، اھڙي سلسلي جون ٽورنامينٽون پڻ ٽيندیون ھيون جنھن ۾ روم جا ٻاھتر نوجوان حصو ونندا ھيا. سال 1332ع ۾ اتر- اولھ آفريڪا جي مسلمانن يا اسپين جي ماڻھن جي رواج موجب سانڍ يا سانھَن جو ھڪ ميلو مڇايو ويو جنھن جو اھتمام پڻ وڏي جلسي گاھ ۾ ڪيو ويو، ھن موقعي کي ان وقت جي ڪتابن ۽ ڊائرين ۾ درج ڪيو ويو(58). راندين جي مقابلن کي بہ ٻيھر رائج ڪيو ويو ۽ ھڪ عام اعلان ذريعي رُمني ۽ روينا جي اميرن کي بہ ھنن مقابلن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي ھئي تہ جيئن ھن خطرناڪ وندر ۾ حصو وٺن. روم جي عورتن کي ٽن فوجي طبقن ۾ آندو ويو ۽ ٽن بالڪونين ۾ کين ويھاريو ويو جيڪي اڇوڪي ڏينھن يعني 3 سيپٽمبر تي ڳاڙھي لباس ۾ قطار ڪري ٻيٺيون ھيون. وٽندڙ ۽ خوش خلق چوڪِري جيڪووا ھنن عورتن کي ٽائبر کان بہ اڳتي وڻي وئي، ھيءَ ھڪ مقامي ڊوڙ ھئي جنھن ۾ قدامت جا ڪجھ آثار ۽ رنگ نظر ٽي آيا. شھر جي باقي حصي کي، دستور موجب ٻن حصن يعني ڪولونا ۽ اُرسيني خاندانن ۾ ورھايو ويو ھو؛ ٻئي طبقا پنھنجين پنھنجين عورتن جي حسن ۽ اُنھن جي گھٽي تعداد تي فخر ڪندا ھيا تہ ڪھڙي طبقي وٽ ڪيتريون خوبصورت دوشيزائون موجود ھيون؛ بھرحال ھڪ نينگري سَويلا اُرسيني بيحد حسين ھئي جنھن جي ان وقت گھٽي تعريف ڪئي ويندي ھئي، پر ڪولونا طبقي ان ڳالھ تي افسوس جو اظھار ڪيو تہ وٽن پڻ ھڪ خوبصورت چوڪري ضرور ھئي پر نيرو جي باغ ۾ گھمندي سندس پير کي موھ اچي ويو ھو جنھن ڪري ھوءَ موجود نہ ھئي. معزز شھري ۽ امير ماڻھو پنھنجن پھلوانن کي وڻي وڃي آکاڙي ۾ لاھيندا ھيا تہ فقط ھڪ نيزو ھٿ ۾ ڪٹي پيرين پيادو وڃي جھنگلي سانڍ (سانھن) سان مقابلو ڪري، ھيڏي ساري ھجوم مان اسان جي ھڪ تجزيي نگار ويھن بيحد نمايان سورمن جا نالا، سندن رنگ ۽ اُنھن جا شغل چونديا آھن. ڪيترا

تہ اهڙا نالا آهن جيڪي سڄي روم ۾ مشهور آهن جيئن: ملاٽيسٽا، آلٽيري، ڪورسي، رنگ اُنهن جي مزاج ۽ وقت جي نزاڪت مطابق چونڊيا ويا هيا، شڪل سندن اُميدن ۽ ناڪامين مطابق هيا ۽ اُنهن منجهان گهٽو ڪري سندن بهادري نظر پئي ايندي هئي. 'آئون هوريٽائي جي جوانن وانگر اڪيلو آهيان'. هي هڪ بهادر ڏاڙهي انسان جو اعتماد هو. 'آءٌ اُداس ۽ دلگير رهندو آهيان' هڪ واندي نوجوان روئندي چيو جنهن جي زال مري وئي هئي. 'آءٌ باهه وانگر تو ٻران ۽ دونهين وانگر دکندو تو رهان'. هي هڪ عاشق جو آواز هو. 'آءٌ لوينيا يا لوسريشيا جي پوڄا ڪريان تو'. هڪ مشڪوڪ جملو هو جنهن ۾ جديد عشق جو اظهار هو. 'منهنجو عقيدو اهڙو صاف آهي جهڙي اڇي پوشاڪ'. 'مون کان وڌيڪ طاقتور ٻيو ڪير آهي؟ جيڪڏهن آءٌ رت ۾ ٻڏي وڃان تہ منهنجو موت ڪيترو نہ خوشگوار هوندو'. هي هڪ خطرناڪ بهادريءَ جو اظهار هيو. ارسيني خاندان جي فخر يا سندن دوراندیشي کين آکاڙي ۾ لهڻ کان روڪيو جنهن تي سندن موروثي دشمنن جو قبضو ٿي ويو هو ۽ جن تي ڪولونا جي عظمت جا نشان اُڪريل هيا. 'توڙي جو آءٌ مغموم آهيان، پر پوءِ بہ طاقتور آهيان'. 'جيڏو مضبوط آهيان، اوترو ئي عظيم آهيان'. 'جيڪڏهن مون کي شڪست اڇي وئي' هو تماشبينن سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو، 'تہ ائين سمجهو تہ اُها اوهان سڀني جي شڪست هوندي'. ان جو مطلب (ليڪڪ چوي ٿو) اڃ سڌي طرح اهو هو تہ جيڪڏهن بين خاندانن جو تعلق وٽيڪن سان هيو، تہ اُهي ئي فقط اهڙا هيا جيڪي ڪئپيٽول جا حمايتي هيا. آکاڙي جا مقابلا سخت خطرناڪ ۽ خوني قسم جا هوندا هيا. آکاڙي ۾ لٽل هر ماڻهو سانهه جو مقابلو ڪندو هو ۽ فتح گهٽو ڪري ڇڻ پيرن واري جانور جي ٿيندي هئي، ڇو تہ هاٿي فقط يارهن ڇٽا ميدان تي وڃي بچيا هيا، نو زخمي ٿي پيا هيا، ارڙهن پهلوان مري چڪا هيا جن جو تعلق سندن مخالفن سان هيو. ڪي معزز خاندان پنهنجن پيارن جي موت تي ماتم ڪري رهيا هيا، پر جيڪو سندن دفن جي رسم جو شان هو سو ڏسڻ وٽان هيو. جڏهن سندن جنازا سينٽ جان لئٽران ۽ سينٽ ماريا مئگور جي ڪليسائن ۾ نِيا ويا تہ ڇڻ هڪ جشن جو ماحول هو، نتيجي ۾ ماڻهن کي بن ڏينهن جي موڪل ڏني وئي. ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ اهڙن مقابلن ۾ رومين جي رَت کي نہ هاريو وڃي ها، تنهن هوندي بہ ۽ توڙي جو اسان سندن اُبهرائي ۽ ترڙاپ تي الزام ضرور مڙهيون ٿا پر پوءِ بہ اسان سندن بهاديريءَ جي ڪارنامن تي کين داد بہ ڏيون ٿا ۽ اُنهن عزت وارن رضاڪارن کي بہ آفرين ڏيون ٿا جيڪي پنهنجي عظمت جو مظاهرو ڪندي هن ميلي ۾ پنهنجون حياتيون ٽِريءَ تي رکي اڇي مقابلن ۾ حصو ونڻ ٿا ۽ ماڻهن جون دليون موهي وڃهن ٿا، همدرديون حاصل ڪن ٿا ۽ اُنهن جو پاڻ اُنهن قيدين، مجرمن ۽ بدڪارن کان ڪيئي دفعا وڌيڪ بهتر آهي جن کي سندن ڏوهن جي سزا ۾ گهلي قتل ڪيو وڃي ٿو(59).

هن دفعي نمائش گاهه جو استعمال ڇڻ انوکو ۽ لاجواب موقعو هيو، روزانو مواد ۽ شين جون گٻُرجون وڏنديون رهيون پر کين مهيا گهٽ ٿي ٿيون ۽ شهري سواءِ افسوس ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه بہ نہ ٿي ڪري سگهيا ۽ نہ کين مطمئن ڪري پئي سگهيا. چوڏهين صدي عيسوي ۾، هڪ دغابازي جي سمجهوتي ذريعي ٻنهي خاندانن کي جلسي گاهه (ڪوليزيَم) جي ڪاڻ مان(60) مفت پٿر ڪڍڻ ۽ اُنهن کي پنهنجي استعمال ڪرڻ جي اجازت ملي وئي، ۽ پوگيَس افسوس جو اظهار ٿو ڪري تہ پٿرن جي وڏن انبارن کي روم وارن جي بي وقوفي سبب ساڙيو ٿي ويو تہ جيئن اُنهن مان چونو ناهي سگهجي. پٿرن جي هن ناجائز استعمال کي ٻُنجو ڏيڻ لاءِ تہ متان رات جي انڌاري ۾ پٿرن جي چوريءَ جو ڪاروبار هلندو رهي، يوجينيَس چوٽين(*)، اُنهن جي چوڪرد هڪ وڏي ديوار نهرائي ڇڏي ۽ هڪ قانون ذريعي

جيڪو اڄا تائين موجود آهي، عمارت جو هيٺيون حصو نہ پر پوري عمارت پاڙي واري خانقاهہ(62) جي ويراڳين جي حوالي ڪري ڇڏي. سندس موت کان پوءِ ماڻهن گوڙ ڪري ديوار کي ڌاهي ڇڏيو، ۽ جيڪڏهن اُهي پنهنجن وڏڙن جي عظيم يادگارن ۽ منارن جو قدر ڪن ها تہ اُهي پنهنجي عزم کي بہ سچو ثابت ڪن ها تہ اهڙيون قومي شيون خانگي ملڪيت جي حوالي هرگز نہ ڪيون آهن. اندريئن حصي کي نقصان پهتو هو پر سورهين صدي جي وچ ڌاران، علم ۽ ڪجهہ پرائڙ جو هڪ سئو دؤر آيو ۽ ديوار جي ٻاهرئين حصي جو هڪ هزار، ڇهہ سؤ ۽ ٻارنهن فوٽن جيترو ٽڪرو اڄا ثابت هو ۽ اُهو ڍهڻ کان بلڪل بچي ويو هيو، ان ۾ چار ويهون (يعني اسي) محراب ناهيا ويا جن جي اوچائي هڪ سؤ اٺ فوٽ رکي وئي. جيڪا بي تباهي ٿي هئي، پال ٽئين(†) جا پائٽيا مجرم نڪتا ۽ هر سياح جنهن فارنيس جي محل ڏي نگاهہ ٿي وڌي تہ اُنهن اهڙن بيهودن بادشاهن(63) جي عياشي ۽ بي حرمتي وارين روَين تي قِٽ لعنت ٿي وڌي. ساڳي ملامت ۾ باربيريني پڙ شامل هيا ۽ ٻين کي تڪليفن پهچائڙ جي روَين کان ماڻهو گهڻو خوف زده هيا. بهرحال جلدئي نمائش گاهہ کي مذهب جي پناهہ ۾ ڏنو ويو ۽ هن خير جي ڪم ۾ وڏو نيڪ نام پادري بينيدڪٽ- چوڏهون(‡) شامل هيو جنهن هن هنڌ کي مقدس بنائي ڇڏيو جنهن کي اذيتن ۽ ڪجهہ من گهڙت افسانن اڳ ۾ عيسائي شهيدن جي رت سان داغدار بنائي ڇڏيو هو(64).

جڏهن پيٽرارچ يادگار منارن کي ڏنو تہ سندس اکيون اهو نظارو ڏسي ٽڏيون ٽيون ڇو تہ ڪيس حيرانگي ٿي تہ جيڪي پڳل ٽڪل ٽڪرا هيا اُنهن کي بہ جوڙي خوبصورت بڻايو ويو هيو، ساڳي وقت ڪيس رومين جي سُستي(65) ۽ ڪاهليءَ تي افسوس واري حيرت ٿي(66)، ۽ خوشي ٽيڙ جي بجاءِ ويتر ڪيس شرمساريءَ جو منهن تڏهن ڏسٽو پيو جڏهن ڪيس اها خبر پئي تہ، سواءِ سندس دوست رينزي ۽ ڪولونا خاندان جي هڪ بي شخص جي، روم جي هڪ ڏاڙئي شخص کي بہ، هتان جي قدامت وارين جاين جڳهن جي، شهر جي اميرن ۽ مقامي ماڻهن جي مقابلي ۾ گهٽي ڇاڙ هئي(67). روم وارن جي اڻ ڇاڻائي ۽ سندن سادگي کي، شهر بابت ڪرايل هڪ جائزي ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، جنهن کي تيرهين صدي عيسوي جي شروعات ۾ شايع ڪيو ويو هيو ۽ ان ۾ نالن ۽ جڳهن جون ڪيتريون ئي غلطيون آهن جن کي درست نہ ڪيو ويو آهي، ٻيو تہ ڪئپيٽول(68) جو ذڪر جنهن انداز سان ڪيو ويو آهي، اُهو هر پڙهندڙ کي نفرت ۽ ڪاوڙ مان مُرڪڻ تي ضرور مجبور ڪندو. 'ڪئپيٽول' هڪ نامعلوم ليڪڪ چوي ٿو، 'تي اهو نالو دنيا جي وڏي هئڻ جي حيثيت سان رکيو ويو آهي جتي سفير ۽ سينيٽر، شهر توڙي دنيا جي حڪومت خاطر، هتي رهندا هيا. هن جون مضبوط ۽ اوچيون ديوارون شيشن ۽ سون سان ڍڪيل هوندیون هيون جن کي نقاشي ۽ دنيا جي مهانگي ڇنسالي واري ڇت جو تاج پارايو ويو هو. قلعي جي هيٺان محلات هيو جنهن جو گهڻو حصو سون سان سينگاريل هيو ۽ جنهن کي قيمتي پٽرن سان سجايو ويو هيو جن جي قيمت سڄي دنيا جي ٽئين حصي جيتري وڃي ٻيهندي. سيني صوبن جي مجسمن کي هڪ خاص طريقي سان بيهاريو ويوهو، هر مجسمي جي ڪچيءَ ۾ هڪ گهنڊڻي ٻڌي لڙڪائي ويئي هئي، ۽ فن يا جادو(69) جو ڪمال اهو هو جو جيڪڏهن ڪو صوبو، روم جي خلاف اوچتي بغاوت ڪندو هو، تہ مجسمو خود بخود ان صوبي طرف پنهنجو مُنهن ڦيرائيندو هو، گهنڊڻي زور سان وڄڻ شروع ڪندي هئي، ۽ ڪئپيٽول جو پيغمبر ان باغي ماڻهو جي سڃاڻپ ڪري وٺندو هو ۽ سينيٽ کي هن خطري جي گهنٽيءَ کان هڪدم آگاهہ ڪيو ويندو هو'. هڪ ٻيو مثال جنهن جي گهٽ

اهميت پر اوترو ئي ٻيهودو ۽ فضول آهي جنهن ۾ بن ماربل جي نهيل گهوڙن بابت ٻڌايو ويو آهي ته انهن کي ٻه اگهاڙا نوجوان هلائيندا آهن جن کي هاڻي کانسٽئنٽائن جي غسل خانن مان منتقل ڪري ڦئرنل ٽڪرين تي آندو ويو آهي. فِدياس ۽ پرئڪسيٽلز جهڙن مصورن جي نالن جي غلط استعمال کي ڪٿي معاف ڪري سگهجي ٿو پر يونان جي هنن مصورن ۽ نقاشن جي نالن کي، جئن سؤ سالن کان ٻه اڳتي يعني پيريڪلس کان ٽائبيريس جي دؤر تائين ٻه هٿايو نه وڃي ها ۽ اُنهن کي فيلسوفن يا جادوگرن جي روپ ۾ پيش نه ڪيو وڃي ها، جن جي اُگهاڙپ سندن سچائي ۽ جاڻ جي علامت هئي، ۽ جيڪي شهنشاهه سان ڪن ڳجهين ڳالهين جو ٻه انڪشاف ڪندا هيا ۽ هر دنياوي معاوضي ونڊ کان انڪار ڪرڻ کان پوءِ، کين اهو اعزاز نصيب ٿيو جو هو پنهنجي زندگي جي مُناري کي ٻه خير باد ڪري هن دنيا مان هليا ويا(70). اهڙيءَ طرح فقط جادو جي طاقت ۾ يقين رکڻ وارا رومي فن ۽ حسن جي طاقت کان بنهه بي خبر هيا؛ پوگيس پنجن مجسمن کي پاڻ ڏنو هو باقي بيشمار جيڪي تباهه ڪارين سبب زمين ۾ دفن ٿيل هيا، اُنهن کي کوٻه نه ڏسي سگهيو هو ۽ ٻيهر جياري اُتارڻ جي عمل ۾ اجا شايد دير هئي ۽ عين ممڪن هو ته ان عمل کي سُڪ سلامتي ۽ روشنيءَ جي دؤر اچڻ تائين ملتوي ڪيو وڃي(71). نيل ندي، جيڪا هاڻي وڻيڪن کي سرسبز رکي ٿي، کي ڪجهه مزدورن اونهائيءَ ۾ وڃي ڏنو هو جتي کين انگورن جو باغ مليو هو جيڪو مندر يا خانقاهه جي ويجهو هيو پر بي صبر مالڪ، جنهن کي تجسُس وارين ملاقاتن ڪجهه تڪليف پهچائي هئي، ماربل کي غير فائدي مند سمجهي ان کي ان جي اصل قبر ۾ ٻيهر واپس ڪري ڇڏيو(72). پامپي جي مجسمي جي دريافت، جيڪو ڏهه فوٽ ڊگهو هو، هڪ قانوني مسئلو ٿي ويو هو. ان کي بن ديوارن جي وچ تي لڏو ويو هيو، جج انصاف ڪندي فيصلو ڏنو ته سِرَ کي جسم کان جدا ڪيو وڃي، ته جيئن پاڙي وارن مالڪن جي دعوائن کي مطمئن ڪري سگهجي، ۽ جج صاحب جي فيصلي تي هڪدم عمل ٻه ٿي وڃي ها جيڪڏهن مان وارو پادري وچ ۾ مداخلت نه ڪري ها ۽ پنهنجي شفقت ۽ مهرباني‌ءَ سان رومي سورمي جو سِرُ، پنهنجي ملکي ماڻهن جي بي وقوفيءَ جي فيصلي ۽ بربريت جي ڪاروائيءَ کان نه بچائي ها(73).

پر شڪر ٿيو جو بربريت جا ڪارا ڪڪر نيٺ هٽڻ لڳا ۽ مارٽن- پنجين(*) ۽ سندس جانشين امن ۽ سڪون جي ماحول کي موٽائي آندو، شهر توڙي هڪ ڪليسائي ملڪ ۾ ٻيهر رونقون بحال ٿيڻ لڳيون. پندرهين صدي عيسوي کان، روم ۾ بهتري جي صورتحال ان ڪري نه آئي هئي ته اها روم جي آزادي جو نتيجو هئي. ڪنهن ٻه وڏي شهر جو فطري بنياد محنت آهي، ان کان پوءِ پاڙيسري ملڪن جي آبادي ٻه ترقي جو ذريعو هوندي آهي ڇو ته ان آباديءَ مان پيٽ گُنران، شين ناهڻ ۽ پرڏيهي واپار جا لڳ لاڳاپا ٻه ترقي ڪرڻ جا ذريعا هوندا آهن. پر روم جو گهٽو حصو ويران ۽ بيابان آهي، بادشاهن جا ننڍا ملڪ جيڪي هر طرف ڦهلجي ويا آهن، اُنهن جي زمينن کي سُست هٿ يا وري ڪرايي دار هاري ڪيڙيندا آهن ۽ اهڙي ناڪام محنت سان جيڪي ٽورڙا فصل اپائجن ٿا ته انهن جي پيداوار يا ته ٻاهر برآمد ٿئي ٿي يا وري هڪ هٿي جي نڌر ٿي وڃي ٿي. هڪ ٻيو مصنوعي سبب جيڪو شهر جي واڌ جو ڪارڻ آهي اُهو بادشاهه جو ان شهر ۾ محل آهي؛ عياشي واري گهر جو هيڈو سارو خرچ ۽ ملڪ تي پاڙيندڙ صوبن جا ٽئڪس آهن، جن جو ٻه ڪو جوڳو بندوبست ڪرٽو هوندو آهي. اهي صوبا يا انهن مان اڳڙندڙ ٽئڪس ٻه شهنشاهت جي خاتمي سان گڏ ختم ٿي ويا؛ ۽ جيڪڏهن پيرو جي چاندي ۽ برازيل جو سون، وڻيڪن جي ڪشش جو باعث بڻيو آهي ته پادرين جو ناٽو، آفيسن جا خرچ، زيارتين ۽ ٻين ماڻهن جون

خير خيراتون ۽ ٻيا ڪليسائي خرچ اخراجات پورا ڪرڻ لاءِ جيڪا غير يقيني آمدني ٿئي ٿي تہ ان منجهان محلات جي خرچن جو پورائو ڪرڻ يا شهر جي خوشحالي کي يقيني بنائڻ مشڪل ڪم آهي. روم جي آدمشماري جيڪا يورپ جي ٻين گاديءَ جي هنڌن جي مقابلي ۾ گهٽي آهي، سا هڪ لک ستر هزار ماڻهن تي مشتمل آهي(74)، ۽ جيڪو وڏو حصو ديوارن جي اندر آهي ۽ ٻيو وڏو حصو جيڪو ستن ٽڪرين تي پکڙيل آهي، اُتي انگورن جا باغ آهن باقي رهيل ٽڪرا ايجا تائين تباهيءَ جو نقشو پيش ڪري رهيا آهن. موجوده جديد شهر جي خوبصورتي توڙي شان شوڪت کي هڪ طرف حڪومت طرفان ناجائز فائدن وٺڻ تہ ٻي طرف وهمن وسوسن جي اثر سان منسوب ڪيو ويو آهي. هر دؤر (سيني سان لاڳو ناهي) ۾ ملڪ ۾ ڪو نئون يا نوان خاندان داخل ٿي تيزيءَ مان وڌندا رهيا آهن جن ۾ وري بغير ٻارن جي پادري ٻہ هوندا آهن ۽ ظاهر آهي تہ انهن سيني جي خرچن جو بار ڪليسا ۽ ملڪ مٿان هوندو آهي. پاڳ وارن پائٽين جا محلات، شان، شوڪت ۽ خدمتن جي سلسلي ۾ روم جي عاليشان منارن ۾ شامل آهن جن تي عمارت سازي جي فن، پينٽنگ، ۽ چٽسالي جو ڪمال ڏسڻ جهڙو آهي ۽ اُنهن جون گئلريون ۽ باغ باغيچا قدامت جي نفيس ۽ نازڪ ڪمن سان سينگاريل آهن جن مان ناهيندڙن ۽ نهرائيندڙن جي نفيس ذوق شوق جي چگيءَ طرح خبر پوي ٿي. اُهو ناڻو جيڪو ڪليسائن ذريعي جمع ٿي ٿيو اُنهيءَ لاءِ پادرين کي اختيار ڏنا ويا هيا تہ اُن جو خرچ ٻہ ڪليسائي عبادتن تي ڪيو وجي، پر اهو ڪم عجيب ۽ ڏکيو هوندو هو تہ اهڙين عبادت گاهن، قربان گاهن، ننڍين گرجائن، ۽ ڪليسائن جي تعداد ۽ معيار جو اندازو ڪيئن لڳائجي ڇاڪاڻ تہ ننڍا ننڍا تارا، وٽيڪن جي سچ جي روشنيءَ ۾ نظر ٻہ نہ ايندا هيا جيئن سينٽ پيٽر جو گنبذ، جيڪو مذهبي تاريخ جي هڪ عظيم الشان آڏاوت جونادر نمونو آهي. جوليَس- ٻي، ليئو- ڏهين، ۽ سِڪٽَس- پنجين جي شهرت سان گڏ رئفيل جي برئمينٽ ۽ فونتانا ۽ مائيڪل- ائنجيلو جي نيڪ نامي ٻہ گڏيل رهي آهي، ۽ ساڳي سخا ۽ فياضي جيڪا محلاتن ۽ مندرن جي تعمير ۾ ڏيکاري وئي هئي، اوتري ئي جوش جذبي سان ان کي زندهہ ڪيو ويو هو تہ جيئن قدامت وارن ڪمن کي ساڳئي شان شوڪت سان قائم رکي سگهجي. وڏين نمايان جڳهن، چوراهن ۽ چوسولن تي ماڻهن جي آرام آسائش لاءِ چوڪُنڊا دِڪا يا ٿلها نهرايا ويا هيا؛ قيصر ۽ سفيرن جي دؤر جي يادهن وڏن پائٽيءَ جي تلائن منجهان ٽِن جي مرمت ڪري ساڳي حالت ۾ آندو ويو هو، مصنوعي ندين کي نوَن ۽ پراڻن محرابن منجهان گذاريو ويو هيو تہ جيئن صحت مند ۽ تازو پاڻي ماربل جي نهيل حوضن ۾، ماڻهن جي استعمال لاءِ جمع ٿي سگهي، ۽ تماشبين، جيڪي سينٽ پيٽر جي ڪليسا جي ڏاڪڻين تي چڙهڻ لاءِ بيتاب ۽ بيچين هوندا هيا، مصر جي گرنائيٽ جهڙي نايابَ پٿر جي نهيل ٿنين وٽ اڇي رڪجي ويندا هيا ڇاڪاڻ تہ اُهي ٿنڀ بن اوچن ۽ دائمي قوهارن جي وچ تي بينل آهن جن جي اوچائي هڪ سؤ ويهہ فوٽ آهي: هي نقشو- هيءَ صورتحال، قديم روم جا نشان ۽ عظمت جا منارا، قدامت پرستي جي هڪ شاگرد(75) وڏي محنت سان بيان ڪيا آهن ۽ هر هڪ شئي جي وضاحت پڻ پيش ڪئي وئي آهي، ۽ سورمن جي قدمن جا نشان ۽ تبرڪ، جن جو تعلق وهمن وسوسن سان نہ، پر سڏو سنئون شهنشاهت سان آهي، اُنهن کي زيارتين جي هڪ نئين نسل عقيدت ۽ احترام مان وجي ڏٺو آهي- هي اُهي ساڳيا ماڻهو آهن، جن کي اتر جي ملڪن جي وحشين ۽ جهنگلين طور سجاتو ويندو هو.

هنن زيارتين ۽ سڃي صورتحال کي سامهون رکندي، پڙهندڙ 'روم جي شهنشاهت جي زوال ۽ خاتمي' جي تاريخ بابت ضرور جذباتي ٿي ويندو ڇو تہ هي هڪ اهڙو دلفريب ۽ ديجاريندڙ منظرنامو آهي

جنهن جو مثال انسان ذات جي تاريخ ۾ نٿو ملي. مختلف سبب ۽ واقعن ۽ واردات جا اثر هڪ ٻئي سان گهرو تعلق رکن ٿا جيڪي انساني تاريخ جا دلچسپ داستان آهن: سيزرس جي چالاڪي واري پاليسي، جن وڏي عرصي تائين روم جي آزاد جمهوريه جي نالي ۽ ناموس کي روشن رکيو، فوجي آمريت جي بدحالي، عيسائيت جو اُڀرڻ، مستحڪم ٿيڻ ۽ انهن جا فرقا، قسطنطنيه جو بنياد پوڻ، بادشاهتن جي ورهاست، جرمني ۽ سيٿيا جي بربرن جا حملا ۽ اُنهن جي بحالي، شهري قانون جا ادارا، محمد ﷺ جن جو ڪردار ۽ سندن مذهب، پادرين جي دنيا داري واري خودمختياري، چارليمئگني جي اولهه جي شهنشاهت جي بحالي ۽ ٻيهر ان جو زوال، اوير ۾ لاطينين طرفان صليبي جنگيون، اتر اولهه جي مسلمانن ۽ ترڪن جون جنگي سوڀون، يونان جي شهنشاهت جي تباهي، ۽ وچين دؤر ۾ روم جي حالت ۽ اُنهيءَ جي انقلابن جا ذڪر اذڪار هن تاريخ ۾ تفصيل سان بيان ڪيا ويا آهن. هڪ تاريخدان شايد پنهنجو موضوع هن ڪتاب ۾ ڳولي ونندو ۽ ان تي خوش ٿي داد ڏيندو، پر، جڏهن هو پنهنجين ڪَمُين ۽ ڪوتاهين کان واقف ٿيندو تہ پوءِ شايد مواد جي ڪميءَ جي شڪايت ڪندو تہ هي يا هُو موضوع اڻپورو رهجي ويو آهي.

آءٌ هِتي ڪئپيٽول جي تباهه ڪارين ۾ ئي هُيس جو مون کي 'زوال ۽ خاتمي' جي تاريخ لکڻ جو خيال آيو جنهن مون کي لڳ ڀڳ ويهن سالن جي ڇمار تائين وِندرايو ۽ آهي تہ قابو ۽ ڪري رکيو آهي، ۽ هي ڪم، توڙي جو منهنجي نظر ۾، پوريءَ طرح منهنجي خواهش مطابق ناهي، تڏهن ۽ جيئن ۽ جهڙو آهي، آءٌ ان کي ماڻهن جي اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان.

لاسين، 27 جون، 1787ع (مصنف)

حيدرآباد، 12 آگسٽ، 2011ع (سنڌيڪار)

باب ايڪهتريون
(حاشين بابت وضاحتون)

(1) مون اڳي ئي (باب- 65 جا حاشيا) پوگيَس جي عمر (1459-1380ع) سندس ڪردار ۽ سندس تحريرن بابت معلومات ڏني آهي ۽ خاص طرح مقدر جي لاهن چاڑهن بابت سندس شاندار ليڪچر بابت پنهنجا تاثرات پيش ڪيا آهن.

(2) هي حاشيو يوناني يا لاطيني ٻولي ۾ ڏنل آهي جنهن جو انگريزي ترجمو گبن طرفان ڏنل ناهي، تنهن ڪري ان جو سنڌي ترجمو ٻه نٽو ڏئي سگهجي. (سنڌيڪار)

(3) هي قديم تصوير جنهن کي وڏي هوشياريءَ سان پيش ۽ فنڪاريءَ سان مڪمل ڪيو ويو آهي، يقيني طور تي روم جي رهواسين لاءِ وڏي دلچسپيءَ جو باعث هوندي، ۽ اسانجن اڳوڻين روايتن موجب اسان کي رومين جي طرفداري ۽ ساڻن همدردي ڪرڻ گهرجي.

(4) پوگيَس (مقدر جا لاها چاڑها، ص- 21).

(5) ڏسو پوگيَس (صفحا 22-8)

(*) (سڪندر سيورَس)

(†) سيپٽيميَس سيورَس)

(‡) (مارڪَس آريليَس)

(*) پنجين ۽ چوٿين- ق.م جا رومي مصور ۽ نقاش)

(6) هي مضمون، مختصر پر لاڪاپيل حاشين سميت ماتنفاڪن ڇپرايو آهي (اٽلي جي ڊائري- صفحا 301-283) جيڪو پنهنجو تنقيدي جائزو ٻه پيش ٿو ڪري. 'تيرهين صدي عيسوي جو هڪ ليکڪ، جنهن کي تاريخ نويسيءَ جو ڪو علم ڪونهي، جيئن اُنهن وقتن ۾ اڪثر ٿيندو هو، ۽ جنهن جو سڄو ڪم حماقتن ۽ نادانين سان ڀريل آهي، پر جيئن ته هن روم جي باقي بچيل يادگارن ۽ منارن بابت پورو احوال پيش ڪيو آهي ته اُهو جيڪو روم جي قديمي عمارتن ۽ تاريخي جڳهين جي جستجو ڪندو ته سندس ڪم مان، پوءِ ٻه ماڻهو ڪجهه نه ڪجهه رهبري ضرور حاصل ڪندا'. (ص- 283).

(7) پيري مئبيلان (انالڪٽا- ix (iv,502) صدي جي هڪ نامعلوم زيارتي بابت لکيو آهي ته هو جڏهن روم جون ڪليسائون ۽ ٻيون مقدس جايون گهمڻ ويو ته هن ڪيتريون ئي عمارتون، وراندا ۽ ڇپرانا وڃي ڏٺا جيڪي تيرهين صديءَ ۾ ڏهي ۽ پڄي پُري غائب ٿي ويا هيا.

(*) (صديون).

(†) (محلات).

(8) محلات بابت ڏسو پيترارچ جو ڪتاب 'يادگيريون' (i,325) ڊونئس (ص- 338) ۽ ناردِيني (صفحا 414،117).

(9) مصري اهرامن (PYRAMIDS) جي عمر تمام پراڻي پر صحيح طرح تي معلوم ناهي ڇو ته ڊايوڊورَس سڪيولَس (i,I,44,72) اهو فيصلو نٿو ڪري سگهي ته اُنهن جي تعمير 1000 يا 3400 سال اولمپئڊ ڪان CLXXXth اڳ ٿي هئي. سر جان مارشمئن مصر جي قديم خاندانن جو مثال پيش ٿو ڪري جنهن موجب مصري اهرامن جي عمر 2000 سال ق.م ٿئي ٿي. (ڪرانيڪَس ص- 47).

(10) گلاڪَس جي تقرير جو جائزو ونو جيڪا اِلئڊ ۾ ڏنل آهي (vi,146) هي فطري پر غمگين ڇهرو هومر جو جاتل سجاتل هيو.

(‡) هڪ زلزلي ۾ ليما 1746 ۽ لسبن، 1755 ۾ تباهه ٿيا هيا.

(11) ايم- ڊيس وِگنولس جو علم ۽ سندس تنقيد (تنقيدي تاريخ- (viii,74,118,ix,172-187) موجب روم جي باهه 19 جولاءِ 64ع تي لڳي هئي ۽ بعد ۾ عيسائين جون اذيتون ساڳئي سال 15 نومبر تي شروع ٿيون هيون.

(12) پراڻا تبرڪ جيڪي اڳي ئي ضايع ٿي چڪا هيا، ٽئسيٽَس سرويَس ٽوليَس جي چَنڊَ ڪي اُنهن ۾ ڳٽائي ٿو، مندر ۽ قربان گاهه جن ڪي اوئنڊر پاڪ ڪري ڇڏيو هو، جن ۾ جوپيٽر جو مندر، رومُولَس جو عزم، نوما جو محلات، ويسٽا جو مندر جن ۾ روم جي ڪيترن ئي ديوتائن جا مجسما به شامل هيا. ان کان پوءِ هو، فتحن ۾ جمع ڪيل دولت تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو ٻيو جيڪي يونان جا فنپارا هنن جمع ڪيا هيا اُنهن تي به هو افسوس ڪري ٿو. (تاريخوار واقعا- xv,4041).

(13) اوروسيَس (تاريخ- iv,ii,244، جنهن کي هئوَرڪئمپ ايڊٽ ڪيو) تنهن هوندي به اسان محسوس ٿا ڪريون ته عيسائين پنهنجي بچاءَ ۾ اهڙيون ڳالهيون ويهي گهڙيون آهن ته جيئن لامذهبن طرفان پهچايل تڪليفن کي وڌائي پيش ڪجي.

(14) جيڪڏهن نُوما جي محل ۽ ويسٽا جي مندر کي هورئس جي وقت ۾ اُڇلايو وڃي ها ته جيڪو نيرو جي باهه ۾ عمارتن جو نقصان ٿيو هو ته پوءِ وڌيڪ ڪجهه ٻي لقب ڏيڻ جي ضرورت ئي نه پوي ها.

(15) سوٽونيَس- آگسٽو ۾ (باب- 30).

(16) ٽئيسٽَس (واقعا- i,79) ٻڌائي ٿو ته اٽلي جي مختلف شهرن جون اپيلون، جيڪي هن جي باري ۾ سينيٽرن کي ڪيون ويون هيون، اُنهن ۾ دليل ڏنل هيا جن کي اسان جائز ٿا سمجهون ۽ اُنهن جي تعريف ڪريون ٿا. اهڙي ئي هڪ موقعي تي مقامي دلچسپين کي به ضرور ذهن ۾ رکيو ويندو پر انگريزن جو هينيون ايوان، وهمن وسوسن بابت سيني دليلن کي نفرت مان رد ڪري ڇڏيندو ته: 'فطرت، ندين جي فطري وهڪرن جو اڳ ۾ ئي تعين ڪري ڇڏيو آهي'.

(17) ڏسو فطري قانونَ، جيڪي تقرير جي ماهر ۽ فيلسوف بَفن ڏسيا آهن. هن گيانا، جيڪو ڏکڻ آمريڪا جو ملڪ آهي، جي تصوير پيش ڪئي آهي جيڪا هن موجب وحشين جي زمين آهي جتي پاڻي کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇڏيو ويندو آهي جيڪو انسان پنهنجي استعمال ۾ نه آڻي سگهندا آهن. (صفحا- 212,561- ڪوارٽو- ايڊيشن).

(18) اٽلي ۾ سير سفر ڪندي مسٽر ايڊيسن (سندس ڪتاب (ii,98- بئڪرول ايڊيشن) هن هڪ اهڙي حقيقت کي واضح طور بيان ڪيو آهي جنهن ۾ ڪو به شڪ ڪونهي.

(19) تنهن هوندي به موجوده دؤر ۾ ٽائيبر ندي ڪڏهن ڪڏهن شهر کي نقصان پهچائيندي رهي آهي ۽ خاص طرح هنن سالن: 1530,1557,1598ع ۾، مراتوري پنهنجن لکيل واقعن ۾ نديءَ جي ٽڻ شرارت وارين ٻوڏن جو ذڪر ٿو ڪري. (xiv,268,429,xv,99).

(20) هن موقعي تي آڻ اها ڳالهه کولي ٿو ٻڌايان ته ٻارهن سالن گذرڻ کان پوءِ مون کي اوڊن جو ازوف کان سئيڊن پڄي وڃڻ يا وسري ويو آهي يا مون ان واقعي کي ياد ڪرڻ ئي ڇڏي ڏنو هو، ڇو ته مون کي ان تي اعتبار ئي نه ايندو هو. (باب- 10) گاٽ، اصل ۾ جرمن آهن پر سيزر ۽ ٽئسٽس کان پوءِ مڙئي اوندهه آهي يا وري جرمني جي ايڏا به ڪا قديم ڪهاڻي آهي.

(21) (باب- 31)

(22) (باب- 36)

(23) (باب- 39)

(24) (باب- 43)

(25) (باب- 28)

(26) 'ان وقت هن (پادري) شهنشاهه فوڪس کان مندر پئنٽين پنهنجي لاءِ ورتو هو جنهن کي هن سينٽ مئري ڪنواري جي ڪليسا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ سيئي شهيد به ان ۾ شامل هيا، ڪليسا ۾ هن گهٽيون قربانيون به ڪيون هيون. هڪ نامعلوم ليکڪ موجب، جنهن جو مانتفاڪن حوالو ڏنو آهي، پئنٽين، ائگريپا طرفان سائبيل ۽ نيپچون کي ارپيو ويو هيو ۽ ان کي ٻيهر فونيفيس- iv نومبر 609ع ۾ ڪنواري مريم کي ارپي ڇڏيو هو. (صفحا- 298،297).

(27) فلئمنس وَڪا (مانتفاڪن- صفحا 155,155) جون يادگيريون ڇپيل آهن (ص- 21) ڪيترائي روم جا عالم ماڻهو ان ڳالهه تي يقين ڪري ويا هيا ته گاٽن پنهنجو خزانو روم ۾ پوريو هو ۽ اُنهن تي ڳجها نشان هڻي پنهنجن پٽن پوٽن کي وصيت ڪئي هيائون ته اُهي خزانو ڳولي ڪڍن. هو ڪجهه وڌيڪ ڳالهيون ٻڌائي ٿو ته سندس ئي وقت ۾ اُها جڳهه زيارتين وجي ڏٺي هئي جيڪي اُنهن گاٽن جا عزيز هيا ۽ اهو عين ممڪن هو ته هو ان خزاني کي ڳولڻ ۾ ڪامياب ويا هجن.

(*) (ڪانسٽنس- II شهنشاهه 668-641ع).

(28) هڪ ڏليل ۽ بي حرمتي ڪندڙ يوناني کي ڪو به بهانو ڪونه هو ته ملحدن جي مندر کي وڃي تاراج ڪري، پئنٽين ته اڳيئي ڪئٿولڪ ڪليسا هئي.

(29) روينا جي لٽ ڦر لاءِ (موزائڪ ۽ ماربل) ڏسو انهي وظيفي کي جيڪو پادري هئڊرئن- I، چارليمئگني کي ڏنو هو. (تحريرون- xvii، مراتوري ۾- اٽلي متن- 223،ii،iii).

(30) آڻ سئڪسن شاعر جي مستند شاهدي پيش ڪندس (899-887ع) (مئگني V,437-440) فرانس جي تاريخ:

'روم جا ماربل جا ٿنڀا، ۽ خوبصورت روينا جيڪا قديم زماني کان سينگاريل هئي، ۽ پري پري جا يادگار منارا، فرانس تنهنجي محل تي پهچائيندو'. ۽ آڻ هاڻي سگبرٽ جي تحرير مان

هڪ ڳالهه بڌائيندس: 'هن هڪ شاندار محل ائڪس لا چئپل' ناهيو هو، جنهن جي تعمير لاءِ وٽس ماربل جا ٿنڀا هيا جن کي روم ۽ روينا مان کڻائي هتي پهچايو ويو هيو.

(†) (آنجو جو رابرٽ، نئپلس جو بادشاهه 1343-1309ع)

(‡) (اٽلي جو شاعر، 1374-309ع).

(31) آڻ پيٽرارچ جي هڪ ڊگهي فقري جي ترجمي ڪرڻ کان انڪار نٿو ڪري سگهان. (صفحا- 536،537). 'نه شرم، نه وري ڪا نيڪي، هنن رذيلن کي مندرن لٽڻ، قلعن تي قبضو ڪرڻ ۽ لٽيل خزانن کي پاڻ ۾ ورهائڻ کان روڪي سگهي آهي. اهي ئي روم شهر جا ضلعا آهن جيڪي مئجسٽريٽن لاءِ عزت جو باعث رهيا آهن. هي وڳوڙي ۽ فسادي ماڻهو، جيڪي زندگي سان لاڳاپيل هر شيءَ تي اختلاف ڪن ٿا، پر حيرت آهي ته پنهنجي درندگي ۽ وحشيانڻ ڪمن ۾ ڪيئن نه هڪ ٻئي سان اختلاف وساري هڪ ٿي وڃن ٿا ته پُلين تي بيهي ماڻهن کان ڦر لُٽ ڪن ٿا، ديوارون ڊاهن ٿا ۽ قيمتي پٿر کڻي وڃن ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري جو محلات اُکڙي ڊهي پون ٿا، (زور سان يا ائين فطري طريقي سان) جن ۾ عظيم ماڻهو ويهي حڪومت هلائيندا هيا، يا فتح جا محراب (جن مان ڪيترا اڄا تعمير مَس ٿيا هيا) اُنهن کي به تباهه ڪن ٿا، افسوس جو هنن ماڻهن کي ڪو احساس ڪونهي ۽ پنهنجي ڪمينگي جي ڪمن ۾ رُڌل رهن ٿا ته عظيم قدامت جي منارن ۽ شاهڪارن کي تباهه ڪن ٿا ۽ پنهنجي ذلت تي پشيمان به نٿا ٿين. افسوس جو اڄ، نئپلس، جيڪو ماربل جي ٽنين ۽ ديوارن سان سينگاريل هوندو هو، ۽ جنهن جي چانڻٻ ۾ اندر داخل ٿيڻ کان پوءِ شاندار مندر نظر ايندا هيا، اڄ اُتي هر طرف ويراني ۽ خاموشي آهي ۽ اهو منظر بيحد ڏکوئيندڙ، مجرماڻو ۽ شرمندگي وارو آهي... (ٿورو عرصو اڳ ۾ به هتي زيارتي پنهنجي عقيدت جو نذرانو پيش ڪرڻ ايندا هيا)... ۽ هي جيڪي قبرن جي مٽان يادگار ڪتبا ڏسو ٿا، انهن جي هينان اوهان جا عظيم ابا ڏاڏا سُتل آهن... بس آڻ جذبات ۾ وڌيڪ ٻيو ڪجهه نٿو چئي سگهان. (۽ هاڻي حشر اهڙو ٿيو آهي جو هي تباهين جا ڏکوئيندڙ آثار به آهستي آهستي غائب ٿيندا ٿا وڃن) تنهن هوندي به بادشاهه رابرٽ، پيٽرارچ جو دوست هيو.

(32) تڏهن به چارليمئگني 'ائڪس لاچئپل' تي غسل ڪيو ۽ تريو جنهن ۾ سندس ڪجهه درباري به ساٿس گڏ هيا. (اينگهارٽ 22,108,109) ۽ مراتوري بيان ٿو ڪري ته سبال 814ع ۾ پڻ عام ماڻهن جي استعمال لاءِ غسل خانا اٽلي ۾ اسپوليٽو جي شهر ۾ نهرايا ويا هيا.

(33) ڏسو اٽلي جا واقعا- 988ع). هنن لاءِ ۽ جيڪو اڳيون واقعو هاڻي بيان ڪيو ويو، مراتوري خود پيري مئبلن جي بينيڊڪٽائين تاريخ جو احسان مند آهي.

(*) پادري (1590-1585ع).

(34) گريگوريوليٽي- (iii,50).

(35) ڪنڪارڊ جو مندر ڪنهن بلوي يا بغاوت ۾ تيرهين صدي ۾ تباهه نه ٿيو هو جيئن مون هڪ مسودي جي مضمون ۾ پڙهيو آهي. اهڙيءَ طرح پوگيَس تصديق ٿو ڪري ته ڪئسيليا ميٽيلا جو مقبرو ان ڪري ساڙيو ويو هو ته ان مان چونو ناهيو وڃي. (صفحا- 19,20).

(36) هي سڀون اينيَس سلويَس لکيون آهن، ان کان پوءِ پوپ پيَس- II انهن تي ڪم ڪيو ۽ مئبلن انهن کي چپرايو، هي مواد سئيدن جي راڻيءَ کان هٿ ڪيو ويو. (اٽلي جو ميوزيم (i,97) 'اي روم! مون کي تنهنجي تباهي جي منظرن کي ڏسي ۽ خوشي ان ڪري ٿي ٿئي ته تنهنجي بربادي ۾ ۽ تنهنجي عظمت جا آثار ڪيڏا نه نمايان آهن. پر هاڻي ماڻهن تنهنجي قديمي ديوارن کي کوٽڻ شروع ڪيو آهي ته جيئن ماربل کڻي ان مان چونو ٺاهن. جيڪڏهن هي ناپاڪ ڏندو ائين هلندو رهيو ته پوءِ عظمت جا آثار جيڪي تباهيءَ جي روپ ۾ موجود آهن، اُهي ۽ غائب ٿي ويندا'.

(37) خط ۽ تحريرون (ii,14).

(†) پوپ (1512-1531ع).

(38) روم جي آبادي جا نندا ملڪ، مختلف وقتن ۾ هڪ مضمون مان هٿ ڪيا ويا آهن جيڪو هڪ ڊاڪٽر يا حڪيم لانسيسي لکيو هو.

(39) سڀ حقيقتون جيڪي روم جي منارن ۽ يادگارن يا اٽلي جي ٻين شهرن سان لاڳاپيل آهن، سي سيئي مراتوري جي تعريف لائق ڪتاب 'اٽلي جي قدامت جا يادگار' ۾ درج ٿيل آهن. xxvi (ii,493,496)، لاطيني مواد، (i,446) ۽ ٻيا اٽلي ۾ ڇپيل ڪتاب آهن.

(*) (روم جو وڏو مئجسٽريٽ 1252-1258ع).

(†) (باب- 69 ۾).

(‡) (پادري- 1418-1431ع)

(40) جئنس جي مندر کي هاڻي سينسيو جو منارو چوندا آهن، ۽ هن مندر جا آثار آساني سان ڏسي سگهجن ٿا جو ته ان جي مٿان هاڻي سِرُن جي اوساري ڪئي وئي آهي. (مانتفاڪن اٽلي جي زبان ۾ ص 186) ٻيو نامعلوم ليکڪ (ص- 285) هينئن ٿو ڳڻائي: 'ٽائٽس جي محراب، ڪارٽولاري جو منارو، سينيٽرن ۽ جوليس سيزر جا محراب، ائنٽونيئس جا محراب وغيره'.

(41) پوگيَس- (ص- 12).

(42) شهنشاهه هينري- IV جي خلاف. (شهنشاهه 1056-1106ع) مراتوري- (اٽلي جا واقعا- ix,147).

(43) هتي آڻ مانتفاڪن جي هڪ اهم تحرير جو ترجمو پيش ٿو ڪريان: 'وڏو گول منارو... دراصل سيبيليا ميٽيلا جو گنبذ هوندو هو. ان جون ديوارون ايتريون ته مضبوط آهن جو اُنهن جي وچ ۾ رتيءَ ماتر خال به ڪونهي. ان کي 'ڏاند- منارو' به ڪوٽيو ويندو آهي، جو ته ان جي ديوارن تي ڏاندن جا سِرَ نقش ٿيل آهن. ايندڙ صدي ۾ خانه جنگيون شروع ٿي ويون، پر پوءِ به هڪ ننڍو شهر آباد ٿي ويو، ۽ هاڻي به ديوارون ۽ منارا ڏسي سگهجن ٿا ۽ ميٽيلا جي گنبذ کي شهر جو قلعو سڏيو ويندو هو. شهر ۾ جيڪا خانه جنگي شروع ٿي جڏهن اُرسيني ۽ ڪولونا خاندانن جي هڪ ٻئي سان ويڙهه شروع ٿي ته تباهي جو آغاز ٿي ويو جنهن ۾ شڪستون، سوپون ۽ آڳ مجڻ جا منظر ڏهرائيا رهيا. ۽ هي دؤر توڙي جو لڙاين ۽ خانه جنگين جو هو، پر ان جي اهميت روم جي تاريخ ۾ تمام گهڻي آهي'. (ص- 142)

(44) ڊونئلسن ۽ ناردپني جي شاهدين جو مطالعو ڪيو ۽ ان سان گڏ مانتفاڪن ڪي به ڏسو. سويلي جي محلات ۾، مارسيلس جي ٿيٽر جا آثار اڄا به نمايان ۽ نروار آهن.

(*) (1292ع ۾).

(45) جيمس، سينٽ جارج جو پادري، پنهنجي دنياوي زندگي ۾ جيڪا پدري سيلسٽن- (باب- V لکي آهي. (مراتوري- اٽلي زبان ۾- (i,ii,621,i,I,132 وغيره).

(46) مراتوري (i,427,431) بڏائي تو ته پٽر جون گوليون يا گولا جن مان هر هڪ جو وزن به سؤ ڪان ٿي سؤ پائونڊ هيو، عام هيا ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُنهن جي پيٽ xii يا xviii ڪئنٽري سان ڪئي ويندي آهي جيڪي جينئا ۾ نهندا هيا ۽ جن جو وزن 150 پائونڊ هوندو هو.

(47) 'سڪوٽني جو چَهون قانون شرارتن ۽ شيطاني واري عمل جي منع تو ڪري ۽ سختي سان پابندي تو وجهي ته جن شهرين کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي هئي، اُنهن جي غير موجودگيءَ ۾ اُنهن جي گهرن جي پرپور حفاظت ڪئي وڃي جنهن ۾ سيني جي بهتري آهي. (مراتوري- xii,1041).

(48) پيٽرارچ، اهڙيءَ طرح پنهنجي دوست سان مخاطب ٿئي ٿو جنهن شرم وچان ڳوڙها ڳاڙيندي ڪيس آهي پڳل ٽنل ديوارون ڏيکاريون جيڪي روم جي بربادي جي تصوير پيش ڪري رهيون هيون ۽ پنهنجي ارادي ۽ عزم جو اظهار ڪيائين ته هو اُنهن جي مرمت ڪرائي اُنهن کي ساڳي صورت ۾ واپس ڪندو.

(49) ويرونا السٽرئٽا جو چوٽون حصو، جنهن کي مارڪس مافي بيان ڪيو آهي، گهٽو ڪري نمائش گاهه يا آکاڙي متعلق آهي جيڪو روم ۽ ويرونا ۾ هوندو هو ۽ جيڪو ڪاٺ جو ڪم گئلرين ۾ ڪيو ويو هو ان بابت به گهٽو ڪجهه لکيل آهي. ان جي ڪشادگي، ۽ وڏي ڊيگهه ويڪر سبب ان تي نالو ڪولوزيم، يا ڪوليزيم (نمائش يا جلسي گاهه) رکيو ويو، چو ته ڪئپٽا جي نمائش گاهه تي به ساڳيو نالو رکيو ويو هو ۽ نيرو جو نمائش گاهه سندس ئي محلات ۾ ناهيو ويو هيو. (iv,15-19,i,4).

(50) يوسف ماريا جيڪو پڙهيل لکيل پادري هيو ۽ پرينيسٽ جي تاريخ جو مصنف پڻ هيو، هڪ جدارو مضمون لکيو آهي جنهن ۾ پٽر جي سوراخن جا هن ستن کان اَٺ سبب ڄاڻايا آهن ۽ هن ڪم جي اهميت ٻڌا آهي جو ان کي ٻيهر چپرايو ويو آهي. مانتفاڪن (ڊئريمر- ص 233) بربرن جي قُرلُٽ ۽ تباهه ڪارين کي پٽرن جي سوراخن جو ذميوار تو سمجهي.

(51) ڊونئلسن (روماويٽس- ص 285).

(52) هي چَوٽي يقيني طور تي 'ائنگلوسئڪسن زيارتين کان اسان تائين آئي آهي جن سال 735ع کان اڳ روم کي ڏٺو هو- هي وقت يا دؤر مشهور معروف پادري جي موت وارو هو، چو ته آءٌ ان ڳالهه تي يقين نٿو ڪريان ته مان واري ويراڳي سمنڊ کي اُڪاريو هو.

(53) مراتوري جو اصلي ڪتاب 'پادرين جون زندگيون' اجا مون کي هٿ نه آيو آهي ۽ خاص طرح اُهو ٽڪرو جيڪو دشمني جي ورهاڳي بابت آهي، جنهن کي يارهين کان ٻارهين صدي عيسوي جي شروعات تائين منسلڪ ڪري سگهجي ٿو.

(54) توڙي جو سرڪس ائگونئلس تباهه ٿي ويو هو، پر پوءِ به ان جو نالو ۽ نمونو ماڻهن کي ياد آهي (اگونا، نگونا، نوونا) ۽ ان جي اندرئين حصي ۾ ايترو ميدان ضرور آهي جو ماڻهو ڊوڙن ۾ حصو ونندا هيا. پر مانٺ ٽيسٽئڪو ۾ رڳا پگل ٽانوَ ۽ نِڪر جا ٽڪرا پيل آهن. هتي سالياتو ميلو لڳندو هو ۽ ماڻهن جي وندر ورونهن لاءِ سوئرن کي گاڏين ۾ پري هتي ڪٽي ايندا هيا.

(55) ڏسو روم جا مجسما- (iii,87,88,89، صفحا 185,186) مون اڳيئي هڪ بلدياتي ڪوڊ اوهان کي ٻڌائي ڇڏيو آهي. (باب- 70) ناگونا ۽ مانٺ ٽيسٽئڪو جون ڊوڙون پيٽر ائنٽونيَس جي ڊائري ۾ بيان ٿيل آهن جن جو ڏور- 1404 کان 1417ع تائين آهي. (اٽلي زبان جو مسودو- xxiv,1124).

(56) پئليم، جنهن کي منيج بي وقوفيءَ مان پالمئريَم مان ٿو ڪڍي، سو هڪ خيال هو جنهن کي لباس يا پردي مان اڳتي وڌائي پيش ڪيو ويو ۽ اتان وري ان کي انعام طور استعمال ڪيو ويو. (مراتوري- مقالو xxxiii).

(57) هنن خرچن لاءِ، روم جا يهودي هر سال 1130 فلورنس ادا ڪندا هيا، جن مان ٽيهه چاندي جا ٽڪرا هوندا هيا جنهن لاءِ جوڊاز پنهنجي مالڪ جي ابن ڏاڏن سان ڏوڪو ڪيو هو. يهودين ۽ عيسائي نوجوانن ۾ پيرين پيادو پڇڻ جو به مقابلو ٽيندو هو.

(58) جلسي گاهه ۾ جيڪا سانن (سانهن) سان مقابلا ٽين ٽا اُنهن جو ذڪر، يادگيرين جي بجاءِ روايتن مان ورتل آهي ۽ ان کي روم جي قديمي واقعن ۾ پڻ بيان ڪيو ويو آهي. (مراتوري- اٽلي مسودو- xii,535,536) ۽ اهي مقابلا پلي تصوراتي لڳن پر انهن ۾ سچ ۽ فطرت ٻئي شامل آهن.

(59) وچين دؤر جي راندين روندين لاءِ مراتوري هڪ جدا مقالو لکيو آهي.

(60) هڪ مختصر پر بهتر يادگيرين ۾ ابي بار ٽيلمي (نقش و نگار جي اڪيڊمي- (xxviii ص- 585) ۾ چوڏهين صدي عيسوي جي معاهدن جو ذڪر ڪيو آهي.

(61) ناراض پوگيَس پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ٿو. (ص- 17) پر سندس اظهار جو انداز موجوده دؤر لاءِ تمام سخت آهي. جنهن کي نفاست سان پندرهين صديءَ جي مزاج موجب ظاهر ڪرڻو پوندو.

(*) (پادري- 1431-1447).

(62) اوليوئن جي ويراڳين بابت مانٽفاڪن (ص- 142) هن حقيقت جي تصديق ٿو ڪري جيڪا هن وري فلئمينيَس وَڪا کان ورتي آهي. (نمبر- 72) اُنهن کي ايجا به اُميد هئي ته سندن وظيفي کي وڌايو ويندو.

(†) (پادري- 1534-1549ع).

(63) نمائش گاهه جي چؤگرد ايراضيءَ کي ماپڻ کان پوءِ، مانٽفاڪن (ص- 142) ٻڌائي ٿو ته پال- III جي وقت ۾ اهو اصلي حالت ۾ موجود هيو. (هو خاموش به ٿئي ٿو ته جڻ ڳالهائي پيو). مراتوري (اٽلي ۾ لکيل واقعا- xiv,371) آزاديءَ سان فارنيس پوپ جي غلطي کي وائکو ٿو ڪري ۽ ان تي روم جي ماڻهن جي ناراضگيءَ بابت به اسان کي ٻڌائي ٿو. اربن- VIII جي

پائتين جي خلاف مون وٽ ٻي ڪا شاهدي ڪانهي سواءِ هينئن چوڻ جي تہ: (’باربئريني اُهو ڪر ڪري ڏيکاريو، جيڪو وحشي بربر بہ نہ ڪري سگھيا هيا.‘)

(‡) (پادري- 1740-1758ع).

(64) هڪ قدامت جي ماهر طور ۽ هڪ پادري جي حيثيت ۾ مانتفاڪن نمائش گاھ جي تباهيءَ کي ٻندي ٿو.

(65) تنهن هوندي بہ روم جا قانونَ (iii,81، ص- 182) هر ان ماڻهوءَ تي 500 آئوري جو ڏنڊ وجهن تا جيڪو قديمي عمارتن کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪندو، تہ جيئن شهر تباهين ذريعي خراب نہ ٿئي ۽ قديمي جايون جڳهون جيئن پنهنجي سُونهن کي دائمي طور برقرار رکن‘.

(66) روم کي پهريون پيرو گهمڻ جي موقعي تي (1337ع) پيٽرارچ ڇڻ صفا انڌو ٿي وڃي ٿو.

(67) هو جان ڪولونا جي تعريف بہ ڪري ٿو تہ ڪڏهن ان کان نٽائي ٿو وڃي.

(68) ڪئپيٽول جي بيان کان پوءِ، هو سئڪسنس ۽ سُووي جا مثال ڏئي ٿو جن کي جڏهن انگريپا شڪست ڏني تہ هنن ٻيهر بغاوت ڪئي. (گهِنڊ وڳو ۽ پادري جنهن گهٽو احتياط ٿي ڪيو، ان سينيٽرن کي اطلاع ڏنو، انگريپا ڪاھ ڪندو پنٽي موٽيو ۽ فارسين کي شڪست ڏنائين). (نامعلوم- مانتفاڪن ۾- صفحا 297,298).

(69) ساڳيو ليڪڪ تصديق ٿو ڪري تہ ’ورجل کي رومين گرفتار ڪيو هو، جيڪو کانئن پڇي نٽپلس هليو ويو هيو‘. يارهين صدي عيسوي ۾ روم جي هڪ جادوگر جو، وليَم مئلميسبَري تعارف ٿو ڪرائي ۽ فلئمينيَس وَکا جي وقت ۾ (نمبر 81،103؛ هڪ فضول عقيدو هو تہ ڏاريا (گاڏ) جنن ۽ پوتن کان لِکل خزانا گُولرائي لهندا هيا.

(70) نامعلوم (ص- 289) مانتفاڪن (ص- 191) پنهنجو جائز تجزيو ٿو پيش ڪري تہ جيڪڏهن سڪندر اعظم جي نمائندگي ٿئي تہ اهي مجسما پوءِ فِدياز (اولمپئد- ixxxiii) يا پرئڪسيٽلز (اولمپئد- CiV) جيڪو فاتح کان اڳ جو هيو، جا هرگز نٽا ٿي سگهن. (پلني- فطري تاريخ- xxxiv,19).

(71) مئلميسبري جو وِليم (ii,86,87) هڪ ڪمال جي دريافت کي (1046ع) جيڪا اِوئندر جي پٽ پالَس سان منسوب آهي ۽ جنهن کي ٽرنس قتل ڪيو هو، اُها دريافت سندس مقبري جي دائمي روشني هئي. هڪ ڪتبو لاطيني زبان ۾ لکيل هو: ’هڪ لاش جيڪو سلامت هيو ۽ اُهو هڪ نوجوان جو هو جنهن جي سيني تي زخم هيا، وغيره.‘ جيڪڏهن هن افساني جو ٽورو بہ بنياد هجي، تہ پوءِ اسان کي اُنهن جسمن تي رحم ڪرڻ گهرجي تہ اُنهن مجسمن کي، هڪ وحشي دؤر ۾ باهر هوا تي رکيو ويندو هو.

(72) پوگيَس- (ص- 12).

(73) فلئمينيَس وَکا جي يادگيرين جو مطالعو ڪيو.(نمبر- 57، صفحا- 11,12 جيڪو ناربِيني جي روِما ائنٽيڪا جي آخر ۾ ڏنو ويو آهي. (1704ع).

(*) (پادري- 1431-1717ع).

(74) سال 1709ع ۾ روم جي رهواسين جو تعداد (انن کان ڏهن هزار يهودين کي شامل نہ ڪجي) 1,38568 هيو. (لبات- iii,217,218) 1740ع ۾ اُهي وڌي 146,080 ٿين ٿا، ۽ 1765ع ۾ مون اُنهن کي يهودين کان سواءِ سندن تعداد 161,899 ڄڻيو هو. ان کان پوءِ مون کي خبر ناهي ته اُهي انهي رفتار سان وڌندا رهيا يا نہ.

(75) پيري مانتفاکن پنهنجا جائزا ويهن ڏينهن ۾ ورهايا آهن، هو اُنهن کي هفتن يا مهينن ۾ ورهائي ها ته بهتر هيو ڇو ته اُنهن ئي ڏينهن ۾ هو شهر جو چڪر لڳائيندو هو. اهو عالم فاضل شخص روم جي جاگرافي جو جائزو ٿو وٺي. بلانڊَس، فلوِيَس، مارٽينئس، ۽ فانس جون پهريون زبردست ڪوششون، يا پرهَس لِگوريَس، وغيره جون ڪاوشون ٿيون، پر سوال اهو آهي ته ڇا سندس علم سندس محنت سان مطابقت رکي ٿو. آنفريَس جون تحريرون ۽ تازا پر ڊونئٽس جا اڌورا ڪم به ڪيل آهن. تنهن هوندي به مانتفاکن ڏڏو ساهم پريندي هڪ مڪمل رٽ ڏيڻ جو سوچيو آهي جنهن ۾ پراڻي شهر جو بيان به آيل آهي. هو چوي ٿو ته شهر جي ترقي تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن هيٺين ٽن ڳالهين تي غور ڪري ان تي عمل ڪيو وڃي: (1) تباهه ڪارين جي ايراضي جي ماپ ۽ تباهي جي دؤرن جو تعين ڪرڻ، (2) ڪتبن ۽ نقش نگارن جو مطالعو ۽ اُنهن هنڌن جي سجاڻپ ڪرڻ جتان اُهي نقش يا ڪتبا لڌا ويا هجن، ۽ (3) وچين دؤر (يوروپي تاريخ جو) جي ڪمن، ڪتابن، ڊائرين جي مڪمل چنڊچاڻ ڪجي جن ۾ روم جي ڪنهن به هنڌ يا عمارت لاءِ ڏس ڏنل هجي. هي محنت طلب ڪم هوندو ۽ مانتفاکن جي خواهش هئي ته ان ڪم کي بادشاهن توڙي عوام جي سخا ۽ درياهه دليءَ سان ئي پورو ڪري سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ نولي جون جديد تجويزون (1748ع) هڪ مضبوط بنياد قائم ڪنديون ۽ جنهن ۾ چُڪون يا غلطيون به نہ هونديون، جڏهن انهن تجويزن تي عمل ٿيو ته پوءِ يقين سان چئي سگهجي ٿو ته قديم روم جي مقام نگاري ۽ جاگرافي تي هڪ صحيح ۽ يادگار ڪم ٿي سگهي ٿو.

THE DECLINE AND FALL OF THE ROMAN EMPIRE

(Part-II)

By:

EDWARD GIBBON

ROME JI SHAHANSHAHAT JO ZAWAL AIN KHATMO

Translated by:

INAYAT BALOCH

Sindhi Adabi Board
Jamshoro, Sindh
2012

All rights of Sindhi Translation are reserved

1st Edition October 2012 1000 Copies

All rights of Translation reserved with the Sindhi Adabi Board. No part of this book may be reproduced in any form or by any electronic mechanical means, including storage and retrieval system. without express permission in writing from the publishers.

This book is published by Sindhi Adabi Board's special publishing scheme of annual Development program, Government of Sindh from the budget of financial year 2005-06

[Price. Rs: 700 – 00]

Available at

SINDHI ADABI BOARD'S KITAB GHAR

Tilak Incline, Hyderabad, Sindh

Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

Printed & published by Allah Ditto Wighio Secretary Sindhi Adabi Board Jamshoro from Naeem Printing Press, Karachi.